# سنڌ جي انتظامي تاريخ



وليم نيپئر

عطا محمد ڀنڀرو

روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي انتظامي تاريخ

(ڪڇيءَ جي مهمن جي احوال سميت)

محترم ڀاءُ ادريس لاڙ

22.1.2009 عطا محمد


وليم نيپئر

عطا محمد ڀنڀرو



روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2008ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

هنگورجا جي

چام ڄهيي مگنٽيجي

جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| مقدمو | 21 |
| پيش لفظ | 27 |
| **باب پهريون** | |
| سر چارلس نيپئر جي سنڌ انتظاميه | 29 |
| مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ مير شير محمد جي حڪمت عملي | 30 |
| مير شير محمد خلاف سر چارلس جي حڪمت عملي | 31 |
| سنڌ لاءِ وسيع حڪمت عملي | 34 |
| ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي تجارتي مفادن جي | |
| حاصلات واري حڪمت عملي | 36 |
| هندستاني ماڻهو | 39 |
| هندو | 39 |
| سنڌي | 39 |
| بلوچ | 40 |
| سنڌ جي مختلف قبيلن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي | 41 |
| عدل انصاف جو بنياد ۽ غلاميءَ کان ڇوٽڪارو | 42 |
| سنڌ تي انگريزن جو ڪنٽرول | 43 |
| سنڌ جي چوڙ واري علائقي ۾ مير شير محمد جي | |
| سرواٽيءَ ۾ ٽيندڙ بغاوتن لاءِ حڪمت عملي | 45 |
| سر چارلس جو باغين سان رويو | 47 |
| سنڌوءَ جي الهندي ڪناري آباد ڌاڙيلن بابت حڪمت عملي | 49 |
| انگريزن بابت ماڻهن جا وهم ۽ وسوسا | 50 |
| مدي خارج چالو قانون بجاءِ نوان برطانوي قانون | 51 |
| بمبئي سرڪار اندر چارلس نيپئر خلاف سازشون | 53 |
| سنڌ بابت ميجر آئوٽ رام جون چارڻ فقيرن واريون اڳڪٿيون | 56 |
| چارلس نيپئر جو ڪنٽرول ۽ سنڌ ۾ نئين تهذيب جي ابتدا | 56 |
| **باب ٻيو** | |
| سنڌ جي نئين سر انتظامي جوڙجڪ | 58 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوج ۽ سول انتظاميه جون الڳ الڳ جوابداريون 60
سنڌ ۾ پوليس کاتي جو پايو 61
سول انتظاميه جي جوڙجڪ 63
سنڌ ۾ پوليس ۽ سول انتظاميه جا نوان هيڊ ڪوارٽر 64
فوج، پوليس ۽ سول انتظاميه جي الڳ الڳ ۽
گڏيل ذميوارين جو تعين 65
سنڌ ۾ سماجي سڌارن جي شروعات 66
ڪاردارن تي ڪنٽرول لاءِ عملدارن جي مقرري 67
قبائلي نظام جو خاتمو 68
ڍل ۽ محصول جي اوڳاڙيءَ ۾ بهتري 69
هندن جو ميرن ڏانهن قرض ۽ انگريزن کان اوڳاڙي لاءِ اتڪلون 70
عدالتي نظام 72
خطرناڪ جرمن جي روڪ ٿام لاءِ سخت سزائن وارا قانون 76
بروچن ۾ ڪارو ڪاريءَ جو رواج 77
ستيءَ جي ڪُڌيءَ رسم جو خاتمو 79
بلوچن ۾ سر چارلس جو ويٺل ڏهڪاءُ 80
سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن ۽ بلوچ سردارن جي ڦرلٽ جا طريقا 80
برطانوي سرڪار سان وفاداريءَ عيوض
بلوچ سردارن کي ڏنل جاگيرون 81
سنڌو درياءَ کي زراعت ۽ تجارت لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ رٿا 82
سنڌ جا ٿر، بر، بحر ۽ پهاڙ 83
ميرن جي ظلم کان لڏي ويل هنرمندن جي
واپسيءَ لاءِ ڪوششون 85
سنڌ جي انتظامي تڪميل لاءِ نيپئر جي جاکوڙ 88
باب ٽيون
سنڌ جي زمين جي ورڇ، زرعي پيداوار، آبپاشي نظام،
ڍل ۽ آمدنيءَ جا ٻيا ذريعا 93
ٽالپر حڪمرانن جو آزاريل عوام، واپاري ۽ صنعتڪار 97
سنڌ جا ماڳ مڪان 98
سنڌ جا شهر ۽ وسنديون 99
ٺٽو، الهيار، ميرپور، عمرڪوٽ، حيدرآباد ۽ ڪوٽڙيءَ جا قلعا 100


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ ڪڇ جي علائقي جي شموليت 101
جهرڪ 101
سکر کي تجارتي مرڪز بنائڻ لاءِ ۽ ترقي لاءِ ڪوششون 102
شڪارپور کي ٻيهر اوج ڏيڻ 103
ڪراچيءَ جي ترقيءَ لاءِ رٿابندي 104
سنڌوءَ مان ڪڇ کي پاڻي ڏيڻ 105
سنڌ جا پيداواري ذريعا، سماجي ڀلائيءَ جا
منصوبا ۽ انتظامي خرچ 106
سنڌ جي امن امان لاءِ پاڙيسرين سان تعلقات 110
سنڌ جي قبيلن سان لاڳاپا 115
مير علي مراد سان لاڳاپا 117
سنڌ لاءِ سگهاري ۽ ڦڙت انتظاميہ 122
سنڌ جي بچاءَ سان سلهاڙيل هندستان جو بچاءُ 123
سنڌ جي بچاءَ لاءِ رٿابندي 125

## باب چوٿون

نيپئر مصيبتن جي منهن ۾ 129
سنڌ ۾ ڪالرا جا ڪلور 129
سنڌ ۾ ماڪڙ جو مارو 134
ڪڇيءَ ۽ قلات جي روهن ۾ موجود باغي 134
آغا خان جو ڪردار 135
مير علي مراد بابت منشي علي اڪبر جي ماٺ 136
سر چارلس مٿان ڪرنڌڙ مصيبتون 137
جاسوس ذريعي مليل معلومات موجب جوڙيل حڪمت عملي 137
چارلس نيپئر جو سنڌ ڇڏڻ کان ڪتو جواب 140
مير علي مراد جي آزمائش 141
سنڌ تي ٻاهران حملو ۽ بچاءَ جو بندوبست 142
سنڌ جو وايو منڊل ۽ سر چارلس نيپيئر جو بيان 144
سکن خلاف حملي جي رٿابندي 145
گواليار واريءَ جنگ ۾ فتح بعد سنڌ جي صورتحال 147
سنڌ جي فتح کان پوءِ 148
سر چارلس نيپئر جي نظر ۾ سنڌ جي اهميت 148

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ هندستان لاءِ مضبوط بچاءَ جي سرحد 149
ڪراچيءَ جو آئيندو 152
ٽاٽو احمد خان جي صحت بخش آبهوا 153
سنڌ جي قلعن جو آئيندو 153
موجوده صورتحال ۾ سنڌ جو انتظام 154
بهاولپور تي قبضو 156
سنڌ جون سرحدون 157


## باب پنجون


سنڌ جا هنر، هنرمند، زرعي ۽ معدني ذريعا ۽ انهن جي سنڀال 158
ڪامورا شاهي: هڪ وڏي آپدا 160
اتر سنڌ جي علائقي تي ڌاڙيلن جي ڪاررواين تي ڪنٽرول 161
مير شير محمد سان افغانن جي دغا ۽ سندس سنڌ ڏانهن واپسي 161
ڪجهه بلوچ قبيلن جو انگريز سرڪار سان وفاداريءَ جو وچن 162
انگريز فوج جي ”مارچ پاسٽ“ جو بلوچ سردارن تي ڌهڪاءُ 164
قانون جي حڪمراني 166
راڻيءَ جي تصوير ڪي سلاميءَ جو حڪم 168
راڻيءَ جي تصوير جي سلاميءَ لاءِ پهتل بلوچ سردارن جو ڪٽ 168
هڪ تلوار باز جو قصو 169
بلوچ سردارن جو ميڙ ۾ هر هڪ سان روبرو ملاقات واري حڪمت 170
سر چارلس نيپئر جو ڪراچيءَ کان حيدرآباد ڏانهن سفر 171
حيدرآباد کان ڪراچيءَ واپسي تي بگٽين، جکراڻين ۽
ڊومبڪين جي بغاوت بابت خبر 172
بجار ڊومبڪي جي سوگهو جهلڻ جي تياري 174
چانڊيا ۽ مزاري قبيلن جي سردارن جو
انگريزن سان وفاداري جو وچن 177
بجار جي بغاوت جي ايشيا ۾ هاڪ 177
عورتن جي قتل عام تي ڏنل چتاءُ 178
ملتان جو حڪمران ساونڻ مل کي چتاءُ 179
حيدرآباد ۾ دربار لڳائي وفاداريءَ جي وچن وٺڻ واري رسم 179
سنڌ ۾ جاگيرن جو مستقل بنياد 181
جاگيرون منتقل ڪري ڏيڻ پويان حڪمت عملي 183

جاگيرن بابت نوان قائدا قانون 184
سنڌ جي انتظاميہ ۾ سر چارلس جي وقتائتن قدمن جي واکاڻ 185
سنڌ جي فتح سان سلهاڙيل هندستان جي سرحدن جي حفاظت 187
هندستان جون سرحدون، پنجاب جي فتح سلهاڙيل 188
پنجاب، سنڌ جي سرحدن لاءِ خطرو 189

## باب ڇهون

قليجي واري واقعي کان پوءِ جي صورتحال ۾
سردار ولي چانڊئي جو ڪردار 192
باغي بلوچ سردارن جو ٻيهر ملي مٿ ٿيڻ 193
ٻہ اهم واقعا: جکراڻين ۽ ڏومبڪين جي ڦرلٽ ۾
شڪارپور ۾ فوجي سپاهين جي بغاوت 194
جنرل هنٽر جي مقرري، سپاهين ۾ بغاوت جي
پڙڪيل باهہ کي وري پڙڪائي وڌو 195
فوجي بغاوت جو هڪ ٻيو خطرناڪ واقعو 197
باغين تي حملي لاءِ رٿابندي 198
مئلن بابت سر چارلس جي ڪرايل جاچ 199
ڌوهن تي سخت ضابطي لاءِ سرگرم عدالتون ۽ پوليس 200
وڏين ڏکاين باوجود سنڌ جي آمدنيءَ جا بهتر وسيلا 201
ميرن کي سنڌ تي ٻيهر تاڙڻ لاءِ بمبئي ڏر جون سازشون 203
فوج لاءِ بئرڪن جي تعمير 205
ڪراچيءَ جي اهميت ۽ ان جي نئين سر تعمير جا منصوبا 207
ڪراچيءَ ۾ نئين ساموندي بندر جي تعمير جو منصوبو 208
ڪراچي بندر کان سنڌو درياءَ وسيلي تجارت جو منصوبو 209
ڪراچيءَ تي خشڪيءَ رستي حيدرآباد سان ڳنڍڻ جو منصوبو 209
حيدرآباد جي تجارتي اهميت ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ منصوبا بندي 210
سکر، بکر ۽ شڪارپور جي ترقي جا منصوبا 213
سنڌ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ بٽيل بمبئي ڏر 213
سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي 215
ڪڇيءَ جي قبيلن کي زير ڪرڻ جو منصوبو 218
ڪڇ جي علائقي جي سنڌ کان علحدگي 222
ڪڇ جو سنڌ سان فطري ڳانڍاپو ۽ علحدگيءَ جا منفي اثر 223

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇ ۾ سنڌ جو انتظامي ڳانڍاپو 225
ڪڇ ۾ سنڌ جو مذهبي ۽ سماجي ڳانڍاپو 226
سنڌ کان ڪڇ جي علحدگيءَ جا منفي اثر 226


## باب ستون

ڪڇيءَ خلاف جنگي مهم 231
سنڌ ۾ نئين سر سڌارن جي ضرورت 234
غلامن جو ٽولو 235
صحبت گڏو235
نوبت خان ڏاڙيل جي گرفتاريءَ تي ولي چانڊيي کي انعام 236
ڏاڙن هٽڻ ۽ غلام رکندڙن قبائلي سردارن خلاف
سر چارلس نيپئر جي سختي 237
مسيڪن ماڻهن ۽ عورتن کي انصاف مهيا ڪرڻ 239
سنڌ کي ”نئين مصر“ جو ٽو سڏيو ويجي 242
ڍل ۾ محصول جي اوڳاڙي ۾ بي قائدگيون 244
بجار ڊومبڪيءَ جون صلح لاءِ ڪوشش 245
مير شير محمد ڏانهن چارلس جو پيغام 245
سکر ۾ تپاوليءَ ڪري فوجين جي ڳٽتيءَ جوڳي حالت 246
بمبئي واري ڏر پاران تپاولي سبب
مئل فوجين جي لاشن تي سازش. 246
13 رجيمينٽ جي سکر کان ڪراچيءَ روانگي
۽ 18 ريجمينٽ جي آمد 247
ڪالرا جا ڪلور ۽ شڪارپور ڇانوڻيءَ ۾ فوجي بغاوت 248
ويلئي بيماريءَ ڦهلجڻ جا ڪارڻ 250
نيپئر جي ڪارڪردگي تي هڪ نظر 251


## باب اٺون

جابلو ماڻهن جي ملي مٺ تي وڙهڻ خلاف رٿابندي 253
ڪشمور وارو رڻ پٽ. ويڙهاڪ قبيلا.
سندن موتمار هٿيار ۽ تيز ترار گهوڙيون 254
ڦورو قبيلن جون ڪجهه شاندار روايتون 257
ساهه سُڪائيندڙ گرمي 257
مڙي مٺ تيل باغين سان مهاڏي لاءِ رٿابندي 258


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلات جو نوجوان حڪمران ۽ سندس تابع قبيلن جو رويو 259
ڏاڙيل ’نوبت‘ ۽ ’گدي‘ بابت ”بامبي ٽائيمس“ جي واويلا 260
بجار جي گرفتاريءَ جو منصوبو ۽ خان قلات جو ڪردار 261
لارڊ رپن کي آگاهي ۽ سندس ڪلي مخالف تي نيپئر جو ردعمل 262
نيپئر جي بجار کي پڪڙڻ واري منصوبي بابت
بمبئي ڏر ۾ اخبارن جو مخالف رويو 263
نيپئر جي ڏاڙيلن سان مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ منصوبا بندي 264
باغي بنگالي ريجمينٽ کي مهم ۾ شامل رکڻ 265
بمبئي ڏر جي سازش ۽ نيپر جي حڪمت عملي 266
بلوچ قبيلن سان ويڙهه لاءِ نيپئر جي رٿابندي 267
مير علي مراد جو امتحان 271
خان قلات جي تاڙ رکڻ 272
خان قلات سان معاهدو ۽ ڊومبڪين ۽ جکراڻين سان جنگ 275
جنگ ۾ سکن کي اڻ ڏريو رکڻ لاءِ نيپئر جي حڪمت عملي 276
مرين جي بگٽين تي سوڀ ۽ جنگي منصوبي ۾ تبديلي 277
چانڊين ۽ مگسين لاءِ نئين صورتحال موجب حڪمنامو 278
وقت تي کاڌ خوراڪ ۽ رسد پهچائڻ لاءِ منصوبا بندي 279
بلوچ قبيلن جي ستايل ڪهيرين جو ڪردار 279
ويڙهه ۾ نيپئر جي سوڀ جا چٽا اهڃاڻ 279

## باب نائون

جابلو علائقي ۾ داخل ٿيڻ جا گهٽ جهلڻ ۽
حملي لاءِ رٿابندي ڪرڻ 281
بجار جيان بلوچ سردار جي بي اُلڪائي ۽ نيپئر جي وڏي ڪاميابي 282
دريا خان جکراڻي ۽ سالتروچ ۾ ويڙهه 284
هڪ بلوچ جو بهادريءَ وارو موت 285
نيپئر کي بهادر بلوچ جي لاش ڏسڻ جي خواهش 287
هڪ گهايل عملدار جي مزاج پرسي 287
جان جئڪب تي بجار جي پٺ جو حملو 288
ڏاڙيلن تي اوچتو حملو ۽ انهن ۾ ياڄ 288
علائقي جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ ان موجب منصوبا بندي 290
انگريز جي ٻانهن ٻيلي سردارن جي گهَٽن تي مقرري 292

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کجھ گھٽن تي فوج جي مقرري 292
تونگ واري علائقي جي بيھڪ ۾ چارلس جي سوچ 293
ولي چانڊئي جي پيش قدمي، بجار کي گرفتاريءَ جو
ڏپ ۾ ڏومبڪي سردار جو رويو 294
ولي چانڊئي جي تلر ۾ مقرري ۾ يارو ڪوسي جو ڪوڙ 294
عورتن ۾ ٻارن لاءِ ٻاجھہ وارو رويو ۾ ان جا نتيجا 295
ڪمانڊرن جي ھٺ ھيٺ حملي لاءِ گڏ ٿيندڙ فوج 296
بجار جو ٻگٽين ۾ جکراڻين سان ملي مٺ ٿيڻ 298
لولي ۾ جمڪ تي قبضو 298
دشمن جي پچڻ جا سپ گس سوگھا 300
ويڙھہ لاءِ نئين حڪمت عملي 302
مھم جي ناڪاميءَ لاءِ سازشون 303
سازش ڪان بي پرواھہ ٿي سوپ لاءِ ڪيل ڪوششون 306
خان آف قلات جي وفاداريءَ جو پيغام ۾
وزيراعظم جي معافي طلبي 309
بجار کي ھٿيڪي ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي 310
ڏاڙيلن جي ديده دليري 311
ڪھيري جاسوس جي رپورٽ 311
بجار جو پيش پوڻ لاءِ راضپو ۾ نيپئر جا شرط 312
فزجيرالڊ جي اڳوائيءَ ۾ اُٺ سوار فوج جي نئين ذميواري 312
پيش پوندڙ سردارن تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ حڪمت عملي 313
بلوچ سردارن تي بغاوت لاءِ مھلت وٺڻ جو شڪ 314
ديري ڏانھن فوج جي روانگي 315
سرڪاري ٽپال ڦر ڪرڻ جو علي مراد جي ماٿھن تي شڪ 315
بجار ۾ ٻين بلوچ سردارن جي پيش پوڻ بابت
ڏنل علي مراد جي اطلاع تي شڪ 315
جھڙي ڪرٽي تھڙي پرٽي: بلوچ سردارن جو علي مراد کي جواب 316
نيپئر جو شير محمد ۾ ٻين بلوچ سردارن کي دٻ نامو 316
ڏپ ۾ ورتل بلوچ سردار ۾ نيپئر جا نوان شرط 317
نئين وھي اچڻ واري قدرتي ڪرامت 318
دوزڪشتہ ۾ مياٽي جي جنگ 319


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ڏهون


بجار ۽ ٻين جابلو سردارن جي پيش نہ پوڻ ڪري نوان خدشا 321
نئين حالتن ۾ جنگي مهمن لاءِ حد بندي 321
فوج جي ڪاڏ خوراڪ ۾ ڏکيائي 323
باغين ڪي مزارين پاران ملندڙ خوراڪ ۽
نيپئر جو ملتان جي ديوان ڏانهن خط 324
جابلو مزارين جو سهڪار 324
بجار ڪي سوگهي جهلڻ جو فوج کي حڪم 325
مير علي مراد معرفت علي شير کوسي جو سلام پرڻ 326
هر خطي جي ماڻهوءَ جي فطرت ساڳي آهي 327
شور ۽ گجرو ڏانهن پيش قدمي ۽ لڪن جا اڙانگا لنگهہ 329
دشمن جي منزل جو تعين ڪرڻ ۽ نئين سر حدبندي 330
دشمن جا لنگهہ جهلڻ 331
امڪاني نوان جنگي محاذ ۽ حڪمت عملي 331
فوج جي نئين ترتيب مطابق جوڙجڪ 334
ٻارن ۽ عورتن جي ساڻ هئڻ سبب بجار تي حملي کان ٽارو 335
بلوچن جي پاترپاٽ واريءَ جوءِ ۾ منزل ۽ نئين حڪمت عملي 336
گنڌ تيل بلوچن مٿان اوچتي ڪڙڪڻ لاءِ منصوبابندي 336
دشمن گهوڙيسوارن سان مهاڏو ۽ انهن جي تروڪيءَ ڏانهن ڀاڄ 337
بلوچ سردارن جو پاتر چڙهي تروڪيءَ ڏانهن روانا ٿيڻ جا اطلاع 338
بيٽسن ۽ علي مراد کي اڳتي وڌڻ جو حڪم 388
تروڪيءَ جي ٽڪرين جي جائزي کان پوءِ حملي لاءِ منصوبہ بندي 344
غلطيءَ سبب ڪيل حملي جو نتيجو 345
بلوچ روايت موجب جنگي جوڌن جو ڪفن دفن 346
باغي پيش نہ پيا تہ تروڪي سندن موت جو ميدان ٻڻبو 346
ڊومبڪي، بگٽي ۽ جکراڻي سردارن جو نيپئر اڳيان پيش پوڻ 348
بلوچ سردارن جو ڪئپٽن پوسٽن کي گرفتار ڪري
سزا ڏيڻ جو شرط 349
بجار ۽ ٻين بلوچ سردارن جي گرفتاري ۽ بگٽين جي ڀاڄ 350
نيپئر کي پنهنجن ماڻُ نہ ڏنو 351
مري سردار جو وڪيل معرفت پيش پوڻ 351



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگي مهم متعلق چارلس نيپئر جا ويچار 352
مهم جي جنگي حڪمت عمليءَ ۽ سوپ جو داستان 353


باب يارهون


نئين سر انتظامي جوڙجڪ 358
شاهپور ۾ مستقل فوج رکڻ لاءِ خان آف قلات کي راضي ڪرڻ 359
سنڌ جي سرحدي پٽي جکراڻين ۽ ڊومبڪين حوالي ڪرڻ 360
بجار خان کي معافيءَ بعد مير علي مراد حوالي ڪرڻ 361
مهم جي سوپ کان پوءِ مخالفن جي نئين چال 362
نيپئر مٿان مڙهيل بهتان ۽ سک- انگريز جنگ 363
نيپئر جو گورنر جنرل کي لکيل خط 364
پُرامن ۽ خوشحال سنڌ لاءِ نيپئر جو خواب 366
سنڌ جي ترقيءَ ۾ ڪي رنڊڪون 367
پوکيءَ لاءِ زمينن جي نئين سر ورهاست 368
ماڻهن جي خوشحاليءَ لاءِ کنيل قدم ۽ ان جا دور رس اثر 368
عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششون 370
ماڻهن جي لڏ پلاڻ بابت نوان اصول 371
ڪراچيءَ جي ترقي 372
ڊاڙيلن جي چنبي مان آزاد ٿيل ماڻهن ۾ خوشي ۽ خوشحالي 372
ڍل ۽ محصول جي نظام ۾ سڌارا 373
قانون ۽ انصاف لاڳو ڪري ڌاڙن ۽ قرلت جي پاڙ پٽڻ 374
ماڻهن جي خوشحاليءَ سبب حڪومتي آمدني ۾ واڌ 375
نيپئر جي وڌندڙ عمر ۽ جسماني ڪمزوري 376
ڊاڙيلن خلاف جنگي مهم جي ڪاميابيءَ ۽ امن امان 376
مرين جو بگٽين کي ماري مات ڏيڻ ۽ اسلام بگٽي جي
پيش پوڻ جو پيغام 378
نون پيداواري وسيلن جي ڳولا 379
ڊاڙيل قبيلا ٿانيڪا ٿي ڪرت ڪرڻ لڳا 379
مرين جي علائقي تي سک فوجين جي ڪاهه 380
سنڌ جي ترقياتي ڪمن ۾ سست رفتاري 380
نيپئر جا عوامي ڀلائيءَ وارا ڪم ۽ مخالفن جي ڪاوڙ 381
عوامي ڀلائي ۽ ڪامورن جا ڪرتوت 382



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باربردار فوج لاءِ لاڏائو انن جي منظوريءَ ۾ ٽال مٽول 382
باربردار فوج جي انتظامي جوڙجڪ 385
اُٺ سوار ۽ سنڌ هارس فوجي دستن جو نئين سر قيام 386
بمبئي ڌر پاران باربردار فوج قائم ڪرڻ جي مخالفت 387
مخالف ڌر جي هشيءَ تي ڊاڪٽر بسٽ جا نيپئر تي لڳايل الزام 388
نيپئر تي ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام جا لڳايل سخت الزام 389
لارڊ رپن ڪرنل آئوٽرام سان ٻٽ ٻٽيل 389
نيپئر خلاف ڊاڪٽر بسٽ ڪي سيڪريٽري ولهه بيءَ جي هشي 390
راٽيءَ ڏانهن مير نصير جي لکيل درخواست پهچائڻ جي
پاٽينجر پاران ڪنيل ذميواري 391
بمبئي ڌر وارن جون لڳاتار سازشون 392
اعليٰ عملدارن ڪي گدڙ ڪونڻ تي متل ممڻ 393
مخالف ڌر پاران اُٿاريل نوان افواهه ۽ نوان الزام 394
قبائلي ويڙهه جي اڳڪٿي 394
نيپئر خلاف ڪامورا شاهيءَ جو ڳجهو پوتا ميل 396
”بامبي ٽائيمس“ جا الزام ۽ نيپئر جو بيان 397
بامبي ڪائونسل جو ڳجهو نوٽ ۽ نيپئر جو جواب 397
لارڊ رپن جو خط ۽ نيپئر جو ڏنل جواب 399
نيپئر جي مخالفن جو نانيءَ ويڙهو 400
اناج جي کوٽ ختم ڪرڻ جا ڪارائتا طريقا 400
پليءَ ۽ دليءَ زمين لاءِ ڌل جي الڳ الڳ مقرري 401
سنڌ جي زرعي تباهي ۽ نيپئر جا زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ جتن 402
نيپئر جون خدمتون ۽ متي وينل مخالف ڌر جون سازشون 405

## باب ٻارهون

سک- انگريز جنگ لاءِ تياري 407
سنڌ جي تحفظ جو بندوبست 411
نئين صورتحال ۾ نيپئر جي سنڌ کان ٻي اُلڪي ٽيڻ جو ڪارڻ 412
افغانستان جي امڪاني حملي روڪ لاءِ قلات جي
سردارن جو مطالبو ۽ نيپئر جو جواب 413
نيپئر کي افغانن جي آڇ 414
سک- انگريز جنگ، مير علي مراد جي خواهش ۽ نيپئر جا شرط 414

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منڙ ڪوٽ تي حملي لاءِ منصوبا بندي 415
ديري غازي خان کي مير علي مراد جي ڦرلٽ کان بچائڻ 416
سکن سان جنگ لاءِ نيپئر جي فوجي منصوبا بندي 471
سکن سان تڪڙي ٺاهه تي نيپئر جي مايوسي 417
جنگ ۾ اڳتي وڌڻ وقت نيپئر جي منصوبا بندي 420
بامبي ڪائونسل جي سکن سان ناقص حڪمت عملي 421
ڪوءِ جنگ ۾ جهيڙو 422
سکن جي حملي جا ٿي ممڪن رستا ۽ ان خلاف منصوبا بندي 422
انگريز فوج جي منصوبا بنديءَ سکن جا ڏيڊر ڊرا ڪري ڇڏيا 424
بچاءَ واري جنگ لاءِ سکن جي تياري ۽ انگريز جي پيش قدمي 425
ساٿين کي اعزاز نه ملڻ تي نيپئر جا احساسات 426
نيپئر ۽ سنڌ مٿان آزارن جا انبار 427
فوج ۾ ڦهليل ڪالرا ۽ جنرل جو آتت 428
ڪالرا واري وبا بابت نيپئر جي راءِ 429
بيماري ان جو پوءِ ۽ سنڌ جي صورتحال 431
سنڌ جا اهم مسئلا ۽ ڪامورا شاهيءَ جي لاپرواهي 431
مير علي مراد سان ڪيل معاهدو رولڙي جو شڪار 432
ڪامورا شاهيءَ جي هر منصوبي کي رد ڪرڻ واري روش 432
ڪامورا شاهيءَ بابت نيپئر جي راءِ 433
سنڌ جي زرعي پيداوار ۽ واپار ۾ واڌ 434
پيداوار وڌڻ جا ڪارڻ 434
نئين آبپاشي نظام ڪري زراعت ۽ واپار ۾ واڌ 435
آفيم جي سمگلنگ رڪجڻ ڪري بمبئي سرڪار کي فائدو 436
سر چارلس نيپئر هٿان سنڌ جو بهتر انتظام 436

باب تيرهون

ٽالپرن کي سنڌ جي حڪومت واپس ملڻ جو آسرو 438
پيءَ ڏر جي افواهن اڏائڻ کان پوءِ جي صورتحال 439
سر چارلس جا ويچار 439
لارڊ رپن پاران نيپئر جي مجتا 440
نيپئر جو لارڊ رپن کي لکيل خط 441
ماٺهن جي حالت 442


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڌير نگري چرپٽ راجا 443
ڪارو ڪاري جي اڏنگي رسم 444
چولا نومڙين ۽ برفت نومڙين وچ ۾ نيپئر جو ڪرايل ناهه
۽ سگ چٽيءَ واري رسم 444
قتل جي جرم کان پوءِ ڏرين ۾ جهيڙي دوران مقتولن جي
تعداد موجب فيصلي جو رواج 445
جاگيردارن کي مستقل جاگيرن جو حق ڏيڻ واري حڪمت عملي 446
عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪنيل قدم 446
سرعام هٿيار کڻي هلڻ تي پابندي ۽ ان جا اثر 447
سنڌ ۾ ميرن جي واپسيءَ جو افواهه ۽ هڪ ٽالپر جا خدشا 448
ڍل محصول جي وصوليءَ جو طريقو 450
پوليس 452
عدالتي کاتو 453
پيداوار 455
سنڌوءَ رستي آگبوٽن وسيلي واپار لاءِ رٿابندي 456
زراعت 457
هت ڪوبہ ماڻهو بک وگهي نٿو مري 458
غريب هارين کي زمين، جائداد تڪر ۽ قرض ڏيڻ 458
سنڌ جي زرعي ۽ تجارتي ترقي لاءِ اپاءَ 459
سنڌ جي مالي صورتحال ۽ فوجي خرچ جو بارُ 460
سنڌ جي فتح جي حڪمت عملي 462
سنڌ جي آبهوا ۽ آپدائون 463
سنڌ جا قدرتي وسيلا 464
سنڌ جي موجوده صورتحال 464
سنڌ ۾ فوجي حڪومت جي چونڊ ئي بهتر آهي 465
سنڌ لاءِ سول انتظاميہ جي جوڙجڪ 466
سر چارلس خلاف سازشون ۽ سنڌ ۾ سندس ڪردار 470
سنڌ جي انتظاميہ جون واپار جي ترقيءَ لاءِ ورتل ڪوششون 472
ڪراچيءَ کان اندرون سنڌ آگبوٽن رستي تجارتي
آمدرفت جا فائدا 473
ڪڇ جي سني اُپت ۽ ڏيساور نيڪالي 474


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبپاشي نظام جي سڌاري لاءِ واهن جي کوٽائي 476
درياهہ رستي تجارت لاءِ اٽڪ تائين سروي 476
نيپئر جي منظم ڪيل فوج کي مختصر ڪرڻ جو حڪم 476
سنڌ ۾ الڳ الڳ هنڌن تي فوج رکڻ جا انتظامي ڪارڻ 478
آفيم ۽ ٻئي واپار مان فائدو 479
فاتح ۽ مفتوح 480
سر چارلس نيپئر ڪامياب فوجي ڪمانڊر ۽ بهترين منتظم 481
سکيءَ ستابيءَ سنڌ تي ڌاڙلن جو آزار ۽ انگريز فوج 482
انگريز فوج جي پوئتي هٽي حملي لاءِ تياري 483
ڪرنل اسٽئڪ جي غلطيءَ ڌاڙيلن جي دل وڌائي ڇڏي 483
بمبئيءَ واريءَ ڌر جا الزام 485
مير شهداد جي والده وارو الزام ۽ اصل حقيقت 485
سنڌ جي ترقيءَ لاءِ حڪمت عملي 486
مورثي حق موجب ڏنل جاگيرون ۽ ان لاءِ لاڳو شرط 487
عام سنڌي ماڻهن جي بهتريءَ لاءِ ورتل ڪوششون 489
سنڌ ۾ چوبول: مير واپس پيا وڃن 490
لارڊ آشلي سان منهن ماري 491
نيپئر جي سنڌ کان موڪلائي 492
سنڌ ۾ شروع ڪيل منصوبي جي نيپئر کان پوءِ حالت 493
مريدي ويدر جو بلوچ ڌاڙيلن سان مقابلو 494
نَيپئر، بلوچ سردار ۽ مير 496
جيڪو ڏاڍو سو ڳابو 497
نيپئر جو ڏنل قانون، انصاف ۽ انتظام 497
سنڌ نيپئر جي دور ۾ 498

اضافو

ضميمو پهريون
حيدرآباد جي ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ جي رپورٽ جو اختصار 506
ضميمو ٻيو
سنڌ جي ٻيٽي ڪليڪٽر سي ٻيبلو رچرڊسن جي موڪليل رپورٽ جو اختصار 507


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضميمو ٽيون
سر چارلس جي لکيل خط جو اختصار جيڪو هن هندستان
سرڪار ڏانهن ملير نديءَ لاءِ لکيو هو 510
سر هينري هارڊنج ڏانهن لکيل خط 511
ضميمو چوٿون
ڪڇيءَ واري جابلو علائقي خلاف جنگي مهم جي شروعات
وقت لارڊ ايلنبرو ڏانهن چارلس نيپئر لکيل خط جو اختصار 512
ضميمو پنجون
لارڊ ايلنبرو ۽ سر هينري هارڊنج ڏانهن چارلس نيپئر جي لکيل خطن
جو اختصار جن ۾ فوجين جي بغاوت ۽ بيماري جو ذڪر ڪيل آهي 522
ڊاڪٽر ڪرڪ ڏانهن لکيل خط جو اختصار 526
ضميمو ڇهون
سر چارلس نيپئر جو War for Indian Army جي نَوَن آرٽيڪلس
جي 6 فقري تي تبصرو 528
ضميمو ستون
سر چارلس نيپئر جو هندستاني فوج لاءِ جسماني سزا برقرار رکڻ
جي ضرورت بابت سرسري نقطهٔ نظر 533
ضميمو اٺون
فوجي سامان بابت لکيل ميمورينڊم 547
ضميمو نائون
لارڊ رپن ڏانهن مال غنيمت بابت لکيل خط جو اختصار 559
ضميمو ڏهون
لارڊ رپن ڏي ڪڇيءَ جي جابلو علائقي خلاف فوجي مهم
جي باري ۾ لکيل خط جو اختصار 561
ضميمو يارهون
13 ريجيمينٽ جي انهن رضاڪارن جا نالا جن 8 مارچ 1845ع
تي تروڪي جي جبلن وارن لڪن کي بند ڪري ڇڏيو هو 563
ضميمو ٻارهون
سر راڊرڪ مرچيسن جي خط جو اختصار جيڪو هن ڪئپٽن
وڪري جي لڏل جيالاجيڪل نمونن بابت هن کي لکيو هو 565

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضميمو تيرهون
ممبئي جي گورنر ڏانهن چارلس نيپئر جي لکيل خطن جو اختصار
جن ۾ شڪايت ڪئي وئي هئي تہ ڊاڪٽر بسٽ ڪجهہ جعلي
۽ ڪوڙا خط اخبار ۾ شايع ڪيا آهن 566
گورنر جنرل ڏانهن لکيل خط جو اختصار 567
ضميمو چوڏهون
گورنر جنرل ڏانهن چارلس نيپئر جي لکليل خط جو اختصار جنهن ۾
ڪرنل آئوٽرام جي اخبار ۾ ڇپيل خط جي شڪايت ڪئي وئي هئي 569
ضميمو پندرهون
سر چارلس نيپئر جي گورنر جنرل ڏانهن تمغن بابت لکيل خط جو اختصار 572
سر چارلس جي گورنر جنرل ڏانهن لکيل خط جو اختصار جيڪو هن
ڏانهن ٽالپرن ۽ انهن جي زالن جي ڳجهن منصوبن بابت لکيو هو 572
ضميمون سورهون
سر چارلس جي انهن خطن جو اختصار جيڪي هن مير نور محمد خان
جي بيواهہ ڏانهن لکيا هئا، ۽ ان خط جو اختصار جيڪو ميرن ۽
سنڌن مستورات جي خفيہ رٿن متعلق گورنر جنرل کي لکيو ويو هو 576
ضميمون سترهون
ميجر جنرل هنٽر جو سکر واري گهوڙا پڙي بابت نقطئہ نظر 579
ضميمو ارڙهون
ڪئپٽن راٿبورن جو تبصرو 581
ساڳئي ماٿهوءَ جو ٻيو نقطئہ نظر 581
مٿئين بيان تي سملا جي سول مئجسٽريٽ مسٽر ائڊوردس جو تبصرو 584
ضميمو اوڻيهون
ضميمو ويهون
هيٺ بيان ڪيل خطن جو تعلق سنڌ جي فتح جي تاريخ سان آهي،
پر هي خط "سنڌ جي فتح" واري ڪتاب ڇاپجڻ کان پوءِ هٿ آيا هئا،
تنهن ڪري انهن کي هتي جاءِ ڏني وئي آهي 594
مير رستم خان جو پنهنجي پٽ مير محمد حسين ڏانهن لکيل خط 594
سر چارلس جو ڪمانڊر ان چيف سر نڪولس ڏانهن لکيل ان
جوابي خط جو اختصار 595

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مقدمو

انگريزن جو سنڌ سان تعلق مغل دور ۾ پيدا ٿيو. هي دور ستاويهن سالن (1635ـ1662ع) تي محيط آهي. ٻيهر انگريزن ۽ سنڌ جو لاڳاپو ڪلهوڙن جي دور ۾ قائم ٿيو. هي زمانو صرف سترهن سالن (1758ـ1775ع) تي مشتمل آهي. ان بعد وري ٽالپرن جي زماني ۾ انگريز سنڌ ۾ داخل ٿيا، ليڪن انگريزن کي ڪجهه مهينن اندر پڃڻو پيو. ليڪن ان سالن جي وقفي کان پوءِ انگريز وري سنڌ ۾ داخل ٿا. هن ڀيري انگريز مضبوط اِرادن سان سنڌ ۾ پهتا. ائين آخرڪار ملڪ کي فتح ڪري، سنڌ جي اڇي ڪاري جا مالڪ بنجي ويا. هي واقعو 1843ع ۾ ٿي گذريو. ڇهه سال پوءِ 1849ع ۾ انگريزن پنجاب کي فتح ڪيو. ان کان پوءِ انگريزن دهليءَ تي قبضو ڪيو (1857ع) ۽ آخري مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر کي ٻي دخل ڪري برما ۾ قيد رکيو. ائين انگريزن سموري هندستان کي فتح ڪري، خيبر کان ڪلڪتي ۽ ڪراچيءَ کان ڪشمير تائين پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.

مغلن ۽ ڪلهوڙن جي زماني ۾ انگريزن سنڌ ڏني ۽ هن ملڪ سان واپاري لاڳاپا قائم ڪيا. ان عرصي ۾ مغرب جي هن ذهين قوم، سنڌ جو چڱو اڀياس ڪيو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪارندن، پنهنجي لکپڙهه ۾ مختلف رخن کان، سنڌ جي باري ۾ مناسب مواد ڇڏيو آهي. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾، ڪجهه مغربي سياح به هند ۽ سنڌ پهتا. انهن جي سفرنامن جي ذريعي، اسان لاءِ چڱو تاريخي مواد مهيا ٿيو آهي. اهڙي مواد کي ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ڪتاب "ڀٽ جو شاهه" ۾ سٺي نموني ڪتب آڻي، سنڌ بابت نهايت تحقيق سان اسان جي جاڻ ۾ واڌارو ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح سان ڊاڪٽر ڊيو آرٽ به پنهنجي تحقيق لاءِ مذڪوره مواد کان ڪم ورتو.

ناٿن ڪرو پهريون انگريز ايلچي هو جو ميرن جي دور ۾ واپار جي مقصد سان سنڌ جو پهتو. هي واقعو 1799ع جو آهي. ليڪن سال کان به گهٽ عرصي ۾ ، ڪابل جي دٻاءَ تحت مير فتح علي خان جي حڪم سان، ناٿن ڪرو کي سنڌ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. مير صاحب 1802ع ۾ وفات ڪئي. ان بعد مير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام علي خان حڪمران ٿيو. هن جي دور ۾ 1808ع ۾ انگريز وري سنڌ اندر داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ان کان پوءِ آهستي آهستي ميرن کي مختلف معاهدن ۾ جڪڙي، پنهنجي من جون مرادون حاصل ڪرڻ لڳا. آخرڪار 1843ع ۾ انگريزن سنڌ کي فتح ڪري هندستان سان ملائي ڇڏيو.

هي تاريخ جا داستان آهن، اهي پيا لکبا ۽ پڙهبا. اسان هتي صرف هي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته، ٽالپرن جي دور ۾ انگريز هن ملڪ ۾ داخل ٿيا. تڏهن کان سنڌ متعلق انگريزي زبان ۾ وڏي پيماني تي مواد لکجڻ شروع ٿيو. جيتوڻيڪ ناٿن ڪِرو سنڌ ۾ ٿورو عرصو رهيو، تڏهن به پاڻ هن خِطي بابت هڪ رپورٽ تيار ڪري انگريز سرڪار کي پيش ڪيائين. ان کان پوءِ ته هي سلسلو شروع ٿي ويو. اين ايچ. سمٿ، ميڪمرڊو، ڊيل هوسٽ، ايلس، پوٽينجر، جيمس برنس، اليگزينڊر برنس، ڪيٽ ينگ، اورلچ، آئوٽرام، ايسٽ وڪ، وليم نيپيئر ۽ رچرڊ برٽن، اهڙا نالا آهن جن ٽالپرن جي دور ۽ ان جي خاتمي کان پوءِ جي اٺن ڏهن سالن جي عرصي ۾، سنڌ متعلق انگريزي زبان ۾ وافر مواد تيار ڪيو. هي لٽريچر مختلف سالن ۾ ڪلڪتي، بمبئيءَ ۽ لنڊن مان شايع ٿيندو رهيو. ائين هڪ طرف ته سنڌ جي باري ۾ گهڻو مواد تيار ٿيو ۽ ٻئي طرف مغربي دنيا سنڌ جي صورتحال جي باري ۾ باخبر ٿيڻ شروع ٿي.

منهنجي خيال ۾ 1843ع ۾ انگريزن هٿان سنڌ جي فتح، دنيا جي تاريخ جو هڪ منفرد واقعو آهي. سنڌ جي حاڪمن ويڙهه کان ٽارو ٽي ڪيو پر فاتح چارلس نيپيئر زوريءَ ٽالپرن مٿان جنگ مڙهي. ٻيو هي ته سنڌ جي فتح جي زبردست مخالفت خود فاتح قوم جي بااثر فردن ۽ ادارن پاران ٿي رهي هئي. انهن حالتن جي پس منظر ۾ فائدو هي ٿيو ته، سنڌ جي فتح جي مخالفن ۽ حامين قلم کنيو ۽ اڄ 1843ع جي واقعن ۽ حادثن جي باري ۾ اسان وٽ ڪوڙ سارو مواد موجود آهي.

چارلس نيپيئر سنڌ فتح ڪري وڏي مشڪل ۾ ڦاسي پيو. گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو هِن مهم ۾ سنڌ جي فاتح سان گڏ هو. ٻئي طرف ڪرنل آئوٽرام هو جنهن نيپيئر لاءِ باهه ٻاري ڇڏي هئي. ڪلڪتي، بمبئيءَ ۽ لنڊن جي پريس ۾ ٻنهي ڌرين پنهنجو پنهنجو موقف لکي پي ڇپرايو. دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته برٽش پارليامينٽ ۾ به سنڌ جي فتح تي ڀرپور بحث ٿيو ۽ نيپيئر توڙي ايلنبرو جي ڪردار تي وڏو گوڙ ٿيو. ان سڄي وٺ پڪڙ کان پوءِ به ڪجهه نه ٿيو ۽ انگريز سنڌ ملڪ تي قبضو ڪرڻ ۾

سرخرو ٿيا. مير صاحبان کي جلاوطن ڪري، هندستان جي پرانهن علائقن ۾ نظربند رکيو ويو.

هن سموري ماراماريءَ ۽ بحث مباحثي جو نتيجو هي نڪتو تہ، اسان کي ٻئي مواد کان علاوه، بہ تفصيلي ڪتاب ملي ويا، جي اڄ ميرن جي دور جي آخري سالن ۽ نيپئر هٿان سنڌ جي فتح جو نهايت تفصيلي احوال مهيا ڪن ٿا. نيپئر جي ڀاءُ وليم نيپئر پنهنجي ڀاءُ جي بچاءَ ۾ "سنڌ جي فتح جي تاريخ" ٻن جلدن ۾ لکي 1845ع ۾ لنڊن مان ڇپرائي پڌري ڪئي. ٽالپرن سان همدردي رکندڙ ڪرنل آئوٽرام هي ڪتاب پڙهي قلم کنيو ۽ "سنڌ جي فتح: هڪ تبصرو" عنوان سان ٻن جُلدن ۾ ڪتاب تيار ڪيو. هي ڪتاب 1846ع ۾ ايڊنبرگ مان نروار ٿيو. هي ٻئي ڪتاب سنڌي ترجمي جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهن. وليم نيپئر جو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ (ترجمو: سومار علي سومرو) ڇپرايو آهي. جڏهن تہ ڪرنل آئوٽرام جي ڪتاب جو ترجمو عطا محمد ڀنڀري صاحب ڪيو، جنهن کي سنڌيڪا اڪيڊميءَ شايع ڪيو آهي. آئوٽرام جي ڪتاب جي سنڌي ترجمي تي نامور محقق ايم ايڇ پنهور صاحب، هڪ بيش بها علمي مهاڳ لکيو آهي، جنهن ذريعي انگريزن هٿان سنڌ جي فتح جو ڀرپور پس منظر سامهون اچي ٿو. وليم نيپئر ۽ آئوٽرام جا اصل انگريزي ڪتاب پڻ ڪجھ سال ٿيا تہ سنڌ اندر ڇپيا آهن.

سر چارلس نيپئر سنڌ جي فتح کان پوءِ، هن علائقي جو پهريون انگريز گورنر مقرر ٿيو. پاڻ چار سال هن عهدي تي رهيو ۽ 1847ع ۾ سنڌ کي ڇڏي ولايت روانو ٿي ويو. ان بعد سندس ڀاءُ وليم نيپئر جيئن "سنڌ جي فتح جي تاريخ" ۾ لکيو هو نيپئر ۽ سنڌ جي حوالي سان هڪ وڏيڪ ڪتاب لکي ڇپرايو. هي ڪتاب "سنڌ ۾ نيپئر جي انتظامي تاريخ" نالي سان، انگريزي زبان ۾ 1851ع ۾ لنڊن مان ڇپيو هو. ٽن سالن کان پوءِ 1854ع ۾ هي ڪتاب ٻيهر ڇپيو. ساڳئي ڪتاب جو ترت هڪ ٻيو ڇاپو بہ نڪتو جنهن تي اشاعت جو سال لکيل ڪونهي. هن ڪتاب جا هي سڀ ايڊيشن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لئبريريءَ ۾ موجود آهن. بدقسمتيءَ سان هن ڪتاب جو مٿي ذڪر ڪيل ٻن ڪتابن (وليم نيپئر ۽ آئوٽرام جا سنڌ جي باري ۾ لکيل ڪتاب) وانگر ڪو نئون ايڊيشن نہ نڪتو آهي.

سنڌ ۾ نيپئر جي انتظامي تاريخ، نالي هي ڪتاب تيرهن بابن، هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اضافي ۽ ويهن ضميمن تي مشتمل آهي. روايت جي ابتڙ هي ڪتاب ڪنهن بہ عنوان ڪان سواءِ مخلف بابن تي مدار رکي ٿو. وليم نيپئر جو پهريون ڪتاب پڻ سِنڌ ۾ ائين هو. هي ڪتاب نہ رڳو پنهنجي دور جو هڪ معلوماتي ۽ دلچسپ ڪتاب ثابت ٿيو پر اهو اڄ بہ پنهنجي مواد ۽ انفراديت جي ڪري نهايت ڪارائتو ڪتاب آهي. جيئن مٿي ذڪر ٿيو تہ هي ڪتاب پهريون ڀيرو 1851ع ۾ ڇپيو ۽ مختصر وقت ۾ ان جا بہ وڌيڪ ايڊيشن ڇپجي منظر تي آيا.

هي ڪتاب رڳو سنڌ جي انتظامي تاريخ نہ آهي، پر ان سان گڏ گهڻن حوالن سان سنڌ جي باري ۾ اسان جي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪري ٿو. سر چارلس نيپئر سنڌ ۾ پراڻي نظام جي جاءِ تي نئين انتظامي سرشتي جا بنياد رکيا. سنڌ کي انتظامي طرح سان ٽن ضلعن ۾ تقسيم ڪيائين. ان ڪان علاوه ڪستم جي حوالي سان پڻ هڪ جدا ضلعو وجود ۾ آندو ويو. ضلعن ۾ پوليس ڪماني، ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽن جي مقرريءَ سان جديد انتظامي سرشتي کي وجود ۾ آندو ويو. گورنر سنڌ سر چارلس نيپئر جديد سنڌ جي تعمير جي بنياد رکڻ وقت، ترقيءَ ۽ تعميرات طرف توجهہ ڏنو. آبپاشي نظام جي اصلاح جو آغاز ڪيو ويو. واهن تي پُلين جي تعمير جو حڪم ڏنو. سنڌو درياه جي وهڪرن کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ پهريون ڀيرو بَند ٻڌڻ لاءِ سوچيو ويو. ڪراچي بندر جي اصلاح ۽ جديد اڏاوت، نيپئر جي اوليت ۾ شامل رهي. وليم نيپئر جي لکت موجب، ميرن جي دور ۾ زال جي قتل جو ڪوبہ حساب ڪتاب نہ ٿيندو هو ۽ نہ وري اهڙي قتل کي ڏوهہ سمجهيو ويندو هو. سنڌ جي انگريز فاتح هن صورتحال جو سخت نوٽِس ورتو ۽ ان کي سنگين ڏوهہ تسليم ڪندي، اهڙي خون خرابي لاءِ سخت ترين سزا تجويز ڪئي. انگريز دور جو هي خاص ڪريڊٽ آهي تہ گورن حاڪمن امن امان طرف ڀرپور توجهہ ڏنو. جتي بہ حڪمراني ڪيائون، اُتي انتظام ۽ امن کي ڀرپور طرح سان قائم رکيائون.

وليم نيپئر هي ڪتاب لکي اسان کي ٽالپرن جي دور جو عام طرح سياسي ۽ خاص طرح سان سماجي عڪس ڏيکارڻ جو ڀرپور جتن ڪيو آهي. پاڻ لکي ٿو تہ جاگيرداري نظام جي ماحول مطابق ٽالپرن جي دور ۾ صنعت ۽ واپار کي خاص اهميت نہ ملي سگهي. ملڪ جاگيرداري راڄ جو بدترين مثال ٿي پيو هو. هن ڏس ۾ دلچسپ ۽ خاص مثال، حيدرآباد جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلعي جو آهي، جڏهن سنڌ جا جاگيردار نيپئر کان رعايتون ۽ سَندون حاصل ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. هن ڏس ۾ وليم نيپئر جي لکت آهي ته ويهه هزار سردار سلامي ڀري فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ آيا هئا. مُلڪ جي وسعت ۽ آدمشماريءَ جي حساب سان، ويهه هزار سردارن جو انگ ظاهر ڪري ٿو ته ان دور ۾ سنڌ ڪيئن نه جاگيرداري نظام جو بدترين مثال ٿي پئي هئي. سنڌ جو عوام ڪهڙي گُهٽ ۽ ٻوسٽ ۾ ساهه کڻي رهيو هو جاگيردارن جي وڏي انگ ۾ موجودگي، ان صورت حال سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي.

وليم نيپئر جي لکت موجب چارلس نيپئر سنڌ جي عوام کي بدترين جاگيرداري نظام مان نجات ڏيارڻ جو پڪو فيصلو ڪيو هو. پر سنڌ جي بدقسمتي جو نيپئر کي ڪلڪتي، بمبئي ۽ انگلينڊ جي طاقتور عهديدارن ۾ پريس اهڙو ته سوڙهو ڪيو جو پاڻ کي بچائڻ لاءِ وري به ڪيس هلندڙ نظام جو سهارو وٺي هلڻو پيو. نتيجو هي نڪتو جو ساهه ٻوساٽيندڙ هي نظام بچي ويو ۽ سنڌ جو عوام 1843ع جي تاريخي موڙ کان ڏيڍ صدي گذرڻ بعد اڄ به جاگيردارن جي مضبوط جَڪڙ مان آجو نه ٿي سگهيو آهي. نيپئر کان پوءِ ته سنڌ جي ڪمشنرن، بمبئي جي گورنرن ۽ ڪلڪتي جي وائسرائن (گورنر جنرلن)، ميرن، پيرن ۽ سيدن کي وڏيون وڏيون جاگيرون ڏئي، اجا به وڌيڪ طاقتور بنايو. اهڙا تفصيل "سنڌ ۾ جاگيردارن جي تاريخ" نالي ڪتاب ۾ موجود آهن. اهڙي پاليسيءَ جا جيڪي منفي نتيجا نڪرنا هئا، سي پوري طاقت سان اڄ به موجود آهن.[1] خلافت تحريڪ ۽ هجرت تحريڪ ته گهڻو پوءِ جي ڳالهه آهي. ان کان به گهڻو اڳ ۾ مير شير محمد مدد لاءِ افغانن وٽ ويو ليڪن مدد بجاءِ افغانن ساڻس دوکو ڪيو ۽ نيٺ گهمي ڦري ٿڪجي، اچي سنڌ پيڙو ٿيو ۽ انگريزن کان جاگيرون وٺي خاموش ٿي ويهي رهيو. هيءَ ڳالهه پڻ اسان کي وليم نيپئر جي هن ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿي.

وليم نيپئر جي هن ڪتاب ۾ خاص طرح موجوده بلوچستان جي علائقن (ڪڇي، مري ۽ بگٽي قبيلن جي ماڳن) جي قبائلي صورت حال،

---

[1] هن ڏس ۾ تازي دور ۾ ڇپيل به ڪتاب ڏسڻ گهرجن: (جن مان پهرئين جو ترجمو: "سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.)
i) Sarah F.D. Ansari: The Pirs of Sindh, 1843_1947
ii) David Cheesman: Landlord Power and Rural Indebteness in Colonial Sindh, 1865_1901

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف قبيلن جي هڪ ٻئي سان ويڙهه، سنڌ جي اتر ۽ اولهه واري سرحد تي موجود افراتفري ۽ بدامنيءَ کان علاوه، هن علائقي ۾ نيپئر جي فوجي مهمن جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ آغا خان جي ڪردار، لس ٻيلي جي جامن، مَرين ۽ ٻُگٽين جي باهمي ڇڪتاڻ توڙي ڪڇ جي صورتحال جو به نمايان ذڪر ڪيو ويو آهي. پاڻ لکي ٿو ته ڪلهوڙن جي حڪومت جي خاتمي کي سٺ ستر سال گذري چڪا هئا، پر پوءِ به سنڌ جي عوام اڃا ڪلهوڙن کي نه وساريو هو. اهڙو ذڪر هن ڪتاب ۾ ٻن جاين تي ڪيو ويو آهي. مصنف ڪلهوڙن جي وفادار قبيلن کي، ٽالپرن جي ڏنل تڪليفن جو به مذڪور ڪيو آهي. وليم نيپئر انهن آڳاٽن لکندڙن مان هڪ آهي، جنهن ”رني ڪوٽ“ بابت اظهار خيال ڪيو آهي ۽ ان ڳالهه کي رد ڪيو آهي ته ڪو هي قلعو ٽالپرن ٺهرايو هو.

محترم عطا محمد ڀنڀرو جس لَهڻي، جنهن هن ناياب ۽ اهم ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي. ڀنڀري صاحب جا ترجمو ڪيل به ڏهن کن ڪتاب اڳ ۾ ئي ڇپجي، سنڌي عوام وٽ ميڄتا ماڻي چُڪا آهن. پاڻ نالي ۾ ته هڪ شخص آهي، پر اڪيلي سر هن وقت تائين جيڪو لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڪم ڪيو اٿس، اهو اڪثر ادارن کان مٿاهون آهي.

ٽالپرن ۽ انگريزن جي دور سان لاڳاپيل ڪيئي انگريزي ڪتاب ترجمو ڪري، اسان جي تاريخي شعورکي وڌائڻ ۾ پاڻ گهڻو سگهارو ٿيو آهي. ان کان سواءِ ڊاڪٽر سورلي جا شاهه عبداللطيف بابت لکيل به ڪتاب به پاڻ ترجمو ڪيائين، جن جي سڄيءَ سنڌ ۾ ڀرپور آجيان ڪئي وئي آهي. مون کي خاطري آهي ته جيئن وليم نيپئر جو هي ڪتاب عوام ۾ مقبول ٿيو ۽ چند سالن ۾ ان جا متعدد ايڊيشن نڪتا، ساڳي طرح هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو پڻ هٿئون هٿ وڪامندو ۽ پبلشر کي تمام جلد ان جو ٻيو ڇاپو پڌرو ڪرڻو پوندو. آءٌ، مترجم عطا محمد ڀنڀري صاحب لاءِ دل جي گهراين سان هي به ٻول چئي پنهنجي ڳالهه پوري ڪيان ٿو:

جَڪرا جيئو شال!

5 فيبروري 2008ع

**ڊاڪٽر جي. ايم. لاڪو**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

سر چارلس نيپئر جي سنڌ جي فتح جي تاريخ ڇپجڻ وقت اهو واعدو ڪيو ويو هو تہ سندس سنڌ ۾ رکيل انتظامي جوڙجڪ بابت بہ احوال لکيو ويندو، تنهن ڪري هيءُ ڪتاب لکي، ان واعدي کي پاڙيو ويو آهي. جنهن ۾ ڪڇيءَ خلاف جنگي مهم جو احوال بہ شامل ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب کي بہ "سنڌ جي فتح جي تاريخ" جيان انگريز عوام ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ هي ماڻهو وڪٽوريا دور جي هن فوجي جنرل جي ڪامياب جنگي مهمن جي دعوائن خلاف، اٿيل هڪ مسلسل آواز کي ختم ڪري سگهن ٿا. هي نہ رڳو سورهيہ فوجي سپهہ سالار هو پر ڪامياب منتظم بہ هو جنهن پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جون دليون ڏتاري ورتيون هيون. پر عام ماڻهو جي حقيقي مدد حاصل ڪرڻ واسطي، سر چارلس جي خيالن ۽ عملي ڪمن کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. جنهن ۾ هن ڳالهہ جو اظهار ڪيو ويندو تہ هن جي ملڪي انتظامي جوڙجڪ جو مجموعي ۽ مخصوص نوعيت جو ڪهڙو نقطئہ نظر هو يا مخصوص قسم جي صورتحال دوران هن جا خيال ۽ احساس ڪهڙا هئا. ان کان سواءِ جتي ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي تہ اتي سندس چيل اصلي لفظ بيان ڪيا ويا آهن.

عام طور تي هڪ مصنف کي پنهنجي پنهنجي خيالن جي اظهار جي آزادي هوندي آهي. پر جيڪڏهن ان موقعي جو فائدو ونجي ها تہ سر چارلس جي ڏاهپ ۽ ڏانءُ فطري مزاج ۽ هلت چلت جي حقيقي سياءُ بابت اصلي ڳالهيون ڍڪجي وڃن ها. هن کان سواءِ کيس بي بنياد الزامن ۽ اجاين تهمتن کان بچائي ڪونہ سگهجي ها. تنهن ڪري هن ڪتاب جي تصنيف جو اهم ڪارڻ اهو آهي تہ جيئنءَ پڑهندڙ سر چارلس کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهن ۽ متس لڳل اجاين الزامن کان متاثر نہ ٿين. جيڪڏهن هي ڪتاب نہ لکيو وڃي ها تہ، سر چارلس جي نقطئہ نظر کي غلط سمجهيو وڃي ها. ڇاڪاڻ تہ هتان جي عام ماڻهوءَ کي اها خبر ڪانہ آهي تہ، جنهن ملڪ ۾ هي ماڻهو موجود هو تنهن جي ماڻهن جون رسمون رواج بلڪل مختلف هئا ۽ جن ماڻهن سان هن جنرل جو ڪار وهنوار هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي نهايت حاسد هئا. مثال طور هن نئين مفتوح علائقي ۾ عام رواجي حڪمراني قائم ڪرڻ بدران, فوجي راڄ مڙهيو هو. پر فوجي طرز جي حڪومت ان ڪري قائم ڪئي وئي جو فتح ڪيل علائقي جا ماڻهو ويڙهاڪ هئا. تنهن ڪري اهڙن سرڪش ماڻهن کي ضابطي هيٺ رکڻ ۽ کين مهذب بڻائڻ واسطي هن ڪان سواءِ ڪو بيو ڏڱ ڪونه هو. اهڙي ڳنڀير وايو منڊل ۾ ملڪ جي سول انتظاميه جي قيام خلاف سندس اعتراض کي جيڪڏهن ان دور جي مخصوص صورتحال جي پسمنظر ۾ جاچي پرکي ۽ سندس نقطئہ نظر تي سوچي ويچاري نہ ڏسبو تہ اهو پتو ڪونہ پوندو تہ ان دور جي هندستان ۽ خاص طور سنڌ ۾ سول انتظاميا قابل عمل ڪانہ هئي. پر جيڪڏهن ان دور ۾ سول انتظاميا مقرر ڪئي وڃي ها تہ اها بلڪل ناڪام ثابت ٿئي ها. ان ڪري سول انتظاميہ جي ذميوار ڪامورا شاهي خلاف نفرت پيدا ٿي وڃي ها ۽ صوبي جي غير فوجي سرڪار اجائي بدنام ٿي وڃي ها. اهڙيون ڳالهيون اڻ سونهيون هيون جن جي پردي پٺيان سر نيپيئر جا اصلي ارادا ۽ اتساهہ ڏڪجي ويا هئا ۽ سندس اصلي ڪارڪردگي بہ ماڻهن جي سامهون اچي ڪانہ سگهي هئي. هن جو فوجي اختيارن جو استعمال هن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جاڪوڙ هئي تہ جيئن سنڌي ماڻهو انگريزن جي قائم ڪيل غير فوجي ادارن کي بنا دير قبول ڪرڻ لائق بڻجي سگهن جن جو بنياد هن جنرل پاڻ رکيو هو. هي ڪم ڏاڍو ڏکيو هو پر سر چارلس ان کي نهايت ڪاميابيءَ سان سرانجام ڪيو ۽ ڪابہ رنڊڪ ڪيس روڪي ڪانہ سگهي هئي, ڇاڪاڻ تہ ماڻهوءَ وٽ هر قسم جا اختيار هئا. ڏانءَ ۽ ڏات جو مالڪ هو. جن کي دفتر جي ڪم جو اوچو ڏير ڏڪي سگهڻ ۾ سوپارو ڪونہ ٿيو هو. ڪيس فوجي هئڻ ناتي بي انتها وسيع اختيار هئا پر هن انهن کي سرڪاي منصوبہ بنديءَ جو حصو ڪونہ بڻايو هو. هتي اهو بيان ڪرڻ بيجا ڪونہ ٿيندو تہ هن ماڻهو پنهنجي ڳالهين کي مان ۽ مهت ڏنو هو. هن ڪان پوءِ مسٽر پرنگل Pringle آيو هو جنهن ٻن سالن جي عرصي تائين وڏي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ سر چارلس کي عقيدت جو نذرانو پيش ڪندي, هي حقيقت تسليم ڪئي هئي تہ هن سنڌ اندر سرڪاري ادارن قائم ڪرڻ ۾ پنهنجي ڏات ۽ ڏانءَ جو ڀرپور اظهار ڪيو هو.

## وليم نيپيئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

# سر چارلس نيپئر جي سنڌ انتظاميہ

جڏهن مير شير محمد حيدرآباد پرسان انگريزن هٿان شڪست کاڌي هئي تہ فاتح ان وقت اعلان ڪيو هو تہ هن کان پوءِ بندوقون گوليون ۽ توبون گولا ڪونہ اوڳاڇينديون. پر ڪن ڏرين سنڌس هن ڳالھ کي ٻٽاڪ سمجهي ڇٽرون ڪين هيون. پر سنڌس اها ڳالھ ۽ اڳڪٿي بلڪل سچي ثابت ٿي هئي، جنهن جو بنياد هيٺ ڏنل حقيقتن تي ٻيڻل آهي.

هن ملڪ ۾ مختلف انساني نسل آباد آهن جن جا مذهب مختلف ۽ مفاد هڪ ٻئي جي خلاف آهن. انهن جا اڌما، اتساهہ ۽ مادي مفاد ساڳيا ڪونہ آهن. پر جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان بغاوت جي باھہ ڀڙڪي اٿي بہ کٽي تہ ڊگهيءَ مدت تائين اها مهاڏو ڏئي ڪانہ سگهندي اصلي سنڌي تہ هاري ناري ڏتڙيل آهن. جيڪي ظلم ۽ ڏاڍ سبب هيسايل آهن. هنن جي حيثيت بي هٿيار غلامن جهڙي آهي. جيڪڏهن سنڌين کي غلاميءَ جي هنن زنجيرن کان آزاد ڪيو وڃي ها تہ ٽالپرن جي حڪمراني جو خير ڪونہ هو. هندو تعداد ۾ تہ گهٽا آهن، پر ڏچٽا آهن. هنن جي ڌرم کان سنڌي (مسلمان) ۽ بروچ نفرت ڪندا آهن. هنن ماڻهن جي ڦرلٽ عام آهي. تنهن ڪري هو نڪتڙي الڳ ٿي ويا آهن. ڪين امن ۽ بچاءَ جي ضرورت آهي. ڊگهي جنگ بروچن جي مفاد ۾ آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي عادي ظالم آهن. سندن خواهش آهي تہ هو پنهنجي منافع بخش حاڪماڻي حيثيت کي ڪيئن بہ ڪري برقرار رکن. پر هنن ٻن لڳاتار جنگين ۾ شڪست کاڌي آهي. سندن خزانو انگريز سرڪار جي قبضي ۾ آهي. هنن جا ڇهہ اهم مير جنگي قيدي آهي. سندن سياسي ۽ فوجي طاقت بہ ڪنا کيڙ ٿي وئي آهي. تنهن ڪري هو صفون سنواري مقابلي ڪرڻ جهڙا تہ رهيا ئي ڪونہ آهن. ان کان سواءِ سندن مذهب جدا ۽ مفاد الڳ آهن. تنهن ڪري مڙئي مُٺ تي بغاوت جو ڦريرو بہ ڦڙڪائي ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندا. نه وري انگريزي فوج جي ڊگهي عرصي تائين مزاحمت ڪري سگهندا. ٻي ڳالهه ته بروچ مختلف قبيلن ۾ ونڊيل ورهايل آهن ۽ هر ڪو سردار پنهنجي ڏيڍ سَر جو الڳ قبيلو قائم ڪيو ويٺو آهي. سنڌ ۾ پهچي سنڌن دشمنيون وڌيَ وڃڻ تي ويون آهن. چاڪاڻ ته اهي مختلف تالپر حڪمرانن جا ملازم آهن. جيڪي وري پاڻ کي آزاد ۽ بااختيار حڪمران سمجهندا آهن. پر رهندا هڪ ئي قلعي ۾ گڏ آهن. هنن جو ٻين ڳالهين ۾ به، پنهنجي سنڌي رعيت تي ڏاڍ ڏمر ڪرڻ ۾ مقابلو هوندو آهي. جن ڪان آباد ۽ پليون زمينون کسي شڪار گاهه بڻائيندا آهن.

## مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ مير شير محمد جي حڪمت عملي

ٻين ميرن کان ميرپور خاص جو مير شير محمد وڌيڪ بهادر ماڻهو آهي. انگريزن کيس حيدرآباد پرسان شڪست ڏني آهي. هن اڪيلي سر مقابلو ڪيو هو. آپت مان ساڻس ڪير به ٻانهن ٻيلي ڪونه ٿيو آهي. هيءُ مير مياڻي جي ميدان تي هلي پائن سان پاءُ ڪونه ٿيو هو. خاص ڪري ان جنگ ۾ پاڳي پائيوارن ڪري تي ڪونه سگهيو هو جو انگريز سپهه سالار جلدي ڪري حملو ڪري ورتو هو. ٻي ڳالهه ته کيس ڪجهه غلط فهميون به هيون. هيءُ مير صوبدار خان سان ڪونه نهندو هو. ڪنهن ڳالهه تي ٻين ميرن وانگي هي به سمجهندو هو ته بهادر بلوچ جڏهن تلوارون تاڻي، هڪ وار پڙ تي پهتا ته انگريزن لاءِ پڄڻ کان سواءِ ٻي واهه ڪانه هوندي. تنهن ڪري هو سست رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪري رهيو هو. کيس اها به غلط فهمي هئي ته سوبِ اَوس به ميرن جي ٿيندي. جنهن کان پوءِ هو سندس حڪمرانيءَ جي حدن کي پاڻ ڏانهن سوريندا. تنهن ڪري هن پنهنجو ٻارهن هزار لشڪر هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ لڪائي ويهاري ڇڏيو هو. کيس رستي ۾ اها سڌ پئي ته جنگ ۾ تالپرن کي شڪست ملي آهي ۽ سنڌن تخت تاراج ٿي ويو آهي. اهڙي خبر ٻڌڻ سان هو پويان پير ڪري وڃي ميرپورخاص پهتو. هن انگريزن کي صلح جي آڇ ڪئي. پر سندس من ميرو هو. کيس لشڪر گڏ ڪرڻ جي مهلت گهربي هئي. ان دوران هن پنهنجي جاگيردارن کي سڏائي ورتو. هن کان سواءِ مياڻي جي جنگ مان بچي ويل ماڻهو به وڃي وٽس گڏ ٿيا. انهيءَ جنگ کان ٿورو اڳ انهن قبائلي سردارن ۾ وقتي صلح ٿي ويو هو جن وچ ۾ هڪ نه ٻيءَ ڳالهه تان سدائين جهيڙا پيا هلندا هئا. ان ڪري

هاڻي فقط سردار احمد خان لغاريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ لغارين ۽ نظاماڻين جو لشڪر وڃي مير شير محمد سان مليو هو. هي اهو سردار هو جنهن انگريز ريزيڊنسيءَ تي پڻ حملو ڪيو هو. باقي ٻيا ٻروچ سردار هن ڪان ڌار ٿي ويٺا هئا. پر ڪي ٻي ڌليو شريڪ ٿيا هئا. جن سان لشڪر ٻه مختصر هو. چاڪاڻ تہ اهي سردار ۽ جاگيردار ڪيس گهٽ پائيندا هئا. هن پنهنجا ڇهہ هزار بهادر ماڻهو قليليءَ جي ڪناري سان ويهاري، جڻ انهن کي مرڻ لاءِ قطاري چڙهيو هو.

## مير شير محمد خلاف سر چارلس جي حڪمت عملي

مير شير محمد، سر چارلس جي بلڪل ويجهو جنگ لاءِ جهنڊو جهولائي رهيو هو ۽ تڪبر ۽ هٺ ڪان سندس ڳاٽ اوچ هو. اهو زنده لشڪر ۾ نہ، پر جڻ ڊير ٽيل لاشن وچان گهمي ڦري رهيو هو. جيڪڏهن هو مهاڏي ڏيڻ بدران ماٺ ڪري ويهي ها تہ ڪيس پنهنجي حڪمراني وارو علائقو ملي وڃي ها ۽ پنهنجي زندگي شاهاڻي ناٺ سان گذاري ها. جيڪڏهن انگريز سپهہ سالار هي فوجي پيش قدمي قومپرستي واري احساس ڪان متاثر ٿي ڪري ها تہ بهادر شهزادي تي حملي ڪرڻ کي ڏکوئيندڙ منصبي فرض تصور ڪري ها. پر هن کي سنڌ جي غلامن کي آزاد ڪرڻو هو. ان ڪانسواءِ ڪابل ۾ مسلمانن جي فتح ڪري هندستان جو عيسائي معاشرو ڏڪي ويو هو. تنهن ڪري پنهنجي ملڪي مفادن ۽ فوج جي بلند حوصلن کي برقرا رکڻ لاءِ وٽس هن ڪان سواءِ ڪو ٻيو رستو ڪونہ هو. نہ تہ اهو ڪارنامو نمائشي بهادري نسوري ڏاڍ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو. تنهن ڪري هن مير کي ائين قتل ڪرڻو هو جيئن ٻهرئين مير جو سر قلم ڪيو ويو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئنءَ مياڻي جي فتح جي دهشت کي انگريز برقرار رکي سگهن ۽ سمجهيو وڃي تہ انگريز فوج ناقابل شڪست آهي. اهڙين ڳالهين کي آڏو رکي مير شير محمد تي اهڙو حملو ڪيو ويو جو منجهس ڊگهي عرصي تائين جنگ جي اڳواڻي ڪرڻ جي سگهہ ئي ڪانہ رهي هئي.

اها بہ حقيقت هئي تہ ڪيترا ئي جاگيردار ۽ قبائلي سردار ٻن جنگين دوران هن جو ساٿ ڇڏي ويا هئا ۽ انگريز سپهہ سالار ڏانهن وفاداري ۽ تابعداري لاءِ سلام موڪلي رهيا هئا. ان جي جواب ۾ پاڻ کين انعامن اڪرامن جا دلاسا ڏئي رهيو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بلوچ سردار شڪست کاڌل حڪمرانن سان وفادار رهڻ کان پاسو ڪري ويٺا. ٽالپر سردار پنهنجي اباڻي حڪمراني کي هٿ ڪرڻ ۽ پنهنجي عزت ۽ ناموس کي بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. هر ٽالپر سردار دل ۾ اهو مقصد رکي ميدان تي جنگ ۾ مصروف هو. پر هنن قبائلي سردارن ۽ ميرن سان ڪو به درباري ماڻهو ساٿ ۾ ڪونه هو. هر حڪمران پنهنجي ٽالپري خاندان جي بچاءَ ۽ ڦرلٽ لاءِ جنگ ڪري رهيو هو. ڪين ٻين ٻروچ خاندانن جي مفادن جي ڪابه ڳڻتي ڪانه هئي، جيڪي هٿيار کڻي اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا هئا. هنن جا ميرن سان تعلقات وغيره ڪونه هئا. نه وري انهن کي قومپرستيءَ جي جذبي اٿين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. انگريزن به تازو سنڌ کي فتح ڪيو هو. جن وٽ ڌرتيءَ تي قبضي کان سواءِ حڪمراني هئي. تنهن ڪري هنن سان به سنڌن لاڳاپا پيدا ٿي ڪونه سگهيا هئا. هنن ٻروچن انگريزن کان مذهبي نفرت ڪري سنڌن خلاف تلوار کڻي هئي. افغانستان ۾ انگريزن کي شڪست ملڻ ڪري هنن جو من وڌي ويو هو. اهي جڏهن پاڻ ۾ گڏجي ويهندا هئا ته چوندا هئا ته اسان انگريزن کان تعداد ۾ گهڻا آهيون ۽ بهادر آهيون ۽ جيترا ماڻهو افغان سپهه سالار اڪبر جي اڳواڻي هيٺ وڙهيا هئا، انهن کان به تعداد ۾ وڌيڪ آهيون. هن کان سواءِ اهو به چوڻ لڳا هئا ته ڪابل ۾ اڪبر، سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ موجود فرنگين کان وڌيڪ قتل ڪري ڇڏيا آهن، ٻيڻ تي وڌيڪ تنهن ڪري اسان به هنن کي قتل ڪري سگهون ٿا.“

مياڻيءَ ۽ حيدرآباد جي جنگين ۾ انگريزن دهشت پکيڙي ڇڏي هئي. هتي جي ماڻهن جو عام تاثر اهو هو ته جيڪڏهن انگريزن سان جنگ ڪئي وئي ته سر چارلس نيپئر ضرور سوپارو ٿيندو. اهڙي صورتحال ۾ هتان جا ماڻهو ٽالپرن جي پيٺ ۾ سنڌس حڪمرانيءَ کي پسند ڪندا. تنهن ڪري جنرل جو رويو آزاد مهم جو هو. جن ماڻهن هن سان وفاداريءَ ۽ تابعداري جو رستو رکيو هو تن کي معلوم ٿي ويو هو ته هنن انگريزن خلاف جنگ ۾ جنهن بهادريءَ سان مهاڏو ڏنو هو سا جڙ ته هنن لاءِ سفارش بڻجي وئي هئي. ڪين اهو به معلوم ٿي رهيو هو ته سر چارلس جي سخا ۽ درياه دلي اصلي هئي، نمائشي ڪانه هئي. ان کان سواءِ هنن قيدي ميرن جي مجبور حيثيت کي پڻ سوچيو ويچاريو هو جن وٽ ڪين

ڏيڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هو. ميرن، انگريزن سان جنگ ڪئي هئي ۽ سندن دشمن هئا. پر انگريزن جو ساڻن رويو عزت ۽ احترام وارو هو. ان کان سواءِ اهي وڏا جاگيردار ۽ قبائلي سردار جيڪي اتاولا آهن يا اهي جن انگريز سرڪار جي تابعداري قبول ڪئي آهي، هي مير شير محمد سان تهيل ڪونه آهن. اهڙي ريت ساڳيا ماڻهو بين ميرن سان به وفادار ڪونه آهن. چاڪاڻ ته اهي هاڻي انگريزن جا قيدي آهن. تنهن ڪري سفارش ڪجي ٿي ته انهن ماڻهن کي جيڪڏهن سندن جاگيرون موٽي ملنديون ۽ سرڪار اڳين عزت ۽ احترام بحال ڪندي ته اهي ماڻهو انگريز سرڪار جا وفادار ۽ تابعدار بڻجي ويندا.

انگريز سپهه سالار اهڙين ڳالهين تي سوچڻ شروع ڪيو آهي. چاڪاڻ ته مير شير محمد جنگ کان پوءِ پنهنجي آمدني جو ذريعو وڃائي وينو آهي. ان کان سواءِ سندس وفادار ۽ بهادر ماڻهو جنگ ۾ مارجي چڪا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هو هاڻي انگريزن کي مهاڏو ڏئي ڪونه سگهندو. ان کان سواءِ سندس اثر رسوخ هن جي حڪمرانيءَ وارين حدن کان ٻاهر ڪونه آهي. هيءُ وڏيءَ دل وارو ماڻهو آهي، جيڪو شڪست ڪري مايوس ٿي ٿر ڏانهن هليو ويو آهي. جڏهن ته هن جا ويڙهاڪ ۽ بهادر ماڻهو چوڙ واري علائقي ۾ موجود آهن. سندس هي علائقو ڏاڍو شاهوڪار آهي. هن علائقي ۾ سندس جاگيردارن جو تعداد به گهڻو آهي. ان کان سواءِ هن جوءِ ۾ درياه جا ڦاٽ به گهڻا آهن. بچاءَ لاءِ قلعا به گهڻا آهن. جيڪڏهن انگريزي فوج مٿس حملو ڪيو ته ايڏو ڪارگر ثابت ڪونه ٿيندو. درياهه جي چاڙهه واري مند ۾ مٿس فوج ڪشي ڪرڻ ته ممڪن ئي ڪانه آهي. اها موسم جڻ ته مٿان بيٺي آهي. هن قسم جي مضبوط ماڳ هوندي سندس ٻاهر نڪرڻ ائين آهي جڻ هو سڀ اميدون ۽ آسرا وڃائي وينو آهي. پر هن سان ٽڪر ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ نهايت ضروري به آهي. چاڪاڻ ته احمد آباد واري جنگ ڪري، سنڌ جي فتح تي وڏو اثر پيو آهي. ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ هٿيارن جي ماهري ۾ ته گهڻو اثر محسوس ٿي رهيو آهي. مٿي بيان ڪيل اڳڪٿي جهڙي تهڙي ماڻهوءَ جي نه پر ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ جي آهي. جيڪڏهن مير شير محمد کي سندس علائقي جي حڪومت موٽي ملندي ته هو به ماٺ ڪري ويهي رهندو. اهڙين ڳالهين تي چارلس نيپئر دل جي سچائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سوچڻ لڳو آهي تہ ان مير سان ناهہ ڪيو وڃي. ان ڪانپوءِ فاتح ۽ مفتوح بلوچن وارو فرق ختم ٿي ويندو. ساڳيءَ ريت سنڌي، هندو ۽ ٽالپر بہ غلاميءَ کان آجا ٿي ويندا.

## سنڌ لاءِ وسيع حڪمت عملي

سر چارلس اهڙين ڳالهين تي سوچي ويچاري مير شير محمد جي حڪومت جو تعين ڪري ورتو هو. پر هُنَ غلط نقطئہ نظر کي مڃڻ کان انڪار ڪيو هو تہ، هو ڪو هندستان جي حڪمرانن جي غير سنجيده ڳالهين کي قبول ڪندو. سندس خيال هو تہ هتي وڏن ۽ اهم اصولن کي آڏو رکي نہ پر عجيب غريب ۽ مخصوي قسم جي اصولن تحت حڪم هلائي سگهجي ٿو. جن جو تعلق عام رواجي ماڻهوءَ جي مزاج ۽ فطرت سان هوندو. هن ايسٽ انڊيا ڪمپني جي طريقئہ ڪار کي ننديندي ۽ لارڊ بئڪن Bacon جي شعر مطابق کيس ”انتهائي رذيل ۽ انسان ذات ۾ مهانُ“ سڏيو هو. بعد ۾ هن پنهنجي حڪمت عمليءَ جي هن ريت ڇنڊ ڇاڻ ڪئي هئي. ڪجهہ گورنرس جنرل، فوجي ڪمانڊرن ۽ فوج جي ڏاهپ بي مثال آهي. لارڊ ويلزلي Weliesley اهڙيءَ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي مقرر ڪيو آهي، جيڪي مشرق جا انتهائي ظالم ماڻهو ۽ رذيل ۽ ذليل آهن. انهيءَ لاءِ نہ تہ اهي ڊائريڪٽرس بين شريف ماڻهن جي پيٽ ۾ گهٽ عزت وارا آهن. پر سندن حيثيت غير حقيقي آهي. وايو منڊل مان لڳي ٿو تہ اهي وڻجارا آهن جيڪي پنهنجي ملڪ کان گهٽو پري هڪ وسيع علائقي تي حڪمراني ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجا شخصي مقصد حاصل ڪري رهيا آهن. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس مان هڪ بہ اهڙو ماڻهو ڪونہ آهي جيڪو قومپرست هجي، فوج جي شان شوڪت جو لحاظ رکي ۽ وٽس حرص ۽ لالچ نہ هجي. هن سان گڏ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ جڏهن بہ ڪو ڏاهو گورنر جنرل موڪليو ويندو آهي تہ ائين سدائين ڪونہ ٿيندو آهي. جي وري ارادي سان ڏاهي ماڻهوءَ کي گورنر جنرل بڻائي روانو ڪيو ويندو آهي تہ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس هن کي نااهل تصور ڪندي آهي ۽ سمجهندي آهي تہ اهو ماڻهو اهڙن وسيع اختيارن هئڻ لائق نہ آهي. اها هڪ فطري ڳالهہ بہ آهي. هنن ماڻهن جا اعتراض بہ هڪ جهڙا ڪونہ هوندا آهن. هنن ماڻهن جو مقصد تہ هڪ سو ويهہ ملين ماڻهن جي بهتري هئڻ ڪپي ها. جن ڪورٽ آف

ڊائريڪٽرس کي انهيءَ مذهبي فرض لاءِ مقرر ڪيو آهي. هي ڊائريڪٽرس انهن ماڻهن جي پڳهر ۾ پورهئي وسيلي دولت ڪمائي رهيا آهن. جن جي عزت ۽ احترام لاءِ سنڌن دلين ۾ ڪا جڳهه ڪانهه آهي. جڏهن شهنشاهت جو تحفظ جنگ جي تقاضا ڪري ٿو ته هو اعتراض واري بيهي ٿا وڃن. هي ماڻهو ڪنجوس آهن. هنن وٽ وقتي اختيار هوندا آهن. تنهن ڪري ڪين پئڻ هوندو آهي ته متان ڪين چئن ڏوڪڙن جو نقصان پهچي. سنڌن اهڙن اڻوندڙ احساسن ڪري اُٿيهئي دانشمند گورنرس جنرل سان جهيڙو هلندو رهندو آهي. اهي واپاري ماڻهو فتح ۽ پنهنجي تحفظ لاءِ جنگ ۾ موجود فرق کي سمجهي ڪونه سگهندا آهن ۽ پنهي قسم جي جنگين کان نپ انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. انهيءَ لاءِ ته متان ڪين چئن پئسن جو نقصان رسي. تنهن ڪري هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ گهرجي ته هندستان اندر ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس هميشه گورنرس جنرل کي ڏبڻ ۾ ڦاسائڻ جا جتن ڪيا آهن. تجارتي روح جيستائين صالح جذبن کي ختم نه ڪن، تيستائين سنڌس اندر کي آتت ئي نصيب ڪونه ٿيندو آهي. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس پنهنجيءَ فوج تي هميشه ڪاوڙيل آهن. فوج جي بهادري ۽ قرباني ڪاري جذبي اندر تجارت موجود ڪانه هوندي آهي. ابتدائي دور ۾ گهٽي واپاري وسندي درياهه جي ڪناري سان ۽ محدود هوندي هئي، جيڪا هاڻي بدلجي وسيع شهنشاهت جي صورت اختيار ڪري وئي آهي. اهو سڀ بهادر فوجين جي قربانين ڪري ٿيو آهي. پر ان هوندي به جڏهن ڪنهن علائقي جي فتح ٿيندي آهي ته ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس انهن فوجين جي قائم ڪيل حڪومت تي اعتراض ڪندي آهي، جن جي بهادريءَ ۽ تلوار سان اهو علائقو فتح ٿيندو آهي. ڏنو ائين ويو آهي ته نئين علائقي جي فتح سان اتي غير فوجي انتظاميا قائم ڪئي وئي آهي، جيڪا اتان جي نيم وحشي ماڻهن جي فوج تي ضابطي رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. پر ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جو اهم مقصد رڳو تجارتي منافعو هوندو آهي. جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ فوجي پيش قدميءَ جي سرپرستي ڪندي آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته غير فوجي ڪامورا شاهيءَ جون پگهارون ۽ الائونس فوجي عملدارن کان گهڻا وڌيڪ هوندا آهن. ان ڪري سيڙپ ڪرڻ وارن مالڪن جا نفعي وارا حصا گهٽجي به ويندا آهن. چاڪاڻ ته ائين ٿيڻ سان ڊائريڪٽرس جي سرپرستي ڪرڻ وارا

خرچ وڌي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت جنگين خلاف وڏا اعتراض اٿاري ڏيتي ليتيءَ جي صحيح معاملن کي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

## ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي تجارتي مفادن جي حاصلات واري حڪمت عملي

اهو ئي طريقو هوندو آهي، جنهن وسيلي تجارت جو منفي دائرو مڪمل ٿيندو آهي. ان جو حل به عقل کان ٻاهر نظر ايندو آهي. جڏهن ته ڊائريڪٽرس جون مشرق جي حڪمراني لاءِ جاري ٿيل هدايتون وچٿريون هونديون آهن، جيڪي فوجين جي شان شوڪت جي خلاف هونديون آهن. جڏهن انگريز شهنشاهت جي وسعت فوج ۽ تلوار وسيلي ٿيندي رهندي آهي. ائين ڪرڻ سان عوامي بهتريءَ واري عمل کي ڪنهن قسم جو نقصان ڪونه ٿيندو آهي. حقيقت اها آهي ته هن تجارتي ماڻهن وٽ ٿوري وقت لاءِ اختيار هوندا آهن، جيڪي جنگ کان اعتراض انهيءَ ڪري ڪندا آهن ته متان سندن مفادن کي ٿورو به نقصان پهچي. پر جڏهن فوجي سپاهي ڪو نئون علائقو فتح ڪندا آهن ته اهي عارضي بي تاج بادشاهه پنهنجي شخصي منافعي جي ڪاٽي ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي ويندا آهن. اهي هڪدم جنگي مهم جي ننڌا ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. چاڪاڻ ته لفظن ۾ انسان ذات جو خير خواهه ٿيڻ ته ڏاڍو سولو ڪم هوندو آهي. هن قسم جي موضوع تي ڏاڍي سولائيءَ سان بحث ڪري سگهندا آهن. چاڪاڻ ته انهن جو مقصد نئين مفتوح علائقي تي فوجي حڪومت بدران غير فوجي سول انتظاميا رکڻ هوندو آهي. اهو ئي طريقو هوندو آهي جنهن وسيلي پنهنجي خانداني مفادن جو تحفظ ڪري سگهندا آهن.

اهڙيون سڀ ڳالهيون ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي مفادن جي خلاف آهن. چاڪاڻ ته اهي غير فوجي سرڪاري ڪامورا عياشيءَ سان لاڳاپيل مخصوص قسم جي طبقي سان واسطو رکن ٿا. جن کي اهم اصولن جي ته ڪا خبر ئي ڪانه آهي ۽ تجارتي اصولن کي سمجهڻ کان به پري آهن. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهي نَوَنِ پيداواري ذريعن کي ضايع ڪري رهيا آهن. تجربيڪار وڏا عملدار اهم عهدن تي فائز آهن جن کي وڏو فائدو پهچي رهيو آهي. اهي پنهنجي مذهبي فرضن جي چڱيءَ ريت جاڻ رکن ٿا. جيڪي نون ذميوارين کان لنوائي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد اهي نَوَن ماڻهن ڏانهن وچڻ پسند ڪونه ڪندا آهن. چاڪاڻ تہ اتان جا ماڻهو هنن لاءِ اوپرا آهن، جن جي ٻولي هنن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. هنن جون ريتون رسمون بہ هنن لاءِ نيون ۽ نراليون آهن. تنهن ڪري اقربا پروري هلي رهي آهي ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو نا اهل ۽ نوجوان ماڻهو ڊائريڪٽر منموجي خرچ تي پري وارن علائقن ڏانهن موڪليا پيا وڃن. اهي ماڻهو ٻين جي پئسي تي تجربو حاصل ڪري رهيا آهن ۽ دولت بہ گڏ ڪري رهيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نون مفتوح علائقن ۾ چڙواڳي ڪاهي پئي آهي ۽ جاڏي ڪاڏي بدنظميءَ جو راڄ آهي. هنن ماڻهن کي اها خبر بہ ڪانہ آهي تہ مهذب ملڪ جو انتظام ڪيئنءَ هلائجي تہ پوءِ اهڙا ماڻهو ان نئين مفتوح ملڪ کي ڪيئن هلائي سگهندا، جيڪو بدنظميءَ جو شڪار هوندو آهي. انهيءَ قسم جي ملڪ ۾ انتظام جي هر شاخ کي نئين سر تخليق ڪرڻو پوندو آهي ۽ جهڙي تهڙي انتظام رکڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي. جهڙا ماڻهو هوندا آهن انتظام بہ اهڙو رکيو ويندو آهي يعني جهڙا روح تهڙا ختما. هتي بنا ڪنهن سوچ سمجهہ ۽ ڇاڻ جي تياڪڙي ڪئي ويندي آهي. پر پئسن ڏوڪڙن جي معاملي ۾ توري بہ غلطي قتل ڪرڻ جهڙو ڏوهہ هوندي آهي. هتي ڪنجوسي ڪرڻ ناداني ۽ وت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ چريائي هوندو آهي. هندستان جون حالتون اجهو ائين آهن ۽ آنريبل مسٽر شور Shore بہ اهڙين حالتن جي تصديق ڪئي آهي. هي ڏاڍو داناءُ ماڻهو ۽ پنهنجي مضمون ۾ وڏي مهارت رکي ٿو جيڪو سچو ۽ دل جو ڪليل انسان آهي. هن جو لکيل ڪتاب 1837ع ۾ ڇاپيو ويو آهي. سندس شخصيت متضاد ڪانہ رهي آهي. هن ماڻهوءَ جي نظرين ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي گهڻو متاثر ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جو زور شرافت ۽ انصاف ڪرڻ تي آهي. هن جو نقطئہ نظر آهي تہ هنن جا قائم ڪيل عوامي ادارا اهڙا هئڻ گهرجن، جو ماڻهو انهن جي اخلاقيات جي تعريف ڪن. ان ڪانسواءِ هن نقطئہ نظر جو بہ حامي آهي تہ ڊائريڪٽرس جي منافعي واري حصي ۾ گهٽتائي نہ اچڻ گهرجي. سر چارلس نيپئر بہ مسٽر شور جي اصولن جو حامي آهي. چاڪاڻ تہ سندس نظريا هن جي مشاهدن سان هڪجهڙائي رکي رهيا هئا. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هو اصولي طور غير فوجي سرڪاري ملازمن جو دشمن هو، جن مان گهڻن پنهنجي عملن جا ڪيتا بہ لوڙيا هئا. پر سر چارلس فقط طريقئہ ڪار کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڌيو آهي جنهن مطابق سٺن ماڻهن کي غلط انتظام قائم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي. ان طريقہ ڪار جو رکيل بنياد ئي غلط اصولن تي هوندو آهي. شخصي طور تي سندس خيال آهي تہ سول سروس جا عملدار بہ ٻين سرڪاري ادارن جي عملدارن جيان نہ هجن، جن ۾ سٺا ۽ خراب، هوشيار ۽ موڳا عملدار هوندا آهن. هيءُ هميشہ سٺن ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي خوش ٿيندو آهي. جن جا خيال عزت ۽ احترام جوڳا هوندا آهن. ان کان سواءِ هن اخبارن جي چوڻ تي پنهنجي انساني تجربي کي نہ موڙيو ۽ نہ توڙيو آهي. هيءُ جنرل انهن تنگ دل ماڻهن سان بہ اختلاف راءِ رکندو آهي جن جو خيال آهي تہ مشرق ۾ گهڻي رهڻ کان پوءِ بہ هندستان سرڪار جي وسعتن کي سمجهي ڪونہ سگهبو آهي.

اهڙن هنيلن ۽ متڪبر ماڻهن تي چٽر ڪندي،سر چارلس پنهنجي خيالن جو هن ريت اظهار ڪيو آهي تہ اهڙا ماڻهو جيڪي هندستان ۾ ڊگهي عرصي تائين رهندا آهن ۽ عيش عشرت ۾ مبتلا تي ويندا آهن. اهڙن ماڻهن جا جسم ۽ دماغ ڪمزور تي ويندا آهن. اهي ماڻهو تجربو حاصل ڪري آفيس جي ڪم ۾ تہ ماهر تي ويندا آهن، پر وڌن فڪري وسعت کانہ هوندي آهي. اهڙن انگريزن کي Old Indeans سڏيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ اهڙا ماڻهو هندستان ۾ گهڻو عرصو رهي پنهنجا بکيا پيٽ ڀريندا آهن. سندن پگهارون بہ وڏيون هونديون آهن. هنن جي ساري حياتي عياشي ۾ گذرندي آهي. ان کان سواءِ هنن اعليٰ عملدارن جي آفيسن ۾ ڪارن ڪلارڪن جون قطارون ڪم ڪنديون آهن، جيڪي سندن بيجا خوشامد ڪندا آهن. جنهن ڪري هنن عملدارن ۾ سٺ ۽ تڪبر اچي ويندو آهي ۽ سمجهدا آهن تہ فقط هنن کي مشرق جي ڄاڻ آهي. هي ماڻهو ڌرتيءَ جي مخلوق کان نفرت ڪندا ۽ انهن کان لنوائيندا آهن پر پوءِ بہ لباڙ هڻندا آهن تہ هو هتان جي اصلي ماڻهن جي حقيقي مزاج کان واقف آهن. ان ڪري پاڻ کي هندستان جو مدبر سڏائيندا آهن. ليڪن هن قسم جي روايتي ماڻهن ۾ ڪي اهڙا ناهوڪا انسان بہ هوندا آهن، جيڪي هتان جي ماڻهن جو صحيح معنيٰ ۾ مطالعو بہ ڪندا آهن. ڪين هنن ماڻهن جي رسمن، رواجن ۽ تاريخ جي خبر آهي. اهڙا ماڻهو هنن جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ سوچيندا آهن ۽ پنهنجي قوت ۽ اختيارن کي بہ ڪتب آڻيندا آهن. انهيءَ قسم جا ڏاها ماڻهو پنهنجي طبقي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افضل سمجهيا ويندا آهن. ڪين ڪنهن اقرارنامي مطابق ملازمت مليل ڪانہ هوندي آهي. هنن ماڻهن جي مهم جوئي ڪري ڪين هندستان ۾ مان ۽ مرجاتا وارا ماڻهو سمجهيو ويندو آهي. اهي ماڻهو جيڪي عيش عشرت واري زندگي گذاري نہ سگهندا آهن، سي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا بهتر ملازم ثابت ٿيندا آهن.

## هندستاني ماڻهو

هندستان جي ماڻهن جا خيال ۽ احساس دنيا جي ٻيءَ انسان ذات جهڙا هوندا آهن. نئين گورنر وٽ ڪو گواهہ ڪندڙ دليل ڪونہ آهي. سندس خيال آهي تہ ڪن نون اصولن جي تخليق واسطي ۽ خاص نوعيت جي رسمن ۽ رواجن کي سمجهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن جي ضرورت هوندي آهي. اهڙا اصول ڪنهن ماڻهو نہ گهڙيا آهن پر فطري طور پيدا ٿيندا آهن. اهڙن خيالن کي آڏو رکي هن گورنر پنهنجي صوبي جي ماڻهن جي درجي بندي ڪري سندن مختلف نمونا بيان ڪيا آهن، جن کي هيٺ بيان ڪجي ٿو.

## هندو

هندو ماڻهو پئسي جو پياسي آهي ۽ ڏن دولت کي گڏ ڪرڻ لاءِ سندن اکيون سدائين کليل هونديون آهن. ڏوڪڙن جي ڏس ۾ هن جي هٿن جون آڱريون بہ سندن ضمير وانگي لچڪدار هونديون آهن. هو پنهنجي چالاڪي سان ماڻهوءَ کي ائين ڦري پالهو ڪري ڇڏيندو آهي جيئن هٿيارن جي زور تي بلوچ ماڻهن کي لٽيندا آهن. هن نسل جي ماڻهن لاءِ سنڌ جي فتح چڻ ڏياريءَ جو ڏڻ ۽ نعمتن جو توشو آهي.

## سنڌي

سنڌي سگهارو ۽ سهڻو ماڻهو آهي. جنهن کي هتان جي گرميءَ ۽ ٽالپرن جي غلاميءَ سُست ڪري ڇڏيو آهي. هن ماڻهوءَ ۾ فطري طرح کي ڳالهيون ڏاڍيون سٺيون آهن. هنن جي ڳچيءَ ۾ ٽالپر غلاميءَ جا ڳَٽَ هاڻي تازو پيا آهن. جن جي نئين سر اصلاح ڪري، آزاديءَ لائق بڻائي سگهجي ٿو. تنهن ڪري هتان جي اصلي ماڻهوءَ لاءِ سنڌ جي فتح بہ نعمت آهي. فتح کان پوءِ هاڻي اهو منهنجو مذهبي فرض آهي تہ مان هنن ماڻهن کي ثابت ڪري ڏيکاريان تہ هنن لاءِ سنڌ جي فتح نعمت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بلوچ

بلوچ هڪ خوفناڪ نسل آهي. پرائي مال ملڪيت کي لٽڻ ڦرڻ سندس عادت آهي. هي سگهارو انساني نسل آهي. سندس عزت، ۽ شان شوڪت وارو تصور بہ وحشياڻو آهي. ٻين جي مال ملڪيت کي ڦرڻ لٽڻ وارو سندس تصور بہ سندس نسلي روايتن ۽ رسمن مطابق هوندو آهي. جيڪڏهن لٺ ٻانهي کان ڪم وٺبو ڪين عزت ڏبي، ڪليءَ دل کان ڪم وٺبو ۽ ڪين لالچ بہ ڏبي تہ هو وحشين مان شريف انسان بہ بڻجي سگهن ٿا. بهتر آهي تہ هنن جي جنگجو مزاج کي ڇيهي پهچائڻ ڪانسواءِ اٿين ڪجي. چاڪاڻ تہ هن وقت سندن اها خاصيت (اسان لاءِ) فائدي واري ڳالهہ آهي. هي ماڻهو ٽالپرن لاءِ سر ترڙيءَ تي رکي وڙهيا هئا. چاڪاڻ تہ وڙهي ڦرلٽ ڪرڻ سندن ڌنڌو آهي. هي ماڻهو سندن سردار يا ٽالپر امير، ڏرتيءَ خاطر ڪونہ وڙهيا هئا. يورپي نقطئہ نظر مطابق تعليم ۽ عادتن قومپرستيءَ جون تي ڳالهيون ختم ڪري ڇڏيون آهن. بلوچ ويڙهاڪ پنهنجي ڪٽنب ۽ قبيلي سان گهڻو پيار ڪندو آهي. پر بلوچ برادريءَ سان سندس ڪانہ پوندي آهي. ڪيس ذاتي ۽ ڦرلٽ سان وڏيڪ شوق آهي. گهڻو ڪري سيئي بلوچ قبائلي سردار ڪنهن نہ ڪنهن ٽالپر حڪمران جا وفادار ۽ تابعدار هوندا آهن. جهڙي سولي نموني سان ڪين جاگيردار بڻايو ويندو آهي تهڙي سولي طريقي سان ڪاڻئن جاگيرون ڪسيون بہ وينديون آهن. مير شخصي طور ضدي آهن، پر هاڻي انگريزن جا جنگي قيدي آهن. دنيا جو اهو دستور آهي تہ اهميت وزن يا ڳوراڻ کي ڏني ويندي آهي. پر مشرق جي ماڻهن ۾ خاص ڪري هيءَ ڳالهہ موجود آهي تہ، 'ماڻهو تخت ۽ تاج سان وفادار رهندا آهن، پر ڪنهن شخص سان نہ.'

هنن بلوچ ويڙهاڪن کي اهو سگهارو تصور جنگ جي ميدان ڏانهن ڇڪي آيو هو تہ هو بهادر ۽ جنگجو آهن ۽ هو انگريزن کي ماري مچ ڪري ڇڏيندا ۽ شڪست ڏيڻ کان پوءِ انگريزي فوج کي اٿين ڦري لٽي پينگ ڪندا جيئن افغانستان ۾ ڪين افغانن لٽي ڦري ناڙ ڪري ڇڏيو هو. پر هنن کي ڪو اڻ ڄاتو خوف ورائي ويو هو. هنن جي دلين ۾ هي خوفناڪ ارادا بہ هئا تہ سنڌ ۾ موجود انگريزن کي قتل ڪري سندن صفائي ڪئي ويندي. ڪين اها ڪُڙڪ پئجي وئي هئي تہ انگريز سندن انهيءَ منصوبي کان باخبر ٿي ويا هئا. حقيقت بہ اها آهي تہ هنن اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منصوبو تيار ڪيو هو. هاڻي بلوچن کي اها پاڪور پئجي وئي آهي تہ انگريز بہ ڪانئن ڇڪي پلاند وٺڻ لاءِ پڪو پهہ ڪري چڪا آهن. بلوچن انگريزن کي صلح واري زماني ۾ ڏٺو هو. هنن مختلف عهدنامن وسيلي ميرن کان سکر، بکر ۽ ڪراچي ڇڏائي ورتي هئي. هاڻي هنن نتيجي تي پهتا هئا تہ انگريز ساڻن جنگ ڪندا. سنڌن منصوبو سيني بلوچن کي ماري ناس ڪرڻ جو آهي يا ماري اهي هنن کي اٿين محتاج ۽ غلام بڻائي ڇڏيندا جيئن هنن سنڌين کي محتاج ۽ غلام بڻائي ڇڏيو آهي. هنن ماڻهن جي مزاج مان معلوم اٿين تي رهيو آهي تہ جيڪڏهن هنن بلوچ جاگيردارن جي جاگيرن کي هٿ نہ لائبو تہ ٽالپر خاندان جي حڪمراني جي ختم ٿي وڃڻ واري واقعي ڏانهن اک کڻي بہ ڪونہ ڏسندا. اسان جي مرضي آهي تہ هنن کان ملڪيت کسي وڃي، باقي ٿلهي عزت ۽ احترام وٽن رهڻ ڏجي. اٿين تيڻ سان هو جنگ ڪرڻ ڪونہ چاهيندا. هنن ماڻهن کي صنعت کان نفرت آهي. انهيءَ ڪري کين ان جا چار داڻا ڏئي، ڏٺاري سگهجي ٿو. جيڪڏهن هنن کي ڏاڙن ۾ ڦرين جي منافعي بخش ڏنڌي کان روڪيو ويو آهي تہ انهن کي تجارت ۽ زراعت جي ترغيب ڏئي سگهجي ٿي. اهڙين ڳالهين جي ابتدا ڪئي وڃي تہ چڱي ڳالهہ ٿيندي.

## سنڌ جي مختلف قبيلن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي

موجوده وايو منڊل ۾ بلوچن جي مختلف قبيلن جي ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مخصوص نوعيت جي حڪمت عملي جوڙي ويندي. انهيءَ ارادي سان مان سنڌ کي فوجي راڄ جي زنجيرن ۾ جڪڙڻ گهران ٿو. اٿين ڪري مان بلوچن جي شڪست جي زخمن تي پها رکڻ ٿو چاهيان. سنڌين جي پيرن مان غلاميءَ جا پيد نڪري چڪا آهن. تنهن کي آئون تحفظ ڏيڻ ٿو گهران. مان هتي اهڙو انصاف قائم ڪرڻ ٿو چاهيان جيڪو ساري دنيا لاءِ قابل قبول هوندو. ان ڪانسواءِ مان چاهيان ٿو تہ هن ملڪ جي آمدني جي وسيلن کي وڌايان ۽ ميرن جي پيدا ڪيل بدنظميءَ جو ازالو ڪريان. هندو واپاري ماڻهو آهي، جيڪو انگريزن جي اختيار ڪيل هن طريقي کي ضرور قبول ڪندو. ڇاڪاڻ تہ هيءَ طريقو سنڌن مفادن جو تحفظ ڪندو آهي ۽ انهن جي تجارتي سرگرمين لاءِ وسيع ميدان پيدا ڪري ڇڏيو آهي. هي ماڻهو بلوچن جي ظلمن ۽ ڏاڍاين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور ياد ڪندا هوندا. برهمڻن ڪي موجوده دور بابت تمام گهڻي معلومات آهي تہ ڇا وهي واپري رهيو آهي.

سنڌي هاري ناري بہ انگريز سرڪار جي ضرور مدد ڪندا. ڇاڪاڻ تہ هنن ماڻهن تہ ڪين ميرن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرايو آهي ۽ هن ڌرتيءَ تي سندس پورهئي جو قدر ڪيو آهي. هي سگهارو آهي. سندس ٻانهن ۾ ٻل ۽ ڏيل ۾ ڏيا آهن. ڪيس ايتري سگهہ ۽ ست آهي جو جيڪڏهن ميرن ڪيس وري غلام بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪين منهن توڙ مهاڏو ڏئي سگهي ٿو. هن ۾ ميرن جي حڪمرانيءَ جي ٻيهر قيام خلاف جوش ۽ جذبو پيدا ڪري سگهجي ٿو. جيڪي ڪلهوڙي شهزادي وسيلي پنهنجي حڪمرانيءَ جا سندر سپنا ڏسي رهيا آهن. جيڪو اڃا زنده آهي ۽ وڏي اثر رسوخ جو مالڪ آهي. هتان جا ماڻهو سندس خاندان جي رعيت آهن. مذڪوره ڪلهوڙو شهزادو پنجاب ۾ رهندو آهي. هن مون وٽ دعوي ڪئي آهي تہ ڪيس سندس حڪمراني واپس ڪئي وڃي. هن اها آڇ بہ ڪئي آهي تہ جيڪڏهن انگريز سرڪار ڪيس ملڪ واپس ڪندي تہ هو ملڪ جي ساري پيداوار جو اڌ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ان ڪان سواءِ هو وڏا تحفا بہ ڏيندو. پر حالتون اهڙيون آهن جو ڪنهن جي مداخلت ڪي برداشت ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. تنهن ڪري مان ڪيس هن ريت جواب موڪليو هو: ”ڇا تون اهي فوجي زنده ڪري ڏيندين جن جنگ دوران پنهنجي حياتين جو نذرانو ڏنو آهي ۽ ٽالپرن ڪان تخت ۽ تاج کسيو آهي. جنگ تي آيل خرچ بہ پري ڏيندين؟ ۽ اهو خراج بہ ادا ڪندين جنهن جو فيصلو ۽ تعين اسان ڪنداسون؟“

## عدل انصاف جو بنياد ۽ غلاميءَ ڪان ڇوٽڪارو

سر چارلس نيپئر جو نقطئہ نظر اهو هو جنهن ساري زندگي حڪمرانيءَ جي اهم اصولن جو مطالعو ڪيو هو تہ جڏهن هو سيفالونيا Cephalonia ۾ هو تہ هن قائم ڪيل پنهنجن نظرين ڪي عملي جامو بہ پاتو هو جنهن ۾ هو ڪامياب ثابت ٿيو هو. ان ڪان پوءِ هن اهڙي سياست جو بنياد رکيو هو جنهن جو بنياد انصاف ۽ نظرداري تي ٻيٺل هو. هن اُبهرائي ڪان ڪڏهن بہ ڪم ڪونہ ورتو تہ جيئن سندس محنت جا نتيجا بنا دير ظاهر ٿي پون. سندس خيال هو تہ سنڌين ۽ بروچن ڪي خوش ڪجي، پر ان ۾ جلدبازيءَ ڪان ڪم نہ ورتو وڃي. ڇاڪاڻ تہ جنگ ڪان پوءِ حالتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ مختلف تي ويون هيون ۽ جنهن ماڻهوءَ جنگ ۾ حصو ورتو هو، سو پنهنجي مزاج ۾ ضرور خطرناڪ هوندو. ڪيس ماٺ ڪري ويهارڻ ۾ بہ گهڻو خرچ اچي ويندو. ان حالت ۾ جيڪڏهن سندس قائم ڪيل حڪومت جي انتظام اندر ڪٿي ڪوٽ هوندي تہ ڏاڍي نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس توپون اچا بہ سنڌوءَ جي ڪنار سان ٻُڪي رهيون آهن. هن اعلان ڪري ڇڏيو آهي تہ هن ٿوري وقت لاءِ هر ننڍي ۽ وڏي ماڻهوءَ جا حق بحال ڪري ڇڏيا آهن. اڳتي هلي سندن حقن کي مستقل بنيادن تي بحال ڪيو ويندو. ان ناتي اهو ضرور ڏنو ويندو تہ اهي ماڻهو انگريز سرڪار سان وفادار آهن. هنن ماڻهن جون اهي ملازمتون بہ بحال ڪيون وينديون جيڪي ڪين ٽالپر دور ۾ مليل هيون. ان ڪان سواءِ ماڻهن جا حق ۽ ملڪيتون بہ محفوظ هونديون ۽ ضبط ڪونہ ڪيون وينديون. پر جن ماڻهن انگريز ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪيو هو تن لاءِ اهڙي ضمانت ڪانہ ٿي ڏئي سگهجي. ان ڪانپوءِ هن گورنر هجڻ جي حيثيت ۾ فتح جو اعلان بہ ڪيو هو. جيڪو مختصر ۽ فيصلہ ڪن هو ۽ اهو هن ريت هو ٽالپرن کي فتح ڪري ڪانئن تخت ۽ تاج کسيو ويو آهي. هاڻي سنڌ انهن جو ملڪ نہ رهيو آهي. اڳي جيڪا ڍل ۽ محصول ٽالپرن کي ڏنو ويندو هو سو هاڻي انگريز سرڪار کي ملندو. هن وقت تائين هٿياربند ماڻهن کي فوجي سپاهي سمجهيو ويو جن پنهنجي مالڪن جي حڪمن مطابق جنگ ڪئي آهي. هن ڪان پوءِ جيڪڏهن هٿياربند ماڻهو هڪ جڳهہ تي گڏ ٿي بيهندا تہ ڪين ڌاڙيل ۽ دهشتگرد سمجهيو ويندو. سنڌ مان غلاميءَ جو رواج ختم ڪيو ويو آهي. ان ڪري سيئي ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ امن امان سان رهي سگهندا. هي فيصلو حالتن کي ڏسي تڪي توري ڪيو ويو هو. ان سان گڏ ڏاهپ واري حڪمت عملي بہ اختيار ڪئي وئي هئي. ڪيترا ماڻهو طاقتور ميرن جا هاري ۽ قرضي هئا. پر انگريز سرڪار اهڙن سيني ماڻهن کي ذميوارين کان آجو ڪري ڇڏيو هو. سندس بيان آهي تہ جيڪڏهن حڪمران جي هٿ ۾ اسپنج Sponge ۽ ٻي ڏر جي هٿ ۾ لوهہ آهي تہ ٻئي ڌريون هڪ ٻئي ڪان ڪونہ هٽنديون ۽ هن ڪان پوءِ ڪوبہ شاهوڪار ميرن کي وياج تي پئسو نہ ڏيندو.

## سنڌ تي انگريزن جو ڪنٽرول

لارڊ ايلنبرو Ellenborogh بہ هن حقيقت کي چڱيءَ ريت ڏسي رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تہ فتح کان پوءِ هڪ سرڪار وجود ۾ اچي چڪي آهي ۽ مفتوح ملڪ جو انتظام فاتح پارٽ سنڀالي رهيو آهي. هن وقت ۽ حالتن جو صحيح اندازو لڳائي، هن قدم کي مناسب سمجهيو هو تہ ان ملڪ جي انتظام لاءِ تلوار جو موجود هجڻ ضروري آهي. تنهن ڪري هن سنڌ ۾ فوجي راڄ ۽ گورنر کي مقرر ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ جلد گورنر اعلان ڪيو تہ فتح ٿيڻ ڪري هڪ تبديلي اچي چڪي آهي، جيڪا ماڻهن کي برداشت ڪرڻي پوندي. پر ان سان ترت ڪابہ سماجي نواڻ ڪانہ ايندي. اهڙي ريت قانون ۽ روايتن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڦير گهير عمل ڪانہ آندي ويندي. سنڌ جي انتظاميہ ۾ مقرر ڪيل عملدار ظالم ٽالپرن جي قانون اندر موجود خرابين جي فقط اصلاح ڪري سگهندا. اهڙيءَ ريت هتان جي ماڻهن کي هيءَ حقيقت سمجهائي ويندي تہ انگريز کين فقط آزاد ڪرائڻ لاءِ آيا آهن ۽ اها رڳو حڪمرانن جي تبديلي ڪانہ آهي.

سنڌ ۾ فوجي راڄ جو نفاذ عقلمندي جو قدم هو جنهن تي غير فوجي حڪومت پنهنجو ضابطو ڄمائي ڪانہ سگهي ها. اهڙي قسم جي حڪومت وٽ پنهنجي طرز جي انتظاميا هجي ها، جنهن جو خرچ ملڪي آمدني کان گهٽ وڌيڪ هجي ها، نتيجي ۾ ماڻهو ڪاوڙجي پون ها ۽ ائين بغاوت منهن ڪڍي ها جهڙيءَ ريت ڪجهہ وقت پوءِ پنجاب ۾ ڀڙڪي اٿي هئي، پر سنڌ ۾ فوجي راڄ جو قيام حالتن کي منجهائي ڪونہ ڇڏيندو. ائين سمجهڻ کپي تہ هتي فقط حڪمرانن جي تبديلي آئي آهي، اڳي بلوچ هئا ۽ هاڻي انهن جي جاءِ تي انگريز آيا آهن. اڳي هتي ڏاڍ ڏمر ۽ ڪِيس قهر هو جنهن جاءِ تي هاڻي انصاف ۽ دانش آئي آهي. هندستاني عملدارن تي مشتمل انتظاميا هيڏي هوڏي تي وئي هئي. جيڪي ماڻهو صحيح انتظاميہ جيْ چڪيءَ ۾ پيسجي وڃنا هئا. تن هن فوجي نظام کي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو هو. پر حقيقت اها آهي تہ هتي فوجي راڄ جي نفاذ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو موجود ئي ڪونہ هو. ان کان سواءِ نازڪ حالتن دوران طاقت جو استعمال ناداني جي علامت سمجهڻ گهرجي. سنڌين جي آزاديءَ جو اعلان بہ لارڊ ايلنبرو جي حڪم مطابق ڪيو ويو هو جنهن جي سخت مذمت بہ ڪئي وئي هئي. اهڙن ماڻهن جو خيال هو تہ لارڊ ايلنبرو جون اهڙيون ڳالهيون ناراضگيءَ وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏينديون. اهڙيءَ ريت ماڻهن کي ايارڻ ڏاهپ ڪانہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جيڪا هڪ بيجاءِ سخاوت آهي. هي اهڙن ماڻهن جون رڙيون ڪوڪون آهن. جيڪي وڏين شاندار ڪمرن ۾ آرام سان ستا پيا هوندا آهن ۽ رنگ رلين ۾ غلطان هوندا آهن. هنن ماڻهن انهن چوڪرين کان اندر جا سور ڪونه پڇيا آهن جيڪي سنڌ جي حڪمرانن جي حرمن ۾ موجود هيون ۽ اهي سنڌ جي فتح کانپوءِ آزاد ٿي پنهنجي گهرن ۾ وڃي ٽانيڪيون ٿيون. هن قسم جي انتظاميہ جي تخليق جي ابتدائي دور ۾ ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت ڪانہ ٿي هئي نہ وري ڪنهن قسم جي رڙ ڪوڪ ٿي پر ٿوري گهڻي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ويو هو ليڪن سزا کان پوءِ ناپر اچي وئي هئي.

## سنڌ جي چوڙ واري علائقي ۾ مير شير محمد جي سرواٽيءَ ۾ ٿيندڙ بغاوتن لاءِ حڪمت عملي

نئين گورنر جي دلي خواهش آهي تہ هتان جا ماڻهو ڪين پرامن حڪمران سمجهن. پر حيدرآباد واري جنگ کان پوءِ ٿوري وقت تائين سندس مزاج ۾ تبديلي اچي وئي هئي ۽ هن پنهنجي اختيارن کي پرپور استعمال ڪيو هو. چاڪاڻ تہ مير شير محمد جي سرگرمين ڪري چوڙ واري علائقي جي ڏاڙيلن کي فوجي سپاهي سڏائڻ جو موقعو ملي ويو هو. تنهنڪري انگريز سپہ سالار هن حقيقت کي سمجهي چڪو هو تہ جيستائين بلوچن جي نالي خاطر ئي قوت هوندي تيستائين هو حالتن کي صحيح طريقي سان منهن ڏئي ڪونہ سگهندو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن مير کي ختم ڪرڻ لاءِ سوچيو هو. سندس مشاهدو هو تہ هنن پروچ ويڙهاڪن لاءِ هڪ نہ جهڙو ئي ڪٽي پر حڪمران موجود آهي، تنهن ڪري سندن حوصلا بلند آهن ۽ هن جي نالي کي استعمال ڪري بغاوت جي باهہ کي پڙڪائي سگهن ٿا. مير شير محمد نهايت سرگرم ۽ بهادر ماڻهو آهي. هو پنهنجون جنگي ڪارروايون چوڙ واري علائقي ڏانهن تبديل ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن هن ائين ڪيو تہ انگريزن لاءِ نهايت خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. هن سان پنهنجي فوج کان سواءِ چار هزار جاگيردار ۽ قبائلي سردار آهن. هيءُ اثر رسوخ وارو حڪمران آهي. جيڪو ويهہ هزار فوجي گڏ ڪري سگهي ٿو جيڪي جنگ کان پوءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا آهن. الڪو آهي تہ اهي گڏ ٿي هٿياربند انگريزن لاءِ ڏچو پيدا ڪري سگهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي اهو زمانو هو جڏهن لارڊ ايلنبرو جا مخالف بمبئي ۾ گڏ ٿي هن لاءِ ڪنهن ٻارَڻ ٻارڻ ۾ سرگرم هئا. اهو وايو منڊل بلوچن جي بغاوت ڪرڻ جهڙو هو. پر هن انگريز جنرل جي طاقت ۽ قوت جا ذريعا هن مير جي پيٽ ۾ گهٽا وڌيڪ هئا. تنهن ڪري هي مير پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيو. وايو منڊل ڏاڍو ڀَنيير آهي. چوڙ واري علائقي جو گهيرو بہ ڪري سگهجي ٿو. مير شير محمد جتن ۽ ڪوسن جي قبيلي کي چوڙ واري علائقي مان ڪڍي ڇڏيو آهي. جن وچي تر ۾ تاڪَ جوڙيا آهن. انگريز جنرل هن قبيلن کي بہ پاڻ سان شامل ڪري سگهي ٿو ۽ کين مير شير محمد خلاف استعمال ڪري سگهي ٿو. هيءَ جنگ مير کي چوڙ واري علائقي مان ڪڍڻ جي هوندي جيڪا ڏاڍي خطرناڪ هوندي. هن پنڻ کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ فوجي پرتي هندستان مان ممڪن ٿي سگهي ٿي. پر اتي بہ بغاوتن منهن ڪڍيو آهي. جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ لارڊ ايلنبرو ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي. چوڙ واري هن علائقي جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ پنجاهہ هزار فوجين جي ضرورت آهي، پر ايئن ڪرڻ سان هڪ خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ تہ جڏهن مير شير محمد جي بغاوت خلاف ڪارروائي ڪئي وئي تہ ميدان خالي ڏسي اتر — اولهہ واري جابلو علائقي جا ڏاڙيل سنڌ جي ميداني علائقي ڏانهن ڪاهي ايندا. جيڪي برندڙ جبل جي لاوا وانگي سڪئي ستابي علائقي کي پيلي پينگ ڪري ڇڏيندا. اهڙيءَ ريت چوڙ واري علائقي جي پاٽيءَ جي چرن ۽ تلائن ۾ بغاوت تڙڳي رهي هئي. اهو جون جو مهينو هو. گرمي بہ چوٽ تي چڙهيل هئي. سج نيزي پانديءَ ڏرتي تامون هئي. سر چارلس بہ ان ساڙيندڙ سج کي للڪاريو هو ۽ سخت گرميءَ هوندي هن مير شير محمد تي حملو ڪري ڏنو. بلوچن کي اها غلط فهمي هئي تہ يورپي ماڻهو گرم رت ۾ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهندا آهن. پر سر چارلس اڳتي وڌي مير شير محمد کي سخت شڪست ڏني، جيڪو درياہ اڪري قلات جي جابلو علائقي ڏانهن هليو ويو. ان ڪانپوءِ سندس بغاوتون بند ٿي ويون. پر هن سان لغارين جو سردار احمد خان گڏ هو. هو پاڻ سان گهٽو خزانو بہ کڻي ويا هئا. ان ڪري الڪو هو تہ متان هو ڪوهہ ۽ روهہ جي بروچن يا قنڌار جي افغانن کي سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ نہ پڙڪائن. ان وقت ممبئي ۾ ڪي مخالف ڏريون سر چارلس جون دشمن تي بيهي ويون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون، جيڪي هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري رهيون هيون تہ فتح ٿيل نئون ملڪ انگريزن جي هٿن مان نڪري ويندو.

جڏهن مير شير محمد سنڌ مان نڪري ويو تہ چوڙ واري علائقي ۾ بہ ناپر اچي وئي، جيڪو اڳي وڳوڙن جي ور چڙهيل هو. پر اهڙي امن ۽ سانت لاءِ سر چارلس نيپئر مارشل لا کان ڪم ورتو هو. ان ڪانپوءِ هن چوڙ واري علائقي جي بلوچن ڪي ميرن جا جنگي سپاهي سڏائڻ جي جرئت ئي ڪانہ ٿي. هن علائقي جي انهن ڳوناٽن هنن ڌاڙيلن ڪي ماري مات ڪري ڇڏيو جيڪي اڳي مير شير محمد جي حڪمرانيءَ دوران هٿياربند ٿي سنڌن جنگي واهر ڪندا هئا. توڙي جو هلڪا سلڪا وڳوڙ آهن، پر سرڪار پنهنجا پير مضبوطيءَ سان کپائي ورتا آهن. انهن وڳوڙين ۽ ڌاڙيلن کي انهن هنڌن تي جوڳيون سزائون ڏنيون ويون آهن. جتي هنن ڌاڙن جون ڪارروايون ڪيون آهن. ان کان سواءِ قاتلن جي سينن تي جرم جي نوعيت لکي، کين ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو آهي. اهڙين ڏوهن جي تشريح ٻن ٻولين ۾ ڪئي وئي هئي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن عام ماڻهن کي پتو پوي تہ هنن کي ڪهڙي قسم جي جرم جي سزا ڏني وئي آهي ۽ کين انگريزن جي دشمني بدلي ڦاسي ڪانہ ڏني وئي آهي پر اهي ڳوناٽن کي قتل ڪرڻ جا مجرم هئا. ڦاهي تي چاڙهيل ماڻهن ڪئپٽن اينس Ennis کي بہ قتل ڪيو هو. سر چارلس جي مرضي هئي تہ ڪيپٽن اينس جي قتل جي ڏوهہ ۾ مير شهزاد خان کي ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي. چاڪاڻ تہ اهو خون سندن هُشيءَ ڏيڻ تي ڪيو ويو هو. ڪيس اهڙيون شاهديون ۽ ثابتيون ملي چڪيون هيون. پر لارڊ ايلنبرو اهڙي سزا روڪرائي ڇڏي هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ هن وڏ گهراڻي جا عياش ۽ قاتل بمبئي سرڪار جا لاڏلا ٻچڙا ويا هئا ۽ هيءَ سرڪار سر چارلس نيپئر جي مخالف ڌر هئي، جنهن انهن قاتلن کي بخشي ڇڏيو هو. جن هڪ ٻي پهچ ۽ بيمار ڪئپٽن کي بنا ڪنهن ڏوهہ جي قتل ڪري ڇڏيو هو.

### سر چارلس جو باغين سان رويو

سر چارلس نيپئر جو مجرمن خلاف رويو ڏاڍو سخت هو. پر جن جاگيردار بلوچن ۽ سردارن انگريز سرڪار جي آڏو مڃي هئي، وفاداري ۽ تابعداري قبول ڪئي ۽ جنرل جو سلام پريو هو تن کي پنهنجون قيمتي تلوارون واپس ڪيون هيون. هن کان اڳ ساڳئي شرط تي ٽالپر خاندان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪن اهم ماڻهن کي بہ سنڌن قيمتي تلواريون واپس ڪيون ويون هيون. ائين ڪرڻ سنڌس حق بہ هو. انهن تلوارن جي قيمت بہ تمام گهڻي هئي. سر چارلس جي هن ڪليءَ دل جي مظاهري ڪري، چار سو بلوچ سردار ۽ جاگيردار اچي سنڌن پيش پيا جن ساڻس انگريز سرڪار سان وفادار ۽ تابعدار رهڻ جو واعدو ڪيو آهي. اهڙيون ڳالهيون ڏسي ٻيا بہ ڪيترائي بلوچ سردار جنرل جي سلام پرڻ ۽ انگريز سرڪار سان وفاداري جي واعدي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن. پر هن جنرل مفاد ۽ عظمت وچ ۾ فرق رکيو هو ۽ ان ڳالهہ تي مستحڪم رهيو هو. جڏهن خطرناڪ کان خطرناڪ سردار تہ هو سنڌس خوف ۾ ڏڪي رهيو هو ۽ جنرل کيس چئي رهيو تہ "ڪڻ اها پنهنجي تلوار جيڪا تو پنهنجي بهادريءَ جي عزت خاطر منهنجي خلاف ڪتب آندي هئي. مان هميشہ بهادر دشمن جو قدر ڪندو آهيان. تو هيءَ اطاعت پاڻ قبول ڪئي آهي. جيڪڏهن تو هن تلوار کي منهنجي گورنمينٽ خلاف ڪتب آندو تہ مان اها تلوار ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس ۽ تون بہ ڪتي جي موت مري ويندين." جنرل جي لفظن ۾ جاگيردار جي بهادريءَ جي تعريف بہ هئي تہ دڀنامو بہ.

سر چارلس نيپئر وفادار بلوچ سردارن کي هٿيارن کڻڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو سمجهن تہ انگريز سپهہ سالار مٿن اعتماد ڪري رهيو آهي. پر هنن جي اڙد اتالي ۽ رسد گاهہ جي ماڻهن کي هٿيارن پائڻ جي موڪل ڪانہ هئي جن جو تعداد اٽڪل پندرهن هزار هو. چاڪاڻ تہ خدشو هو تہ متان بغاوت ڪري وجهن. سنڌوءَ جي ساڄي پاسي وارن بلوچ سردارن سان انگريز سرڪار جو دوستيءَ وارو رويو ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ بلوچستان وارو سارو علائقو جابلو آهي، جتان جي ماڻهن سان سنڌين جي دوستي بہ هئي تہ دشمني بہ. ڪڇي واري جابلو علائقي جي ماڻهن سان بہ هتان جي ماڻهن جا دوستيءَ ۽ دشمنيءَ وارا ساڳيا تعلقات قائم هئا. سنڌوءَ جي الهندي ڪنار وارا بلوچ سردار سر چارلس جي سلام تي بہ ڪونہ آيا هئا. تنهن ڪري مٿن ائين پيش پوڻ لاءِ دٻاءُ وڌو جيئن افغانستان جي جنگ دوران انگريز پوليٽيڪل ايجنٽن انگريزن جي ساٿ ڏيڻ لاءِ زور وڌو هو. پر ان جو نتيجو سخت نڪتو آهي. هن کين حڪم ڪيو تہ پنهنجي پوئلڳن کي بي هٿيار ڪن جيئن سنڌوءَ جي اوير ڪناري جي بلوچ سردارن ڪيو هو ليڪن هنن کيس ٺپ انڪار ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري چٽي

سگهجي ٿو تہ انگريز راڄ کي فقط سنڌوءَ جي اوپر ڪناري وارن بلوچ سردارن قبول ڪيو آهي. اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هن ڇا ڪيو جو حڪم ڏنو تہ جيڪو بلوچ اولهہ کان اپرنديءَ ڪناري اچي تہ ڪاٿنس هٿيار کسيا وڃن. ڪارڻ اهو ٻڌايو ويو تہ اٿين ڪرڻ سان اپرندي ڪنار سان آباد ڳوٺن کي بلوچن جي ڌاڙن کان بچائڻ آهي. اها ڪارروائي اٿين هلي رهي هئي جڏهن تہ ڪو جنگ جو زمانو هجي. اهڙا ڦريل هٿيار فوجي سپاهين جي حوالي ڪيا ٿي ويا ۽ اهڙو سلسلو هلندو رهيو. سنڌوءَ جي الهندي ۽ ڪنار سان واقع سنڌين جي ڳوٺن کي بلوچ ڌاڙيلن جي ظلمن کان بچائڻ لاءِ سر چارلس انگريز سرڪار جي تابعدار ۽ آزاد قبيلن کي سختيءَ سان چيو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو هٿياربند ٿي اولهہ کان اوپر سنڌو پار ڪيو تہ انهن سان لاڳاپيل سارن قبيلن جو ڄڻ پڇو رلايو ويندو. جن ماڻهن الهندي ڪنار سان واقع سنڌي ڳوٺن سان ڪئونس ڪئي تہ هو انهيءَ جابلو علائقي ۾ بندوقن ۽ تلوارن سان داخل ٿيندو ۽ سنڌن سارين وسنديون ويران ڪري ڇڏيندو.

## سنڌوءَ جي الهندي ڪناري آباد ڌاڙيلن بابت حڪمت عملي

اها سر چارلس جون فقط ڳالهيون ڪونہ هيون پر اٿين ڪرڻ جا سندس اٽل ارادا بہ هئا. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ سنڌوءَ جي الهنديءَ ڪنار سان ويهہ هزار هٿياربند ڌاڙيل هئا. پر سر چارلس سنڌين جي بچاءَ خاطر ڪين هٿياربند ڪرڻ جي جرئت ڪري ڪونہ ٿي سگهيو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ علائقي ۾ بلوچ قبيلا پنهنجي پيٽ گذر لاءِ ڌاڙن ڦرين کان سواءِ تہ ٻي ڪا ڪرت ئي ڪانہ ڪندا هئا. جڏهن ڪو بلوچ وڏو ٿيندو هو تہ هو مٽيءَ (زمين) سنڀالڻ بدران تلوار جو مٺيو سنڀاليندو هو. تلوار جيترو بار ڪٽي سگهندڙ نڍڙو ٻروچ ٻار بہ تلوار ۽ بندوق سنڀالي ڌاڙي جي ڌنڌي سان لڳي ويندو هو. هن جنرل جي اها اڻ سڌي حڪمت عملي ڏاڍي ڪامياب ثابت ٿي هئي. فتح کان اڳ ۽ فتح وارين جنگين دوران سنڌوءَ جي الهندي واري علائقي ۾ بلوچن رڻ ٻاري ڇڏيو هو ۽ ڪيس ڦهر ڪري پنهنجي دهشت ڄمائي ڇڏي هئي. پر هن جي مذڪوره حڪمت عمليءَ ڪري اهڙن واقعن ۾ ٺاپر اچي وئي هئي ۽ بلوچن جا ڌاڙيل بہ مات ڪري چڪا هئا ۽ امن آتشي واري برادري ٻڌجي ويا هئا. هن جو نتيجو اچرج جهڙو هو. تنهن ڪري عام ماڻهن هن نئين سرڪار کي خوشيءَ سان تسليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. پر ان سان گڏ انهن طاقت کان ڏڪندا به هئا.

ان کان سواءِ ماڻهن آڏو انگريزن جو اڻ ڏريو انصاف به هو جنهن ڪري سيئي طبقا متاثر ٿي ويا هئا. انصاف جو هڪ مثال اهو به آهي ته هڪ پارسي واپاري راهه ويندي قتل ڪيو ويو هو ۽ به بروچ ڌاڙيل سندس مال مڏي ڪٽي هليا ويا هئا. انگريز سرڪار جي ڪوشش سان پاڳيءَ سندن پيرا کڻي وڃي کين سوگهو ڪيو. هنن ڌاڙيلن بيان ڏنو ته هنن پنهنجي قبيلي جي سردار جي حڪم سان ائين ڪيو آهي ۽ ڦريل سارو سامان به سندس گهر ۾ هٿيڪو پيو آهي. قبيلي جي ماڻهن وڃي ڪانئس اهو سامان گهريو جيڪو کين ملي ويو. سڳ سردار جي گهران مليو هو ۽ ڪيس مجرم ثابت ڪرڻ لاءِ اها شاهدي ڪافي هئي ۽ انهن ٽنهي کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي هئي. سياسي معاملي ۾ اهڙي ڪڙي سزا ڪانه ڏني ويجي ها. پر سر چارلس پنهنجي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ ۾ دانشمندي کان ڪم ورتو هو. ڪيس پتو هو ته اهي قبيلا ڪانئس ڊڄندا ۽ سمجهدا ته هي فاتح ڪنهن به مجرم کي ڪونه بخشيندو. هتان جي عام ماڻهن هن قسم جي سزا کي ڏاڍو ساراهيو هو ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هو ته. ”باشاهه ڪنهن کي به بي ڏوهو ڪونه ٿو ماري.“ انهيءَ واقعي کان پوءِ سر چارلس جيڏانهن به ويندو هو ته هن انصاف پسند باشاهه ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا انبوهه گڏ ٿي ويندا هئا.

## انگريزن بابت ماڻهن جا وهم ۽ وسوسا

هن قسم جي انصاف کان پوءِ سنڌين ۽ بروچن ۾ ڪي وهم ۽ وسوسا پکڙجي ويا. سنڌي ماڻهو سمجهڻ لڳا هئا ته اهو ميرن تي خدا جو ڏمر آهي، جو هنن ڪلهوڙي حڪمران کي قتل ڪيو هو پر انهيءَ وقت بمبئي واري ڏر چوڻ شروع ڪيو هو ته ڪلهوڙي حڪمران جي قتل ڪانپوءِ سنڌ ۾ پورن ڇهن سالن تائين مينهن ڪونه وسيو هو ۽ ڏيهه ۾ ڏڪار پينگ ڪري چڙهي هئي. جڏهن سر چارلس نيپئر ميرن سان جنگيون شروع ڪيون ته وڏ ڦڙن جا وسڪارا شروع ٿي ويا هئا. چوڌاري مينهن موجون لائي ڇڏيون هيون ۽ تل ۽ ترايون پلر جي پاڻيءَ سان تار ٿي ويون هيون. اهڙا ميگهه ملهار گذريل ڪيترن سالن کان ڪونه ٿيا هئا. هن قسم جي بوندن جي بهاريءَ کي ڪلهوڙن کان پوءِ واري ڏڪار سان ڀيٽايو ويو هو. ان ڪري سنڌي ۽ بروچ سمجهي ويا هئا ته ٽالپر شاهيءَ جو چوٽو پاٽي

ختم ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي قدرت انگريزن کي نوازي رهي آهي. اهڙي قسم جي وهمن ۽ وسوسن سان گڏ انگريزي فوج جي منظم قسم جي هلت چلت، سنڌن ڪمانڊر جي نيڪ سرگرمين جا امٽ نشان، انصاف لاءِ سنڌس پيار، حقدارن کي ملڪيتن جو ملڻ، ماڻهن کي روزگار جي فراهمي، محصول جي گهٽو گهٽجي وڃڻ، ان ظلم ۽ ڏاڍ ڏمر جو ختم ٿي وڃڻ جيڪو ٽالپر حڪمرانيءَ سان گڏوگڏ هلي رهيو هو اهڙيون حقيقتون هيون، جن ڪري عام ماڻهو انگريز سرڪار سان پيار ڪري رهيو هو. سنڌ جي ماڻهن سر چارلس کي چار مهينا اڳ سنڌ ۾ ايندي ڏٺو هو. هي اڏول فوجي جنرل هو جنهن کي ڪابہ روڪ روڪي ڪانہ ٿي سگهي، نہ ڪا رنڊڪ کيس رنڊائي ٿي سگهي. هتان جا ماڻهو کيس ان وقت ئي سمجهي چڪا هئا تہ هيءُ فوجي جنرل قانون پسند ۽ امن پسند آهي ۽ هيءُ اهڙو انسان آهي جيڪو سيني جو مقدر کي ڦيري سگهي ٿو. هو پنهنجي دوست ۽ دشمن کي ترقي ڪرڻ جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪندو. تنهن ڪري انهن سيني سنڌن انتظامي جوڙجڪ کي دل جي گهراين سان پسند ڪيو هو ۽ سمجهي رهيا هئا تہ سنڌن ڀاڳ ڀلا آهن.

## مدي خراج چالو قانون بجاءِ نوان برطانوي قانون

اها بہ حقيقت آهي تہ هو فوجي ۽ مطلق الانسان حڪمران آهي. سنڌس اختيار وسيع آهن. پر هو پنهنجي مزاج ۾ سخت ۽ پورالو ڪونهي ڪو. هن انصاف کي قائم ڪرڻ جي مقصد سان جڏهن قانوني ضابطن جو اعلان ڪيو هو تہ هن ڏاڍي صبر ۽ تحمل جو اظهار ڪيو هو. ان وقت هن سنڌ جي عام رواجي قانوني ڍانچي کي بہ آڏو رکيو هو پر انگريزي قانون کي متاهون رکيو ويو هو. اهڙي انصاف جو بنياد برابري ۽ هڪ جهڙائيءَ واري اصول تي بيهاريو ويو هو جيڪو عزت ڀريو اصول هو. انصاف جي ان اصول ۾ نظرثاني ڪرڻ جي بہ شق رکيل هئي. اهڙيءَ ريت سخت قسم جي معاملن کي هو پاڻ نظرداريءَ ڪندو هو. جڏهن ڪنهن کي ڦاهيءَ جي سزا ملندي هئي تہ. سنڌس منظوري ۽ تصديق لازمي سمجهي ويندي هئي.

هو کيس مليل وسيع ۽ مستقل اختيارن کي بہ عام قاعدن جي ماتحت رکندو آهي. پر جڏهن سنڌن فتح کي تحفظ جي ضرورت هوندي آهي تہ اهڙي خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي غير معمولي اختيارن کي استعمال ڪندو

آهي. اهڙي قسم جي قانون جو بنياد ٽن بلوچ قبيلن جي خاص مزاج کي ڌسي رکيو ويو آهي. هن وڏن بلوچ قبائلي سردارن ۽ جاگيردارن جون ڪليءَ دل سان رعايتون ڪيون آهن. اهو يورپي سرداري مجاز کي نظرانداز ڪري ائين ڪيو ويو آهي ۽ انهن سردارن جي عزت ۽ احترام کي برقرار رکيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هنن مهان بلوچن، سر چارلس نيپئر جي حڪم تي انگريز سرڪار جو وفادار ۽ تابعدار ٿيڻ قبوليو آهي.

اهڙيون ڳالهيون هن محدود ڪري ڇڏيون هيون انهيءَ لاءِ تہ جيئن هيٺيئن طبقي جي ماڻهن کي ڪو نقصان نہ پهچي. هن فقط وڏن ماڻهن کي خوش ڪرڻ واسطي فقط نالي وارو فرق ڪونہ رکيو هو پر بي شمار ڪمن ۾ ڪاسبين لاءِ پڻ سوچيو ويچاريو هو. کيس اها بہ پوري خبر هئي تہ انسان احسان فراموش هوندو آهي ۽ ڪنهن سان احسان ڪري وفادار ڪونہ رهي سگهندو آهي پر خوف ۽ خطري اچي پاسو وٺندو آهي. تنهن ڪري سندس فولادي هٿ گلابي رنگ جي داستانن اندر لڪل رهندو آهي. انهن سيني ماڻهن کي ڄاڻ آهي تہ هن سندن حياتين ۾ بخت کي خوف ۽ ڪمزوريءَ واري احساسن کان نہ پر سخاوت واري احساس کان بچائي ورتو آهي. سندس بيان آهي تہ ميرن تي اسان جي رعايتن جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو ۽ اهي ڪڏهن بہ پنهنجون وحشي خواهشون ڇڏي ڪونہ سگهندا پر بن جنگين ڪري متن خوف ڇانئجي ويو آهي. تنهن ڪري امڪان آهي اهڙيون ڳالهيون ڇڏي ڏين. بلوچ سردارن ۽ جاگيردارن جي آڪڙ ۽ وڏائي فقط تڏهن گهٽائي سگهجي ٿي جڏهن هو اسان جا مڪمل طور تي وفادار ۽ تابعدار ٿي ويندا. راڻيءَ جي تصوير پردي پٺيان لڪل آهي جنهن کي عام طرح ماڻهو ڏسي ڪونہ سگهندو آهي نہ وري ڪنهن اڏد اثالي واري ماڻهوءَ جي متس نظر پئجي سگهندي. پر جيڪي ماڻهو سلاميءَ لاءِ ايندا آهن، تن کي اها تصوير ضرور ڏيکاري ويندي آهي هاڻي تہ اها رسم عام مقبول ٿي وئي آهي ۽ سلام لاءِ اچڻ وارو هر ٽولو پاڻ چوندو آهي تہ پادشاه اعظم جي زيارت ڪرائي وڃي. ان هوندي بہ هتان جي ماڻهن کي اهو اعتبار ڪونہ ٿو اچي تہ ڪا عورت ايڏي وسيع حڪومت جو ڪاروبار هلائي سگهندي هوندي نہ رڳو اهو پر گورنر جنرل جي عهدي ۽ اختيارن کي بہ سمجهي ڪونہ سگهيا آهن. ان لاءِ فقط سمجهندا آهن تہ اهو ماڻهو سر چارلس نيپئر کان عهدي ۽ اختيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وڏو آهي. هنن ماڻهن جو اهو به تصور آهي ته اهو ماڻهو مشرق جي روايتن مطابق ٿوري وقت گذرڻ کانپوءِ سر چارلس کي قتل ڪري ڇڏيندو ۽ سنڌس دولت تي قبضو ڪري وٺندو ليڪن هنن کي اهڙو اعتبار ڪونه ٿو اچي. ڇاڪاڻ ته سر چارلس وڏو بهادر آهي ۽ ٻن جنگين ۾ سوڀارو ثابت ٿيو آهي ۽ سنڌس فوج به هن سان ڏاڍي وفادار هئي. انهيءَ ڪري سنڌس ادب ۽ احترام رکندا آهن ۽ کيس پنهنجو سردار سمجهندا آهن. هڪ جهونڙي بلوچ سردار کي راڻي جي رتبي ۽ اختيارن جو ٻڌايو ويو ته هن جو اچرج کان وات ئي ٽٻٽو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته صاحب ان راڻي مون کي مياڻيءَ واري جنگ جي ميدان ۾ شڪست ته ڪانه ڏني هئي. بس، منهنجو بادشاه ته تون آهين. ٻئي بلوچ سردار چيو ته اها راڻي ڪٿي رهندي آهي وغيره وغيره. پر ان کانپوءِ تون وڏو آهين. تنهن تي سر چارلس نيپئر کيس چيو ته نه. هن کانپوءِ وڏو هندستان جو گورنر جنرل آهي. ان کان پوءِ هن پڇيو ته اهو ڪٿي رهندو آهي؟ جنرل کيس وراڻيو: "اهو ڪلڪتي ۾ رهندو آهي." بلوچ سردار وراڻيو: "هائو مان ڪلڪتي جو نالو ٻڌو آهي. پر تون ته حيدرآباد ۾ رهندو آهين." هن وڌيڪ چيو: "مون کي هڪ هڪ سوال جو جواب ڏيندين ته ڇا تون مون کي قتل ڪري سگهين ٿو." جنرل نيپئر کيس وراڻيو: "وڏيءَ خوشيءَ سان، پر جڏهن تون منهنجو فرمانبردار نه رهندين." ان کانپوءِ هن جواب ڏنو: "بس اهو ڪافي آهي ۽ اوهان جو ٻانهون آهيان."

## بمبئي سرڪار اندر چارلس نيپئر خلاف سازشون

هي ماڻهو فوج جي انگريز ڪمانڊر کي ائين ڏسي رهيا آهن. جيئڻ هو هر شيءِ جو مالڪ هجي. پر سر چارلس وري لارڊ ايلنبرو کي وڏو سمجهي رهيو هو. جيڪو هندستان جي سرڪار جو مالڪ ۽ انگريز فوجين جو وڏو آهي ۽ سنڌ جي فاتح جو مٿس وڏو ويساه آهي. جنهن کان سڀ ننڍا وڏا ڪامورا ڊڄندا آهن. تنهن ڪري سڀ رعايتون ۽ سهوليتون هن وٺان شروع ٿين ٿيون ۽ ان جو فضل ۽ ڪرم سيني مٿان ڇانيل آهي. هن ماڻهوءَ جي عهدي تي مقرري بدنيتي، بي ايماني ۽ ڪميناڻپ لاءِ جڙ ته للڪار هئي ۽ اڄ تائين اهڙين خرابين لاءِ للڪار بڻيل آهي. سر چارلس جي مقرري ڪائونسل وسيلي ٿي هئي، جنهن ۾ بمبئي سرڪار جا ڪجهه مستقل عملدار به شامل هئا. ان کان سواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه بيون ڏريون به هن ڪائونسل سان گڏ هيون، جن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۾ پائيواري هئي ۽ وڏن منافعن جي اميد ڪيون ويٺيون هيون. سنڌ جي فتح ۽ ان جي انگريز هندستان سان شامل ٿي وڃڻ کان پوءِ انهن ڏرين وڏي منافعي جي توقع هئي. چاڪاڻ ته سنڌ تي حملي جو سارو خرچ انهن پريو هو. پر اهي ماڻهو شخصي طور اهڙا خراب هئا جهڙا سندن لڇڻ گندا هئا. چاڪاڻ ته هنن بنا ڪنهن سوچ سمجهه جي فيصلو ڪيو هو. هن آفيس ۾ ڪي سول عملدار به هئا. سر چارلس خلاف الزامن کي نڌيو ويو هوهي فوجي جنرل ايترو معزز ۽ محترم آهي جو سنڌس عزت ۽ آبرو کي تسليم ڪرڻ کان سواءِ ٻيو رستو ڪونه هوندو آهي. هن کان سواءِ ٻيو ماڻ ۽ مرجاتا وارو رج چڱو مڙس مسٽر جان وارڊن John Warden آهي جيڪو سر چارلس کي عزت ۽ آبرو جي نظرن سان ڏسندو آهي.

هنن ماڻهن سنڌ جي فوج ۽ راڄ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ويهن ئي ننهن جا زور لاتا هئا ۽ لڳاتار جتن ۽ جاکوڙ ۾ لڳا رهيا ته سر نيپئر کي بدنام ڪري مختلف قسمن جا الزام هڻي، سندس حڪومت کي ڏانواڊول ڪجي. انگلينڊ ۽ هندستان اخبارون هن جنرل خلاف پروپئگنڊا ۾ لڳي ويون هيون ۽ اثر رسوخ واري ڏر ڳجهه ڳوهه ۾ ساڳي ڪم ۾ رڌل هئي. انهيءَ لاءِ ته جيئن وڪٽوريا دور جي هن مشهور فوجي جنرل تي من گهڙت الزام هڻي، ڪيس بدنام ڪجي. اهڙن ماڻهن ۽ اخبار وارن جي همت افزائي پاڻ ڊائريڪٽرس ۽ بورڊ آف ڪائونسل ڪري رهي هئي. هي ٻئي ادارا گورنر جنرل لارڊ رپن Ripon جي ماتحت ڪم ڪري رهيا هئا. هن گورنر جنرل سر چارلس خلاف جيڪو اجايو اوٽو پير کنيو تنهن کي اڳتي هلي وائکو ڪيو. چاڪاڻ ته غلط ماڻهن کي عزت ڏيڻ، سٺن ماڻهن جو ڪم ڪونه هوندو آهي. هن ماڻهو سر چارلس جي خوبين جي توهين ڪري پنهنجي اصلي حيثيت کي هيٺ ڪيرائي ڇڏيو آهي.

لارڊ ايلبرو سنڌ جي حڪومت کي جولاءِ کان ڪلڪتي جي ڪائونسل جي سڌو ماتحت رکي، بمبئي جي ان ڏر کان آجو ڪري ڇڏيو آهي جيڪا پنهنجي ذاتي مفادن ڪري سنڌ جي معاملن ۾ هروڀرو دخل ڏئي رهي هئي. اتان جا سرڪاري ڪامورا جيڪي سنڌ ڏانهن اچڻ جي اميد ڪيون ويٺا آهن تن لاءِ پنهنجي طاقت استعمال ڪري به هيڏانهن

اڇڻ جي سگهه ڪانه آهي. نه وري ڪين هڪ نه ٻئي طريقي سان سنڌ جي نوڪرين جي توقع رهي آهي. جنهن ڪري وڏي دولت ڪمائي سگهن ٿا. پر اها ڳالهه اتي ڪانه ٿي ڪتي. هنن ماڻهن ڪن سياستدانن جا قلم خريد ڪري ڇڏيا آهن. جن جي آڌار تي سر چارلس جي ڪردار ڪي لوٽي رهيا آهن ۽ چئي رهيا آهن ته هن سنڌ فتح ڪري ڪو وڏو ڪم ناهي ڪيو. سنڌن اهو به چوڻ آهي ته هن فتح حاصل نه ڪئي، پر نيم مسلح ماڻهن کي ڪٽو آهي جن سنڌس ڪنهن به قسم جي مزاحمت ئي ڪانه ڪئي هئي. سنڌس اهو به چوڻ آهي ته ساري سنڌ واريءَ جي پٽن ڪان سواءِ ڪجهه به ڪانه آهي. ڪن جو بيان آهي ته هن سنڌ کي فتح ڪرڻ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي صليب تي چاڙهڻ جهڙو ڏوهه آهي ۽ هن بي گناهن جو وڏو قتل عام ڪري جڻ اسان جي توهين ڪئي آهي. بهتر آهي ته اهو ملڪ ساڳين حڪمرانن کي موٽائي ڏنو وڃي.

جيڪڏهن ائين آهي ته چارلس احمق آهي، جيڪو لاشن جي ڍيرن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي. ان ڪانسواءِ هو بي دين، ضمادي ۽ بدمعاش شخص هو ۽ ويلنگٽن Wellington جي شاندار دور تي ڪارنهن جو لينگهو هو. جيڪڏهن هو واقعي ائين هو ته پوءِ ته هن ۾ ڪو فوجي شان ئي ڪونه هو ۽ هن فوجين جي ساري پورهئي تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. هن وحشياڻي طريقي سان ميرن جي گهروارين ڪان سونا زيور ڪسي پيچي پور ڪري فوجي ورديءَ جي توهين ڪئي هئي. سنڌ جي لذيذ پلي جي سواد خاطر پنهنجي رهڻ جي جاءِ به تبديل ڪئي هئي. ان ڪان سواءِ هن جي چوڌاري خوشامدڙين درٻارين جا ٽولا مڙيا ويا هئا، جيڪي سنڌس چاپلوسي ڪري هن جي قائم ڪيل سنڌ سرڪار جي انتظام تي اڻ سڌيون چٽرون ڪندا هئا. قديم دور ڪان وٺي هندستان ۾ رهندڙ انگريزن جو خيال آهي ته اهڙيون ڳالهيون نيٺ ناڪام ثابت ٿينديون آهن. اهو به چيو ويندو آهي ته هن مير علي مراد جهڙي غدار ماڻهوءَ کي اڪين جو تارو بڻائي ڇڏيو هو. هو غدار انهيءَ ڪري سڏيو ويندو آهي، جو هن انگريزن جي فوج کي مهاڏو ڪونه ڏنو هو. هن مير، سر چارلس کي نهايت قيمتي سوغاتون ڏنيون هيون. ان ڪان سواءِ سنڌ جي حڪمرانن جي ملڪ کي فتح ڪرڻ ۾ سنڌس مدد ڪئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ بابت ميجر آئوٽ رام جون چارڻ فقيرن واريون اڳڪٿيون

هن کان سواءِ ميجر آئوٽرام ٻه هڪ خطرناڪ اڳڪٿي ڪئي هئي جيڪو انگريز سرڪار جو غير اهم پوليٽيڪل ايجنٽ هو. جنهن معلومات ڏني هئي ته، چاليهه نوجوان ٽالپر آزاد آهن. جيڪڏهن اهي انهيءَ ريت آزاد هوندا ته انگريزن جي حڪمرانيءَ لاءِ خطرو ثابت ٿي سگهن ٿا. امڪان آهي ڏهن سالن جي لڳاتار گوريلا جنگ کان پوءِ ساريءَ سنڌ تي وري ٻه ميرن جو راڄ قائم ٿي ويندو. سندس ڳالهيون چارڻ فقيرن جي اڳڪٿين کان وڌيڪ ڪونه آهن جيڪي پنهنجي سوچ جو هڪ بيهودو ڪردار پيش ڪندا آهن ۽ مصيبتن ڪي اجايو وڌائي پيش ڪندا آهن. پر وٽن اهڙا وسيلا ڪونه هوندا آهن، جو اهڙن اگرين مصيبتن مٿان غلبو حاصل ڪري سگهجي. ميجر آئوٽرام جي اڳڪٿين کي هندستان ۽ ڪجهه لنڊن جي اخبارن ڪنيو آهي. اخبارن جي ڳالهين مان اهڙي معلومات ضرور ملي ويندي ته جر جي ان قوتي ۾ ڪيتري حقيقت آهي. مذڪوره اخبارن ۾ نئين گورنر جي آڏو مصيبن ۽ سندس ڪوشش کي وڌائي گهٽائي پيش ڪيو ويو آهي جيڪو هنن ماڻهن جي نڳيءَ جو هڪ فن آهي. هي اعليٰ ڪامورا شاهيءَ جي بي انتها اختيارن جو هڪ گڏو آهي ۽ سندن دليون ۽ دماغ بدنيتي ۾ ڪوڙ سان پريا پيا آهن. ڪجهه ٿورا ماڻهو اهڙا ٻه آهن، جن سر چارلس جي حڪومت جو صحيح پس منظر بيان ڪيو آهي. پر اهو ٻه واضح طريقي سان پيش ڪيل نظر ڪونه ٿو اچي. پر مجموعي طور تي سر چارلس نيپئر جي نه عزت جو لحاظ رکيو ويو آهي نه وري سندس قومپرستي جي جذبي جو قدر ڪيو ويو آهي.

## چارلس نيپئر جو ڪنٽرول ۽ سنڌ ۾ نئين تهذيب جي ابتدا

گهٽا ماڻهو ڪٿي نه پر ڪي ٿورا ماڻهو اهڙا ٻه هجن ها جيڪي گارين جي هن طوفان ۽ باهه ۾ اچي سر چارلس جو طرف وٺن ها. اعليٰ ڪامورا شاهيءَ جي بدنيتي ۽ دڙڪن دهمانن کي اچي منهن ڏين ها. هن مانڊاڻ ۽ ڏماچوڪڙيءَ واي وايو منڊل ۾ مختصر ماڻهو اچي، هن جي قائم ڪيل سنڌ سرڪار جو تحفظ ڪن ها ته ٻه چڱو. سر چارلس نيپئر جي شخصيت اهڙي طاقتور آهي جنهن تي غالب ٿيڻ مشڪل آهي. سندس اڏول شخصيت اهڙي ذڪئي ماحول ۾ ئي صحيح نموني مان پرکي سگهجي ٿو. هن منجهيل معاملي کي منهن ڏيڻ سر نيپئر ٽن گورنمينٽس، جهڙوڪ ڪلڪتي سرڪار بمبئي سرڪار ۽ بورڊ آف ڪنٽرول سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکپڙهہ ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي. پوسٽ آفيس واري رابطي جي ٽٽي وڃڻ ڪري ۽ پين سببن ڪري رابطو ڪٽجي ويندو آهي ۽ پوءِ سوين خط اچي هڪ وقت پهچندا آهن. سر چارلس دشمن خلاف ڪارواين ۾ مصروف هوندو آهي تہ خطن جا ڍير بہ سندس سامهون رکيل هوندا آهن. جڏهن هو مير شير محمد خلاف سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي تي ڪاهي ويو هو تہ ڪيس شڪست ڏئي اتان جي مظلوم ماڻهن جي گهائن تي وڃي پها رکيا هئائين ۽ نئين انتظاميہ جو وڃي بنياد رکيو هئائين. جڏهن تہ نئين سياسي نظام جو مضبوط بنياد پڻ رکيو هئائين. هن علائقي ۾ ڪيس سخت گرميءَ وڏو جهٽڪو ڏنو هو. ڊاڪٽرن ڪيس سنڌ ڇڏي وڃڻ جو مشورو ڏنو آهي. انهن ڪيس مشورو ڏنو تہ جيڪڏهن هو زنده رهڻ چاهي ٿو تہ سنڌ ڇڏي وڃي. لارڊ ايلنبرو پنهنجي ڪليءَ دل جو اظهار ڪندي ڪيس چيو آهي تہ هو سر چارلس جي صحتمند ٿيڻ تائين سنڌ سرڪار جو انتظام پاڻ اچي سنڀاليندو. هتان جي گرمي 132 فارن هائيٽ ڊگرين کان بہ مٿي آهي. هو نهايت ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ سرڪاري خطن جا جواب بہ سمهي پيو لکندو آهي. تڪ ۽ ڪمزوريءَ ڪري مرڻ ڪنڌيءَ تي اچي پهتو آهي. تڏهن بہ هي اٽل ارادي سان ان وقت تائين محنت ڪندو رهندو جيستائين باغي ماڻهن جون جنگيون ختم نہ ٿيون تي وڃن ۽ جيستائين نئين تهذيب جو مضبوط بنياد نٿو پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيو

# سنڌ جي نئين سر انتظامي جوڙجڪ

سر چارلس نيپئر سنڌ جي انتظاميہ جي سيني شاخن جو جوڙجڪ ڪري ورتو هو ۽ سماجي نظام ۾ بہ سڌارا آڻي ورتا هئا. هن وقت فقط ڪيس اهل عملدارن جي ضرورت هئي. جيڪي فرمانبرداري ۽ ايمانداري سان سندس ماتحتي ۾ پنهنجو منصبي فرض ادا ڪري سگهن. هتي موجود تہ سڀ ڪجهہ هو، پر رهنمائي ڪانہ هئي. هتان جي زمين ۽ حالتن جو مطالعو ڪرڻو هو. سول انتظام جي قيام واسطي ماڻهن جي چونڊ بلڪل مختصر هئي. پر خوشقسمتي جي ڳالهہ اها هئي تہ سندس لشڪر ۾ ڪي اصل فوجي سپاهي هئا، جن کي هن سول انتظاميہ ۾ مقرر ڪيو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي سول انتظاميہ جو قيام عمل ۾ اچي ويو. جنهن تي خرچ بہ گهٽ اچڻ لڳو هو. پر منصبي فرض ڏاڍي سرگرمي سان سرانجام تي رهيو هو. ڪم ۾ اهڙي ڦڙتي ۽ تيز رفتاري سول عملدارن ۾ ممڪن ڪانہ هئي.

خرچ جي گهٽ هجڻ جو فقط اندازو ڪونہ هو. آئوٽرام جي پوليٽيڪل ايجنسيءَ کي ورهارو (ساليانو) سورهن هزار رپيا خرچ ايندو هو. جڏهن تہ سندس ماهوار خرچ ڪڏهن ڇهہ، ڪڏهن ڏهہ ۽ ڪڏهن وري ڏيڍ سو رپيا بہ هوندو هو پر آئوٽرام سرڪار کان سورهن هزار رپيا وٺندو هو. جيڪا تمام گهٽي رقم هئي. ڪجهہ عملدار اتر سنڌ جي انتظام لاءِ ڪلڪتي طرفان موڪليا ويا هئا، جن سان واعدو ڪيو ويو هو تہ کين ڪم ڪار جي تڪڙي اڪلاءَ لاءِ ڪلارڪن جو وڏو اتالو ڏنو ويندو. هندستان ۾ هن جو مطلب آهي اهڙن ماڻهن جي هڪ ڊگهي قطار. اهڙن ڪلارڪن جي چونڊ ڪاتن جا سربراهہ پاڻ ڪندا هئا. سر چارلس ڪلارڪن جي ايڏي وڏي تعداد مقرر ڪرڻ جي خلاف هو. تنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پھريائين اهڙين مقررين کان ٿپ انڪار ڪري ڇڏيو هو. گھٽي ڪم جي نتيجي ۾ ٻن عملدارن پنھنجي عملدار ڪئپٽن پوپ ڏانھن هڪ بيزاري وارو خط لکيو هو. اهڙيءَ ريت ڪئپٽن پوپ پاڻ به ٻڌايو ته اهي ماٺھو سرڪاري ڪم ڏاڍيءَ بي دليءَ سان ڪندا هئا ۽ ڪم ڪرڻ کان ونءُ ويندا هئا. لارڊ ايلنبرو انهن عملدارن کي واپس گھرائي ورتو. سر چارلس انهن ٻن عملدارن جي جاءِ تي مسٽر رچرڊسن کي مقرر ڪيو آهي. سندس پگھار پنج سو رپيا ماهوار آهي. ٻن عملدارن جو سارو ڪم اهو هڪ جڻو ڪندو آهي. پنھنجو منصبي فرض ڏاڍيءَ تيز رفتاري سان ادا ڪندو آهي ۽ جن ٻن عملدارن جي جاءِ تي هي پنجن سون رپين جي پگھار تي ڪم ڪندو آهي. سي ماهوار ٻن هزار رپين کان به وڌيڪ پگھار وٺندا هئا. سنڌ جو انتظام هاڻي فوج جي حوالي آهي، جيڪا پنھنجي فوجي منصب سان گڏ سنڌ جي سول انتظاميہ جو ڪم به سنڀاليندي آهي. پوليٽيڪل ايجنسيءَ جي معاملن کي آٽوترام نڌٽڪو ڪري ڇڏيو هو. جنھن جو انتظام پڻ سڌاري بھتر ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي پنھنجي اصلي روپ ۾ ڪم ڪري رهي آهي. پر ڪنھن ٻيءَ تبديليءَ آڻڻ کان سواءِ, هن کي اڃا به وڌائي ۽ سڌاري سگھجي ٿو.

هتان جو اڪين سان ڏسڻ ۾ ايندڙ طاقت جو سرچشمو فقط گورنر آهي. جنھن جي چوڌاري سندس فوج گھيرو ڪيو ويٺي هوندي آهي. هنن فوجين کي اها چڱيءَ ريت خبر آهي ته هنن سنڌ تلوار جي طاقت سان فتح ڪئي آهي. جنھن جو انتظام به تلوار جي زور سان رکي سگھجي ٿو. ليڪن انهن فوجين مان به ڪيترن کي باغي قبيلن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ جابلو علائقن ڏانھن موڪليو ويو آهي. هنن ماڻھن کي بغاوت لاءِ انهن ٽالپرن اياريو آهي. جيڪي آزاديءَ سان هيڏانھن هوڏانھن ڦرندا وتندا آهن يا وري هي اهي ماڻھو آهن, جن جي ڪار ڪرت ئي ڌاڙا ۽ ڦريون ڪرڻ هوندو آهي. اهو به امڪان آهي ته افغان ۽ سک ڪڏهن به حملو ڪري سگھن ٿا. ان ڪري فوج کي اهڙي انداز سان رکيو ويو آهي. جيئن ڪنھن امڪاني هنگامي صورتحال منھن ڏئي سگھي. ان کان سواءِ ملڪي انتظام ۾ ڪنھن رخني وجھڻ کانسواءِ اندروني امن امان به برقرار رکڻو آهي ۽ اهو به ڏسڻو آهي ته ان فوج کي پنھنجي منصبي فرض کي به ڦڙتيءَ ۽ چالاڪيءَ سان نباهڻو آهي. هن سان گڏ اها به نظرداري ڪرڻي آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجي عام ماڻهن سان رابطا واسطا پيدا نہ ڪن. چاڪاڻ تہ عام ماڻهوءَ سان رلي ملي وڃڻ ڪري ماڻهن مان سندن خوف ۽ دهشت ختم ٿي ويندي، جيڪا فتح کان پوءِ قائم ٿي وئي آهي.

## فوج ۽ سول انتظاميہ جون الڳ الڳ جوابداريون

تنهن ڪري هن قسم جو انتظام پوليٽيڪل ايجنسيءَ جي نقطہ نظر جي خلاف آهي. جنهن افغان جنگ دوران عام ماڻهن تي مشتمل پنهنجي فوج موڪلي ڇڏي هئي. جنهن جا نتيجا ڏاڍا اگرا نڪتا هئا. پر هن معاملي ۾ سر چارلس نيپئر منفرد خيالن جو مالڪ آهي. سندس ويچار آهي تہ عام ماڻهن تي مشتمل لشڪر ۽ سرڪاري فوج بہ سرڪار جي پلي مدد ڪري پر انهن جو جوڙجڪ ڌار ڌار هئڻ گهرجي. سندس چوڻ آهي تہ فوج کي انهن ماڻهن يا ملڪ خلاف جنگ ڪرڻ گهرجي جن لاءِ سرڪار دشمن هجڻ جو اعلان ڪيو آهي. پر ان کي ڪنهن مجرم کي سزا ڏيڻ جي غرض سان ڪڏهن بہ استعمال ڪرڻ نہ گهرجي. هن فوج کي پنهنجي تصور ۽ حقيقي روپ ۾ سڃاڻن ڪيپي تہ اهي انگلينڊ جو شان ۽ شوڪت آهن جيڪو پنهنجي اولاد تي فخر ڪندو آهي. تنهن ڪري اهڙي عظيم فوج کي تيستائين ملڪ جي سول انتظاميہ جي حوالي نہ ڪجي، جيستائين اهو نہ سمجهجي تہ آها سول انتظاميا ڪمزور ٿي وئي آهي ۽ ملڪي•نظام کي چڱيءَ ريت سنڀالي ڪانہ ٿي سگهي. ملڪي انتظام جو طريقہ ڪار اهڙو هوندو آهي، جو فوج کي عام قسم جي مجرمن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، جڏهن اها فوج نہ پر ملڪ جي پوليس آهي. جيڪڏهن فوج کي انهيءَ نموني سان ڪتب آڻبو تہ سندس شان ۽ شوڪت مجروح ٿي ويندو ۽ سندس بلند حوصلا ختم ٿي ويندا. ان کان سواءِ فوج کي ملڪ جي سول انتظاميہ ۾ پڻ ڪتب آندو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت فوج کي پنهنجي اصلي روپ ۾ بہ آڻي سگهبو آهي. ايئن ڪرڻ سان نظرداري ڪرڻ واريون سندس سرگرميون گهٽجي وينديون آهن ۽ سندس استقلال واري خوبيءَ ۾ پڻ فرق اچي ويندو آهي. اهڙيون خاصيتون ۽ خوبيون سول اختيارن ۾ موجود هونديون آهن. اهڙيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکي هن سنڌ ۾ ڪن ڳالهين جو اضافو ڪيو آهي جيڪي نهايت اهم آهن. هڪ تہ هن پنهنجي فوجي سپاهين کي سختيءَ سان منع ڪري ڇڏي آهي تہ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ماڻهن سان دوستي نہ رکن، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو جو هنن فتح بعد جيڪو عزت ۽ شان حاصل ڪيو آهي ان ۾ گهٽتائي نہ اچي وڃي. دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ فوج الڳ رهي پنهنجي مان ۽ شان کي برقرار رکندي آهي. جتي هن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو جنگي سرگرمين ۾ گذاريو هوندو آهي. اهي فوجي هڪ دوست ۽ دشمن جي حيثيت ۾ ڏاڍا سنجيده هوندا آهن ۽ سرڪار جي ڪابہ حڪمت عملي اهڙين ڳالهين کي متاثر ڪري ڪانہ سگهندي آهي.

## سنڌ ۾ پوليس کاتي جو پايو

اهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکي سر چارلس پوليس جو کاتو کوليو آهي. جنهن ۾ وڏو تعداد سنڌين جو ڀرتي ڪيو ويو آهي. ميرن جي پوليس ۾ بہ اهڙا ماڻهو ڀرتي ڪيا ويا هئا. پر هنن ماڻهن شخصي ۽ خانداني طور تالپرن جا ڏاڍا ظلم ۽ قهر سَٺا ۽ ڏٺا آهن. تنهن ڪري هي ماڻهو هنن کان ڏاڍي نفرت ڪندا آهن. انگريز فتح کان پوءِ توڙي جو هي آزاد ٿي چڪا آهن، پر ان هوندي بہ سنڌن اندر مان نفرت نڪري ڪانہ سگهي آهي. پهريائين هي ماڻهو ڏاڍا ڏڄڻا هئا. اها ڪا نئين ڳالهہ بہ ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ اهو ڏکيي عرصي جي ظلمن جو لازمي نتيجو آهي. منظم طريقي سان رهي ڪونہ سگهندا هئا. جڏهن سرڪاري جاچ پڙتال ٿيندي هئي تہ نوڪري ڇڏي هليا ويندا هئا. ان کان پوءِ پٺاڻن ۽ راجپوتن کي ڀرتي ڪري هنن سان شامل ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ هيٺين طبقي جي ٻروچ سردارن کي بہ هن پوليس ۾ ڀرتي ڪيو ويو. جن مياڻيءَ جي جنگ ۾ بہ حصو ورتو هو. ڪين خوبصورت پوليس واريون ورديون ڏنيون ويون هيون ۽ منجهن فوج جهڙي تنظيم پيدا ڪئي وئي هئي. مٿن اعليٰ آفيسر بہ فوجي مقرر ڪيو ويا هئا. اهڙي همت افزائي کان پوءِ اهي ساڳيا سنڌي ڏاڍا بهادر ثابت ٿيا. بعد ۾ تہ اڪيلي سر بہ اڇرج جهڙا ڪارناما سرانجام ڪري ڏيکاريا هئائون. ڪڏهن فوج سان گڏجي بہ ڏاڍا خطرناڪ ڪم ڪري ڏيکاريا هئائون.

هوريان هوريان سنڌن تعداد ۾ اضافو ڪيو ويو. نيٺ سنڌن تعداد وڃي اڍائي هزارن کي پهتو. هن پوليس کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو هو جن مان هڪ کي شهرن ۾ رکيو ويو. ٻين کي ٻهراڙيءَ ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ ٽئين حصي کي وري گهوڙي سوار بڻايو ويو آهي. شهري پوليس فقط وڏن شهرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پنهنجو منصبي فرض ادا ڪندي هئي: باقي بن بين حصن کي الڳ قسم جي وردي ڏني وئي هئي ۽ سندن هٿيار بہ جدا هئا. هن پوليس کي ميداني علائقن جيِ بچاءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪي نہ رڳو عام مجرم ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪندا هئا پر سنڌوءَ جي الهندي ڪناري جيڪي بروچ قبيلا ڌاڙا هڻندا ۽ ڦريون ڪندا هئا، تن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو کين حڪم ڪيو ويو هو. جڏهن فوج باغين خلاف سخت ڪارروائي لاءِ پيش قدمي ڪندي هئي تہ هن سنڌي پوليس کي پڻ سڏ ڪيو ويندو هو. پوليس سرڪاري ڊاڪ ۽ خزاني جو پهرو ڏيندي هئي. مجرمن کي گرفتاري کان هنن جي پهري ۾ مقرر جڳهن تي پهچايو ويندو هو. فوجي چوڪين تي بہ هيءَ پوليس پهرو ڏيندي هئي. سزائن ڏيڻ جو ڪم بہ هنن حوالي هوندو هو. جنگين جي زماني ۾ هي پوليس بهترين رهنمائي ڪندي هئي. جڏهن حالتن مطابق سرڪار کي فوج ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي جي صورت پوندي هئي تہ هيءَ سنڌي پوليس پنهنجو منصبي فرض ڏاڍيءَ ايمانداري سان سرانجام ڪندي هئي. تنهن ڪري کين فوج جهڙي عزت آبرو سان نوازيو ويندو هو. هيءَ پوليس فوج کان سواءِ اڪيلي سر بہ ڏاڍي بهادريءَ سان منصبي فرض ادا ڪندي آهي. تنهن ڪري سرڪار جو مٿس تمام گهڻو اعتماد آهي. جابلو علائقن ۾ بلوچ قبيلن سان جنگيون ڏاڍيون خطرناڪ آهن ۽ انهن ۾ حصو وٺندڙ پوليس کي وڏيءَ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو آهي. جيڪا انهن جنگين ۾ پاڳي پائيوار هوندي آهي.

سنڌين تي مشمل شهري پوليس شهرن ۾ رهندڙ بدمعاشن ۽ ڏنگن ماڻهن جي گندين ڳالهين جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو هو. سندن ڪردار ڏاڍو صاف ۽ سنو هو. اهڙي بهراڙي جي پوليس وري بهراڙين ۾ مقرر هئي جنهن پوليس واري اصلي روح ۽ تنظيم کي سمجهي ورتو هو. ضرورت وقت سرڪار بہ ساڻن وڏي مدد ڪندي هئي. پر ابتدائي دور ۾ غير منظم ۽ ڏاڍا غير ذميوار هوندا هئا. هنن جو منصبي فرض بہ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. هنن بلوچن سان سر ترين تي رکي مقابلا ڪيا جيڪي سنڌي ڳوٺن کي ڦري لٽي پينگ ڪري ڇڏيو هو. اهي ماڻهو ٿورو وقت اڳ سندن مالڪ هئا. هي جيڪڏهن هنيلا ۽ هوڏي نہ هجن ها تہ کين بلوچ ماري تباهہ ڪري ڇڏي ها، جيڪي انگريزن کان شڪست کائڻ ڪري ڇڙيا وينا هئا. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نتيجو اهو نڪري ها تہ اهي ڳجهہ ڳوهہ ۾ بلوچن سان ملي هڪ ٿي وڃن ها. هن خوف جي نتيجي ڪري سر چارلس خبردار ٿي ويو آهي ۽ اهڙين ڳالهين جي جاچ پڙتال ڪري رهيو هو. اهو سلسلو ان وقت تائين جيستائين ٻنهي ڌرين ۾ تلوارين اڀيون نہ ٿي ويون هيون. بلوچن بهادري سان منهن ڏنو پر سنڌي پوليس بہ سر ترين تي رکي واچوڙا ٿي وڙهي هئي. ميدان تي ٻنهي ڌرين جي لاشن جا ڍير ٿي ويا هئا. ان ڪانپوءِ جنرل چارلس کي محسوس ٿيو تہ ٻنهي ڌرين ۾ وڏي رتو ڇاڻ ٿي آهي، تنهن ڪري هنن ٻنهي ڌرين جو ڪنڌ ڪير ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان ڪانپوءِ هن سنڌي پوليس کي اڳئين کان وڌيڪ منظم ڪيو آهي. جڏهن سرڪار جي مدد لاءِ پوليس کي منظم ۽ فوج کي وڌيڪ طاقتور بڻايو تہ پوءِ هن سول انتظاميا جو جوڙجڪ ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪو هن ريت هو.

## سول انتظاميہ جي جوڙجڪ

ان کان جلدي پوءِ هن سول معاملن کي وقت سر اڪلائڻ لاءِ ڪئپٽن برائون کي ڪمشنر مقرر ڪيو جيڪو سندس ماتحت طور ڪم ڪرڻ لڳو هو. هي ماڻهو سنڌ ۾ گهڻو رهيو هو تنهن ڪري هن ملڪ کان گهڻو واقف هو. ابتدا ۾ ٽي محصول ۽ ڪسٽم جا معاملا ڏانهس موڪليا ويا هئا. انهيءَ لاءِ تہ جيئن جو جاچ پڙتال ڪري رپورٽ گورنر سر چارلس ڏانهن موڪلي. ٿوري وقت کان پوءِ ڪيس سنڌ سرڪار جو سيڪريٽري بڻايو ويو آهي، پر سندس منصبي فرض ساڳيو آهي.

سنڌ کي مکيہ ٽن ضلعن جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر (شڪارپور) ۾ ورهايو ويو آهي. ان ڪانسواءِ ڪسٽم جو هڪ جدا ضلعو ٺاهيو ويو آهي. ڪراچيءَ ضلعي ۾ سيوهڻ تائين سنڌوءَ جي ساڄي پاسي وارو علائقو شامل ڪيو ويو آهي جيڪو سمنڊ جي ڪناري تائين پهچي ٿو. حيدرآباد ضلعو مير علي مراد جي حڪمرانيءَ جي سرحد کان وٺي درياءَ جو ڪابو پاسو وٺي، وڃي سمنڊ تائين دنگ ڪري ٿو. جنهن جي اوير پاسي ڪڇ جو علائق آهي. هن ضلعي جي اوير پاسي ٿر وارو رڻ پٽ علائقو آهي. هن ضلعي جي اوير پاسي ٿر وارو رڻ پٽ علائقو بہ موجود آهي. جڏهن تہ سکر ضلعو سنڌوءَ جو ساڄو ڪنارو وٺي سيوهڻ تائين اچي کٽي وڃي ٿو. هر ضلعي جي صدر مقام تي چيف ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جي ماتحت ٽي سب ڪليڪٽر آهن. هي صدر

مقام اھڙين جڳھن تي آھن جتي ويھي ضلعي جي چڱيءَ ريت نظرداري ڪري سگھجي ٿي. ان سان گڏ ضلعي اندر موجود علائقن سان ترت رابطو بہ ممڪن آھي. ساڳيءَ ريت ھر سب ڪليڪٽر جي ھيٺان ماتحت عملو بہ مقرر ڪيو ويو آھي.

اھڙيءَ ريت ھر مھيني پابنديءَ سان ضلعي جو ڪليڪٽر سول معاملن جو ڪمشنر ڏانھن آمدني ۽ خرچ جو وچور موڪليندو رھنَدو آھي. جيڪو ضروري جاچ پڙتال ڪانپوءِ، منظوريءَ لاءِ گورنر ڏانھن موڪليندو آھي. چاڪاڻ تہ ڪوبہ خرچ گورنر جي منظوري کان سواءِ ڪري ڪونہ سگھبو آھي.

ھر مھيني جي پڇاڙيءَ ۾ اھڙي معلومات گورنر جنرل ڏانھن رواني ڪئي ويندي آھي. جنھن ۾ آمدني ۽ خرچ جو ڪل جوڙ ٽيل ھوندو آھي. ان ۾ بقايا، مزدوريءَ تي ڪيل سراسري ادائگي، پنجن جٽن جي ڪاڌ خوراڪ جو خرچ بہ ڏنايو ويندو آھي. جيڪڏھن ھڪ مھيني کان ٻئي مھيني تائين خرچ پکي ۾ ڪا قير گھير ڪئي ويندي آھي تہ ان جي ڪارڻ جي سمجھاڻي بيان ڪئي ويندي آھي. ھن معلومات سان گڏ اھڙو ميموريندم بہ شامل ڪيو ويندو آھي تہ علائقي جي ڪيتري ھم چورس ايراضي آباديءَ ھيٺ آندي وئي آھي ۽ آبپاشي جو نظام قائم ڪيو ويو آھي. ڪيتري ڊگھائيءَ ۾ رستن جي تعمير ٿي آھي، ڪيترين سرڪاري عمارتن جي تعمير شروع ڪئي وئي آھي ۽ ڪيترين جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آھي ۽ سنڌوءَ جي پاٽيءَ ڪيترو چاڙھ ڪيو آھي.

## سنڌ ۾ پوليس ۽ سول انتظاميہ جا نوان ھيڊ ڪوارٽر

ضلعي جي ھر صدر مقام کي پوليس جي مدد حاصل آھي جنھن جو ضلعي ڪمانڊر يورپي آھي. ان کان سواءِ حفاظت واسطي ريگيولر فوج جا مضبوط رستا بہ موجود ھوندا آھن جيڪي دشمن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ھر وقت تيار ھوندا آھن. فوج اھڙيون ڪارروايون پوليس سان گڏجي ڪندي آھي. اريگيولر فوج باغين خلاف ڪم آڻي ڪانہ ٿي سگھجي. انھن کي فقط جنگ دوران ڪتب آڻي سگھجي ٿو.

سنڌ جو صدر مقام پھريائين حيدرآباد کي مقرر ڪيو ويو ھو جتي پوليس جو ھڪ يورپي ڪئپٽن مقرر ڪيو ويو ھو ۽ ضلعي جي ھر صدر مقام تي ھڪ يورپي ليفٽيننٽ مقرر ڪيو ويو آھي. ضلعن جا سيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليفٽيننٽ حيدرآباد جي پوليس ڪئپٽن جا ماتحت آهن جيڪي پوليس انتظاميا ۾ پگهارن لاءِ ذميوار هوندا آهن. اهڙيءَ ريت پوليس جو نظام فوجي نظام وانگر سخت آهي.

## فوج، پوليس ۽ سول انتظاميہ جي الڳ الڳ ۽ گڏيل ذميوارين جو تعين

پوليس ۽ اريگيولر گهوڙي سوار دستن جا ماڻهو انهن سرڪاري ملازمن سان گڏجي منصبي فرض جي ادائگي ڪان نفرت ڪندا آهن جن جو تعلقي هيٺين درجي سان هوندو آهي. تنهن ڪري انهن کي ضلعي جي صدر مقامن جي وچ تي رکيو ويو آهي. هن پوليس ۽ اريگيولر گهوڙيسوارن جا دستا حفاظت لاءِ ضلعي جي صدر مقام جي اوسي پاسي بہ رکيا ويا آهن. هن پوليس کي سنڌن فرض جي ادائگي لاءِ ننڍن جٿن جي صورت ۾ موڪليو ويندو آهي. جڏهن تہ ريگيولر هڪ وڏي تعداد جي شڪل ۾ رهندي آهي.

ڏسڻ ۾ ائين ايندو تہ پوليس، اريگيولر گهوڙي سوار رستا ۽ فوج انتظاميہ جي الڳ الڳ شعبن سان واسطو رکن ٿا. پر عام نوعيت جي مقصد سان انهن سيني کي گڏائي بہ ڪتب آڻي سگهبو آهي. اهي گڏيل مقصد کي حاصل ڪرڻ خاطري قرباني جي عظيم جذبن سان سرشار هوندا آهن. جيتري قدر شهري پوليس ۽ غريب ماڻهن جي وچ ۾ رهندي آهي. جڏهن تہ ٻهراڙيءَ جي پوليس شهري پوليس ۽ اريگيولر گهوڙي سوار دستن جي وچ ۾ رهندي آهي. هنن کي پنهنجو احترام ۽ عزت عام ماڻهن سان رلي ملي وڃڻ ڪان روڪيندو آهي. اهڙي پوليس انتظاميہ جا مٿيان ٽيئي حصا ريگيولر فوج ُحڪمن تحت هلندا آهن. جيڪڏهن ريگيولر فوج کي پوليس جي منصبي فرض جي ادائگي لاءِ جٿن جي شڪل ۾ ڪيڏانهن موڪليو ويندو آهي تہ فوجي نظام ۾ ڪنهن بہ قسم جو رخنو ڪونہ پوندو آهي. جيڪڏهن مجرمن سان لهہ وچڙ ۾ ايندا بہ آهن تہ بہ اهي پنهنجي فوجي شان کي هٿان وڃڻ ڪونہ ڇڏيندا آهن. ريگيولر فوج جو گڏجي هڪ جاءِ تي رهڻ ٿيندو آهي. پر جڏهن غير مهذب ماڻهن دهشت پکڙيندا آهن تہ انهن خلاف ڪارروائي لاءِ ڪين جٿن جي صورت ۾ اڳتي موڪليو ويندو آهي. اهي وڳوڙي ڏوڙي ماڻهو ڪين جنگ دوران بهادري سان ادا ڪيل منصبي فرض ڪري گهڻو سڃاڻيندا آهن. پوليس عام ماڻهن سان رابطي ۾ هوندي آهي. جيڪا پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منصبي فرض جي ادائگي ۾ ويهن ٿي ننهن جا زور لائيندي آهي. پر جيڪڏهن امن امان رکڻ ۾ پاڻي سنڌس سرڪان مٿي چڙهي ويندو آهي ته اريگيولر فوج جا گهوڙيسوار واهر لاءِ پڙ تي پهچي ويندا آهن. پر جڏهن اهي به دشمن سان به پاڻي ڪرڻ ۾ اوڻا پوڻا ڏسبا آهن. ته ريگيولر فوج اچي سنڌن ساٿي ٿيندي آهي. جيڪا جنگ ۾ دشمن خلاف واهڙ وهائي ۽ پنهنجي بهادريءَ جي ڳالهه بيهاري.

## سنڌ ۾ سماجي سڌارن جي شروعات

طاقت جي هن اضافي سان گڏ سر چارلس هڪ ٻيءَ اهم ڳالهه به شامل ڪئي آهي، ان ڳالهه جي ضرورت به هئي ائين ڪرڻ لاءِ ميدان به خالي هو ۽ ڳالهه به بلڪل نئين هئي يعني هن سماجي سڌارن جي منصوبن جي ابتدا ڪئي هئي. سنڌ جي معياري زمين کي مختلف علائقن ۽ طبقن ۾ ورهايو ويو هو. زمين جي مخصوص تڪ لاءِ ڪاردارات سڏيو ويو جنهن جي انتظام هلائڻ لاءِ هڪ عملدار مقرر ڪيو ويو جنهن کي ڪاردار سڏيو ويندو آهي. جيڪو وري هڪ ٻئي عملدار جي هيٺان ڪم ڪندو آهي جنهن کي قاضي چيو ويندو آهي. هنن کي ننڍن معاملن کي اڪلائڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي. هي عملدار ڪنهن ڏوهي تي چار ڏوڪڙ ڏنڊ رکي سگهندا آهن. جيڪڏهن مناسب سمجهندا آهن ته ڪن مجرمن کي ٻه چار ڏينهن ڪاٺ ۾ رکي سگهندا آهن پر عملي طور اهي ڪنهن کي آزاد ڪري ڇڏيندا آهن. ڪن کي ڦاسيءَ جي سزا به ڏيندا آهن ۽ سزا ڏيڻ لاءِ ڪانئن مشورو ورتو ويندو هو. پر عام طور تي اهي حڪمران ڪاردار جي لکيل شاهدين کي ڏسي فيصلو ڪندا هئا. هن ڪم کان سواءِ ڪاردار ميرن جي محصول ۽ ڪستم جي وصوليءَ تي به نظر رکندا هئا هر ڇهه ماهي تي حيدرآباد پهچي حساب ڪتاب جي جاچ پڙتال ڪرائيندا هئا. ڪن علائقن ۾ اهي عملدار پنهنجي مرضيءَ سان ڍل، محصول ۽ ڪستم جي اوڳاڙي ڪندا هئا. هي ڏاڍا ظالم ماڻهو هئا ۽ رعيت تي ڏاڍو ظلم ڪندا هئا. مٿن ڏنڊ رکندا ۽ سخت ماريندا ڪٽيندا هئا، اهڙيءَ ريت پنهنجا کيسا ڀريندا هئا. اهڙيءَ ريت هر هڪ ڪاردار ساليانو پندرهن هزار پائونڊ ڏنڊ طور وصول ڪيو ويندو هو.

هنن ماڻهن جو عوام ۾ ڏاڍو اثر رسوخ هوندو هو. پر اهي هوندا بلوچ سردارن جا غلام هئا جن کان ڏاڍو ڊڄندا هئا. چاڪاڻ ته سنڌن ڳوٺ

هنن سردارن ۽ جاگيردارن جي زمينن ۾ هوندا هئا. هي سردار ۽ جاگيردار ڪاردارن کي تہ ڪجھ بہ نہ ڪري سگھندا هئا. پر انھن جي ماتحت عملي کي ڏاڍو ستائيندا ۽ پريشان ڪندا هئا. ليڪن بين غلامن جيان هي ڪاردار بہ ڏاڍا چالاڪ ٺڳ ۽ پئسي ڏوڪڙ جا پياسا هوندا هئا. ان هوندي بہ سر چارلس پنھنجي هنن اصولن جو سختيءَ سان حامي هوندو تہ ڪنھن جي سماجي تعلقاتن کي ڏانواندول نہ ڪجي. تنھن ڪري هن ڪاردارن کي برقرار رکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي انتظامي رابطي جو ڪم ڏيندا هئا ۽ عام ماڻهو بہ هنن جي ڪاروهنوار کان چڱيءَ ريت واقف هئا. سر چارلس هنن ڪاردارن جي پگھارن ۾ انهيءَ مقصد سان اضافو ڪيو تہ جيئن هو غير واجبي محصول مڙهي عوام کي نہ آزارن. هن بيو ڪم اهو ڪيو تہ کين ضلعي انتظاميہ جو حصو بڻائي ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت کين ڇتاءُ ڏنو ويو هو تہ اهي انگريز سرڪار جو حصو ۽ انهيءَ ڏانھن ذميوار آهن ۽ سندن ملازمت جو تسلسل انگريز سرڪار سان وفاداري ۽ منصبي فرض جي ايماندارانہ ادائگيءَ سان واڳيل [1] آهي.

## ڪاردارن تي ڪنٽرول لاءِ عملدارن جي مقرري

ڳوٺاڻن جي جائز شڪايتن تي ڪاردارن کي ملازمت مان ڪڍيو ويندو آهي ۽ ڪيل ڏوهہ مطابق کين سزا بہ ڏني ويندي آهي. تنھن ڪري هنن ڪاردارن جو مفاد عام ماڻهوءَ جي ڀلائي سان واڳيل آهي. انهيءَ کان سواءِ ضلعي جا اعليٰ عملدار بہ هنن جي هلت چلت تي نظر رکندا ايندا آهن. معلوم اهو بہ ٿي رهيو آهي تہ اهي ڪاردار دل ۽ روح سان پنھنجي منصبي فرض کي سرانجام ڪري رهيا آهن. جنھن جي بدلي انھن کي وڌيون پگھارون ملي رهيون آهن. هاڻي هنن ماڻھن کي غلام سمجھي کين پليد ڪونہ تصور ڪيو ويندو آهي، نہ وري ڪانئن ڪراهت ڪئي ويندي آهي. هاڻي هتي ڪو ٽالپر موجود ڪونہ آهي، جيڪو هنن کي ڪاردار جي عهدي تي فائز ڪري ۽ ان سان گڏ ڪانئن نفرت ڪري.

اهڙي ريت Circumspection ڪا نئين ڳالھ ڪانہ هئي. گھڻا ڪاردار اهو سمجھندا هئا تہ گورنر جا ناهيل قاعدا قانون مشرق جي قائدن قانونن وانگي آهن جن کي اورانگھي سگھجي ٿو. تنھن ڪري هو ڏاڍا ظلم ڪندا هئا. قاعدن جي اهڙيءَ ڀڃڪڙيءَ ڪري انھن کي سزا ڏيڻ ۾ دير ڪانہ ڪئي ويندي آهي، پر اهڙين غير ذميوارين کي نظر ۾ رکي ڪليڪٽر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماتحت عملدارن پنهنجا مددگار مقرر ڪري ڇڏيا آهن. اهڙيءَ ريت انهن عملدارن کي سرڪار عدالتي اختيار بہ سونپيا آهن، جيڪي پري آهن ۽ وسيع علائقي جي انتظام رکڻ جا ذميوار آهن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڪاردارن جي ڪارڪردگي تي نظر رکي سگهجي. ساڳي ريت عام ماڻهو جي همت افزائي تي رهي آهي. جنهن ڪري جاگيرداري نظام کي سخت ڌڪ لڳو آهي. سر چارلس جي بہ خواهش اها هئي تہ جاگيرداري وارو مڪروه نظام انگريز سرڪار جي ظاهري مخالفت کان سواءِ پاڻمرادو ختم ٿي وڃي. هاڻي اهڙو وايو منڊل تي ويو آهي، جو ڪاردار پنهنجي ملازمت کي برقرار رکڻ لاءِ ڪنهن بلوچ سردار جي سفارش ۽ مدد ڏانهن ڪونہ ٿو نهاري. ان ڪانسواءِ اهي ڏينهن گهڻو پري ڪونہ آهن، جڏهن ڳوٺاڻا پنهنجي ڳوٺن کي بلوچ سردارن جي ظلم ۽ ڏاڍ کان بچائي سگهندا. سرڪار جڏهن ڏسندي آهي تہ اهڙا معاملا صحيح بنيادن تي بيٺل آهن سرڪار ضرور مدد ڪندي ۽ امن امان جي اهڙن مسئلن کي حل ڪندي.

## قبائلي نظام جو خاتمو

هي ڳوٺاڻا تمام ڊگهي عرصي کان وٺي تالپر دور جي غلاميءَ ۾ رهندا آيا آهن، جيڪي انگريزن جي فتح کان پوءِ بہ هنن جي ظلمن کان ڪنبي ۽ ڇرڪي رهيا آهن. ڪين فتح جي ابتدائي دور ۾ اها جرئت ئي ڪانہ ٽيندي هئي تہ اهڙي ڏاڍ خلاف ٻڙڪ بہ ٻولي سگهن. مناسب ائين سمجهيو ويو هو تہ جيستائين ماڻهن ۾ خودي جو جذبو پيدا ٿئي تنهن کان اڳ قبائلي نظام کي لوڙ پاڙي ڪري ڇڏجي ۽ هڪ باقاعده حڪومت جي موجودگيءَ جي اثر کي ماڻهن ۾ مقبول ڪرائجي. پر جيڪڏهن ان خلاف قبائلي سردار هوندو تہ ڏاڍ ڏمر جي هيسايل ۽ ڏيڇاريل ڳوٺاڻن جي ڏکن سورن جو ازالو ڪري سگهندو. حڪومت جي نئين نموني بابت ڪين ساڃهہ ڏيندو ۽ سندن حقن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪين فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ آماده ڪندو. ائين ٿيڻ سان هنن ڳوٺاڻن جا جائز مطالبا پورا ٿي سگهندا. تالپر دور ۾ هر شيءِ ڏنڊي جي زور تي ڪرائي ويندي هئي ۽ ميرن جا ماڻهو سرڪاري حق کان وڌيڪ ڍل محصول وصول ڪندا ۽ ڪين ڪير بہ چوڻ وارو ڪونہ هوندو هو. قبائلي نظام جي برقرار رهڻ سان ويچارو ڳوٺاڻو گهڻن دشمنن کان بچي پوندو. سنڌ ۾ اهڙين ڳالهين جو وڏو آزار آهي.

ڊيوڪ آف ويلنگٽن به اهڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. سندس نقطهٔ نظر آهي ته هندستان جي انگريز شهنشاهت لاءِ سڀ کان وڏو خطرو نئين علائقي جي فتح آهي. ڇاڪاڻ ته فتح کان پوءِ اڳيان ماڻهو نوڪرين مان ڪڍيا ويندا آهن. ان کان سواءِ پيٽ گذر جا ڪي ٻيا طريقا به ماڻهن کان کسيا ويندا آهن. اڳي جيڪي ماڻهو ڍل محصول جي اوڳاڙيءَ تي مقرر هوندا هئا يا فوجي هوندا هئا يا فوج جا سپهه سالار هوندا هئا، تن سڀني کان روزگار کسيو ويندو آهي. اڳي ته ڌاڙا هڻي ڦرلٽ ڪري ساري ملڪ کي ٺي پيينگ ڪيو ويو هو ۽ ڪير به انهن کان پڇڻ وارو ڪون هو انهن جي نڙيءَ تي به ننهن اچي ويندو آهي."

سنڌ ۾ انهيءَ قسم جو خوف ۽ خطرو تمام گهٽ موجود آهي. هتي فقط ميرن جي ڪامورا شاهي ماڻهن کي ڪانه ڦرينديي هئي. پر بلوچن جي ساري نسل،سنڌ کي ڦري لٽي پيلي پينگ ڪري ڇڏيو هو. پر ڪاردارن جي مقرري کان پوءِ بلوچن جي لٽ بند ٿي وئي آهي. ان کان پوليس جو ڪاتو به قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جي خوف کان وڳوڙي ماڻهن انگريز سرڪار جي مخالت ڪانه ٿا ڪن. هن کان سواءِ ٻي اهم ڳالهه هيءَ ڪئي وئي آهي ته وڏن گهراڻن جي بلوچ سردارن کي سندن جاگيرون موٽائي ڏنيون ويون آهن. تنهن ڪري اهي به انگريز سرڪار جا وفادار ۽ تابعدار ٿي ويا آهن. ڪين چيو ويو آهي ته جيتري وقت تائين هو انگريز سرڪار جا فرمانبردار رهندا تيستائين اهي جاگيرون کانئن کسيون ڪونه ونديون.

## ڍل ۽ محصول جي اوڳاڙيءَ ۾ بهتري

ضلعن جي قيام، ڪليڪٽرن ۽ ڪاردارن جي مقرريءَ کان پوءِ ڍل محصول جي اوڳاڙيءَ جا انگ اکر گهٽ وڌي ويا آهن. ابتدائي مهينن ۾ آمدني ٽن هزارن پائونڊن کان مٿي ڪانه هئي، جيڪا جولاءِ کان مٿي چڙهي وڃي ڏهن هزارن پائونڊن تي پهتي آهي. غلط طريقي واري وصوليءَ جو به پتو پئجي چڪو آهي. اها ڳالهه به معلوم ٿي چڪي آهي ته ماڻهو جائز ڍل ڏيڻ کان کهڙي طريقي سان بچي ويندا هئا. اهڙن ڪاردارن کي سزائون ڏنيون ويون آهن جيڪي ماڻهن لاءِ آزار بڻيل هئا ۽ ڍل ۽ محصول جا ڪوڙا انگ اکر ڏيندا هئا. اهو به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڍل ۽ محصول جي رقم، جنگ ۽ مصيبت دوران گهٽ وڌي وئي هئي. جڏهن ته اها ٽالپر دور ۾ تمام ٿوري هئي، تنهن ڪري سمجهيو ويو ته ڍل ۽ محصول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيداوار تمام گهٽجي آهي. اهو بہ يقين آهي تہ ان کي وڏندڙ آدمشماري کري اچيا بہ وڌائي سگهجي ٿو. قنڌار جا ماڻهو بہ وڏي تعداد ۾ شڪارپور ڏانهن اچي رهيا آهن. اهي هن ماڻهوءَ کي چپر چانوءَ سمجهي هيڏانهن اچي رهيا آهن. جنگ جي وڳوڙي وايو منڊل ۾ بہ هنن کي هتي امن ۽ آتشي نظر آئي آهي. بين پُرامن علائقن کان هنن کي جنگ واريءَ سنڌ ۾ وڌيڪ تحفظ ڏسڻ ۾ آيو آهي. سنڌي ٿوري گهٽي کاڌ خوراڪ تي راضي رهڻ وارا ماڻهو آهن. جيڪو کين سولائيءَ سان ملي ويندو آهي ۽ وڌيڪ هٿ پير ڪونہ هڻندا آهن. اڳي ٽالپر دور ۾ بنا معاوضي جي زوريءَ ڪم ڪرايو ويندو هو. ان کان پوءِ اهو ٿيو جيڪو مستقبل ۾ نظر اچي رهيو هو. کين نين ضرورتن جو احساس تي رهيو هو ۽ ڌارين ماڻهن جو مثال سندن سامهون هو. هنن ڳالهين سان گڏ اهڙو محصول لاڳو هو جيڪو اڳئين جي ڀيٽ ۾ گهٽو مناسب هو. ان کان سواءِ سرڪار پورهئي جي همت افزائي ڪري رهي هئي ۽ کين اتساهي رهي هئي تہ سندن پيرن هيٺان واري پلي زمين، ٿوريءَ محنت سان تمام گهٽي پيداوار ڏئي سگهي ٿي.

## هندن جو ميرن ڏانهن قرض ۽ انگريزن کان اوڳاڙي لاءِ اتڪلون

ابتدائي دور ۾ سنڌ جي نئين سرڪار تي هن سمجهاڻ لاءِ زور رکيو ويو هو تہ سردار Chief جي خوبي ۽ خاصيت ڪهڙي آهي. اهو ظاهر نظر اچي رهيو هو تہ هن ڳالهہ جو مقصد ڇا آهي ۽ اها ڳالهہ تہ سرڪار لاءِ هڪ وڏي سهوليت جو وسيلو بہ آهي پر سرداريءَ واري نظام قائم ڪرڻ سان مستقبل جا منصوبا ڪامياب تي ڪونہ سگهندا. ائين ڪرڻ سان هڪ اهڙو مثال قائم تي ويندو جيڪو ڏاڍو منجهيل هوندو. هتي اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ هندو واپاري پئسي ڏوڪڙ لاءِ ڳت ڏئي ويهي رهندو آهي. پئسو ڏوڪڙ هنن جو دين ايمان آهي. ان شيءِ کان سواءِ هنن کي دنيا اندر ڪا بي شيءِ ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ ايندي آهي. انگريز سرڪار جي اچڻ کانپوءِ بروچ سردارن کان پراٽا پاند ڇڪائي رهيا آهن. چاڪاڻ تہ هنن ماڻهن ٽالپر دور ۾ کين ڏاڍ ۽ ڏمر جا اهي ڏنيپ ڏنا هئا، جيڪي اجا کانئن وسريا ئي ڪونہ آهن. اهڙيءَ ريت بلوچ سردارن وياج تي هنن کان جيڪا روڪ رقم ورتي هئي تنهن تي هي هندو واپاري بنهہ، چاليهہ بلڪ پنجاهہ فيصد يا پنجاهہ في سيڪڙو گڏيل وياج وٺي رهيا آهن. هنن اهڙيءَ روايت قائم ڪرڻ لاءِ شروعات ئي ٽالپرن کان ڪئي آهي: سر چارلس کي هندن

جي اهڙين چالاڪين جو احساس تي ويو هو تہ جيڪڏهن اهو معاملو ميرن تائين پهتو تہ اهي هندن جي ڪيل دعوي کي تسليم ڪري ويهندا. پوءِ اها دعوي ڪٽي ڪيتري بہ ڪوڙي ۽ نڳيءَ جي بنيادن تي بيٺل هجي. اهڙي ريت اها رقم انگريز سرڪار کي ئي پرڻي پوندي ۽ هندن واپارين کي بہ اهڙي توقع آهي. ان کان سواءِ بمبئي واري ڏر بہ هندن کي اهڙا آسرا ڏنا آهن تہ ڪين اهڙا ڏنل قرض ڏياريا ويندا جيڪي هنن ميرن کي ڏنا هئا. پوءِ اهي ڪوڙا هوندا يا سچا. تنهن ڪري سر چارلس کي اڳواٺ ئي پرون پئجي ويا آهن تہ جيڪڏهن انهن ڪوڙين دعوائن جو هڪ وار جي در کُليو تہ ڪوڙن دعويدارن جي ڪلهي گيهہ لڳي ويندي. جڏهن شاهوڪار برهمڻن قرضن جي اوڳاڙيءَ لاءِ ڪيس درخواستون ڏنيون تہ انهن ۾ گذارش هن ريت ڪيل هئي تہ "سرڪار اوهان ميرن جو ملڪ فتح ۽ سنڌن خزانو ضبط ڪيو آهي. تنهنڪري اوهان سنڌن ورتل قرضن جي ادائگي لاءِ ذميوار آهيو ۽ اسان اوهان جي انصاف واري جزبي کي جاڳائڻ چاهيون ٿا. اسان جي اها رقم وڏي وٽ آهي." تالپر ڪانئن رقمون وٺندا هئا. پر ڪانئن وياج تي پئسا ڪونہ وٺندا هئا. اهڙي رقم ڪانئن زبردستيءَ وٺندا هئا. اها ضبطيءَ جي هڪ صورت هئي. انهيءَ طريقي مطابق شاهوڪار برهمڻن جي نڪ ۾ ڪن تي واڪ ڏياريا ويندا هئا.

هندن جون اهڙيون دعوائون بلڪل ڪوڙيون هيون. اهڙين درخواستن کي رد ڪرڻ جو ڪين اختيار نہ هو پر هن اهو انهيءَ ڪري استعمال ڪونہ ڪيو تہ عام ماڻهو هندن جي اهڙي جعلسازيءَ کان خبردار رهي ۽ ڏسي وائسي انهن سان معاملو طئي ڪري. تنهن ڪري هن ڪين جواب ۾ چيو هو تہ جنهن زماني ۾ اوهان ميرن کي هي رقم ڏني هئي تہ اهي اوهان جا دوست هئا. پر ان وقت بہ منهنجا دشمن هئا, پر مان اهو ڪڏهن ڪونہ ٻڌو آهي تہ ڪنهن سر تان آسرو لاهي انهيءَ لاءِ جنگ ڪانہ ڪئي آهي تہ هو فتح ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي دشمن جي خدمت ڪري. تنهن ڪري مان پنهنجي فتح ڪيل هر شيءِ سرڪار جي نالي ڪري ڇڏي آهي. توهان کي اها خبر هوندي تہ پهرينءَ جنگ کان اڳ ميرن جا نافذ ڪيل محصول ۽ قرض معاف ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن ان جنگ کان اڳ واري ميرن کي ڏنل رقم مان ادا ڪندس تہ ڪير بہ مون کي انصاف پسند ڪونہ سڏيندو ڇاڪاڻ تہ اوهان انهن ميرن کي مذڪوره رقم ڏني، جڏهن منهنجن دشمنن جي مدد ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس اهو جواب ڀڏي برهمڻ رڙ ڪري چيو هو: ”پوءِ تہ صاحب، اسان تباهہ ٿي وينداسون، ويلا (لنگهڻ تي) ويهي ويهي ويهنداسي، بلڪ صفا مري وينداسون.“

هنن جو اهو جواب ٻڌي سر چارلس ڪين وراڻيو هو: ”اها تہ مون لاءِ وڏي سهوليت هوندي. مان اوهان جي لاشن لاءِ وڏو شمشان گهاٽ کولائيندس. تنهن ڪري اوهان کي ڪابہ ڳڻتي ڪرڻ نہ گهرجي، چاڪاڻ مان پاڻ پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڏاڍي شان ۾ مان سان اوهان جا لاش چتا تي چاڙهائيندس.“

برهمڻ سنڌس اها ڳالهہ ٻڌي ڪلي ڏنو ۾ اهو قصو اتي ئي ختم ٿي ويو.

هندو شاهوڪارن جي اهڙين دعوائن کي منهن ڏيڻ لاءِ ساري سنڌ جي پيداوار بہ منهن ڏئي ڪانہ سگهي ها. پر خانگي طور جيڪي ننڍڙيون رقمون ڏنيون ويون، تن جي جاچ پڙتال ڪري ادائگي ڪئي وئي هئي. اهو قانون جو پورائو نہ، پر ڪليءَ دل جو مظاهرو ڪيو ويو هو. ائين ڪري هن جڻ چپ چيتيون ڪري چڏي هئي ۾ ائين ڪرڻ ضروري بہ هو. ان سان گو فاتح هجڻ جي ناتي سنڌس حق بہ هو. سنڌس هن عمل ڪري وياج خور نہ منجهائنس خوش ٿيا نہ وري ڪنهن ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هئائون. چاڪاڻ تہ هنن کي سنڌن مطالبن جي پيٺ ۾ رقمون ڪونہ مليون هيون.

## عدالتي نظام

عدالتي نظام کي ڪليڪٽرن جي حوالي ڪيو ويو هو. انصاف جو اهو طريقو محصول سان گڏايو ويو هو. اهڙي ريت ضلعي جي هر ڪليڪٽر کي اعليٰ عدالتي اختيار بہ ڏنا ويا هئا. ساڳيءَ ريت سب ڪليڪٽرن ۾ آئوٽ پوسٽ جي ڪمانڊنگ آفيسرن کي ماتحت مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو هو. انهن مئجسٽريٽن کي هيٺ ڏنل قانوني اصولن مطابق اختيار ڏنا ويا هئا:

هو فوجي مئجسٽريٽ هن ڳالهہ جو پابند آهي تہ هو ابتدائي جاچ پڙتال ڪندو ۾ قاضيءَ کان صلاح مشوا وٺندو جنهن جو عهدو جج – اتارني جهڙو هوندو. ان جو منصبي فرض ”محمدن لا“ ۾ ملڪي روايتن جي تشريح ڪرڻ هوندو. جيڪڏهن مئجسٽريٽ آڏو آيل معاملو ٻن ماڻهن جي وچ ۾ آهي تہ اسلامي قانون سولو شفاف ۾ انصاف پريو آهي. هيءَ اهڙو قانون آهي جيڪو مئجسٽريٽن جي تمام گهڻي مدد ڪري سگهي ٿو. هي قانون خاص ڪري انهن مئجسٽريٽن جي رهنمائي ڪندو. جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ضمير ۽ اصول کي آڏو رکي ڪنهن قانون سان فيصلو ڪندا آهن. انصاف جي آزاديءَ جو اصول ان ڪري نمايان طور رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ ترت ازالي جي صورت آهي. ڏوهن جا واقعا تمام گهٽا تي رهيا آهن. تنهن ڪري امن واسطي اهڙن جرمن جي سزا ڏيڻ لازمي ٿي پئي آهي. اهو سرڪاري انتظاميہ جي اڳتي وڌڻ جو پهريون قدم هوندو. چونڊ بہ اهڙن ڪليڪٽرن جي ڪئي وئي آهي. جن ۾ اخلاق جون خوبيون ۽ مئجسٽريٽ هئڻ جي اهليت هوندي. حقيقت اها آهي تہ اهي سڀ ننڍيون وڏيون مقرريون انهن ماڻهن جون ڪيون ويون آهن. جيڪي جنگ ۾ شريڪ هئا. هنن مقررين لاءِ انگلينڊ مان بہ سفارشون آيون هيون. ان ڪان سواءِ هتان جي اعليٰ عملدارن بہ چيو هو پر سيني کي انڪار ڪيو ويو آهي. هنن نوڪرين تي پهريون حق انهن ماڻهن جو آهي جيڪي جنگ ۾ شريڪ هئا ۽ سنڌ جي فتح ۾ حصو ورتو آهي. پر اهو شرط ضرور هوندو تہ اهي ان ملازمت جي اهل هوندا. ملازمت جي اهڙن دعويدارن جي دعوائن کي ڏسڻ وقت سندن خانداني پسمنظر کي ضرور ڏٺو ويندو.

مئجسٽريٽن انهن سيني معاملن کي اڪلائڻ جو عدالتي اختيار جيڪي سندن پڌڻ جوڳا هوندا. ان هوندي بہ کين سختي سان هدايت ڪئي وئي آهي تہ اهي شڪ دوران قاضيءَ سان ضرور صلاح مشورا ڪن. ان ڪان سواءِ سندن عدالتي اختيار هيٺ ڏنل قانوني اصولن مطابق هوندا.

جيڪڏهن معاملو ملڪيت سان واسطو رکي جنهن جي قيمت پنجويهن رپين ڪان مٿي آهي تہ ان سان لاڳاپيل شاهديون فارسي ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪيون وڃن. ڪوبہ سول سوٽ لکيل درخواست ڏيڻ ڪان سواءِ هلائي ڪونہ سگهبو. پوءِ اهو ڪٽي ڪيتريءَ بہ رقم جو ڇو نہ هجي. اها درخواست بہ فارسي ٻوليءَ ۾ هوندي. جنهن جي پٺئين پاسي تي مئجسٽريٽ کي پنهنجو فيصلو لکت ۾ ٻڌائڻو آهي.

جيڪڏهن سول سوٽ زمين جي حق ملڪيت سان واسطو رکي ٿو تہ اهو معاملو فقط چيف ڪليڪٽر ۽ ان جا ويجها ڪم شريڪ اڪلائي سگهن ٿا. فوجي مئجسٽريٽن کي هن ڳالهہ جو پابند بڻايو ويو آهي، تہ هر مهيني جي پهرين تاريخ تي ضلعي جي ڪليڪٽر ڏانهن رپورٽ موڪلن تہ گذريل مهيني دوران هنن ڪيترا سول سوٽ اڪلايا آهن.

جيتري قدر فوجداري معاملن جي اڪلائڻ جو تعلق آهي تہ ننڍن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معمولي فوجداري معاملن کي هلائڻ جو اختيار اسسٽنٽ مئجسٽريٽن کي سونپيو ويو آهي. جڏهن ته وڏا ۽ خطرناڪ فوجداري معاملا فقط ڪليڪٽر هلائي سگهن ٿا. جڏهن اهڙي سزا ڏني وڃي، جنهن جي اپيل داخل ڪري ڪانه ٿي سگهجي ته اها سزا آسان ۽ ڇهن مهينن کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اهڙي سزا ٽن مهينن لاءِ هجي ته اها سخت پورهئي سان شامل هئڻ کپي. جيڪڏهن سزا چوويهه ڪلاڪ لڪڙ يا هڪ سو روپيا ڏنڊ آهي ته اهڙي سزا هڪ هڪ جرم لاءِ ڏئي سگهجي ٿي. جيڪڏهن اهڙو جرم قانوني اصولن مطابق بيان ٿيل نه آهي، هنن ٻنهي مان ڪابه سزا ڏئي ڪانه ٿي سگهجي. پر جيڪڏهن سزا وڌيڪ آهي ته ان لاءِ گورنر جي اجازت ضروري آهي. جيڪڏهن ڏنڊ پنجويهن رپين کان مٿي ۽ سزا هڪ مهيني کان وڌيڪ آهي ته اهڙي معاملي کي قلمبند ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙو رڪارڊ فارسي ۾ هوندو آهي. جيڪڏهن جرم معمولي هوندو آهي ته ان کي فقط رجسٽر ۾ لکيو ويندو آهي.

هي عدالتي طريقو ميرن جي دور واري عدالتي طريقي سان هڪجهڙائي رکي ٿو جتي قانون ۽ عدالت فقط نالي ماتر هوندي هئي پر هي قانوني ۽ عدالتي اڳيرائي تعريف جوڳي آهي ڇاڪاڻ ته اها اصلي ۽ حقيقي آهي. هن عدالتي نظام لاءِ چونڊيل مئجسٽريٽ يورپي آهن جيڪي اعليٰ تعليم يافته آهن. سندن تعلق به سٺن خاندانن سان آهي ۽ بلند اخلاق جا مالڪ آهن. هتان جي ڪاردارن کي هنن سان ڪو ذاتي غرض به ڪونه آهي. سندن عدالتي اختيار قانوني اصولن جي پابندي آهن. عدالتي ڪارروايون به نهايت پابنديءَ سان جاري آهن، جن تي نظرثاني به ڪئي ويندي آهي. هنن جي ڏنل سزائن کي قانوني حدن اندر رکيو ويو آهي. اهڙي ريت جرم جي سزا ۾ ايذاءَ رساني ۽ ظلم ڪرڻ جي منع آهي. ٽالپر حڪمرانن جي اها ڪوشش هوندي هئي ته هو وڌ کان وڌ محصول حاصل ڪري سگهن. تنهن ڪري هنن ڪاردار به اهڙا مقرر ڪيا هئا، جيڪي ماڻهن کي نپوڙي رت به ڪيڍي وٺندا هئا. جڏهن ته انگريز سرڪار هنن کي انصاف جو يقين ڏياريو آهي ۽ ان کي برقرار رکڻ لاءِ ڏاڍي خبردار آهي، ڪين هرويرو سزا ڏيڻ کان لهرائيندي آهي. ٻنهي قسم جي حڪمرانن ۾ چٽو ۽ پڌرو فرق موجود آهي، جيڪو مختلف موقعن تي وڌيڪ ظاهر به ٿي چڪو آهي. ميرن جا ڪاردار ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهلي خدا جي خلق جي روبرو سنڌن بيعزتيون ڪندا هئا. ڪين نہ جهڙن ڏوهن لاءِ بہ وڏيون سزائون ملنديون هيون.

وڏن جُرمن جي ڪارروائيءَ جو عدالتي طريقو بلڪل مختلف آهي. اهڙن معاملن ۾ مئجسٽريٽ شاهديون قلمبند ڪندا آهن. جن کي سنڌ جي جج- ايڊووڪيٽ- جنرل ڏانهن موڪليو ويندو آهي. هاڻي هن عهدي تي ڪئپٽن ينگ آهي، جيڪو اعليٰ تعليم يافتہ، انصاف پسند ۽ محنتي آهي. ڪيس سر چارلس جي چوڻ تي لارڊ ايلنبرو مقرر ڪيو آهي. هي اعليٰ عملدار معاملي جي ڳوڙهي مطالعي کان پوءِ پنهنجو نوٽ هٽي گورنر ڏانهن موڪليندو آهي. جنهن ۾ قانون ۽ انصاف جي مختلف نڪتن تي بحث ڪيل هوندو آهي. گورنر ۽ گورنميٽ جو سيڪريٽري گڏجي هن معاملي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندو آهي ۽ شاهدن مان لاڳاپيل دستاويزن جو بہ ڳوڙهو اڀياس ڪندو آهي. ان کان پوءِ صحيح ڪري مجرم تي ڪيس هلائڻ لاءِ سيئي دستاويز فوجي ڪميشن ڏانهن روانو ڪري ڇڏيندو آهي. سيئي عدالتي معاملا اصولن مطابق اڪلايا ويندا آهن.

سيئي معاملا Cases قانوني اصولن مطابق هلايا ويندا آهن. جن جو مقصد ڪنهن ڊر تي اثر وجهڻ کان سواءِ حقيقت جي معلومات حاصل ڪرڻ آهي.

جج- ايڊووڪيٽ- جنرل اهڙن معاملن جا اهم نڪتا گورنر ڏانهن موڪليندو آهي. جنهن ۾ مئجسٽريٽ طرفان معاملي جي ڪارراوئي، شاهدين اوگاهين وسيلي معلوم ٿيل حقيقتن ۽ سزا بابت پنهنجو نقطہ نظر ٻڌائيندو آهي. ان کانپوءِ گورنر سزا جي فيصلي ٻڌائڻ کان اڳ وري بہ انهيءَ معاملي جي مختلف پاسن تي سوچيندو ويچاريندو آهي. هي نہ مجرم جي سزا کي وڌائيندو آهي نہ ڪنهن بہ طريقي سان پنهنجي اختيارن کي استعمال ڪندو آهي. توڙي جو ڪيس گورنر هٿڻ ناتي، تمام گهڻا اختيار هوندا آهن. جيڪڏهن هو ڪنهن کي ڦاسي بہ ڏئي تہ هن کان ڪير بہ پڇڻ ڳاڇڻ وارو ڪونہ آهي. پر هو پنهنجي ضمير ۽ عام راءِ جي عزت ضرور ڪندو آهي. ڪيس اها خبر آهي تہ انسان کي جڏهن تمام گهڻا اختيار هوندا آهن. پر پوءِ بہ هو هڪ ڪمزور ساهوارو آهي. هن جاچ ۽ تفتيش جون ڳالهيون ڇاٽي ڇجهي رکيون هيون، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو پاڻ بہ اهڙي جاچ پڙتال کان آجو نہ رهي. اهڙي جاچ ۽ تفتيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان نہ هو لنوائندو هو نہ چرڪندو هو. جيترو وقت بہ هو گورنر رهيو تہ هن ڪڏهن بہ عدالتي معاملن ۾ ڪابہ هٿ چراند ڪانہ ڪئي هئي. امن هجي، يا جنگ هجي، سنڌس رهائش گاهہ هجي يا جنگ جو ميدان هجي پر هر ڪريءَ سزا ڏيڻ کان اڳ هر معاملي جو ڳوڙهو مطالعو ڪندو هو ايتري قدر جو اهو سارو معاملو ڪيس برزبان ياد ٿي ويندو هو ۽ عملي طور اهو ڪندو هو جيڪو سنڌس حڪمت عملي لاءِ ضروري هوندو هو ۽ انصاف جون گهرجون پوريون ڪندو هو.

اهو ڄڻ قانون، انصاف ۽ سزا جو سنگم هوندو هو. اهڙا نڪتا مطلق العنانيت despotism جا جوهر هوندا آهن. پر سنڌس مزاج جو لاڙو اهڙي اصول ڏانهن هو جيڪو موت جي سزا کي پسند ڪونہ ڪندو آهي. ان ڪري سر چارلس بحث دوران اهڙي اصول جي فائدي ۾ ڳالهائيندو هو. سنڌس نقطئہ نظر هوندو هو تہ معاشري مان جرمن کي گهٽائڻ جا موت جي سزا ڏيڻ کان سواءِ ڪي ٻيا طريقا هجڻ گهرجن.

## خطرناڪ جرمن جي روڪ ٿام لاءِ سخت سزائن وارا قانون

هڪ ٻيري هن چيو هو تہ "جيڪڏهن اهڙا خطرناڪ جرم سنڌ ۾ ٿين تہ مجرمن کي سنڌوءَ ۾ ٻوڙيو وڃي. بلوچ پوڪي راهي ڪونہ ڪندا آهن. سنڌن پيٽ گذر جو ذريعو ڏنڌو ڏاڙا هڻڻ ۽ ڦريون لٽيون ڪرڻ هوندو آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن مٿن حڪومت ڪبي تہ ڪين ڦاسي ڏيڻ کان سواءِ امن امان پيدا ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. پر هن قسم جي سخت حڪمت عملي ڪري بيڪساريا ۽ ويلنگٽن خوش ڪونہ ٿيندا. پر هنن لاءِ بہ ائين ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو ٻيو رستو ڪليل ڪونہ هوندو.

هي موت جي سزا فقط قاتل کي ڏيندو هو. ابتدائي دور ۾ هو سخت قسم جون سزائون ڏيندو هو. جيڪي سنڌس عام سياءَ جي خلاف هيون. سنڌس حڪومت جي اهڙي طريقي کي مڙهيل پابنديون روڪي ڪونہ سگهنديون هيون. تنهن ڪري هن کي اٽيهئي خبردار ۽ بي چين رهڻو پوندو هو. جيڪي سنڌس ٻين ڳُٽين سان گڏجي ويون هيون. جن سنڌس صحت کي متاثر ڪري ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ بلوچ نسل وحشي آهي، سنڌن رسمون ۽ رواج بہ خطرناڪ آهن. هنن جي ظلم جا طريقا اهڙا تہ گندا آهن، جو ٻڌي ڏسي لونءُ ٿي ڪاندارجي وڃي ٿي. هنن جون مستقل گنديون عادتون انهيءَ ڪري هيون جو ٽالپرن هنن کي ڇڙواڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏئي ڇڏي هئي ۽ جيڪو به ڪيس قهر ڪرتو هوندو هو ته ڪري ويجي پار پوندا هئا. چوڏس وايو منڊل اهڙو هو جو احساس ته ڪٿي به موجود ڪونه هو. ان ڪري خوف پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ امن امان بحال ڪرڻ ته ممڪن ئي ڪونه هو. ڪنهن ايذاءَ tarture ڏيڻ، عضوو ڪپي معذور بڻائڻ، موت کان وڌيڪ خراب سزائون آهن. پر اهڙيون گنديون سزائون نه رڳو تالپر ڏيندا هئا، پر سنڌن نواب ۽ جاگيردار به اهڙين سزائن ڏيڻ کان ڪونه ڙندا هئا. ٻيو ته ٺهيو پر ڪاردار به وٺ جا ڪونه هوندا هئا. جن کي اهڙين سزائن ڏيڻ کان ڪو روڪڻ وارو به ڪونه هو.

## ٻروچن ۾ ڪارو ڪاريءَ جو رواج

ٻيو ته عورتن هٿان ٻارن کي ماري ڇڏڻ جو جڻ رواج آهي. اهڙا واقعا ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ڪونه ايندا پر ائين ڪرڻ جو جڻ جنون آهي ۽ انهن لاءِ ٻارن کي قتل ڪرڻ جڻ جرم ئي ڪونه آهي. ٻارن جا قتل انهيءَ ڪري ٿيندا آهن، جو ڪن ڪنوارين عورتن جو پير ترڪي ويندو آهي ته تازي ڄاول ٻار کي قتل ڪرڻ ڪانسواءِ هن لاءِ ڪو ٻيو رستو ڪونه هوندو آهي. هتي هڪ ٻي ڳالهه به نظر آئي آهي ته جڏهن عورت ڪنهن مرد سان تعلقات رکندي آهي، يا ان جي هلت چلت ۾ تورو به شڪ ٿيندو آهي يا ڪا عورت ان زائفان جي قتل ۾ دلچسپي رکندي آهي ته ان تيءِ ڪارهن جا ڪوڙا الزام هٽي قتل ڪرائي ڇڏيندي آهي. پوءِ مرد اهو ڪونه ڏسندا آهن ته اهو ڪوڙ آهي يا سچ. اهڙيءَ ريت هڪ مرد ان بي گناهه عورت کي چوٽيءَ کان جهليندو آهي ۽ ٻيو ان تي تلوار جو وار ڪري ڪيس هميشه لاءِ ننڊ ڏئي ڇڏيندو آهي. پر اهي مرد اهو ڪونه سوچيندا آهن ته سنڌن هڪ نه پر الائي ڪيترين پراين عورتن سان ناجائز تعلقات هوندا آهن. اهڙيءَ ريت ڪاريءَ يا ڳاڙهيءَ عورت کي قتل ڪرڻ، ٻروچ پنهنجو شان سمجهندا آهن. اهو ڪونه سوچيندا آهن ته انهن عورتن جو آخر قصور ڪهڙو هو.

هڪ بلوچ پنهنجي گهرواريءَ کي بي گناهه قتل ڪري ڇڏيو. بلوچ قبيلي جي هڪ سردار سر چارلس وٽ سفارش لاءِ آيو ته ان مجرم کي قتل جو گناهه معاف ڪيو وڃي. سندس اها ڳالهه ٻڌي هن سردار کي چيو: "نه، مان ان کي ڦاهيءَ تي لٽڪائيندس."

تنهن تي بلوچ سردار ڪيس وراڻيو: "سائين ان کي معمولي زال جي قتل

تي ڦاهيءَ چاڙهيندين. هن ٻيو جرم تہ ڪونہ ڪيو آهي، رڳو پنهنجيءَ زال کي قتل ڪيو اٿائين.“

جنرل ڪيس جواب ۾ چيو ”هائو ڇاڪاڻ تہ اها بي گناهہ هئي.“

بلوچ سردار ڪيس وراڻيو: ”هو ڪاوڙ ۾ هيو ۽ زال کي قتل ڪرڻ جو کيس حق هو.“

سر چارلس کيس نهہ پهہ جواب ڏنو: ”هاڻي تہ مان بہ ڪاوڙ ۾ آهيان. تنهن ڪري مان بہ کيس ضرور ڦاهيءَ چاڙهيندس.“

اهو تصور تہ هڪ بلوچ کي پنهنجيءَ زال کي قتل ڪرڻ جو پورو حق آهي، هر بلوچ جو هن تصور ۾ وڏو ويساهہ آهي. کيس اهو بہ يقين آهي تہ هن کي پنهنجي زال کي قتل ڪرڻ جو حق آهي. جنهن ڪان ڪير هن کي روڪي ٽوڪي ڪونہ ٿو سگهي. هن قسم جي جرم کي روڪڻ ڪان اڳ ڪيترائي ماڻهو ڦاسيءَ تي چڙهي چڪا آهن. ليڪن سر چارلس بہ اهو پڪو پهہ ڪري چڪو آهي تہ اهڙن قاتلن کي ضرور ڦاهيءَ تي چاڙهيندو. ٿوري وقت ڪان پوءِ عورت کي ڪارنهن جو الزام ڏئي قتل ڪرڻ جو لاڙو گهٽو گهٽجي ويو هو. سنڌس چوڻ آهي تہ ”ڦاسيءَ جا ڦندا مسلمانن جي مقدر کي لوڏي ڇڏيندا. بلوچ هوڏي نسل آهي. هي ماڻهو موت کي ڪجهہ بہ ڪونہ سمجهندا آهن. جنهن لاءِ هڪ مثال پيش ڪجي ٿو. هيءَ ڪا خيالي ڳالهہ نہ حقيقي تصوير آهي.

ڳالهہ هن ريت آهي تہ هڪ بلوچ کي قتل ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڦاهي چاڙهيو تي ويو. هو ماٺ ڪري ڦاسيءَ واري جاءِ وٽ پهتو هو. جڏهن کيس ڦاهيءَ چاڙهيو ويو تہ ڏوري ڇڇي پئي ۽ هو وچي هيٺ ڪريو. تنهن تي هن رڙ ڪري چيو: ”هوشياريءَ ڪان پوءِ بہ ڪي اتفاق ٿي پوندا آهن ۽ ڦاهيءَ چاڙهڻ جي ٻي ڪوشش ڪري ڏسو.“

اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ٽالپر حڪمرانن جي حرم ۾ داخل ڪرڻ لاءِ نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪريون زبردستي سنڌن گهرن مان ڪنيون وينديون هيون. پر خوف ڪان ڪير بہ ڪونہ ڪڇندو هو. عورتن خلاف ڪيل ظلم کي اهو چئي دٻايو ويندو آهي تہ حڪمران خدا جو پاڇو آهي. کيس اختيار آهي تہ جيڪو کيس وڻي ڪري. سر چارلس جو نقطہ نظر هو تہ اهڙو ظلم فقط غلامي ڪري هو. تنهن ڪري هن جنگ لاءِ هڪ خونخوار تلوار کي ڪتب آندو هو ۽ انصاف جي تيز ڪهاڙيءَ کي آزمائي

ڏنو هو. بلوچن جو اهو به تصور هو ته عورتن ۽ ننڍين ٻارن کي ڪي به حق ڪونه هوندا آهن ۽ کين زنده رهڻ جو ڪو حق ئي ڪونه هوندو آهي. هنن مظلومن جي آجپي لاءِ نهايت سخت قدم کڻڻ جي ضرورت هئي. انهيءَ مقصد سان جيئن وسيع ايراضي ۾ پکڙيل ميرن جي هن ڏاڍ، ڦهڙ ۽ اخلاقي ڇڙواڳيءَ کي ختم ڪري سگهجي. هن لاءِ فقط ترت ۽ تکڙي انصاف جي ضرورت آهي. اهڙين منصبي فرض جي ادائگي ڏکي هئي. پر هو انهيءَ کان گهٻرائجي ڪونه ويو هو. پر ڪنهن کي موت جي سزا ڏيڻ هن جي ضمير جي خلاف ڳالهه هئي. تنهن ڪري ان کي پڌو ڪم سمجهي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. خون جي معاملن جي به ان نقطئه نظر کان جاچ پڙتال ڪونه ڪندو هو ته ڪيئن ڪري به ان کي ڦاهيءَ جي سزا ملي. هن کي منصبي فرض جي ادائگي دوران چوويهن ڪلاڪن مان پنج يا ڇهه ڪلاڪ آرام لاءِ ملندا هئا. ان ئي وقت کيس سوچ ۽ فڪر کان واندڪائي ملي ويندي هئي پر آرام لاءِ ايترو وقت به کيس سدائين ڪونه ملندو هو.

## ستيءَ جي ڪُڌيءَ رسم جو خاتمو

هن فقط اهي ڪم ڪونه ڪيا هئا، پر سَتيءَ واري ڪڌيءَ رسم کي ختم به ڪري ڇڏيو هو. پر سنڌ ۾ اها ڪريت ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. جڏهن کيس هن قسم جي قربانيءَ جو اصلي ڪارڻ معلوم ٿيو ته هن رسم مان پنڊت کي گهڻي پيداوار ٿيندي آهي. هن ڪانسواءِ اهو به پتو پيس ته ان ۾ پنڊت جو ارادو شامل هوندو آهي ته هن انهيءَ قربانيءَ واري رسم کي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو. پنڊتن کيس چيو ته اها مذهبي رسم آهي تنهن ڪري توکي انهيءَ سان هٿ چراند ڪرڻ جو ڪو حق نه آهي. هنن وڌيڪ کيس اهو به چيو ته دنيا جي قومن وٽ ڪيئي مذهبي رسمون آهن جن جي عزت ڪرڻ گهرجي. انهن وانگي هيءَ رسم به مقدس آهي ۽ هن جي عزت رکڻ به ضروري آهي. سر چارلس سنڌن ڳاليهون ٻڌي کين چيو ته واقعي ستيءَ جي اها رسم مقدس هوندي. ويچارين رنڙ عورتن کي ساڙي رک ڪرڻ اوهان جي رسم هوندي. پلي اوهان ڏاگهه ٻاريو ۽ عورت کي ساڙيو. پر ٻڌي ڇڏيو ته منهنجي قوم جي هڪ رسم آهي ته جڏهن مرد جيئري عورت کي باهه ۾ ساڙيندا آهن ته انهن ذميوار ماڻهن کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويندو آهي ۽ انهيءَ جي ساري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪيت ضبط ڪئي ويندي آهي. منهنجي ڏکڻ ڪاٺ مان اهڙي جڳهه جوڙي رهيا آهن جتي انهن ماڻهن کي ڦاهي ڏني ويندي، جيڪي زنده عورت کي ساڙڻ جا ڏوهي هوندا. اچو ته اسان سيئي پنهنجي قومن جي رسمن پورين ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪوشش ڪريون. ان ڪارڻ پوءِ ڪنهن به عورت کي ستي ڪونه بڻايو ويو هو.

## بلوچن ۾ سر چارلس جو ويٺل ڏهڪاءُ

اسان جي صاف شفاف قسم جي عدل ۽ انصاف بلوچ نسل جي ماڻهن کي گناهه نظر ايندو هو. جاڪاڻ ته هنن جو ڏکهي عرصي وارو شان شوڪت ۽ دٻدٻو مٽيءَ ۾ ملي ويو هو. پر هنن کي اها حقيقت چڱيءَ ريت معلوم ٿي چڪي هئي ته سر چارلس هڪ فاتح جي روپ ۾ هڪ آمر به آهي، جيڪو ڪانئن انتقام به وٺي سگهي ٿو. سنڌن صحت کي سڪون ۽ آٿت به ڏئي سگهجي ٿو. جيڪو هنن وانگر هر طريقي سان ظالم ۽ وحشي به آهي. منجهن اوڻايون انهيءَ ڪري هيون جو منجهن علم ڪونه هو ۽ اجائي وڏائي ۽ فخر جو اظهار ڪندا هئا ۽ پيدائشي بگڙيل ۽ بداخلاق هئا. قدرت هنن جي شخصيت ۾ ڪي سٺيون ڳالهيون به شامل ڪيون هيون. جهڙوڪ بهادري ۽ شان شوڪت پر ان سان ٻٽاڪ به هڻي وٺندا هئا ۽ ڳالهه هميشه پنهنجي غرض ۽ شخص مفاد جي ڪندا آهن.

## سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن ۽ بلوچ سردارن جي ڦرلٽ جا طريقا

سنڌ جي ساري زمين ٽالپر سرڪار جي هئي، جيڪا هن شرط تي فقط بلوچ سردارن کي ڏني وئي هئي ته ضرورت وقت ٽالپر حڪمران جي مدد ڪندا ۽ هٿيار بند فوج مهيا ڪندا. اهڙيون جاگيرون ڪهڙو به حڪمران ڪسي سگهندو هو. ننڍا جاگيردار سدائين ڏڇي ۾ هوندا هئا، جاڪاڻ ته سنڌن جاگيرون مٿيون سٽبيون هيون. جاگيرن جي اهڙيءَ مٽ سٽ ۾ حڪمران جو فائدو هوندو هو. جاگير ڪنهن خاص عرصي لاءِ ڪانه ڏني ويندي هئي. اها حڪمرانن جي پنهنجي ذاتي مرضي هوندي هئي ته ڪيترو وقت جاگيردار تي راضي آهي. اهڙو ڪو قانون ۽ قاعدو به ڪونه هوندو هو. جڏهن حڪمران ڪنهن سردار تي راضي نه هوندو هو ته وجهه پيو ڳوليندو هو ته ڪهڙي ماڻهوءَ حوالي ڪري. ڪڏهن وري آزاد مزاج ماڻهو کي سزا ڏيڻ لاءِ به ائين ڪيو ويندو هو. ڪڏهن وڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگيردارن کان بہ جاگيرون کسيون وينديون هيون. جڏهن انهن جاگيرن پيداوار جي طفيلي سنڌن ماڻهو هنن جي ڪيڏ هوندا هئا. جاگير کسجي وڃڻ کان پوءِ هو پنهنجي تلوار بندوق سنڀاليندو هو ۽ پنهنجي ٻچن ٻارن جي پيٽ گذر لاءِ ڌاڙن ۽ ڦرلٽ جي ڌنڌي سان لڳي ويندو هو ۽ جاگير هلڻ تائين جنهن کي وٽندو هوس ڦري وڃي پار پوندو هو.

مهذب ۽ سڌريل ماڻهو اهڙيءَ ڪُريت بابت تہ سوچي بہ ڪونہ ٿو سگهي، پر سنڌ ۾ اهو رواج موجود هو. جيڪڏهن انگريز سنڌ کي فتح نہ ڪن ها تہ ٽالپرن جو اقتدار تہ هونءَ بہ ختم ٿيڻو هو. ان سان گڏ سنڌ جي هاري سماج پڇي پورا پورا ٿي وڃي ٿا. بلوچن جي ڦرلٽ چڻ سنڌ جي سماجي روايت بڻجي چڪي هئي. ڪنهن پرڏيهي مسافر کي ڦرڻ ڌاڙي جو معاملو هو ۽ ڪا نئين ۽ عيب واري ڳالهہ ڪانہ سمجهي ويندي هئي. اسڪاٽلينڊ جي ماڻهن وانگي بليڪ ميل ڪرڻ بہ بلوچن جو ڌنڌو هوندو هو. سنڌ جي بلوچن ۾ هڪ ٻيو رواج بہ هوندو هو. مثال طور بہ قبيلا پاڻ ۾ دشمن آهن ۽ هڪ قبيلو ٻئي کي جيڪڏهن چوپائي مال سامان جي نقطئہ نگاهہ کان نقصان پهچائي ٿو تہ، اهو قبيلو ٻئي ڪمزور قبيلي تي حملو ڪري پنهنجو نقصان پورو ڪندو آهي. اهڙي ريت ڦريل ۽ ڦريندڙ قبيلي جا سماجي تعلقات بہ ڇڄندا آهن. ڪمزور قبيلي وارا ان ڦورو قبيلي جي سلام لاءِ بہ ويندا آهن ۽ ڪنهن کي بہ ڪونہ ٻڌائيندا آهن تہ ڪنهن ڦريو آهي. ڦريل قبيلو ڦريندڙ قبيلي کي ايلاز منٿون ڪندو آهي تہ هو ڦريل مال ملڪيت موٽائي ڏيڻ ۾ سندس واهر ڪري ۽ ٽئين قبيلي کي لٽڻ ڦرڻ ۾ هن جي مدد ڪري.

## برطانوي سرڪار سان وفاداريءَ عيوض بلوچ سردارن کي ڏنل جاگيرون

ٽالپر حڪمران ڪڏهن هڪ جاگير بدران ٻي جاگير ڏيندا هئا. ڪڏهن وري جاگير صفا کسي بہ وٺندا آهن ۽ اهڙا معاملا سدائين پيا ٿيندا آهن. پر انگريز جنرل بلوچن کي انگريز سرڪار سان وفادار ۽ تابعدار رهڻ جي شرط تي جاگير ڏيڻ جو اصول جوڙي ورتو آهي. انهيءَ طريقي سان جاگيردارن جي پوئلڳن کي بہ پيٽ گذر لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي پوندو. سر چارلس نيپئر جاگيردارن کي ٻڌايو آهي تہ انگلينڊ کي اوهان جي فوجين جي ضرورت آهي. جيڪا جاگيردارن جي فوج آهي، هن کي پنهنجي ريگيولر فوج موجود آهي ۽ اهي گهٽي آهي. اهي جاگيرون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کي تلوارن ۽ ڍالن ڪري ڪونہ ڏنيون ويون آهن جيڪي فتح ڪان پوءِ جڙ ڪوڙيون ثابت ٿيون آهن. هن ڪين وڏيڪ چيو تہ اهي جاگيرون اوهان کي اُنهيءَ مقصد ۽ شرط سان ڏنيون ويون آهن تہ سنڌن جاگيرن ۾ جڏهن بہ ڪو سرڪاري ڪم شروع ٿئي تہ ڪوڏر ۽ چنچور مان مزدور مهيا ڪن. اهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ ائين پابند هئڻ گهرجي جيئن جنگ وقت ٽالپر حڪمرانن کي تلوارن ۽ بندوقن سان مسلح ماڻهو ڏيندا هئا. جنرل سر چارلس کي پورو يقين هو تہ اهڙن ڪمن ڪرڻ سان جاگيردارن جي زمين جي قيمت ۽ حيثيت وڌي ويندي. جنرل جي اها ڳالهہ ٻڌي جاگيردار ”ها“ ڪئي هئي، ان ڪان سواءِ هن ٻين اهم ڪمن ڪرڻ جو منصوبو بنايو هو جنهن جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي. هن مان سندس مقصد هو تہ هن ڪان پوءِ جيڪو ماڻهو اچي سنڌ جو انتظام سنڀالي تہ هي علائقو ڪيس سکيو ستابو ملڪ لڳي. ڪيس ائين محسوس نہ ٿئي تہ انگريزن ٽالپرن ڪان هڪ ملڪ نہ پر مال غنيمت ورتو هو. ان سان گڏ هن جاگيرن کي مستقل ڪرڻ جي ڳالهہ بہ سوچي هئي. اهڙي ڪم جي ابتدا هن وڏي طبقي ڪان ڪئي هئي.

### سنڌو درياءَ کي زراعت ۽ تجارت لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ رٿا

سندس خيال هي بہ هو تہ ڌرتي پيداوار جو وڏو ذريعو آهي جنهن جي زمين ڏاڍي ڀلي آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن زمين کي ننهن سان بہ کوٽي سگهبو آهي. سندس بنايل هن منصوبي ۾ ڪيئي بهتر ڳالهيون هيون. ڪيس توقع هئي تہ اهي مستقبل جي انتظاميہ سرگرمين لاءِ رهنما اصول طور ڪم اچي سگهن ٿيون. انهن مان پهرين ڳالهہ سنڌو آهي ۽ جيڪا نيل درياه وانگي ورهيارو چاڙهہ ڪندي آهي. هن درياه جي رڻ پٽن ۽ بيابانن سان اٽيهئي جنگ جوتيل هوندي آهي ۽ ڪين سرسبز ۽ خوشحال علائقو بڻائي ڇڏيندي آهي. ان ڪان سواءِ هي درياه پنجاب سان تجارت ڪرڻ جي هڪ شهہ رڳ آهي. هن درياه وسيلي وچ ايشيا جي ملڪن سان پڻ واپار ڪري سگهجي ٿو پر هتي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙن ڪمن تي خرچ ڪرڻ سان ڏاڍا سٺا نتيجا نڪري سگهن ٿا ۽ تجارت کي هڪ وڏو اتساهہ ملي سگهي ٿو. اهو وهڪرو ڪٿي اونهون ڪٿي ٽانگهو هوندو آهي. منجهس ڪُن ۽ ڪارونچار بہ ايندا آهن. جو اسان جا آگبوٽ Steamers بہ انهن ۾ تيز ڦرندا آهن. انهيءَ جي ڪنار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان جڳهون جوڙڻ بہ خطري کان خالي ڪونہ آهي. ان بابت سر چارلس نيپيئر جا پنهنجا لفظ آهن تہ "مان آگبوٽ جي عرشي deck تان بيهي ڏنو تہ هو پائينڊڙ ڪري اڌ ايڪڙ زمين جيترو ٽڪرو پاڻيءَ ۾ ڪيرائي وهائي ڪٽي ويو. درياهي آمد رفت لاءِ خاص قسم جي ٻيڙي هجڻ گهرجي. سندس سمنڊ وارا ڇوڙ بہ سدائين ساڳيا ڪونہ هوندا آهن. ان ڪري اتان جا پتڻ بہ مٽبا سٽبا رهندا آهن. ڪراچي بہ هن درياه جي جهاز راني لائق ڇوڙ کان چاليهہ ميل پري آهي. تنهن ڪري سنڌ جي هن بهترين بندر گاهہ ۾ ڪا سهوليت ڪانہ آهي. چؤماسي جي ڏينهن ۾ هي درياه تہ پار ڪرڻ جهڙو تہ رهندو ئي ڪونہ آهي.

ان ڪري سر چارلس جو خيال آهي تہ هن درياه وسيلي تجارت مان گهڻو فائدو ڪونہ ٿيندو. پر جيڪڏهن سکر ۽ ڪراچي وڏا شهر بڻجي ٿا وڃن تہ پوءِ واپار جو مستقبل روشن ٿي سگهي ٿو. سندس خيال هو تہ في الحال وڏيون رنڊڪون دور ڪيون وڃن. بعد ۾ واپارين جي سرگرمين ۽ ان وقت جي ضرورتن کي ڏسي ڪي سڌارا ڪيا ويندا. جيڪڏهن جنگ ۾ ۽ نااهل حڪومت ڪري جي وايو منڊل خراب نہ ٿيو تہ تجارت جو مستقبل نهايت روشن آهي، پر تنهن هوندي بہ هن اڳواٽ ئي درياهي پوليس جو انتظام جوڙي ورتو هو. جنهن ۾ بهاولپور جي خان ڏاڍي سهائتا ڪئي هئي. انهيءَ پوليس انتظاميہ جي قيام کان پوءِ سنڌوءَ وسيلي تجارت هڪ سو ملين تائين محفوظ ٿي ويندي. انهيءَ طريقي ڪراچي هڪ اهم تجارتي مرڪز بڻجي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت سنڌوءَ وسيلي اندروني آمد رفت بہ وڌي ويندي. امن امان جي قائم ٿيڻ ڪري زراعت ڏانهن بہ ڌيان ڇڪجي ويندو. ان کان سواءِ درياه جي گهرائيءَ کي معلوم ڪرڻ لاءِ انجنيئر کي پڻ ڪم سان لڳايو ويو آهي تہ، جيئن پتو پئجي سگهي تہ درياه جو پيٽ زمين جي مٿاڇري کان ڪيترو هيٺ آهي. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي ترقي جي سائنسي بنيادن تي ابتدا ٿي چڪي آهي. جنهن وسيلي هن ملڪ جي آبپاشي نظام کي ضابطي هيٺ رکي سگهبو. انهن ڳالهين وسيلي سنڌ جي پيداوار وڌندي ۽ ٿوري عرصي اندر سکي ستابي ٿي ويندي.

## سنڌ جا ٿر، بر، بحر ۽ پهاڙ

سنڌو درياه کان پوءِ سنڌ جي روهن ڪوهن ۾ بيابان علائقي ٿر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابت سوچيو ويچاريو ويندو. سنڌ جي اولهه پاسي هالار جبل آهي جيڪو سيوهڻ وٽ اچي سنڌوءَ سان لڳي ٿو. پر هن ماڳ کان مٿي ۽ هيٺ درياه کان پري ٿيندو ٿو وڃي. اهڙيءَ ريت اتر پاسي درياه ۽ جبلن جي وچ تي هڪ وسيع علائقو موجود آهي. جيڪو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي. ان سان گڏ ڏاڍو اهم به آهي. هي سکيو ستابو ۽ زرخيز علائقو بلوچ ڌاڙيلن جي ظلم جو نشانو بڻيل آهي. جيڪي هتان جي آباديءَ جي چيڙهه به ڪانه ٿا ڇڏن. تنهن ڪري هن پاسي ترقي ۽ سڌارن جي ڪمن کان پهريائين ريگيولر فوج ۽ بهتر انتظامي جوڙجڪ جي ضرورت آهي. سنڌ جي پرپاسي کان ٿر آهي. هن رڻ ۽ سنڌوءَ جي وچ مختصر آباد علائقو آهي. اهڙي ريت ٿر جي واري به هوريان هوريان آباد علائقي تائين تيستائين وڌندي رهندي جيستائين انسان ان کي روڪڻ جي ڪوشش نه ڪندو. ٿر واري ان غير آباد ۽ آباد علائقي جي وچ تي چوڏهن ميل ويڪري ۽ چار سو ميل ڊگهي زمين جي اهڙي پٽي آهي جنهن ۾ ٿر ۽ آباد علائقي واريون گڏيل خوبيون ۽ خاصيتون آهن. پر انساني ڪوششن سان هن علائقي کي به چڱيءَ ريت آباد ڪري سگهجي ٿو. سر چارلس پنهنجي فوجي پيش قدميءَ دوران امامگڙهه نالي هڪ قلعو به ڏٺو هو. جنهن بابت اڳ ڪنهن به يورپي ماڻهوءَ کي علم ڪونه هو. اهو علائقو به جابلو هو پر آباد هو. هن جوءِ ۾ گجگاهه پيلا به موجود هئا. هيءُ علائقو غير آباد به هو ته آباد به هو. گجگاهه پيلن جي اها سوڙهي پٽي ناري درياه جي الهندي ڪناري سان واقع هئي. هن وهڪري ٿر جي واري کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي.

پتو ڪونه آهي ته ناري وارو وهڪرو قدرتي آهي يا گهاڙ واهه آهي، جيڪو ڪڏهن عمرڪوٽ کان وهندو هو ۽ ٿر ۾ موجود آهي. جيڪڏهن پاڻيءَ جي ان وهڪري کي ساڳي پراڻي پيٽ سان وهايو وڃي ته هڪ وسيع علائقو آباد ٿي سگهي ٿو. اتي موجود ٽڪريون گرميءَ کان ماڻهن جو بچاءُ ڪري سگهن ٿيون. جيڪي ويچارا اتي آباد آهن. لارڊ ايلنبرو کي گذارش ڪئي وئي هئي ته هو انجنيئرن جو هڪ جٿو موڪلي، جيڪو جاچ پڙتال ڪري ٻڌائي ته سر چارلس جو اهو منصوبو قابل عمل آهي يا نه. هن منصوبي بابت سر چارلس نيپئر جا پنهنجا لفظ هي آهن ته، ”جيڪڏهن مان هليسو پوتاهيا جهڙي هن علائقي کي سرسبز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ آباد ڪرڻ ۾ سوپارو ٿي ويس ته مان هن عظيم ڌرتيءَ جي ماڻهن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري ويندس. مان هن ڌرتيءَ کي نه نقصان کان بچايو آهي ۽ نه وري فائدو ڏنو آهي ۽ مان ائين ڪري شڪست کاڌل ٽالپر حڪمرانن جي مڪاري تي، بڌا ٿهڪ ڏئي کلندس.“

حيدرآباد جي ڏکڻ پاسي سنڌوءَ جو چوڙ وارو علائقو آهي. اهو سنڌ جو سڀ کان شاهوڪار پرڳڻو آهي. پر ان ڪري ڏاڍو اٽانگو به آهي ته هتي وحشي قسم جا ماڻهو رهندا آهن. تنهن ڪري اتي ڪابه حڪومت قائم ڪري ڪانه ٿي سگهجي ۽ جيڪڏهن عوامي بهبودي لاءِ ڪي سڌارا آندا به ويا ته اتي نهايت خبرداري سان ڪم ڪرڻو پوندو. انهيءَ مقصد لاءِ ته متان ڪو ڏچو پيدا ٿي وڃي.

هن ملڪ جو عام پس منظر اهو آهي جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو آهي ۽ ماڻهن جي ترقي ۽ خوشحاليءَ واسطي پهريون ۽ وڏيون ڪوششون هي هونديون ته زراعت جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙيو وڃي ۽ تجارت جي سڌاري ۽ واڌاري ڪي قانون جوڙيا وڃن. آبپاشيءَ جو نظام قائم ڪيو وڃي ۽ درياه جي چاڙهه واري پاڻي کي چڱيءَ ريت ڪم آندو وڃي. هن ڪم جي پيٺ ۾ درياهي تجارت کي ثانوي حيثيت هجڻ گهرجي. پر ان کي وساري نه ڇڏجي پر اڳڪٿي اها ڪئي پئي وڃي ته اندروني ۽ ٻاهريون واپار قافلن وسيلي هلي سگهي ٿو. اهو فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن ٽالپرن حڪمرانن جي مڙهيل پابندين کي ختم ڪري واپارين کي سهولتون ڏبيون ۽ تجارت جي همت افزائي ڪبي. اهڙين ڳالهين کان پوءِ درياه کي تجارتي مقصدن واسطي ڪتب آڻي سگهبو ۽ سنڌ جي پيداواري وسيلن کي ڪم آڻي سگهبو. سر چارلس نيپئر پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي هن ريت چيو هو ته ”ڌاڙيلن جي ٿهري ڪارروائين تي ضابطو رکو. سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي اٿل کان روڪيو. سنڌ جي آمد و رفت ۾ ان جا ڪيئي پيداواري نمونا نڪري نروار ٿي پوندا.“

## ميرن جي ظلم کان لڏي ويل هنرمندن جي واپسيءَ لاءِ ڪوششون

ترقيءَ ۾ اوسر ڪرڻ واري راهه ۾ اجا به هڪ وڏي رنڊڪ موجود هئي، سا اها هئي ته ملڪ ۾ ڪو هنرمند ماڻهو ته موجود ئي ڪونه هو. ٽالپر حڪمرانن ۽ انهن جي ناعاقبت انديش سردارن پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ سان سنڌ جي هنرمنديءَ کي اجاڙي پينگ ڪري ڇڏيو هو. هو واڏن،

لوهرن، رازن ۽ ٻين هنرمندن کي اڌ مزدوري تي زوريءَ ڪم ڪرائيندا هئا يا تمام ٿوري پگهار ڏيندا هئا. آمدني جو اڌ ڪم جي لئسنسز ۾ هليو ويندو پوءِ باقي اڌ محصول وصول ڪندڙ مفت ۾ وٺي ويندو هو. جيڪڏهن ان ويچاري هنرمند جو ڪم پسند نه ايندو هو ته سندس بي عزتي ڪئي ويندي هئي ۽ ڪيس ماريو ڪٽيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ڀوريءَ سزا کان بچي ويو ته سندس نڪ ۽ ڪن ته وڍجڻ کان بچي ڪونه سگهندا هئا. تنهن ڪري اهي ماڻهو جيڪي پگهر وهائي پورهيو ڪري پيٽ پاليندا هئا، سي ٽالپرن ۽ ٻين سردارن جا ظلم ڏسي، پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي وڃي ٻين ملڪن ۾ پورهيو ڪندا هئا. اهڙي ريت هنرمند به هوريان هوريان ويا هلندا ۽ وطن جا وڻ ۽ واهيرا ويا ڇڏيندا. هاڻي حالت اهڙي آهي جو معمولي جڳهه جوڙڻ واسطي به ڪو رازو يا ڊکڻ ڪونه ٿو ملي.

اها اهڙي تڪليف هئي جو فوج واسطي ڪا تعمير ڪرڻ مشڪل ٿي وئي هئي. جڏهن ته جنرل چارلس جي خواهش هئي ته انهن لاءِ سهٽيون بئرڪس جوڙيون وڃن. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهو ڏٺو ويو آهي ته گنديون بئرڪس جرم ۽ موت جو سبب بڻيون آهن ۽ انگريز فوجي بيمار ٿي پوندا آهن. سر چارلس اهو به ڏٺو هو ته هر جاءِ تي بئرڪون اهڙيون ڻاهيون ويندڻون آهن جن ۾ ڪنهن به قسم جي سهوليت نه هوندي ٿي ڪانه آهي. اختيارين وارا مجرمانه لاپرواهيءَ کان ڪم ڪين وٺندا آهن جيڪي نامناسب جڳهن تي بئرڪون جوڙائيندا آهن. خرچ به تمام گهٽو ڪيو ويندو آهي، پر ان هوندي به رهڻ جهڙيون ڪونه هونديون آهن. جتي نه فوجين جي اخلاق جو خيال رکيو ويندو آهي نه وري سنڌن زندگين جو اونو ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري سر چارلس جي خواهش هئي ته بئرڪون اهڙيون خوبصورت تعمير ڪيون وڃن، جيڪي فوجين جي صحت جي نقطئه نظر کان بهتر هجن. پر هنرمندن جو ملڻ مشڪل ٿي ويو هو. هي ٻيو سرڪاري ڪم هو جنهن جي هن تڪميل ڪرڻ پئي گهري. تنهن ڪري هن اعلان ڪيو ته سنڌ ۽ پروارن ملڪن مان هر شعبي جا هنرمند گهرجن. ساڻن وڌين ڏهاڙين ۽ پگهارن ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. هو ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ ۾ گهڻو مشهور هو. سندس اهڙو اعلان ٻڌي ڪيترا هنرمند هليا آيا، جن ڪيس کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀيريون مطالبو اهو ڪيو تہ انهن کي ميرن طرفان ملندڙ معاوضي کان ڏهوڻ تي وڌيڪ ملڻ گهرجي. سنڌن اهڙيون ڳالهيون ٻڌي انگريز تہ ٻڃي ويا. ٻين وري هندستاني روش اختيار ڪئي ۽ چيائون کين وڌ کان وڌ معاوضو ڏنو وڃي. پر انهن جي اهڙي تقاضا ڏانهن بہ انهيءَ ڪري ڌيان ڪونہ ڏنو ويو. جو سمجهيو پئي ويو تہ اها بہ بي انصافي آهي. جيڪڏهن سنڌي هنرمندن کي مزدوري ۾ سٺا معاوضا ملندا رهيا ۽ کين سماجي تحفظ مليو ويو تہ هنن جا خيال ئي تبديل ٿي ويندا. انهن کي جيڪڏهن چئبو تہ سنڌ جي حڪمراني وري ٽالپرن کي ملي رهي آهي تہ اهي مزاحمت ڪندا. ڇاڪاڻ تہ هي ماڻهو انهن حڪمرانن جي ظلم ۽ ڏاڍ جا ڏنڀ ڏسي چڪا آهن ۽ ائين ضرور چوندا تہ انگريزن جي بادشاهي مان هر ماڻهوءَ کي فائدو آهي.

انهيءَ زماني ۾ سياسي اقتصاديات جي اڳتي وڌڻ جو تصور موجود هو. هڪ انگريز آفيسر ساموندي ڪناري جي مهاڻي کي چيو تہ مڇي مارڻ ڇڏي چار هٽي موتين جون سپون جهلي وٺي. جنهن تي مهاڻي کيس وراڻيو: ”هيءَ موسم اهڙي آهي جو سپون ٿوريون هٿ اينديون. پر تون سپن جي تعداد مطابق حساب ڪتاب ادا ڪندين جيڪو بلڪل ٿورو هوندو. ائين ٽيڻ سان منهنجي ٻچن جو پيٽ گذر تي ڪونہ سگهندو پر جيڪڏهن انهيءَ بدران هو مانگر مڇ ڦاسائيندو تہ سندس پيٽ گذر تي پوندو.

جنرل نيپئر ان انگريز عملدار کي چيو تہ هتي اسان ڌاڙا هڻڻ آيا آهيون يا سنڌ جي غريبن کي بچائڻ آيا آهيون؟“

تنهن تي عملدار وراڻيو: غريبن کي بچائڻ آيا آهيون.

سر چارلس جواب ۾ چيو: ”تون انهن کي سڌي سرڪار لاءِ جبري پورهيو ڪرائي رهيو آهين. تون ويهن خاندانن کي بک تي مارين يا انهن جو بچاءُ تو ڪرين؟

انگريز عملدار وراڻيو: ”اهي بک ڪونہ مرندا. هو پاڻ ئي چون ٿا تہ اسان سپن جهلڻ لاءِ راضي آهيون.“

سر نيپئر کيس چيو: جيڪڏهن سپن جهلڻ جو معاوضو مڇين ڦاسائڻ جي فائدي کان وڌيڪ هوندو تہ ڇا هو پوءِ مڇي ماريندا.“

”نہ“ مان سمجهان ٿو تہ هو ائين ڪونہ ڪندا. پر سرڪار کي محصول جي مد ۾ نقصان پهچي رهيو آهي. عملدار وراڻيو.

اسان کي اهڙو ڪو حق ڪونہ آهي، جو اسان ڪنهن کي پنهنجي روزگار کان جهلي سگهون. ڪين اسان کان وڌيڪ معلومات آهي تہ انهن کي ڪهڙي ڪم مان وڌيڪ فائدو آهي.“

. . . ۽ اهو قصو اتي ئي ختم ٿي ويو.

هيءَ آزاد قسم جي حڪمت عملي هئي، جيڪا ڏاڍي ڪامياب ثابت ٿي هئي. اهڙيءَ ريت مزدوري جو معاوضو بہ هوريا هوريان وڌڻ لڳو هو. پر اهو اثر ٽالپر دور جي ايذاءَ ۽ ڏاڍ جو هو. جنرل سر چارلس جو نقطئہ نظر هو تہ آرام واري زندگي گذارڻ بدران چونہ هنرمنديءَ واري صنعت کي ترقي ڏيارجي.

## سنڌ جي انتظامي تڪميل لاءِ نيپئر جي جاکوڙ

سيپٽمبر جي مهيني ۾ ساريءَ سنڌ اندر انتظاميہ جون سڀ شاخون قائم ٿي چڪيون هيون. انهيءَ وقت تائين سر چارلس جسماني طور ڏاڍو نبل ٿي ويو هو ۽ پنهنجي رهائشگاهہ حيدرآباد مان ڦيرائي ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي هئائين. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو اتي وڌيڪ آرام سان رهي سگهي. پر حقيقت اها بہ هئي تہ هن کي سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ طور حيدرآباد کان ڪراچي وڌيڪ مناسب لڳي رهي هئي. ڇاڪاڻ تہ هي ماڳ سياسي، فوجي ۽ ترت رابطي جي نقطئہ نظر کان ڄڻ سنڌ جي ڪنجي هو.

هن جنرل جي انتظامي سرگرمين کي بيان ڪرڻ کان اڳ جيڪڏهن سنڌس انهن سرگرمين جو ذڪر ڪرڻ بيجاءِ ڪونہ ٿيندو، جن جي هن سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ابتدا ڪئي هئي.

آڪٽوبر 1842ع ۾ سنڌ جا سياسي ۽ فوجي معاملا سر چارلس کي سونپيا ويا هئا. هي اهو زمانو هو جڏهن انگريزن جي فوج افغانستان ۾ شڪست کائي چڪي هئي ۽ برطانيہ جي هندستان سرڪار جي مرڪزي طاقت لڏي وئي هئي. ان وقت جنرل چارلس هن ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ بلڪل نئون ۽ اوپرو هو. انگريز سرڪار جا ڪجهہ پوليٽيڪل ايجنٽ بہ کيس مَنو پائيندا هئا. پر هن ٽن مهينن جي ٿوري عرصي اندر ميرن جي سازشن ۽ منصوبن کان چڱيءَ ريت واقف ٿي چڪو هو. هيءُ اتر سنڌ جي ميرن جي اتحاد کي ٽوڙڻ ۾ سوڀارو ٿي چڪو هو. جيڪي انهيءَ وقت گڏجي سنڌس فوج تي حملي ڪرڻ وارا هئا: هي سر چارلس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فوج لاءِ اويڙو ۽ ڏکيو زمانو هو. ان کان پوءِ اتر سنڌ جي هڪ مير بنا ڪنهن تلوار الارڻ جي لاڙ ڏانهن وڌڻ لڳو هو. عين انهيءَ زماني ۾ هن مير علي مراد کي ميرن جي اتحاد کان الڳ ڪرڻ ۾ پڻ سويارو ٿي ويو جيڪو اتر سنڌ جي سيني ميرن ۾ وڏيڪ سگهارو هو ۽ ڪيس پنهنجو پروسي جوڳو پاڻهن ٻيلي بنائي ورتو هو.

جنوري 1843ع ۾ هو پيش قدمي تر واري رڻ پٽ ۾ داخل ٿي، امام ڳڙهه نالي قلعي کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. هن قلعي کي ٽالپر ڏاڍو مضبوط قلعو سمجهندا هئا ۽ سندن تصور هو تہ ڪيس ڪير بہ فتح ڪري ڪونہ سگهندو.

17 جنوري 1843ع تي هن پنهنجي ٻہ هزار کان بہ گهٽ فوج سان بلوچن جي ڇتيهہ هزار فوج کي شڪست ڏني. اها جنگ فقط چار ڪلاڪ هلي، جنهن ۾ بلوچن جا ڇهہ هزار فوجي مارجي ويا هئا. ان فتح کانپوءِ حيدرآباد جي مضبوط قلعي جو مالڪ بڻجي ويو. ان سان گڏ ڇهن ٽالپر حڪمرانن کي جنگي قيدي بہ بڻايو ويو هو.

ان واقعي کان پوءِ فيبروري مهيني جا باقي ڏينهن ۽ مارچ جا ٽي هفتا پنهنجي فوجي واندين اندر خندقن کوٽائڻ ۾ ۽ قلعي جي مرمت ڪرڻ ۾ گذاريا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن درياه ۾ بيٺل آگبوٽن جو بچاءَ ڪري سگهجي. انهيءَ زماني ۾ هو ٽيهہ هزار تازه دم فوج جي حملي جي ضد ۾ هو. ماحول ڏاڍو خطرناڪ هو پر ان هوندي بہ سندس حوصلا بلند هئا.

هن 21 مارچ 1843ع تي مير شير محمد کي ڊبي جي جنگي ميدان ۾ شڪست ڏني. انهيءَ وقت سر چارلس سان چار هزار فوج ۽ سندس دشمن وٽ ڇهويهہ هزار جنگي جوان هئا. هن جنگ جو فقط ٽن ڪلاڪن ۾ فيصلو ٿي ويو هو. جنهن ۾ مير جا پنج هزار جوان مارجي ويا هئا. هن کان پوءِ اڳتي وڌي هن انگريز ڪمانڊر ميرپور خاص ۽ عمرڪوٽ جي قلعن تي ڪاهيو ۽ 18 اپريل تي موٽي حيدرآباد پهتو. انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ ۾ اڃا چاڙهہ ڪونہ آيو هو. تنهن ڪري سندس رابطا بدنظمي جو شڪار ڪونہ ٿيا هئا.

اپريل جو باقي حصو ۽ مئي جو سارو مهينو هو ٽنڊي الهيار ۽ ميرپور جي قلعن جي مرمت ۾ لڳو رهيو. انهيءَ دوران هن پنهنجي گورنمينٽ جي اهم اصولن ۽ منصوبہ بندي جو اعلان ڪيو هو. سندس ان اعلان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لٽ به ڏيڪاريل هئي ته چٽ به. هن جي اهڙي اعلان ڪان پوءِ چار سؤ وڏا جاگيردار ۽ قبائلي سردار وٽس هليا آيا ۽ انگريز سرڪار سان وفادار ۽ تابعدار هئڻ جو ساٿس واعدو ڪيو هو. هڪ پاسي ڪان هو بلوچ سردارن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري رهيو ته ٻئي پاسي سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ بلوچ ڌاڙيلن جي ڪارروائين تي به ڪڙي نظر رکي رهيو هو. انهيءَ زماني هن آگبوٽن جي آرماڙ کي منظم ڪيو ۽ سنڌوءَ جي اوياري رخ تي روانو ڪيو. پر اولهه پاسي وارن قبائلن اهڙي چرپر کي متاثر ڪري وڌو هو. ان ڪان سواءِ هن مير شير محمد جي بغاوتي ڪارروائين کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف هنڌن جي فوج کي ملائي هڪ ڪيو. هن مير نه رڳو بغاوت ڪئي هئي، پر شڪست کاڌل بلوچن کي متحد ڪري حيدرآباد پرسان بغاوت ڪرڻ جو منصوبو پڻ جوڙيو هو.

جون جي ابتدائي حصي ۾ هو مير شير محمد تي حيدرآباد مان ڪاهي ويو. جيڪو ان وقت چوڙ واري علائقي ۾ موجود هو ۽ سندس فوجي سگهه کي پيچي پروڙي ڪُرچل ڪري ڇڏيائين. اهو 8 جون ڏينهن هو ۽ گرمائش 132 ڊگريون فارن هائيٽ هئي ان وقت ته ڪيس هترادو ٿڌي ڪيل تنبوءَ ۾ هجڻ گهرجي ها. ڪيس ڏينهن لڳي ويو هو. گرمي جي بچاءَ ڪري سندس جسماني سگهه پوٽي پئجي وئي هئس. پر پوءِ به هو سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ موجود وڳوڙي وايو منڊل کي لوڙ پاٽي ڪرڻ ۾ سوڀارو تي ويو هو. اها سندس قائم ڪيل حڪمت عمليءَ جي ڦڙتي هئي. انهيءَ سان گڏ هن پنهنجي گورنمينٽ جي انتظاميه جي پڻ تڪميل ڪري ورتي هئي. ان ڪان سواءِ هو سنڌ جي امن آشتيءَ کي قائم ڪرڻ ۾ به ڪامياب تي چڪو هو.

سيپٽمبر ۾ گهٽي ڪم ڪيس ڏاڍو متاثر ڪيو هو. ويتر ڪيس گرميءَ جي بخار به نهوڙي رکيو هو. سندس صحت به گهٽي جهُري پئي هئي. ڊاڪٽرن هن کي ڪراچيءَ وڃي آرام ڪرڻ، ڪم ڇڏڻ يا ٻيءَ صورت ۾ حياتي کي الوداع ڪرڻ جو چيو هو. هو پنهنجي ڏهاڙي جي ڪم ڪار کي ڇڏڻ لاءِ راضي ڪونه ٿيو پر ڪراچي وڃڻ جي حامي ضرور ڀري هئائين. هڪ سال کن اڳ هن پنهنجا پير ڪراچي جي ساموڊي ڪناري تي ڌريا هئا ۽ هاڻي ڏهن مهينن ڪان پوءِ وري اچي ڪراچيءَ پهتو هو. انهيءَ زماني تائين سنڌ جهڙي اهم ملڪ کي فتح ڪري انهن لکن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جي سرڪار جي انتظاميہ جي جوڙجڪ جو بنيادي پٿر رکي چڪو هو جيڪي ڪيس اڳيئي انصاف پسند حڪمران تسليم ڪري چڪا هئا. پر هن وقت سر چارلس جي مخالف بمبئيءَ واري ڌر کي انهيءَ ڪري خوف ٿي رهيو هو جو سر چارلس سنڌ جي جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن سان ناهہ واري حڪمت عملي اختيار ڪئي هئي. ان ساڳي ڌر ڪڏهن سر چارلس خلاف پنڊٻي ٻاري ڇڏي هئي تہ هو ٽانڊيءَ ٽپڻو تيساريو ۽ چيڙاڪ آهي. هنن اها بہ واويلا شروع ڪئي هئي تہ سنڌس حڪومت اهڙن ماڻهن جي همت افزائي ڪري رهي آهي ۽ اکيون ٻوٽي مٿن اعتبار ڪري رهي آهي. جيڪي ويساه ڪرڻ جوڳا ئي ڪونہ آهن. ڪي وري هن ريت چئي رهيا هئا تہ بلوچ سردار ٺڳ آهن جن تي هن اعتبار ڪيو آهي. اهي تہ ڪيس ڇڏي هليا ويندا.“ ڪن جو تصور هو تہ ”مير شير محمد ساري بلوچستان کي، هن خلاف جنگ لاءِ پڙڪائي رهيو آهي.“ ڪن جو بيان وري هن ريت بہ ڏسبو تہ ”بلوچن سان سرچاءَ واريون ڳالهيون ڪرڻ پنهنجي ڪمزوري تسليم ڪرڻ برابر آهي. هنن ماڻهن مان ويساه گهاتيءَ جو اڏڪو ڪرڻ گهرجي.“ بمبئي جي گورنر سر جاج آرٿر بہ ان ڌر جي اجاين ڳالهين کان متاثر ٿي هڪ خط لکيو هو جنهن جي جوابي خط ۾ اهڙين ڳالهين جو اظهار ڪيو ويو جن مٿس مڙهيل ڪوڙن الزامن جو سارو تاڃي پيٽو ئي اڊڙي ويو هو. ان سان گڏ اهڙو احوال بہ ٻڌايو ويو هو تہ سنڌ جو انتظام طاقتور هٿن ۾ آهي.

مير شير محمد پنهنجو ڪٽنب سنڌ ۾ ڇڏي پاڻ قنڌار هليو ويو آهي. انهن ڳالهين مان لڳي ٿو تہ هو ٿوري گهٽين ڏينهن موٽي ايندو. هي ماڻهو پنهنجو سفير پاڻ آهي. هيءُ اهو بادشاهہ آهي جنهن جو سفير بہ هي خود پاڻ آهي. حقيقت ۾ هي تہ پينو فقير آهي، ان کان آخر ڊڄڻ بہ ڇو گهرجي. هاڻي تہ سنڌ جا سڀ وڏا جاگيردار انگريزن جا دوست ٿي ويا آهن. مون کي پورو يقين آهي، هو هر حال ۾ انگريزن جا وفادار ۽ تابعدار رهندا. اهي ماڻهو جيڪي هنن جي ڊچ کان دهلجي ويا آهن اهي ٻڌائن تہ اهي هنن سردارن کان ڇو ڪنبي رهيا آهن. فرض ڪريو تہ اهي بلوچ سردار غدار ٿي ويا آهن تہ ڇا انهن کي مڙسي سان منهن ڏيڻ لاءِ مون وٽ بهادر فوج موجود ڪانہ آهي؟ پر هاڻي تہ هتان جو عام ماڻهو بہ مون سان گڏ آهي. اهي سيئي هڪ هنڌ گڏ آهن ۽ ٽولين ۾ ورهايل ڪونہ آهن نہ

وري انهن کي ڏار ڏار ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانسواءِ بارود به اڻ ڪٿ آهي. ڇا مان انتظام رکي ڪونه ٿو سگهان ڇا؟ ڇا مان سيني قلعن جي مرمت ڪرڻ بجاءِ مزاحمت جي تياري مڪمل ڪانه ڪئي آهي؟ اهڙا ڪم سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اجا به جاري آهن. ڇاڪاڻ ته مون کي انهن جي امڪاني ضرورت جو احساس آهي. اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جو مون کي لاپرواهه سڏيو وڃي ٿو. جيستائين اهڙيون ڳالهيون ثابت نه ٿيون تين تيستائين مونکي اجايو لوبو ڇو ٿو وڃي. جيڪڏهن حالتن کي ڏسي مان بلوچ سردارن کي جاگيرون ڏئي ناهه لاءِ آماده ڪيو آهي ته آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو اٿم؟ سنڌ جا سيئي بلوچ سردار ۽ سندن پوئلڳ هٿيار بند هئا. مان جيڪڏهن ڪين جاگيرون ڏئي هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ راضي ڪيو ته ڇا مان مجرم بڻجي ويس؟ يلي جنگ لاءِ بگل جو آواز بلند ڪريو مان پنجاهه هزار دشمن کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مونکي فوجي هئڻ ناتي هر وقت پوريءَ ريت جنگ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. سنڌ جي ڇتيءَ گرميءَ ڪري واٽڙو ٿي ويو آهيان، پر ماٺ ڪري ڪونه وينو آهيان. ڇاڪاڻ ته هن موسم تي منهنجو وس ڪونه ٿو هلي. مان پنهنجي خواهش مطابق مزدور پيدا ڪري ڪونه ٿو سگهان. جيڪڏهن مان انهن کي ٿوري به سزا ڏيندس ته هو ڪيڏانهن گم ٿي ويندا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

# سنڌ جي زمين جي ورهاست، زرعي پيداوار، آبپاشي نظام، ڍل ۽ آمدنيءَ جا ٻيا ذريعا

سر چارلس نيپئر ڪراچيءَ ۾ ويهي، مختلف ڪليڪٽرن ۽ انجنيئرن جي ڏنل رپورٽن کي آڏو رکي، سنڌ جي انتظاميه جي جوڙجڪ جو اهڙو بنيادي پٿر رکيو هو جنهن جو تعلق ميرن جي حڪمراني هيٺ رهندڙ ماڻهن سان هو ۽ جنهن جي پيش منظر ۾ سنڌ جي بهتري هئي. اهڙيءَ ريت معلوم ائين ٿيندو ته نئين انتظامي جوڙجڪ گندي حڪومت روح کي ڦٽڪن هڻڻ برابر هوندي آهي. اهو گند ڪچرو چوڌس پکڙيل آهي ۽ هيٺ گهرو به آهي. اهڙي گندي قسم جي حڪومت جي تباهي جنگ جي اجاڙ کان وڌيڪ خطرناڪ هوندي آهي. پر هوندي سو وقتي آهي. جيئن ان جو دور گذرندو ويندو انساني قوتون ايرنديون ۽ اپار ڪائينديون رهنديون آهن. ان کان پوءِ هڪ اهڙي طاقت پيدا ٿيندي آهي، جو انهيءَ گنديءَ حڪومت جي ڇڏيل سيني خرابين ۽ انهن جي اثرن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙو اثر بين ڳالهن کان سواءِ پوکيءَ راهي تي به پوندو آهي ۽ اهو اثر ڏاڍيءَ دير تائين رهندو آهي. اهو اثر انهن علائقن تي به پوندو آهي، جتان ”پو“ Po درياه وهندو آهي ۽ اهي علائقا به متاثر ٿي ويندا آهن. جن کي سڪيلڊ Scheld درياه آباد ڪندو آهي. مذڪوره علائقا يورپي ملڪن جا جنگي ميدان رهيا آهن، جيڪي ڪڏهن سڪيا ستابا هوندا هئا پر هاڻي ته اهي ويران لڳا پيا آهن.

ٿوري عرصي واريءَ جنگ دوران به عورت جي عزت وڏي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته مردن جي غير حاضري ۾ گهر جي ضرورتن کي اُهي منهن ڏينديون آهن. ان وقت سندن خيالن ۾ مهانتا ۽ مزاج ۾ سنجيدگي اچي ويندي آهي. ان دور ۾ عورت سان مرد جا به خيال اوچا ۽ اعليٰ ٿي ويندا آهن ۽ هر بيهودگي کان دور هوندا آهن. اهڙيون بهترين ڳالهيون قومي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ دوران ڏسبيون آهن. پر گهرو جنگ ۾ اهڙيون اوچيون ۽ پليون ڳالهيون ڪونہ ڏسبيون آهن. ڇاڪاڻ تہ گهرو جنگ گنديءَ حڪومت جي علامت هوندي آهي. جنهن جا نتيجا ڏاڍا خراب نڪرندا آهن. سنڌ ۾ بہ اهڙيون گنديون ۽ اخلاق سوز ڳالهيون چوٽ چڙهيل آهن. جيڪي ٽالپر دور جي گندي حڪومت ڪري آهن. جنهن جا ڪردار بہ اهڙا آهن. جو ڏسي اندر کي جهٽڪو لڳي وڃي ٿو. انهن گندين ڳالهين کي صاف ڪرڻ انگريز فاتح جي ذميواري آهي. اهي خرابيون هاٽي چوٽ چڙهي ويون آهن. جن کي روڪڻ جي سگهہ فقط سر چارلس نيپئر کي آهي، نہ تہ اهي اجا بہ اڳتي وڌي ساري ملڪ کي تباهہ ڪري ڇڏينديون.

ساري سنڌ جي زمين ٽالپر حڪمرانن جي آهي، جن بلوچ جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي. حڪمرانن جو وڏ ۾ وڏ محصول زمين جي پيداوار مان اوڳرندو آهي. پئسي ڏوڪڙ جي وصوليءَ دوران اهي ايذاءَ رساني ڪان بہ ڪونہ مڙندا هئا. ڪن ماڻهن جا عضوا بہ وڍيا ويندا هئا. حڪمران بہ نالي ماتر هئا ۽ پئداوار جو اڌ محصول طور وٺندا هئا. هر بلوچ حڪمران ۽ هو سنڌي رعيتي ماڻهو هوندو هو. حڪمران انهن رعيتن کان پيداوار جون بہ پتيون وٺندا هئا ۽ ٽين پتي رعيتن کي ملندي هئي. هن قسم جي ورهاست کي تہ سهي بٽئي چيو ويندو هو. ڪڏهن تہ اوڳاڙي هڪ جهڙي ڪانہ هوندي هئي. ڪن هنڌن تي روڪ رقم بہ ورتي ويندي هئي، نہ تہ محصول جنس جي صورت ۾ وصول ڪيو ويندو هو. جن علائقن مان محصول (ڍل) روڪ رقم جي شڪل ۾ اوڳاڙيو ويندو هو تہ تن علائقن ۾ ظلم ۽ قهر بہ چوٽ تي چڙهيل هو. ڪلهوڙن حڪمرانن زمينون موروثي طور ڏئي ڇڏيون هيون. ۽ ان زمين ۾ تمام گهٽي دلچسپي ورتي ويندي هئي. جڏهن ساري سنڌ تي ڪلهوڙا راڄ قائم ٿي ويو تہ ملڪ ڏاڍو خوشحال ٿي ويو هو پر ٽالپر حڪمران پنهنجي شخصي فائدي ۾ نظر رکندا هئا. ورثي ۾ مليل سيئي زمينون مالڪن کان کسيون ويون هيون. هاريو فقط رعيتي ماڻهو ڪندا هئا، جن کي غلام سمجهيو ويندو هو. ساريءَ سنڌ جي چوٿين حصي جيتري زمين تي شڪارگاهہ ٺاهيا ويا هئا. سڀ کان وڌيڪ زرخيز ۽ پليون زمينون بلوچ جاگيردارن ۽ بلوچ قبائلي سردارن کي ڏنيون ويون هيون، جيڪي پوکي راهي ڪرڻ تہ جاڻندا ئي ڪونہ هئا. انئي پهر واندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪک پيچي پيٽو به ڪونه ڪندا هئا. نه پرواهه لٿيءَ جي نه اُبريءَ جي. پر ڇاگيردار هجڻ وارو شان اهڙو ڏيکاريندا هئا. جو سندن پير ڏرتيءَ تي ڪپندو ئي ڪونه هو.

معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته ٽالپرن جي ڏاڏاين کان آجا بلوچ جاگيردار به ڪونه هئا. انهن کي پيداوار جو ايترو حصو ڪونه ملندو هو. جيترو حڪمرانن کي سرڪاري زمين جي آبادي تان ملندو هو. ننڍا جاگيردار ته ويتر وڌي ڏچي ۾ هئا. ڇاڪاڻ ته حڪمران ڪڙين ۽ ڪسين جي ڪاٽي ڪونه ڪرائيندا هئا. تنهن ڪري پوکي راهي مشڪل بلڪ ناممڪن ٿي ويندي هئي. تنهن ڪري اپت اڌ به ڪانه ٿيندي هئي. اهو ئي ڪارڻ هو جو جاگيردارن ۽ حڪمرانن وچ ۾ تڪرار پيو هلندو هو ۽ ٽالپر وصوليءَ لاءِ ڏاڍ کان ڪم وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪو جاگيردار پٽ جي اولاد کان سواءِ مري ويندو هو ته هن جي جاگير سندس ڌيءَ کي نه ملندي هئي. جيڪڏهن پٽ ننڍا هوندا هئا ته بالغ ٿيڻ کان پوءِ کين پيءُ واري جاگير ڏني ويندي هئي. هنن جاگيرن جو اهم مقصد ٽالپر حڪمرانن کي خوش ڪرڻ هوندو هو ۽ خاص موقعن تي انهن کي قيمتي تحفا به ڏنا ويندا هئا.

ڊل طور سرڪار اناج وصول ڪندي هئي، جيڪو وري هندو واپارين کي ڏنو ويندو هو. ٽالپر سرڪار مٿن ڏاڍ ڪري هڪ کان ڏيڍوڻ اگهه تي اَنُ ڏيندي هئي. واڻيان ويچارا ڪچي پنڊي سو سزا جي ڊج کان ميرن جون اُره زوريون ۽ ڏاڍايون مڃي ويندا هئا. مير نصير خان 3_1842ع ۾ هڪ هندو واپاريءَ کي مجبور ڪيو هو ته ڪانئس ساريون في خرار 26 روپين ۾ خريد ڪري. جڏهن ته چانورن جو ڪليءَ بازار ۾ اگهه ارڙهن کان ويهه رپيا هو.

سنڌ ۾ پوکي راهي جو سارو دارومدار آبپاشي نظام تي آهي. ٽالپر حڪمران رعيت کان زوريءَ پوکي راهي ڪرائيندا هئا. هن خاندان پنهنجي حڪمرانيءَ جي ساري دور ۾ ڪوبه خرچ نه ڪيو هو. سنڌ جا سڀ ننڍا وڏا واهه ڪڙيا ۽ ڪسيون اڳين حڪمرانن جون کوٽايل هيون، جن کي پنهنجي هڙئون خرچ ڪري صفائي به ڪونه ڪرائيندا هئا. هتان جي آبادي فقط سنڌوءَ جي چاڙهه واري موسم تي ٿيندي هئي. جڏهن واهن مان پاڻي اچڻ صفا بند ٿي ويندو هو ته پوءِ به مير ڪاٽي ۽ صفائي واسطي تمام ٿورو خرچ ڪرڻ چاهيندا هئا. اهڙيءَ ريت ڪاٽي ۽ صفائي به مختصر ٿيندي هئي. پهرين ڳالهه ته اٿل وارو پاڻي چاڙهه ڪري پنهنجي

پهچ تائين پنيون ۽ پيلا ٻوٽا وجهي پار پوندو هو. باقي ٻيءَ زمين جي آبادي لاءِ واهه کوٽيا ۽ کَس کوٽائي پاڻي پهچايو ويندو هو ۽ فصل نار جي مدد سان پچايا ويندا هئا. جتي شخصي مفاد وڌيڪ هوندو هو ته بٽئي اڌو اڌ هوندي هئي ۽ فصل جي پيداوار جو اڌ سرڪار جو ۽ اڌ جاگيردار جو هوندو هو. ڪٿي وري پنج سهي بٽئي هوندي هئي. هن قسم جي تقسيم مطابق پيداوار جا پنج حصا ڪيا ويندا هئا. جن مان ٻه حصا سرڪار کڻندي ۽ ٽي حصا جاگيردار کي ملندا هئا. پر اهڙي بٽئي جو دارومدار آبپاشي نظام جي سهوليت ۽ سهي تي هوندو هو. جيڪڏهن زمين ڪُسهي هوندي هئي ته سرڪارَ جو حصو گهٽ ٿي ويندو هو ۽ جيڪڏهن پاڻي جي پيچ اٽانگي هوندي هئي ته سرڪار پيداور جو اڌ وٺندي هئي. وڌيڪ ڍل انهيءَ زمين تان اڳاڙي ويندي هئي جتي نوان واهه کوٽايا ويندا هئا. پر سرڪار جا اهڙا حصا به نالي ماتر هوندا هئا هر مير جي حڪمرانيءَ اندر ڍل جا اگهه ڌار ڌار ۽ پنهنجا هوندا هئا. پر هڪ ٽئي مير جي حڪمرانيءَ جي حدن اندر به ڍل جا اگهه مختلف هوندا هئا.

ڍل جي وصوليءَ جو هڪ طريقو بٽئي هوندو هو جنهن مطابق ٽالپر سرڪار زمين جي پيداوار جو حصو جنس جي شڪل ۾ کڻندي هئي. ٻيو طريقو ڪاسگي Kasgee جو هوندو هو. ان طريقي مطابق ميرن جو ڪاردار بيٺل فصل جو اندازو ڪري. اَن جا ڪاسا مقرر ڪندو هو. جڏهن اناج ڳاهجي ۽ واور جي صاف ٿيندو هو ته مير جو مقرر ڪيل سيٺ اچي مقرر ڪيل ڪاسن جي وصولي ڪندو هو. جڏهن ته ٽيون طريقو داڻبندي danbandi جو هوندو هو. ڪاسگي ۽ داڻبنديءَ ۾ فرق هي هوندو هو ته آباد زمين جي ماپ ڪرڻ کان پوءِ ڪاسگي مقرر ٿيندي هئي. جڏهن ته داڻبندي فصل جي پلائي ڏلائي کي ڏسي پوءِ مقرر ڪئي ويندي هئي. رعيتي ماڻهو جيڪي هاري هوندا هئا. سي بٽئيءَ کان وڌيڪ ڪاسگي ۽ داڻبنديءَ کي پسند ڪندا هئا. چاڪاڻ ته بٽئي واري طريقي ۾ رعيتي ويچاري تي ٻيون ڳالهيون به مڙهيون ويندين هيون. جهڙوڪ: ڪارائو جيڪو بيٺل فصل تي نظرداري ڪندو هو. ان جي ماني ٽڪي به رعيتي مٿان هوندي هئي. لاباري کان پوءِ ڳاهڻ ڳهڻ ۽ ان جي واورجي صاف ٿيڻ تائين ديري تي راکو ويهندو هو جنهن جي خرچ پکي جو بار به هاري جي ڪنڌ تي هوندو هو. جنهن ڏينهن ڪاردار بٽئي ڪندو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهان سان گڏ آيل اتالي جي ماڻهن جو خرچ پکو بہ ويچارو رعيتي ڀريندو آهي. تنهن ڪري انهن ڏچن کان بچڻ واسطي هي ماڻهو ڪاسگي ۽ داڻبندي کي وڏيڪ پسند ڪندو آهي. اهڙي ريت پيداوار جي تقسيم سان لاڳاپيل ڳالهيون ميرن ۽ ڪاردارن جي مرضيءَ مطابق پيون ڦرنديون رهنديون آهن. رعيتي ماڻهن کي ميرن جي مٿئين حصي head money بہ ڀرڻي پوندي هئي. ان کان سواءِ ميرن جي اناج کي سرڪاري پانڌي تائين پهچائڻ جو خرچ پکو بہ رعيتي ڀريندو هو. اهڙن خرچن کان پوءِ وٽس ايترو ان ڪونہ بچندو هو جو پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪري سگهي ۽ ايندڙ سال جي فصل لاءِ ٻج بہ بچائي سگهي، تنهن ڪري ڪيس ميرن کان اهو ساڳيو سندس ئي ان ڏاڍي مهانگي اگهہ تي ملندو هو.

## ٽالپر حڪمرانن جو آزاريل عوام، واپاري ۽ صنعتڪار

هنن حڪمرانن جي اهڙي ڏاڍ کان جت ۽ کوسا آباد علائقا ۽ پليون زرخيز زمينون ڇڏي وڃي ٿر ۾ آباد ٿيا آهن. سندن خيال آهي تہ هنن حڪمرانن کان تہ ٿر جي سڄ چڱي آهي. هت بہ جاڏي نهار تہ سڄ پئي تي واڪا ڪري، رعيتي ماڻهو ڪنگال ٿي ويا آهن. هنرمند بہ لڏي، پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي وڃي ٻين ملڪن ۾ سک جو ساهہ کنيو آهي، سنڌ ۾ تہ انهن جو نانءُ نشان بہ ڪونہ آهي.

هتان جي صنعتڪار ۽ واپاريءَ جو بہ ساهہ مُٺ ۾ آهي، پر هنن مان هندو ماڻهو چالاڪ ۽ اٽڪلي آهن، تنهن ڪري هو پنهنجو بچاءُ ڪري سگهندا آهن. اها ويجهي ماضيءَ جي ڳالهہ آهي جو سنڌ سوٽي ڪپڙي ۽ شالن ڪري ڏاڍي مشهور هوندي هئي. هن صنعت جو مشهور شهر ٺٽو هوندو هو. جيڪو لاڙ ۾ سنڌوءَ ڪناري سان واقع آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ هي وڏو ۽ مشهور شهر هوندو هو. پر اڄ هن شهر جي چاليهہ ميل چوڌاري سڄ پئي واڪا ڪري. ٺٽي شهر ۾ هڪ اهڙو ماڻهو بہ ڏٺو ويو هو جيڪو چويهن سالن کان وٺي هڪ ننڍڙي پڃري ۾ بند ڪيو ويو هو. چيو ويندو آهي تہ هن هڪ ننڍڙو جرم ڪيو هو. هاٿي ڏکهي قيد ڪري ڇريو ٿي پيو آهي. ٽالپر حڪمرانن رڳو ان ماڻهوءَ کي اها سزا ڪانہ ڏني هئي، پر هن جي ساريءَ آکهہ کي مجرم قرار ڏنو هو. اهو ٽالپرن جي ڏاڍ جو ڪو اڪيلو مثال ڪونہ آهي، پر ٺٽي ٻاهران هڪ ٽڪري تي اڪريل هڪ صاف ۽ پڙهڻ جوڳي تحرير ۾ موجود آهي. سنڌ الله تعاليٰ طرفان وڇايل

هڪ اهڙي زرخيز ڌرتي آهي جنهن ۾ خوفناڪ ۽ ڪريپ جهڙن ماڻهن اچي پير رکيا هئا. جيڪا پوءِ اهڙي ويران ٿي وئي. ڇاڪاڻ تہ اجڙيل شهر ٺٽي کان ٿوريءَ وٿيءَ تي هڪ علائقو (مڪلي) خوبصورت مقبرن سان سينگاريل ڏسجي ٿو. جن تي پٿر جي اڪر جو ڪم ٿيل آهي. اهڙين ڳالهين مان نظر ائين اچي ٿو تہ سنڌ جا اصل رهاڪو ڪيڏا نہ خوشحال هئا. جيڪي هينئر فقيراڻيءَ حالت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن جي جڳهہ هاڻي ميرن ۽ گدلن ماڻهن اچي والاري آهي. زراعت بہ اها ساڳي ڪانہ رهي آهي. جيڪا پڻ زوال پذير آهي. وحشي جهنگلي ماڻهن جي ان حڪومت جي تبديلي ضروري هئي. ٽالپرن نہ رڳو سنڌ جي زراعت کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو هو پر وڏا محصول مڙهي درياه وسيلي آمدني ۽ روانگي واپار کي ڪاپاري ڌڪ هنيو هو. جيڪڏهن هي اچا بہ ٿي سال وڌيڪ حڪومت ڪن ها تہ هي سڪي ستابي سنڌ ويران رڻ پٽ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ بچي ها.

هن ملڪ جي آدمشماري ڏهہ لک ڪن ٿيندي جيڪا ميرن جي ظلم ۽ ڏاڍ ڪري ڪنگال ٿي وئي آهي. نہ تہ هن ملڪ جي زمين ايڏي زرخيز آهي جو ڏهہ ملين ماڻهو پنهنجي زندگي عزت آبرو سان گذاري سگهن ٿا. ٽالپر حڪمرانن اهڙي تباهي آڻي ڇڏي آهي جو تازين جنگين بہ ايتري پينگ ناهي ڪئي. هن ملڪ جي فتح جي اهي ماڻهو گلا ڪري رهيا آهن. جن جي عادت ئي گلا ڪرڻ هوندو آهي. پر قدرت دخل اندازي ڪري هڪ تهذيب کي موٽائي ورتو آهي ۽ مايوس دلين کي جيئڻ جي آس ۽ اوسيئڙو ڏنو آهي.

## سنڌ جا ماڳ مڪان

ڪن ماڻهن چيو آهي تہ سنڌ جي فضا اهڙي آهي جنهن مان وچڙندڙ بيماريون پکڙبيون. اهي ڳالهيون انهن جون آهن جن کي سنڌ جي وسيلن لٽڻ جو موقعو ڪونہ مليو آهي. پر حقيقت اها آهي تہ هتي ڪجهہ ماڳ ۽ ڪي موسمون اهڙيون آهن جنهن ڪري ماڻهو ٻرجي پوندا آهن. ان جو ڪارڻ بي انتها گرمي آهي ۽ ٻيو تہ سنڌوءَ جي چاڙهہ کان پوءِ پاڻيءَ جون ڍنڍون ۽ ڇرون آهن. ان کان سواءِ شڪارگاهن جي وڏن ٻيلن ڪري مليريا پيدا ٿي پوندي آهي. ان کانسواءِ ٽالپر حڪمرانن سنڌين ويچارن کان ٻيليءَ ۽ آباد زمين جا وسيع علائقا کسي ورتا آهن. انهيءَ مقصد سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جيئن انهيءَ زمين تي شڪار گاهہ قائم ڪري سگهن. ڇاڪاڻ تہ اهي بلوچ حڪمرانن جو ڏاڍ سهي ڪونہ تي سگهيا ۽ لڏي هليا ويا هئا. ڪراچي بہ سنڌ جو صحت بخش ماڳ آهي. جيڪڏهن هتي هڪ سٺي حڪومت قائم تي وئي ۽ امن امان بحال تي ويو تہ سنڌ وري بہ خوشحال ۽ سکيو ستابو ملڪ بڻجي ويندو ۽ ائين شهرن جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ مدد ڪندو جيئن اهو اڳي ڪندو رهيو آهي. اهڙي بهتر حڪومت فقط سر چارلس نيپئر ئي قائم ڪري سگهي ٿو. امن امان بہ اهو بحال ڪري سگهي ٿو ۽ تباهہ ٿيل شهرن جون رونقون پڻ اهو موٽائي سگهي ٿو. هن سنڌ جي انتظاميہ جي ہين شاخن سان گڏي عوامي ڀلائي جا ڪم بہ ڪرڻ شروع ڪري ڏنا آهن. هو ننهن چوٽيءَ جا زور لائي رهيو آهي تہ سنڌ کان ٻاهر نڪري ويل هنرمند وري هيڏانهن ورن ۽ تهذيب بہ موٽي اچي.

## سنڌ جا شهر ۽ وسنديون

هي ڀاڻ بہ وسيع نظر جو مالڪ آهي. سندس سرگرميون بہ اڻ کٽ آهن. هن ملڪ ۾ قديم شهر ۽ وسنديون بہ تمام گهٽيون آهن. تنهن ڪري هو رهبريءَ لاءِ انهن شهرن ڏانهن نهاري رهيو آهي. هن يونان جي ڏاهن ماڻهن جي لکيل ڪتاب ۾ ڪي ماڳ ڏنا هئا, جيڪي سنڌوءَ جي ڪناري مٿان واقع هئا. پر هي درياهہ جي دهشت, مستيءَ ۽ سندس رخ بدلائڻ واري خاصيت کي ڏسي, اترين ماڳن جي موجودگيءَ کان مايوس ٿي ويو هو. ڇاڪاڻ تہ سڪندر اعظم کي هتي آئي ڪيئي صديون گذري ويون ۽ سنڌو ان دور جي وهڪري کان گهڻو پري هليو ويو هوندو. پر روهڙي, سيوهڻ ۽ جهرڪ جبل تي جوڙيل شهر هئا, جن سنڌوءَ جي وهڪري کي رخ بدلائڻ کان روڪي ڇڏيو هوندو. تنهن ڪري سمجهيو هئائين تہ اهي ماضيءَ جا اهم شهر هوندا. ان وقت هن سوچيو هو تہ هو پنهنجي فتح کي ڪهڙي طريقي سان دوام بخشي سگهي ٿو. ڪيس پنهنجي قد جي سپاهين جي صحت جي بہ ڳڻتي هئي. حيدرآباد ڇڏڻ کان اڳ هن صحت افزا جاءِ تي بئرڪون جوڙايون هيون, جيڪي چوويهہ فوٽ اوچيون هيون ۽ زمين جي عام مٿاڇري جي سطح کان مٿي ۽ بہ ماڙ هيون, جيڪي هوائي منگهن سان سينگاريل هيون. مذڪوره بئرڪن جي تعمير ۾ عاليشان پڪل سرون ڪتب آنديون ويون هيون. اهڙين سرن لاءِ حيدرآباد جي ڪورن جي مالڪن کي تاڪيد ڪيو هو

جيڪي ڪنيارڪو ڪم ڪندا هئا. ميرن جي ڏاڍ ڪري سنڌ جو اهو فن به سڪرات ۾ هيو. هن ڪراچيءَ واريون بئرڪون به حيدرآباد وارين بئرڪن جي نموني مطابق ٺهرائڻ پئي چاهيون، پر انهن بئرڪن جي تعمير جو ڪم جنگ کان اڳ ئي شروع ٿي چڪو هو. سنڌن نمونو به عام فوجي بئرڪن جهڙو هو. تنهن ڪري هو وڌيڪ ته ڪجهه به ڪري ڪونه ٿي سگهيو. پر بئرڪن جي تعمير ۾ فقط ورانڊي جو اضافو ڪيو هئائين، جيڪا انهيءَ وقت ممڪن هئي، پر هن ارس آرٽيلري سان لاڳاپيل فوجين لاءِ ڪجهه بئرڪون تعمير ڪرايون هيون، جيڪي پنهنجا اڏاوت ۾ ڏاڍيون شاندار هيون. ان کان سواءِ هن ٻيا به سرڪاري ڪم ڪرايا هئا.

## ٺٽي الهيار، ميرپور، عمرڪوٽ، حيدرآباد ۽ ڪوٽڙيءَ جا قلعا

حيدرآباد ۾ هن ميرن جي تعمير ڪرايل اهم قلعي جي مرمت ڪرائي. سندس پنهنجي فوجي ڪئمپ ۾ نئين خندقن کي جوڙايو ۽ رهيل ڪم پورو ڪرايو. جنگ وارين ٻنهي جڳهن جي وچ تي هڪ ننڍڙو قلعو جوڙايو آهي. ان کانسواءِ سر چارلس هن ڳالهه تي پڻ سوچيو ويچاريو هو ته سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ وقت زمين کي ڪاٽڻ کان ڪهڙي ريت روڪي سگهجي ٿو.

هن کان سواءِ سنڌوءَ جي چاڙهه اٿل وارو پاڻي ڪوٽڙي جي قلعي کان هڪ سو گزن تائين پهچي ويندو هو. جيڪو هن وهڪري کان اڳائي گز پري هو. هن پنهنجي تجربي کي آڏو رکي، دريا جي ڪناري سان ٻارهن فوٽ ڊگها منگها کوڙائي، پٿئين پاسي کان جهنگ جي جهاتر ڏياري ڇڏي هئي. جنهن ڪري سنڌوءَ جي چاڙهه وارو پاڻي قلعي ڏانهن وڌڻ رڪجي ويو هو.

سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو وهڪرو ايڏو طاقتور ۽ تيز هوندو آهي، جو ڪيترا شڪارگاهه ۽ ٻيون زمينون پاڻيءَ ۾ وهائي ڪٽي ويندو آهي. تنهن ڪري هن درياهه وسيلي آگبوٽن جي تجارتي آمد رفت به رڪجي ويندي آهي.

حيدرآباد کان اوپر پاسي ٽنڊي الهيار جو هڪ وڏو قلعو آهي جنهن جي مرمت ۽ ميرپور خاص واري قلعي کي ڏنل ديوارون به ڪمزور ٿي ويون هيون، جن جي پڻ هن مرمت ڪرائي هئي. هنن ماڳن ۾ حيدرآباد جي وچ تي وڏن واهن تي پليون تعمير ڪرايون هيون، انهيءَ مقصد سان ته جيئن سنڌوءَ جي چاڙهه واري رت ۾ آمد رفت جاري رهي سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿر ۾ عمرڪوٽ نالي هڪ مشهور قلعو آهي، جنهن وسيلي ميرپورخاص ۽ ڪڇ جي يج شهر جو رابطو رهندو آهي.

## سنڌ ۾ ڪڇ جي علائقي جي شموليت

هن کان اڳ ڪڇ وارو علائقو بمبئي پريزيڊنسي ۾ هو جيڪو هاڻي سر چارلس جي حڪومت سان شامل ڪيو ويو آهي. پر ان هوندي به ڪڇ جو اڳوڻو پوليٽيڪل ايجنٽ اڃا به اُتي رهندو آهي. هي معزز شخص هڪ ايماندار سرڪاري ملازم آهي. ليڪن فوجي سرگرمين جي ڪيس ڪا ڄاڻ ڪانه آهي. جڏهن سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ فوجي ڪارروائي هلي رهي هئي، ته هي ماڻهو ڏاڍو پريشان ٿي ويو هو. تنهن ڪري هن فوجي سرگرمين لاءِ ڪڇ ۾ ڪرنل رابرٽس کي مقرر ڪيو. هن آفيسر هڪ فوجي ڪارروائي ۾ مير شير محمد جي پاءَ کي سوگهو ڪري پڄ ۾ رکيو هو جيڪو آزاد قسم جو فوجي ماڳ آهي. لارڊ ايلنبرو ڏاڍو سڄاڻ ۽ سچيت ماڻهو آهي، جنهن حالتن جي نزاڪت کي محسوس ڪندي، ڪرنل رابرٽس کي ڪڇ جو پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ڪيو. هي فوجي عملدار ڏاڍو ڏاهو هو. جنهن ٿوري وقت اندر ڪڇ جي راڄ ۽ اتان جي ماڻهن سان شناسائي پيدا ڪري ورتي. ان کان سواءِ هو علائقي جي جتن ۾ به ڏاڍو مقبول هو. هي قبيلو ٽالپرن جو مخالف هو. هي ماڻهو انهيءَ عهدي لاءِ بلڪل موزون هو. ڪيس هڪ اهڙي غير فوجي عملدار جي جاءِ تي رکيو ويو هو جيڪو ان وقت جي حالتن تي ضابطي هيٺ رکي ڪونه سگهيو هو. بمبئي ۾ رهندڙ هڪ ڊر هن ڳالهه کي وٺي انگهن تي ڪنيو ۽ تيليءَ مان ٽنب بڻائي پيش ڪيو ۽ چيو ويو ته هڪ غير فوجي عملدار کي هٽائي فوجي عملدار کي مقرر ڪري، ملڪ سان غداري ڪرڻ جهڙو ڏوهه ڪيو ويو آهي. سنڌن خيال آهي ته اتي اهڙي فوجيءَ کي مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن کي وڳوڙي وايو منڊل جي ڪا خبر ئي ڪانه آهي. جڏهن ته اڳيون غير فوجي سول عملدار ان وقت جي خطرناڪ صورتحال جو مها ڄاڻو هو. انهيءَ ڊر لاءِ عملدارن جي اها تبديلي اهڙو جرم آهي، جيڪو ڪڏهن به معاف ٿي ڪونه ٿو سگهي.

## جهرڪ

حيدرآباد کان هيٺ جهرڪ نالي هڪ ماڳ آهي، جنهن جي سر

چارلس جاچ پڙتال ڪئي هئي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن ان ڪي آگبوٽن جي اسٽيشن ٺاهي سگهجي. ان ڪان سواءِ هن حيدرآباد ڪان مٿي سيوهڻ ڪي فوجي پوسٽ بنائڻ جو پڻ سوچيو هو. توڙي جو اهو ماڳ گرميءَ ڪري گهڻو مشهور آهي. گرمي به اهڙي جتي آهي جو خود اتان جا رهواسي پٽڪو پاڻيءَ ۾ پسائي ۽ بستري جون چادرون پاڻيءَ ۾ آليون ڪري استعمال ڪندا آهن ته جيئن گرميءَ کان بچاءُ ٿي سگهي. اُتي جيڪڏهن ماحول مطابق سنيون بئرڪون جوڙيون وڃن ته فقط فوجي سپاهي رهائي، هڪ فوجي پوسٽ قائم ڪري سگهجي ٿي.

## سکر کي تجارتي مرڪز بنائڻ لاءِ ۽ ترقي لاءِ ڪوششون

سيوهڻ کان اتر سکر بکر ۽ روهڙي جا ماڳ آهن. هتان جا ماٺهو هنن شهرن کي انهيءَ هڪ نالي سان سڏيندا آهن. اتي انهن ماڳن کي مضبوط ڪيو ويو آهي، جتي فوج رهندي آهي. هتي موجود هڪ وڏيءَ سراءِ کي وڌايو ۽ سڌاريو ويو آهي. جيڪو هڪ اهم تجارتي هنڌ آهي.

لارڊ ايلنبرو جي سوچ به ساڳي هئي، جنهن جي خواهش آهي ته انهيءَ ماڳ کي سڌارجي ۽ وڌائجي. انهيءَ لاءِ ته جيئن وچ ايشيا سان واپار ڪرڻ وقت، هن تعمير مان گهٽي کان گهڻو فائدو حاصل ڪجي. ڇاڪاڻ ته تجارت سنڌوءَ ۽ ان جي پرتي ڪندڙ شاخن وسيلي هلندي. سر چارلس جو هي به منصوبو هو ته سکر ۾ هڪ تجارتي بندر ۽ ٻيڙين جي ٺاهڻ لاءِ ”ڊاڪ يارڊ“ به تعمير ٿيڻ گهرجي ته جيئن سنڌوءَ درياهه جي اتر وارين شاخن سان ٿيندڙ تجارت لاءِ سهوليت پيدا ٿي سگهي. هن جنرل پنهنجي حڪمت جي آخري دور ۾ هتي گهوڙن جي ميلي منعقد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سندس مقصد هو ته افغانستان ۽ ترڪستان جي پلن گهوڙن جي خريد و فروخت هتي ٿئي ۽ هندستان جي فوج لاءِ پلا ۽ سگهارا ۽ متارا گهوڙا ملي سگهن. عربي نسل جا گهوڙا مهانگا ۽ وڙ وجهه ۾ به پوٺا هوندا آهن. انهن جي ڀيٽ ۾ افغانستان ۽ ترڪستان جا گهوڙا پلا ۽ مهانگا هوندا آهن. اهو وچ ايشيا ۽ بمبئي جي وچ تي تجارت جو هڪ اهم مارڪيٽ هو. جنهن جي قائم ڪرڻ لاءِ تڪڙيون ڪوشش تي رهيون هيون. بنگال ڏانهن به افغانستان ۽ ترڪستان جا سوين گهوڙا موڪليا ويا هئا. جيڪي ردي قسم جي عربي گهوڙن کان به گهٽا سهانگا هئا. اهڙا گهوڙا فقط فوجي مقصدن خاطر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرايا ويا هئا، پر مفاد پرست ۽ حاسد قسم جي فوجي عملدارن هن ڪم ۾ رنڊڪون وجهي ڇڏيون هيون. انهيءَ زماني ۾ اوچتو هڪ حڪم اچي پهتو هو تہ افغانستان ۽ ترڪستان جي گهوڙن جي تجارت بند ڪئي وڃي. لارڊ ايلنبرو جي وڃڻ کان پوءِ هي ۽ ٻيا اهم منصوبا بند ڪرايا ويا. هن ڪڏي ڪم ۾ بورڊ ۽ ڪائونسل جا ماڻهو بہ شريڪ هئا، جن کي پنهنجي ڪامورا شاهيءَ واري هڪ هٽي گهٽي پياري هئي.

هنن ٻنهي شهرن کان اوپر طرف سروي ڪرڻ جي غرض سان ڪن انجنيئرن کي موڪليو ويو آهي، جنهن جو مقصد آهي تہ ناري درياه کي وهائي سگهجي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن انهن ٽڪرين کي سرسبز ڪري سگهجي، جيڪي گهاٽن جهنگن سان ڇانيون پيون آهن. ان ڪانسواءِ اهڙين پلين زمين جي وسيع خطي کي آباد ڪري سگهجي، جيڪو هن سڪي ويل درياه جي ڪنڌين ڪنارن سان واقع آهي.

## شڪارپور ڪي ٻيهر اوج ڏيڻ

سنڌوءَ جي الهندي ڪناري سان بہ سڏارن جي منصوبي جي ابتدا ڪئي وئي آهي، جنهن جو مقصد شڪارپور واري علائقي کي سکيو ستابو بڻائڻ آهي. انهيءَ منصوبي سان هڪ وسيع علائقو صحت بخش بڻجي ويندو. هيءُ شهر وري تيزيءَ سان ترقي ڪري اڳيون عروج حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي، ۽ وڏا واپاري ۽ شاهوڪار ماڻهو لڏي هتي اچي آباد ٿي رهيا آهن. اهڙن ماڻهن جو تعلق مختلف ملڪن سان آهي، پر سر چارلس جي نياءَ ۽ نيت پٽ واري راڄ کي ڏسي هندستان جي مختلف ڀاڱن کان ماڻهو لڏي اچي شڪارپور ۾ آباد ٿي رهيا آهن. تپاولي تہ شڪارپور ۽ سکر ۾ اٽيھ ٿي رهندي آهي. سر چارلس پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هو تہ جڏهن هڪ شهر صحت بخش ٿي ويندو آهي تہ ٻئي ۾ تپاولي شروع ٿي ويندي آهي. اهڙي صورتحال مختلف قسم جي هوا جي ڪري آهي. تنهن ڪري هو انهيءَ نتيجي تي پهتو هو تہ مليريا جو تپ پاڻي جي انهن ڍنڍن ۽ ڇرن کان شروع ٿئي ٿو جيڪي هنن ٻنهي شهرن جي وچ تي آهن ۽ سنڌوءَ جي اٿل واري پاڻيءَ سان پرجي تار ٿي ونديون آهن. هن پهرين ڳالھ اها ڪئي جو ٻنهي شهرن کي ڳنڍڻ لاءِ هڪ رستو تعمير ڪرايو. جتي جتي ڍنڍون ۽ ڇرون هيون، اتان دمدمون نهرائي رستي کي گذاريو ويو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهي

بئي وڏا شهر تجارتي طور هن رستي وسيلي پاڻ ۾ گڏجي وڃن. ان کان سواءِ سنڌو جي پاڻيءَ کي اوسي پاسي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ هڪ بند بہ تعمير ڪرايو ويو. جيڪو ڪافي اوچو ۽ ٽيهہ ميل ڊگهو آهي.

## ڪراچيءَ جي ترقيءَ لاءِ رٿابندي

سرڪار ڪراچي کي بہ اهڙن ڪمن کان ڪونہ وساريو هو. هن فوجي ڇانوڻيءَ جي چوڌاري هڪ مضبوط قلعي اڏڻ جو منصوبو جوڙيو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئنءَ سنڌ کي فوجي ضابطي هيٺ رکي سگهجي. هن شهر جي آدمشماري بہ نهايت تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. جنهن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ بہ مختلف منصوبا هٿ ۾ کنيا ويا آهن تہ جيئن هن تجارتي شهر جي مناسب اوسر ۽ ترقي ٿي سگهي. ان کان سواءِ سندس حڪومت جن اهي بہ ڪوششون هلي رهيون آهن تہ هن اهم تجارتي شهر کي سنڌوءَ جو اهم بندر بہ بڻائي سگهجي. اهڙيءَ ريت هن منصوبي جي مشڪلاتن مان بہ پار پوڻو آهي. سمنڊ جي ويجهڙائي وارو علائقو جابلو آهي. پر اصل ڪنارو سڌو ۽ بندر وارو سامونڊي پاڻي ٿانگهو آهي. تنهن ڪري جهازن کي بندر تائين پهچڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ڏسڻي پوي ٿي. پر چوماسي ۽ مينهوڳيءَ واريءَ موسم ۾ بندر تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي ويندي آهي. هن آزار کي گهٽ ڪرڻ جي ارادي سان لائيٽ هائوس تعمير ڪرايو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ جيئنءَ جهاز سولائيءَ سان بندر پيٺي سگهن. هن کان سواءِ هڪ دمدمو بہ تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو بہ ميل اندر سمنڊ ۾ هليو وڃي ٿو.

تعمير جي هن ڪم جو مقصد بندر کي بچائڻ آهي. ساڳيءَ ريت شهر بہ ايراضي جي لحاظ کان گهڻو وڌي ويو آهي. جنهن کي پڻ تحفظ ڏيڻ جي ڪوشس ٿي رهي آهي.

هنن ڪمن کان سواءِ سنڌو درياهہ ۽ ڪراچي جي بندر کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ گهارا ڪئنال جي نالي هڪ واهہ کوٽائڻ جي پڻ ابتدائي ڪئي وئي آهي. فوجين ۽ چيف ڪيمساري جي ترڻ واسطي تلاءَ بہ تيار ٿي رهيا آهن. ڪراچيءَ پرسان زمين جي وڏي خطي تي سرڪاري باغ لڳايو ويو آهي. جنهن جو انتظام ميجر بلينڪنس جي حوالي آهي. هن باغ ۾ هتان جي ديسي سبزي ترڪاري ۽ يورپي ڀاڄيون پوکجي رهيون آهن. جيڪي فوجي سپاهين کي مفت ۾ ۽ عملدارن کي پئسن سان ملنديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، پر قيمت مناسب ورتي وينديون آهي. اڳي سبزي جو آزار تمام گهٽو هوندو هوجيڪو هاڻي بلڪل ختم ٿي ويو آهي. سنڌ ۾ ياچيون ڏاڍيون پليون ٿينديون آهن، جن ۾ واڌ به گهٽي ٿيندي آهي.

باغ جي ضرورت وڌندڙ شهر جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ، ڦوارا تعمير ڪرڻ، شهر جي ماڻهن جي تفريح، پاڻي کي ماڻهن جي گهرن تائين پهچائڻ جو هڪ منصوبو جوڙيو ويو آهي. جنهن مطابق ملير يا مليريي ندي جو منهن موڙي ان جي پاڻي کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو. جيڪا هتان کان ٻارنهن چوڏهن ميل پري آهي. آخر ۾ ان نديءَ جو پاڻي نلڪن pipes وسيلي ڪيماڙيءَ تائين به پهچائي سگهبو. ان ڪانسواءِ هي پاڻي جهازن لاءِ به استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهو منصوبو نهايت ضروري آهي، چاڪاڻ ته جهازن ۾ استعمال لاءِ پاڻي تمام گهٽي پنڌ تان آندو ويندو آهي، جنهن تي خرچ به حد کان زياده اچي ويندو آهي.

اميد آهي ته هن اهم منصوبي تي هاڻي جلد ئي ڪم جي شروعات ڪئي ويندي، جنهن جي خرچ جو تخمينو هڪ هزار پائونڊ في ميل ڪيو ويو آهي. پر هاڻي ته لارڊ ايلنبرو سر چارلس کي پاڻ وٽ سڏائي ورتو آهي. هن کان پوءِ جيڪا حڪومت ايندي سا هن اهم منصوبي تي خرچ ڪرڻ ڪانه چاهيندي. پر اهي خط به پڙهڻ گوارا ڪانه ڪندي، جيڪي هن منصوبي جي اهميت ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ لکيا ويا آهن. ڪراچيءَ جو پاڻي خراب آهي، جنهن ڪري فوجين ۽ عام ماڻهن کي تڪليف جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي.

## سنڌوءَ مان ڪڇ کي پاڻي ڏيڻ

هتي هڪ ڳالهه ضرور ياد رکڻ گهرجي ته لارڊ ايلنبرو سر چارلس جي هر ڪم ۾ وڏي مدد ڪندو هيو ۽ مٿي بيان ڪيل ڪمن جي عزت ڪندو هو. هنن مان ڪجهه ڪم اهڙا به هئا، جن جي تڪميل لاءِ هن عظيم شخصيت پاڻ سوچيو ويچاريو هو ۽ ڪجهه هن جي راضپي سان اڳتي آندا ويا هئا. هڪ ڪم اهڙو جنهن تي هنن ٻنهي گڏجي سوچيو هو. اهو منصوبو سنڌوءَ مان ڪڇ کي پاڻي ڏيڻ جو هو. جيڪو ڪلهوڙن حڪمرانن ۽ ان کان پوءِ ٽالپرن بند ڪري ڇڏيو هو. اهو ڪُڌو ڪم ائين هو جيئن البوقرق نيل درياه جو منهن تبديل ڪري مصر کي سڪائڻ پئي چاهيو. سندن منصوبو هو ته شاهبندر وٽان سنڌوءَ جو ڪجهه پاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇ ڏانهن موڙيو ويجي. لارڊ ايلنبرو جي مرضي هئي تہ ويران ٿي ويل ڪڇ کي وري آباد ڪرڻ گهرجي. سر چارلس جو اهو بہ منصوبو هو تہ ناري درياه کي نئين سر وهايو وڃي. ائين ٿيڻ سان نہ رڳو ڪڇ کي پاڻي ملي وڃي ها، پر ناري جي اولهہ ڪنار سان جيڪو پلين زمينن جو وسيع خطو ويران پيو آهي، سو بہ آباد ڪري سگهجي ٿو. هي منصوبو تمام وڏو هو. جڏهن تہ سنڌ وٽ ايترا مالي وسيلا ڪونہ هئا، جو ايڏو وڏو خرچ پري سگهي. پر مٿي سرڪار جا اهڙا عملدار وينا هئا، جيڪي هن قسم جي شاندار ۽ اعليٰ منصوبن کي پوئتي ڌڪڻ جا حامي هئا، تنهن ڪري هنن سنڌ جي گورنر جي هن اهم منصوبي کي قدر جي نظرن سان ڪونہ ڏٺو.

## سنڌ جا پيداواري ذريعا، سماجي ڀلائيءَ جا منصوبا ۽ انتظامي خرچ

هنن ۽ ٻين اهڙن اهم منصوبن کي ڪير اک کٽي بہ ڪونہ ڏسندو آهي. ڪي ماڻهو وري هنن ڳالهين ۾ نالي چڙهيل آهن تہ هو ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏيندا آهن، پر ان ڪم جي منصوبي جو خرچ وري نئون آيل سنڌس جانشين پريندو آهي. سر چارلس نيپئر انتظاميہ جي هر شاخ کان چڱيءَ ريت واقف هو. جهڙوڪ نون طرحين جي کوٽائي، ڪاٺ جا ٿنيا کوڙائي دمدمي جي تعمير ۽ جاين ٺهرائڻ جي ڪيس گهٽي چاڻ هئي. هن جا تيار ڪيل منصوبا وڏا هوندا هئا، تنهن ڪري انهن تي ايندڙ خرچ جو تخمينو بہ وڏو هوندو هو. پر سڀ کان ڏکي ڳالهہ ڪاريگرن جي اٽاٽ هئي، جنهن ڪري معاوضو گهٽو ڏيٽو پوندو هو ۽ حساب مطابق انهن معاوضن جو خرچ محصول جي پيداوار کان گهٽو هو. ڪيس اهو بہ ڏسٽو هو تہ هن عظيم معاشري جو بنياد ڪير رکي رهيو هو. ان کان سواءِ عارضي تڪليفون کٽي ڪيڏيون بہ وڏيون ڇو نہ هجن، پر مزدورن جي مستقل نوعيت جا حق انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ اهم آهن. تنهن ڪري انتظام جي سيني شاخن اندر اصولن کي اهميت ملڻ گهرجي. انهيءَ ڪري هن گهٽيون ذميواريون قبول ڪيون هيون، پر پنهنجي وس پڄنديءَ عوامي ڀلائي جي ڪم وچ ۾ تناسب ضرور رکيو هئائين ۽ اهڙين ڳالهين جي هرويرو نهائين بہ ڪونہ ڪندو هو. سيني ميرن جي ساري پيداوار چاليهہ لک رپيا هئي جيڪا ڪلهوڙا دور جي پيداوار کان گهٽي گهٽ هئي. اهو تہ نهيو پر هيءَ پيداوار تہ چوٻاري واريءَ سرڪار جي پيداوار کان بہ گهٽ ٿي. ميرن جي سڀ اوڳاڙي ڏمر ۽ ڏاڍ کان سواءِ ڪانہ هوندي هئي.

ڪاٻه ايماندار حڪومت ڏيڻ سان پيداوار جو انگ وڌائي ڪانه سگهندي. هن انگريز حاڪم پهريون ڪم اهو ڪيو هو جو ظلم وسيلي اوڳاڙيءَ کي ختم ڪري ڇڏيائين. پر سنڌس سارو زور هن ڳالهه تي هو ته سيني پيداواري وسيلن کي يقيني بڻايو وڃي. عوامي خوشحاليءَ جا جيڪي دروازا بند آهن. اهي کوليا وڃن يا جيڪي اڌ کليل آهن. تن کي مڪمل طور تي کوليو وڃي. ان کان سواءِ سنڌس ڪوشش اها به هئي، ته مستقبل جي پيداواري ذريعن کي پيدا ڪرڻ واسطي معاشري ۾ هڪ نئين سگهه پيدا ڪئي وڃي. سنڌس ابتدائي دور واري پيداوار ضرور گهٽ ڏسڻ ۾ ايندي. اهڙيءَ ريت پيداوار جو پهريون سال حيدرآباد واري جنگ کان پوءِ ڳڻڻ گهرجي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته ميرن جي زماني ۾ سالياني پيداوار چار لک پائونڊ هئي، جيڪا ان سال گهٽجي وڃي نوي هزارن پائونڊن تي پهتي هئي. پر مذڪوره جنگ سال جا ڇهه مهينا وٺي وئي هئي، انهيءَ ڪري گهٽي کان گهٽو اناج بلوچ فوجي ڪٽي هليا ويا هئا. امن امان قائم ٿي وڃڻ کان پوءِ پيداوار جي وصوليءَ لاءِ انگريز ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا هئا، پر سنڌن اختيار انهن جي قائم ڪيل ڪئمپ کان ٿورو ٻاهر تائين مس هلندا هئا. ڪين پئي هوندو هو ته متان ڌاڙن لاءِ ڇڙواڳ هلندڙ بلوچ سنڌن مٿان حملو ڪن. انهيءَ زماني ۾ فوجي محافظن رکڻ جي به اجازت ڪانه هوندي هئي. جنرل چارلس جي پڻ اها خواهش ڪانه هئي ته وقت کان اڳ پوليس لاءِ ڪي تڪليفون پيدا نه ڪجن ۽ محصول جي ٿوري اضافي ڪري اهڙن خطرناڪ ماڻهن سان منهن ڏيڻو پئجي وڃي. ان کانسواءِ مير علي مراد سبزل ڪوٽ، ڀنگ ٻارا جي پيداوار بهاولپور جي حوالي ڪئي وئي آهي، جنهن کي پڻ ميرن جي پيداوار سان شامل ڪيو ويو آهي.

ائين سمجهڻ کپي ته هيءَ اوڳاڙي محدود ۽ اڻپوري آهي، جنهن مان خرچ ڪٽي حساب ڪيو ويو آهي ته پوءِ سترهن هزار پائونڊ بچيا آهن. ان کان سواءِ سرڪاري پاڻدن ۾ رکيل اناج جو اندازو به حقيقت کان وڌيڪ لڳايو ويو هو. جيڪو اقتصادي حالتن جو مثال هوندو آهي، جنهن ۾ محنت به شامل هوندي آهي. اهڙا انگ اڪر هندستان جي ڪنهن ٻيءَ انتظاميه کان گهٽا مختلف آهن. جن تي ناراض ٿيڻ جي ضرورت به ڪانه آهي. ڇاڪاڻ انهن علائقن تي فضول خرچي تمام گهٽي ٿيندي آهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئسي کي خرچڻ وقت عقلمنديءَ کان ڪم ڪونہ ورتو ويندو آهي. هن بنهي ڳالهين ۾ مشابهت ڪرڻ خطرناڪ ڳالهہ ثابت ٿي سگهي ٿي. ان سان گڏ عام ماڻهن کي بہ حقيقت کان پري رکي سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ سنڌ ۾ ٿيندڙ خرچ تي هڪ اجائي واويلا مچي وئي آهي. خرچ جا جيڪي بہ انگ اکر ٻڌايا پيا وڃن سي بلڪل غلط آهن ۽ اهو بہ چيو پيو وڃي تہ فوجين جي ڪوارٽرن جي تعمير تي تمام گهڻو خرچ اچي ويو آهي. هن سان گڏ اهو بہ چيو پيو وڃي تہ سنڌ کي اجا مڪمل طور فتح ڪونہ ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ اهو بہ چيو پيو وڃي تہ ماڻهن جي جنهن گروهہ کي ”عوام“ سڏيو پيو وڃي ۽ اتان جي سيني رهاڪن کي انهيءَ اصطلاح سان سڏيو پيو وڃي، اهڙا ماڻهو چئي رهيا آهن تہ سنڌ جي حڪومت ساڳين حڪمرانن جي حوالي ڪئي وڃي. پر هن قسم جي ماڻهن کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏيءَ طاقت کي ڪتب آڻڻو پيو آهي.

هن حقيقت کان بہ انڪار ڪونہ ٿو ڪري سگهجي تہ فوجين تي آيل خرچ سنڌ جي پيداوار جي ڀيٽ ۾ گهڻو ٿيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هتي ايتري فوج رکڻ جي ضرورت هئي. سنڌ ۾ ايتري فوج رکڻ جو مقصد اهو ڪونہ آهي تہ هتان جي ماڻهن کي هيسائجي، جيڪي حڪومت جي تبديليءَ ڪري گهڻا خوش آهن. پر جيڪڏهن هڪ غير مناسب جنگ لڳي بہ وئي تہ اهي ماڻهو انگريز سرڪار جي مدد ڪندا. اهڙي جنگ گواليار ۾ لڳي چڪي آهي. امڪان آهي تہ اهڙي جنگ پنجاب ۾ بہ لڳي. اها جنگ اڳتي وڌي افغانستان ۾ بہ ڦڙڪي سگهي ٿي. اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي ڏنگ مان بلوچستان واري روهہ ۽ ڪوهہ واري علائقي ۾ بہ بي صبري وارو ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو. هنن ماڻهن طرفان هو بہ ٻڌو وڃي ٿو تہ ان فوج جي سنڌ کي نہ پر هندستان جي علائقن کي ضرورت آهي. اهڙي فوج جو خرچ سنڌ جي حالتن کي ڏسي برداشت ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. ان کان سواءِ هڪ غلط الزام کي هٿ وٺي پکيڙيو پيو وڃي تہ سنڌ ۾ رکيل فوج جو تعداد تمام گهڻو آهي. اهڙيون هلايل ڳالهيون سڀ غلط آهن. پر حقيقت اها آهي تہ اِريگيولر هارس جو تعداد ضرور وڌايو ويو آهي. ليڪن فتح وقت يا فتح کانپوءِ انتظام لاءِ اهڙو تعداد ڪونہ وڌايو ويو آهي. اهڙيءَ فوج جي مقرري هيٺئين درجي سان واسطو رکي ٿي ۽ مشرق جي ماڻهن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سنڌ جو

ماڻهو مقرر ڪونہ ڪيو ويو آهي. ان فوج کي هر اول دستي طور ڪتب آندو ويندو آهي ۽ دشمن جي منهن ۾ انهن ماڻهن تي مشتمل فوج جي ڪئمپ هوندي آهي. هن کان سواءِ هڪ ٻئي قسم جي واويلا ۽ شور شروع ڪيو ويو آهي تہ اڏ دنيا جو خرچ انگلينڊ تي مڙهيو ويو آهي. چاڪاڻ تہ تمام گهڻي گئريسن فوج کي خواهہ مخواهہ رکيو ويو آهي ۽ ڊاڪ يارڊ جي تعمير لاءِ بہ وڏو خرچ ڪيو پيو وڃي. سنڌ فتح ڪان پوءِ هندستان جي انگريز شهنشاهت جو هڪ اتوٽ انگ بڻجي ويو هو ۽ متس ان شهنشاهت جي حڪمت عملي جو نمايان اثر هو. پر ٻن جنگين جي ڪري گهڻي متاثر ٿي وئي آهي.

ان کان سواءِ هي ڳالهہ بہ چئي پئي وڃي ۽ جنهن ۾ ڪا صداقت موجود ڪانہ آهي تہ هندستان جون سنڌ سان لڳندڙ اڳيون سرحدون محدود هيون، تنهن ڪري ڪمپني کي پنهنجي فوج گهٽائڻ جو هڪ جواز هو. پر حقيقت هيءَ آهي تہ اها سرحد مختصر ۽ وڌيڪ مضبوط آهي. جيڪڏهن هن ملڪ جو سڪ جنگ ڪري وايو منڊل بدنظميءَ جو شڪار نہ ٿيو تہ سنڌ جي فاتح جي ڪوشش آهي تہ هو نئين فتح ٿيل ملڪ جي انتظام جو صحيح طريقي سان بنياد رکي سگهندو. پنجاب خلاف جنگ جي مقصد لاءِ سنڌ جي فتح کان اڳ ئي هتي فوج رکي وئي هئي، جنهن جو خرچ هن ملڪ جي پيداواري ذريعن مان ڪيو ويندو هو. پر ان جو اضافي خرچ هندستان سرڪار جو خزانو ادا ڪندو هو.

هن قسم جي بي بنياد الزامن ڏانهن ڪير اک کڻي نهاري بہ ڪونہ ها. چاڪاڻ تہ ماڻهو نهايت تيز رفتاريءَ سان سفر ڪري رهيو آهي ۽ ڪوڙ سچ کان چڱيءَ ريت واقف آهي پر هن واويلا ۽ الزام تراشيءَ جي ابتدا فقط ڪن ماڻهن وٽان ڪانہ ٿي آهي. جيڪڏهن اهو قصو فقط ائين هجي ها تہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ هئي، پر اهڙن افواهن ۽ الزامن جي همت افزائي ڊائريڪٽر پاڻ ڪري رهيا آهن. ممبئي واري ڪائونسل ۽ پارليامينٽ جا ڪيترائي ميمبر هن مهم ۾ شامل آهن. ائين سمجهڻ کپي تہ هيءَ ساري مهم پلائي جي عوامي ڪمن خلاف هلي رهي آهي ۽ اها سنڌ جي انهن بهترين انتظاميہ جي پاڙن اکوڙڻ جي ڪوشش آهي، جنهن جا بنياد نهايت شاندار طريقي سان قائم ڪيا پيا وڃن. جڏهن تہ اهڙن عوامي ڪمن ۽ بهترين انتظاميہ جي جوڙجڪ جي همت افزائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ گهرجي ها. چاڪاڻ تہ اهڙي جوڙجڪ سان ڪراچي وچ ايشيا جي واپار جو اهم مرڪز بڻجي سگهي ها ۽ اهڙن ادارن کي منظم ڪرڻ سان معاشرو سکيو ستابو بڻجي وڃي ها. اهڙي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اچا جنگ ختم ئي مس ٿي هئي، جو سنڌ جي ترقي جي منصوبہ بندي ڪرڻ لاءِ جيڏانهن ڪيڏانهن انجنيئرن جا جٿا روانا ڪيا ويا هئا. انهن انجنيئرن جي مقرريءَ جو پهريون ڪم صحيح قسم جي سروي لاءِ اهم جاگرافيائي نڪتا قائم ڪرڻ هو. ان کان سواءِ ڪين سنڌوءَ جي سطح ۽ زمين جي سطح معلوم ڪرڻي هئي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هڪ سائنٽيفڪ آبپاشي نظام قائم ڪري سگهجي. ٽالپر حڪمرانن جا شڪارگاهہ بہ سنڌ جي چوٿين حصي جيتريءَ ايراضيءَ تي قائم ڪيا ويا هئا. جنهن کي انگريز سرڪار ضبط ڪري سرڪاري ملڪيت ۾ ڏنو هو. انهن شڪار گاهن جي ٻيلن ۾ اهڙي ڪاٺ جا وڻ بہ موجود هئا، جن کي آگبوٽن جي ٻارڻ طور ڪم آڻي سگهجي ٿو. اهڙا وڻ نهايت بيشمار آهن. پر جي چوڏاري ٻئي قسم جا وڻ ڪري پيا آهن. تنهن ڪري اهڙي ڪاٺ جو ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ان لاءِ پهريون ڪم اهو ڪيو ويو هو تہ ماڻهن کي چيو ويو هو تہ اهڙو ڪريل ۽ غير ضروري ڪاٺ ٻلي ڪٽي وڃي ڪٽب آڻن تہ جيئن ٻئي اهم قسم جي ڪاٺ کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ دڳ ملي پوي. ان ناتي هڪ ڪميشن ٺاهي وئي هئي، جنهن کي اڪلائڻ لاءِ هي ڪم حوالي ڪيو ويو هو تہ ڪهڙي زمين ٻيلن رکڻ لائق آهي ۽ ڪهڙي پوکي راهيءَ لاءِ مفيد آهي. اهڙيون ٻيليون زمينون سرڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيون هيون. جن ۾ اڳي فقط جهنگ جا جانور رهندا هئا ۽ انهن ساڳين ايراضين ۾ سرڪار زراعت جي همت افزائي ڪري رهي آهي. انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ سان سنهو ۽ عام قسم جو ڪاٺ ۽ چراگاهہ ماڻهن جي حوالي ڪيا ويا آهن. ٿلهو ڪاٺ شهرن ڏانهن موڪليو پيو وڃي، جڏهن تہ عمارتي ڪاٺ سرڪار برآمد ڪري رهي آهي. اهڙيءَ ريت سرڪار جي پيداوار گهٽي وڌي وئي آهي.

## سنڌ جي امن امان لاءِ پاڙيسرين سان تعلقات

هن قسم جو انتظامي جوڙجڪ سنڌ جي امن امان ۽ مهذب معاشري جي قيام لاءِ هو. پر سر چارلس سنڌ کان ٻاهر وارن ملڪن سان سٺي تعلقاتن رکڻ جي شروعات ڪئي هئي. اهڙو احوال بہ نهايت لازمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن جي ابتدا ڪڇ کان ڪجي ٿي، جيڪو سنڌ جي سرحد سان واقع آهي.

ڪڇ جو راءِ انگريزن جو دوست آهي. جنهن جي دربار ۾ انگريز سرڪار جو ايجنٽ ڪيترن سالن کان وٺي مسلسل رهندو پيو اچي. جاگرافيائي صورتحال ڪري هي ملڪ نهايت اهم آهي. ٻي ڳالهه ته انهيءَ ملڪ جي سرحد سان ڪي لاڏائو قبيلا به آباد آهن. بمبئي سان رابطو به ڪڇ ۽ ڏيسا وسيلي رهندو آهي. خاص ڪري چوماسي واريءَ موسم ۾ جڏهن وڏ ڦڙن جا وسڪارا شروع ٿيندا آهن ته سامونڊي رابطو ڪٽجي ويندو آهي ته خشڪيءَ وارو هي رابطو وڏي اهميت رکندو آهي. خشڪيءَ جي هن رابطي کي پڻ برقرار رکيو ويو آهي. عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص جي قلعن جي مرمت مڪمل ٿي چڪي آهي. ان کانسواءِ حيدرآباد تائين واهن جي پلين جي تعمير ڪئي وئي آهي. سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي ناتي ڪڇ هڪ اهم ملڪ بڻجي ويو آهي. ڪرنل رابرٽس هنگامي حالتن دوران ٻه هزار جت ۽ ڪوسا گڏ ڪري سگهي ٿو جيڪي بلوچن جي ظلم کان تنگ ٿي هيڏانهن هليا آيا آهن. هي ماڻهو سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ موجود وڳوڙين تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻي سگهجن ٿا. هنن ماڻهن جي مدد سان رابطي واري سلسلي کي به قائم رکي سگهجي ٿو.

ڪڇ کان اوپر گجرات آهي، جتي گائڪ واڙ جي حڪومت آهي. گجرات جي اتر ۾ جوڌپور ۽ جيسلمير جا ملڪ آهن، جتان جا حڪمران راجپوت آهن، جيڪي ڏاڍا بهادر آهن. اهي ٻئي ملڪ آزاد آهن ۽ هاڻي انگريز سرڪار جا ڏن پرو آهن. هنن جي درٻارين ۾ انگريز سرڪار جا نمائندا رهندا آهن ۽ مڪمل طور هندستان جي انگريز سرڪار جي ماتحت آهن. هنن ملڪن جي اوپر طرف هندستان جي انگريز سرڪار آهي ۽ اولهه ۾ واريا سو رڻ پٽ آهي جنهن وچان سنڌ ڏانهن وڃڻ لاءِ فقط ٻه ٽي رستا آهن، جن سان کوهه کوٽيل آهن، نه ته ساري ٿر ۾ ڪٿي به پاڻي ملي ڪونه سگهندو آهي.

جيسلمير ڏانهن روهڙيءَ وسيلي وڃي سگهبو آهي ۽ اهو رستو سنڌ ۽ ٿر مان گذرندو آهي. وچ تي شاهه ڳڙهه جو قلعو آهي، جيڪو مير شير محمد جي شڪست تائين، مير رستم جي ڀائٽي مير محمد جي قبضي هيٺ هو. مذڪوره قلعو مير علي مراد جي حڪمرانيءَ جي حدن اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر ملڪيت انگريز سرڪار جي آهي. ان لاءِ مير علي مراد سان واعدو ڪيو ويو آهي ته ڪيس انهيءَ قلعي جو معاوضو ادا ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته پنهنجي قبيلي جي وڏي هئڻ جي پڳ مٿس آهي. پر هن وقت تائين نه بمبئي جي حڪومت نه وري هندستان سرڪار اهڙي واعدي پاڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هي جاگرافيءَ جا اهم نشان آهن، پر ٽالپرن جي غلط قسم جي حڪمت عمليءَ ڪري اهڙا نشان ختم ٿي ويا هئا ۽ سرحد سان لاڳاپيل اهم دستاويز به هيڏي هوڏي ٿي ويا هئا. پر ميرپور خاص، عمرڪوٽ ۽ شاهه ڳڙهه جي قلعن ڪري سنڌ جي جاگرافيائي حد واضح ٿي چڪي آهي. انهن سرحدن جي اوسي پاسي انگريز دوست رهندا آهن. هنن ماڻهن کي انگريزن خلاف بغاوت ڪرڻ يا غداري ڪرڻ لاءِ ڪو سبب به ڪونه آهي. پر جيڪڏهن ڪا اوٽي پوٽي ڳالهه ٿي ويندي ته ڏيسا ۾ گئريسن فوج، جوڌپور ۽ جيسلمير جي دربار ۾ انگريز سرڪار جا پوليٽيڪل ايجنٽ موجود آهن، جيڪي ڪنهن به قسم جي ڪروڌي وايو منڊل کي چڱيءَ ريت منهن ڏئي سگهندا. اهڙيءَ ريت ٿر مان گذرندڙ هر رستو محفوظ آهي. جڏهن چوماسي ۾ ساموندي رابطو ختم ٿي ويندو آهي ته ممبئي سان هنن رستن ۽ ماڳن وسيلي لاڳاپو موجود رهندو آهي.

سنڌ جي اتر واري سرحد سان هڪ اهم ملڪ آهي، جنهن کي بهاولپور جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن جا حڪمران دائودپوٽا آهن. انگريز سرڪار کيس راجا رنجيت سنگهه جي حملن کان بچائڻ جي ضمانت ڏني هئي. لارڊ ايلنبرو کيس سبزل ڪوٽ ۽ ڀونگ ڀاڙا وارا علائقا واپس ڏياريا آهن، جيڪي ٽالپر حڪمرانن کانئس فتح ڪري ورتا هئا. هي حڪمران انگريز سرڪار جو فرمانبردار ۽ تابعدار آهي. پر سر چارلس نيپئر جو هن ڳالهه تي زور هو ته وڏيڪ اهميت سنڌ کان اوير وارن حڪمرانن کي ڏني وڃي، جنهن تي سکن جو امڪاني دٻاءُ رهندو ۽ اهڙيءَ ريت هو انگريزن جي ويجهو اچي ويندو. ان راجا جي رعيت انهن ماڻهن کي وڌيڪ چاهيندي هئي، جيڪي انگريزن جي زوال لاءِ ڪوششون ڪندا هئا. هن راجا جو ملڪ ستلج جي هيٺئين حصي ۾ ٿر جي وچ تي هو. تنهن ڪري هو اتر اولهه هندستان جي مختلف علائقن ۾ سنڌ وچ ۾ رابطي کي ڏانوانڊول ڪري سگهندو هو. ان ڪري خشڪ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ واري آمد رفت رڪجي ويندي هئي. جيڪڏهن انگريز سرڪار ۽ سکن وچ ۾ جنگ لڳي ته رابطن جو اهڙيءَ ريت ڪٽجڻ ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري هندستان سرڪار ان راجا کي اهڙي ضمانت ڏني آهي ته جيڪڏهن هو هندستان سرڪار جو فرمانبردار ۽ تابعدار رهندو ته سندس حڪمرانيءَ جو وار به ونگو ڪونه ٿيندو. پر هي راجا بغير ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي انگريز سرڪار سان ڪنهن به نازڪ موقعي تي غداري ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري سر چارلس اهڙي ڪوشش ڪئي هئي، ته جيئن هن کي انگريز سرڪار جو دوست بڻائي سگهي.

سنڌ جي اتر اوير ۾ ملتان جو ملڪ آهي، جيڪو ستلج جي هيٺئين پاسي کان وڌي سنڌوءَ جي ڪناري پکڙيل آهي، جيڪو هنن ٻنهي درياهن جي سنگم کان وٺي هيٺ ڪشمور تائين هليو وڃي ٿو. هن علائقي جو ديوان لاهور جو ڏن پيرو آهي. سندس نالو سانوڻ مل آهي. مولراج سندس پٽ آهي. هي ڏاڍو سياڻو سچيت ۽ سيبتو حڪمران ۽ سر چارلس نيپئر جو دوست آهي. پر کيس احساس آهي ته سک حڪمران اهڙيءَ دوستيءَ کي سٺو ڪونه سمجهي رهيو آهي. ليڪن هو انگريز سرڪار خلاف عملي طور ڪجهه به ڪرڻ جهڙو ڪونه آهي، پر جيڪڏهن کليءَ عام حملو ڪبو ته ضرور ردعمل ظاهر ڪندو.

سنڌ جي اتر اولهه پاسي ڪڇي گنداوا جو علائقو آهي، جيڪو قلات جي خان جي ماتحت آهي. هيءُ علائقو ڪڇيءَ واري خشڪ جابلو جُوءِ وسيلي سنڌ سان ڳنڍيل آهي، جنهن جون ڪڪريون سنڌوءَ جي ڪناري کان وٺي بولان واري جابلو علائقي تائين هليون وڃن ٿيون، جتي مزاري، بگٽي، جکراڻي، ڊومڪي ۽ ڪجڪ آباد آهن. اهي سيئي ذاتيون ننڍين ننڍين قبيلن ۾ ورهايل آهن.

ڊومڪين ۽ بگٽين جي اتر پاسي مرين ۽ ڪيتران قبيلن جي جُوءِ شروع ٿئي ٿي. مزارين جو هڪ قبيلو سنڌوءَ جي ڪنار سان به آباد آهي، جيڪو ملتان جي هندو ديوان سانوڻ مل جو ڏن پيرو آهي. باقي ٻيا قبيلا قلات جي خان جي ماتحت آهن. جڏهن ته مري قلات جي خان جي ماتحت ڪونه آهن ۽ ٻاڙي وارن سيني قبيلن کان وڌيڪ مهذب آهن. افغانستان واري جنگ دوران پوليٽيڪل ايجنٽن هنن سان هرويرو ڪٺونس ڪئي هئي ۽ انگريز فوج هنن کي مکيه قلعي ”ڪاهان“ کي والاري ويهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي. پر هنن همت ڪري انگريز فوج جي هڪ جٿي کي شڪست ڏئي ڇڏي هئي، جيڪو ميجر ڪليبارن جي مهنداري ۾ ساٽن وڙهي رهيو هو. ان کان پوءِ هنن ليفٽيننٽ ڪلارڪ جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهندڙ فوج کي بہ ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا هئا. هي ليفٽيننٽ ڏاڍو بهادر ۽ ڏاهو ماڻهو هو جنهن ڏاڍيءَ دليريءَ سان پنهنجو بچاءُ ڪيو هو. جڏهن ڏٺائين تہ پاڻي سر کان چڙهندو پيو وڃي تہ ڪاهان قلعي ۾ رهندڙ ليفٽيننٽ برائون کي واهر ڪرڻ جي نيت ڏني هئائين.

جکراڻي، بگٽي، ڊومڪي ۽ مزاري قبيلي جي هڪ شاخ پنهنجي ٻچن ٻارن جي پيٽ گذر لاءِ ڌاڙي ۽ ڦرلٽ ڪانسواءِ ڪو ٻيو ڌنڌو ڪانہ ڪندا هئا. ائين ڪٿي ڇئجي تہ اهي اڻ ئي پهر ڌاڙيل هئا. جيڪي پاڻ کي سڏائيندا بہ لوٽو هئا. سندن احساس ۽ روايتون بهادرن واريون هيون. پر ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڌاڙيل هئا. بي حس هئا. جيڏانهن ويندا هئا، علائقا ويران ٿي ويندا هئا. سمجهندا هئا تہ دنيا جي هر ملڪيت تي تيز تلوار جو حق آهي. خدا تعاليٰ هيءَ ڌرتي پيدا ڪئي ۽ ماڻهن ان کي ڪيڙي آباد رکيو هنن جي ڦرڻ لٽڻ لاءِ ڪيو آهي. اهي ماڻهو ڏاڍا ويڙها ۽ سگهارا هوندا هئا. هن علائقي جي اتر ۾ اولهہ پاسي هڪ وسيع جابلو علائقو آهي، جتي پرامن ماڻهو رهندا هئا. جڏهن هنن جکراڻين ڊومڪين، بگٽين ۽ مزارين تي ڪو طاقتور دشمن حملو ڪندو هو تہ اهي ڀڄي وڃي انهن پرامن ماڻهن ۾ رهندا هئا. جڏهن تہ ڏکڻ طرف کان سنڌن تحفظ ڪشمور جو رڻ پٽ علائقو واري ڪنڌ آهي. اهو بريٺ اسي ميل ويڪرو آهي، جيڪو کين سنڌ کان جدا ڪري بيهاريندو آهي. هنن کي هن ويران علائقي جي کوهن جي خبر آهي. هي ماڻهو ڌاڙن هڻڻ جي مهم دوران هن روهن ۽ کوهن واري جابلو جُوءِ ۾ ڪي کوهہ پاڻ بہ تيار ڪندا آهن. تنهن ڪري اهي ماڻهو هي رڻ پٽ ۽ سڄو علائقو سولائيءَ سان اڪري وڃي پار پهچندا آهن. پرُ فوج کي هي بريٺ پار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، تنهن ڪري اهو اگرو رڻ پٽ اڪري سندن روهن کوهن واري جُوءِ تي حملو ڪري واپس سلامتي سان موٽي ڪانہ سگهندي آهي ۽ ڪجهہ بہ ڪري ڪانہ سگهندي آهي.

هنن ماڻهن جي اولهہ پاسي قلات آهي، جيڪو پڻ (بروهي) بلوچن جو ملڪ آهي. افغانستان جي جنگ دوران انگريزي فوج هن ملڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڄڌاني تي حملو ڪري پرٽيانگ ڪري ڇڏيو هو ۽ اتان جو حڪمران قتل ٿي ويو هو. انهيءَ ڪري اتان جا نواب ۽ سردار انگريزن جا ويري بڻجي ويا هئا ۽ هنن مقتول بادشاهه جي ارڙهن سالن جي پٽ کي تخت تي ويهاريو هو. سر چارلس نيپئر هن نئين حڪمران کي پئسا ڏوڪڙ ڏئي خوش ڪري ڇڏيو هو ۽ ان نئين حڪمران سان سندس رويو ڏاڍو سٺو ۽ رحمدلانه هو. قلات جو بادشاهه هڪ آزاد حڪمران هو جنهن سان سر چارلس جي دوستي هئي. ڏانهنس دوستاڻا خط لکندو هو ۽ سهڻيون صلاحيون ڏيندو هو. ڪيس باغي سردارن خلاف مدد ڪندو هو. ان ڪانسواءِ هن کي قنڌار جي حڪمران خلاف به هر قسم جي واهر ڪندو هو جيڪو سندس ملڪ لاءِ اٿيهئي آزار بڻيل هو.

## سنڌ جي قبيلن سان لاڳاپا

سنڌ جي اولاهين سرحد واري "هالا" جبل جي ويران جُوءِ ۾ چانڊيا رهندا آهن، جيڪي سنڌوءَ کان وٺي هن جابلو علائقي ۾ پکڙيا پيا آهن. هي جابلو علائقو به ڪشمور واري رڻ پٽ جهڙو ويران آهي. هي ماڻهو به پنهنجي پيٽ گذر لاءِ پوکي راهي ڪونه ڪندا آهن ۽ ڪڇيءَ وارن قبيلن جيان ڌاڙا ۽ ڦريون لٽيون ڪندا آهن. پر هاڻي اهي انگريز سرڪار جا فرمانبردار ۽ تابعدار بڻجي ويا آهن. هنن جي ڏکڻ ڏِس تي رند ۽ لغاري آهن، جيڪي سيوهڻ وٽان ۽ سنڌوءَ جي ڪناري سان لڳ آهن. جڏهن ته اتان کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تائين جوکين جو علائقي آهي. هنن کان پوءِ لس ٻيلي جي ڄام جو ملڪ شروع ٿي ويندو آهي، جيڪو قلات جي خان جو ماتحت آهي. اهي قبيلا ڪي ميداني ۽ ڪي جابلو علائقن ۾ رهندا آهن. هالا جبل جون اپرنديون لاهونديون سنڌ ۾ ۽ الهنديون لاهونديون قلات ۾ آهن، جتي وري قلات سان لاڳاپيل قبيلا رهندا آهن. جن کي هن کان پوءِ "جابلو ماڻهو" سڏيو ويندو. جڏهن ته ڪڇيءَ وارن ماڻهن کي "ڪڇيءَ جي ٽڪر" وارا ماڻهو سڏيو ويندو. هن علائقي ۾ جبلن جهڙيون ننڍيون وڏيون ٽڪريون آهن، جن کي جبل سڏي ڪونه ٿو سگهجي.

هنن ۾ ڪي قبيلا سنڌي ۽ ڪي قلاتي آهن، جيڪي پنهنجي مزاج ۾ انصاف پسند ۽ سخي آهن، ته ڪڏهن وري سخت به هوندا آهن. هي ماڻهو نئين سياسي نظام جي ويجهو آهن ۽ سر چارلس نيپئر کين

پنهنجو بڻائڻ ۾ سوپارو ثابت ٿيو آهي. پر جوکين جي نواب سان سندس سلوڪ سهٽو ڪونہ هو. اهڙو ذڪر سنڌ جي فتح نالي ڪتاب ۾ اچي ويو آهي. ان ڪان سواءِ چانڊين جي سردار ولي (محمد) سان بہ هن جا تعلقات سنا ڪونہ هئا. سردار ولي چانڊيو پاڻ سان ڏهہ هزار ماڻهو وٺي آيو هو. اجا هڪ منزل جي فاصلي تي هو جو مياڻيءَ جي جنگ لڳي وئي هئي. جيڪڏهن ميجر آئوٽرام جي مشوري تي هلي جنگ ۾ هڪ ڪلاڪ جي بہ دير ڪجي ها تہ ولي چانڊئي جي ڏهہ هزار فوج انگريزي لشڪر جي پٺئين پاسي ڪڙي چاڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها. ولي چانڊئي جڏهن انگريزن جي فتح جي خبر ٻڌي تہ سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي ۽ جتي هو اتي ٻيهي ويو ۽ سنڌو پار ڪونہ اڪريو ۽ اتان ئي موٽي پنهنجي ملڪ وڃي پهتو هو. جتي هو ٻين قبيلن سان گڏجي مير علي مراد جي مزاحمت ڪرڻ لڳو هو. جيڪو پڳ ٻڌڻ ڪان پوءِ انهيءَ علائقي جي زمين جو مالڪ بڻجي ويو هو. هنن قبيلن جو اتحاد مير علي مراد جي طاقت ڪان گهٽو هو. تنهن ڪري هنن ڪا ٻي واهہ نہ ڏسي، ناهہ ڪرڻ جي بهاني انهن سيني سردارن کي پاڻ وٽ سڏائي ورتو. اهڙيءَ ريت ناهہ ڪرڻ جي مقصد سان هن وٽ اٺتيهہ سردار اچي پهتا، جن سان گڏ ڏيڍ سو کن جو اتالو بہ هو. مير علي مراد کي سونهري وجهہ ملي ويو. جنهن هنن بلوچ سردارن مٿان اچتو قاتلاڻو حملو ڪرائي کين مارائي ڇڏيو جيڪي بچي ويا تن کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو جن مان هڪ ولي چانڊيو بہ هو.

مير علي مراد، بلوچ سردارن کي دغا سان گهرائي قتل ۽ قيد ڪرڻ واري پنهنجي هن ڪريت ڪان ڏاڍو خوش هو. هن اهي قيدي سر چارلس جي حوالي ڪيا هئا، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو ڪيس خوش ڪري سگهي. قيدي وري پنهنجي جان جو آسرو لاهي ويهي رهيا هئا، جن حالتن جو جائزو نہ وٺي ٻي عقليءَ جو ڪم ڪري جڻ پاڻ کي قتل ڪرڻ جي سزا ڏني هئي. پر جڏهن بلوچ قبائلي سردارن کي موت جي سزا نہ ملي تہ اهي واڻڙا ٿي ويا ۽ مير علي مراد مايوس ٿي ويو هو. سر چارلس اهڙي ڪڌي ڪم ڪري علي مراد کي ننديو هو ۽ ڪيس ڇيو هڻائين تہ انهن کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏئي عزت سان روانو ڪري ڇڏي. هنن بلوچ سردارن کي نہ رڳو قيد مان آجپو مليو هو پر کين نئين زندگي

سان گڏ پنهنجون اصلي جاگيرون بہ موٽي مليون هيون. اهو هنن لاءِ سندن بهادريءَ جو انعام هو. سر چارلس، مير علي مراد طرفان ڪيل اهڙي قتل ۽ قيد ڪرڻ واري حڪمت عمليءَ لاءِ افسوس جو اظهار بہ ڪيو هو. ولي چانڊيي سان ملاقات واري منظر کي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي.

هي ماڻهو (ولي) جهونڙو آهي، پر ڏاڍو دلير ۽ همت ڀريو آهي ۽ سڪل صورت ۾ هڪ وڏو چهرو معلوم ٿي رهيو آهي. هن جي مٿي جا ڊگها وار ۽ ڏاڙهي صفا اڇي ۽ ڏاڍي گهاٽي آهي. نڪ ننڍو اٿس. منهن جو رنگ ٽامي جي رنگ جهڙو. اکيون ننڍڙيون تيز ۽ چمڪدار جيڪي هن جنرل چارلس جي ڇهري ۾ بنا چنيڻ جي ڳپائي ڇڏيون هيون. پر جنرل سندس آزادي جو اعلان ڪري سندس ڏسڻ جي اهڙي تسلسل کي ختم ڪري ڇڏيو هو. ان ڪانپوءِ هن اچرج وچان جنرل کان پڇيو هو تہ. ”ڇا اهو سچ ٿو چوين: ڇا مان هاڻي وڃي سگهان ٿو.“ جنرل سر چارلس ڪيس وراڻيو: ”هائو“. هي جهونڙو وڌيڪ ڳالهائڻ کان سواءِ اتان نڪري هليو ويو ۽ نهايت تيز رفتاري سان ڊوڪيندو وڃي پنهنجي علائقي ۾ پهتو هو. ڪيس غلطيءَ جي سزا ڏيڻ بدران جڻ مٿس نوازشون ٿيون هيون. هو جڏهن پنهنجي قبيلي ۾ پهتو تہ پنهنجي ماڻهن کي خوشيءَ وچان ٻڌائڻ لڳو هو تہ ”فرنگيءَ فوجي جنرل مون کي زندگي بخشي آهي ۽ پنهنجي جاگير سان گڏ تلوار بہ واپس ڪئي آهي. هاڻي مان تہ سندس ٻڌو ٻانهون ٿي ويو آهيان.“ هن ڪتاب ۾ اڳتي اهڙو احوال ايندو تہ هن پنهنجي چيل انهيءَ لفظ جي ڪيتري عزت رکي هئي.

## مير علي مراد سان لاڳاپا

سنڌ جي انهن ماڻهن جي مزاج جو ذڪر اچي ويو آهي، جيڪي جابلو علائقن ۾ بريت ۾ رهندا آهن. هن ڪانپوءِ مير علي مراد جو بيان ڪيو ويندو. جنهن جي حڪمراني انگريز سرڪار جي حدن اندر اٿين موجود آهي جيئن قيمتي جواهر جي وچ ۾ ڪو ڪوٽ موجود هجي. ڇاڪاڻ تہ هن ٽالپر پنهنجي حڪمرانيءَ جو رنگ ۽ ڍنگ بدلائي نئون ڪوٽ ڪونہ ڪڍيو هو ۽ اڳئين جيان پراڻي طريقي مطابق حڪمت عملي هيس. اهڙيءَ ريت هن جي حڪمراني سندس ضرورتن مطابق هئي. انگريز سرڪار جي حڪمت جو طريقو جديد ۽ هن جو پراڻو هو. جنهن ۾ وڏو فرق موجود هو. هن ماڻهوءَ کي حڪومت هلائڻ جا سڀ اختيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مليل هئا. پر بمبئيءَ ۾ هڪ اهڙي ڌر بہ موجود هئي، جنهن جو نقطئہ نظر هو تہ سنڌ جي حڪومت اصلي حڪمرانن حوالي ڪئي وڃي، جيڪي انگريزن جا دشمن هئا. اهي ماڻهو هن ڪري بہ ناراض آهن تہ مير علي مراد تي چو نوازشون ٿي رهيون آهن. ڪين اعتراض آهي تہ هو انگريزن جو دوست چو آهي. سنڌن چوڻ آهي تہ هي مير وڏو غدار آهي چاڪاڻ تہ هن پنهنجي ٽالپرن سان گڏجي انگريزن سان جنگ ڪانہ ڪئي هئي ۽ هو ڪوڙو نڱ، دغاباز آهي، چاڪاڻ تہ هن ٻين ميرن سان ٻيلهہ ٻڌجي انگريزن کي تباهہ ڪرڻ جي هڪ بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي هئي.“ سر چارلس نيپئر مٿس وڏو اعتماد ڪندو آهي. ڪيس ڪيترن ئي سوڪڙين پاڪڙين سان نوازيندو آهي. سندس حڪمراني واريءَ ايراضيءَ ۾ اضافو ڪيو ويو آهي ۽ سندس ڏک سک جو ساٿي آهي.

بمبئي واريءَ ڌر جون اهڙيون ڪوششون آهن، جيڪي عام ماڻهوءَ جي هن خيال کي روڪي رهيون آهن تہ مير علي مراد تي ايترو گهڻو اعتماد چو پيو ڪيو وڃي. ڪيس چو سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنيون ۽ ورتيون پيون وڃن ۽ سندس حڪمرانيءَ جي حدن ۾ چو اضافو ڪيو پيو وڃي. آئوٽرام تہ اهڙو دستاويز بہ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هن اها حقيقت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هن جي ملڪ ۾ ڪجهہ ايراضيءَ جو اضافو ڪيو ويو آهي. جڏهن ڪيس مخالفت لاءِ ڪو بہ مواد ڪونہ مليو سگهيو آهي تہ هن خيالي قسم جون ڳالهيون ٻڌائي، مخالفت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيون ڳالهيون ڪري آئوٽرام پاڻ بہ منجهي پيو آهي ۽ ڪاوڙ ڪان آپي مان ٻاهر نڪري ويو آهي. هاڻي اهو مناسب وقت اچي ويو آهي جو ڪن حقيقتن جو مختصر ۽ جامع طريقي سان بيان ڪجي، جنهن جو بيان ”ڪانڪيٽ آف سنڌ“ نالي ڪتاب ۾ بہ اچي ويو آهي.

جڏهن لارڊ ايلنبرو جي چوڻ مطابق سنڌ جي ٽالپر حڪمران سان معاهدا ڪيا ويا هئا تہ مير علي مراد بہ ٻين جيان انگريزن جو جاني دشمن هو. مير حسين ڏاڍو طاقتور ماڻهو هو جيڪو مير رستم جو وڏو پٽ هو. جنهن پنهنجي پيءُ کي وراثت جي قانون ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ زور پريو هو. چوٿياريءَ جي طئي ڪيل طريقي مطابق پاڳ جو وارث پاڳ کي قرار ڏنو ويو هو. پر مير حسين جي ڪوشش هئي تہ پاڳ بدران پٽ وارث هجي. ائين ٿيڻ سان مير علي مراد کي پڳ ملڻ بدران حسين کي ملڻ واري هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري علي مراد فوج وٺي مير رستم ۽ سنڌس پٽن تي ڪاهي ويو ۽ کين وڃي شڪست ڏني هئائين. پر هي ماڻهو فتح کان پوءِ ڏاڍو نرم رهيو ۽ ٺاهه ڪرڻ مهل به ساڻس نڀجي ڪئي وئي هئي ۽ کانئس اهي علائقا به موٽائي ورتا هئائون، جيڪي هنن تلوار ڪڍڻ سان هارايا هئا.

جڏهن جنرل چارلس سنڌ جا معاملا پنهنجي هٿ ۾ ورتا ته مير علي مراد ساڻس ملاقات ڪرڻ کان پوءِ گهرو مخالفت جي ڏس ۾ ڪيس مدد ڪرڻ جي گذارش ڪئي هئي. توري وقت کان مير رستم پڳ مير علي مراد جي حوالي ڪئي هئي. جيڪا چؤياريءَ جي طئہ ڪيل اصولن مطابق هئي. اهو اصول اسلامي قانون ۽ طئہ ٿيل معاهدن مطابق به هو تنهن ڪري انگريز جنرل به اٿين ڪرڻ جو پابند هو. اٿين ڪرڻ کان پوءِ پهريائين جنرل اها پڪ ضروري ڪئي هئي ته مير رستم، علي مراد کي پڳ پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڏني هئي. پر مير رستم لڳاتار چوندو رهيو ته اهڙي ڳالهه کانئس زبردستيءَ لکرائي ورتي وئي آهي ۽ عهدنامي ۾ ڦير گهير ڪئي وئي آهي. سنڌس مرضي هئي ته پڳ پنهنجي پٽ حسين جي نالي ڪري، پر سنڌس اها ڳالهه خانداني روايتن ۽ اسلامي قانون جي خلاف هئي. تنهن ڪري اهڙي زبردستيءَ جو امڪان ڪونہ هو. ان کان سواءِ مير رستم، جنرل چارلس طرفان آڇيل تحفظ کان به انڪار ڪري ڇڏيو هو. هتي فقط پڳ جو معاملو ڪونہ هو. چاڪاڻ ته پڳ سان گڏ حڪمرانيءَ جو حق به شامل هو، جنهن ۾ امام ڳڙهه نالي قلعو به هو جيڪو علي مراد جي مدد سان سر چارلس نيپئر فتح ڪيو هو. هن قلعي کي تباهه ڪرڻ لاءِ توب جو پهريون گولو به علي مراد ڇوڙيو هو. تر واري مهم به اٿين ڪانهي جيئن هڪ هندستاني عملدار لکيو آهي. سنڌس تحرير مان اٿين معلوم ٿي رهيو آهي جڻ سر چارلس اڳرائي ۽ اره زورائي ڪئي هئي. پر اهو ته ڪيل عهدنامي مطابق عمل ٿي رهيو هو. جيڪو علي مراد سان ڪيو ويو هو جنهن مطابق هر ٽالپر جي حقن جي حفاظت ڪرڻي هئي. مير علي مراد جا ياٽنيا هن جي خلاف بغاوت ڪري رهيا هئا. اهڙيون ڳالهيون قانون ۽ انصاف جي خلاف هيون. جڏهن سر چارلس نيپئر هنن خلاف ڪارروائي ڪرڻ شروع ڪئي ته هن علي مراد کي پاڻ سان گڏ ڪنيو هو. هن جو مٿس ويساهه گهٽ هو. ڪيس پڪُ هو ته مٿان هو پنهنجي اڳئين بيان تان ڦري وڃي.

ان ڪانپوءِ لارڊ ايلنبرو جي هدايت مطابق هن مير کي اهو ملڪ ڏنو ويو هو جنهن تي سندس دعوي هئي چاڪاڻ تہ هن انگريزن سان ڪيل معاهدي مطابق عمل ڪيو هو. سنڌ جي فتح کان اڳ سنڌ ٽڪرن ٽوٽن ۾ ورهايل هئي، جيڪا فتح کان پوءِ هڪ مڪمل نقشي اندر موجود هئي. پر علي مراد جي علائقي جي الڳ تي ويڃڻ ڪري سنڌ جو نقشو هڪ ڀيرو ٻيهر ٽڙي پکڙي ويو هو. ليڪن انگريزن تي ويساه رکڻ جو هڪ سٺو مثال هو، جنهن هتان جي جهنگلي بلوچ سردار کي متاثر ڪري ڇڏيو هو. هن ماڻهن کي بہ اعتبار اچي ويو هو تہ انگريز واعدي جا سچا آهن ۽ جيڪڏهن اهي بہ هنن سان سچا رهندا تہ کين پنهنجون جاگيرون موٽي ملنديون.

لارڊ ايلنبرو سر چارلس کي مڪمل اختيار ڏئي ڇڏيا تہ هو سنڌ جون سرحدون مقرر ڪري. تنهن ڪري هن قلات جي خان، بهاولپور جي حڪمران، جيسلمير ۽ جوڌپور جي راجائن ۽ علي مراد سان بہ اهڙي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هئي. تنهن ڪري ڪيس جاگيرون ڏيڻ، ضبط ڪرڻ، رعايتون ڏيڻ يا کسڻ جا حق ملي ويا هئا. ڪلائيو جي دور مطابق اهڙيون جاگيرون لکن رپين جي ملڪيت جيتريون هيون. جڏهن سر چارلس کي اهڙيون اختياريون مليون هيون تہ بمبئيءَ واريءَ ڌر کان تڏا ساهہ نڪري ويا هئا. پر کين پڪ هئي تہ اهڙيون ڳالهيون ڪي اجايون ڪونہ آهن. پر ان هوندي بہ جڏهن سر چارلس تر ۾ هو تہ ڪن ڌرين سمجهيو هو تہ علي مراد کيس تحفي ۾ ڪڪڙ ڏئي رهيو آهي ۽ ڪن سمجهيو هو تہ اهو کيس ڪڪڙ سان گڏ آنا بہ ڏئي رهيو آهي. جڏهن مير علي مراد کيس تحفي ۾ هاٿي ڏيڻ پئي چاهيو تہ کيس هن ريت وراڻيو هو: ”مان ڪو بہ تحفو قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان. چاڪاڻ تہ مون کي تحفي ڏيڻ جيتري سگهہ ڪانہ آهي. جيڪڏهن گورنر جنرل هن تحفي تي اعتراض ڪيو تہ اهو توکي واپس ڪيو ويندو. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ پوءِ اوهان هن هاٿيءَ جي قيمت جيتري رقم سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائجو.

هن مير جي حڪمرانيءَ جو حق تسيلم ڪرڻ نهايت لازمي هو. پر سر چارلس جي خيال مطابق هندستان اندر انگريز سرڪار جي اهڙي حڪمت عملي قابل قبول ڪانہ هئي. سندس چوڻ هو تہ هندستان جا حڪمران، امير ۽ نواب انگريزن کي ڌڪاريندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ

اهي اڳرائي ڪري ملڪ اندر گهڙي آيا آهن. پر عام ماڻهو هنن کي گهٽ پسند ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي سڌا حڪمران آهن ۽ چاهيندا آهن تہ انهن جي شهنشاهت سدا سلامت هجي. جيڪڏهن اهي هليا ويا ۽ حڪومت اڳين راجائن ۽ بادشاهن جي حوالي ڪري ويا تہ اسان وري غلام بڻجي ويندا سون. انهن جي درٻارين جا امير ۽ نواب اسان جي مٿان حڪم هلائيندا. اهڙا ماڻهو وري بہ حڪمرانن جي مدد ڪندا ۽ عوام جا دشمن بنجي ويندا. ان کان سواءِ هتان جا حڪمران تهذيب ۽ تمدن جي خلاف آهن. اهو مقصد دل ۾ رکي هو سنڌين اندر آزاديءَ جو هڪ جذبو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ٽالپرن جي يا ٻي ڪا حڪومت ٻيهر آئي تہ اهي تباهہ ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن اهڙي تحريڪ هلي بہ تہ ان جي سخت مزاحمت ڪن.

مير علي مراد دغا ڪري ولي چانڊئي کي گرفتار ڪيو هو. تنهن ڪري سر چارلس مٿس ڪرڙي نظر رکي رهيو هو. سندس درٻار ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ڪيو هئائين. ان کان سواءِ وزير بہ انگريز سرڪار جي صلاح کان سواءِ ڪونہ رکندو هو. هن جي سياسي معاملن ۾ دخل اندازي بہ دوستاڻي طريقي سان ڪئي ويندي هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ مير نوجوان هو. عيش عشرت جو ڪوڏيو هو. ان ڪري ملڪي معاملن ۾ دلچسپي گهٽ وٺندو هو. اهڙيءَ ريت درٻار ۾ انگريز دشمن جي سرڪي اچڻ جو امڪان هوندو آهي. تنهن ڪري ڪيس انگريز پوَليٽيڪل ايجنٽ ضروري صلاح مشورا ڏيندو رهندو هو. هن کي اهو بہ بار بار ياد ڏياريو ويندو هو تہ سندس حڪمراني انگريزن سان وفاداريءَ ۽ تابعداريءَ سان مشروط آهي. اهڙين ڳالهين جي اڳتي هلي وڌيڪ وضاحت ڪئي ويندي. هن قسم جي سُکيا ۽ تربيت ڏيڻ سنڌ جي تحفظ لاءِ نهايت ضروري بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هن مير جي حڪمراني سنڌو درياهہ جي ٻنهي ڪنڌين سان آهي. جيڪڏهن اتي امن امان هوندو تہ آگبوٽن جي آمد رفت امن ۽ آشتيءَ سان هلي سگهندي. روهڙي، سکر، شڪارپور ۽ حيدرآباد کي سندس حڪمراني کان الڳ سمجهيو وڃي. هن جي اتر پاسي ڏاڙيل قبيلا آهن. هيٺ سنڌو سيوهڻ پرسان وهندو آهي. جتي هالا جبل اچي هن درياهہ کي ڇهندو آهي. سنڌوءَ جي ويجهو واري ايراضي سڪي ستابي نظر ايندي آهي، جتي قلعن جي تعمير بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود نظر ايندي آهي. هنن سيني قلعن کان ڪوٽڏيجي وارو قلعو وڌيڪ مضبوط آهي. هن دربار کي ٽالپر شهزادا عزت جي نظرن سان ڏسندا آهن. افغانستان ۽ قلات جا حڪمران بہ هن دربار جو احترام ڪندا آهن. ڪوٽڏيجي جو قلعو وسيع آهي. جنهن ۾ هٿياربند فوج جو وڏو تعداد رهي سگهي ٿو. هن حڪمران پگهار تي بلوچ ۽ پٺاڻ فوج رکي ڇڏي آهي، اهڙو ڪيس حق بہ مليل آهي.

## سنڌ لاءِ سگهاري ۽ ڦڙت انتظاميہ

سنڌ کي فتح کان پوءِ قابل انتظاميا جي ضرورت آهي ۽ اهڙي اهل انتظاميہ موجود بہ آهي، جنهن کي ٽڙ تڪڙ ۾ ڪري مقرر ڪونہ ڪيو ويو آهي. هن ملڪ کي بلڪل نئين انتظاميہ جي ضرورت هئي، جنهن جو سوچ سمجهہ کان پوءِ قيام بہ عمل ۾ اچي چڪو آهي. انهيءَ ۾ مسلمان سنڌي ۽ هندو سنڌي ماڻهن جو تعداد مفتوح بلوچن جي تعداد کان وڌيڪ ڪونہ آهي. جنرل هي ملڪ تلوار جي سگهہ سان کٽيو هو. سندس خواهش هئي تہ سندس فوج جو ڏڍ ڏاڪر ۽ پڌ جو پرم قائم رهندو اچي ۽ پنهنجي فوجي فرض جي ادائگيءَ ۾ ڦڙت ۽ چوڪس هجي ۽ جيڏانهن بہ ان کي روانو ڪجي حڪم اکين تي رکي ڪلندو وڃي. پنهنجي منصبي فرض کي ادا ڪري. اندرئين ۽ ٻاهرئين دشمن کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهي. جيڪڏهن منجهس ڪي اوڻايون آهن بہ پر پوءِ بہ سوپ لاءِ سر ترڻيءَ تي رکي وڙهي. هن قسم جي تيز نظر کان بمبئي واري ڏر نپٽ هئي. ۽ هي چئي سگهجي ٿو تہ اهي ماڻهو امن ۽ آشتي جا ڏنا وائنا ويري آهن، جيڪي باغين مان چڱائي جي اميد رکيون وينا آهن. تنهن ڪري انهن نئين قسم جو گوڙ شور شروع ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌ جي فتح ڪري هندستان جي سرحد ڪمزور ٿي وئي آهي. بمبئي واري ڏر جو اهم ذريعو گوڙ شور ۽ هٽ ناٽ ڪري، ڪوڙ کي سچ ثابت ڪري، ڪنهن کي هرويرو لوڻڻ هوندو آهي. گوڙ شور ۽ واويلا بہ اهڙي منظم طريقي سان ڪندا آهن، جو عام ماڻهوءَ کي شعور ڪتب آڻڻ جي تہ وٿي ئي ڪانہ ڏيندا آهن. هاڻي بہ ساڳين ماڻهن واويلا شروع ڪري ڏني آهي تہ سنڌ جڏهن ٽالپرن جي ماتحت هئي تہ ٿر وارو رڻ پٽ هندستان جو وڏو بچاءُ هوندو هو. جيڪو ان جي الهندي سرحد سان واقع آهي. سندن اهو بہ چوڻ آهي تہ رڻ پٽ ملڪن لاءِ وڏي بچاءَ جي حيثيت رکندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن.“ اها ڳالهه صحيح آهي تہ رڻ پٽ ملڪي سرحدن جي بچاءَ جو سبب هوندو آهي، پر رڻ پٽ ايڏو وڏو بچاءُ ڪري ڪونہ سگهندا آهن، جيڏو بمبئيءَ واري ڌر سمجهي رهي آهي ۽ ان کي بدنيتيءَ سان پيش ڪري رهي آهي. پر اها حقيقت ائين بہ ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ رڻ پٽ واري ان سرحد تان هٿ ڪونہ کنيو ويو آهي، پر ان کي اڳئين کان وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي. پر اهو ڪونہ ٿو ٻڌايو وڃي تہ اولهہ طرف کان ٻاهريون دشمن ڪير آهي؟ اهو دشمن هڪ افغانستان ۽ ٻيو قلات آهي. اِهي ملڪ پنهنجي نفرت ڪري حملو ڪري سگهن ٿا يا اِهي ملڪ روس جي اشاري کان پوءِ ايران جي اتساهڻ تي فوج ڪشي ڪري سگهندا.

**سنڌ جي بچاءَ سان سلهاڙيل هندستان جو بچاءُ**

پر اتر ۽ اتر- اولهہ پاسي ڪير آهن؟ ساڳيو افغانستان جيڪو روس جي چرچ ڏيڻ کان پوءِ ايران کي حملي ڪرڻ لاءِ اتساهيندو ان کان سواءِ امڪاني حملي آور سک بہ ٿي سگهي ٿو. پر ايران لاءِ سڪندر وارو گيڊروشيا gedrosia وارو رڻ پٽ ٿر واري ويران علائقي کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، جيڪو سنڌ کي هندستان کان الڳ ڪري ٿو. جيڪڏهن ايران حملو ڪندو تہ هرات ۽ اتر افغانستان کان ڪري سگهندو ۽ هيٺ لهي بولان واري لڪ کان اڳتي وڌندو. ايران جو سنڌ تي ٻئي حملي جو رستو هي آهي تہ هو هالا جبل جو اولاهيون پاسو ڏئي، سامونڊي ڪناري وٽان سنڌ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ايران بولان لڪ کان هيٺ لٿو تہ اهو اڳ ۾ بکر ۽ پوءِ حيدرآباد تي قبضو ڪندو. پر جيڪڏهن اهو ساموندي ڪناري واري طرف کان آيو تہ پهريائين ڪراچيءَ تي قبضو ڪندو. اهي ٽيئي سڪيا ستابا ۽ خوشحال علائقا آهن. ان کان پوءِ هندستان تي حملي ڪرڻ واسطي ان کي سنڌو بہ اڪرڻو پوندو جنهن کان پوءِ ٿر جو رڻ پٽ لتاڙي هندستان ۾ داخل ٿيندو يعني هندستان ۾ سنڌ جي وچ تي ٿر جهڙي اٽانگي جُوءِ آهي جنهن وچان اُڪري ڪيس هندستان ۾ داخل ٿيڻو پوندو.

جيڪڏهن ايران، افغانستان، ترڪستان، بلوچ ۽ سک گڏجي هندستان تي حملو ڪن تہ اهي فيروزپور وٽان هندستان ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اتان ستلج هن فوج کي گهٽي وقت تائين روڪي بيهاري ڪانہ سگهندي. امڪان اِهو آهي تہ دشمن هن آسان رستي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊ ئي ڪري. ان ڪان سواءِ ٿر وارو رڻ پٽ اتر ۾ ان جڳهه تائين پهچي ختم ٿي وڃي ٿو. اهڙي نازڪ صورتحال ۾ دشمن سنڌ جي ٽالپر حڪمران ۾ بهاولپور جي خان کي مدد ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن دشمن ٿر وارو ويران علائقو اُڪري بمبئي تي حملو ڪري ها ته اهو ٽالپر حڪمرانن ڪان مدد وٺي سگهيو پئي. پر جيڪڏهن فيروزپور رستي دهلي تي حملو ڪرڻ چاهي ها ته اهو وري بهاولپور جي خان ڪان مدد حاصل ڪري ها. ليڪن هاڻي صورتحال تبديل ٿي وئي آهي. سنڌ هاڻي انگريز فوج جي هٿ هيٺ آهي، جنهن جي راڄڌاني ڪراچي آهي. ان ڪانسواءِ بمبئي سان سمنڊ وسيلي آمد رفت شروع آهي. دشمن هاڻي بولان ڪان اڳتي وڌي سنڌ مان گذري ڪونه سگهندو. نه وري هالا جبل جو اولهه ڏئي ساموندي ڪناري ڪان لنگهي سنڌ ۾ داخل ٿي، ٿر اُڪري بمبئي تي حملو ڪري سگهندو. ان ڪان سواءِ دشمن لاءِ سنڌو درياه به اُڪرڻ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ ته هن درياه تي آڳبوٽن جو پهرو موجود آهي ۽ اتي جي قلعن جي مرمت ڪري، انهن کي مضبوط ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ اهم ڳالهه هي به آهي ته سنڌ جي فتح ڪان پوءِ اتان جا ماڻهو انگريزن سان گڏ آهن. تنهن ڪري هندستان جي ڏکڻ اولهه سرحد ڪمزور ٿيڻ بدران وڌيڪ مضبوط ٿي وئي آهي. اهڙين تبديل ٿيل حالتن ۾ جيڪڏهن دشمن هندستان جي اتر اولهه واري گهٽ ڪان اُڪري، دهليءَ تي حملو ڪيو ته ان جو پاسو flank ۽ پُٺ rear ڪمزور ٿي ويندو. اهو فوجي پيش قدميءَ جو نهايت ڏکهو رستو آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ پڻ اختيار ڪيو ويو آهي. اهم ڳالهه اها به آهي ته ڏيسا، جوڌپور، جيسلمير ۽ ٻين جڳهن تي ويهي، ٽالپرن تي به نظر رکي سگهجي ٿي. جن کي "ڊيوڪ آف ويلنگٽن" سنڌوءَ جي ڏکڻ واري پاسي جا ڏاڙيل سڏيو آهي. مٿين ڳالهين تي جيڪڏهن سوچبو ۽ ويچاربو ته سنڌ جي فتح، هندستان ۾ انسانذات لاءِ ڏاڍي فائديمند آهي. هن ڌرتيءَ وسيلي تجارت ترقي ڪري سگهندي. پر اخبارن جي واويلا هن جي اهميت کي لڪائي ڪانه سگهندي. ليڪن هن چوٽي تي به غور ضرور ڪرڻ گهرجي ته جڏهن اخبارون ڪنهن شيءِ لاءِ واويلا مچائي رهيون آهن ته سمجهڻ کپي ته دال ۾ ڪجهه ڪارو آهي، ۽ پردي پٺيان ڪا ٻي شيءِ موجود آهي. ليڪن مظلوم ۽ سچ چوڻ وارن سڌن ماڻهن تي اخبارن جي هاءِ گهوڙا جو ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اثر ڪونہ ٿيندو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ اخبارن جي واويلا جو فقط هڪ موضوع آهي، جنهن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ ڪا سازش ٿي رهي آهي.

## سنڌ جي بچاءَ لاءِ رٿابندي

سر چارلس نيپئر پنج سؤ ميل ڊگهي رستي جي نگراني ڪري رهيو آهي، جنهن سان ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور جهڙا چار اهم ماڳ واقع آهن.

هنن مان شڪارپور ڪڇي جي جابلو علائقي ويجهو آهي، جتي گئريسن فوج رکڻ نهايت ضروري آهي. جيڪا ضرورت وقت سکر ۾ تڪيل فوج جي مدد ڪري سگهي ٿي.

حيدرآباد تہ اهڙو اهم ماڳ آهي جتي ويهي سنڌ جي ڪيترن مرڪزن تي نظر رکي سگهجي ٿي. ان ڪان سواءِ هي ٿاڪ سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي مٿان آهي. هتي هڪ مضبوط قلعو خندقن واري فوجي وانڊ بہ آهي. هن جي پرسان ڪوٽڙي ۾ آگبوٽن جي وڏي اسٽيشن آهي.

ڪراچيءَ جي چوڌاري ڪوٽ ڦيريل آهي ۽ مقامي قسم جي تعمير جو هڪ قلعو بہ ٺهيل آهي. ان ڪان سواءِ خندقن واري فوجي ڇانوڻي بہ آهي.

انهن فوجي ۽ غير فوجي اريگيولر هارس ۽ پوليس جي مرڪزن جي ڪارڪردگي جو پنهنجو دائرو آهي. هن قسم جي انتظامي سرگرمين ان وقت شروع ڪيون ويندين آهن، جڏهن ڪو حملو ٿيندو آهي. هنن مين وٽ گولين بارود وغيره جڄهي انداز ۾ موجود هوندو آهي. هٿيارٻند آگبوٽ آمد رفت جي سرگرمين جي حفاظت ڪندا رهندا آهن. فوج کي بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي اڳتي پيش قدمي ڪرڻ لاءِ مناسب جڳهن تي قلعا موجود آهن. اهڙن قلعن جي مرمت، تعمير جي سامان ۽ رازن جي ملڻ جي آڌار تي ڪئي وئي آهي. چاڪاڻ تہ سنڌ تباهہ حال آهي، جنهن ۾ پيداواري شيون گهٽ آهن. سيني قلعن ۾ اضافي ڪم ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ويو هو تہ هر قلعو وڏو هجي، جنهن ۾ گولا بارود رکڻ لاءِ گدام ٺهيل هجن. اهڙي تعمير مڪاني حالتن کي ڏسي شروع ڪئي وڃي ۽ برجن تي پهري لاءِ ٿورا ماڻهو مقرر ڪيا وڃن. شڪارپور هڪ قلعبند شهر آهي، جنهن اندر مڪاني طرز جا ٿي قلعا موجود آهن. پر اتي بہ مارٽيلو martelo برجن جي ضرورت آهي. سکر جي فوج جو گولا بارود بکر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رکيل آهي، جيڪا هڪ محفوظ جڳهه آهي. پر گولا بارود رکڻ واري جڳهه پراڻي آهي. حيدرآباد جو قلعو ٽالپرن جو جوڙايل آهي، جنهن کي خندقن واري فوجي واڊ camp سان ائين ملايو ويو آهي جيئن اٿيهن سان پيرائس piraius کي ملايو ويو آهي. پر اتي برجن بدران اوچيون پٽيون آهن. هن شهر جي بلڪل آمهون سامهون ڪوٽڙي وارو قلعو آهي، جيڪو آگبوٽن جي هڪ وڏي اسٽيشن آهي.

ڪراچي وارو ماڳ بمبئي سان ڳنڍيل آهي، جتي ويهي باغين تي سولائي سان حملو ڪري سگهجي ٿو. هتي هڪ ننڍو قلعو آهي جنهن کي اٺ ڏهه برج آهن. ان جي پرسان تازي پاڻيءَ جو هڪ تلاءُ آهي جنهن جو پاڻي ڪونه ڪٽندو آهي. گولا بارود واري هر گدام ۾ گئريسن جي ٽي سؤ فوجين لاءِ هٿيار رکيل هوندا آهن. پر هنن گدامن ۾ گولا بارود رکڻ جي جڳهه اجا بہ گهٽي آهي. ان کان سواءِ هر هڪ مارٽيلو برج ۾ ارڙهن پائونڊز سان گڏ ٻارهن فوجي هوندا آهن. اهڙيءَ ريت ريجيمينٽ جي هڪ ونگ هڪ فوجي اسٽيشن جي نگراني ڪندي آهي. ان حساب سان اڍائي ريجيمينٽون سيني اهم فوجي ٺڪاڻن جي ذميواريءَ جون ذميوار هونديون آهن. تنهن ڪري گولا بارود جو هر گدام بلڪل مضبوط آهي ۽ باغن جو انهيءَ ماڳ تائين پهچڻ ناممڪن آهي. ان ڪري انگريز جو وڏو تعداد آزاديءَ ۽ آرام سان جيڏانهن وڻندو موڪلي سگهبو آهي. پر رستا واهن ۽ شڪار گاهن ڪري ڪٽيل آهن. جيڪي فوجي مقصدن لاءِ نهيل ڪونہ آهن.

هيءَ حقيقت مٿي بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ کهڙي ريت پوليس ۽ اريگيولر هارس، فوج جي چوڌاري رهنديون ۽ ڪم ڪنديون هيون، جنهن کي ملڪ جي اندروني امن جي ذميوارين سان گڏ ڏاڙيل قبيلن کي بہ منهن ڏيڻو پوندو هو. ليڪن ملڪ جون حدون گهٽو پري تائين پکڙيل هيون، تنهن ڪري نيم وحشي قبيلن جي ڦرلٽ کان آجائي ڪانہ هئي ۽ سرڪار کي اضافي فوج رکڻ جي ضرورت هئي. انهيءَ ڪري هن ڏس ۾ لارڊ ايلنبرو کان اجازت يا هدايتن وٺڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. چاڪاڻ تہ مٿي بيان ڪيل سڀ ڳالهيون هڪ ئي وقت ٿي رهيون آهن. سر چارلس جو خيال هو تہ جهڙيءَ ريت نيپوليئن ضرورت کي محسوس ڪندي، مصر ۾ اٺ فورس Camel force قائم ڪيو تهڙيءَ ريت

هتي به فوج جا اٺ سوار دستا موجود هجن. اهو ئي ڪارڻ هو جو جنرل چارلس، سنڌ هارس سان گڏ هڪ ٻي ريجيمينٽ به تيار ڪئي هئي، جيڪا ڪئپٽن مالڪوم Malcolm جي ماتحت رکي وئي هئي. هي فوجي عملدار نهايت بهادر ۽ عقلمند ماڻهو آهي. جڏهن ته اٺ سوار فوج جي ڪمانڊ ليفٽيننٽ فزيجيرالڊ Fitzgerald جي حوالي ڪئي وئي آهي. هي پڻ هڪ بهادر ۽ باصلاحيت فوجي عملدار آهي ۽ ڪنهن به وقت هو ذڪئي معاملي کي چالاڪيءَ ۽ ڦڙتائيءَ سان سر انجام ڪري سگهندو آهي ۽ اٺ سوار فوجي دستن جي مقرريءَ جو مقصد به اهو آهي.

هڪ اٺ تي به فوجي سوار ٽيندا آهن. جن مان هڪ کي ڪئرابائين carabine ۽ تلوار هوندي آهي. جڏهن ته ٻيو توڙيدار بندوق ۽ بئنيت bayonet سان مسلح هوندو آهي. اهڙيون توڙيدار بندوقون ڪراچي ۾ رکيل پراڻي قسم جي هٿيارن کي ڪپي ڪوري ٺاهيون ويندڙيون آهن. هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اٺ جي مهار هوندي آهي ۽ پاکڙي جي پوئين ڪاني ۾ ويهي اٺ به هلائيندو آهي ته دشمن تي به حملو ڪندو آهي. جڏهن ٻيو اٺ سوار انفنٽري Infantry جي فوجي سپاهيءَ جيان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندو آهي. چاڪاڻ ته ڏاڙيل گهاٽن ۾ ويهي مقابلو ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ميداني علائقن ۾ هوندا آهن ته ڏرتيءَ ۾ چُر ڪوتي پوءِ مهاڏو ڏيندا آهن. تنهن ڪري انهن تائين نيزو ۽ تلوار پڄي ڪانه سگهندي آهي. جيڪڏهن دشمن جو تعداد گهٽو هوندو آهي ته انن کي هُشائي اهڙي ريت ويهاريو ويندو آهي، جيئن سندن منهن اندرئين پاسي هجن ۽ اٺ حفاظتي ديوار بڻجي ويندا آهن. اها تجويز پڻ پيش ڪئي وئي هئي ته فوجي سپاهين کي ڏڦن سان پڻ مسلح ڪيو وڃي. پر اهڙي تجويز فزجيرالڊ جي چوڻ تي رد ڪئي وئي هئي. جڏهن ته اهڙي تجويز اڃا به موجود آهي. ليڪن نظر ائين اچي ٿو ته جيڪڏهن ڏاڙيل گهٽا ۽ تلوارن سان مسلح آهن ته ڪين انهن ڏڦن سان مات ڏئي سگهجي ٿي. انن ۾ اها سهوليت آهي ته اهي سوارن سان گڏ ڪاڏ خوراڪ ۽ هنڌ بسترا به کڻي هلندا آهن. اهڙو سامان پاکڙي جو حصو بڻجي پوندو آهي ۽ ضرورت مهل اهي فوجي جڙ انفنٽري فوج بڻجي پوندي آهي. هنن وٽ نه تنبو هوندو آهي نه ڪميساري يا ڪو سامان سڙو هوندو آهي، تنهن ڪري سندن چرير ڏاڍي آسان هوندي آهي ۽ چوويهن ڪلاڪن دوران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ست ميلن جي منزل هٽي سگهندا آهن. ليڪن اهو سفر ڏيرا ۾ ڏرا اٺ ڪري سگهندا آهن. جيڪڏهن وهٽ پلا ۾ تازا تڪڙا هوندا آهن تہ چوويهن ڪلاڪن اندر اسي يا نوي ميل منزل ڪري وڃي پار پوندا آهن. تنهن ڪري ڪو بيو جانور ايترو تڪڙو سفر ڪري ڪانئن اڳتي نڪري ڪونہ سگهندو آهي. جڏهن اٺ سوار فوجي دستا تيار ڪيا ويا تہ ڪڇي واري جابلو علائقي ۾ رهندڙ انگريزي فوج جي مدد لاءِ ضروري موڪليا ويندا.

سنڌ جي صورتحال اها آهي ۽ ان جا پاڙي وارن قبيلن ۽ قومن سان ناتا رابطا اهي آهن، جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن. هن ڪان پوءِ جن واقعن جو احوال اوريو ويندو سو سولائيءَ سان سمجهي سگهبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

# نيپئر مصيبتن جي منهن ۾

آگبوٽ وسيلي ڪراچي ڏانهن هاڪارڻ دوران سر چارلس جي صحت سڌري وئي هئي. پر ڊاڪٽرن ڪيس آبهوا جي تبديليءَ جو مشورو ڏنو هو. پر جنرل اهڙي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري رهيو هو. چاڪاڻ ته هن انتظاميا جي هڪ وڏي مشنريءَ جو بنياد رکيو هو. جنهن کي سندس نگرانيءَ جي ضرورت هئي. سندس خيال هو ته سندس حياتي، ايڏيءَ وڏيءَ عوامي خدمت برابر تي ڪانه تي سگهي. سندس چوڻ هو ته ”هن ملڪ جي انتظام هلائڻ لاءِ ڪيترائي ڏاها ماڻهو موجود آهن. جن جي هٿ هي ملڪ ڏئي سگهجي ٿو. پر انهن کي اهڙي برتري حاصل ڪانه آهي ته اهي هن ملڪ جي حالتن کان چڱيءَ ريت باخبر هجن. هنن ماڻهن وٽ فاتح هجڻ وارو تاثر موجود ڪونه هوندو. هتان جا گهوڙا سرڪش آهن، پر ڪين منهنجي ڳوري هٿ جي به ڄاڻ آهي. ٻيو سوار واڳون مس جهليندو ته هو ٻچانگ ڏين ٿا.

## سنڌ ۾ ڪالرا جا ڪلور

ابتدائي دور ۾ ته سنڌ جيءِ هيءَ انگريز سرڪار ڏاڍي سهڻي نموني سان اڳتي وڌي رهي هئي. پوءِ سُتت ئي هن جي اڳتي وڌڻ واري رفتار ۾ سستي اچي وئي. انهيءَ زماني ۾ هڪ عجيب غريب مهامري شروع ٿي وئي هئي، جنهن ساريءَ ڌرتيءَ کي ڌونڌاڙي رکيو هو. جنهن ڪري هر ماڻهو ۽ هر ادارو سندس لپيٽ ۾ اچي ويو هو. ان سال جي آڪٽوبر ۽ نومبر مهينن ۾، ڪمانڊر ان چيف کان وٺي بئنڊ باجي واري ملازم تائين پورا سترهن هزار ماڻهو هن موذي مرض جي ور چڙهي ويا هئا. فوج ۾ ڪو هَڪَ سَجِي وارو ماڻهو ڪونه هو جو ان لڙهي جهڙيءَ بيماريءَ بابت رپورٽ تيار ڪري سگهي. ڪي ريجيمينٽون اهڙيون به هيون جن جي دوا درمل




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سار سنڀال لاءِ ڪو ڊاڪٽر ئي موجود ڪونہ هو. انهيءَ بيماريءَ هڪ ئي وقت سيني فوجين کي متاثر ڪونہ ڪيو هو. پهريان تہ ائين سمجهيو پئي ويو تہ اها بيماري فوجين کي گهٽي ڪم ۾ تڪ توڙي بيزاريءَ ڪري ٿي آهي. پر بعد ۾ پتو پيو تہ اها مصيبت تڪ جي ڪري ڪانہ آهي. چاڪاڻ تہ ملڪي ماڻهو تہ فوجين کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا هئا.

ان بيماري ڪري پوکي راهي بہ ڏاڍي متاثر ٿي رهي هئي، چاڪاڻ تہ بيمار ماڻهو زراعت جي چڱيءَ ريت پرگهور ڪري ڪونہ ٿي سگهيا. انهيءَ ڪري ٻاهران آيل ڪمي ڪاسمي، ڪاريگر ۽ رازا ڏج کان ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا هئا. هي وبائي بيماري اتر، ڏکڻ، اولهہ ۽ اوير ۾ پکڙجي وئي هئي ۽ ڪنهن ڏاهي کي پتو ڪونہ ٿي پيو تہ اها ڪهڙي بيماري آهي. ليڪن اها موتمار ڪانہ هئي. پر فوجي سپاهي ۽ عملدار سڀ وڃي بسترن ڀيڙا ٿيا هئا. انهيءَ دوران ڪڇيءَ جي بلوچ قبيلن ضرور اچي شڪارپور ۽ سکر کي ڦري اجاڙي ڀينگ ڪري ڇڏيو هوندو. امڪان آهي تہ هنن اتر سنڌ کي ڪونہ بخشيو هوندو. چاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ اهڙو فوجي سپاهي ڪو رهيو ئي ڪونہ هو، جنهن کي ان بيماريءَ ليٽائي هنڌ ۾ هٿيڪو نہ ڪيو هجي ۽ لاچار ڪوبہ سپاهي بلوچ ڌاڙيلن کي اُٿي منهن ڏئي نہ سگهيو هجي. ليڪن جنرل چارلس نيپئر جو هنن مٿان اهڙو تہ پئہ ويٺل هو. تنهن ڪري هو پنهنجون ڇڙواڳ ڪارروايون ڪري ڪونہ سگهيا هئا. پر هن کي بہ بيماري وچڙي وئي ۽ ڏاڍو نبل ٿي ويو هو. پر حوصلن ۾ پوڙهو ڪونہ پيو هو. هن ملڪي سرحدن کي جڻ اجيت بڻائي ڇڏيو هو. هن جي ٻوليءَ جا مول ڀاڙي جي قبيلن ۽ قومن کي هيسائي ۽ ڪمبائي رهيا هئا، جيڪي فتح کان بہ وڌيڪ موثر هئا. آفيسن جي لکپڙهہ مان تہ ائين ڀائنجي رهيو هو تہ هن بيمار هوندي بہ ڪم کان ڪونہ ڪيٻايو هو. هن جي خانگي خطن مان بہ معلوم ٿي رهيو هو تہ هو جسماني طور ڪيترو نہ جاڪوڙي هو ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ جڻ تہ سڪندو هو. هن کي پنهنجي منصبي فرض جو گهڻو احساس هوندو ۽ پير پساري وهڻ جو خيال ڪيس اوڏو بہ ڪونہ ايندو هو.

هن بيماريءَ دوران بمبئي واري ڏر بلوچ ڌاڙيلن کي بيمار فوجين مٿان حملي ڪرڻ لاءِ اتساهيو هو تہ مٿن اوچتي هلان ڪري کين ماري ناس ڪري ڇڏن. "بامبي ٽائيمس" اخبار بہ اهڙو اشارو ڏنو هو تہ انهن

بيمار فوجين کي ماري ختم ڪرڻ جو هاٽي سونهري وجهه آهي. پر سندس اهڙيون ڪڏيون ڪوششون اجايون ويون ۽ چوڌاري امن امان ۽ صلح سانت لڳي پئي هئي. سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ تہ وڏي تبديلي اچي چڪي هئي. جڏهن ڪليڪٽر جو پهريدار جتو بيماري تي پيو تہ ڪليڪٽر تي پهرو پاڻ بلوچن ڏنو هو جيڪي ويچارا هاري ناري هئا. انگريز عملدار چوڏس انتظامي دورن ڪرڻ ۾ مشغول هئا. ڪڏهن وري ڊاڙيلن جي ڪيڏ هئا. ڪڏهن عام ماڻهو هنن سان گڏ هئا تہ ڪڏهن فوج جي ڪمپني هنن مان هئي. هنن کي جيڏانهن وڻندو هو امن امان سان پيا ايندا ويندا هئا. انهيءَ زماني بمبئي جي آس پاس ڪليل ۽ ميداني علائقن مان سفر ڪرڻ ڏکيو هو پر سنڌ جي ٻيلن ۽ ويران علائقن مان سفر ڪرڻ آسان هو. ان هوندي بہ بمبئي واري بي شرم ڌر هي واويلا ڪري رهي آهي تہ سنڌي ماڻهو اهڙي سونهري وجهه جي تاڙ ۾ آهن تہ جيئنءَ هو انگريزن کان ڪيل ظلمن جو پلاند ڪري سگهن. سنڌ وارن تہ اهو ڏنو هو تہ انگريز سپهہ سالار پنهنجي نسلي برتري ڪانہ ڏيکاري هئي، ڪنهن جي توهين ڪانہ ڪئي هئي، نہ ڪنهن کان زبردستيءَ ڪو اجايو محصول وصول ڪيو هو. سندس رسمن ۽ رواجن جي عزت ڪئي وئي هئي، ڍل محصول گهٽايو ويو هو پوکي راهيءَ جي همت افزائي ڪئي وئي هئي، تجارت کي هٿي ڏني وئي هئي. آفيس ۾ بہ جيتري عزت جنرل چارلس جي هئي، ايتري سندس ماتحت عملي جي هئي. ان کان سواءِ فوج تي جيڪو بہ خرچ تي رهيو هوتنهن کي پڻ مناسب تصور ڪيو تي ويو. چاڪاڻ تہ اهو پورهيتن ۽ ڪمين ڪاسبين کان محصول جي شڪل ۾ ڪونہ اوڳاڙيو ويو هو. تنهن ڪري انهن ويچارن کي پيڻ تي ڪم ڪونہ ڪرڻو پوندو هو. اهڙو مثال ججن جي بينچ جي هڪ ميمبر وليم ڪوبيٽ Willeam Cobbett جو آهي. جنهن هڪ انگريز جج جي مڙهيل وڏي محصول بابت غلط سياسي فيصلي کي ٺيڪ ڏيندي، جسٽس بيلي Bailey کي جواب ۾ لکيو هو تہ "محصول پورهيت ماڻهوءَ لاءِ ڏاڍو فائديمند آهي، چاڪاڻ تہ اهي پئسا موٽي وري بہ کيس ئي معاوضي جي شڪل ۾ ملن ٿا." اهڙيءَ ريت اهو ڏاڍ ڪونہ آهي. تنهن ڪري ڪوبہ ظلم ڪونہ آهي جنهن جي خلاف بغاوت ڪجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ ۾ ماڪڙ جو مارو

ڊسمبر تائين بيماريءَ ۾ ناپر اچي وئي هئي، پر ان کان پوءِ چيٽ ۾ ماڪڙ آئي، جنهن فصل کائي چٽ ڪري ڇڏيو. ماٺهن بيماريءَ ڪري تورِيءَ ايراضيءَ تي پوکي راهي ڪئي هئي، جيڪا به ماڪڙ کائي ناس ڪري وئي. بعد ۾ وري سنڌوءَ ۾ ايڏو ته چاڙهه آيو جو رهندي سهندي ڪسر به پوري تي وئي. ان ئي زماني ۾ ڪي سياسي ۽ فوجي واقعا رونما ٿيا. تنهن ڪري وڏيڪ ڇوڪسي ۽ وڏي تياري ڪرڻي پئجي وئي هئي.

## ڪڇيءَ ۽ قلات جي روهن ۾ موجود باغي

اصلي ڪري ۽ سچي ڳالهه هيءَ آهي ته سر چارلس سنڌوءَ جي اُيرندي ڪنار وارو ۽ ڪراچيءَ جو اوسي وارو علائقو فتح ڪيو هو. جو ڪين جي چام جو علائقو ڪراچي کان وٺي سيوهڻ تائين هو. ان کان پوءِ سيوهڻ کان اُتريون علائقو انهن ماڻهن جي ضابطي هيٺ هو جنهن جا لاڳاپيدار ۽ مائٽ قلات جي جابلو علائقن ۾ ڪڇي وارن روهن ۽ ڪوهن ۾ موجود هئا. جيڪي اڃا انگريزن جي ضابطي هيٺ ڪونه آيا هئا. بمبئي سرڪار هنن کي انگريز حڪومت جي مطيع ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي هئي، پر هو انڪار ڪري رهيا هئا ۽ بغاوتون ڪري رهيا هئا. ڪين انگريزن خلاف سرڪشي ڪرڻ لاءِ مير شير محمد ۽ احمد خان لغاري اُڪسائي ۽ اُتساهي رهيو هو. ٻاهريون حالتون اهڙيون هيون جو هي ماڻهو اڃا به وڏيڪ سرڪشي ڏيکاري رهيا هئا ۽ شرارتون ڪري رهيا هئا. ڊسمبر ۾ ڪين ڳجهيءَ ريت معلوم ٿي چڪو هو ته ڪا وڏي طاقت انگريزن کي هندستان مان پچائي رهي آهي، تنهن ڪري نظر ائين اچي رهيو هو ته سنڌ ۾ گواليار جهڙيون حالتون پيدا ٿي رهيون آهن ۽ انگريزن خلاف کُليءَ جنگ جون تياريون ٿي رهيون آهن. ان ڪانسواءِ هيءَ حقيقت به ضرور ياد رکڻ گهرجي ته هندستان جي سيني مسلمانن تي ويساه ڪرڻ غلط ٿيندو. نيپالُ به دوست بدران دشمن وڌيڪ آهي. سک راج فوجي انارڪي جي ور چڙهيل آهي. تنهن ڪري اها فوج ستلج اڪري ڪجهه ڪرڻ واري آهي. هن درياهه جي ڪاٻي پاسي واريون سک رياستون به هنن سان ملي وڃڻ لاءِ تياريون ڪري رهيون آهن. ان کان سواءِ جاسوسن جا اطلاع آهن ته افغان، بولان لڪ کان هيٺ لهڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن ۽ سنڌن اِرادو شڪارپور تي حملي ڪرڻ جو آهي.

اهڙيون ڳالهيون هنن ماڻهن کي اتساهه ڏئي رهيون آهن. قلات جي جبل ۾ رهندڙ ۽ ڪڇيءَ جا ماڻهو مات ڪري ويهڻ وارا ڪونه آهن. ٻومڪي ڌاڙيلن، لاڙڪاڻي پرسان ڌاڙي جي هڪ ظالماڻي ڪاروائي ڪئي آهي. اهي ماڻهو قلات جي قبائلي سردارن ۽ قنڌار جي نوابن لاءِ هميشه شرافت جا ليڪا لتاڙي وڃي پار پيا آهن. انهن ماڻهن جي خواهش آهي ته قلات جي نوجوان حڪمران کي تخت تان لاهين. چاڪاڻ ته اهو انگريزن جو دوست آهي. تنهن ڪري خوف اهو تي پيو آهي ته متان اهي جابلو ماڻهو گڏجي حملو ڪري، سنڌوءَ جون اولاهيون پاسو تباهه نه ڪري ڇڏين. هنن کي شايد انگريز سپهه سالار جا چيل لفظ ياد آهن ته پنجاب ۽ گواليار اسان جي پاڪر اندر آهي. جبلن جي قبائلي بلوچ ڌاڙيلن کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه آهن. جيڪي توبن جي گڙ گڙ ضرور ٻڌندا هوندا. انهن علائقن ۾ رهندڙ سنڌ جا بلوچ جنڊ جي ٻن پڙن وچ ۾ آهن. جڏهن انگريز فوج بيماري تي پئي هئي ته خيرپور جو مير علي مراد به غدار تي ويو هو.

## آغا خان جو ڪردار

اهڙن ڳجهن حالن احوالن ڏيڻ وارن مان هڪ ته ايراني آغا خان آهي، جنهن کي اميرالجوال جي لقب سان سڏيو ويندو آهي. جيڪو قديم دور جي شهيدن جو وارث آهي. هي ماڻهو هاڻي اهڙو خطرناڪ ڪونه رهيو آهي. ڪڏهن ته هن کان وچ فوج ۾ بادشاهه به ڏڪندا هئا. چيو ويندو آهي ته هن کي هڪ وڏي ڳجهي طاقت آهي. هن جا مريد سنڌ کان وٺي ميڊيٽرانن تائين ۽ ساري ايشيا ۾ پکڙيل آهن. کيس خراج پهچايو ويندو آهي. کيس سندس مريد سچي ۽ کري معلومات به ڏيندا رهندا آهن. هي آغا خان، فتح کان تورو اڳ مختصر گهوڙيسوارن جي جٿي سان سنڌ پهتو هو. جو اتي کيس خبر پهچي وئي هئي ته ٽالپر، انگريز ريزيڊنسي تي حملي ڪرڻ وارا آهن. جنهن تي هن کين چنڊ پٽي هئي. اهڙي خبر هن ميجر آئوٽرام کي به ڏني هئي. پر ان انگريز عملدار جو بندوبست نهايت ڪمزور هو. جنگ واري زماني ۾ آغا ته ڪليو ڪلايو انگريزن جو ساٿ ڏنو هو ۽ سندس گهوڙيسوار به ميرن جي نه پر انگريزن جي پاسي هئا. انهيءَ خدمت عيوض هندستان سرڪار کيس پينشن به ڏيندي رهندي آهي. ان ڪانپوءِ سندس چرير کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. جڏهن انگريز سرڪار بغداد ۾ ڪن ماڻهن کي ڦاهيءَ جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سزائون ڏنيون تہ هن بيجا مداخلت ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي، تنهن ڪري هن کي سنڌ کان ٻاهر وڃڻ جي منع هئي. ڳالهيون ڪٽي ڪيئن بہ هجن پر هيءُ انگريز سرڪار جو ويساه جوڳو دوست هو. سر چارلس جو پڻ گهاٽو يار آهي، جنهن کيس هڪ ڳجهو پيغام پهچايو آهي تہ قنڌار جا افغان ۽ قلات جا بلوچ سردار، مير شير محمد سان گڏ آهن. ان کان سواءِ سنڌوءَ جي الهندي پاسي وارن بلوچ سردارن بہ مير شير محمد کي ڳجهہ ڳوهہ ۾ يقين ڏياريو آهي تہ انگريزن خلاف اسلام جو نعرو هڻي جنگ شروع ڪندا ۽ کيس پنهنجو تخت ۽ تاج وٺي ڏيندا.

## مير علي مراد بابت منشي علي اڪبر جي ماٺ

انهيءَ زماني ۾ مير علي مراد بہ افغانن ڏانهن خط لکيو هو تہ اٺ هزار انگريز فوجي بيمار آهن. ٻيا وري بيماريءَ ڪري ڏٻرا ۽ نبل آهن. جيڪڏهن رڳو ٻہ هزار افغان فوجي بولان لڪ اڪري هيڏانهن ايندا تہ فرنگين کي تباه ڪري ڇڏيندا. منشي علي اڪبر جو چوڻ آهي تہ اهو هندستان جي بااختيار ماڻهن جو هڪ طاقتور اتحاد آهي، جيڪو اجا جوڙجڪ وارن مرحلن ۾ آهي. منجهن ڳجها رابطا هلي رهيا آهن. هي اهڙو ماڻهو آهي جنهن جي دانشمنديءَ وفاداريءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو سڪ شبهو ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. ليڪن سندس خيال آهي تہ سنڌ جي ويجهو وسندڙ قومون، جنرل سر چارلس کان ڪنبي رهيون آهن. ”بهادر جنگجو آهي“. اهي ماڻهو هن جنرل کي انهيءَ لقب سان سڏيندا بہ آهن، پر هي ماڻهو موقعي ملڻ تي هڪ ٻئي کان ڌار بہ ٿي سگهن ٿا.

هي منشي مير علي مراد بابت ٻڙڪ بہ ڪونہ ٿو ٻولي. پر هن ٽالپر جي نيت ۾ شڪ ڪرڻ جا ڪيترائي سبب آهن، ان کان سواءِ آغا خان جي موڪليل رپورٽ ۾ چيل آهي تہ هن ماڻهوءَ تي ويساهہ ڪرڻ صحيح ڪونہ ٿيندو. هن پنهنجي وزير شيخ علي حسين کي بہ ڪڏهن ڇڏيو آهي، جيڪو انگريزن جو سچو دوست ۽ تابعدار آهي. هن مير، جنرل سر چارلس ڏانهن لکيو آهي تہ سندس اهو وزير صحيح ماڻهو ڪونہ آهي. جيڪڏهن هن مير کي ٻئي پاسي واهر جو اوسيڙو نہ هجي ها تہ کيس ائين ڪرڻ جي جرئت ڪڏهن بہ ڪانہ ٿئي ها. امڪان آهي تہ کيس گواليار، پنجاب ۽ افغانستان جي ڳجهيءَ طرح مدد حاصل آهي. ڇاڪاڻ تہ کيس خبر آهي تہ اڪيلي سر بلوچ انگريزن سان پڄي نہ سگهندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سر چارلس مٿان ڪرندڙ مصيبتون

حالتون ڏاڍيون ڏکوئيندڙ آهن، جنهن مٿان ضابطي رکڻ لاءِ بلند حوصلي جي ضرورت آهي. چاڪاڻ تہ عام طور تي ائين سمجهيو پيو وڃي تہ سر چارلس نيپئر جنگين مان مس واندو ٿيو آهي ۽ اهڙي حڪومت جو بنياد رکي رهيو آهي، جنهن مان ڪيترائي فائدا ملندا ۽ ڪيترائي نسل خوش ٿيندا. پر اڻ پڙهي ۽ اڻ ڏٺي بيماريءَ ڪري سنڌس فوج بيڪار ٿي رهجي وئي آهي. انهيءَ ڪري قوم جو سماجي وجود جمود جو شڪار ٿي ويو آهي. ليڪن هنن سيني ڳالهين کان وڌيڪ کيس ٻاهرين ملڪن جي حملي جو خطرو آهي، جيڪو مير علي مراد جي غداريءَ ڪري پيدا ٿي پيو آهي. پر کيس خاص ڪري اولهہ پاسي وارن باغين مان بہ پئو آهي، ليڪن ان وقت جڏهن هن جي صحت ڪري پئي آهي ۽ هو ڏاڍو ڪمزور ۽ مايوس ٿي ويو آهي. ڪجهہ فوجي عملدار تہ چريا ٿي پيا آهن. ڪيترن جون حرڪتون ٻاراٽيون ٿي پيون آهن. چئن فوجين تہ آپگهات ڪري ڇڏيو آهي. هن وقت سر چارلس تي مٿان سڀ مصيبتون هڪ وقت گڏ ٿي اچي ڪڙيون آهن. هن جي خدمت عيوض سنڌس حق هو تہ کيس هر طرح جي واهر ڪئي وڃي ها. ان بدران ساڻس ڳجهي قسم جون دشمنيون ڪيون پيون وڃن ۽ کيس گهٽ وڌ ڳالهايو پيو وڃي. اهڙين ڏکيائين ۽ مصيبتن هوندي بہ هو لڏيو ۽ ڀڄو ڪونہ آهي. سنڌس حوصلا بلند ۽ اِرادا اٽل آهن ۽ هو بنا ڪنهن واويلا مچائڻ جي مصيبتن کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي رهيو آهي. جنهن سان هن ملڪ جا ماڻهو گڏ آهن.

## جاسوس ذريعي مليل معلومات موجب جوڙيل حڪمت عملي

هن جون پهريون ڪوششون اِهي آهن تہ جيئنءَ جاسوسيءَ معلومات صحيح هجي ۽ طريقي سان جنگي مهم جو آغاز ڪري سگهي. انهيءَ ڏس ۾ هن پروسي جوڳا ۽ آزاد نوعيت جا طريقا ڪم آندا هئا. هو اتفاقي جاسوسي معلومات تي گهٽ ڀروسو ڪندو هو. ايران سان واسطو رکندڙ آغا خان جي ڏنل معلومات بہ اتفاقي هوندي هئي. شيخ علي حسين ڏاڍو ذهين ۽ وڏي اثر رسوخ وارو انسان آهي، جيڪو صحيح جاسوسي معلومات جو هڪ اهم وسيلو هو. سنڌس ڏنل اطلاع اعتبار جوڳو ۽ سچو هوندو هو. کيس پورو يقين هو سنڌس بهتر مستقبل سنڌ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزن جي برتريءَ سان لاڳاپيل هو. علي مراد هن ماڻهوءَ کي پسند ڪونہ ڪندو هو. سنڌ جا ٻيا ٽالپر وري هن مير کي غدار سڏيندا هئا. هي ماڻهو ٻگهارن جي معاملي ۾ پنهنجي سان بہ سٺو ڪونہ هلندو هو. چاڪاڻ تہ اقربا پروري مٿس غالب هوندي هئي. ڏٺو وڃي تہ اهو ماڻهو جنهن جبل تي وينو آهي، تنهن کي ڪوتي ناس ڪري رهيو آهي. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جو هو انگريزن جو وفادار ۽ تابعدار بڻجي ويو آهي. دولتمند هندن کي جاگيرون ڏنيون ويون آهن. جيڪي پڻ انگريز سرڪار لاءِ جاسوسي ڪندا آهن. هنن جي جاسوسي ڪرڻ جو طريقو پنهنجو ۽ وڏيڪ اعتماد جوڳو آهي. ان کان سواءِ فوجي سپاهي بہ سٺي جاسوسي ڪري رهيا آهن ۽ هن ڪم ۾ ڏاڍا ڦڙت ۽ چالاڪ آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪا نئين ڳالهہ تي پئي تہ ان جي ڪيس اڳواٽ ئي خبر هوندي.
سر چارلس پنهنجي جرئت ۽ فوج جي بهادريءَ ڪري سنڌ ۾ هڪ ڌهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ عام بلوچ ۽ خاص ڪري مير علي مراد جي سپاهءَ جو بہ چڱيءَ پر جاتو آهي. ان ناتي هن پهريون ڪم اهو ڪيو آهي تہ هن شڪارپور جي ڪمانڊنگ آفيسر کي فوجي چوڪين تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. جنهن جي نگراني بہ ڪيس ئي ڪرڻي پوندي. اهڙي بندوبست ڪرڻ سان افغانستان جي امڪاني حملي کي ۽ ڪڇيءَ جي بلوچ ڌاڙيلن کي چڱيءَ ريت منهن ڏئي سگهجي ٿو. هن ڪيس چيو هو تہ قلعن جي مدد سان تون فقط هڪ سؤ فوجين جي مدد سان هزارن دشمنن کي منهن ڏئي سگهندين. پر انهيءَ لاءِ توکي خبرداري ۽ نظرداري ڪرڻي پوندي. تون انگريز فوجي سپاهين جي مدد سان قلعي اندر رهي، بلوچن ۽ افغانن کي منهن ڏيڻ سان گڏ بيمار فوجين جي نگهباني بہ ڪري سگهين ٿو. جيڪڏهن ڪو دشمن توتي حملو ڪرڻ ۽ گهيرو ڪرڻ چاهي ٿو تہ تون اڳتي وڌي سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏ. پر جيڪڏهن دشمن سگهارو آهي تہ ان کي شهر ڏانهن وڌڻ ڏي ۽ شهر ۾ اچڻ کان پوءِ مٿس حملو ڪر، پر جيڪڏهن دشمن کي گهٽي فوج نہ آهي تہ رات جو ان جو پيڇو ڪري ۽ باک ڦٽيءَ جو مٿس حملو ڪري ڏي. سمجهڻ اهو کپي تہ مٿس ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ حملو ڪرڻو آهي، پر فرق رڳو اهو ڪرڻ کپي تہ جيڪڏهن دشمن سگهارو آهي تہ ان کي قلعي جي ويجهو اچڻ ڏنو وڃي، جيڪڏهن ڪمزور آهي تہ اڳتي وڌي مٿس حملو ڪجي ۽ جيڪڏهن دشمن جو تعداد تمام گهڻو آهي تہ پوءِ سکر جي

ڪمانڊنگ آفيسر کي مدد لاءِ چيو ويو، جنهن ڏانهن اهڙا احڪام موڪليا ويا آهن. ڪيس اهو به چيو ويو آهي ته بکر جو بهر صورت تحفظ ڪرڻو آهي. پر ڪجهه تعداد بکر جي بچاءَ لاءِ رکيو ويو باقي ٻي فوج ترت شڪارپور رواني ڪئي ويئي. جڏهن تون دشمن تي توبن جي گولا باريءَ جو آواز ٻڌين ته قلعي واريءَ ساري گئريسن فوج کي حڪم ڪيو ويو ته اها قلعي کان ٻاهر نڪري هڪ ٿي وقت دشمن تي حملو ڪري ڏئي. مون کي ڪنهن به حملي جو خدشو ڪونه آهي. پر مان هي ڳالهيون اڳوات بچاءَ جي مقصد سان ڪري رهيو آهيان.

اهو اڳوات چتاءُ مير شير محمد ڪري آهي، جيڪو قنڌار جي افغانن وٽ رهي ٿو. ان کان سواءِ هو مسلسل ڏاڙيل قبيلن سان رابطي ۾ آهي، جيڪي بولان لڪ کان هيٺان رهندا آهن. ڪڇيءَ جا بلوچ به هن سان گڏجي ويا ته جنگ جو امڪان پيدا ٿي سگهي ٿو. اهڙو امڪان به آهي ته بلوچستان جا ويهه هزار جنگجو ماڻهو هن مقصد سان اڳتي وڌي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن هنن سان افغان ۽ مير علي مراد جا ماڻهو به ملي وڃن ٿا ته حالتون نهايت ڳنڀير ٿي وينديون.

مير علي مراد جي مزاج ۾ سنڌس منصوبن کي اڳتي هلي پرکيو ويندو. سر چارلس نيپئر وٽ بهادر جو قدر آهي. پر علي مراد هڪ ته نشي جو عادي آهي، ٻيو ته عيش عشرت عورت بازيءَ جو شوقين آهي. پر اهڙي بغاوت کان اڳ سنڌس بهادري ڪيس ڪوٽڏيجي ۾ پنهنجي پاڻ بچائڻ کان ته پري ڪانه رکندي. چاڪاڻ ته ڪوٽڏيجي وارو هي قلعو ٽڪريءَ جي هڪ چوٽيءَ تي اڏيل آهي. بلوچ سمجهندا آهن ته هن قلعي کي فتح ڪري ڪونه تو سگهجي. هي قلعو ڪٽي ڪيڏو به مضبوط هجي، پر بمباڙمينٽ جي آڏو ته ڪجهه به ڪونه آهي. ان ڪري جنرل سر چارلس نيپئر، مارٽرن جو وڏو تعداد اڳوات ئي اوڏانهن موڪلي ڇڏيو آهي. جيڪو هن بمبئي کان جلديءَ ۾ گهرائي ورتو آهي. جيڪو سنڌوءَ وسيلي ڪڇي اچي سکر پهتو آهي. جيڪو ڪوٽڏيجي کان ٽن منزلن جيترو پري آهي. هن اهڙا قدم اهو ڏيکارڻ لاءِ کنيا آهن ته جيئن محسوس ڪري سگهجي ته هو ٽالپرن جي روين کان نفرت ڪري رهيو آهي. هن قسم جي بندوبست تي وڃڻ کان پوءِ، هن بيمار فوجين کي موڪل تي روانو ڪري، تازي فوج گهرائي ورتي آهي. هو پاڻ به سکر هليو آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چارلس نيپئر جو سنڌ ڇڏڻ کان ڪتو جواب

پر ڪيس محسوس ٿيو تہ هن ڪي بيهر بہ بخار اچي ويو آهي، جيڪو ڏاڍو خراب هو. جنهن سندس طاقت کي پيچي پروڙي ڇڏيو هو. جڏهن تہ ڪيس هن وقت طاقت جي بي انتها ضرورت هئي. حقيقت اها آهي تہ هي انهن ڏينهن ۾ ڏاڍو ڪمزور هو. ان ڪري ڪيس پنهنجن ڊاڪٽرن ۽ دوستن سنڌ ڇڏڻ جو مشورو ڏنو هو پر سر چارلس کين هن ريت جواب ڏنو هو:

سنڌ ڇڏي وڃڻ سان منهنجي حياتي تہ بچي ويندي، پر هزارن ماڻهن جي زندگي تہ بچي ڪانہ سگهندي. تنهن ڪري سنڌ ڇڏي ٻاهر ڪونہ ويندس. جيڪڏهن آئون ائين ڪندس ۽ سنڌ ڇڏي هليو ويندس تہ هتي وري وحشي پٽو ڪاهي پوندو. جيڪو ماڻهو اتفاقي فائدا حاصل ڪرڻ چاهيندو سو خوشگوار نتيجا ڏئي ڪونہ سگهندو. مان لارڊ ايلنبرو کي هن سياسي سمنڊ ۾ اڪيلو ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيان. مان پنهنجن ساٿين کي سڃاڻان ٿو. گهوڙن جوتڻ کان اڳ ڪو عقلمند ماڻهو ٽانگي تي سوار ڪونہ ٿيندو. سردار ۽ قبيلا منهنجي فرمانبرداري انهيءَ لاءِ ڪري رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ منهنجو فتحن وارو ڪردار ڪنهن نئين ماڻهوءَ کي ويجهو اچڻ ڪونہ ڏيندو. مان جيڪڏهن هنن کي سزا بہ ڏيندس تہ ٿڌائيءَ ۽ صبر سان ڏيندس. جڏهن تہ ڪو ٻيو ماڻهو هنن کي سزائون اکيون ڀوٽي ڏيندو. ٻي ڳالھ تہ هنن ڪيس جنگ ۾ آزمائي بہ ڪونہ ڏٺو هوندو. مياڻيءَ جي هڪ بلوچ ڪمانڊر ان چيف مون سان هينئينءَ ريت گفتگو ڪئي هئي جيڪو ان جنگ ۾ منهنجي مد مقابل هو:

جنرل! مون سان واعدو ڪر. تون جيڪڏهن سکن تي حملو ڪيو تہ مان توهان جي پنيان هوندس ۽ مون سان ڏهہ هزار هٿياربند هوندا. توهان جي ڪمانڊريءَ ۾ ساري سنڌ اوهان سان گڏ هوندي. تون منهنجو بادشاهہ آهين. مان اوهان جا رڪيب جهليندس ۽ اوهان کي ڪڏهن بہ ڇڏي ڪونہ ويندس.

هڪ انگريز جنرل کي اهڙو تجربو نہ ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن مان هڪ حڪمران هجان ها تہ سيني بلوچن کي گڏ ڪري سکن تي حملو ڪريان ها ۽ اهڙيون فتحون ماڻيان ها جو ڪو عام قسم جو سرڪاري نوڪري ڪري ڪونہ سگهي ها. فتح کي هڪ عزت، احترام ۽ شان آهي، تنهن ڪري هنن ماڻهن کي هر نموني سان استعمال ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو. پر هڪ نئين ماڻهوءَ لاءِ معاملو مختلف هوندو آهي. اولهہ پاسي کان مير شير محمد ۽ افغان آهن. جڏهن تہ اتر پاسي کان سک آهي. فوج بيمار آهي. جيڪڏهن اهي ماڻهو هن وقت سنڌ تي چڙهي آيا تہ هيءَ فوج تباهہ ٿي ويندي. انهيءَ صورتحال ۾ ڪو موڳو ماڻهو بہ ڪيس اُلٽي صلاح ڏئي گمراهہ ڪري سگهي ٿو. ان ڪانپوءِ مونجهاري کان سواءِ ڪو بيو نتيجو ڪونہ نڪرندو. اهڙي ڳنڀير وايو منڊل ۾ مان سنڌ. لارڊ ايلنبرو ۽ انگلينڊ جي ڪابہ خدمت ڪري ڪونہ سگهندس. ڇا مان ان حالت ۾ هڪ گورنر جي حيثيت ۾ حڪومت جون واڳون ڇڏي ڏيندس، ناممڪن. مان هتي رهندس، انهن ڏچن کي منهن ڏيندس پل ڪٽي زمين اٿلي پوي. هتي هزارن جي تعداد ۾ ائين تباهي جي ڪناري پهچي چڪا آهن. جهڙيءَ ريت مان بيماريءَ ۾ سوڪ آهيان. مان هنن ويچارن سان گڏ آهيان. پتو نہ آهي تہ مان هنن سان گڏجي چڪڻ مان چڙهي پار پوان يا هنن سان گڏ ٻڏي وڃان."

## مير علي مراد جي آزمائش

انهن حالتن کي ڏسي سر چارلس انتظار ڪري رهيو آهي تہ ڇا ٿو ٿئي. جيڪڏهن مير علي مراد ڪنهن شرارت جي ابتدا ڪئي تہ هو بہ ڪوٽڏيجي حملي ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪو آهي. ان صورت حال ۾ ٿيندو ائين جو هو مير علي مراد کي ختم ڪري سيني بلوچن جي سازشن کي بہ ختم ڪري ڇڏيندو ۽ بلڪل ائين ڪيو ويندو جيئن آغا خان جو مشورو آهي. جنهن تي مون هن کي چيو هو تہ. هو ايڏو بهادر ڪونہ آهي جو اڪيلي سر جنگ ڪري سگهي. جيڪڏهن مان ڪيس ڪوٽڏيجي جهڙي قلعي اندر وجي سوگهو ڪيو تہ هن سان گڏ بلوچ قبيلن جا هيانءَ ڇڄي پوندا ۽ ڪٽو ڪٽو ٿي ويندا. پر مان سمجهان تہ اهي بلوچ قبيلا ڪوٽڏيجي گهيري ڪرڻ وقت ئي علي مراد کي ڇڏي هليا ويندا. پر جيڪڏهن هر پنجين منٽ کان پوءِ توبن جا سورهن گولا ڇٽندا رهندا تہ سندن ٻڌيءَ ۽ ايڪي جي ڏائي مچ ڏار ٿي ويندي ۽ هنن جون سڀ سازشون لوڙ پاٽي ٿي وينديون.

جڏهن گولا بارود سکر پهتو تہ علي مراد جي بهادري کي آزمائڻ لاءِ ڪيس چيو ويو تہ. هو شيخ علي حسين کي وزير مقرر ڪري جنهن کي هن ڪجهہ وقت اڳ الڳ ڪري ڇڏيو هو پر مير اهڙي ڳالهہ قبول ڪانہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي. ان کان پوءِ بمبئي ڏر جي سر جارج آرٿر George Arthor ۽ ڪمانڊر ان چيف جاسپر نڪولس Jaspar Nicholas هدايتون موڪلڻ شروع ڪيون، تہ جيڪڏهن مير علي مراد تي حملو ڪيو ويو تہ سيئي ٽالپر مجرجي پوندا. پر سر چارلس هڪ مدبر ۽ ڏاهو ماڻهو هو. جڏهن تہ بمبئي ڏر وارا ماڻهو کيس موڳو تصور ڪري رهيا هئا ۽ علي مراد جي نمائندگي ڪري رهيا هئا، جيڪو انگريزن جو غدار هو. تنهن ڪري هن ٽالپر حڪمران کي مجبور ڪيو تہ هو انگريز سرڪار جي وفاداري ۽ تابعداريءَ جو کليءَ دل سان اظهار ڪري. ان ڪانپوءِ هن مير، شيخ علي حسين کي وزير مقرر ڪيو ۽ چيو هئائين تہ اِهڙي ڏاهي صلاحڪار کي ڪڍي ڇڏڻ جو هن ڪڏهن بہ سوچيو ئي ڪونہ هو. وڌيڪ اهو بہ چيو هئائين تہ، گورنر جي ناراضگيءَ تہ سندس چيلهہ ئي ڇڀي ڪري رکي آهي. هاٿي تہ هو خوش آهي. تنهن ڪري خوشي کان سندس دل ائين ناچ ڪري رهي آهي. جيئن سج جا ڪرڻا پاڻي تي ناچ ڪندا آهن ۽ پين جون دليون مشرق جي گلن وانگي ٽڙي پيون آهن. تنهن تي جنرل چارلس رڪائيءَ سان جواب ڏنو هو تہ، ”جڏهن ڪوٽڏجي جي قلعي مٿان هر پنجن منٽن کان پوءِ سورهن مارٽر ڪرن ها تہ تنهنجي ڪرنگهي جي هڏي اهڙي پڄي ها جو وري سڄي تي ڪانہ سگهي ها.“ ان وقت هن اهو بہ چيس تہ، علي مراد هڪ سست، نشئي ۽ نڪمو ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجي حرم کان ٻاهر ئي ڪونہ ٿو نڪري، هو ڊڄ کان پاڻ جهلي ڪونہ سگهيو. جيڪڏهن بهادر هجي ها تہ هو بہ پين انهن ٽالپرن وانگي انگريزن جو جاني دشمن بڻجي وڃي ها، جن کان حڪمرانيون کسيون ويون آهن. ان کان پوءِ هو سوچي رهيو هو تہ کيس قتل تہ ڪونہ ڪيو ويندو پر ڪانئس حڪمراني ضرور کسي ويندي. تنهن ڪري انگريزن سان غداري ڪرڻ بدران نشو ڪرڻ سنو آهي، جيڪو کيس بغاوت بدران بيڪار بڻائي ڇڏيندو ۽ اهو سنو آهي.

### سنڌ تي ٻاهران حملو ۽ بچاءَ جو بندوبست

اندروني قسم جي غداريءَ کي تہ ائين ڪري ختم ڪيو ويو. پر ٻاهرئين قسم جي غدارين ڏانهن ايڏو ڌيان ڪونہ ڏنو ويو. جنوري جي پڇاڙي تائين، جن حالتن کي مڙس تي منهن ڏيڻ لاءِ پڪو اِرادو ڪيو ويو. سي آسان تي ويون هيون. بيمار فوجي هاڻي تندرست ٿي چڪا هئا. ان

ڪان سواءِ فوج جي آرٽيلري واري حصي ۾ توبن ڇڪڻ لاءِ تازا توانا گهوڙا موجود هئا. پوليس کي بهتر هٿيار ۽ ڪپڙا ڏنا ويا هئا. تنهنڪري اها کهڙي به وڏي دشمن سان مقابلي ڪرڻ لائق بڻجي وئي هئي. ڪرنل رابرٽس به ڪڇ ۾ ”اريگيولر هارس“ کي منظم ڪري ورتو هو. اڳي هتي ممبئي طرفان پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر هئا، جن امن امان لاءِ ڪوششون ڪيون هيون، پر اهي سڀ بيڪار ثابت ٿيون هيون. ڪڇ جي ڌنگ سان ٿر جا راڻا ۽ راوت پاڙون جاٽئون ڌاڙا ڇڏڻ جا واعدا ڪري چڪا هئا ۽ سنڌ ۾ اچي امن امان سان رهڻ جي ارادي جو اظهار ڪري چڪا هئا. هنن سيني ماڻهن ڌاڙن هڻڻ واريون گنديون عادتون ڇڏي ڏنيون هيون، جنهن ڪري سر چارلس جي عزت آبرو ۾ گهڻو اضافو ٿي ويو هو. اهڙيون ڳالهيون نهايت اهم هيون، ڇاڪاڻ ته هنن ڏنگن ماڻهن سنڌ جي اوڀارين سرحد سان امن امان قائم ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو. انهيءَ ڪري سکر مان فوج رواني ڪري، شڪارپور کي مضبوط ڪرڻ جو هڪ سونهري وجهه ملي ويو هو. اهڙي ريت ٿي توبون، اريگيولر هارس جي مڪمل ريجيمينٽ ۽ هڪ انفنٽري موڪلي وئي هئي. اهو بندوسبت انهيءَ مقصد سان ڪيو ويو هو ته جيئن افغانستان ۽ جابلو ماڻهن جي گڏيل حملي کي چڱيءَ ريت منهن ڏئي سگهجي. ان ڪري سکر جي فوجي ڇانوڻي خالي ٿي وئي هئي. جنهن کي پرڻ لاءِ ڪراچي کان ريگيولر گهوڙي سوار رستا ۽ فيلڊ انفينٽري رواني ڪئي وئي، جيڪا سنڌوءَ جون اوڀاريون ڪنارو ڏئي مٿي وڌي هئي. هن وقت تائين فٽزجيرالڊ به اُٺَ سوار فوجي منظم ڪري چڪو هو. هيءَ فوج هڪ ڏينهن اندر سٺ ميل جي رفتار سان پيش قدمي ڪري سگهندي هئي. هن فوجي عملدار اٺ سوار فوج جي اڳواٽي ڪري سنڌ جي خطرناڪ اولاهين سرحد وٽي سنڀالي هئي ۽ لاڙڪاڻي ۾ وچي قيام ڪيو هئائين. انهن فوجي ڇانوڻين جي وچ تي هٿياربند آگبوٽ هلي رهيا هئا، جيڪي مذڪوره ڇانوڻين جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڏئي رهيا هئا. اهڙي طريقي سان شڪارپور ۽ سکر جي ٻن اهم فوجي ٿاڪن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو هو. اها پنهنجي منصبي فرض کي سرانجام ڪرڻ لاءِ ڏاڍي مستعد هئي ۽ ٽولين ۾ ورهائجي، علائقي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهمي ڦري رهي هئي ۽ اصلي قوت کان به وڌيڪ طاقتور ۽ مضبوط نظر اچي رهي هئي. ان کان سواءِ هميشه

جيان افواهہ پکيڙي، انهن جي تعداد کي گهٽ وڌائي پڌايو ويو هو.

هن قسم جي پيش قدمي پيچيده هئي ۽ فوج جي تعداد کي بہ گهٽ وڌائي پڌايو ويو هو. اهڙا افواهہ ماڻهن کي ڪنن ۾ سرپات ڪري پکيڙيا ويا هئا. اهڙيون سڀ ڳالهيون ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جي نيت سان ڪيون ويون هيون. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سارو ماحول شڪن ۽ شبهن ۾ وڪوڙجي وڃي. اهڙي صورتحال الهندي پاسي وارن بلوچن جي فائدي ۾ ڪانہ هئي، جيڪي وڏي واويلا شروع ڪندا. انهيءَ زماني 13 ريجمينٽ بہ بمبئي کان اچي ڪراچيءَ پهتي هئي ۽ جلال آباد جي مشهور محافظ سر رابرٽ سيئل کي عارضي طور سکر جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو هو. هن سان گڏ 13 يورپين ريجمينٽ بہ گڏ هئي، جيڪا انگلينڊ کان موٽي آئي هئي. اهڙيءَ ريت هڪ بهترين فوج گئريسن طور رکيو ويو هو. نہ تہ هن کان اڳ اندرئين ۽ ٻاهرئين حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ بيمار فوج هئي. هاڻي اهڙو خوف خطرو ختم ٿي ويو هو. پر انهيءَ زماني ۾ سر چارلس نيپئر ڪهڙي نقطئہ مطابق ڪم ڪري رهيو هو تنهن کي سرڪاري "ميمايرس" جي مدد سان چڱيءَ ريت پيش ڪي سگهجي ٿو. ان مطابق ڪيس هڪ تجويز پيش ڪئي وئي هئي. ڊسمبر 1843ع ۾ يورپي ريجمينٽ کي واپس موڪليو وڃي ۽ هن اها تجويز مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هي اهو زمانو هو جڏهن بيماي چوٽ چڙهيل هئي.

## سنڌ جو وايو منڊل ۽ سر چارلس نيپيئر جو بيان

سنڌس بيان آهي تہ "هن وقت سنڌ ۾ امن امان آهي. پتو نہ آهي تہ بلوچستان ۽ پنجاب ۾ ڪهڙيون حالتون آهن. جيڪڏهن اتي جو وايو منڊل وڳوڙي آهي تہ سنڌ ۾ بہ ماٺ ڪانہ رهندي ڇاڪاڻ تہ هاڻي تازو سنڌ ۾ مسلمانن کي شڪست ملي آهي، تنهن هنن تي سنڌ کان ٻاهر وارين قومن جي اٿل پٿل جو ضرور اثر ٿيندو، جيڪي خود بہ مسلمان آهن. سنڌ جا ماڻهو بہ ٻين وانگر آهن. جن مٿان حڪومت ڪرڻ ڪا راز جي ڳالهہ ڪانہ هوندي آهي. هي ماڻهو ماٺ ڪري تڏهن ويهندا آهن، جڏهن ڏسندا آهن تہ صبر ڪرڻ سندن مفادن ۾ آهي. جڏهن سمجهندا آهن تہ بغاوت ڪرڻ هنن جي فائدي ۾ آهي تہ سرڪشي ڪرڻ لاءِ اٿي ڪڙا ٿيندا آهن. بلوچ قبيلا پنهنجي پيٽ گذر لاءِ پوکي راهي ڪونہ ڪندا آهن. پر ڦرلٽ ۽ ڌاڙا هٽي گذارو ڪندا آهن. جڏهن ڏسندا آهن تہ ڪوبہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوف خطرو نہ آهي تہ اڳتي نڪري اچي هندن ۽ سنڌي مسلمانن کي لٽيندا آهن. جيڪڏهن پنجاب جو وايو منڊل وڳوڙي آهي تہ اسان جون فوجون سنڌو درياہ الهہ طرف اڪري وڃي اتر طرف گڏ ٿين. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن بلوچستان حملو ڪيو تہ ان کي بہ چڱيءَ ريت منهن ڏئي سگهبو. اهڙي صورتحال دوران ڪراچي کان حيدرآباد ويندي تر تائين وارو علائقو ڪڇ ۾ رهندڙ فوج جي ماتحت رکيو ويندو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مان اتي پوليٽيڪل ايجنٽ بدران ڪرنل رابرٽس جهڙي ڏاهي ماڻهو کي ڪڇ ۾ رکيو آهي. سنڌ ۾ فوج جي تعداد کي گهٽائڻ وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ جو سارو دارومدار پنجاب جي حالتن تي آهي. سنڌ ۾ اندروني طور تي امن امان قائم آهي. جيستائين پنجاب جي حالتن ۾ ٺاپر نہ ٿي اچي ۽ اسان جي قائم ڪيل حڪومت مضبوط نہ ٿي ٿئي، تيستائين يورپي فوج سنڌ ۾ رهندي. هي سوال عام سياسي حالتن سان واسطو رکي ٿو. جيڪڏهن پنجاب جون حالتون وڳوڙي آهن تہ بلوچستان جا قبائلي بہ ماٺ ڪري رهڻ وارا ڪونہ آهن. تنهن ڪري سنڌ تي سختي ڪرڻ نهايت لازمي ٿي ويو آهي.“

## سکن خلاف حملي جي رٿابندي

سندس اهڙو نقطہ نظر ڊسمبر تائين هو. پر جڏهن جنوري جي پڇاڙيءَ ۾ سر هيوگف گواليار خلاف جنگ وڙهي، تہ هن جي حڪمت عمليءَ ۾ وڏيڪ سختي اچي وئي هئي، جيڪا اڳي ڪجهہ نرم هئي. ان وقت هن اولهہ طرف وارن بلوچي قبيلن جي من مستين ڏانهن ڪو بہ ڌيان ڪونہ ڏنو. هن ساري فوج آڻي ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ گڏ ڪئي. شڪارپور ۾ رکيل فوج بہ ڪجهہ اڳتي وڌي پنهنجو منصبي فرض ادا ڪري رهي هئي. هنن فوجي تيارين مان ائين لڳي رهيو هو تہ ڄڻ پنجاب جي سکن خلاف حملي جون تياريون آهن ۽ ان وقت جي حالتن مطابق سندس نقطہ نظر ۾ بہ هڪ تبديلي اچي وئي هئي. سندس خيال هو تہ ”جيڪڏهن سکن ستلج پار ڪرڻ جي ڪوشش ئي تہ مان پنهنجي فوج جو هڪ هڪ نوجوان گڏ ڪري پيش قدمي ڪندس. ڪراچي حيدرآباد ۽ سکر جي مون کي ڪنهن بہ قسم جي پرواهہ ڪونہ آهي. اهڙيءَ طرح مان فوجي اڳواٽي ڪري وڃي اُچ وٽ پهچندس. اتان کان بهاولپور ۽ ملتان تي قبضو فقط هڪ ڪلاڪ جو ڪم آهي. جيڪڏهن

مون کي محسوس ٿيو تہ بھاولپور جو حڪمران انگريزن سان سچو آهي تہ پوءِ مان اڳتي وڌي ملتان تي قبضو ڪندس. پر مونکي جيستائين بھاولپور جي تحفظ جو يقين نہ ٿيندو تيستائين، مان ستلج پار ڪونہ اڪرندس يعني جيستائين هو شخصي طور منهنجي فوجي ڪئمپ ۾ موجود نہ هوندو. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ هي ماٿهو ڏکڻ طرف کان اينڊڙ فوجي سامان جي آمد. رفت روڪي ڇڏيندو ۽ اسان جي پوئتي هٽڻ وارو رستو بہ بند ڪري ڇڏيندو. هن حملي جو ڏيکاءُ لارڊ ايلنبرو جي اتر ستلج جي حملي جي فائدي ۾ آهي. اهڙيون جنگي سرگرميون بنا ڪنهن سرڪاري حڪم جي ڪيون ويندون. اهو فقط تڏهن ڪري سگهجي ٿو، جڏهن محسوس ٿيندو تہ گواليار واريون جنگيون فيصلہ ڪن ثابت ڪونہ ٿيون آهن ۽ سک ستلج پار ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ منهنجو فيروز پور ۽ آگري سان رابطو ختم ٿي ويندو.

اهو بہ چيو پيو وڃي تہ سک ستر هزار فوج ميدان ۾ لاهي سگھن ٿا، جنهن مان چاليهہ هزار باقاعده جنگي سکيا ورتل ماڻهو آهن ۽ چڱيءَ ريت مسلح آهن. ان کان سواءِ سندن توبخانو بہ نهايت مضبوط آهي. جيڪڏهن مان سنڌ ۾ امن امان رکڻ ۽ بھاولپور کي پنهنجي پاسي آڻڻ ۾ سوڀارو ٿي ويس تہ پوءِ منهنجي سترهن هزار بيمار فوج گرم موسم اندر بہ سنڌ جو انتظامي بندوبست رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي. مون کي اهو بہ خوف آهي تہ منهنجو خط لارڊ ايلنبرو کي پهتو آهي الائي نہ. پر جيڪڏهن مان ضروري سمجهيو تہ مان هن جي حڪم پهچڻ کان سواءِ بہ پيش قدمي ڪندس. جيڪڏهن منهنجي پيش قدمي سندس خط جي پهچڻ کان سواءِ عمل ۾ ايندي تہ ڪو ڏوهہ ڪونہ آهي ۽ جيڪڏهن مان بھاولپور کي پاڻ شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس تہ اها منهنجي وڏي خدمت هوندي. پر جيڪڏهن ملتان مان سک فوج کي ڪڍي سگهيس تہ اها بہ وڏي ڳالهہ ليکي ويندي. انومان آهي تہ هاڻي سکن کي حملي ڪرڻ جي ڪڏهن بہ جرئت ڪانہ ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ گواليار جي شڪست جي صورت ۾ انگريزن جي ويهہ هزار فوج ستلج ڏانهن وڌندي. پر ستلج وٽ تہ انگريزن جي فوج اڳ بہ موجود آهي. ڏٺو وڃي تہ گواليار ستلج کان گهڻو پري آهي جيڪڏهن اها اڳتي وڌي تہ ستلج جي ڪابي ڪناري واري علائقي کي پيينگ ڪندي ايندي. مان سمجهان ٿو اتي موجود فوج هن درياہ جو تحفظ ضرور ڪندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گواليار واري جنگ ۾ فتح بعد سنڌ جي صورتحال

1843ع جي پڇاڙيءَ ۾ انگريزن خلاف هڪ مضبوط اتحاد ٺهڻجي چڪو هو پر سر چارلس نيپئر جي سخت قسم جي حڪمت عملي ۽ سندس فوجي طاقت ڪري گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ ته سڪون ۽ امن امان هو. پر گواليار پرسان مهراجپور واري جنگ ۾ ڪاميابيءَ ڪان پوءِ اهڙي مخالفت ختم ٿي وئي هئي. ان ڪان پوءِ انگريزن واري هندستان پنهنجي مستحڪم حيثيت ماڻي ورتي هئي. اندروني بغاوت جو پئہ ته ضرور هو پر ٻاهرئين حملي جو پنجاب جي سکن ڪان سواءِ ڪو ٻيو خوف ڪونہ هو. سکن خلاف پيش قدمي لارڊ ايلنبرو جي فوجي حڪمت عمليءَ جو نتيجو هئي، جيڪا وقتائتي هئي، جنهن وسيع قسم جي سازش کي ٻنجو ڏئي ڇڏيو هو. هو پاڻ شخصي طور جنگ ۾ حصو وٺي رهيو هو. هن جي شاندار فتح انگريز طاقت کي ذلتن ۽ تباهي جي پاتال مان ڪڍي عزت ۽ آبرو واري مقام تائين پهچايو هو. گواليار واري انگريزن جي فتح سنڌ ۾ انگريزن جي برتريءَ لاءِ ضروري ڪانہ هئي. افغان، قلات جا قبائلي سردار مير شير محمد ۽ غدار مير علي مراد ٽالپر وارن جو اتحاد گواليار جي شڪست کي ڪابہ ٺيڪ ۽ مدد ڪونہ ٿي ڪري سگهيا، پر وقتي طور فتنو فساد ضرور ڪڙو ڪري سگهن ها. ڇاڪاڻ ته انهيءَ زماني ۾ انگريزن جي فوج بيماريءَ وگهي وڃي بستري داخل ٿي هئي. ماڻهن جا اهي ٽيئي نسل اهڙين حالتن ۽ سهوليتن ڪان چڱيءَ ريت باخبر هئا. جيڪي انگريزن جي اچڻ ڪري کين مليل ويون هيون. ليڪن اهي هٿيار اهڙي تبديليءَ کي اڳتي وڌڻ ڪان روڪين ها. ٽالپر حڪمرانن جا سردار بہ ان حڪمرانن سان گڏجي مزاحمت ڪن ها جنهن مهاڏي ڏيڻ جي مقصد سان هٿيار ڪنيا هئا. پر هنن ڏنو تہ جنرل سر چارلس انگريزن لاءِ وڙهي رهيو هو. جنهن بابت هنن کي ڪنهن بہ قسم جي غلط فهمي ڪانہ هئي. بلوچ ڳوناٽا فوج مان پڇي نڪتل ماڻهن جي گرفتاري لاءِ پوليس جي مدد ڪري رهيا هئا. جيڪي گرفتاري ڪان بچڻ خاطر لڪي رهيا هئا. هتي قتل جون وارداتون بہ ٿينديون هيون. ليڪن يورپين کي قتل ڪونہ ڪيو ويندو هو پر اهڙو جرم عورتن خلاف ڪيو ويندو هو. اهڙن مجرمن کي انگريز سرڪار جي حوالي ڪيو ويندو هو. اهڙا ڪم نهايت خبرداريءَ سان ٿي رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ جي فتح ڪان پوءِ

جيڪڏهن لارڊ ايلنبرو هندستان وارو طريقه ڪار ڪتب آڻي ها ۽ پنهنجي ماتحت عملدارن جي ڏنل هدايتن ۽ انهن جي اختيارن کي سرڪاري اصولن مطابق روڪي ۽ محدود ڪري ها ۽ اهي ماڻهن جي خواهشن ۽ حالتن مطابق نه هجن ها ته سنڌ جي فتح به افغانستان جي فتح وانگي ناڪام ثابت ٿئي ها. جيڪا ڳالهه تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪانه هئي، پر ائين ٿيڻ سان بمبئي واري ڌر جون غداريءَ جهڙيون ڪوششون ۽ اميدون پوريون ٿي وڃن ها. ڇاڪاڻ ته سنڌ جا معاملا وڏيڪ منجهيل ۽ پيچيده آهن. فوجي ۽ سول معاملا ڪن ماڻهن جي انتظامي بندوبست تي مدار رکن ٿا، جيڪي ڏاڍا نازڪ ۽ وقتائتا آهن. هن قسم جون ڳالهيون فقط اهو ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جنهن کي سنڌ جي فتح اهڙن معاملن کي اڪلائڻ لاءِ هڪ ڪنجي ڏئي ڇڏي آهي ۽ اهو ئي ماڻهو صحيح طريقي سان ڪردارن کي چڱيءَ ريت سمجهائي سگهي ٿو. نه ته ٻيءَ حالت ۾ سيڪنڊ برٽش آرمي جو قتل عام ٿئي ها. ان کان پوءِ سکن ۽ افغانن جا حملا شروع ٿي وڃن ها. ان کان سواءِ هندستان جا سيئي مسلمان بغاوت جو ڦريرو ڦڙڪائن ها ۽ اڳيان حڪمران پنهنجي ملڪن جون واڳون سنڀالي وٺن ها. تنهن ڪري سمجهڻ کپي ته سنڌ جي فتح هڪ وڏي ڪاميابي آهي.

## سر چارلس نيپئر جي نظر ۾ سنڌ جي اهميت

هن ملڪ جي قدر قيمت بابت سر چارلس جو بيان موجود آهي جنهن کي "ممابرسي" جي حوالي هتي پيش ڪجي ٿو جيڪو هڪ سرڪاري سوال جي جواب ۾ لکيو ويو هو ته سنڌ جا ڪي قلعا تباهه ڪيا پيا وڃن ۽ ڪن جي مرمت ڪري مضبوط ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته سنڌ انهن قلعن سان ائين سينگاريل هئي، جيئن واگهه جي کل ڌبڪن سان سينگاريل هوندي آهي.

"قلعن جي معاملن کي اوهان رهڻ ڏيو. هتان جي آبهوا اهڙي آهي جو انهن قلعن جي تباهي تڪڙي ڪانه ٿيندي آهي. جڏهن ڪنهن جي مرمت کي ضروري سمجهيو ويندو آهي ته اهڙو ڪم ڪو ڏکيو ڪونه هوندو آهي، پر اهڙي ڪم ۾ خرچ گهٽو ۽ فائدو ٿورو هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هتان جا ماڻهو اسان سان گڏ آهن ۽ وٽن ڪو توبخانو موجود ڪونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. تنهن ڪري هي ماڻهو نہ انگريزن تي حملو ڪري سگهن ٿا، نہ وري حملي وقت پنهنجو بچاءُ ڪري سگهندا آهن.“

”هي هڪ سرحدي ملڪ آهي جنهن جو بچاءُ مختصر فوج ڪري سگهي ٿي. هتي وڏيءَ فوج جي ٿوري وقت لاءِ ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن وقت پنجاب جون حالتون وگوڙيل آهن. سنڌ جي فتح بہ هاڻي تازو ٿي آهي، جنهن جي انتظامي جوڙجڪ کي مستقل بنيادن تي قائم رکڻ جي صورت ڪانہ آهي.“

”سنڌ فوجي ۽ تجارتي نقطئہ نظر کان اتر اولهہ هندستان لاءِ هڪ اهم ملڪ آهي.“

”سنڌو درياہ ڪري هتان جي تجارت وڏي اهميت رکي ٿي. اتر واري تجارتي سامان جي آمد رفت هن وهڪري وسيلي آهي. هتي فقط هڪ ساموندي بندر آهي، جتي ”ڪسٽم هائوس“ ڏاڍيءَ سولائيءَ سان ”ڪسٽم ڊيوٽي“ اڳاڙي سگهجي ٿي. هن اوپر واري سرحد سان ٿر وارو رڻ پٽ علائقو آهي. ان ڪري غير قانوني تجارتي سامان جي آمد رفت جا امڪان گهٽ آهن. ڇاڪاڻ تہ هن علائقي وچان گذرندڙ رستا ٿورا آهن. جن تي چوڪسي رکڻ نهايت سولي آهي. جيتري قدر فوجي سرحد هجڻ جو تعلق آهي تہ جيڪڏهن پنجن مان ڪنهن بہ هڪ درياہ وسيلي پنجاب تي حملو ڪبو تہ هتي رهندڙ فوج پيش قدمي ڪندڙ لشڪر جي ڪاہي پاسي جو بهتر بچاءُ ڪري سگهندي. اهي درياہ سنڌ جي سرحدي شهر مٺڻ ڪوٽ وٽان مٿي اتر هلندا ۽ وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيا ويندا آهن. هنن مان ڪنهن بہ هڪ درياہ جي ڪناري کي اتر اولهہ هندستان جي سرحد بڻائي سگهجي ٿو جيڪا وڌيڪ واضح هوندي. جيڪڏهن سنڌ انگريز دشمن ٽالپر حڪمرانن جي قبضي ۾ هجي ها تہ انهن سيني درياهن جا ڪاہا ڪنارا انگريز حڪمت عمليءَ لاءِ منفي ڪردار ادا ڪن ها.“

## سنڌ هندستان لاءِ مضبوط بچاءَ جي سرحد

”جيڪڏهن ڳجهن فوجي اصولن تي سوچبو ويچاربو تہ انگريز هندستان جي حقيقي سرحد ستلج آهي، جيڪا بهاولپور جي اتحاد کان سواءِ ممڪن ڪانہ آهي. هي علائقو اسان جو اتحادي فقط تڏهن رهي سگهي ٿو جڏهن اتر کان هن مٿان ملتان جي ساوڻ مل جو ۽ ڏکڻ کان سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن جو دٻاءُ هوندو. جيڪڏهن انگريز هندستان، ٽالپرن حڪمرانن تي حملو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو ته تر جو رڻ پٽ رنڊڪ ثابت ڪونه ٿيندو. هن بيابان کي اڪرڻ لاءِ گهڻا رستا آهن. پر ٽالپر حڪمرانن لاءِ تر وارو هي علائقو وڏي رنڊڪ آهي. جيڪڏهن هو ٻيو ڪجهه به نه ڪري سگهن ها، رڳو تر جي کوهن ۾ زهر ملائي ڇڏين ها يا انهن کي ڍاهي ختم ڪري ڇڏين ها ۽ هن علائقي ۾ موجود قلعن ۾ فوج ويهاري انگريز فوج کي ٿوري وقت لاءِ روڪي ويهاري سگهن ها. هي موضوع اهڙو آهي جنهن تي هاڻي عذر ٿي رهيو آهي، پر اهڙيون ڳالهيون فتح کان اڳ هندستان کان ٿيندڙ حملي کي ڪنهن حد تائين روڪي ضرور سگهن ٿا. ليڪن هاڻي تر وارو هي علائقو فوجي اهميت وارو انهيءَ ڪري ڪونه آهي، جو هن جي ٻنهي پاسن کان انگريزن جي حڪومت قائم ٿي وئي آهي، تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي فتح ستلج جي بچاءَ واري سرحد لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي."

"ان کان سواءِ سنڌ اندر فوج جي موجودگي خود سنڌ جي بچاءَ لاءِ به اهم آهي، جيڪا منڻ ڪوٽ کان وٺي هيٺ پنج سو ميل هلي سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ ختم ٿي وڃي ٿي."

جيڪڏهن دشمن اتر کان ستلج وٽان حملو ڪندو ته سندس آڏو تر وارو بريٽ بچاءَ لاءِ موجود آهي. ٻي ڳالهه تحفظ واسطي انگريز فوج ٻنهي پاسن کان موجود هوندي. تنهن ڪري ان کي ساڄي پاسي رخ موڙڻ کان سواءِ ٻيو ڳس ڪونه هوندو ۽ جيڪڏهن نه ته کابي طرف رخ ڪندو. جيڪڏهن دشمن ساڄي طرف رخ ڪندو ته سنڌ جي ڏکڻ پاسي واري فوج کي آٽي حيدرآباد ۾ گڏ ڪبو. ان فوج جي هڪ پاسي قلعن جي قطارن ۾ ونڊل فوج هوندي ۽ قلعن جو اهڙون سلسلو اچي عمرڪوٽ تائين ڪٽي ٿو جڏهن ته قلعن جي اها قطار ڏاڍي سگهاري آهي. هنن مان هڪڙا قلعا مرمت ڪري بچاءَ جوڳا بڻايا ويا آهن، جڏهن ته ٻين کي نئين سر تعمير ڪيو ويو آهي. انهن قلعن کي مضبوط ڪرڻ مان مقصد اهو هو ته حيدرآباد کان سنڌوءَ جي ڇوڙ تائين سنڌوءَ وسيلي هلندڙ آمد رفت کي تحفظ ڏئي سگهجي. حيدرآباد ۾ گڏ ٿيل فوج لاءِ رابطي ۽ پوئتي هٽڻ جا ڇهه رستا آهن، جن وسيلي ۽ موسم مطابق هندستان نئين فوج به پهچي سگهي ٿي. اهڙي ريت 1 ڏگري تي ڪراچي، 2 ڏگري تي سنڌوءَ جي ڇوڙ واري وڪڙ وارو علائقو 3 ڏگريون اڄ جي راڄڌاني پونگ پاڙا، 4 ڏگريون گجرات، 5 ڏگريون بيلسا ۽ 6 ڏگريون ٻاهڙ مير Balmer آهن."

”هنن مان ٽن ماڳن کي پنهنجا بندر آهن، جن جي حفاظت ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ان ڪانسواءِ باقي ٽن وسيلي خشڪي وارو رابطو قائم رکي سگهبو آهي. عمرڪوٽ ۽ ڍسا جي خشڪيءَ واري رستي سان قلعا تعمير ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن دشمن ڏکڻ سنڌ واري فوج ڏانهن وڌندو ته ان لاءِ به رابطي جا ڪيترا رستا ڪليل آهن. اهڙيءَ ريت ڏکڻ سنڌ جي انگريزي فوج جي هڪ پاسي هٿياربند آگبوٽ هوندا، جيڪي سنڌو وسيلي هر وقت پيا ايندا ويندا آهن. اهو اتر سنڌ ۾ سکر ۾ رهندڙ فوج لاءِ رابطي جو اهم وسيلي آهي. ان ڪان سواءِ ڪابه فوج سنڌوءَ جي ڪنارن ويجهو پيش قدمي ڪري ڪانه سگهندي آهي. انهيءَ ڪري جو هن وهڪري مان ڪيتريون ڇاڙهون نڪرنديون آهن. ان ڪان سواءِ آبپاشي جي مقصد سان هن مان واهه به ڪڍيا ويندا آهن.“

”اهڙي ريت اتر واريءَ فوج جو ستلج جي ڪناري موجود انگريزي لشڪر سان رابطو ممڪن ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته دشمن جي ٻئي پاسي ٿر جهڙو ويران علائقو هوندو. انهيءَ صورتحال ۾ دشمن تباهه ٿي ويندو يا وري ڪيس انگريز فوج جا به ٿي مضبوط ماڳ فتح ڪري اڳتي وڌڻو پوندو. پر ٻوئين صورتحال مطابق حيدرآباد جي چوڌاري علائقو سنڌوءَ جي پراڻن پيٽن سان ڀريو پيو آهي ۽ هر اڌ ميل تي سنڌوءَ جو هڪ نه ٻيو پراڻو وهڪرو موجود آهي. تنهن ڪري دشمن فوج جو اڳتي وڌڻ آسان ڪونه آهي. انگريزي فوج شڪست کائڻ جي صورت ۾ هن علائقي جي هڪ هڪ انچ جو دفاع ڪندي ۽ دشمن کي سولائي سان سمنڊ تائين پهچڻ ڪانه ڏيندي. نه ته ٻيءَ حالت ۾ دشمن کي ٿر اڪري ٻئي پاسي وڃڻو پوندو يا سنڌو اڪري ڪراچي تي قبضو ڪرڻو پوندو. جيڪو فوجي سرگرمين جو هڪ اهم مرڪز آهي، جنهن جو سمنڊ وسيلي سڌو رابطو بمبئي سان به آهي. اهڙو رابطو چوماسي واري رُتِ دوران ڇڄي ويندو آهي. تنهن ڪري موسمي حالتن ۾ زمين جي صورتحال کي ڏسي دشمن منڻ ڪوٽ کان هيٺ ۽ ساموندي ڪناري تائين فوجي سرگرميون شروع ڪري ڪونه سگهندو.“

”پر جيڪڏهن دشمن، سنڌوءَ جهڙو خطرناڪ درياه اڪري اتر ڏانهن وڌندو ته هن کي ساڳين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته سکر واري فوج کي رابطي جا به رستا ۽ ٻوئتي هٽڻ لاءِ جُوءِ به جالاري آهي.

فوجي سازو سامان خشڪي وسيلي بهاولپور رستي ستلج تائين پهچائي سگهبو. جيڪڏهن دشمن اتر طرف نه ٿو وڃي ته سکر واري انگريزي لشڪر ٽر واري ڪناري سان شاهه ڳڙهه واري قلعي وٽ ڪيس مهاڏو ڏيندو. ان وقت دشمن جي پنئين پاسي جيسلمير ۽ ٻئي پاسي انگريزن جي فوج هوندي. اهڙيءَ صورتحال ۾ انگريزن جو لشڪر سندس ساڄي پاسي کي تباه ڪري ڇڏيندو. جنهن ڪري دشمن فوج ڏکجي وڃي وچ ٽر ۾ پهچندي. ان وقت حيدرآباد ۽ فيروزپور کان اينديڙ انگريزن جي فوج پاسي ۽ پُٺِ تي دٻاءُ رکندي، ان ڪري دشمن کي ڪنهن به قسم جي ڪاڏ خوراڪ ۽ جنگي سامان پهچي ڪونه سگهندو. ڇاڪاڻ ته اهو پنهنجي رابطي جا رستا پاڻ وڃائي چڪو هوندو."

هنن بيانن ۽ مشاهدن مان چڱيءَ ريت معلوم ڪري سگهجي ٿو ته فتح کان پوءِ سنڌ هندستان لاءِ بچاءَ واري مضبوط سرحد بڻجي وئي آهي. جيڪڏهن سنڌ ٽالپر حڪمرانن جي هٿ ۾ هجي ها ته هندستان جي وڏي فوج کي گهٽو پري اوير پاسي تي موجود هجڻ لاءِ مجبور ڪري ها. ان سان گڏ اها هندستان جي هڪ ڪمزور سرحد جي صورت ۾ هجي ٿي. اها سرحد ته مستقل به ڪانه هجي ها، پر اتي رهڻ واري فوج تي خرچ به گهٽو ٿئي ها. سنڌ جي فتح سان هن ملڪ جو اندروني مضبوط نظام ختم ٿي ويو جيڪو انگريزن جو جاني دشمن هو اهو ڪهڙي وقت به ٽر وارو رڻ پٽ اڪري هندستان جي حڪومت تي حملو ڪري پئي سگهيو. ٽالپر حڪمرانيءَ جي هندستان سرڪار سان ملنديڙ سرحد به گهٽي ڏکهي هئي، جنهن کي حوالي ڪرڻ به ايڏو آسان ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته جيڪو ماٿهو سنڌ جي آبپاشيءَ تي ڪمانڊ رکندو آهي، سو ٽر جي رڻ پٽ علائقي جو مالڪ هوندي آهي. تنهن ڪري سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته هن کان پوءِ سنڌ جي بچاءَ واسطي مختصر ريگيولر فوج ڪافي ثابت ٿيندي. اها ايتري ٿوري فوج آهي جو اتر ستلج جي سرحد واري فوج کي ڪو سهارو ۽ ٽيڪ ڏيئي ڪانه ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته انهن جو تعداد بلڪل ٿورو هوندو.

## ڪراچيءَ جو آئيندو

"ڪراچي بچاءَ جي نقطئہ نظر کان هڪ اهم جڳهه آهي. اهو وقت پري ڪونه آهي جو هي شهر سکيو ستابو ۽ شاهوڪار بڻجي ويندو جو

جابلو ماڻهو انکي ڦري پيننگ ڪرڻ لاءِ ڊاڙن هٽڻ لاءِ پهچي ويندا. تنهن ڪري هن شهر جي چوڌاري ڪوٽ ڦيرائٽو آهي.“

## ٺاٺو احمد خان جي صحت بخش آبهوا

احمد خان هالا جبل اندر موجود آهي. هن شهر جي چوڌاري بہ قلعو اڏڻ گهرجي. جيڪڏهن هيءَ جوءِ صحت بخش آهي تہ اتي سئنيٽوريم بہ تعمير ٿيڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ ربورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هيءَ جُوءِ ڏاڍي صحت بخش آهي، پر هن جي آبهوا کي سياري جي رُتِ ۾ جاچيو پرکيو ويو آهي. پر هن ماڳ کي جون جي گرم مهيني ۾ بہ جاچي پرکي ڏٺو وڃي. هن ٺاڪ جي جاءِ وقوع بہ بهتر آهي ۽ ڪراچي کان اتر ويندڙ ان رستي تي آهي، جيڪو سيوهڻ ڏانهن ويندو آهي ۽ ٽڪرين جو ترو ڏئي اڳتي ويندو آهي. هنن ٽڪرين وچ ۾ گذرگاهہ ۽ لڪ بہ گهٽا آهن. ماڻهن جون وسنديون بہ ورلي ڏسڻ ۾ اينديون. ليڪن هن رستي آمد رفت تمام گهٽي رهندي آهي. احمد خان جو هي ماڳ اهڙو تہ صحت بخش آهي جو هتي بيمار ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي.“

## سنڌ جي قلعن جو آئيندو

”هتان جي قلعن کي برقرار رکڻ يا ڊاهي پٽ ڪرڻ جو سوال بہ غير ضروري آهي. پر حالتن مان ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ جيڪڏهن اهم ماڳن وارن قلعن ۾ هڪ طاقتور فوج رکبي ۽ قلعن جي مرمت ڪري وڌيڪ سگهارو ڪبو تہ اهم ڪم سرانجام ڪري سگهجي ٿو ۽ مختصر ماڻهو بہ وڏي بچاءُ جو ڪم ڪري سگهن ٿا. ان کان سواءِ قلعي اندر رهيل فوج هنگامي حالتن ۾ جتن جي صورت ۾ نڪري بغاوتن کي ٻنجو ڏئي سگهي ٿي. اهو بہ ممڪن آهي تہ سنڌ اندر موجود سيني قلعن جي مرمت ڪري استعمال لائق بنايا ويا تہ منجهن تمام گهٽي فوج رهائي سگهجي ٿي. جنهن کي وقت جي ضرورت مطابق جتن جي صورت ۾ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيڏانهن بہ موڪلي سگهجي ٿو ۽ منصوبہ بندي مطابق تيار ڪيل بغاوت جي سرگرمين کي ختم ڪري سگهجي ٿو. موثر ۽ وقتائتن فوجي سرگرمين لاءِ ائين ڪرڻ ضروري آهي. ائين ڪرڻ سان ساڙيندڙ سج جي گرميءَ کي بہ منهن ڏئي سگهجي ٿو. انهيءَ ٻن ٽن مهينن لاءِ ڪاڏ خوراڪ محفوظ ڪري رکٽي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن دشمن حملو ڪيو ته کاڌ خوراڪ ختم ٿي وئي ته فوج بکي مري سندس آڏو آڻ مڃي بيهي رهندي. ان ڪري خرچ ضرور وڌي ويندو. کاڌ خوراڪ جي جام هجڻ سان قلعي اندر رهڻ واري فوج ٻاهر نڪري دشمن کي سختيءَ سان مهاڏو ڏئي سگهي ٿي. پر گهٽ اڳتي نڪري وڃوڙي وايو منڊل کي منهن ڏئي ڪانه سگهندي. ڪيترائي قلعا ٻاڻيءَ جي سهوليت کي ڏسي تعمير ڪيا ويا آهن، جيڪي هيٺ ترائين ۾ آهن. جتي اٿيهئي ٻاڻيءَ جي چر لڳي بيٺي هوندي آهي. اهڙيون جڳهون صحت بخش ڪونه هونديون آهن."

"منصوبو هن ريت تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن فوج کي هڪ جاءِ تي گڏ رکيو وڃي. ڪين ڪهڙي به وقت، ڪيڏانهن به ۽ ترت موڪلي سگهجي. ائين ڪرڻ سان اندروني دشمن تي فوج جو ڌهڪاءُ ويهي ويندو. جڏهن ته ٻاهرئين دشمن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏکڻ سنڌ جي فوج حيدرآباد ۾ اتر سنڌ واري فوج سکر ۾ رکي ويندي. جيڪا سنڌءَ جي ڪناري تي رهائي ويندي. پر جيڪڏهن دشمن گيڊروشيا جي رڻ پٽ نزديڪ سون مياڻيءَ وٽان ساموندي ڪنارو اڳتي وڌڻ چاهي ٿو ته پوءِ حيدرآباد ۾ سکر بدران فوج کي آٽي ڪراچيءَ ۾ گڏ ڪبو. حب ندي جي اوسي پاسي به ڪجهه قلعا آهن جن کي استعمال ڪرڻ لاءِ arabis جاچي پرکي ڏٺو ويو آهي. امڪان آهي ته دشمن سنڌوءَ درياه ڏانهن وڌڻ کان اڳ ڪراچي تي ضرور گهيرو ڪندو. پر سنڌوءَ وٽ پهچي کيس ڏاڍي مايوسي ٿيندي. ڇاڪاڻ ته پار اڪرڻ لاءِ نه اتي پتڻ هوندا، نه وري ٻاتٽي ٻيڙيون هونديون، پر هن جي استقبال لاءِ طاقتور ۽ مسلح انگريزي فوج موجود هوندي ته جيئن دشمن سنڌو پار اڪري نه سگهي. ان جاءِ وٽ دشمن کي ڪٽي مهاڏو نه به ڏجي، ته به ان فوج لاءِ اڳتي وڌڻ وڏي ڏچي کان خالي ڪونه هوندو. پر اهڙي فوج هوندي ڪهڙي، جو گهيري سان لاڳاپيل فوجي سامان بلوچستان جهڙي جابلو علائقي مان ڪٽي اچي ڪراچي تي گهيرو ڪندي؟

## موجوده صورتحال ۾ سنڌ جو انتظام

"هتان جي موجوده حالتن کي هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو ته اسان سنڌ تي انتظامي گرفت اجا هاٿي تازو رکي آهي ۽ فوج کي هڪ اگري بيماري وڪوڙي وئي آهي، جنهن مان پوري ريت جان آجي ڪانه ٿي

آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هتي ايترا ڊاڪٽر موجود ڪونہ آهن. اسان جي حالت اها آهي جيڪا فتح ڪان اڳ هئي. هن وقت تائين اسان سنڌ ڪان چڱيءَ ريت واقف ٿي ڪونہ سگهيا آهيون. اسان هن وقت نسل پرست بلوچن سان منهن ڏئي رهيا آهيون. جيڪي ساڙ ۽ حسد سان ڀريل آهن. ان ڪان سواءِ هندستان جي گهٽن اسان خلاف ڦيڪاري لائي ڏني آهي، جنهن ڪري معزز عملدارن جي عزت نفس مجروح ٿي رهي آهي. هنن ماڻهن جي ڪوشش اها آهي تہ جيئن عام ماڻهو فوجي سپاهي خلاف اٿي کڙا ٿين. اهڙن ماڻهن فوج جي بيماريءَ دوران بلوچن کي بغاوت لاءِ پڙڪايو هو. پر اهڙين حالتن مٿان غلبي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان سنڌ کي ضابطي هيٺ رکيو.

"ابتدا ڪان وٺي مٿي بيان منصوبي ڏاڍي سختيءَ سان عمل ڪيو ويو آهي ۽ اسان جي آڏو وسيع نظريي وارو پس منظر موجود هو. جتي وقت ۽ پئسي نہ هئڻ ڪري قلعا نهرائي ڪونہ سگهيا آهيون، تہ اتي اسان گهرن ۾ مارا نهرايا آهن. ٿوري وقت ڪان پوءِ اهڙي ڪم کي هڪ مستقل شڪل ڏني وئي آهي. پر اهڙين ڳالهين کي موثر طاقت آهي. اها هڪ ننڍڙي ڪوشش ضرور آهي، پر هڪ وڏي منصوبي جو حصو آهي، جنهن جو واسطو هڪ مخصوص طريقي سان آهي. سنڌ تي فتح هاڻي ۽ اڳتي هلي اتر اولهہ هندستان جي سرحد جي مضبوطي ۽ حفاظت لاءِ ڏاڍي مددگار ثابت ٿيندي. ان ڪان سواءِ هي ملڪ ڏکڻ اولهہ واري سرحد سان بہ واقع آهي. جيتري قدر هن ملڪ جي خرچ پکي جو تعلق آهي تہ اهو اجا هندستان سرڪار تي بار آهي. توقع آهي تہ اهي هاڻي گهٽجي ويندا ۽ ڪمپني کي هتان گهٽي پيداوار ٿيندي. ٽالپرن جي حڪمراني ختم ٿي وڃڻ ڪري نہ رڳو پيداوار خرچ ڪان وڌي ويندي، پر ستلج بلڪ فيروز پور ڪان وٺي ڪڇ تائين جيڪا فوج رکي ويندي، ان جي بہ هاڻي ضرورت محسوس ڪانہ ٿيندي ۽ ان تي ايندڙ خرچ گهٽجي ويندو.

انگريزن جي ستلج واري فوج جي حالت ان ماحول ۾ وڌيڪ خطرناڪ هجي ها جڏهن سنڌ، گواليار، نيپال ۽ پنجاب متحد ۽ انگريزن جا گڏيل دشمن هجن ها. ان ڪان سواءِ ڪابل جي فتح ڪان پوءِ اهڙي اتحاد جو امڪان وڌي ويو آهي. اهڙن ملڪن جا حڪمران پنهنجا خفيہ نمائندا موڪلي، زباني طور معاهدا ڪري، متحد ٿي سگهن ٿا. انهن اهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهن ٺاهن جو ڪنهن کي بہ پتو پئجي ڪونہ سگهندو. جيڪڏهن هنن ماڻهن کي سازش ڪرڻ جيتري وٿي ملي تہ بغاوت جو وڏو باهڙ ڀري سگهي ٿو. اهڙو خطرو بہ اٽيهئي رهندو ايندو جڏهن اهي حڪمران اقتدار جي مسند تي ويٺل هوندا. پيڙيل عام ماڻهو تہ اسان سان گڏ آهي، پر جڏهن سنڌن حڪمران هنن مٿان ڏاڍ ڪندا تہ هنن جو طرف وٺي ويندا. ظلم آڏو زاري آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهو مهذب ڪونہ آهن. تنهنڪري اهي پنهنجي ڀلي لاءِ ڪونہ سوچيندا.

"انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وسيع علائقن جي والار ڪرڻ ضروري آهي. اتر ستلج واري سرحد اتر سنڌ واري سرحد کان وڌيڪ بهتر آهي. اڳتي هلي پنجاب جي فتح لاءِ بہ اسان کي مجبور ڪيو ويندو. پر ائين ڪرڻ مناسب آهي يا نہ آهي. پر پنجاب جي فتح کان اڳ بهاولپور جي فتح وڌيڪ مناسب آهي. سنڌ جي فتح اتر اوير واري سرحد جي حفاظت لاءِ نهايت ضروري هئي. هن فتح تي ڪن ماڻهن وٽي هاءِ گهوڙا شروع ڪئي هئي جيڪا ائين منجهيل هئي، جيئن انهن ماڻهن جا چاٽيل سبب منجهيل آهن. ائين ٿيو تہ آگريزن تي ڪٽڻ جيترن غدار حڪمرانن ڪري ڪروڙن ماڻهن جي حفاظت ۽ ڀلائي جا ڪم رولڙيي جو شڪار ٿي ويندا. انهن حڪمران حقن جو تحفظ ماڻهن تي ظلم جي مفادن تي رکيو ويو آهي ۽ اهي جديد دور جي تقاضائن جا دشمن آهن.

## بهاولپور تي قبضو

"اسان بهاولپور تي قبضو ڪري ڪونہ سگهنداسون. ان لاءِ بهتر اهو آهي تہ نواب کي پنهنجو دوست ۽ هڪ مضبوط حڪمران بڻايون. جيڪڏهن هو اسان ۾ بدگمانيون ۽ شڪ شبها ڪندو تہ ڪيس گهٽو نقصان پئجي سگهي ٿو پر ڪيس تخت تان لاهڻ کان پوءِ اسان کي ستلج جي آبي ذريعن کان وٺي سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي تائين هڪ ڏکهي ۽ مضبوط سرحد ملي ويندي. اهڙيءَ ريت درياه کي سرحد بنائڻ ۾ آساني ٿي پوندي، جيڪا هڪ مستقل سرحد هوندي. انهيءَ وهڪري جي ڪنارن تي آباد ماڻهو هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ڪونہ سگهندا. ڇاڪاڻ تہ اهي اڳ ۾ ئي پاڻ ۾ رليل مليل آهن. جيڪڏهن تهذيب اڃان بہ ترقي ڪئي تہ اهي رهندو بہ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا. ليڪن جابلو سرحد جي ڪري ماڻهن جو ميل ميلاپ ختم ٿي ويندو آهي ۽ هر ڪو پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي رهجي ويندو آهي. ڦرلٽ جي سهوليت جي عدم موجودگيءَ ڪري هي بلوچ قبيلا هڪ ٻئي جي ڦرلٽ ڪري گذر سفر ڪندا آهن. مهذب ماڻهن کي لٽڻ جي ڪين سهولت ڪانہ هوندي آهي، تنهن ڪري هڪ ٻئي کان نفرت ڪندا آهن ۽ هڪ ٻئي تي اڳرايون ڪندا آهن.

## سنڌ جون سرحدون

”ٽالپرن جي حڪمراني دوران سنڌ جي الهندي سرحد حب ندي arabis تائين هئي، جيڪا هڪ سو ٽيهہ ميل ڊگهي هئي. ان کان پوءِ هالا جبل جو سلسلو آهي. ان کان پوءِ وري هڪ سو ٽيهہ ميل ڊگهي سرحدي پٽي آهي، جيڪا اڳتي هلي چانڊين جي علائقي تائين پهچي ٿي. چانڊين جي علائقي واري هڪ سو چاليهہ ميل سرحد غير واضح آهي، جيڪا اوير اتر پاسي ڏانهن وڌندي ڏسجي ٿي. هيءَ سرحد سنڌوءَ سان پور وچوٽي تي هلندي آهي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ سراسري فاصلو چاليهہ ميل کن هوندو آهي ۽ اڳتي وڌي ڪڇي واري جابلو جُوءِ سان وڃي ملندي آهي. اها سرحد سنڌو درياهہ جابلو علائقي ۾ وارياسي برپٽ ڪري ڏاڍي واضح آهي. هن سرحد کان هر ڪو واقف آهي. هتان کان پوءِ ڪشمور ڏانهن رخ ڪري ٿي ۽ هن سرحد کي صحيح نموني سان محفوظ بہ ڪري سگهجي ٿو. هن جي هيٺئين ۽ مٿئين پاسي جي بچاءَ لاءِ ذريعا بہ گهٽا آهن. هالا جبل کي فقط هڪ جبل طور ٿي ڇاتو سڃاتو وڃي ٿو تہ هن جبل ۾ عام رواجي قسم جا لڪ passes آهن، جن کي ضرورت وقت پار بہ ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ جا ٻاهرين ملڪن سان رشتا ناتا تہ اهي آهن، پر هنن ملڪ جي اندروني حالتن ۽ سندس اصلي قيمت ۽ قدر جو ذڪر ڪنهن مناسب جڳهہ تي اڳتي ايندو.

باب پنجون

# سنڌ جا هنر، هنرمند، زرعي ۽ معدني ذريعا ۽ انهن جي سنڀال

وبائي بيماريءَ ڪري سول انتظاميہ بدنظميءَ جو شڪار ٿي وئي هئي. اهڙو ذڪر گذريل باب ۾ اڳي چڪو آهي. پر عوام جي ڀلائي ۾ ڪنهن بہ قسم جي سستي ڪانہ ڏيکاري وئي هئي. انهيءَ زماني ۾ ڏوهن جو انگ بہ تمام گهٽو وڃي ويو هو. تنهن ڪري سرڪار لاءِ بہ طاقت جو استعمال لازمي ٿي پيو هو. اهو ئي دور هو جو انساني هنرن ۽ قدرتي پيداوار جي جاچ پڙتال بہ ڪئي وئي هئي. اهڙي جاچ مان هي معلومات ملي تہ نڪر جي ٽانون جي ڪاريگريءَ ۾ سنڌي ڏات ڏٺي آهن. ان ڪان سواءِ اهو پڻ سوچيو ويو هو تہ نٽي جي صنعت کي نئين سر جيارجي. جيتري قدر قدرتي پيداوار جو تعلق آهي تہ هيءَ ڌرتي ان معاملي ۾ ڏاڍي شاهوڪار آهي ۽ اهڙي پيداوار هتي تہ وڏ ۾ وڏ حاصل ڪري سگهجي ٿي. هن ملڪ ۾ مختلف قسمن جا اناج ٿيندا آهن. ڪڻڪ، ڦٽڪي، نير، آفيم، سوڍا ڪار، تماڪ بہ گهڻو حاصل ٿيندو. هالا جبل مان لوهہ مليو ٿو. پرسان ئي گندرف بہ ملندو آهي، جيڪو ڏاڍي اوچي قسم جو هوندو آهي. هتي قلمي شورو saltpeter بہ جهجهو ملندو آهي. سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي مان خالص قسم جو لوڻ ملندو آهي، جنهن جا ڇوڏهن فوٽ اونهان تهہ هوندا آهن. سنڌوءَ جي ڪنار تي عمارتي ڪاٺ جا گهاٽا ٻيلا موجود آهن. هن ڌرتيءَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ منجهس ڪي پيداواري وسيلا ڪونہ آهن، تنهن ڪري هي ملڪ ماڻهن جي وڏي تعداد کي ضرورت جون شيون مهيا ڪري ڪونہ ٿو سگهي. پر هن قسم جي پيداوار ڪري معلوم ٿئي ٿو تہ مٿي چيل ڳالهہ غلط آهي. ڪپهہ، نير ۽ ڪمند لاءِ سڌريل طريقا ڪم آندا ويا تہ هتان جي اهڙي پيداوار هندستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين ملڪن کان وڌي ويندي. سر چارلس جي خواهش هئي تہ ڪمند جي پوکيءَ لاءِ ٻيجو مصر مان ۽ اولهہ هندستان جي علائقن کان آڻي متعارف ڪرائجي. اهڙي ڪوشش ڪئي بہ وئي هئي، پر بمبئي جي ڪامورا شاهي ٻاهران گهرايل پوکڻ لاءِ ڪمند ايتري وقت تائين روڪرائيءَ ڇڏيو جو اهو سڪي ويو.

هاڻي تازو پوليس انتظاميہ جي جوڙجڪ بہ ڪئي وئي آهي. هن ڪاتي جا ماڻهو امن امان قائم ڪرڻ جي مقصد سان ٻهراڙي ۾ بہ وڃي رهيا آهن ۽ پنهنجي اختيارين کي هوريان هوريان قائم ڪري رهيا آهن. تنهن ڪري ضلعن جا ڪليڪٽر عدالتي نظام کي متعارف ڪرڻ جي لائق بڻجي ويا آهن. اهڙي ريت کين خاص قسم جي معلومات حاصل ڪرڻ جي آساني بہ حاصل ٿي وئي آهي. ڍل جي اوڳاڙي بہ سولائيءَ سان ٿي وڃي ٿي جنهن ۾ انصاف رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هتي اونهاري وارا فصل اهم هوندا آهن. فصل لهڻ کان پوءِ ان فصل جي پيداوار کي حفاظت سان آڻي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن فصل تي تمام گهڻي سرڪاري ڍل وصول ٿيندي آهي، پر صحت بخش جڳهہ اجا تائين ملي ڪانہ سگهي آهي ۽ فوجين لاءِ اهڙيون صحت بخش بئرڪون بہ تعمير ٿي ڪونہ سگهيون آهن. ڇاڪاڻ تہ هتي رازن جي اڳئي ڪوٺ هئي، پر هن وچڙندڙ بيماريءَ ڪري تہ رهندو بہ انهن جي اٽاٽ ٿي وئي آهي. ٻهرين ڪوشش ڪئي وئي تہ احمد خان ۾ صحت بخش مقام جي تعمير ڪجي، جيڪو سلطان احمد خان جي دل پسند جڳهہ آهي. پر اها مناسب ڪانہ لڳي. ڇاڪاڻ تہ اُتي جڳهن جي ڇت کي ڍڪڻ لاءِ ڪو سامان دستياب ٿي ڪونہ سگهيو. تنهن ڪري اهڙيون بئرڪون جلدي ۾ تعمير ٿي ڪونہ سگهيون. انڪري رازا بہ موٽي آيا ۽ خرچ بہ گهٽو ٿي ويو. هن کان علاوه ٻئي ڪنهن بهتر ماڳ جي چونڊ بہ ڪانہ ڪئي وئي هئي. ان کان پوءِ فوج کي مختلف ماڳن تي ننڍن گهرن ۾ رهايو ويو ۽ ضرورت مطابق کين ٻاهر بہ موڪليو ويندو هو. پر انهن موسم ڏسي پوءِ چرير عمل ۾ آندي هئي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سنڌن صحت تي سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو اثر نہ ٿئي. پر سنڌن اهڙو خيال ڪرڻ ڏاڍو مشڪل بہ هو. ڇاڪاڻ تہ چوماسي جي رُتِ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي اٿل ڪري چوڌاري پکڙجي ويندو آهي ۽ جيڏانهن بہ هي فوجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا تہ سنڌوءَ جو پاڻي وٽن اچي نڪرندو. هنن کي جابلو علائقي ۾ تہ ڪٽي رهائجي ها، پر اتي وري پاڻي جو ملڻ مشڪل مسئلو آهي. ان کان سواءِ اچڻ وڃڻ لاءِ رستا بہ ڪونہ آهن. جن وسيلي تعمير جو سامان آساني سان موڪلي سگهجي. بي مصيبت اها هئي تہ ان وچڙندڙ بيماريءَ ڪري عام ماڻهو اگها لڳا پيا هئا. هتان جي سياري واري موسم بہ چتيءَ گرميءَ وانگي هڪ مصيبت هوندي آهي، تنهن ڪري سرڪاري انتظاميہ بہ سُست ٿي وئي هئي.

## ڪامورا شاهي: هڪ وڏي آپدا

هنن سيني آپدائن کان وڏي آپدا ڪامورا شاهي آهي، جيڪا هر ڪم ڪار کي روڪڻ لاءِ جڻ تہ رستي جو پٿر بڻيل آهي. جنهن کي ڏڙابندي ۽ حسد وارا اڏ مان اڳتي ڏڪي رهيا آهن. پر ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن جيڪي سر چارلس کي هڪ ايماندار ۽ شريف انسان سمجهندا آهن. ڪي وري ذهني طور ننڍڙا ماڻهو جيڪي سمجهندا آهن تہ سنڌ جي هن گورنر کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو وڃي ۽ سندس قتل انهن ماڻهن لاءِ مثال هجي، جيڪي اهم تبديليءَ جا خواهشمند هوندا آهن. هن قسم جي ڪامورا شاهي ڪيس پنهنجي حسد واري سياهيءَ سان ائين سلهاڙي سڪ ڪري ڇڏيو آهي، جيئن لللي پوٽينس Lilli potians گليور Gulliver کي جڪڙي ڇڏيو هو. جڏهن سر چارلس انهن کي ٽورو ڏري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ وهہ ۾ وهاٽيل پيغام اچي پهچندا آهن. سندس سارو وقت ۽ قوت تہ سنڌ جي امن امان ۽ فوج لاءِ وقت هجڻ گهرجي پر اهڙي اهم وقت دوران بمبئي سرڪار جي سول ۽ فوجي ڪامورن وٽان سوين خط چوطرف روانا ٿي ويندا آهن. معمولي ڪمن سان لاڳاپيل ڪيس ڏهاڙي ٽي چار خط ملي ويندا آهن. جڏهن تہ اهم ڪمن سان لاڳاپيل خطن کي جاٽي واٽي ڪري دير ڪرائي ويندي آهي ۽ هي غير ضروري وڏو پورهيو مٿس مڙهيو ويندو آهي تہ هو سنڌ جا ٻيا اهم ڪم ڪار پاسي تي رکي ساهہ پوساتيندڙ گرميءَ ۾ ويهي انهن خطن جا جواب لکي، جيڪا يورپي ماڻهن لاءِ جڻ سوٽ جو پيغام هوندي آهي. دشمنيءَ جون اهڙيون ڳالهيون سندس زندگي تباهہ ڪرڻ جي نيت سان ڪيون ونديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اتر سنڌ جي علائقي تي ڌاڙيلن جي ڪاررواين تي ڪنٽرول

هن ڏکوئيندڙ ماحول ۾ سنڌوءَ جي اولهه پاسي اتر سنڌ وارو علائقو جابلو ماڻهن جي حملن جي ضد ۾ هو ۽ اها هڪ ڳڻتيءَ واري ڳالهه هئي. اتان جا گهڻا سردار سلام تي ڪونه آيا هئا. جن مان ٻن سردارن ته هٿيار سنڀالي ورتا هئا ۽ ڌاڙا هڻڻ شروع ڪري ڏنا اٿن. ٻيا سردار وري قرلت جي مال تي وڙهي ڊانگو ڊانگ تي پيا آهن. ڪين سياسي نقطئه نظر جي تحفظ جي ڪابه پرواهه ڪانه آهي. بلوچ سردارن اهڙن ڪرتوتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ "اريگيولر هارس" جا جٿا روانا ڪيا ويا آهن ۽ اهڙي وڳوڙي سرحد جي بچاءَ واسطي ۽ ڌاڙيلن جي ڦهري ڪارروائين ڪي ختم ڪرڻ لاءِ سختي سان پيش اچڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي. هن وقت نه رڳو قلات جي قبائلي سردارن جي ايار جو خطرو آهي، پر سنڌ جي هالا جبل جي سردارن مان به سرڪشي ڪرڻ جو پئُ آهي. ڌاڙن جي هنن ڪارروائن کي سختيءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ فزجيرالڊ جي اٺ سوار فوج لاڙڪاڻي ۾ وانڍ هنيون ويني آهي. کيس حڪم ڪيو ويو آهي ته اتي هڪ مضبوط قلعو قائم ڪري وٺي. انهيءَ لاءِ ته جيئن ان کي مرڪز بڻائي فوجي ڪارروائي جي ابتدا ڪري. هتي پهچڻ کان ٿورو وقت پوءِ هن چوويهن ڪلاڪن ۾ هڪ سو ميل پنڌ هٽي، هڪ قبيلي جي وچ مان، هڪ اهم مجرم جهلي ڪٽي آيو آهي، جنهن سنڌ جي ٻين سردارن کي مطيع ڪري ڇڏيو هو جيڪي سندس سلام پريندا هئا. هن جي ڏاداين ڪري چوڌس ڏهڪاءُ ۽ ڦرڦوٽ پئجي وئي هئي. هن جي گرفتاري ڪري غريب ماڻهن کي اندر جو آٿت ۽ جيءَ کي جپ ملي وئي هئي.

## مير شير محمد سان افغانن جي دغا ۽ سندس سنڌ ڏانهن واپسي

انهيءَ زماني ۾ مير شير محمد لاءِ افغانن جو بلوچن کي پڙڪائڻ وارو پئُ ختم ٿي ويو هو. سنڌ جو هي اڳوڻو ٽالپر حڪمران افغانن کان مدد وٺڻ لاءِ وٽن لنگهي ويو هو. پر دغاباز وحشي افغانن ساڻس اهڙو سلوڪ ڪيو ,جهڙو مير شير محمد پاڻ دغاباز هو. کيس افغانن مان اهڙو خدشو ڪرڻو هو. پر هن نه ڪيو. سر چارلس هڪ ڀيري هن لاءِ چيو هو ته. "هي اهڙو حڪمران آهي جيڪو پنهنجي لاءِ پاڻ سفير به آهي." افغانن نڳي ڪري ڪانئس سيئي دولت کسي ورتي ۽ رات جو سندس نوڪرن کي چيو ويو ته هو پيجي پنهنجي جان بچائن. چاڪاڻ ته سندن سردار (مير شير محمد) کي اڍائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکن عيوض ”بهادر جنگ“ کي وڪرو ڪري ڏنو ويو آهي. جڏهن شير محمد کي پناٽن جي پرڪارن جو پتو پيو تہ گهوڙي لانگ ورائي وني پڳو ۽ ساه اچي ڪڇيءَ واري جابلو علائقي ۾ پتيائين. هتان جي ماڻهن سنڌس وڏي آجيان ڪئي. هن هتي ويهي سنڌ ۾ بغاوت جي باه پڙڪائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون هيون. هي ڪڇيءَ واري جابلو علائقي ۾ اچي بگٽين وٽ رهيو هو. هن قبيلي ۽ مرين جا پاڻ ۾ تر سنوان ڪونہ هئا. شير محمد جي بگٽين وٽ رهڻ ڪري، مري قبيلي سندس واهر ڪرڻ کان پوئتي هٽي ويو. تنهن ڪري سنڌس منصوبو ناڪام تي ويو. ائين تيڻ ڪري بمبئي واري ڏر جون آسون اميدون متيءَ ۾ ملي ويون.

## ڪجھ بلوچ قبيلن جو انگريز سرڪار سان وفاداريءَ جو وچن

ان ڪانپوءِ سنڌوءَ جي اولهہ ڪناري وارين بلوچ قبيلن هڪ ئي وقت انگريز سرڪار سان وفاداري ۽ تابعداري قبول ڪري. انهن ماڻهن جون سياسي اڳڪتيون غلط ثابت ڪري ڇڏيون تہ اجها تي بغاوت جي باه بري اُتي. انهن قبيلن فزجيرالڊ جي ترت ڪاروائين کان متاثر تي، انگريزن جي تابعداري قبول ڪئي هئي، جيڪي اڳي انگريزن جي پاڇي کان بہ وئڻءُ ويندا هئا. اتڪل هڪ سؤ پندرهن سردار پنهنجي نوڪرن چاڪرن ۽ هٿياربندن سان گڏجي ڪراچي روانا تيا هئا. جڏهن اهي ايڪيهہ مارچ تي ڪراچي کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي پهتا تہ اتي لهي منزل ڪيائون ۽ سر چارلس ڏانهن سنهيو مڪائون تہ اسين پهتان آهيون. ان وقت هنن بلوچن جواب ڏياري موڪليو تہ هتي ڪنهن بہ قسم جو خوف خطرو ڪونہ آهي، تنهن ڪري هٿياربندن جي ڪابہ ضرورت ڪانہ آهي. تنهن ڪري اهي بنا ڪنهن هٿيار پنهوارَ جي اچي چارلس جي پيش پيا. سر نيپئر هنن جي آجيان تہ ڪئي، پر سندس مزاج ۾ رڪائي موجود هئي. کين چيو ويو تہ هو هن کان اڳ پيش چو نہ پيا؟ تنهن تي بلوچ سردارن چيو تہ، اسان تنهنجي روبرو تيڻ کان ڊڄي رهيا هئاسون.

”توهان آخر ڊڄي چو رهيا هئا؟“

پتو نہ آهي تہ اسان چو ڊڄي رهيا هئاسون؟ هاڻي اسان اوهان کي پيرين پوڻ آيا آهيون. تون اسان جو بادشاهہ آهين ۽ توکي معاف ڪرڻ لاءِ گذارش ڪري رهيا آهيون.“

”سردارؤ! اوهان مون کي هن سوال جو جواب ڏيو تہ، مان جنگ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميدان کان سواءِ ڪنهن سان ظلم ڪيو آهي؟

”نه! هر ماڻهو چئي رهيو آهي ته اوهان رحمدل انسان آهيو.“

”ته پوءِ اوهان ڇو ڊڄي رهيا هئا؟“

”اسان کي خبر نه آهي ڇو ڊڄي رهيا هئاسون. تون اسان جو بادشاهه آهين. اسان کي معاف ڪري ڇڏ. اسان واعدو ڪري رهيا آهيون ته، اسان هن ملڪ کي تنهنجي دشمنن کان بچائيندا سون.“

”مان ڪونه ٿو چاهيان ته اوهان ڪنهن جي پهريداري ڪريو. توهان منهنجي اٺ سوار فوج ڏٺي هوندي، مان ايتريون ريجمنٽون موڪلي سگهان ٿو جيترو تعداد اوهان اٺن جو ڏٺو هوندو. مان سنڌ جو بچاءُ پاڻ ڪري سگهان ٿو. مان اهو ڪونه ٿو چاهيان ته اوهان ان جو تحفظ ڪريو. اوهان فقط راڻيءَ جا وفادار رهو جيڪا منهنجي مالڪياڻي آهي. جيڪڏهن اوهان ان جا وفادار ۽ تابعدار آهيو ته ان جي تصوير جو اچي سلام ڪريو!“

ان کان پوءِ هنن اڳتي وڌي راڻيءَ جي تصوير جو سلام ڪيو. جنهن کان پوءِ سر چارلس نيپئر کين هن ريت مخاطب ڪيو:

”اسان سيني وچ ۾ امن امان قائم ٿي چڪو آهي. هاڻي ساري سنڌ تي حڪمراني آهي. هن کان پوءِ اسان سڀ ان راڻيءَ جا رعيتي آهيون، پر مان هتي امن امان قائم ڪرڻ آيو آهيان. اوهان هن اطاعت جي قبول ڪرڻ کان پوءِ به جيڪڏهن ڦرڻ لٽڻ ۽ ڌاڙن هڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته مان اوهان جي علائقن ۾ اچي ساري قبيلي کي ماري ناس ڪري ڇڏيندس.“

”سردارو! اوهان کي اها پوري خبر آهي ته مان جنگيون ڪٿي ورتيون آهن. ان وقت مون وٽ فقط پنج هزار فوج هئي. هاڻي مون وٽ ٻارهن هزار فوج آهي. منهنجي حڪم تي هڪ لک فوج پهچي ويندي. اوهان کي سمجهڻ کپي ته اها منهنجي سگهه ڪٿي ڊمڪي ڪانه آهي. پر اسان جي وچ ۾ امن امان هجڻ گهرجي. مان اوهان کي اهي ساڳيون جاگيرون واپس ڪري رهيو آهيان جيڪي ٽالپر دور ۾ اوهان جي قبضي ۾ هيون. ان تي هنن سيني وڏي آواز ۾ چيو ته، توهان اسان جو بادشاهه آهين. جيڪو توهان چئي رهيو آهين سچ آهي. ائين ٿي ٿيندو جيئن اوهان چئي رهيا آهيو. اسان سڀ تنهنجا غلام آهيون.

ان کان پوءِ ٽاهه جا شرط طئي ٿيا ۽ کين چيو ويو ته، ”اهي انگريز فوج کي جنگ واري نقشي مطابق ڏسين ته ان جنگ جي ميدان ۾ ڪهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب سان بيھاريو ويندو آھي. پر ھنن اھا ڳالھ پسند ڪانہ ڪئي. ھنن مان ڪيترن تہ اڳ يورپي ڏٺا ئي ڪونہ ھئا. انھن مان گھڻن کي اھا بہ خبر ڪانہ ھئي تہ تھذيب سان لاڳاپيل روايتون ڪھڙيون آھن ۽ ڏچ ۾ ٽڙڪي رھيا ھئا تہ اھي سڀ ڳالھيون ڪين قتل ڪرڻ خاطر ڪيون پيون وڃن، جيڪي گڏجاڻي دوران تي رھيون ھيون. اھڙين ڳالھين ٻولھين جو وقت بہ گھڻو وڏي ويو ھو. جنرل چارلس ھنن سان ڏاڍي آزاد ماحول ۾ ڳالھ ٻولھ ڪري رھيو ھو ۽ اندازو ڪري رھيو ھو تہ انھن مان اھڙو ڪير ھو جنھن جنگين ۾ حصو ورتو ھو. انھن ساڳين ماڻھن کي اڪين سان ڏسي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رھيو ھو. ھن ساڻن يوڳن چرچن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪائنن سوال پڇيو تہ ڏُبي واري جنگ ۾ جڏھن انگريز فوج جي گھوڙي سوار مٿن حملو ڪيو تہ ھنن پنھنجي جان ڇو بچائي ھئي.

”ڇاڪاڻ تہ اسان ڏڃي ويا ھئاسون.“ نھايت سادگيءَ سان ھڪ جواب ڏنو ھو. اھو ئي ڪارڻ ھو جو مان اوھان سان ملاقات ڪرڻ ڪانہ ٿي چاھي. ڇاڪاڻ تہ مون کي ڄاڻ ھئي تہ اوھان انھن ماڻھن کي پسند ڪندا آھيو جن اوھان سان سر ترين تي رکي مقابلو ڪيو. پر بزدل ۽ ڀاڄوڪڙن کان بچان ڪندا آھيو. مان جنگ دوران مڙس ٿي مقابلو ڪونہ ڪيو پر پنھنجي جند ڇڏائي ھئي. ھڪ جھونڙي بلوچ سردار کان پڇيو ويو تہ مياڻي واري جنگ جي ڏينھن ۾ تون ڳاج جي پٽ واري حصي ۾ موجود ھئين ۽ توسان ڏھہ ھزار فوج ھئي تہ ھن ھڪدم وراڻيو: ”نہ! مون سان گڏ اٺ ھزار فوج ھئي. ان ڪانپوءِ ھن انھن قبيلن جا نالا ٻڌايا جيڪي ھن جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اڳتي وڌي رھيا ھئا، پر وقت تي پھچي ڪونہ سگھيا ھئا. ھن وڌيڪ ٻڌايو تہ جيڪڏھن جنگ ٿورو وقت دير سان لڳي ھا تہ اسي ھزار ويڙھاڪ اچي پڙ تي پھچن ھا. سندس بيان ڪيل حقيقتون اسان جي جاسوسن جي ڏنل رپورٽن سان ھڪجھڙائي رکي رھيون ھيون، تنھن ڪري سندس بيان کي سچو سمجھي اعتبار ڪيو ويو ھو.

## انگريز فوج جي ”مارچ پاسٽ“ جو بلوچ سردارن تي ڌھڪاءُ

ھن گفتگو دوران چرچا گھڻا بہ ٿي رھيا ھئا. پر جنرل چارلس جون ڳالھيون توريل تڪيل ۽ وزنائتيون ھيون. اتي وينل ڪي ماڻھو اھڙا بہ ھئا جيڪي انھن يوڳن چرچن دوران سنجيده لڳا وينا ھئا ۽ سوچي رھيا ھئا تہ جيڪڏھن ڪين وجھہ ملي ويو تہ ھو ھارڻ ٻاري ڇڏيندا. پر حالتن ڪين

جهڪڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري جنرل جي مرضي هئي تہ هنن کي جنگ جهڙي فوجي ترتيب ڏيکاري، ڪين اهو سمجهائي سگهي تہ يورپ وارا جنگ ڪهڙي طريقي سان وڙهندا آهن. تنهن ڪري هن ٻن يورپي ريجمينٽن، ٻن پيادل فوج جي ريجمينٽن، پنهنجي پهريدار دستي، سنڌي گهوڙي سوار فوج ۽ ڇهن توبن کي جنگي ترتيب ۾ بيهڻ جو حڪم ڪيو جن ۾ سگها متارا گهوڙا جوٽيل هئا. پر نظر ائين اچي رهيو هو تہ بلوچ سردار فوجي جنگي ترتيب کي ڏسڻ لاءِ بي دلا هئا. جيڪي مقرر وقت تي گهوڙن تي چڙهي اچي سر چارلس جي رهائشگاهہ جي دروازي وٽ پهتا هئا. پر اهي سايو ڪري ڪجهہ دير سان پهتا هئا. ٿوري وقت کان پوءِ گهوڙن تي سوار ٿي ميدان تي آيا. ان وقت فوج ”مارچ پاسٽ“ ڪري رهي هئي ۽ جنگي ڪرتب ڏيکاري رهي هئي، جنهن کان هي بلوچ سردار گهڻ متاثر ٿيا هئا. پر جڏهن فوجي قطارون اڳتي وڌيون تہ هنن جو تصور ئي تبديل ٿي ويو هو. اهو ڏسي هڪ لغاري قبائلي سردار رڙ ڪري چيو هو تہ اوهان دٻي واري جنگ دوران ائين وڌي حملا ڪيا هئا! ٻين سردارن بہ وڏي آواز سان چيو هو تہ ”الله جو قسم! اها هڪ انساني ديوار آهي، هڪ چرندڙ ڦرندڙ ديوار. هن جو تہ ڪير بہ مقابلو ڪري ڪونہ سگهندو. اي اسان جا بادشاهہ! اوهان ساري دنيا جا مالڪ آهيو.“ ان کان توبن گولا باري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ سارو ميدان گولن ڇٽڻ جي گجگوڙن سان ڀري اٿيو. ايتري قدر جو هو هڪ ٻئي جو آواز بہ ٻڌي ڪونہ ٿي سگهيا. بعد ۾ گولاباري هڪدم بند ٿي وئي ۽ پيادل ۽ گهوڙيسوار فوج نعرا هڻي حملا شروع ڪري ڏنا. هنن بلوچ سردارن کي جنگي مشقن مان ٻن ڳالهين گهڻو متاثر ڪيو. هنن ٻڌو هو تہ انگريزي فوج توڙيدار بندوقن سان ڏاڍي تيزي سان فائر ڪري سگهندي آهي. پر ڪين اهڙي ڳالهہ تي اعتبار ڪونہ ايندو هو. ان کان پوءِ هم چورس دائرن ۾ فوج بيهي وئي. انهيءَ وقت سج لهي رهيو هو. پرسان ئي جابلو علائقي ۾ توبون ڊوڙ اڏائينديون تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي رهيون هيون ۽ سج جي هلڪي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ لوهہ جا اهي ذرا ڏنڊاتيل ڏسجي رهيا هئا. اهو منظر ڏسي هي بلوچ سردار ڏاڍا خوش ٿيا هئا. سر چارلس سنڌن جذبن کي محسوس ڪري ورتو هو ۽ ڪين ان وقت رخصت ڪيو هئائين ۽ هنن کي چيو هئائين تہ هنن کي جڻ يورپ جي بادشاهن جيتري عزت ڏني وئي آهي. جنرل جا اهي لفظ ٻڌي بلوچ ڏاڍا خوش ٿيا هئا. هي انگريز ڪمانڊر هنن کي ڊنل ڏسي ڏاڍو

خوش هو. کيس اطمينان ٿي ويو هو ته هو مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جي شرارت ڪانه ڪندا. اهي ماڻهو ان وقت انگريز سرڪار جا وفادار ۽ تابعدار رهندا، جيستائين انگريزن کي برتري حاصل آهي.

## قانون جي حڪمراني

هن وقت سر چارلس سنڌ جو مالڪ ۽ فاتح هو. جنهن سنڌ کي قانون به ڏنو هو. چاڪاڻ ته هنن بلوچن سندس رضاڪارانه فرمانبرداري ڪئي هئي ۽ اطاعت قبول ڪئي هئي. هن ڪان پوءِ ڳوناٽا ٻروچ پوليس جي مدد ڪرڻ لڳا هئا. جيڪي ڏاڙيلن جي ننڍين ننڍين ٽولن خلاف ڪارروايون ڪندا هئا. هو انگريزن جي انتظاميه کي صدق دل سان تسليم ڪري چڪا هئا ۽ پرامن ٿي ويا هئا. هڪ اهڙو مثال به موجود آهي ته اتان جي هڪ ڏيهي سرڪاري عملدار هڪ ڳوناٽي کي مشرقي انداز ۾ ڦريو ۽ کيس لڪڻ به هنيا. انهيءَ ڪري سندس پنهنجن ماڻهن هن کي وٺي ان جاءِ تي رکيو جتي هن ڳوناٽي کي پنهنجي ظلم جو نشانو بڻايو هو. هن مجبورن زوريءَ ورتل رقم اصلي مالڪ کي موٽائي ڏني. ڪانئس سرڪاري ڪپڙا لاٿا ويا ۽ کيس ايترا لڪڻ هنيا ويا جيترا هن ڳوناٽي کي هنيا هئا. ٻيو مثال هڪ ڪاردار جو آهي، جيڪو وڏي اثر رسوخ جو مالڪ ۽ پنج هزار ايڪڙن جو جاگيردار هو. هن سرڪاري پئسي ۾ خردبرد ڪئي هئي ۽ غريبن تي ظلم ڪندو هو. انهن ڏوهن جي عيوض ڪانئس جاگير کسي وئي ۽ هن تي پنج سو پائونڊن جو ڏنڊ پڻ رکيو ويو هو. ان ڪانسواءِ کيس زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو هو ۽ چيو ويو هو ته انهن مزدورن سان گڏجي ڪم ڪري، جيڪي رستي ٺاهڻ جو ڪم ڪري رهيا هئا. هي اهڙا مثال هئا، جيڪي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا هئا. ماڻهو رڙيون ڪري چوندا هئا ته، "اهو آهي انصاف. اڳي ڪنهن اهو ٻڌو نه سٽيو ته ڪنهن سرڪاري ملازم کي، هڪ غريب ماڻهوءَ کي مارڻ عيوض سزا ڏني وئي هجي. هي هڪ وڏو بادشاهه آهي جيڪو ڏاڍو انصاف پسند آهي."

اپريل مهيني تائين ٻارهن هزار بيمار فوجي سڀ چاڪ چڱا ڀلا ٿي ويا هئا. پر اڃا نو سو ماڻهو بيمار هئا. ان وقت تائين رستن، واهن جي ليول جو ڪم، زمينن جي عام سروي، ٻئرڪن جو ڪم هٿرادو بند تعمير ڪرڻ جو ڪم زور شور سان هلي رهيو هو. تنهن ڪري سر چارلس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سرڪار ڏاڍي مشهور ٿي وئي هئي. ان ڪان سواءِ سنڌ جي بلوچن کي فوج ۾ ڀرتي ڪري، انهن جون ٻه بٽالون جوڙيون ويون هيون. ائين ڪرڻ سان ريگيولر فوج جو سنڌ ۾ تعداد گهٽايو ويو هو. جنرل کي اها چڱيءَ ريت خبر هئي ته هنن بٽالين ۾ اهڙا ماڻهو به ڀرتي ڪيا ويا آهن، جيڪي مياڻيءَ جي جنگ ۾ شريڪ هئا. انهيءَ ڪري امڪان هو ته متان اهي سکن جا همدرد هجن. پر جيڪڏهن هنن ماڻهن بغاوت ڪئي ۽ انگريز سرڪار جي فوجي نوڪري ڇڏي ڀڄي ويا ته ڪوبه فرق ڪونه پوندو. چاڪاڻ ته هنن ماڻهن کي هٿيار مختصر ڏنا ويا آهن. اهڙي ريت جنرل کي ڪنهن به بغاوت جي ڪابه پرواهه ڪانه هئي. هن فوج جون ٻه ريجمينٽون بمبئي سرڪار ڏانهن موٽائي موڪليون هيون. کيس يقين هو ته جيڪڏهن پنجاب جون حالتون پرسڪون رهيون ته سنڌ ۾ به امن امان رهندو. پنجاب جي وڳوڙري وايو منڊل ڪري، پرپاسي وارن قومن ۾ بيچيني ڪاهي پئي هئي. انهيءَ ڪري ڪڇيءَ واري جابلو علائقي ۾ بيچيني ڪاهي پئي هئي. سکر جي ڪمانڊنگ آفيسر ڪڇيءَ جون حالتون ڏسي ڪجهه ڇرڪي ويو هو.

جنرل سيل Sale به انگلينڊ ويندي اچي ڪراچي پهتو. هن جي غير حاضري ۾ ٿوري وقت لاءِ سنڌس هڪ جانشين رکيو ويو هو. جنهن تي خيالي قسم جو دشمن جو خوف ويٺل هو. متس اهو به پئُ ويٺل هو ته سرڪار وٽان امدادي فوج پهچڻ ڪان اڳ، جابلو علائقي جا ٻارهن هزار باغي، کيس قتل ڪري ڇڏيندا. افغانستان ۾ انگريزن جو وڏو قتل عام ٿيو هو. جنهن ڪري هندستان ۾ انگريز ڏاڍو ڏڄي ويا هئا. سندن دلين مان افغانستان جو خوف اڃا ٻاهر ڪونه نڪتو هو. نيپولين بوناپارٽ هڪ اهڙو ڪمانڊر هو جيڪو جنگ ۾ گهٽا فوجي استعمال ڪندو هو ان ڪري سندس فوج جا حوصلا سدائين بلند رهندا هئا. سر چارلس آڏو نيپولين جو مثال هو. هن جي هڪ ماتحت فوجي عملدار تي افغانستان جو خوف ويٺل هو. تنهن ڪري هن برگيڊيئر سمپسن Sumpson کي اتر سنڌ جو ڪمانڊنگ آفيسر ڪري موڪليو هو. انهيءَ زماني ۾ ڪٽڪ جا لابارا هئا. هڪ سو پندرهن بلوچ سردار به انهيءَ زماني ۾ اچي سر چارلس جي پيش پيا هئا. گذريل سال هن لارڊ ايلنبرو ماتحت فوج کي مدد ڏيڻ جو پڪو پهه ڪيو هو پر سندس فوج ۾ اوچتو بيماري اچي پئي

هئي. ان کان سواءِ ڪي بيا سبب به پيدا ٿي پيا هئا. تنهن ڪري ڪيس ائين ڪرڻ ۾ دير ٿي وئي هئي.

## راڻيءَ جي تصوير کي سلاميءَ جو حڪم

هن انهيءَ سال سنڌ جي بلوچ سردارن ڏانهن اطلاع روانو ڪيو هو ته هو حيدرآباد جي دربار هال ۾ اچن ۽ راڻيءَ جي سالگره واري ڏينهن تي اچي سندس تصوير جو سلام ڪن.

اهڙو وڏو ڏڻ ملهائڻو ته ضرور هو ڇاڪاڻ ته اهڙي ڳالهه لازم به هئي، انهيءَ ڪري جو بلوچ سردارن جي فرمانبرداري جي آزمائش ونڻي هئي ته اهي راڻيءَ جي تصوير آڏو جهڪي ڪيس سلام ڪن ٿا يا نه. ٻيو ته آس پاس وارن قبيلن ۽ قومن کي ڇتاءُ ڏيڻو هو ته سنڌ تي هاڻي برطانيه سرڪار جي حڪومت آهي، جنهن کي هتان جا ماڻهو دل ۽ جان سان قبول ڪري چڪا آهن. جڏهن لارڊ ايلنبرو اهڙي رسم ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ سر چارلس نيپئر اهڙي ڏينهن ملهائڻ جي بندوبست ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته کين توقع هئي ته هڪ يا وڌ ۾ وڌ ٻه ٽي هزار بلوچ سردار تصوير جو سلام ڪرڻ مس ايندا. جن سان گڏ نوڪر چاڪر هوندا. پر ان مقرر ڏينهن تي هشام بلوچن جا اچي لٿا. جن جو تعداد ويهن ٽيهن هزارن کان به مٿي هو. اها جڻ دربار منعقد ڪانه ٿي هئي، پر جڻ هڪ وڏي فوج اچي لٿي هئي، جيڪا هڪ وڏي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار هئي. بلوچ سردارن جي ايڏي وڏي انگ جي انتظام ڪرڻ کي منهن ڏيڻو پئجي ويو هو. وايو منڊل ڏاڍو ڳنڀير هو. حڪمت عملي اهڙي ڪرڻي هئي جو تصوير کي سلام ڪرڻ واري رسم خير عافيت سان گذري وڃي. پر سر چارلس ڏاڍو مطمئن هو. کيس يقين هو ته سندس هڪ دڙڪو هنن اڻ ڪونيل ۽ اڻ وٽندڙ ماڻهن کي ڇڙ وڇڙ ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ان جي خلاف بمبئي ۽ انگلينڊ ۾ ڪن ماڻهن جي اها واويلا هئي ته سنڌ جي بغاوت کي منهن ڏيڻ لاءِ وڏيءَ انگريزي فوج جي ضرورت آهي.

## راڻيءَ جي تصوير جي سلاميءَ لاءِ پهتل بلوچ سردارن جو ڪٿ

اها حقيقت آهي ته جڏهن ماڻهن جا ايڏا وڏا انبوهه گڏ ٿيندا آهن ته دنگو فساد ٿي پوندو آهي. اهڙو خوف به موجود هو. اهڙو ڪو بلوچ قبيلو رهيل ئي ڪونه هو جنهن مياڻيءَ ۾ مري ويندڙن جو اوسيس نه ڪيو

هجي. هڪڙي جهونڙي جو تہ هنن جنگين ۾ سارو قبيلو ئي ڪُسي ويو هو ۽ فقط هو اڪيلو وڃي بچيو هو. پر پوءِ بہ هو سر چارلس نيپئر کي ڏسڻ آيو هو جنهن کيس سوکڙيون پاکڙيون بہ ڏنيون. جيڪي هن جهونڙي خوشيءَ سان ورتيون هيون. سر چارلس ساڻس همدردي ڪندو هو. جهونڙو ڏکن سورن جو ستايل هو. پر ڪڏهن بہ ڪاوڙ جو اظهار ڪونہ ڪيو هٿائين. ان هوندي بہ اهو انبوهہ غيرتمند بلوچ سردارن جو انبوهہ هو جن جا پلاند ڪڏهن پراٽا ڪونہ ٿيندا آهن. ٽالپر بلوچ نسل جي زوال ڪري اهي جڻ سودائجي پيا هئا. هنن جو قتل تہ جڻ ڪو ڏوهہ ئي ڪونہ هو. هنن جو مقدر تي ويساهہ هو تنهن ڪري حياتيءَ جو ڪو خيال ئي ڪونہ ڪندا هئا. انهن مان ڪي پر جوش مهمان هئا. تنهن ڪري خوف هو تہ متان ڪو موت جو واقعو نہ رونما ٿي پوي. جنهن جي نتيجي ۾ وڏي فساد ٿيڻ جو خدشو هو ۽ اهڙو وڏو امڪان بہ موجود هو. پر اهڙيءَ ڳالهہ جو ڪو اڳوات منصوبو جوڙيو ڪونہ ويو هو. اهڙن خطرن وقت سر چارلس جي دل ڏاڍي مطمئن هوندي هئي. ائين جيئن جنگ دوران هوندو آهي. هو جڏهن ڪنهن بہ بغاوت جو ٻڌندو هو تہ سندس خاص رڳ سُسي سوڙهي ڪانہ ٿي ويندي هئي. ماضيءَ جي واقعي مان بہ پتو پوي ٿو تہ ڪنهن خوف وقت سندس رڳ سُسنڊِي ڪانہ هئي.

## هڪ تلوار باز جو قصو

قصو هن ريت آهي تہ هندستان جي هڪ تلوار باز خوشيءَ جي موقعي تي هڪ وڏي ميڙاڪي ۾ اعلان ڪيو هو تہ هو پنهنجي تلوار جي تيز ڌار سان ماڻهوءَ جي هٿ جي ترِيءَ تي اهڙي ليڪ ڪڍي سگهي ٿو جنهن جو ماڻهو کي زخم بہ ڪونہ ٿيندو. جنرل چارلس اها ڳالهہ ٻڌي، هن ڏانهن ساڄو هٿ وڌايو. تلوار باز سندس وڏو فوجي عهدو ڏسي ڏڄي ويو ۽ هڪ ميووي کي سڌيءَ ليڪ ۾ ڪَٽُ ڏنائين. جڏهن مٿس چيل لفظن تي عمل ڪرڻ لاءِ زور پريو ويو تہ هن چيو هي اهڙو هٿ نہ آهي، جنهن جي ترِيءَ کي تلوار سان ليڪ ڪڍجي. تنهن ڪري هن انڪار ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ جنرل ڏانهنس کابو هٿِ وڌايو جنهن کي ڏسي تلوار باز چيو تہ هن هٿ جي ترِيءَ تي نشان ڪڍڻ صحيح ٿيندو. پر پوءِ بہ تلوار سان ليڪ ڪڍڻ کان پڙ ڪڍي بيهي رهيو. زور پرڻ کان پوءِ هن تلوار کي ائين اولاريو جڻ تہ اها هٿ تي هٽندو هجي. اهڙيءَ ريت هن تلوار اولاري بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرا ڏڪ کي روڪي ورتو ۽ چيائين تہ ڪيس اهڙي ڪاميابيءَ جو يقين ڪونہ آهي. وري بہ ڪيس اهڙي ڪوشش ڪرڻ لاءِ چيو ويو. هن تلوار هئين ۽ هٿ تي تلوار سان ليڪ نهي پئي ۽ اتان ڪلي ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي ۽ تلوار جي تيز ڌار پنهنجو نشان ڪري وئي. پر ان سان زخم تيو نہ ئي رت جي ننپ اُڙهي هئي.

## بلوچ سردارن جو ميڙ ۽ هر هڪ سان روبرو ملاقات واري حڪمت

ماڻهن جي ان ڏينهن واري وڏي انبوهہ ۾ هڪ سياسي مفاد بہ لڪل هو. جنهن شخص (نيپئر) لاءِ خوف ۽ خطري جي تہ ڳالهہ ڪانہ هئي، پر ان جو مقصد انتظام رکڻ ۾ ڦڙتائي ۽ چالاڪيءَ جو مظاهرو ڪرڻ هو. اهڙي ڳالهہ اڳ ڪاتي بہ بيان ڪئي وئي آهي. پهرين ڳالهہ اها ڪئي وئي هئي تہ سردارن کي بچائڻ جي بهاني اتر سنڌ ڏانهن ويو هو ۽ جنرل سمپسن سان وچي مليو هو. ائين ڪري هن سردارن جي وڏي حصي کي ختم ڪري ڇڏيو هو. حيدرآباد ۾ بلوچ سردارن سان ملڻ واسطي قليلي ۽ سنڌوءَ جي وچ واري علائقي جي چونڊ ڪئي وئي هئي، جيڪو قليليءَ جي ساڄي پاسي ۽ خندقن واري فوجي وانڊ (ڪئمپ) جي سامهون ۽ سنڌوءَ جي کاٻي پاسي هو. بلوچ سردارن سان ملاقات وقت هٿياربند آگبوٽ ٻنهي وهڪرن ۾ آمد رفت ڪري رهيا هئا. اهڙي ريت آگبوٽن جا ٻئي سلسلا انگريزي فوج کي تحفظ فراهم ڪري رهيا هئا.

هن قسم جو مخصوص بندوبست انهيءَ مقصد سان ڪيو ويو هو تہ جيئن هنگامي حالتن تي ضابطي رکڻ کان انگريز فوج جي وڏي تعداد کي بچائي ونجي. ائين ڪرڻ ضروري بہ هو چاڪاڻ تہ گرمي بہ هئي. ٻيو ڪارڻ اهو بہ هو تہ خوف ڪري بلوچ سردارن جي اشتعال ۾ اچي وڃڻ جو بہ اڊڪو هو. ان کان سواءِ بلوچ سردار بحث بہ اهڙي طريقي سان ڪري رهيا هئا. جيڪو سنڌن روايتي طريقو آهي. اهو بہ نظر اچي رهيو هو تہ هو شڪن شبهن ۾ ورتل هئا تہ جنرل سر چارلس سنڌن قتل عام جو ارادو ڪري چڪو آهي. بلوچن جي متوقع ميڙاڪي جي انتظام رکڻ لاءِ چار هزار فوج، سورهن توبون هيون، جن کي قلعي واري فوج جي مدد حاصل هئي. ان کان سواءِ ملاقات واري جاءِ ٻن درياهن جي وچ تي ۽ خندقن واري فوجي ڪئمپ جي سامهون ويجهو ئي هئي. هٿياربند آگبوٽن جي آمد رفت جاري هئي. درياه جي ڪناري تي ٻيهي قبيلي جي

سردار کي سڏ ڪيو ٿي ويو. سڏ ڪرڻ کان سواءِ ڪوبہ سردار درياه پار ڪري ڪونہ ٿي سگھيو. جڏهن تہ سردار پنهي درياهن جي ڪنارن سان سڏ جي اوسيئڙي ۾ ويٺا رهيا. اهو بہ اعلان ڪيو ويو هو تہ فقط سردار کي هٿيار کڻي اچڻ جي موڪل هوندي. جنرل سر چارلس هوڏي ۾ هٽيلو هو ۽ سندس آواز بہ رکو هو. جيڪو پين مٿان چائنجي ويندو هو. سندس سوچ هئي تہ هنن جهنگلي قسم جي جهيڙاڪن مٿان خوف مسلط ڪجي جن مان ڪيترا ڪيس فقط جنگ ڪري سڃاڻيندا هئا. پر هن کي اڳ ڏٺو ڪونہ هئائون. سندس خواهش هئي تہ سندن مزاج کي بہ پرکي ڏسجي تہ هو بغاوت ڪرڻ واسطي تيار آهن يا نہ. اهڙي دربار مئي مهيني ۾ منعقد ڪرڻ لاءِ سوچيو ويو هو.

## سر چارلس نيپئر جو ڪراچيءَ کان حيدرآباد ڏانهن سفر

هڪ ڏينهن سر چارلس پاڻ سان سٺ اريگيولر هارس جا فوجي سپاهي ساڻ گڏ ڪٽي نڪتو ۽ جوکين واريءَ ايراضيءَ وچان غير معروف رستن سان سفر ڪندو حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيو. کيس سختيءَ سان مشورو ڏنو ويو هو تہ هو ائين نہ ڪري. هن اهو بہ ٻڌو هو تہ اهڙن رستن سان سفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ليڪن هن اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪري ڇڏيون. پر جڏهن هو اتان گذريو تہ ڏٺائين تہ اهو علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد هو. جابلو علائقو تہ هو پر ٽڪرن جون چوٽيون ننڍڙيون هيون، جن وچان گذرڻ لاءِ سولا لڪ هئا. هي اهي ٽڪريون هيون جن بابت کيس ٻڌايو ويو هو تہ ڏاڍيون ڏکيون آهن ۽ انهن وچان سفر ڪرڻ ۾ ڏاڍيون اهنجيون آهن. انهن ٽڪرين منجهان هڪ ڏانهن سندس ڌيان ڇڪجي ويو. ڇاڪاڻ تہ ان جي پٿرن جو وزن ۽ رنگ مختلف هو. جنهن مان معلوم ٿي رهيو هو تہ ان ۾ لوهہ موجود آهي. هڪ بلوچ سردار کيس ٻڌايو تہ هتان لوهہ هٿ ڪري هٿيارن ناهڻ ۾ ڪم آندو ويندو آهي. حيدرآباد ۾ رهڻ دوران هو مياڻيءَ وارو جنگي ميدان بہ ڏسڻ ويو. جتي بلوچ سردارن مير جان محمد جي قبر مٿان مقبرو جوڙايو هو. هو سردار ڪئپٽن مڪمردو McMurdo سان مقابلو ڪندي مارجي ويو هو. پيو مقبرو هڪ بهادر تلوار باز فوجي سپاهيءَ جي قبر مٿان جوڙايو ويو هو. جنهن ڪئپٽن مارسٽن Marston سان مقابلو ڪندي جان ڏني هئي. هي مقبرو ان جاءِ تي تعمير ڪيو ويو هو جتي اهو فوجي ڪريو هو. جان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد جو مقبرو انهيءَ جاءِ تي هو جتي يورپي فوجي وڙهي رهيا هئا. هن حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي بهادر يورپي فوجين جي قطارن کي چيري اڳتي نڪري ويو هو. سر چارلس هن وقت قانون ڏيندڙ ڪو فوجي ڪونہ هو پر پوءِ هن بهادر انسان جي مقبري ڏانهن فوجي انداز سان ڏنو جيڪو عزت ۽ احترام وارو هو. سندس نظرن ۾ بلوچ نسل جي بهادري ۽ مهانتا موجود هئي. هن جي دلي خواهش هئي جيڪر هيءُ بهادر نسل سندس حڪومت ۾ سهڪار ڪري تہ ڏاڍو چڱو ٿي پوي.

## حيدرآباد کان ڪراچيءَ واپسي تي بگٽين، جڪراڻين ۽ ڏومبڪين جي بغاوت بابت خبر

جڏهن اهو ڪم پورو ٿيو جنهن لاءِ هو حيدرآباد آيو هو تہ وري ٻئي رستي سان ڪراچيءَ ڏانهن موٽيو هو ۽ اهي ڳالهيون نوٽ ڪندو آيو هو جيڪي هن ملڪ جي مستقبل جي ڀلي لاءِ هيون. هي جنرل سنڌ جي ترقيءَ وارين ڳالهين ۾ مشغول هو جو ڪيس بگٽين، جڪراڻين ۽ ڏومبڪين جي بغاوت جو اطلاع مليو. جن مير شير محمد جي ايارڻ تي اهو ڪم ڪيو هو. بلوچن لاءِ اها هڪ عام ڳالهہ هوندي هئي تہ هو قبائلي ويڙهہ ۾ عورتن جي بي حرمتي ڪونہ ڪندا هئا، نہ وري ٻارن کي ايذائيندا هئا. پر هنن جڏهن ميان جي ڪوٽ نالي ڳوٺ تي حملو ڪيو تہ چاليهہ مرد ۽ عورتون ڪهي وڃي پار پيا. ان کان سواءِ سولائيءَ سان چوڙين هٿ ڪرڻ جي غرض سان ننڍڙين ڇوڪرين جي ٻانهن ڪپڻ کان بہ ڪونہ مڙيا. سنڌ جي سرحد سان اهڙا ماڻهو آباد هئا، جيڪي عام انسانن مٿان ايذا ڇرڪائيندڙ ظلم ڪندا هئا ۽ سندن ملڪيتون بہ لٽي ڦري هليا ويندا هئا. تنهن ڪري هن پڪو پهہ ڪيو تہ هو پاڙي وارن سان اهڙي ڪئونس ڪرڻ ڇڏي ڏين. سر چارلس ان جا بہ طريقا سوچيا هئا. هڪ تہ انهن مظلوم ماڻهن جي مدد ڪجي تہ اهي هنن ظالمن سان پاڻ مقابلو ڪن. ٻيو طريقو هن خلاف اريگيولر فوج کي ڪٽب آڻجي ۽ کين جابلو علائقن مان هميشہ لاءِ تڙي ڪڍي ڇڏجي. پهرئين طريقي مان ڪيس اميد هئي تہ بلوچ قبيلا سنڌ جي سرحد کان گهڻو پري هليا ويندا. سندس مرضي بہ ائين ڪرڻ جي هئي، پر هن سوچيو تہ ٻئي طريقي کي استعمال ڪرڻ ۾ مشڪلاتون آهن. پر هنن ٻنهي مان هڪ نہ تہ ٻيو طريقو تہ لازمي ڪٽب آڻڻو هو. اهڙو ظلم تہ سهڻ جهڙو بہ ڪونہ هو. جيڪڏهن اهڙين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهين کي ڍر ڏبي تہ اڳتي هلي آزار بڻجي پونديون. سنڌن اهڙن ظلمن ڪري سنڌ ڪڇيءَ ۽ گنداوا وارو علائقو ۽ پنهنجا اباڻا تڏا ڇڏي، لڏا پٽي ڪيڏانهن ڪک پن ٿي ويا هئا ۽ سارو علائقو خالي ٿي ويو هو ۽ حالتون رحم جوڳيون هيون. ان کان سواءِ شڪارپور ۽ ڦلجيءَ وارو علائقو بہ ٻڙيانگ ٿي ويو. جتي فقط بہ چار سنڌين جا ڳوٺ وڃي رهيا هئا. ان علائقي ۾ پوکي راهي ڪرڻ لاءِ تہ وانگي بہ ڪونہ رهيو هو. انهيءَ علائقي ۾ بجار Bejar ڊومبڪي جون ڦهري ڪارروايون جاري هيون، جيڪو بہ چار سؤ رولو ماڻهو ساڻ ڪري وڃي سنڌين جا ڳوٺ ڦريندو لٽيندو هو. انهيءَ ڪري ان جُوءِ ۾ جيڪي بہ چار ڳوٺ هئا. سي بہ لڏي پنڻ لاءِ آتا وينا هئا. بجار خان ڊومبڪي همت ۽ بهادريءَ ڪري ڏاڍو مشهور هو جيڪو انگريزن کان نفرت ڪندو هو. ڪيس افغان جنگ دوران ڪئپٽن پوسٽن دغا سان پڪڙي ورتو هو. جيڪو انهيءَ زماني ۾ سب پوليٽيڪل ايجنٽ هو. هن ڊومبڪي ڏاڙيل جون ڳالهيون بيان نہ ٿيون ڪري سگهجن. چاڪاڻ تہ آزاد ٿيڻ کان پوءِ هو انگريزن جو وفادار ۽ تابعدار ٿي ويو هو ۽ اهڙو معاهدو بہ ڪيو هئائين. هي ماڻهو قلات جو رعيتي ۽ انگريزن جو اتحادي آهي. پر پوءِ بہ سنڌ جو هڪ حصو ڦري لٽي پينگ ڪري ڇڏيو اٿائين.

سر چارلس نيپئر قلات جي خان کي چار ڏوڪڙ ڏئي پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي. پر پوءِ بہ هو افغانستان جي سردارن جي ڇنبي ۾ آهي، جيڪي ڪيس پنهنجي مرضيءَ موجب هلائيندا رهندا آهن. هي اجا ٻار آهي. سندس مجوتي بہ گهٽ آهي. تنهن ڪري پنهنجي درباري ماڻهن تي ضابطو رکي ڪونہ ٿو سگهي. بجار ڊومبڪي بہ سندس چئي آکئي ۾ ڪونہ آهي. ان کان سواءِ هن کي قلات جي سردارن جي ڳجهي مدد حاصل آهي.

هي وايو منڊل ڏاڍو ڳنڀير هو جنهن ڪري ڏاڍي بيچيني پيدا ٿي وئي هئي. بلوچ ڌاڙيلن ڪري سنڌ جو هي سرحدي علائقو هوريان هوريان خالي ٿي رهيو هو. جيڪڏهن سر چارلس هن ڏاڍ ۽ ڏچي کي منهن نہ ٿي ڏنو تہ پر وارن علائقن جي ماڻهن جي دلين مان سندس عزت ۽ وقار گهٽجي وڃڻ جو امڪان هو. هي فوجي ڪارروائيءَ جهڙيون ڳالهيون هيون، جن کان لنوائڻ بربادي کي سڏڻ برابر هو اهڙين حالتن کي نظر ۾ رکي ”اريگيولر هارس“ جي فوجي دستن کي سنڌ جي سرحد سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقرر ڪيو ويو. جنهن ڪري ڌاڙن ڦرين جي واقعن ۾ گهٽتائي اچي وئي هئي. ڪين جيڪو بہ ڌاڙيل هٿ اچي ويندو سو سزا کان بچي ڪونہ سگهندو هو. هي ڌاڙيلن جي ننڍين ٽولين خلاف انفرادي ڪارروايون هيون، جن جا نتيجا ڏاڍا سٺا نڪتا هئا. پر گرميون ويجهو اچي رهيون هيون. ان چتيءَ موسم ۾ فوج جو اتي رهڻ ڪنهن جوکي کان گهٽ ڪونہ هو ۽ سنڌن زندگين کي نقصان رسڻ جو امڪان هو. اڳئين سال بہ ڏاڍيون گرميون ٿيون هيون. ان دور ۾ مير شير محمد کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون ويون هيون. انهيءَ لاءِ تہ جيئن سنڌ جي اوچتي فتح کي وڌيڪ موثر بڻائي سگهجي. اهو مقصد هن جنگي ڪاروائن کي جواز ڏيڻ لاءِ مناسب بہ هو. پر ڌاڙيلن کي ملندڙ اهڙيون سزائون نظر ايندڙ خطرن کان وزن ۾ گهٽ هيون. تنهن تڏي موسم جي اچڻ تائين فوجي ڪارروائن کي مهمل ڪيو ويو هو.

## بجار ڊومبڪي کي سوگهو جهلڻ جي تياري

سوچيو ويو هو تہ هنن نيم وحشي ماڻهن کي مهذب ۽ بااخلاق بڻائڻ لاءِ تشدد کان ڪم نہ ونجي، پر ڪين اهڙيون ڳالهيون نرميءَ ۽ اخلاق سان سمجهايون وڃن. اهڙيون ڳالهيون سوچي ويچاري هنن کي چيو ويو تہ جيڪڏهن هاڻي ڌاڙا ڦريون ڇڏي ڏيندا تہ ڪين اڳيان ڪيل جرم معاف ڪيا ويندا. پر جيڪڏهن هو نہ مڙيا تہ سنڌن علائقن کي صفا تباهہ ڪيو ويندو. اهڙيون ڳالهيون اجا هليون پئي جو ظلم جو هڪ واقعو رونما ٿيو. جنهن مان سمجهہ ۾ اچي رهيو هو تہ فوجي ڪارروائي کان سواءِ ڪو ٻيو رستو ڪونہ رهيو آهي. سر چارلس جو خيال هو تہ بجار ڊومبڪيءَ تي اوچتو حملو ڪري، ڪيس گرفتار ڪيو وڃي، جو انهن ڏينهن ۾ ڦليجي شهر ۾ موجود هو. اٺ سوار فوج جو ڪمانڊر فزجيرالڊ بہ ڪنهن زماني ۾ هن شهر ۾ رهندو هو. سمجهيو پئي ويو تہ ڪيس اتان جي هر جڳهہ جي خبر هوندي ۽ اهو ڪيس ننڊ پئي گرفتار ڪري وٺندو. اهڙيون ڳالهيون جنرل جي خيال مطابق مناسب هيون. پر ڪيس اهو ڪونہ ٻڌايو ويو تہ هو ڦليجي شهر جي چوڌاري اوچو ڪوٽ ڏنل آهي. جيڪڏهن ڪيس اهڙي خبر هجي ها تہ هو هرگز ائين ڪرڻ جو حڪم ڪونہ ڏئي ها. جنرل کي پتو هو تہ بجار ڊومبڪي ڏاڍو سچيت آهي، جنهن کي فوجي ڪارروائي وسيلي گرفتار ڪري ڪونہ ٿو سگهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن سندس گرفتاريءَ ۾ ناڪامي ٿي ته اها سياسي ساک لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي ۽ اهڙيءَ ڪارروائيءَ ڪندڙ فوج لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري هن مذڪوره ڪارروائي کي نهايت ڳجهو رکيو ۽ حڪم ڪيو ته سندس هيٺ بيان ڪيل ڳالهين تي عمل ڪيو وڃي:

اٺ سوار رستا سٺ ميل في ڏينهن جي رفتار سان قليجي پهچي وڃڻ گهرجن. اريگيولر هارس هنن جي مدد واسطي سندن پٺيان سفر ڪن. هنن جي سهائتا لاءِ انفنٽري کي به اڳتي وڌڻ گهرجي. جيڪا بندوقن سان مسلح هجي. هن ڪارروائين جي ڪمانڊ ڪنهن نوجوان آفيسر جي سپرد نه ڪئي وڃي، نه وري سکر ۽ شڪارپور جي عارضي ڪمانڊرن حوالي ڪئي وڃي ۽ تيستائين ڪابه پيش رفت نه ٿيڻ گهرجي، جيستائين جنرل سمپسن اتي پهچي وڃي، جنهن کي اتر سنڌ جو چيف ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي هن خاص ڪارروائي جون هدايتون به ڏنيون ويون آهن. هن جي اهڙن اڳواٽ قدمن کڻڻ ڪري، ڪيس ڪاميابيءَ جي پڪ هئي. پر اهڙيون ڪارروايون، وقت، حالتن ۽ شخصيتن تي مدار رکنديون آهن. پر جلد بازيءَ کان ڪم ورتو ويو. جنرل سمپسن جي اچڻ تائين انتظار ڪونه ڪيو ويو هڪ ٻئي سان سهائتا ڪرڻ واري ڳالهه ڏانهن به توجهه ڪونه ڏنو ويو ۽ اهڙيءَ ڪارروائيءَ کي ڳجهو به ڪونه رکيو ويو.

ڪئپٽن ٽئٽ Tait هيٺيان پنج سؤ گهوڙي سوار ۽ قد ڪاٺ جي ڪري سڃاپرو هو ۽ قلعي جي ديوار تي چڙهي بيٺل بندوقبازن به ڪيس سڃاتي ورتو هو. پر هو بنا زخم کائڻ جي سلامتيءَ سان موٽي آيو هو. هو جوابي حملي ڪري ناڪام ٿي موٽي آيو هو ته هي ردعمل طور هڪ خطرناڪ قسم جو حملو ڪري ها. پر ڪئپٽن ٽئٽ فوج کي پوئتي هٽڻ جو حڪم ڏنو. سلامتيءَ سان پوئتي موٽي پهچڻ جو ڪو امڪان به ڪونه هو. پر وچ بريٽ ۾ هڪ قتل ڳوٺ پرسان پاڻي ملي ويو هو. جنهن جو نالو چٽر Chuttar هو. اتفاق جي ڳالهه اها ٿي هئي جو دشمن کان هي کوهه پورڻ وسري ويو هو. جنهن جو مقصد انگريز جي پيش قدمي کي روڪڻ هو. فوج چٽر کان هلي خانگڙهه پهتي هئي. هيءُ ويجهي ۾ ويجهو ماڳ هو جيڪو سنڌ جي حدن اندر هو. گرمي به سخت هئي. فوج به لڳاتار سفر ڪندي پنجهتر ميل پنڌ هٽي، هن ماڳ تي پهتي هئي. ايڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشت ڪشالي ڪانپوءِ بہ فوج هيٺي ڪانہ ٻولي هئي. سفر دوران فزجيرالڊ هينان بہ سو اٺ سوار هئا جيڪي رڻ پٽ ڏانهن تيزيءَ سان پيش قدمي ڪندا رهيا. پر رستو وڃائي ويٺا ۽ صبح جو انين وڃي اچي هڪ قلعي وٽ بيٺا. جيڪي ڏاڍا ٿڪل ۽ بيحال هئا. قلعي اندر بيجار ڊومبڪي جا سوين بندوقباز ويٺا هئا. هن ماڻهوءَ ڪي اهڙي فوجي ڪارروائي جي اڳواٽ ئي معلومات ملي وئي هئي. فزجيرالڊ نهايت تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي ماڻهن سان گڏجي اچي قلعي جي ڦاٽڪ وٽ رسيو. هنن پائوڊر وسيلي ان ڦاٽڪ کي اڏائڻ جي اٿين ڪوشش ڪئي، جيئن افغان جنگ دوران لارڊ ڪين Kean غزنيءَ جي قلعي جي دروازي کي اڏائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر بگٽين هڪ بهادر فوجي عملدار ۽ ٻين نون فوجين کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ايڪيهہ ماڻهو گهائل ٿي پيا هئا. پتو نہ آهي تہ فزجيرالڊ ڪيئن بچي ويو. قلعي تي حملي ڪرڻ وارن ماڻهن ۾ طاقت، بهادريءَ وارو جذبو هو. فقط هڪ فوجي سپاهي ٿڪي ساٿو تي پيو ۽ هلڻ کان لاچار هو. جنهن کي پنيان اينديڙ هڪ جکراڻيءَ قتل ڪري ڇڏيو.

ان قتل جي انتقام جو موقعو بہ جلد ئي ملي ويو هو. اهو ساڳيو جکراڻي جاسوسي ڪرڻ جي مقصد سان هڪ ڳوٺ ۾ اچي رهيو هو. جنهن کي ڳوٺاڻن سوگهو ڪري انگريز انتظاميہ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهو جکراڻي ڪو مشهور ڌاڙيل هو. جنهن کي جلد ئي ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو. پوئتي هٽڻ واري معاملي ۾ فوج ڏاڍي بهادريءَ ۽ سهپ جو مظاهرو ڪيو هو. ٻن نوجوان فوجي عملدارن کي طيش اچي ويو هو. حملي ۾ هنن وڏي بهادري ۽ سهپ ڏيکاري هئي ۽ پوئتي هٽڻ ۾ بہ هنن دليري ۽ برداشت جو مظاهرو ڪيو هو. اهڙي قسم جي ڳنڀير صورتحال ڏسي، سر چارلس کان تہ پنهنجي تڪليف وسري وئي هئي. پهريائين تہ هن ارادو ڪيو هو تہ جهڙي تهڙي حال سان سکر هليو وڃي. پر ڪيس هن ڳالهہ روڪي ورتو ڇاڪاڻ تہ هن جنگين وقت پنهنجي دلي قوت ۽ جسماني طاقت جو وڏو مظاهرو ڪيو هو ۽ سندس بهادريءَ جي ڳالهہ ٻيهي وئي هئي.

ان وقت سندس حيثيت ڪمانڊر ۽ فاتح جي هئي، تنهن ڪري هن سوچيو تہ هو ان جاءِ تي پهچي جا ڪَري سگهندو جتي سندس طاقت ڀرپور حملي ڪرڻ جهڙي ڪانہ رهي آهي. اهو جيڪڏهن بيماريءَ ۽

ڪمزوريءَ دوران اتي پهچندو ته سندس فاتح ۽ ڪمانڊر واري عزت ۽ وقار اهو ساڳيو ڪونه رهندو. هن ڏبي واري جنگ ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ کان پوءِ سمجهيو هو ته عمرڪوٽ جو قلعو اهڙو آهي، جنهن کي مير شير محمد مزاحمت لاءِ ڪتب آڻي سگهي ٿو. پر سمجهيو هئائين ته وٽس ايترو وقت ڪونه آهي جو هو پاڻ عمرڪوٽ تي وڃي گهيرو ڪري. ساڳيءَ ريت هن وقت به هو شخصي طور وڃڻ لاءِ تيار ڪونه هو ۽ سوچيو هئائين ته جڏهن موسم صحيح هوندي ته انهيءَ جنگي مهم جي پاڻ اڳواڻي ڪندو.

## چانڊيا ۽ مزاري قبيلن جي سردارن جو انگريزن سان وفاداري جو وچن

پر هو سوچي چڪو هو ته انگريزي فوج جي هن ناڪاميءَ ڪري ڪهڙا نتيجا نڪري سگهن ٿا ۽ ان لاءِ اڳواٽ چا ڪرڻ گهرجي. پر چانڊيا ۽ مزاري قبيلن جي سردارن اهڙو موقعو پاڻ پيدا ڪري ورتو جنهن وسيلي باغي بلوچ قبيلن کي مات ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هو. چانڊين جو ته سنڌي بلوچ قبيلو هو. جڏهن ته مزاري سردار جو تعلق قلات سان هو. جڏهن هنن ٻنهي جٽن قليجي واري ناڪاميءَ جو ٻڌو ته هنن پاڻ مرادو بجار ڊومبڪيءَ خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ تلوارون ڪنيون هيون. ان کان سواءِ هنن شير محمد خلاف وڙهڻ جو اعلان ڪيو، جيڪو سنڌن اڳيون حڪمران هو. چانڊين جو سردار ولي محمد هو جنهن وفاداريءَ جو مظاهرو ڪندي پنهنجون خدمتون انگريز سرڪري جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون. سندس اهڙيون خدمتون اڪيون ٻوتي قبول ڪيون ويون هيون. چاڪاڻ ته گرميءَ جي موسم دوران ڌاڙيلن جو اهڙي طريقي سان ڏيان ڇڪائڻ ضروري به هو. تڏي موسم دوران ٻنهي ڏرين جو اتحاد وڏيڪ فائدي وارو ثابت ٿي سگهي ٿو. جهونڙو چانڊيو سردار پنهنجي ڏنل وچن کي پاڻي ڏيڻ ۾ سست ۽ ڍرو ڪونه هو. هن 15 مئي کان اڳ چاليهه جکراڻين کي قتل ڪري، سندن پنج سو کان وڏيڪ ڍور ڪاهي اسان ڏانهن موڪلي ڏنا.

## بجار جي بغاوت جي ايشيا ۾ هاڪ

مير شير محمد جي چوڻ تي فقط بجار ڌاڙن جون ڪارروايون ڪري رهيو هو. هن صورتحال مان معلوم ائين ٿي رهيو هو ته ٽالپر حڪمرانن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا اڳوڻا قبائلي سردار سنڌن پاسو ڇڏي ويا هئا. ڪوبہ ماڻهو هنن لاءِ هٿيار کڻڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. نہ وري ڪٿان ڪنهن بغاوت بابت ٻڌجي رهيو هو. ان کان سواءِ بہ وڏا ۽ اهم قبيلا رضاڪارانہ هڪ ڌاڙيل جي سرگرمين کي ختم ڪرڻ لاءِ تلوارون کڻي نڪري پيا هئا. دراصل بجار هو تہ ڌاڙيل ۽ وارداتون بہ ڌاڙيل وانگي ڪندو هو پر ساري ايشيا ۾ مشهور ٿي ويو هو ۽ سمجهيو ويندو هو تہ هي سردار آهي، جيڪو فرنگين جي پاڙ پٽي سگهي ٿو. تنهن ڪري هن جو جتي ڪٿي وڏو احترام ڪيو ويندو هو. پر هتي اهڙو ماڻهو ڪونہ هو جيڪو ٽالپرن لاءِ تلوار ٺاٺي سگهي ۽ کو سنڌن واپس اچڻ جو خواهشمند ڪونہ هو. پر ان هوندي بمبئي واري ڏر هن حالتن دوران اعلان ڪيو هو تہ ”اهڙي فرمانبرداري ۽ تابعداري ائين آهي جيئن گهٽي بگهڙجي تابعداري قبول ڪئي هئي. پر وقت اچڻ تي اهي ساڳيا بلوچ قبيلا بغاوت جو جهنڊو جهولائيندا.“

## عورتن جي قتل عام تي ڌنل چتاءُ

سنڌ جون حالتون ڏاڍيون پُرامن هونديون هيون. پر ڪڏهن ڪڏهن بلوچ خاندان ۾ عورتن جي قتل جون خبرون ٻڌبيون هيون ۽ ڪڏهن وري ڌاڙن جي وارداتن جا اطلاع ملندا هئا. سر چارلس بہ پڪو پهہ ڪيو هو تہ عورتن جي قتل ۽ ڌاڙن جي وارداتن کي ختم ڪري ساهہ پٽيندو. ان مقصد لاءِ هن پنهنجي خيال جو اظهار ڪندي چيو هو تہ ”مان اهو ڪڏهن بہ ڪونہ چاهيندس تہ عورت ائين بي گناهہ قتل ٿئي. مان چاهيان ٿو واپاري امن امان سان تجارت ڪري. مان عورتن جي ٻارهن قاتلن کي ڦاهي تي لٽڪايو آهي. جيڪڏهن ضرورت پئي تہ ٻارهن سوَن کي ڦاهي تي لٽڪائيندس. جيتري قدر ڌاڙيلن جو تعلق آهي تہ جيستائين هي ڌاڙا هڻڻ بند نہ ڪندا ۽ سٺي چال چلت جي ضمانت نہ ڏيندا تہ مان فوج وٺي سنڌن علائقا اجاڙي پينگ ڪري ڇڏيندس. جيڪڏهن اهي اسان جي حدن ۾ تلوارن ۽ بندوقن سان ايندا تہ ان جي عيوض اسان بہ سنڌن آجيان تلوارن ۽ بندوقن سان ڪنداسون. اهي ماڻهو اسان جي حدن ۾ اچي عورتن ۽ ٻارڙن کي قتل ڪري هليا ٿا وڃن، پر اسان سنڌن عورتن ۽ ننڍن ٻارڙن کي قتل ڪونہ ڪنداسون.“ هن ان موضوع تي بہ ڳالهايو هو جنهن کان هو بيچين رهندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ملتان جو حڪمران ساوڻ مل کي چتاءُ

"سک ۽ ملتاني ڏاڙن هٽڻ جي مقصد سان وچي جابلو علائقي ۾ لڪا آهن. اهڙين علامتن مان محسوس ائين ٿي رهيو آهي ته سک حڪمران جي فوج، ستلج جي ساڄي ڪنار سان ويهي وئي آهي. پر ائين ڪرڻ سان پنجابي فوجي ڇا ڪري سگهندا. ان ملڪ جي فوج پاڻ لاقانونيت ۾ ڪاهي پئي آهي ته ان کي حدن اندر رکڻ لاءِ جنگ ناگزير آهي. هندستان جي انگريز سرڪار اهو ڪونه چاهيندي ته ستر هزار هٿياربند ڌاڙيلن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي. جيڪي سندس سرحد تي آهن. پنجاب جي فوج جي خواهش آهي ته بنا ڪنهن اعلان ڪرڻ جي درياهه اڪري اتر- اولهه وارن علائقن کي ڦري لٽي تباهه ڪري ڇڏي. هندستان سرڪار وٽ ايترو پئسو به ڪونه آهي جو پنهنجي سرحد جي بچاءَ لاءِ ستلج تي فوج ويهاري ۽ سنڌ ۾ رهيل فوج جو خرچ به پري. سنڌ ۽ ملتان جون سرحدون هڪ ٻئي سان دنگئي آهن. مان اهو ڪڏهن به برداشت ڪري ڪونه سگهندس ته ملتان جو حڪمران ساوڻ مل سنڌ جي سرحد سان ڪئونس ڪري. هو ته دوستيءَ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي. پتو نه آهي ته هو دوستيءَ جو ڀرم رکندو يا نه. پر مان ته دعاگو آهيان ته هو مون کي ڪنهن به قسم جو اشتعال نه ڏياري، پر جيڪڏهن ائين ٿيو ته جنگ جو ٻارڻ ٻري پوندو. مان جنگ ڪرڻ ڪونه ٿو چاهيان. ڇاڪاڻ ته جنگ ته هر شڪل ۾ خطرناڪ هوندي آهي. جيڪا مون کي هٿيارن کڻڻ لاءِ آماده ڪندي. پر مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن پنجاب فتح ٿي ويو ته اها انسان ذات لاءِ فائدي جي ڳالهه هوندي. سنڌ جي فتح مان به انسان ذات کي ڪيترو نه فائدو مليو آهي، مونکي خوشي انهيءَ ڳالهه ڪري به ٿي رهي آهي ته منهنجا فوجي سپاهي سخت گرميءَ ۽ بخار هوندي به وڏيءَ بهادريءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن ۽ گرم آبهوا کي ڪجھ به سمجهندي، عام ماڻهوءَ کي انصاف مهيا ڪري رهيا آهن. مون کي يقين آهي ته اهي ماڻهو عقلمند آهن ۽ اسان جي فوجن جا شڪرگذار آهن. ڇاڪاڻ ته اسان جتي به پهچون ٿا ته ماڻهو اسان جي دل سان عزت ڪن ٿا ۽ پنهنجي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪن ٿا.

## حيدرآباد ۾ دربار لڳائي وفاداريءَ جي وچن وٺڻ واري رسم

هاٿي دربار منعقد ڪرڻ جو وقت ويجهو اچي ويو هو ۽ سر چارلس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو هو ۽ اهڙي ڏرتتيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هو جو سج جا ڪرڻا آگ جا اُلا ٻڻجي ويا هئا. قلعي واري ايراضي محدود هئي، جنهن ۾ ايترن گهڻن ماڻهن جو ماپڻ مشڪل هو پر اهو پئه ٻه هو ته جيڪڏهن قلعي واري ايراضي جنگجو ماڻهن سان ڀرجي وڃي ته متان ڪجهه ٿي پوي. ليڪن هاٽي بلوچن وٽ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه رهي هئي، پر اهڙو اڳوات ادڪو هئڻ ضروري به آهي. سردارن ۽ انهن سان گڏ آيل سنڌن اتالي ڪي اصول مطابق واري سان سڌ ڪري گهرايو ٿي ويو. اهڙو احوال متي به اچي چڪو آهي. هنن سردارن مان هڪ هزار اهي قبائلي سردار به هئا، جيڪي خوف ۽ بي اعتباري ڪان اطاعت قبول نه ڪري رهيا هئا. پر هنن هاٽي اچي سلام ڪيو هو. تنهن ڪري ڪين معاف ڪيو ويو هو. اهو ڏاڍو دلچسپ ۽ عاليشان منظر هو. ٻنهي درياهن (قليليءَ ۽ سنڌوءَ) جي ڪنارن سان ويهه هزار سردار اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. ڪي گهوڙن تي سوار ٿي ته ڪي پيادل اچي هتي پهتا هئا. آسمان به شفاف هو. هي مختلف رنگن جو انساني اجتماع هو. هر قبيلي ڪي هٽ ۾ پنهنجو الڳ جهنڊو هو. اهڙي ريت هر قبيلو قطار ڪيون ڪناري سان بيٺو هو. نعرن جو شور هو. سلاميءَ لاءِ توبون گجي رهيون هيون. هي بلوچ سردار انگريز سرڪار جا وفادار ۽ تابعدار هئا ۽ سيئي سختيءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا ته جيئن هو بنا ڪنهن دير جي وڃي سرچارلس جي سامهون پنهنجي سچيءَ وفاداريءَ جو عهد ڪن. جيڪو ڪانئن فقط ٻه ٽي ميل پري موجود هو. جنهن فقط چوڏهن مهينا اڳ پنهنجي ويجهن مائٽن ۽ عزيزن کي قتل ڪري، سارو جنگي ميدان لاشن سان پري ڇڏيو هو. هي ڪين پاڻ وٽ ضرور گهرائيندو هو. سردارن وچ ۾ پيو گهمندو ڦرندو هو. سون جي تعداد ۾ اُهي هن جي چوڌاري گهيرو ڪيو بيٺا هوندا هئا. پر انهن مان ڪنهن کي انتقام وٺڻ جو خيال ڪونه آيو. نه وري ڪنهن تلوار ڪٽي نفرت جو اظهار ڪيو هو. ٻئي جنگيون به زور سان لڳيون. ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي جا تلوارن جا ڌڪ به سٺا. پر ان هوندي به هي بلوچ سردار سر چارلس جا شڪر گذار هئا. جنهن ڪوشش ڪئي هئي ته ڪانئن تلوارن جا زخم وسري وڃن. ان جي بدلي هن ڪين قانون ڏنو هو. سڌارن جون ڳالهيون مشرقي خوشامد سان پريل هيون. هن مان سچي وفاداري ۽ تابعداري جهلڪي رهي هئي. هن ڪان پوءِ سردارن جيڪي

عملي سرگرمين ڏيکارين ٿا مان محسوس ٿي رهيو هو ته هيءَ انگريز سرڪار سان سنڌين سچيءَ دل واري وفاداري آهي. سنڌين اهڙا احساس به هئا جن کي غلطي تصور ڪري ڪونه ٿو سگهجي. هڪ جهونڙي سردار زوريءَ اڳتي وڃي جنرل سر چارلس سان ملڻ پئي چاهيو. پر پهريدارن کيس پوئتي ڌڪي ڇڏيو. پر هو اڳتي وڌڻ جي ڪوشش به ڪري رهيو هو ۽ رڙيون به ڪري رهيو هو ۽ وڏي آواز سان چئي رهيو هو ته مان هن کي ڏسڻ لاءِ به سو ميل پنڌ ڪري آيو آهيان. مان ساڻس ضرور ملندس. مون کي وڃڻ ڏيو.

وفاداريءَ جي هيءَ رسم ٽن ڏينهن تائين هلندي رهي. لُڪَ جي گرم گهاڙ هلي رهي هئي، جنهن ڪري چوڏهن يورپي فوجي سپاهي مري ويا. سر چارلس 86 ريجمينٽ مان هو تنهن ڪري هيءَ ريجمينٽ ڏکي وقت واري هن رسم کان بيزار ٿي پئي. اها هڪ وڏي مصيبت هئي. بمبئي واريءَ ڌر به هنن موتن تي واويلا ڪرڻ ۾ گهٽ ڪانه ڪئي. سنڌين الزام هو ته فوجن کي سر چارلس کي بچائڻ خاطر بيهاريو ويو هو ۽ فوجين جو ايترو تعداد جنرل جي ”گارڊ آف آنر“ لاءِ ڪونه بيهاريو ويو هو. اهي ”گارڊ آف سيفٽي“ هئا. چاڪاڻ ته اهي جنرل جي پرسان ڪونه بيٺا هئا. اهڙن ماڻهن کي پڪ هئي ته قتل جي انهيءَ خنجر جي نوڪ جنرل جي نوڪريءَ ۽ زندگيءَ کي ضروري متاثر ڪندي. پر ڪجهه به ڪونه ٿيو تنهن ڪري هو مايوس ٿي ويا. چاڪاڻ ته گورنر جنرل طرفان کيس اهڙو حڪم مليل هو ته وفاداريءَ جي اها رسم انهيءَ گرم موسم دوران منعقد ڪئي وڃي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن مير شير محمد کي ماٺ ڪري ويهڻ لاءِ مجبور ڪري سگهجي. اڳئين سال به ساڳي قسم جي گرم موسم دوران حملي ڪرڻ جو کيس حڪم ڏنو ويو هو. اُن جو ڪارڻ اهو هو ته هن عملي سرگرميءَ وسيلي، دير سان نڪرندڙ نتيجا جلديءَ ۾ ظاهر ٿي پيا هئا. پر اهڙا تجربا پنهنجي نوعيت ۾ ڏاڍا سخت هئا. بمبئي واريءَ ڌر جيڪا قتل خلاف هاءِ گهوڙا ڪئي هئي، سا فقط ڪاوڙ جي اظهار جو هڪ نمونو هو.

## سنڌ ۾ جاگيرن جو مستقل بنياد

هن شاندار دربار جاگيرن جي قبضي جي بنياد بابت فيصلو به ڪيو هو جيڪو هر حڪومت جو بنيادي مسئلو هوندو آهي. ٽالپر دور ۾

جاگيرون سدائين پيون مختلف ماڻهن جي نالي منتقل ٿينديون هيون ۽ جاگيردارن کي ڪنهن به قسم جو تحفظ حاصل ڪونه هوندو هو. ڪي وڏيون جاگيرون فوجي خدمت عيوض ڪن ماڻهن کي ڏنيون وينديون هيون. جن جي ايراضي سٺ همچورس ميل هوندي هئي. اهي جاگيردار جڻ آبادگار هوندا هئا ۽ ٽالپر حڪمران جي جڏهن به مرضي پوندي هئي ته اها جاگير ڪسي به وٺندو هو ۽ جاگيرداريءَ جي هن طريقي تي ڪنهن به قسم جو اعتبار ڪونه هوندو هو ۽ جاگيرون جڻ ڏاڙيلن جي هڪ اهڙي معاشري کي ڏنيون ويون هيون، جن جي حيثيت قانوني ميجتا مليل هئي. سر چارلس نيپئر جاگيردار کي تلوار ۽ ڍل بدران چنجور ۽ ڪوڏر ڏني هئي ۽ ڪيس چيو ويو هو ته هو جنگي ميدان تي اچڻ بدران پوکي راهيءَ کي منهن ڏئي ۽ سرڪار کي عواميَ ڀلائي جي ڪمن لاءِ پنهنجا ماڻهو ڏئي. هاڻي هن انهن جاگيردارن جي پٽن کي سندن پيئرن جون جاگيرون ڏنيون آهن، جيڪي مياڻيءَ ۽ دٻي جي جنگين ۾ ماريا ويا هئا. ٻين ماڻهن کي به جاگيرون لاپي تي ڏنيون آهن. پر ڪين انهن جاگيرن عيوض سرڪاري نوڪري ڪرڻي ڪانه پوندي.

هاڻي جاگير جو لاپو هٿ ۾ جهليل تلوار ڪانه هوندي. چاڪاڻ ته زمين ياڳر طرفان مليل هڪ سوکڙي هوندي آهي. جيڪي محنت ۽ قيمت سان توري ڪونه ڏنيون وينديون آهن. اهڙيون جاگيرون فوجي نوڪريءَ واري خرچ لاءِ ڏنيون وينديون هيون. ائين سمجهڻ کپي ته اهي جاگيرون فوجي نوڪريءَ سان سلهاڙيل هيون. پر جيڪڏهن جاگيردار چوندو هو ته هو زمين جو لاپو ڏئي ڪونه ٿو سگهي ته اها جاگير ڪيس سندس زندگي تائين، بلڪ سندس وارث کي به ملي ويندي هئي. پر اهڙيءَ صورت ۾ جاگير جو ڪجهه سرڪار کي ڏيڻو پوندو هو. انهيءَ طريقي مطابق جاگير تي سندس زندگي لاءِ حق محفوظ ٿي ويندو هو. جڏهن هنن جاگيردارن کي چيو ويو ته توهان پنهنجي پوئلڳن جو ماهوار خرچ ٻڌايو. جيڪي اوهان ضرورت وقت پيش ڪندا ۽ حساب ڪتاب به انهن جي تعداد مطابق ڪيو ويندو. انهن جواب ۾ چيو ته "اسان فقط جنگ دوران پنهنجا ماڻهو آڻي سگهندا آهيون. چاڪاڻ ته انهن کي مال غنيمت جو آسرو هوندو آهي. پر جنرل هوموجين ته ڪنهن سان جنگ ته ڪونه ڪندو نه! سال ۾ فقط هڪ پيرو ماڻهو آڻيندا سون." پر فرض ڪيو ته

خرچ اسي روپيا آهي تہ سرڪار انهيءَ رقم ۾ اوهان کي هر مهيني ڪانہ گهرائيندي. پر ان جي اڌ جيتري رقم عيوض اوهان کي سال ۾ فقط هڪ ڀيرو گهرايو ويندو. اسان ڪيس چيو هو.

## جاگيرون منتقل ڪري ڏيڻ پويان حڪمت عملي

هن قسم جي طريقي تي گهڻا جاگيردار راضي ٿي ويا هئا. اهڙين ڳالهين ٻولهين کان پوءِ جاگيردارن جيڪي زمينون ڇڏيون، سي ڪن شرطن تي رعيتي ماڻهن کي ڏنيون ويون هيون. جن جو بيان بعد ۾ ڪيو ويندو. هنن ماڻهن ڏنل زمين جو لاپو هڪ ئي وقت ادا ڪري ڇڏيو ۽ وڏيڪ ايراضي بہ آباد ڪري ڇڏي. اهڙيءَ ريت وڏا جاگيردار زمينن جا مالڪ ٿي ويا ۽ ننڍا جاگيردار هر هاري ٿي ويا هئا. اهي ماڻهو زمين جي قدر قيمت ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي رهيا هئا. تنهن ڪري وحشي، جنگجو ۽ رولو قسم جي ڌاڙيلن واري زندگي کان نفرت ڪرڻ لڳا هئا. هن کان اڳ حڪمرانن کي ڇرچ ڏئي جنگيون ڪرائيندا هئا تہ جيئن ڪين مال غنيمت حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي پوي. سر چارلس نيپئر کي جڏهن اهڙو مشورو ڏنو ويندو تہ ان بابت ڪجهہ وقت سوچيندو هو ۽ وڌ کان وڌ منصوبہ بندي ڪندو هو. پر نيپئر سرڪار، هنن بلوچ سردارن کان ڪڏهن جنگي خدمت ڪانہ ورتي، نہ وري ڪيس اهڙي ڪا ضرورت بہ هئي. ٻئي طرف جاگيردارن جا جاگيرن تي حق محفوظ ٿي ويا هئا. ٻن ڏرين وچ ۾ هشيون ڏئي جنگ ڪرائڻ جي ضرورت بہ محسوس ڪانہ ٿيندي هئي. پر رعيتي ماڻهن جي ڀلي ۾ سوچڻ لڳا هئا. جيڪي ٻنيون آباد ڪندا هئا. ڪيس اها بہ توقع هئي تہ سرڪاري زمين چڱيءَ ريت آباد ڪرڻ سان هاريءَ کي وڏو فائدو ٿيندو. اهو ڏسي اهي بلوچ بہ پوکي راهي ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا. جيڪي رات ڏينهن چورين ۽ ڌاڙن جي ڪرت کي لڳا پيا آهن. اهڙو فائدو ڏسي گهڻا جاگيردار سرڪار جا پيش ڪيل شرط قبول ڪري چڪا هئا. غريب بلوچ زرعي جنسن جي ڊوئيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا هئا ۽ رعيتي سرڪار طرفان ملندڙ زمين جي گرانٽ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳا هئا. اهو ڏسي سر چارلس هن سوچڻ تي مجبور ٿي ويو هو تہ پيداوار جي وڌڻ سان، عام ماڻهو جي ڪردار ۾ گهڻو فرق اچي سگهي ٿو ۽ سنڌ مشرق جو هڪ شاهوڪار ترين علائقو بڻجي سگهي ٿو. هن کان پوءِ سر چارلس سوچيو هو تہ ڪهڙي طريقي سان جاگيردارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان جاگيرون کسي، سرڪاري ملڪيت بڻائي سگهجن ٿيون. ڪيس محسوس ٿيو ته اهو فقط تڏهن ڪري سگهجي ٿو جڏهن جاگيردار شرط پورا ڪري نه سگهي. پر بعد ۾ سوچيائين ته جاگيرن کي اهڙي ريت حصيداريءَ مطابق نيڪال ڪجي، جو هاريءَ کي گهڻو فائدو ٿئي ۽ انهن جاگيرداري جي وڏي جاگيردار هئڻ ناتي اهميت گهٽجي وڃي. جن کي زمين گهٽي هوندي پر پيداوار گهٽ هوندي. ان ڪري هن وڏن جاگيردارن کان محصول مڙهڻ جا حق کسي ورتا. ڪانئن اهڙا اختيار به کسيا ويا جن وسيلي هو ڪنهن کي موت جي سزا ڏئي سگهندا هئا.

## جاگيرن بابت نوان قائدا قانون

بعد ۾ هن جاگيردارن سان صلاح مشورو ڪري، لاپي ونڻ جي ابتدا ڪئي هئي. ڇاڪاڻ ته هو ڪنهن تي به پنهنجي مرضي ڪونه مڙهيندو هو. هي ڪجهه وقت لاءِ باقاعده ادائگي کان به لاپرواهه رهيو. ڇاڪاڻ ته هو ڍل جي رقم کان وڌيڪ هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيندو هو ته پوکي راهيءَ واريءَ ايراضيءَ ۾ وڌ کان وڌ اضافو ٿئي. کيس اهو اڳواٽ ئي معلوم ٿي ويو هو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو سندس شرطن مطابق ۽ مختلف معيادن واريون جاگيرون وٺندو ته گهڻو فائدو ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هو انهيءَ طريقي سان هڪ طرف ته پنهنجي زندگيءَ تائين ان جاگير جو هاري بڻجي ويندو ۽ قانون به سندس پاسي هوندو ۽ کيس سڀ حق ملي ويندا. ٻئي طرف سرڪار جي خواهش مطابق کيس هاريءَ جو حق ملي ويندو. پر ڪيترين ڳالهين ۾ ان جاگير جي قيمت به وڌيڪ ادا ڪرڻي پوندس. ڇاڪاڻ ته اهڙي جاگيردار کي عوامي ڪمن ڪارڻ لاءِ مزدور ڏيڻا پوندا. جڏهن ته ڪن جاگيردارن کان ڪو لاپو ڪونه ورتو ويندو. هنن ٻنهي قسمن جي جاگيرن جي معيادن ۾ فرق موجود آهي ۽ هنن ٻنهي قسمن جي جاگيرن جي موجودگي ڪري، جاگيرون ڏيڻ واسطي ڪي نوان قانوني اصول پيدا ٿي پوندا. انهيءَ طريقي سان جاگيردارن جو هڪ وڏو طبقو ٿي ويندو جيڪي امن امان قائم ڪرڻ لاءِ به ذميوار هوندا. پر جيڪڏهن جاگيرن ڏيڻ جو ٽالپرن وارو طريقو اختيار ڪيو وڃي ها ته جاگيرن جو مٿيون طبقو سرڪار کي ڍل ڪونه ڏئي ها. ان کان سواءِ هن وٽ هٿيار بند ماڻهن جو وڏو تعداد موجود هجي ها. جن مٿان ضابطي رکڻ واسطي سرڪار کي وڏي فوج رکڻي پوي ها. ٻئي طرف اهو ٿئي ها جو سرڪار هنن وڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگيردارن ۽ ٻن ٽن سون پوليس وارن جي مدد سان ملڪي انتظام رکڻ ۾ سوپاري ٿي ويچي ها.

## سنڌ جي انتظاميہ ۾ سر چارلس جي وقتائتن قدمن جي واکاڻ

سرڪاري عملدارن جي رپورٽن ۾ هن قسم جا ۽ ٻيا انتظامي قدم بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي سرڪار کي ڪٽڻ گهرجن. جڏهن اهڙيون رپورٽون سر رابرٽ پيل جي آڏو رکيون ويون تہ هن کان تعجب وچان رڙ نڪري وئي هئي. چاڪاڻ تہ انهن ۾ سرڪار جو وسيع قسم جو نقطہ نظر موجود هو. هن چيو هو تہ ”سر چارلس نيپئر جي فوجي اختيارين بابت تہ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهو ڪونہ آهي، پر سندس هيو ڪردار ڏسي مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو آهي تہ هي سول انتظاميہ جي معاملن ۾ بہ ايڏو ڏاهو ۽ ڏات ڏٺي آهي.“ تنهن ڪري اهو چئي ڪونہ ٿو سگهجي تہ سر رابرٽ پيل جو سر چارلس جي فوجي ذهانت بابت تعجب کائڻ انگريزي روايت نہ آهي تہ هر ڪنهن فوجي عملدار کي هرويرو بہ ذهين سمجهيو وڃي. سر رابرٽ ڪيپٽن کان وٺي جنرل جي عهدي تي پهتو آهي. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هڪ فوجيءَ طور رهيو آهي. ڪيترين حڪومتون انهن جا رکيل انتظام سندس نظر مان گذريا هوندا. تنهن ڪري هن ماٿهو جو نقطئہ نظر بہ اعليٰ ۽ اوچو هئڻ گهرجي. هو سمجهي ٿو تہ سر چارلس جو اختيار ڪيل طريقي جو منصوبو هندستان جي ٻين حڪومت جي انتظامي منصوبن کان وڌيڪ اعليٰ ۽ اوچو آهي. سر رابرٽ هن حقيقت کان چڱيءَ ريت واقف هو تہ سر چارلس جو طريقو ٻين جي ڀيٽ ۾ بلڪل مختلف هو. سر چارلس جو خيال هو تہ ”سنڌ جي سول انتظاميا جي مددگار عملدارن کي منجهيل پس منظر ۾ رکيو ويچي ها ۽ اهڙي مونجهاري کي پيدا ڪرڻ لاءِ وڏو خرچ برداشت ڪيو ويچي ها.

سنڌ جي انتظاميہ بابت گهڻا قدم ڪلڪتي جي صلاح سواءِ کنيا ويا هئا. چاڪاڻ تہ ڪلڪتو تمام پري هو. ٻيو سنڌ ۾ گرمين تمام گهڻيون ٿينديون آهن. تنهن ڪري انتظامي سرگرميون ٿورو وقت هلي سگهنديون آهن. اهڙيون ڳالهيون لارڊ ايلنبرو جلد ئي قبول ڪري وٺندو هو. سال جا ڇهہ مهينا تہ چتيءَ گرميءَ ڪري ڪم تي ڪونہ سگهندو هو. اهڙو سربراهہ مٿان جي ظالم لکپڙهہ ۽ ذميوارين جي ٻوَ ٻولي کان آزاد ٿي ويندو هو. جنهن جي ڪم ڪار بابت لارڊ ايلنبرو کي چڱيءَ ريت

چاڙ هئي. پر اهڙيون مهربانيون انهن ماڻهن مٿان ڪونہ ٿينديون هيون، جن جي هٿ هيٺ ٻن پريزيڊنسيز Presidencies جي فوجي ڪمانڊ هئي. پر اهڙين شخصيتن کي بہ لارڊ ايلنبرو جي صلاح مشوري جي محتاجي هوندي هئي. هنن ٻنهي شخصيتن جي وچ تي هڪ "Secret Comity" موجود هوندي هئي. جنهن کي سدائين ڪا نہ ڪا چنتا لڳي پئي هوندي هئي. تنهن ڪري ان کي اهو اعلان ڪرڻو پيو هو تہ "مان فوج جي انتظام رکڻ جو ذميوار ڪونہ آهيان." اهڙيون پيچيدگيون ڪورٽ مارشل جي سزائن ڪري بہ ڪجھ وڌي ويون هيون، جنهن مطابق ڪن عملدارن سان نرمي اختيار ڪئي ويندي هئي. سر چارلس هڪ ڪمانڊر ان چيف هئڻ ناتي، ڪورٽ مارشل جي قانون ۾ ڪي سڌارا آندا هئا. پر ان وقت تائين ان ۾ ڪئي خاميون موجود هيون. اهڙو مثال ٻن سرجن ڊاڪٽرن جو آهي جيڪي پنهنجي منصبي فرض جي ادائگيءَ لاءِ اسپتال ۾ رهندا هئا، پر مستقل نشي ۾ رهندا هئا. پر پوءِ بہ کين نوڪريءَ ۾ رکيو ويو هو. جيڪي بيمار فوجي سپاهين لاءِ دهشت، ذهني سزا ۽ موت جو ڪارڻ بڻبا هئا.

ان کان پوءِ ٻيو واقعو رونما ٿيو هو جنهن ڪري سيني ماڻهن کي اچرج ٿيو هو پر ان ماڻهوءَ کي اچرج ڪونہ ٿيو. جنهن کي ان واقعي گهڻو متاثر بہ ڪيو هو. سر چارلس کي ان ٻي لوث خدمت تمام گهڻو متاثر ڪيو هو ۽ جنهن جي ادا ڪرڻ جي کيس مناسب آزادي بہ مليل ڪانہ هئي. ان وقت لارڊ ايلنبرو بہ ڏاڍو ياد آيو. هن لاءِ اها ڳالھ ڪا اوچتو ڪانہ ٿي هئي. کيس خبر هئي تہ سندس حڪومت هندستان ۾ رهندڙ هزارن انگريزن جي خوف ۽ نفرت جي جذبي کي جاڳائي وڌو هو ۽ ڊئريڪٽرن جي خطرناڪ اقربا پروري کي جهنجهوڙيو هو. ردعمل ظاهر ڪندڙ جذباتي ماڻهن لاءِ اها ڳالھ غلط ۽ اچرج جهڙي هئي. جنهن ماڻهوءَ ڪابل جي شڪست جي گهاٽن جو ازالو ڪيو. تنهن سان ايترو ڪلور چو ڪيو ويو ۽ اها ويڏين انهن ماڻهن پاڻ ڪئي، جن جي شهنشاهيت کي هن ماڻهوءَ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ هن گورنر جي خدمتن کان انگلينڊ ۽ هندستان کي ان وقت محروم ڪيو ويو آهي، جڏهن اتان جون حالتون نهايت ڳنڀير ۽ خطرناڪ آهن. اهڙو ڏاڍ ڪري انهن ماڻهن جي دلين کي خوش ڪيو ويو آهي، جن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليون قومپرستيءَ جي نيڪ جذبن کان بنهه خالي آهن ۽ ڪاوڙ ۾ جڻ چريا ٿي پيا آهن. سر چارلس پنهنجي ملڪ سان گهڻي محبت ڪندو آهي، جيڪو ان موقعي تي خاموش رهيو پر هن لارڊ رپن ڏانهن هڪ خط ضرور لکيو هو جنهن ۾ هن انهن ماڻهن کي لويو هو جيڪي هن خلاف هميشه نفرت جو اظهار ڪندا رهندا هئا. سندس خط جو ڪجهه حصو هيٺ ڏجي ٿو:

## سنڌ جي فتح سان سلهاڙيل هندستان جي سرحدن جي حفاظت

لارڊ ايلنبرو بي انصافيءَ ۽ خردبرد جو سخت دشمن هو. پر پوءِ به بي ايماني ۽ چريائي وارو ڪم ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ثابت ٿي ويو آهي. اها ڪا نئين ڳالهه به ڪانه آهي ۽ انساني تاريخ ۾ ائين ٿيندو به آيو آهي. جنهن ڪري مونکي هن ڳالهه تي ڪو اچرج به ڪونه ٿيو آهي. نظر ائين اچي رهيو آهي ته فتح کان وڌيڪ ڪابل جي عام کي اهميت ڏني وئي آهي. ڪورٽ آف ڊئريڪٽرس ڪابل جي رتوڇاڻ کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو. ليڪن هندستان کي بچائڻ ۽ رتوڇاڻ کان بچڻ هنن کي پسند ڪونه آهي. لارڊ ايلنبرو جا ڪنيل انتظامي قدم عام قسم جي سياسي حڪمت عملي مطابق هئا ۽ هڪ اهڙي وسيع منصوبي سان لاڳاپيل هئا، جن جو تعلق هندستان جي سياسي انتظام کي مستحڪم بڻائڻ هو. اهي منفرد معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ فقط خيالي خواهشون ڪونه هيون. مهاراجپور جي فتح سنڌ جي فتح کي سگهارو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته سنڌ جي فتح هندستان جي اتر اولهه واري صوبائي سرحد کي نهايت مضبوط ڪرڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿي آهي. ساڳيءَ ريت ستلج واري سرحدي پٽي جي تحفظ لاءِ به سنڌ جي فتح وڏي اهميت رکي ٿي. اهو سارو معاملو هڪ بنيادي دشمن اتحاد لاءِ هڪ وڏو تحرڪ هو جيڪو افغانستان جي شڪل ۾ موجود هو جنهن هتان هندستان جي انگريز سرڪار شڪست کاڌي آهي. اهو هندستان جي انگريز شهنشاهت لاءِ هاڻي به خطرو آهي ۽ مستقبل ۾ به خطرو رهندو.

اهي بچاءَ واريون فوجي سرگرميون هيون جن ۾ لارڊ ايلنبرو نهايت ڪامياب ثابت ٿيو هو. اهڙيون ڪوششون اڃان هلي رهيون آهن ۽ ختم ناهن ٿيون، نه وري ختم ٿينديون. سکن جي فوج تي اڃا به ضابطو ناهي رکيو ويو. مان سمجهان ٿو جنگ واري انهيءَ خوفناڪ ماحول ۾ فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طاقتور فوج ئي حصي ونڻ لائق آهي. ڪورٽ آف ڊئريڪٽرس بہ هن بابت صحيح سوچي رهي آهي. ان سان گڏ لارڊ هوويڪ Howick جي سوچ بہ ساڳي آهي. "پر انهن سيني ڳالهين جي امڪانن ۾ اجا بہ وقت پيو آهي"، اها ڳالهہ هڪ ڏاهي ماڻهوءَ چئي آهي. مون کي يقين آهي تہ جڏهن ستر هزار پنجابي فوج سرحد سان بيٺي هجي تہ گورنر جنرل تبديل ٿيڻ گهرجي.

## هندستان جون سرحدون، پنجاب جي فتح سلهاڙيل

مون کي يقين آهي ڪمپني پنجاب جي فتح ڪانہ ٿي چاهي. مان سمجهان ٿو تہ اسان لاءِ اتر سنڌ واري سرحد کان اتر ستلج واري سرحد بهتر آهي، جيڪا هاڻي سنڌ جيان مضبوط بہ آهي. اسان وٽ هاڻي حد کان وڌيڪ ملڪ قبضي هيٺ آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ پنجاب بہ هندستان جي انگريز شهنشاهت جو حصو بڻجڻ گهرجي. ان ڪري ساري هندستان تي دعويٰ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ان کي فتح نہ ڪيو ويو تہ هو اسان جي بهترين علائقن تي حملا ڪندو رهندو يا وري ان کي روڪڻ لاءِ ستلج وٽ هڪ وڏي فوج رکڻ جي ضرورت آهي. اسان جي فوج اندر سک بہ پرتي ٿيل آهن، جيڪي بغاوت بہ ڪري سگهن ٿا. جيڪا پنجابي سکن لاءِ فائدي جي ڳالهہ ٿيندي. بي اهم ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ اسان جنهن ماڻهوءَ کي فوج مان ڪيدي ڇڏيندا آهيون، تنهن کي سک حڪمران پنهنجي فوج ۾ پرتي ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪي وري اسان جي فوجي سپاهين کي خط پٽ لکندا رهندا آهن. اسان هر ڏوهہ تي ڦتڪن هڻڻ جي سزا ختم ڪري، نوڪريءَ مان ڪيدي ڇڏڻ جي سزا ڏيندا آهيون. ائين ڪرڻ سان سکيا يافتہ فوجي نوڪريءَ مان ڪيدي تہ ڇڏيندا آهيون، پر اهي وڃي اسان جي دشمن سک حڪمران جي فوج ۾ پرتي ٿيندا آهن. معلوم ٿئي ٿو اسان پاڻ سک حڪمران جي فوج کي مضبوط ڪري رهيا آهيون. اهڙيءَ طرح اسان جا تمام گهڻا فوجي اسان وٽان نڪري وڃي پنجابي فوج سان شامل ٿيا آهن. اسان اها ڳالهہ دانشمنديءَ واري نہ ڪري رهيا آهيون. هن وقت اسان جي آڏو فقط هي سوال آهي يا نہ اسان وڌيڪ ملڪ فتح ڪريون يا هندستان اندر پنهنجي موجوده حيثيت کي مضبوط ڪريون يا دشمن اسان کي مارينڊو ڪٽيندو وڃي سمنڊ تائين پهچائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سک فوج کي ختم ڪرڻ ايڏو سولو ڪونہ آهي، جيڏو عام ماڻهو سمجهندا آهن. جيڪڏهن اسان کي ائين ستلج وٽان بہ پوئتي هٽايو ويو. جيئن افغانستان مان شڪست ڏئي سنڌوءَ کان پوئتي هٽايو ويو تہ پوءِ اهو هندستان لاءِ وڏو خطرو هوندو. جيتريقدر مان سمجهي رهيو آهيان، تہ اها اسان جي غلط حڪمت عملي آهي تہ اسان جي حڪمرانيءَ جي سرحدن اندر يا انهيءَ جي سرحدن پرسان ڪوبہ ڏيهي حڪمران موجود هجي، اڳي انهيءَ حڪمت عملي کي فائديمند ۽ خطرن کان خالي سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي اهڙيون ڳالهيون خطرن کان خالي ڪونہ آهن. ڇاڪاڻ تہ اسان جي وسيع حڪومت جي تقاضا هيءَ آهي تہ اسان جي فوج ان وسيع ايراضي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل هجي.

## پنجاب، سنڌ جي سرحدن لاءِ خطرو

هاڻي اسان موٽي سنڌ جي معاملن بابت ڳالهائينداسون. اسان کي اهو بہ خطرو آهي تہ متان ملتان جا پنجابي اسان کي اتر واري سرحد سان ڪئونس ڪن. ڇاڪاڻ تہ ان جو ڪجهہ حصو ساوڻ مل جي حڪمراني واريءَ سرحد اندر هليو ويو هو. جيڪڏهن حقيقت ائين آهي تہ مان مهاڏي ڏيڻ جو تعين ڪيو آهي. مون کي قوي اميد اهي تہ هندستان سرڪار بہ هن ڳالهہ ۾ منهنجي مدد ڪندي. ڇاڪاڻ تہ اسان جنهن کي پنهنجي عزت جي توهين سمجهون ٿا ان خلاف هٿيار کڻون. مان سمجهان ٿو تہ ائين ڪرڻ سان جيڪڏهن ساوڻ مل ۽ سنڌ جي بلوچن جو اسان خلاف مقابلي ڪرڻ لاءِ اتحاد نهيل هوندو سو بہ ٽٽي سگهي ٿو. مان اهو بہ سمجهان ٿو تہ مون کي جنگ ڪرڻ وارو گنهگار سمجهيو ويندو پر اها ڳالهہ غلط هوندي. مان تہ گهڻيون جنگيون ڏسي چڪو آهيان. مان عيسائي ۽ انسان هئڻ ناتي اصولي طور جنگين جي خلاف آهيان. مان ڪراڙو بہ ٿي ويو آهيان، تنهن ڪري مان جنگين جي تڪليف سهڻ جهڙو ڪونہ رهيو آهيان. جڏهن تہ گرمي بہ نہ سهڻ جوڳي آهي. مان هاڻي آرام ڪرڻ چاهيان ٿو. پر مان اهو ڪونہ چاهيندس تہ مهاراڻيءَ ۽ ڪمپنيءَ جي فوج جي ڪير توهين ڪري ۽ دشمن پنهنجا ماڻهو مون تي حملي ڪرڻ جي نيت سان گڏ ڪندا وتن ۽ مان پير پساري وينو هجان ۽ ڪک پڇي بيٺو نہ ڪريان. ان لاءِ مان تياري ڪندس. امڪاني حد تائين هٿ پير هلائيندس، پر ويهن ئي ننهن جو زور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائي فوجي تياري ڪندس. انهيءَ لاءِ نہ تہ جنگ سان پيار ڪريان ٿو پر انهيءَ لاءِ تہ مان اهو ڪونہ چاهيندس تہ ڪير اچي منهنجو سر ڏڙ کان ڌار ڪري. اها نتائڻ واري ڊپلوميسي نيم جنگلي ماڻهن جو ڪم آهي، جيڪو ماڻهو اڪيون ٻوٽي اهڙين ڳالهين تي اعتبار ڪندو تنهن شڪست کان سواءِ مقدر ۾ تہ ڪجهہ لکيل ئي ڪونہ آهي. "مري ۽ بگٽي جابلو ايراضين ۾ مير شير محمد کي مدد ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو سنڌ اندر گڏجي بغاوت ڪري سگهن. تنهن ڪري انهن کي بہ چيپاٽڻو آهي. چاڪاڻ تہ مناسب موسم اچڻ سان هو ڪئونس ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا. جيڪڏهن گرميون آيون تہ جنگ ڪرڻ اسان جي وس کان ٻاهر ٿي ويندي. جيڪڏهن مان هنن سان جنگ ڪندس تہ سياري جي موسم ۾ ڪندس. پر مان سمجهان ٿو تہ اها ڏکي شيءِ آهي. مان هاڻي سوچيو آهي تہ هنن کي چار ڏوڪڙ ڏئي پنهنجي پاسي ڪجي ۽ شريفاڻي طريقي سان پاڻ ڏانهن وٺي اچجي. ان لاءِ مان سمجهان ٿو تہ هندستان سرڪار ايتري پئسي خرچ ڪرڻ جي موڪل ڪانہ ڏيندي. ليڪن هنن پنهي مان ڪو هڪ طريقو ضرور اختيار ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اهي ٻئي ڳالهيون قبول نہ ڪيون ويون تہ هڪ طاقتور فوج شڪارپور ۾ رکي وڃي. اهو بہ امڪان آهي تہ جيڪڏهن اسان هنن بلوچن خلاف جنگي ڪارروائي ڪئي تہ پنجاب ڪئونس ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو. پر مون کي سنڌ جي اتر واري سرحد لاءِ ڏهاڙي ڪا نہ ڪا چنتا ضرور ٿئي ٿي. مان صحيح طريقي اڳڪٿي ڪري، اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي سگهان تہ هي سرحدي ويڙهہ ڪيترو وقت هلندي. پر ايترو يقين ضرور آهي تہ هيءَ جنگ نهايت ڏکي هوندي ليڪن سنڌ ۾ اڄ امن امان قائم آهي.

جڏهن ڏکئي وقت ۾ لارڊ ايلنبرو کي واهر ڪرڻ لاءِ چيو ٿي ويو ۽ هن سمجهيو ٿي تہ ڪا هنيلي ۽ ڪمزور قوم تي هرويرو تاڏر ڪيون، ڊيوڪ آف ويلنگٽن وانگي مقابلي لاءِ بيٺي آهي تہ هو خاموشيءَ وارو طريقو اختيار ڪندي ۽ غلط ۽ صحيح کي سمجهي ويندو آهي ۽ اهڙو ڪم ڪندو آهي، جيڪو عوام جي ڀلائيءَ ۾ هوندو آهي. پر هتي هڪ نائي ويڙهو بہ آهي، جن کان هميشہ غلطيون ٿيون آهن ۽ هميشہ اهڙين غلطين سان چنبڙيا رهيا آهن. انهن جو هندستان ۽ انگلينڊ ۾ ڪردار بي شرميءَ ۽ ناشڪرگذاري وارو رهيو آهي. هنن ماڻهن اهڙي فوجي جنرل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي نازيب حملا ڪيا آهن جنهن فتحن ۾ انتظامي صلاحيتن جي حڪمت عملي کي مضبوط ڪيو آهي ۾ جنهن جي ڪوشش وسيلي هڪ اعليٰ رتبي جي انسان هنن جي لڏندڙ شهنشاهت کي مستحڪم ڪري ڇڏيو آهي. هنن غلط ماڻهن هر طريقي سان ان فوجي جنرل تي اخلاق سوز حملا ڪري هرويرو بدنام ڪيو ۽ ثابت ڪيو ته اٿن اهو نيچ آهي ۽ هر قسم جا غير اخلاقي فائدا حاصل ڪيا اٿن. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرن مان ڪي اهڙا معزز ماڻهو به هئا. جيڪي اهڙين شرمناڪ ڳالهين ڪري ناراض هئا. پر هڪ اداري جي حيثيت ۾ هنن نقصانڪار جراثيمن جي همت افزائي ڪئي ۽ سر چارلس تي اهڙا اخلاق سوز حملا ڪيا. جيڪي فقط اهڙن گندن ماڻهن ئي جُڳائيندا آهن. هنن جون اهڙيون ڪُهتيون ڳالهيون دشمنيءَ تائين محدود ڪونه هيون، پر انهن سان گڏ ڪوڙا بهتان ۽ بي جا تهمتون به هيون. ليڪن ڪميناڻپ کي پنهنجو زور آهي، فتح ۾ ڪاميابيءَ کي پنهنجو مقام. ڪو دور وري انتقام وٺڻ جو به هوندو آهي ۽ اهو دور اچي چڪو آهي. خوف ۽ تذليل واري جهڪڻ جو زمانو. اهي ساڳيا تجارتي ناني ويڙهي وارا ماڻهو جيڪي قوم جي آواز کان مجبور تي، ساڳي ئي فوجي ڪمانڊر کي ليلائي چئي رهيا آهن ته هنن ساڻس وڏو ظلم ڪيو آهي. سندس ڏوهه معاف ڪري ۽ وسيع اختيار قبول ڪري ۽ انهن کي وڏ ۽ تباهي کان بچاءِ. خدا تعاليٰ انصاف وارو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

# قليجي واري واقعي کان پوءِ جي صورتحال ۾ سردار ولي چانڊئي جو ڪردار

قليجيءَ وارو ڏاڍو ڏکوئيندڙ واقعو هو. فوج بہ ڏاڍي تيز رفتاري سان اڳتي وڌي رهي هئي. سخت گرميءَ جي موسم هئي، جنهن ۾ حملا ڪونہ ڪيا ويندا آهن. تنهن ڪري هي جابلو ماڻهو خوف کان جڻ سراپجي ويا هئا ۽ سوچي رهيا هئا تہ چا اهڙي فوجي ڪمانڊر کي مهاڏو ڏئي سگهجي ٿو؟ هو بہ ـ چتا ٿي پيا هئا تہ ساڻس مقابلو ڪجي يا پاسو ڏئي نڪتو هليو وڃجي. سندن هيءَ بہ سوچ هئي تہ هو اڳنا واسطي بغاوت ڪري ڪانہ سگهندا. ولي چانڊئي سان سندن دشمني گهڻي زماني کان هلي رهي هئي. هي وڏي طاقتور قبيلي جو سردار هو. ان کان سواءِ کيس جنگ ڪرڻ جو فن بہ ايندو هو ۽ هن قسم جي جنگين جو ماهر پڻ هو. ڊومبڪين جو رت پياڪ ويري هو. جنهن ڪري هو پلاند چڪائڻ جو ڪو پهہ ڪري چڪو هو. هن قبائلي سردار جو صدر مقام لاڙڪاڻي کان ولهہ طرف ٽيهہ ميل پري آهي. هي ايترو طاقتور آهي جو هنن جابلو دشمن جي مقابلي لاءِ هزارين ماڻهو قطاري سگهي ٿو جن ۾ مري قبيلي جا ماڻهو هن سردار جا اتحادي آهن. هن قليجيءَ واري واقعي کان اڳ انگريزن ڪي جڳيون ڳالهيون ڪيون هيون، جو دربار واري ڏينهن سر چارلس هن کي ڪلني عام اعزازي تلوار ڏني هئي ۽ هن پنهنجي هٿن سان سندس چيلهہ سان ٻڌي هئي. ان دربار ۾ نواب ۽ قبائلي سردار موجود هئا. جن سڀني سندس اهڙي اعزاز کي اکين سان ڏٺو هو. ان بدلي بجار ڊومبڪيءَ خلاف جنگ ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. اهڙي فوجي پيش قدمي هو نهايت بهادريءَ سان ڪري ٿي سگهيو. چاڪاڻ تہ هن لاءِ پنهنجا قلعا ۽ انگريز سرڪار جون فوجون جوڪيون بہ هيون، جيڪي هن جي فوج جي پوئتي هٽڻ لاءِ مددگار هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باغي بلوچ سردارن جو ٻيهر ملي مٽ ٿيڻ

جاسوس جو بيان هو تہ قليجيءَ ۾ جن قبيلن انگريزي فوج کي شڪست ڏني، سي وري قليجيءَ ۾ گڏ ٿي رهيا آهن. هنن جو مقصد آهي تہ مير شير محمد کي سنڌ وٺي وڃجي. پر جنرل چارلس کي اهڙين چالبازين وسيلي نڱرڻ سولو ڪونہ هو. هو سمجهي رهيو هو تہ هو بغاوت ڪرڻ جا منصوبا ٺاهي رهيا آهن، پر هو سمجهي ويو هو تہ هن وقت گڏجڻ سندن بچاءَ واسطي آهي، چاڪاڻ تہ اهي بريٽ واري علائقي ۾ موجود ڪوهن کي پوري رهيا هئا. جڏهن تہ مري قبيلو ڊومڪين ۽ بگٽين جو دشمن هو ۽ انهن سان جنگ ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو هو. هن صورتحال کي ڏسي ڳوناٽا بہ دلير ٿي ويا هئا ۽ ڏاڙيلن کي پوئتي هٽائڻ ۾ چانڊيئي سردارن سان ساٿ ڏيڻ لڳا هئا. ان ڪان سواءِ ڏاڙيلن جي ننڍين ننڍين ٽولن سان مقابلو بہ ڪري رهيا هئا. اهڙيءَ طرح هنن ڪيترن ئي ڏاڙيلن کي گرفتار بہ ڪري ورتو هو ۽ قيد ڪري رکي ڇڏيو هو. انهيءَ زماني ۾ مير علي مراد جي هڪ ملازم پنج ٻڙدي سردار گرفتار ڪيا هئا. جيڪي ڏاڙيل هئا ۽ سندس حڪمرانيءَ جي حدن ۾ رهندا هئا. جن سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع سنڌين جي ڳوٺن کي ڦريو هو. درحقيقت هي ماٿهو بہ ٻين جابلو ماٿهن جيان ڏاڙيل هئا. اهڙن ٿورن ٽڪن واقعن هوندي بہ سنڌ جون حالتون پرسڪون هيون. اهڙين پرامن حالتن دوران نظرداري ڪان ڪم وٺڻ نهايت ضروري هو. چاڪاڻ تہ مير شير محمد شڪارپور جي اوسي پاسي لامارو ڏيندو ٿي وتيو. جنهن سان سندس گهوڙيسوار بہ گڏ هئا. ان وقت علي مراد ڪن پٺاڻن کي ملازمت مان ڪڍي انگريزن سان ڪيل معاهدي جي پيچڪڙي ڪئي هئي ۽ پنهنجي چئن ٽالپر مائٽن کي پنهنجي حڪمرانيءَ جي حدن ۾ رهڻ جي موڪل ڏني هئي، جن کي انگريز سرڪار ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي. مذڪوره ٽالپر سندس سوٽ ۽ ڀائٽيا هئا. هي اهو زمانو هو جڏهن وڏي دربار منعقد ٿي رهي هئي. سر چارلس نيپئر سوچيو هو تہ ويهن هزارن بلوچ سردارن جي ايڏي وڏي ميڙ ۾ سندن مطالبن کي نہ مڃڻ ڏکيو مامرو هو. جن مان سندن پهريون مطالبو اهو هوندو تہ ڪين پنهنجون جاگيرون واپس ڪيون وڃن ۽ سنڌ ۾ رهڻ جو حق ڏنو وڃي. اهڙي ريت علي مراد کي حڪم ڪيو ويو تہ ڪن سردار کي بنا دير گرفتار ڪري. ان ڪان پوءِ مير شير محمد ڪان سواءِ ٻيا ڪيترا حڪمران ملڪ

کان ٻاهر موجود هئا. ليڪن سنڌ اندر رهندڙ ڪيترن ٽالپر شهزادن کي هندستان سرڪار طرفان مير علي مراد جي دربار ۾ رهڻ جو چيو ويو هو. پر اهڙي قدم کڻڻ ڪري هڪ وڏو مونجهارو محسوس ٿي رهيو هو.

## ٻه اهم واقعا: جڪراڻين ۽ ڊومبڪين جي ڦرلٽ ۽ شڪارپور ۾ فوجي سپاهين جي بغاوت

اهڙا معاملا جون ٽائين جيئن جو تيئن رهيا. ان کان پوءِ ٻه اهم واقعا رونما ٿيا. انهن مان هڪ واقعو اهو هو ته جڪراڻي ۽ ڊومڪي ڌاڙو هٽي ڪاميابيءَ سان وڃي پنهنجي ماڳن ٽائين پهتا هئا. جڏهن ته ٻيو واقعو شڪارپور ۾ فوجي سپاهين جي بغاوت هئي. اهي ٻئي واقعا انتظامي بدنظمي جو نتيجو هئا ۽ جنهن ڪري ڏاڍو ڳنڀير وايو منڊل پيدا ٿي پيو هو. قصو هي هو جو هندستان جي اتر اوير وارن علائقن مان ڪن بنگال ريجمينٽس کي اتر سنڌ جي سرحد ڏانهن موڪليو ويو هو. جنهن تي انهن انڪار ڪيو ۽ چيائون ته جيستائين وڏا الائونس نه ملندا, تيستائين اوڏانهن ڪونه ويندا سون. توري چؤ چواءَ کان 64 ريجمينٽ کي راضي ڪري سکر ۽ شڪارپور ڏانهن روانو ڪيو ويو. انهيءَ ڪري سندن تعريف به ڪئي وئي ۽ ڪين ڪجهه انعام به ڏنو ويو. جڏهن هتي پهتا ته هنن کي سکر ۽ شڪارپور جا فوجي ڪوارٽر ٻين ماڳن جي ڪوارٽرن جي ڀيٽ ڏاڍا سٺا لڳا, نه ته اڳي سندن خيال هو ته اهي بيڪار ۽ گندا هوندا. هي بنگالي فوج ڪجهه وقت لاءِ ته ماٺ رهي, پر هن فوج سان جيئن ته وڏي الائونس جو واعدو ڪيو ويو هو ۽ ان کان پوءِ ڪرنل موزلي جي اڳواڻيءَ ۾ اتر سنڌ ڏانهن رواني ٿي هئي. پر شڪاربور ۾ هنن توريءَ پگهار جو سبب ڏئي ٻيو پيرو فساد ڪيو.

جيڪڏهنءَ هيءَ فوج انهيءَ وقت بغاوت ڪري, جڏهن اسان جي خلاف چوڌاري قومون هڪ گڏيل محاذ ناهي رهيون هيون, يا جڏهن ساري فوج بيمار هئي يا جڏهن جنرل سيل Sale عارضي طور ڇڏي فوج جي ڪمانڊ اهڙي ماڻهوءَ حوالي ڪري ويو هو, جيڪو ڪابل جي قتل عام کان ڏاڍو ڊنل هو ته ان جو نتيجو ڏاڍو اگرو نڪري ها. ان هوندي وڏو خطرو موجود هو. ڇاڪاڻ ته ٻين بنگالي ريجمينٽس 64 ريجمينٽ سان اچي گڏجڻ کان ان ڪري انڪار ڪيو هو ڇاڪاڻ ته ان سان ڀرتين بغاوت وقت ڪيل معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي هئي ۽ اهي ناراض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويون هيون. اهو هڪ ٻئي سان وفادار رهڻ جو مضبوط معاهدو هو. جيڪو ان وقت ختم ٿي ويو جنهن وقت پتو پيو ته 64 ريجمينٽ سان ٺڳي ڪئي وئي آهي. ان فساد دوران هڪ آفيسر ان ڪمانڊ مارجي ويو. جنهن جي مقرري بابت اجا فيصلو ڪونه ٿيو هو.

## جنرل هنٽر جي مقرري ۽ سپاهين ۾ بغاوت جي ڀڙڪيل باهه کي ويتر ڀڙڪائي وڌو

لارڊ ايلنبرو ان وقت ڪمپنيءَ جي هڪ آفيسر برگيڊيئر جنرل هنٽر کي جنرل سيل جي جڳهه تي ڪمانڊر ڪري موڪليو. جيڪو انهيءَ وقت اڃي سکر پهتو هو. هي ڪمانڊر ڏاڍو دانشمند هو. هن اچڻ سان شڪارپور واري 64 ريجمينٽ کي سکر ڏانهن بدلي ڪري ڇڏيو. انهيءَ مقصد سان ته جيئن ان کي ٺڏو ڪري سگهجي. ڪيس پڪ هئي ته جڏهن شخصي طور کين مياڻ جي ڪوشش ڪندو ته هو پنهنجي ضد تان لهي ويندا. پر ائين ڪونه ٿيو. جڏهن کين مياڻ لاءِ پهتو ته فوجين مٿس پٿرن ۽ چاپڙن سان حملو ڪيو. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هن سکر قلعي اندر رهندڙ سياري گئريسن فوج کي حڪم ڪيو جن 64 بنگال ريجمينٽ جا ٽيهه چاليهه فوجي گرفتار ڪري ورتا ۽ ٻين کان هٿيار کسيا ويا ۽ ڪابه رتوڇاڻ ڪانه ٿي. ان کانپوءِ کين حڪم ڪيو ويو ته هو سنڌوءَ جي ڪابي ڪناري ڏانهن اڪري اچن ۽ ٻئي حڪم جو انتظار ڪن.

ان کان پوءِ ڪرنل موزلي تي ڪيس هلائي کيس فوجي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ۽ 64 بنگال ريجمينٽ جي ويهن فوجين کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو. جيڪي انهيءَ بغاوت جي اڳواٽي ڪري رهيا هئا. انهن کان سواءِ ٻين ڇهن کي به سزا ڏني وئي هئي. هنن ڳالهين هوندي به 64 ريجمينٽ پنهنجي ضد تان هيٺ ڪانه لٿي. سر چارلس نيپئر هن ريجمينٽ کان جهنڊو کسي ورتو. ان کان پوءِ هن "سيڪنڊ ڊگري" جي فوجي ملازمن کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ريجمينٽ کي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن اجا به بغاوت ڪئي وئي ته ساريءَ ريجمينٽ کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو. هن اهڙيون سزائون ڏئي هڪ مثال قائم ڪرڻ پئي چاهيو ٿي. پر هن اهڙيون سزائون بي دليون ڏنيون هيون، ڇاڪاڻ ته سمجهيائين ته اهڙو ڪم مناسب نه آهي ۽ اهڙو عمل هندستاني فوج لاءِ انصاف تصور ڪونه ڪيو ويندو. سندس چوڻ هو ته هن کان اڳ هي فوجي سپاهي 64 بنگال ريجمينٽ کي

پنهنجو گهر تصور ڪندا هئا. جيڪڏهن هنن کي ننڍڙي ڏوهه جي سزا ۾ نوڪرين مان ڪڍيو ويو تہ يا هڪ جوشيلي فوجي سپاهيءَ جي چوڻ تي اهڙي سزا ڏني وئي تہ فوجين جي دل کڄي ويندي. هن ٿي فوج ڪري هندستان سرڪار جي عزم ۽ ارادن کي هڪ تيڪ ملي ويندي آهي.

هن واقعي ڪري جنرل هنٽر سان بہ بي انصافي ڪئي وئي هئي. پر هن جي فوجي خدمتن کي نيٺ وڃي تسليم ڪيو ويو هو پر سنڌس خدمتن جي تعريف تہ بروقت ڪرڻ گهربي هئي. چاڪاڻ تہ هن وڏيون فوجي خدمتون سرانجام ڪيون هيون ۽ اجا تائين ڪري رهيو آهي. انهيءَ رواجي بغاوت دوران مير شير محمد ۽ احمد خان لغاري شڪارپور ڪان گهڻو پرري ڪونہ هئا. جن سان ڪڇي واري جابلو علائقن جا گهوڙي سوار بہ گڏ هئا. ان ڪان سواءِ چوڏهن پندرهن ٽالپر شهزادا مير علي مراد جي دربار ۾ بہ موجود هئا جيڪي ڏينهن جي سفر جيترو پري هئا. هنن مان ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ هئا. جيڪي جنگ ڪرڻ لاءِ اتامرا هئا. سنڌن مرضي هئي تہ جنگ اج لڳي تہ سياڻي ٻيو ڏينهن ٿئي. هي اهي ماڻهو هئا جن جي جلد بازيءَ ڪري مياڻي واري جنگ بہ لڳي هئي. اهي ساڳيا ماڻهو وري بہ جنگ لاءِ ور ڪنجيون بينا هئا. شڪاربور ۽ سکر ۾ فوج سان گڏ تمام گهڻو فوجي سامان موجود هو. جڏهن تہ سکر ۾ انهيءَ سامان سان گڏ سرڪاري خزانو بہ موجود هو. سيئي يورپي اعليٰ فوجي عملدار بہ هتي هئا. سنڌن گهرواريون ٻار ٻچا بہ ان فوج جي بچاءَ جي آسري تي هئا، جنهن هاڻي بغاوت ڪئي هئي. هنن سيني ريجيمينٽن ۾ فقط 13 ريجمينٽ يورپي هئي، جيڪا بيمار هئي ۽ مزاحمت جي لائق ڪانہ هئي. باقي ٻيون پنج ڇهہ ريجيمينٽون باغي ٻڻجي ويون هيون. امڪان هو تہ متان آرٽلري ۽ فوجي سامان ڦريو لٽيو وڃي، چاڪاڻ تہ شڪارپور جو وڳوڙي ماحول بلڪل اهڙو هو. اهو بہ امڪان هو تہ متان هن شهر کي ڦريو لٽيو ۽ يورپين کي قتل ڪيو وڃي ۽ جابلو جوءِ جا ڏاڙيل بہ هن ڦرلٽ ۾ شريڪ ٿي وڃن ۽ اها باغي فوج وري سکر شهر تي حملو ڪري. جيڪڏهن ائين ٿئي ها تہ سرڪاري خزانو توپون، فوجي سامان ڦرجي وڃن ها ۽ يورپي ماڻهن جون حياتيون بہ تباهہ ٿي وڃن ها. ان ڪانپوءِ ٽالپرن جي حڪمرانيءَ جا جهنڊا جهولن ها. ان وقت خيربور جو علي مراد بہ مجبور ٿي هنن سان گڏجي وڃي ها. اهڙي خطرناڪ قسم جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماحول جنرل هنٽر اچي ختم ڪيو هو. اهڙي اهم خدمت جي سرانجام ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيس تنبيهه ڪئي وئي هئي.

سر چارلس نيپئر هن ساري فتني کي لارڊ ايلنبرو خلاف سازش جو ڀوتاميل سمجهيو هو. ڇاڪاڻ تہ جنرل هنٽر کي هن ئي مقرر ڪيو هو. هن سازش ۾ بنگالي فوج جو حسد بہ شامل ڪري سگهجي ٿو جنهن فوجي سرگرمين کي متاثر ڪري ڇڏيو هو. هنن فوجين جي مرضي هئي تہ سر هيوگف Hugh gough کي ڪمانڊر ان چيف مقرر ڪيو وڃي، جنهن کي هو گرانڊ لاما ڪري سڏيندا هئا. سر هيوگ، معزز ايماندار سچو ڪرو ۽ مزاج ۾ سخي هو ۽ سازش ڪان ڪوهين ڏور هو پر ائڊجوٽنٽ جنرل ليوملي lumely ۽ جج ائڊووڪيٽ جنرل برج، جنرل هنٽر کي روانو ڪري ڇڏيو هو. اها صورتحال ان وقت تائين منجهيل رهي جيستائين سر چارلس، گورنر جنرل سر هينري هارڊنج کي ڇٽي، اهڙي غلطيءَ جي اصلاح نہ ڪرائي هئي. اهڙيءَ ريت بمبئيءَ واريءَ ڌر کي لڙ بکيڙي مچائڻ جو موقعو ملي ويو هو. جنرل هنٽر جون خدمتون تعريف لائق هيون، جيڪو سر چارلس جي نمائندگي ڪري رهو هو. جنهن ڪيس بچائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لاتا هئا، جڏهن هڪ هڪ بااختيار قوت هن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ لاءِ ڪانبو ٻڌي، هن جي ڪڍ لڳي پئي هئي.

## فوجي بغاوت جو هڪ ٻيو خطرناڪ واقعو

ٻيو واقعو بہ جڻ فوجي بغاوت جهڙو تباهہ ڪن هو. ڪئپٽن مئڪنزي جو تعلق اريگولر گهوڙي سوار فوج سان هو. هن گاهہ لٽڻ لاءِ گاهين جو هڪ جٿو روانو ڪيو جنهن سان گڏ ڏيهي فوجي عملدار جي نگرانيءَ ۾ پهريدار بہ موڪلي ڏنا هئا. هي ماڻهو خانگڙهہ کان ٻارهن ميل پري وڃي گاهہ لٽڻ لڳا هئا. انهن کي ڪنهن بہ دشمن جي حملي جو ڪتڪو ڪونہ هو، تنهن ڪري بنا ڪنهن چنتا جي گاهہ لٽڻ لڳي ويا. اتفاق اهو ٿيو جو ان ڏينهن ٻجار ڊومڪي پنهنجي ٻين ڏاڙيلن سان گڏ ڪنهن واردات ڪرڻ جي ارادي سان ڊومان ڪائي رهيو هو. هنن جي گاهين تي نظر پوڻ سان مٿن حملي ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ بہ سؤ گاهي ڪُهي هليو ويو ۽ پنجاهہ ڦٽي پهريدار وڃي ڪئپٽن ميڪنزي وٽ پهتا، جنهن سندس ڪڍ ڊڪا ڊوڙايا، پر هو اها ڏکوئيندڙ واردات ڪرڻ ڪان پوءِ واچ مينهن تي نڪتو هليو ويو ۽ "اريگيولر ڪئولري" جا گهوڙيسوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دستا اجائي جڪ ماري موٽي آيا. جڏهن هيءَ خبر جنرل چارلس کي پهتي تہ ڪاوڙ ۾ تپي ٽانڊا ٿي ويو ۽ هن اهڙو اظهار سرڪاري طور ڪيو هو.

ان جو ڪارڻ اهو تہ ڪپٽن مڪنزي سندس سڱيٽو هو. ڳاهہ لٽڻ جي مقصد سان، ڳاهين کي ايتري ڏوراهن پنڌ تي موڪلڻو ڪونہ هو پر جيڪڏهن موڪليو ويو هو تہ انهن جي بچاءَ جو چڱيءَ ريت بندوبست ڪيو وڃي ها. جڏهن فوجي خدمتن سان لاڳاپيل ماڻهو پنهنجي منصبي فرض جي ادائگيءَ لاءِ فوج ڇانوڻيءَ کان ٻاهر وڃن ٿا تہ نگران فوجي عملدار جو ڪم آهي تہ هو گهوڙي جي هني تان هيٺ نہ لهي ۽ رات ڏينهن سندس اکيون کليل رهڻ گهرجن ۽ سندس ڪاٺ پيٺڙ ۾ نند بہ گهوڙي جي هني تي ڪرڻ گهرجي ۽ تلوار ڪيس هٿن ۾ هجي. فوجي چوڪيءَ جي نگران فوجي عملدار کي تيستائين آرام ڪرڻو نہ آهي، جيستائين سڀ خير نہ هجي. جڏهن ڪيس اهو پتو هجي تہ هڪ جابلو ڌاڙيل جوءِ ۾ موجود آهي تہ ڪيس اٺ ئي پهر خبردار رهڻ گهرجي. اهو بہ غلط آهي تہ واردات ڪرڻ کان پوءِ ڌاڙيل جي ڪڍ لڳي پئجي. ائين ڪرڻ عام ماڻهن ۾ حيراس پيدا ڪرڻ ۽ فوجين ۾ ٽرٽلو پيدا ڪرڻ هوندو آهي. اهڙي ابهرائي مان پتو پوندو آهي تہ فوجي اڳواڻ کي تجربو ڪونہ آهي. اهو بہ سمجهڻ ڪپي تہ ڌاڙيل سان ڪا راند ڪيڏٽي ڪانہ هوندي آهي.

انهيءَ ڪارروائيءَ کي بلوچ قبيلا وڏي فتح تصور ڪري رهيا هئا، جڏهن تہ هنن ٻي هٿيار ڳاهين کي ڳاهہ لٽندي ڪهڻ وارو ڪارنامو ئي انجام ڏنو هو. ڳاهين جي قتل عام جون خبرون وڃي ڪابل ۽ قنڌار تائين پهتيون ۽ ائين تيليءَ مان تنبُ بڻائي پيش ڪيو ويو هو. جتي ڪٿي ڌاڙيل جي بهادريءَ جون تعريفون هلي رهيون هيون. اهڙيءَ ريت ڳاهين جي فاتحن جا حوصلا بلند ۽ ارادا اٽل ٿي رهيا هئا. بمبئي واريءَ ڌر کي ممڻ مچائڻ جو موقعو ملي ويو هو ۽ جنهن اخبارن وسيلي هن واقعي کي ڪٽي مٽي ڪنيو. ان کان پوءِ بجار ۾ ساٽس پٽ پيا تولا چڙواڳ ٿي ويا هئا. آڪرائي ڏسي فوج بہ ڊڄي وئي هئي. غريب ماڻهن جون آهون ۽ دانهون ڪير بہ ٻڌڻ وارو ڪونہ هو. هنن لاءِ بچاءَ جا سڀ گس بند هئا. ڪئپٽن مڪنزي جاچ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو پر ڪنهن بہ اهڙي ڪم ڪرڻ جي حامي ڪانہ ڀري.

## باغين تي حملي لاءِ رٿابندي

هي نهايت سياڻو ۽ سچيت فوجي عملدار هو. جنهن هڪ ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طريقي سان پنهنجي عزت ۽ وقار کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڏاڙيلن تي گرميءَ جي موسم ۾ حملو ڪيو هو پر شڪست کاڌي هئائين. ان کان پوءِ هو لڳاتار هنن جي چرپر تي نظر رکندو رهيو. انهيءَ مقصد سان ته جولاءِ جي مهيني ۾ جابلو قلعي تي حملو ڪري سگهجي. کيس آگسٽ مهيني ۾ پتو پيو ته شڪارپور کان سورهن ميل پري پنج سؤ ڏاڙيل موجود آهن، جن مان ڪي گهوڙيسوار ۽ ڪي پيادا آهن. اهو ٻڌي هو پنهنجي فوج وٺي چاليهن ميلن جي رفتار سان مٿن وڃي اوچتو ڪڙڪيو. هن پيادن کي ماري لاشن جا ڍير ڪري ڇڏيا. جنگ دوران گهوڙيسوار اک ونئي ڀڄي ڀوڳائي پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب تي ويا. هن مقابلي ۾ ٻه سؤ ڏاڙيل مارجي ويا. تڏهن بمبئيءَ واريءَ ڏر جي اخباري هاءِ گهوڙا مس وڃي هپاٽي هئي. جڏهن گاهين جي ڪوس جي خبر بمبئي واريءَ ڌر کي ملي هئي ته انهن ماٺهن اخبارن ۾ ڪئپٽن مڪنيزي خلاف باهه ٻاري ڏني هئي ۽ پئسا وٺي ليک لکڻ شروع ڪيا هئائون ته سر چارلس ساٽس ڏاڍي جُٽ ڪئي آهي. اهڙي ريت کيس عوام ۾ ڏاڍو بدنام ڪيو ويو هو. وري جڏهن وٽن هيءَ خبر پهتي ته ڪئپٽن مڪنزي ٻه سؤ ڏاڙيل ماري ڇڏيا آهن ته هنن وري لکڻ شروع ڪيو ته اهي ماڻهوءَ معصوم ۽ شريف شهري هئا، جن کي هن ڪئپٽن پلاند خاطر ماريو آهي، انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو اڳيئن شڪست جو ازالو ڪري سگهي ۽ پاڻ تان بدناميءَ جو تڪو لاهي سگهي.

## مئلن بابت سر چارلس جي ڪرايل جاچ

هن مامري ۾ سر چارلس جاچ ڪرائي هئي ته واقعي شريف شهري ته ڪونه ماريا ويا آهن. پر کيس پتو پيو ته اهي شريف شهري نه پر ڏاڙيل هئا ۽ جن ماڻهن لاءِ شهري هجڻ وري دعوي ڪئي پئي وڃي، سي علي مراد جي حڪمرانيءَ جي حد جا ماڻهو هئا، جن جا هٿيار ۽ ڪپڙا به ڏاڙيلن جي هٿيارن ۽ ڪپڙن جهڙا هئا ۽ ٻاهران آيل ڏاڙيلن سان گڏجي ڏاڙي هڻڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. اهي ماڻهو ذات جا ٻڙدي ۽ ٻڙديڪا جا رهاڪو هئا. ان کان سواءِ اهم ڳالهه هيءَ به آهي ته هنن علي مراد جي منع ڪرڻ باوجود به ڏاڙيلن سان ٻيلهه ٻڌي هئي. حقيقت اها هئي ته قليجي جي شڪست کان پوءِ گاهين جو ڪوس ٿيو هو. اهي واقعا هڪ ٻئي پٺيان رونما ٿيا هئا، ان ڪري ڏاڙيلن سمجهيو هو ته انگريزن کي تباهه ڪرڻ جو مناسب وقت اچي ويو آهي، تنهن ڪري هنن وڏي ڪارروائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ کان اڳ، مير علي مراد جي ملڪي سرحدن اندر ڌاڙي جي هڪ ڪارروائي ڪرڻ پئي چاهي. اهو پورو پتو هو تہ سنڌن ارادا کهڙا آهن. بڙديڪا جا بڙدي بہ ڌاڙي جي ارادي سان هٿيار ڪسي اچي هنن سان گڏيا هئا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڪائنن ڌاڙيل جي مال حصو پتي وٺي سگهن. اهي ماڻهو ڏاڍيءَ دليريءَ سان وڙهيا هئا. بلوچ نسل جا ماڻهو هنن علائقن ۾ ڏاڍي دليري جو مظاهرو ڪندا آهن ۽ سڪيا ستابا شهر ۽ ڳوٺ سر سبز ۽ آباد جوءِ پيلي پينگ ڪري ڇڏيندا آهن. هنن جون اهڙيون ڦهري ڪاروايون سنڌين جي ڳوٺن خلاف هونديون هيون. هتان جا ڳوٺاڻا پنهنجي قتل عام کان ڊجي ڪيڏانهن هليا ويا هئا. جيڪي هن واقعي کان پوءِ پنهنجن پڊن تي نظر اچڻ لڳا هئا، ۽ ڳاهين کي ڳاهہ لٽڻ ۾ مدد ڪري رهيا هئا، جن جو ڪم فوجي گهوڙن کي ڳاهہ پهچائڻ هو. هن واقعي کان پوءِ جنرل چارلس جي خواهش هئي تہ بگٽين، ڊومڪين ۽ جڪراڻين جون زمينون چانڊين ۽ مري قبيلي ۾ ورهائي، پر هن شرط سان تہ اهي هنن قبيلن کي سنڌ جي سرحد کان گهٽو پوئتي ڌڪي ڇڏيندا. هن ڳالهہ مان سندس مقصد هو تہ جيئن هنن بلوچ قبيلن اندر ويڙهہ هلي. جنرل جي هن آڇ جو نتيجو ڇا نڪتو تنهن جو ذڪر بعد ۾ ايندو. پر انهيءَ وقت ڌاڙن ڌاڙن ۾ ناپر اچي وئي هئي ۽ نہ ڪنهن فوجي پيش قدميءَ جي ضرورت محسوس ٿي هئي. ان کان پوءِ سارو ڌيان انتظامي معاملن ڏانهن ڏنو ويو.

## ڏوهن تي سخت ضابطي لاءِ سرگرم عدالتون ۽ پوليس

اهڙيءَ ريت عدالتي ڪاتي ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو ڌيان سان پنهنجو منصبي فرض ادا ڪرڻ ۽ ماڻهن کي انصاف ڏيڻ ڪري عام ماڻهو ڏاڍو خوش هو. ان ڪري پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ دلير بڻجي ويا هئا. عورتون بہ وڏي آواز هن نئين سماجي نظام جي تائيد ڪري رهيون هيون. اهي تہ ظاهر ظهور چئي رهيون هيون تہ اڳي ملڪ ۾ انڌ ڌُنڌ لڳو پيو هو ۽ امن امان تہ هوندو ئي ڪونہ هو. دشمنين ۽ خانداني جهيڙن زندگي زهر ڪري ڇڏي هئي. هاڻي اهڙي مجرم کي ڦاهيءَ جي سزا ڏني ويجي ٿي ۽ تنهن ڪري اهڙو تصور اُڀري رهيو هو تہ عورت کي قتل ڪرڻ جرم آهي. هي ۽ بيون بہ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون هيون، جيڪي عورت ذات جي فائدي ۾ هيون. سر چارلس انساني ڀلائيءَ لاءِ تہ اهڙا بهترين ڪم ڪيا هئا، پر سرڪار ناشڪري هئي.

هن ڪان سواءِ هت ٻيا ٻہ الائي ڪيترا جرم ٿيندا هئا. جيڪي عام ۽ نهايت خطرناڪ هئا. راهہ ويندڙ واپارين ۽ مسافرن کي ٻہ لٽيو ڦريو ويو هو. اهڙا جرم صفا ختم ٿي ڪونہ سگهيا هئا. چاڪاڻ تہ جابلو علائقو ويجهو هو. پر پوليس جي مدد سان اهڙن ڏوهن ۾ گهٽتائي اچي وئي هئي. انهيءَ ڪري پوليس جو هڪ آجو ۽ نجو کاتو ٺاهيو ويو آهي. ان کان سواءِ فوج جون بلوچ ٽالنون نهايت مقدم طريقي سان پنهنجو منصبي فرض ڪي ادا ڪري رهيون آهن. گهڻا بلوچ سردار جن ٽالپرن جي طرف کان مياڻيءَ ۾ اسان جو مقابلو ڪيو هو تن بہ هاڻي اسان جي ملازمت اختيار ڪئي آهي ۽ فوجي سپاهيءَ طور انگريز جي نمايان خدمت سرانجام ڏئي رهيا آهن.

صنعت کي بہ نئين سر جياريو ويو آهي. هاڻ سنڌ تحفظ جي معاملي چوڏس مشهور ٿي وئي آهي. تنهن ڪري ٻين ملڪن جا شاهوڪار سينيا ۽ هاري ناري سنڌ ۾ آباد ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. اهڙو سلسلو مستقل طور جاري آهي. اهڙيءَ ريت شڪارپور جي آدمشماري ڪراچي کان بہ گهٽي آهي، جيڪا ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. نہ رڳو اهو پر انگريز ۽ پارسي بہ هتي ويهي،وچ ايشيا سان واپار ڪرڻ جو سوچي رهيا آهن. اخباري ذرايعا ماڻهو امن امان جي اهڙن ڳالهين کي اجا بہ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهن ۽ اهڙا اعلان ڪري رهيا آهن تہ اتان جي ماڻهن جون دليون نفرت سان ڀريون پيون آهن. جيڪي انتقام وٺڻ لاءِ تيار ويٺا آهن. پر ڪوڙ ان وقت ڏاڍو خطرناڪ ٿيو ويو. جڏهن بمبئي سرڪار سنڌ ۾ بغاوتن هجڻ جو چئي ذهني عذاب ڏنو هو ۽ چيو ويو هو تہ اهو ظلمن جو نتيجو آهي. ان ڪري مجبور ڪيو ويو هو تہ سنڌ مان فوجون واپس ڪيون وڃن. انهيءَ مقصد سان تہ هو پاڻ بندوق ۽ تلوار جي مدد سان پنهنجي اختيارن کي قائم ڪري سگهن.

## وڏين ڏکاين باوجود سنڌ جي آمدنيءَ جا بهتر وسيلا

سنڌ هاڻي تازو فتح ٿي آهي. فتح کان جلد ئي پوءِ ڪيترن وبائي بيمارين منهن ڪڍيو آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ پيداوار جي مقابلي ۾ خرچ تمام گهڻو آهي، پر مستقبل ۾ تمام گهڻيءَ پيداوار جا امڪان موجود آهن. اهڙي ريت پيداوار جي ذريعن بابت اندازي لڳائڻ دوران بہ ڪيتريون دشواريون موجود آهن. ان کان ٽالپر جي دور واري محصول جي وصولي جي طريقي کي سمجهڻ ۾ وقت جي ضرورت آهي. هتان جي ماڻهن جون عادتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسم ۽ رواج مختلف آهن. تنهن ڪري هتي نئين قسم جو قانون نافذ ڪرڻ ۾ به وقت لڳي ويندو. ان ڪان سواءِ هيتري ساري وسيع علائقي ۾ محصول جي وصوليءَ لاءِ هڪ منظم طريقو نافذ ڪرڻ به ايترو سولو ڪونه آهي. اهو به ڏنو ويو آهي ته سماجي ۽ انتظامي نوعيت جي قائدن ۽ قانون بابت ڏوڪا به ڪيا ويا آهن ۽ رسمن رواجن جي ناتي نڳيون به ڪيون ويون آهن. ان ڪان سواءِ ماڪڙ اوچتو آئي ۽ سارا فصل ڪائي چٽ ڪري وئي. ان ڪري سنڌ جي پيداوار کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ويو. ان ئي زماني ۾ ماڻهن ۾ وچڙندڙ بيماري ڪاهي پئي هئي ۽ سرڪاري ملازم به ان جي ور چڙهي ويا. تنهن ڪري صحيح معنيٰ سان آباد زمين جي داخلا تي ڪانه سگهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اوڳاڙي گهٽ تي. ڍل به جنس جي شڪل ۾ ادا ڪئي وئي. رٿبورن Rath borne، پوپ Pope ۽ گاڊني goddnney ڪليڪٽر هئا. پر دراصل فوجي هئا، جيڪي هوشيار ۽ ايماندار عملدار هئا. هنن ماڻهن پنهنجي عقلمندي سان ڍل جي اوڳاڙي ڪري سرڪار کي ايترو پئسو ڏنو جو سنڌ جي ساريءَ انتظاميہ جو خرچ به نڪتو جهڙوڪ گورنر کان وٺي ننڍي سرڪاري ملازم جي پگهار شامل سمجهڻ گهرجي، ان کان سواءِ اُٺ سوار فوج ۾ به هزار پوليس وارن جون پگهارون به هيون، جن مان اٺ سؤ ته گهوڙي سوار هئا. اهڙي ريت ستهٺ هزار اسٽرنگ پائونڊ بچت به تي هئي، جيڪا آگسٽ مهيني ۾ جنرل ٽريزري ۾ رکي وئي هئي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن فوج ۽ عوامي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ سرڪار جي مدد ڪري سگهجي. فوجين جي رهڻ لاءِ بئرڪن جي تعمير تي خرچ اڳئين سال جي پيٽ ۾ بيڻ تي ڪيو ويو هو. اهڙي ڪم کي اڪلائڻ واسطي سنڌ جي اقتصادي ڳالهين کي نظرانداز ڪيو ويو هو. ترقيءَ ڏانهن هي پهريون قدم هو جنهن مان معلوم تي رهيو هو ته اڳتي وڌڻ لاءِ سهوليتون موجود آهن، جن کي آڏو رکي ڪليڪٽرن کي ملڪ جي پيداواري ذريعن کي ڳولي لهڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي هئي. اهو به معلوم ٿيندو ته سنڌ جي انتظاميہ تي تمام ٿورو خرچ اچي رهيو هو. جيڪو به لک اسٽرنگ پائونڊن کان وڌيڪ ڪونه هو. اهو به امڪان آهي ته سنڌ جي پيداوار هڪ ملين اسٽرلنگ پائونڊ تي سگهي ٿي ۽ ان جي وصوليءَ عام ماڻهوءَ تي ڪنهن به قسم جو اضافي بوجھ ڪونه پوندو. ڇاڪاڻ ته ماڻهن کان زبردستي محصول وصول ڪرڻ سر چارلس جي حڪومت جي اصولن جي خلاف آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس تازو بيان هن ريت آهي: ”ڍل محصول اڳيان ئي گهڻو اوڳاڙيو پيو وڃي، پر ان جي گهٽ وصوليءَ لاءِ بندوبست به اهڙو ڪيو وڃي. محصولن جي وصولي جو طريقو به صفا بيڪار آهي. جيڪڏهن ڍل جي سٺي طريقي جي نفاذ کان اڳ ۾ وصولي جي جڙي سڙي طريقي کي ختم ڪري ڇڏبو ته اوڳاڙي ڪري ڪانه سگهبي ۽ پيداوار گهٽ ملندي. پر ائين ڪرڻ کان اڳ وصوليءَ جي طريقي تي نظرثاني ڪرڻ ضروري آهي. اهو فقط تڏهن ڪري سگهجي ٿو جڏهن اسان سياسي طور مستحڪم ٿي وڃون. تنهن ڪري حالتن کي هينءَ ڇوڙڻ لاءِ مجبور آهيان ته اوڳاڙي جي هلندڙ طريقي کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏجي. پر غريب رعيتي ماڻهن بابت ضرور سوچڻ گهرجي، جيڪي پنهنجي زمين جي پيداوار جو سراسري اڌ ڍل طور ڏئي رهيا آهن. پر ڪائنن اڌ بدران پيداوار جو ٽيون حصو ڍل طور وٺڻ مناسب ٿيندو. پر جيڪڏهن سهولتون وڌائيبيون ته ماڻهو محنت ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا ۽ ڍل محصول وڌي ويندو. جڏهن اسان ابتدا ۾ مزدور رکيا هئا ته ڏاڍا مهانگا هئا. ڪم ڪرڻ ۾ به ڏاڍا سست هئا. جيڪڏهن سندس ڪم جي جاچ پڙتال ڪبي هئي ته ڪم ڇڏي هليا ويندا هئا. پر هاڻي کين ڪم جو تجربو آهي، کين سهوليتون به ڏنيون ويون آهن. اجورو به گهٽو ڏنو پيو وڃي. هاڻي جيڪڏهن هنن کي سزا ڏني وڃي ٿي ته اها قبول ڪن ٿا، پر پورهيو ڪرڻ ڪونه ٿا ڇڏن. ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ضرورتن کان وڌيڪ ڪمائي رهيا آهن. مون کي پورو يقين آهي ته ايتري وڌيڪ ڪمائي ۽ سهوليتن ڪري، ٽالپرن جي حڪومت جي مزاحمت ڪندا ۽ اهو سوچيندا ته ڇا انگريز سرڪار ڇري ٿي آهي ڇا جو ٽالپر حڪومت کي آڻي رهي آهي.

## ميرن کي سنڌ تي ٻيهر ٽاڪڻ لاءِ بمبئي ڏر جون سازشون

بمبئي واريءَ ڌر جو هاڻي اهم مقصد اهو ٿي پيو آهي ته سنڌ ۾ ٽالپر حڪمرانيءَ کي ٻيهر قائم ڪجي، پر هاڻي ته سنڌ کي ڦرڻ لٽڻ ته ممڪن ئي ڪونه رهيو آهي. شايد اهي سنڌ انهيءَ ڪري ٽالپرن جي حوالي ڪري رهيا آهن ته اهي سنڌ کي سهٽي طريقي سان هلائي ڪونه سگهندا ۽ نئين فتح لاءِ انگريز سرڪار کي اڪسائيندا ۽ اُتساهيندا. چاڪاڻ ته هنن جا سرڪاري عملدار سرڪاري پئسن ۾ نڳيون ڪندا ۽ ٽالپر اقربا پروريءَ کان ڪم وٺندا. اهڙيءَ ريت ڪي درخواستون ۽ يادداشت ناما

آهن. جيڪي مير رستم ۽ ٻين ميرن جي نالن تي آهن، جن ۾ سر چارلس تي ڪيترائي الزام هنيا ويا آهن. پر حقيقت اها آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون بمبئي ۾ تيار ڪري انگلينڊ ڏانهن موڪليون پيون وڃن. انهن درخواستن کي ڪجهہ گهوهہ ۾ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس اڳتي وڌائي رهيا آهن. پارليامينٽ جا ڪجهہ ميمبر وري ان ڪم کي ظاهر ظهور لڳيا پيا آهن. انهيءَ لاءِ جيئن هو ساري سياسي ماحول کي سر چارلس خلاف بڻائي سگهن. پر اتفاق سان اهي ماڻهو ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهيا آهن.

جيڪڏهن سنڌ جي حڪومت سر چارلس بدران ٽالپرن جي هٿ ۾ هجي ها تہ مونڊارج جي سربراهي ۾ تيندڙ ملتان واري بغاوت کي منهن ڏيڻ لاءِ فوج سنڌ مان نہ وڃي ها. بلڪ ان بغاوت کي وڌيڪ پڙڪائڻ لاءِ هزارين بلوچ وڃي ملتان پهچن ها ۽ انگريز لاءِ ڏچو پيدا ٿي وڃي ها. ان حالت ۾ بهاولپور جي فوج ۾ ملتان جي مدد ڪن ها.

هيءَ حقيقت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ هندستان سرڪار پنهنجي فوج جو تعداد سنڌ جي فتح جي مقصد سان يا ان فتح کي برقرار رکڻ جي ارادي سان ڪونہ وڌايو آهي، پر اتي گڏ ٿيل فوج پنجاب جي رياست ۽ شهنشاهت جي مفادن کي تباهہ ڪرڻ جي غرض سان گڏ ٿي آهي. سنڌ اندر فقط ايتريءَ فوج رکڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن هتان جا ماڻهو نئين حڪومت ۾ آرام ۽ سڪون سان گذاري سگهن. هاڻي اهي پيٽ پري تہ ماني کائن ٿا. هنن ماڻهن کي ملندڙ جسماني عذاب ڪري، سندن روح هنن کان جڻ تہ جدا ٿي ويا هئا. ٽالپر حڪمرانن وٽ تربيت يافتہ ولايتي فوج ڪانہ آهي. جيڪڏهن کين هاڻي حڪومت واپس ڪئي بہ وئي تہ هتان جي رعيت کين ٻوڙائي، ملڪ مان ئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي. اهڙين ڳالهين هوندي انگلينڊ ۽ هندستان ۾ هن موضوع تي سنجيدگيءَ سان سوچيو پيو وڃي تہ سنڌ جي حڪومت ٽالپر حڪمرانن کي واپس ڪئي وڃي ۽ اهو ڪم بمبئي واريءَ ڏر جي ارادن مطابق ڪيو پيو وڃي، جنهن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ائين ٿيو تہ "اها لارڊ ايلنبرو جي وڏي شڪست هوندي." هنن ماڻهن جو اهو چوڻ بلڪل صحيح آهي تہ هو ائين ڪري لارڊ ايلنبرو کي مات ڪري ڇڏيندا. پر انهيءَ سان گڏ اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ اها ڌر ائين ڪري جڻ انگلينڊ کي بلڪ انسانذات کي شڪست ڏيڻ چاهي ٿي.

## فوج لاءِ بئرڪن جي تعمير

عوامي ڀلائي جا هلندڙ ڪم ٻن ڌرين جي هٿن ۾ آهن، جن مان هڪ سول ۽ ٻي فوج آهي. ٻهرين ڌر غورفڪر سان حساب ڪتاب ڪري، اهڙن ڪمن جو بنياد رکيو آهي، جن مان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو فائدو آهي. جڏهن تہ ٻي ڌر اهي ڪم هٿ ۾ کنيا آهن، جيڪي انگلينڊ لاءِ فائديمند آهن. هن ڌر جو مکيہ ڪم اهو آهي تہ فوجين جي رهڻ لاءِ سٺيون بئرڪون تعمير ڪري ۽ ٻي ڳالهہ اها انگريز هندستان جي سرحدن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بہ سگهاريون جڳهون جوڙي تيار ڪري رهي آهي. پر جيڪڏهن هنن ڳالهين کي تجارتي نقطہ نظر سان ڏٺو وڃي تہ بہ اهي وڏي فائدي واريون آهن. اهڙيءَ ريت سر چارلس نيپئر جو مقصد آهي. اهڙين تعميرات جا بنياد نهايت سگهارا هجڻ گهرجن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هن عظيم معاشري جو بنيادن کان مٿان واري جوڙجڪ پڻ سگهاري هجي، تنهن ڪري هي جنرل اهڙي تعمير پنهنجي اخلاقي قوت کي ڏسي قائم ڪري رهيو آهي، جنهن جو واسطو سنڌوءَ جي ڪنارن کي مضبوط ڪرڻ سان آهي. هي هڪ وڏو منصوبو آهي جيڪو لارڊ ايلنبرو جي ذهين قيادت جي نگرانيءَ هيٺ، مختلف حصن ۽ مرحلن ۾ تيار ٿيڻ وارو آهي. پر اڳتي هلي هن ڪم جي اهم حصن جو ڪم اڌ ۾ ڇڏيو ويو هو. اهو هندستان سرڪار جي اهم قوت جي لاپرواهي ۽ هرويرو دخل اندازي ڪري اڌ ۾ روڪيو ويو هو. مان هتي اها حقيقت ٻڌائڻ چاهيندس تہ ان منصوبي مطابق ٿيندڙ ڪمن پويان ارادو ۽ مقصد ڪهڙو هو.

جڏهن سڄ، درياہ ۽ ڏاڙيلن تي ضابطو رکيو آهي تہ پوءِ هتان جا ماڻهو هن ملڪ کي شاهوڪار بڻائڻ لاءِ وٽن ئي ننهن جو زور لائيندا، جيڪو قدرتي وسيلن سان مالا مال لڳو پيو آهي. انهيءَ سان نہ رڳو اهي سکيا ستابا ۽ دولتمند ٿي ويندا، پر سرڪار کي بہ گهٽي ڍل ۽ محصول وصول ٿيندو. اهو مشاهدو جنرل سر چارلس نيپئر جو هو. جنهن جي آڌار تي هن هڪ عظيم منصوبو جوڙيو هو. پر ان سان اهو بہ ضرور ڏٺو وڃي تہ ان دور ۾ هن ماڻهوءَ جي آڏو ڪهڙيون مشڪلاتون موجود هيون. اهڙيءَ صورتحال لاءِ سندس بيان هن ريت آهي: ”هتي انجنيئر حاصل ڪرڻ نهايت مشڪل مسئلو آهي. هندستان اندر سول بيورو ڪريسي موجود آهي، جنهن جون پگهارون بہ وڏيون آهن. پر ڪنهن ڪاتي لاءِ عملدارن جي مقرر ڪرڻ واري ڪم ڏانهن تہ ڌيان ئي ڪونہ ٿو ڏنو وڃي. تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هر ڪاتي ۾ بين عملدارن سان گڏ انجنيئرن جي بہ ڏاڍي کوٽ آهي.“ سنڌ ۾ ترقي جي ڪمن لاءِ ڏاڍيون ڳنڀير رنڊڪون موجود هيون. سڀ کان پهرين ڳالهہ اها هئي تہ سنڌ، بلوچ جاگيردارن جو ملڪ آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو فتح وقت هتان جي فوج ائين ڪانہ هئي، جيئن مهذب قومن جي هوندي آهي. سندس چوڻ آهي تہ ”اسان مهذب معاشري ۾ موجود هڪ بيابان ۾ جڻ هڪ بينڪي راڄ آهيون.“ هي لفظ سندس تڪيہ ڪلام هوندو هو. اهو ئي ڪارڻ هو جو اسان هر چيز نئين ناهي هئي، پر ڳالهہ ڪنهن ڪرامت کان خالي ڪانہ هئي، جو اسان نهايت مختصر عرصي اندر هڪ قابل قبول ۽ بهتر انتظاميہ قائم ڪري ورتي هئي. اهو اڻ کٽ محنت ۽ ڏکن ڏاکڙن قبول ڪرڻ جو نتيجو هو جنهن ڪري اهڙا بهتر نتيجا مليا هئا. چاڪاڻ تہ هن وڏيءَ مشين جا اسپرنگ ۽ ڦيٿا هڪ ئي وقت ۾ مناسب جاين تي ائين ڪونہ ڪريا هئا، جيئن نوبت وڄڻ تي فوج هڪ ئي وقت تيار ٿي ويندي آهي ۽ مناسب جڳهن تي اچي بيهندي آهي. حقيقت بہ اها آهي تہ فوج جي نوبت جو آواز ساري ملڪ ۾ هڪ گونج جي شڪل ۾ ٻڌو ويو هو. پر اتي هڪ ڪمانڊنگ هٿ بہ موجود هو جيڪو سگهارو ۽ ڏاهو هو جنهن انتظاميہ جو بنياد رکيو هو ۽ جنهن ڪم کي اڳتي ڌڪڻ جي ابتدا ڪئي هئي. هتي پيداوار ۽ پئسي جي ڏاڍي اٿاٿ هئي. تنهن ڪري اهڙين مشڪل حالتن ۾ مٿي ايرڻ هڪ ڏکي ڳالهہ هئي. ان زماني ۾ هتي ڪي اهڙيون ڪشاديون ۽ وڏيون جڳهون ڪونہ هيون جتي فوج کي رهايو وڃي. اهڙيءَ ريت بئرڪن جي تعمير بہ ملڪي ضرورتن کان پوءِ واري بچت جي پئسي مان ٿيندي آهي. ليڪن هتان جي پيداوار تہ مناسب ئي ڪانہ هئي. صورتحال اهڙي هئي جو هتڙي ڏهاڙي هڪ يا بہ فوجي ضرور مرندا هئا ۽ ڪا خاص صحت بخش جوءِ ڪانہ هئي. جنهن کي بئرڪن جي تعمير لاءِ چونڊجي. ان کان سواءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو طريقو اهو هو تہ حڪمران اهڙو هجي جو حساب ڪتاب ڪرڻ جو ماهر هجي، پر انجنيئر اصل نہ هجي. ليڪن ڪمپني جو اهو نمونو ڪجهہ عيبن وارو ۽ گهڻ ـ خرچائو هو ۽ هائي بہ منجهس ڪئي اوڻايون آهن ۽ خرچ بہ ڏاڍو ڪيو پيو وڃي. ڪراچيءَ ۾ فوج جي رهڻ لاءِ بئرڪن جي تعمر جي شروعات انهيءَ زماني ۾ ڪئي وئي، جڏهن افغانستان تي حملي ڪرڻ دوران هن شهر تي قبضو ڪيو ويو هو. پر هنن بئرڪن جي تعمير نهايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب هئي. اهڙي گندي تعمير انهيءَ ڪري ٿي هئي جو فوجي عملدار عام فوجي سپاهيءَ کي گهٽ نظر سان ڏسندا هئا. اهي بئرڪون بمبئي مان موڪليل ڪاٺ وسيلي جوڙيون ويون هيون. پر اهو ڪاٺ اڳ ۾ ئي استعمال ٿيل هو. جيڪو پٺي ڪم ۾ اچڻ لائق ڪونه هو. ان کان سواءِ ٻيون رنڌڪون به هيون. جن کي ختم ڪرڻ لاءِ نومبر 1843ع ۾ ويچاريو ويو هو ۽ چيو ويو هو ته "عوامي ڀلائيءَ جا ڪم نهايت سست رفتاري سان ٿي رهيا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هتان جا ماڻهو سست آهن. آبهوا به صحت بخش نه آهي. جڳهن ۾ ڪم اينڊڙ شيون پري کان ۽ مشڪلاتن سان هٿي آنديون وڃن ٿيون. ڪم لاءِ ملنڊڙ ڪلارڪ ٿورا آهن. هر شيءِ انجنيئر جي خلاف آهي. پوءِ ڪٿي هو تندرست به ٿيو نه هجي. هن وقت تائين ته بيماريءَ اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. بيماريءَ کان اڳ جتي هڪ انجنيئر وٽ چار سو مزدور ڪم ڪندا هئا بيماريءَ کان پوءِ پنجاهه مزدو ر به ڪونه ٿا ملن. پر هتان جا ڏيهي ماڻهو ته بيمار فوجيءَ کان به وڌيڪ بيمار آهن. جيستائين هيءَ بيماري ختم نه ٿيندي، تيستائين ڪجهه به ڪري ڪونه ٿو سگهجي.

## ڪراچيءَ جي اهميت ۽ ان جي نئين سر تعمير جا منصوبا

ڪراچي سنڌ جي راڄڌاني آهي. ان شهر جي چوڌاري مضبوط قلعو اڏي ايترو سگهارو ڪرڻو آهي، جو ڪنهن به وچ ايشيائي طاقت جو متس حملو ڪامياب ٿي نه سگهي. پر اهو به ڏسڻو پوندو ته ان شهر جي چوڌاري وڌڻ واري صلاحيت کي روڪڻو به نه آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ ۽ ان جي اهم ڀرتي ڪنڊڙ شاخن مان آباد علائقن جي واپار ڪري، هي شهر تجارتي مرڪز بڻجڻو آهي. تنهن ڪري هن شهر لاءِ زمين جي وڏيءَ ايراضي جي ضرورت آهي. جنهن ۾ شهر جي وسعت ۽ فوجي ڇانوڻي ۽ بندرگاهه تعمير ٿيڻ جيتري گنجائش هجڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪري ٻپ ۽ گِذري وارو جابلو علائقو به هن شهر واريءَ ايراضي ۾ شامل ڪرڻ ضروري ٿيندو. ان کان سواءِ ملير ندي به ڪراچي شهري ايراضيءَ ۾ شامل هئڻ کپي. شهر جي منصوبه بندي ۾ اهو به شامل آهي ته چين جي ماڻهن کي ڪراچي جي چوڌاري باغ پوکڻ جو ڪم حوالي ڪجي. ساڳيءَ ريت ڏيهي ماڻهن جي به هن ڪم ۾ همت افزائي ڪجي. هي نهايت بهترين منصوبو آهي. جنهن تي اهڙا ماڻهو تنقيد ڪري رهيا آهن، جن کي نه اهڙن ڪمن ڪرڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طاقت آهي، نه وري اهڙي سٺي ڪم جي شروع ڪرڻ کان پوءِ ان کي سمجهڻ جي صلاحيت. اهو به چوندا آهن ته سنڌين ۾ سکڻ جيتري به صلاحيت ڪانه آهي. اهي فقط پنهنجي من ۾ مست هوندا آهن ۽ ڪين لٽيءَ ايريءَ جي خبر ئي ڪانه هوندي آهي. اهڙو جواب ڪين ڏنو ويو ۽ ٻڌايو ويو هو ته هتان جا ماڻهو هر شيءِ جلدي سکي وٺندا آهن ۽ پاڇين پوکڻ ۽ انهن جي سيوا ڪرڻ جا ڪويسر آهن ۽ هتان جون تازيون سايون پڇيون کائڻ ڪنهن عياشيءَ کان گهٽ نه هوندو آهي.

## ڪراچيءَ ۾ نئين سامونڊي بندر جي تعمير جو منصوبو

هتان جو سامونڊي بندر ڏاڍو ڏکيو آهي. بندر کي پيٽيندڙ جهاز پري کلئي سمنڊ ۾ اچي بيهندا آهن، جتان تجارتي مال ۽ فوج ڪليل ٻيڙين وسيلي ڪاڙي اُڪري اچي ڪناري تي پهچندا آهن. ڪڏهن ته وري اهڙي حالت تي ويندي آهي جو فوج يا تجارتي سامان ساري رات سمنڊ ۾ بيٺل جهاز ۾ ترسيل هوندو آهي. عام طور تي اهو به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته فوجي جهاز تان لهي، پنيءَ بوڙ پاٽي جهاڳي، اچي ڪناري تي پهچندا آهن. ڪڏهن ڪين گپ مان به جهاڳڻو پوندو آهي، جيڪو صحت لاءِ سخت هاجيڪار آهي. انهيءَ تڪليف کان بچڻ لاءِ سمنڊ وچان هڪ دمدمو نهرايو ويو آهي، جيڪو ڪناري کان ان جاءِ تي پهچندو جتي سمنڊ ۾ جهاز اچي بيهندو ۽ جنهن مان فوجي لهي دمدمي وسيلي اچي ڪناري تي پهچندا آهن. دمدمي وارو اهو رستو چوويهه ئي ڪلاڪ ڪليل رهندو آهي، جيڪو سمنڊ جي ڪاڙي ۽ گپ اڪري سلامتي سان اچي ڪناري پهچي ٿو. هن سهوليت جي ڪري چوويهه ئي ڪلاڪ جهازن مان سامان لهندو ۽ چڙهندو آهي. سال جي ابتدائي حصي ۾ هتي ڪي مختصر ڪاريگر موجود هئا. اهو گهٽ تعداد بيماريءَ ڪري هو پر اهڙيءَ کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ممبئي مان چار سو جاڻو ماڻهو گهرايا ويا هئا. چاڪاڻ ته اهو تعميراتي ڪم به ميل ڊگهو هو جيڪو سامونڊي پاٽيءَ ۾ گپ وچان ناهڻو هو ۽ هن شهر جي اوسر ۽ ترقي لاءِ نهايت اهم هو. هندستان سرڪار به هيءَ رٿ پيش ڪئي هئي ته اتر ستلج واري سرحد کي محفوظ رکڻ لاءِ اضافي فوج موڪلي ويندي، جيڪا سنڌ کان ٿيندي متي ويندي. اهو بحث جو هڪ اهم نڪتو آهي ته فتح کان پوءِ هي سنڌ ملڪ هندستان سرڪار جي مضبوط سرحد بڻجي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪراچي بندر کان سنڌو درياءَ وسيلي تجارت جو منصوبو

ڪراچيءَ جي بندر کي سنڌو درياه جي اهم ۽ ويجهي پرتي ڪنڌڙ شاخ سان ملائڻ ضروري آهي. انهيءَ لاءِ جيئن ان کي تجارت جي شهه رڳ بڻائي سگهجي. انهيءَ دور ۾ صورتحال ائين ڪونه هئي. ان زماني ۾ وڏ ۾ وڏ تجارتي قافلا سيوهڻ کان ايندا هئا. جيڪي ٺاٺي احمد خان کان ٿيندا، ڪراچي پهچندا هئا. اهو رستو هالا جبل جو ترو ڏئي هلندو هو. تنهن ڪري هن عظيم درياه کي تجارتي اهميت ڏيڻي هئي. گهاري جي نالي سان سنڌوءَ جي ڦاٽ جو پراڻو وهڪرو آهي، جيڪو هاٽي لٽجي ۾ پورجي ويو آهي. ڦاٽ جو پراڻو پيٽ ڪراچيءَ ويجهو گذري ڪاڙي کان هلي، وڃي سنڌوءَ سان ملي ٿو. جنهن جي هاٽي سروي به ٿي چڪي آهي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هن هنڌ آگبوٽن واري آمدرفت شروع ڪري سگهجي. هي پراڻو وهڪرو جهرڪ شهر پرسان سنڌوءَ سان ملي ٿو. تنهن ڪري آگبوٽن جي پهرين اسٽيشن به انهيءَ ماڳ وٽ ٺاهي ويندي. ساڳيءَ ريت حيدرآباد سان فوجي رابطو به ٺٽي وسيلي رهندو. جتان فوجي آگبوٽ، گهاري کان سنڌوءَ ۾ داخل ٿيندا. پر هن آبي رستي سان مشڪلاتون تمام گهٽيون آهن، ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ وسيلي آمدرفت ۽ تجارتي مال چاڙهڻ لاهڻ ڏکيو ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ساموندي ڪناري پرسان پاڻي گهٽو اونهون ٿي ويندو آهي. صبح جو وري ساموندي پاڻي لٿل هوندو آهي. سنڌوءَ جي وهڪري جي سامهون وڪر sand back ظاهر ٿي پوندي آهي اهڙيءَ ريت حيدرآباد پهچڻ ۾ ٽي ڏينهن لڳي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته جڏهن لهرون طاقتور ۽ تيز هونديون آهن ته ٺٽي جهڙي غير صحت بخش ماڳ وٽ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ترسڻي پوندي آهي.

## ڪراچيءَ تي خشڪيءَ رستي حيدرآباد سان ڳنڍڻ جو منصوبو

اهڙن ڏچن کان لنوائڻ لاءِ خشڪيءَ وسيلي سفر ڪرڻ لاءِ هڪ رستو سوچيو ويو آهي، جيڪو ڪراچيءَ کان نڪرندو ۽ گهاري جو اتر ڏئي ڪوٽڙيءَ پهچندو. هي ماڳ حيدرآباد جي آمهون سامهون آهي. انهيءَ رستي سان سفر ٽيهه ميل وڏي ته ويندو پر فوج، پاڻيءَ واري سفر کان جلدي پنهنجي منزل تي پهچي ويندي. باقي بيو سفر ٻن ڏينهن اندر طئي ڪري سگهندي. جيڪڏهن رفتار تيز آهي ته فقط هڪ ڏينهن لڳي سگهي ٿو. اهو به سوچيو ويو آهي ته هن رستي مان هڪ ماڳ جهرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن وڃڻ لاءِ بہ تيار ٿيڻ گهرجي. هن ماڳ وٽ درياهہ جا ڪنارا جابلو آهن. تنهن ڪري لهڻ ۽ چڙهڻ سولو ٿيندو. هي رستو هڪ سؤ ميل ڊگهو ٿيندو. جنهن سان ڇانوَ جو بندوبست ڪيو ويندو. جنهن ۾ ريجمينٽ جي هڪ ونگ خوشيءَ سان ماپي سگهندي. هي اهڙو نشان هوندو جنهن ۾ سفر ڪندڙ فوج سولائيءَ سان سمجهي سگهندي تہ اها منزل ڪرڻ واري جڳهہ آهي. هنن جڳهن جي تعمير ڪري مزدوري بچي پوندي. تنبن کوڙڻ ۽ اکوڙڻ تي وقت جو زيان ڪونہ ٿيندو. ان کان سواءِ اهڙي سامان جي لاهڻ چاڙهڻ جي سيڙپ بہ ڪانہ ٿيندي. ليڪن فوج جو سفر ٿڌيءَ رُت ۾ ٿيندو آهي. اهڙيون سهولتون فقط اهڙا ماڻهو محسوس ڪري سگهندا, جن کي خبر آهي تہ اوير واري ملڪ ۾ پهريون پيرو ايندڙ فوج ٻي پهچ, لاچار ۽ جسماني طور ڪمزور هوندي آهي.

اهڙن رستن ۽ سهوليتن جي تجويز فقط ان علائقي لاءِ هئي, جنهن جو مرڪز ڪراچي شهر آهي. اهڙين سهوليتن جو استعمال بہ جلد ٿيندو. اهڙيون سهوليتون نہ رڳو اڄ واري معاشري لاءِ هونديون,پر مستقبل جو معاشرو بہ انهن سهوليتن مان فائدو حاصل ڪندو. هن کان سواءِ ڪي ٻيا بہ اهڙا منصوبا هئا, جيڪي سر چارلس جي سرڪار انهيءَ ڪري ختم ڪري ڇڏيا هئا تہ بار بار لکپڙهہ ڪرڻ باوجود ضروري قدم ڪونہ ٿي کنيا ويا يا وري اهڙن خطن جو جواب ضروري تصور ڪونہ ٿي ڪيو ويو.

## حيدرآباد جي تجارتي اهميت ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ منصوبا بندي

ڪراچيءَ کان پوءِ حيدرآباد تجارت جو اهم مرڪز آهي, جنهن جي حال ۽ مستقبل جي ترقي لاءِ وڏا منصوبا تيار ڪيا ويا هئا.

فوجين لاءِ بئرڪون پڪسريون ٺاهيون پيون وڃن, جن ۾ ڪمرا ڪشادا ۽ اتانها هوندا. اهڙيون جڳهيون پهاڙ تي هونديون, روشنيءَ ۽ هوا جو بهتر بندوبست هوندو. هينئنءَ جڳهہ کي رات جو زمين مان نڪرندڙ بخارن کي روڪيو ويندو.

حيدرآباد جي قلعن جي مرمت ڪرڻ, انهن کي مضبوط ڪرڻ ۽ صفائي بندوبست رکڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ آهي, پر اهو ڪم هاڻي مڪمل ٿي چڪو آهي. ٽالپرن جي جوڙايل قلعن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي, جيڪي هاڻي مضبوط ڪيا ويا آهن. جيڪي ناقابل شڪست آهي. انهن تي جيڪڏهن اونهاري يا سياري ۾ گهيرو ڪبو تہ دشمن فوج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي مليريا چنبڙي ويندي. چاڪاڻ تہ اهي اترين جابلو چوٽين تي جوڙيا ويا آهن، جيڪي پندرهن فوٽ متي آهي. قلعي کي متان پٽي اندر اچي سگهجي ٿو. قلعي جي تعمير ۾ ڪتب آيل پڪيون سرون ڏاڍيون لسيون آهن،تنهن ڪري ائين ڪرڻ بہ ڏاڍو ڏکيو هوندو. جيڪڏهن قاتڪ وسيلي قلعي اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪبي تہ بہ ڪاميابي ڏاڍي مشڪل آهي. قلعي اندر ست کوهہ آهن. جيڪي تالپر حڪمران لڙائي ڇڏيا آهن، جن کي هاڻي برطانيہ جي فوج صاف ڪرڻ ۾ مصروف آهي. انهن جو پاڻي مٺو ۽ سٺو آهي. هن قلعي کي اڳ ۾ هڪ قاتڪ هو پر هاڻي ٻيو بہ تعمير ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ اترئين پاسي کان گول پٽ ڏني وئي آهي. جڏهن تہ ٻيون ڪيتريون جايون ڊاهي پٽ ڪيون ويون آهن. ان کان سواءِ قلعي ۽ فوجي ڪئمپ جي وچ وارو رستو بہ ساڳي ريت ڪي جڳهون ڊاهي ٺاهيو ويو آهي. ليڪن فوجي ڪئمپ ۾ قلعي جي رابطي لاءِ چبوترن ٺاهڻ جي موڪل ڪانہ ڏني وئي هئي.

هنن سيني تعميراتن پويان فوجي مقصد هئا. جن جي ابتدا تهذيب جي واڌاري ۽ ترقيءَ واسطي ڪئي وئي هئي. ۽ انهن جي ضرورت بہ هئي. ابتدا بہ فوجي قسم جي تعميراتن کان ڪئي وئي آهي. شهر جي چوڌاري پاڻيءَ جا تلاءَ موجود هئا، جن کي پورائي ختم ڪيو ويو آهي. جن جي بدران پٿرن جي فرشبندي ڪري وڏا تلاءَ ٺهرايا ويا آهن. حيدرآباد شهر کي هنن تلائن مان پاڻي ملندو هو. جيڪي هر سال سنڌوءَ جي چاڙهہ ڪري پرجي تار ٿي ويندا هئا ۽ ڏرتتيءَ ڪري گندا بہ ٿي ويندا هئا. ان کان پوءِ ميرپور خاص ۽ عمرڪوٽ جي وچ واري رستي جي تعمير هئي، جنهن جو فاصلو نوي ميل هو. رستي ۾ ڪيترن ننڍن وڏن واهن تي پليون ٺاهيون ويون هيون. سيني کان وڏي پل ڦليليءَ متان ٺاهي وئي هئي، جنهن جو اهم مقصد فوجي رابطو هو. پر اهڙن رستن ۽ پلين ٺاهڻ جو ٻيو مقصد اهو هو تہ جيئن وچ سنڌ جي راڄڌانيءَ کي زراعتي تجارت جو مرڪز بڻائي سگهجي. ٽين ڳالهہ تہ حيدرآباد ۽ ڪڇ جي وچ تي هڪ سو ميل ڊگهو رستو جوڙيو ويو هو. جنهن جو مقصد انتظامي ۽ فوجي هو. انهيءَ رستي وسيلي سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي کي کولٽو هو جيڪو سنڌ جو وڏ ۾ وڏ سکيو ستابو ۽ شاهوڪار علائقو آهي. ان سان گڏ هي نهايت خطرناڪ علائقو بہ آهي، جيڪو باغي ماڻهن جي ور چڙهي ويو آهي.

هن علائقي کي سھوليتون ڏيٽيون آھن ۽ ان جي خبرداريءَ سان نظرداري بہ ڪرڻي آھي. ھتي ھندو تمام گھڻا رھندا آھن. جن مٿان بلوچ نسل جي ماڻھن ڪيسن ۽ ڪلورن جا ڏنگ ڪري چڙيا آھن. بلوچن جو ڏاڍ ڏمر تہ سنڌ جي ھر علائقي تي گھٽو رھيو آھي، پر چوڙ واري علائقي ۾ ظلم ۽ زورواريءَ جا سڀ ليڪا لتاڙي وڃي پار پيا آھن. چوٿين ڳالھہ، اتر ويندڙ رستيءَ لاءِ مياٽيءَ پرسان ھيءَ پل جي تعمير ھئي. ھن پل جي تعمير سان ڪراچي ۽ سکر وچ ۾ فوجي رابطي کي مڪمل ۽ سولو ڪرڻ ھو. اھڙن رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ارادي سان مارن سان گھر يا چبوترا تعيمر ڪرڻا آھن جن ۾ بہ تي فوجي رکيا ويندا. اھڙي اسٽيشن وڏي ٻيلي پرسان ۽ سنڌوءَ جي ڪناري سان ھوندي، جنھن جو مقصد اتي رھندڙ ايجنٽ جو تحفظ، ٻيلي جو بچاءُ ۽ آگبوٽن جي آمدرفت جي نظرداري ھوندي، تہ متان ڌاڙيل اچي انھن کي ڦري لٽي نہ وڃن. ان سان گڏ سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري سان رھندڙ ماڻھن کي احساس ڏياريو ويندو تہ اھڙيون ھشيون وڏي اھميت رکن ٿيون جيڪي غريب ۽ نيم وحشي آھن. سر چارلس جو سنڌو درياھہ جي اٿل پٿل ڏانھن خيال آھي. سر چارلس نيپئر دانشمنديءَ سان فوجي سرگرمين کي نظر ۾ رکيو ھو ۽ ڏاڍي جرئتمنديءَ کان ڪم ورتو ھئائين. اھا بہ سندس جرئتمندي ھئي جو سيزر (قيصر) Casar جي ٺھرايل پل جي نموني کان بہ وڏي پل جوڙائي ھئائين. انجنيئرن ۽ ڪاريگرن کي ھن جي مزاج جي پوري خبر ھئي. چاڪاڻ تہ ھن کي سنڌوءَ جي پاٽي تي ضابطي رکڻ جو احساس ھو تہ جيئن حملي دوران فوجي پيشقدمين کي چڱيءَ ريت منظم ڪري سگھجي. پل جي تعمير جي اھڙي چونڊ ڪرڻ بہ سندس عقلمندي جي ثابتي آھي. چاڪاڻ تہ سنڌو ھڪ پورالو درياھہ آھي، جيڪو سدائين پيو پنھنجا ٻيٽ مٽائيندو آھي ۽ امڪان ھو تہ پل کي بہ چڙي وڃي. ان صورت ۾ پل کي ٽڪرا ڪري ڪنھن ٻئي مناسب ھنڌ تي تعمير ڪرڻ ممڪن ھو. جتي سنڌوءَ پنھنجو نئون وھڪرو ناھي ورتو ھوندو.

سيوھڻ جو اھم ماڳ سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع آھي، ھالا جبل بہ ان جي ويجھو آھي، تنھن ڪري ھتي جابلو ماڻھن جي حملي ڪرڻ جو امڪان آھي. ان جي امڪاني جواب لاءِ بچاءُ بہ ڪرڻو آھي. اھو بہ امڪان آھي تہ متان دشمن فوج جبل تان لھي حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حملو ڪري. اهو ئي ڪارڻ آهي تہ سر چارلس اتي هڪ فوجي ڇانوڻي تعمير ڪرائڻ پئي چاهي. پر اتفاقي صورتحال اهڙي پيدا ٿي پئي جو اهڙي ارادي کي ترڪ ڪيو ويو هو.

## سکر، بکر ۽ شڪارپور جي ترقي جا منصوبا

اهڙي ريت شڪارپور، بکر ۽ سکر جي چوڏاري سر ڏيڻ جو منصوبو هو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن سنڌوءَ جو پاڻي چاڙهہ جي رت ۾ شهرن ڏانهن وڌي نہ اچي. بئرڪن، سراين جي تعمير هلي رهي آهي. درياهي بندر ڊاڪ ۽ فوجي سامان لاءِ جڳهون تيار ٿي چڪيون آهن يا تعمير شروع ٿيڻ واريون هونديون. ڪم ڏاڍيءَ سست رفتاريءَ سان هلي رهيو آهي. ان جو ڪارڻ 1843ع واري وچڙندڙ بيماري آهي. جتي ڪٿي حال ساڳيو آهي. انجنيئر تہ بيمار آهن، پر ڪاريگر بہ بسترن اندر پيا آهن. افغانستان جي جنگ دوران بکر کان مٿان سنڌوءَ تي پل تعمير ڪئي وئي هئي جيڪا پوءِ ختم ڪئي وئي هئي. هاڻي سنڌوءَ کي ٻيڙين وسيلي پٽڻ تان پار ڪيو ويندو آهي. اهو طريقو ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ چاڙهہ وقت تہ پار وڃڻ ممڪن ڪونہ رهندو آهي. تنهن ڪري سر چارلس نيپئر سوچي رهيو آهي تہ جڏهن سکر ۽ روهڙي جا شهر ترقي ڪري وڏا ٿيندا تہ وڏيون پليون جوڙي، هنن ٻنهي شهرن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ويندو جيڪي بکر جي ٻنهي پاسن کان هونديون. ڪيس پل ٺاهڻ واري ڪاميابي تي پورو ويساهہ هو پر هاڻي سنڌو تي هڪ پٽڻ جي تعمير جون تياريون ڪري رهيو آهي. ان ڪانسواءِ هاڻي عام قسم جي سروي جو ڪم هلي رهيو آهي، جيڪو نهايت تيز فتاري سان اڳتي وڌي رهيو آهي. هن سان گڏ شڪار گاهن کي قانوني شڪل ڏئي، ڪين ٻيلن جي حيثيت ڏني وئي آهي ۽ اهو ڪم بہ مڪمل ٿيڻ وارو آهي. اهڙي ريت هزارين رعيتي ماڻهن کي سرڪاري زمينن تي آباد ڪيو ويو آهي. ڪيترائي ننڍا وڏا واهہ کوٽايا ويا آهن ۽ زراعت جي ترقي لاءِ دروازا کلي رهيا آهن. اهڙي ريت سائنٽفڪ آبپاشي نظام جي تڪميل ٿي چڪي آهي. جڏهن 1844ع واري سال لاءِ ڪيترن ئي جيلن جي تعمير جو منصوبو آهي.

## سنڌ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ بٽيل بمبئي ڊر

هنن منصوبن واسطي تمام گهٽي لکپڙهہ ڪئي وئي آهي، جنهن جو ذڪر مٿي بہ ڪيو ويو آهي، پر انهن بابت نہ ڪو ماٺهو پهتو آهي، نہ وري ڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. اها طاقت جيڪا ڪين ائين ڪرڻ لاءِ هتي ڏئي

رهي آهي، سا ان نوجوان ماڻهوءَ خلاف بہ ساڳي ڪن لاٿار ڪري، جيڪو سخت گرمي دوران ترقياتي سرگرمين ۾ رڌل هجي ها. ليڪن ڏنو وڃي تہ هتان جون ترقياتي سرگرميون هڪ خطرناڪ جنگ ڪان بہ وڌيڪ پوائنٽيون آهن. هن قسم جي حڪمت عملي ڏاڍي پيچيده آهي، جنهن ۾ مدد ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙا اهم ڪم ڏاڍي مشڪلات سان سرانجام ڪيا پيا وڃن. انهيءَ جي مخالفت بہ شروع ٿي چڪي آهي. تهمتن ۽ الزامن جا ڍير لڳي ويا آهن. گارين جي بہ گهٽتائي نہ آهي. اهي هندستان جي پريس جي دروغگومون مان راضي ڪونہ آهن. سندن مرضي آهي انهن ۾ اجا بہ اضافو ڪيو وڃي. هن پريس سان هاڻي انگلينڊ جي صحافت بہ شامل ٿي وئي آهي، جيڪا ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي بدنام ڪرڻ ۾ فرانس جي پريس ڪان بہ ٻہ رتيون ڪسر آهي. بدنامي سان لاڳاپيل مواد هنن کي هندستان مان ملندو آهي. 'نيشنل' نالي واريءَ اخبار ۾ بہ اهڙو گندو مواد شايع ٿيندو آهي، جيڪو ان اخبار کي "ڪميٽي آف هائوس آف ڪامنس" وٽان ملندو آهي. مذڪوره ڪميٽي ڪنهن ڳالهہ تي غور ڪرڻ وارو ڪڏهن ويهي ڪو ڪم ٿي ڪونہ ڪيو آهي. پر لارڊ ايلنبرو ۽ سر چارلس نيپيئر جي مذمت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندي آهي تہ هنن ڏاڍا ظلم ڪيا آهن، جڙ هنن پنهي جٽن دارا وارن غارن فرينچن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هجي.

بمبئي ۾ جڏهن لارڊ ايلنبرو جو خوف ختم ٿي ويو تہ بہ بدنام ڪرڻ واري ظالماڻي مهم ختم ڪانہ ٿي هئي، پر رهندو بہ وڌي وئي هئي. لارڊ ايلنبرو جي زماني ۾ آگبوٽ ايندو هو، جنهن ۾ سنڌ لاءِ لکپڙهہ موجود هوندي هئي ۽ هڪ مسلسل رابطي جو اهو سلسلو ۽ آگبوٽ جو هلڻ بہ بند ٿي ويو. اهم سرڪاري خط دير سان پهچڻ لڳا هئا ۽ جڏهن بہ ايندا هئا تہ هڪ وقت ڍير خطن جو اچي ٻهچندو هو، جنهن جو جواب ڏيڻ ٿي هڪ مشڪل مسئلو هو. جيتري قدر خانگي خطن جو تعلق آهي تہ اهي ڪيس ڪونہ ملندا هئا. باقي "ٽائيمس" اخبار تہ بمبئي ڏر وارن جو پڪو ساٿ ڏئي رهي هئي، جيڪا ڪن خطن بابت اڇلون ڏئي چٽرون ڪندي هئي. اچرج جي ڳالهہ آهي تہ اهي خط سر چارلس کي تہ پهتا ئي ڪونہ هئا. ڪامورا شاهي جو هن خلاف وير بہ ويرئون ويرئون وڌ هو جنهن جو مقصد هن کي هيسائڻ هو. ڪانئس مطالبو ڪيو ويندو هو تہ هو آگبوٽ ۾ سفر دوران ڏهاڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڌ خوراڪ جا چاليهه اسٽرلنگ پائونڊ ادا ڪري. جڏهن ته سندس ڪاڌو صفا سادو ۽ بنا شراب جي هوندو هو. هيءَ ان زماني جي ڳالهه آهي جڏهن هو سرڪاري آگبوٽ ۾ چڙهي وڏي دربار منعقد ڪرائڻ لاءِ حيدرآباد ويو هو. اهو سوچي سمجهي متس ڪارنهن جو نڪر لڳايو ويو هو. ان معمولي ڳالهه کي ڳالهوڙو بڻائي ايتري ته لکپڙهه ڪئي وئي هئي، جو ڪاڳرن جا ڍير لڳي ويا هئا. پر هو مڙسيءَ سان منهن ڏئي، بدناميءَ جي چڪڻ مان چڙهي پار پيو هو. پر هي انسان نه سويز swiss مسافر خاني جي مالڪ جهڙو سادو هو جڏهن ته اخبارن متس حريص هجڻ جو الزام هنيو هو. هي حرص جي ڳالا جو ڳانگهو به اهڙي ماڻهوءَ جي ڳچيءَ ۾ وڌو پيو وڃي، جنهن پاڻ سرڪار کي لکيو هو ته سندس پگهار گهٽ ڪئي وڃي. هن کي جيڪا به پگهار ملندي هئي بين کي ڏئي ڇڏيندو هو. سندس ساري زندگي ائين رهي. هي نهايت سادو ماڻهو هو. نٿ ۽ اڊمبر سان رهڻ هن کي ڪونه وڻندو هو. انهيءَ موقعي تي هن لکيو هو ته، ”هنن مون سان اها جنگ انهيءَ ڪري جوٽي آهي، جو اهي ماڻهو لارڊ ايلنبرو جي ڪاميابين کي ڏسي سڙي رهيا آهن. تنهن ڪري هن جي حڪمت عملين جي رستا روڪ ڪرڻ چاهين ٿا. جڏهن ته سندس اها حڪمت عملي نهايت شاندار آهي، جنهن جو آءٌ هٿ ۾ تلوار کڻي به تحفظ ڪندس. جڏهن مان مري وڃان ته مون تي ۽ پنهنجي ملڪ تي افسوس ڪرڻ بدران خوشيءَ جا ڳيچ ڳائن.“

## سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي

سنڌ ۾ جڏهن مستقل امن امان قائم ٿي ويو هو ته سندس لڳن جو ٽڪ لهي پيو ۽ ڪيس اندر جو آٿت ملي ويو هو پر اهو سمجهڻ غلط ٿيندو ته سنڌ جو اهو امن امان هن فقط پنهنجو سرڪاري منصبي فرض ادا ڪندي قائم ڪيو آهي. هن ته ان لاءِ پنهنجي شخصي نظرداريءَ کي به ڪتب آندو. چاڪاڻ ته عام ماڻهو قانون ۽ انصاف کي ساڳي مفهوم ۾ ڏسندا آهن. ابتدائي دور ۾ قانوني معاملا مسلسل وڌندا رهيا. پوءِ اڪلائڻ کان ئي وڌي ويا. پر وڪيلن جي وڌن خرچن ۽ انهن جي مقرر اصولن سبب انهن ڪيسن يا معاملن جي تعداد جي گهٽائيءَ واري ڏڇي کي وڌيڪ پسند ڪيو ويو هو. ڪورٽ ۾ هلڻ وارن انهن معاملن ۾ نه وٺڻ جو سوال هو نه ڏيڻ جو مسئلو هو. پر اهڙين ڳالهين هنن ويڙهاڪ بلوچن جي سهڻ کان وڌيون هيون. هنن کي عام قسم جي معاملن ۾ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهائڻ ڏکيو هوندو هو تہ ڪورٽ جي جنهن فيصلي تي بادشاهہ جي صحيح نہ بہ هوندي آهي تہ اهو هڪ جائز ۽ قانوني فيصلو هوندو آهي. ڪن سنجيده معاملن ۾ سياسي فرق رکڻ ضروري تصور ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن بہ ماڻهو ساڳئي قسم جو ڏوهہ ڪن ٿا تہ قانون ۽ انصاف آڏو هڪ جهڙا مجرم آهن. پر جيڪڏهن انهن ٻنهي مان هڪ کي ڦاسي ڏجي تہ سارو ملڪ اطاعت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن ٻئي کي ڦاسي ڏبي تہ سارو ملڪ بغاوت ڪرڻ لاءِ اُٿي ويندو. اهڙو مثال هن ريت ڏئي سگهجي ٿو تہ ولي چانڊيو ۽ هڪ ٻيو ماڻهو ساڳئي قسم جو جرم ڪن ٿا. ولي چانڊيو قبائلي سردار، عمر ۾ وڏو ۽ سفيد ريش ماڻهو ۽ ڏاڍ‌يل بہ آهي. جيڪڏهن ڪيس جرم جي سزا ڏبي تہ اوڙي پاڙي جا قبائلي سردار اُٿي کڙا ٿيندا ۽ هن جي بچاءَ ۾ چاليهہ هزار ماڻهو وٺي، جنگ شروع ڪري ڏيندا. پر جيڪڏهن ٻئي ماڻهوءَ کي سزا ڏبي تہ عام ماڻهو سرڪار جي اطاعت ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو. جڏهن سر چارلس سنڌ جو گورنر هو تہ سنڌ جي اندروني حالت اجها ائين هئي. ان لاءِ اختيار ڪيل حڪمت عملي بہ هن جي پنهنجي هئي، تنهن ڪان منهن موڙڻ هن لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. ان ڪان سواءِ ڪيس مجبور ڪيو ويو هو تہ سنڌ ڪان ٻاهر پر ويجهو قبائلي سردارن خلاف بہ فوج کي استعمال ڪري، جنهن جو هڪ مثال ڏيڻ ئي ڪافي ٿيندو.

لس ٻيلي جو ڄام، هالا جابلو سلسلي کان پري ڏکڻ- اولهہ پاسي جو حڪمران هو. جنهن پنهنجي ماڻهن کي سنڌ ۾ ڦرلٽ ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي. هي طاقتور حڪمران هو پر ڪيس جنگ ڪرڻ جيتري سگهہ ڪانہ هئي. تنهن ڪري سر چارلس نيپئر خط لکي، ان ڏانهن پنهنجو منشي روانو ڪيو. جنهن سان گڏ هڪ گهوڙيسوار دستو بہ هو. ان منشيءَ وٽ رعيتي ماڻهن جي بيان مطابق ڦرلٽ واري رقم جو تفصيل بہ هو. سر چارلس مذڪوره خط ۾ مطالبو ڪيو هو تہ اها رقم ادا ڪئي وڃي. جيڪڏهن دير ڪئي وئي تہ گورنر پاڻ ايندو. جيڪو اوهان کي مهانگو پوندو. اها رقم هڪدم ادا ڪئي وئي. ان رقم جي ادائگيءَ لاءِ ڄام پنهنجي تلوار بہ گروي رکي هئي. سندس چوڻ هو تہ انگريز سرڪار جي رعيتي ماڻهن ڦريل رقم کان دعوي گهٽي هئي. هن وڌيڪ چيو هو تہ، جنرل چارلس هڪ بادشاه آهي ۽ بادشاهہ جيڪو ڪندو اهو صحيح هوندو آهي. ان ڪان سواءِ هن منشيءَ سان اها بہ شڪايت ڪئي هئي تہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جو سرڪاري داروغو منهنجو محصول ڦٻائي ويو آهي. ان معاملي جي جاچ پرتال ڪان پوءِ پتو پيو تہ جام جي دعوائن سچي هئي، تنهن ڪري ان ماٿهوءَ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ کيس مجبور ڪيو ويو تہ اها رقم لس ٻيلي جي جام کي ادا ڪري ڇڏي. معلوم ٿيو تہ جام جو محصول رعيتن جي دعوائن جي رقم کان گهٽو هو تنهن ڪري جام کي نقصان بدران فائدو پيو هو. اهڙيءَ ريت رعيتن جي دعوائن واري رقم ڪٽي، باقي بچيل پئسا جام ڏانهن موڪليا ويا هئا. سر چارلس ائين ڪري ڪمزوري ڪانہ ڏيکاري هئي، پر انصاف پسند هئڻ جو مظاهرو ڪيو هو جنهن اها رقم هڪ فوجي عملدار کي ڏئي ۽ هڪ گهوڙي سوار دستي سان جام ڏانهن موڪلي. ان عملدار جام کي وڃي رقم ڏني هئي ۽ سر چارلس جو هي پيغام پهچايو هو تہ. ”هن کي جام جي دوستي هن رقم کان وڌيڪ عزيز آهي، جنهن کيس ٻيلي تي حملو ڪرڻ ۽ ان علائقي کي ڦرڻ لٽڻ کان بچائي ورتو آهي.“ ساڻس اهو بہ واعدو ڪيو هئائين تہ جيڪڏهن سندس ڪو دشمن سنڌ ايندو تہ ان تي حملو ڪيو ويندو. ائين ڪري جنرل چارلس کيس هڪ اڻ سڌي طريقي سان تحفظ جي اميد رکڻ جو آسرو ڏنو هو.

جام سان ناهہ ڪرڻ کان پوءِ ٻيلي جي علائقي جي جاچ پڙتال ڪرڻ جو موقعو مليو هو ۽ حڪمران جي صحيح حيثيت جي بہ معلومات ملي وئي هئي. هي جام ذڪڻ بلوچستان جو هڪ طاقتور سردار هو جيڪو رعيت تہ قلات جي خان جي هو پر پاڻ هڪ آزاد ۽ مطلق العنان حڪمران هو ۽ رعيت تي هن جو رعب ۽ تاب ڇانيل هو. سندس ملڪ سمنڊ جي ڪناري سان پکڙيل هو ۽ سون مياڻي ان جو بندر هو جيڪو ان زماني ۾ ڪراچي کان وڏو بندر هو. هن بندر وسيلي سمگلنگ جو وڏو ڪاروبار هلندو هو. جيڪو خود جام، سنڌ ۽ بمبئي سرڪار کي نقصان پهچائي رهيو هو. تنهن ڪري هندستان سرڪار سر چارلس کي چيو هو تہ سون مياڻيءَ وارو بندر خريد ڪيو وڃي ۽ سمجهيو پئي ويو تہ جام اهو بندر سولائيءَ سان وڪرو ڪري ڇڏيندو. ڇاڪاڻ تہ سمگلنگ ڪري کيس محصول جو نقصان ٿي رهيو هو. جنرل سر چارلس جي خواهش هئي تہ هن بندر وسيلي ٻاهران ايندڙ تجارتي سامان جي بي قانوني ڏيتي ليتيءَ کي بند ڪجي. ان کان قلات ۽ وڌ جي ميداني علائقي وسيلي وچ ايشيا جو تجارتي مال هالا جبل جو الهندو پاسو ڏئي،

سڏو اچي سون مياڻيءَ وٽ لهي ۽ بولان لڪ جي ڏکين رستن ۾ قبائلي سردارن جي ڌاڙن کان بچي وڃي. جيڪي سنڌ جي دنگ تائين آباد آهن. هن باري ۾ سندس بيان هو تہ اهڙيون ڳالهيون اجايا پهہ پچائڻ ۽ هوا ۾ قلعا تعمير ڪرڻ آهي. پر جيڪڏهن انهن قلعن جي هيٺان حقيقي ۽ مضبوط بنياد اڏيا تہ اهي قلعا حقيقي وجود ڌاري بيهندا. ان کان پوءِ قومن کي محسوس ٿيندو تہ منهنجون جنگيون، سگهارو متبادل آهن. جن غلاميءَ بدران آزادي ڏني آهي ۽ ڌاڙن بدران امن امان ڏنو آهي.

جيتوڻيڪ سيئي بلوچ انگريز سرڪار جا وفادار ۽ تابعدار ٿي ويا آهن. ان هوندي بہ اهو يقين ڪونہ آهي تہ اهي اسان جون سڀ ڳالهيون فرمانبرداريءَ سان مڃيندا. هنن معاملن ۾ سر چارلس نهايت ڏاهو ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي حڪمت عمليءَ سان ڊيڄاري، پتو پاڻي ڪري، ڪانئن وفاداري ۽ تابعداري مڃرائي هئي. اهو سڀ سَندس حڪمت عمليءَ جو نتيجو آهي. ڪيس اها بہ پروڙ آهي تہ هي نسل اجان بہ هٿياربند آهي. سندس مرضي آهي تہ اهي پيلي هٿياربند هجن، پر جيڪڏهن اهي سندس چئي آڪئي ۾ آهن، تہ سندن اهڙيون ڳالهيون انگريز اختيارين آڏو بہ لڪائي سگهندو. رعيتي ماڻهو ٽالپرن جي غلاميءَ مان آزاد ٿي چڪا آهن ۽ سندن هر حڪم مڃڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ آهن. پر ڪن ٽالپر گهراڻن جي حرمن ۾ سندن عورتون موجود آهن، جتي سندن حيثيت ٻانهين جهڙي آهي، پر هاڻي انهن سان برتاءُ سٺو ڪيو ويندو آهي، انهيءَ خوف کان تہ متان هليون وڃن. آزادي تہ هڪ اخلاقي ڳالهہ آهي، جيڪا ڪانئن کسي وئي آهي. جڏهن سر چارلس کي ڏاڍ جي ڪا شڪايت ملندي آهي تہ ان معاملي ۾ سڌي مداخلت ڪندو آهي ۽ هو اڻ سڌي طور هنن عورتن جي آزادي لاءِ ڪوششون ڪندو رهندو آهي، جيڪي ٽالپرن جي حرمن ۾ غلاميءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور هونديون آهن. اهڙو احوال ڪنهن مناسب جڳهہ تي ڪيو ويندو.

## ڪڇيءَ جي قبيلن کي زير ڪرڻ جو منصوبو

جڏهن سر چارلس نيپئر سول انتظاميہ جي جوڙجڪ ۾ مصروف هو تہ ان دوران هڪ منصوبي تي بہ سوچي رهيو هو تہ ڪڇيءَ واري جابلو علائقي جي قبائلين کي ڪهڙي طريقي سان آڻ مڃائجي. پر اها ڳالهہ فقط تڏهن ممڪن هئي، جڏهن موسم ٿڌي هجي. ڇاڪاڻ تہ اهڙي

رنڊڪ ڏاڍي خطرناڪ محسوس ٿي رهي هئي. ان کان سواءِ چاڙهه جي رت دوران فوجي پيش قدمي ڏاڍي ڏکي هئي. انهيءَ موسم دوران درياه جو پاڻي اٿل ڪري شڪارپور ۽ سکر جي وچ وارو علائقو ٻوڙي ڇڏيندو آهي. فوجي نقل ۽ حرڪت اُٿل جي پاڻيءَ سڪي وڃڻ کان پوءِ ممڪن ٿي سگهندي آهي. پر ان موسم دوران تپاولي منهن ڪيندي آهي ۽ شڪارپور ۾ ان جو گهڻو اثر رهندو آهي، تنهن ڪري اهڙي ڀڪ ڪرڻ نهايت ضروري ٿي پئي هئي ته اهڙي پيش قدميءَ کان اڳ اڳواٽ تدبيرن کان پوءِ به وري ڪا وبائي قسم جي مليريا ته ڪانه منهن ڪيندي. اهڙين ڳالهين کان پوءِ به هيٺ بيان ڪيل مصيبتن کي منهن ضرور ڏيڻو پوندو.

هڪ وڏو رڻ پٽ اڪرڻو پوندو. پيش قدمي نهايت رازداريءَ ۾ رکڻي پوندي. گهڻن جنگجو ماڻهن کي منهن ڏيڻو پوندو. اهي ماڻهو اهڙا ته بهادر آهن جو دشمن سان چريا ٿي وڙهندا آهن. ان کان سواءِ علائقو جابلو آهي. امڪان آهي ته جنگ خطرناڪ ۽ ڊگهي ٿي وڃي. هنن ماڻهن کي بين قبائلي سردارن جي به سهائتا حاصل هوندي، جيڪي هنن وانگي بهادر آهن ۽ انهن جي اِئين مدد ڪندا جيئن هڪ ڏاڙيل ٻئي جي مدد ڪندو آهي. اهو به امڪان آهي ته هنن جي تضاد دوران انگريزن، سکن ۽ افغانن ۾ ٽڪراءُ پيدا ٿي پوي. انهيءَ رڻ پٽ جي گرمي يورپي ماڻهن لاءِ ته موت جو پيغام آهي. اتان جي جابلو علائقن جي سردي به گهٽ موتمار ڪانه هئي. ٿڌي گهاڙ يورپي ته خوشي سان سهي ويندا، پر هندستاني سپاهي سيءَ ۾ سيڪاڻجي پوندا ۽ مري ويندا. شڪست انگريزي فوج لاءِ ڏاڍي هاڃيڪار ثابت ٿيندي. ان سان گڏ سنڌ لاءِ به نقصانڪار هوندي، جيڪا فاتح بلوچن جي ور چڙهي ويندي. ان کان قلات ۽ هالا جبل ۾ رهندڙ سڀ بلوچي قبيلا اچي سنڌ ۾ ساهه پٽيندا. ان کان سواءِ اتر سنڌ ۾ وبائي قسم جي مليريا جو به خطرو آهي. جڏهن انگريزي فوج دشمن ڏانهن پيش قدميءَ جون تياريون ڪندي ته بيماريءَ جي منهن ڪيڻ جو ڪٿڪو به ان وقت آهي. ان کان سواءِ هي جنگي تياريون انتهائي راز ۾ رکيون وينديون. چاڪاڻ ته بلوچ قبيلن مٿان اوچتو وڃي ڪڙڪڻ فتح جي علامت آهي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته فتح جو امڪان گهٽ آهي. اهڙيون ڳالهيون بمبئي واريءَ ڏر کان به ڳجهيون رکيون وينديون. جيڪو سدائين پنڊڻ مچائڻ جي تاڙ ۾ ويٺي هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هنن کي ڪڙڪ پئجي وئي ته دشمن کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏئي ڇڏيندا ته توهان به ويڙهه لاءِ وَرَ ڪُنجيو. ان سان گڏ ڪين مڙس تي منهن ڏيڻ لاءِ صلاحون ڏيندا ۽ منصوبا بڌائيندا. اهڙين سيني روڪن ۽ رنڊڪن کي ڪيئن سياٽپ ۽ سچتائيءَ سان منهن ڏنو ويو، اهو سارو احول بعد ۾ ايندو. جنگ جي شروع ٿيڻ کان منصوبن ۾ تمام گهڻين تبديليون ڪيون ويون هيون، پر پهرين ڦير گهير هن ريت بيان ڪجي ٿي:

مري قبيلو خطرناڪ ويڙهاڪ آهي، پر ظالم ڪونه آهي ۽ ٻين قبائلين وانگي ڌاڙا به ڪونه هڻندو آهي، تنهن ڪري اميد هئي ته ٻين کان جدا ٿي ويهندو. ڪجڪ قبيلو مرين جي علائقي کان پريان ۽ اولهه پاسي رهندو آهي، اهي پري آهن، تنهن ڪري سنڌ ۾ اچي ڌاڙا ڪونه هڻندا آهن. هي قبيلو قلات جي خان جو رعيتي ۽ وفادار آهي ۽ هي حڪمران اهو چاهيندو ته هن جنگ ۾ اڻ ڌريو رهي. اهڙين حالتن ۾ سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته انگريز دشمن قبيلا انهن جابلو علائقن تائين محدود آهن، جيڪي ڦليجي کان وٺي سنڌوءَ جي ڪنار سان اچي لڳن ٿا. جيڪڏهن جنگ لاءِ مناسب فوج جو تعداد روانو ڪجي، جيڪو اڳتي وڃي اولهه پاسي واري ڪجڪ قبيلي کي الڳ ڪري، اتر پاسي وڃي مري قبيلي سان گڏجي. اهڙي منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ فوج کي خانگڙهه ۽ روجهاڻ ۾ وڃي گڏ ڪجي. پويون ماڳ ڪشمور واري رڻ پٽ ۽ سنڌ جي سرحد ويجهو آهي. اهڙي بندوبست تي وڃڻ کان پوءِ قلات جي خان کي دربار ۾ اچڻ جي نينڊ ڏجي جيڪا بولان لڪ جي پرسان ڪوٺائي وڃي. ڪيس ٻهانو اهو ڏجي، ته ان دربار واريءَ گڏجاڻيءَ ۾ قلات جي معاملن تي ڳالهايو ويندو. جيڪڏهن قلات جو حڪمران اچڻ لاءِ راضي ٿي وڃي ٿو ته ٻه هزار چونڊ فوج اوڏانهن رواني ڪئي ويندي. جنهن سان گڏ پندرهن توبون به هونديون. پر واپسيءَ تي انگريزي فوج کي ساڳي رستي سان نه اچڻ گهرجي. نهايت تيز رفتاريءَ سان ڪڇيءَ واري ان جابلو علائقي ڏانهن وڌي، جابلو لڪن وارا گهٽ جهلي ويهي وڃڻ گهرجي، جيڪو اچي سنڌوءَ جي ڪناري سان لڳندو آهي. ان وقت خانگڙهه ۽ روجهاڻ ۾ ترسايل فوج کي حڪم ڏجي ته اها ڦليجيءَ ڏانهن پيش قدمي شروع ڪري. اهو طريقو آهي جو بجار خان ڊومبڪي تي اوچتو گهيرو ڪري سگهجي ٿو. جيڪو انگريزن سان جنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ واسطي بلوچ قبيلن جي اتحاد جو سرواڻ آهي. پر جيڪڏهن ڪيس انگريز ۽ خان آف قلات جي ملاقات جو اصلي مقصد سمجھ ۾ اچي وڃي ٿو تہ پوءِ هو وڃي اولاهين جابلو علائقي ۾ پناھ وٺندو. ان حالت ۾ انگريزي فوج ڦليجي، اولاجي ۽ لهڙيءَ وارن علائقن کي تباھ ڪري، انهن کي والاري ويهي رهي. ائين ڪرڻ سان انهن علائقن جا ٽمارا ڪوھ ۽ رڻ پٽ وارو علائقو انگريز فوج جي قبضي ۾ اچي ويندو.

اهو منصوبو ۽ انهيءَ عمل ڪرڻ جو وقت جنرل سر چارلس جي سوچ فڪر سان واسطو ۽ سندس ڏاڙيلن کي سزا ڏيڻ جي پڪي ارادي سان تعلق رکي ٿو. اهو راز بہ ڪونہ آهي تہ هو جلد يا دير سان اهڙو قدم ضرور کڻندو. ڇاڪاڻ تہ هن منصوبي تي نہ بمبئي واري ڏر عمل ڪندي، نہ وري بجار ڪجھ ڪري سگھندو. هنن جو سوچ فڪر اهڙو آهي، جيڪو ڪيترين بين ڪوڙين ڳالهين کي جنم ڏيندو. جيڪي اڳتي بنهي کي واڻڙو ۽ پريشان ڪري ڇڏينديون ۽ عوامي مفادن کي وڏو هاڃون رسائينديون. پر اهڙين يڏين ڳالهين کي ساريءَ دنيا ۾ وائکو ڪيو پيو وڃي ۽ منفرد شڪل ۾ پيش ڪيو پيو وڃي ۽ ان کان سواءِ سر چارلس جي فتحن ڪري وچ ايشيا جي نيم وحشي ماڻهن تي جيڪو اثر پيو آهي، تنهن کي زائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. عام طور تي اهو بہ چيو پيو وڃي تہ اها جنگي مهم هڪ وڏي فتح جهڙا نتيجا ڏيندي. هڪ انگريز سياح وولف walf جو بہ ساڳيو خيال آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ بخارا ۾ بہ موجود هو. هن پنهنجي خط ۾ لکيو آهي تہ بخارا وارا علائقا سر چارلس جي حملن کان ڊڄي ويا آهن. سندس بيان آهي تہ ڪيترن علائقن وري خوشيءَ جو اظهار بہ ڪيو آهي، جن مان افغانستان، قنڌار ۽ هرات جا سردار آهن. قلات جي خان جي ملڪ جون حدون ارل ۽ ڪئپسين سمونڊ سان وڃي لڳن ٿيون. هن حڪمران پنهنجي خاندان جو هڪ شهزادو سنڌ جي گورنر سر چارلس ڏانهن موڪليو آهي تہ جيئن اتحاد جي ڳالھ ٻولھ ڪري سگھجي. ڪيترن ملڪن کان دوستيءَ جا پيغام سفير کڻي اچي رهيا آهن. اهڙيءَ ريت سر چارلس پاڻ بہ اثر رسوخ وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. سندس خواهش آهي تہ ڏکين جبلن وچان پنهنجو فوج توبخانو وٺي وڃي، هرات ۽ خيوا جي ماڻهن آڏو توبن جا گولا ڇوڙي کين حيران ڪري ڇڏي. کين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي جنگي جاکوڙ جي اڳئي خبر آهي، جيڪا ڏاڍي اهم آهي. هي ماٺهو اوير پاسي کان وڏي فوج ڏسي اچرج ۾ اچي ويندا. اها ڪرامت کان گهٽ ڳالهه ڪانه هوندي ۽ اهڙي ڏاڪ ساري ايشيا تي ڇانئنجي ويندي.

آزاد قسم جي قبائلي سردارن وٽان آچون اچي رهيون آهن تہ اهي انگريز گهوڙي سوار فوج سان گڏجي، جنگي مهم ۾ شريڪ ٿيڻ چاهين ٿا. اها خبر خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي، جنهن سان جنرل جي همت افزائي ٿي وڃي ٿي. پر سندس خيال آهي تہ اها جنگي مهم ڏاڍي ڏکي آهي ۽ جيڪڏهن انگريزي فوج جي شڪست ٿي تہ اهي ساڳيا اتحادي ڦري انگريزي فوج کي ڦرڻ شروع ڪري ڏيندا. تنهن ڪري سر چارلس انهن سردارن سان جنگي اتحاد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. کيس فقط پنهنجي عقل ۽ شعور تي ڀروسو آهي. هن جو خيال آهي تہ هو اهڙا بلڪل ٿورا ماٺهو پاڻ سان ڪٺندو جن تي کيس تمام گهڻو اعتماد آهي ۽ جڏهن هو اوڙي پاڙي جي ملڪن سان رابطا پيدا ڪندو تہ اڳئين کان بہ وڌيڪ عقل کي ڪم آڻيندو.

## ڪڇ جي علائقي جي سنڌ کان علحدگي

انهن معاملن تي اجا غور ويچار هلي رهيو هو جو لارڊ ايلنبرو ڪڇ واري علائقي کي سندس ڪمانڊ مان ڪڍي، بمبئي پريزيڊنسي سان شامل ڪري ڇڏيو. اهو سارو ڪم انگلينڊ جي بمبئيءَ لاءِ سيڪريٽ ڪميٽيءَ جو هو. ان ڏر اهڙي ٻوليءَ ۾ الزام هنيا هئا، جنهن مان معلوم ٿي رهيو هو تہ اهي هن موضوع کان بلڪل بي خبر هئا ۽ هرويرو سر چارلس تي الزام ڏري رهيا هئا. ڪڇ جي علائقي جي ڪمانڊ ڪانئس ان وقت ورتي وئي هئي، جڏهن هو تمام گهڻو مصروف هو ۽ سر چارلس ان کان پوءِ پاڻ کي ڪنهن بار کان آجو محسوس ڪيو هو. پر عام ماٺهوءَ لاءِ ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. هن واقعي مان پهرين ڳالهه اها ٿي هئي جو سنڌ ڪرنل رابرٽس جي سهائتا کان محروم ٿي وئي هئي، جنهن جو ڪڇ جي راءِ تي تمام گهڻو اثر هو. ٻي ڳالهه تہ ڪرنل رابرٽس جي وڃڻ سان ڏيهي ماٺهن تي مشتمل فوج بہ ختم ٿي ويندي. جيڪا ڇوڙ واري علائقي تي ضابطي رکڻ لاءِ منظم ڪئي وئي هئي. ٽين ۽ نهايت اهم ڳالهه هيءَ آهي تہ ڪڇ سياسي ۽ فوجي نقطئہ نظر کان سنڌ جو حصو آهي ۽ بمبئيءَ سان ان جو ڪوبہ فطري لاڳاپو ڪونہ آهي. ان کان سواءِ ڪڇ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ۽ ان علائقي جي سرحد سان رهندڙ ڏاڙيل سنڌ سرڪار کان گهڻو ڊڄندا آهن. پر بمبئي سرڪار مٿان ڪلندا ۽ چٽرون ڪندا آهن ۽ اهڙا ظالم ماڻهو انگريز هندستان جي ڪنهن ٻئي صوبي ۾ ڪونہ رهندا آهن. جيڪڏهن چوڙ واري علائقي ۾ بغاوت منهن ڪڍيو تہ ان کي ڪچ وسيلي ختم ڪرڻ نهايت آسان هجي ها. پر چوڙ واري علائقي ۾ بغاوت ان ڪري ڪانہ ٿي سگهي آهي، جو سر چارلس نيپئر هر پاسي کان پاڻ کي صحيح معنيٰ ۾ فاتح ثابت ڪيو آهي. هن ٻنهي جنگين ۾ بلوچن کي شڪست ڏني آهي. ملڪ ۾ قانون نافذ ڪري هنن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. هنن جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ ڪم ڪري سنڌن دليون جيتي ورتيون آهن. ليڪن ڪجهہ اوڻايون موجود آهن، پر اهي سنڌس اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ ڪري ڪونہ آهن. هن جي نقطئہ نظر ۾ شعور ۽ عقل موجود نظر اچي ٿو. هن ننڍي ننڍي ڳالهہ ۾ بہ تڏائي ۽ بي علمي ڏني آهي، تنهن ڪري هن انهن ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

## ڪڇ جو سنڌ سان فطري ڳانڍاپو ۽ علحدگيءَ جا منفي اثر

سنڌس بيان آهي تہ، ”ڪڇ جي تاريخ ۽ اتان جي حڪمت بابت گهڻ معلومات آهي ۽ سنڌس منَٿِ بوڪ مان تہ ائين معلوم ٿي رهيو آهي، پر 1816ع کان وٺي 1832ع تائين جيڪي معاهدا ٿيا آهن تن مان تہ ڪافي معلومات ملي وڃي ٿي.“ ڪڇ جي سول حڪومت ڪيس ان وقت ڏني وئي هئي، جڏهن هو بيمار هو ۽ سنڌ جي حڪومت کان استعفيٰ ڏيڻ کان ڪيس دور ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو ويو هو. ڪڇ جي جاگرافيائي صورتحال ۽ ٻيون ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي ان کي بمبئي کان جدا ڪري بيهارن ٿيون. سنڌس منٿ بوڪ ۾ بہ ائين لکيل آهي. ان جي برخلاف ڪڇ جو علائقو جاگرافيائي نقطئہ نظر کان سنڌ سان ڳنڍيل آهي. ڪڇ جي رڻ مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪڇ هڪ نار gulf آهي. ساڳيءَ ريت رڻ بہ ائين نظر اچي رهيو آهي تہ هي ملڪ نہ بمبئيءَ سان تعلق ٿو رکي، نہ وري سنڌس واسطو گجرات سان آهي، پر جيڪڏهن سنڌس واسطو آهي تہ اهو فقط سنڌ سان آهي.

جيتري قدر انهن جي اخلاقي حيثيت جو تعلق آهي تہ جيڪڏهن بہ ملڪ مختلف حڪمرانن وچ ۾ مخصوص قسم جي فطري خوبين ڪري پاڻ ۾ ورهايل آهن ۽ جيڪڏهن اهي اتفاقي حالتن ۽ غير طبعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتحال ۾ گڏجي وڃن ٿا ته گهڻو وقت ائين متحد ٿي رهي ڪونه سگهندا. هن جي سرڪاري لکپڙهه ۾ ڪڇ ۽ گجرات جي گڏيل سماجي رشتن جو حوالو ئي موجود ڪونه آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته ڪڇ جي راءِ جا گجرات يا گائڪواڙ سان ترسنوان ڪونه آهن. ان ڪان سواءِ انهن ٻنهي وچ ۾ ٿيل معاهدن مان به لڳي ٿو ته سنڌن تعلقات ڪشيده هئا، جڏهن ته ممبئي حڪومت کي اهڙيون ڳالهيون ڪونه وڻنديون هيون.

اهو ڇو پيو سمجهيو وڃي ته ڪڇ جي راءِ جو سنڌ سرڪار ڪان بمبئي حڪومت ۾ وڌيڪ اعتماد آهي؟ اها ڳالهه حقيقت جي بلڪل خلاف آهي. ڪڇ جو راءِ، گجرات ۽ بمبئي سرڪار سان تعلقاتن رکڻ جو خواهشمند آهي. جيڪڏهن ائين سمجهيو پيو وڃي ٿو ته اها اچرج جهڙي ڳالهه آهي.

حالتن مان ائين معلوم ٿي رهيو آهي ته هن راءِ جو وڏ ۾ وڏ اعتماد ڪرنل رابرٽس ۾ هو. جنهن کيس سنڌ جي گورنر ۾ اعتماد رکڻ جي صلاح ڏني هئي ۽ کيس قائل به ڪري ورتو هو. ڇاڪاڻ ته هن جنرل ڪنهن جي اعتماد کي ڇيهو ڪونه رسايو آهي. امڪان آهي ته سنڌ جي فتح ڪان اڳ ڪڇ جا حڪمران ۽ ڪڇ جو راءِ وڙهيا ڏانگو ۽ ڏانگ لڳا پيا هئا. پر راءِ جي بمبئيءَ سان دوستي هئي. ڏنو وڃي ته ڪڇ سان ٽالپرن جي ڪئونس هئي، پر سنڌي ماڻهن جا ڪڇ سان سماجي، تجارتي ۽ مذهبي لاڳاپا هئا. هنن ٻنهي ڌرين جون هڪ ٻئي مان شاديون به ٿيل هيون. جڏهن ڏوهن خلاف واعدي مطابق ڪارروايون ٿينديون هيون، ته به ٻنهي ملڪن وچ ۾ رشتا ناتا موجود هوندا هئا.

جيڪڏهن فوجي گورنر کي هنن ٻنهي ملڪن ۾ سٺن تعلقاتن پيدا ڪرڻ جي سهوليت مليل ڪانه آهي، ته به سمجهڻ کپي ته انهن ٻنهي وچ ۾ ڪڏهن سٺا تعلقات قائم هئا ۽ اهڙن تعلقاتن نه هجڻ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي، جنهن کي سهوليتون مليل آهن. جن مان هڪ سهوليت هيءَ آهي ته کيس ان جي ساري خبر آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ ٿي گذريو آهي. هن کي اها به ڄاڻ آهي ته سول حڪومت ۾ ڪهڙيون شيون جذب ٿي وينديون آهن يا مختلف ڪاتن ۾ ورهائجي وينديون آهن. تنهن ڪري هو هن چونڊ جي لائق ٿي پيو آهي ته جيڪڏهن ٽالپرن ۽ راءِ جي دشمني، ٻنهي ملڪن جي ماڻهن کي هڪ ٻئي ڪان الڳ ڪري ڪانه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي آهي ته هاڻي جڏهن دوستاڻا تعلقات پيدا ٿيا آهن ته اهي ڏينهون ڏينهن وڌندا رهندا ۽ منجهن اخلاقي هڪ جهڙائي ۽ جاگرافيائي رابطا به وڌندا رهندا.

## ڪڇ ۽ سنڌ جو انتظامي ڳانڍاپو

انتظامي نقطئہ نظر کان به هڪ ڳالهه آهي، جنهن تي سوچڻ جي ضرورت آهي ته سنڌ جي ٿر واري علائقي ۾ سنڌي ڌاڙيل رهندا آهن، جيڪو ڪڇ جي سرحد سان واقع آهي. جيڪي ٽالپر حڪمرانن، ڪڇ جي راءِ ۽ گائڪواڙ جي چئي آڪئي ۾ ڪونه آهن. پر اهي ڏوهه ڪري هن ملڪ ۾ پنهنجي دوستن وٽ اچي لڪندا آهن. لارڊ ايلنبرو هنن سيني ڳالهين کان چڱيءَ ريت واقف آهي. تنهن ڪري هن انهن ڌاڙيلن سان ٺاهه واري حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن ڪڇ واري علائقي ۾ ڪرنل رابرٽس کي مقرر ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته هو ڪانئن چڱيءَ ريت باخبر آهي. اهي ماڻهو ٽالپرن جي ڏاڍ کان تنگ ٿي ڌاڙيل بڻيا آهن ۽ ڌاڙا هڻي ڪڇ ۽ ٻين علائقن ڏانهن نڪري ايندا آهن، جيڪي ٽالپرن جا رعيتي ٿي مستند ۾ گذارڻ چاهيندا آهن. هنن نيم وحشي ٽالپرن هتي گهٽي عرضي تائين حڪومت ڪئي آهي. انهن هميشہ بمبئي سرڪار جي خلاف ڪم ڪيا آهن. هنن نه ته ان جي آچيل تحفظ کي قبول ڪيو آهي ۽ نه وري انهيءَ سرڪار جي ڪاوڙ کان ڊڄيا آهن. پر هي ماڻهو سنڌ جي فوجيءَ کان ڏاڍو ڊڄندا آهن. هو اهو چڱيءَ ريت سمجهي چڪا آهن ته هو هٿيارن سان گڏ اسان جي وچ ۾ وينو آهي، جيڪڏهن اسان هن جي حڪمن جي خلاف ويندا سون ته سندس فوج اچي اسان وٽ ڪڙڪندي ۽ بچائي ٻير تي چاڙهي ڇڏيندي. اهي ماڻهو بنا ڪنهن شڪ شبهي جي جنگجو آهن، جيڪي سر چارلس جي سول حڪومت کان نفرت ڪندا آهن. پر اهو معلوم ضرور هئڻ گهرجي ته جيڪو به حڪمران حيدرآباد رهندو، سو ئي ڪين وفادار ۽ تابعدار بڻائي سگهندو پوءِ يلي هو ڪيڏو به ڪمزور ڇو نه هجي. ليڪن جيڪڏهن گورنر جنرل پاڻ بمبئيءَ ۾ ويهي حڪومت ڪندو ته اهو ڪين ضابطي هيٺ رکي ڪونه سگهندو. هتان جا بلوچ ان ڏينهن کان وٺي سر چارلس جا تابعدار ۽ وفادار آهن، جنهن ڏينهن هن حيدرآباد واري جنگ فتح ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته هن انهيءَ ڏينهن ڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائي ڇڏيو هو ته جيڪڏهن هو سنڌس وفادار ۽ تابعدار نه رهندا ته جنرل سنڌن پاڙون پٽي ڦٽيون ڪندو. پر هن جنگ کان اڳ ۾ ئي ماڻهو بمبئيءَ واريءَ انگريز سرڪار کان ڏاڍي نفرت ڪندا هئا.

هنن کي اها به خبر آهي ته ڪرنل رابرٽس جو سنڌ حڪومت ۾ ڪيترو اثر آهي، هن ماڻهوءَ جيڪي به فيصلا ڪيا آهن، سي قانون ۽ انصاف مطابق ڪيا آهن ۽ ڪنهن کي فائدي ڏيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي. تنهن ڪري ڪڇ جي راڄ جو سنڌ جي حڪمران ۾ اعتماد ويهي ويو آهي. ڪڇ جو راڄ سنڌ جي طاقت ڏسي چڪو آهي ۽ سمجهي چڪو آهي ته اها انصاف جي عظمت ۾ سمايل آهي. انهيءَ وسيلي سنڌ سرڪار نه رڳو راڄ جو تحفظ ڪري رهي آهي، پر ڪڇ جي عام ماڻهوءَ جو به بچاءُ ڪري رهي آهي. سنڌس خيال آهي ته سنڌ جو گورنر هڪ سنو ۽ انصاف پسند شخص آهي. تنهن ڪري راڄ خوش آهي ۽ سنڌ جي گورنر تي ڪيس وڏو ويساهه آهي، پر سنڌس ايڏو اعتماد بمبئيءَ جي گورنر ۾ ڪونه آهي. جيتري قدر انتظاميه جي قاعدي ۽ قانون جو تعلق آهي ته اهو به حوالن ۽ رابطن جي نقطهء نظر کان ڪڇ کي ويجهو آهي.

## ڪڇ ۽ سنڌ جو مذهبي ۽ سماجي ڳانڍاپو

جيتري قدر مذهب جو سوال آهي ته هن معاملي تي به باريڪ بينيءَ سان سوچيو آهي ته سنڌ ۾ خاص ڪري سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ هندن جو تعداد تمام گهٽو آهي. ان کان سواءِ مذهبي پابندي ڪانه هئي ۽ هندو ڌرم سان لاڳاپيل ماڻهو ريل ڇيل پيا ڪڇ ۽ سنڌ ايندا ويندا هئا. اهو به ڏٺو ويو ته ٽالپرن جي زوال کان پوءِ لاتعداد ڪاريگر ڪڇ ڇڏي اچي سنڌ پهتا آهن.

## سنڌ کان ڪڇ جي علحدگيءَ جا منفي اثر

جيتري قدر فوجي نقطهء نظر جو تعلق آهي ته به سياڻو سياسي طور سچيت ماڻهو نئينءَ فتح کي پرامن ڪونه سمجهندو. سنڌ جي امن امان مان جيترو خوش سر چارلس نيپئر آهي، ايترو خوش ڪو بيو ڪونه آهي. چاڪاڻ ته امن امان قائم ڪرڻ لاءِ اڪيلي سر اهو ذميوار هو. هن امن جي مستقل موجود هجڻ ۾ جيترو هي پر اميد آهي ايترو ڪو بيو ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو. پر هن اهڙي حقيقيت کان اک بوٽي ڪانه ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ ڪنهن اوچتي آپدا ڪري، اهو امن امان نهوڙجي ناس ٿي ڪونہ سگهندو. هن ماڻهوءَ بلوچ قبائلن سان مان ۽ مرجاتا وارو هٿ وڌايو آهي، پر انهن جا هٿ رت ۾ ريتا هئا. سنڌ ۾ اهو ڪو گهر واندو ڪونہ هوندو جنهن ۾ هنن ماڻهن جي ڪيس ۽ ڦهر ڪان ڳل تان ڳوڙهو نہ وهايو هوندو: اهي حقيقتون ميسارجڻ جهڙيون ڪونہ آهن. پر هن ماڻهوءَ کين سڀ بديون بخشي ڇڏيون. چاڪاڻ تہ بلوچ سردار مياڻيءَ جي جنگ ۾ مري ويل پنهنجي مائٽن جي بهادري تي ڏاڍا خوش هوندا آهن. ان کان سواءِ ٻي هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ سر چارلس کين اهي سڀ جاگيرون واپس ڪري ڇڏيون آهن، جيڪي وٽن ٽالپر دور ۾ هيون. کين کان وڏيڪ فائدو پيو آهي. ان کان سواءِ غريبن کي بہ گهڻو فائدو ٿيو آهي.

هڪ جهونڙي بلوچ سردار سندس تابعداري قبول ڪرڻ کان پوءِ کيس هٿ کان جهلي چيو: ”مان توکي پنهنجو سردار تسليم ڪريان ٿو. مان مياڻيءَ جي جنگ وڙهيو آهيان ۽ منهنجا اسي ماڻهو انهيءَ جنگ ۾ مارجي ويا آهن، ليڪن هاڻي مان توسان گڏ آهيان ۽ تنهنجي جهنڊي هيٺان بيهي تنهنجي دشمن سان وڙهندس.“ بلوچ سردارن جا انگريز لاءِ جنگي جذبا تہ اهي هئا، پر هيءَ حقيقت بہ ياد رکڻ گهرجي تہ اهو ساڳيو جهونڙو بلوچ جڏهن سمجهندو تہ فتح ٽالپرن جي ٿيڻي آهي تہ اها ساڳي تلوار سر چارلس خلاف کڻي بيهي رهندو. اهڙا ماڻهو سهوليتن کي آڏو رکي رعيتي بڻبا آهن. اهڙيءَ ريت ڪجهہ عرصي تائين ڪنهن بہ شيءِ جي توقع ڪري ڪانہ ٿي سگهجي ۽ اهڙي ماڻهن جي وفاداريءَ ۽ تابعداري جي آڌار تي قانون سازي ڪرڻ ۽ انتظاميہ جي جوڙڪ ڪرڻ وڏي غلطي آهي. هي جهونڙو ماڻهو جنرل سر چارلس کي جهڪيءَ ان ڪري مليو هو جو هن کيس پنهنجي اها ساري جاگير واپس ڪئي هئي، جيڪا کيس ٽالپر دور ۾ ملي هئي. پلي اوهان سر چارلس بدران سول حڪومت آڻيو ۽ ملازم بہ سول رکو پر اهو نئون حاڪم بہ ڳنڀير وايو منڊل کي ڏسي بنا ڪنهن دير جي وچي تلوار جي مُنيي ۾ هٿ وجهندو. پر ان سان توهان جو رويو ائين رُکو ڪونہ هوندو جهڙو اوهان جو جنرل سر چارلس سان آهي، ان کان سواءِ هيءَ حقيقت بہ سوچڻ جهڙي آهي تہ سنڌ ۾ امن امان جي قائم ٿيڻ جي معنيٰ اها ڪانہ آهي تہ ڪڇ وارو علائقو بمبئي سان ملائي ڇڏجي.

هن تازو بمبئي سرڪار کي مدد به ڪئي آهي. هن اها مدد انهيءَ ڪري ڪانه ڪئي ته ڪيس ان احسان بدلي اضافي فوج ڏني وڃي. پر هن اها واهر انهيءَ ڪري ڪئي هئي ته هتان هن جي هلئي وڃڻ کان پوءِ "بامبي تائيمس" جو ڊاڪٽر بيورسٽ Burist کي جابلو ڏاڙيلن کي سنڌ ڏانهن وڌي اچڻ جي دعوت نه ڏئي. اهو ماڻهو ائين چوڻ ۾ اصل دير ڪونه ڪندو ته فوج ڪمزور آهي، تنهن ڪري هاڻي اوهان کي انگريزن کي تباهه ڪرڻ جو سونهري وجهه مليو آهي. سنڌوءَ جي چوڙ وارو علائقو پاڻيءَ جي دٻن، تلائن، جهنگل ۽ پٽن سان پريو پيو آهي، جيڪو وچي تر سان ملندو آهي. جنهن جي لڳ ڀڳ ٻئي پاسي ڪڇ جو علائقو موجود آهي. جيڪڏهن انهيءَ علائقي ۾ بغاوت ڪر کڻندي ته امن امان بحال ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو تي پوندو آهي. پر جيڪڏهن ڪڇ وارو علائقو ڪرنل رابرٽس جهڙن مضبوط هٿن ۾ هوندو ته اهو ڪراچي، حيدرآباد ۽ عمرڪوٽ جي فوج هتان پريور سهائتا ڪندو. اهڙيءَ ريت باغين تي چوڌاري حملا ٿي سگهن ٿا ۽ ان ڪري شڪست انهن جو مقدر هوندي. اهڙن ماڻهن کي اهڙيءَ صورتحال جي چڱيءَ ريت خبر هئي. تنهن ڪري هو بيوس ٿي مات ڪيو وينا هئا. جيڪڏهن ڪڇ واري علائقي کي بمبئي جي ماتحت رکيو ويو ۽ فوجي عملدار بدران اتي پوليٽيڪل ايجنٽ رکيو ويو ته سنڌوءَ جي چوڙ وارو علائقو انتظامي طور ڪمزور ٿي ويندو. ان کان سواءِ ڪڇ جا ماڻهو به اهو سمجهي ڪونه سگهندا ته اهي سول حڪومت جي ماتحت آهن يا فوجي حڪومت مٿن راڄ ڪري رهي آهي.

اهڙن ملڪن جو انتظام سول گورنرن جي مقرري سان هلائي ڪونه ٿو سگهجي، پر ٿوري وقت لاءِ گورنر ضرور فوجي هجڻ گهرجي، جنهن جا قبائلي سردارن سان به تعلقات هجڻ کپن. انهيءَ مقصد سان ته جيئن انهن جي اصلي ڪردار کان واقف ٿيندو رهجي. ساڳيءَ ريت قبائلي سردار به گورنر جي ڪردار کان واقف رهندا اچن. انهيءَ طريقي سان جهنگلي قسم جي انسان ۽ فوجي گورنر جي مزاج جو صحيح نموني سان اندازو ڪري سگهبو ته اهي نيم وحشي قسم جي ماڻهن سان ڪيئن هلي چلي رهيا آهن. هن وقت سول حڪومت جي جوڙجڪ تهذيب جي ترقيءَ لاءِ فائديمند ڪونه ٿيندي. پر هنن جي ساڙ ۽ تعصب کي ختم ڪرڻ سان ائين ڪري سگهبو ۽ فوجي سپاهيءَ جي موجودگي کي ڏسي هو وفادار ۽ تابعدار رهي سگهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ڪرنل رابرٽس جي ڪڇ ملڪ جي رکيل انتظام ۽ ممبئي سرڪار جي پوليٽيڪل ايجنٽن جي رکيل انتظام جو اڀياس ڪبو ته ڪرنل رابرٽس جو ڪڇ ۾ رکيل انتظام وڌيڪ سهڻو آهي. هن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته لارڊ ايلنبرو جو رکيل انتظامي جوڙجڪ بهتر هو. ڪرنل رابرٽس کي اها چڱي ريت خبر هئي ته ڪڇ جي تاريخ ۾ ان سان ڪيل معاهدا ڪهڙا آهن ۽ ان جو مخصوص حالتون ڪهڙين ڳالهين جون گهرجائو آهن. پر اهڙي ڄاڻ ٻئي ڪنهن به انتظامي سربراهه کي ڪانه آهي، ڪيس اهڙي ڄاڻ ان ڪري هئي جو هو ڪڇ ۾ گهڻو وقت رهيو هو. سرڪاري ڪاغذن مطابق سنڌ ۽ بمبئي سرڪار جي حيثيت هڪ جهڙي هئي ۽ ٻئي هندستان سرڪار جي ماتحت هئا. جيڪڏهن ڪڇ سنڌ جي ماتحت هجي يا بمبئي جي هيٺان هجي، سندس حيثيت ڪنهن به قسم جو فرق ڪونه هو پر تفصيل جي ڪن حوالن کان ڪجهه فرق هو جيڪي بلڪل ئي غير ضروري هئا.

اهڙيءَ ريت منٽس ۾ اهو به لکيو ويو هو ته سنڌ جو گورنر اڳئين مخصوص صورتحال کان بلڪل ئي بي خبر هو ۽ جيڪو ڪجهه ڪيو ويو هو ان جي به ڪيس ڪابه خبر ڪانه هئي. ان کان سواءِ ڪيس ملڪ جي مخصوص قسم جي حالتن جي ته صفا ڄاڻ ڪانه آهي. سرڪاري خط ۾ هن لاءِ چيل لفظ "مخصوص صورتحال کان بي خبر هو" لکيل آهن، جيڪي مناسب ۽ سهڻ جوڳا آهن. پر هي لفظ "مخصوص قسم جي حالتن جي ته ڪيس ڪابه ڄاڻ ڪانه هئي." نامناسب ۽ سهڻ جهڙا ڪونه آهن. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ماڻهوءَ ۾ سمجهه جي ٿوري قوت آهي ته پڙهڻ سان پتو پئجي سگهي ٿو ته صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇا ڪيو ويو هو ۽ پيدا ٿيندڙ مخصوص حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇا ڪري سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪڇ جي حالتن کان چڱي ريت باخبر آهي يا بلڪل ئي بي خبر آهي،پر ملڪ جي حڪمران ۽ ماڻهن جي اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ته ڪيس ضرور ڪجهه وقت لڳي ويندو. جيڪڏهن اهو ملڪ ممبئي سرڪار جي ماتحت هوندو ته به اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ساڳيو وقت لڳي ويو هوندو. سر چارلس به پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو آهي ته ڪڇ پيلي سندس حڪمرانيءَ کان ٻاهر رکيو وڃي. پر هن فقط پنهنجي راءِ جو هن ريت اظهار ڪيو آهي ته بمبئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار ۾ بغاوت جاري آهي. جنهن مان اهو ثابت ڪري ڪونه ٿو سگهجي تہ ان علائقي جي بمبئي سان گڏجي رهڻ ڪري ان جو منجهس اعتماد پيدا ٿي ويو هو.

جيڪڏهن ڪڇ سنڌ سان شامل نہ رهندو تہ ان علائقي ۾ رهندڙ فوج جو ڪمانڊر سنڌ جو ٿي ڪونہ سگهندو. امن امان جي صورتحال دوران تہ ڪوبہ فرق ڪونہ ايندو ۽ ان فوج کي پنهنجي بمبئي سرڪار کان الڳ بيڪار ثابت ٿيندو. پر سيڪريٽ ڪميٽيءَ جي منٽ ۾ تہ لکيل آهي تہ ڪڇ سنڌ ۾ شامل رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهي ملڪ جاگرافيائي طور پاڻ ۾ گڏيل آهن. ان کان سواءِ هن ٻنهي ملڪن ۾ مذهبي، تجارتي، فوجي ۽ سماجي لاڳاپا موجود آهن. ڪڇ جي اندروني جوڙجڪ کي ڏسي، ان کي سوچي سمجهي بمبئي کان جدا ڪري سنڌ سان ملايو ويو هو. ٻين سان گڏ ان جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هو تہ خود ڪڇ جي راءِ جي بہ مرضي آهي تہ کيس بمبئي پريزيڊنسي سان شامل نہ ڪيو وڃي.

اهڙين حقيقتن بمبئي سرڪار کي لاجواب ڪري ڇڏيو هو ۽ اهڙو جواب هن پنهنجي طاقت ۽ اختيارن جي اظهار سان ڏنو هو. ان وقت بمبئي سرڪار کي سب ڪليڪٽر جي هڪ درخواست ملي هئي، جنهن سان ڪڇ جي ماڻهن جو سوين درخواستون شامل هيون. جن ۾ چيو ويو هو تہ هنن جون سنڌ ۾ زمينون آهن. درخواستن سان گڏ ضروري سرٽيفڪيٽ بہ هئا. هنن ماڻهن جو چوڻ هو تہ اهي ڏاڙيل نہ پر محنتي هاري آهن. پر اهڙين ڳالهين هوندي بہ ڪڇ کي وري بمبئي پريزيڊنسي سان شامل ڪيو ويو هو. اهڙو توهين جوڳو منٽ وقت جي گورنر جنرل لارڊ رپن ڏانهن موڪليو ويو هو ۽ جنهن ان کي رد ڪرڻ بدران تعميل ڪرڻ لاءِ جاري ڪري ڇڏيو هو. اهو ڪم هن ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کان ڊڄي ۽ کين خوش ڪرڻ خاطر ڪيو هو. جڏهن تہ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ذاتي غرض، تعصب ۽ تنگ نظريءَ کان ڪم وٺي اهڙي غلط ڳالهہ ڪئي هئي. دنيا جون حڪومتون انهيءَ اڻنگي طريقي سبب ئي بدنظميءَ جو شڪار ٿينديون آهن.

باب ستون

# ڪڇيءَ خلاف جنگي مهم

آڪٽوبر ۾ يورپ سان تعلق رکندڙ 13 ريجمينٽ سنڌوءَ وسيلي انگلينڊ وڃڻ لاءِ ڪراچيءَ پهتي هئي ۽ روايت طور ٻين فوجين لاءِ ڪي رضاڪار به ڇڏي وئي هئي. هن ريجمينٽ سان لاڳاپيل ڪي اهڙا فوجي به هئا، جيڪي پنهنجي دليريءَ جا اٽمت نشان ائين ڇڏي ويا هئا، جيئن روم جا جانباز فوجي سپاهي مري پنهنجي پٺيان بهادريءَ جا اهڙا نشان ڇڏي ويا آهن، جيڪي ميسارجڻ جهڙا نه آهن. اهڙيءَ ريت 13 ريجمينٽ جي جاءِ پرڻ لاءِ 78 ريجمينٽ کي سکر موڪليو ويو هو. هيءَ فوج انگلينڊ جي جابلو جوانن تي مشمل هئي، جن کي ڪڇيءَ واري جابلو علائقي ۾ پنهنجا جنگي جوهر ڏيکارڻا هئا. پر هڪ وڏي طاقت اهو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو هو ته هڪ اٽموت آپدا هنن آسن ۽ اميدن مٿان پاڻي ڦيري ڇڏيندي. عين ان وقت سر چارلس بمبئي ڊر لاءِ ايندڙ اوچتي آپدا کي اڳتي وڏي جواب ڏنو هو، جنهن ڪري سنڌ جا ماڻهو بي چين ٿي ويا هئا. هو سنڌ جي سرحد کان ٿورو اتر طرف هڪ جنگي مهم جي ابتدا ڪري رهيو هو جو ڪيس بمبئي سرڪار نماٽائيءَ سان واهر ڪرڻ لاءِ ٻاڌايو هو. ان ڪري هن يورپين تي مشتمل هڪ ريجمينٽ ۽ ڏيهي ماڻهن جي ٻي ريجمينٽ بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ بمبئي پريزيڊنسي موڪلي ڏني هئي. موٽ ۾ هن بمبئي سرڪار کان ڪنهن به قسم جي تقاضا ڪانه ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت هن ٻن ريجمينٽن جي کوٽ کي بلوچ بٽالين سان پورو ڪري ورتو هو. هي اهي ماڻهو هئا جن کي سر چارلس جا دشمن سڏيو ويندو آهي.

چاڙهه جي پاڻيءَ جي لهي وڃڻ کان پوءِ نومبر مهيني ۾ تپاولي ايتري گهٽي ڪانه ٿي جيترو ڊپ هو. ڪيترا علائقا اهڙا به هئا جتي هڪ به ماڻهوءَ کي مليريا جو بخار ڪونه ٿيو هو. تنهن ڪري سر چارلس سکر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن اُسهڻ جو پڪو پهه ڪيو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڪڇيءَ جي جابلو علائقي جي بلوچ سردارن خلاف فوجي جنگي منصوبي مطابق ڪارروائي ڪري سگهي. اتر اولهہ واري سنڌ جي علائقي کي هن فتح ڪونہ ڪيو هو پر ڳالهيون ٻولهيون ڪري هنن ماڻهن کي پنهنجو دوست بڻائي ورتو هئائين، پر ڪڏهن بہ اوڏانهن ويو ڪونہ هو. انهيءَ ڪري اهو پاسو ڏئي اڳتي وڌڻ لڳو هو. سندس اها پيش قدمي هڪ قسم جي ملڪي جائزو وٺڻ بہ هو تہ جيئن هو سڌارا آڻي ڪي انتظامي سرگرميون شروع ڪري سگهي. هن 13 ريجمينٽ جي رضاڪارن کي پاڻ سان ڪنيو هو جيڪي سندس پهريدارن جي صورت ۾ هن سان گڏ هئا. هنن سان گڏ ڏيهي اريگيولر گهوڙي سوار دستا بہ هئا، جن کي هتان جا ماڻهو مغلن جا گهوڙيسوار دستا سڏيندا هئا.[۴] اڳتي بہ هنن جي سڃاڻپ لاءِ اهو نالو ڪتب آندو ويندو. اهي ماڻهو پنهنجي دين ايمان ۽ هلڻ چلڻ ۾ ايماندار ۽ سچا هئا، جن ۾ ملڪ جي هر علائقي جا بهادر ماڻهو شامل هئا. جنگ ۾ ڏاڍا خطرناڪ هئا ۽ سر ترين تي رکي دشمن سان وڙهندا هئا. هر ڳالهہ ۾ سچا ۽ ايماندار هئا. هنن اهڙي بهادري ۽ سچائي گجرات ۾ دنيا کي ڏيکاري هئي، جتي هن سنڌ مغل فوج پنهنجي بهادريءَ ۽ سچائيءَ جا جوهر ڏيکاري دوست دشمن کي حيران ڪري ڇڏيو هو جيڪا جنگ ڏاڍي منظم طريقي سان وڙهي وئي هئي.

هن سفر تي تيار ٿيڻ وقت هڪ فوجي حصي کي چيو ويو تہ اهو حيدرآباد کان احمد خان پهچي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هن ماڳ کي جاچي ڏسجي تہ اهو صحت بخش آهي يا نہ. پر هن ماڳ تي هڪ وڏي سهوليت موجود هئي. هتان جو پاڻي ڏاڍو پلو هو. جيڪو گهٽو ۽ خالص بہ هو. چاڪاڻ تہ سنڌ جي زمين اندر لوڻ تمام گهڻو آهي، تنهن ڪري سٺو پاڻي ڏاڍو گهٽ ملندو هو.

هن پيري اهو آزمائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي تہ جيئن ڪڇي واري جابلو علائقي وارن بلوچ سردارن کي فوج کي وڏائي ڏيکاريو وڃي ۽ کين خوف ڏياريو وڃي. چاڪاڻ تہ فوج جو هڪ حصو اولهہ ڏانهن پيش قدمي ڪري رهيو هو. جڏهن 78 ريجمينٽ سنڌو درياهہ وسيلي اتر هاڪاري رهي هئي ۽ ان کان سواءِ جنرل سر چارلس اتر اولهہ جابلو علائقي وچان پنهنجي رهبر ۽ پهريدار فوجي دستن سان اڳتي وڌي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ نظر اچي رهيو هو تہ صحت بخش ماڳ کي چونڊ ڪرڻ ناتي احمد خان کي چڏيو ويو هو. چاڪاڻ تہ ڪلفٽن ۽ منهوڙي وارا ماڳ ملي ويا هئا، جن جي آبهوا ڏاڍي صحت بخش هئي. ان کان سواءِ ڪراچي جي ويجهو بہ هئا. جيڪا سنڌ جي راڄڌاني هئي. ان جي پيٺ ۾ احمد خان پري هو ۽ وچ وارو علائقو بہ اوپرو هو جنهن کي سر چارلس ڳولي لڌو هو.

هي علائقو سنون سڌن پٽن جو هڪ سلسلو هو جن جي ويڪرائي پنج، پندرهن ۽ ويهہ ميل هئي ۽ ڊگهائي پندرهن ۽ هڪ سو ميل هئي، جن جي چوڌاري ٽڪريون هيون، جيڪي ڏکڻ کان سڌو اتر وڃي رهيون هيون. هنن جي اوچائي ٽن هزارن فوٽن کان وٺي پنج هزار فوٽ هئي، جيڪي صفا ايڪپريون هيون. سنڌن ترا مختلف شڪلين جهڙوڪ ڪٿي ايڪپرا، ڪٿي پاسيرا، ڪي سڌيءَ سنوت ۾ تہ ڪي وري آڏا ترڇا ۽ ڪٿي وري گول هئا، پر ٽڪريءَ جو پاسو پٽ وانگر ايڪپرو هو. جڏهن تہ هنن ٽڪرين جون چوٽيون چبوترن جيان ڏسجي رهيون هيون. نہ تہ سنڌن چوٽيون سڌيءَ سنوت ۾ هيون. هنن ٽڪرين وچان پاٽيءَ جا لنگهہ بہ هئا،جيڪي اسيءَ کان هڪ سؤ فوٽ ويڪرا هئا. بيمار ماڻهو هن سنئين سڌي علائقي مان انهيءَ ڪري ڪونہ ٿو اُڪري سگهي، چاڪاڻ تہ وچ وچ تي پٽون آهن. پٽون سنڌ ۾ تہ جام ڏسجن ٿيون، پر هتي ڪجهہ وڏيڪ آهن. هڪ فوجي منزل پرسان اهڙي پٽ ڏسڻ ۾ آئي جنهن جهڙي انساني نظر مان تہ گذري ئي ڪانہ هوندي. هوا سانتيڪي هئي، پر اوچتو تيز هواءِ جو جهوٽو گهُلي ٿي ويو ۽ هر گهڙي، هر شيءِ مرده ۽ زنده معلوم ٿي رهي هئي. واري اڏامي گهوڙن جي اکين ۾ پئجي رهي هئي، جيڪي ويچارا ذري گهٽ انڌا ٿي رهيا هئا. ماڻهن جا وار ايا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ جڻ باه وچان گذري رهيا آهيون ۽ هر ماڻهوءَ جي دل جڻ بيهڻ واري هئي. مگر ٿوري وقت کان پوءِ اهو ڏکيو مرحلو گذري ويو. ويچارو بيمار ماڻهو هن قسم جي آبهوا ۾ تہ زندهہ رهي ڪونہ سگهندو. هن جابلو علائقي ۾ نہ پاڻي ڦڙو نظر آيو نہ وري ماڻهوءَ بوءِ موجود هئي. هيءَ جوءِ خشڪ ۽ ويران هئي. ڳولڻ سان پاڻيءَ ڦڙو ملڻ مشڪل هو. علائقو ڏکيو هو. جيڪڏهن رستو جوڙبو تہ ڏاڍو مهانگو پوندو. هنن قدرتي پٽين مان وڏو فائدو بہ آهي. جنهن کي ٿڌي موسم تبديل ڪري ڪانہ ٿي سگهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ساري مشرق ۾ ڪلفٽن وارو علائقو وڌيڪ صحت بخش آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ ۾ نئين سرسڌارن جي ضرورت

سيوهڻ کان اتر واري علائقي ۾ سر چارلس کي رن Rins قبيلي جا ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي غير بلوچ هئا ۽ سنڌي هئا. انهن جي حالت ڏاڍي خراب هئي. هي اصل سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جا رهواسي هئا، جن کي ٽالپرن انهيءَ ڪري اتان ڪڍي ڇڏيو هو جو اهي ڪلهوڙن جا وفادار هئا. هاڻي هي ماڻهو اولهه وارن جابلو علائقن ۾ ڌاڙا هڻي گذر سفر ڪندا آهن. بلوچ قبيلا به هنن مٿان حملا ڪندا آهن. هنن ماڻهن کي آٽي جهرڪ جي اوسي پاسي سنڌوءَ سان آباد ڪيو ويو آهي. هتي ڏاڍي سچائيءَ ايمانداري سان پوکي راهي ڪندا آهن ۽ انگريز سرڪار جا وفادار ۽ تابعدار آهن. هي پهرئين قسم جا سڌارا آهن، جن جي سنڌ جي هن علائقي کي وڏي ضرورت آهي. هتي قانون جون پيچيدگيون به گهٽيون ٿينديون آهن. تن جي اصلاح ڪرڻ به ضروري آهي. هتي منتظمين وسيلي هڪ ڪوڙي سياسي معاشيات کي نافذ ڪيو پيو وڃي، جنهن کي ختم ڪرڻو آهي. اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي. پر انهن ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪليڪٽرن، سب ڪليڪٽرن ۽ فوجي مئجسٽريٽن کي چيو ويو آهي ته سرڪاري طور ڪارڪردگيءَ جي هڪ ڊائري رکي وڃي. ان کان سواءِ بين سڌارن آڻڻ لاءِ سوچ فڪر جاري آهي. سر چارلس نيپئر به غلط فيصلن بابت. جاچ پڙتال ڪرڻ ۽ انهن جي سخت نگراني ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اسان کي هر جڳهه تي انگريز سرڪار جي وفادار ۽ تابعدار ماڻهن جي اڪثريت ۽ سنڌ جي قدرتي وسيلن جي گهٽائي ڏسڻ ۾ آئي، پر سنڌ جي انتظاميه ڏاڍي مايوس هئي. ڇاڪاڻ ته 1843ع وارن بخارن ڪري نه چيف ڪليڪٽر، نه وري سب ڪليڪٽر پنهنجن جاين تي موجود هئا، جيڪي پنهنجي صحت جي بچاءَ واسطي بين ملڪن ڏانهن هليا ويا هئا. هنن ماڻهن جي غير حاضريءَ ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ڏوهه، ڦريون، بي قاعدگيون ۽ ظلم ٿيا هئا. هن قسم جي ملڪ ۾ اهڙيون ڳالهيون غير متوقع به ڪونه هيون، جنهن جي اڳوڻيءَ حڪومت ۾ به اهڙيون شڪايتون ڏهاڙيءَ جون معمولي ڳالهيون هيون. ان حڪومت جو بين ڏوهن کان سواءِ هي جرم به هو ته هن سنڌ جي هڪ حصي ۾ موجود وڏيءَ ڍنڍ جي مهاڻن مٿان وڏو محصول مڙهي ڇڏيو هو ۽ بهانو اهو ڏنو ويندو هو ته سرڪار جي پيداوار کي وڌايو پيو وڃي. ساڳيءَ ريت زمين جي پيداوار جو پورو اڌ حصو ڏل طور سرڪار وصول ڪندي هئي. اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍ هڪدم ختم ڪيو ويو هو. جنهن ڪري اسان مٿان چٽرون به ڪيون ويون هيون ۽ طعنا ٽنڪا به ڏنا ويا هئا. پر اهو اخلاقي طور به ڏوهه هو. هن سرڪار جي انتظام اندر گهٽي ڪوٽ آهي، جنهن ڏانهن عام طور تي ڌيان ڪونه ڏنو ويندو آهي.

## غلامن جو ٽولو

اهڙيون خاميون گهٽيون آهن جن تي تعجب به ڪرڻ گهرجي. پر پاڻ هڪ جرم ڏسي وائڙو تي ويو هو. هن غلامن جو ڪجهه تعداد ڏٺو جيڪي ڪيس آزاديءَ لاءِ التجائون ڪري رهيا هئا. غلام رکندڙ ماڻهن کي قانوني طور سزا ڏيڻ لاءِ اجان تائين ڪو قدم ڪونه کنيو ويو هو. اهو ڏسي انهن ٻارهن تيرهن ماڻهن کي هٿڪڙيون هٽائي پنهنجي فوجي پيش قدميءَ دوران پاڻ سان گڏ وٺي ويو. جن غريب ماڻهن کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو هو. اهڙي قسم جي ڏوهن خلاف هن عقل ڀريو قدم کنيو هو جنهن جو ذڪر مناسب جڳهه تي اڳتي ڪيو ويندو. هڪ جڳهه تي ڪيترن ماڻهن اچي ڪيس گذارش ڪئي، ته کين ڌاڙيلن جي آزار کان نجات ڏياري وڃي. سر چارلس انهن ڌاڙيلن کي گهٽي وقت کان وٺي ڳولي رهيو هو جن جا نالا هنن ماڻهن ٻڌايا هئا ۽ انهن ڌاڙيلن کي ڪوشش ڪري جلد ئي گرفتار ڪيو ويو.

## صحبت گدو

صحبت گدي Sawat guddee نالي هڪ ڌاڙيل کي فزجيرالڊ گرفتار ڪري ورتو هو. هن فوجي عملدار کي اڳوات ئي ڪڙڪ پئجي وئي هئي ته ڌاڙيلن جو ڪجهه تعداد ست هٽڻ لاءِ تيار ويٺو آهي. هن فوجين مان چاليهه چٽا سر چارلس جي پهري لاءِ اتي بيهاري ۽ باقي ٻي فوج ۽ اٺ سوار دستا پنجهتر ميل جو پنڌ هٽي، ڌاڙيلن تي وڃي اوچتو حملو ڪيو جيڪي جبل جي تري ۾ وانڍ هنيون ويٺا هئا. اتفاق سان گدي ڀڄي نڪري ويو. فزجيرالڊ اهو ڏسي سندس ڪڍ فوجي سوار لڳايا. جن هن کي، سندس پٽ ۽ ٻن ياٹتن کي گرفتار ڪري ورتو هو. ليفٽيننٽ جيمس جو تعلق پوليس سان هو جنهن هنن کي سندن ئي ٻوليءَ ۾ پيش پوڻ جو چيو. انهن جو تعداد چار هو جيڪي ٻين کان ڌار ويٺا هئا. هن کين چيو ته جيڪڏهن آڻ مڃيندا ته هنن جو وار به ونگو ڪونه ٿيندو. انهن مان هڪ ماڻهو اچي پيش پيو. جيمس ان ماڻهو کي تحفظ ڏنو. ان کان پوءِ ٻين کي چيائين ڏسو مان هن کي ڪو هاڃو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ پهچايو آهي. توهان بہ پيش پئو تہ اوهان کي بہ تحفظ ڏنو ويندو. تنهن تي هنن وراڻيو تہ اسان پيش ڪونہ پونداسون. چاڪاڻ تہ اسان گڏجي آهيون ۽ سووت (تي سگهي ٿو تہ نالو صحبت هجي. مترجم) جا پاڻيا ۽ هڪ سنڌس پٽ آهي. اسان ڪڏهن بہ پيش ڪونہ پونداسون. پوليس ۾ الف خان نالي هڪ پٺاڻ هو جيڪو ڏاڍو بهادر ماڻهو هو. جنهن جي پٽ شير محمد جي پاءُ کي گرفتار ڪري ورتو هو. جيڪو لاسراٽ هو ۽ پيءُ وانگي طاقتور ۽ دلير هو. هن پنهنجي هڪ ساٿي سان گڏجي بلوچن سان مقابلو ڪيو جن وٽ تلوارون ۽ ڍالون هيون. پر الف خان جي پٽ ۽ سنڌس دوست وٽ فقط تلوارون هيون. ان هوندي بہ هنن ٽن بلوچن کي قتل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ الف خان گهوڙي تي چڙهي وڃي هڪ گبڊي کي چيو تہ هٿيار ڦٽا ڪر، نہ تہ توکي قتل ڪري ڇڏيندس. ان وقت گبڊي رڙ ڪري کيس چيو: ڇا تون الف خان آهين؟ الف خان کيس چيو: هائو. اهو ٻڌي هن هٿيار ڦٽا ڪيا. اوير جا هٿياربند ماڻهو هڪ ٻئي کي چڱيءَ ريت سڃاڻيندا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ الف خان کان وڌيڪ ڪوبہ هٿيار بند خطرناڪ ڪونہ هو. جنرل چارلس کي جڏهن پتو پيو سووت جو پٽ ۽ سنڌس پاڻيا قتل ٿي ويا آهن تہ کيس ڏاڍو ڏک ٿيو پر انهن کي مزاحمت ڪرڻ ڪري قتل ڪيو ويو هو. چاڪاڻ تہ اها ڏر آپي کان نڪري وئي هئي. هنن آڻ ڪانہ ٿي مڃي ۽ مهاڏي ڏيڻ لاءِ ڳت ڏئي ويهي رهيا هئا ۽ جيڪو ماڻهو جيمس جي پيش پيو هو تنهن بہ ٿوريءَ دير کان مٿس حملو ڪري ڏنو هو.

## نوبت خان ڏاڙيل جي گرفتاريءَ تي ولي چانڊيي کي انعام

نوبت خان، ڏاڙيلن جو هڪ پيو سردار هو جيڪو ڏاڍو سگهارو متارو ۽ وحشي هو. هن تازو سنڌ جي حدن اندر ايران جي هڪ واپاري قافلي کي لٽيو هو ۽ ڇهن غريب جتن کي ڪهي ڇڏيو هو. هن سان گڏ ٻيا بہ پنج سو ڏاڙيل هئا. هن پنهنجي قهري ڪارروائين سان اتر سنڌ ۾ رڻ ٻاري ڇڏيو هو.

سر چارلس هن جي گرفتاريءَ لاءِ هڪ هزار روپيا چانڊين کي ڏنا هئا. ولي چانڊيي جو واعدو پڙ تي ليکو هوندو هو. کيس هڪ ڏينهن پڪڙي، جنرل آڏو پيش ڪيو ويو. جنهن لاڙڪاڻي واري دربار ۾ بين سردارن جي سامهون کيس هزار روپيا انعام طور ڏنا. ان کان سواءِ کيس نوبت جي تلوار بہ ڏني، جنهن تي سون جي اکرن ۾ ڏاڙيل جو نالو لکيل هو. کيس اها تلوار ماڻهن جي ميڙ ۾ ڏني وئي هئي. ان جو مطلب اهو هو تہ انهن ٻنهي قبيلن وچ ۾ وير جو

وڻ پوکجي چڪو هو ۽ ٻئي ڏريون هڪ ٻئي جي قبيلي جي سردار جي سر ڪٽڻ لاءِ سنڌرو ٻڌي،هڪ ٻئي جي سامهون بيهي رهيون هيون.

## ڏاڙن هڻڻ ۽ غلام رکندڙن قبائلي سردارن خلاف سر چارلس نيپئر جي سختي

هن لاڙڪاڻي واريءَ دربار ۾ قبائلي سردارن کي مختصر ۽ سخت لفظن ۾ خطاب ڪيو هو ۽ غلام رکڻ خلاف به ڳالهايو هو. اهڙيءَ ريت هن مٿئين طبقي جي ماڻهن کي اڻ سڌيءَ ريت ٻڌايو هو ته هن جيڪي ماڻهو گرفتار ڪيا آهن تن نه رڳو قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، پر اهي ڳچ ڳوهه ۾ ڏاڙن هڻڻ جو به سوچي رهيا هئا. ان خطاب ۾ هن نوبت ۽ ٻين گڏبي ماڻهن جي مقدر بابت پڻ ڳالهايو هو جن کي موت جي سزا ملڻ واري هئي. جنهن مان سندس طاقت جو احساس ۽ اختيارن جي وسعت جو اندازو ڪرڻ سولو هو. هن قاسيءَ جي ڏوريءَ کي ڊري ڪرڻ بدران وڌيڪ سخت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ جيستائين ڪڇي جي جابلو علائقن جي هڪ هڪ ڏاڙيل کي قاسي نه ڏنائين، تيستائين ڦاهي جي، ڏوريءَ کي ڍر ڪانه ملي. اهڙيءَ سخت ڪارروائي ڪري دربار ۾ ويٺل بلوچ قبائلي سردارن مٿان سر چارلس جي دهشت ويهي وئي. تنهن ڪري انهن رضاڪارانه جنرل سان واعدو ڪيو ته اڳنا واسطي هنن جا ماڻهو ڪڏهن ڏاڙا ڪونه هڻندا. ان کان پوءِ هنن پنهنجا ڪيل واعدا پاڙيا. دربار واري موقعي تي هن وڏي افسوس جو اظهار ڪيو هو ته ڪيس بلوچي زبان ڪانه ٿي اچي ۽ جيڪڏهن ڪيس اها اچي ها ته اها ٻولي هڪ هزار فوجي سپاهين جيتري طاقت ڏئي ها. پر هن اهڙي ڪوٽ جي پورائي، فوجي سرگرمين کي وڌيڪ تيز ڪري چڏيو هو. اهڙين ڳالهين تي عمل ڪندي، انهن دولتمند بلوچ سردارن کي زنجيرن سان ٻڌي، پاڻ سان ڪنيون وتندو هو. چاڪاڻ ته هنن بلوچ سردارن قانون جي ڀڃڪڙي ڪري غلام رکيا هئا.

دربار ۾ حاضر ڪيترن سردارن کي اهڙي خبر هئي ته ڪهڙن سردارن اهڙي قانوني ڀڃڪڙي ڪئي آهي. تن هنن لاءِ سر چارلس کي گذارش ڪئي ته کين بخشيو وڃي. تنهن تي هن اهڙن ماڻهن جا زنجير ڪيرايا، جن جو گهٽ جرم هو باقي ٻين کي هن معاف ڪونه ڪيو جيڪي زنجيرن ۾ ٻڌل رهيا. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو ٻين لاءِ مثال هجن. هتي اسان کي ٻي انصافي ضرور ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جو هڪ جهڙي جرم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا هڪڙا ڏوهي معاف ڪيا تا وڃن ۽ ٻين کي معاف نہ ڪري زنجيرن ۾ ٻڌل رکيو ٿو وڃي. پر هن پنهنجي ان حڪمت عمليءَ بابت هن ريت سمجهايو هو. سنڌس چوڻ هو تہ "ولي ۽ حاجي ٻئي وڏا قبائلي سردار آهن ۽ ٻنهي ساڳيو جرم ڪيو آهي. پر هو ٻئي پنهنجي غلامن سان ڏاڍو شريفاڻو ورتاءُ ڪندا آهن. جيڪڏهن مان انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي گرفتار ڪندس تہ چاليهہ هزار جابلو ويڙهاڪ اچي جنگ لاءِ سامهون بيهندا. مان سمجهان ٿو تہ غلامن رکڻ جا ڏوهہ تي رهيا آهن. پر مان هڪ اڻ سڌي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي، جنهن وسيلي مان غلاميءَ واري جرم کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيندس. هنن جهنگلي بلوچ سردارن سان فقط اهڙي طريقي سان ڪاروهنوار جاري رکندو ايندس. هنن ڳالهين سان گڏوگڏ مان نوان قلعا تعمير ڪرائي رهيو آهيان. فوجن لاءِ ٻئرڪن جي تعمير تي رهي آهي. ان کان سواءِ پوليس جو هڪ الڳ کاتو ٺهي رهيو آهي. ان کان پوءِ مسڪين ماڻهن جي همت افزائي ڪئي ويندي تہ جيئن قبائلي سردارن جي اطاعت نہ ڪن. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي منهنجي حڪمت عمليءَ بابت ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي. اهڙيون ڳالهيون ماڻهن جي ميڙاڪن کي خطاب ڪندي ظاهر ڪري ڇڏيندو آهيان. ظاهر ۾ تہ ائين لڳندو آهي تہ جڻ مان انهن ڳالهين تي غور ۽ فڪر ڪيو ئي ڪونہ آهي ۽ انهن جو اظهار بہ مرحلي وار ڪندو آهيان. جيڪڏهن پنهنجي حڪمت عمليءَ بابت اڳواٽ ڄاڻ ڏيندس تہ اها پنهنجو اثر وڃائي ويهندي. اهڙي ريت منهنجي حڪمت عملي ڪنهن کي سمجهہ ۾ بہ ڪانہ ايندي آهي. منهنجي اها بہ ڪوشش رهي آهي تہ منهنجا اعليٰ عملدار ولي چانڊئي کي ذاتيل سڌي ڪاوڙائڻ جي ڳالهہ نہ ڪن. اهو جڻ ائين آهي تہ مان هتان جي ماڻهن کي هڪ جهڙو سمجهي رهيو آهيان. ائين نہ آهي. اهي ماڻهو پنهنجي مزاج، طاقت ۽ عادتن ۾ بلڪل ڌار آهن. ولي چانڊيو ۽ ٻيا بلوچ سردار پوڪي راهي يا ڪو ٻيو ڌنڌو ڪونہ ڪندا آهن ۽ ڌاڙا ڦريون ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن. انهن جو خيال آهي تہ ٻين ماڻهن کي ڦرڻ لٽڻ عزت آبرو وارو ڌنڌو آهي. تنهن ڪري مان اهو چئي ڪنهن کي سزا ڪونہ ڏيندو آهيان تہ تون ذاتيل آهين، تون قاتل آهين يا تون بداخلاق آهين. مان ڪين فقط هي چوندو آهيان تہ تو منهنجا حڪم ڪونہ مڃيا آهن. جن ۾ چيو ويو هو تہ ڌاڙا بند ڪريو، قتل نہ ڪريو ۽ پاڻ وٽ غلام نہ رکو.

هي ماڻهو منهنجون اهڙيون ڳالهيون سمجهي وٺندا آهن تہ بادشاهہ جي مرضي اها آهي، جيڪڏهن هن جو چوڻ نہ مڃيو ويو تہ هو ضرور سزا ڏيندو. اهي ماڻهو اهو ڪونہ سمجهي سگهندا آهن تہ اسان جي نظر ۾ عزت ۽ اخلاق ڇا هوندو آهي. بلوچ سردار سمجهندا آهن تہ مان سارو وقت هار سينگار ۽ وارن کي درست ڪرڻ ۾ گذاريندو آهيان ۽ ڏن دولت گڏ ڪرڻ ۾ لڳو پيو هوندو آهيان. پر جڏهن مان ساڻن جنگ جوٽيندو آهيان تہ مون کي مهاڏو ڏيڻ کان لنوائيندا آهن، پر عام ماڻهو مون کي پنهنجو دوست تصور ڪندا آهن ۽ ڏاڍو خوش گذاريندا آهن. ٿوري وقت کان پوءِ منجهن ايتري سجاڳي ايندي جو هو قبائلي سردار جو چيو ڪونہ مڃيندا ۽ غلاميءَ جي زنجيرن کي ڇني ڇڏيندا. پر هاڻي بہ جيڪڏهن سنڌ جي حڪمراني ٽالپرن حوالي ڪئي بہ وڃي تہ يقين سان چوان ٿو تہ مان فوج کان سواءِ هنن غريب ماڻهن سان گڏجي کين سولائيءَ سان شڪست ڏئي سگهندس ۽ کين سنڌ کان ٻاهر ڀڄائي ڇڏيندس.

مان نوبت خان ڏاڙيلن جي تلوار چانڊئي سردار ولي کي ڏني هئي، ان ڪري هي چانڊيو سردار ان جي باقي رهيل ڏاڙيلن جي ٽولي جي ڪڍ لڳي پيو هو. انهيءَ خوف کان تہ متان اهي کيس قتل ڪري ڇڏين. هن ماڻهوءَ قبيلي جي ٻين سردارن کي هيءَ ڳالهہ مڃائي هئي تہ هو درياهہ جي ساڄي ڪناري تائين ڏاڙو ڪونہ هڻندا. جيستائين سر چارلس ڪچيءَ جي جابلو ڏاڙيلن سان ويڙهہ ۾ رڌل آهي. ولي چانڊئي نوبت واري تلوار وٺڻ کان انڪار ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ اها کيس اعزاز طور ملي رهي هئي ۽ ڏاڙيلن جي دشمنيءَ کان ڪونہ ڊڄو هو. کيس اها چڱيءَ ريت خبر هئي تہ جيڪڏهن نوبت ڀڄي نڪتو تہ کيس قتل ڪرڻ کان ڪونہ مڙندو. جڏهن هو نوبت واري تلوار وٺي واپس ٿي رهيو هو تہ سر چارلس کيس سرباٽ ڪندي چيو هو تہ، تون نوبت کي قتل ڪندين نہ! تہ ولي کيس وراڻيو هو: هائو آءٌ کيس ضرور قتل ڪندس. ان کان پوءِ هي جهونڙو سندس تنبوءَ مان ٻاهر نڪري هليو ويو هو. نوبت ۽ ٻين عام رواجي ڏاڙيلن جو قتل ڪا اڪ جي ماکي ڪانہ هئي. اهڙي جاڪوڙ بہ مٿي جو سور هئي، جنهن کي هن ريت بيان ڪجي ٿو.

## مسڪين ماڻهن ۽ عورتن کي انصاف مهيا ڪرڻ

"مان جيڪي بہ ماڻهو قيد ڪيا آهن، تن کي ضرور ڦاهيءَ چاڙهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو. انهيءَ ڪان سواءِ ڪو ٻيو گس بہ ڪونہ آهي. جيڪڏهن آءُ ائين نہ ڪندس تہ سنڌ ۾ وڏي رتو ڇاڻ ٿيندي رهندي. ماڻهو ميڙاڪن جي صورت ۾ مون وٽ اچي رهيا آهن ۽ ٻاڏائي رهيا آهن تہ ملڪ بلوچ ڌاڙيلن ڦري لٽي پيننگ ڪري ڇڏيو آهي. سڪيا ستابا علائقا ويران ٿي ويا آهن. ماڻهو سنڌن ظلم ۽ ڏاڍ کان ڊڄي پنهنجا اباڻا تر ۽ تڙا ڇڏي، لڏا پٽي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن ڪک پن ٿي ويا آهن. اهي ڌاڙيل ڪڇيءَ واري جابلو جوءِ ۾ وڃي گڏ ٿيا آهن ۽ پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهيا آهن. سنڌن اهو اتحاد غريب ماڻهن جي قتل عام جي مقصد لاءِ آهي. ان کان پوءِ سنڌين جون عورتون قتل ٿيون. معصوم ڇوڪرين جي ٻانهن ۾ پاتل قيمتي چوڙين کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي لاهڻ بدران سنڌن ٻانهون ڪپيون ويون تہ متان دير ٿئي ۽ ٻيو ڌاڙيل وڌيڪ چوڙيون هٿ ڪري وڃي. انن جا وڳ چاريندڙ جتن کي بہ قتل ڪيو ويو. جن وٽ بچاءَ لاءِ ڪي هٿيار بہ ڪونہ هئا. هڪ وسيع سڪيو ستابو علائقو اک ڇنڀ ۾ ويران ٿي ويو. پنجويهہ ڳوٺ ڊاهي پٽ ڪيا ويا. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن گرفتار ڪيا ويا تہ انهن تي ڪورٽن ۾ ڪيس هلايا ويندا ۽ انصاف ڪيو ويندو. جيڪڏهن ڏنو ويو تہ اهي قانون ۽ انصاف مطابق قاتل آهن تہ انهن کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويندو. هنن ماڻهن اهي قتل بي پهچ انسانن جا ۽ جاٽي ٻجهي ڪيا آهن. جيڪڏهن مان انصاف نہ ڪندس تہ سمجهيو ويندو تہ مان ڪمزور آهيان ۽ اهڙن ظالم ماڻهن کي هٿ لائي ڪونہ ٿو سگهان ۽ پوءِ سارو ملڪ وڳوڙن جي ور چڙهي ويندو ۽ ان ڪارنهن جو لينگهو مون تي لڳندو تہ مان هن ملڪ ۾ امن امان ڪرائڻ ۾ سوپارو ثابت ڪونہ ٿيو آهيان. عام ماڻهو ڏاڍا خوش آهن تہ ظالمن کي سوگهو ڪيو ٿو وڃي. جيڪڏهن ڪو شريف ماڻهو منهنجي جاءِ تي هجي ها تہ اهو بہ هن ڪم کي اهڙيءَ ئي مڙسيءَ سان منهن ڏئي ها جيئن مان ڏنو آهي، پر مون کي ڏک فقط انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ ڪاش! مان جيڪر انهيءَ ماري ۾ تلوار کان ڪم نہ وٺان ها. پر پوءِ مون کي تہ ملڪ جي سڌاري لاءِ ڪوڙن کان ڪم وٺڻو هجي ها. خير! مان خدا کي ٻاڏايان ٿو تہ اهو مون کي فيصلي ڪرڻ ۾ انصاف ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ جنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪريان تہ اهو ڪري بہ ڏيکاريان.جيڪڏهن سماجي قانون کي زنده رکڻو آهي تہ اهڙن ماڻهن جي نڙيءَ تي ضرور ننهن رکڻو پوندو. جن جي هٿ ۾ ٻئي کي ڪهڻ لاءِ ڪات آهي ۽ پنهنجي تحفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ اها اجازت ضروري ڏيٽي پوندي. پر جيڪڏهن مون کي محسوس ٿيو ته جيڪو ڪم آءٌ ڪري رهيو آهيان، سو انصاف آهي يا انصاف مطابق آهي ته منهنجي زندگيءَ جي جاکوڙ اها هوندي ته مان انهن قاتلن کي مارڻ جي ڪوشش ڪندو رهان.

ڪيترا ماڻهو سمجهي رهيا آهن ته جيڪو ڪجهه آءٌ ڪري رهيو آهيان، سو عيسائي مذهب جي اصولن جي خلاف آهي، اهي ماڻهو شايد سچ تا ڳالهائن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ حڪومت ختم هجڻ گهرجي. پوءِ هتي جيڪو ماڻهو سيني کان وڌو ڏاڙيل آهي، اهو سيني کان مٿاهون ۽ اعليٰ طبقي جو ماڻهو سمجهڻ کپي ۽ انساني فطرت انسانيت کان گهٽو ڏور ڪونه ويندي. مون کي يقين آهي ته جيڪو ڪم آءٌ ڪري رهيو آهيان سو بلڪل صحيح آهي ۽ مان ان تي اٽل آهيان. منهنجي دل گندن احساسن کان پري آهي. مان ته اهي ڪم ڪري رهيو آهيان، جيڪي سماج جي ضرورت آهن ۽ اهي هي آهن ته ڏاڙا سنڌ ۾ ختم ٿيڻ گهرجن. مان سڀ کان پهريان اها ئي ڳالهه چئي هئي ۽ مان ائين ڪري ڏيکاريو آهي ۽ ائين ڪندو رهندس، پوءِ پل ٻيا تي مهينا گذري وڃن. پر جيڪڏهن خدا جي مرضي هوندي ته هتي ڏاڙيل هجڻ گهرجن ته پوءِ يقين ڪريو ته مان ڪڏهن به ڪامياب ڪونه ٿيندس. پر هن ٽالپر حڪمرانن مٿان زوال نازل ڪري جڻ اها ڳالهه منظور ڪرڻ فرمائي آهي، جيڪا مان ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن مان هنن ڏاڙن، ڦرين لٽين ڏانهن ڌيان نه ڏيندس ۽ انتظاميا رکي ڪونه سگهندس ته ساڳيا ماڻهو منهنجي تعريف ڪندا، پر ان جو مطلب اهو ٿيندو ته مان سنڌ کي خوشحال ڏسڻ ڪونه ٿو چاهيان ۽ ائين ڪرڻ سان منهنجو ضمير گهائجي پوندو. هاڻ دل جي آٿت سان ننڊ ڪريان ٿو. انهيءَ ڪري جو مان سنڌ جي وڳوڙي وايو منڊل کي منهن ڏيڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لائي رهيو آهيان. پر ان کان پوءِ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس مون مان خوش نه آهي. مون کي اهڙي پرواهه به ڪانه آهي. اهي ماڻهو چالاڪ ۽ بيوقوف آهن. جڏهن ته مان اهو ماڻهو آهيان، جنهن جو ڏهاڙيءَ جو ڪم ماڻهن جون زندگيون بچائڻ آهي. جيڪڏهن مان ڪم ڪرڻ کان اڳ سوچيندس نه ته مون کي ته قاتل سڏيو ويندو. مون کي اها خبر ڪانه آهي ته هندستان جي حڪومت ڪير هلائي رهيو آهي. اهي پلي حڪومت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلائڻ ڇڏي ڏين. مان تہ ڏينهن ۾ رات بلڪ هڪ هڪ ڪلاڪ ۾ خدا در دعا گهرندو آهيان تہ يا خدا مون کي صحيح ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ مون کي پورو يقين آهي تہ آءٌ خدا کي حاضر ناظر سمجهي صحيح ڪم ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن مان ائين نہ ڪندس تہ مان گنهگار آهيان. جيڪڏهن حڪمران انصاف نہ ڪري سگهندو آهي تہ وڏو مجرم هوندو آهي. اهڙيون قومون ڪڏهن ناڪامي ڪونہ ڏسنديون آهن، جيڪي خود ڪفيل هونديون ۽ سندن زندگيون سجايون هونديون آهن."

## سنڌ کي "نئين مصر" چو ٿو سڏيو وڃي

هن سفر دوران سر چارلس کي هي سمجهڻ جو موقعو مليو هو تہ سنڌ کي Young Egypt سڏڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي يا اهڙي تشبيهہ غلط آهي؟ پر حقيقت اها آهي تہ ٻنهي ملڪن ۾ ساڳيائپ تمام گهٽي آهي. هنن جا ميدان، خوشحالي، رڻ پٽ، جبل، هڪ درياهہ، ساليانو چاڙهہ، سامونڊي بندرن جي ٿورائي، حڪمرانن جي تڪڙي تڪڙي تبديلي، ٽي نسل جهڙوڪ: ڪوپٽ Copts، عرب جن مان مصر جي مملوڪ تلوار بازن جو تسلط — سنڌ ۾ سنڌي هندو ۽ سنڌي مسلمان جن مٿان بلوچ جو تسلط. ٻنهي ملڪن جو ماضي شاندار هو پر خراب حڪومتن ڪري تباهہ ٿي ويا آهن. پر هاڻي ڪين وري زندهہ ٿيڻ جو موقعو مليو آهي. ڏٺو وڃي تہ ٻنهي جي هڪجهڙائي مڪمل آهي. ان کان سواءِ هيءَ ڳالهہ بہ تعجب جهڙي آهي تہ سنڌوءَ جي اولهہ پاسي وٽن جا پنڌ پاهڻ بہ ائين آهن جيئن نيل جي اولهہ پاسي وٽن جا پنڌ پاهڻ آهن.

سنڌ ۾ ڪليل ميدان آهن جن جي زمين ڏاڍي پلي آهي، پر علائقا ويران آهن. منجهن ماڻهوءَ جي بوءِ بہ ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي. پر هتي اهڙا قديم ماڳ هن جن مان پتو پوي ٿو تہ قديم زماني ۾ سنڌ ڏاڍي خوشحال هئي. چيو بہ ائين ويندو آهي تہ پراڻي دور ۾ سنڌ هڪ شاندار ملڪ هو: ان ڳالهہ ۾ وڏاءُ بہ ڪونہ آهي. هاڻي اهو ساڳيو رستو ورتو ويو آهي، جنهن وسيلي سنڌ ساڳي اوج تي پهچي سگهي ٿي. هن ملڪ جو هڪ قديم ۽ اهم ماڳ اڄ بہ نمايان آهي. نقشي ۾ ان کي موهن ڪوٽ Mohan Kot لکيو ويو آهي. سر اليگزينڊر برنس لکيو آهي تہ هڪ ٽڪريءَ جي چوڌاري قلعو جوڙيو ويو آهي. پر هتان جا ماڻهو هن ماڳ کي رني ڪوٽ سڏن ٿا. هن قلعي جون پٿيون پٿرن ۽ گچ سان ٺهيل آهن. قلعو بہ هڪ ٽڪريءَ جي نہ، پر ٽڪرين جي چوڌاري ڦيريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو آهي. ڇيو ويندو آهي تہ هن قلعي جي پکيڙ پندرهن ميل آهي. ان جي وچان صاف ۽ شفاف پاڻيءَ جي هڪ ڪاريز وهندي آهي جيڪا جبل وچان ٻڙڪو ڪائي ٻاهي نڪرندي آهي. اهو بہ ڇيو ويندو آهي تہ اهو قلعو يونانين ٺهرايو هو. پر ڪاريگري مان لڳي ٿو تہ اهو قلعو يونانين ڪونہ ٺهرايو هو. ٽالپر حڪمرانن هن قلعي جي پٽين جي مرمت ڪرائي هئي. ڪاش! هي قلعو جيڪر ٽالپر حڪمران جوڙائين ها.

سڪندر جي جاگرافيدانن جي بيان مطابق، هي قلعو سڪندر جي سفر واري رستي ۾ ڏسجي ٿو. پر سر چارلس ڪي هن ڳالهہ تي اعتبار ڪونہ آيو هو. ان ڪان پوءِ هن سيوهڻ جو ماڳ ڏٺو هو جيڪو سنڌوءَ جي چاڙهہ واري پاڻيءَ جي سطح ڪان متي هو جتي هن ڪيترا دڙا ڏٺا هئا. قلعو تمام پراڻو هو پر ان تعمير جو نمونو ڏسي ڇيو هئائين تہ، قلعو پراڻو ضرور آهي،پر سڪندر جي تعمير نہ آهي. سندس خيال آهي تہ سڪندر جي مورخن سندس فوجي پيش قدميءَ واري جنهن رستي جو بيان ڪيو آهي، سو بہ وسهڻ جوڳو ڪونہ آهي. اهو فقط تڏهن ممڪن هجي، جڏهن سنڌ سندن بيان واري سنڌ ڪان وڌيڪ سڌريل ۽ مهذب هجي ها. ماضيءَ واري سنڌ موجوده دور واري سنڌ ڪان گهٽي سڌريل ۽ مهذب هئي. اهڙيءَ ريت سڪندر جي دور واري سنڌ بہ ڪا گهٽ سڌريل ڪانہ هئي. ان دور جي مورخن لکيو آهي تہ فلپ جي پٽ (سڪندر) جي فوج سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان سفر ڪري رهي هئي. پر اها فوج هڪ سؤ هجي يا ويهہ هزار سنڌوءَ جي ڪنارن سفر ڪري. ڪانہ تي سگهي. ليڪن انهيءَ فوج سنڌوءَ جي وهڪري ڪان ڏهن ڪان سورهن ميل پري سفر ڪيو هوندو. چاڪاڻ تہ آبپاشي جي مقصد سان سنڌو مان ڪيترا ننڍا ۽ وڏا واهہ کوٽيا ويا هوندا. تنهن ڪري اهڙي پيش قدمي هنڌين ماڳهين رڪجي وئي هوندي. پر جيڪڏهن ننڍين وڏن واهن ۽ واهڙن تي پليون ٺاهيون وڃن ها تہ اهڙي پيش قدمي جو تسلسل ممڪن هو. جيڪڏهن پليون بہ ٻڌرايون وڃن ها، پر پوءِ بہ معلوم ٿئي ها تہ سنڌ ان وقت بہ سڌريل ۽ مهذب هئي. چاڪاڻ تہ اهڙا آبي وهڪرا آبپاشي جي مقصدن واسطي کوٽي تيار ڪيا ويا هئا. اهڙيون شيون تہ ماضيءَ جو داستان آهن. پر هن وقت سندس سوچ هئي تہ سندس جوڙيل انتظاميہ عام ماڻهوءَ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيترو موثر ثابت ٿي سگهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڍل ۾ محصول جي اوڳاڙي ۾ بي قائدگيون

پر ڪيس ڍل جي وڏيڪ اوڳاڙي جي باري ۾ ترميم به ڪرڻي هئي. چاڪاڻ ته هڪ ڪليڪٽر مسٽر پريڊي پيداوار جي وڌائڻ خاطر پنهنجي ضلعي ۾ وڏيڪ ڍل مڙهي هئي. اهو غلط قسم جو نقطئہ نظر هو جنهن ڪيس ڪاوڙائي ڇڏيو هو. ڪيس اهو ڏسي به ڏک ٿيو هو ته ساڳئي ڪليڪٽر منڇر جي مهاڻن تي تيرهن فيصد (چاليهہ وڏيڪ) محصول مڙهيو هو. هن ساڳئي ڪليڪٽر موتين وارين سپن ڦاسائڻ تي به ڳرو محصول مڙهيو هو. جنهن تي هو وسوڙجي ويو هو. تنهن تي هن حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو نالو وٺي تعجب ڪندي چيو هو ته، ڪهڙا نه ڏسٽا وائسٽا ماڻهو ڪڏا ڪم ڪري رهيا آهن. هن ضلعي جو چيف ڪليڪٽر پوپ هو جيڪو بيماريءَ ڪري غير موجود رهيو ان جي هلئي وڃڻ ڪري ڪيترين ئي ڏاڍ ڏمر جهڙيون غلط ڳالهيون ٿيڻ لڳيون هيون. ابتدائي دور ۾ ظلم ۽ ڏاڍ ته تمام گهٽو وڌي ويو هو. چاڪاڻ ته يورپي ڪليڪٽر ۽ انهن جو ماتحت عملو ۽ فوج، ملڪي جاگيرن جي پيداور جي حساب ڪتاب ۾ لڳي وئي هئي. ڍل جي شرح به مختلف هئي، ڍل جي اوڳاڙي لاءِ مقرر عملي ڪاردارن ۽ ٻين سرڪاري عملدارن تي مشتمل هو جيڪو وڏي (رشوت) وٺڻ تي هريل هو. سرڪاري آفيسن ۾ به اڳيون طريقو ڪم اچي رهيو هو ۽ هر معاملي بابت هوريان هوريان جاڻ ملي رهي هئي. اهڙيءَ ريت معلوم ٿي رهيو هو ته مستقبل جي ساريءَ خوشحاليءَ جو دارومدار سرڪار جي خبرچاريءَ ۽ تيز نظرداريءَ تي هو.

ان سفر جي شروع ٿيڻ سان جاسوسن کي چوطرف روانو ڪيو ويو هو. جن جي ڏنل معلومات مطابق سيئي ڏاڙيل قبيلا قلات جي خان جي مدد لاءِ هڪ جاءِ تي گڏ ٿي رهيا هئا. اهڙي صورتحال ان ڪري ٿي وئي هئي جو سر چارلس نيپئر ۽ قلات جي خان وچ ۾ ملاقات مقرر ٿي چڪي هئي. جنرل کي خوف ٿي پيو هو ته متان اهي ڏاڙيل قبيلا وڃڻ يا واپس ٿيڻ وقت مٿس حملو ڪن. تنهن ڪري هن سوچيو هو ته وٽس ايتري گهٽي فوج هجي، جو اهڙي امڪاني حملي دوران دشمن کي شڪست ڏئي سگهجي. پر اهي پاڻ ۾ وڙهي ڍانگو ڍانگ ٿي ويا هئا. مرين اڪيلي سر وڃي بگٽين سان جهيڙو جوتيو. پنهي ڌرين ۾ به پاٽي تيا ۽ پنهي مان هار مرين جي ٿي هئي. بعد ۾ مرين ۽ چانڊين پاڻڊو پڌي قليچي تي حملي ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي هئي. ان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارڻ اهو هو تہ چانڊين ۾ مرين سان واعدو ڪيو ويو هو تہ جيڪڏهن هو جکراڻين، بگٽين ۽ ڊومڪين کي سنڌ جي سرحد کان پري ڌڪي ويا تہ کين سندن زمينون ڏنيون وينديون. پر اهي ٻئي ڌريون ائين ڪري ڪونہ سگهيون هيون. اهڙيءَ منڌل صورتحال ڪري اها ڳالهہ واضح ٿي چڪي هئي تہ سيئي ڌريون متحد ٿي، انگريزي فوج سان گڏجي هنن جابلو ماڻهن جو مقابلو ڪنديون تہ کين شڪست ڏيڻ ۾ ڪاميابي ٿيندي. پر اها ڳالهہ تہ پوءِ مشڪل هئي ۽ ڏينهون ڏينهن مشڪل ٿيندي پئي وئي. جنرل پنهنجي حڪمت عمليءَ بابت فيصلو ڪري چڪو هو. پر ان وقت هڪ نئون ڏچو پيدا ٿي چڪو هو جيڪو هن فوجي مهم لاءِ رنڊڪ بڻجي ويو هو ان ڪري جنگي مهم ۾ سستي اچي وئي هئي.

## بجار ڊومبڪيءَ جون صلح لاءِ ڪوشش

سر چارلس جي اها پيش قدمي ڏاڍي مشهور ٿي هئي ۽ اڳتي وڌڻ جي حڪمت عملي ڏاڍي خطرناڪ هئي. جنهن کي ڏسي بجار خان ڊومبڪيءَ جون هيٺيون هيٺ ۾ مٿيون مٿي رهجي ويون هيون. هن ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، پنهنجي ٻن پٽن کي جنرل هنٽر ڏانهن سلام پرڻ لاءِ موڪليو. پر بجار جي تازي حملي، عورتن جي قتل عام ۽ ٻارن جي ٻانهن ڪپڻ جو واقعو تازو ٿي گذريو هو. ان کان سواءِ هن بي هٿيار ڳاهين کي قتل ڪيو هو. اهي جنگ ڪرڻ جهڙا واقعا هئا. هن اهڙو ظلم ڪيو جيڪو معاف ڪرڻ جهڙو ڪونہ هو. تنهن ڪري جنرل هنٽر کي چيو ويو هو تہ بجار جي پٽن کي واپس وڃڻ جو موقعو ڏئي. جيڪڏهن هو واپس وڃڻ نہ چاهين تہ انهن کي ڦاهي ڏني وڃي. ان کان سواءِ بجار خان ڏانهن بہ نياپو موڪليو ويو تہ جيڪڏهن هو بہ هٿ اچي ويو تہ کيس بہ ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويندو. جڏهن بجار خان کي اهي خبرون مليون تہ هڪدم اعلان ڪيائين تہ هو الله جو غازي آهي ۽ دين خاطر هر قرباني ڏيندو ۽ جيستائين هڪ بہ ڪافر ملڪ ۾ آهي، هو آرام سان ڪونہ ويهندو. جڏهن بجار جهڙا ماڻهو غازي ٿيڻ جو اعلان ڪندا آهن تہ ڏاڍا جنوني جنگجو بڻجي ويندا آهن ۽ قتل ٿيڻ تائين ٻين کي قتل ڪندا رهندا آهن.

## مير شير محمد ڏانهن چارلس جو پيغام

بجار ڪو هڪڙو ماڻهو ڪونہ هو جنهن کي قتل ڪري ماٺ ڪري ويهڻو هو. پر شير محمد بہ هنن بلوچ سردارن سان گڏ هو ۽ کين سون ڏئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ويڙهائيندو هو. ان کان سواءِ ساٺن واعدا بہ وڏا ڪندو هو تہ جيڪڏهن هو سنڌ جو حڪمران ٿيو تہ ڪين اڏي ڇڏيندو. ڪڏهن هو پاڻ گهوڙيسوار دستن کي ساڻ ڪري اچي سنڌ جي سرحد وٽ بيهندو هو. ان کان پوءِ سر چارلس ان ڏانهن هن طرح جو پيغام موڪليو هو.

مير، مان هن وقت تائين تنهنجي عزت ڪئي آهي ۽ هڪ بهادر دشمن سمجهي تنهنجو ڪليءَ دل سان احترام ڪيو آهي، پر هاڻي تون ظالمن ڌاڙيلن سان گڏجي ويو آهين، جيڪي عورتن، ٻارڙن ۽ ٻي ٻهچ ماڻهن جا قاتل آهن. جيڪڏهن تون بہ قاتل ۽ ڌاڙيل آهين تہ مان بہ توکي قاتل ۽ ڌاڙيل سمجهي، توسان ساڳي ڪارروائي ڪندس. ان کان جلد ئي پوءِ هي ٽالپر پنجاب هليو ويو.

## سکر ۾ ٽپاوليءَ ڪري فوجين جي گهٽتيءَ جوڳي حالت

اهڙي ريت سر چارلس پنهنجي جنگي مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ لڳاتار پيش قدمي ڪندو 18 ڊسمبر تي اچي سکر پهتو هو. ڪيس سکر کي ڇڏي پورا بہ سال گذري چڪا هئا. مياڻيءَ واري فتح کان اڳ جنرل هتان نڪتو هو ۽ ان جنگي واقعي کان پوءِ سنڌ انگلينڊ جي ماتحت بڻجي وئي هئي. هن جي سکر پهچڻ وقت سندس سني آجيان ڪانہ ٿي هئي. هتي ٽپاولي چوٽ چڙهيل هئي. يورپي توبخانو مفلوج ٿي ويو هو. 78 ريجمينٽ جا بہ سو فوجي مري ويا هئا. ان کان سواءِ دفن ٿيڻ لاءِ ڏهاڙي هڪ نہ ٻيو لاش موجود هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو جڻ هيءَ بيماري سيني کي ٻيت ڏئي ٻهي پوءِ ساهہ پٽيندي. اهڙو ڳنڀير وايو منڊل ڏسي، باقي فوجين کي حيدرآباد ڏانهن موڪلڻ لاءِ مجبور ٿي پيو هو. نہ تہ اڳي ڪيس اميد هئي تہ اها ساري فوج وٺي وڃي بلوچ ڌاڙيلن سان جهيڙو ڳنڍيندو ۽ شاندار فتح حاصل ڪندو جيڪڏهن فوج جو تحفظ نہ ڪيو ويو تہ بيماريءَ جي ختم ٿي وڃڻ تائين انهن مان هڪ بہ ڪونہ بچندو.

## بمبئي واري ڏرپاران ٽپاولي سبب مئل فوجين جي لاشن تي سازش

اها خبر جڏهن بمبئيءَ واريءَ ڏر جي ڪنين پئي تہ هنن وٺي هاءِ گهوڙا شروع ڪئي ۽ چوڻ لڳا تہ اهو سارو نقصان سر چارلس جي لاپرواهيءَ ڪري ٿيو آهي. جڏهن هن انهيءَ موسم ڌاران جابلو ڌاڙيلن تي حملي ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو هو تہ ڪيس اها خبر بہ هجڻ گهرجي ها تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ موسم دوران هر سال بيماري ٿيندي آهي. ان ڪان ڪيس سواءِ ڊاڪٽرن سان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي ها. هن بيماريءَ جي موسم دوران حملي جون تياريون ڪيون، جڏهن 78 ريجمينٽ کي بيماري وچڙي وئي هئي. ان ڪان سواءِ فوجين جا جيڪي به موت واقعي ٿيا آهن، تنهن جي ساري ذميواري سر چارلس تي آهي ۽ فوج جا اهڙا خوفناڪ خون به هن ڪيا آهن. هي ماڻهو فقط هندستان ۾ هاءِ گهوڙا ڪري سر چارلس کي بدنام ڪرڻ تي راضي ڪونه هئا. تنهن ڪري هنن وهـَ ۾ وهاڻيل بيان اسڪاٽلينڊ ڏانهن به موڪلي ڇڏيا هئا. ڇاڪاڻ تہ 78 ريجمينٽ جو تعلق ان علائقي سان هو. هن ڏر کي پتو هو تہ انهن مرحوم فوجين جا مٽ مائٽ ۽ دوست احباب اُتي آهن ۽ اوڏانهن اهڙا بيان موڪلي اتان جي ماڻهن جي احساسن کي اُڀاري سگهندا ۽ انهن ماڻهن جي دلين ۾ سر چارلس خلاف نفرت جي باه ٻري پوندي. پر هن ماڻهوءَ کي انهن اجاين الزامن جي ڪُڙڪ پئجي وئي هئي. ان ڪري هن نهايت خبرداريءَ سان سوچڻ ويچارڻ شروع ڪيو هو ۽ فوجين جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ واري هر سوال تي غور ڪيو هو.

هن چيو هو تہ، ”مون تي اخبارن وسيلي حملا ڪيا ويا آهن. جيڪي مون کي هاڃو رسائي ڪونہ ٿا سگهن. پر منهنجي دل کي فوجين جي اوچتي موت گهائي رکيو آهي. اهڙا الزام مٿس بيهي ڪونہ سگهيا هئا. پاڻيءَ جي چاڙهہ ڪان پوءِ سکر ۾ اهڙي بيماري سيپٽمبر ۾ شروع ٿي هئي، جيڪا آڪٽوبر جي اڌ تائين هلي هئي. ان ڪان پوءِ ڪي ٿورا فوجي بيمار ٿيا هئا. پر ابتدائي مرحلي ۾ انهيءَ بيماريءَ هاڃو ڪري ڇڏيو هو.

## 13 رجيمينٽ جي سکر ڪان ڪراچيءَ روانگي ۽ 18 ريجمينٽ جي آمد

هندستان سرڪار وٽان ڪيس حڪم پهتو هو تہ 13 ريجمينٽ کي سکر مان ڪراچي ۽ 78 ريجمينٽ کي ڪراچي مان سکر موڪليو وڃي. مٿينءَ سرڪار جي حڪم تي عمل نهايت خبرداري سان ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ 13 ريجمينٽ تي بيماري اڳئي حملو ڪري چڪي هئي. ان جو ٻيو جهٽڪو بہ شروع ٿيڻ وارو هو. سوچيو اهو ويو هو تہ بيماري جي ٻئي جهٽڪي شروع ٿيڻ ڪان اڳ 13 ريجمنٽ سکر ڇڏي ڪراچي هلي وڃي ۽ ڪراچي ڪان 78 ريجمينٽ ان وقت سکر پهچي، جنهن وقت بيماري ختم ٿي وڃي. ڪيس اميد هئي تہ هو ائين ڪري فوج کي بيماريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ۽ ٻئي حملي يا جهٽڪي کان بچائي سگهي ٿو. ڊاڪٽرن جو مشورو هو ته انهيءَ رُتِ ۾ فوج کي پيش قدمي فائدي واري ٿيندي. ان ڪري 86 ريجمينٽ کي حيدرآباد کان پيش قدمي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. پاڻ 78 ريجمينٽ جيترو رهبر فوجي دستو ساڻ ڪري متي روانو ٿيو. ان کان سواءِ ٻيءَ فوج کي احمد خان ڏانهن وڃڻ جو چيو ويو هو. اهڙيءَ چرپر ڪري فوج بيماريءَ کان بچي وئي ۽ ڊاڪٽرن جو مشورو صحيح ثابت ٿيو هو.

13 ريجمينٽ بيماريءَ جي ٻئي جهٽڪي کان بچي وئي ۽ وچي ڪراچي پهتي ۽ چڱي ڀلي ٿي انگلينڊ رواني ٿي وئي. انهيءَ بدران رضاڪار مقرر ڪيا ويا هئا. جن جو تعداد ٻه سو هو جيڪي پيش قدمي دوران هن سان گڏ رهيا هئا. هي خطرناڪ قسم جي پيش قدمي، ٻن طرفن کان شروع ڪئي وئي هئي ۽ ان وقت فوج صحتمند به هئي. 78 ريجمينٽ صحتمند حالت ۾ 25 آڪٽوبر تي سکر پهتي ۽ نومبر جي شروع تائين صحتمند رهي. ان کان پوءِ بيماريءَ ڏاڍيءَ شدت سان حملو ڪيو جيڪو سال جي ابتدا تائين لڳاتار هلندو رهيو.

## ڪالرا جا ڪلور ۽ شڪارپور ڇانوٽيءَ ۾ فوجي بغاوت

اها حقيقت آهي ته 18 ۽ 78 ريجمينٽ جي پيش قدمي بيماري واري ساري موسم معطل رهي هئي. اهڙيءَ بيماريءَ جي اڳواٽ چنتا ڪري به هن فوج کي اتي رهايو ويجي ها. اهڙي دير پوئين عرصي واريءَ بيماريءَ ڪري ڪانه ٿيڻ هئي. دراصل اهو منصوبو ائين ڪونه هو پر بيماريءَ ڪري ان ۾ تبديلي آندي وئي هئي. ڪراچيءَ واري فوجي ڇانوٽي، حيدرآباد جي خندقن واري فوجي ڪئمپ، ڪوٽڙيءَ واري آگبوٽن واريءَ اسٽيشن ۽ سکر واري فوجي ڪئمپ ان وقت اهڙيءَ بيماريءَ کان آجيون هيون. پر شڪارپور واري فوجي ڇانوٽيءَ ۾ انهيءَ وقت بيماري پکڙيل هئي، جيڪا فقط فوجي ڇانوٽيءَ تائين محدود ۽ اتفاقي هئي. پر اهڙيون ڳالهيون هن ساري موضوع تي ڇائنجي ڪونه ٿي سگهيون. پر.هتي بنگالين بغاوت دوران پنهنجي عملدار فوجين کي قتل ڪرڻ جا نعرا هنيا هئا. هنن باغي فوجين کي جنرل هنٽر تڏيون منيون ڳالهيون ڪري مڃائي ورتو هو. انهيءَ زماني ۾ شير محمد جابلو ڏاڙيلن کي ساڻ ڪري ڪراچي سنڌ جي سرحد وٽ بيٺو هو. ان کان سواءِ پنڌرنهن باغي ٽالپر، علي مراد جي دربار ۾ موجود هئا، جيڪا هتان گهٽو پري ڪانه هئي. ڇا

ان وقت اهو صحيح هو تہ اهڙي نازڪ موقعي تي جنرل هنٽر کي اڪيلو ڇڏجي ۽ وٽس ڪابہ يورپي فوج نہ هجي؟ فرض ڪريو تہ بنگالي فوج پيهر بغاوت تي ڪري؟ 64 ريجمينٽ بہ چئن مهينن اندر بہ ٻيرا اڳ بغاوت جو جهنڊو جهولايو هو. پر جيڪڏهن تيون ڀيرو ائين ڪري ها تہ ان جو نتيجو ڇا نڪري ها! ۽ جيڪڏهن اهي بغاوت دوران يورپين کي ائين ڪهن ها جيئن ويلور Vellore ۾ ڪيو ويو هو تہ ڇا ٿي چڪو هجي ها. جيڪڏهن اهي بکر ۾ موجود فوجي سامان لٽي ڦري ۽ سارو سرڪاري خزانو ڪٽي، وڃي جابلو علائقي ۾ شير محمد سان ملن ها يا سکن سان ملتان وڃي ملن ها، جن وٽ هنن جا مٽ مائٽ ۽ دوست احباب اڳئي موجود هئا.

اهڙيون ڳالهيون ٿي ڪونہ سگهن ها،پر اهڙو امڪان ضرور هو. 34 بنگال ريجمينٽ بغاوت ڪئي هئي ۽ جن کي فوجي ملازمت مان ڪڍيو ويو هو تن هتان نڪري وڃي سکن جي ملازمت اختيار ڪئي هئي. جيڪڏهن ائين ٿئي ها ۽ باغي فوج جنرل هنٽر کي قتل ڪري ڇڏي ها تہ وري بہ ڪارنهن جو لينگهو جنرل سر چارلس نيپئر تي لڳي ها ۽ چيو وڃي ها تہ اهو يورپي فوجي وٺي هليو ويو ۽ جنرل هنٽر کي هٿ سان ڪهرايائين. نہ تہ ڪيس اهڙي اڳواٽ چنتا ضرور ڪرڻي هئي ۽ اهڙين حالتن ڪري ڪو ممڻ تہ ضرور مچندو. جيڪڏهن ائين ٿئي ها تہ سوال جو جواب ڪير ڏئي ها. اهڙين ڳالهين جو ڪو جواز بہ ڪونہ هو. ڪيس اهڙين امڪاني غلطين جو احساس بہ هو ۽ جيڪڏهن اتفاق سان ائين ٿي بہ وڃي ها تہ هو پنهنجي باقي ساري زندگي شرم ۽ پڇتاءَ ۾ گذاري ڇڏي ها. هن کي 78 ريجمينٽ جي فوجين جي موت تي تمام گهڻو ڏک ٿيو هو پر ائين سندس غلطيءَ ڪري ڪونہ ٿيو هو.

اسان وٽ اهڙيون ڪيتريون ثابتيون آهن. 78 ريجمينٽ تي پيش قدميءَ سبب بيماريءَ اثر ڪونہ ڪيو هو. هيءَ ريجمينٽ ان وقت بيمار ضرور ٿي هئي، جنهن وقت فوجي ڇانوڻي ۾ رهيل هئي. ائين تہ اتر سنڌ ۾ فوجي ڇانوڻين اندر رهندڙ سڀ فوج بيمار ٿي پئي هئي. هن سان گڏ توبخاني وارا يورپي فوجي دستا بہ تہ سخت بيمار ٿي پيا هئا. اوسي پاسي واريءَ ٻيءَ فوج کي بہ اها بيماري ڪانہ وچڙي هئي. آڳبوٽن وارا فوجي دستا جيڪي 78 ريجمينٽ کي ڪراچي کان سکر ڪٽي آيا هئا، تن کي پڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيماري کان لڳي هئي. انهيءَ زماني ۾ ممبئي ڏر جيڪا سر چارلس خلاف الزامن جي ڏم ڏڙي لائي ڏني هئي، تنهن جو ڪارڻ اهو هو تہ هنن جا سر چارلس لاءِ اندر ڪارا هئا ۽ ساڙ کان چريا ٿي پيا هئا.

## وبائي بيماريءَ ڦهلجڻ جا ڪارڻ

ڪيترن ماڻهن جو خيال هو تہ اها بيماري واهن جي پاڻيءَ وسيلي پکڙي هئي، جيڪا عام طور سنڌوءَ جي چاڙهہ واري پاڻيءَ سبب هوندي آهي. پاڻي جي گهٽجي وڃڻ ڪري ملڪ سائو ٿي ويو پر اهڙي ساوڪ وقت کان اڳي ٿي هئي. پاڻيءَ جي وقت کان اڳ لهڻ وڃڻ ڪري اوڀڙ تہ اُپري هئي، سج جي تپش ڪري اها وقت کان اڳي ئي سڙي سڪي وئي هئي. اهڙيءَ موسم ڪري سنڌ ۾ اٽيهئي مليريا ٿيندي رهندي آهي. پر ان جو زور شڪارپور ۽ سکر ۾ تمام گهڻو هوندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ درياهہ جي چاڙهہ جو پاڻي هنن ٻنهي شهرن جي وچ ۾ تلاءَ ڪري بيهي ويندو آهي. سنڌ کي اتل جي پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ بندن جي تعمير هاڻي تازو شروع ڪئي وئي آهي. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ انهيءَ موسم دوران هوا شڪارپور ڏانهن ويندي آهي ۽ بيماري بہ اتي گهڻي ٿيندي آهي. جڏهن وري هوا سکر ڏانهن گهلڻ شروع ڪندي آهي تہ بيماري شڪارپور ۾ گهٽجي ويندي آهي ۽ سکر ۾ وڌي ويندي آهي.

بنگال سروس جي ڊاڪٽر ڪرڪ هن موضوع تي گهڻو سوچيو آهي. ان جو خيال آهي تہ اهو بخار جابلو تپش ڪري ٿئي ٿو جن تي فوجي بئرڪون جوڙيون ويون آهن. پر منهنجو خيال آهي تہ اهي بخار جابلو تپش ۽ چاڙهہ واري پاڻيءَ جي تلائن ڪري بہ آهن. سنڌ ۾ ٻن ٽن سالن جي وٿيءَ کان پوءِ ڪا نہ ڪا مهامري پيدا ٿي پوندي آهي. مان سمجهان ٿو تہ اها ٻرندڙ جبلن جي ڪري ٿيندي آهي. سنڌ هڪ ميداني علائقو آهي، جتي سدائين ڌرتيءَ ڏڌڻ جا واقعا ٿيندا رهندا آهن. 1819ع ۾ ڌرتي ڏڌي هئي، جنهن ڪري ڪڇ جو سارو متاڇرو منتجي ويو هو. اهڙيءَ ريت ڌرتي ڏڌڻ جا اڻ لکا جهٽڪا بہ ايندا رهندا آهن، جنهن ڪري سنڌ جي متاڇري ۾ ڪڏا ۽ گهارا پئجي ويندا آهن. اهڙي ريگ گئس پيدا ٿي پوندي آهي، ان ڪري ٿوريءَ وٿيءَ کان پوءِ وچڙندڙ بيماري پيدا ٿي پوندي آهي. اها بيماري ايتري قدر خطرناڪ هوندي آهي، جيتري قدر ڌرتي اندروني طور اٿل پٿل جو شڪار ٿيندي آهي. پر انهن بيمارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪارڻ اٿل واري پاڻيءَ جا تلاءَ هجن يا ڌرتيءَ جي اندروني اٿل پٿل ڪري پيدا ٿيل گئسن ڪري هجي، ليڪن يورپي فوجين لاءِ اهڙيون بيماريون ڏاڍو ڏچو پيدا ڪنديون آهن. هندستان اندر فوجي بيئر ۽ برانڊي پيئندا آهن. جيڪو چانورن ۽ ٻين شين مان ٺاهيو ويندو آهي. ڪي شراب ڪارڪن مان به جوڙيا ويندا آهن. ڪي فوجي مانيءَ سان گڏ شراب پيئندا آهن ۽ ڪجهه شراب کان سواءِ ماني کائيندا آهن. پر ماني سان گڏ شراب واپرائڻ ڪري وچڙندڙ بيماري ڪانه ٿيندي آهي. ليڪن ائين ڪرڻ ڪري معدي يا آنڊي ۾ زخم ٿي پوندا آهن ۽ اهڙا زخم موتمار ڪونه هوندا آهن.

ڊاڪٽر رابرٽسن جو تعلق 18 ريجمينٽ سان آهي، جيڪو هندستان ۾ ڦٽي نڪرندڙ سيني بيمارين جي چڱيءَ ريت ڄاڻ رکي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ جلال آباد جي گهيري دوران فوجي سپاهين کي ڪا بيماري انهيءَ ڪري ڪانہ ٿي هئي، جو هنن شراب جو استعمال ڪونہ ڪيو هو.

## نيپئر جي ڪارڪردگي تي هڪ نظر

سر چارلس هن وقت سکر پهچي چڪو هو. سندس اهو سفر ائين هو جڻ هن سکر کان حيدرآباد جو سفر ڪيو هجي، جيڪو هن سنڌ جي فتح دوران ڪيو هو. هي سندس ٻيو ڀيرو سکر اچڻ هو ۽ هن جي پيش قدمي واري محنت اجائي وڃڻي ڪانہ آهي. ڪيس هن شهر کان وئي ٻہ سال ٿي ويا هئا. ان وقت هو سکر کان ميرن سان جنگ جي ارادي سان نڪتو هو. ان زماني ۾ هو امامگڑھ نالي قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ تڙ ڏانهن ويو هو. ان کان پوءِ هن ٻہ جنگيون کٽي ورتيون هيون. ان کان سواءِ هن چار وڏا قلعا بہ فتح ڪري ورتا هئا. اهڙيءَ ريت هن ڪيترائي ننڍا قلعا بہ هٿ ڪري ورتا هئا. هتان جي ڇهن حڪمرانن کي شڪست ڏني ۽ هڪ وڏي بادشاهہ کي مطيع ڪيو هو. هن سول انتظاميا کي تلقين ڪئي ۽ ان کي تحرڪ ۾ آندو. جنهن کي هن ڪيترين ئي شاخن ۾ ورهايو. سنڌ جي مختلف نسلن سان بهتر تعلقات قائم ڪيا. ٻاهرين ملڪن سان پنهنجي خاص حڪمت عمليءَ جي ابتدا ڪئي. فوجي ۽ عوامي ڀلائي جي ڪيترن ئي ڪمن جي ابتدا ڪئي هئي. ڪيترائي وڏا منصوبا ٺاهيا، جيڪي نہ رڳو وقت جي اهم ضرورت هئا، پر هن اڳيان انهن منصوبن کي مڪمل ڪرڻ جو بہ مقصد هو. اهڙن منصوبن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري ڪرڻ جي اِرادي سان هن فو جي اڳواٽي ڪندي، انهن ۾ گھوڙن جي سواري ڪئي ۽ ٻه هزار ميل سر ڪيا. چئن ڪان پنجن هزارن جي وچ تي سرڪاري خط لکيا ۽ رپورٽون تيار ڪيون، جن مان گھڻيون ته نهايت شاندار هيون. ان کان سواءِ هن خانگي لکپڙھ به ڪئي، جيڪا تمام گھڻي هئي. هو هر ماڻهوءَ کي جواب ڏيندو هو پوءِ اهو وڏو ماڻهو هجي يا ننڍو سندس خط اهم هجي يا غير اهم. هو ڪابه شيءِ تڪڙ ۾ ڪونه پڙهندو هو پر ڏاڍي ڌيان ۽ گيان سان مطالعو ڪندو هو. ڦاسي يا ٻين سخت سزائن تي ملندڙ شاهدين جو به ڏاڍي غور ۽ فڪر سان مطالعو ڪندو هو. ان کان سواءِ اهي فوجي منصبي فرض به ادا ڪندو هو جيڪي انگلينڊ، ڪلڪتي، مبئي ۽ مدراس ۾ رهندڙ سينيئر فوجي عملدار ڪيس چوندا هئا. سخت بيمار هوندي به هن منصبي فرضن کان منهن ڪونه موڙيو هو. سندس عمر ٽيهٺ سال هئي ۽ هن جو سارو جسم زخمن جي گهائن سا پُر هو. اهڙي سخت گرم آبهوا ۾ به ڪم ڪندو رهندو هو جو اونهاري ۾ گرمي جو درجو 132 هوندو هو. اهڙين چوٽ گرمين دوران پنهنجي تنبوءَ کي هترادو طريقي سان ٿڌو ڪري، گرمي گهٽ ڪندو رهندو هو. هن گرميءَ جو بهانو ڏئي ڪم کان ڪڏهن به ڪونه گھبرايو. اهڙي لکپڙھ وهاٽيل وايو منڊل ۾ ڪندو رهندو هو ۽ ان دوران بمبئي ڏر وارن جي هاءِ گهوڙا به جاري رهندي هئي. هن خلاف ڪيئي سازشون به پيون هلنديون هيون، پر هو اهڙين ڀڏين ڳالهين هوندي به نه ماندو ٿيو نه وري ڪا آس پليائين. اهڙين ڳالهين جو احساس سوڙهي دل وارا ماڻهو ڪندا آهن. ڪيس هندستان سرڪار طرفان سهائتا ملڻ جو اوسيئڙو رهندو هو. پر اها بي شڪري هئي، جنهن وٽ درگذر ڪرڻ ۽ شڪرگذار رهڻ جي ڪا ڳالهه ئي ڪانه هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن بادشاهن هڪ لک فوج سان گڏ اهڙيون ڪوششون به ڪيون آهن. اهڙن لڪن مان لنگهڻ لاءِ انگريز سرڪار جون فوجون به ناڪام ٿي واپس آيون آهن. اهڙن لڪن ۾ ڪليبورن به شڪست کاڌي هئي. ۽ ڪلئرڪ به ناڪام ٿي موٽي آيو هو. هنن کان سواءِ ٻيا ماٺهو به ناڪام ٿي موٽيا هئا. برائون جهڙن بهادرن به مس پنهنجي فوج بچائي هئي. جڏهن ته هن جو مقابلو فقط هڪ مري قبيلي سان هو. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن کي ڊر ڏبي ته جينگ چڙهي ويندا ۽ هوريان هوريان ڪي آسرا ۽ اميدون رکندا ويندا. اهڙي ريت قلات ۽ سنڌ جي جابلو علائقن جي بلوچ قبائلي سردارن جا به حوصلا بلند ٿي ويندا ۽ جهيڙي ڳنڍڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. انهيءَ طريقي سان لکين ماڻهو گڏجي ميداني علائقن ڏانهن رخ رکندا. جڏهن ته سک حڪمران (رنجيت سنگهه ڏانهن اشارو) به وڏي فوج گڏ*ڪري رهيو آهي سندس منهن به جهيڙي ۾ آهي. جيڪڏهن ائين ڪندو ته اها سندس چريائي هوندي. ليڪن انهن کي منهن ڏيڻ خطري کان خالي به ڪونه آهي. پر اهڙو مامرو وڏي کان وڏي فوجي جنرل کي چرڪائي ڇڏيندو. جيڪڏهن اهڙين ڳالهين ۾ ناڪامي ٿي ته خوف خطرا ڪوڙي ول جيان وڏي وگهري ويندا. جن کي ٽارڻ نهايت ضروري ٿيندو. اسان هنن کي ڌاڙيل ته سڏيندا آهيون پر حقيقت اها آهي ته هنن جابلو ماڻهن لاءِ يورپ ۾ اهڙو لفظ ڪونه هو جيڪو هن لفظ جي پوري معنيٰ مفهوم ڏيکاري سگهي. جيڪڏهن هنن ماڻهن لاءِ اهو لفظ استعمال ڪبو به ته انهن جي توهين ڪانه ٿيندي، نه وري انهن جي عزت نفس کي ڪو ڌڪو رسندو. يونان وارا به پاڻ کي ڪليپٽ سڏائيندي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن. جڏهن ته هنن لاءِ ٻيا ماڻهو سمجهندا آهن ته اهي دلير نسل سان تعلق رکن ٿا. جيڪي ڪنهن ماڻهو کي بنا محصول ونڻ جي اڳتي وڃڻ ڪونه ڏيندا آهن. هنن ماڻهن جي وسمن رواجن ۽ جنگ ڪرڻ بابت بيان هيٺ ڏجي ٿو.

## ڪشمور وارو رڻ پٽ، ويڙهاڪ قبيلا،
## سنڌن موتمار هٿيار ۽ تيز ترار گهوڙيون

ڪشمور وارو رڻ پٽ چانڊين جي صدر مقام کان شروع ٿئي، جيڪو هالار جبل جي وٽ سان تري ۾ آهي. جنهن کان سنڌو درياهه اتر-اوير پاسي ٿيندو. ان علائقي جو اتريون پاسو وڃي ڪڇيءَ جي جابلو علائقي سان ملي ٿو. رڻ پٽ وارو هي علائقو اسي ميل آهي، جيڪو صفا

تاڪ وارو پٽ آهي. ڪٿي ڪٿي لئي جو وڻ ڏسبو نہ تہ ٻيو مڙوئي خير. ڪٿي پاٽيءَ جو ڦڙو بہ نظر ڪونہ ايندو. جتي بہ پاٽي ڏسبو آهي تہ ان جي چوڌاري تڏن سان ڇانيل جهوپڙيون ڏسبيون آهن. ڪٿي وري ڪچا قلعا ڏسبا آهن. جن جي ديوارن سان گول چبوترا تهيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جيڪي نظر تہ نفرت جهڙا ايندا, پر صورتحال ڪري ڏاڍا خوفناڪ آهن. اونهاري جو هتي سخت گرمي هوندي آهي تنهن ڪري حملو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ فوج کي پاٽي پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻو پوندو آهي. تنهن ڪري مقرر وقت کان وڌيڪ اتي رهي ڪونہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن سياري جو حملو ڪبو تہ نقصان کان سواءِ ڪو ٻيو نتيجو ڪونہ نڪرندو. ڇاڪاڻ تہ هتان جا ماڻهو نيم وحشي ۽ نيم منظم جنگجو ويڙهہ جا ڪولسير هوندا آهن ۽ پنهنجو تحفظ ڪري ڄاڻندا آهن. بهادر بہ آهن, بندوق بہ هلائي ڄاڻندا آهن, هٿ جا بہ سڌا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اهي سدائين بندوقبازيءَ جي مشق ڪندا رهندا آهن وٽن توڙيدار بندوقون هونديون آهن جيڪي ٽپڪ يا تفنگ کان ساديون هونديون آهن. انهن جو نشانو بہ دير سان وٺي سگهبو آهي ۽ انهن کي چوڙڻ لاءِ اضافي قوت جي ضرورت بہ ٿيندي آهي. هن قسم جي ڪچن قلعن تي حملو ڪرڻ خطري کان خالي نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي ڪچي پٽ سڪي وڃڻ کان پوءِ لچڪدار ٻڻجي وڃي ٿي. هي تہ بندوق آهي پر توپ جو گولو بہ ان مان پار تہ ٿي ويندو پر ان ۾ سوراخ ڪرڻ سان ان کي لوڏي ڪيري ڪونہ سگهندو. ان ۾ سوراخ بہ ايترو ويڪرو ٿيندو جيتري ويڪر گولي جي هوندي آهي.

### وهٽ

هي ماڻهو خوفناڪ ويڙهاڪ بہ ائين آهن جيئن سنڌن قلعا خطرناڪ آهن. ڏسڻ ۾ پوائتا, هٿيارن هلائڻ ۾ ماهر تيز ۽ تڪڙا ۽ جهيڙي ۾ جهونجهار. صورتحال مان چڱيءَ ريت فائدو وٺي سگهندا آهن. هنن جا گهوڙا بہ هنن جيان جنگ جي فن مان واقف آهن ۽ جنگ جي ميدان ۾ هڪ هنڌ ٽڪي بيهي ڪونہ ويندا آهن. هي بلوچ ڏاڙيل پيادا جبلن يا گهوڙن تي سوار هوندي, پنهنجي هر دشمن جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪري سگهندا آهن. اهڙا خطرناڪ جڻ بروس ۾ اسڪاٽ لينڊ وارا مقابلي وقت. ڦريندا بہ ائين آهن جيئن گهوڙي سوار فوجي حملا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن. گهوڙن بدران گهوڙين تي سواري ڪندا آهن جيڪي قد جون لانيريون پر رفتار ۾ ڏاڍيون تيز هونديون آهن. اک چنب ۾ ڪتان جو ڪٽي وجي پڇنديون، جڻ ڪرامت جي زور تي وجي اتي پڳيون آهن. هنن وهٽن کي تيز رفتار پنڌ انهيءَ ڪري سيکاريو ويندو آهي تہ جيئن هو پوئتي هٽندڙ انگريزي فوج مٿان وجي اوچتو ڪڙڪن يا انهن جي ڪيڏ لڳي مٿن وجي اوچتو حملو ڪن. اهي جانور انگريزي فوج ريگيولر يا اريگيولر جي گهوڙيسوارن جي گهوڙن کان رفتار ۾ وڌيڪ تيز هوندا آهن جيڪي پٺيان وجي کين پهچي ڪونہ سگهندا آهن پر کين جهلڻ لاءِ حڪمت عمليءَ کان ڪم وٺندا آهن. کين سيکاريو ويندو آهي تہ فقط منزل تي پاڻي پين. ان کان سواءِ هنن کي سڪل گوشت بہ کارايو ويندو آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اهي گهٽو پنڌ هلي سگهن، انهيءَ ڪري گهوڙين کي اڃ بہ گهٽ لڳندي آهي.

جڏهن پيل پٽ ۾ ڏاڙي هٽڻ جو منصوبو جوڙيو ويندو آهي تہ گهوڙيءَ جو چارو سندس پيٽ سان ٻڌو ويندو آهي. سوار پاڻ سان پڪل تلهرون ۽ ڪڏهن چانورن ۽ ڪارڪن جو عرق ڪٽندو آهي. جيڪي ڏهن ٻارهن ڏينهن جي پورت هوندا آهن ۽ اهو ڪاڌو ضرورت وقت ڪم آندو ويندو آهي. ڏاڙي هٽڻ وقت اڳ ۾ پنهنجي ڪاڌ خوراڪ ڏانهن واجهائيندا آهن. هر هڪ ڏاڙيل وٽ هڪ تلوار هوندي آهي. ڪن وٽ وري بہ هونديون آهن. اهي تيز بہ ايتريون هونديون آهن، جو انهن سان قلم بہ گهڙي سگهبو آهي. سراڻ وارا بہ سدائين ڏاڙي جي وارداتن وارين جاين تي پيا ڦرندا آهن. هنن جون تلوارون ويڪريون ننڍڙيون، وريل ۽ وزن ۾ هلڪيون ٿينديون آهن. جيڪي گهٽو ڪري دمشق جي رڪ جون نهيل هونديون آهن. ڪڇ ڪڇيءَ جي ڪاريگرن جون نهيل آهن جيڪي ڏاڍيون شاندار آهن. بندوق توڙيدار ڪتب آڻيندا آهن. جيڪي تفنگ کان وڌ وجهہ ۾ گهٽ هونديون آهن. سر چارلس چوندو آهي تہ اهي بندوقون جلدي مغرب جيان مشرق ۾ بيڪار سمجهيون وينديون ۽ جڏهن اهڙي تبديلي آئي تہ ڏاڍي خطرناڪ هوندي. هنن بندوقن جو استعمال بہ عام آهي جيڪي ساڳئي قسم جي انهن بندوقن کان گهٽ آهن، جيڪي انگلينڊ ڏانهن موڪليون وينديون آهن. انهن ٻنهي ۾ ايترو فرق هوندو آهي جيترو عام ۽ شڪار واري لنڊن جي رائيفل ۾ هوندو آهي.

## ڦورو قبيلن جون ڪجھ شاندار روايتون

ڏاڙيل بندوقن ۾ ڪم ايندڙ دارون ٺانو ۾ وجھي ڪلي سان ٻڌي چڙهيندا آهن. انهن مان ڪيترن وٽ وري خوبصورت ڇٽن واريون ڏالون، وڏا چاقو، خنجر، ڏڦا، حقيقي پٿر ۽ رڪ به ساڻ هوندو هو. انهن جو مقدر ۾ گھٽو ويساھ هوندو هو ۽ هر واقعي کي لڪئي جو ليک سمجھندا هئا. هر جرم ڪندا هئا. ڪنهن کي معاف ڪرڻ ته ڪين ڏانءُ ئي ڪونه ايندو هو نه وري ڪنهن جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪندا هئا. ڌاڙي ۾ هنيل چوپائي مال کي وڳ سڏيندا آهن. جڏهن ته ڀاڙ کي لوٽو ڪوٺيندا آهن. هي لفظ ڏاڙيلن بدران بدمعاشيءَ جو مفهوم ڏيکاري ٿو. هي ڦورو ٽولو ۽ ڏاڙيل ته آهن پر منجھن ڪي شاندار روايتون به موجود هونديون آهن. عورتن ۽ ٻارن کي نقصان ڪونه پهچائيندا آهن. هنن تازو عورتن ۽ ٻارن کي قتل ڪيو پر هنن جي اهڙين ڳالهين کي ننديو ويو هو. هنن ۾ يورپ جي ماٿهوءَ جيان قومپرستي موجود ڪانه آهي. پر هنن جي مذهب يعني اسلام سان ڏاڍي وابستگي آهي. ان کان سواءِ پنهنجي ڪٽنب ۽ قبيلي جي تمام گھڻي عزت ڪندا آهن. هنن ۾ قبائلي دشمنيون به چوٽ تي چڙهيل هونديون آهن، پر جيڪڏهن ڌاريو دشمن هنن مٿان ڪاهه ڪندو آهي ته پنهنجا ٻار ٻچا ۽ نياٽيون سياٽيون پنهنجي قبائلي دشمن ڏانهن موڪلي سندس آڙ مڃيندا آهن. ان کان پوءِ جهيڙو ڀڃاٽيءَ تي پهچندو آهي ۽ ميڙ تي آيل نياٽين کي سام سمجھي وڏو مان مرجاتا ڏنو ويندو آهي. جڏهن هو سمجھندا آهن ته ڌاريو دشمن کين شڪست ڏيندو ته ان لاءِ هنن وٽ هڪ سخت قسم جي روايت موجود آهي. هو ٻاهر نڪري وڃي پنهنجي دشمن کي مهاڏو ڏيندا آهن ۽ هڪ اعتبار جوڳي ماٿهوءَ کي پوئتي عورتن ۽ ٻارن ۾ ڇڏي ويندا آهن. جڏهن هار جي پڪ ٿي ويندي آهي ته اهو ماٿهو عورتن ۽ ٻارن کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي. هيءَ هڪ خطرناڪ رسم آهي جنهن سر چارلس نيپئر کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو.

## ساھ سُڪائيندڙ گرمي

جڏهن جابلو ڏاڙيل ڪنهن ڌاڙي هڻڻ جو منصوبو جوڙيندا هئا ته ڪنهن پاٽي جي تلاءَ وٽ منزل ڪندا آهن ۽ اتان پاٽيءَ جون ڪليون ڀري وڃي ڪنهن ڳوٺ کي ڦريندا آهن. واپسي تي اهڙو چپ ۽ تيز ورندا آهن جو ڪنهن فوجي چوڪيءَ کي پتو پئجي ڪونه سگھندو آهي. هن رڻ

پٽ علائقي جي اپريل کان آڪٽوبر تائين ايتري گهٽي گرمي ٿيندي آهي جو ڪوبہ يورپي فوجي انهن جي ڪپ تي وڃي ڪونہ سگهندو آهي. يورپي تہ ٺهيو پرڏيهي فوجي سپاهي يا انن جا جت بہ اها گرمي سهي ڪونہ سگهندا آهن. اهڙي گرم موسم ۾ فوج ڪي ڪنهن بہ قسم جو تحفظ ڏئي ڪونہ سگهبو آهي پر ڪڏهن ڪئپٽن مئڪنزي جيان مٿن اوچتو وڃي ڪڙڪبو آهي.

## مڙي مٿ ٽيل باغين سان مهاڏي لاءِ رٿابندي

هن مهم دوران اها بہ معلومات ملي وئي هئي تہ اهي قبائلي سردار اسي هزار اٺ سو ويڙهاڪن سان پڙ تي پچي سگهن ٿا. انهيءَ کان سواءِ پنهنجا هٿيار بند نوڪر چاڪر بہ آڻي سگهن ٿا. جنهن جو تعداد بہ ڪو ٿورو ڪونہ هوندو. اهو بہ امڪان آهي تہ هنن سان لس بيلي ۽ جوکين جا چام بہ اچي گڏجن. انهيءَ اتحاد سان پوري لک فوج اسان جي مقابلي لاءِ اچي سامهون بيهندي. جنهن جي وڙهڻ جو طريقو ڏاڍو خطرناڪ آهي. ان بابت سر چارلس جو بيان هن ريت آهي: هر ماڻهو هٿياربند هوندو آهي. جيڪو پنهنجي هٿيار ڪي ڏاڍي مهارت سان هلائي سگهندو آهي. هي ماڻهو هز مئجسٽيءَ جي پهريدارن جيان جنگي قانون ۽ قاعدي مطابق ڪونہ وڙهندا آهن. هنن جو ورتل نشانو ڪڏهن بہ گسندو ڪونہ آهي. جهيڙي دوران سنڌن جنگي چال بہ مضبوط هوندي آهي. جنهن جي وڏي عقلمنديءَ سان جوڙجڪ ڪري سگهندا آهن. دشمن تي تلوارون ۽ ڍالن سان ڪاهي پوندا آهن. سنڌن هٿيار پاڪيءَ جهڙا تيز تکا هوندا آهن. جنهن ڪي ۽ جتي بہ هٽند آهن تہ هر شيءِ ڪي اڌ ڪري وڃي پار پهچندا آهن.“

ڪڇيءَ واري جابلو علائقي ۾ موجود ويڙهاڪن سان گڏ اگزينٽ تي ڪلوڙيل ايشيا جو هڪ ماڻهو ملازمت حاصل ڪري شريڪ ٿيو. معلوم ائين ٿيندو آهي تہ هتي اهو ماڻهو اچي ملازم ٿيندو آهي، جنهن وٽ پئسو هوندو آهي يا اهو تلوار ڪٽڻ جهڙو هوندو آهي. چاڪاڻ تہ اهڙن ملڪن اندر ڏاڙيل قبيلا هڪ اداري جيان ڪم ڪندا آهن. ان کان سواءِ اتي اهڙن ماڻهن جو طبقو هوندو آهي جنهن سان گڏ چئن سون کان هڪ سو هٿياربند هوندا آهن. اهي ماڻهو ماني ڳيي لاءِ اچي ڪنهن نہ ڪنهن گروهہ جو ساٿ ڏيندا آهن ۽ قبائلي جهيڙن ۾ جنبي ويندا آهن جيڪي اتحادي قبيلي کان سواءِ ٻئي هر قبيلي ڪي ڦري لٽي پيٽ گذر ڪندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بجار خان ڏاڙا قريون ڪري ڏاڍو مشهور تي ويو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو وڌيڪ مشهور ٿيندو. ٻئي سال هو اهڙا ماڻهو پاڻ سان ملائي سگهندو جيڪي ڦرلٽ جي مقصد سان وتندا آهن جهنگ جهر ۾ جهوتون هڻندا ۽ اوچتين سٽن ۽ جهٽ هڻڻ لاءِ وتندا آهن لوٽا هڻندا. جيڪڏهن شڪارپور ۾ موسمي تپاولي تي وئي ۽ فوجي بيمار تي پيا تہ بجار ڊومڪي اچي انهيءَ ماڳ تي حملو ڪري سگهي ٿو ۽ اتي رهندڙ فوج قتل ڪري سگهي ٿو. ان ڪان سواءِ انهن جابلو علائقن ۾ انگريزي فوج جون چار توپون آهن جيڪي هنن جي شڪست دوران اتي رهجي ويون هيون. اهي پنهنجن ماڻهن کي ڏيکاري فخر محسوس ڪندا آهن.

## قلات جو نوجوان حڪران ۽ سندس تابع قبيلن جو راويو

قلات جو حڪمران نوجوان آهي. ڏاڙيل سندس تابعداري ڪونہ ڪندا آهن، پر جيڪڏهن هو ڪنهن سان جهيڙو ڳنڍيندو آهي تہ مال غنيمت جي آسري سيئي بلوچ سردار هڪدم سندس وفادار ۽ تابعدار ٻڻجي ويندا آهن. قلات جو هي نوجوان حڪمران شخصي طور انگريزن سان دوستي ڳنڍڻ جو خواهشمند آهي پر سندس دربار جا نواب ۽ سردار هن ڳالهہ ۾ سندس مخالف آهن. تنهن ڪري اهو سوچڻ بہ لازمي آهي تہ هي نوجوان حڪمران انهن انگريزن سان ڪيتري حد تائين گهٽگهرو ٿي سگهي ٿو جن افغان جنگ دوران سندس پيءُ کي قتل ڪيو هجي. راڄڌاني کي ڦري لٽي پينگ ڪيو هجي ۽ سندس ملڪ جي خزاني تي دنگو ڄمايو هجي. جڏهن ملڪي حڪمراني جو انتظام هن ننڍڙي شهزادي کي سونپيو ويو هو تہ سندس عمر ايتري ڪانہ هئي، جو ملڪي انتظام سنڀالي سگهي. تنهن ڪري انگريز سرڪار سندس ئي خاندان جي هڪ ماڻهو کي مقرر ڪيو جيڪو هن ننڍڙي حڪمران جي نالي راڄ ڪندو هو جنهن جو خيال هو تہ جيستائين هي ٻار وڏو ٿي حڪمراني سنڀالڻ جهڙو ٿئي، تيستائين انگريزن جي مدد حاصل ڪرڻ ضروري آهي. پر شاهي دربار جا سردار ۽ نواب ڳجهہ ڳوهہ ۾ مٿي بيان ڪيل انگريز دوستي ڪان نفرت ڪندا هئا. انهن جو تصور هو تہ انگريزن ڪان محراب خان جي قتل جو پلاند ڪيو وڃي جيڪو هن ننڍڙي حڪمران جو پيءُ هو. سر چارلس جي سنڌ پهچڻ ڪان اڳ قلات دربار جي نوابن ۽ سردارن ميجر آئوٽرام کي ڪيڏي چڙيو هو جيڪو قلات

دربار ۾ انگريز سرڪار جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو. ڪجهه وقت اڳ حيدرآباد جي ٽالپر حڪمران بہ ساڳي ريت ڪيس پنهنجي دربار مان ڪڍي ڇڏيو هو.

اهي سڀ حقيقتون ڌيان ۾ ڌري سر چارلس پيش قدمي شروع ڪئي هئي، جنهن ۾ هن ڏاڍي خبرداريءَ کان ڪم ورتو هو. سنڌس خيال مطابق پهرين اهم ڳالهہ اها هئي تہ هو پنهنجي ان جنگ کي ڪامياب ڪري جنهن لاءِ هن پنهنجي عقل، شعور، اعليٰ قسم جي حڪمت عملي ۽ پنهنجي بهادر فوج کي ڪتب آڻي رهيو هو. ان جو سارو دارومدار سندس عقل ۽ فوجي انتظام تي هو. ان ناتي هن علي مراد کي چڱي اڪ ڏيکاري هئي جنهن پنهنجي دربار ۾ سنڌ جي اولهہ پاسي وارا سردار آڻي ترسايا هئا. ان کان سواءِ هن لس ٻيلي جي ڄام ۽ جوکين جي ڄام سان بہ سختي ڪئي هئي. چاڪاڻ تہ اهي قلات جي خان جي دربار سان سچا ڪونہ هئا. ان کان سواءِ هن قنڌار جي حڪمران کي پڻ ڌيڄاريو ڌمڪايو هو. چاڪاڻ تہ هن وچ ايشيا تائين پنهنجي فوجي ڊاڪ ويهاري ڇڏي هئي. ان ناتي هن سنڌ ۾ ئي مختلف قسم جون فوجي پيش قدميون شروع ڪيون هيون. ان لاءِ هن اٺ سوار فوج کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو، اولهہ واري جابلو علائقي جي سردارن کي ڌيڄاري ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن هو ڪو آڏو ابتو پير کڻندا تہ سندن سرن جو خير نہ هوندو. اهڙيءَ ريت ولي چانڊئي کي نوبت جي تلوار بہ ساڳئي مقصد سان ڏني وئي هئي. هن ٻيو ڪم اهو بہ ڪيو جو هن (ولي چانڊئي) ماٺهو پگهار تي پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪيا هئا. هن سان گڏ ولي چانڊئي کي سردار طور ڪجهہ رقم ڏني هئي ۽ ساٽس ۽ بروهين سان واعدو ڪيو هئائين تہ کين ڊومڪين ۽ بگٽين جي زمين بہ ڏيندو.

### ڏاڙيل 'نوبت' ۽ گدي' بابت "بامبي ٽائيمس" جي واويلا

اها سنڌس بهترين حڪمت عملي هئي هن سان گڏ سنڌ جا ماڻهو بہ موجود هئا. هن پيش قدمي کان ٿورو اڳ هڪ سو پندرهن قبائلي سردارن ڪراچيءَ اچي سنڌس سلام ڪيو هو پر هنن قبائلي سردارن جي وفاداري ۽ تابعداري بابت "بامبي ٽائيمس" اخبار ڪيئي ڪوڙيون ڳالهيون لکيون هيون. هيءَ اخبار لڳاتار اعلان ڪري رهي هئي تہ سنڌ جي ساڳين ٽالپرن ۽ سردارن جا حوصلا بلند ٿي ويا هئا. ان ڪري سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا جاگيردار ۽ 'نوبت' ۽ 'گڏو' وفاداريءَ ۽ فرمانبرداريءَ کان مسلسل انڪار ڪري رهيا هئا. هنن ٻنهي مان نوبت تہ قيد ۾ ئي وفات ڪري ويو جڏهن تہ ٻئي کي ڦاهي تي لٽڪايو ويو هو. اهي ماٺهو ڌاڙن جا مجرم هئا پر ڊاڪٽر بيورسٽ ۽ 'بامبئي ٽائيمس' اخبار جي ٻئي عملي جي اجاين اعلانن ڪري هنن جي دلين ۾ اجايون خواهشيون پيدا ٿي چڪيون هيون. نوبت ۽ گڏي کي هن کان گهٽو وقت اڳ ئي گرفتار ڪيو ويجي ها پر ڪين سوچي سمجهي دير ڏني وئي هئي. ان جو هڪ ڪارڻ تہ اهو هو تہ متان هو انگريز جي وفاداري قبول ڪن. ٻي ڳالهہ اها هئي تہ جنرل سر چارلس جي مرضي هئي تہ هنن کي سنڌن ملڪ ۾ وڃي گرفتار ڪجي. انهيءَ مقصد لاءِ تہ جيئن اوڙي پاڙي جي ڌاڙيلن تي ڌهڪاءُ ويهي وڃي ۽ امن امان ٿي وڃي. چاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ انگريز فوج سرحدن کان پري هئي.

## بجار جي گرفتاريءَ جو منصوبو ۽ خان قلات جو ڪردار

فوجي پيش قدميءَ دوران موڪليل جاسوسن، ڌاڙيل قبيلن بابت مختلف اطلاع موڪليا هئا. ان سان قلات جي خان لاءِ ڪيئي اطلاع موڪليا ويا هئا ۽ چيو ويو هو تہ ننڍڙو حڪمران مستقل مزاج ڪونہ آهي ۽ سندس حڪمت عملي ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن آهي. ان کان سواءِ ڍاڍر ۾ سر چارلس سان ملڻ کان لهرائي رهيو هو. ان کان سواءِ ملڻ کان انڪار ڪرڻ کان بہ ڊڄي رهيو آهي. ان لاءِ هن وچٿرو رستو اختيار ڪيو آهي.

اهڙيءَ ريت هو سر چارلس جي هلڻ کان بہ لهرائي رهيو آهي تہ ساڻس نہ ملڻ جي نتيجن کان بہ گهٻرائي رهيو آهي. هن بجار کي ڦليجيءَ مان ڪڍڻ جو بهانو ڏئي فوج کي گڏ ڪري ورتو آهي. سندس اهڙيون تياريون بلڪل واضح هيون. اهو ڏسي سر چارلس پنهنجي پيش قدمي جي رفتار کي ڍرو ڪري ڇڏيو. ان وقت قلات جي خان ڏانهن بجار ماڻهو موڪلي چيو ويو تہ هو ڦليجيءَ ۾ پاڻي نہ هئڻ جو سبب ڏئي اوڏانهن نہ وڃي. هتي اهو معلوم ڪرڻو هو تہ جيڪڏهن بجار هن سازش کي نہ سمجهي سگهيو تہ هو موٽڻ ۾ دير نہ ڪندو. پر اهڙيون سرگرميون مايوسڪن هيون. چاڪاڻ تہ منصوبي مطابق سندس اوچتي گرفتاري لاءِ بجار کي ڦليجي ۾ موجود هجڻ گهرجي. هن جي واپس اچي ڦليجي رهڻ کان سواءِ سارو منصوبو بيڪار ثابت ٿي رهيو هو. ان زماني فزجيرالڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو جنهن اهڙي معلومات ڏني هئي. جنهن ڪري اصلي منصوبي ۾ ترميم ڪرڻ ضروري هئي. نئون منصوبو ڳجهو ۽ پيچيده هو جنهن کي سمجهڻ به سولو ڪونه هو. پر جيڪڏهن اهو ڪامياب نه ٿيو ته اهڙي منصوبي جو راز ظاهر ٿيڻ جو امڪان هو. ان ڪان پوءِ ان کي سمجهڻ به سولو هو.

## لارڊ رپن کي آگاهي ۽ سندس ڪلي مخالف تي نيپئر جو رد عمل

لارڊ ايلنبرو ۽ سر هينري هارڊنج به هن منصوبي جي منظوري ڏئي چڪا هئا. ٻنهي جڻن ضروري اختيار سر چارلس جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا. پر لارڊ رپن جي گورنر جنرل ٻڻجي اچڻ کان پوءِ جڏهن کيس هن منصوبي جي آگاهي ڏني وئي ته ذاتي انا ۽ هٺ ڌرمي وارو وايو منڊل پيدا ٿي پيو. سر چارلس کيس پيرائتو احوال ٻڌايو هو ۽ چيو هئائين ته هنن جابلو ڌاڙيلن اوڙي پاڙي وارن علائقن ۾ ڌاڙا هڻي تڪري تپائي ڇڏي آهي. اهي نه رڳو چوپائو مال هڻي تا وڃن، پر ماڻهن جو قتل عام به ڪيون تا وڃن. هن کيس اهو به ٻڌايو هو ته هنن بي رحم ماڻهن فوج ۽ ان سان گڏ هلندڙ رسدگاهه جي ماڻهن کي قتل ڪيو آهي، جن جو تعداد ٽي سو ٿيندو. هن کيس اهو به ٻڌايو انهن ڪيترا ئي ڳوٺ ساڙي رک ڪري ڇڏيا آهن. ڪيترا علائقا ماڻهن کان خالي ٿي ويا آهن. سون جي تعداد ۾ بي گناهه عورتون ڪنيون ويون آهن ۽ ڪيترن ئي ٻارن جا هٿ وڍي کين معذور ڪيو ويو آهي. هن کيس اهڙين امڪاني ڳالهين کان به آگاهه ڪيو جيڪي ٿيڻ واريون آهن جيڪي نه رڳو سنڌ کي پر ساري هندستان کي متاثر ڪري سگهن ٿيون. کيس اها به معلومات ڏني وئي هئي ته انهن ڌاڙيلن جو تعداد ارڙهن هزار آهي ۽ انهن سردارن جا نوڪر چاڪر به هٿياربند آهن جيڪي اڳتي هلي هڪ فوج جي شڪل اختيار ڪري سگهن ٿا. ان ڪري هندستان سرڪار کي ٻن ڳالهين مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي آهي ته يا سنڌ، سنڌو درياهه ۾ هلندڙ آگبوٽن جي آمدرفت، هلندڙ تجارت ۽ فوجي سهوليتن مان هٿ ڪڻو پوندو يا وڏو خرچ پري سنڌ ۾ فوج جي تعداد کي گهٽو وڌائڻو پوندو. تنهن تي لارڊ رپن کيس جواب ۾ لکيو هو ته "تو غير اهم معاملن کي وڌائي اينگهائي، اهم ڪري پيش ڪيو آهي."

اها اجائي هوڏ ۽ هٺ هو. جيڪو تاريخ کي سرحدن کان ٻاهر ڌڪي

ڏار ڪري ڇڏيندو آهي. باقي لارڊ رپن تہ عيش ۽ آرام جو ڪوڏيو هو. باقي ٻين حوالدار ۽ فوجي سپاهي لاءِ تہ اڻ ڪٽ ڪم هوندو آهي. جيڪي جهنم جهڙ سج تي تتل گولي هينان پيا ڳهندا ۽ ڳرندا آهن. جنهن ڪري سنڌن ميچالو ۽ ڪرنگهي جي مکُ ائين سڙي ڪارا ٿي ويندا آهن جيئن ڪاڳرن جو ويڙهو باهہ جي تَوَ تي سڙي ڪارو ٿي ويندو آهي. سر چارلس پنهنجي اکين سان ڏسي رهو هو تہ هو ڪيئن پنهنجون زندگيون ارپي رهيا آهن ۽ سنڌن حياتيون ڪهڙيون سستي طريقي سان تباهہ ٿي رهيون آهن. هن جي اکين آڏو پيننگ .ٿيل ويران علائقا، ساڙيل ڳوٺن جون ٻي وسيون، مرندڙ عورتن جون رڙيون، معذور ٿيل ٻارڙن جون ڪيهون پنهنجن ترن تڏن کان وڇڙيل بيوس ماڻهن جون اِلاهون ۽ مري ويلن جي مائٽن جي زار زار رئڻ جا آواز ٻُري رهيا هئا ۽ تنڊن ۽ ٿوٺن ٻارن جا رت ۾ وهتل جسم چريون تي ويل مائرن جي جان سان چنبڙيل هئا. اهي سڀ ٿهري ڪاروايون ڏاڙيل بلوچ قبيلن جون هيون، جن هزارن ڪي پنهنجن گهرن مان ڪيڍي دربدر ڪري ڇڏيو هو. اهڙيون ساهہ سڪائيندڙ ڳالهيون لارڊ رپن لاءِ غير اهم هيون. ائين چئي وسيع سوچ جي مالڪ دلين جي توهين ڪئي وئي هئي. توري وقت کان پوءِ لارڊ رپن لاءِ اهڙي ڏڪار گهنجي وئي هئي. ان کان پوءِ ڪيس اهڙو ماڻهو سمجهيو ويو جيڪو انساني احساسن کان خالي ۽ ٻاجهہ ۽ جهڀي کان وانجهيل هو. تنهن ڪري سنڌس واهر ۽ سهائتا کان سواءِ ڏاڙيلن خلاف شروع ڪيل مهم جاري رهندي آئي.

## نيپئر جي بجار ڪي پڪڙڻ واري منصوبي بابت بمبئي ڌر ۽ اخبارن جو مخالف رويو

بمبئي ۾ ڏاڙيلن جابلو قبيلن خلاف هن مهم تي چٽرون ۽ ٺٺوليون ڪيون ويون هيون. چيو پئي ويو تہ سر چارلس اجائي هام هٽي رهيو آهي. ڪيس ڪاوڙ سدائين ڪنڊي تي آهي. جيڪڏهن اهو ٽانڊي ٽپڻو ماڻهو ڦليجي پهتو تہ اهو ماڳ پيلي اجاڙي پيننگ ڪري ڇڏيندو. هو بہ بجار ڪي ائين پڪڙيندو جيئنءَ ٻار پکين ڪي پڪڙڻ سگهندا آهن جڏهن انهن ماڻهن ڪي پڪ تي تہ ڏاڙيلن خلاف مهم ضرور شروع ڪئي ويندي ۽ سر چارلس پنهنجي ڳالهہ ڪي ڳنڍ ٻڌي بيهي ويو آهي تہ نہ رڳو بمبئي ٽائيمس پر هندستان جي سيني اخبارن جي وڏي غلطي هوندي ۽ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيمرا سڏبو هو. هنن پنهنجي طاقت جو وت ڪان وڌيڪ زور لاتو هو. پر "آگرا اخبار" ۽ "بامبي جينٽل مينرس گزيٽ" هن موقعي تي پاڻ ملهايو هو ۽ سچ ۽ شرافت جو مظاهرو ڪيو هو. هي ڪو پهريون موقعو ڪونہ هو. ليڪن اهڙو وايو منڊل تہ اٿهين هوندو هو پر پوين پنهي اخبارن کي جنرل جو لحاظ هوندو هو. باقي ٻيون اخبارون زهر اوڳاڇڻ ۾ اڳئين ڪان بہ اڳريون هونديون هيون. انگلينڊ ۾ موجود ماڻهن کي اتي رهندڙ.ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي ڇاڙتن غلط ڳالهيون ٻڌائي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيو هو تہ سر چارلس کي اها ڪل ئي ڪانهي تہ جبل جي ڌاڙيلن سان جهيڙو ڪهڙي طريقي سان ڳنڍيو آهي. ان ڪان سواءِ اهو بہ چيو پئي ويو تہ هن جي فوج بہ ڌاڙيلن سان وڙهڻ ۾ سوياري ڪانہ ٿيندي. ٻيو تہ ٺهيو پر هندستان جي اعليٰ ۽ تجربيڪار عملدارن بہ چوڻ شروع ڪيو هو تہ سر چارلس جي اها فوجي مهم ڪامياب ڪانہ ٿيندي. اهو بہ چوڻ لڳا تہ سر چارلس کي پنهنجي اڳين فتحن ڪري پاڻ تي وڌو ويساهہ آهي. ڪيس اها خبر ئي ڪانهي تہ اهي جابلو ڌاڙيل ڪيڏا نہ خطرناڪ ۽ تيز رفتار آهن."

## نيپئر جي ڌاڙيلن سان مهاڏي اتڪائڻ لاءِ منصوبا بندي

خود فوج کي بہ بلوچ ڌاڙيلن جو پتہ ويٺل هو جيڪا هنن ڌاڙيلن سان بہ پاڻي ڪرڻ واري هئي. اها دلير ۽ بهادر تہ هئي پر هر ننڍي ۽ وڏي فوجي عملدار کي ڪاميابيءَ جي پڪ ڪانہ هئي. سر چارلس بہ هن موضوع تي ڪونہ ڳالهائيندو هو. ليڪن پنهنجي ماتحت عملي سان ضرور ويچار ونڊيندو هو. جيڪي جنگي مهم جي تيارين ۾ ساڻس هر وقت گڏ رهندا هئا. وايو منڊل ڪجهہ مُنڌل هو تنهن ڪري سنڌس اندر کي بہ آٿت ڪونہ هو. هو نهايت بهادر انسان هو. سنڌس طاقت آڏو هر شيءِ پٺي پور تي پوندي هئي. جڏهن هو ڏسندو هو تہ عوامي مفادن کي نقصان پهچي رهيو آهي تہ هو پنهنجي جان کي جوکي ۾ وجهي بہ اهڙي ڪم کي روڪيندو هو. سنڌس خيال هو تہ جيڪڏهن هن جنگي مهم دوران هو مري بہ ويو تہ سمجهندو تہ هي مهم پاڻ ئي تڪميل کي پهچي چڪي آهي. ڪيس اها بہ پڪ هئي تہ هن جي مرڻ ڪان پوءِ سنڌس اهڙو جانشين ڪونہ هوندو جيڪو هن مهم کي اڳيرو ڪري مڪمل ڪندو يا ان کي ممڪن سمجهي ڪامياب ڪندو. هن سان گڏ پيش قدمي ڪندڙ فوج کي بہ سڀ ڳالهيون ساريون پيون هيون. ڌاڙيل دشمن سان

مقابلو سخت هوندو. ڪين اڳئين جيان اهو ويساهه به ويهي ويو هو تہ هن مهم ۾ سوڀ جو آسرو گهٽ آهي ۽ ننڍين ننڍين شڪستن ڪري مايوسي پيدا ٿيندي. پر جيئن تہ ڊاڙيلن وٽ چوپائي مال جا وڏا ڌڻ هوندا هئا، تنهن ڪري جيڪڏهن انهن جو پيڇو ڪبو بہ تہ انهن وٽ مهاڏي ڏيڻ جيتري سگهہ ڪانہ هوندي. تنهن ڪري ڪين پڪ هئي تہ گهڻو مال غنيمت ملي ويندو. هنن جي دلين ۾ اهڙي خواهش سان گڏ جهيڙي ڀڳڙڻ وارو جذبو بہ موجود هو ۽ اهڙي ريت هو اڳتي وڌندا رهيا.

## باغي بنگالي ريجمينٽ کي مهم ۾ شامل رکڻ

سر چارلس کي هڪ ٻي بہ ڳڻتي هئي، جيڪا سندس جان جنجهوڙي رهي هئي. ڪيس هتڪتو لڳل هو تہ متان شڪارپور ۾ رهيل بنگالي فوج وري نہ بغاوت ڪري وجهي. اهڙي بلوي جو ڪارڻ بي انصافي هئي جنهن جو اٿندي ازالو ڪيو ويو هو. ڪرنل موزلي کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏڻ ۾، ڪيترن کي ڦاهي تي چاڙهڻ کان پوءِ وايو منڊل ڳڻتي جوڳو ۽ ڳنڀير هو. تنهنڪري ناراض فوج سان گڏجي دشمن خلاف پيش قدمي ڪرڻ خطري کان خالي ڪانہ هئي. مناسب اهو هو تہ بنگالي فوج کي ڪڍڻ سنڌ ۾ بمبئي ريجمينٽ کي هن جنگلي مهم لاءِ موڪليو وڃي ها پر انهيءَ ڪري ڪجهہ دير ٿي وڃي ها. بنگالي فوجين کي سزا ڏيڻ ان فوجي جنرل جي توهين هئي، جنهن هنن (بنگالي فوجين) سان گڏجي جنگيون وڙهيون هيون. هو باغي بنگالي فوجين کي سزا ڏين کان بہ لهرائي رهيو هو. چاڪاڻ تہ کيس خبر هئي تہ ڪين گمراهہ ڪيو ويو آهي ۽ ساڻن بي انصافي بہ ٿي آهي. تنهن ڪري هن ڪين هن جنگي مهم ۾ شريڪ ڪرڻ جو خطرو مرتي ڪنيو هو. 78 ريجمينٽ کي مٿي آٽڻ جو حڪم بہ امڪاني خدشي کي منهن ڏيڻ لاءِ هو ۽ توقع هئي اها امڪاني خطري کي ضرور منهن ڏئي سگهندي. سندس ڪليءَ دل جي هن مظاهري جو ڏاڍو سنو اثر ٿيو هو ۽ فوجي ڏاڍا متاثر ٿيا هئا. 64 بنگال ريجمينٽ هاڻي تازو بغاوت ڪئي هئي ۽ سندن اڳواڻن کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو. ان ريجمينٽ کان جهنڊا وغيره کسيا ويا هئا. پر اهي سر چارلس نيپيئر جي ڪمانڊ هيٺ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. ايتري قدر جو اسپتالن ۾ داخل فوجن درخواستون ڏنيون هيون تہ سر چارلس جي ڪمانڊريءَ ۾ جنگي مهم لاءِ پيش قدمي ڪندڙ فوج سان ڪين بہ شامل ڪيو وڃي.

## بمبئي ڌر جي سازش ۽ نيپر جي حڪمت عملي

ان وقت بمبئي جي ڌر کي اچي ونڊڪو لڳو هو ۽ اهي ماڻهو ان سنڌ جي باغين کي بغاوت ڪرڻ لاءِ هشيُون ڏئي رهيا آهن جڏهن فوج سنڌ جي حدن کان ٻاهر هوندي تہ هنن باغين کي اجا بہ وڌيڪ پڙڪايو ويندو. جيڪو پريشانيءَ جو ٻيو ڪارڻ هو. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن جابلو علائقي ۾ فوج ٿوري بہ ناڪام ٿيندي تہ هو باغين کي بغاوت ڪرڻ جي تلقين ڪندا. مخالفن واسطي جنرل چارلس پنهنجي پراڻي حڪمت عملي اختيار ڪئي هئي. ان کان سواءِ هن کي عام ماڻهوءَ جو اعتماد بہ حاصل هو. هن لاءِ تڪليفون ڏک ۽ ڏچا تمام گهڻا هئا پر اهي موسمي تپاولي ڪري ٿيندڙ تباهي کان گهٽو گهٽ هئا. ان وچڙندڙ بيماري ڪري هو ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو ۽ ڪنهن دشمن کي منهن ڏئي سگهڻ جهڙو ڪونہ رهيو هو. انهيءَ ڪري ڪيس اهو ڪتڪو لڳل هوندو هو تہ متان ڪو دشمن متس ڪاهي نہ اچي. هيءُ دل جو بهادر آهي ۽ اهڙيون روڪون ۽ رنڊڪون تہ رهندو بہ ڪيس منصبي فرض جي ادائگي لاءِ اتساهينديون آهن. اهو ڪڏهن بہ محسوس ڪونہ ٿيندو هو تہ هو ڪنهن وڏي طاقت کان گهبرائي رهيو آهي. انهيءَ زماني ۾ 78 ريجمينٽ بيماريءَ ۾ مُبتلا ٿي وئي هئي. توبخاني ۽ جاسوسي ڪاتي جي ماڻهن جي حالت بہ تشويشناڪ هئي. 13 ريجمينٽ جي رضاڪارن کي بہ لاڙڪاڻي ۾ ترسايو ويو هو. انهيءَ خوف کان متان هي بہ موسمي تپاولي جي ور چڙهي نہ وڃن. ان کان سواءِ هن توبخاني جي يورپي فوجين کي بہ اوڏانهن موڪلي ڇڏيو هو ۽ اهي بنا گهوڙن ۽ توبن جي روانا ڪيا ويا هئا. چاڪاڻ تہ اهي ماڻهو ايترا ڪمزور ٿي ويا هئا جو پاڻ سان توبون کڻي ڪونہ ٿي سگهيا. وايو منڊل ايترو ڳنڀير ٿي ويو هو جو هن وٽ بہ سو چاڪ چوبند هٿياربند مس موجود هئا. ليڪن اهي بہ ڪڏهن بيمار هئا، جيڪي هاٿي چڪڻ مان چڙهي وڃي پار پيا آهن. پر هن قسم جي ڏچن ۽ ڏوجهرن ڪري هيٺي ڪانہ ٻولي هئائين ۽ سندس ارادا اٽل ۽ حوصلا بلندا هئا. انهيءَ وقت ڪيس ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان بہ يورپي ريجمينٽ ۽ بنڊي لڪنڊ جي هٿياربند فوج، مدد طور اچي پهتي هئي جيڪا اڳ ۾ اتر ستلج وٽ موجود هئي. ان کان پوءِ سر چارلس هن قسم جو بندوبست ڪيو هو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بلوچ قبيلن سان پڙهہ لاءِ نيپئر جي رٿابندي

ستلج کان آيل فوج کي هن بکر کان مٿان ۽ سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪناري سان ترسائي ڇڏيو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئنءَ هو ان فوج کي پنهنجي لشڪر جو ساڄو پاسو بڻائي سگهي.

جڏهن تہ اٺ سوار فوج، 13 ريجمينٽ جا رضاڪار سنڌ گهوڙيسوار فوج، لاڙڪاڻي ۾ هن ارادي سان ترسائي وئي تہ جيئن ان کي لشڪر جي ڪاٻي پاسي رکي سگهجي.

اريگيولر گهوڙيسوار دستا، توپخانو انجنيئر، رسدگاهہ، قلعن ۾ ڪاٽ هٽن وارن، 4 ۽ 64 ريجمينٽ تي مشتمل رزرو 69 ڏيهي ريجمينٽ جي حصن کي سکر، شڪارپور ۽ خانگڙهہ ۾ ترسايو ويو هو جيڪو هن جي لشڪر جو مرڪزي حصو هو.

ولي چانڊيو ۽ احمد خان مگسي قلات جي حڪمران جا رعيتي هئا پر جابلو ماڻهن سان جهيڙي ۾ انگريزن جا ساٿي هئا. پر مري شامل ڪونہ هئا. باقي مٿين ٻنهي قبيلن جا مرين سان سٺا ناتا رابطا هئا. سر چارلس نيپئر جا بہ مرين سان دوستاڻا تعلقات هئا. ولي چانڊئي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي ۽ ان کي لشڪر جي ڪاٻي پاسي رکيو ويو هو. پر کيس هن جنگي مهم جي منصوبي کان واقف ڪونہ ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ريت کيس ٻڌايو ويو هو تہ جابلو ڌاڙيلن خلاف جنگي مهم گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال لاءِ ڪانہ شروع ڪئي ويندي.

هن منصوبي مطابق علي مراد کي لشڪر جي ساڄي پاسي رکيو ويو هو. جنهن کي پڻ فوج ڏيڻ جو چيو ويو هو. هن ماڻهوءَ کي ڪا مرڪزي حيثيت حاصل ڪانہ هئي. پر چنتا هئي تہ مٿان فوجي مهم دوران هو بغاوت جو اعلان نہ ڪري وٺي. ان ڪري ڪئپٽن مئليٿ کي سندس دربار ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ريت ان ڪئپٽن کي چيو ويو هو تہ هن مهمز دوران علي مراد سان گڏ هجي. علي مراد واعدو ڪيو هو تہ هو انهيءَ مهم ۾ پنهنجا پنج هزار ماڻهو ڏيندو، ليڪن ڏنا فقط بہ هزار ماڻهو هئائين.

انگريزن جي گهوڙيسوار فوج ۾ سنڌ مغل 6 – اريگيولر، 9 – اريگيولر ۽ بنديل کنڊ ليجن جا گهوڙيسوار شامل هئا جن جو تعداد بہ هزار هو.

پيادل فوج ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي 2 ريجمينٽ، بہ ٻٽالين ڏيهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنديل کنڊ ليجن جا پيادل، اٺ سوار فوجي دستا هئا. انهن جو ڪل تعداد ٻه هزار پنج سؤ هو. ان کان سواءِ يارهن سون تي مشتمل پيادل فوج هئي جيڪا بيماريءَ مان تازي چاڪ ٿي هئي ۽ فوجي چوڪين جي گهوڙيسوارن کي شڪارپور ۽ رڻ پٽ واري سرحدي بچاءَ لاءِ اتي ئي رکيو ويو هو. ان فوج کي اتي بيهارڻ جو ٻيو مقصد اهو به هو تہ جنگي سرگرمين جي شروع ٿيڻ کان پوءِ متان ڏاڙيل شڪارپور ۽ رڻ پٽ جي وچ وارو رستو ڏئي پنيان ڦري جوابي حملو نہ ڪن.

قلعن تي گهيري رکڻ جي مقصد سان ايڪيھ توبون هيون جن مان تيرهن مارٽرس يا هائوزر هيون. توبخانو سورهن توبن تي مشتمل هو جن مان نَوَ هائوزرس جابلو علائقن ۾ توبزني ڪرڻ لاءِ خاص توبون ٿي هيون جيڪي سڪس پائونڊس هيون.

افغان جنگ دوران هنن ڏاڙيل قبيلن تي حملو ضرور ڪيو ويو هو جيڪو ناڪام ثابت ٿيو هو. انهيءَ دور ۾ مذڪوره قبيلا انگريز فوج سان حليف هئا. پر هن وقت اهي قلات افغانستان ۽ پنجاب ڏانهن لڙيل آهن. تنهن ڪري مڪمل فتح جو آسرو گهٽ آهي. پر مٿن جيڪڏهن اوچتو حملو ڪبو تہ حالتون تبديل ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن مٿن اوچتو حملو نہ ڪبو تہ هڪ وڏي جنگ شروع ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو تہ انهن ڏاڙيلن جو پيڇو ڪري سندن جابلو جوءِ تائين پهچي ڪونہ سگهبو. اها هڪ وڏي رنڊڪ آهي پر انهيءَ کي بمبئي واري ڏر اجايو اينگهائي ۽ وڌائي پيش ڪيو آهي. هيٺ English leader journal' جا اقتباس ڏئي رهيو آهيان، جن جو واسطو جنگي سرگرمين سان آهي. هنن مان چڱيءَ ريت چاڻ ملي سگهي ٿي تہ هن ڪيتريءَ ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان هن موضوع بابت سوچيو ۽ سمجهيو آهي. ان سان گڏ اها بہ معلومات ملي وڃي ٿي تہ ڪيس بمبئيءَ واريءَ ڌر کان بہ وڌيڪ معلومات آهي جنهن جو چوڻ آهي تہ سر چارلس کي انهن جابلو قبيلن ۽ پيداواري ذريعن جي ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي. اهڙن ماڻهن اڳڪٿي ڪئي آهي تہ سر چارلس جي فوج ڪشي نہ بہ مئي تہ بک ۾ مري ناس ضرور ٿي ويندي.

هنن نيم وحشي جابلو ڏاڙيلن تي حملي ڪرڻ جو اصول هن ڳالھ جي خلاف آهي تہ عوامي قوت پاڻ سان شامل ڪيو. دشمن کي ورهايو. پر هتي سيني جابلو ڏاڙيلن کي هڪ ئي وقت پڇائڻ آهي. هن جنگ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهم اصول انهن سان جنگ ڪرڻ کان پاسو ۽ مٿن اوچتو وڃي حملو ڪرڻ آهي. ان جي نتيجي ۾ هو جوابي حملو ڪندا ۽ بچاءَ واري جنگ شُروع ڪندا. سڀ تاريخون هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪن ٿيون ته مختلف قبيلن يا قومن پوءِ اهي نيم وحشي هجن يا مهذب، گڏيل دشمن جي حملي دوران پنهنجا ويڇا وساري مڙئي مُٺِ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ڪڇي واري جابلو علائقي جا ماڻهو انگريزن جي حملي دوران پنهنجون دشمنيون وساري متحد ٿي ڪونه سگهندا. ڇاڪاڻ ته هر قبيلو پنهنجي خلاف ذاتي مفادن ڪري ڪات ڪهاڙا کنيون بيٺو آهي. ٻي ڳالهه اها به آهي ته هنن وٽ بيشمار چوپايو مال آهي. انهن لاءِ موثر جنگي سرگرمي اها هوندي ته انهن کي اهڙن علائقن ڏانهن ڀوڙائي ڪيدي ڇڏبو جتي پاڻي جي اڻ هوند هوندي. تنهن ڪري اهڙا جابلو ماڻهو اسان کي بک مارڻ کان اڳ پاڻ ئي بک مري ناس ٿي ويندا. پر اسان جي فوج انهن ماڻهن کي ڦري لٽي دلير بڻجي ويندي. جيڪڏهن هنن کان چوپايو مال ڦريو ته وٽن ڪجهه به ڪونه رهندو. اهڙي ريت اسان کي ڪاڌ خوراڪ به ملي پوندي ته پاڻي به ميسر ٿي ويندو. پاڻي ته گهٽو هٿ اچي ڪونه سگهندو، پر ايترو ضرور ملندو جنهن سان جنگي مهم دوران زنده رهي سگهجي. هي قبيلا عام ماڻهو به هوندا آهن ته فوجي به هوندا آهن. جڏهن هو ڌاڙن هڻڻ لاءِ ڪيڏانهن نڪرندا آهن ته هنن سان سارو خاندان ۽ گهر جو مال مڏي به ساڻ هوندي آهي. جڏهن قبائلي بلوچ سنڌ ۾ ڌاڙا هڻندا آهن ته واردات ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي مدرين ۽ تيز رفتار گهوڙين تي چڙهي واڃ مينهن ڪونه ٿي ويندا آهن، بلڪ آبادين وچان سفر ڪري اڳتي وڌندا آهن. کين ڪاڌ خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي ايتري ڏکيائي هوندي آهي جيتري جابلو علائقي ۾ انگريزن جي فوج لاءِ هوندي آهي.

اهڙي ريت ڪيس پڪ هئي ته ڏيان گيان ۽ تحمل ۽ ڌيرج سان ڏونگر جي ڏکيائين کي منهن ڏئي سگهي ٿو جن تي جابلو ماڻهو جو ڏڍ هو ۽ جڏهن هو مٿن هلان ڪري وڃي پهچندو ته هنن جون مٽيون منجهي وينديون ۽ جنهن تيز رفتاريءَ تي کين هٿ ۾ گهمنڊ آهي سا سندن ڪنهن ڪم جي ڪانه رهندي. انهن ڳالهين هوندي به هڪ ڏچو اجا به موجود آهي جنهن جو اشارو مٿي به ڪيو ويو آهي ۽ اهو ڏچو ساري فوجي سرگرميءَ دوران پريشان ڪندو رهندو. جڏهن انگريز جي فوج جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿن ڌپاءُ پوندو ۽ سنڌن بچڻ جون سڀ واهون بند ٿي وينديون تہ هو ڇتا ٿي پوندا. ان ڪان پوءِ پنهنجن زالن ۽ ٻارن جا سر ڌڙن ڪان ڌار ڪري سيئي اوڪا پوڪا پلي پوءِ انگريزن جي فوج مٿان حملا ڪندا جيڪا مختلف حصن ۾ ورهايل آهي. تنهن ڪري اهڙن ڏکوئيندڙ واقعن ڪان لنوائڻ لاءِ نهايت خبرداري ڪان ڪم ونٽو پوندو. ان لاءِ فوج جي هر حصي کي مڪمل طور هٿياربند ڪرڻو پوندو. ڪين منع ڪئي ويندي تہ دشمن ڏانهن وڌڻ ڪان اڳ انهن ڏانهن فوجي دستا روانا نہ ڪن، پر معلومات لاءِ ناڪابندي ڪان ڪم ونن. ان ڪان سواءِ جاسوس بہ موڪليا وڃن تہ گهٽي تعداد ۾ دشمن ڪهڙي جڳهہ تي موجود آهي. جيڪڏهن ڌاڙيل ٿوري تعداد ۾ هوندا تہ رات يا ڏينهن جو پيش قدمي ڪندڙ فوج جي قطارن ۾ موجود وڏي وٿيءَ مان نڪري ڪيڏانهن بہ وڃي سگهن ٿا ۽ اسان لاءِ مٿي جو سور بڻجي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن ڌاڙيلن جو تعداد وڏو آهي تہ پوءِ ائين ڪري ڪونہ سگهندا. ان ڪري تصور اهڙو ڪرڻو آهي تہ اسان جي آڏو ڪيترن ئي قسمن جون مشڪلاتون اچي سگهن ٿيون. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سر چارلس نيپئر فوجي سرگرمين سان لاڳاپيل ۽ مختصر منصوبو جوڙي ورتو آهي.

سيني مردن عورتن، ٻارن ۽ سنڌن چوپائي مال کي هڪ ئي وقت ڌڪڻو پوندو. ائين ٿيڻ ڪري جدا بہ گذرندا تہ پير چارا جڙي پوندا، جيڪي اسان جي رهبري ڪندا. اهڙيءَ ريت اسان هنن جي ڪاڌ خوراڪ ۽ پاڻي بند ڪري سگهنداسون. اهڙيءَ صورتحال ۾ هو چيڙاڪ ٿي پوندا ۽ هڪ ٻئي تي تلوارون اپيون ڪندا. ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ يا تہ هو جنگ لاءِ تيار ٿي ويندا يا پيش پوندا. جيڪڏهن جنگي ميدان ڪليل آهي تہ هو انگريز فوج آڏو ڪڏهن بہ بيهي ڪونہ سگهندا. ويڙهاڪن جو تعداد وڌ ۾ وڌ ارڙهن يا ويهہ هزار هوندو ۽ مهاڏي ڏيڻ لاءِ پنج يا ڇهہ هزار مس هوندا. تنهن ڪري جهيڙي جي نتيجي لاءِ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي تہ گنجائش ئي ڪانہ آهي. جڏهن ٻار ۽ عورتون جنگي ميدان پرسان هونديون تہ مان جنگ ڪرڻ جو حڪم ڪونہ ڏيندس. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان اهي زندگيون اجايو تلف ٿي وينديون.

هي ڪا اتفاقي جنگي ڪارروائي ڪانہ هوندي پر سوچيل سمجهيل هوندي ۽ ڏکي جابلو سلسلي جي لڪن ۽ گهٽن کي گهاٽن تي فوج کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهاري ڇڏبو ۽ ڪارروائي هڪ ئي وقت شروع ڪئي ويندي. تنهن ڪري فوج جي تعداد جو اڳئي تعين ڪيو ويو آهي. اهي گهٽ ۾ لڪ ڏاڍا سگهارا آهن ۾ توقع آهي تہ هي ڌاڙيل پنهنجو بچاءُ بہ هنن جابلو لڪن وسيلي ائين ڪندا جيئن اڳي ڪندا آيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو توبخاني کي مارٽرن ۾ هائوزر سان منظم ڪيو ويو آهي. انهيءَ طريقي سان اسان توڙيدار بندوقبازن کي جابلو چوٽين تان هيٺ لاهي سگهنداسون. ڇاڪاڻ تہ توب جو گولو توڙيدار بندوق جي گوليءَ کان پري پنڌ تائين مار ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان پري مار ڪرڻ وارو جنگي طريقو ڪتب آڻينداسون تہ اسان جي فوج جو نقصان ڪونہ ٿيندو. ساڳيءَ ريت هي چتا ڌاڙيل پنهنجي زالن ۽ ٻارن کي قتل ڪرڻ لاءِ مجبور ڪونہ ٿيندا. جيڪڏهن ان ۾ توري بہ غلطي ڪئي وئي تہ ان جا ڏاڍا خراب نتيجا نڪري سگهن ٿا. تنهن ڪري هر ذريعي کي ڪتب آندو ويو آهي جيڪو هڪ بهادر ۽ عقلمند انسان کي استعمال ڪرڻ گهرجي.

هي منصوبو ڊسمبر جي وچ ڌاران بلڪل ٿي ويندو. ان وقت قلات جو خان پنهنجي فوج سان گڏ ڦليجي ۾ موجود رهندو. اهڙيءَ ريت انگريز فوج جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي هتان جا ڏيهي حڪمران هوندا. پر جيڪڏهن انگريز فوج شڪست کاڌي تہ ان کي تباهہ بہ اهي ٻئي حڪمران ڪندا. اهو بہ امڪان آهي تہ هار جي صورت ۾ انگريزن فوج کي ڪٽي تباهہ نہ بہ ڪن پر پوئتي پاڇ ڪرڻ ۾ دير اصل ڪونہ ڪندا.

## مير علي مراد جو امتحان

سر چارلس کي ڪتڪو آهي تہ لشڪر جي ساڄي پاسي ضرور شرارت ٿيندي. پر اهڙين ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪئپٽن مئليٽ کي مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪو مير علي مراد جي دربار ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر آهي پر وڌيڪ پروسو مسٽر ڪرلنگ تي آهي. جيڪو هڪ بهادر انسان آهي. هي مير جو سگيٽو مائٽ آهي ۽ سندس ملازم بہ رهيو آهي ۽ اهو ماڻهو مير علي مراد جي فوج جو ڪمانڊر آهي. انهيءَ جابلو علائقي ۾ تحفظ بہ هڪ اهم مسئلو آهي. ان ڪري سر چارلس، علي مراد کي سوئرن جي شڪار جي موڪل ڏئي ڇڏي آهي تہ جڏهن جو آزاد طريقي سان جهنگلي سوئر جو پيڇو ڪندو تہ هو تمام گهڻو اڳتي نڪري ويندو انهيءَ وسيلي سندس اصلي نيت ۽ ارادي جو چڱيءَ ريت پتو پئجي

سگھندو. هي مير خوش مزاج ۽ ٿهڪڻو ٺهڪڻو ماڻهو ته هو پر ايڏو عقلمند ڪونه هو جيڏو ڪيس ڀرياڻين سمجھيو پئي ويو. اهڙيءَ ريت هن دغا دغا بازي به لڪل ڪانه هئي. جڏهن سر هينري هارڊنج پهريون ڀيرو هندستان آيو هو ته هن پنهنجي طرفان وڪيل موڪلي شڪايتون ڪيون هيون. چاڪاڻ ته ڪيس پڪ هئي ته هو لارڊ ايلنبرو جي مقرر ڪيل هر شيءِ کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيندو. جيڪي ڳالهيون مشرق جي ملڪن ۾ عام آهن. اهي ساڳيون شڪايتون جڏهن سر چارلس ڏانهن موڪليون ويون هيون ۽ سندس وڪيل کي وڃڻ جي اجازت ڏني هئي ته علي مراد ڏاڍو ڏڃي ويو هو. سر چارلس مير سان ان وقت وڃي مليو جڏهن هو سوئر جو پيڇو ڪري رهيو هو. احوالن جي ڏي وٺ کان پوءِ کين معلوم ٿيو ته علي مراد باغي يا اندر ۾ ڪارو نه پر ڏاڍو ڏڃڻو آهي.

## خان قلات جي تاڙ رکڻ

لشڪر جي ڪابي پاسي امڪاني غداري کي روڪڻ لاءِ نهايت عقلمنديءَ سان بندوبست ڪيو ويو هو. قلات جو خان قليچي ڏانهن پيش قدمي ڪري رهيو هو. تنهن جي چرپر تي تکي تاڙ رکي ٿي وئي. ڪيس اهڙي ريت گهاڙيو ٿي ويو جڻ ان جا بجار سان ڳجها ناتا هجن. سر چارلس جي خواهش هئي ته خان کي پري صفا ڌڪڻ هجڻ گهرجي انهيءَ لاءِ ته جيئن ڏاڙيلن جي وڏي سردار بجار سان سولو رابطو پيدا ٿي نه سگهي ۽ سوچيل سمجهيل منصوبو ناڪام نه ٿي وڃي. تنهن ڪري هن اهڙي ڳالهه سوچي قلات جي خان ڏانهن خط لکيو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ ملاقات گنداوا ۾ ٿيڻ گهرجي جيڪا اڳي ڍاڍر ۾ منعقد ڪرڻ جو سوچيو ويو هو. اهڙيءَ تبديليءَ جو ڪارڻ اهو ٻڌايو ويو هو ته جنرل سر چارلس هاٿي ٻيڙو ٿي ويو آهي. ان ڪان سواءِ ڪمزور به آهي. تنهن ڪري ڪيس ايڏي وڏي سفر جي تڪليف کان بچايو وڃي. خط ۾ اهو به لکيو ويو هو ته سندس فوج موسمي بيماريءَ کان هاٿي چڙهي آهي ۽ اها به ڏٻري ۽ ايتري ڏکي سفر ڪرڻ جهڙي ڪانه آهي. ٻي فوج بيماريءَ ڪري مري رهي آهي. جنهن ڪري جابلو ڏاڙيلن خلاف هن سال ڪنهن به جنگي ڪاروائيءَ ۾ حصو وٺي ڪونه سگهندس. پر انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ فقط ولي چانڊيي ۽ علي مراد کي روانو ڪيو ويندو ۽ سر چارلس ان ۾ حصو وٺي ڪونه سگهندو.

اهو خط منشي علي اڪبر ڪٽي ويو هو. ڪيس تاڪيد ڪيو ويو هو تہ يا تہ ڪيس اڃا بہ ڏکڻ پاسي هٽي گنداوا ڏانهن پيش قدمي ڪري يا ڪيس مجبور ڪيو وڃي تہ سنڌس اصل ارادو ڪهڙو آهي. اها بہ پڪ هئي خان ڏانهن لکيل خط ۾ تحرير ٿيل حقيقتون ضرور سنڌس سردار بجار کي ٻڌائيندا تہ سر چارلس جهونو ۽ ڪمزور ٿي ويو آهي، تنهن ڪري هو ڏاڙيلن خلاف جنگي مهم لاءِ تيار ڪونہ آهي. اهڙيون ڳالهيون بجار کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ لکيون ويون هيون. قلات جي خان ڏانهن لکيل خط جهڙو ٻيو خط هڪ جدا رستي سان بہ موڪليو ويو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اهو بجار کي هٿ اچي وڃي. جڏهن قلات جي خان جي دربار ۾ ويٺل سنڌس دوست ڪيس اهي ساڳيون ڳالهيون ٻڌائيندي جيڪي ڪيس اتفاقي هٿ لڳل خط ۾ لکيل آهن تہ اهڙين ڳالهين تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪري ويندو ۽ سمجهندو تہ جنگي مهم لاءِ سکر ۾ ٿاهيل منصوبي واريون هليل ڳالهيون ڪوڙيون آهن. تنهن ڪري هو مذڪور جنگي مهم خلاف پنهنجون تياريون ڪونہ ڪندو.

منشي علي اڪبر تي ڪم اهو رکيو ويو هو تہ جيڪڏهن قلات جو خان، سر چارلس سان ملاقات ڪرڻ نہ ٿو چاهي تہ ان جو ڪارڻ معلوم ڪري ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ خان جي انهن سردارن ڪان پڇي تہ خان جا اصل ارادا ڪهڙا آهن جن جي هٿن ۾ هو ڳڏيءَ جيان ڪيڏي رهيو آهي. هنن سردارن جي انگريز سرڪار خلاف دشمني ڊڪيل ڇپيل ڪانہ هئي. چاڪاڻ تہ هاڻي تازو هنن سردارن، خان کي چيو هو تہ هو ولي چانڊيي کي انگريزن خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. تنهن کي چانڊين جي هن جهونڙي سردار ڪيس ورائيو هو تہ هن سر چارلس سان وفادار رهڻ جو قسم کنيو آهي. تنهن ڪري هو ان انگريز سردار خلاف پنهنجي تلوار مياڻ مان ڪونہ ڪڍندو. ان ڪان جلد ئي پوءِ منشي علي اڪبر قلات جي خان سان هڪ خانگي ملاقات ڪري ورتي هئي. جيڪو اهڙن معاملن ۾ ڏاڍو ذهين ۽ ڦڙت هو. اهڙيءَ ريت منشي کي معلوم ٿي ويو هو تہ خان جي دربار ۾ وڏن سردارن جون بہ ڌريون آهن. پر طاقتور سردار جي ڌر انگريز دشمن آهي. ٻيءَ ڌر تي بہ خان جو اعتماد آهي جيڪا ڪيس صلاحون مشورا ڏئي رهي آهي تہ هيءُ انگريزن سان اتحاد ٽوڙڻ جو مناسب وقت نہ آهي. ان ڪان سواءِ ڪيس اها بہ صلاح ڏيندا هئا تہ هو اڃا ننڍو ٻار آهي

تنهن ڪري ڪيس پنهنجي حڪمت عمليءَ جو ڪليو اظهار نہ ڪرڻ گهرجي ۽ چيو هئائوس تہ بجار ۽ ڏاڙيلن تي سنئيل حملو ضرور ٿيڻ گهرجي. جڏهن تہ هن حڪمران جي دربار جي ٻي طاقتور ڌر ڏاڙيل بجار جي فائدي ۾ هئي جنهن ڪان اوڙي پاڙي جا سڀ ماڻهو ڏجي رهيا هئا. جنرل سر چارلس ڪي انهن ٻنهي ڌرين وچ ۾ دوستاڻن تعلقاتن جو شڪ هو. دربار جي ان ڌر جي اهم سردار کي انگريزيءَ ۾ Devils psther سڏيندو هو. انهيءَ زماني ۾ انگريزن ۾ ڏيهي ماڻهن جو خيال هو تہ بجار انگريزن جي آڻ ڪونہ مڃيندو. تنهن ڪري سرڪاري جاسوس ۽ سنڌي ماڻهو ڏج ڪان اهو ٻڌائي ڪونہ سگهندا هئا تہ جنهن علائقي ۾ هو رهي ٿو ان جي صورتحال ڪهڙي آهي ۽ سندس چرير ڪهڙي آهي.

قلات جي خان خانگي طور سر چارلس سان ملاقات نہ ڪرڻ جا ڪجهہ ڪارڻ ٻڌايا هئا جيڪي حتمي هئا. ڇاڪاڻ تہ سندس دربار جي اهم سردار وارو ڌڙو ڪيس ائين ڪرڻ لاءِ زور ڀري رهيو هو. ٻيو سبب اهو هو تہ قنڌار جي حڪمرانن جي بہ اهائي مرضي هئي. هنن ماڻهن سر چارلس کي سمجهايو هو تہ جيڪڏهن فوجي سرگرمين دوران ڪٿي بہ ناڪام ويو تہ ڪڇيءَ جي جابلو علائقي جا ماڻهو ڪجڪ قبيلي وارا، قلات، سبي، بولان لڪ وارا ماڻهو ۽ افغانستان جي قنڌار علائقي جا قبائلي سردار تيز طوفاني رفتار سان اچي مٿس ڪڙڪندا. قنڌار جو سردار ڪنهن بهاني جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو تہ من ڪو اهڙو سبب ملي پوي ۽ فرنگيءَ سان ملاقات ٿئي تہ هو پنهنجي فوج سان اڳتي وڌي قلات واري ملڪ تي حملو ڪري شال واري علائقي کي قري لٽي ڀينگ ڪري ڇڏي جيڪو قلات جي اولهہ پاسي هو. جڏهن تہ بجار ڪڇ ۽ گنداوا واري علائقي ڪان محروم ڪري ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ تہ ان کي ڀيلي ڀينگ ڪري ڇڏيو هئائين.

پاڻيءَ گهنتائي ڪري خان پوئتي هٽي وڃي باغ واري علائقي ۾ ڪيما ڪوڙيا هئا ۽ بجار بہ موٽي وڃي قليجي پهتو هو. انهيءَ وقت انگريزي فوج بہ حملي لاءِ تيار بيني هئي پر وڏيڪ مناسب اهو سمجهيو ويو هو تہ خان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري ڪيس اڃا بہ پوئتي هٽي علائقي جي مرڪزي جوءِ ۾ رهڻ لاءِ گذارش ڪجي. ڇاڪاڻ تہ سر چارلس کي اهو ڪٽڪو هو تہ جيڪڏهن نيم وحشي ڏاڙيلن تي حملو ڪيو ويو تہ اهي ڪيس انگريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندا. خان کي اهو مشورو ڏنو ويو ته اجا به پوئتي هٽي ان اهم جڳهه تي وڃي رهي جتان افغانستان کي چڱي ريت مهاڏو ڏئي سگهي. جيڪو سنڌس ملڪ تي حملي ڪرڻ جي خواهش ڪري رهيو آهي. پر جيڪڏهن هن قلات تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته انگريز هن سان گڏجي افغانستان جي مزاحمت ڪندا. ڪيس پوئتي هٽائڻ جو مقصد اهو هو ته جيئن هو علي مراد جي جنگي سرگرمين جي سامهون واري پٺيءَ کان گهٽو پري هليو وڃي. چاڪاڻ ته هنن پنهي ماڻهن جي متحد ٿي وڃڻ جو ڏج هو ۽ اهو به امڪان هو ته متان هو ٻئي گڏجي انگريز فوج جي پٺئين پاسي کان حملو ڪن. ائين ٿيڻ جو امڪان ڪونه هو پر سر چارلس اڳواٽ ئي اهڙين امڪانن جو ازالو ڪري ڇڏيندو هو. چاڪاڻ ته جنگ ۾ نه هجڻ جهڙيون ڳالهيون به تي پونديون آهن. هن منشي علي اڪبر جي ڪوشش ۽ پنهنجي سوچ فڪر کي گڏي هڪ عجيب قسم جي فوجي چال کي مرتب ڪري ورتو هو جنهن ڪري نه رڳو بجار پر قلات جي خان جي دربار ۾ رهندڙ سنڌس دوست واڱڙا تي وڃڻا هئا. هن ڳالهه ۾ ٻين اهم حقيقتن کي دل ۾ رکي هن سنڌ سرڪار جي سيڪريٽري مسٽر برائون کي 27 ڊسمبر تي قلات جي خان ڏانهن موڪليو جيڪو خان جو اعتماد جوڳو دوست هو. اهو هڪ سرڪاري ڪم هو جنهن مطابق خان کان سنڌس ملڪ اندر انگريزي فوج جي داخل ٿيڻ جي لکت ۾ اجازت ونٽي هئي ته جيئن بجار ۽ سنڌس اتحادين خلاف فوجي ڪاروائي ڪري سگهجي. خان مسٽر برائون کي لکت ۾ موڪل ڏئي ڇڏي پر هيءُ واپسي وقت بجار جي حملي کان وار جي وٿي تان بچي ويو جيڪو سنڌس قتل لاءِ رستي ۾ ڪٽي لڪو وينو هو. هن تيز رفتاريءَ سان اسي ميل سفر ڪري اچي هڪ هنڌ منزل ڪئي هئي. مسٽر برائون کي پٺاڻ فوجي سپاهي الف خان جي عقلمنديءَ بچائي ورتو هو جيڪو سنڌس رهبر دستي سان گڏ هو.

## خان قلات سان معاهدو ۽ ڊومبڪين ۽ جکراڻين سان جنگ

جنوري 1845ع تائين جنگي مهم جون تياريون مڪمل ٿي چڪيون هيون ۽ سر چارلس جکراڻين، ڊومڪين ۽ بگٽين خلاف جنگ جو اعلان ڪيو هو. هن سنڌن ڪيل جرمن بابت انگ اکر ٻڌايا هئا ۽ اهو به چيو هئائين ته قلات جي خان ۽ انگريز سرڪار وچ ۾ ٿيل معاهدي خلاف

ڪم ڪري رهيا آهن. ان ڪان پوءِ خان سان ملڻ لاءِ ڪيل ڪوشش جو ذڪر ڪيو ويو هو. ان اعلان ۾ اهي مناسب ڳالهيون ٻه ٻڌايون ويون هيون جنهن ڪري قلات جي خان هنن ڪان بيزاريءَ جو اظهار ڪيو هو. مذڪوره اعلان ۾ خان طرفان اهو به واضح طور چيو ويو هو ته هنن قبيلن سنڌ ۾ وڃي ڌاڙا هڻي قتل ڪري اتان جي ڌرتي تامون ڪري ڇڏي آهي. هاڻي سر چارلس ڪانئن پاند ڇڪائڻ ۽ وير وٺڻ لاءِ فوج وٺي آيو آهي. ڪيس قلات ملڪ اندر داخل ٿي هنن قبيلن جي جابلو علائقن ۾ وڃي ڪين جوڳي سزا جي موڪل ڏني وئي آهي. ان سان گڏ جنگ جي ڪارڻن ۽ جنگ لنوائڻ جا تفصيل بيان ڪيا ويا هئا. پر جڏهن جنگ پاسي رهڻ واريون ڳالهيون ناڪام ٿيون ته سمجهيو ويو ته جنگي ڪاررواين وسيلي انصاف ڪري سگهجي ٿو. ان ڪان پوءِ نهايت واضح طريقي سان جنگي مهم جي ابتدا ڪئي وئي جيڪا وڏي طاقتور هئي. جنهن ڪري بجار ۽ سندس پٽ ۽ جهٽ ماڻهن لاءِ ڇتو ٿي جنگ ڪرڻ يا تيز رفتاريءَ سان پٺي نڪرڻ ڪان سواءِ ڪا واهه ڪانه رهي هئي. هن سان گڏ اهو به اعلان ڪيو ويو هو ته جن بلوچ قبيلن مياڻي واري جنگ ۾ انگريزن سان جنگ ڪئي هئي سي هاڻي انگريزن جا ساٿي آهن ۽ بجار ۽ سندس اتحادين سان وڙهي رهيا آهن. سر چارلس هن ڳالهه جو امڪان سمجهيو هو ته متان حملي ڪان سڪ ۽ دور دراز قبيلا ڊڄي وڃن. تنهن ڪري هن اهو به اعلان ڪيو هو ته هو ڌاڙيلن کي شڪست ڏيڻ ڪان پوءِ سڌو سنڌ موٽي ويندو.

## جنگ ۾ سکن ڪي اٽ ڌريو رکڻ لاءِ نيپئر جي حڪمت عملي

هن اهم دستاويز جي اظهار ڪان اڳ ۾ بنديل ڪنڌ ليجين ۽ بنگال جي فوج ڪي فيروز پور مان روانو ڪيو ويو هو ۽ ڪين سبزل ڪوٽ وٽ ڪئمپ ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو هو. اتي جي صورتحال ڪي معلوم ڪرڻ لاءِ ڳجهه ڳوهه ۾ جنرل سمپسن ۽ توبخاني جو ڪمانڊنٽ ڪرنل گيڊس اچي پهتا هئا. چاڪاڻ ته سر چارلس فوجي طاقت جي مظاهري جو مخالف هو. جنهن جو مقصد دشمن کي گمراهه ڪرڻو هو. بجار کي ٻن خطن وسيلي حقيقتون معلوم ٿي ويون هيون ته جنرل سر چارلس نهايت ڪمزور آهي. جيڪو جنگي سرگرمين ڪان پاسو ڪري رهيو آهي. ان وقت هن سڪ دربار ۾ رهندڙ پوليٽيڪل ريزيڊنٽ ميجر براڊ فوٽ ڏانهن

خط لکيو هو جنهن ۾ کيس چيو ويو هو تہ سک حڪمران کي اڻ ڏريو ٿي رهڻ لاءِ زور ڀري. ان کان سواءِ ڏاڙيل قبيلن کي پنجاب ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملڻ نہ گهرجي، پر جيڪڏهن انهن کي داخل ٿيڻ جي موڪل ملي ٿي تہ پوءِ انگريزي فوج کي بہ بهاولپور جي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ملڻ گهرجي ۽ اهڙا حڪم ملتان جي ديوان ڏانهن روانا ڪيا وڃن. اهڙا شرط انهيءَ ڪري رکيا ويا هئا ڇاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ بنگالي فوج ڏاڍي خوش هئي. ان ڪري سر چارلس جي مرضي هئي تہ فوج جي ڪمانڊر جنرل سمپسن جي هٿ ۾ ڏني وڃي جيڪو سبزڪوٽ مٿان سنڌو درياهہ پار ڪري ملتان واري علائقي مان اڪري ڪڇيءَ واري جابلو علائقي تي اوپر پاسي کان حملو ڪري ۽ ساڳئي علائقي تي ڏکڻ طرف کان ٿيندڙ حملي کي واهر ڪري. پر انهيءَ زماني ۾ هيرا سنگهہ لاهور ۾ وفات ڪري ويو هو ۽ سارو پنجاب سياسي وڳوڙ جي ور چڙهي ويو هو. تنهن ڪري سوچيل سمجهيل اهم منصوبي ۾ ان وقت تبديلي ڪرڻي پئجي وئي هئي جنهن وقت انهيءَ تي عمل ڪرڻ جي ابتدا ٿي رهي هئي. سر چارلس سمجهي رهيو هو تہ اهڙي صورتحال اندر جيڪڏهن اجازت ملڻ کان پوءِ بہ پنجاب مان اڪري وڃبو تہ مشڪلاتون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ گورنر جنرل بہ پريشان ٿي ويندو ۽ جهيڙي جو وايو منڊل پيدا ٿي پوندو. هن اڳواٽ ئي سمجهي ورتو هو تہ سک – انگريز جنگ تہ هر حال ۾ لڳڻي آهي، پر هن پڪو پهہ ڪيو تہ ان جنگ جو ڪارڻ شخصي طور هو نہ بڻبو. ان کان پوءِ هن جنرل سمپسن کي پاڻ وٽ گهرائي طئي ڪيو تہ ٻئي فوجون رڻ پٽ جي ڪناري وٽ اچي پاڻ ۾ ملن.

## مرين جي بگٽين تي سوب ۽ جنگي منصوبي ۾ تبديلي

هن کان ٿورو اڳ مرين ۽ بگٽين وچ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو جنهن ۾ مري سوڀارا ٿا هئا جن انگريزن کي مدد ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. تنهن ڪري منصوبي جي ڪن ڳالهين ۾ تبديلي آندي وئي هئي.

ڪڇيءَ جي جابلو علائقي تي اوپر کان حملي ڪرڻ جي نيت سان فوج اچي سنڌوءَ ڪنار سان ويٺي هئي جنهن جي اتر – اولهہ پاسي کان سليمان جبل قلات جي جبلن سان ملي رهيو هو. اتر واري پاسي کان ملتان جو علائقو ويجهو هو جنهن ۾ سنڌوءَ جي وچ تي هڪ سوڙهي پٽي

هئي جيڪا مزارين جي هئي جن جو واسطو ملتان سرڪار سان هو. هن جي ڏکڻ ۾ ڪشمور وارو ويران علائقو هو. ڪڇيءَ واري جابلو علائقي ۾ وچڙ لاءِ ڏکين جابلو لڪن مان لنگهڻو هو. اهو جابلو سلسلو ڏگهو ضرور هو پر سوڙهو به هو. جيڪڏهن فوج هن رڻ پٽ علائقي ۾ چپ چاپ ۾ ڪسڪي جابلو لڪن تي وڃي اوچتو قبضو ڪندي ۽ لشڪر جي ڪاہي پاسي واري فوج اڳتي نڪري وڃي جبلن جي وچ وارن اونهن گهارن جي گهٽن تي قبضو ڪري ته هي جابلو علائقي جا ماڻهو اولهه وارن جابلو علائقن کان ڪٽجي ويندا. ان کان پوءِ هنن ڌاڙيلن لاءِ ٽي رستا هوندا: هڪ ته وڙهندا، ٻيو ته هو ملتان جي حدن ڏانهن هليا ويندا ۽ ٽيون ته هو سنڌوءَ جو ڪنارو وٺي اتر طرف هليا ويندا. پر جيئن ته مري هنن جي اترين وَٽ جهليون بيٺا هوندا، تنهن ڪري انگريز فوج جي ڪاہي پاسي لاءِ لازمي هوندو اها اڳتي وڌي وڃي مرين سان ملي ۽ جابلو علائقي وچان اڳتي وڌي سنڌو درياهه جي ڪنار سان هلي.

## چانڊين ۽ مگسين لاءِ نئين صورتحال موجب حڪمنامو

نئين صورتحال کي نظر ۾ رکي ولي چانڊئي ۽ احمد خان مگسي کي اوچتو حڪم ڪيو ويو ته هو مقرر ڏينهن تي رڻ پٽ اڪرڻ جي ڪوشش ڪن. انهيءَ لاءِ ته جينءَ هو قليجيءَ جهونجهڪڙي پهچي وڃن. اندازو ڪيو ويو هو ته اهي ٻئي بجار وٽ انهيءَ وقت ڌاران پهچي ويندا جنهن وقت هو پير پساربو ڏاڍي آرام سان قليجي ۾ ويٺو هوندو. ڪيس ٻن خطن ۾ لکيل احوال ڪري اندر کي آڻت هو ته جنرل سر چارلس مٽس حملو ڪونه ڪندو. مٽس حملي لاءِ چانڊيا ۽ مگسي ٿورو گهٻرايا ضرور هئا. پر باڪ ڦٽيءَ جي اوسيئڙي ۾ ويٺا هئا جنهن کان پوءِ ڪين بجار تي حملو ڪرڻو هو. ولي چانڊئي کي سفر ۾ ٽي ڪلاڪ لڳي ويا هئا. ڪيس حڪم هو ته سنڌس اڳيان هلندڙ جاسوسن کي پاڻ سان وٺيون اچي. فزجيرالڊ به مناسب وقت تي لاڙڪاڻي کان اٺ سوار فوج سان گڏ روانو ٿي چڪو هو جنهن ۾ 13 ريجمينٽ جا به سئو رضاڪار به شامل هئا. اهڙيءَ ريت ساڳيءَ جاءِ کان جتڪب جا پنج سئو مخل گهوڙيسوار به ساڻ ٿيا هئا. توقع هئي اها انگريزي فوج لڪي ڇپي اڳتي وڌندي ۽ جڏهن صبح جو سويل بجار چانڊين کي منهن ڏيڻ لاءِ نڪرندو ته ٻن پاهين وچ ۾ ڦاسي پوندو. سکر وارو فوجي هيڊڪوارٽر ساڳي ئي ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پيش قدمي شروع ڪئي هئي، جنهن کانپوءِ جڏهن ته ڪَچ تي ... ڇڏيو هو. هنن ٻنهي کي سنڌ جي سرحد تي ساڳئي وقت پهچڻو هو. ساڳي ريت ولي ۽ فزجيرالڊ جي پيش قدمي سان بجار ۽ سندس جاسوسن جو رابطو ڪٽجي ويو هو.

## وقت تي کاڌ خوراڪ ۽ رسد پهچائڻ لاءِ منصوبابندي

امڪاني حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ کاڌ خوراڪ، فوجي سازو سامان جي پهچائڻ جو اڳواٽ بندوبست ڪيو ويو هو. اهو به فڪر هو ته متان دشمن کوهن جي پاڻيءَ ۾ زهر ملائي ڇڏيو هجي. تنهن ڪري پاڻي پهچائڻ جو پڻ انتظام ڪيو ويو هو. اهڙيون سڀ ڳالهيون فوج جي پيش قدميءَ سان گڏ اڳتي وڌي رهيون هيون. اهڙا ڪاريگر به فوج سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا، جيڪي توب گاڏن جي ضرورت وقت مرمت ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن ڪٿي رستي ناهڻ جي ضرورت درپيش هئي ته رستن ناهڻ وارا ڪاريگر به گڏ هئا. ان کان سواءِ پاڻي جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ کوهن ناهڻ وارا ڪاريگر به ساڻ هئا. اهڙن ڪاريگرن وٽ لوهه ۽ رڪ جا ڏنڊا هئا ۽ تنهن ڪري جبلن کي ڊاهڻ لاءِ دارونءَ جي ضرورت ڪانه تي پئي.

## بلوچ قبيلن جي ستايل کهيرين جو ڪردار

اهڙي ريت فوج سان گڏ کهيري ذات جا ماڻهو به هئا، جن کي بلوچ قبيلن ڦليجي مان ڪڍي ڇڏيو هو. هي ڦلجيءَ جا اصلي رهواسي هئا. هنن کي ڦليجيءَ تي بجار جي قبضي کان ڏهه سال اڳ اتان زوريءَ ڪڍيو ويو هو. هن وقت اهي ماڻهو فوج جي رهبر ڪري رهيا هئا. انگريز سرڪار هنن سان واعدو ڪيو ويو هو ته هنن کي اباڻيون زمينون موٽائي ڏنيون وينديون. جن تي بلوچ قبيلا قبضو ڪري ويهي رهيا هئا.

### ويڙهه ۾ نيپئر جي سوڀ جا چِٽا اهڃاڻ

ڌاڙيلن خلاف مهم جي ابتدا تي چڪي هئي، جيڪا لازمي به هئي. ان کي ڌاڙو خفيه رکيو ويو هو. انهيءَ لاءِ جيئن بجار کي يقين تي وڃي ته هن خلاف جنگي مهم شروع ڪانه ڪئي ويندي. اهڙي ريت اوٽاين کي ختم ڪرڻ لاءِ جنرل سر چارلس اخلاقي اثر کي وڌيڪ اهميت ڏني هئي. تنهن ڪري کيس ڪنهن به نڳڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي هئي، ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهيڃاڻن ڪري ڪيس ڀاڀور پئجي وئي هئي تہ فتح سندس ٿيڻي آهي. اهڙي ڳالهہ ان وقت بہ ٿي هئي جڏهن ڪيس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو فوجي ڪمانڊ سونپي وئي هئي، ڇاڪاڻ هي وڏن فوجي ڪمانڊرن وانگي ڪن قدرتي واقعن مان سٺي سوڻ ڪي سمجهي وٺندو هو.

ڪيس 16 جنوري 1809ع تي اسپين ۾ سخت زخمي ڪري جنگي قيدي بڻايو ويو هو. هن 1843ع جي 16 جنوري تي سنڌ سرحد اڪري اچي ٽالپرن سان جنگ جوتي هئي. جڏهن ولي چانڊئي سندس لشڪر پٺيان اچي دمبالي تي حملو ڪيو تہ شهاب ثاقب وڏي روشني سان ڪڙيو هو. ساڳي ريت 1845ع جي 16 جنوري تي سنڌ جي سرحد پار اُڪري دشمن جي مقابلي لاءِ روانو ٿيو هو. اڳي ولي چانڊيو سندس فوج جي دمبالي (پٺ يا rear) تي حملا ڪري رهيو هو پر هاڻي اهو سندس فوج جي هراول دستي جي اڳواٽي ڪري رهيو هو. ان وقت بہ شهاب ثاقب وڏي روشنيءَ آسمان تي ڪڙي پيو هو. ان وقت سر چارلس جي زبان مان هي لفظ نڪري ويا هئا: ”اهڙيون شيون انسان جي دماغ تي ڪهڙو عجيب اثر ڇڏينديون آهن ۽ اهي جڻ تہ منهنجي چڱائي لاءِ ٿي رهيون آهن. اهڙيون ڳالهيون مون کي متاثر تہ ڪونہ ٿيون ڪن، پر انهن کي ٿورو ٽڪو اثر ضرور آهي. اهي ڪهاوتون بہ آهن. چڱو خدا جيئن چاهيندو تيئن ٿيندو. پوءِ اهڙيون نشانيون ظاهر ٿين يا نہ. اهو منهنجو منصبي فرض آهي، جنهن کي سرانجام ڪرڻ کپي. پوءِ ان جو نتيجو ڇا بہ ٿئي.“ ان وقت سندس احساس اهڙا هئا ۽ سمجهي رهيو هو تہ هو اهو ڪم انصاف جي تقاضائن موجب ڪري رهيو آهي. اهڙي ريت هن ڏاڙيلن خلاف جنگ جي ابتدا ڪئي هئي.

باب نائون

# جابلو علائقي ۾ داخل ٿيڻ جا گهٽ جهلڻ ۽ حملي لاءِ رٿابندي ڪرڻ

ڪجهيءَ واري جابلو علائقي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ رڻ پٽ واري پاسي ڪيئي گهٽَ آهن. انهن ۾ پنج تہ اهڙا هئا، جن وسيلي جنگي سرگرمين جي سولائيءَ سان ابتدا ڪرڻ ممڪن هئي. اهي پنج ماڳ قلجي، تونگ، زرڪشتا، يا زورانس، گندوئي ۽ سيبري هئا. اهي ماڳ انگريزي فوج جي بلڪل سامهون ۽ ڪاہي ڪان ساڄي پاسي هئا. تلر ڪان پرئين پاسي تونگ وارو لڪ ۽ زرڪشتا ڪان پرئين پاسي لُلي ۽ جمڪ نالي بہ لڪ موجود هئا.

هنن گهَٽن جي بلڪل سامهون هن رڻ پٽ جون پاٽيءَ واريون جايون آهن جيڪي پاڻ ۾ پور وڇوٽ تي آهن. ڇتر اولهہ پاسي آهي جتان ڪان قليجي ڏانهن وڃبو آهي. اُچ گهٽو اوير پاسي واقع آهي جتان زرڪشتا ڏانهن وڃي سگهجي ٿو. شاهپور هنن ٻنهي ماڳن جي وچ تي آهي. هن ڳوٺ جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي، هتان قليجي يا تلر تي حملو ڪري سگهجي ٿو.

روجهاڻ ۽ خانگڙهہ جا ماڳ رڻ پٽ جي اولاهين پاسي سانِ واقع آهن جتان سنڌ جي سرحد ويجهي آهي. هنن ٻنهي ماڳن تي انگريزن جا فوجي گهوڙيسوار رستا رهندا آهن. هنن ڇيڪ پوستن جا منهن قليجي، اُچ ۽ خانگڙهہ ڏانهن آهن. هنن ماڳن جي وچ تي وسيع رڻ پٽ موجود آهي.

روجهاڻ جي پرئين پاسي لاڙڪاڻي ۽ جهل جا ماڳ آهن جتان ڪان فتزجيرالڊ، جئڪب، چانڊيا ۽ مري قليجي تي اوچتو حملي ڪرڻ وارا آهن.

خانگڙهہ جي پرئين پاسي شڪارپور ۽ سکر آهي جتان فوجي هيڊڪوارٽر جي فوج ۽ علي مراد جي ماڻهن جابلو علائقن تي ڪاهيو آهي. هن فوج سنڌ جي سرحد 16 جنوري ڪان اڳ پار تہ ڪئي هئي. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگي مهم جي ابتدا 13 ريجمينٽ جي گهوڙيسوار دستن ڪئي هئي. جنهن سان گڏ توبون بہ هيون جنهن جي ڪمانڊ هڪ فوجي جنرل ڪري رهيو هو جيڪو سکر کان شڪارپور ڏانهن وڌي رهيو هو جن جي وچ وارو فاصلو چوويهہ ميل آهي. ڪرنل گيڊبس تہ اڳ ۾ ئي توبن بيهارڻ جو ميدان تيار ڪرائي ڇڏيو هو. مرمت ڪرڻ وارا ڪاريگر بہ ان ميدان پرسان رهايا ويا هئا. ان جاءِ وٽان هن قلعن کي ڪاٽ هٽڻ ۽ قلعن هيٺان سرنگهن هٽڻ ۽ کوهن کوٽڻ وارن ڪاريگرن کي خانگڙهہ ڏانهن روانو ڪيو ويو. هنن سان گڏ بنگال ريجمينٽ جو عقلمند انجنيئر ليفٽيننٽ مئڪسويل موڪليو ويو هو جيڪو ڏاڍو بهادر ڏک سور سهڻ وارو دماغي ۽ جسماني طور مضبوط ماڻهو هو. پيادل فوج، توبخانو ۽ رسد گاهہ برگيڊيئر هنٽر ۽ سمپسن جي ماتحت رکيو ويو هو. کين هدايتون ڏنيون ويون هيون تہ مقرر وقت تي روانا ٿين. ٿوري وقت کا پوءِ سنڌن ڪڍ علي مراد لڳو اچي. ان کان سواءِ جئڪب، فٽزجيرالڊ، چانڊين ۽ مگسين کي چيو ويو هو تہ 13 تاريخ تي پيش قدمي شروع ڪن ۽ قليجيءَ تي اوچتو وڃي ڪڙڪن. اهڙيءَ ريت ساري فوج کي مقرر وقت تي اوچتيءَ ۽ تکڙيءَ پيش قدميءَ جا حڪم مليل هئا. کيس اهو بہ تاڪيد ڪيل هو تہ ڪابي ۽ ساجي پاسي واري فوج پنهنجي مقرر جاين مطابق اڳتي وڌي.

تيرهن ميلن جي پيش قدمي کان پوءِ جنرل سرچارلس پنهنجي هر اول گهوڙيسوار دستن سان اچي 14 تاريخ تي جاڳڻ پهتو هو. هن سان گڏ توبون بہ هيون جن کي گهوڙا ڇڪي رهيا هئا. ٻئي ڏينهن هو سورهن ميل پنڌ ڪري اچي خانگڙهہ پهتو هو. جئڪب بہ ساڳئي ڏينهن 15 تاريخ تي روجهاڻ ۾ اچي منزل ڪئي هئي. جيڪو خانگڙهہ کان چوڏهن ميل اولهہ پاسي هو. هن رڻ پٽ علائقي وچان ڏاڍيءَ تيز رفتاريءَ سان پيشقدمي ڪئي هئي. گهوڙا بہ تڪ ۽ اڃ ڪري بي ستا تي ويا هئا. چاڪاڻ تہ اٺ سوار فوج کانئس اڳيان هلي رهي هئي. جنهن رڻ پٽ ۾ موجود کوهن جو پاڻي استعمال ڪري کپائي ڇڏيو هو. ڪيترا گهوڙا تہ اڃ وگهي مري ويا هئا.

## بجار جيان بلوچ سردار جي بي اُلڪائي ۽ نيپئر جي وڏي ڪاميابي

سر چارلس خانگڙهہ ۾ هو جو جاسوس اچي کيس اطلاع ڏنو هو تہ بجار خان ان خط تي اعتبار ڪري هٿ هٿ تي رکيو آرام سان ويٺو آهي جيڪو کيس هڪ اوني کان هٿ لڳي ويو هو ۽ کيس انگريز حملي جي

کا چنتا ئي ڪانہ آهي. نہ وري ڪيس انگريز فوج جي پيش قدميءَ جا کا خبر هئي. ان وقت سندس فوج شاهپور ۾ هئي جيڪو قليجيءَ کان پنجٽيهہ ميل پري هو. جتڪب جي فوج جي گهوڙن سان پيش آيل واقعي جي جاچ پئجي وئي هئي، تنهن ڪري قليجيءَ تي اوچتي ڪڙڪڻ وارو منصوبو ڪامياب تي ڪونہ سگهيو. سر چارلس هڪ ذهين فوجي ڪمانڊر هو جنهن پنهنجي منصوبي کي ڏاڍيءَ تيزيءَ سان تعميل ڪري ورتو. جنهن لاءِ هو لکي ٿو: "جيڪڏهن ولي چانڊيو نيت جو سچو آهي تہ هو ان رات قليجيءَ تي حملي ڪري ڏيندو. جيڪڏهن جتڪب جا گهوڙيسوار دستا صبح جو جو قليجي نہ ٿا پڇهي سگهن تہ اهي شاهپور تي ڪاهي وجن. ولي چانڊيو بہ قليجي پرسان منزل ڪيون ويٺو آهي. تنهن کي اڳتي شاهپور ڏانهن وڌڻ گهرجي. ائين ڪري هو هنن جابلو ماڻهن کي اوير ڏانهن ڀوڙائي ڇڏيندا. جن جو اولهہ وارن جابلو علائقن سان رابطو ڪٽي ويندو. هن جنگي مهم جو پهريون اهم مقصد بہ اهو آهي. اُچ بہ پاٽي وارو تاڪ آهي جيڪو شاهپور کان اوير ۾ ۽ سورهن ميل پري آهي. تنهن ڪري دشمن وجي اُچ وٽ منزل ڪندو. جتڪب کي شڪست ڏيڻ تائين اتي جهلجي پوندو. اهڙي ريت بجار قليجي مان نڪري ڪيڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ رستي ۾ پڪڙجي پوندو. ان وقت تائين هيڊ ڪوارٽر واري فوج سورهن ميل پنڌ ڪري چڪي هوندي. پر اُچ تائين فاصلو چاليهہ ميل آهي ۽ وچ وارو علائقو وارياسو آهي. جيڪڏهن ان علائقي ۾ مينهن جون چار ڪٽيون وسيون تہ پير چارن جا نشان ئي گم ٿي ويندا ۽ پوءِ ڏاهن ماڻهن جون متيون بہ منجهي ونديون. وچ واري واريَاسي مان تہ نظر اچي رهيو هو تہ سارو پورهيو ئي پاڻيءَ ۾ وڃڻو هو. پر ڪئپٽن سالٽر جي ماتحت خانگڙهہ ۾ اريگيولر هارس جي مستقل چوڪي هئي. ان کان سواءِ بہ توپون هيون جيڪي فقط جبلن ۾ ڪم اينديون آهن، جيڪي ليفٽيننٽ پلمين جي ماتحت هيون. هن ساريءَ فوج کي اُچ تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويو هو. جڏهن تہ جتڪب کي شاهپور تي حملي ڪرڻ جا احڪام مليا هئا. پر ڪئپٽن جيَ روانگي کان اڳ ڪيس جاسوسن ٻڌايو تہ ڪيترا قبائلي سردار اُچ ۽ شاهپور ۾ موجود آهن ۽ هنن ٻنهي شهرن تي انهن جو قبضو آهي. جڏهن اها خبر جنرل وٽ پهتي تہ هو بہ ٻڌجي ويو هو. چاڪاڻ تہ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئپٽن سالٽر کي ڪڏهن آزمائي ڪونه ڏٺو هو ته جنگي سرگرمين ۾ سندس ارادي جي قوت ڪيتري مضبوط آهي. تنهن ڪري ڪيس هورا ڪورا ٿي پئي ته متان ڪيس ڪو هاڃو رسي. سندس خيال مطابق هو پيش قدمي ته ڪري چڪو هوندو پر اڄ جو فاصلو به گهٽو هو. اهو به امڪان هو ته متان ڪانئس رستو وڃائجي وڃي. هن سان رهبر طور به ڪهيري سردار موجود آهن, پر انهن ڪهيري سردارن جي عقلمنديءَ تي ڪيس ڪو ويساهه ڪونه هو. تنهن ڪري هو 6 اريگيولر هارس جا به سؤ گهوڙيسوار ۽ ٻه توبون ساڻ ڪري روانو ٿيو. هي فوجي حصو ڪئپٽن مووات جي ماتحت هو. هن فوج جا سر چارلس جي بهادري کي ڏسي حوصلا وڌي ويا هئا. فاصلو ته چاليهه ميل هو پر پنڌ واريءَ جو هو. پوءِ به اهو پنڌ چوويهن ڪلاڪن ۾ پورو ڪيو ويو هو.

18 تاريخ جو سج لهڻ ڌاران هي فوجي قافلو اُڇ جي ويجهو وڃي پهتو هو. جنرل سر چارلس ڇهويهه ڪلاڪ مسلسل گهوڙي سواري ڪئي هئي. تنهن ڪري ڏاڍو ٿڪجي پيو ۽ ڪيس گهوڙي جي هني تي ويٺي ۽ سفر ڪندي ننڊ اچي وئي هئي. جڏهن سپ ڪان اڳ ۾ هلندڙ گهوڙي سوار پيش قدمي ڪندي اوچتو بيهي رهيا ته ڪيس سجاڳي ٿي وئي. ان وقت روشني نظر اچي رهي هئي جنهن مان معلوم ٿي رهيو هو ته دشمن گهٽو پري ڪونه آهي. ساري پنڌ دوران ڪئپٽن سالٽر جي رندن جو ڪو نشان به ڪونه مليو هو. تنهن ڪري هن سوچيو ته رات اتي منزل ڪري, صبح جو سويل تيز رفتاريءَ سان هلي مٿن اوچتو حملو ڪجي, جيڪي سندس خيال موجب دشمن هئا. ڪيس رستي ۾ گهوڙيسواريءَ دوران ٿوري ڳِهل اچي وئي هئي. ان دوران فوج جو هڪ ڪالم ۽ توبون پنهنجو رستو وڃائي ڪيڏانهن گم ٿي ويون هيون, هن سان فقط پنجاهه گهوڙيسوار هئا جن جا گهوڙا ٿڪل هئا ۽ خطرناڪ دشمن هن اڪين آڏو بيٺو هو.

## دريا خان جکراڻي ۽ سالٽروچ ۾ ويڙهه

باک ڦٽيءَ جو ڪئپٽن مئڪمرڊو وڏي پٽ تي چڙهي هيڏي هوڏي ڏسي جهٽ موٽي اچي اطلاع ڏنو ته پٽ جي پرئين پاسي ميدان ۾ بندوقن جي فائرنگ هلي رهي آهي. اها خبر ٻڌي جنرل چارلس پريشان ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته هن سان گڏ ڏيهي گهوڙيسوار فوج هئي, جنهن تي هن جو ڪو ويساهه ڪونه هو ته هن نازڪ موقعي تي سنڌن ڪردار ڇا هوندو. تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هن حڪم ڪيو هو تہ هن پٽ ڪان ايترو پري هٽي منزل ڪجي جو توڙيدار بندوقن جون گوليون پهچي نہ سگهن. ان ڪان پوءِ هر ڪو ڪنهن اڻ وٽندڙ واقعي جي انتظار ۾ اکيون ڦاڙي ويٺو رهيو. ان وقت اوچتو توبون ۽ گهوڙيسوار دستا ظاهر ٿيا جيڪي پنهنجو رستو وڃائي ڪيڏاهن گم ٿي ويا هئا ۽ ان وقت اهي پنئين پاسي واري پٽ تان هيٺ لهي رهيا هئا. اها جنرل لاءِ هڪ ازغيبي مدد هئي. ان ڪري پيش قدمي ڪرڻ لاءِ سندس حوصلا بلند ٿي ويا هئا. بعد ۾ هن انهيءَ جاءِ ڏانهن پنهنجا جاسوس موڪليا. ڪئپٽن مئڪمرڊو جي بيان مطابق جتان بندوقن جي فائرنگ جا آواز اچي رهيا هئا. هنن جاسوسن اچي جنرل کي خوشخبري ٻڌائي تہ اسان جي آڏو دشمن نہ، پر ڪئپٽن سالٽر منزل ڪيون ويٺو آهي. هن، رات ست سؤ جابلو ماڻهن تي حملو ڪري کين شڪست ڏئي ڇڏي آهي. بندوقن جا مذڪوره آواز بہ انهيءَ فوج جا هئا. انهيءَ مقصد سان تہ متان ڪي ماڻهو مال غنيمت ڪٽي هليا وڃن. ڏاڙيلن جي ٽولي جي اڳواڻي دريا خان جکراڻي ڪري رهيو هو. هن جو مورچو نهايت مضبوط هو. جنهن جي ٽن پاسن کان جبل هو ۽ چوٿين ڪليل پاسي کان هن سخت مقابلو ڪيو هو. پهريائين تہ اونداهي ڪري کيس اهو پتو ڪونہ هو تہ دشمن فوج جو رخ ڪهڙي پاسي آهي ۽ دشمن جي فوج اندر ڏوڪي ڪاهي پوڻ بدران ان جي سامهون اچي ويو. پر جڏهن کيس جنگي صورتحال جو صحيح پتو پيو تہ مٿن ڪڙڪي پيو. انگريز گهوڙيسوارن جي سخت حملي ڪري دشمن منتشر ٿي ويو ۽ پٺيان لاشن جا ڍير ڇڏي ويو. ڪيترن کي جنگي قيدي بڻايو ويو آهي ۽ چوپائي مال جا ٽي هزار جانور بہ هٿ لڳي ويا آهن. اهو چوپايو مال اجا بہ ٻيڻ تي هٿ ڪري سگهجي ها، پر فوجي ۽ گهوڙا ٿڪجي پيا هئا ۽ چوپايو مال بہ پرواڙين ٽڪرين جي چوٽين تي ويٺو هو.

### هڪ بلوچ جو بهادريءَ وارو موت

جڏهن ٻيءَ منزل تي فوجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي تہ ڏاڙيلن جي خطري ڪري سر چارلس حڪم ڪيو هو تہ فوجي مقرر ايراضي کان ٻاهر نہ وڃي پر عام طور تي ڏنو ويو آهي تہ ماڻهو خطرن هوندي بہ پنهنجي شخصي بچاءَ ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏريندا آهن. اهڙن لاپرواهہ ماڻهن ۾ انگريزن جي فوج ۽ عملدارن کي بہ ڳڻي سگهجي ٿو. سندس ياڻتيو جان

نيپيئر، سنڌس ناني ڪئپٽن مئڪمرڊو ۽ سنڌس ائڊ ڊي ڪئمپ ليفٽيننٽ بائنگ ڪن جابلو ماڻهن کي ڏٺو جيڪي جبلن جي چوٽين تي گڏ ٿي رهيا هئا. جن جو مقصد پري بيٺل چوپائي مال کي ڏسڻ وائسڻ هو. تنهن ڪري هي ٽئي ڄڻا اڳتي وڌي وٺن پهتا. ويجهي اچڻ تي ڪين شڪ ٿيو تہ متان اهي ڌاڙيل اوچتو حملو ڪن. تنهن ڪري بائنگ ڪنهن گهوڙيسوار فوجي دستي کي وٺي اچڻ لاءِ پوئتي موٽيو. باقي ٻہ ڄڻا اتي بيٺا رهيا. جن جي سردار کي انهن جي ڪڙڪ پئجي وئي جيڪو قد جي هڪ لانيري گهوڙي تي سوار هو. ڪيس هڪ توڙيدار بندوق ۽ ٻہ تلوارون هيون. معلوم ٿي رهيو هو تہ هو ڏاڍو بهادر هو جو انگريزي فوجي ڪئمپ جي پرسان گهمي ڦري رهيو هو ۽ تازيءَ شڪست کان پوءِ بہ هن کي اهڙا هٿيار هئا.

مئڪمرڊو هٿ ۾ تلوار جهلي مٿس ڌوڪي ڪاهي ويو. ڪڏهن جهيڙي دوران گول ڦري رهيا هئا، تہ ڪڏهن هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو اچي رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي جي ڌڪ کان گسائي رهيا هئا. ان جهيڙي دوران پيو تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيو پر گهوڙي گهائجي پئي. نيپيئر هڪ بهادر انسان جيان ٻنهي کي وڙهندي تڪي ۽ تازي رهيو هو ۽ جهيڙي ۾ گهڙي پوڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو. ان وقت مئڪمرڊو رڙ ڪري نيپيئر کي چيو تہ هن گهوڙي تي ست ميل سفر ڪري نہ رڳو مان ٿڪجي پيو آهيان پر گهوڙو بہ هڦجي پيو آهي. تنهن ڪري اچ ۽ هن سان مقابلو ڪر. جان نيپيئر سنهڙو سيپڪڙو جوان هو پر سچو انگريز هو سو بہ دشمن تي وهي پيو. پوءِ تنهي ڄڻن ۾ ويڙهہ شروع ٿي وئي. ٿوري دير کان پوءِ بلوچ پچڻ بہ لڳو ۽ وڙهڻ بہ لڳو. ٿورو اڳتي هلي هن گهوڙيءَ جي هني تي ويني ڪنڌ ورائي توڙيدار بندوق جو فائر ڪيو. ٻنهي جي وچ ۾ گهوڙي جي ڊيگهہ جي ماپ جيتري وٿي هئي، پر گولي گسي وئي. اهو ڏسي نيپيئر پستول جي گولي ڇوڙي. مئڪمرڊو جڏهن دشمن سان مقابلو ڪندو آهي تہ ڪيس ڪو هوش ڪونہ رهندو آهي ۽ سمجهيو ويو تہ اهو فائر توڙيدار بندوق مان ٿيو تنهن ڪري هو ست ڏئي نيپيئر کان پستول کسي بلوچ تي فائر ڪرڻ لڳو جنهن تي جان نيپيئر کيس رڙ ڪري چيو تہ هن کي نہ مار پر هن انهيءَ بهادر بلوچ تي ان وقت فائر ڪيو جڏهن هو حملي لاءِ ٻي بندوق ڇوڙي رهيو هو. ان کانپوءِ هڪ بي مثال بهادري جو مثال نظر آيو.

مئڪمرڊو ۾ جان نيپئر گهوڙن تان لهي پيا ۾ دشمن جي جسم مان وهندڙ رت کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. جنهن شڪست قبول ڪا نه ڪئي هئي. هن دشمنن کي مارڻ لاءِ تلوار جي منئي ۾ مضبوطيءَ سان هٿ وجهي سٽ ڏني. پر هو ائين ڪري نه سگهيو ۽ مري ويو.

## نيپئر کي بهادر بلوچ جي لاش ڏسڻ جي خواهش

فوجي ڪئمپ مان به مدد اچي پهتي هئي. چاڪاڻ ته به فوجي عملدار خطري ۾ هئا. جيڪي مئل ماڻهوءَ جي دوستن پرسان بيٺا هئا. بهادر بلوچ مري ته ويو هو پر پوءِ به سندس لاش ڏسڻ وٽان هو. چا ته جوان هو. خود جنرل چارلس به سندس لاش ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري هئي ۽ هن فوج جي وڏي عهدي تي هوندي به اچي سندس لاش ڏٺو هو. بلوچ جي اهڙي قتل مان هن سمجهيو ته اهو سٺو سوڻ آهي. پر آخر ۾ هن ويڙهه تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو هو. چاڪاڻ ته اهو قتل فوجي، عقل دانشمنديءَ ۽ انصاف جي اصولن جي خلاف هو. سندس خيال هو ته جنگ دوران فتح خاطر به اهڙو قتل ضروري ڪونه هوندو آهي.

## هڪ گهايل عملدار جي مزاج پرسي

هن سان گڏ هڪ ٻيو ڏک ڏارُ واقعو به تي گذريو هو. هن جنرل 6 اريگيولر گهوڙيسوار فوج جو هڪ ڏيهي عملدار گهايل ڏٺو جنهن جو نالو عظيم بيگ هو. جيڪو زمين تي ليٽيو پيو هو. ڪيس زخم اهڙا ته گهائو هئا جو جيئري رهڻ جو آسرو ڪونه هو. هن زخميءَ کي ڏسي جنرل سر چارلس گهوڙي تان لهي پيو ۽ ساڻس همدردي ڪرڻ ۾ ڪيس آٿت ڏيڻ لڳو.

تنهن تي مرندڙ بهادر انسان جنرل کي وراڻيو: ”مان خوش آهيان. مون کي ڪنهن به قسم جو سور ڪونه آهي. مان پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. مان فوجي سپاهي آهيان. جيڪڏهن وقت منهنجي زندگي جي تقاضا ڪري ٿو ته منهنجو هن ڪان بهتر ٻيو موت تي ڪونه ٿو سگهي. توهان مون وٽ لڙي آيا آهيو اها منهنجي وڏي عزت آهي.“ ائين چئي هن دم ڏنو. هن ڏکوئيندڙ واقعي کي جنرل چارلس پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي ته هي اهڙيون شيون آهن جيڪي فوج جي ڪمانڊر جي دل کي لوڏي ۽ ڌوڏي ڇڏيون ٿيون.

هن لارڊ هووڪ ۾ سندس ساٿين جو حوالو ڏيندي ڊائري ۾ لکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته هنن ماڻهن منهنجي خلاف هائوس آف ڪامنس ۾ زهر اوڳاڇيو هو. جنهن جي جواب ۾ جنرل پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي ته، "اهي ماڻهو لعنت جا حقدار آهن جن هائوس آف ڪامنس ۾ چيو آهي ته مان جنگ شروع ڪرڻ ۾ جنوني آهيان." اهڙا ماڻهو ڪنهن به ٻئي تي ملامت ڪري ڪونه ٿا سگهن. انهن ماڻهن جي لڳايل تهمتن کي ٻڌندڙ ماڻهن ابتدا ۾ نفرت آميز لهجي بلڪل رد ڪري ڇڏيو آهي.

## جان جئڪب تي بجار جي پٽ جو حملو

ڏيهريءَ تائين فوجي ڪئمپ جا تنبو کُپي چڪا هئا. ان وقت هڪ گهوڙيسوار جئڪب وٽان پيغام کڻي آيو ته هن به جابلو ڊاڙيلن تي اوچتو وڃي حملو ڪيو جيڪي بجار خان جي پٽ وزير خان جي ماتحت وڙهي رهيا هئا. اها ڳالهه ٻڌي هو هڪدم شاهپور روانو ٿيو. توڙي جو هو ڏاڍو ٿڪل هو. هن اتي وڃي ڏٺو ته هتي به دشمن ائين آرامي آهي، جيئن اُچ ۾ بي گوندرو ٿيو وينو هو جيڪو قلات جي خان ڏانهن لکيل خط تي اعتبار ڪري بي قَلڪو ٿيو وينو ۽ سندس جوڻ به ننڊ ۾ هئي. پهريائين ته هن سمجهيو هو ته رات جو حملو ڪندڙ چانڊيا مگسي قبيلا آهن ۽ اهو سمجهي ڪين ڏاڍو مهاڏو ڏنائين. پر پوءِ جنگ جي طريقي مان سمجهي ويا هئا ته هنن مذڪوره خط تي اعتبار ڪري وڏي غلطي ڪئي آهي. پوءِ هنن ور ڪنجي وٺي گوڏن تي زور رکيو. اهو حال ڏسي جئڪب مغل گهوڙيساورن کي کڻي سندن ڪڍ لاتو. پر جنهن ماڻهوءَ هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ پيش پيو تنهن جو وار به ونگو ڪونه ٿيو. هنن مغل گهوڙيسوارن تيز رفتاري سان وڃي هڪ گهر تيَ حملو ڪيو جنهن جي بچاءَ لاءِ سٺ ڊاڙيل پهرو ڏئي رهيا هئا. انهن ڇهن ماڻهن جي قتل تي وڃڻ کان پوءِ هنن هٿيار ڦٽا ڪيا. ان ڪانپوءِ گهر جو دروازو پيجي کوليو ويو هو ۽ اهو انتظام جو هڪ بهترين نمونو هو.

## ڊاڙيلن تي اوچتو حملو ۽ انهن ۾ ڀاڄ

سنڌ جي هن جنگ ۾ به سردار ۽ سندس اسي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا هئا. هن وقت تائين مقابلن ۾ ٻنهي طرفن کان ماڻهو ماريا ويا هئا. ٻين ٻن حملن ۾ ڇهه سردار ۽ هڪ سو ماڻهو ماريا ۽ ڦٽيا ويا هئا. جڏهن ته انگريز جي فوج جي فقط ارڙهن ـه ـهن زندگيـن وڃايون هيون. اهي به اطلاع آهن

تہ جيستائين اُچ تي حملو ٿي رهيو هو، تيستائين ڏاڙيل پڪ سمجهي رهيا هئا تہ انهن کي ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندو. پر جڏهن سالٽر جي توبخاني جي گولن ڇٽڻ جو آواز سندن ڪنن تي پيو تہ رڙ ڪري چيو هئائون: "انهيءَ جنگ ۾ تہ شيطان جو ياءُ خود پاڻ موجود آهي." ائين چئي وٺي گوڏن تي زور رکيائون. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ سر چارلس نيپئر جو هنن ڏاڙيلن مٿان خوف ويهي ويو هو.

اهڙي ريت سوچيل سمجهيل منصوبي ۽ ان کان پوءِ وقت سر ڪيل ان ۾ تبديليءَ هن رڻ پٽ ۾ جنگي مهم کي ڪاميابي سان همڪنار ڪري ڇڏيو هو. اڳئين منصوبي ۾ تڪڙي تبديلي ڪري وڏيءَ طاقت سان حملو ڪيو ويو هو. فوج بہ ان تي سختيءَ سان عمل ڪيو هو. هن فوج جي طاقت جي جديد ۽ قديم دور نهايت بهادر ۽ دلير فوج جي قوت سان مشابهت ڪري سگهجي ٿي. چاڪاڻ تہ جنرل چارلس سان گڏ پيش قدمي ڪندڙ فوج چاونجاهہ ميل مسلسل سفر ڪيو هو. جڏهن تہ جئڪب سان گڏ واري فوج چاونجاهہ ۽ سالٽر سان هلندڙ فوج واريءَ وچان چاليهہ ميل لڳاتار سفر ڪري منزل ڪئي هئي. ان سان گڏ جئڪب جي گهوڙيسوار فوج جي پنيان پيادل پوليس بہ ان رڻ پٽ وچان چاليهہ ميل لڳاتار سفر ڪيو هو جنهن جو ڪمانڊر ليفٽيننٽ سمال بيچ هو. جنهن وقت هي بهادر فوج مذڪوره رڻ پٽ وچان سفر ڪري رهي هئي تہ هن فوج جي ڪمانڊر جنرل چارلس ٽيهہ ڪلاڪ مسلسل گهوڙي جي هني تي ويهي سفر ڪيو هو. جڏهن تہ هن خشڪيءَ جو ٻاهتر ميل سفر ڪيو هو. پويان سورهن ميل تہ هو واريءَ جي سخت طوفان وچان گذريو هو. جنهن ماٿهن ۽ گهوڙن کي ٿڪائي ماري وڌو هو. هو ترسيو وڃي شاهپور وٽ هو جتي ويهي هن لکپڙهہ بہ ڪئي ۽ توبخاني ۽ پيادل فوج ڏانهن احڪام بہ جاري ڪيا هئا تہ اهي هڪ جڳهہ تي منزل ڪن. چاڪاڻ انهن ٻنهي کي هن سان گڏجي ڪم ڪرڻو هو. هن قسم ڪم اڪلائي جنرل پوءِ آرام ڪيو هو.

اها ٿيٽي ڪاميابي هئي چاڪاڻ تہ سچار ۽ بهادر چانڊين قلجي تي قبضو ڪري ورتو هو. ان کان پوءِ جنگي سرگرمين جي منصوبي ۾ تبديلي آندي وئي هئي. دشمن بہ پنهنجي مرضيءَ سان اڳتي وڏي وڃي اوير واري جابلو علائقي ۾ پاڻ کي مضبوط ڪيو هو. ٻيريون منصوبو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اڳ ۾ قليجي تي قبضو ڪيو ويندو ۽ لشڪر جي ڪاہي پاسي کان مري بلوچ اڳتي وڌندا. بعد ۾ ان منصوبي کي ڇڏيو ويو هو. پر نئين منصوبي ۾ بہ اها ڳالهہ شامل ڪئي وئي هئي تہ ڏاڙيلن جو الهندي جابلو علائقي سان رابطو ڪٽيو ويندو ۽ کين ڏکڻ گهارن کان بہ مٿي ڌڪيو ويندو پر ڏاڙيل پاڻ ئي نڪري اوپر واري جابلو علائقي ڏانهن هليا ويا هئا ۽ گهارن واريءَ جوءِ کان بہ نڪري ويا هئا. تنهن منصوبي ۾ بيان ڪيل ڳالهيون پاڻ هرتيون تي ويون هيون ۽ وڌيڪ سولائي تي وئي هئي. تنهن ڪري سالٽر کي اُچ ۾ رهڻو پيو هو. جئڪب جي ڪچهہ گهوڙيسوار فوج قليجي ۾ ۽ ڪچهہ لهڙي ۾ رهائي وئي هئي. ڪيس چيو ويو و تہ هو چانڊين سان گڏجي انهن ماڳن تي قبضو ڪري انهيءَ مقصد سان تہ جيئن قلات جي قبائلي سردارن کي ڌمڪائي سگهجي. اهڙي ريت پيادل فوج, توبخانو ۽ رسدگاهہ کي شاهپور ڏانهن اچڻ جو چيو ويو هو جتي چوڏهن ڏينهن جي کپت جي پورائي لاءِ, جنگي سامان گڏ ڪري رکيو ويو هو. جيڪڏهن بجار خان ۽ سندس اتحادي بلوچ سردارن سان خط واري نڳي نہ ڪئي وڃي ها تہ فوجي سرگرميون وڌيڪ اينگهجي وڃن ها ۽ فوجي سامان بہ بيڙ تي خرچ تي وڃي ها.

## علائقي جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ ان موجب منصوبا بندي

جئڪب جي گهوڙيسوار فوج ۽ چانڊڪن کي جبلن جي پرئين پاسي مرين واري علائقي ڏانهن موڪليو ويو هو. اهڙيءَ طرح انگريز فوج هڪ همچورس دائري جا بہ پاسا والاري ورتا هئا. جن مان هڪ پاسو تہ رڻ پٽ ڏکڻ ۾ هو. جنهن ڪري ان طرف وارن جابلو گهٽن تي انگريز فوج جا جٿا قبضو ڪري ويهي رهيا هئا. جڏهن تہ ٻيو گهارن وارو اولاهيون پاسو هو. اهي گهارا ڏکيا ۽ پور وچوٽ تي هئا جن انهن ٽڪرين کي ڏکڻائي پاسي کان جدا ڪري ڇڏيو هو. جيڪي هلنديون اچي سنڌو درياهہ وٽ پهچن ٿيون.

جيڪڏهن قليجيءَ وٽان بيهي اوپر ڏسبو تہ اهي گهارا هن ريت ڏسڻ ۾ ايندا: "ساڄي هٿ واري پاسي تي تونگ نالي هڪ گهارو آهي, جيڪو اوپر ڏانهن هلندو ٿو وڃي ۽ اڳتي هلي مزاري قبيلي جي جابلو علائقي واريءَ جوءِ ۾ ختم ٿي وڃي ٿو. جيڪو سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع آهي. هن گهاري ۾ زورانس, گونڊئي ۽ سيبري وٽان داخل ٿي سگهجي ٿو. جتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن گهاري ۾ گهڙڻ لاءِ سامهون واري پاسي وٽ بہ گهاٽ آهي، جنهن جي پاسي هڪ ايڪپري ٽڪري هلندي وڃي ٿي.

ٽونگ واريءَ گهاري سان گڏ الياسي ندي وارو گهارو آهي جيڪو ٽيگا نالي واري گهاري سان پور ويچوٽ تي هلندو وڃي ٿو. هن جي وچ واري حصي کي ٽومب جي وادي سڏيو ويندو آهي. هن کان پريءِ اوير پاسي ديرا جي وادي آهي. ٽيگا جي هن ڪاريءَ ۾ هڪ سوڙهو گهٽ آهي، جنهن وسيلي سنگسيلا نئين جو پاڻي اچي هن ۾ چوڙ ڪندو آهي. جيڪا اوير اتر پاسي کان وهي ايندي آهي.جڏهن تہ ٽيگا گهاري جو وهڪرو الهندي طرف وهندو آهي. جيڪو هڪ مستقل آبي وهڪرو آهي. ليڪن ديرا وٽ ان جي ويڪرائي هڪ گز مس ٿيندي، نہ تہ بيو سارو علائقو خشڪ ۽ ويران لڳو پيو آهي.

هنن سيني گهارن کان اتر طرف هڪ جابلو سلسلو آهي، جيڪو مرين کي ٻين قبيلين کان ڌار ڪري ڇڏيندو آهي. پر ان ۾ سرتوف ۽ نفوسڪ نالي بہ لڪ آهن. هن رڻ پٽ ۽ خشڪ علائقي جي پرئين پاسي جي سامهون ننڍيون ايڪپريون جابلو چوٽيون آهن جيڪي پڻ هن رڻ پٽ علائقي جيان ويران ۽ ٻُٽ آهن.

هتي انگريز جنرل ڏاڍي بي صبريءَ سان پيادل فوج جو انتظار ڪري رهيو هو. سنڌس توبون ۽ فوجي سامان جي ترتيب مان پتو پئجي چڪو هو تہ 18 جنوري تي سنڌس پيش قدمي جو رخ ڪهڙي طرف آهي.

”سياٽي گهوڙيسوار فوج سيئي جابلو لڪ ۽ لانگها جهلي بيهي ويندي. توقع آهي تہ بجار خان جابلو سلسلي جي ان پاسي آهي. انهيءَ جون جابلو ٽڪريون ننڍيون آهن. بجار خان نظر تہ ڪونہ ٿو اچي. پر موجود انهيءَ علائقي ۾ آهي. اتر پاسي هڪ اتاهون جابلو سلسلو آهي. مان پنهنجي رهبر يارو ڪوسي کان پڇيو آهي تہ جنهن ٻڌايو آهي تہ تلي وٽ پاڻي تمام گهٽو آهي. جڏهن ان جي پيٽ ۾ ٽونگ وٽ گهٽ آهي. پر زورانس وٽ پاڻي نہ رڳو گهٽو آهي پر تمام سنو بہ آهي. مان سمجهان ٿو تہ تلر ۽ زرانس پاڻي گهٽو ڪونہ هوندو.

ٽونگ وٽ تہ پاڻي گهٽ بہ هوندو تہ گندو بہ هوندو. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ يارو ڪوسو بجار جو ماڻهو آهي. اهو بہ سمجهان ٿو تہ بجار خان ٽونگ وٽ موجود آهي. ليڪن مان ۽ ياروءَ هن ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ اسان ٽونگ ڏانهن ڪونهن ويندا سون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انگريز جي ھانھن ھيلي سردارن جي گهٽن تي مقرري

يارو ڪوسو ٻئو ڪردار ادا ڪري رهيو هو. ساڍن سان ٻہ سچو تہ پئنچن سان ٻہ پورو. ان کان پوءِ جئڪب کي چيو ويو هو تہ هو گهوڙيسوار فوج کي انهن نئين جي منهن وٽ وڃي بيهاري جيڪي لهڙي ۾ قليجي ڌانهن وهنديون آهن. جيڪو ڇهہ سو گهوڙيسوارن ۾ ٻن توبن کي ساڻ ڪري اوڏانهن روانو ٿي ويو. جڏهن تہ احمد خان مگسي کي تومب گهاري جي تيگا نئہ وٽ بيهڻ لاءِ موڪليو ويو. ولي چانڊئي کي تونگ موڪليو ويو هو. جنرل چارلس مطابق چانڊيا صورتحال کي جلدي ۾ سمجهي ويندا هئا. جڏهن تہ جنرل پاڻ اُچ کان ٿيندو زورانس لڪ ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. هن علي مراد کي گنڊئي وٽ بيهڻ جو چيو. ڪيس ان وقت تائين اتي بيهڻ جو چيو ويو هو جيستائين دشمن اتر ڏانهن پڇي نڪري وڃي. سنڌس هن قسم جي بندوبست مان نظر ائين اچي رهيو هو تہ هو الهندي پاسي وارن جبلن جي لڪن کي وڌيڪ محفوظ بڻائي رهيو هو. ان سان گڏ رڻ وٽ واري علائقي جي ڏکڻ پاسي وارن گهٽن ۾ گذرگاهن کي پڻ مضبوط ڪري رهيو هو. انهيءَ وقت چانڊين ۾ مگسين چپو چپو ڪري ٻہ گهارا جاچي ورتا هئا ۾ جابلو ماٿهن جي امڪاني موجودگي کي ڏسي ورتو هئائون. جنرل جي مرضي هئي تہ پاڻي جي جاين تي قبضو ڪري، هنن ماٿهن کان چوپايو مال ڦري ڪين گذر سفر کان محتاج ۾ لاچار ڪري سگهجي ٿو. هن جنرل چانڊين ۾ مگسين کي ايترو پري ۾ اڪيلو موڪلي ڪنهن ٻہ قسم جو خطرو محسوس ڪونہ ڪيو هو. چاڪاڻ تہ هي ٻئي قبيلا ڏاڙيل قبيلن مٿان اوچتو وڃي ڪڙڪيا هئا. تنهن ڪري هنن جي وڃڻ ڪري ڏاڙيل قبيلا سمجهي ويندا تہ انگريزي فوج انهن جي پويان اچي ويهي رهي آهي، پر غلطيءَ يا لاپرواهيءَ ڪري پيادل فوج، توبخانو ۾ رسدگاهہ مقرر وقت تي مٿي وڃي ڪونہ سگهيو هو. چاڪاڻ تہ انهن جابلو علائقن ۾ پيادل فوج کان سواءِ ڪجهہ ٻہ ڪري ڪونہ سگهبو آهي.

## ڪجهہ گهٽن تي فوج جي مقرري

تاريخ 20 جنوري تي قيدين سان گهر ياتين کي ملڻ ۾ انهن سان گڏجي هلڻ جي موڪل ملي وئي هئي ۾ انسانذات جي ناتي هنن لاءِ اهڙو ڪليءَ دل سان بندوبست ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ جنرل اُچ ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش قدمي ڪرڻ شروع ڪئي. سندس خواهش هئي تہ ڏکڻ واري محاذ جي لڪ تي بنا ڪنهن دير جي فوج ويهاري وڃي. هن جنگي مهم ۾ بنا دير جي اهڙو ڪم ڪري، هڪ سياڻي ۽ سچيت فوجي ڪمانڊر هئڻ جو ثبوت ڏنو هو. هن علائقن جا نقشا بہ ڪونہ هئا. علائقو بہ ڏاڍو پيچيده ۽ خشڪ ۽ ويران هو. فوجي پيش قدمي بہ پاڻي جي لپي پوڻ ڪري هلي رهي هئي. جاسوس ۽ رهبر بہ بجار خان کان چرڪي رهيا هئا. جيڪي دراصل ان جا ماڻهو هئا. هر نئون ڏينهن نئون ڏچو بڻجي ڏائڻ وانگي ڏند ڪرتي رهيو هو. ڪونہ ڪو جاسوس ڏهاڙي نئون اطلاع ڏيندو هو. تنهن ڪري فوجي سرگرمين جي منصوبن ۾ نيون تبديليون ٿي رهيون هيون. ان ڪري مشڪلاتون ۽ مايوسيون پيدا ٿي ويون هيون. اهڙو اشارو مٿي بہ ڪيو ويو آهي. اسان ڏاڙيلن کي مجبور ڪري سندن ٺي خاندانن پرسان جنگ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا هئاسون. اهڙي طرح اسان کين موقعو ڏئي رهيا هئاسون تہ جڏهن سمجهن تہ سندن هار يقيني آهي تہ پنهنجي عورتن ۽ ننڍن ٻارن کي ڪهي پوءِ سر ترين تي رکي چريا ٿي جنگ وڙهن. اهڙي ظلم کان سر چارلس بہ ڏاڍو ڏڄي رهيو هو. هو 20 ۽ 22 تاريخ جي وچ واري وقت ۾ بہ ٻيرا بجار خان کي قتل ڪرڻ واري ڳالهہ تان هٽي ويو هو. اهو سندس انسان دوستيءَ جو ثبوت هو. توڙي جو بجار خان انگريز سرڪار جي ملڪي حدن مان بہ گذريو هو. چاڪاڻ تہ ان وقت هن سان گڏ پنهنجا ٻار ٻچا، سندس پٽ جي زال ۽ ننڍڙا ٻارڙا ۽ ٻين قبائلي سردارن جا گهر ياتي ساڻ هئا.

## ٽونگ واري علائقي جي بيهڪ ۽ چارلس جي سوچ

اُچ وٽ کين جاسوسن ٻڌايو تہ ٽونگ وارو علائقو ڏاڍو شاندار ۽ وسيع آهي، جنهن جي چوڌاري اهڙا اوچا جبل، جيڪي ٻاهرئين پاسي کان ايڪپرا ۽ اندرئين پاسي کان لهنوارا آهن. جن تي اندرئي پاسي کان سولائيءَ سان چڙهي سگهجي ٿو. ڊومڪي بہ هن علائقي ۾ اچي پيش پيا هئا. انهيءَ جابلو سلسلو ۾ هڪ رستو آهي جنهن وچان منڍي پاڻيءَ جي ڪاريز وهندي آهي، جيڪا اتاهن جبلن کان وهي هيٺ ايندي آهي. هتان جي ماڻهن انهيءَ جبل وچان هڪ سرنگهہ ٺاهي ڇڏي آهي، جيڪا کين ان ڪاريز جي رستي وسيلي ٽونگ واريءَ جوءِ ۾ پهچڻ لاءِ چوڌهن ميلن جي وڏي وڪڙ کان بچائي وڃهندي آهي. اهڙي ريت حملہ آورن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنيان هڪ وسيع رڻ پٽ هوندو آهي، تنهن ڪري اچ ڪان تنگ تي پوئتي ورڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر هن انگريز جنرل کي بيشمار پاڻيءَ ڪٽڻ جون ڪليون مليون ويون هيون ۽ کوهن کوٽڻ وارا ڪاريگر بہ هن سان گڏ هئا جيڪي هن خاص اهڙن موقعن لاءِ ساڻ کنيا هئا. هن سوچيو تہ چو نہ اها سرنگهہ بند ڪري مزاحمت ڪرڻ وارن کي ماري ختم ڪري ڇڏجي.

## ولي چانڊئي جي پيش قدمي، بجار کي گرفتاريءَ جو ڏپ ۽ ڏومبڪي سردار جو رويو

انهيءَ وقت ولي چانڊئي تونگ تائين ٻاهريون علائقو فتح ڪري ورتو هو. ان کان سواءِ هن بگٽين جو وڏو تعداد قتل ڪري سندن بيشمار ٻڪريون ڪاهي آيو هو. اهڙي قسم جي پيش قدمين ڪري بجار خان ڏڄي ويو هو. ان ڪري هو اُچ واريءَ فوج جي سامهون گڏري زورالنس ڏانهن وڃڻ لڳو هو. هو پنهنجي گرفتاريءَ کان ڏڄي رهيو هو چاڪاڻ تہ ڪيس اها پوري ڄاڻ هئي تہ سندس دشمن هن جي عورتن ۽ گهر ڀاتين تي هن کان وڌيڪ رحم ڪري رهيو آهي ۽ جيستائين سندس گهر ڀاتي هن سان گڏ هوندا، تيستائين اهو رحمدل انگريز جنرل ڪيس ڪڏهن بہ قتل ڪونہ ڪندو. ٻاچ ڊوان سندس ڪيترا دوست ۽ قبائلي سردار ڪيس ڇڏي، لهڙيءَ جي بلوچ خان سان وڃي مليا هئا. جيڪو پاڻ کي انگريزن جو دوست سڏائيندو هو پر جنرل سر چارلس کي هن ڏومبڪي سردار تي شڪ هو. تنهن ڪري هن جئڪب کي حڪم ڪيو هو تہ هو بلوچ خان سان رکو پيش اچي ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهي تہ ان کي گرفتار ڪري، هيڊ ڪوارٽر موڪلي ڇڏي. هي انگريز جنرل سمجهي رهيو هو تہ هي ڏومبڪي سردار ماٺهو گڏ ڪري انگريزن خلاف محاذ جوڙي رهيو آهي.

## ولي چانڊئي جي تلر ۾ مقرري ۽ يارو کوسي جو ڪوڙ

ولي چانڊئي کي هڪ اسڪاڊرن گهوڙيسوار ڏئي تلر ۾ رکيو ويو هو انهيءَ لاءِ تہ جيئن تونگ تي نظر رکندو رهي. چاڪاڻ تہ اهو ماڳ گهٽي ۽ سنئي پاڻي ڪري اهم هو. پر يارو کوسي ڪوڙ ڳالهايو هو. پاڻيءَ بابت اهم معلومات نہ ملي هئي. نہ ئي اهو ٻڌايو ويو هو تہ بچاءَ جي مقصد لاءِ بہ اهو هڪ اهم ماڳ آهي ۽ ڪوبہ حملہ آور آسانيءَ سان ان تي قبضو ڪونہ جمائي سگهندو آهي. ڪرنل گپڊيس کي فوج جو هڪ ڪالم ڏئي زرمي ڪشتا ڏانهن موڪليو ويو هو جيڪو زورالنس لڪ جي سامهون هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهم ماڳ آهي. اتي پهچي فوج جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي هئي. پر هيڊ ڪوارٽر جي پيش قدميءَ جو رستو تبديل ڪيو ويو هو. چاڪاڻ ته صورتحال ڏهاڙي تبديل ٿي رهي هئي. تنهن ڪري فوجي سرگرمين ۾ به ڦير گهير ٿي رهي هئي.

فوجي سرگرمين جي ڊائري ۾ 21 مارچ تي جنرل چارلس لکيو هو ته تڪڙ ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪانه آهي. مان ڏهاڙي صورتحال جي جاچ پڙتال ڪري رهيو آهيان ۽ ضرورت مطابق مان منصوبي ۾ ترميم ڪري رهيو آهيان جيڪو اوچتي حملي واري پروگرام کي وڌيڪ ڪمزور ڪري رهيو آهي. منهنجي فوج، دشمن کي ڏکڻ ۽ اولهه پاسي کان ڪڙو چاڙهي چڏيو آهي. جڏهن ته مري ان کي اتر پاسي کان ڪڙي چاڙهڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. علي مراد گنڊوئي وارن جابلو لڪن تي نظر رکيون ويٺو آهي. انهيءَ ڪري دشمن جي ڪاڏ خوراڪ ڪٽي وئي آهي. اسان جي طرف جي ڪاڏ خوراڪ وڌي رهي آهي. چاڪاڻ ته ڪاڏ خوراڪ جو سيڌو سامان روزانو پهچي رهيو آهي. ان کان سواءِ ٻاڪرو ۽ ٻيو چوپايو مال به بيشمار هٿ لڳي ويو آهي. نوجوان فوجي جنگ ڪرڻ لاءِ ته هٿن مان نڪري رهيا آهن، پر مان کين اهو چئي ٿڌو ڪري رهيو آهيان ته بجار خان کي زورالنس تائين وڃڻ ڏيو. مان اتان جي هر لڪ ۽ لنگهه تي فوج بيهارڻ ٿو چاهيان، چاڪاڻ ته فوج جي هر سپاهيءَ جي زندگي مون کي ايتري پياري آهي جيتري پنهنجي. تنهن ڪري مان فوج کي جنگ ڪرڻ ۾ هرگز چڙواڳ ڪونه ڇڏيندس ته ٿوري تعداد هوندي به اڪيون ٻوٽي وڃي دشمن تي ڪڙڪي، انهيءَ لاءِ ته کين سوڀ جا تڪڙا نتيجا ملي سگهن. پر منهنجو فوجي قدم مختلف آهي. مون کي يقين آهي ته اسان کي حتمي سوڀ حاصل ٿيندي.

## عورتن ۽ ٻارن لاءِ ٻاجهه وارو رويو ۽ ان جا نتيجا

اهڙيون ڳالهيون سوچي ويچاري هو 25 جنوري تائين اُچ ۾ ترسي پيو. انهيءَ مقصد سان ته جيئن ڏيرج ۽ سچيتائي سان ڪم ڪري، زندگيون بچائي سگهجن. کيس اهو خوف هو ته مناسب وقت کان اڳ پيش قدمي ڪبي. ڌاڙيلن کي موقعو ملي ويندو. ٻي ڳالهه اها به آهي ته انهن سان سنڌن ٻار ٻچا به گڏ آهن، پر جيڪڏهن انهن کي يقين ٿيو ته سندسن شڪست ٿيڻ واري آهي ته پنهنجن عورتن ۽ ٻارن کي ڪُهي ڇڏيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ڪري هو ڏاڍو ڏجي ويو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن جي پيش قدمي رڪجي ويندي هئي ۽ ڏنيون وائنيون جنگي سهولتون ڪيس ڇڏڻيون پئجي وينديون هيون. هن جي اڏول ارادن کي ڪير به لوڏي ڪونه سگهندو هو. هن جي هٿان بي گناهه عورتن ۽ معصوم ٻارن جي قتل ٿيڻ سبب رت جو ڳاڙهو درياهه ته وهائڻو ڪونه هو چاڪاڻ ته هن کي ته ڏاڙيلن جي ڪيس ۽ ٿهر هنن خلاف بندوقن کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. هن خوفناڪ منظر کان لنوائڻ واسطي هن پنهنجي اخلاق ۽ شرافت جي دامن کي ڪونه ڇڏيو هو. سالٽر جي حملي کان پوءِ ڪيس هڪ غار اندر يارهن مرد ۽ سورهن عورتون هٿ لڳي ويون هيون، جن مان هڪ دريا خان جکراڻيءَ جي ماءُ ۽ هڪ ترڪ عليءَ جي گهرواري هئي. هنن سيني کي نهايت عزت ۽ احترام سان وٺي، هڪ سيد جي حوالي ڪيو ويو هو. جنهن کي سرڪار طرفان هن غرض سان جاگير ڏني وئي ته هو غريبن جي مدد ڪندو رهندو. هتان جي مسلمانن ۾ اهڙين جاگيرن جي پيداوار کي ڪن پڌن ڪمن ۾ خرچ ڪونه ڪيو ويندو آهي. انگريز جنرل جي اهڙي وسعت دلي کان اهو سيد ڏاڍو متاثر ٿيو هو. هن ساڳئي انگريز فوجي سپهه سالار شاهپور ۾ ساڳي سخاوت، انسان دوستيءَ ۽ رحمدليءَ جو مظاهرو ڪيو هو. جڏهن اهڙيون ڳالهيون جابلو ماڻهن ٻڌيون ته سندن خوف گهٽجي ويو. چاڪاڻ ته هنن جون عورتون هن ڪافر وٽ محفوظ هيون، جيڪو هنن جو دشمن به هو. جڏهن ته دريا خان ۽ ترڪ علي پنهنجي گهر ڀاتين ڪري اچي سر چارلس وٽ پيش پيا.

## ڪمانڊرن جي هٿ هيٺ حملي لاءِ گڏ ٿيندڙ فوج

حڪم مطابق علي مراد کي گونڊئي جي لڪن وٽ 18 تاريخ جو پهچڻو هو پر محرم جو مهينو اچي ويو ان ڪري هو 31 تاريخ تي پهتو هو. اها سندس وڏي غلطي هئي جنهن جا نتيجا ڏاڍا اگرا نڪتا. اهڙو احوال اڳتي بيان ڪيو ويندو.

23 تاريخ تي وڏ ڦڙي جو وسڪارو ٿي ويو. تل ۽ ترايون پلر جي پالوٽ سان ڀر ٿي ويون ۽ خالي کوهه به هن پاڻيءَ سان ڀرجي ويا. پر گپ چڪ جي ڪري اڳتي وڌڻ ۽ جنگي سرگرميون جاري رکڻ ڏکيو ٿي پيو هو. ان ڏينهن هنٽر اُچ پهتو هو جنهن سان جاسوسن جي ٽنالين گڏ هئي. ان کان سواءِ هو 2 ريجمينٽ يورپي بنگال به پاڻ سان وٺي آيو هو. هيءَ بنگال

جي يورپي ريجمينٽ ڏاڍي دلير هئي. هن جو تعداد تہ گهٽ ڪونہ هو پر هيءَ جرئت ۽ دليريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هي فوجي سر چارلس جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. پر ڪيس ڏٺو پهريون پيرو هاٿي هئائون. ساڳئي وقت سمپسن بہ اچي شاهپور پهتو هو جنهن سان گڏ بنديل کنڊ ليجين ۽ جاسوسن جي ٽالين هئي. هي ساري فوج رڻ پٽ جي اترئين پاسي اچي گڏ ٿي هئي. ان کان سواءِ فوجي سامان بہ ايترو گڏ ٿي ويو هو جو ٻن مهينن لاءِ ڪافي هو.

جنرل سر چارلس کي 25 تاريخ تي اهو پتو پئجي ڪونہ سگهيو تہ دشمن جو تعداد ڪيترو آهي ۽ ان جي جنگي صلاحيت ڪيتري آهي، پر معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ هو زورالنس ۽ گنڊوئي وارن لڪن کي بچائڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهن. جنرل پهريائين زورالنس ڏانهن انهيءَ مقصد سان پيش قدمي ڪئي تہ جيئن دشمن جو صحيح تعداد معلوم ڪري سگهجي ۽ ان کان پوءِ مٿن حملو ڪجي. ان وقت سمپسن کي حڪم ڪيو ويو تہ هو فوج جو ڪالم ۽ هر قسم جي هٿيارن سان شاهپور کان ٽيندو قليجي پهچي. ان کان پوءِ ڪيس تومب جي واديءَ واري ديراه وٽ پڄڻو هو جيڪو سٽن منزلن جيترو فاصلو هو. ڪيس لولي ۽ جمڪ جا لنگهہ لتاڙي، دشمن جي پٺين پاسي کان اچڻو هو. جڏهن تہ باقي وڏيءَ فوج کي دشمن جي سامهون واري پاسي کان حملو ڪرڻو هو. ان مقصد کي آڏو رکي فوج کي مختلف ڪالمن ۾ ائين تقسيم ڪيو ويو هو جيئن جنگي نقشي مطابق اڳئي سوچيو ويو هو. فوج جي هر ڪالم جي سوچي سمجهي جوڙجڪ ڪئي وئي هئي تہ وڌ کان وڌ مضبوط هجي. دشمن اُچ ۽ شاهپور جي اوچن حملن کان ڏاڍو ڊڄل هو. تنهن ڪري منجهائن ڪنهن بہ قسم جي جوابي حملي جو خوف ڪونہ هو. ان کان سواءِ هڪ افواهہ بہ پکيڙيو ويو جنهن مطابق سمپسن جي فوج جي تعداد گهٽ وڌائي پيش ڪيو ويو هو. هر فوج پنهنجي پيش قدمي اهڙي ريت جاري رکي، جو سندس رابطو ٻيءَ فوج سان رهندو پئي آيو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن دشمن ڪو وڏو نقصان نہ پهچائي سگهي. سمپسن جي فوج تياگا ڏانهن رواني ٿي تہ هن جي پٺيان جٿڪب کي موڪليو ويو جنهن سان گهوڙيسوار فوج ۽ توبخانو هو. کين هدايت ڪئي وئي هئي تہ تيگا کان پوءِ موٺي لولي ۽ قليجي تي حملو ڪن. چانڊڪا وارن سان هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪئاڊرن گهوڙي سوار به هئا. اهي جڏهن تلر ۾ موجود هئا ته ڪين شاهپور وٽان مدد ملندي هئي، جتي ڪئپٽن جاميسن جي هٿ هيٺ هر قسم جي هٿيارن سان گئريسن فوج موجود هئي ۽ فوجي سامان به سندن نگراني هيٺ رکيو ويو هو. انهيءَ ڪري جو شاهپور هڪ مرڪزي ماڳ هو. تنهن ڪري ڪئپٽن جاميسن چانڊڪا وارن ۽ سمپسن کي هڪ جهڙي مدد ڪري رهيو هو ۽ ساريءَ فوج کي پيش قدمي ۽ سرگرمين لاءِ هٿيار پنهوار هتان ملي رهيا هئا.

هن وقت تائين علي مراد ڪنهن به حساب ڪتاب ۾ ڪونه هو. جنرل جي مرضي هئي ته هو زري ڪوشته وٽ پهچي وڃي. چاڪاڻ ته حملن ڪرڻ واسطي اهو ماڳ ڏاڍو مناسب هو. تنهن ڪري هن پنهنجي منصوبي کي عملي جامو 26 تاريخ تي پارايو. ان ڪري هن ڏاڍيءَ تيز رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪئي ۽ ڪيترائي لاڏوءُ مري ويا هئا.

## بجار جو بگٽين ۽ جکراڻين سان ملي مٿ ٽيڻ

سيءُ به چوي ته اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان. فوجي سپاهي ته سيءَ ۾ پپر جي پن وانگي ٿڙڪي رهيا هئا. اهڙي سيءَ جي سٽ نه سهي تي ته مري به ويا. پر يورپي فوجي اهڙيءَ ٿڌ تي اجا به وڌ مئا. زري ڪوشته ۾ پهچڻ کان پوءِ پتو پيو ته بجار خان لولي لڪ مان نڪري هليو ويو آهي ۽ بگٽين ۽ جکراڻين سان وڃي مليو آهي ۽ انگريزي فوج کي مهاڏي ڏيڻ جو پڪو پهه ڪري چڪو آهي ۽ جنهن ماڳ تي جنگ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو سو به ڏاڍو مضبوط آهي. تنهن ڪري ڪين عورتن ۽ ٻارن کي ڪنهن محفوظ ماڳ تائين پهچائڻ جو گهڻو وقت ملي ويو هو. ساڳيءَ طرح انگريز جنرل به حملي ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري چڪو هو. هو پنهنجي اڳئين تيار ڪيل منصوبي تي عمل ڪري رهيو هو. سندس خواهش هئي ته پنهنجي دشمن کي مارٽر ۽ مائوزرس وسيلي ٻي دخل ڪري ۽ پيادل فوج کي جنگ ڪرڻ کان بچائي. چاڪاڻ ته ائين نه ڪرڻ سندس فوج لاءِ نقصانڪار هو.

## لولي ۽ جمڪ تي قبضو

28 تاريخ تي فوج رواني ٿي پر مقابلي لاءِ دشمن موجود ئي ڪونه هو. سمپسن جي فوج اڳتي رواني ٿي چڪي هئي. ڏاڙيلن سمجهيو ته هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنيان ضرور وڏي فوج ايندي. تنهن ڪري هو دپ نہ جهلي سگهيا هئا ۽ وٺي ڪڙين تي زور رکيو هئائون. لولي ۽ جمڪ وارا لڪ بہ خالي ڪري هليا ويا هئا. جڏهن تہ سمپسن اچا تي منزلون مس ڪيون هيون. انهن مان هڪ منزل ڏکئي جابلو علائقي ۾ ڪئي وئي هئي، جيڪا فقط ڇئن ميلن جي پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ ڪئي وئي هئي. انگريزي فوج اڳتي وڌي پنهنجي ڪئمپ وچي لولي ۽ جمڪ لڪن جي وچ تي ڪئي هئي جتان ڪان هي ٻئي لڪ پنج پنج ميل پري هئا. هن جاءِ جو پاڻي تي ڏاڍو سٺو ۽ شفاف هو. پر ايتري گهڻي فوج جي پورت جوڳو ڪونہ هو. پر بعد ۾ جمڪ جبل جي گهاٽ وٽ تمام گهڻو پاڻي هٿ لڳي ويو جيڪو سٺو ۽ شفاف هو. هي ٻئي نهايت اهم لڪ هئا. هنن لڪن جي حفاظت واسطي مناسب ڪم ڪيو ويو هو. هنن لڪن تي قبضي ڪرڻ ڪان پوءِ هڪ ويساهہ جوڳو قاصد سمپسن ڏانهن مڪو ويو جنهن هٿ هن انهن حڪم هو تہ هو پيش قدمي ڪندو ريراه وٽ منزل ڪري. اتي رهڻ ڪري سندس مکيہ فوج سان رابطو رهي سگهندو. اهڙي ريت جنرل جي هيءَ پيش قدمي بہ اڳئين جيان نهايت ڪامياب رهي. چاڪاڻ تہ هن جابلو ڏکين علائقن کي بہ سولائيءَ سان پنهنجي قبضي هيٺ ڪيو ويو هو ۽ ڪوبہ نقصان ڪونہ پهتو هو. معلوم ائين تي رهيو هو تہ انگريزن جي فوج جو قبضو هنن پور وڇوٽ گهاڙين يا ڪاهين جي پرئين پاسي هو. جنهن جي سرحد سڌي نہ پر اڙونگڙ هئي. جنهن ڪري اولهہ پاسي وارا سڀ گهٽ ۽ گهاٽ بند تي ويا هئا. اهڙيءَ ريت فوج جو الهندو پاسو وچي مرين سان مليو هو. پر بلوچ قبيلا هي سڀ اڙانگا لڪ ڇڏي ڀڄي ويا هئا. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي ماڻهو جنگي حڪمت عملين ڪان قطعاً بي خبر هئا. هنن ڏاڙيلن جا ڪجهہ ٽولا فوجي ڪئمپ جي اوسي پاسي هن مقصد سان ڦري رهيا هئا تہ جيئن ڪين وجهہ ملي تہ قتل ۽ غارتگري ڪري سگهن.

رسد گاهہ جا اهي ماڻهو تہ نهايت بيدرديءَ سان قتل ڪيا ويا هئا جيڪي بيٺل پهريدارن ڪان گهڻو پري نڪري ويا هئا. اهڙي حڪم جو بہ ڪو فائدو ڪونہ هو تہ ڪوبہ ماڻهو مقرر حد ڪان ٻاهر نہ وڃي. پر ماڻهو اهڙن حڪمن مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. تنهن ڪري روزانو ڪا نہ ڪا زندگي ضايع تي ويندي هئي.

## دشمن جي پڇڻ جا سڀ گس سوگها

هاڻي دشمن جي پڄڻ واري رستي کي سمجهڻ اهم موضوع هو. ڇيو پئي ويو تہ ان جو وڏ ۾ وڏ مرڪزي اهم ماڳ تروڪي آهي. هي ساري ايشيا اندر ڏکئي ۾ ڏکيو ماڳ آهي جنهن جي اصلي صورتحال کي سمجهڻ، ڪنهن راز کان گهٽ ڪونہ هو جنهن جي نہ رهبرن کي پوري ڄاڻ هئي نہ جاسوسن کي ئي پورو پتو هو. هي سڀ ماڻهو بجار خان جا خطرناڪ حامي هئا ۽ هن سان ڪيل ظلمن جي پلاند ڪرڻ لاءِ آتا هئا. تنهن ڪري هو صحيح صورتحال جو سچو ۽ کرو احوال ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. ڪين اها بہ پڪ هئي تہ انگريز پلي ننهن چوٽيءَ جا زور لائين پر سوڀ بجار خان جي آهي. تروڪي جمڪ لڪ کان گهٽو پري ڪانہ هئي ۽ اها ان جابلو سلسلي ۾ موجود هئي جيڪو ريزاه واري ماٽريءَ کي سنگسيلا واري گهاري کان الڳ ڪندو آهي. انهيءَ ڪري هيٺين سوالن تي ضرور ويچار ڪرڻو هو. ڇا اهي ڏاڙيل تروڪيءَ ۾ اچي انگريزي فوج سان خونخوار جنگ ڪندا، جيڪا هڪ خوفناڪ جابلو جوءِ آهي؟ يا هو جئڪب ۽ سپمسن جي فوجن وچان گذري يا انهن کان پاسو ڪري، قلات جي جبلن ڏانهن هليا ويندا؟ ڇا انهن جو پيڇو ڪرڻ ممڪن نہ آهي؟ پر معلوم ٿئي تہ انهن جو پيڇو ڪرڻ ممڪن آهي. هنن جابلو ماڻهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هنن سان گڏ زالون ۽ ٻار ٻچا بہ آهن جيڪي هنن لاءِ وڏو بار آهن. نہ رڳو ايترو پر هنن سان چوپايو مال ۽ گهرو سامان بہ سفر ۾ گڏ آهي تنهن ڪري اهي فوجي ڪالمن وچان گذري نہ ويندا. جيڪڏهن اهي تونگ وارو رستو اختيار ڪندا تہ اتي چانڊيا ۽ مري ويٺا آهن. جيڪڏهن الياسي نئين کان ويندا تہ اُتي جئڪب فوج موجود آهي. پر جيڪڏهن تياگا گهاري جو پاسو ڏيندا تہ اتي سمپسن جي فوج سندن سامهون هوندي. جڏهن تہ سرتوف وٽ مري موجود آهن. ڏاڙيلن جو تعداد تمام گهڻو آهي ۽ حصن ۾ بہ ورهايل ڪونہ آهن، ويتر ڏرتي جو مٿاڇرو ڏاڍو اوکڙو آهي جيڪو هنن جو مضبوط بچاءُ آهي.

تروڪي جي معلومات ڪجهہ وقت تہ ملي ڪانہ سگهي. ليڪن پوءِ پتو پيو تہ سمپسن جي فوجي ڪالم هنن کي ڊيڄاري، جمڪ مان ڀوڙائي ڪڍي ڇڏيو هو. اهڙي ريت هن ڪين تومب واري گهاري مان گذرڻ کان بہ ڊيڄاري ڇڏيو هو. هي گهارو ريزاه پرسان ويڪرو ٿي هڪ ماٽريءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪل اختيار ڪري وڃي ٿو. تنهن ڪري دشمن تروڪي واري ماڳ ڏانهن وڃي ڪونہ سگهندو، پر هنن لاءِ هڪ ٻئو رستو ڪليل آهي تہ هو اوير وڃي مزاري جابلو علائقي ۾ داخل ٿيندا جيڪو چئن ئي طرفن کان پهچ جوڳو ڪونہ آهي ۽ اتاهان ۽ ايڪپرا جبل آهن. هنن ماڻهن هي علائقو هاڻي تازو خالي ڪيو هو. جنرل سر چارلس جي بہ مرضي اها آهي تہ کين ٻوڙائي اوڏانهن ڪڍي ڇڏجي. جنهن جا سبب هي آهن تہ هنن جهنگلي ماڻهن وٽ کاڌ خوراڪ جو سامان تہ موجود ئي ڪونہ آهي ۽ پنهنجي ويجهن ساٿين ۾ سندن ويساهہ ڪونہ رهيو آهي. هي رولو قبيلا آهن جن جو تهذيب سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. ان کان سواءِ ٻومبڪين ۽ جکراڻين کي ٻوڙائي بگٽين واري علائقي ۾ ڇڏي ڏيو. جيڪي اڳئي خوفناڪ ڌاڙيل جي ور چڙهيل آهن. قومي امڪان آهي تہ اهي پاڻ ۾ وڙهي بہ پون. جيڪڏهن هي ٻئي قبيلا بگٽين جي علائقي ۾ داخل ٿيا تہ هنن جو دلي آجياڻو ڪونہ ڪيو ويندو. تنهن ڪري اهي ٿئي گڏجي اچي پيش پوندا. جيڪڏهن پيش نہ پيا تہ کين ملتان ڏانهن پڄڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو. ان وقت اهي بکيا، بدحال ۽ ڇتا هوندا. جيڪڏهن اوڏانهن ويا تہ ڪيتران واري علائقي ڏي ڀڄي ويندا. جيڪو مرين جي جابلو علائقي جي اوير پاسي آهي.

هنن ڌاڙيل قبيلن جي ڀاڄ واري رستي جو اندازو ڪرڻ نهايت ضروري ٿي پيو هو. هڪ سوڙهي گهاري ۾ فوجي ڪئمپ هئي، جنهن 29 تاريخ تي اڳتي وڃي جاچ پڙتال ڪئي وئي هئي. معلوم ٿيو تہ هڪ هنڌ تازيءَ منزل جا نشان هئا. ٻاريل باهہ جو دونهون اڃا بہ دکي رهيو هو. عورتن جي سواريءَ لاءِ انن جا ڪجاوا بہ اتي موجود هئا. اها ثابتي ڪافي هئي تہ اهي ٻئي قبائلي سردار پنهنجي ٻارن ٻچن سان ٿورو وقت اڳ هتي موجود هئا. ان ڪانپوءِ انگريزي فوج جو اهو ڪالم موٽي آيو هو.

هي علائقو جابلو ۽ ويران هو جتي فوجي مقصدن لاءِ لشڪر اچي گڏ ٿيو هو. فوجي ڪالم جنهن گهاري سان مٿي وڃي بلوچن جي تازي منزل جا نشان دريافت ڪيا هئا سو ٻن جابلو سلسلن ڪري ٺهي پيو. جن مان هڪ جابلو سلسلو اوير ڏانهن ۽ ٻيو اولهہ ڏانهن وڃي رهيو هو. وچ وارو علائقو گاهہ ۾ سائو لڳو پيو هو پر پوکيءَ راهيءَ جا نشان ڪونہ هئا. اتر وارو جابلو سلسلو اچي جمڪ واري لڪ سان لڳو هو. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلسلي جا جبل اتاهان ويڪرا ۽ هيٺ مٿي هئا. پر ڏکڻ واري جابلو سلسلي کان گهٽ آهي. جنهن ۾ لولي وارو لڪ آهي، چاڪاڻ تہ پوبون جابلو سلسلو ٽونگ کان وٺي مزارين واري جابلو علائقي تائين هليو ويجي ٿو ۽ هن نالي واري جابلو سلسلي سان رلجي ملجي ويجي ٿو. جبلن وٽ ڪوره قطار اٿين نظر ايندي آهي جڻ ڪنهن قلعي جي چبوترن واري ديوار هجي جنهن جي اوچائي هڪ سو فوٽ ٿيندي: هن جابلو سلسلي ۾ ڪيترائي سوڙها گهٽ يا لڪ آهن. جن کي ڪاهيون بہ سڏي سگهجي ٿو. جن جي ويڪر ٽيهہ گز مس ٿيندي. انهن جا پاسا ايڪپرا آهن جيڪي اسيءَ کان نوي فوٽ اوچا ٿيندا. تنهن ڪري پاسي واري فوج کي جنگ ڪرڻ جو حڪم ڏئي نہ ٿو سگهجي، چاڪاڻ تہ ٽڪريون اتاهيون ۽ ايڪپريون آهن. جيئن تہ ٽڪرين جي تري واريون ڪاهيون هيٺ اونهيون آهن ۽ ايتريون سوڙهيون آهن جو هيٺ اونداهي پئي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان کان سواءِ گاهن ٻوٽن سان ڇانيل ڏسبيون آهن. هي غير آباد، ويران ۽ خطرناڪ علائقو آهي ۽ جيڪو فوجي آباد علائقي جو رهواسي هوندو سو هن جوءِ کي ڏسي هڪدم رڙ ڪندي چوندو: "ياخدا! جڏهن هيءَ دنيا جوڙي هئي تہ سارو گند ڪچرو آڻي هتي ڦٽو ڪيو هئي!"

## ويڙهہ لاءِ نئين حڪمت عملي

فوجي ڪئمپ لولي ۽ جمڪ جي وچ تي قائم ڪئي وئي هئي ۽ ائين ڪرڻ ضروري بہ هو. هي خطرناڪ جڳهہ هئي پر دشمن وٽ توبون ڪونہ هيون. پر جاءِ اهڙيءَ تي هئي جتي ويهي ٻنهي لڪن تي قبضو ڪرڻ سولو هو. ان ڪانسواءِ هن تاڪ وسيلي پنئين پاسي وارن انهن ميداني علائقين تي پڻ نظر پئجي رهي هئي، جتي ٻين لڪن وسيلي ٿيندڙ حملن بابت بيٺل گهوڙيسوار دستا ترت اطلاع ڏئي سگهيا پئي. اهڙي ريت جاسوسن جي مليل اطلاعن ۽ امڪاني ڳالهين جي ڳڌيل مطالبي مان پتو پئجي ويو هوتہ سمپسن جي فوج جڏهن جمڪ جابلو سلسلي وٽان گذري هئي تہ ڏاڙيلن جي اتحاد وارا قبائلي سردار گهارو وٺي اوير روانا ٿي ويا هئا ۽ وڃي صفا آخر تائين پهتا هئا. ان کان پوءِ گونڊئي واري لڪ کان گذري مٿ (Muth) واري ميداني علائقي ۾ وڃي نڪتا هئا. بعد ۾ رڻ پٽ علائقي جي وٽ وٺي دزڪشتہ واري جابلو سلسلي ۾ ساهہ پٽيو هئائون. جيڪو صفا اوياريون جابلو لڪ آهي. جيڪڏهن علي مراد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيت جو سچو هجي ها ۽ وقت سر ان لڪ وٽ پهچي ها تہ اهي ڏاڙيل سردار انهيءَ طرف ڪونہ وڃن ها. اهو جنگي صورتحال مطابق اهم واقعو هو. اهڙيءَ غلطيءَ ڪري بهترين جوڙيل جنگي منصوبو ناڪام ٿي ويو هو. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي ها تہ منصوبي مطابق جنگ هتي پهچي ختم ٿي چڪي هجي ها. ان ڪري جنگي سرگرميون اصل وقت کان گهٽيون وڌي ويون هيون ۽ سندس وفاداريءَ ۾ بہ شڪ پئجي ويو هو. ساڳي ريت بجار خان بہ مزارين واري جابلو علائقي وسيلي مٺ واري ميداني علائقي ڏانهن وڌڻ جون تياريون ڪري رهيو هو. ڪئپٽن مئڪمرڊو کي هڪ اسڪئاڊرن فوج ۽ بہ توبون ڏئي سمپسن کي ڳولي لهڻ لاءِ موڪليو ويو هو. ان ڪانسواءِ ڪيس اهو بہ چيو ويو هو تہ اهو بہ جاچي ڏسي تہ بگٽين جي شهر ۽ ديراه جي حفاظت واسطي ڪا پهر موجود آهي يا نہ. پر سمپسن هڪ ڏاهو فوجي عملدار هو جنهن سر چارلس جي چوڻ تي عمل ڪيو هو ۽ انهن جڳهن کي خالي ڏسي قبضو ڪري ورتو هئائين. تنهن ڪري ڪئپٽن مئڪمرڊو موٽي اچي فوجي ڪئمپ پهتو هو. ڪئپٽن سالٽر جا گهوڙيسوار دستا سيني کان اڳيان انهيءَ ڪري هلي رهيا هئا تہ جيئن سمپسن ۽ مکيہ فوج وچ ۾ رابطو رهندو اچي. فوج جي ٽنئين حصي يا دمبالي وارو شاهپور ۽ لولي لڪ وارو رابطو ليفٽيننٽ سمال پيج ۽ پوليس جي معرفت قائم هو. اهڙي صورتحال ۾ بہ ڪي رولو قسم جا ڏاڙيل جهٽ هٽڻ لاءِ ٻنهي فوجي ڪئمپن جي اوسي ناسون هٽي رهيا هئا. ڪڏهن تہ لشڪر جي دمبالي ۾ اچي حملو ڪندا هئا ۽ ڪن سست رفتار ماڻهن کي قتل ڪري اُٺ يا وهٽ ڪاهي هليا ويندا هئا.

## مهم جي ناڪاميءَ لاءِ سازشون

جنرل چارلس هن نڪتي تي گهڻو سوچيو هو ۽ آخر هن نتيجي تي پهتو تہ اڳين پيش قدمين دوران ڪيترا ڏاڙيل تولا ۽ ڪيترو ئي چوپايو مال اڳيان گذريو هو پر انهن کي ڪجهہ ڪونہ چيو ويو هو. پر انهن پيش قدمين جو اهم اصول اهو هو تہ اهو چوپايو مال ڏاڙيلن کان کسجي ڪين غير آباد ۽ ويران علائقن ڏانهن ڀوڙائي ڇڏجي. اهڙي مقصد سان هن جان نيپئر کي اٺ سوار فوج ۽ 13 ريجمينٽ رضاڪار حوالي ڪري، تونگ واري گهاري جي نگرانيءَ لاءِ موڪليو هو. ان کان سواءِ زري ڪوشتہ وٽ ترسيل گهوڙيسوار اسڪئاڊرن کي بہ سندس مدد ڪرڻ جو چيو ويو

جنهن ساڳئي مقصد سان وچي جبل جي وٽ جهلي هئي. سنڌس چوڻ هو تہ چوپايو مال ضرور پاڻي پيئڻ ايندو ۽ هن اهو صحيح چيو هو. جان نيپيئر هڪ پرجوش ۽ ذهين فوجي سپاهي ۽ اٽل ارادن جو مالڪ هو. جيڪو 31 تاريخ تي واپس آيو هو. پاڻ سان ٻہ هزار ڪن چوپايو مال ڪاهي آيو هو. فوجي ڪئمپ ۾ اها چئون پچئون هئي تہ هيءَ فوجي مهم ناڪام ٿي ويندي. اهو بہ چوپول ٻڌجي رهيو هو تہ هن ساري مهم دوران ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ جنگي واقعو ٿيو آهي ۽ هنن ٻن ٽن واقعن کي جنگي مهم جو نتيجو سڏي ڪونہ ٿو سگهجي. سر چارلس نيپيئر کي چٽرن جو نشانو بڻايو ويو ۽ جنهن لاءِ ناڪاميءَ جون اڳڪٿيون ڪيون پيون وڃن. هن مٿان مشڪلاتن جي صحيح اندازن نہ ڪرڻ جا الزام گهڙجي رهيا آهن، جيڪي سڀ بي بنياد آهن، جن جو حقيقت سان ڪو واسطو ئي ڪونہ آهي. هن مٿان ٽوڪون ۽ ٺٺوليون ڪندي چيو ويو هو تہ هو بجار ڏومبڪي کان ٻہ ٻہ رتيون وڌيڪ ڏاڙيل آهي. هن ڪائنس ڇهہ ٻڪريون ڦريون ۽ سندس ماڻهو قتل ڪيا آهن ۽ اناج ڦريو آهي. ڪيترن ماڻهن کي ويران علائقن ڏانهن ڀڄي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي جن کي کاڌ خوراڪ ڪونہ ملندو ۽ مري ناس ٿي ويندا." علي مراد بہ اڄي زري ڪشتہ وٽ پهتو هو جنهن سان ٻہ هزار فوج ۽ ڏهہ توبون هيون جيڪو فوجي ڪئمپ جي دمبالي ۾ منزل ڪري وينو هو. پر منصوبي مطابق هن کي ڏهہ ڏينهن اڳ گونڊئي ۾ هجڻ گهربو هو ۽ اتحادين کي نڪري وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪيس لڪن وارا گهَٽَ جهلي ويهڻو هئو. انهن ماڻهن لاءِ گهيري ۾ هجڻ ڪري پيش پوڻ کان سواءِ ڪو ٻيو گس ڪونہ هجي ها.

هن فوجي مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ساري فوج موجود هئي ۽ فوج جي تہ جوڻءَ بہ ننڊ هئي. ٻئي پاسي کان جابلو ماڻهن جوابي حملا شروع ڪري ڏنا هئا ۽ فوج جي موجودگي کي ڪجهہ سمجهندا ئي ڪونہ هئا. ڏاڙيلن جي ڪن ماڻهن انگريز فوج جي دمبالي واري حصي تي حملا بہ ڪيا هئا. اهڙيون حقيقتون دهلي گزيٽ ۽ بامبي ٽائيمس اخبارن ۾ بہ اچڻ لڳيون هيون. جن سر چارلس جي هن جنگي مهم کي سخت غلطي ۽ خطرو قرار ڏنو هو. سندن اهو بہ چوڻ هو تہ اهڙي ڳنڀير وايومنڊل ڪري خوف پکڙجي ويو آهي. "بامبي ٽائيمس" اخبار هن مٿان کلي رهي هئي تہ بجار ڪڏهن بہ شڪست ڪونہ کائيندو. فوج جو

ڪمانڊر پنهنجي ساري فوج سميت اڄ بڪ مري ناس ٿي ويندو. ڊاڙيلن جون تراريون کين ڪپي ذرا پرزرا ڪري ڇڏينديون ۽ جابلو ماڻهو ناقابل شڪست قوت آهي. . . ." انهن اخبارن جي چاڙتن وري اهو به چوڻ شروع ڪيو هو ته سر چارلس جو جانشين شڪارپور جو به تحفظ ڪري ڪونه سگهندو. چاڪاڻ ته هن جنرل حالتون ئي اهڙيون پيدا ڪيون آهن. هنن ماڻهن اهڙو سبق "بامبي ٽائيمس" جي سربراهه بسٽ وٽان سکيو هو جيڪو لڳاتار چئي رهيو هو ته سر چارلس شڪارپور جو شهر سنڀالي ڪونه سگهندو. چاڪاڻ ته بجار جا اتحادي هن شهر تي حملو ڪندا ۽ هن کان سندس پلاند وٺندا. ان سان گڏ اهڙن ماڻهن کان انتقام ورتو ويندو جيڪي جابلو ماڻهن جي قتل ڪرڻ ۾ هن جنرل جا ساٿي هئا.

ڊاڙيلن جي اهڙن حملن ڪري جتن، شاهپور وٽان گذرڻ کان نٽ انڪار ڪري ڇڏيو هو. چاڪاڻ ته سندن اٺن تي ڪاڏ خوراڪ جو سامان لڏيل هو. ٻي رات اهي پنهنجا اُٺ ڪاهي کسڪي هليا ويا. انهن ماڻهن جو تعداد پنج سؤ هو. سنڌي نيڪيدار ۽ جت ڪاڏ خوراڪ جي سامان جي ڍوئيءَ تان ڦري ويا ۽ ورتل نيڪن تان به هٿ کڻي ويا. جتن ته پنهنجي ڏاڳهن کي سرڪاري ماڻهن کان لڪائي ڇڏيو هو. چاڪاڻ ته کين پڪ هئي ته انگريزي فوج پٺي ويندي ۽ بجار خان جي حملي جي سٽ سهي ڪانه سگهندي. فوج کان بار ڍوئيندڙ جانور اوچتو الڳ ٿي ويا هئا. تڪڙين منزلن ڪرڻ ڪري رسدگاهه جا اٺ به ڏٻرا ٿي ويا هئا. ڏٻرو اٺ جلد پاڻيرو ٿي ڪونه سگهندو آهي. فوج اندر اڳ جيڪي ڳالهيون سرٻاتن ۾ ٿينديون هيون سي هاڻي وڏي واڪ ٿيڻ لڳيون هيون. فوجي به چوڻ لڳا هئا ته بجار خان کي مارڻ مشڪل آهي. ساڳئي وقت انگريزي فوج جي رابطن تي به حملا ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ ايندڙ ويندڙ سرڪاري خطن کي ڏينهن ۾ به پيرا روڪيو ويندو هو. مقرر ٿيل اهڙن سرڪاري ملازمن کي قتل ڪيو ويندو هو جيڪي سرڪاري خط آڻيندا ۽ کڻي ويندا هئا. اهڙي ريت ڊاڙيلن رسدگاهه جا سورهن اٺ به ڦري ورتا هئا. فوجي ڪئمپ تي اڳئين کان وڌيڪ حملا ٿي رهيا هئا. ان کان پوءِ رسدگاهه جا سٺ اٺ ڦريا ويا هئا ۽ جتن کي قتل ڪيو ويو هو.

اهڙين ڪارروايـن جو نتيجو اهو نڪتو هو جو سڀ بارڪيون فوجي مهم کي ڇڏي هليا ويا هئا. تنهن ڪري خوف ٿي پيو هو ته متان اها مهم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪجي نہ وڃي. اوڙي پاڙري وارا قبيلا بہ سمجهي رهيا هئا، هيءَ فوجي مهم ناڪام ٿي وئي آهي. چاڪاڻ تہ هن کان اڳ انگريزي فوج کي پنج ڀيرا ناڪاميون نصيب ٿيون هيون ۽ ڏاڙيلن کي شڪست ملي ڪانہ سگهي هئي. ان ڪري هر ڪو سمجهي رهيو هو تہ انهن سان جهيڙو ڪري ئي ڪونہ ٿو سگهجي. اهڙي صورتحال کي محسوس ڪندي، قلات جا مري ۽ بروهي قبيلا بہ انگريزي فوج کان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ سوچي رهيا هئا. چاڪاڻ تہ انهن تي بہ بلوچن جي باغيانہ ڪارروائين جو اثر ٿي رهيو هو ۽ ائين ڪرڻ لاءِ سوچي بہ رهيا هئا. انهيءَ ڪري ڏاڍي رتو چاڻ ٿئي ها. پر جنرل چارلس اهڙن واقعن کي ٽارڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪري رهيو هو. هي ماڻهو ڏاڍو دلير هو جيڪو مشڪل حالتن هوندي بہ مايوس ڪونہ ٿيو هو.

## سازش کان بي پرواهہ ٿي سوپ لاءِ ڪيل ڪوششون

سرڪاري اٺن لاءِ رڻ ۾ ننڍيون وڏيون ٻوٽيون جام هيون، جن ۾ وڳ پيا چوڏس وڙڪندا هئا. رڻ جي وٽ پاسي گاهہ جا ٿپا موجود هئا، جتي سرڪاري گهوڙا پيا چارئي پهر چرندا هئا.

ان کان سواءِ جمڪ گهاٽ پرسان بہ جام گاهہ بيٺو هو پاڻي لاءِ کوهہ کوٽي ڇڏيا هئائون. جتن جي پڇي وڃڻ کان بہ مهينا اڳ ٻن مهينن جو فوجي سامان ۽ پندرهن ڏينهن جي ڪاڌ خوراڪ موجود هئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ اهڙيون شڪايتون اچڻ لڳيون هيون تہ پاڻي موجود ڪونہ آهي. تنهن ڪري هن کوهن کوٽڻ لاءِ ڪي ڏاها ڪاريگر روانا ڪيا ويا، جن موٽي اچي ڪيس ٻڌايو تہ پاڻي تہ جام آهي، پر ان ۾ گندرف موجود آهي. اها ڳالهہ ٻڌي جنرل چيو ان پاڻيءَ کي اوباري استعمال ڪيو وڃي. ڪانئس پڇيو ويو تہ جيڪڏهن ڏڪار ڪاهي پيو تہ پوءِ ڇا ڪيو ويندو. تنهن تي جنرل وراڻيو هو تہ فوجي سپاهيءَ کي هر قسم جا ڏچا ۽ ڏک سهڻا هوندا آهن ۽ ائين ڪرڻ سندن فرض ۾ شامل هوندو آهي. هن جنرل ايٽرن ڏکن ڏوجهرن هوندي هيٺي ڪانہ ٻولي هئي. هڪ ڀيري چيو هئائين تہ جيڪڏهن ڏڪار ڪري مون کي گهوڙا ڪهي ڪاٽا پيا تہ ائين بہ ڪندس پر بجار ڏاڙيل کي ڪونہ ڇڏيندس. ڪيس پڪڙي سڪ جو ساهہ کڻندس. مان انهن ماڻهن جي ڳالهين پٺہ بہ ڪونہ ٿو ڊجان جيڪي

هرويرو پيا چاڙهي هٽندا آهن. ڪين هن ڳالهه جي ڳوٺ ٿي ڪانه آهي ته هيءَ فوجي مهم ڪيڏي اهم آهي. مان سمجهان ٿو ته اهو هڪ نهايت ڳنڀير مامرو آهي. مون وٽ ڪنهن به وسيلي جي ڪوٺ ڪانه آهي. سرڪاري اٺن ۾ ڪجهه ڪرڻ لاءِ اجا به ڍيل ۽ ڍپ آهي. گهوڙيسوار فوجين کي چئبو ته پيادل هلن ۽ وهٽن کي لَڏَ ڪٽڻ لاءِ ڪم آڻن. اٺ سوار فوج به ته اٺين ڪري سگهي ٿي. اهي فوجي ڏاڍي ڏيرج سان اهو ڪم ڪندا ۽ ڪنهن به قسم جو اعتراض ڪونه ڪندا. اهي جيڪي سرباٺ تي رهيا آهن سي منهنجو هنيانءُ هيٺو ڪري ڪونه سگهندا. اٺين ته ويتر منهنجا پير مضبوطيءَ سان ڌرتيءَ تي کپي رهيا آهن ۽ ڪڏهن به پوئتي هٽڻ لاءِ تيار ڪونه آهيان. ديراهه جو شهر قليجي سميت منهنجي هٿن ۾ آهي. هيءُ هڪ مرڪزي ماڳ آهي، جتان فوج ڪيڏانهن به وڃي سگهي ٿي ۽ هوريان هوريان انهن ماڳن کي حاصل ڪري رهي آهي، جن تي دشمنن جو قبضو آهي. مرين به جاڪوڙ ڪري ڏاڙيلن کي اتر تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته ڏکڻ واري جابلو علائقي وٽ بيهي علي مراد ۽ انگريز سرڪار جا گهوڙيسوار انهن تي نظر رکي رهيا آهن. مان جنهن انداز ۾ ملتان جي حڪمران سان ڳالهايو آهي، تنهن سک حڪمران کي لوڏي ڇڏيو آهي. هڪ پاسي ميجر براڊ فوٽ جي سياسي حڪمت عملي ڪم ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف اسان بک کان بدحال ٽيل ٽي قبيلا سندس ملڪ کي ٻيجي ڇڏيا آهن. جن جي ڪيڏ انگريزن جي فاتح فوج لڳل آهي. تنهن ڪري پڪ آهي ته سک حڪمران پنهي مان ڪنهن جو پاسو به ڪونه وٺندو. ساڳي ريت ڏاڙيل ڪيتران واري پاسي کان به اڳتي وڌڻ کان روڪيا ويا آهن. چاڪاڻ ته جاسوسن جو چوڻ آهي ته پنهنجي قبيلي جي خان، حاجيءَ پنهنجي نائيءَ اسلام بگٽيءَ کي چيو آهي ته جيڪڏهن هو انگريز فوج جي دٻاءَ ڪري هيڏانهن ايندو ته سندس ضرور آجيان ڪئي ويندي، پر ان جي ساٿين کي هتي رهڻ ڪونه ڏنو ويندو. تنهن ڪري هو ڏومبڪين ۽ جکراڻين کي پاڻ وٽ رهڻ ڪونه ڏيندو.

پر لاڏو جانورن جي تمام گهٽي ضرورت هئي. اها اهڙي پريشاني هئي جنهن ڪري ماٺهو واٽڙا ٿي پيا هئا. جنهنجا نتيجا به ڏاڍا ڳنڀير نڪري سگهن ٿا. اهڙي ماحول ۾ جڏهن سوپ اچي سٽائي پوندي آهي ته لاڏو

وهٽن جي نہ هئڻ ڪري فوج محتاج ٿي رهجي ويندي آهي. هي وقت اهڙو آهي جو بجار جي ڪڏ تيز رفتاريءَ سان پيڇو ڪرڻ لازمي آهي. جيڪڏهن اسان ان کي ختم نہ بہ ڪري سگهياسون تہ ڪيس وڏو ڌڪ هڻي سگهنداسون. هاٺي تہ ڪئمپ ۾ فقط ٻارهن ڏينهن جو کاڌ خوراڪ موجود آهي. پر ان کان پوءِ فوج شاهپور کان پوئتي هٽڻ شروع ڪندي. بعد ۾ بجار جي فتح جا هُل هلي ويندا. هڪ قبيلو فتح جي خبر ٻئي کي ٻڌائيندو. اهڙي ريت ساري جابلو جوءِ ۾ سوڀ جا راماٽا مچي ويندا. اهڙو چوٻول وچي ٻولان لَڪَ تائين دنگ ڪندو. انهن چوٻولن جو پڙاڏو هالار جبل ۽ سيوهڻ تائين بہ وچي پهچندو. ان کان پوءِ بلوچ قبيلا تلوارون، ڀالون ۽ توڙيدار بندوقون کڻي سنڌ جي سڪين ستابن ۽ آباد ميداني علائقن ڏانهن ورڻ شروع ڪندا جيڪو وحشت ۽ بي رحميءَ جو هڪ زوردار طوفان هوندو. جاسوسن وسيلي اطلاع مليو آهي تہ ڪيترن جو سردار انگريز سرڪار جو سچو ۽ کرو ساٿي آهي، پر جيڪڏهن هو انگريز فوج خلاف اهڙيون ڪوڙيون خبرون ٻڌندو تہ سندس ارادو تبديل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن لاڏو اٺ هٿ ڪري بہ سگهجن، تہ بہ فوجي پيش قدمي متاثر ٿي سگهي ٿي. مارچ مهيني تائين هن رڻ پٽ ۾ سخت گرميءَ جي موسم اچي ويندي. تنهن ڪري انگريزي فوج هتي پير ڄمائي ويهي ڪانہ سگهندي. ان وقت فوج تہ وڙهڻ لاءِ تيار هوندي پر ڪين اهو ويساهہ ويهي ويو آهي تہ سوڀ حاصل ڪري ڪانہ سگهبي، پر سڀ فوجي انگريز ڪونہ آهن. ڇا اهڙا فوجي هر منزل تي اڌ خوراڪ تي راضي ٿي سگهن ٿا؟ ڇا جيڪڏهن فوج هڪ جڳهہ تي ڳُپ ڪوڙي ويهي رهندي تہ بيزاري تہ ڪانہ ٿي پوندي؟ پر بي چيني پيدا ٿي پوندي. ان کان سواءِ قتل ۽ چورين جي واقعن بہ ڪئمپ کي واٽڙو ڪري ڇڏيو آهي؟ جت قتل پيا ٿين ۽ لاڏو جانور چورايا پيا وڃن، ڇا هنن ڳالهين جو ڪو اثر ڪونہ ٿيندو؟ هن فوجي ڪئمپ جي سامهون آڏيون ۽ اُيڪيريون ٽڪريون ڏسجي رهيون آهن انهيءَ جابلو علائقي ۾ تہ سچ پئي تي واڪا ڪري. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ وايو منڊل ڏاڍو اٽانگو آهي. اهڙي ماحول ۾ خود فوجي اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن جن مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ بجار سان جهيڙو ڳنڍڻ مشڪل ڪم آهي.

انهيءَ زماني ۾ گهٽو ڪري هر ڪنهن جي سوچ اهڙي هئي. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي مصيبت ڪي تہ اڳئي عقلمندي سان ٽاريو ويو هو. جيڪڏهن انهيءَ زماني ۾ جمڪ جي اوسي پاسي، قبائلي سردارن جو تيز رفتاريءَ سان پيڇو ڪجي ها جنهن وقت فوج اڃا ڦهريون پيرو هن ماڻريءَ ۾ قدم رکيو هو تہ ڏاڍو چڱو ٿي وڃي ها. ان وقت اهي جت بہ فوج سان جمڪ لڪ تائين گڏ هلن ها جيڪي پوءِ ڏڄ کان پڇي هليا ويا هئا. جڏهن فوج جمڪ لڪ وٽ پهچي وري ڪاٺ خوراڪ لاءِ پوئتي موٽي وڃي ۽ وري واپس اچي ها تہ بجار ۽ سندس اتحادي تيستائين فوج جي غير حاضريءَ دوران لڪن تي قبضو ڪري وٺي ها تہ انهن کي پڪڙڻ اڪ جي ماکي جيان سولو هجي ها. پر پوءِ پتو پيو تہ هي بلوچ ڏاڙيل گهارو وٺي گنڊوئي طرف هليا ويا هئا. چاڪاڻ تہ کين محسوس ٿيو هوندو تہ سر چارلس جمڪ لڪ کان نڪري اڳتي وڌندو ۽ پنهنجي پٺيان سيني لڪن کي هنن بلوچ سردارن لاءِ کليو ڇڏي ڏيندو. انهيءَ لاءِ جيئن اهي مٿن قبضو ڪري وٺن. اهو جنگي منصوبو خطرناڪ ۽ مشڪل هو. چاڪاڻ تہ هن انگريز جنرل کي هن بهادر ويڙهاڪن سان هن ويران رڻ پٽ، خشڪ ۽ خوفناڪ جابلو علائقي ۾ جهيڙو ڳنڍيٽو هو. جيڪي سنڌن چوڌاري ڪاريهر نانگن وانگي ڦري رهيا هئا ۽ ويڙهہ وقت ڦڻ ڪڍي وڙهندا هئا تہ شينهن وانگي حملا ڪندا هئا.

## خان آف قلات جي وفاداريءَ جو پيغام ۽ وزيراعظم جي معافي طلبي

ياڳ جي ڳالهہ اها هئي جو جنگ جو فيصلو ڪندڙ مهان شڪتي جنرل چارلس خلاف ڪانہ هئي. هن نازڪ صورتحال دوران قلات جي خان جو وڪيل اچي هن وٽ پهتو هو. جنهن اچي جنرل کي ٻڌايو تہ هو خان طرفان وفاداريءَ ۽ دوستيءَ جو پيغام کڻي پهتو آهي. معلوم اٿين ٿي رهيو هو تہ انگريز فوج جي اُچ ۽ شاهپور تي ڪيل اوچتن حملن قلات جي شاهي دربار کي ڇرڪائي ڇڏيو هو. ان کان سواءِ قلات جي وزيراعظم بہ شخصي طور انگريز دوستيءَ جي کُلي حمايت ڪئي هئي. ان جو ڪارڻ اهو جو سندس ياءُ دريا خان ڏانهن خط لکيا هئا، جي انگريزن خلاف هئا ۽ اهي وچ ۾ پڪڙجي پيا هئا. تنهن تي سر چارلس هن ڏانهن پيغام موڪليو هو تہ جيڪڏهن غداريءَ جون اهي سرگرميون بند نہ ٿيون تہ توهان ٻنهي ڀائرن کي قتل ڪيو ويندو يلي پوءِ ڪٿي اوهان بخارا ڏانهن ڀڄي وڃو. ظاهر ۾ تہ هي وڪيل قلات جي خان جي طرفان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستيءَ جو پيغام ڪٺي آيو پر ڳجهه ڳوهه ۾ وزيراعظم جي خطا کي معاف ڪرائڻ آيو هو. هن، انگريزجنرل کي بولان لڪ جي اوسي پاسي وارن قلعن کي ڪتب آڻڻ جو اشارو ڏنو هو. ان بابت خان کي يقين ڏياريو ويو هو تہ جنرل هن جابلو علائقي ۾ فقط ڇهہ مهينا رهي هليو ويندو. باقي ان علائقي ۾ نون قلعن جي تعمير انهيءَ مقصد سان ٿيندي تہ انهن ۾ انگريز فوج مستقل طور رهندي. هن ڪان پوءِ منشي علي اڪبر کي قلات موڪليو ويو هو تہ جيئن خان انگريز فوج لاءِ اَنَ جي امداد ڏئي. ان ڪان سواءِ منشيءَ قلات جي وزيراعظم کي خانگي طور اهو ٻڌايو هو تہ جنرل هن شرط تي اوهان ٻنهي ياٿرن کي معاف ڪندو ۽ هن شرط سان انگريز سرڪار اوهان کي پنهنجو وفادار دوست تسليم ڪندي جيڪڏهن اوهان وفادار رهڻ جو واعدو ڪندا. پر جيڪڏهن اوهان هن وقت اَنَ مهيا ڪيا تہ توکي سنڌ ۾ جاگير بہ عطا ڪئي ويندي. پر اهم شرط وفاداري هوندو. اُنن حاصل ڪرڻ لاءِ اها حڪمت عملي ڏاڍي سٺي هئي، پر انهيءَ طريقي سان قلات جي قبائلي سردارن کي هن مشڪل دور ۾ بغاوت ڪرڻ کان بہ روڪيو ويو هو.

## بجار کي هٿيڪي ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي

هن وقت علي مراد کي چيو ويو هو تہ گنبوئي لڪ ڏانهن وڃي. هو جڏهن زري ڪوشتہ ۾ موجود هو تہ شاهپور سان رابطي جو ڪم ڏيندو هو. پر سندس ماٺهو ڳجهہ ڳوهہ ۾ هن علائقي ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ڌاڙيلن سان ٻڌل هئا. هي ٽالپر حڪمران جنرل جي چوڻ تي اڳتي روانو ٿيو. ان کان پوءِ سر چارلس انگريز گهوڙيسوار دستن کي پاٽيءَ وارين جڳهن تي قبضي ڪرڻ لاءِ موڪليو. پر جيڪڏهن جت ڇڏي نہ وڃن ها تہ هنن گهوڙيسوار دستن کي اهو ڪم ڪرڻو نہ پوي ها. بعد ۾ هن مري سردار کي دوستيءَ جي سنگهر ۾ وڌيڪ سوگهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ڇاڪاڻ تہ سر چارلس کي شڪ ٿيو تہ سندس نيت ۾ کوٽ پيدا ٿي رهيو آهي. اهڙي ريت کيس پنج هزار رپيا انهيءَ مقصد سان ڏنا ويا هئا تہ هو بجار کي پڪڙي انگريزن جي حوالي ڪري. ان معاملي جي طئي ٿي وڃڻ کان پوءِ هن جڪب کي چيو تہ چانڊڪين ۽ مرين کي ڇڏي ڏئي تہ هو پلي پنهنجن علائقن ڏانهن هليا وڃن. ڇاڪاڻ تہ هنن پنهنجي فرض جي ادائگي پوري ڪري ڇڏي آهي. ڇاڪاڻ تہ کيس محسوس ٿيو

هو تہ هنن نازڪ حالتن دوران فوجي ڪئمپ پرسان تورا بلوچ سردار هجڻ گهرجن. هُن جنرل، بجار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اها حڪمت عملي اختيار ڪئي جيڪا هو اڳي بہ استعمال ڪري چڪو هو. هن جئڪب کي چيو تہ هو هن ريت خط لکي تہ "تازه دم فوجون اچي رهيون آهن. انهيءَ ڪري جمڪ لڪ وٽ موجود قلعن جي مرمت ڪري مضبوط ڪيو وڃي. اها فوج بجار جي قتل ٿيڻ تائين اتي رهندي پر جنرل جي خواهش ڪيس قتل ڪرڻ جي نہ پر قيد ڪرڻ جي آهي ۽ جنرل ان سردار يا قبيلي کي وڏو انعام ڏيندو جيڪو بجار کي زنده پڪڙي سنڌس حوالي ڪندو." ڪيس اها بہ هدايت ڪئي وئي هئي تہ اهو اهڙي طريقي ۽ اهڙي رستي سان موڪليو وڃي جو وچ تي بگٽين کي هٿ لڳي وڃي."

اهڙي ڪم ڪان پوءِ هو سارو ڏيان فوجي ڪم ڪار ڏانهن ڏيڻ لڳو ۽ ڪئمپ ۾ رهيل فوج کي سرگرم ڪري ڇڏيائين. اهو بہ حڪم ڪيائين تہ فوجي ڪئمپ جي اوسي پاسي واري علائقي جي صفائي ڪئي وڃي. هن هنتر کي فوجي ڪالم ڏئي اڳتي روانو ڪيو تہ جيئن هو پروارن گهارن ۾ تڪرين تي وڃي قبضو ڪري وٺي.

## ڏاڙيلن جي ديده دليري

انهيءَ وقت ڏاڙيل بہ دلير تي ويا هئا. جيڪي رات جو فوجي چوڪين پرسان اچي گذرندا هئا. هڪ رات انهن مان پنجن ڏاڙيلن ان تنبوءَ پرسان ٻن ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هيڊ ڪوارٽر قائم ٿيل هو. هنتر انهن ماڻهن کي قتل تہ ڪري ڇڏيو پر هنن انگريز فوج سان ڏاڍي بهادري سان ويڙهہ ڪئي هئي. انهن مان هڪ جي جڏهن سيني ۾ بئنيٽ کپي وئي، تہ بہ هن پنهنجي دشمن تي قاتلانہ حملو ڪيو. انگريز فوجي ٻي واهہ نہ ڏسي مٿس تفنگ جو فائر ڪري هن مان جان ڇڏائي ۽ پوءِ بہ بئنيٽ ڏاڙيل جي سيني ۾ ٽنبيل رهي. ساڳئي وقت سمال پنج جي ماتحت پوليس تڪرين جي ڏکڻ پاسي کان تمام گهڻو چوپايو مال هٿ ڪيو هو. ان ئي وقت علي مراد کان بہ خط اچي پهتو هو جنهن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ ٿوري مقابلي کان پوءِ ڪيس ڇهہ اٺ ۽ چوپائي مال جا ٽي سؤ کن ڍور هٿ لڳي ويا آهن.

## کهيري جاسوس جي رپورٽ

ان موقعي تي هڪ کهيري جاسوس خبر آندي تہ اتحادي سردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مضبوط جاءِ وٽ موجود آهي. جيڪا هتان ويهارو ڪن ميل پري ٿيندي. اهي سردار بک ۾ پاهه تي مري رهيا آهن.

## بجار جو پيش پوڻ لاءِ راضپو ۽ نيپئر جا شرط

ٻئي ڏينهن ڪئپٽن مئليٽ، علي مراد وٽان آيو جنهن ٻڌايو ته بجار پيش پوڻ چاهي ٿو. هتي ته انگريز فوج جي صورتحال ڏاڍي نازڪ هئي. جيڪا هوريان هوريان سڌري رهي هئي ۽ کيس عزت ۽ وقار نصيب ٿي رهيو هو. پر اهڙيءَ خطرناڪ صورتحال هوندي به هن دلير جنرل ڪڏهن به گهبرايو ڪونه. پر موقعي تي جنگ کي هڪدم بند ڪرڻ خطرناڪ هو. تنهن ڪري هن وراڻيو هو ته بجار خان اچي ۽ پنهنجا هٿيار اچي منهنجي قدمن اڳيان رکي. ان کان پوءِ پنهنجن ماڻهن سان گڏ درياهه جي ڪاٻي ڪناري ان علائقي ۾ رهندو جيڪو مان چونڊيندس. ان کان پوءِ کيس معاف ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن هن اهي شرط قبول نه ڪيا ته کيس قتل ڪيو ويندو ۽ مون وٽ جي هڪ سؤ ٻوميڪي قيدي آهن تن کي به ڦاسي ڏني ويندي.

انهن قيدين کي قتل ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونه هو پر کيس دهمان ٻڌڻ لاءِ ائين چيو ويو هو پر هتان نڪري وڃڻ وارو شرط صحيح ۽ سچو هو. پاميي به جڏهن سلسليءَ جي ساموندي ڌاڙيلن کي ڪڍيو هو ته هنن به اهڙا ساڳيا شرط رکيا هئا. سر چارلس نيپئر جي سوچ هئي ته جيڪڏهن هنن ڌاڙيلن کي ان علائقي مان ڪڍي ڇڏي، جنهن ۾ هو ڦرلٽ جون ڪارروايون ڪندا آهن ۽ انهن کي پوکي راهي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪبو ته اهي پنهنجون اهي گنديون عادتون ڇڏي ڏيندا. هي سمجهي رهيو هو ته اهي ڌاڙيل ضرور هئا پر بهادر به هئا. کين ڪوشش ڪري شريف ٻڻائي سگهجي ٿو. هي ماڻهو ڌاڙيل ضرورت ۽ جهالت ڪري ٿيا آهن. هاڻي اهي پنهنجي هن ڌنڌي کان خوش ناهن. سنڌس مرضي هئي ته هنن کي ڪوشش ڪري شريف ٻڻائجي پر قتل نه ڪجي.

## فزجيرالڊ جي اڳواڻيءَ ۾ اُٺ سوار فوج جي نئين ذميواري

تاريخ 5 فيبروري تي هڪ فوجي دستي گشت ڪندي ڪيترن هٿياربندن کي قتل ڪري ڇڏيو جيڪي لڪن پرسان گهمي رهيا هئا. ان کان فوج جي دمبالي تي سؤ فوجي ڪڍي، سمپسن جي حوالي ڪيا،

جنهن ديراهه واري علائقي ۾ پاڻ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو هو. انهيءَ زماني ۾ ڏڪار به ويهون وجائي ڇڏيون هيون. جنهن فوج کي واٽڙو ڪري ڇڏيو هو. هٽ اينڊز چوپايو مال ڪئمپ کي واڪ تي وڪرو ڪيو ويندو هو. جيڪو ڪاڌ خوراڪ جو هڪ وسيلو بڻجي ويو هو. هيءَ هندستاني فوج جا هر تي فوجي ساٿي گڏ هوندا هئا. تنهن ڪري اهڙي ڪاڌ خوراڪ گهٽو وقت هلي ڪانه سگهندي هئي. لاڏو اُٺ به هنن وقت تائين هٽ اچي ڪونه سگهيا هئا. جنرل چارلس ڏاڍو مجبور تي پيو هو. تنهن ڪري هن فزجيرالڊ جي اٺ سوار فوج کي ڪاڌ خوراڪ کٽي اچڻ لاءِ شاهپور موڪليو. کيس اهو به حڪم ڏنو ويو هو ته اهڙي پيش قدميءَ دوران تونگ واري گهاري وٽ بيٺل فوج جي پڻ مدد ڪري. جيڪڏهن انهيءَ ماڳ جي اوسي پاسي کيس ڪو دشمن نظر اچي ته متس حملو ڪري. ان کان سواءِ هن اٺ سوار فوج جي بهادريءَ جي پڻ نمائش ڪرڻي هئي ته اها فوج پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ سيني کان اعليٰ ۽ اوچي آهي. ياڙي تي هلندڙ لاڏو اٺ اهو سفر ڇهن ڏينهن ۽ ڇهن راتين ۾ سر ڪري سگهن ها. انن جي ان قافلي جي سلامتي لاءِ پهريدار فوج به مقرر ڪئي ويجي ها. پر فزجيرالڊ جي اٺ سوار دستي اها پنهنجي مدد پاڻ ڪئي هئي. چاڪاڻ ته اها پاڻ به فوج هئي. هن فوج حڪم موجب گهاري واري فوج کي به مدد ڪئي ۽ شاهپور تائين سفر ۾ فقط هڪ ڏينهن هڪ رات وتي هئي ۽ پنجاهه ميل پنڌ ڪري منزل کي پهتي هئي. ان کان پوءِ انن تي پنجيتاليهه هزار پائونڊ اٽو کٽي، 8 تاريخ جي صبح جو اچي فوجي ڪئمپ پهتا هئا. هن فوج اوٺ موٽ جي ساري سفر ۾ تي ڏينهن ۽ به راتيون ورتيون هيون. ان ساڳئي ڏينهن علي مراد وٽان پيغام پهتو ته نه رڳو بجار خان پر بيا سردار به پيش پوڻ لاءِ تيار ويٺا آهن.

## پيش پوندڙ سردارن تي دباءُ وڌائڻ لاءِ حڪمت عملي

اهڙين مثبت ڳالهين جي واقع ٿيڻ مان معلوم ٿي رهيو هو ته اهو چارلس جي سوچ فڪر جو نتيجو آهي. هن جنرل جي خواهش هئي ته اهڙي سونهري وجهه مان ترت لاڀ پرائڻ گهرجي. تنهن ڪري هن فزجيرالڊ جي واپس اچڻ کان به تي ڪلاڪ پوءِ سيبري لڪ ڏانهن روانو ٿيو جيڪو علي مراد جي فوجي ڪئمپ کان اوير پاسي هو. هن هنٽر کي مختصر فوج سان جمڪ لڪ وٽ ڇڏيو هو. کيس چيو ويو هو ته هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمعي ۾ لولي واري لڪن تي نظر رکندو رهي. سنڌس هن پيش قدميءَ جو مقصد پيش پونڊز سردارن متان دٻاءُ وجهڻ هو ته جيئن هو پيش پوڻ ۾ دير نه ڪن. جنرل جڏهن علي مراد جي ڪئمپ وٽان گذريو ته هن ڪيس ايلاز منٿون ڪيون ته هو سيبري لڪ کان اڳتي نه وڃي. چاڪاڻ ته سنڌس اڳتي وڌڻ سان سردار ڊڄي وٺي گوڏن تي زور رکندا ۾ پيش پوڻ جو ارادو تبديل ڪري ڇڏيندا. جنرل سنڌس چوڻ تي عمل ڪيو ۽ گهٽي رتو چاڻ ڪرڻ کان بچي ويو ۾ سيبري لڪ وٽ 4 تاريخ تائين ويٺو رهيو.

## بلوچ سردارن تي بغاوت لاءِ مهلت وٺڻ جو شڪ

ان کان پوءِ ڪيس شڪ ٿيو ته بلوچ سردار بغاوت ڪرڻ لاءِ مهلت وٺي رهيا آهن. انهيءَ وقت هن چيو هو ته ”مان هنن رڻ پٽ جي نانگن تي ويساهه ڪري ڪونه ٿو سگهان. ٻئي ڏينهن تي سنڌس ٽپال جا سرڪاري خط آٽيندڙ عملي تي به سؤ جکراڻين حملو ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ انگريز جنرل جا ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا هئا. انهن جکراڻين بهانو ڪيو هو ته هو انگريز فوج جي اريگيولر گهوڙيسوار فوج سان تعلق رکن ٿا ۽ سرڪاري خط آٽيندڙ سرڪاري ماڻهن سان دوستاڻي ماحول ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳا هئا. ان کان پوءِ جکراڻين اوچتو وار ڪري، جکراڻين ان ماڻهوءَ کي قتل ڪري ڇڏيو جنهن سان هو ڳالهائي رهيو هو. انهن مقتولن مان هڪ ماڻهو ان صوبيدار جو پٽ هو جنهن اُچ ۾ بهادريءَ سان مقابلو ڪندي پنهنجي جان قربان ڪئي هئي.

سيبري لڪ وٽ باغين سان مهاڏو هن واقعي کان ڊڄي ڪري ڪئپٽن مئڪمرڊو کي سيبري لڪ کان پرٿين پاسي موڪليو ويو هو ته جيئن اتان جو واءُ سواءُ لهي سگهجي. ان کان ستت ئي پوءِ جنرل پاڻ سنڌس واهر لاءِ نڪري پيو هو. هو اچان تورو اڳتي وڌيو ته ڪيس چوپائي مال سان گڏ واپس ايندو ڏٺو هئائين. لڪ وچان لنگهندي مئڪمرڊو متان توڙيدار بندوق وسيلي فائر ڪيو ويو هو. ان هوندي به هو بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي چوپائي مال جي ڌڻ کي لڪ وچان هنيون آيو. پر ڊڄي ڌڻ مان هٿ ڪونه ڪڍيا هئائين. ان کان پوءِ هو دشمن جي پٺيان ڦري آيو. تنهن ڪري دشمن لڪ واري ٽڪريءَ تان هيٺ لهي ويو. ان کان پوءِ ڪئپٽن اتي ويٺو رهيو ته متان ڪو نئون ڌاڙيل ٽولو سنڌس فوج جي دمبالي تي حملو ڪري. هن سان گڏ مغل سوار هئا. هن متان جڏهن بندوق جو

پهريون فائر ٿيو هو تہ اهي ڇرڪي ويا هئا. پر مئڪمرڊو جي بهادري ڏسي هو بہ دلير ٿي ويا هئا ۽ همت ڪري ڏاڙيلن کي ڊوڙائي، سنڌن جبلن ۾ چڙهي آيا هئا. جتي ڪئربائين جي فائرن ڪري کين گهڻو نقصان پهتو هو. هن واقعي کان پوءِ مئڪمرڊو نهايت احتياط سان لڪ اڪري پار پيو هو. اهو واقعو اهڙو هو جنهن وسيلي ڪئپٽن مئڪمرڊو جي عقلمندي ۽ بهادري نمايان هئي. ڪئمپ تي پهچڻ کان پوءِ فوجين کي ايترو انعام ڏنو ويو جيتري چوپائي مال جي قيمت هئي.

## ديري ڏانهن فوج جي روانگي

اهو واقعو نائين تاريخ تي ٿيو هو. تاريخ 10 تي ڪئپٽن سالٽر جي گهوڙيسوارن کي الڳ ڪري سمپسن ڏانهن موڪليو ويو هو. 11 تاريخ تي ائڊجوائنٽ جنرل ميجر گرين کي هڪ ڪالم فوج ڏئي ديري واري جابلو علائقي ڏانهن موڪليو ويو هو جنهن لاءِ پهريدار دستن کي هنٽر جي ڪئمپ مان چونڊيو ويو هو. انهن ڪجهہ ڏاڙيلن کي قتل ڪري، اٺ سو ڍور پاڻ سان آندا هئا.

## سرڪاري ٽپال ڦرڪرڻ جو علي مراد جي ماڻهن تي شڪ

ساڳئي ڏينهن پيرادن يا پاڳين کي پگهار تي مقرر ڪيو ويو هو تہ جيئن انهن ڏاڙيلن جا پيرا کڻي سگهجن جن ٽپال يا سرڪاري خط ڦريا ۽ سرڪاري ماڻهو ماريا هئا. شڪ هو تہ اهڙي واقعي جا مجرم علي مراد جا ماڻهو هئا.جيڪي پاڻ بہ بلوچ هئا ۽ جن جي گهوڙيسوار دستن سان دشمني هئي. چاڪاڻ تہ مئڪنزي جي فوجي ڪارروائي ۾ سندن ذات جي بلوچن کي قتل ٿيو هو. تنهن ڪري هنن پلاند ۾ ٽپال ڦري هئي ۽ ماڻهو بہ قتل ڪيا هئا. انهن مجرمن جا پيرا جابلو علائقن ڏانهن ويا هئا. مير کي اڳينءَ ڪوتاهيءَ ڪري چنڊ پٽي وئي هئي. جڏهن ڪيس ڇيو ويو تہ هن بہ غداري ڪئي آهي تہ هو اچي حاضر ٿيو. ڪيس چتاءُ ڏنو ويو تہ جيڪڏهن سندس غداريءَ جو ثبوت مليو تہ ڪئپٽن مثليث ۽ ڪئپٽن ڪرلنگ هن جي فوج مٿان توبخاني وسيلي گولاباري ڪندا.

## بجار ۽ ٻين بلوچ سردارن جي پيش پوڻ بابت ڏنل علي مراد جي اطلاع تي شڪ

جنرل چارلس 12 تاريخ تائين بجار خان ۽ ٻين سردارن جي اوسيئڙري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ويٺو رهيو پر اهي نہ اوري نہ اڳي. تنهن ڪري ڪيس علي مراد جي نيت ۾ کوٽ ڏسڻ ۾ آيو. ڪيس پرون پيا تہ علي مراد جيڪا بجار ۽ ٻين سردارن جي پيش پوڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي سا دراصل هنن کي سک فوج سان ملڻ جي مهلت درڪار هئي. ان وقت هن سوچيو هو تہ وٽس تيرهن سؤ پيادل فوج، ڏهہ توبون ۽ ڇهہ سؤ گهوڙيسوار آهن. ان کان سواءِ هن وٽ بہ هزار رزرو فوج شاهپور ۾ بہ موجود آهي، جيڪا ساڻس مهل سر واهر ڪري سگهندي پر بعد ۾ هن سمجهي ورتو تہ علي مراد ڪنهن بَہ قسم جي غداري ڪانہ ڪئي آهي نہ وري ڪيس اهڙي جرئت آهي. جيڪڏهن سچ پچ ۾ بجار ۽ سندس نوان اتحادي سکن کي وٺي اچڻ ۾ سوڀارا ٿيا تہ بہ ڪيس ڪا پرواهہ ڪانہ آهي، پر هو ڏاڍو سچيت رهندو هو. هن هنٽر کي ۽ سندس فوج ڪالم کي پاڻ وٽ سڏائي ورتو ۽ جمڪ واري لڪ تي ويهڻ لاءِ فزجيرالڊ جي اٺ سوار دستن کي مقرر ڪيو ويو هو جنهن جي نگراني اڳ هنٽر جي حوالي هئي. ان ڪانپوءِ هن مزارين ڏانهن هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ کين خبردار ڪيو ويو هو تہ جيڪڏهن بجار ۽ ٻين سردارن کي سهائتا ڏيندؤ تہ توهان جو خير نہ هوندو. بعد ۾ هن اهڙيءَ موزون جڳهہ جي چونڊ ڪئي، جنهن وٽ منزل ڪري ويهہ هزارن دشمنن کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهجي.

## جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي: بلوچ سردارن جو علي مراد کي جواب

13 تاريخ تي هنٽر اچي فوجي ڪئمپ تي پهتو. ان ساڳئي ڏينهن تي، اتحادي سردارن جا مائٽ علي مراد وٽ آيا هئا ۽ ڪيس چيو هئائون تہ جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي. جيڪڏهن انگريز ڪمانڊر اسان جي قيدي مائٽن کي قتل ڪيو تہ جنگ جو سلسلو اڻ ڳڻ تي ويندو. اهو پڻ اطلاع ڏنو ويو هو تہ هنن مان شير محمد بہ پنهنجي پنج هزار ساٿين سان گڏ هوندو.

## نيپئر جو شير محمد ۽ ٻين بلوچ سردارن کي دڀ نامو

جنرل چارلس بہ فولاد جو ٺهيل هو جنهن ورائيو اهو اوهان جي مٿان آهي تہ قيدي ونو يا نہ ونو. اهڙي چونڊ اوهان کي ڪرڻي آهي. 14 تاريخ تي هنن هڪ ڏينهن جي مهلت ورتي. تنهن تي هن چيو تہ هڪ ڏينهن تہ ڇا مان هڪ ڪلاڪ بہ مهلت ڏئي ڪونہ ٿو سگهان. جيڪڏهن اهي سڀ سردار منهنجي فوجي ڪئمپ ۾ اڄ نہ آيا تہ مان پنهنجي فوج سميت

سنڌن جابلو علائقي ۾ هنن جو مهمان هوندس ۽ سارو رحم ۽ ٻاجهه ٻئي سامان سان گڏ شاهپور موڪلي ڏيندس. جيڪڏهن اوهان سان گڏ شير محمد اچي ٿو ته اها معزز شخصيت آهي. آءٌ ان جي شاندار آجيان ڪندس. مون وٽ هيئنر به ايتري فوج آهي جيتري دٻي واري جنگ جي ميدان تي هئي. پر جيڪڏهن ساٽس دٻي واري فوج کان گهٽ ماڻهو هوندا ته مون کي ڏاڍو افسوس ٿيندو.

## ڏپ ۾ ورتل بلوچ سردار ۽ نيپئر جا نوان شرط

سر چارلس جي سخت ۽ رکي رويي کان متاثر ٿي قيدي بلوچن سان ۽ علي مراد سان ڳالهائڻ بدران 15 تاريخ تي سڌو فوجي ڪئمپ اچي هن سان مليا هئا. سنڌن اچڻ جڻ ته ماڻتن جي سفيرن وانگي هو هنن ٻڌايو ته بجار خان جي گهرواري وفات ڪري وئي آهي. تنهن ڪري کين پيش پوڻ ۾ دير ٿي وئي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اهي 19 تاريخ تائين پهچي ڪونه سگهندا. اهو وقت کيس ڪفن دفن جي رسمن رواجن کي پوري ڪرڻ ۾ لڳي ويندو. سر چارلس نيپئر بجار جي پيش پوڻ جا شرط اهي رکيا جيڪي کين چئي ڇڏيا هئا. باقي ٻين لاءِ هن نوان شرط رکيا. سلام خان بگٽي قسم کڻندو ته هو اڳنان واسطي انگريز سرڪار جي علائقن تي حملا نه ڪندو. ان کان سواءِ قلات جي خان جي سلام تي به ويندو جيڪو هن جو قانوني حڪمران آهي. دريا خان جکراڻي لاءِ هي شرط آهي ته هو لڏي هلي سنڌ وهندو. ان سان گڏ هو سندس وفاداريءَ جي ساک سلام خان بگٽي کان وٺندو جيڪو هن ساري قبيلي جو صفا مٿ هوندو. جيڪڏهن سلام خان ائين نه ڪندو ته دريا خان کي سنڌ ۾ وهٽو پوندو باقي هن جي قبيلي سان جنگ جاري رهندي. ٽنهين سردارن لاءِ به شرط اهي ساڳيا هوندا پر جيڪڏهن کيس اها خبر هجي ها ته هنن جا ٻيا اتحادي ڏاڙيل ڪٿي آهن ته هو هن قسم جي ناهه جي ڳالهين هوندي مٿن وڃي اوچتو ڪڙڪي ها. جنرل ناهه ۾ ڪليءَ دل جو مظاهرو ٻن ڳالهين ڪري ڪيو هو. هڪ ته وٽس اٽ ڪونه هئا. ٻيو ته کيس اهو خوف هو ته متان اهي سردار ملتان جي حڪمران وٽ نه پناهه وٺن. پر هن جا ڪي اصول مقرر هئا ته هو ڪڏهن به گهٻرائيندو ڪونه هو نه وري پنهنجي گهٻراهٽ کي محسوس ٿيڻ ڏيندو هو. ٻيو ته هو بلوچ سردارن سان نه جنگ جي ميدان ۾، نه وري ناهه جي ڳالهه ٻولهه ۾ پوئتي پوندو

هو. تنهن ڪري هن پنهنجي اعلان ڪي ورجائيندي چيو هو تہ انشاءَ الله آءٌ 16 تاريخ تي دوزڪشته پهچندس ۽ بجار خان جي گهرواريءَ جي وفات ڪري اتي 19 تاريخ تائين ترسندس ليڪن 15 تاريخ واري رات جو مينهن وسي پيو. ان ڪري انن لاءِ تنبو کڻڻ مشڪل هو. ان هوندي بہ هن ڏنل تاريخ ۾ توسيع ڪانہ ڪئي هئي ۽ پنهنجي حڪمت عمليءَ کي جيئن جو تيئن رکيائين ۽ سفيرن کي ٻڌائي ڇڏيو هئائين تہ هيءَ قدرتي روڪ ۽ رنڊڪ هڪ فطري حدبندي هوندي آهي، پر هو پنهنجي طرفان ڪابہ لچڪ ڪونہ ڏيکاريندو ٻلي اها خدا جي مرضي نہ بہ هجي.

مشرق جي رسم ۽ رواج مطابق وقت جي پابند نہ ڪرڻ جا ڪيترائي سبب ڇاڙايا وڃن ها. جهڙوڪ گورنر جنرل جا حڪم ڪونہ مليا آهن يا علي مراد جي طاقت جي خوف جو بهانو بہ ڏنو وڃي ها. پوئين ڳالهہ ۾ تہ ڪابہ سچائي ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي ماڻهن وسيلي جابلو ماڻهن سان واسطي ۾ هو ۽ ڪنهن وڏي واقعي ۾ آسرو رکيون وينو هو. هن اهو بہ اعلان ڪري ڇڏيو هو دوزڪشته ڏانهن وڌندو توڙي جو ڪيس رڻ پٽ جي وٽ هيرڻ ڏانهن وڌڻ جو حڪم ملندو. هن جي پهرينءَ گس متڻ ڪري دشمن نڪري گندوئي ڏانهن هليو ويو هو. جيڪڏهن هو اهڙي بيگوندزائي نہ ڪري ها تہ جنگ تہ ان وقت تي ختم تي چڪي هجي ها ۽ هن ڍر ڪري هرويرو گنگڻ ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو. جڏهن هن کي سر چارلس طرفان پيش قدميءَ جو حڪم مليو هو تہ هن ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هو ۽ پاڻ کي اهڙن حڪمن کان آزاد سمجهيو هئائين. جيڪڏهن هو ائين ڪري ها تہ وڏو هاجو تي گذري ها. پر جلد ئي ڪيس اهڙو ڀيو سبق سيکاريو ويو هو. پر جنرل چارلس ڪيس اڳواٽ ئي حڪم ڏنو هو تہ هو دوزڪشتہ ڏانهن نہ وڃي. ان حڪم سان گڏ ڪيس هي پيغام بہ ڏنو ويو هو تہ جيڪڏهن تو وٽي پاٽيءَ واريءَ انهيءَ جڳهہ تي قبضو ڪيو تہ توب جو هڪ گولو ڇوڙيو ويندو جيڪو تنهنجي انهيءَ شاهي تنبوءَ مان پار نڪري وڃي ٻئي پاسي پوندو. اهو جڻ هڪ اشارو هوندو تہ پنهنجي ڪئمپ پٺتي هٽان ٽري وڃ.

### نئين وهي اچڻ واري قدرتي ڪرامت

16 تاريخ شام جو سيبري جا ڪوهہ خالي هئا توڙي جو اڳئين شام جو مينهن بہ وسيو هو ۽ فوج پاٽيءَ ڦڙي ڦڙي لاءِ ٻاتون ڪائي رهي هئي. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو ئي سامهون واري جابلو علائقي مان هڪ نئين وهي آئي، جيڪا ست گز ويڪري ۽ ٻه فوٽ اونهي هئي جيڪا وهندي وچ ڪئمپ ۾ ڪاهي پئي. فوجي اها اوچتي رحمت ڏسي اچرج ۾ اچي ويا ۽ ڏاڍا خوش ٿيڻ لڳا هئا ۽ پاڻيءَ جي ڏوگاهي ڪان ڇٽي پيا هئا ۽ سمجهي رهيا هئا تہ اهو خدا طرفان رحمت جو ريلو آهي. جنرل چارلس کي جابلو علائقن جي ڄاڻ هئي ۽ ڪيس اڳواٽ پتو پئجي ويو هو تہ جابلو نئين ضرور وهي ايندي. هن اهڙي حقيقت پنهنجي ڊائري ۾ لکي ڇڏي هئي. هنن ملڪن اندر مختلف قسمن جا ماحول هوندا آهن، جن بابت اڳڪٿي بہ ڪري سگهجي ٿي ۽ انهن کي سوچي ويچاري تبديل بہ ڪري سگهجي ٿو. هنن روهن ۾ ڪوهن مان وهي ايندڙ نئين بہ اهڙي آهي جنهن بابت بہ اڳڪٿي ڪري سگهجي ها ۽ ان کي پنهنجي سهوليت لاءِ بہ ڪتب آڻي سگهجي ها. اهڙيون اڳڪٿيون ڪرامت ڪري سمجهيون وينديون آهن. جڏهن اسان شاهپور ڏانهن وڌي رهيا هئاسين تہ پيش قدمي دوران رڻ پٽ ۾ 'مڻ' هٿ اچي ويو هو. هڪ فوجي سپاهي جيڪو پهريون پيرو مون وٽ اها شيءِ کڻي آيو سو چوڻ لڳو "سائين هي تہ ڪرامت آهي ۽ اها ٻوٽن تي پئي آهي جيڪا ڪاڏ خوراڪ آهي ۽ کائي بہ سگهجي ٿي. اها شيءِ تہ خدا طرفان موڪلي ويندي آهي، اها بهشت مان ايندي آهي، اها بلڪل ئي ڪرامت آهي."

## دوزڪشتہ ۽ مياڻي جي جنگ

سر چارلس نيپئر کي پت وانگر انهن اپين تڪرين ۾ موجود لڪن مان گذرڻ وقت ڪنهن بہ جابلو ماڻهو ڪونہ روڪيو جيڪي لولي لڪ ڪان مٿي هليون ويون هيون. هنن تڪرين ۾ موجود اهڙن لڪن جو ذڪر اڳي بہ ڪيو ويو آهي. مذڪوره تڪريون هٿ ڀهچي مزارين واري علائقي تڪرين سان ملي وينديون آهن. دوزڪشتہ پهچڻ تائين سفر ۾ ڪيترائي ڪلاڪ لڳي ويا هئا. ان ماڳ تي 17 فيبروري تي پهتا هئاسين. رستي ۾ ڪنهن بہ ماڻهو مقابلو ڪونہ ڪيو هو. علي مراد هيڏانهن اچڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيو هو. ڪئمپ جي تنبن لڳي وڃڻ کان پوءِ سر چارلس وڃي پنهنجي تنبوءَ ۾ وينو ۽ ساري ڏينهن جي ڪارگذاري پنهنجي ڊائري ۾ قلمبند ڪرڻ کي لڳي ويو هو. ان کان سواءِ هن پنهنجا ذاتي احساس بہ ان ڊائري ۾ لکي ڇڏيا هئا تہ اڄ مياڻي جي جنگ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي سالگرهه آهي ۽ اڄ ٻه مان جنگ جي ميدان ۾ آهيان. ڇا منهنجو اهو مقدر آهي تہ مان سدائين جنگ جي ميدان تي هجان ۽ هميشه انساني رتو ڇاڻ ڪندو وتان! پر هيءَ صحيح مقصدن واسطي هڪ جنگ آهي. اهڙي طرح مياڻيءَ واري جنگ بہ صحيح مقصدن لاءِ هئي، جيڪا مان ٽالپرن خلاف وڙهي هئي. ان جنگ کي اڄوڪي ڏينهن تي پورا ٻہ سال گذري ويا آهن. ان ڏينهن منهنجي چوڌاري لاشن جا ڍير لڳا پيا هئا. منهنجا بيشمار دوست بہ مري رهيا هئا. اسپتال واري تنبوءَ مان ريهون ۽ رڙيون اچي رهيون هيون. ڇاڪاڻ تہ انهن جا عضوا وڍي جسم کان جدا ڪيا ٿي ويا. خدا تعاليٰ مٿن شال رحم ڪري! هنن ماڻهن جي هلت چلت مان ۽ شان واري هوندي هئي. جيڪي مري ويا انهن تي رحمت ۽ جيڪي بچي ويا تن کي شال صبر ملي. پر جنگ ڏاڍي خطرناڪ هئي. مان هتي دوزڪوشتہ ۾ هن مقصد سان اچي فوجي ڪئمپ قائم ڪئي آهي تہ جيئن ڏاڙيل سردار اچي پيش پون. دوزڪشتہ جي معنيٰ آهي، 'چورن جو موت'. هي عجيب قسم جون هڪ جهڙايون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏهون

# بجارءِ بين جابلو سردارن جي پيش نہ پوڻ ڪري نوان خدشا

سر چارلس جي روزڪوشتہ ۾ فوجي ڪئمپ 19 تاريخ تائين قائم رهي. چاڪاڻ تہ ڪيس چيو ويو هو تہ ان تاريخ تي بجار ڊومبڪي سر چارلس نيپئر جي آڏو پيش پوندو. پر هو سردارن سميت ان تاريخ تي ڪونہ آيو. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ هنن سردارن علي مراد سان ٺڳي ڪئي هئي ۽ مير علي مراد جا صلاحڪار بجار ۽ بين سردارن سان ڀڙل هئا. ان ڪان سواءِ سر چارلس سان ڪيل ناهہ جون ڳالهيون بہ انهيءَ ڪري ڪيون ويون هيون تہ جيئن انهن کي ٿورو وقت ملي وڃي. هنن ڌاڙيلن وٽ جاسوس ۽ سفارتڪار هئا جيڪي هنڌين ماڳين پکڙيل هئا. کين انگريز فوج جي چرپر بابت هر قسم جي معلومات ميسر هئي پر سر چارلس نيپئر لاءِ اهو معلوم ڪرڻ ڏکيو هو تہ بجار ۽ سندس اتحادين جي ويڙهاڪن جو تعداد ڪيترو آهي ۽ انهن وٽ ڀڄڻ بابت ڪهڙا منصوبا آهن. هڪ هندو بجار جو سيڪريٽري هو جيڪو سالن سالن جا سال گڏ رهيو هو. هن ان هندوءَ جي روبرو پنهنجي نوڪر سان ڳالهايو هو. پر اهو هندو سندس ٻولي سمجهي ڪونہ سگهيو هو. پر بمبئي جي اخبارن ۾ اهڙيون تحريرون ڏسڻ ۾ اينديون جن مان لڳندو هو تہ اهي ماڻهو هنن بلوچ ڌاڙيل سردارن سان گڏ هئا ۽ انهن جي هشيءَ تي اهو سڀ ڪجهہ ڪري رهيا هئا.

**نئين حالتن ۾ جنگي مهمن لاءِ حد بندي**

تاريخ 19 تي جنگي مهم جي نئين سر ابتدا ٿي چڪي هئي. اهڙي پيش قدمي کان اڳ انگريزي فوج جي تعداد ۽ طاقت جو وچور ڏيڻ لازمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. چاڪاڻ تہ هن وقت جنگ جي ميدان جو طرف تبديل ٿي چڪو هو. ان ڪان سواءِ اڳ ۾ پيش قدميءَ جو رخ اتر طرف هو ۽ هاڻي ڦري اوير طرف ٿي ويو هو.

سمپسن ديراهہ ۾ موجود هو جنهن اتن جو وڳ جهلي ورتو هو. هي فوجي حصو انگريزن جي فوج جو ڪاٻو پاسو هو. ان جي اولهہ پاسي لشڪر جي دمبالي rear ۾ تومب واري فوج چوڪي هئي جتي گهوڙيسوار رهندا هئا. هتي پيئڻ جوڳو پاڻي تمام گهٽو هو. هتي جي گشتي فوج جو مرين سان رابطو رهندو هو. اهڙو رابطو سرتاف لڪ ۽ سنگسيلا گهاري معرف قائم رهندو هو.

تومب Tomb جي ذڪرڻ واري پاسي تي فتزجيرالڊ اٺ سوار فوج گشت ڪندي هئي جيڪا جمڪ. لڪ وٽ بينل هئي. اهي ٻئي فوجي چوڪيون مسلسل جئڪب سان رابطي ۾ هيون جيڪو ڦليجي ۾ موجود هو. اهڙيءَ تونگ. الياسي ۽ تياگا وارن گهارن تي فوجي گشت جاري رهندو هو ۽ سنگسيلاتي پڙ نظر رکي ويندي هئي. ان ڪانسواءِ شاهپور ۾ سگهاري گئريسن فوج رهندي هئي ۽ فوجي سامان جو وڏو ڊيپو بہ اتي قائم ڪيو ويو هو.

فوجي هيڊ ڪوارٽر بہ مٿي بيان ڪيل پهرئين رابطي جي رستي ۾ قائم ڪيو ويو هو. علي مراد جي فوجي لشڪر جو ساڄو پاسو هو جيڪو هيرڻ ۾ موجود هو. هيءُ ماڳ مزاري علائقي جي سرحدي پٽي ويجهو واقع آهي. هنن ٻنهي اهم ماڳن جي وچ تي گهوڙيسوار فوج ۽ پوليس گشت ڪندي هئي ۽ ٻنهي ماڳن وچ ۾ رابطو رکندي هئي.

انگريزي فوج ڪي سوچي سمجهي ويران علائقي جي اهڙن اهم هنڌن تي رکيو ويو هو جو جابلو ماڻهو ان علائقي جي اتر- اوير واري اڌ تائين محدود ٿي رهجي ويا هئا. انهن جو وڏ ۾ وڏ مضبوط بچاءُ روهن ۽ ڪوهن واري ويران جوءِ هئي جيڪي دٻاءَ پوڻ تي لاچار ٿي ملتان جي حدن ڏانهن وڃي سگهيا پئي. پر اهو بہ تڏهن جڏهن ملتان جو ديوان انگريزن جو وفادار نہ هجي، ان لاءِ انگريز ڪمانڊر ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي تہ جيئن اهي ملتان ڏانهن نہ وڃن. چاڪاڻ تہ ائين ٿيڻ ڪري هنن ٻنهي ڌرين جو اتحاد ٻڌجي وڃي ها. اهڙي ريت جوابي حملي جو وڏيڪ امڪان هو.

اولهہ پاسي جئڪب ڦليجيءَ اولاجي Oolagee ۽ لهڙيءَ تي قبضو

ڪيون ويٺو هو. مٿس حملو ڪرڻ سولو ڪونہ هو. هن جي گهوڙيسوار فوج ۾ توبن بولان لڪ جي جابلو ماڻهن جو ڏيچاري پتو پاٽي ڪري ڇڏيو هو جيڪي ڳجهہ ڳوهہ ۾ انگريزن خلاف واهو ڦڪيون وينا هئا. ڪين جيڪڏهن تورو بہ وجهہ ملندو تہ جنگ جا آثار باري ڇڏيندا ۽ اهڙو سلسلو وڃي سيوهڻ تائين پهچندو.

سمپسن ديراهہ جي قليجي ۾ ديرو دمايون ويٺو هو جنهن کي بلوچن جي حملي جو ڪو خوف خطرو ڪونہ هو. هن ماڳ کي هڪ مرڪزي حيثيت حاصل هئي. هن ماڳ وٽان مکيہ فوج کي جيڏانهن ڪيڏانهن حملن ڪرڻ جي سهوليت حاصل هئي. اهڙي ريت هن هڪ اهم ماڙي تي قبضو ڪري ورتو هو. جنهن جو تومب جي گهوڙيسواري فوجي چوڪي جمڪ واري اٺ سوار فوج ۽ جڪڪب سان بہ رابطو هو جيڪو قليجي ۾ موجود هو.

علي مراد هيرڻ ۾ ويهي مزارين جي نگراني ڪري رهيو هو جيڪو هيڊڪوارٽر کان سڌ پنڌ پري هو. جنهن کي ضرورت وقت سڌ ڪرڻ بہ سولو هو. هي علائقو کليل هو جتي گهوڙيسوارن جون جنگي سرگرميون سوليون هيون. تنهن ڪري علي مراد کي غداري جو موقعو ملڻ مشڪل هو. اهڙي ريت سر چارلس جي هٿ هيٺ رهندڙ مکيہ فوج کي هر پاسي ڏانهن حملي ڪرڻ لاءِ جاءِ کليل هئي.

## فوج جي کاڌ خوراڪ ۾ ڏکيائي

هن صورتحال دوران فوج جي کاڌ خوراڪ ختم ٿي وئي هئي. سرڪاري پانڊن ۾ ڪابہ شيءِ بچت ۾ ڪانہ هئي، جا ايندي هئي سا چڙهندي هئي. سندن گذارو انهيءَ چوپائي مال تي هو جيڪو ڌنارن کان ڦري آڻيندا هئا. اهڙيءَ ريت هي جنگي مهم ڏڪار جو شڪار ۽ تڪ ۾ هپاٽل هئي. پر جابلو ماڻهن جي حالت تہ هن کان بہ بہ تڪا وڌيڪ خراب هئي. هنن جا اناج جا پانڊا قليجي، شاهپور ۽ اوچ ۾ موجود هئا، جيڪي ڪانئن ڦرجي ويا هئا. تنهن ڪري هنن جو گذر سفر بہ گوشت تي ۽ بين اهڙين شين تي هو جن مان ڪين ڪيئي بيماريون وچڙي ويون هيون ۽ ان بيماري وگهي ڪيترا مري بہ ويا هئا. اهي ماڻهو ڪاڌي پيتي جو ڪجهہ شيون مزارين جي روجهاڻ مان بہ وٺندا هئا. جيڪا سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع هئي. پر اهي شيون کين ڏاڍيون مهانگيون ملنديون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باغين کي مزارين پاران ملندڙ خوراڪ ۽ نيپئر جو ملتان جي ديوان ڏانهن خط

هتي اهو سمجهائڻ ضروري آهي تہ مزارين جا بہ پاڙا آهن جن مان هڪ پاڙو درياهہ سان رهندو آهي ۽ سکن جو رعيتي آهي ۽ ٻيو جبلن ۾ رهندو آهي. ڏاڙيلن کي هنن پنهي قبيلن مان مدد جي اميد هئي. سر چارلس نيپئر ملتان جي ديوان ڏانهن خط لکيا هئا. جيڪي بي اثر ثابت ڪونہ ٿيا هئا. ديوان جوابُ ۾ لکيو هو تہ سنڌوءَ جي ڪنار وارن مزارين کي روڪيو ويو آهي. بلوچستان آيل ماڻهن کي پنهنجي علائقي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏين. ان کان سواءِ کين چيو ويو آهي تہ انگريزي فوج کي کاڌي پيتي جون شيُون ڏين. ليڪن جابلو مزاري سکن جا دشمن هئا. ملتان جي ديوان جي مرضي هئي تہ هت هنن مزارين کي ماري تباهہ ڪيو وڃي. چاڪاڻ تہ اهي بہ بجرا وانگر ڏاڙيل آهن ۽ ڏاڙن جي اڌ رقم بجار کي پهچائيندا آهن.

## جابلو مزارين جو سهڪار

سر چارلس جي مرضي هئي تہ هتي جابلو مزارين سان دوستاڻا تعلقات پيدا ڪجن. چاڪاڻ تہ سندن علائقو چاتل سڃاتل آهي. جيڪڏهن هن کي ان علائقي ۾ داخل ٿيڻ جي خوشيءَ سان موڪل ملي وئي تہ هو پنهنجي فوجي سرگرمين کي گهٽيءَ حد تائين وڌائي سگهي ٿو. ان وقت ياڳ اچي سندس پيڙو ٿيو. بگٽين هن فوجي سرگرميءَ کان ٿورو اڳ ڪن مزارين کي ڦريو هو. بگٽينَ جي اهڙي ڏاڍ ۽ سر چارلس جي دوستاڻي رويي ڪري هو نرم ٿي پيا هئا. تنهن ڪري هنن جي ڪجهہ سردارن ٽي ٽي سو ماڻهو موڪليا هئا. جيڪي رضاڪار طور سر چارلس جي فوج ۾ شريڪ ٿيڻ آيا هئا. پر هو ڀريائين علي مراد وٽ پهتا هئا جنهن کين چيو تہ هو سر چارلس کان بہ وڏو آهي. تنهن ڪري اهي ماڻهو سندس ڪئمپ ۾ رهي پيا. هن علي مراد جي اهڙي گستاخيءَ ڏانهن ڪونہ ڏنو هو. چاڪاڻ تہ هو وڏين اختيارين جو مالڪ هو ۽ سمجهيو هئائين تہ جابلو ماڻهن جي نظر ۾ عليءَ مراد يلي وڏو ماڻهو هجي. پر پوءِ جڏهن کين علي مراد جي اصلي حيثيت جي خبر پوندي تہ هو پاڻ ئي اچي سر چارلس نيپئر جي آڏو جهڪندا.

18 تاريخ تي ڪئپٽن سالٽر ڏيراهہ کان آيو ۽ اطلاع ڏنائين تہ جابلو

ماٿهن گجرو Goojroo ۾ اچي منزل ڪئي آهي. هي ماڳ روزڪوشتہ جي سامهون ايڪيهہ يا چوويهہ ميل پري آهي. سنڌن تعداد اٺ هزار کن ٿيندو. جيڪي نوجوان ۽ سگها متارا آهن ۽ اها منزل مزارين واري ٽڪرين سان لڳو لڳ آهي. هنن کي اتان ٽپڻ کان منع ڪئي وئي آهي. اهو پتو ڪونہ آهي سنڌن نيت انگريزن جي فوج سان وڙهڻ جي آهي يا اهي پيش پوڻ چاهين ٿا. هن قسم جي اطلاع ملڻ کان پوءِ ايندڙ نئين صورتحال بابت غور فڪر ڪرڻو هو تہ جيڪڏهن هنن بلوچ ماٿهن تي دٻاءُ پوندو تہ هو سکن جي ملڪي حدن ۾ داخل ٿيندا ڇا؟ ڇا انهن جو پيڇو ڪرڻ مناسب هوندو؟ پر مناسب اهو نظريو آهي تہ انهن بلوچن جو پيڇو ڪري ڏسجي تہ هو ڪهڙي ارادي سان اچي گڏ ٿيا آهن. اهو بہ سوچيو ويو تہ جيڪڏهن اهي بلوچ سکن جي حدن ۾ داخل ٿين تہ سمجهو تہ اهڙي اجازت کين ڳجهيءَ ريت ڏني وئي هوندي. جيڪڏهن کين اهڙي اجازت مليل نہ هوندي تہ پوءِ هو ملتان جي اڻ ڏرئي هئڻ واري حيثيت کي مجروح ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ ملتان جي سرحد جابلو علائقي هئڻ ڪري غير واضح آهي. ليڪن ڀاڄوڪڙ دشمن جو پيڇو ڪرڻ بہ بهادرن لاءِ عيب هوندو آهي. علي مراد تي ويساهہ ڪري ۽ هن جي ڪوڙن بدوڙن تي اعتبار ڪري ڇهہ ڏينهن اڳ ئي زبان ٿي ويا آهن. نازڪ حالتن ۾ وقت جو ايترو گهٽو زيان وڏو نقصان هوندو آهي. جنگ جي مقصد کي وڏيڪ خوفناڪ بنائڻ صحيح ڪونہ آهي. انهيءَ ڪري قومي حقن کي وڏو ڌاڃو رسندو جن لاءِ دشمن کي ڪنهن بہ قسم جي عزت ڪانہ آهي. سک حڪمران تہ يقين ڏياريو آهي نہ هن بلوچ قبيلن سندس علاقائي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ڏني آهي نہ وري ڏيندو. تنهن ڪري انهن جو پيڇو ڪرڻ لازمي ٿيندو. ائين ڪرڻ سان سمجهي وڃبو تہ سنڌن واعدو ڪوڙو يا وري جيڪڏهن هو واعدي وفائي ۾ سچو آهي تہ پوءِ هي بلوچ ديوان جي حدن ۾ داخل ڪونہ ٿيندا.

## بجار کي سوگهي جهلڻ جو فوج کي حڪم

نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سوچون ۽ ويچار اهي هئا. بيجار خان پنهنجي واعدي پاڙڻ ۾ دير ڪئي هئي. تنهن 19 تاريخ تي فوج کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڪيو ويو. پر اهڙي پيش قدميءَ کي راز ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اوچتو وڃي متس

ڪڙڪو ڪجي. اٺ سوار فوج کي خانگي طور گهرايو ويو هو. اهڙيءَ ريت علي مراد ڏانهن به نياپو موڪليو ويو ته هو به اڳتي وڌي. چاڪاڻ ته هڪ وڏي جنگي محاذ کي منهن ڏيڻو آهي.

گجرو يا شور واري جوءِ ڏانهن ويندڙ رستو لوٽي وارن لڪن مان گذرندو آهي. هي جابلو علائقو ڏکهو هيٺ مٿي ۽ ڏکيو آهي. رات جي وڳڙي ۾ اهڙي ڏکئي لڪ مان لنگهڻ خطرناڪ هو. پر انگريزي فوج جو جوڙجڪ اهڙو شاندار ڪيو ويو هو جو دشمن جي اوچتو وجهي مٿان ڪڙڪڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونه هو. رستي جي اهڙي اوٽائي ڪري فوج جو ڪوبه وڏو ڪمانڊر فوج جي بهترين جوڙجڪ کي ائين وڃائي ڪونه ڇڏيندو آهي ۽ فتح ياٻ جي سوڪڙي ناهي ٿيندي-فوج رات جو ۽ ڏاڍيءَ خاموشيءَ سان اڳتي وڌي رهي هئي. چاڪاڻ ته ماٺ رهڻ جا حڪم نهايت سختيءَ سان جاري ڪيا ويا هئا. پر رسد گاهه جي ڪن ماڻهن غلطي ڪري باهه ٻاري هئي جيڪا بجار خان جي جاسوسن ڏسي ورتي هئي. تنهن ڪري هي سردار پنهنجي منزل واري جاءِ تان ڪن پوساتي وٺي ڀڳو هو. سر چارلس نيپئر ٻاويهه ڪلاڪ سانده گهوڙيسواري ڪئي هئي ۽ فوج 20 تاريخ شام جو اچي شور نالي جوءِ ۾ منزل ڪئي هئي. پر جنرل اوچتو سفر ڪري دشمن جون وايون ولهريون ڪري ڇڏيون هيون. جيڪو اناج ۽ ڏيڍ سؤ اٺن جي بار جيترو ٻيو سامان ڇڏي ڀڄي هليو ويو هو ۽ اهو ڪناري وٽ انگريزن جي فوج کي هٿ لڳي ويو. بلوچن جو ڇڏيل اهو سامان انعام طور فوجي سپاهين ۾ ورهايو ويو هو. اهو اناج روجهاڻ مزاري جا واٽيا وڏين آسن ۽ اميدن سان هتي ڪٺي آيا هئا. پر انهن اناج سان گڏ پنهنجون حياتيون به وڃائي ڇڏيون. هنن واپارين ۽ ساٿن گڏ آيل ماڻهن ڏاڍو مقابلو ڪيو هو. پر مارجي ويا هئا ۽ ڪجهه قيد ٿيا هئا. پڇڻ تي قيدين ٻڌايو ته اهي بلوچ عام ماڻهو هئا. جنگجو ڪونه هئا. هنن وڌيڪ اهو به چيو ته جيڪڏهن انگريز هنن جي چوڌاري ڪڙو چاڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته انهن کي سولائي سان ناس ڪري سگهندا.

## مير علي مراد معرفت علي شير ڪوسي جو سلام پرڻ

21 تاريخ تي علي مراد به پهتو جنهن سان بهادر، طاقتور ۽ جهنگلي قسم جي فوج گڏ هئي. ان ڏينهن هڪ قبائلي سردار علي شير ڪوسو آيو ۽ اچي سلام ڪيائين. هي نوجوان هو ۽ ڏاڙيل زندگيءَ کان بيزار هو. پر

سنڌس زمين جي چوڌاري ٻين سردارن جون زمينون هيون. تنهنڪري
ڪيس اچڻ جي وٿي ڪانه ملندي هئي ۽ نڪري اچڻ جو ڪيس ان ڏينهن
موقعو مليو هو. اهو ڏسي سر چارلس ڪيس سرڪاري ملازمت ڏني.
سنڌس چوڻ ته ڏاڙيلن سان وڙهڻ سنڌس اڏ مقصد آهي پر انهن کي
سڌارڻ ۽ شريف بڻائڻ هن جو مڪمل مقصد آهي.

## هر خطي جي ماڻهوءَ جي فطرت ساڳي آهي

دنيا جو عام نقطئه نظر سنڌس خيال جي خلاف هو. هن اهو اندازو
ڪري ورتو هوته ائين ڪري سگهجي تو ۽ پنهنجي ان خيال کي آزمائي
پڪو پهه ڪيو هئائين. ڪيس اها اميد ان ڪري هئي چاڪاڻ ته، هن کي
انسان ذات جي مزاج سڃاڻڻ جو وسيع تجربو هو. هن امن ڏٺو هو ۽
جنگيون ڏٺيون هيون. هنن گهڻن قومن جهڙوڪ، برطانيه، آئرلينڊ،
آمريڪا، اٽلي، فرانس، جرمني، يونانين، ترڪن ۽ هندستانين سان
جنگيون ڪيون هيون جن ۾ هندو ۽ بلوچ به شامل سمجهيا وڃن.
سنڌس خيال آهي ته هر فوجي شخصيت جو مٿي بيان ڪيل ملڪن
جي فوجين ۽ هارين نارين سان واسطو پيو هوندو ته انهن اهو مشاهدو
ضرور ڪيو هوندو ته هر ماڻهوءَ جي فطرت هڪ جهڙي ٿيندي آهي. هر
ملڪ جو هاري ناري پنهنجي آزاد مرضيءَ جو مالڪ آهي. ڪيس جيڪو
وٽندو آهي ڪندو آهي ۽ ان فوج ڪان ڪو لڪ لڪاءُ ڪونه ڪندو
آهي. جيڪا ساڻس دشمني ڪانه ڪندي آهي. سيني ملڪن ۾ فوجي
قانون هڪ جهڙو هوندو آهي. پر عام قسم جي ڪن ڳالهين ۾ فرق ضرور
هوندو آهي. انهن ڪن خاص ڳالهين جو تعلق مذهب ۽ رسمن رواجن جو
هوندو آهي. اهڙيون ڳالهيون مشاهدي ڪندڙ عملدار کي ضرور محسوس
ٿينديون آهن. فوجي زندگي ڪنهن جي خوبين ۽ خاصيتن جو مشاهدو
ڪري ٿي جنهن جو سنڌس دل تي اثر به ٿيندو آهي. هر فوجي پوءِ سپاهي
هجي يا عملدار پنهنجي ماتحت ۽ پاڻ کان وڏي عملدار جي هلت چلت
۽ خاصيتن خوبين ۽ اخلاق جو مشاهدو ڪندو آهي. مشرق جو هر وڏو
فوجي عملدار حڪمران جو درٻاري هوندو آهي ۽ ماڻهو خوبين خاصيتن
کي جاچڻ پرکڻ ۾ ڏاڍو حساس ٿيندو آهي پر مشرق جو هر درٻاري
پنهنجي اصلي خوبي ۽ اخلاق کي ٻين قومن جي پيٽ ۾ لڪائڻ جو
ماهر آهي. اهڙي ريت هڪ خوبي ٻي خوبيءَ کي جنم ڏيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر چارلس جو چوڻ آهي تہ ماڻهو عام طور تي ائين سمجهندا آهن تہ ڪين ئي هندستان ۾ حڪومت ڪرڻ جي جاڻ ۽ مهارت حاصل آهي ۽ هندستاني ماڻهن جي مزاج اندر هڪ نمايان خوبي موجود ڏسبي آهي. جيڪا وڏيڪ پراسرار آهي. پر هر انسان جو منفرد مزاج بين جهڙو هوندو آهي ۽ اهڙو ساڳيو مزاج ۽ خاصيت ان ماڻهوءَ جي هوندي آهي. جنهن جو جسم فوجي ورديءَ سان ڊڪيل هوندو آهي. ليڪن انهن ۾ بہ ترميم ڪئي وئي آهي. جنهن جو اظهار هتي ڪرڻ ضروري آهي. پر روايتي ڪارٽن ڪري انهن کي سولائيءَ سان ڳولي بہ سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ انهن جي عام خوبي هڪ جهڙي ٿيندي آهي. مثال طور فوجي سپاهي سنجيده ۽ اهڙو صاف ۽ سنو هوندو آهي جڻ وضو ساريون پيو گهمي. پر يورپي سپاهي ائين ڪونہ هوندو. اهڙي ڳالهہ مذهب ۾ بہ ٿيندي آهي. اهڙي ريت پوئين ڳالهہ پيءُ جي پهرين ڳالهہ پٽ جي حيثيت رکندي آهي. ليڪن نئون فوجي سپاهي جنگ لاءِ جنوني ٿيندو آهي، يورپي سپاهي جو مزاج بلڪل ساڳيو ٿيندو آهي. ساڳي هند سپاهيءَ جي خواهش هوندي آهي هو فوجي وردي ۾ خوبصورت، ڦڙت ۽ چالاڪ لڳي ۽ ان جو مزاج ۽ شان بہ فوجي هجي ڪيس فوجي هجڻ ڪري فخر جو احساس ٿيندو آهي. جيڪڏهن سندس مزاج ۾ نظم ۽ ضبط واري خوبي نہ هوندي آهي تہ خوف ۾ پيو ڏڪندو آهي. يورپي فوجيءَ جو ساڳيو مزاج هوندو آهي. فوجي ڊرل Dril ۾ بئي هڪ جهڙا خطرناڪ ڏسبا آهن. هندستاني ماڻهو صدين کان وٺي غلام رهيو آهي. تنهن ڪري ڪوڙ گهڻو ڳالهائيندو آهي. يورپ جو غلام ماڻهو بہ ساڳي مزاج جو ٿيندو آهي. يورپ وانگي هندستان جو ماڻهو جيئن مهذب ۽ آزاد ٿيندو. پيو وڃي تين منجهس سچ ڳالهائڻ جون عادتون داخل ٿينديون پيون وڃن. اهڙيون ڳالهيون موجوده دور ۾ نظر ايندڙ خوبين ۽ خاصيتن مان ورتيون ويون آهن. جهونو فوجي رنگروٽ نئين فوجيءَ کان وڌيڪ سچار ٿيندو آهي. انگريز سرڪار جو هينين عهدي جو عملدار علي مراد سرڪار جي وڏي رتبي جي عملدار کان وڌيڪ سچار هوندو آهي. اهڙي ريت، خوف، فخر، همت، دليري، احترام جي تقاضا، نريش ۽ عزت نفس جهڙيون خاصيتون ٻنهي نسلن اندر هڪ جهڙيون ٿينديون آهن. سر چارلس نيپئر کي معلوم ٿيو هو تہ مشرق ۽ مغرب جي نسلن اندر موجود حرص، لالچ، وسعت، دلي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخا ۽ قابل اڳواڻ هجڻ جو احساس بلڪل هڪ جهڙو آهي. تنهن ڪري هن بلوچ نسل کي ماري ميڄائڻ بدران انهن کي شريف بڻائڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. جيڪي هاڻي سندس خلاف هٿيار کڻيون مقابلي لاءِ تيار بيٺا آهن. ڪيس اهو احساس هو تہ ڌاڙيلن ۽ قاتلن جون زندگيون سدائين خطري ۾ هونديون آهن. اهڙيون ڳالهيون ماڻهو خوشيءَ سان ڪونہ چونڊيندو آهي.

### شور ۽ گجرو ڏانهن پيش قدمي ۽ لڪن جا اڙانگا لنگهہ

شور ۽ گجرو ڏانهن پيش قدمي کي منفرد حيثيت حاصل هئي. چاڪاڻ تہ فوج يا هڪ وڏي جنگ لاءِ اڳتي وڌي رهي هئي يا انهيءَ پيش قدميءَ جو نتيجو بلوچ سردارن جو پيش پوڻ هو. هن جن کي مهم ۾ شريڪ ٿيڻ سمپسن کي بہ گهرايو ويو جيڪو پنهنجي فوج سميت 20 تاريخ شام جو اچي فوجي ڪئمپ ۾ پهتو هو ۽ گئريسن فوج کي ديراهہ جي قلعي ۾ ڇڏيون آيو هو. اهڙي ريت ساري فوج اچي هن جڳهہ وٽ ڪٺي ٿي هئي. پهريائين بلوچ سردارن جي پيڇي ڪرڻ واري سوال تي سوچيو ويچاريو ويو هو. پر فوج وڏو سفر ڪري هت پهتي هئي. تنهن ڪري دشمن جو پيڇو ڪرڻ مناسب ڪونہ سمجهيو ويو هو. فوج جي مکيہ ڪالم ڀاويهہ ڪلاڪ ساندهہ سفر ڪيو جنهن سان گڏ هٿيارن جو بار هو. جنرل سمپسن جي ڪالم اٺويهن ڪلاڪن جو سفر ڪيو هو جن مان ست ڪلاڪ تہ هڪ گهاٽ وٽ کين لهڻ ۾ لڳي ويا هئا. تنهن ڪري اهميت آرام ڪرڻ کي ڏني وئي هئي. ٻئي ڏينهن تي فوج هڪ وڏو حصو گجرو لڪ جي معائني لاءِ هليو ويو جيڪو سامهون هو. اتي پهچڻ کان پوءِ کين دشمن ڏسڻ ۾ آيو جيڪو گهٽو پري ڪونہ هو. ٿوري مقابلي دوران دشمن جا ڪجهہ ماڻهو ماري ويا. ٻڌو هئوسون تہ هي جابلو علائقو ڏاڍو اٽانگو آهي. ڏسڻ کان پوءِ ويساهہ ٿي ويو هو تہ اهو سچ پچ ڏاڍو اوکو هو. گجرو لڪ جي ڀنهي پاسن کان اوچيون ۽ ايڪپريون ٽڪريون هيون جن کي اسان ٽپي اڳتي وڌياسيون. پر ان جو پريون پاسو بہ ويران ۽ پڙيانگ هو جنهن وچان گذرڻ بہ ڏکيو هو. ان لڪ مان ميل کن اڳتي وياسون پر اهو بہ ڏاڍو اوکو هو. ان علائقي مان فقط گهوڙيسوارن جي گذرڻ جو امڪان هو. رهبرن ٻڌايو تہ اهڙو سفر چوويهہ ميل ڏگهو آهي ۽ اهو هڪ جهڙو ئي ڏکيو آهي. جيڪو پنجاهہ فوٽ ويڪرو ۽ وڏن ڏنگن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦڏن پٽرن سان ڇانيو پيو هو. پاسن کان ايڪيريون ٽڪريون جن جي اوچائي ٻه ٽي سو فوٽ هئي. لڪ مان لنگهڻ کان رستي ۾ پاڻي جي ڦڙي ملڻ جو ڪو اوسيئڙو ڪونه هو. مکيه لشڪر جي پاسن واري فوج ٻه لڪ وسيلي هيٺ لٿي. پر ان سان به ڏک ۾ ڏچا ساڀيا هئا. ٽڪرين جي چوٽين تان هنن اتحادي بلوچ سردارن جا دونهان دکندي ڏٺا هئا جيڪي ٻارهن ميل پري هئا. هي ماڻهو انهيءَ تاڙ ۾ ويٺا هئا، ته جيئن انگريزن جي فوج اهو ڏکيو لڪ لتاڙي اڳتي وڌندي تيئن هو ٻاهر ويندڙ سڀ گسا بند ڪري ڇڏيندي. هنن کي ٻين متبادل رستن جي ڄاڻ هئي جن کي هنن بند ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ کان پوءِ هنن لاءِ انگريزن جي لشڪر جي هڪ هڪ سپاهي کي قتل ڪرڻ نهايت آسان ٿي پوندو.

## دشمن جي منزل جو تعين ڪرڻ ۾ نئين سر حدبندي

هنن نئين ۾ خراب صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فوجي جوڙجڪ ۾ تبديلي ڪرڻي پئجي وئي هئي ۾ هنن حالتن ۾ نهايت خبردار رهڻو هو. ڳولها ڦولها ڪندي مس دشمن ڏسڻ ۾ آيو هو. پر اهڙيءَ ڏکيءَ جاءِ تي منزل ڪيون وينو هو. جنهن تي حملو ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هو. جنهن کي تبديل ڪجي ته صحيح ٿيندو. هن جي پٺئين پاسي سکن جو علائقو هو. جيڪڏهن سک حڪمران کي اڻ ڏريو رهڻو هو ته هن دشمن کي اوڏانهن وڃڻ لاءِ ڪو رستو ئي ڪونه هو. ان کان سواءِ انهيءَ جڳهه تي ڏکهي عرصي لاءِ به رهي ڪونه سگهبو. ڇاڪاڻ ته اتي ڪاڏي پيتي ملڻ جو ڪو امڪان ئي ڪونه هو. ليڪن اهو مسئلو به حل ڪرڻو هو ته ڪين هن کان پوءِ ڪيڏانهن نڪري وڃڻو آهي ۽ ڏاڍي گهرائيءَ سان سوچڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته دشمن جي اڳتي وڌڻ جي اڳئين مرحلي سان جنگ جي فتح جو تعلق هو. امڪان هن ڳالهه جو نظر اچي رهيو هو ته ٻجار اوچتو ئي ديراهه ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪندو جنهن کان اڳتي هلي تروڪيءَ ڏانهن هليو ويندو. انگريزن جي فوج ۾ تروڪي جو نالو ڏاڍو مشهور هو. پر ڪنهن جاسوس يا رهبر کي اها ڄاڻ ڪانه هئي ته اها تروڪي ڪٿي آهي.

هن قسم جي شڪ ڪري سر چارلس نيپئر کي فوجي جوڙجڪ ۾ تبديلي آڻڻي پئجي وئي هئي، جنهن سان معلوم ٿي رهيو هو ته هو جنگ جي فن ۾ ماهر هو. اهڙي ريت بنديل کنڊ جي ليجين کي چيو ويو هو ته

شور جي ماڳ وٽ رهي جنهن جو ڪمانڊنگ آفيسر ميجر بيٽسن هو. جيڪو هڪ بهادر فوجي سپاهي هو. علي مراد کي چيو ويو هو تہ هو موٽي وڃي لوٽي لڪ وٽ پنهنجي منزل ڪري. هنٽر کي چيو ويو هو تہ وڃي جمڪ لڪ وٽ ويهي. جنرل چارلس ۽ جنرل سمپسن پنهنجي فوج وٺي وڃي ديراهہ پهتا هئا. هن قسم جي فوجي جوڙجڪ ڪري فوجي سامان جو ڊپو ويجهو تيّ ويو ۽ پوئتي هٽي ان تائين پهچڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. جيڪڏهن فوج روجهاڻ مزاري جي واٽين جي ڪٽڪ هٽ نہ اچي ها تہ اهو فوجي جوڙجڪ ممڪن ڪونہ هو. هن فوجي مهم ۾ ڪاڏي پيتي جي ڏاڍي کوٽ هئي. پر هاٽي فوج ڪاڏو خوراڪ دشمن کان ڦريندي ۽ کوهہ کوٽي پاڻي جو بندوبت ڪندي. اهڙي منصوبو فوج جي ڪمانڊر جي ذهانت جي ثابتي هئي تہ هو پننجي فوجي سرگرمين کي حالتون ڏسي تبديل ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ هي علائقو ۽ اتفاقي حالتون ئي اهڙيون هيون.

## دشمن جا لنگهہ جهلڻ

هن وقت دشمن لاءِ ٻہ رستا هئا. هڪ اهو هو تہ هو انگريزي فوج جي ڪاٻي پاسي کان ڦري اهو لڪ اڪري جنهن جو رستو لوٽي لڪ ڏانهن ويندو آهي. اتان ديراهہ ڏانهن وڃي جمڪ لڪ مان نڪري موٽي وڃي، تونگ تي قبضو ڪري. هن لاءِ ٻيو رستو هي هو تہ جمڪ لڪ کان پاسو ڪري، ديراهہ لڪ مان لنگهي مارواڙ وٽان گذري، تومب واري ڪاهي يا گهارو وٺي وڃي جنڪب جي فوجي چوڪين وٽان لنگهي ۽ ڪجڪ ۽ بولان واري علائقي ڏانهن هليو وڃي. اهي ٻئي رستا ڏاڍا ڏکيا هئا. پر هنن کي ٻيو چارو بہ ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ هنن لاءِ وايو منڊل ڏاڍو ڳنڀير هو. ڪين هنن ٻنهي ڏکين رستن کان سواءِ ڪا ٻي ٻيٽي ڪانہ هئي.

## امڪاني نوان جنگي محاذ ۽ حڪمت عملي

جيڪڏهن دشمن هنن ٻنهي مان ڪوبہ رستو اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ پوءِ هن کي ڇئن جنگي محاذن کي منهن ڏيڻو هو. هڪ تہ ڪين انهيءَ سوڙهي ميدان ۾ انگريزي فوج کي منهن ڏيڻو هو. جيڪو سندن منزل کان پنئين پاسي واقع هو. جنهن لاءِ هن فوج کي ديراهہ کان ڦري، سکن جي علائقي وٽان هنن تي حملي ڪرڻ لاءِ، جابلو علائقي تان هيٺ

لهي اچڻو هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ هنن جي ڪاڏي پيتي ڪٽي وڃڻ ڪان پوءِ ڪين لاءِ پيش پوڻ ڪان سواءِ ڪو ٻيو رستو ڪونہ هو. چاڪاڻ تہ وٽن ڪا اضافي کاڌ خوراڪ موجود ڪانہ هئي. خوراڪ نہ هجڻ جي صورت ۾ تروڪي سنڌن بچاءَ جي جاءِ هئي. هنن کي انگريزن کي مهاڏو ڏيڻ ڏکيو پلئہ پوي ها، پر جيڪڏهن گجرو جي اوسي ڪي ڳجها لڪ هوندا تہ انهن وسيلي نڪري ڪيڏانهن بہ وڃي سگهن ٿا. چاڪاڻ تہ انگريزي فوج جي رهبرن ۽ جاسون کي اهڙن ڳجهن لڪن جي ڪا خبر ڪانہ هئي. ان ڪري اهو بہ امڪان ٿي سگهي ٿو تہ اهي انهن ڳجهن لڪن مان لنگهي ميجر بيٽسن تي حملو ڪن ٿا. جيڪو پنهنجي فوج سان شور وٽ ويٺو هو. هن وقت انگريزن لاءِ جنگ هڪ مسئلو بڻجي چڪي هئي. چاڪاڻ تہ اهي مسئلا ڏاڍو پيچيده ٿي ويا هئا. جهڙوڪ:

1) انگريزي فوج جي رابطي جو اهم ماڳ شاهپور هو جيڪو هتان کان هڪ سو ميل پري هو جنهن جي وچ تي ڏاڍا ڏکيا لڪ موجود هئا.

2) هن کان سواءِ کاڌ خوراڪ ۽ پاڻي جو مسئلو هو چاڪاڻ تہ ڪوهن ۾ تلاون ۾ زهر اڇلائڻ جي جابلو ماڻهن جي عادت هئي.

3) فوجي قافلن جي چرير لاءِ فوجي پهريدارن جي موجودگي ضروري هئي، چاڪاڻ تہ ننڍين ڪاهين ۽ گهارن ۾ ماهر گهوڙيسوار ڏاڙيل موجود هوندا هئا. ۽ انهن جي اوچتن حملن جو وڏو امڪان هوندو هو. جيڪي فوج جي دمبالي تي حملو ڪري مال غنيمت هٿ ڪرڻ جي اوسيئڙي ۾ ويٺا هوندا هئا.

4) ڪاڏي پيتي جي تہ اڳئي کوٽ هئي، سرڪاري اٺ بہ هلي هلي ٿڪجي پيا هئا. ان ڪري فوجين کي اڌ ورهُ ملندو هو. شور ۾ بہ باقي ٻن ڏينهن جي کاڌ خوراڪ وڃي بچي هئي. جنگ جي ميدان تي موجود جنگي سامان جي پانڊي ۾ بہ ٻن ڏينهن جو بارود رکيل هو. هنترڪي جمڪ ڏانهن بہ انهيءَ مقصد سان موڪليو ويو هو تہ جيئن اهو شاهپور واري رابطي مختصر ڪري سگهجي ۽ فوجي قافلن کي سيبري ۽ روزڪشتہ ڏانهن وڃڻ بدران، جمڪ وارو لڪ پار ڪن.

تڪل ائن لاءِ گاهہ چاري جو بندوبت ديراهہ واري علائقي مان ڪرڻو هو. ان لاءِ اڳرائي ڪرڻ واريون فوجي سرگرميون شروع ڪرڻيون هيون. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان لاءِ جوابي حملن جون ستون بہ ضرور سوچٽيون هيون. تنهن ڪري فوجي جوڙجڪ ۾ ٿوري تبديلي ڪئي وئي هئي.

جيڪڏهن دشمن کي پنهنجي جاسوسن يا سفارتڪارن وسيلي هي معلومات ملي وئي، تہ انگريز فوج ڪهڙن ڏچن جي ور چڙهي وئي آهي، تہ پنهنجي فوج جو هڪ عالم ديراھ ڏانهن موڪلي بيٽسن واري فوج کي ناس ڪرڻ کان پوءِ ان کي علي مراد تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويندو. جيڪو لوٽي واري لڪ وٽ منزل ڪيون وينو آهي. ان وقت هنٽر جو ڪالم پيش قدميءَ ۾ مصروف هوندو. تنهن ڪري امڪان آهي تہ اهو سندن واهر ڪري سگهي.

جيڪڏهن لوٽيءَ وٽ فوجَ جي اجتماع ڪري، دشمن شُور کان ديراھ ويندو جتي فوج جو هيڊڪوارٽر قائم آهي. اهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکي، بيٽسن ۽ علي مراد کي چيو ويو آهي تہ ٻئي پنهنجن فوجن کي لشڪر جي دمبالي وٽ گڏ ڪري منزل ڪن، ۽ ٻنهي طرفن کان باهيون ٻاريون وڃن. اهڙيءَ ريت هنٽر کي بہ چيو ويو آهي تہ پنهنجي پيش قدمي جو رستو تبديل ڪري ۽ دشتِ گهرام وارو رستو ڏئي. ائين ڪرڻ سان دشمن جي چوڌاري، هن قسم جي جوڙجڪ ڪرڻ کان پوءِ سر چارلس نيپئر گجرو کان روانو ٿيو ۽ 22 تاريخ تي ديراھ پهتو. ڪيس بيٽسن.تي حملي جو خطرو هو. ڪيس اهو بہ اوسيئڙو هو تہ هنٽر تاريخ 25 تي جمڪ وٽ پهچڻ گهرجي. انهيءَ ڪري نہ تہ هو شاهپور واري رابطي جي هڪ مختصر رستي کي قائم ڪري وٺي پر فوجي قافلن کي انهيءَ رستي سان اڳتي وڌڻ جو مشورو ڏئي. ان کان سواءِ هو تومب ۾ رهيل گهوڙيسوارن جي پڻ مدد ڪري. اهو ڪم نهايت اهم هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن دشمن مرو واري ميداني علائقي کان ڦري ديراھ تي حملو ڪندو تہ ان کي چڱيءَ ريت مهاڏو ڏئي سگهبو. پر جيڪڏهن دشمن سنگسيلا وارو گهارو ڏئي تومب تي حملو ڪندو تہ بہ وسلين ڪونہ ويهندو.

جيڪڏهن دشمن مرو جي ميداني علائقي وسيلي ديراھ تي حملو ڪيو تہ جنرل چارلس جو فوجي عالم پهريائين، تسو کان ٽيندو ديراھ پهچندو ۽ انهن ماڻهن کان وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌندو. جن سان چوپائي مال جا ڌڻ، زالون ۽ ٻار ٻچا گڏ آهن. هيءَ لڪ هيٺ مٿي ۽ هڪ جابلو علائقي مان گذري رهيو هو ۽ ان جو رستو جيڪو مروءَ واري پٽَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پاسو ديراهہ ڏانهن ويندو هو سو بہ بند ٿي سگهيو پئي. جيڪڏهن هي جابلو ماڻهو پهرائين ديراهہ واري پٽ ۾ پهچندا، تہ انگريزن جي گڏيل فوج جو شڪار بڻجي ويندا ۽ لڪن منجهان اڪري پار ٿيڻ سان هنن مٿان حملو ٿي ويندو. ٻيءَ حالت ۾ ترمپ واري جوءِ ۾ هنٽر جي فوج جي مدد جي ضرورت پوندي. هن عملدار روزڪوشتہ ۾ هڪ ڏينهن جي منزل ڪئي هئي. اهڙي ريت فوجي جوڙجڪ جو مقصد تہ ڊانوانڊول ٿي ويو هو پر ان نتيجو خراب ڪونہ نڪتو هو. ڇاڪاڻ تہ دشمن ڪنهن بہ قسم جي فوجي سرگرمي ڪانہ ڏيکاري هئي جنهن جي خلاف جوابي ڪارروائي ڪري سگهجي ها.

ديراهہ ۾ فوجي هيڊ ڪوارٽر 23 تاريخ تائين پهچي چڪو هو جيڪو اهڙي مشڪل علائقي مان گذريو هو جتي رسدگاهہ جا ماڻهو فوج لاءِ آزار بڻجي ويا هئا. جن سان گڏ تمام گهٽو سامان هو. ديراهہ جو ماڳ سڪي ستابي ۽ سائيءَ ڍائيءَ جوءِ ۾ واقع هو. انهيءَ رت ۾ ڪا پوکي راهي تہ ڪانہ هئي. پر انهيءَ وچان پاٽيءَ جو هڪ وڏو وهڪرو وهي رهيو هو. هيڊ ڪوارٽر ڪجهہ وقت لاءِ اتي منزل ڪئي هئي، جنهن دوران مرين طرفان موڪليل وڪيل واپس پهتا هئا. جيڪي سر چارلس جو سلام ڪرڻ آيا هئا. هن قبيلي سان اڳي تہ سنا رابطا هئا پر سندن هاٺوڪو رويو ڪنهن شڪ کان خالي ڪونہ هو.

هنٽر پنهنجي فوج جي ڪالم سان تاريخ 25 تي وڃي جمڪ پهتو هو. اهڙي ريت فوج جي نئين ترتيب مطابق جوڙجڪ ڪيو ويو هو.

### فوج جي نئين ترتيب مطابق جوڙجڪ

جيڪڏهن دشمن فوج بيٽسن کي مجبور ڪندي تہ اهو مليل هدايتن مطابق اڳتي سرڪي لوٽيءَ وٽ وڃي، علي مراد جي فوج سان گڏجي منزل ڪندو. هن ماڳ تي وينل اها گڏيل فوج دشمن جي چرپر تي چڱي نظر رکي سگهندي. ان کان پوءِ جلد ئي ديراهہ واري مکيہ فوج بہ هتي اچي پهچندي، جنهن کي فقط پندرهن ميلن واري منزل ڪرڻي هئي ۽ گڏيل فوج جو هڪ پاسو بڻجي ويندي. هنٽر بہ جمڪ کان اڳتي وڌي لوٽيءَ واري گڏيل فوج جي مدد ڪري سگهندو. جيڪڏهن بجار بيٽسن کي ڀوڙائي ڪيڏڻ کان پوءِ، لوٽيءَ تي حملي ڪرڻ بدران ديراهہ تي ڪاهي وڃي ٿو تہ ان جنگي محاذ تي جنرل چارلس جو ڪالم ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڙي ڏيڻ لاءِ تيار ويٺو هو. انهيءَ حالت ۾ بيٽسن ۽ علي مراد جون فوجون بجار خان جي پٺيان انهن سيني لڪن تي قبضو ڪري ونديون، جن وچان لنگهي هو ديراهہ پهتو هوندو. جيڪڏهن هو مرو وارو پٽ لتاڙي اتر طرف وڌندو تہ کيس ڪنهن بہ قسم جو فائدو ڪونہ پوندو. چاڪاڻ تہ ان کي سنگسيلا واري گهاري وٺي وڃڻ کان سواءِ ڪو بيو رستو ڪونہ ملندو جيڪو وٺي وڃي تومب پهچندو جتي انگريزي فوج جا گهوڙيسوا دستا بيٺا هوندا، جيڪي بندوقن جي گولين سان سندس آجيان ڪندا. تومب وٽ بيٺل گهوڙيسوارن کي جمڪ وٽان ڏاڍي سولائي سان فوجي مدد ملي سگهندي. جيڪو هن ماڳ کان رڳو تيرهن ميل پري آهي. ديراه جي فوجي واهن ۾ ويهہ ڪانہ پوندي چاڪاڻ تہ اهو بہ گهٽو پري ڪونہ آهي.

## بارن ۽ عورتن جي ساڻ هئڻ سبب بجار تي حملي کان ٽارو

پر هڪ ڏکيائي موجود هئي. سر چارلس هن کان بہ پيرا اڳ بجار کي پنهنجي فوج اڳيان گذرڻ ڏنو هو ۽ مٿس حملو ڪونہ ڪيو هئائين. چاڪاڻ تہ هن سان ان وقت گڏ ٻن ٽن قبيلن جا ٻار ٻچا زالون هيون. جيڪڏهن مٿس حملو ڪيو وڃي ها تہ بجار خان جوابي حملي ڪرڻ کان اڳ سيني زالن ۽ ٻارن کي قتل ڪري ڇڏي ها. هن جي سيني فوجي سرگرمين تي اهڙو احساس غالب رهيو آهي. کيس ديراهہ واري جوءِ ۾ داخل ٿيڻ هڪ دکدائڪ تجربو ٿيو هو. چاڪاڻ تہ سندس فوج جڏهن اتي پهتي تہ رهندڙ بلوچ قبيلن اوپري لشڪر تي نظر پوڻ سان وٺي جَوَ وهايا هئا ۽ پنهنجون زالون ۽ ٻار ٻچا ويرانيءَ ۾ نڌڻڪا ڇڏي هليا ويا هَئا. جڏهن سر چارلس نيپئر پهتو تہ انهن جو بک ۽ اڃ کان باقي لُڪيءَ ۾ ساهہ هو. هنن جي سار سنڀال بہ انگريزن جي فوج ڪئي هئي. گهڻي وقت کان پوءِ بہ سندن ڪو ڏٽي سائين پيدا ڪونہ ٿيو. تنهن ڪري قتل ڪري منجهائن جان ڇڏايائون. هن واقعي مان ئي سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ اهي قبيلا احساسن ۾ اَوٽا پَوٽا ۽ ظالم هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هيءَ انگريز ڪمانڊر هنن سان جنگ ڪرڻ کان لنوائيندو رهندو هو. سندن خواهش هوندي هئي تہ کين چوطرف گهيرو ڪجي جنهن ڪري هنن کي ڪاڏو پيتو ملي ڪونہ سگهندو ۽ پيش پوڻ کان سواءِ هنن لاءِ ڪو بيو گس ڪونہ هوندو. تنهن ڪري سندن زالون ۽ ٻار ٻچا قتل ٿيڻ کان بچي ويندا. ان هوندي بہ هن پنهنجي فتح تان هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ڪنيو هو ۽ سوچي رهيو هو تہ فتح حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪهڙو مناسب قدم کڻڻو آهي.

**بلوچن جي پاترپاٽ واريءَ جوءِ ۾ منزل ۽ نئين حڪمت عملي**

هاڻي تازو اهي بلوچ قبيلا گجرو وارن لڪن مان گهيلڻي مرو پٽ جي اتر ۾ واقع پاترپاٽ واريءَ جوءِ ۾ پهتا هئا جيڪو ڪيتران جي سرحد کان ويجهو هو. پر هنن جي مقابلي لاءِ تروڪي مان فوج ڪڍڻ مناسب ڪونہ ٿي لڳو. جڏهن تہ هي ماڳ بلوچ قبيلن جي منزل کان پري ڪونہ هو جنهن بابت هن کان سواءِ ڪا بہ معلومات ڪانہ ملي هئي تہ اهو ماڳ پري ڪونہ آهي ۽ جابلو جوءِ آهي جتان کان هڪ سوڙهي ڪاهي اتر طرف وينڊي آهي ۽ ديراهہ کان ٿينڊي مروءَ جي ميداني علائقي جو رخ ڪندي آهي. بلوچ قبيلا هن ماڳ وٽ منزل ڪري ويهي رهيا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيتران وارن ڪين اچڻ کا روڪي ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ هنن کي سک حڪمران جي حدن اندر داخل ٿيڻ جي بہ موڪل ڪانہ ملي آهي. تنهن ڪري لاچار ڪين انگريزن جي جنگي سرگرمين کي ضرور منهن ڏيڻو پوندو. موجوده حالتن تي سوچي ويچاري فوجي جوڙجڪ ۾ تبديليون ڪيون ويون هيون. سر چارلس نيپئر پڪو پهہ ڪيو هو تہ بيٽسن کي مرڪز کان ساڄي پاسي رکيو وڃي. ان کان پوءِ کيس ڇيو ويندو تہ هو پنهنجي کاٻي تي مرڪزي لشڪر کي ڦري اچي. ڪجهہ وقت اڳ هن پنهنجي ساڄي پاسي چڪر ڏئي مرڪزي حصي کي ڦيرو ڏنو هو. جيڪڏهن حالتن جي تقاضا آهي تہ هو ڏاڙيلن جي پاسي کان ڪڙو چاڙهي وڃي. هو ائين ڪرڻ لاءِ فوجي ڪانواءِ جي اوسيئڙي ۾ واتن ۾ اڪيون وجهي ويهي رهيو هو. جيڪو ياڙي وارن اٿن جي نہ هجڻ ڪري ڏاڍو آهستي سفر ڪري رهيو هو. ڪجهہ وقت اڳ جت پنهنجا اٺ ڪاهي هليا ويا هئا تنهن ڪري بارگير وهٽن جو اجا پورائو تي ڪونہ سگهيو هو. ان کان سواءِ فوج ڪافي عرصي کان وٺي اڌ راشن تي گذارو ڪري رهي هئي.

**گڏ ٿيل بلوچن مٿان اوچتي ڪڙڪڻ لاءِ منصوبابندي**

28 تاريخ تي نئين فوجي پيش قدمي جي تياري ٿي رهي هئي. پر سر چارلس کي ڳجهو اطلاع مليو تہ بلوچن لاءِ تروڪي وارو ڏڳ بند آهي



تروڪي لڪ کان نظر ايندڙ نظارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪرنل بيٽسن جي گهيري هيٺ آيل لڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ترو ڪيءَ جو لڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تروڪيءَ پرسان قائم فوجي هيڊ ڪوارٽر جو ڏيک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو اتر – اولهه طرف ويندو آهي پر جبلن وچان ڪونه گذرندو آهي، جنهن بابت اڳ ۾ به اشارو ڏنو ويو آهي. ان ڪري ڪيس پڪو آسرو هو ته ڪڏهن نه ڪڏهن اڳتي وڌي هنن تي حملو ڪندو جيڪي بچاءَ جي لحاظ کان مضبوط ماڳ تي موجود آهن. تنهن ڪري هن منع ڪري ڇڏي هئي ته جاچ پڙتال جي مقصد سان ڪير به اوڏانهن نه وڃي. انهيءَ مقصد سان ته متان بلوچ شڪ ڪن ۽ انهيءَ ماڳ ڏانهن نه وڃن. تنهن ڪري کيس پڪ هئي، ته جيڪڏهن بلوچ قبيلا انهيءَ ماڳ وٽ پهتا ته سنڌن چوڌاري ڪڙو چاڙهي هنن جو ان پاڻي بند ڪري ڇڏبو ته لاچار تي پوندا. ان کان پوءِ فوج جو ڪٽڪ متن چاڙهي وجبو ته هو پاڻ اچي متو ٽيڪيندا. هو اهڙي سوچ ويچار ۾ تپ هو جو ڪئمپ ۾ ڪجهه گهوڙيسوار ڊوڙائيندا اچي پهتا ۽ اچي اطلاع ڏنائون ته جيئن ئي فوجي ڪانواءِ Convoy مختلف جاين تي سامان ڏئي پوئتي اچي رهيو هو ته بلوچن متن حملو ڪري ڏنو آهي. ويڙهه جاري آهي. اهو جهيڙي وارو ماڳ ٽي چار ميل مس پري ٿيندو. اها ڳالهه ٻڌي سر چارلس لانگ ورائي وٺي گهوڙي کي ٻٽيو ۽ سنڌس واڳون ان ماڳ ڏانهن واريون جتي جهونجهارڪو جهيڙو متل هو. هن پهريدار طور مخل گهوڙيسوار ڪنيا هئا. ويندي وقت حڪم جاري ڪيو هئائين ته ”اريگيولر هارس“ هن جي ڪڍ لڳا اچن. بلوچن هن جي فوجي ڪئمپ پرسان حملي ڪرڻ جي جرئت ڪئي هئي. ان جو مطلب هو ته دشمن جي پناهه واري جڳهه ويجهو هئي. هو هڪدم سمجهي ويو هو ته سنڌن اهو بچاءُ تروڪي آهي.

## دشمن گهوڙيسوارن سان مهاڏو ۽ انهن جي تروڪيءَ ڏانهن ياچ

اهڙا خيال ڪندو هو جهيڙي واري پڙ تي پهتو. سنڌس تصور هو ته دشمن جهيڙو جاري رکي ته سنو. پر سنڌس ماتحت فوج جڏهن ڏنو ته دشمن جو ٽولو پنجاهه گهوڙيسوارن تي مشتمل آهي ته هنن به وٺي متن جُلهه لاءِ گهوڙن کي ڊيهڙ ڏنو. مخالف ڌر جڏهن ڏٺو ته پچڻ جي پيٽي ڪانهي ته وٺي پويان پير ڪيائون. سنڌس گهوڙيسوارن جو اهو قدم غير فوجي ۽ چڙ ڏياريندڙ هو. هن جلدي ۾ هڪ ٻي ترڪيب سوچي ورتي. هن ڏٺو ته اهي دشمن گهوڙيسوار پنهنجا ڊڍا ڊوڙائي جابلو جوءِ ۾ گم ٿي ويا. هڪ رهبر سنڌس ... بينو هو جنهن رڙ ڪري چيو ته اهي تروڪي ويا. هن اڳئين ڏينهن ... جو چيو هو ته تروڪي ٻن منزلن جي پنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتري پري آهي. سنڌس هن ڳالھ سان گڏ اهو به ڏٺو ويو هو تہ بلوچ گهوڙيسوارن ان طرف رخ اختيار ڪيو هو جنهن طرف تروڪي هئي. هن مان معلوم ٿي رهيو هو تہ هاڻي اهو قلعو به ليڻي پوندو جيڪو گهٽي وقت جي ڳولا ڪان پوءِ به ملي ڪونہ سگهيو هو ۽ سر چارلس کي اهو به يقين ٿي ويو هو تہ دشمن سان هاڻي هڪ هڪاٽي ضرور ٿيندي. ان ڪان پوءِ اريگيولر گهوڙيسوارن کي چيو تہ ان شگاف کي اک ۾ رکي هتي منزل ڪن جنهن وسيلي دشمن گهوڙيسوار جابلو علائقي ۾ هليا ويا آهن. ان ڪان پوءِ سر چارلس خوش خوش فوجي ڪئمپ ۾ اچي پهتو. انهيءَ وقت اونداهي ڇائنجي وئي هئي ۽ فوج کي چتاءُ ڏنو ويو تہ جڏهن خطري جو خاص آواز ٻڌن، تہ تيز رفتاري سان اڳتي وڌي وڃي گهوڙيسوار دستن جي مدد ڪن. سج ايرڻ ڪان پوءِ پيادل ۽ توبخانو اڳتي وڌيو ۽ اهو لڪ ڳولي لڌو جيڪو تروڪي ڏانهن وڃي ٿو پر ڏٺائون تہ ان اهو بند لڳو پيو هو.

## بلوچ سردارن جو پاتر چڏي تروڪي ڏانهن روانا ٿيڻ جا اطلاع

جنرل چارلس ان وقت تنبوءَ ۾ ويٺو هو جو وٽس هڪ جاسوس لنگهي آيو جنهن اچي کيس ٻڌايو تہ سيئي اتحادي سردار پارتر مان ٽپي تروڪي روانا ٿي چڪا آهن جن سان چار هزار ماڻهو گڏ آهن جيڪي اتڪل ٻہ ڏينهن ٿيندا، جو اتر پاسي وارا لڪ لنگهي تروڪي ڏانهن وڌي رهيا آهن. هنن بلوچن پارتر مان منزل بہ تروڪي ڏانهن وڃڻ خاطر پٽي آهي. جڏهن تہ تروڪي ڏانهن وڃڻ لاءِ لڪ بہ اهي ساڳيا آهن جن تي گهوڙيسوار فوج بيٺي آهي. سنڌس اهڙو اطلاع ان موقعي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو جيڪو هاڻي تازو رونما ٿي چڪو آهي. اهڙي ڳالھ مرين طرفان موڪليل سفيرن بہ ڪئي هئي. ان وقت سر چارلس کي محسوس ٿيو تہ سارو جنگي ڪيڏ سنڌس هٿن ۾ آهي. هن تڙ تڪڙ ۾ اٺ سُوار فوج ۽ 13 ريجمينٽ جا رضاڪار بيٽسن ڏانهن موڪليا جيڪو شور ۾ منزل ڪيون ويٺو هو.

## بيٽسن ۽ علي مراد کي اڳتي وڌڻ جو حڪم

ان ڪانپوءِ اهڙو حڪم بہ موڪليو ويو هو تہ بيٽسن ۽ علي مراد اڳتي وڌن. بيٽسن گجرو وارا لڪ لنگهي اڳتي هلي ۽ علي مراد گجرو لڪن جو اولهہ ڏئي مرو پٽ وسيلي پنهنجي فوج وٺي هلي. هنن ٻنهي فوجي اڳواڻن جو ڪم بلوچ سردارن وارو رستو وٺي، سنڌن پيڇو ڪرڻ ۽ تروڪي جا

اتر وارا لڪ اچ وچ ڪان بند ڪرڻ هو. هي فوجي مدد فقط بيٽسن لاءِ هئي. چاڪاڻ تہ علي مراد سر چارلس نيپئر جي حڪمن جي گهٽ پرواهہ ڪندو هو. سندس فوجي ڪئمپ بہ سدائين غدارن سان ڀري پئي هوندي هئي. پر پاڻ غدار ڪونہ هو. سندس فوجي خدمتن کي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي، تہ هي وفادار ۽ ڪم جهڙو ماڻهو آهي. پر ٻتاڪي گهٽو آهي. ان ڪان سواءِ هن جا گهٽا ماڻهو دشمن لاءِ جاسوسي ڪندا رهندا آهن. مان مجبور آهيان جو هنن ماڻهن کي پاڻ کان الڳ ڪري فوجي سرگرميون جاري رکي ڪونہ ٿو سگهان. پر اهي ماڻهو ظاهر ۾ تہ اسان سان گڏ آهن. علي مراد هاڻي حڪمن جي تعميل ڪونہ ڪندو آهي. پر آخر ۾ هن ۽ بيٽسن اڳتي وڌي تروڪي ڏانهن ويندڙ رستن جا لڪ 5 تاريخ صبح جو بند ڪري ڇڏيا هئا. اهڙي ريت تروڪي جو قلعو جيڪو سر چارلس کان هن وقت تائين لڪل رهيو. سو اوچتو ظاهر ٿي پيو هو جنهن مٿان ٽپي فوج اندر داخل ٿي هئي ۽ ڏاڙيلن جون ڪجهہ ٽوليون فوجي رابطي ۾ خلل وجهي رهيون هيون جن مان گهڻن کي جهلي قيد داخل ڪيو ويو. اهو سارو جنرل سر چارلس جي ذهانت جو ڪارنامو هو جنهن سان گڏ سندس محنت بہ شامل هئي. سخت قسم جي فوجي حملن جي پڄاڻي ائين ٿيندي آهي جنهن سان سچيتائي صحيح اندازو بہ شامل هوندو آهي. سر چارلس جو اهو اوچتو حملو ڏسي سردارن جي پيرن هيٺان جڻ زمين کسڪي وئي هئي، ۽ واٽڙا ٿي رهجي ويا هئا. سندن خيال هو تہ تروڪي هڪ ڏکئي علائقي ۾ موجود آهي. ان سان گڏيل جابلو علائقو بہ اوڙڪ اهنجو آهي. علائقو ويران ۽ خطرناڪ آهي جيڪو جڻ هڪ راز آهي. دشمن هنن کي ڳولي پريشان ٿي ويندو. هن قلعي ڏانهن ويندڙ رستا منجهيل ۽ پيچيده هئا جن جي آڏار تي هو قرلٽ ۽ قتل جون ڪارروايون ڪري هتي اچي لڪندا هئا. اهڙي ريت حملو ڪندڙ فوج ۽ انهيءَ جا ساٿي ٻڪن ۾ مري پاهہ ٽيڻ ڪانپوءِ ايترا ڪمزور ٿي ويندا، جو هنن لاءِ جنگ ۾ پير پختا ڪري وڙهڻ ممڪن ڪونہ رهندو. اهڙين غلط فهمين ۾ مبتلا ٿي پاڻ کي شهباز سڏائيندا هئا، ۽ جبلن جي چوٽين تي ويهي پنهنجي شڪار جي تاڙ ڪندا ۽ مٿن حملا ڪندا هئا. پر ڪين انگريز فوج جي شهبازن پنهنجي چنبن ۾ جهلي ورتو جيڪي انهن کي شريف ٻڌائڻ جا جتن ڪندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪانپوءِ هنن ڏاڙيلن جي چوڏاري ڪڙو چاڙهيو ويو هو جن وٽ ڪاڏو پيتو گهٽو ڪونہ هو. چوپائي مال جا ڌڻ بہ ڪاجي ڪپي وڃي ٽورا بچيا هئا. وٽن اناج بہ ايترو گهٽو رڪيل ڪونہ هو. ڏڪار بہ ڏائڻ وانگي وڏو وات ڦاڙيون ڪين ڳيت ڏيڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ هو. انهن جا سر چارلس جي جنگي مهم خلاف اپ ڏاريندڙ نعرا هميشه لاءِ ختم ٿي ويٺا هئا. ڪين ملندڙ سزائون هنن جي سوچ فڪر ڪان گهٽو وڌ ڪونہ هيون. هي فوجي پيش قدمي عام قسم جي ڪانہ هئي. بيٽسن ۽ علي مراد ڏکين لڪن مٿان سخت پهرو بيهاري ڇڏيو هو. پاڻ بلوچ سردارن جا رند وني اڳتي وڌڻ لڳا. ڏگ ڏاڍو ڏکيو هو ۽ رستي ۾ هنڌين ماڳين وڏا ۽ نوڪدار پتر پيا هئا جنهن تان لنگهڻ ئي مشڪل هو. پر هنن بنا ساهي پٽڻ جي لڳاتار سٺ ميل سفر ڪيو هو ۽ کين کاڌ خوراڪ ۾ اڌ راشن ملي رهيو هو. سيني فوجين جا لٽا ليڙون ۽ پير اگهاڙا هئا. گهوڙن جي نعلن جو بہ پتو ڪونہ هو تہ الائي ڪٿي لهي ويا. جڏهن هر نعل جي قيمت ٽيهہ شلنگ هئي. جنرل سر چارلس نيپئر هن کي پيش قدمي نہ پر جبلن تي چڙهڻ لکيو آهي. پر هتان جي هر پيش قدمي جبلن تي چڙهڻ هو. پر بهادر فوج پڙڪ بہ ڪانہ ٻولي هئي.

جڏهن بيٽسن ۽ علي مراد جي پهچڻ جون خبرون پيون تہ پيادل فوج پنهنجي منزل پٽي ڏکڻ طرف واري لنگهہ وٽ وڃي ڪئمپ ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت گهوڙيسوارن بہ اولهہ پاسي وڃي ڏکڻ واري لنگهہ جي ڳولا ڪئي، جنهن بابت کين اطلاع مليل هو. جنرل سر چارلس وڏي محنت ڪري جاچ پڙتال ڪري سيني لڪن ۽ لنگهن جو پتو لڳايو هو ۽ هڪ اوچي ٽڪريءَ تان اڪري تروڪي واري قلعي جو اندروني جائزو ورتو هو ۽ حملي ڪرڻ جو منصوبو جوڙي ورتو هو. هن سوچيو هو تہ ان منصوبي تي آخر ۾ عمل ڪيو ويندو. چاڪاڻ تہ اها جاءِ بهترين هئي. نهايت شاندار ۽ اعليٰ. هن جي ڊيگهہ ٻارهن ميل ۽ ويڪر پنج ميل هئي. فطرت هن کي ڏاڍي سهڻي طريقي سان ٺاهيو جو هڪ پاسي هن جو وجود هڪ راز هو تہ ٻئي پاسي ڏاڍو مضبوط هو. مضبوط انهيءَ ڪري تہ اهو هڪ جابلو پٽو هو جنهن جون ٽڪريون سوين فوٽ اوچيون هيون. ڏکڻ پاسي کان نظر ايندڙ ٽڪريون اهڙيون هيون جن تي چڙهڻ مشڪل هو. اتر طرف کان بہ ايڪپرو هو. جڏهن اندر رستن پاسي کان ٽن طرفن کان اپڪپرو هو پر ڏکڻ پاسي کان چڙهڻ ۾ ڪجهہ سولو هو. اهڙي ريت هي قلعو چئن

طرفن کان حملي ڪرڻ لاءِ ڏکيو هو. وچ تي ٻه گهٽيون ٽڪريون هيون جن ۾ غار نظر اچي رهيا هئا ۽ سيئي ايڪپريون هيون.

راز انهيءَ ڪري ته ڏکڻ پاسي ٽڪرين جي هڪ ٻي قطار هئي، جيڪا هن پاسي کان چڙهڻ ته پٽ ڏني وئي هئي، جيڪا ٻه ٽي سو فوٽ مٿي هئي ۽ تروڪي واري جابلو پٽي سان گڏ هئي. جنهن تروڪي کي اهڙي ماٿري ٻٽائي ڇڏيو جنهن اندر وڃڻ مشڪل هو. اهڙي جابلو پٽ ڪري وچ تي هڪ گهٽي Lane ٺهجي وئي هئي جنهن اندر داخل ٿيڻ لاءِ لڪ هئا جن وٽ پهچڻ لاءِ سوڙهين کاهين جو رستو هو. ان جابلو پٽيءَ جهڙيءَ پٽ جي پرئين پاسي ميلن تائين نوڪدار وڏن پٿرن جا وڏا ڍير هئا جيڪي هلندا اچي ٽڪرين جي ان ديوار سان لڳا هئا جن مان اڪري اڳتي وڌڻ ڏاڍو ڏکيو هو هن لڪل مضبوط جڳهه جا لنگهه چڙهڻ تباهه ٿيل وڏا ۽ بيضوي شڪل جا هئا جيڪي حقيقت ۾ ٽڪرين اندر پيل وڏا ڏار جن جو مٿيون حصو پاڻ ۾ مليل هو ۽ هيٺيون پاسو کليل هو. تنهن ڪري اندر روشني گهٽ هئي. قلعي جي اندرئين پاسي پاڻي جام هو. ان کان سواءِ کاهين ۾ پاڻي بيٺو هو جن وسيلي ڏاڙيل ڪنواءِ کي ڦرڻ کانپوءِ قلعي اندر داخل ٿي ويا هئا. اندر گرم پاڻي جو هڪ وڏو چشمون موجود هو. جنهن جو پاڻي ته پيئڻ جوڳو هو. پر بندوق بازن فوج کي اهو پاڻي پيئڻ ڪونه ڏنو جيڪي ڏنگي ڦڏي نوڪدار ٽڪريءَ تي چڙهيا بيٺا هئا. ان قلعي جي اندرئين پاسي اسان کي نه اناج جا پاندا ڏسڻ ۾ آيا نه چوپائي مال جا ڌڻ نظر آيا. هنن ٽڪرين اندر ڪيترائي ڏار هئا ۽ ڪيترائي لنگهه هوندا. اهو ٻه امڪان هو ته ڪيترائي جنگجو ماڻهو ٻاهر هوندا. تنهن ڪري انهن جي مزاحمت جو اندازو ڪرڻ مشڪل هو. تنهن ڪري ڦريائين اولهه پاسي کان گهوڙيسوار فوج کي پڪيڙي بيهاريو ويو جيڪي مناسب وٿيءَ تي بيهندا وڃي تومب تائين پهتا هئا. جتي "اريگيولر هارس" جي فوجي چوڪي موجود هئي. جڏهن ته اريگيولر هارس تروڪيءَ جي اولهه پاسي کان گشت ڪري رهي هئي جيڪي بيٽسن ۽ علي مراد وچ ۾ رابطي جو وسيلو هئا. پر جڏهن سيني لنگهڻ جي معلومات ملي وئي ۽ فوجين کي بيهاري محفوظ ڪيو ويو ۽ سڀ انتظام مڪمل ٿي ويا ته سر چارلس قلعي اندر داخل ٿي ٽڪرين جي ڏارن ۾ وينل ڏونگري ڏينين سان مقابلي ڪرڻ جو هڪ منصوبو جوڙيو هو جيڪي انساني شڪل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزن جي فوج سان جنگ ۾ جُتل هئا. پڪ هئي ته پنهي طريقين کان انساني رتو ڇاڻ ٿيندي ۽ قتل عام ٿيندو. ڪنهن به ڏر کي سرسيءَ جي پڪ ڪانه آهي. ڇاڪاڻ ته قلعي نما هن ماڳ جو جهڙو اندريون پاسو خوفناڪ هو تهڙو اندريون پاسو پوائٽو هو. اتر پاسي کان بيهي اندازو ڪيو ويو ته ڏکڻ واري پاسي کان وڌيڪ سولو هو تنهن ان مٿان اڪري هڪ لڪ وسيلي اڳتي نڪتا. پر اندرئين پاسي کان هيٺ ڏنوسون ته اهو پاسو صفا ايڪپرو هو ۽ هيٺ لهڻ ڏاڍو مشڪل هو. اتان بيهي ڏنو ويو ته جابلو ماٿهو هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. سندن اهڙي چرير ڏاڍي ڏکي هئي جنهن سمجهه ۾ اچي رهيو هو ته زمين جو مٿاڇرو هيٺ مٿي ۽ ڏکيو هو ڇاڪاڻ ته اهي چوپائي مال ۽ انن کي رسن کان وٺي هيٺ ۽ مٿي ڪاهي وڃي رهيا هئا. ڪٿان وري اهي ڦري غارن وچان به گذري رهيا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته هر سو گز تي هڪ محفوظ ماڳ موجود هو جيڪي سٺ هم چورس ميلن اندر پکڙيا پيا هئا.

سر چارلس پنهنجي حملي جي منصوبي کي عملي جامو ڪونه پارايو هو پر ناهيو ڏاڍي ڏيان ۽ گيان سان ويو هو. ان تي عمل ڪرڻ ۾ به همت ۽ دليري جي ضرورت هئي. تروڪي جي مقابلي کان پوءِ اهو منصوبو ڊيوڪ آف ويلنگٽن ڏانهن موڪليو ويو هو جنهن کي ان ڏاڍو پسند ڪيو هو. اهڙي منصوبي مطابق اختيار ڪيل جنگي حڪمت عمليءَ جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو.

ٽڪرين جي پٽ جهڙي ٻاهرين قطار ۾ تروڪي جي ٻاهران واري جابلو پٽي Belt جي وچ تي هڪ گهٽي هئي جنهن جي ويڪر تي سو گز ۽ ڊيگهه چاليهه ميل هئي. هن گهٽيءَ Lane جي ابتدا اولهه کان تومب وٽان ٿئي تي جيڪا اوپر پاسي هلندي وڃي ديراه وٽ دنگ ڪري تي اها گهٽي تروڪي جي لنگهه وٽ گهٽي ويڪري آهي. ان لنگهه جي سامهون پيادل فوج ۽ مارٽر بيهاريا ويا هئا. پيادل کي لنگهه مٿان فائرن ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. جڏهن مارٽر جا گولا وڏن پٿرن جي انهن اوچن ڊيرن تي وسايا ويا هئا جتي ڏاڙيل وڏن ڏندن جي زور سان ڳوڙا پٿر اتلائي ان وقت حملہ آورن مٿان هيٺ ڪيرائي رهيا هئا. جڏهن اهي تروڪي اندر داخل ٿيڻ لاءِ ڪاهيءَ وچان گذري رهيا هئا. انهن وسندڙ گولن نہ رڳو انهن ماٿهن کي پڃائي ڪڍيو هو. جيڪي ڳورن پٿرن جي وڏن ڊيرن تي بيٺا هئا پر ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جابلو ماڻهن کي به ويجهو اچڻ ڪونه ڏنو هو. پٿرن جي ڍيرن ۽ پاسن تي ڦاٿنڊڙ گولا لڪ وٽ بيٺل تروڪي جي محافظ کي به پنهنجن جاين تان پڇائي ڇڏيو هو. مارٽرن جي ڪاہي پاسي پيادل فوج بيهاري وئي هئي. جن جي تفنگن ۽ گولين جي وسڪارن انهن ماڻهن کي ٽڪرن جي چوٽين تان لاهي ڀوڙائي ڇڏيو هو جيڪي توڙيدار بندوقن جي گولين سان حملہ آور فوجين کي پوئتي هٽڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا هئا پر لڪ جي ڪاہي پاسي ڪوبہ ماڻهو نظر ڪونہ آيو هو.

فوجين جو هڪ جٿو اولهہ طرف موڪليو ويو جنهن کي حملي خاطر نہ پر ڏيکاءَ خاطر روانو ڪيو ويو هو. هنن فوجين کي ڪمانڊر فقط ان وقت حملي ڪرڻ جو چيو هو. جڏهن ڏسن تہ ٽڪري چڙهڻ لاءِ ڏاڍي سولي آهي هنن فوجين کي اهڙي قسم جي مظاهري دوران فزجيرالڊ جي ڪمانڊ هيٺ رکيو ويو هو ۽ ڪجهہ چوند فوجي رکيا ويا هئا. جن کي لڪ جي ڪاہي پاسي موجود جابلو چوٽيون سنيالٽيون هيون. ڪين انهيءَ طرف وڌڻ جو حڪم مليل هو جنهن پاسي اڳي جاچي پرکي ڏنو ويو هو. ٿوري وقت کان پوءِ ڏنو ويو تہ انهن صحيح طرف ڏانهن چرپر ڪئي هئي. اهڙي ريت چونڊ بہ اهڙن ماڻهن جي ڪئي وئي هئي جيڪي جنگي سرگرمين ۾ تيز بهادر ۽ ارادي جا پڪا هئا. هن قسم جي خطرناڪ ڪم لاءِ ريجمينٽ 2 جي جوانن پاڻ کي رضاڪارانہ پيش ڪيو هو. جنهن مان فقط ٽي سو چونڊيا ويا هئا. ان کان سواءِ جنرل سر چارلس کي 6 ريجمينٽ اهڙي بهادرانہ حملي جي آڇ ڪئي هئي تہ جيئن ان کي پنهنجو جهنڊو واپس ملي سگهي. آزمائي ڏنو ويو تہ اهي بہ ڏاڍا بهادر هئا. هنن رضاڪار فوجين کي چپ رهڻ جو تاڪيد ڪيو ويو هو ۽ ڪين چيو ويو هو تہ جيڪڏهن هو گهائجي بہ پون تہ ڏندن هيٺان ڪاني ڏئي بہ ماٺ رهن. هن قسم جي فوج جو ڪمانڊر فزجيرالڊ کي مقرر ڪيو ويو هو جيڪو پاڻ بہ بهادر ۽ عقلمند هو. هي اهڙا چونڊ فوجي هئا جيڪي دشمن جي هر مقابلي کي منهن ڏئي سگهڻ جهڙا هئا. ٽڪريءَ تي چڙهڻ ۾ بہ ڪلاڪ لڳي ويا هئا. اڳتي وڌڻ لاءِ بندوبست اهڙو ڪيو ويو هو جو نہ دشمن فوج کي ڏسي سگهيو هو نہ وري انهن پٿرن جي ڪرڻ جو آواز دشمن جي ڪنين پيو هو جيڪي فوجين جي هٿوراڙيون ڏئي مٿي چڙهڻ ڪري هيٺ ڪري رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تروڪيءَ جي ٽڪرين جي جائزي کان پوءِ حملي لاءِ منصوبه بندي

حملي جو وقت اڳئي مقرر ڪيو ويو هو تہ سر چارلس نيپئر، جنرل سپمسن ۽ اسٽاف ڪيترين راتيون لڳاتار مٿي چڙهي تروڪيءَ اندر موجود ٽڪرين جو معائنو ڪيو هو. هنن پهرئينءَ رات ڏٺو هو تہ هڪ وڏو مچ ٻري رهيو هو ۽ جابلو ماڻهو ٽولا ڪيون ان جي چوڌاري ويٺا هئا ۽ اهو مچ ساري رات ٻرندو رهيو هو. ٽئين رات اهو مچ رات جو ڏهين وڳي تائين ٻرندو رهيو ۽ پوءِ وسامي ويو. معلوم ٿي رهيو هو تہ اهي جابلو ماڻهو ٽڪرين جي چوٽين تي اهڙين چوڪين کي جاري رکڻ کان تنگ ٿي پيا هئا. چاڪاڻ تہ اهي گهٽيون اوچيون هيون ۽ سيءُ بہ ڏاڍو هو. ٿوري وقت کان پوءِ ڏٺو ويو تہ رات جو ٽڪريءَ ۾ ڪنهن بہ چوٽيءَ تي مچ ٻريل ڪونہ هو. هن صورتحال مان معلوم ٿي رهيو هو تہ هاڻي رات جي پهري ڏانهن ڌيان گهٽ ڏنو ٿي ويو. ان کان پوءِ حملي ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو ويو جيڪا ترڪيب هن ريت رکي وئي هئي تہ سيني وڏين توبن ۽ تفنگن کي هڪ ئي وقت فائر ڪرڻ گهرجن. اميد هئي تہ ان ڪري هن سوڙهي ماٿريءَ ۾ دونهون ڇائنجي ويندو. ٻيو تہ چوڌاري اوچيون ۽ ايڪريون ٽڪريون هيون جنهن ڪري توبن جي گجڪارن جا پڙاڏا ٻُري اٿندا. ان ڪري ڌاڙيلن جو سارو ڌيان ڪاهيءَ واري لنگهہ تي ويندو. پر دونهين ڪري اهو لنگهہ ڏسي ڪونہ سگهبو ۽ فزجيرالڊ جي ماتحت فوج بہ هنن کي نظر ڪانہ ايندي نہ وري هنن کي انهن پٿرن جي هيٺ ڪرڻ جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ ايندو جيڪي فوج جي ٽڪريءَ تي مٿي چڙهڻ سرڪي اچي هيٺ ڪرندا. اهڙيءَ ريت گولن جي گاج ڪري فزجيرالڊ جي حملي جي بہ ڪين سڌ پئجي ڪانہ سگهندي. پر جيڪڏهن هنن کي ان فوجي چرپر جي ڪڙڪ پئجي بہ وئي تہ اهي ٽڪرين تي پنهنجا پير جمائي ۽ تيز رفتار جُلهہ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن يا جيڪڏهن ڪين اهو پتو پيو تہ هو جبل جي اتاهين چوٽي تي چڙهي حملي ڪرڻ لاءِ اشاري طور ٻاهہ ٻاري رهيا آهن تہ هو پاڻ ئي ضرور سمجهي ويندا تہ جنگ اچي سر تي پهتي آهي.

جيڪڏهن حالتن اجازت ڏني تہ ڪاهي واري لنگهہ کان قلعي اندر ڪاهي پئبو ۽ جيڪڏهن سمجهيوسون تہ ائين ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو تہ پوءِ ڪاهي واري لنگهہ وٽان اندر داخل نہ ٿبو. هيءَ ساري ڳالهہ فزجيرالڊ تي مدار رکي ٿي تہ جيڪڏهن هو مٿي ٽڪرين تي پنهنجا پير پختا ڪري

ويو ته ساري پيادل هن جي پنيان صفون ٻڌي بيهي ويندي. جيڪڏهن ڪيس شڪست ملي ته پوءِ اهڙي شڪست کي لڪائڻ لاءِ ڪاهيءَ واري لنگهه وٽان جلهه ڪرٽي پوندي پر ڪاهي واري لنگهه وسيلي حملو ڏاڍو خطرناڪ هوندو تنهن ڪري ان کان هٿ ڪڍي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. مگر فوج پُراعتماد هئي ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ ڳت ڏئي بيهي رهي هئي. جنرل چارلس انهن جي همت ۽ بهادريءَ کان چڱيءَ ريت واقف هو. تنهن ڪري هن ڪاهي واري لنگهه وسيلي طوفاني حملي بابت حڪم ڏيڻ کان لهرائي رهيو هو. هن جي مرضي هئي ته رزرو فوج سنڌس هٿ هيٺ رهڻ گهرجي جنهن کي ضرورت وقت مرحليوار لنگهه ڏي موڪليندو رهجي. چاڪاڻ ته هن کي فوج جي بهادريءَ ۽ همت تي تمام گهڻو اعتماد هو. جيڪي توبن جي گولن جي گجڪارن ۽ دونهين ڪري وڌيڪ مشتمل تي ويا هئا ۽ لڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ ڏاڍو بيتاب هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته ڪابه قوت سنڌن بهادريءَ اڳيان بيهي ڪانه سگهندي. سنڌس فوج ڪيتري پاڻيءَ ۾ هئي جيڪا اتر واري لنگهه وٽ بيٺي هئي ۽ پنهنجي اهڙيءَ بهادريءَ جو مظاهرو ڪري چڪي هئي. هن فوج جي پاسن کان پٺيان بيٽس ۽ علي مراد جون فوجون بيٺل هيون جن ان کي لنگهه وٽان هڪ ئي وقت طوفاني حملي ڪرڻ جو حڪم مليل هو.

## غلطيءَ سبب ڪيل حملي جو نتيجو

هي ڪمانڊر هن کان اڳ هڪ حملي ڪرڻ جي مقصد سان گڏ ٿيا هئا ۽ هڪ ننڍي رستي وسيلي لڪ ۾ داخل ٿيا هئا. پر هڪ فوجي سارجنٽ ۽ سورهن رضاڪار غلطيءَ وچان هڪ ننڍي غار کان داخل ٿيا جن جو تعلق 13 ريجمنٽ سان هو. هن غار جي ٻئي پاسي دشمن ميڙاڪو ڪيون بيٺو هو. پر اڳتي هلي اهو غار نما لنگهه هيٺ اونهون ٿي ويو جنهن مان گذرڻ ئي ناممڪن هو. ان فوج جي ڪمپني هن غار جي ٻئي پاسي هئي جنهن سان مذڪوره سارجنٽ جو واسطو هن ڪمپنيءَ جي عملدار جڏهن ڏٺو ته ٽڪريءَ تي بيٺل دشمن ڏاڍو سگهارو آهي ته هن موٽڻ جو اشارو ڪيو. پر ان کي سارجنٽ غلط سمجهيو ته اهو اشارو حملي ڪرڻ لاءِ آهي. تنهن ڪري هن ايڪيريءَ ٽڪريءَ تي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. ڏاڙيل ان ٽڪريءَ جي اوٽ ڏيون سيني جيتري اوچي پٽ پٺيان لڪا وينا هئا جيڪا ٽڪريءَ تان لهڻ واري جڳهه جي

پرسان هئي. پھريائين تہ اتي يارهن چٽا فوجي موجود هئا. ان ڪان پوءِ تعداد وڌي ستر تي ويو. جيڪي اڳتي سرڪي اچي پرسان بيٺا. مٿي بيان ڪيل يارهن فوجين جي سينن تي ميڊل چمڪي رهيا هئا. ڪن ڪي تي ميڊل بہ مليل هئا. جيڪي بي مثال بھادري جو مظاهرو ڪري رهيا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ جنھن دليريءَ جو هنن جلال آباد ۾ مظاهرو ڪيو هو سو ڪو وڏاءُ ڪونہ هو. هنن مان ڇهہ چٽا تہ مري ويا باقي ٻيا سخت گھائجي پيا هئا. جن کي ٽڪريءَ تان ڪسڪائي هيٺ موڪليو ويو هو. هنن فوجين سترهن ڏاڙيلن ۽ سندن ڪمانڊر کي ماري پوءِ اهڙي قرباني ڏني هئي.

## بلوچ روايت موجب جنگي جوڌن جو ڪفن دفن

هنن جابلو ماڻھن ۾ هي رسم هوندي آهي تہ جڏهن ڪا معزز ۽ محترم شخصيت جنگ ۾ وفات ڪري ويندي آهي تہ غسل ڏيڻ کان پوءِ ان جي هڪ هٿ جي ڪارائيءَ ۾ سائو يا ڳاڙهو سڳو ٻڌندا آهن. پر اهو ضرور ڏنو ويندو آهي تہ ان بھادر انسان جنگ ۾ وڙهندي ڪھڙيءَ دليريءَ سان موت جي آجيان ڪئي آهي. ڪارائيءَ ۾ ڳاڙهو سڳو ٻڌڻ وڏي اعزاز جي علامت تصور ڪيو ويندو آهي. انھيءَ رسم مطابق هنن جنگجو ماڻھن کي وهنجاري ڪفن ڍڪايو ۽ هر هڪ لاش جي ٻنهي ٻانهن ۾ ڳاڙها ڌاڳا ٻڌا هئا. هن کان اڳ ڪلارڪ جي هٿن جي ڪاراين ۾ بہ ڳاڙها سڳا ٻڌا ويا هئا. چاڪاڻ تہ هو بھادر هو ۽ ڏاڍيءَ دليريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪيو هو. هنن جي موت ڪري سيل Sale شرم محسوس ڪري رهيو هو.چاڪاڻ تہ اهي بھادر پنھنجي دليريءَ جي ڌاڪ وهاري چڪا هئا پر هن جلد ئي اهڙو مٿاهون ماڳ حاصل ڪري ورتو هو. شال هنن جا نالا عزت ۽ احترام سان ورتا وڃن.

## باغي پيش نہ پيا تہ تروڪي سندن موت جو ميدان بڻبو

سر چارلس نيپئر تروڪي تي طوفاني حملي جو پڪو پهہ ڪري چڪو هو. اهڙي حملي جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. پر اهو تڏهن جڏهن ٻيا طريقا ناڪام ٿي ويندا ۽ ائين ڪرڻ کان سواءِ ڪو ٻيو گس ڪونہ هوندو. سر چارلس پنھنجي فوجي سپاهين سان گھڻو پيار ڪندو هو ۽ ڪونہ چاهيندو هو تہ اهي اهڙي قهري ڪوس جو شڪار بڻجن. هن جي سوچ هئي تہ هنن جي بھادري کي آزمائي ڏسڻ جا ٻيا طريقا ختم ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا تہ اهو آخري طور طريقو ڪتب آندو ويندو. پر آڏو دشمن بہ بهادر تہ هو پر ڪين ڪاڏو پيتو بہ گهٽ ملي رهيو هو. تنهن ڪري ڏاڍا ڪمزور ٿي ويا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو بيجار جا بٽائيل بهترين جنگي منصوبا ناڪام ٿي رهيا هئا. ان ڪري ڳالهہ ٻولهہ کان سواءِ هنن لاءِ ڪو ٻيو رستو ڪونہ رهيو هو. پر هن جي چوڌاري سخت ڪڙو چاڙهيو ويو. تنهن ڪري ڪابہ کاڌي پيتي جي شيءِ اندر وڃي ڪانہ ٿي سگهي ۽ سوچيو پئي ويو تہ ناهہ جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ دير ڪانہ ٿيندي. جنگ جي جاري رکڻ لاءِ سر چارلس کي ان ۽ پاڻي گهٽو پري کان آڻڻو پوندو هو. سندس ويڙهاڪن جي حالت اها هئي جو اڃيا ۽ بکيا هئا سندن لڱن تي ساڄي ليڙ بہ ڪانہ هئي ۽ پير بہ اگهاڙا هئا. هنن سارو پنڌ ڇهنبارين پهڻن تان ۽ ننڍي جهنگ وچان ڪيو هو. تنهن ڪري سندن پيرن جون کلون لهي ويون ۽ ڪپڙا بہ ڦاٽي چيڙهون ٿي ويا هئا. بک ۾ هر گندي شيءِ کائڻ ڪري منجهن بيماري ڪاهي پئي. جنهن ڪري اهو اهڙيءَ کُهتيءَ بيماريءَ ۾ ڦاسي پيا جو گهٽا وير ۽ ويڙهاڪ مري کپي وڃي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا باقي بچيا آهن. اهڙي ڪاري واريءَ ۾ بہ هنن ٻڙڪ ڪانہ ٻولي. سندس ماڻهو بہ راضي هئا تہ هو پنڌ ڪري مرن يا سندن ڪنڌ تلوار سان وڍجن پر هو پنهنجي ڪمانڊر جو هر چيو اکين تي رکندا هئا. هڪ فوجيءَ پنهنجي خيال جو اظهار هن ريت ڪيو هو تہ ”جڏهن مان هن جهونڙي جنرل کي لڳاتار گهوڙي تي سفر ڪندو ڏسان ٿو تہ پوءِ مون جهڙي جوان کي پير پساري ڇو وهڻ گهرجي. خدا جو قسم جيڪڏهن هو مون کي حڪم ڪندو تہ مان پاڻُ توب جي منهن ۾ ڏئي سگهان ٿو.“ هي فوجي عملدار جنگي مهم ۾ هن سان گڏ هو جنهن پنهنجي خيال جو هن ريت اظهار ڪيو هو.

اهي بهادر عملدار ۽ وسيع دل وارا فوجي سپاهي هئا. هاڻي هنن جي طاقت جا ڏينهن اچڻ وارا آهن. ماضيءَ جا اڻ وٽندڙ واقعا جڻ سندن قوم جي ڪم نصيبي هئي. اهي پنهنجي تنبن جي دروازن مان ڏسي رهيا آهن تہ کهڙيون جڳهيون آهن جتي سندن جنگي مهمون ناڪام ٿيون هيون. نوڪدار ٽڪرين تي اهڙا نشان موجود آهن جتي ڪلارڪ ۽ ٻين دوستن جا لاش انتقام وٺڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن. جيڪڏهن جابلو ماڻهو ٿورو وقت ترسن ها تہ ڪانئن هر وقت انتقام ورتو وڃي ها. هن ڪان

اڳين مهمن دوران رسدگاه وارن جو قتل عام ٿيو هو جيڪي ويچارا پنهنجي سامان جي ڪپائڻ لاءِ فوجي پيش قدميءَ سان گڏ سفر ڪندا آهن. تنهن ڪري فوجين جون دليون ڪوسيون هيون ته اهڙن ماڻهن سان ناهه جون ڳالهيون نه ڪيون وڃن ۽ فيصلو تلوار جي ڌار سان ٿئي. هن انگريز جنرل جي شخصيت ۾ ايڏو اثر هو جو اڳي جيڪي انتقام وٺڻ لاءِ قسم کڻي چڪا هئا سي به پنهنجي ضد تان لهي ويا. اهي ڏاڙيل رڳو انگريز فوجين لاءِ بي رحم ڪونه هئا. پر پنهنجي زالن ۽ ٻارن ٻچن لاءِ به ظالم هئا. ان ڪان پوءِ هنن پڪو پهه ڪيو ته انهن جي بي گناهه زالن ۽ ٻارن ٻچن کي بچائڻ لاءِ ساڻن ناهه جي ڳالهه ٻولهه ضرور ڪئي ويندي. خوشقسمتي جي ڳالهه اها هئي جو بي گناهه عورتن ۽ ٻارن ٻچن جي قتل عام کان پاسو ڪيو ويو.

## ڊومبڪي، بگٽي ۽ جکراڻي سردارن جو نيپئر اڳيان پيش پوڻ

28 فيبروري تي تروڪي دريافت ٿي هئي. 4 تاريخ مارچ تي بجار خان ڊومبڪي، سلام خان بگٽي، دريا خان جکراڻي ۽ ٻيا ننڍا سردار ان وقت سر چارلس نيپئر جي تنبوءَ ۾ داخل ٿيا جڏهن هو تروڪي تي طوفاني حملي جا حڪم جاري ڪري رهيو هو. هنن سردارن سان مندو Mandoo خان به گڏ هو جيڪو بجار خان جو ننڍو ڀاءُ هو. جنهن جي نالي کان انگريز ڪمانڊر اڳا تائين واقف ڪونه هئا. پر مڙس مٽيادار هو. هنن سردارن سان گهرام به گڏ هو. سيئي سردار قداور ۽ سگهارا هئا ۽ خوفناڪ جنگجو ڏسجي رهيا هئا. پر دريا خان جکراڻي قد جو وچٿرو هو جيڪو مزاج ۾ ڏاڍو شريف پئي لڳو. سندس قبيلو هن جي شرافت ڪري سندس تمام گهڻي عزت ڪندو هو. هي سردار اهڙي عزت لائق به هو. ٻين سردارن جي خيال موجب هي سردار قتل ڪرڻ ۽ لٽڻ ڦرڻ لائق هو. بجار خان وڏي عمر جو سردار هو. پر قد ڪاٺ ۾ پانجيرو ۽ پهلوان هو. سندس شخصيت ۾ مقناطيسي اثر هو. طاقتور هجڻ ڪري وڏيءَ عزت جو مالڪ ۽ جابلو علائقن جو دلير ڏاڙيل هو. سندس جوش جذبو خطرناڪ هو. جيڪو سندس عزت ۽ شخصيت سان بي جوڙ لڳي رهيو هو.

هنن اچڻ سان ناهه جي شرطن ٻڌائڻ جو مطالبو ڪيو. جنهن تي سر چارلس کين چيو ته پهريون شرط پيش پوڻ آهي. ٻيو ته جنهن جوءِ ۾ آهيو اتان لڏي ويندؤ. ميداني علائقا ڇڏڻا پوندوَ خطرناڪ جابلو علائقن

کي ڇڏڻو پوندوَ. تنهن تي سردارن چيو اسان کي پنهنجي ماڻهن سان صلاح ڪرڻ جي مهلت ڏيو.

ٻئي ڏينهن مندو خان آيو ۽ سر چارلس کي چيائين تہ شرطن ۾ ڪجهہ ترميم ڪئي وڃي، جنهن تي جنرل وراڻيو تہ شرطن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ترميم ڪانہ ٿيندي. ان کان پوءِ دريا خان جکراڻي، ترڪ علي، دينڻ مندوئي، سليمان رمداڻي، بجار خان جو پاءُ جمال خان ڏومبڪي آيا جن سان گڏ سندن قبيلن جا ماڻهو هئا جيڪي سر چارلس جي پيرن ۾ تلوارون رکي پيش پيا. هنن سردارن سر چارلس جو احسان مڃيندي چيو هو تہ اسان تنهنجا ٿورائتا آهيون جو تو اڄ ۾ اسان جي عورتن ۽ ٻارن ٻچن جي عزت رکي. مردن کي لٽيو ڦريو ڪونہ ويو هو. هو فوج سان گڏ ائين هلي رهيا هئا جيئن ڪو ماڻهو قافلي سان گڏ عزت آبروءَ سان سفر ڪندو هجي. هنن سان گڏ جيڪا مال ملڪيت هئي تنهن کي بہ هٿ ڪونہ لاتو ويو. هنن ٻڌايو تہ ڪئپٽن پوسٽنس بجار خان سان توهين آميز سلوڪ ڪيو هو. تنهن ڪري هو ڪنهن بہ واعدي تي ويساهہ ڪونہ ٿو ڪري. ان کان پوءِ جنرل سمپسن ڳالهايو جنهن کي تروڪي ۾ ڪيڏي موڪليو ويو هو.

## بلوچ سردارن جو ڪئپٽن پوسٽنس کي گرفتار ڪري سزا ڏيڻ جو شرط

سر چارلس پنهنجي خيالن ۾ بلڪل صحيح هو. بعد ۾ اتي ويٺل سردارن پنهنجي ڪاراين ۽ مرن ڏانهن اشارو ڪري ڪئپٽن پوسٽنس جي نالي کي دهرايو جنهن جو مطلب هو تہ ان ڪئپٽن کي گرفتار ڪيو وڃي. اهو ڏسي انگريز جنرل ناراض ٿي ويو ۽ نئين سر جنگي سرگرميون جاري ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ ٽن سوَن تي مشتمل فوجي ڪالم کي حڪم ڪيائين تہ هو وڃي علي مراد ۽ بيٽسن سان رابطو ڪن جيڪي تروڪي جي اولهہ پاسي موجود آهن. بلوچ سردارن پيش پوڻ وقت تروڪي جي ڏکڻ پاسي وارن لنگهن کي سر چارلس جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري فوج کي ننڍن ڪالمن ۾ ورهائي تروڪي اندر موڪليو ويو تہ جيئن ان جڳهن جي اندروني حصن تي قبضو ڪري وٺي. کين اهو بہ حڪم ڪيو ويو هو تہ جنهن کي بہ ڏسن تہ ان خلاف بندوق ۽ تلوار کي استعمال ڪن. پر کين تاڪيد ڪيو ويو هو تہ عورتن ۽ ٻارڙن جي عزت رکي وڃي. اهڙا حڪم 7 تاريخ تي جاري ڪيا ويا هئا. ٿوري وقت کان پوءِ بجار جا بہ پائر ۽ سندن ڪيپٽن کي گرفتار ڪيو ويو جن ڪنهن بہ قسم

جي مخالفت ڪانہ ڪئي هئي نہ وري ڪا رتوڇاڻ ٿي ٿي هئي. بجار بہ الائي ڪاٿي وڃي لڪو هو. اهڙي ريت مدد ڪرڻ وارا فوجي ڪالم، اٺ سوار فوج، گهوڙيسوار فوجي هيڊ ڪوارٽر ۾ ان جا پهريدار فوجي دستا ٻيا جي ڪڏ نڪري پيا هئا. انهن سيني کي حڪم هو تہ بيجار کي زنده يا مرده گرفتار ڪري سر چارلس نيپئر آڏو پيش ڪيو وڃي.

## بجار ۽ ٻين بلوچ سردارن جي گرفتاري ۽ بگٽين جي ڀاڄ

گهڻي ڪوشش کان پوءِ هنن سردار بجار، سندس ڀاءُ مندو، هڪ ڀائٽي، سندس پٽ وزير خان ۽ هڪ ننڍي بگٽي سردار کي گرفتار ڪيو ويو. هن سان گڏ قبيلي جا اهي ماڻهو بہ هٿيڪا ڪيا ويا جيڪي بجار خان جا وفادار هئا. باقي ٻيا ماڻهو پاڻمرادو اچي پيش پيا هئا. سر چارلس عهد ڪيو هو تہ انهن ماڻهن جي هر شيءِ لٽن ڦرن. پر ڪين ڇيو ويو هو تہ عورتن ۽ ٻارن جي عزت ڪئي وڃي. تنهن ڪري فوجين جتي بہ عورت ڏٺي يا جتي بہ ٻارڙن جو آواز ٻڌو اوڏانهن ڪونہ وڏيا ۽ انهن سان جيڪا بہ ملڪيت مڏي هئي. تنهن کي بہ هٿ ڪونہ لاتو ويو هو. سلام خان بگٽي ساڻ هو جو الائي ڪيڏانهن ڀڄي نڪري ويو هو. سندس سهرو هڪ ڪيتران سردار هو جنهن جو قبيلو ڏاڙيل نہ پر پوکي راهي ڪندو هو. تنهن ڪري هن سلام خان جي ماڻهن کي پنهنجي علائقي ۾ اچڻ ڪونہ ڏنو. ان کان پوءِ سلام بگٽيءَ جي ماڻهن ٻيو رستو نہ ڏسي بکر کان ڇتو ٿي وڃي مزارين کي ڦريو. پر انهن پنهنجو ڦريل مال ملڪيت ڪانئن کسي ورتو ۽ سندن هڪ سو ويهہ ماڻهو بہ قتل ڪري ڇڏيائون. ان کان پوءِ باقي بچيل بگٽين وڃي مرين کي لٽيو ڦريو. چاڪاڻ تہ ڪين بک صفا ڇتو ڪري وڌو هو. موٽ ۾ مرين هنن جا هڪ سو ماڻهو قتل ڪري ڇڏيا. باقي رهيل بگٽي مانيءَ گرهہ لاءِ پريشان وتندا هئا تلڪندا. سندن حالت اهڙي خراب ٿي وئي جو ڪين ڪو واٽ الله جي ماني ڳيو ڪونہ ڏيندو هو. اهڙي ريت هي جنگي مهم چوونجاهہ ڏينهن مسلسل هلي پوري ٿي وئي.

هن جنگي مهم بابت سر چارلس جو بيان هن ريت آهي تہ ”مان هن ڏکيءَ جنگي مهم دوران ڏاڍو پريشان هوس، مون کي اها بہ پڪ ڪانہ هئي تہ منهنجي هن تعريف جوڳي ڪم کي ڪير ساراهيندو بہ الائي نہ. پر مان سمجهان ٿو تہ جو ڪجهہ ڪيو آهي بهتر ڪيو آهي ۽ اها راند هاڻي ختم آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيپئر کي پنهنجن مانُ نہ ڏنو

سر هينري هارڊنج کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي هن جنرل جي تعريف ڪانہ ڪئي هئي. هن جو سر چارلس سان فوجي پاءُ ۽ عوامي انسان جهڙو رويو هو. انگلينڊ جي اختيارين بہ سنڌس هن جنگي مهم کي اهميت ڪانہ ڏني. اهڙين خبرن کي فقط هندستان تائين محدود رکيو ويو هو ۽ انگلينڊ جي ماڻهن کي پوري معلومات ئي ڪانہ ڏني وئي هئي. جنرل چارلس جي فوجي ذات، فوجي عملدارن جي بهادري، فوجي سپاهين جي دليري ۽ جن ماڻهن سرترين تي رکي جانين جو نذرانو ڏنو تن سيني کان انگلينڊ جي ماڻهن کي بي خبر رکيو ويو هو. جن ماڻهن بهادري جي ڳالهين کي دبائڻ ۽ گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تن تي فرض هو تہ اهڙن ماڻهن کي انعام ڏين ها ۽ بهادري جا ميڊل ڏين ها. پر تاريخ جي وات کي بند ڪري ڪونہ تو سگهجي. اهڙيون ڳالهيون فقط اهي ماڻهو ڪندا آهن جيڪي فطري طور گنديءَ ذهنيت جا هوندا آهن. سنڌس وفات کان پوءِ هنن ڳالهين کي اهميت نہ ملڻ گهرجي. ان کانسواءِ هن جي اسٽاف مان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي عهدي ۾ ترقي ڪانہ ملي. لارڊ رپن بہ گهڻي وقت تائين ڏانهنس لکيل خطن کي عام ماڻهوءَ کان لڪائيندو رهيو هو. جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ هن ائين چو ڪيو؟ تہ هن جواب ۾ چيو ڪانئس وسري ويو هو. ان جنگي مهم ڏونگرن جي ڏچن هڪ ڏينهن چا هڪ ڪلاڪ بہ گهوريو. پر لارڊ رپن ان کي ڪجهہ بہ ڪونہ سمجهيو. پر پنهنجي عيش عشرت واري زندگي کي گهڻو قيمتي تصور ڪيو هو. هن گورنر جنرل هجڻ واري عرصي ۾ مختصر لفظن ۾ اهڙو ذڪر ڪونہ ڪيو. ائين ڪرڻ شايد عوام جي توهين هئي!

## مري سردار جو وڪيل معرفت پيش پوڻ

بجار کي گرفتار ڪرڻ واريءَ هن ڏکي مهم دوران مرين ڊجي پنهنجا وڪيل موڪليا هئا. انهيءَ زماني ۾ مري قبيلي جي هلت چلت ڪجهہ مشڪوڪ تي وئي هئي. تنهن ڪري سر چارلس جو سنڌن اهڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪجي ويو هو ۽ مري سنڌس رويي کان ڊجي ويا هئا. بجار جي پيش پوڻ کان پوءِ هي انگريز جنرل هر سرگرميءَ کان آجو تي چڪو هو. ان کان سواءِ مرين جي شهر ڪاهان ڏانهن اهڙو رستو وڃي رهيو هو جنهن سان آساني سان توبون وڃي سگهيون تي ۽ جنهن ڏانهن وڃڻ لاءِ

سرتاف ۽ نفوسڪ جالڪ بہ ڪليل هئا. اهڙي حملي جي خوف سبب مرين جا وڪيل سر چارلس سان ملڻ لاءِ سندس فوجي ڪئمپ ۾ آيا هئا. مرين ڏج ڪان پنهنجا ڪتنب ۽ ڍڙ چاليهہ ميل پري اتر موڪلي ڇڏيا هئا. اهي وڪيل جنرل چارلس ڪي ڏاڍا وفادار ۽ تابعدار نظر آيا. تنهن ڪري هنن سان اتحاد جو نئون ناهہ ڪيو ويو هو ۽ ڪين بگٽين وارو ديراه ۽ ان جي چوڌاري آباد علائقو انهن ڪي ڏيڻ جي آڇ ڪئي. پر مرين جي وڪيلن سر چارلس جي اها آڇ انهيءَ ڪري قبول ڪانہ ڪئي تہ ڪين بگٽين مان ڏج هو ۽ سمجهي رهيا هئا تہ جيڪڏهن انگريز سنڌ ڇڏي هليا ويا تہ بگٽين سان دشمني ڪري قبائلي جهيڙو شروع ٿي ويندو. بمبئي واري ڏر بہ سدائين ائين چوندي هئي تہ مرين ۽ بگٽين ۾ جهيڙو ناگزير آهي.

## جنگي مهم متعلق چارلس نيپئر جا ويچار

هيءَ فوجي مهم تہ ننڍي هئي جوڪو وڏو هو. هي مهم ختم تہ گهڻو وقت اڳي ٿي وڃي ها پر پئہ هو تہ متان هنن بلوچ سردارن جو سکن سان اتحاد ٿي وڃي. پر جيڪڏهن اهو خوف نہ هجي ها تہ روجهاڻ فراري واري علائقي مان گذري ان جابلو علائقي ڪي اولهہ ۽ اوير ڪان ڪڙو چاڙهجي ها تہ بلوچ سردارن ڪي گجرو جي لڪن ڏانهن وڌڻ جو ڪو موقعو ئي ڪونہ ملي ها ۽ بنا ڪنهن دير جي ڪين ڊوڙائي اچي تروڪيءَ ۾ سوڙهو ڪجي ها. جڏهن بجار لولي ۽ جمڪ لڪن ڪي ڇڏي گندوئي هليو ويو تڏهن علي مراد هڪدم وڃي متن قبضو ڪري ها تہ وڏيڪ ڏچو پيدا ڪونہ ٿئي ها. پر هو سچو ڪونہ هو. جهڙيءَ ريت جابلو ماڻهو ننگ ۽ هوشيار آهن. تهڙو سندن وڙهڻ جو طريقو آهي. پر انگريز جنرل جي فوجي ڏاهپ هنن جهنگلي ماڻهن جي ويڙهہ جي فن متان غالب پئجي وئي هئي. هتي پلوتارچ Plutarch جو فلپمين Philpopoemen لاءِ چيل هڪ اقتباس پيش ڪجي ٿو ”هن عظيم انسان ڪريٽ Crete جي روايتن ڪي ڪتب آندو هو. انهن جي فن ۽ فڪر ڪي استعمال ڪيو هو. لڪي حملا ڪرڻ بہ انهن وٽان سکيو هو. پر پوءِ ڪيس معلوم ٿي ويو تہ انهن جون سڀ حڪمت عمليون وسيع نظر جنرل جي پيٽ ۾ باراٽيون ۽ تنگ نظريءَ جي بنياد تي بيٺل هيون.“



جمڪ فوجي ڪئمپ (وانا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گجارو لک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سيبري لڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تروڪي لڪ جو جبل جي چوٽيءَ کان نظر ايندڙ ڏيک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مهر جي جنگي حڪمت عمليءَ ۽ سوڀ جو داستان

سر چارلس نيپئر پنهنجي مختصر فوج سان اسي ميل جو رڻ جهاڳي وڃي پار پيو هو جنهن جو تعداد پنج هزار هو. هن اڳتي وڌي دشمن جي لڪن ۽ پاڻي وارين جڳهن تي وڃي قبضو ڪيو هو. جيڪي مهر جي منهن ۾ هئا. ان کان سواءِ بنا ڪنهن رتو ڇاڻ جي مضبوط لڪن تي قبضو ڪري ورتو هئائين ۽ سنڌن منصوبن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيائين فقط چوونجاهه ڏينهن ۾ انهن سردارن کي پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيو هئائين جن وٽ سنڌس فوج کان چوٽا ماڻهو وڌيڪ هئا. اها سنڌس فوجي حڪمت عملي هئي جو هو سنڌن پسند جي جنگي ميدان تي ڪونه وڙهيو هو. هن ڪمانڊر کين انهن جڳهن تي بڪ ماري پاهه ڪيو جن تي هو کيس بڪئي مارڻ لاءِ منصوبا تيار ڪري چڪا هئا. هن بي مثال فوجي جوڙجڪ ڪري تيز رفتاريءَ سان پهچي هنن سان اهڙو جهيڙو ڳنڍيو هو جيڪو هنن جي ويڙهه جو من پسند طريقو هوندو آهي ۽ ان علائقي ۾ جيڪو هڪ سو چاليهه ميل ڊگهو اسي کان هڪ سو ويهه ميل ويڪرو هو. ان کانسواءِ اهڙو خشڪ ويران ۽ سفر ڪرڻ ۾ ڏکيو جو ان جو مثال ساري دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. هن بي ڊپي ڪمانڊر بلوچ سردارن ۽ سنڌن هزارن ماڻهن کي رٽيٽن، ڏکين جابلو علائقن پيچيده لڪن ۽ لنگهن مان ڊڪائي ڊوڙائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيو ۽ کين ساهه پٽڻ جيتري وٿي به ڪانه ڏني هئائين. هي اهڙو ڏکيو علائقو هو جو ٿوريءَ غلطيءَ ڪري سنڌس ساري فوج تباهه ٿي وڃي ها. دشمن ٻيو ڪجهه نه به ڪري ها پر رڳو مٿان پٿر اڇلي ها ته هاڃا ڪري ڇڏي ها. هن کان سواءِ ڪو ٻيو حملو آور هن خشڪ ۽ خطرناڪ علائقي ۾ ته داخل ٿي ڪونه ٿيو آهي نه انهن خوفناڪ لڪن وچان گذريو آهي. اهڙا ڏکيا لڪ ساري وچ ايشيا ۾ نظر ڪونه ايندا. سر چارلس اهڙن جنگجو ماڻهن کي شڪست ڏني آهي جن کي شڪست ڏيڻ ناممڪن هو. تنهن ڪري اوڙي پاڙي جي قومن تي سنڌس ڌاڪ ۽ دهشت ويهي وئي آهي. سر چارلس کي بنگال جو هڪ جاسوس ديوتا ڪري سڏيندو هو. ساڳيءَ ريت ڪڇيءَ واري جابلو علائقي جا ماڻهو هن کي شيطان ڪوٺيندا هئا. پر هاڻي اهي سنڌ جي رعيتي بڻجڻ لاءِ خواهشمند آهن. ان کان سواءِ سنڌ جا بلوچ قبيلا به هن سان وفادار آهن. چاڪاڻ ته کيس طاقتور محافظ سمجهن ٿا.

اهڙا سنا نتيجا جلديءَ ۾ ڪونہ مليا هوندا. هن فاتح ڪمانڊر جو چوڻ آهي تہ ”انهن ويران علائقن ۾ جنگ ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي.“ فوج لاءِ داڻو پاڻي ملڻ مشڪل، چرير ڏکي، رستو ڳولي لهڻ ڏچو اهڙيون ڏکيائون ۽ ڏچا ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڪونہ آهن. تڪريون جبل ۾ رڻ پٽ جيڪي خطرناڪ لڪن ۽ لنگهن سان پريا پيا آهن. انهن سان سفر ڪرڻ تي ائين محسوس ٿيندو آهي. جڻ اگهاڙا پير ڪنهن نوڪدار پٿر تي ڪُپي رهيا آهن. تنهن اُٺ، گهوڙا، گڏهہ ۽ ڍاند سڀ منڊا. انهن نوڪدار پٿرن فوجي بوٽن کي ڪنا ڪيڙا ڪري ڇڏيو هو. اهو ڪم ماڻهن ۽ جانورن لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو. نئپولين جو چوڻ آهي تہ ”سيني کان ڏکي جنگ رڻ پٽ جي آهي. مان بہ ان ئي نتيجي تي پهتو آهيان.“

جابلو ماڻهو بہ دلير آهن جو هنن ڏکين ڏونگرن ۾ رهندا آهن. اها دست بدست جنگ هئي جنهن ۾ 13 ريجمينٽ جي رضاڪارن، سرترين تي رکي جان جا نذرانا پيش ڪيا هئا. هڪ ڏاڙيل کي بئنٽ جي چوڪ سان قتل ڪيو ويو هو. جنهن ان فوجيءَ جي هٿ مان بندوق کسي بئنٽ کي پنهنجي سيني مان پار ڪيو هو. ان کان پوءِ ساٿيءَ بندوق واري بئنٽ فوجي کي هڻئي ۽ پوءِ مري ويو هو. هڪ ٻيو بہ واقعو آهي تہ جهونجهڙي ويل جو پنجويهن ڏاڙيلن سان مقابلو ٿي ويو هو. جڏهن تہ مغل سوارن جو تعداد ويهہ هو. صورتحال اهڙي ٿي وئي جو مخل سوارن کين پيش پوڻ جو چيو. پر جابلو ماڻهن اها ڳالهہ قبول ڪانہ ڪئي ۽ هڪ هڪ ٿيندا سيئي مري ويا.

سر چارلس هنن جابلو ماڻهن جي ويران علائقن ۾ اندر وڃي انهن سان جهيڙو ڳنڍيو هو. هن پنهنجي بهادريءَ عقل ڪري هڪ انچ بہ پوئتي ڪونہ هٽيو هو. اهو سندس شاندار جنگي عمل هو. پر ڏڙابندي ڪري سندس بهادريءَ هڪ بہ ڪم عوام جي آڏو ڪونہ اچي سگهيو هو تہ جيئن جنرل جي همت افزائي ٿي سگهي. اها هڪ گندي ذهنيت هئي جيڪا ڪنهن انگريز کي ڪانہ ٿي سونهين. جيڪڏهن مشڪلاتن مٿان غالب ٿي، مختصر فوج سان اڳتي وڌي، بهادري جي جنگي ڪمن کي جاچي پرکي ڏسبو تہ هن انگريز جنرل ڪمال ڪري ڏيکاريو هو ۽ اها ئي هڪ سچي ۽ ذهين فوجي ڪمانڊر جي نشاني هوندي آهي. هن ڏکي مهم کي ڪاميابي سان توڙ تي پهچائڻ ۾ سندس اٽل ارادن ڪرامت جو

ڪم ڪري ڏيڪاريو هو. انهيءَ زماني ۾ بمبئي واري ڌر هن خلاف اجائي واويلا مچائي ڇڏي هئي. پر هن جو عزم اڏول رهيو. هنن ماڻهن جو مقصد هو تہ هن جنرل گڏ وڙهندڙ فوج حوصلا هاري ويهي ۽ سوڀ کان مايوس ٿي وڃي. لارڊ جي اجائي هٺ ۽ غرور ڪري 78 ريجمينٽ تباهہ ٿي چڪي هئي. جيڪڏهن سوڀ حاصل نہ ٿئي ها تہ جنرل چارلس بہ زنده رهي ڪونہ سگهي ها. بلوچ سردارن کي ڪهڙيون سزائون مليون ان لاءِ تہ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. پر هن جنگي مهم جي ابتدائي دور ۾ قلات جي خان، ڏاڙيلن ۽ وفادار چانڊين کي بہ برغلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. علي مراد سان گڏ سندس بلوچ ماڻهن بہ بدنيتي ڏيکاري هئي. پر هڪدم پتو پئجي ويو. تنهن ڪري کين غداري ڪرڻ جو موقعو ڪونہ ڏنو ويو جيڪي پنهنجي بلوچ ڀائرن سان ڀٽ هئا. اهڙي ڏکي وايو منڊل هوندي بہ جنرل حملا ڪري دشمن مٿان وڃي اوچتو ڪڙڪندو هو. اهڙن معاملن ۾ جسماني سرگرمي، تيز رفتاري ۽ فوجي ترتيب ۽ ترڪيب جي ضرورت هوندي هئي. اچ، قليجي ۽ شاهپور بہ اوچتي حملي ۾ فتح ڪيون ويون هيون. ڏاڙيلن کي پتي پوڻ کان اڳ سندن رابطو اولاهن جابلو علائقن کان ڪٽجي ويندو هو. کين اها سٽس پئجي ڪانہ سگهندي هئي تہ ڪو حملو شروع ٿي چڪو آهي. هي اهڙيون ڳالهيون جن ڪري سندس ذهانت کان انڪار ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. هن لولي، جمڪ جا لڪ پنهنجي ڏاهپ وسيلي قبضي هيٺ آندا هئا. ان کان سواءِ هن سمپسن کي فوجي ڪالم ڏئي مٿن هلان ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو هو. جنهن مان هيڊ ڪوارٽر جي فوج بہ گڏ هئي. سندس اٽل ارادن جو پتو هن مان بہ پئجي سگهي ٿو تہ خطرناڪ حالتن دوران بہ هن پنهنجي ڪئمپ لڪن جي وچ تي رکي هئي. اهو مشڪل صورتحال انوقت تائين هليو جو اٺ سوار فوج ڪاڏي پيتي جي شين ڪٽي اچڻ لاءِ لڪ چپ ۾ آمد رفت شروع ڪري ڏني هئي. جنهن ڪري ٽين وڏي فوجي پيش قدمي ممڪن ٿي سگهي جنهن وسيلي سيبري ۽ زرڪشتہ تي قبضو ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ اوچتو حملو ڪري ٿور جي ولار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. پر ڪاميابي حاصل ٿي ڪانہ سگهي هئي. پر اها انساني وس کان ٻاهر هئي جيڪو هڪ فطري اتفاق هو جنهن کي انساني تدبر ۽ پيش بيني روڪي ڪانہ سگهي ها. هي هڪ عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنرل ڪونہ هو جنهن وايو منڊل کي ڏسي تيار ٿيل منصوبي هڪدم ڇڏي ہي ترڪيب ۽ طريقي کي ڪم آڻي ورتو هو ۽ فوج کي ناڪامي جي مايوسي مان ڪڍي ورتو هو. ان منصوبي جي هڪدم تبديل ڪري دشمن کي اهڙين مشڪلاتن ۾ ڦاسائي ورتو جو هو ڪيڏانهن پڇي ڪونہ سگهيا هئا.

هتي هاٺي اهو بہ ڏسڻو آهي تہ هن فوجي جوڙجڪ ۾ صحت ۽ اندروني بهتري ڪهڙي هئي هنن جي اڳين فوجي سرگرمين دوران بلوچ سردار پڇي جابلو علائقي جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي گڏ ٿيا هئا. پر اوچتي حملي جي ڪوڙڪيءَ کان وارجي وڃي ٿي تان بچي ويا هئا ۽ لڪ جي پنيان اهڙيءَ جاءِ تي وڃي لڪا هئا جتي پهچڻ مشڪل هو. مٿن نظر رکڻ تہ مشڪل ٿي پيو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ ڪاڏي پيتي جون شيون ختم ٿي ويون هيون ۽ فوجي سامان ۽ کاڌ خوراڪ جون شيون پري هيون. بلوچ سردارن کي پڇي نڪرڻ جو سونهري وجهہ هو. چاڪاڻ تہ سنڌن ويڙهاڪن جي دمبالي Rear ۾ هڪ لڪ موجود هو. ائين ڪري هو اهو ساڳيو علائقو فتح ڪري پئي سگهيا جيڪو هنن کان انگريزي فوج فتح ڪري ورتو هو. ان کان سواءِ هو نئين جنگ جي ابتدا ڪري انگريزي فوج جي اڳين سوين مٿان پاٺي ڦيري ڇڏن ها. هن ڏکن سورن جا سيہ سونا سهي بلوچن کي ناڪام ڪري جڻ ڏچن جي ڏونگر کي ڏاري وڌو هو. اهڙي مشڪلات جي ڦندي ۾ ٻروچ وڃي بہ جنگها ڦاٿا هئا. هو دشمن خلاف اڳرائي ڪرڻ مان ٿورو وقت هٿ ڪڍيَ ويو هو. پر اهو پوئتي هٽڻ جڻ ڪرامت ٿي ويو هو. چوندا آهن تہ "وڏي چال هٽڻ لاءِ ٿورو پوئتي پرڪٽو پوندو آهي." اهڙي ريت بلوچ اتحاد کي مجبور ڪيو ويو هو تہ اهڙي صورتحال ۾ جنگ ڪن جيڪو سندن نقصان ۾ هو يا اهڙي بهترين جڳهہ کي خالي ڪري هليا وڃن جنهن تي انگريز فوج جو حملو ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو. ان کان سواءِ انگريزي فوج جي اڳرائي خونخوار ستون اهڙيءَ جڳهہ جتي سندن مقدر ۾ تباهي کان سواءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ لکيل ڪانہ آهي. اهڙيون ڳالهيون فقط فوجن جا عظيم جنرل ڪري سگهن ٿا.

علي مراد ۽ ڪمانڊر ان چيف هنٽر لوٽي، جمڪ ۽ ديراهہ تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان پوئتي هٽيا هئا. پر ائين ڪرڻ سان هنن فتح

ڪيل علائقن کي هٿ مان ڪونہ ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ بيٽسن اجا بہ گجرو جي ڏکڻ پاسي وارو لڪ ڪونہ ڇڏيو هو. سندس فوج جو گذر سفر ان اناج تي هو جيڪو هن دشمن کان ڦريو هو. ان فوجي حصي کان سواءِ ٻي فوج ڪاڏي پيتي جي ڊيپن وٽ موجود هئي. تنهن ڪري ڪاڏو پيتو موجود هو. ان دور ۾ هيڊ ڪوارٽر جو هنٽر واري فوج سان رابطو ٽٽل هو. چاڪاڻ تہ اهو تنهن وقت ان جڳهہ تي جتان رستو موڙ ڪائي گجرو لڪ ڏانهن لڙندو هو ۽ هن دشمن اتحاد تي اتر وار ڇيڙي ۾ حملو ڪيو هو. جڏهن تہ بيٽسن ۽ علي مراد ڏکڻ وارو ڇيڙو جهليون بيٺا هئا. جيڪڏهن بلوچ سردار ٿورو وقت اتي ترسن ها تہ اها جنگ فيصلہ ڪن ثابت ٿئي ها. ۽ اهو جنگي ميدان انگريزي فوج جي فائدي ۾ هو ۽ بلوچ اتحاد لاءِ مقدر ۾ شڪست لکيل هئي. چاڪاڻ تہ سندن پٺئين ۽ ڪابي پاسي سک ملڪ جون حدون هيون ۽ سامهون انگريزن جي فوج هئي جيڪڏهن اهي هيٺ لهي لڪ ڏانهن اچن ها تہ ٻن باهين ۾ ڦاسي وڃن ها. پر هنن تروڪي ۾ پهچي پنهنجي جان بچائي هئي. ان تي بہ هنن جنرل چارلس ڏاهپ سان ڪين ڪڙو چاڙهي ڇڏيو هو. هن جي پيش قدمي بہ نهايت تيز رفتار هئي. هن سان گڏ ويڙهو فوج جو تعداد صفا گهٽ هو. وٽس فقط هندستاني فوج هئي ۽ سارو وايو منڊل ڳنڀير لڳو پيو هو هن خشڪ ۽ ويران جابلو جوءِ ۾ ويهہ هزار ماڻهو موجود هئا جن سان گڏ بيشمار چوپايو مال هو ۽ سيني لاءِ چوٽي پاٽيءَ جي ضرورت هئي.

باب يارهون

# نئين سرانتظامي جوڙجڪ

سر چارلس ڏاڙيلن خلاف فوجي مهم دوران سنڌ جي انتظاميه کي ڪونه وساريو هو. هن پنهنجي ڊائري ۾ لکيو هو ته تروڪيءَ ۾ سردارن سان ناهه جي هلن دڙ ڳالهين ٻولهين انهيءَ انتظاميه کان ٿوري وقت لاءِ پري ڪري ڇڏيو هو. اتان جي معاملن کي نبيرڻ لاءِ مون وٽ گهڻا ڪيس آهن، جيڪي هڪ ٿهي جي شڪل ۾ منهنجيءَ ميز تي رکيل آهن، جنهن جي اوچائي به فوٽ ٿيندي. مان يقين سان چئي سگهان ٿو ته ٿيهه کن ڪيس آهن، جن سان لاڳاپيل فل اسڪيپ ڪاغذن جو تعداد پنجاهه کان نوي تائين هوندو. انهن مان ڪجهه ڪيس اهڙا آهن جن جو تعلق موت ۽ زندگي سان آهي. پر هي اهڙو ذهني پورهيو آهي جو ماڻهو جي اندر جو آٿت ڊانواندول ٿي وڃي ٿو. سر چارلس هن کان اڳ پنهنجو وقت ڏاڙيلن خلاف جنگي مهم کي ڏنو هو. پر هاڻي پنهنجو سارو ڌيان هندستان جي اخبارن ۾ ڇپيل انهن مقالن کي سڌارڻ لاءِ ڏئي رهيو هو جيڪي جنگ متعلق ڇاپيا ويا هئا. جڏهن هو ڏاڙيل سردارن کي سزائن ڏيڻ لاءِ ساڻن ناهه جا شرط طئه ڪري تڏهن لس ٻيلي جي جام سان ميوات جي وٽن خريدڻ بابت خط ڪتابت ڪري رهيو هو جيڪي ڪيس ڪراچي پرسان باغ ۾ پوکڻا هئا. ڪيس سائنس سان لاڳاپيل ڳالهين جو به اونو هو. ان مقصد لاءِ هن ڪئپٽن وڪري جي سواري جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. جيڪو ايسٽ انڊيا ڪمپني جو ملازم هو جنهن کي جيالاجيءَ بابت کوجنا ڪرڻ ۽ معدنيات جي نمونن گڏ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. هن پنهنجي رپورٽ ناهي هڪ ميماير جي شڪل ۾ ”لنڊن سوسائٽيءَ“ ڏانهن موڪلي ڇڏي هئي. هن سوسائٽي هن ماڻهوءَ جي کوجنا کي بهترين جاکوڙ قرار ڏنو هو. جيڪڏهن فوج اجا به وڌيڪ عرصو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبلن ۾ رهي ها تہ هو انهيءَ تحقيق جي دائري کي اجا بہ وڌائي ها. هن بجار بگٽي کي گرفتار ڪرڻ سان ڊيره کي تباهہ ڪري ڇڏيو. ان کان سواءِ اولاجي ۽ قليجي جا شهر ڪهيرين کي واپس ڏنا ويا ۽ لهڙي بلوچ خان جي حوالي ڪيو ويو ان کان جلد ئي پوءِ فوج سنڌ ڏانهن ورڻ شروع ڪيو ڇاڪاڻ تہ ڪيس سرڪار جو پئسو بچائڻو هو.

## شاهپور ۾ مستقل فوج رکڻ لاءِ خان آف قلات کي راضي ڪرڻ

اهڙي ريت جنرل پنهنجي رهبر فوجي دستن سان شاهپور ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن قلات جي خان سان ملي سگهي. ساڻس هي ناهہ ڪرڻو هو تہ اوسي پاسي جي انهن ڏاڙيلن تي نظر رکڻ لاءِ فوج جو ڪجهہ تعداد شاهپور ۾ رکڻ جي موڪل ڏني وڃي، جيڪي تروڪيءَ مان نڪري پيچي ويا هئا يا تروڪيءَ جهڙي محفوظ جاءِ اندر داخل ئي ڪونہ ٿيا هئا. سر چارلس ڏاڍو خوش هو ڇاڪاڻ تہ ڏاڙيلن خلاف جهيڙو ٿوري وقت اندر پڄاڻي کي پهتو هو ۽ رڻ پٽ واري علائقي جي گرمي يورپي فوجين لاءِ تہ هن کان اڳ ئي نہ سهڻ جهڙي ٿي وئي هئي.

قلات جو خان شاهپور ۾ هن جي اوسيئڙي ۾ وينو هو جيڪو پين حڪمرانن جيان ڏاڍو ڊنل ۽ هيسيل هو. ڇاڪاڻ تہ هن انگريز ڪمانڊر اهڙن سرڪش ڏاڙيلن کي شڪست ڏني هئي جن کي ناقابل شڪست سمجهيو ويندوهو. هي اهو ساڳيو ماڻهو هو جيڪو ڪجهہ وقت اڳ هن ڪمانڊر سان ملڻ کان لهرائي رهيو هو ۽ هاڻي وري هن سان ملڻ لاءِ آتو هو. ڏاڙيلن خلاف هن مهم مان قلات جي خان کي بہ گهڻو فائدو ٿيو هو. هن جا باغي رعيتي ناس ٿي چڪا هئا جن قبيلن جي صورت ۾ ڦرلٽ ڪري ڏرتي ٿامون ڪري ڇڏي هئي. هن جي درباري سردارن تي پئہ ڇائنجي ويو هو جيڪي اڳي وٽ جا ئي ڪونہ هئا: هنن ڏاڙيلن ڦرلٽ جون ڦهري ڪارروايون ڪري سندس ملڪ جون سڪيون ستابيون جايون اجاڙي پينگ ڪري ڇڏيون. انهن ڏاڙيلن جي ناس ٿي وڃڻ کان پوءِ گنداوا وارو خوشحال علائقو وري ماڻهن سان پرجي ويندو. پوڪي راهي ٿيندي ۽ امن امان هوندو. پر خان کي قنڏار جي سردارن مان خوف هو جنهن ڪانئس مدد جي طلب ڪئي هئي. تنهن تي سر چارلس کيس وراڻيو هو تہ تنهنجي دربار ۾ موجود ڪجهہ سردار صحيح نہ آهن. جيڪڏهن اهڙي صورتحال ۾ تنهنجي مدد ڪئي ويندي تہ تو بدران اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سردار طاقتور ٿي ويندا. تنهنڪري اول تون انهن سردارن جي صفائي ڪر. ان کان پوءِ قنڌار جي سردارن کي پيغام موڪل ته مان انگريزن جو دوست آهيان. جيڪڏهن اوهان منهنجي ملڪ سان ڪئونس ڪنديئو ته پتر جو جواب پٿر سان ڏنو ويندو. ان کان سواءِ هن انگريز ڪمانڊر گورنر جنرل کي مشورو ڏنو هو ته قلات کي فوجي طور طاقتور بڻايو وڃي ۽ اهو به خرچ انگلينڊ برداشت ڪري ان جو نتيجو اهو نڪرندو ته قنڌار هيسجي ويندو ۽ قلات کي ميريءَ اک سان ڪونه ڏسندو. اهڙيءَ ريت خان جي دربار ۾ موجود سردارن جي ونگين نيتن مان وَر نڪري ويندو. سندس هن مشوري کي اجايو سمجهي ڌيان ڪونه ڏنو ويو هو. ان بدران قنڌار جي سردارن کي پڪو ويساهه ڏياريو ويو هو ته سندن ملڪ تي هلان ڪانه ٿيندي چاڪاڻ ته انهن جو سر چارلس جي ڏاڙيلن خلاف ٿهري ڪارروائين ڪري ڊج کان پتو ئي پاٽي ٿي ويو هو ته متان انگريزن جي فوج قنڌار اچي مهمان ٿئي. قلات جي خان به خوشيءَ سان موڪل ڏني ته پلي انگريزن جي فوج شاهپور ۾ رهي.

## سنڌ جي سرحدي پٽي جکراڻين ۽ ڊومبڪين حوالي ڪرڻ

ان کان پوءِ سر چارلس نيپئر اهڙا قدم کنيا ته جيئن سنڌ جي سرحد کي بلوچ ڌاڙيلن جي ڌاڙ کان بچائي سگهجي. انهيءَ مقصد لاءِ هن قيد رکيل جکراڻين ۽ ڊومبڪي قبيلي جي هلڪن قلڪن سردارن کي ڪشمورْ کان ڏکڻ واري غير آباد علائقي ۾ رهايو جتان جون زمينون پليون هيون ۽ دريا خان کي سردار مقرر ڪيو. کيس چيو ويو هو ته جيڪو ماڻهو سرڪشي ڏيکاري تنهن کي سزا ڏئي سگهي ٿو. پر پوءِ جلد ئي اهڙن ماڻهن کي پگهارون ڏئي پوليس کاتي ۾ پرتي ڪيو ويو هو. جن کي عوامي خدمت لاءِ علائقي جي ڏکڻ طرف موڪليو ويو هو جتي هو نيڪ نيتي سان پنهنجو منصبي فرض ادا ڪري رهيا هئا. ڊيره جي ماڻهن کي پنهنجن گهرن ناهڻ ۽ پوکي راهي ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو ۽ لاٻارن تائين سندن ڪاڌي پيتي جو بندوبست سرڪار ڪيو هو. هن کي گهر ۽ زمينون انهيءَ ڪري سرڪار بخشيون هيون ته اهي پنهنجن اُڙين تڙين ڌاڙيل ماڻٽن کان بچاءَ ڪندا. کين اهو به چتاءُ ڏنو ويو هو ته جيڪڏهن انهن پاڻ ڪنهن ماڻهوءَ کي لٽيو ڦريو يا ٻين ڌاڙيلن کي ڦرلٽ ڪرڻ کان روڪي نه سگهيا ته ڪانئن زمينون واپس ورتيون وينديون. سندن سردارن

کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويندو ۽ سندن قبيلي جي ماڻهن کي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو. ڏاڙن کي بند ڪرڻ لاءِ دريا خان کي چونڊيو ويو هو. چاڪاڻ تہ هو اصل کان ڦرلٽ ۽ ڏاڙلن جي سخت خلاف هو ۽ هي اهو سردار هو جيڪو سيني کان اڳ پيش پيو هو. توقع اها ڪئي پئي وئي تہ هن جي نظرداريءَ ۾ جيڪڏهن پيءُ نہ سڌريو تہ سندس اولاد تہ شريف ٿي ويندو. حسين بگٽي ۽ سندس پاءُ خطرناڪ ڏاڙيل هئا جن ڌوڪو ڏئي ڪئپٽن ڪلارڪ ۽ سندس ساٿين کي قتل ڪري ڇڏيو هو. هنن ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تنهن ڪري کين زنجيرن ۾ جڪڙي رستن ٺاهڻ جو ڪم ڪرايو ويندو هو. تنهن ڪري بيا بہ چپ ساڌيون پيا ڪم ڪندا هئا. نيٺ تهذيب ۽ شرافت کي سوبي حاصل ٿي هئي.

## بجار خان کي معافيءَ بعد مير علي مراد حوالي ڪرڻ

ان کان پوءِ مئڪنزي جي ڳاهين جي قتل عام جي ڏوهہ ۾ بيجار کي ڦاسي ڏيڻ جو سوچيو ويو هو. پر علي مراد ان کي بخشڻ جي گذارش ڪئي هئي. بجار بي رحم ڏاڙيل هو جنهن جو اٺڻ ويهڻ ڏاڙيلن سان هو ۽ فوجي مهم دوران ٺاهہ ڪرڻ جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪيس شريڪ ڪيو ويو هو ۽ صلح جي اهڙين ڳالهين ڪري هو ڇڻ ڪمزور ٿي ويو هو. علي مراد بہ اهڙين ڳالهين کي آڏو رکي ڪيس بخشڻ جي سفارش ڪئي هئي. تنهن ڪري سر چارلس هن جهوني ڏاڙيل ۽ سندس ماڻهن کي علي مراد جي حوالي ڪيو هو جنهن کين پنهنجي پهريدارن جي نگرانيءَ هيٺ درياءَ جي اوير پاسي رکي ڇڏيو هو. کين جڪراٽين کي مليل رعايتن جهڙيون سهوليتون ڏنيون ويون هيون. سر چارلس کي هيءَ ڳالهہ ٻڌي رحم اچي ويو هو تہ جڏهن تروڪيءَ ۾ بلوچ ڏاڙيلن سمجهيو تہ ساڻن هڪ هڪاٽي ٿيڻ واري آهي تہ هنن پنهنجي زالن ۽ ٻارن مٿان کين قتل ڪرڻ جي ارادي سان نوڪر بيهاري ڇڏيا هئا. تنهن ڪري هو بلوچن سان جنگ ڪرڻ کان پاسو ڪري ويو هو. تنهن ڪري هنن جو چوڻ هو تہ جتي بہ اهو انگريز ڪمانڊر نظر اچي ان جي سامهون وڃي پيش پئو. جيڪو ماڻهو اسان جي عورتن جي عزت رکي ۽ ٻارن ٻچن کي بچائي سگهي ٿو سو پڪ آهي اسان کي بہ معاف ڪري ڇڏيندو." بجار خان سان بہ دغا ڪئي وئي هئي، جيڪا پڻ ڏيان ڏيڻ جوڳي ڳالهہ هئي. ان کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئپٽن پوسٽنس بہ پنھنجي بچاءَ لاءِ ھڪ ڏکو جواز پيش ڪيو ھو ۽ چيو ھئائين تہ ھن گورنر جنرل کي مطمئن ڪري ڇڏيو آھي. پر ھن انھن ماڻھن کي مطمئن ڪونہ ڪيو ھو جن متس الزام ڏريو ھو ۽ تروڪيءَ جي حالتن مان بہ محسوس ٿي رهيو ھو تہ انھن ماڻھن جو الزام غلط ڪونہ ھو.

## مهم جي سوڀ کان پوءِ مخالفن جي نئين چال

ھنن معاملن کي اُڪلائڻ کان پوءِ جنرل چارلس ڪراچي پھتو ھو. ڪيس ھن موسم ۾ پنج مهينا لڳي ويا ھئا، جنھن دوران ھو بلوچ ڌاڙيلن خلاف ڪارروايون ڪندو ھو ۽ سنڌ جي انتظاميہ ڏانھن بہ ڌيان ڏيندو ھو. ڪم جي اھڙي دٻاءَ بابت ھن لکيو آھي تہ ايتري گھٽي ڪم مون کي گھڻو ڪمزور ڪري ڇڏيو آھي. پر ماڻھو هميشه لاءِ تہ جيئرو ڪونہ رھندو آھي.“ ھو ڪراچيءَ پھتو تہ سھين پر ڪيس ھڪ ٻئي جنگاڙي کي منھن ڏيڻو ھو. ھي ناشڪر ماڻھن جو اھو ٽولو ھو“ جن ھن خلاف پنڊٽي ٻاري ڏني ھئي جن اھو ڪونہ ڏٺو ھو تہ ھن ماڻھوءَ ڪھڙي سچائيءَ ۽ ايمانداري سان پنھنجو منصبي فرض ادا ڪيو ھو. ابتدا ۾ تہ سنڌس مهم تي عجيب نموني ڇٽرون ڪيون ويون تہ ان تي عمل ڪرڻ ممڪن ئي ڪونہ آھي. پر جڏھن ھيءَ انتھائي چوٽ تي پھتي ۽ دشمن ڌاڙيل ھن کان شڪست کائڻ لڳا ھئا تہ متس چڙي ٽوڪون ۽ ڏَنڪون ڪيون ويون ھيون. رسد گاھہ جي ماڻھن جي قتل کان پوءِ کليو کلايو چيو وڃڻ لڳو تہ اھو واقعو سنڌس ناڪامي جي علامت آھي. ھن واقعي کي بمبئي ڌروارن تيلي مان ٽنب بڻائي پيش ڪيو ھو. ھو وڏي واڪ اھو بہ چوڻ لڳا ھئا تہ ”سر چارلس موڳو مٽر آھي ۽ حڪومت ڪرڻ مان ٽڪو بہ نہ ڄاڻي. اھو بہ چوڻ لڳا ھئا تہ ھن ٿُو ڪتا ڪري ڇڏي آھي، ڏندن ھيٺان ڪاني ڏئي ماٿ انھيءَ ڪري آھن جو ھن وٽ وڏي فوج آھي.“ اھڙين ٽوڪن ڏنڪن ھوندي بہ ھو مکيہ فوج پاڻ سان وٺي ويو. جنھن سان گڏ ڪڇھ بلوچ بہ ھئا ۽ جنھن علائقي ۾ فوجي سرگرميون شروع ڪيون ويون، سو سنڌ جي سرحد کان پورو ڏيڍ سو ميل، جڏھن تہ ڪراچي کان ڇھہ سو ميل پري ھو جيڪا سنڌ جي راڄڌاني ھئي. ان کان سواءِ جھيڙو انھن ماڻھن سان جاري رکيو ھئائين جيڪي سنڌ جي بلوچن جا رت ۾ سڳيٽا ھئا. عام ماڻھو ھن مهم کي سنو ڪونہ سمجھي رهيو ھو. فوج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهي رهي هئي ته هنن جنگي سرگرمين جو نتيجو ڪونه نڪرندو پر هو پريا به مهينا هنن بلوچ ڌاڙيلن کڏ ڪتو ۽ گُريو ڪٽي ڪڏ لڳي پيو. ان ساري عرصي دوران سنڌ ۾ بغاوت جي باهه ڪانه پڙڪي نه ڪنهن سازش ڪئي، نه ڪنهن ناراضپي جو اظهار ڪيو.

هن مهم جي سوپ ڪان پوءِ بمبئي جي واويلا ڪندڙ ڌر جا پير ئي نڪري ويا هئا جيڪي پنهنجي لچ لڪائڻ لاءِ چوڻ لڳا هئا ته اها مهم پاڻيءَ ولوڙ هئي. اهو به چوڻ لڳا هئا ته سرڪاري پئسو پاڻيءَ وانگر هاريو ويو. فوج به وڏي تعداد ۾ ڪم آندي وئي، پر ڪابه هڙ حاصل ڪانه ٿي. بجار خان بين قبيلن سان گڏجي سنڌي سرحدي پٽي سان ڌاڙا هڻي ڌرتي تامون ڪري ڇڏي آهي.“ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هو قيد ۾ هو ۽ ڦاسيءَ جي سزا جي خوف ۾ هن ڪان ڪائڻ پيئڻ وسري ويو هو. سو اهڙا هئا بمئبي ڌر وارا جيڪي ”بامبي ٽائيمس“ اخبار ۾ الائي ڇا جو ڇا لکي پيا ممڻ مچائڻ جا جتن ڪندا هئا.

## نيپئر مٿان مڙهيل بهتان ۽ سک ـ انگريز جنگ

ياڙيتو ماڻهن جي اهڙين پڏين ڳالهين ذريعي تاريخ جي توهين ڪئي پئي وڃي ۽ صاحب اختيار به اهي ياڙيتو ماڻهو آهن جن تي ڪڙي نظر رکڻ ضروري آهي. بامبي ٽائيمس اخبار جو بسٺ کلئي عام چٽي رهيو آهي ته ڪيس ڪامورا شاهيءَ جي سهائتا آهي. ان ڪان سواءِ ڪي وڏا ماڻهو به هن جي اوٽ ۾ آڏر بٽيل آهن. پر اهڙن ماڻهن ڪي تاريخ ڪڏهن به معاف ڪانه ڪندي ڇاڪاڻ ته اخبارن ۾ ڇپيل سنڌن تحريرون جنگ ۽ امن ڪي ڏاڍو متاثر ڪري رهيون آهن. هن ماڻهوءَ پنهنجي اخبار ۾ اهو به اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته سر چارلس نيپئر گورنر جنرل ڪي پنجاب تي حملي ڪرڻ لاءِ زور پري رهيو آهي. ان ڪان سواءِ هن ماڻهوءَ اهڙي جنگي منصوبي ڪي تير پتير سان ڇاپي به ڇڏيو آهي. ميجر ڪار مچيل سمٿ لاهور جي حڪمران خاندان تي هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هن واضح نموني اظهار ڪيو آهي ته دهلي گزيٽ ۾ هڪ جعلي مضمون ڇپيو آهي جيڪو سر چارلس جي نالي سان آهي جيڪو پنجاب سان جنگ ڪرڻ جو وڏو ڪارڻ هو. انهيءَ زماني ۾ جنرل چارلس پنجاب جي سرحد سان موجود هو جنهن چيو هو ته سندس فوج جلد ئي سکن تي حملو ڪندي. سکن سمجهيو ته اهو بهتر ٿيندو ته انگريزن طرفان

ٿيندڙ حملي کان اڳ هو ڇو نہ انگريزن تي حملو ڪن. تنهن ڪري انهن ستلج پار ڪري انگريزن جي فوج تي حملو ڪيو هو. اخبار ۾ ڇپيل اهڙي بيان جي تائيد ڪئپٽن ڪنگهام بہ ڪئي هئي. ان کان سواءِ اهڙي تائيد هڪ فرينچ ڪرنل مائوٽن بہ زباني طور ڪئي هئي، جيڪو سک حڪمران جي ملازمت ڪندو هو. ائين ڪري گورنر جنرل جي پرامن حڪمت عملي ڏانوانڊول ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي وئي هئي. اهڙيءَ طرح ستلج جي ڪناري سان ٻي جنگ شروع ٿي وئي جنهن جا ڪيترا ئي خراب نتيجا نڪتا هئا. اهي ڪهڙيون نہ ڪهڻيون ڳالهيون هيون جيڪي ٻن اخبارن ٻن ايڊيٽرن ڪيون هيون جيڪي جعلي هيون.

**نيپئر جو گورنر جنرل کي لکيل خط**

هيٺ هڪ خط اقتباس پيش ڪجي ٿو جيڪو انگريز۔ سک پهرين جنگ کان بہ مهينا اڳ گورنر جنرل کي لکيو ويو جنهن مان سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ سر چارلس جو ان جنگ ڏانهن تہ ڪو ڏيان ئي ڪونہ هو جنهن لاءِ جعلي قسم جا مقالا لکيا ويا هئا.

”هيءَ ڳالهہ انهن ماڻهن لاءِ ڏاڍي ڏکي هوندي آهي جن جي ساري زندگي فوجي ملازمت ۾ گذري هجي ۽ اهي بنا ڪنهن منصوبہ بندي اکيون ٻوٽي جنگ ۾ وهي پون. ساڳيءَ ريت تاريخ بہ ثابت ڪيو آهي تہ ائين ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو آهي. اهو ڏٺو ويو آهي تہ فوجي ماڻهو صحيح هلندا آهن ۽ سول ماڻهن کان وڌيڪ ڏاهپ سان حڪومت ڪندا آهن پر تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ فوجي حڪمرانن جا سول ڪامورا شاهي جنگ ڪرڻ جي شوقين هوندي آهي. مون کي اهو اعتبار ڪڏهن ڪونہ ايندو تہ جيڪو ماڻهو جنگ ۾ اڳيئي وڙهيل هجي سو پنهنجي شخصي احساسن ڪري ٻيءَ جنگ جي ڀڙڪندڙ باهہ ۾ ڪڏي ٽپ ڪونہ ڏيندو. پوءِ اهو عام ماڻهو هجي يا عيسائي. اسان کي جيڪڏهن جنگ ڪرڻي آهي تہ اسان دوستن سان گڏجي ان جنگ کي منهن ڏينداسون. جن جي نيت ۾ نيرو نانگ هوندو سي ائين ڏڄي ڀڄي ويندا جيئن ڪانءُ ڀڄي ڪمان کان. ڪوبہ ماڻهو خوف خطرن سان پيار ڪونہ ڪندو آهي، پر جيڪڏهن عزت ۽ وقار جو سوال هوندو آهي تہ ماڻهو مهٽي مرڪ سان چار وکون اڳتي وڌي وڃي موت کي ياڪر ۾ پريندو آهي. انهن ماڻهن تي ڦٽڪار پوندي آهي، جيڪي اهڙي جنگ وڙهندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي ٽاري سگهبو آهي. اهڙا ظالم ماڻهو انساني قتل عام جا شخصي طور ذميوار هوندا آهن. مان پنهنجي زندگي جا ٻہ ڏينهن اپوتر ۽ نياڳا سمجهندو آهيان جن دوران مان مياڻي ۽ حيدرآباد واري جنگ ڪئي هئي. انهيءَ لاءِ نہ تہ مان پنهنجي نقطئہ نظر ۾ صحيح ڪونہ هوس، پر انهيءَ ڪري تہ مان پنهنجا بهادر ساٿي وڃائي چڪو هوس. مان هن حقيقت جو نهايت جرئت سان اظهار ڪري سگهان ٿو تہ مون کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جنگ ڪرڻ بابت پاڻ کان سوال ڪونہ پڇيو آهي تہ اها جنگ پاڻ کي خطري ۾ وجهڻ لائق هئي يا نہ. پر مان پاڻ کي هيءَ ڳالهہ مڃائي ڪونہ سگهندو آهيان تہ ان جنگ لاءِ ڪو جواز هو بہ يا نہ. اهڙيءَ ريت جنگ کان پوءِ اهڙا واقعا رونما ٿيندا آهن جن جي اڳواٽ ئي مون کي چنتا هوندي آهي. عقل ۽ فهم وارو ڪوبہ ماڻهو ائين چئي ڪونہ سگهندو تہ دشمن جي وڏي تعداد سان ٻيو انسان ائين ۽ اهڙي جرئت سان وڙهي سگهي ٿو. پر جڏهن ڪو ٻيو چارو ڪونہ هوندو آهي تہ پوءِ جنگ ناگزير ٿي پوندي آهي.

”تنهنجي خط پهچڻ کان پوءِ ٿي اهڙيون ڳالهيون ياد اچي ويون آهن. مان هي ڳالهيون انهيءَ ڪري لکي رهيو آهيان تہ جيئن اوهان پنهنجي ملازمن کي ٻڌائي سگهو تہ فوجي ماڻهو پنهنجي ملازمت واري حرص ۽ لالچ خلاف بہ مزاحمت ڪري سگهندو آهي. جيڪڏهن ڪيس ضرورت کان وڌيڪ لالچ هوندي آهي تہ اهو جرم آهي ۽ مان اهڙين ڳالهين ۾ اوهان سان سهمت آهيان. پر عام طور تي ائين سمجهيو ويندو اهي تہ فوجي اڳواٽ ئي جنگ جو اٽل ارادو ڪري چڪو هوندو آهي. جڏهن تہ سندس اصلي ارادو امن قائم ڪرڻ جو هوندو آهي. ليڪن ان ڪانپوءِ اهم ڳالهہ اها هوندي آهي تہ مناسب جنگي سرگرميون ڪهڙيءَ ريت جاري رکي سگهجن ٿيون. لارڊ ايلنبرو کي ڪن ٻي حس ماڻهن مجبور ڪيو هو تہ گواليار جي آزاد حيثيت کي تسليم ڪيو وڃي. پر ائين ڪرڻ سان ٻيءَ جنگ جي تياري ڪرڻي پوندي. مان چوان ٿو تہ اهي ماڻهو رڳو ٻي حس ڪونہ هئا پر ٻي اصول بہ هئا جيڪي وگس مان ساڳئي معاملي تي ٻٽَ ۽ جُهٽ ٿي ويهي رهيا هئا. جن سان پر امن اصولن وارو هيوم بہ گڏ هَو. مان چوان ٿو تہ اهو امن گزن جي حساب سان وڪاڻو هو پر ان وٽ جي هڪ هٽي هيوم جي هٽ هئي.“

”منهنجي پاڻ جي مرضي آهي تہ هندستان جي انگريز سرڪار جي سرحد سنڌو درياهہ هجڻ گهرجي. مان سندس نقطئہ نظر کي بلڪل صحيح سمجهان ٿو پر اسان اجا ايترا لائق ڪونہ بڻيا آهيون مان اوهان جي هن نقطئہ نظر سان بلڪل متفق آهيان تہ انگريز سرڪار جي موجوده سرحد ستلج بلڪل صحيح آهي. اسان اڳتي سنڌو درياءَ کي پنهنجي سرحد تڏهن بڻائي سگهنداسون جيستائين اسان حڪومت جي هن گندي ارادي مان هٿ نہ ڪڍنداسون تہ هتان جا ڏيهي راجائون اسان جي ملڪي حدن اندر پلي پنهنجي تخت ۽ تاج جا مالڪ بڻيا ويٺا هجن. جيڪڏهن ائين ٿيندو رهيو تہ اندروني امن امان برقرار رهي ڪونہ سگهندو. منهنجو بہ واضح نقطئہ نظر اهو آهي تہ موجوده دور ۾ هندستان سرڪار سرحد ستلج هئڻ ضروري آهي. پر اهو بہ يقين آهي تہ اسان هنن حالتن ۾ هنن حدن اندر رهي سگهون اهو بہ ناممڪن آهي. موجوده صورتحال ۾ ملڪي پيداوار هن حفاظتي سرحد جي اجازت ڪانہ ڏيندي. جيڪڏهن توهان زنده ۽ گورنر جنرل جي عهدي تي فائز رهين تہ توهان 1847ع ڌاران پنجاب کي فتح ڪري وٺندين. حضرت سليمان عقلمند ۽ پرامن حڪمران هو. پر هن جو خزانو پريل هو. اهو سارو پئسو ڏوڪڙ مصر ۽ صور جا واپاري ڏيندا هئا. جيڪڏهن اهي واپاري هن مٿان حملو ڪن ها تہ حضرت سليمان لاءِ خطرو پيدا ٿي وڃي ها پر جيڪڏهن هو هندستان جو گورنر جنرل هجي ها ۽ پنجاب جي فوج جهنگلي جانورن وانگي سندس سرحد سان گور ڦرندي وتي ها ۽ بچاءَ لاءِ کيس سرحد تي ٽيهہ هزار فوج رکڻي پوي ها تہ هو بيت المقدس جي تعمير جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي جنگ ڪرڻ جي ابتدا ڪري چڪو هجي ها.“

**پُرامن ۽ خوشحال سنڌ لاءِ نيپئر جو خواب**

اهي لفظ اهڙي ماڻهو جا لکيل آهن جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ جنگ ڪرڻ جو ڪوڏيو هو. سندس نقطئہ نظر ڪٽي کهڙو بہ هو پر حقن جي معاملي ۾ هو ڏاڍو مستقل مزاج هو. هن جي ساري جاکوڙ سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ هئي ۽ بمبئي واري ڌر کان سخت نفرت ڪندو هو جيڪا ڌريان ٿي غلط هئي. ان غلط ڌر انهن ماڻهن کي پنهنجي رڱ ۾ رڱي ڇڏيو هو جيڪي صاحب اقتدار هئا يا جيڪي ملڪ جي پيداواري ذريعن جي سوچ فڪر کان بہ آجا هئا. يا جيڪي ملڪي پيداواري ذريعن

ڪي ترقيءَ جي مقصدن لاءِ ڪم آڻڻ لاءِ ڪي قدم کڻڻ ته ڪي ترقيءَ جي ڪي قدم ڪونه تا کڻن. چاڪاڻ ته زمينن ۾ باغ ڪنهن جادوءَ وسيلي پيدا تي ڪونه پوندا آهن. سنڌوءَ جي پاٽيءَ جو مٽاچرو ڪنهن فائدي واري تجارت کان سواءِ واپاري بيڙين سان هڪدم چائنجي ڪونه سگهندو. جابلو ۽ سنڌ جا بلوچ ڏاڍا ۽ ظلم ڇڏي پاڻ ئي هڪدم شريف ڪونه ٿيا آهن. هنن جهل ۽ بداخلاقين کي ڇڏي سائنسي انداز ۾ پوکي راهي ڪرڻ اجا ڪانه سکي آهي. ان کان سواءِ زرعي پيداوار جي صنعت جي به کين خبر ڪانه آهي. اڳي ته سنڌ کي بيابان سڏيو ويندو هو ۽ سمجهيو ويندو هو ته ان کي آباد ڪري ڪونه ٿو سگهجي. هن تعجب ڪندي پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو هو ته اهڙا عقلمند ماڻهو جيڪڏهن اهي صحيح معنيٰ ۾ عقلمند آهن ته ڪرامتن ۾ ڪيئن اعتبار ڪري سگهندا. اسان ته مختلف رنگن، نسلن ۽ مذهبن جي ماڻهن کي پرامن رکيو آهي. هاڻي وري سنڌن چوڻ آهي ته اهي سڀ ماڻهو اک ڇنڀ ۾ مهذب به بڻجي وڃن. پر هو ماڻهو سنڌن پهرئين سپني جي ساڀيا لاءِ جتن ۽ جاکوڙ ڪئي.

## سنڌ جي ترقيءَ ۾ ڪي رنڊڪون

ترقي ۾ پهرين وڏي رنڊڪ بلوچن جو جهنگليپڻو ۽ ڏاڍا آهن. هنن جو مذهب به اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ رنڊڪ بڻيل آهي. اوڻائي اها به آهي ته اسان هنن ماڻهن جي ٻولي سمجهي ڪونه تا سگهون. هتان جا ماڻهو وري هندستاني ۽ فارسي سمجهي ڪونه تا سگهن. تنهن ڪري رابطي جي به کوٽ محسوس ٿي رهي آهي. هي ماڻهو مذهبي رسمن ۾ دخل اندازي ڪونه ڪندو آهي. پر هو هندن جي ستي رسم جي سخت خلاف آهي جنهن ۾ عورتن کي ساڙيو ويندو آهي. مسلمانن کي مذهب متجڻ جو خوف خطرو ڪونه آهي نه وري اهي هندن سان گڏجڻ ٿي چاهيندا آهن. چاڪاڻ ته اهي کين ڪافر سمجهندا آهن. سر چارلس انهن کي فقط شرافت جي اصول سان ملائي هڪ بهتر معاشري جو بنياد رکي سگهي ٿو. سندس خواهش به اها آهي. هو هڪ مهذب، هڪ جهڙن سماجي فردن ۽ هڪ ٻولي هجڻ جو حامي هو. عام ماڻهو هن جي اصولن کي چڱيءَ ريت سمجهندا هئا. هن جي وسعت دلي، زندگي ۽ مال ملڪيت جي تحفظ ۽ انصاف جي اصولن کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن مذهبي راهب ۽ پنڊت جي ضرورت ڪانه هئي. دولت مند ماڻهن کي هو جڏهن سندن مال ملڪيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عزت جي تحفظ جو يقين ڏياريندو هو تہ ڪيس سمجھڻ لاءِ ڪنهن ترجمان جي ضرورت جو احساس ڪونہ ٿيندو هو. ويچارا غريب تہ سنڌس ٻولي سمجهي ڪونہ سگهندا آهن پر اهو ضرور سوچيندا آهن تہ هن ڪين ٽالپرن جي ظالم حڪومت کان نجات ڏياري آهي ۽ ڳاٽي ڀڳل ڍل محصول کان بچايو آهي.

## پوکيءَ لاءِ زمينن جي نئين سر ورهاست

انهيءَ زماني ۾ هن هتان جي اصلي رهاڪن ۽ ٻاهرين ماڻهن کي پندرهن ۽ ويهن سالن لاءِ آبادي لاءِ ليز تي زمين ڏني هئي پر ڪانئن ڍل يا لاپو هن شرط سان ڪونہ ورتو ويندو هو تہ هنن جو واسطو فقط سرڪار جي ڪليڪٽرن سان هوندو. ڪاردار ۽ زميندار سان سنڌن ڪنهن بہ قسم جو تعلق ڪونہ رهندو. انهيءَ زماني ۾ زمين ڏيڻ جو اهو طريقو هو. هن زماني ۾ نئين سر جاگير ڏيڻ جي ابتدا ڪئي ويئي هئي، اهڙي زمين جو گهڻو ڪري واسطو ٽالپر حڪمرانن جي شڪار گاهن سان هو. پوکي راهي جي ڏنڌي کي وڌائڻ جي مقصد سان چڇ غريبن لاءِ سرڪاري قرض ڏيڻ بہ منظور ڪيا هئا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو ڏنڌو چڱيءَ طريقي سان شروع ڪري سگهن. هن آبپاشي جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ ويهن ٿي ننهن جو زور لڳايو هو. سنڌس خيال هو تہ تندرستي، پيداوار کاڌ خوراڪ ۽ تهذيبي جو سارو مدار سنڌوءَ جي پاڻي تي ضابطي رکڻ تي آهي.

## ماڻهن جي خوشحاليءَ لاءِ ڪنيل قدم ۽ ان جا دور رس اثر

هن عام ماڻهو جي زندگي سڌارڻ لاءِ ننڍڙا ننڍڙا قدم کنيا هئا ۽ اهڙين شين بابت جاڳرتا ڏني جن کان هو اڳي بلڪل بي خبر هئا. هن ائن جي نسل کي وڌائڻ لاءِ لاڙڪاڻي ۾ اُٺ فارم رکيو هو جتي پلن جابلو ڏاچين وسيلي ائن جي نسل جي افزائش ڪئي ويندي هئي. ان کان سواءِ ڪراچيءَ پرسان هوا جي زور تي هلندڙ پن چڪين قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪراچي جي اوسي پاسي سرڪاري طور پاچين جي پوک ڪئي ويندي هئي جنهن وسيلي هزارن ماڻهن کي تازيون ۽ سستيون پاچيون ملي وينديون هيون جنهن مان سرڪار کي تمام گهڻو فائدو حاصل ٿيندو هو. هن ٻين شعبن ۾ صنعت قائم ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي هئي. پن چڪين وارو منصوبو انهيءَ ڪري ناڪام ٿيو



ڊُراني يا لولي لڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تروڪي لڪ جي ڏاڪڻي لنگهه جو ٻاهريون پاسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تروڪي لڪ جو اندريون لنگھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڏيورا ۽ مرو پٽ جي وچ وارو ڏيک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جو اهو بمبئي ۾ شروع ڪيو ويو هو جنهن جي نگراني ڊاڪٽر بسٽ ڪندو هو جيڪو زراعت جو سيڪريٽري هو. پن چڪين جي تعمير به سندس نگراني ۾ هلي رهي هئي جن تي ڏاڍو خرچ به آيو. پر ڪم ڏکيو به هو ان ڪري پن چڪيون ڪم ڪري ڪونه سگهيون هيون.

ڪسٽم جي ڪليڪٽر مسٽر ميڪلوڊ ۽ ميجر بلينڪنس گاهه فارم قائم ڪري ورتو هو ان سان گڏ رڍون پالڻ به شروع ڪيون هئائون. جن لاءِ هن رڍن جو ميرنوس نسل به حاصل ڪري ورتو هو ۽ گيونڪا ۽ لوسڻ گاهه به پوکرايا هئائون. اهڙو گاهه هتي ڏاڍو پلو ۽ گهٽو ٿيو گاهه جون سڀ ضرورتون پوريون ٿي ويون هيون نه ته اڳي فوجي وهٽن لاءِ گاهه ڪڇ مان حاصل ڪيو ويندو هو جيڪو ڏاڍو مهانگو هوندو هو. مسٽر ڪولتگ مصر مان ڪمند جي بهترين جنس سنڌ ۾ پوکڻ جي مقصد سان موڪلي هئي. هي ماڻهو تنهن زماني ۾ مصر جي پاشا جي هڪ پٽ جو اتاليق هو. جڏهن ڪمند جي اها چونڊ جنس بمبئي ۾ پهتي ته اتان جي ڪامورا شاهي اها سنڌ رواني ڪانه ڪئي ۽ بندر تي رکي سڪي سڙي وئي. هنن ماڻهن کي سنڌ جي ترقيءَ جي ڳالهه ٻڌڻ سان ٻرو چڙهي ويندو هو. تنهن ڪري سر چارلس سمجهيو هو ته سنڌ فقط اناج جي پوکي وسيلي اڳتي وڌي ۽ ترقي ڪري سگهي ٿي. پر هتان جي ماڻهن کي پوکيءَ راهيءَ جو صحيح پتو ڪونه هوندو هو. توڙي جو اهي محنتي به هوندا هئا. هتان جا سنڌي بلوچ هر قسم جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيندا هئا. تنهن ڪري هن سوچيو هو ته جيڪڏهن هنن ماڻهن کي ضروري شين جي تعليم ڏني وئي ته اهي مهذب بڻجي سگهن ٿا. اهي ماڻهو ريجمينٽ جي اسڪولن ۾ ايندا هئا ۽ منتون ڪندا هئا ته سندن ٻارن کي به پڙهايو وڃي. علم جي اهڙي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ هن لارڊ رپن کي تجويز پيش ڪئي هئي ته سنڌ ۾ اهڙا زراعتي اسڪول قائم ڪيا وڃن جهڙا ڪئپٽن جان پٽ ڪينيڊي آئرلينڊ جي لوچ آش ماڳ تي قائم ڪيا هئا. لوچ آش زراعتي اسڪول جي ڪاميابي کان پوءِ جان پٽ آئرلينڊ جي حڪومت کي چيو ته لوچ آش جي طرز جهڙا زراعتي اسڪول ساري ملڪ اندر پکيڙيا وڃن. هن چوڻ ۾ ڪوبه وڏاءُ ڪونه آهي ته بي انتها مخالفت ۽ سازش باوجود سندس هيءَ پيش ڪيل تجويز تسليم ڪئي وئي هئي ۽ نام نهاد قومپرستن ته چارئي چنبا ڪوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالفت ڪئي هئي. انهيءَ زماني دوران هيءَ بدنصيب ماتري ڏڪار جي ور چڙهيل هئي ۽ سارو ملڪ ويران ۽ پڙپانگ ٿي ويو هو. جيڪڏهن هتي هن قسم جا اسڪول کوليا ويندا ته ڏرت ۽ ڏڪار کي صفا ختم ته ڪري ڪونه سگهبو پر ان جي شدت کي ته گهٽ ڪري سگهبو. اهو وڏو ۽ فائديمند منصوبو آئرلينڊ جي غلط ماڻهن جي اثر ڪري ڪنهن بئي هنڌ ڏانهن منتقل ڪيو ويو هو. تنهن ڪري سنڌ جي ترقيءَ لاءِ پيش ڪيل هن تجويز کي رد ڪيو ويو هو. اهڙي بمبئي واريءَ ڌر جي مفادن کي ڇيهو ڪونه رسيو هو.

## عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششون

اهڙن طريقن اختيار ڪرڻ سان سنڌ جو غريب طبقو اڃا به وڌي رهيو هو. پر مٿئين طبقي جي ماڻهن جي اولاد کي اڃا به وڌيڪ سهوليتون ڏنيون ويون هيون. سنڌ جو هر نسل انگريزن جو مفتوح هو جن کي سر چارلس نيپئر انگريز سرڪار جا رعيتي تصور ڪري رهيو هو. ان ڪري پڪو پهه ڪري چڪو هو ته بنا ڪنهن مذهبي، رنگ ۽ نسلي ڀيد ڀاءَ جي سيني کي هڪ جهڙي عزت ڏني وڃي ۽ سيني ۾ هڪ جهڙو اعتماد پيدا ڪيو وڃي. محمد طور نالي ماڻهو هڪ وڏو سردار هو جنهن مياڻي جي ميدان تي انگريزن سان سخت مقابلو ڪيو هو. هن واقعي کان پوءِ هن ماڻهوءَ گذارش ڪئي هئي ته کيس مئجسٽريٽ مقرر ڪيو وڃي. سندس اهڙي گذارش کي مناسب ڄاڻي کيس مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو هو. سنڌ جي بلوچ سردارن لاءِ حرص ۽ لالچ جو رستو کليو پيو هو. پر انهن بلوچ سردارن کي حق فقط منهنجي اعلان ۾ بيان ٿيل اصولن مطابق ملي سگهندا. يعني کين اهي سرڪاري عهدا ملي سگهندا جن جي لائق هوندا. جيڪڏهن مٿي بيان ڪيل عام مفادن جو تعلق آهي ته اهڙن حقن جي رعايتن ماڻڻ کان اڳ اهليت کي ڏسڻ جي ضرورت ڪانه آهي. اسان حق ڀرپائين ڏيندا سون، پر جيڪڏهن اهو ماڻهو لائق ثابت نه ٿيندو ته اهو حق واپس به وٺي سگهنداسون. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي اڻ لائق سمجهي ڪائنس حق واپس ورتا به ويا پر طبقاتي حقن کي تسليم ضرور ڪيو ويندو. جيڪڏهن هڪ بلوچ سردار کي مئجسٽريٽ بڻايو ويو ته ٻيا به پاڻ ۾ اهڙي اهليت پيدا ڪندا ته جيئن اهي به مئجسٽريٽ بڻجي سگهن. اهڙيءَ ريت هو انگريزن جي وفادار ۽ تابعدار ٿيڻ ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڪان گوءِ ڪٽي ويندا. مان تہ هن ڪان بہ ڪجهہ اڳتي وڃڻ چاهيان ٿو. پر ان لاءِ مون کي انهن صاحب اختيار ماڻهن کان موڪل وٺڻي پوندي، جيڪي هندستان جي حڪومت جي طريقہ ڪار جا خالق ۽ مالڪ آهن. مان تہ چوندس تہ سرڪار جو اهو پراڻو نظام آهي جيڪو ڏاڙيلن کي پالي ٿو ۽ ڦرلٽ لاءِ سنڌن اڻ پڇيو پانهن ٻيلي ٻڻجي ويو آهي. ڪيس انسان ۽ انساني مزاج جي ڪابہ خبر ڪانہ آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهي شريف ماڻهو سنڌين کي اهي حق ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن جيڪي انگريزن کي مليل آهن. پر جيڪڏهن مان زنده ۽ سنڌ ۾ موجود رهيس تہ مان سنڌين کي انگريزن جهڙا حق ڏياريندس. بلوچ ماڻهن جون ڏاڍايون اڃا بہ ڏهہ سال جاري رهنديون. اسان هي ملڪ فتح ڪيو آهي. تنهن ڪري اهڙن ڏهن بلوچن کي هر قسم جي ڪيس ڦهر کان روڪي سگهنداسون. هن ملڪ جي وڏن ماڻهن لاءِ هن حڪومت جا دروازا اٽيهي ئي کليل آهن. اهي پنهنجي اهليت ۽ محنت مطابق پنهنجي هر خواهش پوري ڪري سگهن ٿا. پر جيڪڏهن اهي بغاوتون ۽ شرارتون ڪندا تہ کين سبق سيکاريو ويندو. مان اهو سمجهي ڪونہ ٿو سگهان تہ ڪهڙي شيءِ خراب آهي پر اهي ٻئي ڳالهيون تہ سرڪار پاڻ پيدا ڪري رهي آهي ۽ اهي ٻئي نفرت جوڳا ظلم آهن.

## ماڻهن جي لڏ پلاڻ بابت نوان اصول

لارڊ ايلنبرو حڪمراني لاءِ ڪي اهم اصول چونڊيا هئا جن کي آڏو رکي هڪ معاهدي کي مرتب ڪرڻ لاءِ سر چارلس علي مراد سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيو آهي. هن حڪمران جي بہ خواهش هئي اهڙو معاهدو ضرور هجڻ گهرجي. پر ان هوندي ڪيس ٿاهہ جي هڪ فقري تي اعتراض هو جنهن ۾ لکيل هو تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ٻنهي ملڪن اندر رهڻ جي موڪل هجڻ گهرجي. ان فقري ۾ اهو بہ لکيل هو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪ علائقي مان نڪري ٻئي ۾ آباد ٿيندو تہ ڪوبہ اعتراض نہ واريو ويندو. پر جيڪڏهن ماڻهو قاتل يا غدار آهي تہ پوءِ اهڙي ماڻهو کي ٻئي ڌريون پاڻ وٽ رهڻ ڪونہ ڏينديون. اهڙي فقري تي علي مراد وٺي هاءِ گهوڙا ڪئي هئي تہ جيڪڏهن ائين ٿيو تہ سندس علائقي ۾ هڪ بہ ماڻهو ڪونہ رهندو ۽ سارو علائقو ويران ٿي ويندو. سر چارلس ڪيس ورائيو هو تہ جيڪڏهن ظالم ٿيندين تہ تنهنجو علائقو سچ ۾ ويران ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو جواب ٻڌي علي مراد ماٺ ٿي ويو هو پر سندس اهو هٺڪتو غلط ڪونہ هو. نہ رڳو هن جا رعيتي، پر قلات جي خان جا هاري ناري، پر قنڌار جا آبادگار ۽ انگريزن جي هندستان جي اتر – اولهہ وارن علائقن جا واپاري بہ سنڌ اچي پهتا هئا.

## ڪراچيءَ جي ترقي

ڪراچيءَ جي آدشماري ايتري وڌي وئي هئي جو ماڻهو قلعي کان ٻاهر بہ پنهنجا گهر ٺاهي ويهي رهيا هئا ۽ قلعي جي ڦاٽڪن کان ٻاهران ڪيترين ئي نيون گهٽيون جڙي ويون هيون. ان کان سواءِ ڪڇ ۽ گنداوا جا ماڻهو بہ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا. گيڊروشيا جي رڻ پٽ جا بہ قبيلا هيجيسز ۽ پنجوئري بہ هيڏانهن لڏي آيا هئا. جيڪي ضرورت وقت پنهنجا اٺ ۽ هزارين ماڻهو ڏئي سگهيا ٿي. هنن ماڻهن انگريزن جي رعيت ٿيڻ لاءِ ڏاڍيون ڪوششون ڪيون هيون. پر انڪار ڪرڻ تي هو واپس هليا ويا هئا.

## ڏاڙيلن جي چنبي مان آزاد ٿيل ماڻهن ۾ خوشي ۽ خوشحالي

ساڳي ريت ڏاڙيلن جي شڪست ۽ سندن پيش پوڻ جي ڪري اوسي پاسي جي سيني علائقن ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي هئي ۽ اهڙيون خبرون سوين ميل چوڌاري پکڙجي ويون هيون. ڇاڪاڻ تہ هنن ڏاڙيلن چوطرف ڦرلٽ جي ڌم لائي ٽِڪري تپائي ڇڏي هئي. هن مان سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ بجار جي ڌاڙن ۽ ڦرلٽ جي ڏاڍي دهشت ويٺل هئي ڇيو ويندو آهي تہ اهي ڏاڙيل پنهنجي شهنشاهن جي بہ پرواهہ ڪونہ ڪندا هئا. شهنشاهہ اڪبر، احمد شاهہ ابدالي ۽ ٻين حڪمرانن جون فوجون ٽونگ واري علائقي کان مٿي وڃي ڪونہ سگهيون هيون. انگريز فوج جا موڪليل جٿا بہ ٻهرين لڪن تائين مس پهچي سگهيا هئا ۽ اڳتي وڌڻ کان ٻهريائين سندس رابطو ڪٽجي ويندو هو. سر چارلس جي هن مهم کان ڪابہ وڏي فوج تروڪي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ڪانہ سگهي هئي پر هاٽي اهي سرڪش ماڻهو پيش پئجي چڪا آهن. ڪيس پيش پوڻ لاءِ فقط هڪ ماڻهو مجبور ڪيو هو جنهن کي اڳتي وڌڻ کان ڪير بہ روڪي ڪونہ سگهيو هو. هن ماڻهو جي بهادري جي شهرت ترڪستان تائين پهچي چڪي آهي. هن علائقي ۾ وولف

نالي هڪ سياح موجود هو جنهن ٻڌايو ته وچ ايشيا جي ڏاڙيلن کي سر چارلس جي اچڻ جي توقع هئي جيڪي چئي رهيا هئا ته جيڪڏهن هو هتي آيو ۽ مختلف ملڪن تي ڪاهي کين تباهه ڪيائين ته اتان جا ڏاڙيل به ساٺس گڏ هوندا اها به اچرج جي ڳالهه آهي ته ايران جي سرحد سان واقع بنپور شهر تي گهيرو ڪري شهر اندر سر چارلس نيپئر جو هڪ جعلي خط موڪليو هئائون ۽ ماڻهن پيش پوڻ ۾ دير ڪانه ڪئي هئي. پر مشرق جي ماڻهن جو خاص ڪري هن جي جنگ جي معاملي ۾ خيال نهايت واضح آهن ۽ سمجهيو ويندو آهي ته جيڪڏهن هن جي مٿان پابندي نه هجي ها ۽ جنگ جي معاملن ۾ آزاد هجي ها ته سر چارلس ساري ايشيا کي فتح ڪري چڪو هجي ها ۽ بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي اچي ميڊيٽريانين تائين پهچي چڪو هجي ها ۽ هن سان گڏ پورا پنج لک خطرناڪ گهوڙيسوار فوج هجي ها. ايشيا جي ڏاڙيلن جو خيال آهي ته جنهن ڪمانڊر جي فوجي انتظاميه کي جنگي سرگرمين لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي تنهن هاڻي هڪ نئين قسم جي حڪمت عملي ڪتب آڻڻ شروع ڪئي آهي جيڪا ڏاڍي سولي ۽ سٺي آهي ۽ ان جي مقابلي ڪرڻ وارو طريقو هنن جي تصور کان نهايت مختلف آهي. هي ماڻهو حڪمرانن جو مخالف آهي. درحقيقت هو دولت، شان شوڪت ۽ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ مقابلا ڪري رهيو آهي پر هو اهڙيون ڳالهيون جنگ، معاهدن ۽ تجارت وسيلي حاصل نه ڪري رهيو آهي پر رحمدليءَ وسيلي. ان ڪري سيني قومن جا ڏاڍ جا ستايل مظلوم ماڻهو سنڌس حڪومت واري علائقي ڏانهن اچي رهيا آهن.

## ڍل ۽ محصول جي نظام ۾ سڌارا

هن شاندار مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ محصول گهٽائي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري غريبن جي اندر کي آٿت ملي ويندو ۽ پرت سان پورهيو ڪري سگهندا پر هن قسم جي سهوليت جي رستي وڏي رنڊڪ موجود آهي. اها رنڊڪ هيءَ آهي ته بلوچ ٽوري محصول جي خلاف آهي. چاڪاڻ ته اهڙي وڏي محصول جي هڪ روايت قائم هئي ۽ ٽوري محصول ۽ هلڪي ڍل جي شرح سنڌن عادتن کي ڊانواڊول ڪري ڇڏيو آهي. هن نسل جا ماڻهو ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ جا قائل آهن جيڪي هر قسم جي تبديليءَ جا مخالف آهن پوءِ اها ڪيس ڪيڏي فائدي واري هجي. مالياتي

سڏارا نهايت خبرداري سان آندا پيا وڃن. سر چارلس جي خواهش آهي تہ عام ماڻهو اهڙن سڌارن کي سمجهي سگهن تا اهي سنڌن بهتري ۽ ترقي لاءِ آهن ۽ جنرل چارلس اهي سڌارا پنهنجي شهرت لاءِ ڪونہ پيو آڻي. جيتري ڍل محصول ۾ تبديلي آڻڻ جو تعلق آهي تہ ان لاءِ مستقل قانون سازي جو عمل جاري آهي پر جيتري قدر مالياتي سڌارن جو تعلق آهي اهو ٿوري وقت لاءِ يا عارضي آهي جنهن وسيلي مصر جي محمد علي پاشا جهڙن ظالم ماڻهن کي منهن ڏيڻو آهي. پر هنن سيني ڳالهين وسيلي عام ماڻهن جي اخلاقي خالتن کي سڌارڻو آهي ۽ انهن ۾ هڪ قومي خوشحالي آڻڻ آهي.

## قانون ۽ انصاف لاڳو ڪري ڌاڙن ۽ قرلت جي پاڙ پٽڻ

ان نقطہ نظر کي آڏو رکي اوليت بلوچن جي ڏاڍ ۽ ڦهر جي شدت کي گهٽائڻ آهي. سنڌس ارادا اٽل ۽ حوصلا بلند آهن. تنهن ڪري کيس يقين آهي تہ هو پنهنجن ارادن ۾ ضروت سوياو ٿيندو. هنن کي نپوڙڻ لاءِ هي اڳئي اهڙا قدم کڻي بہ چڪو آهي. هن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي غرض سان قانون ۽ انصاف واري ڪاتي کي گڏايو ويو آهي. اهڙي ريت انتظامي معاملا بہ هنن جي هٿن ۾ ڏنا ويا آهن. جيڪڏهن انهن معاملن ۾ غلطي ٿيندي تہ زخمي ضمير جي شفا لاءِ اهڙي مرهم ڪٿي بہ ڪانہ هئي. سنڌس چوڻ آهي تہ "مان فقط قاتلن کي موت جي سزا ڏيندو آهيان. پر خاص طور انهن ماڻهن کي معاف ڪونہ ڪندو آهيان جيڪي ٻي پهچ عورتن ۽ ٻارڙن جا قاتل هوندا آهن. مان انصاف جي معاملي تي گهڻو سوچيو ويچاريو آهي ۽ منتظم جي حيثيت ۾ ائين ڪرڻ واسطي منهنجو ضمير صاف آهي. مان هر معاملي کي صحيح نڪتي تي پهچائڻ لاءِ پورهيو ڪيو آهي. پيڙا ڀوڳي آهي ۽ لڳاتار جاڳوڙيو آهي. هي منصبي فرض سرانجام ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر مان ان کان ڪڏهن بہ ڪترايو ڪونہ آهي. ليڪن مان جج ٿيڻ پسند ڪونہ ڪندو آهيان ۽ پاڻ کي هڪ خانگي ماڻهو تصور ڪندو آهيان. پر مون کي ڪجهہ اختيار مليل آهن ۽ مون کي هڪدم انصاف جي تقاضائن مطابق ڪرڻ گهرجي. ظالم ماڻهن جي ڦهري ڪارروائين کي فقط طاقت جي زور سان ختم ڪري سگهجي ٿو. دريا خان جو مثال وٺجي تہ هو ڏاڍو شريف ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏو عرصو ڦرلٽ ۽ ڌاڙن کان نفرت

ڪئي آهي. منهنجون ڳالهيون بہ خوشيءَ سان مڃيندو آهي. پر پوءِ بہ هو ڏوڪو ڏيندڙ ۽ قتل ڪندڙ آهي. بلوچ جڏهن تہ گندن ۽ برن اسڪولن ۾ پلجي وڏا ٿيا آهن. اهي واندا ويٺا اوباسيون ڏيندا پر ڪڪ پيچي پيٺو ڪونہ ڪندا آهن. ڏاڙا هڻڻ ۽ بي گناهن جو قتل ڪرڻ سندن عادت ٿي وئي آهي ۽ مان سندن اها عادت ختم ڪري پوءِ ساهہ پٽيندس.“

هن ڪان ڪجهہ مهينا پوءِ ڊيره جي هڪ سردار پنهنجي قبيلي جي ماڻهوءَ کي قتل ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو قتل اتفاقي هو پر فوجي ڪميشن ان سردار تي قتل جو ڪيس هلايو هو. جنهن تي بلوچ سردار ڏڃي ويا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهو ڪڏهن بہ ڪونہ ٻڌو ويو هو تہ ڪنهن سردار تي اڳتي ڪڏهن قتل جو ڪيس هلايو ويو هجي. جڏهن تہ مقتول سندس پنهنجي قبيلي جو هجي. هن سردار چيو هو تہ خدا عظيم ۽ برتر آهي ۽ جنهن مظلوم جو اڄ انصاف نہ ٿيو آهي تنهن جو سياڻي ضرور ٿيندو. يعني هو پاڻ کي قاتل هجڻ باوجود مظلوم سمجهي رهيو هو. هي لفظ ان ماڻهوءَ جا هئا جنهن جو تعلق هڪ ڏاڙيل نسل سان هو. انساني رتو ڇاڻ ڪري جنهن جي دل ۾ درهڙي ڪانہ ايندي هئي. انهيءَ ڪري اهڙن سردارن جو لاڙو حڪومت ڏانهن گهٽي ويو هو پر غريب مظلوم ماڻهو انگريز سرڪاري جي گهڻا ويجها ٿي ويا هئا.

## ماڻهن جي خوشحاليءَ سبب حڪومتي آمدني ۾ واڌ

جڏهن عام ماڻهو خوشحال ٿيو تہ سرڪاري پيداوار بہ وڌي وئي هئي ۽ سيئي خرچ پڪا ڪڍڻ کان پوءِ هڪ لک پائونڊ اسٽرلنگ بچيا هئا. جيڪي هندستان سرڪار جي خزاني ۾ جمع ڪرايا ويا هئا. هن آمدني مان فوجين لاءِ بئرڪن جي تعمير جو خرچ ڪونہ ڪٽيو ويو هو. جيڪو ساري پيداوار جي ٽئين حصي کان وڌيڪ ڪونہ هو. پر اهو خرچ مستقل ڪونہ هو. نين بئرڪن جي تعمير ڪري فوجين جون زندگيون محفوظ ٿي ويون هيون. تنهن ڪري اهو ڏهوڻ تي وڌيڪ فائدي وارو هو. ان کان وڌيڪ سٺي ڳالهہ سنڌ اندر امن امان جي قيام جي هئي جنهن کي سر چارلس نيپئر پنج هزار فوج جي مدد سان قائم ڪرڻ ۾ سوپارو ٿيو هو. پر هندستان سرڪار بئرڪن جي تعمير تي خرچ ڪرڻ جي موڪل ڪانہ ڏني. ڇاڪاڻ تہ سکن جي ڪئونس جيئن پوءِ تيئن وڌي رهي هئي. ان جو ڇوڙ هو تہ سنڌ کي نہ پر هندستان جي مفادن لاءِ فوج جو هجڻ ضروري آهي.

## نيپئر جي وڏنڍڙ عمر ۽ جسماني ڪمزوري

انهيءَ زماني ۾ سر چارلس نيپئر رڳو پنجاب ۾ نہ پر هندستان جي ڪنهن بہ ملڪ اندر جنگ جي خلاف هو. ڇاڪاڻ تہ هو عمر جي اهڙي ڏاڪي تي پهچي چڪو هو جنهن دوران جنگ ڪرڻ هڪ مشڪل مسئلو آهي جابلو ڏاڙيلن خلاف جنگي مهم دوران هن لڳاتار ويهہ ڪلاڪ گهوڙيسواري ڪئي هئي. هڪ ڀيري هن تي ماني جي ٽڪر ۽ ڇانهہ جي آڌار تي مسلسل ڇهويهہ ڪلاڪ گهوڙيسواري ڪئي هئي. هن اها ڇانهہ بہ سوڊا واٽر جي بوتل ۾ رکي ڇڏي هئي. سندس زندگي اهڙي سادي طريقي سان گذرندي هئي. وڌيڪ ڪري هو ٿڪجي چُور ٿي پوندو هو ۽ ڪمزور ٿي پوندو هو ۽ صحتمند ٿيڻ لاءِ کيس گهڻو وقت لڳي ويندو هو. پر جنگ دوران گهوڙي جي هني تان هيٺ ڪونہ لهندو هو. هو جذبن ۾ تہ جوان هو. پر پيريءَ ڪري گهوڙي تان لهڻ وقت ائين ڏڪندو هو جيئن لغڙ جي پيچ ۾ ٻڌل پٽر ٿڙڪندو آهي. هن جي سوچ ۽ جسم ڊيوڪ آف ويلنگٽن وانگي مضبوط هو. هن لاءِ اهي جڻ عام قسم جون ڳالهيون هيون. سندس جسماني ڪمزوريءَ بابت اهڙو اظهار فقط هن جو جسماني ٿڪ وقت عارضي هوندو هو ۽ خاص ڪري تڏهن جڏهن آبهوا صحت بخش ڪانہ هوندي هئي. سندس لڳاتار جنگي مهم مان لڱندو هو. ڏک ڏاڪڙا سهي وڃڻ وارو مشڪل پسند ۽ سخت جان انسان هو. پر هن وقت عدالتي معاملن جي وڏي وڃڻ ڪري کيس رويئن جي نظام ۾ تبديلي آڻڻي پئجي ويئي هئي ۽ جج ائڊووڪيٽ جنرل کي ڪن خاص جُرمن جي فتويٰ ڏيڻ لاءِ اجازت ڏني هئائين ۽ ملن کي وٽس (سر چارلس وٽ) اپيل جو حق ڏنو ويو هو. اهڙي ريت جنوريءَ کان جون تائين کيس گهڻو وقت ملي ويو هو. جنهن دوران هن چار سو فوجداري معاملا اڪلائي فتوائون ڏنيون هيون. هن کان سواءِ نوي فوجي معاملا بہ هئا جيڪي هن اڪلائي ورتا هئا.

## ڏاڙيلن خلاف جنگي مهم جي ڪاميابي ۽ امن امان

هي هڪ وڏو مٿي جو سور جنهن کان هن وقت آجو ٿي چڪو هو. تنهن ڪري کيس ٻين انتظامي معاملن کي اڪلائڻ جو موقعو ملي ويو هو. جن مان اهم محصول جو معاملو هو. کيس ڪيترين اهم شاهديون مليون هيون تہ تازي فوجي مهم نهايت ئي ڪامياب ثابت ٿي هئي جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪيترا فائدا به ٿيا هئا هن جابلو ڌاڙيلن خلاف فوجي سرگرميءَ کان اڳ سنڌ جي سرحد جي حفاظت لاءِ گهوڙيسوارن جي ٽن ريجمينٽن جي ضرورت هئي پر پوءِ ڌاڙيلن سان پورا پئجي ڪونه سگهندا هئا. هن لکيو هو ته ڌاڙيل اچن ٿا ۽ ڌاڙو هڻي اک ڇنڀ ۾ پٺي هليا وڃن ٿا ۽ اسان جي فوج کين ڊوڙائي ڊوڙائي ٿڪجي پوندي آهي. اڳين رپورٽن جو اختصار به اهو ئي آهي. پر هاڻي گهوڙيسوارن جي هڪ ريجمينٽ ئي ڪافي آهي جنهن سان بنديل کنڌ ليجن جا ڪجهه گهوڙيسوار گڏ هوندا آهن ۽ ڌاڙيلن کي وارداتن ڪرڻ جي وٿي ملي ڪانه سگهندي آهي. ان کان وڌيڪ گهوڙيسوارن کي غير ضروري سمجهيو ويندو هو. اتان جي عملدارن شڪايتون موڪليون هيون ته اضافي گهوڙيسوار اٺ ئي پهر واندا ويٺا آهن ۽ ڪجهه به ڪونه ڪندا آهن. هاڻي ته بلوچ ڌاڙيل به ڪونه ايندا آهن. اڳي ته اهي ڌاڙا هڻي قتل ڪري سنڌين کي پنهنجين زمين تان بيدخل ڪري ڇڏيندا هئا جيڪي لاچار ٿي پنهنجا اباڻا ڳوٺ ڇڏي هليا ويندا هئا. اهي ماڻهو هن وقت موٽي اچي پنهنجن ڳوٺن ۾ آباد ٿيا آهن. ان کان سواءِ ڪڇي ۾ گنداوا واري جوءِ به اڳئين وانگي سائي ڀائي ٿي وئي آهي ۽ جام پوکي راهي ٿي رهي اهي. اهو شاندار نتيجو ڌاڙيلن خلاف جنگي مهم جو آهي. هي مسڪين ماڻهو انهيءَ مهم کان اڳ لاچار هئا. انڪري مڪمل تباهيءَ کان بچڻ لاءِ اهي به ڌاڙيلن سان گڏجي ويا هئا. ان کان سواءِ قلات جي خان جي ادائي لک روپيا پيداوار وڌي وئي هئي. تنهن ڪري هو پاڻ به شخصي طور امن امان ۾ دلچسپي وٺي رهيو هو.

سنڌ جي سرحدي پٽي کان گهڻو پري تائين امن امان ٿي ويو هو. ان کان سواءِ گرفتار قبيلن جا رهيل ماڻهو به خوشيءَ سان پوکيءَ راهيءَ جي ڌنڌي سان لڳي ويا هئا. بيو ته ٺهيو پر خود بجار به شڪايتون ڪري رهيو هو ته علي مراد متاثنس ڪڙي نظرداري ڪري رهيو آهي ان طنزيه جواب ڏنو هو ته ڌاڙيلن خلاف جنگي مهم ۾ هن جو گهڻو خرچ اچي ويو هو. اهڙي ريت بجار کي گرفتار ڪرڻ ۾ سندس به لک روپيا خرچ اچي چڪا آهن. پر جيڪڏهن هو ڀڄي ويندو ته کيس ان کان به وڌيڪ نقصان پوندو. سر چارلس جي حڪمت عملي اها هئي ته بجار کي علي مراد جي حوالي ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته کيس پناڻن کان پري رکڻ جو اهو سٺو طريقو هو جيڪي چاهيندا هئا ته سدائين جنگ هجي ۽ حالتون خراب هجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بجار کي گهٽي آزادي مليل ڪانه هئي. اهڙي پابندي کي هو غلط طريقي سان ڪم ڪونه آڻيندو هو پر هو هڪ پيرو سر چارلس نيپئر سان ڪراچي ملڻ ويو هو.

## مرين جو بگٽين کي ماري مات ڏيڻ ۽ اسلام بگٽي جي پيش پوڻ جو پيغام

اونهاري جي موسم ۾ مرين پڌايو هو ته هنن بگٽي قبيلي جي ڌاڙيلن کي ماري تباهه ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي اسلام خان بگٽيءَ جي سربراهي ۾ اهڙيون ڦهري ڪارروايون ڪري رهيا هئا. سنڌن ڪافي ماڻهن کي قتل ڪري بيشمار چوپايو مال هٿ ڪري ورتو آهي. انهن کان گهڻا هٿيار به کسيا ويا آهن ۽ اهو قبيلو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. اهڙي تصديق انهن بگٽين کان به ملي هئي جن سنڌ اندر رهندڙ بگٽين وٽ اچي پناهه ورتي هئي. ان کان سواءِ بگٽين جي سردار اسلام خان به سر چارلس ڏانهن پيش پوڻ لاءِ پيغام موڪليو پر سر چارلس ڪيس ساڳين شرطن مطابق پيش پوڻ لاءِ چيو هو جيڪي وري اسلام خان قبول ڪونه ڪيا هئا. ان کان پوءِ اسلام خان پنهنجي قبيلي کي ساڻ ڪري جابلو علائقن ۾ وڃي پنهنجي اصلي ڪرت يعني ڦرلٽ کي لڳي ويو هو. هن وقت هو ڌاڙيل کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو ۽ انگريزن خلاف سرڪشي واري هواءِ سندس دماغ مان نڪري وئي هئي. انهيءَ زماني ۾ مري به شڪايتون ڪري رهيا هئا ته ڦلرجي جي ڪهيرين وٽي بگٽين جو پاسو ورتو آهي. ان ڪري سر چارلس ڪهيرين کي چنڊ پٽي هئي ته هو اهڙين ڳالهين کان باز رهن ۽ سندس غضب کي دعوت نه ڏين. چاڪاڻ ته هن قبيلي ڌاڙا هٽي ڦريون ڪري، اوسي پاسي ساري جوءِ تپائي ڇڏي آهي. جيڪڏهن انگريز سرڪار سندن تحفظ مان هٿ ڪڍي وئي ته ساڳيا لاتو ۽ ساڳيا چگهه هوندا ۽ اهي ساڳيا بگٽي ڌاڙيل ڪتي بيهڻ به ڪونه ڏيندا. ڪڇيءَ جي جابلو علائقن ۾ اڃ ڌاڙيل موجود آهن. جڏهن انهن کي بک تپائيندي ته اچي شاهپور کي ڦريندا جيڪا هاڻي آباد ٿي چڪي آهي. امن امان لاءِ هن جڙ ته ڏرتي اٿلائي ڇڏي هئي. اها به اميد هئي ته دريا خان جي سرداريءَ هيٺ سندس قبيلو ڌاڙا هڻڻ ڇڏي ڏيندو ۽ ڌاڙيلن لاءِ چگهائيءَ جو مثال بڻبو. چاڪاڻ ته اهي ٻين قبيلن کان خوشحال ٿي چڪا آهن ۽ اهو قبيلو هڪ جاءِ تي ويهي ويو آهي. پر ڌاڙيل هڪ جاءِ تي آرام سان ويهي ڪونه سگهندا آهن.

## نون پيداواري وسيلن جي ڳولا

سر چارلس پيش پوڻ وارن سردارن کي موت کان بچائي ورتو هو ۽ کين شريف بڻائي ڇڏيو هو. ان ڪري هو ڏاڍو خوش هو. جيڪڏهن هو پنهنجو رستو اختيار ڪري ها تہ هو هميشه لاءِ ڏاڙيلن جڻ ٻچو رلائي ڦٽو ڪري ها ۽ ڏيره کي فوجي ڪالوني بڻائي اتي فوجي ريجمينٽ ويهاري ڇڏي ها. فوج کي رهائڻ لاءِ بگٽي قلعو ئي ڪافي هو. هتان جي آبهوا سٺي پاڻي صاف شفاف، پلو ۽ جام آهي. زمين بہ ڏاڍي زرخيز ۽ ٽڪريون بہ معدنيات سان ڀريل آهن. تروڪي تہ سفيد سنگمرمر جو هڪ وسيع خزانو آهي. هن جي سنڌوءَ وسيلي آمد رفت بہ سولي آهي جنهن کي ٻاهر بہ موڪلي سگهجي ٿو. اهو هڪ شاندار منصوبو هو. مجبور ٿي ڇڏيو ويو هو. چاڪاڻ تہ اها اعليٰ اختيارين جي مرضي ڪانہ هئي تہ اهڙن ڪمائتن منصوبن کي هٿ ۾ کنيو وڃي ۽ هر عوامي ڀلائي جي ڪمن لاءِ سر چارلس جو نالو مشهور ٿي وڃي جيڪو اهڙن چڱن ڪمن لاءِ سدائين پيو پاڻ پتوڙيندو هو. معلوم ٿيندو تہ جو متي وينل هئا جن جي چوڻ تي هي پنهنجي طاقت ۽ حياتي اجائي وڃائي رهيو هو. انهيءَ ڪري هن ڳجهہ ڳوهہ ۾ سر هينري هارڊنج ڏانهن هڪ خط لکيو هو جنهن جي سر چارلس جي دشمنن کي ڪا خبر ڪانہ پئي هئي. هن ڪيس پنهنجي طرفان هر مدد جو يقين ڏياريو هو جنهن جي سر چارلس کي ضرورت بہ هئي. ڪيس هنن ماٺهن جي دشمني انهيءَ ڪري ڪانہ وڻندي هئي جو اها عقلمنديءَ کان آجي هئي ۽ انهيءَ ڪري سر چارلس جي جيءَ کي جَپُ ئي ڪانہ ملندي هئي. پر ڪائونسل اعليٰ بورڊن جا ماٺهو هن جي فقط مخالفت ڪندا هئا. ان کان ڪاغذن کي دير ڪرائي ڇڏيندا هئا ۽ ردعمل ڏيکاريندا ۽ اهم ڪاغذن کي هترادو ديرلڳائي ڇڏيندا هئا جيڪا سنڌ جي نئين سرڪار کي ڏاڍي ڏکي پوندي هئي. هن حڪومت نوان پيداواري وسيلا تخليق ڪري ورتا هئا ۽ هڪ نئين قوم جو انتظام سنڀاليو هو.

## ڏاڙيل قبيلا ٽانيڪا تي ڪرت ڪرڻ لڳا

هن وقت ڏاڙيلن جا ڪٽنب ويهي ويا هئا. هنن کان ڪنهن بہ قسم جو ڏر ۽ ڏهڪاءُ ڪونہ هو. شير محمد جا ڏيرِ ڏرا تي ويا هئا. ديس پرديس جون ڏومايون ڪائي جاڏهون ڪاڏهون اوڪا پوڪا پلي ٽانيڪو تي ويهي رهيو هو ۽ سر چارلس کي گذارش ڪئي هئائين تہ ڪيس علي مراد وٽ

رهڻ جي موڪل ڏني وڃي. جنهن تي سر چارلس ڪيس وراڻيو هو ته اول اچي پيش پؤ. پر اها ڳالهه هن پنهنجي عزت ۽ وقار جي خلاف سمجهي، تنهن ڪري هو پنجاب هليو ويو پر سندس دوست لغارين جو سردار احمد خان پيو چاڙهو نه ڏسي پيش پوڻ جي مقصد سان سر چارلس وٽ لنگهي آيو ۽ پنهنجو سارو اندر اوڳاڇي ٻيهي رهيو هو ۽ چيو هئائين ته "مير شير محمد جي دربار جو ماڻهو آهيان. سندس ليمڪ ڪاڏو هيم. تنهن ڪري ان جو فرمانبردار رهيس." سر چارلس سندس اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ڪيس معاف ڪري ڇڏيائين. ان ڪري احمد خان لغاريءَ کي سيئي جاگيرون واپس ڪيون ويون هيون. ان وقت تائين سنڌ جا سيئي قبائلي سردار سر چارلس جي پيش پئي جاگيرون وٺي سڀ چنتا پلي ماٺ ڪري ويهي رهيا هئا.

## مرين جي علائقي تي سک فوجين جي ڪاهه

جون مهيني ۾ مزارين سان لڳ واري علائقي ۾ سک فوج ڪاهي آئي هئي ۽ بهانو ڏنو هئائين ته هتان جا ڌاڙيل سک حڪمرانيءَ جون حدون لتاڙي ڌاڙو هڻي آيا آهن. گورنر جنرل جي لاهور جي حڪمران سان دوستاڻي حڪمت عملي قائم ڪئي هئي. تنهن ڪري هن ڪوبه عملي قدم کونه کنيو هو. پر رڳو ڪين چنڊ پٽي هئائين ۽ ان سان گڏ ميجر ڪورسلس جي ڪمانڊري هيٺ آڳبوٽن وسيلي چار سو فوجي حيدرآباد مان روانا ڪيا هئائين. ڪيس حڪم ڏنو ويو هو ته جيڪڏهن غير علائقي جا ماڻهو پاڻون ڇاڻئون سنڌ جي حدن کان ٻاهر نه نڪرن ته انهن مٿان زوردار حملو ڪيو وڃي. پر هن اها سختيءَ سان پارت ڪئي هئي ته ڪڏهن به انهن جو پيڇو ڪندي سک سرحد پار نه اڪري. هن اهڙي فوج موڪلڻ سان گڏ مزارين کي به سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي ته هو اڳين واسطي سرحد پيڇڪڙي نه ڪن. ميجر ڪورسلس ڏاڍو ڏاهو ماڻهو هو ۽ پهتو به بنا دير هو جنهن مناسب قدم کڻي خطرناڪ معاملي کي هيڏي هوڏي ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن هو سياڻپ ۽ سڇيتائي کان ڪم نه وٺي ها ته پنجاب سان جنگ ڇڙي پوي ها.

## سنڌ جي ترقياتي ڪمن ۾ سست رفتاري

اهڙيءَ ريت سنڌ جا ترقياتي ڪم منڊل وايو منڊل مطابق سست رفتاريءَ سان هلي رهيا هئا. ان وايو منڊل ۾ هڪ ڪوٽ انجنيئرن جي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. سکر ۽ شڪارپور جي وچ واري علائقي کي سنڌوءَ جي اٿل جو پاڻي ٻوڙي ڇڏيندو هو. تنهن ڪري درياهه جي پاڻي کي روڪڻ لاءِ بندن ٻڌڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو هو. اهو ڪم ڪئپٽن اسڪاٽ جي حوالي ڪيو ويو هو. جنهن اهو ڪم هاٿي پورو ڪري ڇڏيو آهي. هڪ سال ته سنڌوءَ ايترو وڏو چاڙهه ڪيو هو جو سمجهيو پئي ويو ته اهو سارو پورهيو ئي لوڙ پاڻي تي ويندو. تنهن ڪري اهڙي سوچ جي سورهن آنا پڪ ڪانه هئي. پر پوءِ جنرل سر چارلس جي تيار ڪيل هڪ منصوبي تي عمل ڪري ڪم کي پڄائي پورو ڪيو ويو هو. اٿل ارادي ۽ نيت جي سچائي سان هر روڪ ۽ رنڊڪ مان ڏو پار تي چڪا هئاسون. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته اڳي هن شهرن وچ تي پاڻي ڏنڊون تلاءَ ڪري بيهي ويندو هو ۽ تپاولي شروع تي ويندي هئي جيڪا بندن ٻڌڻ کان پوءِ ختم تي وئي.

## نيپئر جا عوامي ڀلائيءَ وارا ڪم ۽ مخالفن جي ڪاوڙ

سر چارلس نيپئر هن سٺي ڪم تي سنڌ جي پيداوار جو ڪجهه حصو ڏاڍي خوشيءَ سان برداشت ڪيو هو. پر هو هميشه عوامي ڀلائي جي ڪمن کي اهميت ۽ اوليت ڏيندو جيڪا سندس وسعت دليءَ جي علامت هئي. پر هن ساري پيداوار جا مالڪ دولتمند ماڻهو هئا جيڪي سندس اهڙا ڪم ڏسي تپي باهه تي ويا هئا. اهي مقدر پسند ماڻهو هئا سندن خيال هو ته اهي بيماريون انسان جي مقدر ۾ لکيل هونديون آهن ۽ ويچارو انهن روڳن کي پنهنجي جتن ۽ جاکوڙ سان ٽاري ڪونه سگهندو آهي ۽ سر چارلس جون اهڙين ڪوشش تي ڏاڍو ڪِليا هئا. هن علائقي ۾ ڪوهه تمام ٿورا هوندا هئا. پر هي ماڻهو ڪونه چاهيندا هئا ته عوامي سهوليت لاءِ ڪي ڪوهه کوٽايا وڃن. آبپاشي نظام کي برقرار رکڻ جي مقصد سان تعمير ڪيل بندن ۾ دَرَ هٽايا ويا هئا. ان جو مقصد هو ته ٻوڏ جي پاڻيءَ کي روڪڻ مان ڪجهه فائدو حاصل ڪري سگهجي. پاڻيءَ جي گهٽي چاڙهه ڪري بند ڪتان ڪتان پڄي پيا هئا. پر اهڙي ڪم جي نگرانيءَ لاءِ گهوڙيسوار دستن کي رکيو ويو هو. ان سان ٻيو پلو ڪم اهو تي ويو جو هتان جي ماڻهن کي روزگار جو هڪ سٺو وسيلو ملي ويو هو. ڪين وڏي معاوضي کان سواءِ تپاولي مان به جند ڇٽي وئي هئي جيڪا هنن لاءِ سدا جي آپدا بڻيل هئي. ليڪن ماڻهن کي ملندڙ اهڙو معاوضو بالا اختيارين لاءِ ڳڻتي ۽ ڳاراٽي جو ڪارڻ بڻجي ويو هو. سکر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صفائي جو بندوبست مستقل بنيادن تي ڪيو ويو هو. اڳي تہ تپاولي جو ورهيارو آزار هوندو هو جيڪو هاڻي ختم تي چڪو هو. هاڻي اها ڪٿي بہ موجود ڪانہ هئي. پر جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ شڪارپور سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڪالرا جهڙي موذي مرض منهن ڪڍيو هو. ان کان ٿورو وقت پوءِ اها وچڙندڙ بيماري وڃي حيدرآباد ۾ بہ پهتي هئي. هن مهامريءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ هتان جي حڪيمن کي مقرر ڪيو ويو هو. هوندا تہ نيم حڪيم هئا پر سرڪار کين پگهارون ڏيندي هئي. صحت جو اهڙو انتظام هر ضلعي ۾ رکيو ويو هو. غريبن جي علاج لاءِ کين دوائون ڏنيون ويون هيون تہ هدايتون بہ ڪيون ونديون هيون. انهن حڪيمن کي ڪجهہ اختيار بہ ڏنا ويا هئا تہ جيئن ماڻهن کان ڪي ڳالهيون حفظ ماتقدم طور زبردستيءَ ڪرايون وڃن.

## عوامي ڀلائي ۽ ڪامورن جا ڪرتوت

سر چارلس لاءِ اڻ کٽ ڪم موجود هئا. سندس نظر چوڌاري پئي ڦرندي گهرندي هئي ۽ عوامي ڪم ڪندي تہ تڪبو ئي ڪونہ هو. ليڪن سندس انتظاميہ ايڏي تيز رفتار ڪانہ هوندي هئي. چاڪاڻ تہ اعليٰ ڪامورا شاهي اهڙن ڪمن ۾ ڪا نہ ڪا رنڊڪ ضرور وجهندي هئي. پر هنن اهڙين رڪاوٽون اهڙي فن ۽ عقلمنديءَ سان پيدا ڪيون جو شڪايت ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ئي ڪونہ ملندو هو. پر هو هرويرو دير ڪرڻ تي شڪايت ضرور ڪندو هو. جنهن ڪري عوامي ڀلائي جا ڪم ڏاڍي سست رفتاري سان هلندا هئا. هو پورن ٻن سالن کان وٺي دانهيندو ايندو هو تہ ملير نديءَ کي ڪراچي ڏانهن آندو وڃي. پيو تہ ٿهيو پر ڪيس اهڙن مطالبن جو ڪو جواب ئي ڪونہ ملندو هو. اعليٰ سرڪاري ڪامورا سندس اهڙن مطالبن کي هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏيندا هئا. اهڙن ماڻهن کي اها خبر ڪانہ هئي تہ هن شهر کي تازي پاڻي جي ڪيڏي نہ لوڙ آهي. ان اهم منصوبي تي فقط ٻارهن هزار پائونڊ اسٽرلنگ خرچ جو ڪاٿو ڪيو ويو هو. ليڪن اهو خرچ پاڻيءَ تي محصول مڙهي ٿوري وقت اندر ڪڍي پئي سگهيو ويو.

## باربردار فوج لاءِ لاڏائو اٿن جي منظوريءَ ۾ ٽال مٽول

ان کان بہ گهٽي دير اٺ سوار فوج ۽ لاڏو اٿن جي منصوبي کي منظور ڪرڻ ۾ لڳائي وئي هئي. هي منصوبو تہ گهڻو اهم هو. هر ماڻهو هن ڳالهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڳت ڏيئي ويهي رهيو هو ته ان منصوبي کي پنجاب خلاف جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ضرور منظور ڪيو وڃي. اهو هڪ اهم فوجي منصوبو هو. هن پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي وسيلي هن تحقيق کان باخبر ٿي چڪو هو ته هندستان اندر فوج سان گڏ ضروري سامان به سفر ڪندو آهي. هن کان اڳ دستور اهو هو ته فوج جي چرپر سان خانگي واپارين جو قافلو به سفر ڪندو هو ۽ ضروري شيون فوج کي وڪڻندو هو. پر اهڙي واپاري قافلي ۾ ڪي اوٺايون هيون. هڪ اهو وقت سر فوج سان گڏجي هلي ڪونه سگهندو هو. ٻيو ته منزل ڪرڻ وقت يا ڪڏهن به پنهنجي وهٽن کي گور ڪري ڇڏي ڏيندا هئا ۽ فوجي چرپر واري رستي جي اوسي پاسي واري جوءِ پيلي پينگ ڪري ڇڏيندا هئا. تنهن ڪري سفر ۾ هرويرو به دير لڳي ويندي هئي ۽ منصوبي مطابق منزل تي پهچڻ ممڪن ڪونه رهندو هو. سنڌس مرضي هئي ته انن جي انهيءَ خانگي قافلي کي هڪ فوجي حصو بڻايو وڃي ته ان جي چرپر ۾ باقاعدگي پيدا ٿي سگهي. جيڪڏهن ائين نه ڪبو ته بهترين فوجي ترڪيب ۽ ترتيب ناڪام ٿي سگهي ٿي. ان ڪري تمام گهڻو نقصان پهچڻ جو انديشو هوندو آهي. هن جي سنڌ واريءَ پهرينءَ مهم دوران بيشمار ماڻهو ۽ اٺ اڃي گڏ ٿيا هئا. سامان جو اهو قافلو ضروري سامان جي نالي سنڌس پيش قدمي ڪندڙ فوج سان جنڊ جي ٻن پڙن جيان گڏ هو. ڪڇي واري جابلو علائقي ۾ ضروري سامان وارو خانگي قافلو فوج لاءِ ڏاڍو خطرناڪ بڻجي ويو هو. چاڪاڻ ته انهيءَ قافلي ۾ ياڙي تي ڪيل اٺ هئا. جيڪي فوج سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا. جتن کي جڏهن خطري جو احساس ٿيو ته اهي جت پنهنجا اٺ ڪاهي هليا ويا. اهڙي ريت فوج کي هڪ جاءِ تان ٻيءَ جاءِ سامان پهچائڻ وارو ڪم بدنظميءَ جو شڪار ٿي ويو هو. اهو نقصان فوجي نقطئہ نظر کان نه پر انهن ڪان تيز هو.

هنن جتن غلط اندازو لڳايو هو ته هي فوجي مهم ناڪام ٿي ويندي. ان ڪري هو انگريزن جي فوج کي ڇڏي هليا ويا هئا. چاڪاڻ ته ڪين خوف ورائي ويو هو. هن کان سواءِ ٻي ڳالهه هيءَ به آهي ته جابلو علائقي ۾ تنظيم ۽ باقاعدگي رکڻ ڏاڍو مشڪل ڪم هوندو آهي. چاڪاڻ نه رستا ڏاڍا سوڙها هوندا آهن. جتي گهوڙيسوارن جي فوجي سرگرمي رڪجي ويندي آهي. تنهن ڪري رسدگاهه جي ماڻهن ۽ جتن کي ڪيڏانهن وڃڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان روڪي ڪونہ سگھيو آهي جيڪي انهن کي چارڻ يا مال غنيمت هٿ ڪرڻ لاءِ منع ڪرڻ باوجود بہ ڪيڏانهن هليا ويندا آهن. اهڙين گهڙين ۾ هو ڪڏهن هميشه لاءِ هليا بہ ويندا آهن. هن ئي سبب ڪري جمڪ لڪ وٽ ڪيترين ئي زندگيون تلف ٿي ويون. ساڳيءَ ريت فوج گجرو کان اڳتي وڌي تُوسُو لڪ جي مڪيہ جڳهہ کي هٿ ڪرڻ لاءِ سفر ڪرڻ لڳي تہ سامان واري انهن جي قافلي فوج جو مسلسل نون ڪلاڪن تائين رستو روڪي ڇڏيو هو ۽ حملي لاءِ مقرر ٿيل وقت بہ اهو هو جيڪو انهن جي سست رفتاري ۽ رستي سوڙهي هئڻ ڪري فوج سيڙجي بيهجي رهي هئي. ائين ڪرڻ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو بہ ڪونہ هو چاڪاڻ تہ اهو هڪ سوڙهو گهٽ هو. سر چارلس جي چوڏاري انهن ۾ ماڻهن جو وڏو مجموعو سفر ڪري رهيو هو توبن ۽ گهوڙيسوار فوج لاءِ اڳتي وڌڻ جي ڪا جڳهہ ئي موجود ڪانہ هئي. تنهن ڪري سر چارلس نيپئر پنهنجي گهوڙيسوار فوج ۽ توبخاني سان هلڻ جو حڪم ڪيو جيڪو اڳ جنرل سمپسن جي فوج جي دمبالي ۾ هو. اهو رستو ڏکهو ۽ ٽڪائيندڙ هو.

هن مان سر چارلس جو مقصد اهو هو تہ رسدگاهہ پنهنجو مؤثر ڪردار ادا ڪري جيڪو فوج لاءِ سرحدپار نہ پر واهر ۾ آڌر بڻجي. ان لاءِ هن پورا بہ سال لکپڙهہ هلائي هئي جنهن جي منظوري ڪانپوءِ ان رسدگاهہ ۾ انهن جي قافلي کي فوجي طرز تي منظم ڪيو هو. هن منصوبي جي مطابق فوج جي ڪاڏي پيتي جي سامان جو بندوبست ڪرڻ سرڪاري معاملو بڻجي ويو هو. ان جو سارو انتظام بہ ائين رکيو ويو. جيئن فوجي ريجمينٽ جو رکيو ويندو آهي. اهڙي ريت هن فوج کي ڇهن حصن ۾ تقسيم ڪيو هو ۽ هر حصي کي ڇهہ سو اٺ حوالي ڪيا ويا هئا. جن جي جتن کي فوجي ورديون پارايون ويون هيون. فوج جي هر حصي آڏو رهبر طور هڪ اٺ هلندو هو جنهن تي ڏينهن جو جهنڊو ۽ رات جو مشعل ٻريل هوندي هئي. اهڙي ريت هر حصي جي انهن جا پلڻ يا پڪڙا، جهنڊو مشعل ۽ ورديون هڪ جهڙيون ۽ فقط ان فوجي حصي جي نمائندگيون ڪنديون هيون. اسرائيل ۾ جڏهن سينا جي رڻ پٽ مان گذريا هئا تہ هنن سان بہ سڀ کان اڳ ۾ هڪ هاٿي هو جنهن تي ڏينهن جو وڏو جهنڊو هو. جڏهن تہ رات جو وري ان ساڳئي هاٿي تي وڏي مشعل رکيل هوندي هئي. اهو جڻ ڪمانڊر جو حڪم هو جو سيني کي مڃڻو پوندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتن جو نالو رجسٽر ۾ داخل هوندو هو ڪين فوجي سپاهي جيان پگهار ملنلدي هئي ۽ هڪ فوجيءَ وانگي هٿياربند به هوندا هئا. سنڌن ڪمانڊر به ريگيولر فوج جو عملدار هوندو هو. جنرل چارلس انساني فطرت کان چڱيءَ ريت واقف. تنهن ڪري ڪين اهو فوجي اعزاز ڪونه ڏنو ويندو هو جيڪو هڪ بهادر فوجي کي دليري ڪري ڏنو ويندو هو. اٺن کي طبقن ۾ ورهايو ويو هو جن مان هڪ سگهارو متارو ۽ ٻيو ڏٻرو طبقو هو. هنن جي ڳچين ۾ هڪ ڦرهي لڙڪندي هئي، جنهن تي ڪنيل سامان جو وزن اڪريل هوندو هو. ان جو مقصد هوندو هو ته هنن گگدام پسن تي حد کان وڌيڪ بار نه لڏيو وڃي. چاڪاڻ ته اها ساٽن بي انصافي هوندي. هن کان اڳ اها روايت هوندي هئي ته ٽن اٺن لاءِ هڪ جت مقرر ڪيو ويندو هو پر هاڻي هڪ اٺ لاءِ هڪ جت مقرر ڪيو ويو آهي. ائين ڪرڻ سان پهريدارن رکڻ وارريون پگهارون بچي پيون آهن. اڄ به ٽن اٺن سان هڪ جت هوندو آهي. باقي به جت فوجين جيان پاسي سان هلندا آهن. ڪين اها چڱي ريت خبر هوندي آهي ته اٺ ڪيئن لڏجي ۽ ڪيئن سامان لاهجي.

## باربردار فوج جي انتظامي جوڙجڪ

فوجي سامان ۽ توبون ڏکئي رستي سان سفر ڪري رهيون هيون. اهڙي مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ پنج هاٿي رکيا ويا هئا. اهڙيءَ ريت هن فوج جي پيش قدمي هڪ تجربيڪار فوجي عملدار ماتحت رکي وئي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن پيش قدميءَ باقاعدي موجود رهي. ان کان سواءِ هي ترڪيب انهيءَ ڪري رکي وئي هئي ته باربرداري وارو فوج جو ثانوي حصو به ان ريگيولر فوج سان گڏ هلي جيڪا جنگي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ لاءِ اڳتي وڌي رهي آهي. جيڪڏهن دشمنن جا گهوڙيسوار طوفاني تيز رفتاري سان فوج جي هڪ پاسي تي حملو ڪندا ته ان سان گڏ هلندڙ باربردار فوج تي حملو ڪري ڏيندا. ائين ٿيڻ سان باربردار فوج جي وچ تي هجڻ ڪري ريگيولر فوج دشمن خلاف چڱيءَ ريت جنگي مظاهرو ڪري ڪانه سگهندي يا باربردار فوج دشمن کان ڊڄي واٽڙي تي ويندي ۽ مدد لاءِ جنگجو ريگيولر فوج ڏانهن وڌندي. هن صورتحال ۾ به ريگيولر فوج منجهي پوندي. اهڙين پريشانين کان بچڻ واسطي فوج کي همچورس ۾ ورهايو ويو هو. اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ جتن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيو ويو ته انهن کي گول دائري ۾ اهڙيءَ ريت وهاريو وڃي جو سنڌن پٺيون ٻاهرئين ۽ ڳچيون اندرئين پاسي هجن. ان کان سواءِ انهن کي پاڻ ۾ سلهاڙيو وڃي. ان بندوبست ڪرڻ کان پوءِ جت انهن وسيلي ٺهيل ان قلعي جي ٻاهران تي ويهي رهن ۽ ويڙهه لاءِ ڪاربائين ڪٽي ويهي رهن جيڪي ويڙهه جي مقصد لاءِ کين ڏنيون ويون آهن.

اهڙيءَ ريت ننڍڙين ننڍڙين باقاعدين تي ڏيان ڏيڻ سان فوج جي چرير ۾ هڪ وڏي باقاعدگي قائم تي وئي هئي. اهڙي نظام رکڻ سان هڪ ته وهنن جو بچاءُ تي ويو ٻيو ته خرچ پکي ۾ گهٽتائي اچي وئي هئي. ٽين ڳالهه اها تي هئي فوج ڏاڍي آرام ۽ آتت سان پيش قدمي ڪري رهي هئي. چوٿين ڳالهه اها تي جو بيماري ڪري فوج جو تعداد گهٽجي ويو هو تنهن جو به ازالو تي ويو. هن طريقي جي ڪم آڻن سان فوج ميدان تي به ڏيرج ۽ حوصلي سان جنگي فن جو مظاهرو ڪري سگهندي. هيءَ باربردار فوج جو هڪ نئون اضافو آهي. جنهن ڪري فوج اندر ڪنهن شيءِ جي کوٽ جو الڪو ڪونه رهندو. حقيقت اها آهي ته هي اصول ان حڪم جي فرمانبرداري ۾ ڪتب آندو ويو آهي، جنهن ۾ چيو ويو هو ته سردارن جي ليويز ۽ هٿيارٻندن جي ٻي ترتيب ميڙڪن کي مڙسيءَ سان منهن ڏنو وڃي. هن فوجي اصول جي خالق هڪ ٻيري چيو هو ته اهو ئي طريقو آهي جنهن وسيلي جنگي سرگرمين ۾ تيزي آڻي سگهجي تي جيڪا گهٽي فوج ۽ تيز رفتار گهوڙيسوارن ۽ توبن جو نتيجو ڪانه هوندي آهي پر فوج ڏانهن وڌ ۾ وڌ ڏيان ڏيڻ ۽ انهن جي حوصلن کي بلند ڪرڻ، انهن جي صحت جو خيال رکڻ سان ايندي آهي. اهڙي باربردار فوجي حصي جي تخليق وسيلي به هنن جي ضرورتن جو خيال ڪيو ويو هو ۽ ان جي هئڻ ڪري کين وڏين مصيبتن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو هو.

## اُٺ سوار ۽ سنڌ هارس فوجي دستن جو نئين سر قيام

جڏهن سر چارلس نيپئر باربردار فوج جو حصو قائم ڪيو هو ته ڇيو ويو هو ته هن انگريز فوج کي پَرَ ڏئي ڇڏيا آهن. توبن کي ڇڪڻ لاءِ توبخاني کي گهوڙا ڏنا هئا جيڪي هر قسم جي باربرداري جو ڪم ڏئي رهيا هئا. ان کان سواءِ اٺ سوار فوج به ٺاٺي هئي جيڪا گهٽو فاصلو طئي ڪري اوچتو وڃي دشمن مٿان ڪڙڪندي هئي. ان سان گڏ هن سنڌ هارس تخليق ڪئي هئي جنهن کي مغلي يا مغل گهوڙيسوار سڏبه

ويندو هو. هي گهوڙيسوار بي قاعده جنگ دوران پنهنجي ڏاهپ ۽ دليريءَ جو بي مثال مظاهرو ڪندا هئا ۽ جڏهن فوجي صفن ۾ بدنظمي اچي ويندي هئي تہ اوچتو پهچي ويندا هئا. هي گهوڙيسوار سر چارلس جي اچڻ کان اڳ موجود هئا، پر انهن ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏنو ويندو هو. تنهن ڪري اهي بدنظميءَ جو شڪار هئا. تنهن ڪري فوج جي هر حصي کي ختم ڪرڻ جو حڪم بہ جاري ٿي چڪو هو. پر سر چارلس دخل اندازي ڪري ائين ڪرڻ ڪونہ ڏنو هو ۽ ڪين ڪئپٽن جئڪب جي ماتحت رکي ان جي ترتيب ۾ سڌارا آندا ويا هئا جيڪو انهن ڏينهن ۾ توبخاني جو آفيسر هو جنهن هن فوج مان چونڊ ڪري ان کي نئين سر مرتب ڪيو هو. تنهن ڪري سنڌ جي هيءَ فوج فوجي مهم لاءِ پيش قدمي لائق هئي. هيءَ فوج دشمن تي نهايت تيز رفتاري سان حملو ڪري سگهندي هئي ۽ حملو بہ نهايت خوفناڪ طريقي سان ڪندي هئي. جيڪڏهن هنن بلوچ بٽالين جي چڱيءَ ريت تنظيم ڪئي وئي تہ اهم فوجي خدمتن سرانجام ڪرڻ جي لائق بڻجي ويندي ۽ مٿي بيان ڪيل مختلف فوجي ادارن سان شامل ڪري سگهبي ان ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ سول انتظاميہ جي جوڙجڪ سان گڏ فوجي نظام بہ قائم ٿي رهيو هو.

## بمبئي ڌر پاران باربردار فوج قائم ڪرڻ جي مخالفت

جيتري قدر بمبئي واريءَ ڌر جو تعلق آهي تہ فوجي سامان جي ڍوئي جي مقصد لاءِ قائم ڪيل باربردار فوج تي هن ڏاڍيون چٿرون ڪيون هيون ۽ چوڻ لڳا هئا تہ اها گهٽي خرچ واري هڪ غلطي آهي، بلڪ هڪ ناڪامي آهي. سنڌ جي فتح وانگي سنڌ جي انتظامي جوڙجڪ جي شروعات ۽ جابلو علائقي واري جنگي مهم بہ وڏي غلطي هئي. بنگال جي ڪميساري جنرل جو بہ بار بردار جي ناهڻ خلاف اخبارن هڪ مقالو ڇپيو هو جنهن ۾ هن فوجي سامان جي ڪٽڻ لاءِ باربردار فوج ناهڻ خلاف پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو هو. هن وڌيڪ اهو بہ چيو هو تہ هي هڪ تباهي، بدنظمي، خواه مخواه خرچ ۽ ڏيهي ماڻهو تي ظلم آهي. جنهن کي ڪجهہ ماڻهو فائديمند سمجهن ٿا. ان اجائي قسم نئين فوجي جوڙجڪ ۾ ڪن فوجي عملدارن کي شامل ڪيو ويو آهي. پر جنگ اختيار ڪيل ڪامياب حڪمت عملي ۽ روشن خيال حڪومت جو قيام، اهڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون هيون جن ۾ سر چارلس ڏاڍي اڳيرائي حاصل ڪئي هئي. پر هن جي دشمنن سنڌس ناڪامي بابت ڪيئي اڳڪٿيون ڪيون هيون جيڪي بلڪل غلط ثابت ٿيون. ان وقت هندستان جي چيف جسٽس روپر اهڙي صورتحال کي هن ريت بيان ڪيو هو ته اڄ واري معاشري تي پريس ڇانئجي وئي آهي. پر جينٽلمينس گزيٽ پنهنجي نالي جو ڀرم ۽ شرم رکيو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته ڪن ماڻهن لاءِ پريس آزاد ڪانه آهي. هيءَ پريس آهي، جيڪا ڪن ماڻهن جي مفادن جو تحفظ ڪري ٿي ۽ انهن ماڻهن اخبارن جي ايڊيٽرن کي يقين ڏياريو آهي ته ڪين هر قسم جو تحفظ فراهم ڪيو ويندو.“ هي هڪ ننڍڙو مثال آهي ته بمبئي واري ڌر ڪهڙي طريقي سان شريف ماڻهن کي بدنام ڪرڻ جي مهم شروع ڪري ڇڏي هئي.

## مخالف ڌر جي هشيءَ تي ڊاڪٽر بسٽ جا نيپئر تي لڳايل الزام

ڪنهن زماني ۾ سر چارلس نيوي جي هڪ عملدار ڏانهن خط لکيو هو. بعد ۾ سمجهيو هئائين ته اهو خط عوامي مفادن ۾ ڪونه آهي. تنهن ڪري ان کي ختم ڪري ڪاغذ پنهنجي ڊيسڪ ۾ بند ڪري ڇڏيا هئائين. پر اهي ڪاغذ نڪري ڊاڪٽر بسٽ وٽ وڃي نڪتا هئا جيڪو انهيءَ زماني ۾ سرڪاري دستاويز شايع ڪندو هو. هن ڊاڪٽر نيوي جي آفيسر ڏانهن لکيل سر چارلس جو اهو خط ڇاپي ڇڏيو. جنهن ۾ هن ساموندي فوج جي ان عملدار کي ڪنهن ڳالهه تان ڇنڊ پٽي هئي. ان کان سواءِ هن سر چارلس جو گورنر جنرل ڏانهن لکيل خط به ڇاپيو جيڪو جعلي هو جنهن ۾ سر چارلس ڪنهن احسان بدلي سر هينري هارڊنج ڏانهن ڪي گٽا لفظ لکيا هئا. هنن ٻنهي ڏوهن ڪري هندستان سرڪار بمبئي حڪومت کي سبب ڄاڻائڻ جو نوٽيس ڏنو هو. اهي ٻئي ڏوهه بدنيتي جي ارادي سان ڊاڪٽر بسٽ ڪيا هئا ۽ لباڙ هٿندو وتندو هو ته ڪيس اهڙو ڄاڻ اختيارن جي مالڪ هڪ ڌر پهچائي آهي. اهو به وڏي وات چوندو هو ته اهڙيو ڪو به ٽٽيءَ جو ٻار اچيا ڄائو ڪونه آهي جيڪو سنڌس وار به ونگو ڪري سگهي. هي ماڻهو ڪليو ڪلايو اهڙا اهڃاڻ ڏيندو هو جنهن مان معلوم ٿي ويندو هو ته سرڪاري ڪائونسل جو ڪو ماڻهو هن سان ٻٽ آهي ۽ جيڪو سنڌس طرفان هنيل الزامن جي پٺڀرائي ڪري رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيپيئر تي ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام جا لڳايل سخت الزام

هنن ڳالهين ۾ ليفٽيننٽ آئوٽرام بہ پوئتي ڪونہ هو. جنهن هڪ اخبار ۾ سر چارلس تي الزام هنيا هئا ۽ چيو هو تہ گورنر جنرل جي خواهش هئي تہ سر چارلس انهن ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ واريون ڪوششون ڇڏي ڏئي ۽ ان معاملي کي فيصلي لاءِ گورنر جنرل جي حوالي ڪري ڇڏي. پر گورنر جنرل حضور شرميءَ کان اهو معاملو گهرو کاتي جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. ڪيس معلوم هو تہ اهڙن الزامن جا ڇنڊا لارڊ ايلنبرو تي پئجي رهيا هئا جنهن سان سر هينري هارڊنج جا گهرو تعلقات بہ هئا. عام رواجي هڪ غلطي هئي جنهن بابت سر هينري هارڊنج کي بہ ڄاڻ ڏني وئي هئي. انگلينڊ جي هڪ ڳجهي ڪميٽيءَ ڪرنل آئوٽرام کي لکي ڇپي ڇنڊ بہ پٽي هئي تہ سر چارلس تي سنڌس هنيل الزام بلڪل غلط آهن. پر تاثر اهو ڏنو ويو هو تہ سر چارلس ان ماڻهوءَ سان اجايو اختلاف ڪري عوامي مفادن کي هاڃو رسائي رهيو آهي. ليڪن حقيقت اها هئي تہ اهو معاملو انصاف لاءِ سرڪار جي حوالي ڪيو ويو هو. پر سرڪار اهڙي اختلاف کي ننديو هو ۽ عملدارن طرفان داخل ڪيل اپيل کي رد ڪري ڇڏيو هو. پر هئي پاسي کان آئوٽرام کي اهم سول ملازمت ڏني وئي هئي. توڙي جو غلط الزام مڙهڻ ڪري ڪيس ڇنڊَ بہ پَٽي وئي هئي. هن ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش بہ موجود ڪانہ هئي تہ هن کي سر چارلس مٿان ڪوڙن الزامن مڙهڻ ڪري ايترو نوازيو ويو هو. عوامي شڪايتن کان پوءِ هن قسم جي غلطيءَ جو ازالو بہ ڪيو ويو هو. جنهن ڪري بورڊ آف ڊائريڪٽرس مجبور ٿي سر چارلس کان معافي ورتي هئي. جنهن جي عزت کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي.

## لارڊ رپن ڪرنل آئوٽرام سان ٻٽ ٻٽيل

هن کان سواءِ اختيارن جو مالڪ هڪ ٻيو ماڻهو بہ هو جيڪو خود لارڊ رپن هو. هن اعلان ڪيو هو تہ ڪرنل آئوٽرام جو موقف صحيح آهي. اختيارن جي ماڻهن مان اهائي توقع ڪئي ويندي آهي. اهڙيون ڳالهيون سر چارلس کي تپائي باهہ ڪرڻ جهڙيون هيون. هن مان معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ لارڊ رپن حملہ آور ڌر سان گڏ هو نہ تہ سندس فرض سر چارلس کي بچائڻ هو. لارڊ رپن کي اخلاقي ۽ اعليٰ عملدار هجڻ وارو حق هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس اهو ڪم ڪونه هو ته هو هڪ ڏر جو پاسو وٺي ويهي ۽ ۽ ٻئي کي تباهه ڪري. اها صحيح ڳالهه ڪانه هئي ته جنگي قانون جي فقري Article of War کي ڪجهه به نه سمجهجي ۽ هڪ مجرم کي نه رڳو سزا نه ڏجي پر ان جي رهندو به همت افزائي ڪجي. اهو ڪتان جو انصاف آهي ته ٻي هودا الزام هٽي سچائي ۽ عوامي شرافت جي توهين ڪجي. لشڪر جڏهن جنگ جي ميدان تي فوجي سرگرمين ۾ مصروف هجي ته ان وقت ڪين ٻڌايو وڃي ته سنڌن ڪمانڊر جاهل مطعلق آهي ۽ ڪيس منصبي فرض ادا ڪرڻ جي ڪابه خبر نه آهي ۽ هيءُ پنهنجي ساٿين جو قاتل آهي. سر چارلس راڻيءَ جو نمائندو آهي. سنڌس توهين ڪرڻ ڪانه تي جڳائي ۽ اهو ڪم اهڙي ماڻهو جي اشاري ڪيو پيو وڃي جنهن تي ضابطو رکڻ لارڊ رپن جو فرض هو.

## نيپيئر خلاف ڊاڪٽر بسٽ کي سيڪريٽري ولهه بيءَ جي هشي

ڊاڪٽر بسٽ نه رڳو ڪوڙن الزامن هٽڻ تي سنڌرو ٻڌي ويهي رهيو آهي ۽ وڏي واڪ لباڙ هٽي رهيو آهي ته ڪيس هڪ وڏي ماڻهوءَ جي پٺڀرائي حاصل آهي. سنڌس اهڙيءَ لباڙ کي ڪنهن رد ڪونه ڏنو. اهو به چيو پيو وڃي ته هي ماڻهو سيڪريٽري ولهه بي جي هشيءَ تي سڀ ليڪا لتاڙي وڃي پار پيو آهي جيڪو هڪ جرنل جو مالڪ آهي. هن ماڻهوءَ اهو به بهتان مڙهيو هو ته سر چارلس جي فوجين تالپر حڪمران گهراڻي جي عورتن جي توهين ڪئي هئي. هن ڪوڙي الزام لاءِ ته هو سزا جو حقدار هو. ان باوجود به ڪيس عزت ۽ احترام سان نوازيو ويو هو. هن کي معلومات ڏيندڙ عملدارن ٻڌايو هو ته جابلو علائقن ۾ ڪجهه به ڪونه پيو ٿئي. هنن ڪيس اهو به ٻڌايو هو ته ڏاڙيل ڪيس تريءَ تيل ئي لائڻ ڪونه ڏيندا ۽ اڳئين ڪان اڳرا آهن. هنن جي وڏي تعداد کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ آباديءَ واسطي سنڌ جون پليون ٻنيون ڏنيون ويون آهن. اڄ به ٻجار ڏاڙيل گور ڦري رهيو آهي. جنهن سان ڊومڪي قبيلو به گڏ آهي جنهن سنڌ جي سرحد واري ساري پٽي تامون ٻٽائي ڇڏي آهي. جڏهن سچ اهو آهي ته اهو ٻجار سر چارلس وٽ قيد آهي. سر هينري هارڊنج هن مهم جي ڪليءَ دل سان موڪل ڏني هئي ۽ سر چارلس جي ان ڪامياب مهم کي عوامي حلقن ۾ گهڻو ساراهيو هو. پر اهڙين ڳالهين تي بمبئي واري ڏر جو ته ڪن ئي ڪونه ٿو لڏي. ان ڏر جو اهو به چوڻ آهي ته ساري هندستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري ڪئي ڪمائي سنڌ جي واڳونءَ وات آهي. جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ الاهي سارو ناٽو هندستان سرڪار جي خزاني ۾ جمع ڪرائي رهي آهي. ان کان سواءِ سر چارلس هندستان سرڪار کي چيو هو تہ سنڌ تي ضابطي رکڻ لاءِ سورهن هزار فوج جي ضرورت آهي پر هاڻي تہ ونس فقط ٻارهن هزار فوج آهي. هن وڌيڪ هڪ هزار فوج جو مطالبو ڪيو آهي تہ جيئن پتاولي واري موسم دوران حالتن تي ضابطو رکي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ ان موسم دوران فوجي تپاولي وگهي وڃي کٽون ونندا آهن. ٻئي پاسي کان حقيقت هي آهي تہ هن پنهنجون ٽي ريجمينٽون بمبئي سرڪار ڏانهن موڪلي ڇڏيون آهن تہ جيئن اتان جي "سرڪار نامدار" جي عمل ڏاڍ ۽ ڏمر خلاف اتل پتل کي ماٺ ڪرائي سگهجي. هيءَ بمبئي سرڪار سر چارلس کي هڪ هزار امدادي فوج ڏيڻ بدران ڪانئس ست هزار فوج طلب ڪري رهي آهي ۽ کيس مجبور ڪيو پيو وڃي تہ هو سنڌ تي انتظامي ضابطي لاءِ پاڻ وٽ فقط ٽي هزار فوج رکي.

## راڻيءَ ڏانهن مير نصير جي لکيل درخواست پهچائڻ جي پاٽينجر پاران ڪنيل ذميواري

ايترو ڏاڍ ان ماڻهوءَ سان ڪيو پيو وڃي جنهن پنهجي ساري زندگي سچائي ۽ سچيتائي سان برطانيہ سرڪار جي خدمتن لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي جيڪا هاڻي متس ڪيل الزامن جي حملن جو بچاءُ بہ ڪري ڪانہ ٿي سگهي. اتان تہ اهو آهي تہ هيءَ ڏر مير شهداد کي شهيد سڏي رهي آهي. جنهن جا هٿ ايونس نالي هڪ انگريز عملدار جي خون ۾ رڱيل آهن. هن ساڳيءَ ڏر مير نصير جي نالي سان راڻيءَ ڏانهن درخواست موڪلي آهي جيڪا جعلي آهي. ان درخواست جي راڻيءَ وٽ پهچائڻ جي ذميواري سر هينري پاٽنجر پاڻ کڻين آهي. ان درخواست جي هڪ هڪ سٽ ڪارو ڪوڙ آهي جن کي بمبئي واري ڏر دليئون گهڙي پيش ڪيو آهي. هي گندي قسم جو مامرو وڃي انگلينڊ بہ پهتو جيڪو مير نصير جي درخواست جي شڪل ۾ هو جنهن کي هٿ ۾ لارڊ آسلي کنيو هو. هي ماڻهو سنڌ جي معاملن بابت ڪجهہ بہ ڪونہ ڄاڻندو هو. هن هرويرو اڇي هن معاملي ۾ ٽنگ اڙائي هئي ۽ چارئي ڇنبا ڪوڙي ويهن ٿي ٺنهن جا زور لاٽا هٿائين. کيس اها خبر ڪانہ هئي تہ هو سازشين جي چوڻ تي انگلينڊ جي مفادن ۽ سر چارلس جي مان ۽ مريادا کي مٽيءَ ۾ ملائي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بمبئي ڌروارن جون لڳاتار سازشون

ڊاڪٽر بسٽ ۽ سنڌن واهرو اعليٰ عملدار هن معاملي کي اجايو اينگهائي سنڌ جي گورنر ۽ ان بهادر فوج کي گلا جو گهانگهو ڏئي بدنام ڪري رهيا هئا جنهن هڪ ملڪ فتح ڪيو هو. هن ماڻهن سان گڏ انگلينڊ جي اختيارين جا مالڪ بہ پٺ ۾ ڇُهڻ هئا ۽ پئي ڌريون اهڙي بهادر فوج کي عزت احترام ڏيڻ بدرانَ پنهنجي ڌرتيءَ تي نفرت جا ڪنڊا پوکي رهيا هئا.

لارڊ رپن بہ پورن پن سالن تائين هنن بهادر فوجين کي گولڊ ميڊل ڏيڻ وار مامري کي ٽونيون هٽندو پوئتي ڌڪيندو رهيو هو ۽ نظر تہ ائين اچي رهيو هو تہ اهي "ميڊل" حقدارن کي ڪڏهن بہ ڪونہ ملندا. پر پلو ٿئي لارڊ ايلنبرو جو جنهن جتن ۾ جاکوڙ ڪري هن معاملي کي اڳتي وڌايو هو. مياڻيءَ جي ميدان تي سر ترين تي رکي مڙسن جيان انهن گولڊ ميڊلين لاءِ ڪونہ وڙهيا هئا تہ انهن کي سينن تي سينگاري لوڏ ۾ ڪوڏ سان هلندا. جڏهن اهي پٽين کان سواءِ ميڊل اچي بمبئي پهتا تہ اهي اهڙن ماڻهن جي ور چڙهي ويا جيڪي بهادر فوجين کان نفرت ڪندا هئا. جڏهن اهي تلڪندا تلڪندا سنڌ پهتا تہ انهن کي رسدگاهہ جي سامان جي ڳنڙين وانگي هڪ ڪنڊ ۾ اُڇلايو ويو هو. سنڌ جي فاتح ڪمانڊر ان چيف کي گولڊ ميڊل هڪ ليفٽيننٽ ڪرنل ڏنو هو. جنهن جي سب آلٽرن آفيسرن کي اهڙا ميڊل ان کان گهڻو اڳ ڏنا ويا هئا.

هن کان سواءِ ڏيهي فوج 25 ريجمينٽ کي هرويرو بمبئي گهرايو ويو هو جنهن لاءِ سر چارلس جي مرضي ڪانہ هئي. هن فوج انگريزن جي پنج سال ملازمت ڪئي هئي ۽ مياڻيءَ واري جنگ ۾ بہ پنهنجي بهادريءَ جا جوهر ڏيکاري چڪي هئي. هن فوج بمبئي گهرائڻ جو مقصد سر چارلس کي چيڙائڻ ۽ سندس توهين ڪرڻ هو. بمبئي پهچڻ کان پوءِ ان فوج کي نڌڪو سمجهي ڪک پن جيان هڪ ڪنڊ ۾ اڇلايو ويو هو. اهي جڻ ڪيپ ڪتي نہ پر پيچي پاڻ تان ڪارهن جو لينگهو لائي آيا هئا.

هن کان سواءِ سر چارلس نيپئر بمبئي حڪومت ڏانهن لکيو هو تہ ڪيترن سنڌ جي گهوڙيسوارن مياڻيءَ جي جنگ دوران بهادريءَ جا بي مثال جوهر ڏيکاريا ڪن مڙسن جيان مري پاڻ ملهايو ۽ مڃايو هو اهڙن دلير ماڻهن جون رنون زالون ۽ يتيم ٻار اڄ بہ نڌڪا آهن ۽ مانيءَ ڳيي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا محتاج بڻجي ويا آهن. اهو 1843ع هو ۽ هاڻي 1845ع آهي، پر هن جي واهر لاءِ ڪوبہ ٻاجهارو هٿ اڳتي ڪونہ وڌيو آهي ۽ جڏهن تہ انهن جو پيٽ گذر خيرات پنڻ تي آهي. ان ڪان سواءِ هن بمبئي سرڪار ڏانهن اهو بہ لکيو هو تہ سرڪاري جاسوسن جا معاوضا بہ سنڌن خاندانن ڏانهن ڪونہ موڪليا ويا آهن. پر سنڌس اهڙن خطن کي جهڙو تهڙو سمجهي ڪنڌ ۾ اڇلايو ويو هو. تنهن ڪري هن مجبور تي ساڳيا خط گونر جنرل ڏانهن لکيا هئا.

## اعليٰ عملدارن کي گدڙ ڪوٺڻ تي متل ممڻ

جڏهن تہ بمبئي سرڪار جا اهي ڪامورا ٻين ڳالهين تي ڏاڍا جذباتي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اهو بہ ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو تہ بمبئي سرڪار جي ڪن اعليٰ عملدارن هڪ ياداشت نامو تيار ڪري بورڊ آف ڊائريڪٽرس ڏانهن اماڻيو آهي تہ اهي سر چارلس کان پڇاڻو ڪن تہ هن بمبئي جي ڪن اعليٰ عملدارن کي گدڙ چو سڏيو آهي. هنن ماڻهن جي ان وقت تائين هاءِ گهوڙا ۽ پٽ ڪوهہ لڳي پئي هئي. جيستائين سر چارلس کين گدڙ سڏڻ جي غلطيءَ جو اعتراف نہ ڪيو هو. هنن کي اطلاع ڏنو هو تہ سنڌن پگهارن ۾ ڪم جي رفتار کي ڏسي کين گدڙ سڏيو هو, هن اهو بہ چيو هو تہ يادداشت نامي لکڻ وارن ماڻهن ۽ فوجي سپاهين جي پگهارن ۾ وڏو فرق آهي. جڏهن تہ ڀريان ماڻهو وڏي پگهار وٺي عياشيون ڪندا آهن, جڏهن تہ فوجي سپاهي ٿوري پگهار وٺندو آهي ۽ پنهنجي حياتي قربان ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڪان پوءِ مخالفن جي وات ۾ ماٺِ جا مگ پئجي ويا هئا ۽ ڪجهي ڪونہ سگهيا هئا. حقيقت بہ اها هئي تہ هن بمبئي سرڪار جي اعليٰ عملدارن تي ڪا ٽوڪ ۽ چٽر ڪانہ ڪئي هئي. هن پنهنجي هڪ خانگي خط بابت رڳو ايترو لکيو تہ جيڪڏهن ان کي ڇاپي پڌرو ڪيو ويو آهي تہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي. سنڌس لکيل اصلي لفظ هن ريت هئا:

"The general opinioin was that certain civil servants were corrupt"

سر چارلس general opinioin جا لفظ ان ساڳئي انداز ۽ مفهوم ۾ چيا آهن جنهن انداز ۽ مفهوم ۾ بمبئي حڪومت جا اعليٰ عملدار ڪلڪتي جي اعليٰ عملدارن لاءِ چوندا آهن. پر اهي ساڳيا لفظ جڏهن ڪو ٻيو بمبئي جي اعليٰ عملدارن لاءِ چئي رهيو آهي تہ کين اچي تانڊو

لڳو آهي ۽ چيو پيو وڃي تہ متن ٽوڪ ڪئي پئي وڃي.

پر جيڪڏهن اهي گتا لفظ آهن تہ بہ سنڌ جي اعليٰ عملدارن طرفان اهڙو فقط هڪ مثال آهي. پر بمبئي سرڪار جا اعليٰ عملدار سر چارلس کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪانبو بڌي، سندس ڪَڏَ لڳي پيا هئا ۽ ساري دنيا جا عيب متس مڙهي وڃي پار پيا هئا.

## مخالف ڌر پاران اُتاريل نوان افواهہ ۽ نوان الزام

اهڙي ريت اها بہ اڳڪٿي ڪئي وئي هئي تہ سنڌوءَ جي ساڄي پاسي واري علائقي ۾ مختلف قبيلا پاڻ ۾ جهيڙو ڪندا. ان کان جلد ئي پوءِ هڪ سو قبيلن جا سردار سلام لاءِ سر چارلس وٽ پهچي ويندا.

اهي بہ افواهہ اتاريا ويا هئا تہ بلوچ نسل جا سيئي ماڻهو سر چارلس کان نفرت ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ سيئي قبائلي سردار حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل دربار ۾ هلي آيا هئا ۽ خوشي سان اچي سر چارلس جي پيش پيا هئا.

الزام اهي هنيا پئي ويا تہ سنڌ ۾ امن امان انهيءَ ڪري موجود آهي تہ اتي بيشمار فوج رکي وئي آهي. ان جو وڏو حصو بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ اتيل بغاوتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اوڏانهن موڪليو ويو آهي. ان کان پوءِ بہ سنڌ پرامن آهي.

هن کان سواءِ اهڙا افواهہ بہ پکيڙيا ويا هئا تہ سنڌي ان اوسيئڙي ۾ وينا آهن تہ ڪڏهن ٿو سنڌ جو راڄ موتي ٽالپر حڪمرانن کي ملي، پر جنرل سر چارلس نيپئر فوج وٺي سنڌ جي سرحدن کان الائي ڪيترو پري هليو ويو هو. هن کي بغاوت ڪرڻ جو چڱ سونهري وجهہ ملي ويو هو. اتي نہ فوج موجود هئي نہ سر چارلس هو. تڏهن بہ هنن شير محمد يا ٻين انيتاليهن ٽالپرن سردارن لاءِ ڪنهن بغاوت جو اعلان ڪونہ ڪيو هو. اهي سڀ ٽالپر آزاد ۽ سنڌ اندر موجود هئا ۽ پنهنجي رعيتن کي واهر لاءِ سڏي رهيا هئا، پر سندن واهر لاءِ واڪن کان پوءِ بہ انهن رعيتي ماڻهن جو ڪن بہ ڪونہ لڏيو هو.

## قبائلي ويڙهہ جي اڳڪٿي

جنهن قبائلي ويڙهہ جي اڳڪٿي ڪئي وئي سا بہ سال جي سرءُ واري رُت ۾ لڳي وئي جيڪا دريا خان ۽ اسلام خان بگٽيءَ وچ ۾ شروع ٿي وئي هئي. جڏهن سر چارلس قبائلي سردارن کي قيد ڪري سرحد

پرسان رکيو هو تہ سمجهيو هئائين انهن قبيلن جا اوقتو ۽ رولو ماڻهو بک کان ڇتا ٿي سنڌ جي سرحدي پٽيءَ سان ڌاڙا هڻندا. ڪيس اهو بہ محسوس ٿيو هو تہ هو پنهنجي جُلهہ جو پهريون ڇنڊڪو جکراڻين کي ڇکائيندا. چاڪاڻ تہ انهن ڌاڙيلن کي پڪ هئي تہ اهي ڪين مهاڏو ڏئي ڪونہ سگهندا ۽ چوڏس ڇئون ڇپئون مچي ويندي تہ اهي ڌاڙيل ڦرلٽ واري زندگيءَ جي نئين سر شروعات ڪري رهيا آهن. اهڙي ريت سندس ڪيل اڳڪٿي سورهن آنا سچي نڪتي. ڌاڙيلن اڳتي وڌي جکراڻين جي دڙي دُڦ ڪري ڇڏي. هيءُ قبيلو ڦرلٽ واري ڪڏي ڪِرت مان هٿ ڪڍي ويو هو. پر سر چارلس کي پاند ڪرڻ لاءِ گذارش ضرور ڪئي هئائون. جنرل جي حڪمت عملي بہ اها هئي. جڏهن هو پلاند ڪرڻ جي مقصد سان پٽ اکري اڳتي ٿيا هئا تہ هنن سان گهوڙيسوار دستا بہ هئا. پر جڏهن هو جابلو علائقي ۾ پهتا تہ فوج واپس هلي آئي. انهيءَ لاءِ تہ پلي قبيلا پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان بہ پاٽي ڪن.

هن کي منجهن ڪو شڪ شبهو ڪونہ هو تہ هو مونٽي وچي جابلو علائقن ۾ رهندا. چاڪاڻ تہ هو هاٽي هاري ناري بڻجي ويا هئا ۽ پوکي راهي ڪري پيٽ گذر ڪندا هئا. سر چارلس جو هنن مٿان ٻٽو ضابطو قائم ٿي چڪو هو. هڪ تہ هو زمينن جا مالڪ بڻجي ويا هئا جن کي ڇڏڻ هنن لاءِ ڏکيو هو. ٻيو تہ منجهن دشمن کان پاند وارو هڪ اڏمون ۽ اتساهہ موجود هوندو هو. ان کان سواءِ هن قبيلي جي بااثر ۽ طاقتور ماڻهن کي سرڪاري نوڪري ۾ رکيو هو. اهڙي دريا خان جو ڪنهن قبيلي سان جهيڙو ڳنڍڻ بہ سر چارلس جي حڪمت عمليءَ جو هڪ حصو هو. هو نون مهينن اندر وٽس پيش پيا هئا ۽ ڌاڙيلن مان ڦري شريف انسان ٿي ويا هئا. نہ تہ هن کان اڳ اهي ساڳيا ماڻهو ظلم ۽ ڪِيس ڪرڻ ۾ انسان نہ پر وحشي جانور لڳندا هئا. اها سر چارلس جي حڪمت عملي هئي جو هنن وحشي جانورن پنهنجون عادتون تبديل ڪري ڇڏيون هيون ۽ سيهي مان سون بڻجي ويا هئا. سنڌن ڏنڌو ڌاڙن هٽڻ بدران پوکي راهي جي ڪِرت هئي. جيڪڏهن ساڻن ڪئونس نہ ٿيندي هئي تہ مسيت جا ڪک هونَدا هئا. پر هاٽي هو ساڻن ڪيل اُچاند جو پاند ڪرڻ لاءِ هٿيار ڪٽي ان قبيلي جي ڪڍ لڳي پيا هئا جيڪو ڪڏهن ساڻن ٻٽ ۽ جهٽ هو. چاڪاڻ تہ هو هاٽي سڌري شريف ٿي ويا هئا. سنڌن هيءُ پلاند چڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهذيب جي تحفظ لاءِ هو ۽ ڊاڙيل بہ انهن مضبوط علائقن ۾ وڃي لڪا هئا جتي هو ڪڏهن ڊاڙيل هجڻ وقت پاڻ بہ وڃي سر لڪائيندا هئا. تنهن ڪري هي ان جابلو جوءِ جي چپي چپي جا چڱيءَ ريت ڄاڻو هئا.

**نيپئر خلاف ڪامورا شاهيءَ جو ڳجهو پوتا ميل**

هيءَ اهڙي تبديلي هئي جنهن تي وڏي ڪان وڏو ماٺهو فخر محسوس ڪندو آهي. پر اهڙين اهم ڳالهين کي انگريز عوام کان سايو ڪري ڳجهو رکيو ويو هو. اهو سر چارلس جي دشمنن جو هٿ ناٺ هو جن کيس فقط مچي ڪان اڳ ئي اجايا الزام هٽي گهٽو لويو هو. حقيقت اها هئي تہ اهو ڪامورا شاهيءَ جو هن خلاف هڪ ڳجهو پوتاميل هو جيڪو سياٽپ ۽ سچيتائيءَ جو ويري هو. ان ڪري سندس ڏيان عوامي ترقيءَ جي ڪمن ۽ مالياتي معاملن ڪان هٽي ويو ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ جتن ۽ جاکوڙ ۾ لڳي ويو هو ۽ مٿان ملنڊڙ منظوري جي اوسيئڙي ۾ هٿ هٿ تي رکي واندو وينو هوندو هو. تنهن ڪري ڪامورا شاهيءَ جي اجائي رنڊڪن ڪري اهم قسم جا منصوبا رولهڙي جو شڪار تي ويندا هئا ۽ هرويرو دير تي ويندي هئي. کيس اها بہ چڱيءَ ريت پروڙ هئي تہ ڪامورا شاهي ۽ بورڊ آف ڊائريڪٽرس جا ماٺهو هن جي تباهيءَ جي تڪيءَ تاڙ ۾ اوڪڙو وينا هئا. هن ڪان اڳ "بامبي ڪائونسل" گورنر جنرل ڏانهن خط لکي سر چارلس تي الاهي الزام هنيا هئا. پر اهڙن خطن تي ڪامورا شاهي جي ماٺهن کي چنڊ ڪيڏي وئي هئي ۽ کين چيو ويو هو تہ اهڙيون ڳالهيون منظرعام تي آنديون وڃن تہ جيئن اڇا ڪارا پڌرا تي پون يا ڪنهن تي اجايا الزام نہ هنيا وڃن. اهڙي وايو منڊل کي ڏسي ڪائونسل لوڪ ڪان لڪي ڳجهيون دشمنيون ڪرڻ لڳي هئي ۽ سر چارلس جي چيل لفظن کي تيليءَ مان تنپ بنائي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن سان گڏ اهو بہ سوچيو ويو هو تہ بدناموسيءَ سان لاڳاپيل الزامن کي تيز رفتاريءَ سان اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇاپيو وڃي. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو تہ سر چارلس ڪجهہ سراپجي ويندو. ڊاڪٽر بسٽ ڪنهن ڪلي آهر لباڙون هٽي رهيو آهي تہ هو جيڪو وٽندو ڪري گذرندو. چاڪاڻ تہ کيس هڪ اهم شخصيت جي پنيرائي حاصل آهي. جيڪا بمبئي جي گورنر جي ويجهو آهي. سندس اهڙي ہٹاڪ بہ ڪا ڳجهي يا لڪل ڪانہ آهي.

## "بامبي ٽائيمس" جا الزام ۽ نيپئر جو بيان

سر چارلس جو بيان هن ريت آهي:

"بامبي ٽائيمس" جي بيان جو تفصيل هن ريت آهي ته مان سنڌ جي ماڻهن مٿان وڏا محصول مڙهي حڪومت ڪري رهيو آهيان. ان کان سواءِ مان ٽرانزٽ ڊيوٽي نالي هڪ ٻيو وڏو محصول ڪاٺڻ وصول ڪري رهيو آهيان. اهڙن بيانن سان گڏ گارگند به شامل ڪيو ويو آهي ته هي (سر چارلس) سنڌ جو نيچ ۽ بي شرم گورنر آهي. هن سان گڏ اهو به لکيو ويو آهي ته هي سنڌ آزار ۽ غاصب ماڻهو آهي. جنهن پنهنجي بهادر فوج کي قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌ جي هن گورنر جو ڏنڊو ئي ڪوڙ تي قائم آهي ۽ ڪيترن ئي مهينن تائين اهو پڙاڏو گونجندو رهيو ته مان سنڌ جي ماڻهن مٿان وڏو محصول مڙهي وڏي پيداوار حاصل ڪئي آهي. اهڙيون سڀ ڳالهيون اجايون هيون ۽ مون کي بدنام ڪرڻ جي نيت سان پکيڙيون ويون هيون."

"مان ڪنهن به قسم جو محصول ڪونه مڙهيو آهي. نه وري ڪنهن شيءِ تي محصول جي نالي ڪو ٽيڪس آهي. مان ته رهندو ڪيترائي محصول معاف ڪري ڇڏيا آهن. مان اهي پلائيءَ جا ڪم ڪيا آهن. منهنجي قلب کي قرار ۽ اندر کي آٿت آهي ۽ منهنجي آتما اهڙن پاپن کان آجي آهي. منهنجا ته ننهن نيڻ ڪلي رهيا آهن. اهڙين ڳالهين جي عام ماڻهن کي به خبر آهي. اهڙي ساري معلومات سر جان هرشد کي به آهي جيڪو چنڊ تي وينو آهي. پر هاڻي جڏهن ساري هندستان ۾ مون تي مڙهيل الزامن جو پڙاڏو گونجي رهيو آهي ته منهنجو روح ته رڙيون ڪري رهيو آهي.

## بامبي ڪائونسل جو ڳجهو نوٽ ۽ نيپئر جو جواب

مون کي اهڙي ڏکوئيندڙ معلومات ڪلڪتي جي هڪ ڪلارڪ وٽان ملي هئي جيڪا مون کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. هن ڪلرڪ لکيو آهي ته بمبئي حڪومت ڪائونسل طرفان لکيل هڪ نوٽ ڪلڪتي ۾ رجسٽر ڪرڻ لاءِ ڇپيو آهي، جيڪو مون (سر چارلس) کان ڳجهو رکيو ويو آهي. مذڪوره نوٽ ۾ مون تي الزام هنيو ويو آهي ته مان بازار مان سستو اناج وٺي فوج کي مهانگي اگهه ۾ ڏيان ٿو. اهڙي ريت مان سرڪار کي نقصان پهچائي پاڻ پئسا ڪمايان ٿو. ان کان سواءِ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو محصول هٽي وڏو نفعو ڪمايو آهي. اهڙي ريت مان ڪُريت ڪري پاڻ کي ڏاڍو بدنام ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ منهنجي خلاف هر الزام جو اکر اکر سچو آهي. ان ڪري مون لاءِ ڦاسي جي سزا صحيح ٿيندي.

جيڪڏهن مذڪوره ڪلارڪ مون کي اها معلومات ڏيڻ جي غلطي نہ ڪري ها تہ بمبئي سرڪار دشمنن جي مدد سان منهنجي خلاف الائي ڪيترا ڪوڙا ڪيس ڪلڪتي ۾ رجسٽر ڪرائي چڪي هجي ها. منهنجي مري وڃڻ کان پوءِ منهنجي ڪردار تي ڪارا لينگها لڳي وڃن ها تہ مان سنڌ جي گورنر هجڻ وقت هر قسم جي ڪريت ڪئي جنهن جون اڻ مٽ ثابتيون سرڪار جي رڪارڊ ۾ موجود هجن ها. اهڙا الزام بامبي ڪائونسل جي ٻن ميمبرن ريڊ ۽ ڪرافورڊ هٿرادو تيار ڪيا هئا. هي ماڻهو آدي بنيادي اڪائونٽنٽ هئا. هنن ماڻهن جي لڳايل الزامن جي جواب ڏيڻ ۾ مون کي هڪ هفتو لڳي ويو هو ۽ ثابت ڪرڻ ۾ سويارو ٿيو هوس تہ هنن جا هنيل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن. ٻين سان گڏ اهو بہ الزام مڙهيو ويو هو تہ مان فوج کي ڪاٺ خوراڪ مهانگي ڏني آهي ۽ بيجا نفعو ڪمايو آهي. مان سنڌ ۾ ٽي سال رهيو آهيان. ان ساري عرصي دوران منهنجي ڪوشش اها رهي هئي تہ نہ رڳو فوج لاءِ پر سنڌ جي هر ماڻهو لاءِ اناج سهانگو هجڻ گهرجي. مان پهريون ماڻهو هوس جنهن اناج جي هڪ هٽيءَ کي ختم ڪيو ۽ اناج جو سهانگو اگهہ مقرر ڪيو. جنهن ڪري سنڌ سرڪار جي پيداوار ۾ گهٽي گهٽتائي اچي وئي هئي.

اهي ماڻهو ڳجهن دستاويزن کي ڪلڪتي ۾ رجسٽر ڪرائڻ کان پوءِ ڪو ماٺ ڪري ويهي ڪونہ رهيا هئا پر پنهنجي شڪار کي گولي هڻن کان پوءِ وڏا ٺهڪ ڏئي کلندا رهيا هئا. بعد ۾ هنن ڊاڪٽر بسٽ جي اخبار ۾ بدناموسي سان لاڳاپيل مقالا بہ ڇپرايا هئا. پر اتي ٻولي اهڙي ڪتب آندي وئي هئي، جيڪا فقط اخبارن لاءِ مناسب هوندي آهي، پر اهو ڪونہ ٻڌايو ويو هو تہ سندن معلومات جو ذريعو ڪهڙو آهي. جڏهن هنن ماڻهن مون تي ننگ هڻڻ جو الزام هنيو تہ مون کان ٺهڪ نڪري ويو هو. پر جڏهن مون ڪلڪتي جي ڪلارڪ معرفت منٿ بوڪ مليو تہ مان ڪائونسل کي ڏاڍي ڪلڪي نموني سان ۽ ڀرپور جواب ڏنو هو. اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريت مان هنن جي ڪوڙن الزامن کي دستاويزن پٺيان دستاويزي ثابتيون ڏئي غلط ثابت ڪري ڇڏيو هو. ڇا اهو ئي سڀ ڪجهه هو؟ نه! اهو فقط ضمير وارن لاءِ سڀ ڪجهه هو. پر هنن لاءِ سڀ ڪجهه نه هو.

## لارڊ رپن جو خط ۽ نيپئر جو ڏنل جواب

لارڊ رپن به مون ڏانهن هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ ڇپيو هئائين ته "مان هڪ الزام بابت پڙهو آهي، يقين اٿم ته اهو ڪوڙو هوندو. ان کان پوءِ هن لکيو هو ته ڪيس اهڙا سبب ٻڌايا وڃن ته تون هن کان پوءِ وري ٽرانزٽ ڊيوٽي نه هٽنڊين." سندس اهڙين ڳالهين مان معلوم ٿي رهيو هو ته هو دشمنن جي هنيل ڪوڙن الزامن تي ويساهه وسهي ويو هو. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هنن کي ٽرانزٽ ڊيوٽي جي ڪا ڄاڻ ئي ڪانه هئي. لارڊ رپن کي انصاف ته ڪرڻو هو پر مون کي جواب ڏيڻ جي ضرورت پيش اچي وئي جنهن ۾ سارو ڏينهن لڳي ويو. ان ڪري ضروري ڪم ملتوي ڪرڻا پئجي ويا هئا. اهي ڪم ڏکهي قسم جا ڪيس هئا جن بابت مون کي فتويٰ ڏيڻي هئي جن ۾ پنجن ماڻهن کي ڦاسي جي سزا ملڻي هئي. ڪنهن جي زندگي جو معاملو هوندو آهي جنهن تي ماڻار واري وايو منڊل ۾ ڳوڙهو سوچڻو پوندو آهي ۽ گهڻو ڌيان ڏيڻو پوندو آهي ته متان ڪٿي توري به غلطي ٿي وڃي. ان وقت آءٌ سمجهندو آهيان ته خدا جي روبرو ويٺو آهيان ۽ مون کي صحيح طريقي سان انصاف ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ وقت مان ڄاڃي پرکي لکڻ لاءِ مجبور هوندو هوس. ان هوندي به مون کان ماضيءَ ۾ ڪي غلطيون ٿي ويون هونديون جن تي تنقيد به ڪري سگهجي ٿي. منهنجا ڀاڳ ڀلا هئا جو مان انهن ماڻهن جي اڏيل ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي ڪونه سگهيس. جيڪي منهنجي طوفاني زندگيءَ کي استعمال ڪري وڏا فائدا حاصل ڪري رهيا هئا. پر هاڻي ته اهي تباهه ڪرڻ لاءِ هٿ ڌوئي منهنجي ڪڍ لڳي پيا هئا.

مون کي لارڊ رپن ڏانهن ان خط جي جواب ڪلڻ ۾ اڃا به ٽي ڏينهن مس گذريا هئا جنهن ۾ ان لکيو هو ته تو کي بنا ڪنهن ڪارڻ جي پريشان ڪيو ويو آهي ته ڪلڪتي کان سيڪريٽ ڪميٽي وٽان هڪ خط مليو هو جنهن ۾ ڇپيو ويو هو ته تو ٽرانزٽ ڊيوٽي ڇو ورتي آهي. هي ماڻهو لارڊ رپن جا دوست آهن. هنن جو چوڻ آهي ته اسان کي ڪيترن ئي وسيلن معرفت معلومات ملي آهي ته تو اهڙي محصول وصول ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کانئن پڇيو هو ته انهن وسيلن جو نالو ڇو نه ٿو ٻڌايو وڃي جن معرفت کين اهڙي معلومات ملي آهي يا انهن مان هڪ ماڻهو جو نالو ٻڌايو وڃي ته مان به ان جاسوس جي ڪرتوتن کي واقف ڪري سگهان. پر هو ائين ڪرڻ جي وائي ڪونه ٿا وارن. مونکي اهو ويساهه ويهي ويو آهي ته منهنجون پاڙن پٽڙ لاءِ پڪو پهه ڪري چڪا آهن ۽ اهڙو خط هر هفتي مون وٽ پهچي رهيو آهي."

## نيپيئر جي مخالفن جو نانيءَ ويڙهو

هن قسم جي گندي ڪارروائي کي اڳتي وڌڻ کان بمبئي جي گورنر سر آرٿر جي ڪائونسل روڪي رهي آهي. اهڙي ريت ٻين جڳهن تي اڪثريتي ووٽ وسيلي ان ڪارروائي کي نه روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هتي ريڊ ڪرافورڊ ۽ سيڪريٽري ولهو بي جو هڪ نانيءَ ويڙهو ٺهيل آهي. سيڪريٽري ولهوبي ته سيني کان گوءِ کٽي ويو آهي ۽ جتي به سر چارلس جي خلاف ڪا ڳالهه ٻڌي ٿو ته ان کي ڳالهوڙو بڻائڻ ته سندس ڪابي هٿ جي ڪيڏ آهي. هو ائين ڪري جڻ انگريز ماڻهن جي مانَ ۽ مريادا کي مٽيءَ ۾ ملائي رهيو آهي جن جي مفادن خاطر سر چارلس پنهنجي ساري زندگي داءَ تي لڳائي ڇڏي آهي. اهو به معلوم ٿيندو ته جڏهن سيڪريٽ ڪميٽيءَ واري سازشي ٽولي سر چارلس خلاف الزام ڪي گهڙي ناهي رهي هئي ته ان زماني ۾ سنڌ اندر جتي به اناج جي ضرورت پوندي هئي هڪدم گهرائي ونبو هو. پر انگلينڊ ۾ ائين ڪونه هو. ان ڪانسواءِ سنڌ ۾ اناج تي برآمدي ۽ درآمدي محصول به نافذ ڪونه هو. پر انگلينڊ ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪونه هيون. سر چارلس جو نقطئه نظر مختلف ضلعن جي ڪليڪٽرن ڏانهن لکيل سندس خطن مان به معلوم ڪري سگهجي ٿو. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

## اناج جي ڪوٽ ختم ڪرڻ جا ڪارائتا طريقا

اناج کي سهانگي رکڻ جو هڪ صحيح طريقو هي آهي ته پوکي راهي جي پنيرائي ڪئي وڃي ۽ اناج جي درآمد کي هٿي ڏني وڃي. مان اڳئين سال درآمدي محصول ختم ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ مان هارين نارين کي هر سهوليت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. اناج جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻ جا اهي ٻي ڪارائتا طريقا آهن. هن کان سواءِ ٻيون به ڪي ضروري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون آهن. پر مٿي بيان ڪيل طريقا بنيادي آهن جن وسيلي اناج جو ملڻ سولو سهانگو بڻائي سگهجي ٿو. اناج جي هڪ هٽي قائم ٿيڻ ڪري اثر ضرور ٿيو آهي پر جيڪڏهن ڪڙي نظرداري ڪبي ته اناج جي ذخيره اندوزي جهڙي ڪُريت ڪي ٻنجو ڏئي سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اناج ميڙي گڏ ڪري مهانگي ٿيڻ لاءِ رکي ڇڏيندو ته جاچ پڙتال وسيلي اهڙي ماڻهوءَ کي سولائي سان تباهه ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت جن ماڻهن مهانگي ٿيڻ لاءِ جيترو گهڻو اناج گڏ ڪري رکيو هوندو. نقصان به کين اوترو ئي گهڻو پهچندو. پهريائين ته منهنجو خيال هو گڏ ڪري رکڻ وارن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. بعد ۾ خيال آيو ته ذخيره اندوزي جو وڌ ۾ وڌ مقدار مقرر ڪرڻ گهرجي پر پوءِ سوچيم ته دخل اندازي نه ڪرڻ گهرجي ۽ معاملو جيئن هلي پيو هلڻ ڏجي. پر سرڪار اها جاکوڙ ضرور ڪري ته بازار ۾ ان سهانگو وڪامي. مون کي خوف ٿي رهيو هو ته اهڙي دخل اندازي ڪرڻ سان متان ڪو ممڻ مچي پوي. پر اها به ڄاڻ هيم ته جيڪڏهن اناج مهانگو ٿيندو ۽ ماڻهو لنگهڻ ڪاٽيندا ته سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت ڊوهُ ڊوهُ ته حڪومت خلاف ٿيندي. تالپر دور ۾ ماڻهن کي غلام رکڻ جو رواج هو تنهن ڪري ڀانيم ته هن معاملي ۾ سرڪار کي ترت دخل اندازي ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهو ڄڻ انساني گوشت جو ڪاروبار آهي ۽ انساني گوشت تي اهو فرض آهي ته اهڙي ڪُريت کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي. سنڌيءَ سرڪار جي سڃاڻ جو اهم اهڃاڻ اهو آهي ته ان جي ملڪي حدن اندر اناج سهانگو پگهارون مناسب ۽ پورهئي لاءِ مناسب موقعا هجن. اهڙيون ڳڻائتيون ڳالهيون تڏهن تي سگهن ٿيون جڏهن اتي ڍل محصول نالي ماتر هوندي جيڪڏهن ائين نه ٿيندو ته انتظامي مشينري سولائي سان هلي ڪانه سگهندي.

### پليءَ ۽ ڍليءَ زمين لاءِ ڍل جي الڳ الڳ مقرري

هن ڌرتي تي انگريز سرڪار جي والار آهي. تنهن ڪري حڪومت کي زمين جي پيداوار جو مختصر حصو ڪٽڻ گهرجي. پر گهڻو نه. جيڪڏهن اسان خراب زمين تان ڍل نه اوڳاڙيندا سون ۽ ڍل فقط پليءَ ٻني تان اوڳاڙيندا سون ته اناج ضرور مهانگو ٿي ويندو ۽ ويچارا غريب لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويندا. ان جو نتيجو اهو به نڪري سگهي ٿو ته زميندار ڍليءَ ٻنيءَ ۾ به پوکي راهي ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ايئن ٿيو ته پلي زمين هيٺ لهي اچي ڊلي ٻنيءَ جي برابر بيهندي جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو ته اناج جو اگهه وڃي آسمان سان ڳالهيون ڪندو. فائدو هڪڙن جو ٿيندو پچا بير تي غريبن جا چڙهندا. ٽالپر حڪمرانن جو طريقو اهو هو جنهن جو نتيجو اسان جي اکين آڏو آهي. سنڌ جون اڌ پليون زمينون ڏيان نه ڏيڻ ڪري غير آباد پيون آهن ۽ ماڻهو ڳري ڍل ڀرڻ جي شوق ۾ هرويرو پلي زمين آباد ڇو ڪندو جنهن جو مقصد ڊلي زمين جي قدر وڌائڻ جو هوندو آهي. جڏهن مان زمين جي ڍل جا اگهه گهٽايا آهن ته مان سيني جو پلو ڪيو آهي. اهڙي ريت ڍل جو تناسب پيداوار سان آهي. ڪڏهن ڊليءَ زمين جا مالڪ ڳري ڍل ڀريندا هئا. هاڻي ته مٿن هلڪي ڍل مڙهي وئي آهي. جيڪڏهن سنڌ سرڪار ٻاهران اناج گهرائيندي ته هتان جي ان جي پيداوار به محفوظ رهجي سگهندي. جيڪڏهن سنڌ اناج ٻين ملڪن ڏانهن برآمد ڪندي ته لازمي اگهه چڙهي ويندا. ان ڪري ڊليءَ زمين جي آبادگارن کي به فائدو پهچي سگهندو. پر اها گهٽ ۾ گهٽ آباد ڪرڻ جوڳي ته ضرور هئڻ گهرجي.

## سنڌ جي زرعي تباهي ۽ نيپئر جا زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ جتن

هيءَ حقيقت به وسارڻ نه گهرجي ته هتي پاڻي موجود آهي. پر پوکي راهي جي مقصد سان ان کي حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جيڪڏهن پاڻي سولائي سان حاصل ڪرڻ ممڪن ٿي ويو ته زمين جي وسيع ايراضي پوکي هيٺ اچي سگهي ٿي.

1845ع دوران اناج جا اگهه چوٽ چڙهي ويا هئا. انهيءَ زماني ۾ ڏاڍيون مشڪلاتون درپيش هيون جن وچان سر چارلس سنڌ کي خوشحاليءَ ڏانهن وٺي وڃڻ جا جتن ڪري رهيو هو.

1) سنڌ جي فتح واري جنگ مختلف علائقن ۾ آگسٽ 1843ع تائين هلندي رهي. جيڪا گهڻو اينگهجي وئي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو ان سال جي پوکي راهي واري رُت گذري وئي هئي. ان کان سواءِ اناج جي قرلت به جام هئي. جڏهن هاري اناج صاف ڪري راهه جو صورت ۾ ديرن تي موجود هوندو هو ته بلوچ ڌاڙيل اچي اوچتو ڪَڙڪندا هئا ۽ سڀ ان ٻهاري پڙ ئي پالها ڪري ويندا هئا. غريبن هارين لاءِ اها ويڌن ٽالپر دور کان وٺي هلندي آئي آهي. پر انگريزن جي لشڪر جي فوجي سرگرمين دوران بلوچ ڌاڙيلن تي تائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تپائي ڏنو هو. جڏهن هتان جي ماڻهن هڪ اوپريءَ فوج کي سنڌ ۾ سهڙندي ڏٺو هو ته سندن وايون بتايل ٿي ويون هيون. تنهن ڪري هو هيسجي ويا هئا ته الائي ڇا ٿيندو. تنهن ڪري هنن پڌتر واري منڌل وايو منڊل ۾ جيڪو به ڪين هٿ لڳو ميڙي چونڊي وچي پنهنجي گوڏي هيٺ رکيائون ۽ پوکي راهي واري ڪرت کي ٿو ڪتا ڪري ڇڏيائون.

2) اوچتيءَ فتح ڪري سنڌ جو اڻ ڄاتو انتظام ۽ واڳڙو ٿيل ماڻهو انگريز سرڪار جي اختيارين هيٺ اچي ويو هو. جيستائين هتان جي ڊل جي اگهن ۾ اوڳاڙي جي طريقن جي انگريزن کي خبر پوي تيستائين ساڻن ڪيترن ئي قسمن جون ٺڳيون ڪيون ويون هيون. هڙ دنبڙ جو وايو منڊل قانون ۽ انصاف جا ته وڻ ئي وڍجي ويا هئا. هتي بلوچ قبيلا پوکي راهي واري ڪرت ته ڄاڻندا ئي ڪونه هئا. تنهن ڪري سندن پيٽ گذر ڦرلٽ ۽ ڌاڙن تي هوندو هو. ٽالپر حڪمرانن به ڪين چڙواڳ ڇڏي ڏنو هو.

3) ان سال جنگ ڪري واهن جي ڪاٽي ۽ صفائي تي ڪانه سگهي هئي. ٽالپرن جو ڏيان جنگ ۾ ڪتل هو. جڏهن پاڻيءَ جا وهڪڙا بند ٿي ويندا آهن ته نه ماڻهو صحتمند رهي سگهندا آهن نه وري پوکي راهي پلي ٿيندي آهي.

4) آگسٽ 1843ع کان جنوري 1844ع تائين هڪ خطرناڪ مها مويءَ منهن ڪڍيو جنهن جي نتيجي ۾ هزارين مري ويا. ٻيا وري هن اگري آپدا جي ڇڪڻ سان ڇُڙيءِ ڇُڙيءِ اٿيا ليڪن ايترا ته جهيڻا ۽ هيٺا ٿي ويا جو هنن لاءِ هر جو مُنيو جهلڻ به مشڪل ٿي ويو هو. 1844ع ۾ ڪنهن وانگيءَ به پوکي راهي جي ڪرت ڏانهن اک کڻي به ڪونه ڏٺو هو. ماڻهن جي ڏيل ۾ ڪو سَتُ ئي ڪونه رهيو هو جو ڪک پچي ٻيٺو ڪري سگهن. هن مهامريءَ ڪري فوج جو ڪو ماڻهو ته ڪونه پُريو هو پر بيماري کي جهاڳي نمرا ته ٿيا هئا ليڪن ڪين هٿيارن سنڀالڻ جيترو ست به سرير ۾ ڪونه رهيو هو. ماڻهو هن مهامري مان جند ڇڏائي اجا آجا مس ٿيا هئا ته مٿان اچي ماڪڙ جا ڪٽڪ نيان جيڪي پنهنجي پنيان ڪاري وارا ڪک اڏامندڙ رک ۽ ڪاري ڏڪار جا رانياتيندڙ راڪاس ڇڏي ويا ۽ سڪار ۽ سٺائي واري سنڌ جي ڌرتي هڪ وار اجاڙجي پينگ ٿي وئي.

5) اهو ڪو ڳورو سال هو سنڌو ۾ ڪُمهلي لاٽ اچي وئي جنهن ۾ وري چاڙهه اچي ڪونه سگهيو. هن ڪان اڳ ماڪڙ ساري اوپڙ ڪائي ملڪ اوجهڙ ڪري وئي هئي. هاٽي وري پاٽي جي اٽاٽ ڪري ماڻهو مري رهيا هئا.

ان سال ماڪڙ ۽ سنڌوءَ جي اوچتي لاٽ ڪري سنڌ اندر ڏڪار ڪاهي پيو هو ۽ سر چارلس نيپئر پنهنجي سياٽپ ۽ سچيتائي سان 1845ع جي پڇاڙيءَ ڌاران ڪيس هن ڪارونيار مان اڪاري پار پهچايو هو. پر اناج جا اگهه تہ چوٽ چڙهي ويا هئا جنهن جي شڪايت بمبئي جي ڪائونسل بہ ڪئي هئي. پر هنن کي اها سمک بہ هئي تہ سنڌ سان کهڙي ڪاري واري تي گذري آهي. پر هنن ڳجهه ڳوهہ ۾ سنڌ جي گورنر کي ڪٽي انگهن تي ڪنيو هو تہ اناج جي مهانگائي جو ڪارڻ اهو آهي. ساڳئي وقت چنڊالن جي هن چوڪڙي برآمدي محصول هٽي بمبئي ڪان اناج روانو ڪيو هو ۽ پاڻ ئي ان پڏي ڪم ۾ رڌل رهيا جنهن جو الزام وري سر چارلس تي ٿڦيندا هئا. البت 1845ع جي پڇاڙيءَ تائين سنڌ ۾ سڪون ۽ سٽائي اچي وئي هئي. اهڙو سکيو ستابو صورتحال انهن ماڻهن اکين جي سامهون هو. سنڌ جي اهڙي خوشحالي ڏسي اوسي پاسي جي ملڪن جا ماڻهو بہ لڏي پلاٽي اچي هتي آباد ٿيا هئا. جن مان سمنڊ وسيلي ڪي سنڌو وسيلي سنڌ هليا آيا هئا. جنهن ڪري شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي آدمشماري وڌي وئي هئي. جيڪي هاٽي ڳوٺن مان شهر بڻجي ويا آهن. ان ڪان سواءِ هتي دولتمند واپاري بہ اچي آباد ٿيا آهن ۽ هن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ سان پنهنجا تجارتي لاڳاپا قائم ڪرڻ چاهين ٿا. تجارتي تيز رفتار چرپر فقط انهن ملڪن ۾ ممڪن ٿي سگهندي آهي جتي امن ۽ شانتي هوندي آهي. ان سان گڏ نياءُ نيت پت ۽ انصاف سولو ۽ پهچ جوڳو هوندو آهي.

ساڳيءَ ريت سنڌ جي پيداوار ۾ بہ گهڻو واڌارو اچي ويو هو ۽ اڳئين ڊسمبر ۾ خزاني ۾ ڏهہ لک پياريا ويا هئا. اهڙيءَ طرح ٻن لکن اسٽرلنگ پائونڊن جي اضافي پيداوار حاصل ٿي هئي. ان لاءِ ضلعي جي ڪليڪٽرن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڍل محصول جي اوڳاڙي جو طريقو اهو ساڳيو قائم رهيو تہ ايندڙ ڏهن سالن اندر ڏهہ لک اسٽرلنگ پائونڊ پيداوار ملي سگهندي ۽ عام ماڻهوءَ تي ڪنهن جو بار بہ ڪونہ پوندو. ان ڪان سواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظامي خرچ جي مد ۾ پڻ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي ويندي. سٺي حڪومت جي اها بہ هڪ نشاني آهي. سنڌ جي اتر پاسي واقع ڪڇي ۽ گنداوا ۽ اولهہ پاسي گيدروشا جا ماڻهو چئي رهيا آهن تہ کين بہ انگريز سرڪار جو رعيتي بڻايو وڃي. بهاولپور جي نواب جي ساڳي خواهش آهي. هن وقت تائين جيڪي بہ پوليٽيڪل ايجنٽ سنڌس دربار ۾ رهيا آهن. تن جي روين کان ناراض رهي آهيان. تنهن پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو آهي تہ هو سر چارلس جي ماتحت رهڻ چاهي ٿو. سنڌس اهو بہ چوڻ آهي تہ هن جي حڪومت سنڌ جي فتح ڪري جڻ واڌڙي تي وئي آهي. اهو جڻ ٻرندڙ جو هڪ ڳرو پٿر اچي ڏنڊ ۾ ڪريو آهي ۽ ان ڏنڊ جو پاڻي وڏي ايار کان پوءِ هيٺ لهي ويو آهي ۽ امن امان قائم ٿي ويو آهي.

## نيپئر جون خدمتون ۽ متي ويئل مخالف ڌر جون سازشون

سر چارلس جيڪي بہ انتظامي طور خدمتون سرانجام ڪيون آهن يا هن جنگين ۾ جيڪي بہ سوڀون ماڻيون آهن تن کي قدر جي نگاهہ سان تہ ڏٺو ئي ڪونہ ويو آهي. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس بہ سدائين مٿس اتامري بيٺي آهي. لارڊ رپن جي دل بہ هن لاءِ ڪوسي جو ٿي آهي تہ نرڻ جو تہ نالو ئي ڪانہ ٿي وٺي. ان کان سواءِ مهاراڻي جي وزير کي بہ اها ڪاڻ ڪانہ آهي تہ هن عظيم انسان انگلينڊ جي ناموس ۽ وقار لاءِ ڪيترو پاڻ پتوڙيو آهي. هن وزير سايو ڪري انهن بهادرن فوجين جي ميڊل موڪلڻ ۾ دير ڪئي آهي جن مياڻي ۽ دٻي جي جنگي ميدانن تي پنهنجون حياتيون قربان ڪري ڇڏيون هيون. ائين ڪري هن جڻ سر چارلس جي توهين ڪئي آهي. ان کان سواءِ جابلو علائقن واري مهم سان لاڳاپيل خطن کي پاڻ وٽ روڪي ڪڏو ڪم ڪيو آهي. جن ۾ سر چارلس جي ڪاميابيءَ جو احوال لکيل هو پر ان بدران هن آئوٽرام طرفان هنيل الزامن جي ساراهہ ڪئي هئي. هن بامبي ڪائونسل جي ڪوڙن الزامن تي اعتبار ڪيو هو جن کي الزام هڻڻ وارن جي نالن ڪٽڻ جي جرئت ڪانہ هئي جن حساب ڪتاب جا ڪوڙا انگ اکر ٻڌايا هئا جيڪي سرڪار تي بار هئا پر ٻڌائڻ کان لنوائي رهيا هئا. اهڙي جاچ پڙتال لاءِ ڪيس دعوت تہ ڏني وئي ليڪن اها تي ڪانہ سگهي هئي ۽ ان کان سواءِ بہ مٿس الزام ٿاڦيا ويا هئا. هن ماڻهوءَ ان معاملي کي منهن ڏيڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ڀرپور تياري ڪئي هئي تہ سنڌ جي فتح ڪنهن بہ ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪانه هئي ليڪن معلوم ٿيندو ته سنڌ جي فتح نهايت اهم ۽ وڏي فائدي واري آهي. جنهن وسيع تجارتي ڪاروبار لاءِ بند پيل دروازا کولي ڇڏيا آهن. هاڻي هتان جي تجارت وچ ايشيا تائين به پهچي سگهي ٿي. جيڪڏهن هن ملڪ کي سر چارلس نيپئر جي اصولن مطابق هلايو ويو ته هيءُ هڪ سکيو ستابو صوبو بڻجي سگهي ٿو ۽ هندستان جي اولهه — ڏکڻ ۾ هڪ مضبوط سرحد به ثابت ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن هن کي ڪمپنيءَ جي اصولن مطابق هلايو ويو ته هي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي شرمساري جو ڪارڻ بڻجي سگهجي ٿو. جنهن لاءِ لارڊ ويلزلي چيو آهي ته "اهي مشرق جا بدنام ۽ ظالم انسان آهن."

باب ٻارهون

# سک ـ انگريز جنگ لاءِ تياري

سنڌ جو انتظام ڏاڍا سهٽي طريقي سان هلي رهيو هو جنهن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. هن ملڪ جي سرحد کان پار هندستان جا مامرا منجهائيندڙ ۽ خطرناڪ هئا. بمبئي پريزيڊنسي جي حدن اندر بغاوت جي باهه ڀڙڪي اُٿي هئي، جيڪا گهٽي وقت تائين هلي ۽ مٿس پئسو ڏوڪڙ به جام خرچ ٿيو هو. اهڙي ريت هندستان اتر – اولهه طرف سکن سان جنگ به لڳڻ واري هئي. پر هندستان اندر ماڻهن جو نقطئہ نظر انگريز سک جنگ جي خلاف هو. اهڙيءَ امڪاني جنگ لاءِ ماڻهن جي سوچ ۾ هٺ ۽ وڏائي موجود هئي. اهڙن ماڻهن جو خيال هو تہ جيڪڏهن اها انگريز سک جنگ لڳي بہ تہ فتح هر حال ۾ انگريزن جي ٿيندي. هنن ٻنهي خيالن بابت سر چارلس جو نقطئہ نظر مختلف هو. سندس چوڻ هو تہ هن جنگ جي مختلف مرحلن تي ڳوڙهي غور ۽ فڪر جي ضرورت آهي. هن پري کان ويهي ان جنگ جي خطرن ۽ مختلف سياسي ۽ فوجي ڳالهين تي سوچيو ۽ اڳڪٿيون ڪيون هيون ۽ اهي انهن ماڻهن جي نقطئہ نظر مطابق خطرن ۽ ڪيل اڳڪٿين کان وڌيڪ صحيح ثابت ٿيون هيون، جيڪي بلڪل نزديڪ هئا. هن گورنر جنرل جي حڪمن مطابق تياري ڪري ڇڏي هئي. سيپٽمبر ۾ هن اتر ستلج ڏانهن ٻيڙيون موڪليون، جنهن جو مقصد پليون تعمير ڪرڻ هو. هن اڳواٽ ئي پنهنجي فوج کي ڏاڍو منظم ڪري ڇڏيو هو. هن مقصد لاءِ تہ جيئن ڪڏهن بہ جهيڙي جو حڪم ٿئي. پوءِ اهو ڪيڏو بہ خطرناڪ هجي، پر هڪ وار پنهنجي اٽل ارادي ۽ بلند حوصلي سان اڳتي وڌبو مگر هڪ اڻ تر مونجهارو ضرور موجود هو. وٽس ايترو پئسو ڪونہ هو جو ايتري وڏيءَ فوج کي چرير ۾ آڻي سگهي. هن انهيءَ مقصد لاءِ فوجي ڪاڏي پيتي ۽ سامان لاءِ مقرر ڪيل اٺ سوار ريجمينٽ کي اڳتي روانو ڪيو. جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ طاقتور ۽ تيز رفتار فوج هئي. جنگي ميدان ۾ هي وڏي ۽ پيچيده مشين جي حيثيت رکندي هئي. ان کان سواءِ هو لڳاتار سوچيندو رهيو هو ته ان جنگ ۾ فوجي تربيت ۽ طريقو ڪهڙو هجڻ گهرجي ۽ ضرورت وقت فوجي سرگرمين جي ابتدا ڪهڙي طريقي سان هجڻ کپي. اهڙيءَ ريت هن اڳواٽ سوچي ورتو هو ته اتي سندس ڪردار ثانوي هوندو جڏهن اهم ڪردار مکيه فوج کي ادا ڪرڻو آهي. هن پنهنجو اهڙو جنگي نقطئه نظر گورنر جنرل ڏانهن لکي موڪليو هو. جڏهن سندس خيال ۾ گورنر جنرل جي نقطئه نظر کي پيٺائي ڏنو ويو ته ٻنهي ۾ ساڳيائپ موجود هئي. اهو به ڏنو ويو ته ڊيوڪ آف وينگٽن جا خيال به ساڳيا هئا. سر چارلس پاڻ کي دلي طور ڏاڍو مضبوط سمجهڻ لڳو هو. تنهن ڪري هو جنگ کان اڳ ٿيندڙ واقعن جي اوسيئڙي ۾ ويهي رهيو. ٿوري وقت کان پوءِ هن جي جنگي ڏات کي جاچڻ پرکڻ جو موقعو ملي ويو. گورنر جنرل سکن سان امن امان کي قائم رکڻ لاءِ جتن ۽ جاکوڙ جا هڙ هيلا هلائي ڏٺا پر ڪوبه ڪڙ تيل ڪونه نڪتو هو. پر جيڪڏهن هو سويارو ٿئي ۽ عوامي راءِ کي هموار ڪيو وڃي ها ته سک جنگ جو ٽري وڃڻ ممڪن هو. پر انگريزي فوج جهيڙي لاءِ تيار ٿي ڪانه ٿي هئي جو سکن ابهرائي ڪري جنگ جي ابتدا ڪري ڇڏي. سندن اهو حملو اوچتو ۽ تيز رفتار هو. "مريدڪي" واري محاذ کي اچا پندرهن ڏينهن به مس گذريا هئا. سر هينري هارڊنج، سر چارلس کي چيو هو نه مان توکي جنگ کان پندرهن ڏينهن اڳ جنگ ڪرڻ جو نوٽيس ڏيندس. تنهن کي هن جنگ جو ڪو گمان ٿي ڪانه هو. جنهن ڳالهه هندستان سرڪار کي لوڏي رکيو هو. بمبئي واري ڊر هن کان اڳ سنڌ جي اهميت تي پردو ڏئي عوام کان لڪائي ڇڏيو جيڪو هڪدم ڦاٽي پرزا پرزا ٿي ويو. سنڌ جي فتح کي اُن وقت اهم سمجهيو ويو هو جڏهن "مريد ڪي" واري جنگ جو اعلان ٿيو هو. جنهن سان حڪم به جاري ڪيو ويو هو ته فوج نهايت تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي، روهڙي پهچي وڃي. پيش قدمي ڪندڙ هيءَ فوج پندرهن هزارن تي مشتمل هئي، جنهن سان ميدان تي وڙهڻ واري ۽ قلعي جي چوڌاري ڪڙي چاڙهڻ واري فوج به هئي. سنڌ جي ايتري گهٽي پيداوار ڪونه هئي تنهن ڪري اهڙو بندوبست ڪرڻ ممڪن ڪونه هو. ان مقصد لاءِ امدادي فوج بمبئي مان اچڻي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ بمبئي

پريزيڊنسيءَ جي اندرين علائقن کان هر قسم جي هٿيارن سان مسلح ڏهه هزار فوج رواني ٿي. جنهن سان توبون، گاڏيون، ڪئمپ هٽڻ جو سامان، گهوڙا، رسد گاهه گڏ هو ۽ سامونڊي ڪناري ڏانهن وڏي مانڊوَ سورت، بمبئي ۽ ونگورلا جي بندرن تان آگبوٽن ۽ ملڪ جي هر قسم جي سامونڊي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي. هيءَ فوج تيز رفتاري سان هاڪارينديي پنهنجي فوجي سامان سميت اچي سنڌ پهتي هئي. سر جارج آرٿر ۽ نيوي جي ڪمانڊر رابرٽ اوليور جي رويي مان ائين پائنجي رهيو هو ته هو بمبئيءَ واري ڏن ريڊس ڪرافوردس ۽ ولهوبي جا مخالف هئا.

جيڪڏهن هندستان سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عملي سر چارلس ڪي سندس خيالن تي عمل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ها ته سنڌ جي فوج هن کان ٽي مهينا اڳ، جنگي سرگرمين لاءِ تيار هجي ها. ان کان سواءِ حيدرآباد کان اڳتي نڪري حڪم ملڻ تي وڃي روهڙيءَ ۾ منزل ڪري ها ۽ بعد ۾ ملتان جي سرحد اندر داخل ٿي وڃي ها. اهو ڪم اهڙيءَ ته رازداريءَ سان ڪيو وڃي ها جو سکن جي فرشتن کي به خبر ڪانه پوي ها. پر ڪيس جنگ لاءِ فوجي پيش قدمي ڪرڻ لاءِ فوجي ضرورت واري شيءِ انن جي خريداريءَ کان منع ڪئي وئي هئي، پر جڏهن ڪيس جنگ جو حڪم مليو ته وٽس فقط ارڙهن سون تي مشتمل اُٺن جو قافلو هو. جيڪو فوجي سامان کڻڻ لاءِ مخصوص هو ۽ جنهن سان گڏ فقط ٽي هزار فوجي گڏ هئا. ان وقت سر چارلس کي پنجاهه هزارن اٺن جي ضرورت هئي. تنهن ڪري هن پنهنجا ڪيترائي ماڻهو اٺن جي خريداري لاءِ ڊوڙايا، پر جوکين جي ڄام هن مهم کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن اٺ خريد نه ٿي سگهن. جڏهن اها خبر سر چارلس کي پئي ته هن تيز رفتاري سان وڏي ڪيس پنهنجي وچ قبيلي مان گرفتار ڪيو. چاڪاڻ ته ڪيس هن جنگي مهم لاءِ بندوبست ڪرڻو هو. هن جاکوڙ ڪري ٻارهن هزار اٺ هٿ ڪري ورتا هئا. بعد ۾ هن مسلح فوج ۽ توبن کي سنڌوءَ وسيلي متي روانو ڪيو. اهڙيءَ ريت هيءَ فوج گورنر جنرل جي حڪم پهچڻ کان پوءِ ٻن ڏينهن اندر هڪ سو ميل سفر ڪري چڪي هئي.

ان کان پوءِ بمبئي کان اينڊڙ فوج اچي ساڻس ملي هئي جنهن سان گڏ اختيار جا حڪم ۽ بي حساب وسيلا ساڻ هئا. فوج جو هر شعبو ماڪيءَ جي مک جيان رات ڏينهن ڪم ۾ جنبل رهندو هو. سفر رات جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاري رهندو هو. جنهن دوران ڏاڍي خاموشي اختيار ڪئي ويندي هئي. قلعن کي ڍاهڻ جي مقصد لاءِ توبن سان گڏ اهڙي فني ڪم بابت لاڳاپيل ہي فوج بہ هئي جنهن جو تعلق قلعي تي گهيري ڪرڻ سان هو. هيءَ فوجي حصو پنجاهن توبن تي مشمل هو ۽ هر هڪ توب لاءِ هڪ هزار گولا مخصوص هئا. ان توبخاني سان لاڳاپيل انجنيئر ڪئپٽن پيٽ (Peat) جي اڳواڻيءَ ۾ ڪم ڪري رهيا هئا، جيڪو ڏاڍو هوشيار فوجي عملدار هو. هن نهايت منتظم طريقي سان توبن جو هڪ پارڪ بنائي ورتو هو جنهن ۾ هر توب کي مناسب وٿيءَ تي رکيو ويو هو. جنهن سان گڏ ضروري سامان ۽ عملو بہ رکيو ويو هو. تنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو هڪ بي مثال نمونو هو جيڪو مڪمل هو ۽ جنگ سان لاڳاپيل هو. هر چيز جو بندوبست ٺيڪ هو. هي سامان وڏيءَ هڻ هٽان ڪان پوءِ مس هٿ ڪيو ويو هو. سر چارلس کي چيو ويو هو تہ توبخاني جي هر ڪوٽ جو پورائو ڪري. خرچ سنڌ جي وسيلن مان ٿي رهيو هو. رسدگاهہ وٽ ٻن مهينن جو ڪاڌو پيتو موجود هو. ميڊيڪل واري شعبي کي بہ هر شيءِ ڏني وئي هئي. بمبئي واري امدادي فوج ساموئڊي ڪناري سان اڳتي وڌٽي هئي. ان فوج ۽ ساري سامان کي مختلف بندرن تان ڪنيو ويو هو. اهڙيءَ ريت هن پيش قدميءَ ۾ ٽيهہ هزار ماڻهو شامل هئا، جن جو ساموئڊي سفر پنجن سون ڪان اٺ سول ميل هو. ان ڪان پوءِ خشڪي جو چار سو ميل سفر هو. هيءَ ساري فوج حڪم ملڻ ڪان ٻائيتاليهہ ڏينهن پوءِ اچي روهڙيءَ ۾ گڏ ٿي هئي.

اهڙيءَ ريت تاريخ 6 فيبروري تي روهڙي ۾ پنجاهہ هزار ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. جنهن ۾ رسدگاهہ جا ماڻهو بہ شامل هئا. ساڳي ريت فوج جو هر شعبو منظم ۽ مڪمل هو. توبخاني ۾ اسي توبون هيون جن سان گولا بارود بہ بيشمار هو. سنڌوءَ ۾ آگبوٽن جو هڪ وڏو آرماڙ بيٺو هو جن تي ٽن ڪاڏي پيتي جو سامان لڏيل هو ان ڪان سواءِ انهن آگبوٽن تي درياهہ مٿان ٻيڙين جي پل ناهڻ جو هر سامان موجود هو. جنهن وسيلي هڪ سؤ گز ماپ جيتري پل تيار ڪرڻ ممڪن هو. فوجي عملدارن جو هڪ وڏو تعداد هو جيڪو بلند حوصلن سان ڪم ڪري رهيو هو ۽ جن کي فتح جو پورو يقين هو. هر فوجيءَ تي جنگ جو هڪ جنون سوار هو. هن پيش قدميءَ دوران اهي چڙ هوا سان بہ وڙهي رهيا هئا. ڪين سختيءَ سان روڪيو ويو هو تہ اهو نعرو نہ هڻن جيڪو دشمن تي حملي ڪرڻ وقت

هنيو ويندو آهي. پر پوءِ بہ هر طرف فوجي نظم ضبط قائم هو.

سنڌ جي آمدني جا وسيلا نهايت ئي محدود هئا، پر فوجي ڪم جي تيز رفتاريءَ ۾ پنهنجو مثال هئي. پيش قدميءَ جو حڪم اوچتو مليو هو پر هر شيءِ جو پورائو وقت سر ڪيو ويو هو. اهو ايتريءَ جلدي ۾ ڪونہ ٿي سگهي ها، جيڪڏهن سر چارلس فوجي سامان جي ڪٽڻ لاءِ ائن جي قافلي جو سرڪاري طور اڳيئي جوڙجڪ نہ ڪري ها. پر هن سان گڏ اهو چوڻ بہ غلط ڪونہ ٿيندو تہ جيڪڏهن سر چارلس، بلوچ سردارن خلاف ڪامياب جنگي مهم جي ابتدا نہ ڪري ها تہ فوج جو مٿي پيش قدمي ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو. هيءَ اها فوجي مهم هئي جنهن خلاف لارڊ رپن بہ سرڪاري طور ڪم ڪري رهيو هو ۽ جنهن ڪي هن غير اهم سمجهي دير ڪرائي ڇڏي هئي. جيڪڏهن ان فوجي مهم جي اهميت ڏانهن ڌيان نہ ڏنو وڃي ها تہ سکن خلاف پيش قدمي ڪندڙ فوج جو هڪ پاسو ۽ دمبالو ريئر محفوظ رهي ڪونہ سگهي ها ۽ بيشمار دشمن اڳتي وڌڻ کان روڪي بيهي رهن ها. جڏهن تہ سامهون سک فوج اڳيئي موجود هئي. سمجهڻ ائين کپي تہ اها سنڌ جي بچاءَ واري جنگ هئي جيڪا هتي اسان کي هاٿي ڪم ڏئي رهي هئي ۽ هن ڳنڀير وايو منڊل ۾ سنڌ جي تحفظ لاءِ پنج هزار فوج پوئتي ڇڏي وئي هئي.

## سنڌ جي تحفظ جو بندوبست

هن ساري فوجي مهم ۾ ڪراچي اهم ڪردار ادا ڪري رهي هئي ۽ هن مهم جي ڪنجي بہ هي شهر هو. اهڙي ريت هن شهر جي بچاءَ لاءِ ٽي هزار فوج ڇهہ فيلڊ پيسز ۽ پندرهن وڏيون توبون رکيون ويون هيون.

اهڙيءَ ريت حيدرآباد جي قلعي ۽ خندقن واري فوجي ڪئمپ وٽ ڇهہ پارهن پائونڊرس هڪ ريجمينٽ فوج ۽ اٺ سو پولس وارا رکيا ويا هئا. جن لاءِ ٽن مهينن جو کاڌو پيتو رکيو ويو هو.

گولا بارود ۽ ٻيو فوجي سامان ڪوٺڙي وٽ سنڌوءَ ۾ بيٺل آڳبوٽن تي رکيو ويو هو. هتي هڪ جدا قلعو هو. جتي بہ توبون، نيوي جا هڪ سو فوجي هئا، جن سان هٿياربند مزدور ۽ ڪجهہ پوليس وارا بہ شامل هئا. هي هڪ مختصر فوج هئي جيڪا هڪ وسيع علائقي جي نظرداري لاءِ رکي وئي هئي. تنهن ڪري ڪجهہ مان فوج آٽي سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي سرحد وٽ ونگا بازار ۾ ترسائي وئي آهي. اهڙيءَ ريت ڪجهہ

فوج ڏيسا کان گهرائي عمرڪوٽ ۾ رکي وئي آهي. پر ميرپورخاص ۾ ٿنڊو الهيار لاءِ پوليس موجود آهي. ساڳيءَ ريت سيوهڻ ۾ لاڙڪاڻي کي ڏيهي پوليس جي حوالي ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ پنج هزار ريگيولر فوج کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ ريت شاهپور، خانڳڙهه، سکر، شڪارپور ۾ بکر تي نظرداري ڪرڻ لاءِ ريگيولر گهوڙيسوارن جون ريجمينٽون رکيون ويون هيون. ان سان گڏ ڪجهه پيادل فوج ۾ ڇهه فيلڊ پيسز کي خبردار تي ويهڻ جو حڪم ڪيو ويو هو پر سکر ۾ ڳورين توپن جو ڪجهه تعداد مقرر ڪيو ويو هو. هنن سپني ماڳن جي مدد لاءِ اتر واري پوليس به موڪلي وئي هئي. جيڪا هاڻي فوج جيان هڪ وڏڙهو طاقت بڻجي وئي هئي. اتر واري هن پوليس جا حوصلا ايڏا بلند هئا جو الف خان پنهنجي ڇهن ماڻهن سان گڏجي، ان سڪ ٽولي جي ڪڍ ڪاهي پيو هو. جيڪي ڌاڙي هڻڻ جي نيت سان سنڌ جي حد اندر هليا آيا هئا. ڪيس جنرل چارلس جي حڪم جي خبر ڪانه هئي. جنهن ۾ سکن جي ملڪي حدن ۾ ٽپي وڃڻ کان منع ڪيل هئي، پر هي ماڻهو پنهنجي ڇهن ساٿين سان انهن ڌاڙيلن جي ڪڍ لڳي پيو ۾ سکن جي ملڪي حدن کان ويهه ميل اندر هليو ويو هو.

## نئين صورتحال ۾ نيپئر جي سنڌ کان ٻي اُلڪي ٿيڻ جو ڪارڻ

هن جنگ دوران سنڌ کي ايتريءَ ٿوريءَ فوج جي سهاري ڇڏي ڏيڻ، انهن ماڻهن طرفان سر چارلس تي هنيل الزامن جو ڪليو جواب هو ته سنڌ اندر مڪمل امن امان قائم ٿي چڪو آهي. ڪڇيءَ واري جابلو علائقي خلاف جنگي مهم دوران بلوچ خان جو ڪردار اڻ ڏريو رهيو هو. جيڪو لهڙيءَ جو هڪ بلوچ سردار هو. هن ماڻهوءَ هاڻي آڇ ڪئي آهي ته هو پنهنجي هڪ سؤ گهوڙيسوارن سان انگريز فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ چاهي ٿو. خان محمد به ساڳي قسم جي آڇ ڪئي آهي ته هو پنهنجي خرچ تي انگريز فوج ۾ شامل ٿيڻ چاهي ٿو. هن وڌيڪ اهو به چيو هو ته نالي ماتر پگهار تي پنهنجا پنج هزار هاري ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هي خان محمد (ٽالپر) سنڌ جو هڪ طاقتور سردار آهي. جيڪو شير محمد (ٽالپر) جو ڀائٽيو آهي. هي ماڻهو شير محمد جي شڪست تائين ساڻس ٻانهن ٻيلي رهيو هو. اها شڪست ڪيس جئڪب ڏني هئي. هي ٽالپر سردار انهن ماڻهن سان سهائتا ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهي، جن هن جي ويجهن مائٽن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهبو. هنن سمجهائيندي چيو هو تہ ان پٽسي سان نہ رڳو افغانن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي سگهبو پر پنجاب تي حملي دوران انگريزن جو ساٿ بہ ڏئي سگهبو. ڏنو وڃي تہ قلات جي هن مطالبي ۾ بہ خوف جو هڪ تاثر لڪل هو ڇاڪاڻ تہ کيس پنجاب جي فتح کان پوءِ واري پَوَ بيهڻ ڪونہ ٿي ڏنو. ان ڪري سر چارلس کين ڪليو جواب ڏنو هو تہ "مان هڪ رپيو بہ ڪونہ ڏيندس. پنجاب تي حملي دوران ڪنهن جي مدد جو طلبگار ڪونہ آهيان. جيڪڏهن افغان فوج اڳتي وڌڻ جي جرئت ڪئي تہ انگلينڊ جي فوج، ڪابل تي حملو ڪندي ۽ اها هميشه لاءِ اتي ويهي رهندي. جيڪڏهن افغانستان قلات تي ڪاهي آيو تہ شاهپور ۽ حيدرآباد واري فوج وَهلو ئي پهچي سنڌس واهر ڪندي." سنڌس اهڙي جواب ڪري قلات ۽ افغانستان جي سردارن کي جڻ مرچ لڳي ويا هئا.

## نيپئر ڪي افغانن جي آڇ

افغانن قلات تي حملي ڪرڻ بدران هيءَ آڇ موڪلي هئي تہ اهو ملڪ پنجاب تي حملي ڪرڻ دوران ساٿس گڏ هلي سگهي ٿو. سر چارلس سنڌس اهڙي آڇ جا ٿورا مڃيا هئا، پر ڪنهن بہ قسم جي مدد قبول ڪانہ ڪئي هئائين. ڇاڪاڻ تہ کيس خوف هو تہ پناڻ فوج مال غنيمت لاءِ صفا ڇري تي پوندي. جيڪڏهن فتح ٿي تہ ڏچو بڻجي ويندا ۽ جيڪڏهن شڪست ملي تہ مدد لاءِ آيل هيءَ فوج ڦري دشمن تي پوندي ۽ اسان کي ڦري لٽي فنا ڪري ڇڏيندي. تنهن ڪري افغان نہ دوست چڱو نہ دشمن چڱو يعني سنڌن دوستي بہ دشمنيءَ کان گهٽ ڪانہ آهي. انهيءَ زماني ۾ سر چارلس جي خواهش هئي، تہ افغانستان ۽ بلوچستان جو اڌ پنجاب سان شامل ڪيو وڃي.

## سک ـ انگريز جنگ، مير علي مراد جي خواهش ۽ نيپئر جا شرط

ساڳئي زماني ۾ علي مراد جي بہ ڪوشش هئي تہ هو اهو علائقو حاصل ڪري، جيڪو راجا رنجيت سنگهہ ڪانئس فتح ڪري ورتو هو. سنڌس اهو مطالبو هن شرط سان قبول ڪيو ويو هو تہ هو پنهنجي فوج وٺي سنڌوءَ جي ساڄي پاسي مٿي هلندو ۽ جيڪڏهن منڻ ڪوٽ انگريزن فتح ڪري ورتو تہ ان قلعي اندر پنهجي فوج رهائيندو. اهڙي قسم جا ڪجهہ شرط هيٺ بيان ڪجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1) علي مراد انهن بندوق بردار ٽولين کي ختم ڪري ڇڏيندو جيڪي سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري سان آزاد ٻٽيل آهن ۽ جن رابطي کي ڪٽي ڇڏيو آهي.

2) انگريزي فوج کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو جنهن جو هڪ حصو سنڌوءَ جي هڪ ڪَڙ سان ۽ ٻيو حصو ٻيءَ ڪَڙَ سان هوندو. هن فوج جي عظمت جا افواهہ ايشيائي طريقي جيان چوڌس پکيڙيا ويندا، جيڪي قسطنطنيہ تائين وڃي پهچندا.

3) منڙ ڪوٽ اتحادي فوج مان هڪ نہ هڪ جي حوالي ڪيو ويندو، جنهن جي جنگ جي ميدان ۾ موجود هجڻ جي ضرورت ڪانہ هوندي. اهڙيءَ ريت روهڙيءَ ۽ منڙ ڪوٽ جي وچ ۾ جنگي سرگرميون گهٽ ۾ گهٽ رکيون وينديون.

4) جيڪڏهن سمجهيو ويو تہ مير علي مراد غدار آهي (جنهن جو امڪان گهٽ آهي) تہ بہ هو ايڏو وڏو نقصان پهچائي ڪونہ سگهندو ڇاڪاڻ تہ سنڌوءَ جي ڪاٻيءَ ڪَڙ سان انگريزن جي فوج پيش قدمي ڪرڻ ۾ مصروف هوندي. جڏهن تہ وهڪري ۾ آگبوٽ هاڪاريندا، جن تي انگريزي فوج سوار هوندي. جڏهن تہ منڙ ڪوٽ تي حقيقي قبضو ڪئپٽن مئليٽ ۽ مسٽر ڪرلنگ جو هوندو. هنن انگريز عملدارن جو علي مراد جي پگهاردار پناڻ فوج تي وڏو اثر آهي، جيڪي هنن کي وڏين پگهارن ڏيڻ جي آسري تي علي مراد جي نوڪريءَ مان ڪسڪائي ڪڍي ايندا.

### منڙ ڪوٽ تي حملي لاءِ منصوبا بندي

سر چارلس جو جنگي سرگرمين تي مشتمل هي منصوبو مستقبل باريڪ بينيءَ ۽ تدبر سان جوڙيو ويو هو. هي انگريزن خلاف سک مزاحمت واسطي ٻهريون ۽ نهايت اهم ماڳ هو. جنهن جي قلعي جي مرمت لاءِ سک ڏاڍا مصروف هئا. ان ڪان سواءِ ٻرياسي جي اهم ماڳن جي بہ مرمت ڪري رهيا هئا. هي اهڙو اهم ماڳ هو جتي سنڌوءَ سان ٻين درياهن جو پاڻي اچي سنگم ڪندو هو. تنهن ڪري سک حڪمران سنڌ جي طرف کان اينڊڙ فوج کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ هتي پنهنجي فوج جو وڏو تعداد رهايو هو. هن ماڳ کان پوءِ شجاع آباد ۽ ملتان جا قلعا هئا. تنهن ڪري فوج کي ٻن ڪالمن ۾ ورهائي تيز رفتاريءَ سان منڙ ڪوٽ ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي وئي هئي. منصوبو اهو هو تہ بيڙين وسيلي پل ٺاهي، اتان اڪرندي ٿي اسي توپن جي گولاباري سان سنڌس مزاحمتي قوت کي ڍانون ڍول ڪري ڇڏيو. جنرل چارلس سمجهي رهيو هو تہ اهو جڻ مچر کي وڏاڻ (وڏي هٿوڙي) سان مارڻ برابر آهي. پر ڪيس خبر هئي تہ قلعي جي پٿر جي ديوارن پٺيان خطرناڪ سڪ ويڙهاڪ موجود هئا. سنڌس منصوبو هو تہ منڻ ڪوٽ تي اوچتو ۽ زبردست حملي ڪري شجاع آباد ۽ ملتان تي ڌاڪ ۽ دهشت ڇمائي سگهبي. اهڙيءَ طرح انگريزي فوج سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان اڳتي وڌي رهي هئي. جنهن جي وچ تان آڳبوٽن جو آرماڙ هو ڇاڪاڻ تہ ڪشمور ٽپڻ کان پوءِ سنڌوءَ جو ساڄو ڪنارو مزارين جي قبضي ۾ هو جيڪي انگريز دشمن هئا. ان ڪري انگريزن جي ڪجهہ فوج انهيءَ ڪناري سان بہ پيش قدمي ڪري رهي هئي. اهڙيءَ ريت اڳتي وڌڻ واريءَ فوج جا ٻئي حصا اچي منڻ ڪوٽ وٽ پاڻ ۾ ملڻا هئا. فوج کي ٻن حصن ۾ ورهائي درياهہ جي ٻنهي پاسن کان اڳتي وڌڻ ڪري تيز رفتاري اچي وئي هئي. پر هن مان ٻيو فائدو بہ ٿيو هو. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان ساڄي ڪناري سان رهندڙ مزارين تي بہ ڌاڪ ويهارڻي هئي.

## ديري غازي خان کي مير علي مراد جي ڦرلٽ کان بچائڻ

علي مراد پنهنجي فوج سان اڳتي وڌي رهيو هو. سر چارلس جي خواهش هئي تہ سنڌس فوج کي منڻ ڪوٽ ۾ نہ رهايو وڃي، جنهن جي سامهون اولهہ پاسي ديره اسماعيل خان جو سڪيو ستابو شهر موجود هو. ڪيس خوف هو تہ علي مراد ان خوبصورت شهر کي ڦري لٽي منزلون ڪري وڃي اتي پهچندو. تنهن ڪري ڪيس بيهڻ جو حڪم ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ تہ ان شهر کي ڦرلٽ کان بچائڻ لاءِ علي مراد جي فوج جو رخ تبديل ڪرڻو هو پر انهيءَ تبديليءَ سان ساري فوج ستلج جي ساڄي ڪناري گهٽو ڪري پري نڪري وڃڻ جو امڪان هو. پر ساڳئي وقت فوج کي کاٻو ڪنارو ڏياري اچ وٽ پهچڻو هو. ڇاڪاڻ تہ هن ماڳ کي انگريز لشڪر جي فوجي سامان لاءِ ڊيپو بڻائڻو هو. انهيءَ مقصد کي دل ۾ رکي هتي هڪ قلعو بہ تعمير ڪرڻو هو ۽ اتان درياهہ کي پار ڪرڻو هو. جيڪڏهن علي مراد جي فوج جو رخ سولائي سان تبديل ٿيڻ ممڪن ٿيو تہ اهو مقصد بہ سولائيءَ سان پورو ٿيڻو هو. پر سر چارلس جنگ جي اهم اصولن جي سختيءَ سان پابندي ڪندو هو ۽ دشمن کي ڪڏهن بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزور ڪونہ سمجهندو هو. تنهن ڪري هو پنهنجي ساري فوجي طاقت ڪتب آڻڻ جو حامي هو. ان اصول کي آڏو رکي هن گهيري ڪرڻ وارين توبن کي آڏي ڪناري سان بيهاريو هو. جنهن سان فيلڊ آرٽيلري بہ گڏ هئي. ان کان سواءِ هن بيون توبون بہ آگبوٽن تان لهرائي ننڍين ٻيڙين ۾ رکرايون. هيون تہ جيئن گولاباريءَ ۾ هڪ نظام قائم ڪري سگهجي. ٻيڙين واري پل تيار ٿيڻ کانپوءِ ان جا ٻنهي پاسن وارا منهن ماپ ۾ ٻيٽا ڪرايا ويا هئا. جن جي پرسان هٿياربند آگبوٽ بيهاريا ويا هئا. هن پل جي حفاظت لاءِ بهاولپور جي فوج کي بيهاريو ويو هو. ان کان پوءِ هن پنهنجيءَ فوج کي شجاع آباد ۽ ملتان ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڪيو.

## سکن سان جنگ لاءِ نيپئر جي فوجي منصوبا بندي

هن سان گڏ چوونجاهہ اهڙيون ميداني توبون هيون جن جي چونڊ هن سکن جي شڪست لاءِ ڪئي هئي. هنن توبن کي ڇڪڻ وارا گهوڙا ڏاڍا سگهارا متارا هئا. هن ان فوج جي تيز رفتاري سان سکن کي واڻڙو ڪرڻ پئي چاهيو. جنهن وسيلي هنن جي ڳري توبخاني کي ڏچي ۾ وجهي ناڪام بڻائڻو هو. ان کانپوءِ تيز رفتار فوجي سرگرمي وسيلي دشمن جي پيادل ۽ گهوڙيسوار فوج جي صفن کي هيٺ مٿي ڪرڻو هو. ان سان گڏ پنهنجي فوجي ترتيب کي بہ قائم رکڻ هو. ان ڪري سندس ارادو گهڻو اڳتي وڌي وڃڻ جو هو پر فوجي ترڪيب کي بہ قائم رکڻو هو. هي جنگي چال جو ماهر هو. هن ڪوشش ڪئي هئي تہ ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان تائين سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان موجود ماڻهن کي سک حڪومت جو دشمن بڻايو وڃي. پر جيڪڏهن ڪيس هن جنگ جي تياريءَ جي موڪل ٿڌيءَ رت ۾ ملي وڃي ها تہ دنيا ڏسي وٺي ها هو دنيا کي اهو ڏيکاري سگهي ها تہ جنگ ڪهڙي طريقي سان وڙهبي آهي ۽ سوبران جي جنگي محاذ کان گهڻو اڳ پنهنجي پنجاهہ هزار فوج سان وڃي لاهور مٿان ڪڙڪي ها. اٿين ڪرڻ سان ملتان جي گهيري کي ڇڏي ڏنو وڃي ها. جيڪو پنجاب جو ٻيو جنگي محاذ هو ۽ ٻين محاذن تي جنگ ڪرڻ کان بہ بچي وڃجي ها. پر تقدير ۾ ائين ئي لکيل هو.

## سکن سان ٽڪرڻ ناهہ تي نيپئر جي مايوسي

جڏهن سنڌ جي انگريز فوج هڪ جاءِ تي گڏ ٿي رهي هئي تڏهن اتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستلج واري علائقي ۾ فيروزپور شهر وٽ ٻنهي ڌرين وچ ۾ مقابلو ٿي ويو هو. جيڪو نتيجا خيز ثابت ڪونه ٿيو هو. ستلج جي انهيءَ ڪناري وٽان ٻنهي ڌرين جي طاقت جو مشاهدو ڪيو ويو هو. جنهن پاسي انگريزن جي فوج بيٺي هئي انهيءَ مقصد سان ته اهو پتو لڳايو وڃي ته کهڙي ڌر ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. انهي زماني ۾ هينري سمٿ کي فوج جو هڪ مضبوط ڪالم حوالي ڪيو ويو هو ته جيئن رابطي واري رستي جي حفاظت ڪري سگهجي، پر لڌيانه پرسان متس سک فوج جي هڪ حصي حملو ڪيو هو. اهڙي صورتحال کي ڏسي گورنر جنرل سر چارلس کي بهاولپور ڏانهن وڌڻ جو اوچتو حڪم ڪيو هو. ڪيس اهو به چيو ويو هو ته هو اتان ٿيندو اتر ستلج جي فوجي ڪئمپ ڏانهن وڃي. اها فوجي پيش قدمي اهڙي سولي ڪانه هئي، جنهن لاءِ ڪيترن ڏينهن لاءِ رهبر فوجي دستن جي ضرورت هئي. تنهن ڪري ڪجهه وقت ان فوج جي رفتار سست رهي ها. هتي به اٺ سوار فوج ڏاڍو ڪم آئي جيڪا ٽپال پهچائڻ وارن وهٽن جي رفتار سان اڳتي وڌي رهي هئي. سر چارلس لاهور واري فوجي ڪئمپ وٽ 3 مارچ تي پهتو هو. ڪيس اتي پهچي پتو پيو ته سوبران واري محاذ تي انگريزن کي فتح نصيب ٿي آهي ۽ ناهه جو هڪ معاهدو تيار ٿي رهيو آهي ۽ هن جيڪا وڏي جاکوڙ ۽ تيز رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪئي سا بيڪار ثابت ٿي هئي. جنهن سنڌس ذهن ۽ جسم تي خراب اثر ڪيو هو. چاڪاڻ ته فوجي سفر جا ڪشت ڪشالا پاڻيءَ ولوڙ ثابت ٿيا هئا. ڪائنس شهرت، عزت ۽ فوج جي هڪ آزاد ڪمانڊر واري حيثيت هڪدم ۽ اوچتو کسي وئي هئي. اهي سڀ ڳالهيون سنڌس بلند حوصلن جي بلڪل خلاف هيون. هن کي محسوس ٿيو هو ته جڏهن پنجاب چؤ ڪنيو پڌو انگلينڊ جي پيرن ۾ پيل هو ته ان وقت هن کي پنهنجي جوڙيل جنگي منصوبي مطابق وڙهڻ جو موقعو ڏنو وڃي ها ته مکيه فوج کي جنگ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه پوي ها. ٻنهي ڌرين وچ ۾ ٿيل معاهدو ايندڙ جنگ جي تيارين ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو. جنهن ڪانپورءِ هڪ مڪمل فتح واري مقصد لاءِ آخري جنگ وڙهڻي هئي. گورنر جنرل ملڻ وقت هن جي وڏي عزت ڪئي هئي ۽ مهرباني جو معاهدو ڪيو هو. ان کان سواءِ عام فوجين هن کي مانُ ۽ مرجاتا ڏني هئي. دربار دوران پنجاب جي سک حڪمران سر چارلس جي ايتري وڏي عزت

ڪئي، جڏهن اهو ڪشمير جو راجا هجي. اهڙين ڳالهين ۾ جنرل ڊاڊو خوش نصيب ثابت ٿيو هو. بلوچ سردار به هن لاءِ چوندا هئا ته سر چارلس بين عام ماڻهن کان قد ۾ ڊيڍ فوٽ ڪن وڏو آهي.

هن لاءِ اها فوجي پيش قدمي ڏاڍي هاڃيڪار ثابت هئي جنهن دوران هندستان جي سخت گرميءَ ۾ پورا ارڙهن سو ميل لڳاتار سفر ڪيو هو. ان کان پوءِ کيس واپس ڪراچيءَ پهچڻو هو جتي هو اپريل ۾ پهتو هو. ان وقت سندس صحت نهايت ڪري پئي هئي.

هي لاهور ۾ ئي هو ته کيس موسم جي شدت ۽ پيش قدميءَ جي تڪليفن جو احساس ٿي ويو هو. هن کي اهو به معلوم ٿي چڪو هو ته فوج کي به گرميءَ جي شدت ڪري گهڻي تڪليف آئي هئي جو ان به پنجاب تي ماتحت فوج جي حيثيت ۾ پيش قدمي ڪئي هئي ۽ ڏاڍا ڏچا ڏٺا ۽ سٺا هئا. سندس ڪوشش هئي ته مکيه فوج جي مدد کان سواءِ هو اڪيلي سر پنجاب کي مڪمل طور فتح ڪري پئي سگهيو پر کيس ائين ڪرڻ ڪونه ڏنو ويو هو. هي ناهه جي ڳالهين بولهين جو حامي ته هو پر جيڪا عام قسم جي حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي هئي، تنهن جي بلڪل خلاف هو. هن پنجاب خلاف جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ اعلان ڪيو هو ته هندستان اندر برطانيه جي شهنشاهت اجا مڪمل ڪانه ٿي آهي ۽ سنڌوءَ جو اترين پاسو ان جي راڄ مان اڃان به ڪٽل آهي. پر حالتن هن جنگ لاءِ مجبور ڪري وڌو آهي. اهڙي ريت پنجاب به جڏهن ته مطيع ٿي چڪو هو. سندس مرضي هئي ته بنا ڪنهن رتو ڇاڻ جي فتح کي وڌيڪ مستحڪم ڪيو وڃي. سندس چوڻ هو ته دليپ سنگهه حڪمران ته آهي، پر هو ڳڏو آهي ۽ حقيقي حڪمران گلاب سنگهه آهي. اهڙي ريت سک حڪومت جو جوڙجڪ ته ڪيو ويو آهي، پر ان کان پوءِ به جنگ ناگزير آهي. رت جون نديون وهي هلنديون، وڏو قتل عام ٿيندو پر نتيجو پوءِ به پروسي جوڳو ڪونه هوندو. ان کان اينڊڙ ٻن سالن ۾ ملتان، رام نگر، جليانوالا ۽ گجرات ۾ جنگيون لڳيون ۽ سر چارلس جي ڪيل اڳڪٿي سورهن آنا سچي ثابت ٿي هئي.

اهو به يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته هن جي منصوبه بندي مطابق جيڪا فوجي مدد اتر ستلج پهتي هئي، تنهن کي قبول ئي ڪونه ڪيو ويو هو. اهو پڻ معلوم ٿيندو ته سوبران جي

فتح ڪان پوءِ هن جنگ جو مستقبل اونداهو هو ۽ ان کي وڏي فائدي واري جنگ ڪونه پئي ويو. پر حقيقت ۾ اهو بدين ۽ بچڙاين جو پريل ڪارنهن جو ڪُنو هو جنهن کي حقيقت جي ڪسوٽي سان جاچي پرکي ڏسڻو پوندو ته اها جنگ عوامي فائدي ۾ آهي به يا نه.

## جنگ ۾ اڳتي وڌڻ وقت نيپئر جي منصوبا بندي

سر چارلس نيپئر پندرهن هزار منظم فوج وٺي اڳتي وڌيو هو. سنڌس اڏما ۽ اتساهه اجهل ۽ حوصلا بلند ۽ ارادا اٽل هئا هن جنگ جي ايڏيءَ وڏيءَ تياريءَ مان به سنڌس شان ۽ شوڪت بکي رهيو هو جنهن کي اوڙي پاڙي جي قومن به سمجهي ورتو هو. سنڌس عزت ۽ احترام به ان ماڻهوءَ جيترو ڪيو پئي ويو جنهن سان ٽيهه هزار فوج هئي. هن جي فوجي سرگرمين لاءِ اختيار ڪيل رستو سياسي، فوجي ۽ حقيقي هو. چاڪاڻ ته سنڌس فوج مڪيه لشڪر جو اهو پاسو هو. جڏهن هو اڳتي وڌيو ته پنهنجا پير پختا ڪندو آيو آهي. واپس وڃڻ لاءِ رستي ۾ هن مضبوط قلعا فتح ڪري پنهنجي رابطي جي تسلسل کي يقيني بڻائي ڇڏيو هو. هن ڪان سواءِ هن منڻ ڪوٽ کي تباهه ڪري ۽ ملتان تي گهيرو ڪري پنهنجي ڏاڪ جمائي ڇڏي هئي. اهڙيءَ ريت سنڌوءَ جي ڪاٻي پاسي وارن ماڻهن هن سان ڳجها رابطا ڪري ورتا هئا. جن هٿيار ڪٽي اتر ستلج ۾ ساڻس گڏجي جنگ ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو هن جنهن انداز ۽ طريقي سان پنهنجي فوج کي آٽي روهڙي وٽ گڏ ڪيو هو. تنهن کي ڏسي ملتان جي ديوان جا ته ڍيڍر ڍرا ٿي ويا هئا. سنڌس روش ۽ هلت چلت مان ته ائين لڳي رهيو هو ته انگريز سرڪار آڏو آڻ مڃي چڪو آهي. اهڙي ريت سکن جي حڪمرانيءَ جو ڏاڪٽيون پاسو چڙ ته پنگلو ٿي چڪو هو. ان ڪان سواءِ اوسي پاسي وارا بيا ماڻهو به ڪانئس متاثر ٿي چڪا ۽ هن جي چوڻ تي جاسوسي ڪرڻ لاءِ تيار هئا. تنهن ڪري ڪيس پڪ ٿي وئي هئي ته هو لاهور تائين آرام سان پهچي ويندو ۽ رستي ۾ ڪيس ڪير به روڪي ڪونه سگهندو چاڪاڻ ته هن ڪان اڳ ملتان جو ديوان به جيڪو سکن کي امدادي فوج ڏيندو هو. سو هاٽي انهن لاءِ ڪنهن به ڪم جو نه رهيو هو. سنڌس چيل لفظ هن ريت آهن ته ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو جنگ جي فن ڪان واقف آهي ته فتح مقدر آهي ۽ سنڌس اهڙيءَ فوج کي تقدير به تباهه ڪري سگهي ٿي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بامبي ڪائونسل جي سکن سان ناقص حڪمت عملي

اهڙيءَ اخلاقي مدد ۾ هر قسم جي سهائتا کي ڪتب نہ آڻڻ ڪا عقلمنديءَ جي ڳالهہ ڪانہ هئي. هن جنرل کي ان ملڪ ۾ اهڙن ماڻهن مانُ ڏئي هتي سڏايو هو جنهن ملڪ جي ڪيس ساجهہ هئي ۾ ماڻهوءَ بہ ڪيس چڱيءَ ريت سڃاڻندا هئا. سندن سڌڻ تي هو ان ملڪ ۾ هليو آيو جنهن کان واقف ڪونہ هو. نہ وري هتان جا ماڻهو ڪانئس واقف هئا. پر پوءِ بہ سر چارلس کي هڪ فوجي جهونجهار بدران شيطان سمجهيو ويو هو. جڏهن صورتحال نازڪ هئي تہ هن کي واهر ڪرڻ لاءِ سڏيو ويو هو. ۽ ملڪ بہ هن لاءِ اوپرو ۽ اڻ سونهون هو. ان کي سڏائڻ جو آخر مقصد ڇا هو؟ ڪائونسل ۾ هڪ ماڻهوءَ جي اضافي ڪرڻ لاءِ. جڏهن تہ ڪائونسل ۾ ميمبرن جي موجودگي ڪا گهٽ بہ ڪانہ هئي. ليڪن ان ۾ هڪ نئين جوڙجڪ جي ضرورت ضرور هئي. پر هن کان ڪائونسل جو هر ميمبر ساڙ ۾ پيو سڙندو ۽ پڇرندو هو. هو هندستان سرڪار ۽ بمبئي حڪومت جي پيداواري وسيلن کان بي خبر هو. ڪيس جيڪا بہ صلاح ڏيڻي هوندي هئي، تڙ تڪڙ ۾ ڏئي وٺندو هو پر ڪنهن ڪم جو عملي مظاهرو ڪونہ ڪندو هو. ان کان سواءِ هن جي ساري فوج کي جنگي سرگرمين کان پاهر رکڻ لاءِ ان کي بهاولپور موڪليو ويو هو. جتي فوج کي پنگلو يا مفلوج ڪري رکيو ويو هو. جنهن سان ڪنهن بہ قسم جو واسطو ۽ رابطو ڪونہ ڪيو ويو هو. ان کان سواءِ سڌو رابطي جو ڪم بہ ڪونہ ٿي ورتو ويو. هن صورتحال ۾ معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ دشمن کي سنڌ تي حملي لاءِ جڻ دعوت ڏني وئي هئي. جنهن جو مکيہ فوج تي ڏاڍو خراب اثر پوي ها. اها ڪا اتفاقي ڳالهہ ڪانہ هئي. بعد ۾ اهڙيءَ حقيقت جو پتو پيو تہ ائين ڪري هندستان ۽ بمبئي سرڪار سکن ۾ سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ڄاڻي ٻجهي موقعو فراهم ڪري رهي هئي تہ حملي جي ردعمل طور سنڌ تي حملو شروع ڪري ڏئي. پر سوبران جي محاذ کان پوءِ ناهہ جي معاهدي طئي ٿيڻ ۾ دير ٿي وئي هئي. تنهن ڪري سک فوج سنڌ تي حملو ڪري ڪانہ سگهي هئي. مطلب تہ هن ساري پوتا ميل جو مول مقصد اهو هو تہ نئي جنرل پاڻ ۾ ويهي سکن خلاف ننگي جارحيت جو هڪ منصوبو جوڙي سگهن جنهن جهڙو بي مثال ۽ خطرناڪ منصوبو ڪڏهن ماڻهن ٻڌو ئي ڪونہ هوندو. نہ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجي مهم تي تنقيد ڪئي وئي، نہ وري سنڌس تجزيو ئي ڪيو ويو هو. هن مان معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ ڪنهن بہ جنگي منصوبي جي تياري ڪئي ويندي جنهن ۾ رتوڇاڻ گهٽ هوندي. اهڙي ريت سر چارلس نيپئر ۽ سندس فوج کي جنگي سرگرمين واري ميدان مان تُهَہ وانگي تاَري، ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي.

## ڪوءِ جنگ ٻن جهيڙو

ٻن سالن کان وٺي پنجاب خلاف جنگ ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا هئا. گورنر جنرل بہ اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي هئي. ڪوءِ جنگ ٻن جهيڙو پر جيئن پوءِ تيئن وايو منڊل ويو ٿي ڳنڀير ٿيندو ۽ سمجهيو پئي ويو تہ اهو نوڙ ضرور ڳچيءَ ۾ پوندو. تنهن ڪري جهيڙي جون هوريان هوريان تياريون بہ هلي رهيون هيون. يا ائين ڪٿي چئجي تہ جڏهن تياريون ٿي ويون هيون تہ اهڙا ادما ۽ اتساهہ بہ وڌي رهيا هئا تہ خدا ڪري تہ جنگ لڳي. اهڙن نتيجن کان انڪار ڪرڻ بہ شعوري طور ممڪن ڪونہ هو. محسوس ائين ٿي رهيو هو تہ جنگ کان ڪيڏو بہ پاسو ڪيو وڃي ها، پر جنگ اڻ ٽر هئي. پر فوج وٽ اهڙا وسيلا موجود ڪونہ هئا جن کي ڏسي ڏيل کي ڏڍ ملندو آهي، من وڌي ويندو آهي ۽ ادما چينگ چڙهي ويندا آهن. ڪارڻ بہ اهڙا ٻڌجي رهيا هئا، جو منڊ کان ئي ائين ڀاسجي رهيو هو تہ اڳتي هلي مانڊاڻ ڪو ضرور مچندو. اهو بہ سمجهيو پئي ويو تہ جيڪڏهن فوج سگهاري هوندي تہ جهيڙي کي مڙسي سان منهن ڏئي سگهبو. وقت بہ جنگ لاءِ تياري ڪرڻ جو اهڃاڻ ڏئي رهيو هو. هاڻي باقي ٻن ڌرين وچ ۾ معاهدي لاءِ ڳالهين هلڻ جو آسرو هو. جنهن وسيلي جهيڙي جو امڪان ٽري سگهيو ٿي. هي دور بہ اهڙو هو جو جنگ جي تيارين سان گڏ امن جون ڪوششون بہ هلي رهيون هيون. جنرلن جي بہ مرضي اها هئي تہ ڳالهين بهاني ڪجهہ وقت ملي وڃي جنهن دوران فوجي رابطو بحال ٿي وڃي. ڇاڪاڻ تہ فوج کي سوبران واري محاذ کان وڌيڪ رابطي جي ضرورت هئي. اهو بہ سوچيو ويو هو تہ حملو اهڙو طاقتور ڪيو وڃي جيڪو اڪيلو ئي فتح لاءِ ڪافي هجي، پر ان بدران پنج حملا نہ ڪجن.

## سکن جي حملي جا ٿي ممڪن رستا ۽ ان خلاف منصوبا بندي

لاهور سکن جي جنگي سرگرمين جو اهم مرڪز هو تنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزن جي فوج تي حملي ڪرڻ لاءِ هن واسطي ڪيترائي رستا کليل هئا. اهڙو پهريون رستو فيروزپور يا هري ڪي پتڻ وٽان ستلج اڪري حملو ڪرڻ هو. جيڪو هنن پوءِ استعمال به ڪيو هو.

ٻيو رستو بياس اڪري ۽ لڌيانا وٽان اتر ستلج پار ڪري حملو ڪرڻ هو. هنن عليوال واري حملي دوران به اِئين ڪيو هو. جنهن ۾ هنن شڪست کاڌي هئي.

ٽيون رستو فيروزپور هيٺان ستلج پار ڪري دهلي تي حملو ڪرڻ هو.

پهرين ٻن حالتن ۾ سک فوج هڪ وڏي لشڪر جي صورت ۾ اڳتي وڌي ها ۽ سندن گهوڙيسوار فوجي ٽولا دهلي تائين ساري علائقي کي ڦري لٽي پيننگ ڪري ڇڏين ها. پر هنن لاءِ ڏچو اهو هو ته انگريزن جي فوج، جيڪا هڪ وڏي پربت جي شڪل ۾ سندن رستو روڪيون بيٺي هئي، جنهن جي هن وقت حيثيت بچاءَ واري هئي، پر پوءِ به هنن تنهي رستن سان دشمن جي واپس ولڙين ڪرڻ جيتري منجهس سگهه هئي. دشمن تي اهڙن حملن ڪرڻ ڪري سندن فوجي جوڙجڪ به لڏي ڪونه ويندي. هنن جي فوج جي ترتيب اهڙي رکيل آهي جو سکن جي اڳتي وڌڻ کان اڳ ئي مٿن حملن جي ابتدا به ڪري سگهن ٿا. ايئن ڪرڻ لاءِ انگريزن کي فيروز پور کي پنهنجي جنگي سرگرمين جو مرڪز بڻائڻو نه پوندو جتي سندن ساري فوج اچي گڏ ٿي آهي. پر ڪين هن ماڳ کي وسيلن جي مرڪز طور مضبوط بڻائڻو پوندو. اهڙيءَ ريت اهو مرڪز کاڌي پيتي ۽ فوجي سامان جي هڪ وڏي ڊيپوءَ طور ڪم ڪندو. ان مقصد کي ڏسي ستلج تي ٻيڙين جي پل به ناهڻي پوندي. ساڳيءَ ريت هتي فوج ڪئمپ اندر خندقون جوڙڻيون پونديون، جتي اهڙي فوج رکي وڃي جيڪا هر وقت هر قسم جي هٿيارن سان گڏ جاڏي به چاهي سولائيءَ سان چرپر ڪري سگهي. تڪڙي ۽ ترت چرپر واريءَ هن فوج جو تعداد ڏهن هزارن سگهارن متارن فوجين تي مشتمل هئڻ کپي ۽ انهن کي پنهنجي سرگرمين ۾ آزاد ڇڏيو وڃي.

ائين ٿيڻ ڪري فوج کي ستلج جو ڪابو ڪنارو ڏئي فيروز پور کان هيٺ وڃڻ جي ڏچي کان بچائي سگهجي ٿو. جيڪا ترت چرپر ڪندڙ فوج کي ائين ڪري مدد ڪري سگهي ٿي ۽ عملي طور ائين ڪيو به ويو هو. يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اها غير فوجي پيش قدمي هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاڪاڻ تہ هي درياہ انگريزن جي فوج جو بچاءُ ڪري ڪونہ ٿو سگهي. انهيءَ ڪري جي درياہ جي ٻئي پار اڪرڻ لاءِ گهٽا ئي پتڻ موجود هئا. اهڙيءَ ريت دشمن فوج بہ فوجي سرگرمين دوران هنن پتڻن ڪي استعمال ڪندي آهي ۽ انگريزن جي فوج بہ هن رستي سان پيش قدمي ڪري رهي هئي، پر اهڙيءَ فوجي چرپر هڪ چالاڪ دشمن جي اکين جي سامهون ممڪن ڪانہ هئي، جيڪو درياہ جي ٻئي ڪناري سان وينو هو. هن وقت تائين سک جنرل ڪابہ فوجي ذات ۽ سڄيتائي ڪانہ ڏيکاري هئي، نہ تہ هو پنهنجي فوج جي هڪ پاسي ڪي فوجي حڪم ڏئي ها. جيڪا مُريدڪي ۽ فيروز پور وارن جنگي محاذن تي فوجي مظاهرو ڪري ها. پر هو ائين ڪري سمٿ واري فوج ڪي پڇائي ڪيدي ڇڏي ها جيڪا رابطي واري رستي ڪي سنڀاليو بيٺي هئي. هن وقت فيروز پور هڪ اهم فوجي ماڳ آهي، پر ضرورت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ان ڪي ڇڏي لڌيانہ ۽ سرهند ڪي مرڪز بڻائڻو هو ۽ دهلي سان ترت رابطي لاءِ امبالا ڪي ثانوي اهم حيثيت ڏيڻي هئي. فوج جي اهڙي ترتيب مطابق گهوڙيسوارن فوج ڪي انهن مختلف پاسن ڪي محفوظ ڪرڻو هو جيڪي سک فوج جي اوچتي حملي جي ضد ۾ هئا. اهڙي فوجي سرگرمين واسطي ستلج تي هڪ مستقل پل ۽ ٻي ٻيڙين جي پل تعمير ڪئي وئي هئي. ان ڪان پوءِ سک دربار ڪي اطلاع ڏنو ويو هو تہ جيڪڏهن پنجاب جي فوج پيش قدمي ڪئي يا جنگي تياري ڪئي تہ سمجهيو ويندو تہ اها جنگ جون تياريون ڪري رهي آهي. اها ڳالهہ ٻڌي سک حڪمران ڏڃي ۽ چڙڪي ويو هو.

## انگريز فوج جي منصوبا بنديءَ سکن جا ڏڍ ڍرا ڪري ڇڏيا

اهڙيءَ ريت جنگي تياريون هڪ واضح حڪمت عمليءَ مطابق ڪيون ويون هيون. جنهن لاءِ هڪ منظم ۽ طاقتور فوج بہ موجود هئي. جڏهن سکن پنهجون جنگي تياريون مڪمل ڪيون، پنهنجي فوج ڪي پڳهارون ۽ هٿيار پنهوار ڏنا ۽ جوتشين ڪي گهرائي جنگ جي ابتدا ڪرڻ لاءِ سڀوريءَ گهڙيءَ جو پڇيو تہ انگريز جنرل بہ ستلج تي مستقل پل جوڙائي ورتي هئي ۽ ان درياہ جي ڪاٻي ڪناري وٽڻ بدران پل اڪري اڳتي وڌي وڃي بياس جي ڪناري سان منزل ڪئي هئي ۽ ان منزل ڪان تورو اتر ۾ ٻيڙين جي پل نهرائي هئي ۽ فوج جي بچاءَ لاءِ هڪ قلعبند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعمير بہ ڪرائي هئي اهڙيءَ فوجي سرگرميءَ ڪري سک فوج جي پيرن ۾ ڄڻ پئد پئجي ويا هئا جيڪا ڇرڻ کان ڇڪتو تي وئي هئي ۽ ڳالهين لاءِ هٿ ڪپڙي ۾ سک هئي. ڪين لاءِ انگريزن جي هر شرط مڃڻ کان سواءِ ڪو ٻيو گس بہ ڪونہ بچيو هو.

معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ ائين ڪرڻ ڪري انگريز فوج هڪ مضبوط فوجي حيثيت حاصل ڪري ورتي هئي ۽ ڳالهين جي ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾، هن فوج جي مرضي هئي تہ اڳرائي ڪري يا بچاءَ واري حيثيت حاصل ڪري يا ائين ڪٽي ڇئجي تہ انگريز فوج بہ اهم گهَٽَ والاري ورتا هئا. جيڪڏهن سک فوج ستلج ۽ بياس واري سنگم هيٺان درياهہ ٽپندي تہ ان جي سامهون فيروز پور واري انگريزي فوج موجود هوندي پر جيڪڏهن سندس مکيہ فوج بياس اڪري انگريزن جي پاسي واري فوج تي حملو ڪندي تہ انگريزي فوج بيڙين واري پل تان اڪري، سک فوج جو لاهور سان رابطو ڪٽي ونندي. جيڪڏهن سک فوج پاڻ کي بياس جي ڪناري سان مضبوط ڪندي تہ ان جي مکيہ فوج تي حملو ڪرڻ سولو ٿي پوندو. ان صورت ۾ فيروز پور واري انگريزي فوج ستلج پل ۽ هري ڪي پتڻ وسيلي پار اڪري دشمن جي پاسي واري فوج تي حملو ڪري سگهندي. پر جيڪڏهن اها ايرارس جي پتڻ کان پار ڪندي تہ بياس جي ڪناري سان بيٺل بچاءَ واري انگريزي فوج جي وڏي مدد ڪري سگهندي.

## بچاءَ واري جنگ لاءِ سکن جي تياري ۽ انگريز جي پيش قدمي

انگريزن جي هن قسم جي فوجي حڪمت عمليءَ ڪري سکن جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين ئي کسڪي وئي هئي. هنن لاءِ فيروزپور يا بياس واري انگريزي فوجن تي حملا ڪرڻ رُڪ جي چٽن چبڙ کان گهٽ ڪونہ هئا. تنهن ڪري انگريزن جي فوج تي اڳرائي ڪرڻ بدران فوجي ڪئمپ اندر خندقون جوڙي ويهي رهي هئي ۽ بچاءَ واري جنگ لاءِ تيار هئي. اهڙيءَ ريت سر چارلس جي فوج ملتان کان مٿي وڌي، سک فوج جي پاسي ۽ دُمبالي ڏانهن اچي رهي هئي. سک جنرل جي ارادي مان محسوس ٿي رهيو هو تہ پنهنجي فوج کي خندقن ۾ ويهاري لاهور ۽ امرتسر جو بچاءُ ڪري رهيو هو. ان وقت انگريزن جي فوج بياس وٽ ۽ امدادي فوج فيروز پور ۾ موجود هيون. جيڪي ساڳئي وقت ستلج ۽ بياس کي پار ڪري رهيون هيون. چاڪاڻ تہ انهن فوجن جي اڪرڻ لاءِ پليون ۽

دريائي پتڻ موجود هئا. جڏهن هنن پنهنجي سان سر چارلس وارو لشڪر اچي ملندو ته اهو گڏيل لشڪر به رڳو پنجاب راڄڌاني لاهور فتح ڪري سگهندو پر سارو پنجاب تي قبضو ڪري سگهندو. ان وقت هيءَ فوج چناب ۽ جهلم جي ڪنارن تائين وڃي پهچندي.

پر جيڪڏهن انگريزي فوج هن جنگ ۾ سوياري نه به ٿي ته، ان جي پوئتي هٽڻ وارا ستلج ۽ بياس وارا رستا بلڪل صاف ۽ محفوظ آهن. جيڪڏهن انگريز فوج کي ڌڪي پوئتي هٽايو ويو ته اها پوئتي هلي فيروز پور ۾ ترسندي. جڏهن ته مکيه فوج پوئتي وڃي اتر ستلج کان ٿورو پوئتي هٽي وڃي منزل ڪندي. سک فوج فتح کان پوءِ انگريز لشڪر جي ڪيڏو ڏوڪي ڪاهي ڪانه پوندي ڇاڪاڻ ته سر چارلس جي فوج کيس ائين ڪرڻ ڪانه ڏيندي. هيءُ هڪ تصوراتي قسم جو جنگي نقشو آهي. جنهن کي هتي ڇڏي وري سنڌ جي انتظاميه واري موضوع ڏانهن موٽون ٿا. اهو فقط جنگ جو ميدان ڪونه هوندو آهي. جتي اعليٰ فوجي عملدار کي جرئت ۽ بهادري جو مظاهرو ڪرڻو هوندو آهي.

## ساٿين کي اعزاز نه ملڻ تي نيپئر جا احساسات

سر چارلس ڪراچيءَ ۾ بيمار ٿي پيو هو پر هن انهن ماڻهن کي ويڳاڻو ڇڏي ڪونه ڏنو هو جيڪي هن کي پنهنجو زندگيون ارپي چڪا هئا. هن اک وٺائي اهو ڪونه ڏنو هو ته هو پاڻ اڳهو ۽ اهنجو آهي. کيس اعزاز ڏيڻ لاءِ به سرڪار تيار نه آهي ۽ هن کي نفرت وارين نظرن سان ڏنو پيو وڃي. هو سمجهندو هو ته هن عوام لاءِ منصبي فرض سرانجام ڏنو آهي ۽ عظمت حاصل ڪئي آهي. تنهن ڪري هن هميشه پنهنجي عزت نفس ۽ وقار کي ڏٺو. سندس چوڻ آهي ته "جيڪڏهن سرڪار مون کي ڪنهن اعزاز سان نه نوازيو آهي ته مون کي ان جي ڪنهن به قسم جي پرواهه ڪانه آهي ۽ سرڪار جون اهڙيون ڪڏيون ڳالهيون مختلف نمونن ۾ ڏسجي رهيون آهن. منهنجي ان ماتحت عملي کي به اعزاز ڪونه مليو آهي، جيڪو بلوچستان واري فوجي مهم ۾ مون سان گڏ هو. جيڪڏهن منهنجي بدران ڪو بيو جنرل ائين ڪري ها ته سرڪار جون نوازشون ۽ اعزاز مينهن وانگي مٿس وسن ها. مان اهڙن ڏکن ڏوجهرن جو بدلو وٺڻ به ڪونه ٿو چاهيان. مان اهو به ڪونه ٿو چاهيان ته بي انصافيءَ خلاف ڪيل شڪايتن جو مون کي جواب ملڻ کپي. جيتري قدر اعزاز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو سوال آهي تہ اهو چاهي ملي يا نہ ملي، پر مان پنهنجو فرض ادا ڪندو رهندس. مان فقط ايترو چوندس تہ جن ماڻهن کي اعزاز مليا آهن تن ڪڏهن بہ فوجي ڪمان ڪانہ سنڀالي هئي. هارڊنج ۽ گوف منهنجا اعليٰ ۽ ڪرنل سمٿ منهنجو ماتحت آهي. اها اهم ڳالهہ آهي تہ ڪيس بئرونيٽ بڻايو ويو آهي. ائين ٿيو آهي تنهن جي مون کي ڪنهن بہ قسم جي پرواهہ ڪانہ آهي. مان عزت ۽ صحيح هجڻ جي ناتي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪندو رهندس. چاڪاڻ تہ مان هميشه ڪم سان پيار ڪيو آهي. جيڪڏهن سرڪار جي وزيرن کي هن قسم جو صحيح احساس نہ آهي تہ اهو منهنجو قصور نہ آهي."

## نيپئر ۽ سنڌ متان آزارن جا انبار

اچرج جهڙي ڳالهہ اها بہ آهي تہ جڏهن سرڪار جو هن ڏانهن رويو سنو ڪونہ هو تڏهن تہ سنڌ جي هر ترقيءَ واري ڳالهہ کي پڻ روڪيو ويو هو. هن ملڪ سان اها ويڌن تيستائين هلندي رهي جيستائين هو سنڌ ۾ رهيو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ ڪيس اڻ ڪٿ روحاني سگهہ آهي. تنهن ڪري هو جهڪڻ وارو ڪونہ آهي ۽ سنائيءَ لاءِ تار کي بہ تانگهو سمجهي اڪري ويندو آهي. سنڌ جي فتح جي پهرين ٽن سالن دوران هن مياڻي ۽ دُبي جي جنگين جي اثر مهامري، ڏڪار ماڪڙ جي تباهي، سنڌو جي چاڙهہ سبب پاڻيءَ جي مچايل تباهيءَ ڌاڙيلن جي حملن، بمبيءَ واريءَ ڏر جو آزار ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جو مٿس ڏاڍ رهيو جنهن سندس قائم ڪيل انتظاميہ کي اڳتي هلڻ ڪونہ ڏنو هو. چوٿين سال جي ابتدا ۾ ڪيس پنهنجي فوج وٺي موٽي وڃڻ جو حڪم مليو هو جنهن ڪري مٿس ۽ سندس ماتحت فوجي عملدارن تي ڏاڍو اثر ٿيو هو. پر اچرج جي ڳالهہ اها آهي تہ هن ان جنگ لاءِ تڪليف ۽ مشڪلاتن هوندي بہ پنهنجي فوج کي منظم ڪيو هو. پر ڪيس ان وقت واپس ڪيو ويو جڏهن سندس بهادر فوج دشمن سان ميدان ڪرڻ واري هئي ۽ هن کي پنهنجي جرئت ۽ حوصلي جو داد ملڻو هو.

پر اجا بہ هڪ وڏي آپدا سندس تاڙ ۾ گهاڙ ۾ گهَٽ جهليو بيٺي هئي. انهيءَ سال ڪراچيءَ ۾ ڪالرا جو ڪاريهر نانگ نڪري نروار ٿيو هو. جون جو مهينو هو. چوڏس ڏهڪاءُ پکڙيل ويو هو. مئي مهيني ۾ اها اگري بيماري ڏيهي ماڻهن ۾ پئي، جيڪا جون ڌاران اچي فوج ۾ پئي. 14

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون تائين سيئي ماڻهو واسجي ويا. يورپي ۽ غير يورپي ماڻهو ونجي ويا. جنهن به ماڻهوءَ بسترو ورتو تنهن جيئڻ جو آسرو ڪنيو. سڀ ماڻهو هراسجي ويا. بورچي ۽ ڪاسائي وٺي ڀڳا. جن ڪي نه ماني ڀُيو مليو نه پاڻي ڏڪ نصيب ٿيو نه دوا نه دارون. مٿي ڇانوَ لاءِ ڪو وڻ ٻوٽو به ڪونه هو. جون جو مهينو سج نيزي پاند ۾ هيٺان ڌرتي ٽامون. ڄاڏي نهار تاڏي لاشن جا سٿا لڳيا پيا هئا. سارا پٽ پڌر ۾ جهنگ جهر ماڻهن جا مڙهه هئا، ڌرتي ته ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ٿي آئي.

## فوج ۾ ڦهليل ڪالرا ۽ جنرل جو آٿت

فوجين جي ٻوڙ ڏڪ اسپتالن ڏي لڳي پئي هئي. هنن مان ڪي ته چريا ٿي پيا هئا. رسد گاهه جا ماڻهو جڏهن گاڏين تي شراب ڪٽي ايندا هئا ته ماڻهو اهو ڦري لٽي ڪٽي هليا ويندا هئا. ڇاڪاڻ ته سمجهيو ويندو هو ته ان بيماريءَ جو اهو ئي واحد علاج آهي. ماڻهو اڪين آڏو موت ڏسي پنهنجا هوش حواس وڃائي چڪا هئا. هي اهو زمانو هو جو جنرل سر چارلس ۽ سندس ماتحت عملو اڃي ڪراچي پهتو هو جنهن ڏٺو ته ساري ڳالهه ئي اُلٽ لڳي پئي آهي ۽ انتظام جو ته ٿيو ئي اونڌو لڳو پيو هو. هن نيون هدايتون ۽ حڪم جاري ڪيا. ماڻهن کي دم دلاسو ۽ آٿت ڏنو. فوج به هيانءُ هاري ويٺي هئي. انهن کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ جنرل پاڻ کي چڻ ته اربي ڇڏيو هو. اسپتالن جو عملو شراب جو عادي ٻڌجي ويو هو. هو بيمارن کي پاڻ دوائون پيارينڊو هو. مرندڙن کي پاڻ اسپتال پهچرائيندو. ڪن بيمارن جي بدن جا عضوا ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا هئا ته هو پاڻ ڪين مالش ڪندو هو ۽ ڪين جيئڻ جو حوصلو ڏيندو هو. هو ائين گهمندو ڦرندو ۽ هر فوجي کي آٿت ڏيندو وتندو هو جيئن ڪو جنگ جو ميدان هجي.

هن بيماري جو 14 هين کان 18 هين تاريخ تائين زور رهيو هو. سمجهه ۾ ائين اچي رهيو هو ته ساري فوجي ڇانوڻي مري کپي ويندي. ڪو ڀانجهُرَ ڪونه بچندو. 30 هين تاريخ تائين ان جو زور ته گهٽجي ويو ته به ان ڏينهن هڪ سو ويهه ماڻهو مئا هئا، جيڪي فوجين کان سواءِ هئا. جنرل ۽ سندس ماتحت عملو به پيرا ڏهاڙي اسپتال ايندو هو ۽ هر بيمار جي بستري تي پهچندو هو. حال احوال پڇندو ۽ ڪيس جيئڻ جو حوصلو ڏيندو هو. سندس هي منصبي فرض ڏاڍو ڏکيو هو. ڇاڪاڻ ته وچڙندڙ بيماري ۾ موت وايو منڊل ڳنڀير ڪري ڇڏيو هو. سندس اهو ڪم عظيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. اسپتالون تمام پري واقع هيون. سندس رهائش کان ويجهي ۾ ويجهي اسپتال هڪ ميل پري هئي. گرمي خطرناڪ منصبي فرض جي ادائگي خوفناڪ. هڪ اسپتال کان ٻيءَ تائين سارو سفر پنجويهن ميلن جو هوندو هو. ان ڪانسواءِ هر هڪ مريض وٽ بہ شخصي طور وڃڻو پوندو هو. مرندڙ فوجي ڪيس پنهنجي پرسان ڏسي، ڏاڍي سڪون سان مري سگهندو هو ڇاڪاڻ تہ سمجهندو هو تہ مرڻ وقت فوج جو جنرل هن سان گڏ آهي، تنهن ڪري سمجهدو هو تہ ڪيس دنيا جيٰ بهترين دوا ملي وئي آهي. اڳئين‍ءَ بيماري تہ خود هن کي بہ نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو هو. هن جو پنهنجو گهر بہ ٻهاري هلي وئي هئي. سڀ کان پهريائين هن جي ياٽتي جان نيپئر جي زال ٻئي ٻار کي جنم ڏيڻ واري هئي تہ پاڻ وڃي مٽيءَ جي مهمان ٿي. جلد ئي جنرل جو ياٽتيو جان نيپئر بہ هيءَ دنيا ڇڏي، وڃي پنهنجي گهرواريءَ جي قبر پرسان پنهنجي جاءِ سنڀالي. هي ٿورو وقت زنده رهيو هو. ڪيس فوجي زندگيءَ ۾ بهادر ۽ جرئت ڏيکارڻ جو گهڻو موقعو ملي ڪونہ سگهيو هو. پر ٻچو شينهن جو هو. جنرل سر چارلس کي ڏاڍو صدمون رسيو، ڇاڪاڻ تہ جان نيپئر نہ رڳو سندس ياٽتيو هو پر هڪ پرجوش ۽ بهادر فوجي بہ هو. ان وقت هي هڪ عزت ڀريو منصبي فرض ادا ڪري رهيو هو. جيڪو سچ ۽ ايمانداريءَ وارو رستو هو. هن ڳنڀير وايو منڊل ۽ موت جي خوفناڪي ماحول ۾ ڏاڍي جرئت ۽ حوصلي سان پنهنجو منصبي فرض سرانجام ڪري رهيو هو. اهو ماحول جنگ جي ميدان کان بہ وڌيڪ ڀوائتو هو.

شمار ڪرڻ ڪانپوءِ معلوم ٿيو تہ ست هزار ماڻهو مري چڪا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ ڇانوڻيءَ ۽ شهر جي آدمشماري جو ٽيون ڀاڱو اُگهجي صاف ٿي چڪو هو. اهڙيءَ ڀينگ ڪرڻ کان پوءِ مس وڃي بيماريءَ ۾ ناپر آئي هئي. اهڙيءَ ريت اوسي پاسي واري جوءِ ۾ ست هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿيا هئا. جڏهن موت جو فرشتو هن ملڪ مٿان اڏاڻو هليو ويو تہ پنهنجي پٺيان روج راڙي جو پڙاڏو ۽ تباهيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇڏي ويو هو.

## ڪالرا واريءَ وبا بابت نيپئر جي راءِ

انهيءَ زماني ۾ سر چارلس نيپئر هن ريت لکيو هو تہ "هيءَ پراسرار بيماري پهريائين وٺندي ئي ان ماڻهوءَ کي هئي جيڪو سيني کان سنو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهو متارو هوندو هو. مان ايتريءَ تڙ تڪڙ ۾ مختلف ريجمينٽس جي فوجين کي ورهائي هيڏي هوڏي موڪلي ڇڏيو. جيتري مون کي وهٽن ۽ ٻي سواري جي سهوليت هئي. پر پهرين ٽين ڏينهن دوران بيماري ڏاڍو چٽڪو ڇڪايو ۽ معلوم ائين ٿي رهيو رهو ته ڄڻ اها اجهل ۽ اٽل آهي. 17 هينءَ واري رات جو ڪيس ڪجهه ڏڪ لڳو ۽ ارڙهين تاريخ جي رات جو ڪهتجي وجي اڌ تي بيٺي هئي. 19 هين تاريخ تي فقط پندرهن فوجي هن جو بک بڻيا. ڊاڪٽرن چيو سياڻي اها ختم ٿي ويندي. اها هڪ عجيب ۽ پراسرار بيماري هئي. جيڪا اڄ به ياد آهي. ڪن جڳهن تي اها عضون سڪڻ سان شروع ٿي هئي. اهڙي قسم جي شديد بيماري کي ڏسي ماڻهو هراسجي ويا هئا. ڪٿي وري انهيءَ بيماريءَ ڪري ماڻهو ماٺ ٿي ويندو هو ۽ ڳالهائي ڪونه سگهندو هو. اهڙا بيمار جڏهن اسپتال پهچندا هئا ته خاموش هوندا هئا جيڪي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ چرڻ پرڻ کان چڪتو هوندا هئا. اهڙا ماٺ ساڏيل ماڻهو ٻن ٽن ڪلاڪن جا مهمان به مس هوندا هئا. باقي هنن سان گڏ ماڻهن جون رڙيون ۽ روج راڙو وايو منڊل وڏيڪ ڳنڀير ڪري ڇڏينديون هيون.

مان سمجهان ٿو ته ڪالرا جي بيماري گندي پاڻي جي استعمال ڪري ٿئي ٿي ۽ ڊاڪٽرن جو به ساڳيو خيال آهي. ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ٿڌي پاڻي جي ٻن ٽن ڍڪن پيارڻ کان پوءِ پيٽ پاڻيءَ سان پرجي ويندو آهي ۽ الٽيون شروع ٿي وينديون هيون ۽ پيٽ وارو گندو پاڻي ٻاهر نڪري ايندو هو. ٿوري وقت کانپوءِ بيمار نوبنو ٿي پوندو هو. هر اسپتال ۾ ٿڌي پاڻي جي ضرورت هوندي هئي. پر ان کان وڌيڪ سوڊا واٽر جي سخت ضرورت هوندي هئي. اتفاق جي ڳالهه اها هئي ته سوڊا واٽر ڪراچي ۾ تيار ٿيندو هو ۽ ڏهاڙي هزارين بوتلون ٺهنديون هيون. مان ڊاڪٽرن جي همت افزائي ڪندو هوس ۽ کين چوندو هوس ته سوڊا واٽر جون جيتريون به بوتلون ڪم آنديون وينديون اوتريون کين ملي وينديون. موت ته ناگزير آهي، پر موت وقت مريض کي پيٽ جو سور ۽ اچ نه هجي. اهو به هڪ عجيب اتفاق هو جنهن ڏينهن ڪالرا منهن ڪڍيو ان ڏينهن مان اخبار ۾ هڪ اشتهار پڙهيو جيڪو هڪ ڊاڪٽر ڏنو هو ته ڪالرا جي بيماريءَ لاءِ ٿڌو پاڻي اڪسير علاج آهي. اهڙيون سڀ ڳالهيون مان اسپتالن ۾ ڏسي چڪو هوس. تنهن ڪري مان هاڻي يقين سان چئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهان ٿو تہ ڪالرا جي بيماري لاءِ تڏو پاٽي پيارڻ بہ علاج ۾ شامل ڪيو ويجي. مون کي تہ هن بيماريءَ ڏيڇاري وائڙو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ اٿم تہ متان ساري ڇانوٽي هن اگري آپدا جي ور چڙهي ويجي. ان کان سواءِ ڏڪار جي ڏائڻ بہ ڏند ڪرٽي رهي آهي. سج بہ ڌرتيءَ تي آگ جا اُلا اوڳاڇي رهيو آهي. هن وقت تائين مان سنڌ ۾ ايتري گرمي ڪانہ ڏٺي هئي. موت جي هن جهٽڪي تائين اسان ڏاڍا صحتمند هئاسون.

## بيماري، ان جو پوءِ سنڌ جي صورتحال

هن ڪالرا جي ڪري سنڌ جي آدشماري گهٽجي وئي هئي. ڪي مري کپي ويا تہ ڪي وري مرڻ جي پوَ کان سنڌ ڇڏي، جاڏي آين تاڏي پڇي هليا ويا هئا. ڏڪار بہ ڏيهہ کي ڏڪائي ڇڏيو هو. اوسي پاسي وارن بہ وني گوڏن تي زور رکيو هو تہ متان کين بہ نہ اها بيماري وچڙي وڃي. ڪاڏي پيٽي جون شيون فوجي ڪئمپ ڏانهن کٽي اچڻ کان بہ ڏاڍا وٺن ويندا هئا، تنهن ڪري فوج ڪاڏي پيٽي جي هر شيءِ لاءِ پئي پاٿون ڪاڏيون. هن بيماريءَ راڳا ڪري ڇڏيا هئا، پر جيڪڏهن سوڊا واٽر واري فيڪٽري نہ هجي ها تہ اجا وڌا هاجا تي گذرن ها، پر اها اتفاقي ڳالهہ هئي. سر چارلس سرڪار کي لکيو هو تہ ملير نديءَ کي ڪراچيءَ ڏانهن آڻن جو منصوبو منظور ڪيو وڃي پر ائين ڪونہ ٿي سگهيو هو. ڪراچيءَ جي جر واري پاڻيءَ ۾ اهڙيون شيون گڏيل آهن، جيڪي انساني صحت لاءِ هاڃيڪار آهن. وائسراءِ اهڙو منصوبو رد ڪري ڇڻ هٽ سان بيماري قبولي هئي ۽ ترقي جي ڪم کي روڪي صورتحال کي وڌيڪ خطرناڪ بڻائي ڇڏيو هو. ٻہ سال کن ٿيندا تہ سر چارلس ڪراچي کي مٺي پاڻي ڏيڻ لاءِ هڪ جامع منصوبو جوڙيو هو پر اختياري وارن ان کي اجايو سمجهي، سندس خط جو ڪو جواب ئي ڪونہ ڏنو هو. راجا جي جرم ۾ انيا ڪري پرجا مري ناس ٿي وئي هئي.

## سنڌ جا اهم مسئلا ۽ ڪامورا شاهيءَ جي لاپرواهي

ڪامورا شاهي جي لاپرواهي ڪري اهميت واري هر شيءِ اڌوري رهجي وئي هئي. فوجي سامان جي نقل حرڪت لاءِ بہ هڪ منصوبو جوڙيو ويو جيڪو ٻن سالن تائين سرڪار وٽ پيو رهيو هو. اريگيولر ڪارپس لاءِ جن عملدارن جا نالا ڏنا ويا هئا، تن جا پڻ گزيٽ ڪونہ ڏنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا هئا. سنڌن پگهارن تي بہ متي وارا ماڻهو راضي ڪونہ هئا. تنهن ڪري اهڙن عملدارن کي سرڪار طرفان ڪنهن بہ قسم جي سهوليت مليل ڪانہ هئي. هندستان سرڪار مختلف اسمن تي ستر هزار پائونڊ ڪيڙرايا هئا. پر انهيءَ عملدارن جي پگهارن جو ڪين خيال ڪونہ هو جيڪي اڳئي سرڪاري کاتن ۾ ملازم هئا. تنهن پبلڪ اڪائونٽ کي سايو ڪري منجهايو ويو ۽ اڪائونٽنٽس کي مشڪلاتن ۾ ڦاسيو ويو هو.

## مير علي مراد سان ڪيل معاهدو رولڙي جو شڪار

ساڳيءَ ريت علي مراد وارو معاهدو بہ رولڙي جو شڪار تي ويو هو. ٽالپر حڪمرانن کي سنڌ جي حڪومت موٽي ملڻ جا افواهہ اٿيا هئا، تنهن ڪري خيرپور جي هن حڪمران جون هيٺيون هيٺ مٿيون مٿي رهجي ويون هيون ۽ سوچي رهيو هو تہ ڪتو بہ ڪاڏم ڪک بہ ڪانہ پري. جيڪڏهن اصلوڪن حڪمرانن کي سنڌ جي حڪومت ملي تہ سنڌس تہ لاهہ ئي نڪري ويندا. تنهن ڪري هي ٽالپر حڪمران انگريز سرڪار جو وڏيڪ وفادار ۽ تابعدار رهڻ جو سوچي چڪو هو پر ڪيس پنهنجي ارادي جي اظهار جو موقعو ڪونہ تي ڏنو ويو. جيڪڏهن ساڻس نئون معاهدو ڪيو ويندو تہ هو وفاداري جو اهڙو اظهار سولائيءَ سان ڪري سگهندو. ليڪن هن موضوع بابت ڪنهن بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي هئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نہ ان معاهدي کي نہ بحال ڪيو ويو ۽ نہ وري ان کي رد ڪيو ويو هو. بس ان دستاويز تي ماٺ جي مهر لڳائي وئي هئي.

## ڪامورا شاهيءَ جي هر منصوبي کي رد ڪرڻ واري روش

سر چارلس اهڙيون پُڏيون ڳالهيون ڪامورا شاهي جي انهن سول ۽ فوجي عملدارن ڏانهن منسوب ڪيون هيون جيڪي لارڊ ايلنبرو جَي هر منصوبي کي رد ڪري رهيا هئا. اهڙو ذڪر اڳي بہ تي چڪو آهي. هاڻي تہ اهو ماڻهو بدلي تي چڪو آهي، پر اهي ساڳيا ماڻهو سڀ ڪسرون سنڌس ڪامياب جنرل چارلس مان ڪيڍي رهيا آهن. سر هينري هارڊنج نئون ماڻهو آهي، تنهن ڪري ڪيس هندستان جي معاملن جي اڃا ڄاڻ ڪانہ آهي. هن وقت وڏيءَ جنگ يا ڏرين وچ ۾ ٿيندڙ ناهہ جو معاملو سنڌس هٿن ۾ آهي. تنهن ڪري ٻيا معاملا هن جي ماتحت عملدارن، سيڪريٽرين ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورڊس جي هٿن ۾ آهن، جيڪي سر چارلس کي ائين ڏسي رهيا آهن، جڻ اچي لٿي تي رت جو داڳ. هنن ماڻهن جي وات جي وائي هر چوٽي ٻٽجي وئي "Oh Let Scinde Wait" تنهن ڪري سنڌ کي فائدي ڏيڻ جو لاڳاپو به اهڙن عملدارن سان آهي، جن جي ہوتي ته سر چارلس سان گڏ رجهي ئي ڪانه تي. تنهن ڪري سندس هر ڳالهه ۾ منصوبي کي رد ڪيون وينا آهن. اهڙيءَ ريت سنڌ جي انتظاميا جي حڪمت عملي جي وٽن ڪا اهميت ڪانه آهي.

### ڪامورا شاهيءَ بابت نيپئر جي راءِ

هن لکيو آهي ته "مان جڻ ته واريءَ ۾ مندي ماڻهو جو مثال آهيان. جيڪڏهن مان ڪنهن به ڌر سان جنگ جوتيندس ته لکپڙهه جا ڪاڳر ڪارا ٿيڻ شروع ٿي ويندا ۽ سرڪار جو هر ڪاتو سر هينري هارڊنج ۾ مون کان پل پل جو پيا پڇاڻو ڪندا ته، ٻڌايو اوهان پنهنجي انهيءَ عمل ۾ صحيح آهيو؟ هن ڪم کان به ٿي سال پوءِ وري اهو الزام به ٿاقيندا ته مان جذباتي آهيان ۽ منهنجو هر اندازو غلط ثابت ٿيندو آهي ۽ سرڪار کي گهربل هر شيءِ کان بي خبر آهيان. اها راند عام ۾ رواجي آهي جيڪا قيمتي شمع ٻاري ڪيڏي وڃي. اها شمع منهنجي زندگي آهي. جيڪا ڪم جي انبار ڪندي ڪندي اجهامي ويندي. ماڻهن يا ادارن کي انصاف ڏيڻ لاءِ مان هر وقت تيار آهيان، پر جيڪڏهن ڪا ٻچڙائي سرڪار کي متاثر ڪرڻ شروع ڪندي ته پوءِ مان هر شيءِ کي ان جي ئي رفتار سان هلڻ ڏيندس ۽ مان هٿ ڪڍي ويندس. حقيقت اها آهي ته عوام جو نقصان ٿي رهيو آهي. پر مان ڪجهه به ڪري ڪونه ٿو سگهان. ڇڪن نڪ کي ٿا ته وڏي وري پيٽ ٿو وڃي. ڪوشش ڪيون ٿا ته چڱائي جو نتيجو برائي ٿو نڪري. مان سنڌ جي سکي ستابي تهذيب جي تصور کي قربان ڪرڻ ڪونه ڏيندس ۽ آفيسر شاهي سان اجائي بحث ۾ پنهنجو وقت ڪونه وڃائيندس. مان پنهنجي جاءِ تي خوش آهيان، هو پنهنجي جاءِ تي مگن رهن. جيڪڏهن اهي ماٺ رهندا ته مان به ڪجهه نه ڪندس."

مخالف ڌر سر چارلس کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو هو. پر ڪيس ڪيترائي اختيار هئا. تنهن ڪري هو تڪڙي ترقي ڪري اڳتي نڪري ويو هو. ڪالرا جهڙي اُگريءَ آپدا کي به هن مڙسيءَ سان منهن ڏنو هو. تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ڪيس هنن لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو ويو هو. ڪيس ڪي نہ وڏي عمر نہ ٿڪ، نہ چوڌاري پکڙيل خوف خطرا، بيماري، نہ شخصي ڏک ۽ غم ئي پنهنجي منصبي فرض جي ادائگي کان روڪي سگهيا هئا.

## سنڌ جي زرعي پيداوار ۽ واپار ۾ واڌ

سنڌ جي زراعت ۽ تجارت تمام گهٽي وڌي وئي هئي. ۽ پيداوار بہ ايتري گهٽي وڌي وئي هئي جو ماڻهن کي اچرج تيڻ لڳو هو. ڪيتري وقت کان وٺي ائين سمجهيو پئي ويو تہ هن ملڪ جي پيداوار ايتري ڪانہ آهي جو ان جي انتظاميہ تي ايندڙ خرچ جو پورائو ٿي سگهي. 44-1843ع ۾ ساري پيداوار نوَ لک هئي، پر انهيءَ زماني ۾ انتظامي ڪاروبار چڱي نموني سان هلي رهيو هو. جنهن ڪري 45-1844ع ۾ پيداوار جا انگ اکر وڃي ستاويهين لکن تي پهتا هئا. 46-1845ع وارو سال اپريل ۾ پورو ٿيو هو. ان سال جي پيداوار چاليهہ لک ٿي هئي. جنهن مان ايڪتيهہ لک روپيا يا ٽي لک ڏهہ پائونڊ اسٽرلنگ جي بچت ٿي هئي. جنهن کي سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايو ويو هو. اها بقايا سول انتظاميہ جي ۽ ٻہ هزار پوليس وارن جي خرچ جي ادائگي کان پوءِ ٿي هئي، جنهن ۾ گهوڙيسوار ۽ پيادل پوليس جون پگهارون ۽ ٻيا خرچ بہ شامل هئا. جڏهن تہ ڍل ۽ محصول جو اڳهہ ميرن واري زماني کان اڌ جيترو وصول ڪيو ويو هو. ان کان سواءِ ڪو نئون محصول وغيره بہ ڪونہ مڙهيو ويو هو. اهڙيءَ طرح سرڪاري خرچن کي وڌائڻ کان روڪيو ويو هو.

## پيداوار وڌڻ جا ڪارڻ

پيداوار هر سال انهيءَ ڪري وڌي رهي هئي جو هڪ طاقتور انتظامي جوڙجڪ موجود هئي. جنهن ڪري ان ۾ وڌيڪ باقاعدگي ۽ وسعت ايندي رهي هئي. انهيءَ سان گڏ تجارت ۽ زراعت بہ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري رهي هئي. هر ڇهن مهينن کان خرچ ۾ گهٽتائي اچي رهي هئي. ڇاڪاڻ تہ ابتدائي دور ۾ نئين انتظاميہ جي قيام لاءِ وڌيڪ خرچ ڪيو ويو هو جيڪو مستقل ڪونہ هو جنهن جو مثال بئرڪن ۽ قلعن جي مرمت ۽ تعمير هئي. اهڙيءَ ريت واهن جي کوٽائي تي ايندڙ خرچ کي غير مستقل سمجهڻ گهرجي. هن کان اڳ اهو ڪم ڪاردارن جي ذميواري هوندي هئي. هنن ماڻهن پنهنجي مفاد خاطر اهڙو خرچ بيٺ تي وڌائي

چڏيو هو. هاڻي اهو ڪاتو ميجر اسڪاٽ جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن ساري جوڙجڪ ڪري، هن ڪاتي کي مڪمل ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ هن سنڌ جي جنرل سروي ڪري، پاڻيءَ جي سطح معلوم ڪري ورتي آهي. جنهن ۾ خرچ ۽ وڏيءَ محنت جي ضرورت هئي. سنڌس اختيار ڪيل طريقه ڪار سائنٽفڪ هو. ان کان پوءِ ڪاردارن جو اثر دخل ختم ٿي ويو هو.

## نئين آبپاشي نظام ڪري زراعت ۽ واپار ۾ واڌ

هن نئين نظام مطابق زمين جي وسيع ايراضي آبادي هيٺ اچي چڪي هئي. جڏهن ته خرچ تمام ٿورو آيو هو. هنن ٻنهي طريقن ڪري پيداوار گهٽي وڌي وئي هئي. پر پاڻيءَ جي استعمال لاءِ سلوس گيٽ هڻڻ ضروري هو. پر انهيءَ کان اڳ سنڌوءَ جي پاڻي تي ضابطو رکڻ ضروري هو. پوءِ اهو چاڙهه جو پاڻي هجي يا عام رواجي وهڪرو هجي. هن کان اڳ واري زماني ۾ اٿل جو پاڻي چوڌس پيئنگ ڪري ڇڏيندو هو ۽ عام رواجي وهڪري جي پاڻيءَ کي به گهٽ ڪتب آندو ويندو هو. جون ۽ جولاءِ ۾ سنڌوءَ ۾ پاڻي تمام گهڻو اچي ويندو آهي. پوکي به جام ٿيندي آهي پر ٿيندو چاهي ته سنڌوءَ ۾ اوچتو ئي لاٿ اچي ويندي آهي ۽ ڪاهيل فصل پاڻيءَ جي کوٽ ڪري سڪي سڙي ناس ٿي ويندا آهن ۽ هارين نارين جو سارو پورهيو ئي پاڻيءَ ۾ هليو ويندو آهي. پر جيڪڏهن پاڻيءَ جي چاڙهه جي ٻي لهر وقت تي پهچي ويندي آهي ته فصلن جي بچڻ جو آسرو ٿي پوندو آهي ۽ فصل پلو لهندو آهي. درياهه جو ٿورو پاڻي مس وڃي ڍنڍون ڍورا ڀريندو آهي جن ۾ رڳو پاڻي جا گاهه ٿيندا آهن ۽ تپاولي شروع ٿيندي آهي، پر جيڪڏهن پاڻيءَ جي استعمال لاءِ سلوس گيٽ ڪتب آندا ويا ته پاڻيءَ جي لاٿ ۽ چاڙهه گهڻو نقصان ڪري ڪونه سگهندو. ابتدا ۾ ته هتان جي اڻ پڙهيل ماڻهن اهو سمجهيو هو ته سنڌوءَ جي پاڻي تي قبضو ڪرڻ معنيٰ ڪين ٻک وگهي مارڻ آهي. بمبئيءَ واريءَ ڌر به ڳالهه مان ڪٽي ڳالهوڙو بڻايو هو ۽ چئي رهي هئي ته اهي بيوقوفيءَ جون ڳالهيون آهن جڏهن ته جلد ئي ماڻهن مان اجائي واويلا جا ڪارا ڪڪر دور ٿي ويا هئا ۽ جلد ئي هتان جي مفتوح ماڻهن کي فتح جو فائدو ملي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاتح ٿوري وقت اندر پاڻي جو هڪ نئون نظام قائم ڪري ورتو ۽ ڏاڍو خوش هو. ماڻهو به ان نظام کي سمجهي چڪا هئا. پاڻي تي ضابطي ۽ عام استعمال ڪري سج جي گرميءَ ۾ گهٽتائي اچي ويندي ۽ گهم تي به ضابطو رکي سگهبو. هن نئين آبپاشي نظام وسيلي سنڌ گهڻي آباد ٿي ويندي، وونئڙ، ڪمند، نير، ڪٽڪ ۽ ٻيا ننڍا وڏا فصل ٿي پوندا. اڳي واپاري قافلا قلات ۽ لس ٻيلي کان ٿيندا سون مياڻيءَ وٽ پهچندا هئا جيڪو ڪراچي پرسان هڪ ساموندي بندر هو پر هاڻي امن امان ٿي وڃڻ ڪري سيوهڻ کان ٿيندا ڪراچي پهچن ٿا. تنهن ڪري سر چارلس نيپئر ڏاڍو خوش آهي. ڇاڪاڻ ته هن انصاف قائم ڪري ۽ محنت ڪري هي تجارتي رستو آباد ڪري ڇڏيو آهي. اڳي سارو تجارتي سامان سون مياڻي وٽ لهندو چڙهندو هو تنهن ڪري سر چارلس ان بندر کي خريد ڪرڻ جو سوچيو هو. پر جڏهن واپاري قافلا ڪراچي اچڻ لڳا ته هن سون مياڻي کي خريد ڪرڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ ان موضوع تي هلندڙ ڳالهيون به ختم ڪري ڇڏيون هيون.

## آفيم جي سمگلنگ رڪجڻ ڪري بمبئي سرڪار کي فائدو

ان کان سواءِ سر چارلس سنڌ وسيلي آفيم جي اسمگلنگ روڪي، بمبئيءَ جي پيداوار کي وڌائي ڇڏيو هو. تنهن ڪري ڪيس اهو چوڻ جو حق هو ته سنڌ جي فتح بمبئي سرڪار ۽ انگلينڊ لاءِ ڏاڍي فائديمند ثابت ٿي آهي. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي به انهيءَ ڪري وڏو فائدو ٿي رهيو جو آفيم جي اسمگلنگ کي روڪيو ويو هو. ان ڪري ڪمپني کي لکن بلڪ ڪروڙن جو فائدو ٿيو هو. صحيح انگن اکرن جي يقين جوڳي معلومات ڪانه آهي. تنهن ڪري حتمي طور ڪجهه به چئي ڪونه ٿو سگهجي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته پارليامينٽ ۾ جيڪي انگ اکر ٻڌايا وڃن ٿا، سي صحيح ڪونه هوندا آهن. اهڙيون ڳالهيون عوام کان پڻ لڪايون پيون وڃن. سنڌ جي فتح جي فقط هن اڪيليءَ ڳالهه کي ڏسجي ته ڪمپنيءَ کي ڪيترن ئي ملين پائونڊ اسٽرلنگ جو ساليانو فائدو ٿي رهيو آهي.

## سر چارلس نيپئر هٿان سنڌ جو بهتر انتظام

اهڙين واضح ڳالهين هوندي به هرويرو واويلا مچائي وئي هئي ته سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گهٽو خرچ ٿي رهيو آهي. فوجين جي واپسيءَ جا انگ اکر بہ ٺولهيءَ جو ڏيڍ ٻڏايو پيو وڃي. پارليامينٽ ۾ بہ جيڪي انگ اکر ٻڌايا پيا وڃن، سي بہ ڪارا ڪوڙ آهن. هنن سيني ڳالهين جو مقصد سر چارلس نيپئر کي لوئڻ ڌوئڻ ۽ سندس محنت کي تڇ سمان سمجهڻ آهي. پارليامينٽ ۾ حد کان وڌيڪ فوج رکي آهي، پر حقيقت اها آهي تہ بمبئي حڪومت حد کان وڌيڪ فوج رکي آهي. ليڪن پارليامينٽ ۾ ڪجهہ پيو ٻڏايو پيو وڃي. يعني ڳوٺ ڪاٺي ويا ڳيرا ڪارو نانءُ ڪانون جو. هونءَ بہ سر چارلس جو لوڻ ڪڍٽو آهي ۽ جيڪو الزام ٻئي ڪنهن تي نہ ٿهندو آهي تہ سر چارلس تي سورهن آنا سچ ٿي ويندو آهي. انگلينڊ جي ماڻهن کي اهو ڪونہ پيو ٻڏايو وڃي تہ سر چارلس ۾ ڪهڙيون بهترين خوبيون آهن. جيڪڏهن ٻڏايو پيو وڃي تہ بلڪل گهٽائي. جيڪڏهن اصل حقيقتون ماڻهن جي سامهون اينديون تہ مٿس هنيل الزام نسورو ڪوڙ ثابت ٿيندا ۽ انگلينڊ جا ماڻهو ڪيس عزت ڏيندا، پر ڪائنس نفرت ۽ چڙ جو اظهار ڪونہ ڪندا. ويتر ساڻس عقيدت جو اظهار ڪندا ۽ نيڪ جذبن جو اهڙو اظهار غير مشروط هوندو. چاڪاڻ تہ هن سنڌ ۾ قانون سازيءَ جي همت افزائي ڪئي هئي ۽ ان کي تحفظ ڏنو هو جنهن جا نتيجا بہ ڏاڍا سٺا نڪتا هئا ۽ اڃا بہ وڌيڪ سٺا نڪرن ها. پر اوچتو ئي ڪڇيءَ جي جابلو علائقي ۽ پنجاب واريون جنگيون ڇڙي چڪيون هيون، جنهن رڌيءَ پڪيءَ ۾ پاڻي وجهي ڳالهہ ئي اُلٽي ڪري ڇڏي هئي. هنن مان پهرين جنگ 1845ع جي منڍ ۾ جڏهن تہ ٻي جنگ 1846ع جي ابتدا ۾ شروع ٿي هئي. هنن ٻنهي جنگين سر چارلس ۽ سندس ماتحت فوجي عملدارن جي ساري محنت کي لوڻ پاڻي ڪري ڇڏيو هو. هنن ماڻهن گهڙيال جي ڪانٽي وانگر رات ڏينهن هلي هلي، سول انتظاميا جو جوڙجڪ ڪيو هو. ڪيترن مهينن تائين اهو سوچيو ويچاريو ويو هو تہ سنڌ جي انتظاميہ جو جوڙجڪ ڪهڙي طريقي جو هجي، پر ٽن سالن کان اها ڪوشش هلي رهي هئي تہ ان انتظاميا کي ختم ڪهڙي طريقي سان ڪجي. هاڻي تہ اها سنڌ جي سول انتظاميا بلڪل مستقل ٿي چڪي آهي، جنهن جي قيام جي ابتدا سان مهامري پئي ۽ ڏڪار آيو هو. ان کان سواءِ بمبئي واري ڌر بہ گهٽ ڪانہ ڪئي ۽ اختيار جا صاحب بہ مان مرجاتا وارا سپ ليڪا لتاڙي چڪا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب تيرهون

# ٽالپرن کي سنڌ جي حڪومت واپس ملڻ جو آسرو

مير شير محمد 1846ع جي اونهاري ۾ پنهنجو وڪيل سر چارلس ڏانهن موڪليو هو تہ جيئن هو سنڌ اچي سگهي. شايد هو دربدر زندگي کان تنگ اچي چڪو هو يا وري سمجهي رهيو هو تہ انگريز سرڪار سنڌ جي حڪومت ٽالپرن کي واپس ڪري رهي آهي، پر سر چارلس اهو معاملو گورنر جنرل ڏانهن غور لاءِ موڪليو هو. تنهن ڪري اهڙي ڳالهہ بولهہ ختم ٿي وئي. هو پنجاب ۾ رهڻ لڳو هو. سنڌ جي حڪومت ٽالپرن کي موٽي ملڻ جو افواهہ بمبئيءَ واريءَ ڊر اڏايو هو. هن ڊر جي پارليامينٽ ۾ نمائندگي لارڊ آشلي ڪئي هئي. ڪيس هن معاملي جي تہ ڪا خبر ئي ڪانہ هئي. هي اهڙو ماڻهو جن لاءِ نيپولين چيو آهي تہ ”اهي غلط کي صحيح سمجهڻ لاءِ ڳت ڏئي بيهي رهندا آهن ۽ ان لاءِ هر قسم جي قرباني لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. اهڙي ريت هو گنديون ڳالهيون ڪري وڃي پار پوندا آهن“ سنڌ جا ٽالپر بہ مٿس اکيون ٻوٽي اعتبار ڪرڻ لڳا هئا تہ هو ضرور سندن ٻيڙو پار ڪندو. بمبئي جي ڊر بہ اهڙو اعلان ڪيو هو تہ لارڊ آشلي گهربل ڪاغذ ميرن جي وڪيلن کي ڏئي ڇڏيا آهن ۽ جلد ئي سندن ڏوئي ڊڪڻ گيهہ ٽيڻ وارو آهي. تنهن ڪري قيدي ميرن کي سنڌ جي سرحد پرسان معزز مهمانن طور رکيو ويو هو. ليڪن انهن ڪاغذن ۾ لکيل هو تہ ائين ڪڏهن بہ ممڪن ڪونہ هوندو. پر بمبئي واري ڊر ٽالپرن کي اهڙو ويساهہ ڏياري ڇڏيو هو جو هو يقين ڪرڻ لڳا هئا تہ ڪين سنڌ جي حڪمراني اڄ يا سڀاڻي اجهو ملڻ واري آهي. پر اهو نِلهو مڪر ماءُ وارو آسرو هو. پوءِ اها ڪوڙي ڳالهہ بہ ائين پکڙجي وئي جيئن عام افواهہ پکڙيا آهن. اهڙيون ڳالهيون بمبئي واري ڊر لاءِ فائدي واريون هيون. ڇاڪاڻ تہ اهي بہ هنن سان سر چارلس خلاف هاءِ گهوڙا مچائڻ ۾ شريڪ هئا.

## ٻيءَ ڌر جي افواهن اڏائڻ کان پوءِ جي صورتحال

اهڙين افواهن ڪري سنڌ ۾ جڻ ترٿلو پئجي ويو هو. ٽالپرن جا ڪن ڪڙا تي ويا هئا. اهو به چيو پئي ويو ته ٽالپر هاٿي ماٿ ڪري ڪونه ويهندا ۽ پاڻ ۾ ملي ضرور ڪا نه ڪا سازش ڪري وٺندا. ٻيا ٽالپر به هنن سان ملي رهيا هئا ته ڪجهه پارڻ پارجي، پر اهڙيون ڳالهين مان مقصد پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ هو. اهي سنڌن اجايا اوتار هئا جن جو سارو نزلو وڃي سر چارلس نيپئر تي ڪرڻو هو جيڪو وري چڙهي کين ناس ڪري ڇڏيندو. بمبئي ڏر وارا ماڻهو ٽالپرن کي ڏتا ڏئي رهيا هئا ۽ کين سنڌ جي حڪمراني موٽائي ڏيڻ جا حامي ڪونه هئا. سنڌ جي عام ماڻهن جو ته هن قسم جي موضوع سان تر جيترو به واسطو ڪونه هو. پر سر چارلس ۾ سنڌن وڏو ويساهه هو ۽ اڳين ظالم حڪمرانن کان نفرت ڪندا هئا. هو پڪو پهه ڪري چڪا هئا ته حاصل ڪيل آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ وڏي ويڙهه ڪندا. اهڙن افواهن ڪري هتان جا شاهوڪار هندو به ڏجي ويا هئا ۽ پنهنجو پئسو ٻين ملڪن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو هئائون ۽ پاڻ به پنهنجي ڪٽنبن سميت اوڏانهن لڏڻ لاءِ اوڪڙو وينا هئا. واپار ۽ تجارت به ٻيهي وئي هئي، چاڪاڻ ته هن برادريءَ کي شڪ ۽ خوف لوڏي ڇڏيو هو. افواهه اڏائيندڙن جو مقصد به اهو هو. اهڙن اطلاعن کي ڪوڙي ثابت ڪرڻ لاءِ سر چارلس اعلان به ڪيو هو پر ماڻهن تي ان جو اثر گهٽو ڪونه ٿيو.

## سر چارلس جا ويچار

اهڙيون ڳالهيون اڻ سونهيون ۽ الوٽيون هيون. تنهن ڪري سر چارلس کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. چاڪاڻ ته اهي نه رڳو سرڪار لاءِ نقصانڪار هيون، بلڪ عام ماڻهن لاءِ به هاڃيڪار هيون. پر جيئن ته انهن ڳالهين جو سڌو واسطو سر چارلس سان هو تنهن ڪري انهن کان سخت نفرت ڪري رهيو هو. سندس چوڻ هو ته ”مان متن سوين حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجي به خواهش آهي ته سنڌ جي حڪومت يلي اڳي جيان ٽالپرن کي ملي. چڏ منڊي کي واري ۾. هڪ سال اندر انگريزن جي فوج ڪيو ته سارو ملڪ ڪنا ڪيڙا تي ويندو. هر ملڪ جو غريب مهاڏي ڏيڻ کان اڳ ئي ڪنجي ڪٽا تي ويندو آهي. سنڌ جي غريب اڄا هاڻي سک جو ساهه کنيو هو. رکي سکي مانيءَ جا ٻه گرهه به هاڻي مس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين نصيب ٿيا هئا. پگهارون بہ ڪين اچا هاڻي تہ ملڻ شروع ٿيون هيون. شاهوڪار تہ اڳئي شاهوڪار هو هاڻي تہ وڌيڪ شاهوڪار ٿي ويو آهي. ڪين پڪ آهي ڪانئن ڪوئي ڪونہ ڦريندو لٽيندو. واپاري ماڻهن کي سرڪار جو تحفظ حاصل آهي. ڍل ۾ محصول بہ تمام گهٽ ورتو پيو وڃي. تنهن ڪري هرڪو خوش آهي. اهڙي مڪمل امن امان لاءِ ويهہ هزار فوج ۽ ٻيا رسد گاهہ جا ماڻهو آهن جيڪي پگهارون وٺندا آهن. سنڌ جي پيداوار جو ڪجهہ حصو هنن تي خرچ ٿيندو آهي. پلي سنڌ ميرن جي حوالي ڪيو. ساڳيا لاٽون ساڳيا چڳهہ هوندا. غريبن کي پورهيو تہ تمام گهٽو ملندو پر اجوري ڪان آڱونو هوندو. انصاف جا وڻ وڍجي ويندا. ڏَنَ وارن کان ڏَنُ ڦرجي ڪنهن ٻئي خزاني ۾ جمع ٿيندو. جاگيرون بہ انهن کي ملنديون، جن مان ٽالپر حڪمران خوش هوندا. جنهن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو اصول ۽ قانون ڪونہ هوندو. واپارين کي وري نپوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ڍل ۽ محصول ڳاٽي ڀڳا هوندا ۽ ڏڙ سسيءَ ڪان ڏار ڪرڻ اخلاقيات سمجهي ويندي.“

## لارڊ رپن پاران نيپئر جي مڃتا

سنڌ جي حڪومت ٽالپرن کي موٽائي ڏني ٿي جي يا نہ ٿي ڏني وڃي، تنهن جي ڪل تہ ڪنهن کي بہ ڪانہ آهي، پر هندستان جي حڪومت تہ تبديل ٿي چڪي آهي. لارڊ رپن وچڻ وقت سر چارلس کي يقين ڏياريو هو تہ جيڪو ڪجهہ هن ڪيو آهي تنهن کي هن منظور ڪري ڇڏيو آهي. هن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هو تہ سر چارلس جيڪي تڪليفون ڪيون آهن ۽ جيڪا بہ محنت ڪئي هئي، تنهن کي هن تسليم ڪيو هو ۽ سندس شڪريو ادا ڪيو هو. وڌيڪ اهو بہ چيو هئائين تہ، هن جيڪي عوامي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن سي تعريف جوڳيون آهن.“

هي لفظ ان ماڻهوءَ جي واتان چيا ويا آهن. جنهن هميشه سر چارلس جي دشمنن جي مدد ڪئي هئي ۽ هر گهڙيءَ انهن جي همت افزائي ڪئي هئي ۽ سندس انهن ڪمن کي نديندو رهندو هو. جن جي هو هاڻ ساراهہ ڪري رهيو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ لارڊ رپن پنهنجو هر ڪم ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي حڪمن مطابق ڪندو رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيپئر جو لارڊ رپن کي لکيل خط

سر چارلس سندس خط جو جواب هن ريت لکيو آهي:

”مون کي اوهان جو خط مليو جيڪو اوهان جولاءِ ۾ لکيو هو. ان لاءِ مان اوهان جو شڪريو ادا ڪندي جڻ فخر محسوس ڪري رهيو آهيان. اوهان مون ڏانهن هي خط لکي صحيح احساسن واري ماڻهوءَ کي، مايوسين جي اوڙاهه ۾ اچلي ڇڏيو آهي. توهان پنهنجي خانگي خط ۾ ڏاڍي رحمدليءَ جو اظهار ڪيو آهي، تنهن لاءِ اوهان جو احسانمند آهيان. پر اوهان جڏهن بورڊ آف ڪائونسل جا پريزيڊنٽ هئا تہ، مان اوهان کي انصاف ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي هئي. پر اوهان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو هو. اوهان انهن مشڪلاتن جو ذڪر ڪيو آهي جن کي مان سنڌ ۾ منهن ڏئي رهيو آهيان. پر مان جيڪي سڀ کان وڏيڪ روحاني اذيت ڏني ۽ سَني آهي سا تہ ڏنل ئي اوهان جي آهي جنهن جو تعلق ميجر آئوٽرام سان آهي پر مان پنهنجي دل تي پٿر رکي توهان جي هر حڪم کي اکين تي رکيو. اهڙو حڪم خاموش رهڻ جو هو. جيڪو مون ڏانهن ۽ ميجر آئوٽرام ڏانهن لکيل هو. مان تہ ماٺ رهيس، پر ان ميجر کي هر ڳالهہ ڪرڻ جي هُشي مليل هئي ۽ اوهان جي خاموش رهڻ ڪري، هن کي سرڪاري اخبارن ۾ مون کي بدنام ڪرڻ جي ڇڻ تہ ٽيڪ ملي وئي هئي. ان کان سواءِ هن هڪ ڪتاب[1] ۾ مون کي گهڻو بدنام ڪيو هو. مون کي سَر هينري هارڊنج ٻڌايو آهي تہ توهان اڄ کان گهڻو اڳ اهو پڪو پهہ ڪري چڪا هئا تہ سرڪار منهنجي ڪنهن بہ قسم جي مدد نہ ڪري.

”منهنجا سائين، مونکي هيءَ گستاخي بہ معاف ڪندا تہ جيڪڏهن منهنجي سنڌ ۾ هلت چلت مهاراڻي، پارليامينٽ، بورڊ آف ڊائريڪٽرس ۽ اوهان جي مرضيءَ مطابق هجي تہ ان کي عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏسڻ گهرجي، پر پوءِ بہ مون کي اوهان وٽان بي انصافي کان سواءِ ٻيو ڪجھہ بہ پلئہ ڪونہ پيو آهي.“

سر چارلس خط ۾ لارڊ رپن کي چنڊ تہ پٽي هئي، پر ڪيس اهو بہ پتو پئجي ويو هو تہ هن جي بدليءَ ڪري سندس جاءِ تي بمبئي طرفان ڪو سول اعليٰ عملدار مقرر ڪيو پيو وڃي. ان کان سواءِ ڪيس هيءَ معلومات

---

[1] ميجر آئوٽرام جي لکيل ڪتاب ”سنڌ جي فتح“ ڏانهن اشارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ ملي هئي، تہ لارڊ رپن جي جڳهہ تي سر جان هوڊ هائوس گورنر جنرل مقرر ٿي آيو آهي. هن ڪيس ترت معلومات ڏيڻ لاءِ هڪ خط لکيو هو. انهيءَ لاءِ جيئن هن کي حقيقت کان آگاهہ ڪري سگهجي. تنهن ڪري هن ڏانهس هڪ يادداشت نامو موڪليو هو. جيڪو هن ڪم ڪار جي گهٽائيءَ هوندي بہ بہ ٽي ڪلاڪ ڪيڏي لکي ورتو هو. جنهن ۾ هن پنهنجي حڪومت جو نقطئہ نظر پيش ڪيو هو. سندس هن ياداشت نامي مان سر چارلس جي ذهانت ۽ سوچ فڪر جو سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو.

**ماڻهن جي حالت**

سنڌ جا ماڻهو جهنگلي ۽ اڻ پڙهيل آهن. جهيڙاڪار بہ چوٽ جا آهن. سندس تعلق هڪ معزز نسل سان آهي. پر هيءَ هڪ اهڙي قوم آهي جنهن کي قوميت جو ڪو احساس ڪونہ آهي. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن کي قوم سڏي سگهجي ٿو تہ پوءِ هي ماڻهو ضرور هڪ قوم آهن. هي ماڻهو مختلف قبيلن ۾ ورهايل آهن. جن مان ڪي قبيلا ڳوٺ ٻڌي هڪ جاءِ تي ويهي رهيا آهن. جڏهن تہ ڪجهہ قبيلا لاڏائو آهن. سندن ڏنڊو ڏاڙا هڻڻ ۽ ماڻهن کي قتل ڪرڻ آهي. جڏهن اهو ڪم سندن ڏنڊو آهي تہ اهي ماڻهو ان ڏنڊي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ڄاڻندا آهن. اها ڳالهہ فقط ايتري ڪانہ آهي، چاڪاڻ تہ ٽالپر حڪمرانن وٽ ڪو قانون تہ موجود ڪونہ آهي. تنهن ڪري هنن ماڻهن مان هر ڪو چڙواڳ آهي ۽ ڪين جيڪو وڻندو آهي، سو ڪري ڇڏيندا آهن. هنن ماڻهن جي ڦرلٽ ۽ ڌاڙن هڻڻ وارن ڪمن ۾ ٽالپر پاڻ بہ شريڪ هوندا هئا. هتي ڪجهہ اصول ضرور موجود هئا، جيڪي هڪ غلط تاثر جي پيداوار هئا جن کي قانون سڏڻ جڻ قانون کي گار ڏيڻ هو. اهڙيءَ ريت اهو قانون بلوچن، سنڌين ۽ هندن لاءِ الڳ الڳ هوندو هو. هنن تنهي سماجن مان بلوچ مسلمان آهن. فتح تائين اهي ماڻهو سنڌ جي اڇي ڪاري جا مالڪ هئا. باقي ٻن سماجن جا ماڻهو سندن غلام هئا. بلوچ نسل جا ماڻهو سنڌين کي نيچ سمجهندا هئا جيڪي سندن غلام هئا. اها بلوچن جي مرضي هوندي هئي تہ سنڌين کي جيئرو رهڻ ڏين يا قتل ڪري ڇڏن ۽ بلوچ پنهنجي هن طاقت کي ڏاڍيءَ سخاوت سان ڪتب آڻيندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انڌير نگري چوپٽ راجا

حقيقت اها آهي تہ هتي انڌير نگري ۽ چوپٽ راجا هو. هر قبيلي کي بچاءَ ڪرڻ جو هڪ نرالو طريقو هوندو هو. جنهن جو هيٺ بيان ڪجي ٿو:
مثال طور "الف" نالي هڪ قبيلو آهي جيڪو بڪ کان چٽو ٿي، "ب" نالي هڪ قبيلي کي ڦري لٽي ناس ڪري وڃي پر مختلف حالتن مطابق مات رهيو. ليڪن مناسب موقعو آيو تہ قبيلي "ب" وچي قبيلي "الف" کي چيو تہ تون اسان کي ڦري لٽي تباهہ ڪري ڇڏيو اهو ڏوهہ اسان توکي هن شرط سان معاف ڪنداسون تہ تون اسان جي مدد ڪر تہ گڏجي هلي قبيلي "ٿ" کي ڦريون لٽيون. اهڙيءَ ريت ٽئين قبيلي کي ڦرڻ لاءِ انهن (ٻن) دشمن قبيلن ۾ ناهہ ٿي ويندو آهي. ان ڪانسواءِ هي قبيلا زبردستي قرض ڪٽندا هئا. يعني هو تلوار ڪٽي وچي هڪ هندوءَ مٿان بيهندا هئا تہ هيترا يا هيتر هزار قرض ڏي نہ تہ قتل ٿيڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن قبيلائي ڦرلٽ دوران ڪو تجارتي قافلو گذرندو تہ ان جا مسافر جيڪڏهن قضا سان قتل ٿيڻ کان بچي ويا تہ ڪين ڪير ڦرلٽ کان بچائي ڪونہ سگهندو آهي. ڪي قبيلا قافلن کان راهداري جو ٿيتو وصول ڪندا آهن ۽ جيڪو قافلو اهڙو ٿيتو ادا نہ ڪندو آهي تہ سلامتيءَ سان گذري ڪونہ سگهندو آهي. جن علائقن ۾ قافلا ٿيتي جي ادائگي ڪندا آهن تہ اتي جا رهندڙ ڪنهن بہ شيءِ جا محتاج ڪونہ هوندا آهن. هنن قبيلن جو وڏي ۾ وڏو سردار بہ هڪ تڏي جي چانوَ ۾ آرام سان ستو پيو هوندو آهي. جيڪي وٽن مان ڪپيل اڻ گهڙيل ڪاٺ جي آڌار تي رکيل هوندا آهن. اها بہ حقيقت آهي تہ دولتمند هندن کي شهرن ۾ گهر هوندا آهن. جيڪي ڪچا ۽ ڏسڻ ۾ بہ نہ جهڙا ۽ بي ڊولا هوندا آهن. اهي صرف ڏيکارڻ لاءِ هوندا آهن تہ جيئن اهي هندو غريب لڳن. چاڪاڻ تہ ٽالپر حڪمران شاهوڪار هندن کان تلوار جي زور تي قرض وٺندا آهن. جيڪو وري موٽائي ڪونہ ڏيندا آهن. اسان لاءِ اهو طريقو بہ ڌاڙي ۾ شمار ٿيندو آهي، پر هتان جي ٽالپرن لاءِ هڪ عام رواجي ڳالهہ آهي. زبردستيءَ ورتو ويندڙ قرض ڪٽي ڪيترو بہ وڏو هجي پر هندوءَ کي ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍڻي ڪانہ آهي ۽ نہ وري اهڙن ڌاڙيل قبيلن لاءِ ڪنهن کي ڪجهہ چوڻو آهي. هتي هڪ قبيلو ٻئي مان شادي ڪري ڪونہ سگهندو آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن نسل خالص رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪارو ڪاري جي ادنگي رسم

جيتري قدر قتل جو سوال آهي تہ ان لاءِ ڪوبہ قانون ڪونہ آهي. جنهن تي سوچي سمجهي ۽ پابنديءَ سان عمل بہ ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن هڪ قبيلي جو مرد ٻئي قبيلي جي عورت سان ڏاڏائي ڪري تو تہ ٻنهي کي ڪارو سمجهي قتل ڪيو ويندو آهي. ان ڪان پوءِ انهن ٻنهي قبيلن ۾ دشمني پيدا ٿي پوندي آهي ۽ ناهہ تيڻ تائين ٻنهي قبيلن جا ڪيترا ئي ماڻهو قتل ٿي چڪا هوندا آهن.

جيڪڏهن ”الف“ قبيلي جي مرد ”ب“ قبيلي جي عورت سان جنسي ڏاڏائي ڪئي آهي، جنهن دوران عورت کي ڪاري ڪري قتل ڪيو ويو آهي پر مرد بچي ويو آهي. ان ڪان پوءِ ٻنهي قبيلن ۾ جهيڙي جي ابتدا ٿي ويندي آهي. ان قبيلي جي ماڻهوءَ جي جرم ڪري عورت قتل ٿي وئي آهي، پر جيڪڏهن ”الف“ قبيلي جو ڪوبہ ماڻهو ”ب“ قبيلي وارن قتل ڪري ڇڏيو تہ ٻنهي قبيلن ۾ ناهہ ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن ڏوهي قبيلي جو ڪوبہ ماڻهو هن قسم جي دشمنيءَ ۾ قتل ٿي ويندو آهي، ان جي ڪٽنب جا ماڻهو ڪنهن قسم جو اعتراض نہ ڪندا آهن، تہ پوءِ اهو ماڻهو ان جرم جو ڏوهي هجي يا نہ هجي ۽ اهڙيءَ ڳالهہ کي انصاف سمجهيو ويندو آهي. پر قاتل کي ڳجهيءَ ريت تاڙ ۾ رکيو ويندو آهي. پوءِ ان ماڻهو يا ان جي ڪٽنب جي ڪنهن ماڻهوءَ کي پلاند ۾ قتل ڪيو ويندو آهي ۽ جيستائين ٻنهي قبيلن ۾ قتل ٿيل ماڻهن جو تعداد هڪ جيترو نہ ٿيندو آهي تہ اهڙيون ڪارروايون ورهين تائين جاري رهنديون آهن. اهڙيون قبيلائي دشمنيون هر الزام کان آزاد هونديون آهن.

## چولا نومڙين ۽ برفت نومڙين وچ ۾ نيپئر جو ڪرايل ناهہ ۽ سڱ چٽيءَ واري رسم

جيڪڏهن ماڻهو مخالف ڌر جو پلاند ۾ قتل نہ ڪندو آهي تہ ان کي بي غيرت سمجهيو ويندو آهي. اهڙيون دشمنيون ڪيترين پيڙهين تائين هلنديون رهنديون آهن. دشمني جو اهڙو مثال برفت نومڙين ۽ چولا نومڙين جي وچ ۾ پيدا ٿيو هو. ٻنهين ذات وارا انگريز سرڪار جي رعيت آهن. جڏهن تہ ٻي ذات، انگريز سرڪاري جا پاڙيسري آهي. ڪين خبر هئي تہ مان ڪين وڙهڻ ڪونہ ڏيندس. تنهن ڪري هنن ٻنهي ڌرين مون کي امين بڻايو هو. حقيقت اها آهي تہ هي ٻئي ڌريون هڪ نسل سان واسطو

رکن ٿا. پر اٽڪل هڪ صدي اڳ هو هڪ ٻئي کان ڇڄي ڌار ٿيا آهن. سنڌن دشمني ان دور کان وٺي لڳاتار هلندي پئي اچي. مان سنڌن ناهه ڪرايو. ٻنهي ڌرين منهجي روبرو هڪ ٻئي کي پاڪر پاتو ۽ کير کنڊ تي ويا. فيصلي مطابق چولا نومڙين اڳتي وٺي برفت قبيلي جي سردار کي وڃي پاڪر پاتو جيڪو ٻنهي قبيلن جو سردار هو. مان ناهه ڪرائڻ مهل کين چيو هو تہ ”منهنجي تلوار هنن جي تلوارن کان وڌيڪ تيز آهي تنهن ڪري جيڪو حڪم مان ڪريان ٿو تنهن تي ضرور عمل ڪيو وڃي.“ جڏهن هن قسم جا فيصلا ٿيندا آهن تہ قاتل ڌر جو مجرم مقتول ڌر جي ان ماڻهو کي پيڻ يا ڌيءُ جو سڱ ڏيندو آهي، جيڪو مقتول جو ويجهو مائٽ هوندو آهي. مون کي اها خبر هئي تہ مقتول جي ڌيءُ قاتل کي ڏني وئي هئي. هتان جي ڇوڪريءَ لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ هوندي آهي پر اسان جي معاشري لاءِ اها منفرد ڳالهہ آهي.

## قتل جي جرم کان پوءِ ڌرين ۾ جهيڙي دوران مقتولن جي تعداد موجب فيصلي جو رواج

اهڙيءَ دشمني جي شروع ٿيڻ سان مقتولن جو حساب ڪتاب رکيو ويندو آهي. جيستائين ٻنهي ڌرين جي مقتولن جو تعداد هڪ جيترو نہ ٿيندو آهي تيستائين ٻنهي ڌرين ۾ ناهہ تي ڪونہ سگهندو آهي، پر ڪڏهن مقتولن جي حساب ڪتاب ۾ سنمڪ ٿيڻ کان پوءِ بہ صلح تي ڪونہ سگهندو آهي. هن قسم جي حساب ڪتاب ۾ انهن زخمن کي شمار ڪيو ڪونہ ويندو آهي، جو گهايل ماڻهو مرندو نہ آهي. قتل جي معنيٰ آهي مقابلي ۾ دشمن کي اڪٽ مارڻ. اسان ۾ بہ مقابلي ۾ مارڻ جي روايت آهي، جنهن کي قانوني تحفظ حاصل آهي. ٻنهي رواجن ۾ ڪنهن خاص قسم جو فرق بہ ڪونہ آهي. ٽالپرن جي زماني ۾ ڪنهن بہ قسم جو قانون ڪونہ هو نہ وري ڪو ٻيو تحفظ هو. تنهن ڪري ڌاڙن ۽ قتلن کي اهڙي قسم جي قانون سان تحفظ ڏئي ڪونہ پيو سگهجي.

چوريءَ چڪاريءَ جو هتي نالو بہ موجود ڪونہ آهي. پر وڏن شهرن ۾ اهڙي هٿ چوهائي موجود ڏسڻ ۾ اچي ٿي. فوجي ڇانوڻيءَ ۾ چوريءَ جا هلڪا سلڪا واقعا ٿيندا آهن. اهڙا ڏوهہ بمبئي جي هيٺين طبقي جا ماڻهو ڪندا آهن، جيڪي فوج ۾ شامل آهن.

هن نسل جي ماڻهن ۾ مٿي بيان ڪيل قسم جي تقسيم آهي جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري اهو اجا تائين هڪ قوم بڻجي ڪونہ سگهيا آهن. هنن قبائلين جو اڳين حڪمرانن سان بہ ڪو اصلي لاڳاپو ڪونہ هو. مان هتي آيو هوس سڀ ڪريون خبرون پڇجي چڪيون هيون.

## جاگيردارن کي مستقل جاگيرن جو حق ڏيڻ واري حڪمت عملي

فتح کان پوءِ مان سڀني جاگيردارن کي اهي جاگيرون واپس ڪيون جيڪي وٽن مياڻيءَ واري جنگ کان اڳ هيون ۽ انهن جاگيرن تي سندن مستقل حق تسليم ڪيو ويو جيڪو ٽالپر دور ۾ کين مليل ڪونہ هو. ان کان سواءِ مٿئين طبقي جي ماڻهن کي بہ اهڙا حق ڏنا ويا، جيڪي ميرن جي زماني ۾ کين مليل ڪونہ هئا. مان مختلف ڪليڪٽرن کان اهڙي معلومات حاصل ڪندو رهندو آهيان تہ انهن جاگيردارن ۽ مٿين طبقي جي ماڻهن انگريز سرڪار لاءِ ڪهڙو نقطئہ نظر آهي. خاص ڪري حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪئپٽن رٿبورن کان بہ اهڙو حال احوال پڇندو آهيان. هي هڪ ذهين انگريز عملدار آهي.

هن قسم جي سرڪش ماڻهن مٿان راڄ ڪرڻ لاءِ حڪومت جو طريقو هي آهي تہ مان مٿئين طبقي جي ماڻهن کي پنهنجون اصلي جاگيرون واپس ڪري ڇڏيون آهن. انهن مان ڪنهن بہ ماٿوءَ جاگير وٺڻ کان انڪار بہ ڪونہ ڪيو هو. هي حڪمت عملي انهيءَ لاءِ اختيار ڪئي وئي آهي تہ جيئن سندن اعتماد حاصل ڪري سگهجي.

## عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ کنيل قدم

منهنجو ٻيو مقصد اهو هو تہ هتان جي اصلي رهاڪن سنڌي مسلمانن ۽ سنڌي هندن کي بہ ڪجهہ اختيار ملڻ گهرجن. جيڪي ٽالپرن جا غلام ۽ رعيتي رهيا آهن. هنن ماڻهن کي غلام تہ ڪونہ سڏيو ويندو آهي پر هنن ماڻهن جا حال غلامن جهڙا آهن. ٽالپرن وٽ آفريڪا جا شيدي غلام هئا. هندستان سرڪار انهن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو جيڪو ٽالپرن لاءِ ڀهريون ڪاپاري ڏک هو. ان کانپوءِ ٻيو قدم اهو کنيو ويو هو تہ غريب ماڻهن جو انگريز عملدارن ٽالپرن ۽ بلوچن خلاف هر قسم جون شڪايتون ٻڌيون وڃن. هنن قدمن کڻڻ ڪري اهو يقين ويهي ويو هو تہ انگريز سرڪار هر صورت ۾ غريبن کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪندي. اهڙيءَ طرح ٽيون قدم هي کنيو ويو هو تہ

سردارن طرفان موت جي يا ٻي سزا ڏيڻ جا سڀ اختيار کسيا ويا هئا ماڻهن کي مشورو ڏنو ويو هو ته هو هر ڪنهن به مجرم خلاف انگريز مئجسٽريٽ وٽ پڪارن، جيڪو انصاف ڪندو. هي اهڙو قدم هو جنهن وسيلي هڪ سردار جي عزت ۽ وقار عام ماڻهوءَ جي نظر ۾ گهٽجي ويو هو. چوٿون قدم اهو کنيو ويو هو ته چنگي محصول جي پراڻي هندستاني طريقي کي ختم ڪيو ويو هو. محنت کي وڪري لاءِ بازار ۾ آندو هو. انهيءَ ڪري اجوري ۾ واڌ اچي وئي هئي ۽ جا ڏهاڙي تي ڪان چار پينس تي وئي هئي، نه ته هن ڪان اڳ جبري پورهيو هوندو هو. جنهن جو معاوضو ڪونه ڏنو ويندو هو يا نالي ماتر اجورو ڏنو ويندو هو. هن جي ٻين نه پر خود انگريزن مخالفت ڪئي هئي. هيءَ ڳالهه ٻڌائيندي اچرج به ٿئي ٿو ته ان قانون کي نافذ ڪرڻ ۾ اجا تائين مڪمل سوپارو نه ٿيو آهيان. مان اهو به ٻڌو آهي ته هندستان جي ڪيترن علائقن ۾ محنت تي اجا به محصول مڙهيو پيو وڃي. مون کي شخصي طور اها خبر ٿي ڪانه هئي ته هتي ويچاري پورهيت سان ايترو ڏاڍ ڏمر ٿي رهيو آهي. اها ڳالهه ٻڌي مون کي ويساهه ئي ڪونه پئي آيو. مان هي سڀ قدم ڪٽي غريبن جي حالت سڌارڻ ۽ سنڌن احساسن اتساهن کي آڏ ۽ آڌر ڏني آهي. تنهن ڪري مون کي پڪ آهي ته انگريز سرڪار سنڌ وري ٽالپرن حوالي ڪانه ڪندي. جيڪڏهن ڪين سنڌ حوالي ڪئي وئي ته ڇهن مهينن اندر رڏي پڪي ۾ پاٽي پئجي ويندو ۽ ساري ڌرتي رتو ڇاڻ ۾ ڳاڙهي ٿي ويندي.

## سرعام هٿيار ڪٽي هلڻ تي پابندي ۽ ان جا اثر

مان سردارن ڪان سواءِ عام ماڻهن کي هٿيار ڪٽي هلڻ تي پابندي هٽي ڇڏي آهي. منهنجو هي حڪم به ائين تسليم ڪيو ويو هو جيئن ٻيا اهڙا حڪم مڃيا ويا هئا. جيڪي سردارن جي عزت ۽ احترام لاءِ منفي هئا. جيڪڏهن مان ساڳي پابندي سردارن تي هٽان ها ته سيئي سردار مڙي مٿ تي وڃن ها ۽ سيئي ويچا وساري منهنجي خلاف ناراضگيءَ جو اظهار ڪن ها. پر مان لاٽ ڪوٽ کي هٿيار ڪٽي گهمڻ ڪان منع ڪري رڳو سردارن کي موڪلي ڏني آهي. تنهن ڪري هي همراهه هوا ۾ اڏامڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ ڪنهن کي پاڻ جهڙو ته سمجهن ئي ڪونه ٿا. جيڪڏهن سردارن جي نوڪرن چاڪرن کي هٿيارن کڻڻ جي منع ڪئي وئي آهي ته ڪين اهڙو احساس ڪونه ٿيندو. پر جڏهن سردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين ڪاوڙ ڏياريندا تہ انهن هٿيارن جي عدم موجودگيءَ جو ضرور احساس ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪاوڙ ايندي تہ انهن هٿيارن کي پنهنجي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا. اهڙيءَ ريت منجهن سيني حڪمن کي دل سان تسليم ڪيو ويو هو. هن ڪان اڳ سنڌي مسلمان ۽ هندوءَ کي هٿيار ٻڌي هلڻ جي موڪل ڪانہ هوندي هئي. هاڻي جڏهن بلوچ بہ بنا هٿيارن گهمڻ لڳا تہ هنن جي اهميت وڃي وئي هئي. اهو ڏسي ڪين ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي تہ هاڻي ظالم ماڻهو بہ هنن وانگي بي هٿيار ٿي ويا آهن. جيڪي اڳي مٿن ڪيس ۽ قهر ڪندا هئا. يعني هاڻي بلوچن کي ٽنگن ڪان جهلي هيٺ آندو ويو آهي. جڏهن تہ سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي مٿي چڪيو ويو آهي ۽ سنڌن عزت افزائي ڪئي وئي آهي. هاڻي بلوچ مٿن خنجر اولاري ڪين ڊيڄاري نہ سگهندا. اڳي تہ ٿوري گهٽي ڳالهہ تان تلوار جي مُنيئي ۾ ڪٽي هٿ وجهندا هئا ۽ وار ڪندي بہ دير ڪونہ ڪندا هئا. ڪين آڪڙ ۽ وڏائي بہ ايڏي هوندي هئي جو سنڌن پير ڌرتيءَ تي تہ جڻ ڪپندو ئي ڪون هو. هاڻي لاوا لسا سڀ هڪ جهڙا آهن. سنڌي بہ ايترو معزز ۽ شريف آهي جيترو بلوچ رئيس آهي, پر سنڌين کي اڃا بہ غلاميءَ جو احساس آهي ۽ اهو ڏاڍ جي ڏکي دور جو نتيجو آهي. آزاديءَ ڪان پوءِ غلاميءَ جو احساس جلدي ۾ ختم ٿي ڪونہ سگهندو آهي, پر غلامي جي احساس جو مٿن اڃان بہ غلبو رهندو. چاڪاڻ تہ ڪن اياڻين اخبارن وٽي اجايا افواهہ اڏايا آهن تہ انگريز سرڪار سنڌ جي حڪومت ٽالپرن کي موٽائي ڏئي رهي آهي. اهڙيون خبرون ٻڌي ويچارن سنڌين جا تہ ڇيهہ ئي ڇڄي پيا آهن.

## سنڌ ۾ ميرن جي واپسيءَ جو افواهہ ۽ هڪ ٽالپر جا خدشا

اڳئين ڪرسمس جي موقعي تي قيدي ٽالپرن وٽان خط پهتو هو جنهن ۾ هنن لکيو هو تہ هنن ڏانهن لارڊ آشلي خط ۾ هي احوال موڪليو آهي تہ ڪين سنڌ جي سرحد پرسان معزز شهرين وانگي رکيو ويندو. پر مون کي اها خبر ڪانہ آهي تہ هن قسم جي خط ۾ ڪهڙي قسم جو راز رکيل آهي. باقي هن خط جو ٻڌي هندو هپسجي ويا آهن ۽ ڏڄ ڪان پنهنجا پئسا ڏوڪڙ مسقط ۽ بمبئيءَ ڏانهن موڪلي رهيا آهن ۽ سنڌ ڇڏي وڃڻ لاءِ واتون نهاري رهيا آهن. اهڙو پهريون اطلاع وڏي رتبي واري هڪ ٽالپر بہ موڪليو آهي. جيڪو قيدي ميرن سان گڏ آخري وقت تائين

اسان سان وڙهندو رهيو هو. مان به ڪيس پنهنجي خاندان سان ڏاڍو وفادار ڏسي، ڪيس پنهنجي اصل جاگير به موٽائي ڏني هئي. هيءُ اهو ماڻهو آهي جنهن اسان کي مياڻيءَ ۾ مڙسي سان مهاڏو ڏنو هو. ڏبي واري جنگ ۾ دليريءَ سان وڙهيو. تڏهن به جڏهن ٻنهي ڌرين ۾ پاڻي ٿيو ته هن پنهنجي جوش ۽ جرئت جا جوهر ڏيکاريا هئا. پر جڏهن شير محمد سنڌ ڇڏي هليو ويو ته هي منهنجي پيرن ۾ پنهنجي تلوار رکي پيش پيو هو. هيءُ هڪ ذهين انسان آهي. هي اتڻ ويهڻ ۽ هلت چلت ۾ جڻ ته انگريز ٿي ويو آهي. ڏسڻ ۾ به مهذب نظر اچي ٿو. زمين کي سڌارڻ ۾ لڳو پيو آهي. سندس چوڻ آهي ته هو تباهه ٿي چڪو هو ۽ هن سان گڏ ٻيا ماڻهو به تباهه ٿي چڪا هئا. اها هڪ حقيقت آهي. جيڪڏهن قيدي مير هتي آيا ته اسان انهن سان گڏجي انگريزن خلاف بغاوت ڪنداسون. موٽ ۾ انگريز اسان کي تباهه ڪري ڇڏيندا. خدا جي واسطي اوهان پنهنجي حڪومت کي ٻڌايو ته اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏين. اسان ڏاڍو خوش آهيون ۽ سُکيا ستابا ٿي ويا آهيون. جيڪڏهن اوهان ٻين ٽالپرن کي اسان سان ملڻ جي موڪل ڏني ته گڏجي انگريزن خلاف بغاوت ٿيندي. اهي مير اسان جا سردار آهن. انهن کي سنڌ جي سرحد وٽ رهائڻ سٺو ڪونه آهي.

جيڪڏهن سچ ۾ مير سنڌ آيا ته وڏي رتو ڇاڻ ٿيندي. اهو رت عام ماڻهن جو نه پر سردارن جو هوندو. جيڪي پنهنجي خاندان جي اڳئين عزت کي ڏسي گهڻو متاثر ٿيندا. هن مير جي لکيل خط مطابق ته ٽالپر تباهه ٿي ويندا. سندس خط مان لڳي رهيو هو ته هو ڏاڍو جذباتي آهي. هن وڌيڪ لکيو هو ته پهرئين پيري سر چارلس کيس بهادر سمجهي وڏي عزت ڏني هئي ۽ سمجهيو هئائين ته مان به هڪ وفادار فوجي آهيان ۽ ڏکي وقت ۾ سنڌن تمام گهڻي مدد ڪري سگهان ٿو. ان ڪان پوءِ هن مون کي نه رڳو پنهنجي اصلي جاگير، پر ان ڪان به وڌيڪ ايراضي ڏني. پر جڏهن مان هاڻي هن جي خلاف جنگ ڪندس ته مون کي غدار سمجهيو ويندو ۽ مون کان ساري جاگير کسي ويندي. ان ڪان پوءِ مان کيس پنهنجي جاگير موٽائي ڏيڻ لاءِ عرض به ڪري ڪونه سگهندس.“ هن اهڙيون ڳالهيون ڪئپٽن رٿبورن سان به ڪيون هيون. هي ٽالپر سردار ڏاڍو جذباتي پئي لڳو. هن جڳ مان پاڻي جو گلاس پريو ۽ چيائين ته ”اوهان

انگريز ڏاڍا قديم انسان آهيو. اوهان سنڌ فتح ڪئي. اسان سان به سنو برتاءُ ڪيو ۽ سنڌ سنائيءَ سان اٿين پريل آهي، جيئن هي گلاس پاڻي سان تمتار. پر اوهان اهو پاڻي پيئڻ بدران هينءَ هيٺ هاري رهيا آهيو. اٿين چئي هن گلاس وارو پاڻي هيٺ هاري ڇڏيو. سندس اشارو ميرن جي واپس اچڻ ڏانهن هو.

هٿيار پائي هلڻ کان منع سبب ماڻهن ۾ شرافت اچي وئي هئي. انهيءَ ڪري قتل به گهٽجي ويا جيڪي اوچتيءَ ڪاوڙ ڪري ٿي پوندا هئا. گرم موسم ۾ اهڙا واقعا گهٽا ٿيندا هئا.

## ڏل محصول جي وصوليءَ جو طريقو

مان سنڌ کي وڏن ٽن ضلعن ۾ ورهايو آهي جن تي ٿي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا آهن. سندن سهائتا لاءِ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ بيو ماتحت عملو آهي. اهي عملدار انگريز آهن. هي مئجسٽريٽ طور به ڪم ڪري رهيا آهن. پر سزا ڏيڻ لاءِ کين محدود اختيار ڏنا ويا آهن. ڏل محصول جي وصولي لاءِ وٽن اهو ساڳيو عملو آهي جيڪو ٽالپر دور ۾ ڪم ڪندو هو. اخلاقي مجرمن کي سزا به اهو هينيون عملو ڏيندو آهي. ٽالپر حڪمران سزا ڏيڻ جي معاملي ۾ ڪڏهن به دخل اندازي ڪونه ڪندا هئا. ليڪن هنن جي نظر ۾ وڏي ۾ وڏو مجرم اهو ماڻهو هوندو هو جيڪو سندن حڪم نه مڃيندو هو. اهڙن حڪمن جا مقصد فقط به هئا هڪ دولت گڏ ڪرڻ ۽ بيو زنا ڪاري. پوئين قسم جي ڏاڍ جو شڪار ماڻهن جو هڪ خاص طبقو هوندو هو. پهرئين ڏاڍ، ڪيس ۾ ڦهر جا درواز کولي ڇڏيا هئا. بي انصافي ۽ اذيتن ساري ملڪ کي اجاڙي پيننگ ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي ڏاڍ ڏمر لاءِ ڪاردارن جا رسا نڪتل هوندا هئا. هر ڳوٺ جو الڳ ڪاردار هوندو هو. جنهن جو ڪم ڏل محصول اوڳاڙڻ هو جيڪو ڳوٺ جو چڱو مڙس به هوندو هو. بين عملدارن کي 'ان بردار' سڏيو ويندو هو جن جو منصبي فرض حڪمرانن جي حصي جو اناج سنڀالڻ هوندو هو. هو 'ڪاردار' ۽ 'ان بردار' وٽ ڏار ڏار عملو هوندو هو. جيڪو سندن حڪمن جي پوئواري ڪندو هو. اهڙا حڪم ڪهڙا هئا، تنهن جو سارو دارومدار ڪاردار جي شخصيت تي هوندو هو. جن مان عام طور هي حقيقتون ظاهر ٿينديون هيون: جڏهن اناج جو اگهه چوٽ تي چڙهيل هوندو هو ته ٽالپر کين حڪم ڪندا هئا ته هنن جو اناج بازار واري اگهه

ڪان سهانگو وڪرو ڪيو وڃي. ڪاردار ۽ ان بردار اهي ساڳيا حڪم وري پنهنجي ماتحت عملي کي ڏيندا هئا. ڪين اهو بہ حڪم هوندو هو تہ اهي پئسا وٺي، بنا دير سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايا وڃن. ڪاردار ساري علائقي جي دولتمند واپارين کي سڏي هڪ جاءِ تي گڏ ڪندا هئا. ڪين چيو ويندو هو تہ تالپرن جو اناج بازار جي اگهہ کان مهانگو خريد ڪن ۽ پئسا بہ اڪ چنبي ۾ ادا ڪيا وڃن. واپارين کي هن اناج جي خريديءَ مان ڪنهن بہ قسم جو فائدو ڪونہ هوندو هو. جيڪڏهن ڪو واپاري اهڙي مهانگي اناج کي خريدڻ کان انڪار ڪندو هو تہ ڪيس ڪام ۾ ابتو ٽنگيو ويندو هو. ان کان پوءِ لوهہ جي سيخ گرم ڪري سندس سٿرن جي وچ تي رکي ويندي هئي. تالپرن جي محصول گڏ ڪرڻ جو طريقو اهو هو. ساڳيءَ ريت زميندارن کي مهانگو اناج ڏنو ويندو هو. جيڪي وري ورهائي رعيتي (سنڌي) ملاحن ۽ پورهيتن کي ڏيندا هئا. هي ماڻهو مسڪين ۽ ڪنگال هوندا هئا. جيڪي لس لنگهڻ تي وينا هوندا هئا. جيڪڏهن اهي ماڻهو مذڪوره مهانگي اناج کي وٺڻ کان انڪار ڪندا هئا تہ اهي بہ لوهہ جي گرم سيخن جي ڏنڀن کان بچي ڪونہ سگهندا هئا. اهو مهانگو اناج ڪاردارن کي بہ ڏنو ويندو هو جيڪي پاڻ ڪچي ڪونہ سگهندا هئا. پر وٽن اهڙا موقعا ضرور هئا جو اهي پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ بہ جبري وصولي ڪندا هئا. مان انهن ڪاردارن ۽ ان بردارن کي مئجسٽريٽن جي عملي ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. جن جو ڪم انهن ماڻهن جي نالن جون فهرستون جوڙڻ آهي. جيڪي فتح جي فائدي ۾ آهن. هي ماڻهو ابتدائي دور ۾ انگريز عملدارن کي ڦري وٺندا هئا. جن کي هتان جي محصول جي وصوليءَ جي طريقي جي خبر ڪانہ هوندي هئي. هاڻي تہ ڪليڪٽر سنڌن ساري ڪم کي سمجهي ويا آهن. هي ماڻهو فوجي طريقي سان اٿندا ويهندا آهن. ڪين ماڻهن کي سمجهڻ جو وسيع تجربو بہ آهي. تنهن ڪري هنن اهڙي ڪم کي منظم طريقي سان هلائڻ شروع ڪيو آهي. ماڻهو محنتي آهن. سندن ڪوشش ڪري پيداوار ۾ حيرت انگيز اضافو ٿيو آهي. ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ڊائري لکندا آهن. جيڪي هفتيوار مون ڏانهن موڪليون ويندون آهن. تنهن ڪري مون کي پتو پئجي ويندو آهي تہ هر ضلعي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. اهي ڊائريون حڪومت جو سيڪريٽر ڪئپٽن برائون مون کي پڙهي ٻڌائيندو آهي، جيڪو ڏاڍو ذهين انسان آهي. مان هن وٽان گهٽيون

ڳالهيون سکيون آهن. تنهن ڪري هي ماڻهو منهنجو ماتحت نہ پر هڪ مددگار دوست آهي.

## پوليس

هي ماڻهو انهيءَ مقصد سان رکيا ويا آهن تہ جيئن ملڪ جو امن امان قائم ڪري سگهجي. ٻيو مقصد اهو بہ آهي تہ جيئن فوج کي منفرد حيثيت ملڻ گهرجي. جيڪڏهن فوج کان پوليس وارو ڪم وٺبو تہ عام ماڻهن سان رلي ملي ويندي. انهيءَ اسان جي طاقت جو خوف ماڻهن جي دلين مان نڪري ويندو. انهيءَ مقصد سان مان بہ هزار چار سو پوليس وارا مقرر ڪا آهن. جيڪي هٿياربند آهن. کين ڊرل جي سکيا بہ ڏني وئي آهي. هنن کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. جن مان هڪ حصو شهرن ۾ ڪم ڪندو. باقي بہ حصا ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجو منصبي فرض ادا ڪندا. پهريون حصو پيادل هوندو. باقي رهندڙ ٻن حصن جي پوليس پيادل بہ هوندي ۽ گهوڙيسوار بہ هوندي. هنن کي ٻهراڙيءَ جي پوليس سڏيو ويندو. اُهي ڪم تہ ڪليڪٽر جي چوڻ مطابق ڪندا، پر سنڌن اعليٰ عملدار جدا هوندو. اهڙي ريت پوليس کي ڪاردارن مٿان نظرداري ڪرڻ جو ڪم بہ سونپيو ويو آهي. جڏهن کين معلوم ٿيندو تہ ڪاردار ۽ ان بردار ڪنهن معاملي ۾ ٺڳي ڪري رهيا آهن تہ اهڙو اطلاع اسان کي ڏنو ويندو. پر جيڪڏهن پوليس وارا غلطي ڪندا تہ ڪاردار، ان بردار ۽ زميندار اسان کي ٻڌائيندا تہ اهي منصبي فرض کان لاپرواهہ ٿي ويا آهن. اهڙيءَ ريت اهي ٻئي ڌريون هڪ ٻئي تي نظر رکنديون آهن. اهي ٻئي کاتا غريبن جي واهر ڪندا آهن. پر هنن کي، انسان ذات سمجهي همدردي ڪانہ ڪندا آهن، پر ڪانئن نفرت ڪندا آهن. هنن ٻنهي کاتن جي قيام جو مقصد سرڪار جي پيداوار وڌائڻ آهي. جڏهن تہ هاٽي غريب ماڻهو هنن ٻنهي کاتن جي عملدارن کي پنهنجو تحفظ سمجهندا آهن. جڏهن پوليس غريب رعيتي ماڻهوءَ لاءِ آزار بڻجي ويندي آهي تہ هو وڃي ڪاردار وٽ دانهيندو آهي ۽ جڏهن رعيتي ماڻهو ڪاردار جي ظلم جو شڪار ٿيندا آهن، تہ پوليس وٽ شڪايت ڪندا آهن. اهي پوليس وارا ۽ ڪاردار سنڌ جي ڪليڪٽرن ۽ منهنجي لاءِ مٿي جو سور بڻجي ويا آهن. ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن جي مدد لاءِ سب ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا آهن. کين ايترا اختيار ڪونہ آهن جو پنهنجي ماتحت عملي جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملا نبيري سگھن. پر اهو انتظام ٿوري وقت لاءِ ڪيو ويو آهي. اسان وٽ ڪيترائي سپاهيا ۽ سچيت ماڻهو آهن. جيڪي پنهنجا منصبي فرض ڏاڍي بهتر طريقي سان سرانجام ڪري سگھن ٿا. پوليس نہ رڳو چور جهلڻ جو ڪم ڪندي آهي پر ضرورت پوڻ تي فوج وارو ڪم بہ ڪندي آهي. هنن ماڻهن مقرر ٿيڻ سان وچي ڌاڙيلن سان منهن ڏنو هو جن کي هنن ماري پڃائي ڇڏيو هو. پر هاڻي اهڙا ڌاڙيل موجود ڪونہ آهن.

## عدالتي ڪاتو

عدل ۽ انصاف کي قائم رکڻ لاءِ هڪ جج، ائڊووڪيٽ جنرل مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو پنهنجي ڪم ۾ تجربي ڪري هن شعبي جو ماهر آهي. ڪيس فوجي قانون جي بہ جاڻ آهي. جنهن کي لارڊ ايلنبرو پاڻ موڪليو هو. سندس نالو ڪئپٽن ڪيٽ ينگ آهي، جيڪو ڏاڍو سنجيده، سچو ۽ بردبار ماڻهو آهي. هي ماڻهو پنهنجي هن عهدي تي ڏاڍو سٺو لڳي رهيو آهي. هن جي مدد لاءِ بہ ٻيا عملدار مقرر ڪيا ويا آهن. جن مان هڪ حيدرآباد ۾ ۽ ٻيو شڪارپور ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هر ضلعي جا مئجسٽريٽ انهن فوجداري معاملن جون رپورٽون جج، ايڊووڪيٽ جنرل ڏانهن موڪليندا آهن، جن جي نبيرڻ جو اختيار وٽن هوندو هو. قتل ۽ ڌاڙن جهڙن وڏن ڏوهن جون ابتدائي ٻڌڻيون مئجسٽريٽ ڪندا آهن ۽ قسم تي شاهديون قلم بند ڪري سارو معاملو جج ايڊووڪيٽ جنرل ڏانهن موڪليو ويندو آهي. جيڪو وري فيصلي لاءِ گورنر ڏانهن روانو ڪندو آهي. گورنر جنرل جڏهن مناسب سمجهندو آهي تہ اهو معاملو ملٽري ڪميشن لاءِ موڪليندو آهي، جنهن ۾ هڪ فيلڊ آفيسر ۽ بہ ڪئپٽن هوندا آهن. پر جيڪڏهن ائين فوجي عملدار موجود ڪونہ هوندا آهن. اهڙي ڪم لاءِ اهڙي سب آلٽرن کي مقرر ڪيو ويندو آهي. جنهن جي ملازمت ستن سالن کان گھٽ نہ هوندي آهي. اهڙي معاملي جي ڪارروائي ڊپٽي جج ايڊووڪيٽ جنرل هلائيندو آهي. گورنر اهڙي فيصلي کي بحال ڪندو آهي ۽ تعميل جو حڪم جاري ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪورٽ ۽ جج، ايڊووڪيٽ جنرل جي فيصلي ۾ اختلاف هوندو آهي تہ ان صورت ۾ گورنر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو انصاف جا معاملا جلدي اڪلائي سگھجن ٿا. ان لاءِ مان يقين وارو ماحول پيدا ڪندو آهيان پر پوءِ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاف ايترو جلدي ڪونہ ٿو ملي جيترو هجڻ کپي. منهنجي اها بہ مرضي آهي تہ مجرم کي انصاف ڏيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ تي ڪورٽون هجڻ گهرجن. جن معاملن تي مون کي فيصلو ڏيڻو هوندو آهي. تن جو مان نهايت گهرائيءَ سان مطالبو ڪندو آهيان، پر جن معاملن جو فيصلو قاسي يا ڪا بي سخت سزا هوندي آهي تہ ان جو وڌيڪ گهرائي سان مطالعو ڪندو آهيان. اهڙي سزا ڏيڻ لاءِ مان ٻن ڪان ست ڏينهن ويچاريندو رهندو آهيان. ننڍا معاملا ڊپٽي ڪليڪٽر تڪڙ ۾ هلائي، مٿي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليندا آهن. جيڪو ڊپٽي ڪليڪٽر جي ڏنل سزا بحال يا رد ڪندو آهي. پر ٻنهي حالتن ۾ اهو معاملو جج، ايڊووڪيٽ جنرل ڏانهن موڪليو ويندو آهي. ڪن اهم معاملن ۾ هن جي فيصلي کي آخري سمجهيو ويندو آهي. ڪجهہ معاملا وري اهڙا بہ هوندا آهن. جن جي اپيل گورنر کي ڪئي ويندي آهي. هن کان سواءِ ڪي سول معاملا بہ هوندا آهن. جن کي پنچاتي معاملا سڏيو ويندو آهي. مان هَنَ قسم جي معاملن ۾ ٿوري تبديلي ڪئي آهي. هن کان اڳ اهڙن معاملن جي هلائڻ وارن کي ڪجهہ بہ ڪونہ ملندو هو. پر هاڻي اهڙن ماڻهن کي ڏهاڙيءَ مطابق پيتو ملندو آهي. اهي ماڻهو اسان جي جيوري وانگي آهن يا ٽياڪڙيءَ جون ڪورٽون آهن. پاڻ هنن کي فقط سول معاملن تائين محدود رکيو آهي. پر فوجداري معاملا يورپي ماڻهن جي حوالي ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ مان ٽرائيبيونلس جي اختيارين کي ايئن وڌائڻ جو قائل آهيان جهڙيءَ ريت مان يونان ۾ ڏٺا هئا. اهڙا ٽرئوبيونلس مشرق ۾ بہ موجود آهن ۽ انگريزن جي جيوري انهن مان هڪ آهي. يونان ۾ هن کي ڪورٽ آف ويچيارڊ سڏيو ويندو آهي يعني Court of Ancients هندستان ۾ هن جو نالو پنچائت آهي. پر انهن جا اختيار هر ملڪ ۾ ۽ مختلف حالتن ۾ مختلف هوندا آهن. ليڪن سنڌ ۽ هندستان ۾ سندن اختيار اجا بہ محدود آهن، پر انهن جي ڀيٽ ۾ پنجاب ۾ پنچات کي وڏا اختيار مليل هئا. مان سمجهان ٿو تہ هن موضوع تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ماڻهن کي پنهنجي ملڪ جي حڪومت سان گڏ هلڻ جو نادر موقعو ملي ويندو. پر مان سوچي رهيو آهيان تہ بورڊ آف ڊائريڪٽرس ائين ڪرڻ ڪونہ ڏيندو.

اهو نهايت سولو طريقو آهي جنهن فيصلي سان سنڌ ۾ انصاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي سگهي ٿو. مئجسٽريٽن ۽ ملٽري ڪميشن ۾ سدائين اختلاف راءِ موجود هوندو آهي. منهنجي نقطهٔ نظر مطابق گورنر ۽ جج، ايڊووڪيٽ جنرل آزاد سوچ جا جج هوندا آهن. انصاف جو اهو طريقو عام ماڻهوءَ لاءِ سخت نه پر نرم هوندو آهي. خاص طور جج، ايڊووڪيٽ جنرل ۽ منهنجي ڪوشش اها هوندي آهي ته قانون ۾ اهڙي ترميم ڪرڻ گهرجي. ماڻهن کي ملندڙ سزائون انهن جي احساسن مطابق هجڻ گهرجن. پر اهڙيون سزائون نه ڏنيون وڃن جن ڪري هو مايوس ٿي وڃن. پر مان هتي هڪ ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو ته مان گهڻو وقت اڳ هن اجازت لاءِ هندستان سرڪار کي لکيو هو ته هتان جي مجرمن کي عدن ڏانهن نيڪالي ڏني وڃي. جيڪڏهن منهنجي هيءَ ڳالهه قبول ڪئي وئي ته ماڻهو وڏيءَ سزا کان بچي سگهن ٿا. انگريز سرڪار اتي قلعا تعمير ڪري رهي آهي ۽ هن مقصد لاءِ کين سستو پورهيو ملي ويندو. ڪاري پاڻيءَ جي هن سزا ڪاٽڻ کان پوءِ هي ماڻهو پنهنجي ملڪ موٽي ايندا. ڊبلن جو آرچ بشپ هن قسم جي مجرمن کي وڏي بچڙائي سمجهندو آهي، تن جي آزار کان بچي سگهجي ٿو.

## پيداوار

سنڌ جي سيني ٽالپر حڪمرانن جي مجموعي پيداوار پنجتيهن کان چاليهه لک رپيا هوندي هئي. منهنجي حڪومت ۾ اها پيداوار نون لکن کان ايڪتيهن لکن تائين پهتي آهي. هن حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي ته ٻئي سال اپريل تائين پيداوار پنجتيهن لکن تائين پهچي ويندي. چاڪاڻ ته 47-1846ع جو مالي سال اپريل ۾ پورو ٿيندو. ڪليڪٽرن جي عام راءِ آهي ته 1848ع ۾ اها پيداوار چاليهن لکن تائين پهچي سگهي ٿي. اها هر سال وڌندي رهندي. چاڪاڻ ته تجارت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. ان کان سواءِ زمين جي وسيع ايراضي پوکي راهيءَ هيٺ اچي چڪي آهي. تنهن ڪري هن خط ۾ بيان ٿيل سڀ ڳالهيون حقيقتون آهن. محض اندازا ڪونه آهن. مون کي چيو ويو آهي ته سنڌ جي فتح ڪري بمبئي حڪومت جي پيداوار تمام گهٽي وڃي وئي آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته اڳي پورچوگيزن جي ڪالوني ڊمائون، هر چيز جي سمگلنگ ڪندي هئي جيڪا هاڻي ختم ٿي وئي آهي. مان اوهان جو هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ چاهيان جنهن کي

transi duty يا راهداري جو محصول سڏيو ويندو آهي. جنهن مان ٽالپرن کي تمام گهٽي آمدني ٿيندي هئي. هن کان سواءِ علي مراد کي سبزل ڪوٽ ۾ پونگ پڙا جي پيداوار ملندي هئي، جيڪي بهاولپور ۾ شامل آهن. پر انگريزن جي اچڻ کان پوءِ اها راهداري يا transit duty ختم ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ يقين آهي تہ پيداوار ٽالپر دور جي پيداوار کان گهٽو وڌي ويندي. هن محصول کان سواءِ مان ڪيترا بيا محصول بہ معاف ڪري ڇڏيا آهن. تنهنڪري منهنجي دور جي پيداوار سان انهن محصولن واري رقم بہ شامل ڪئي وڃي، جيڪي مان معاف ڪري ڇڏيا آهن. اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ ڀرن محصولن وڌيءَ پيداوار کي روڪي ڇڏيو هو.

## سنڌوءَ رستي آگبوٽن وسيلي واپار لاءِ رٿابندي

يورپ جي تيار مال جي درآمد 1843ع کان 1845ع تائين ساڍن ڇئن لکن کان وڌي نون لکن تائين پهتي آهي. جڏهن تہ 1846ع جي پهرين ڇهن مهينن دوران ڏهن لکن جي درآمد ٿي آهي. سنڌ جي واپارين جي پاڪار متل آهي تہ تجارتي لڏ پلاڻ لاءِ آگبوٽن جي اشد ضرورت آهي، جيڪي سندن واپاري وکر سنڌو جي اتر واري پاسي ۾ ستلج کان متي ڪٽي وڃن. هنن ماڻهن موڏانهن بہ خط لکي ساڳيون گذارشون ڪيون آهن تہ مان گورنر جنرل کي گذارش ڪريان تہ اهو چار جنگي آگبوٽ سنڌوءَ ۾ هلائڻ جي اجازت ڏئي، جيڪي فقط تجارتي مقصدن لاءِ هجن ۾ ائين سنڌ سرڪار جي نظرداريءَ هيٺ ڪپي. هي آگبوٽ پنهنجو خرچ پاڻ ڪيندا ۾ ضرورت وقت جنگ جو ڪم بہ ڏيندا. ائين تيڻ سان تجارت گهٽي وڌي ويندي، چاڪاڻ تہ سندن رفتار تيز آهي ۾ تجارتي مال بہ تيز رفتاريءَ سان پهچندو ۾ روانو ٿيندو رهندو. اندازو اهو آهي تہ ڪڏهن ست وڏا ٻيڙا سال جي خاص موسم دوران سنڌوءَ وسيلي هيٺ ايندا هئا، انهن مان ڇهہ تہ صفا تباهہ ٿي ويا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هتان جا ٻيڙا معياري نهيل ڪونهن، ۾ ٻيڙائت بہ سچيت ۾ سياڻا ڪونہ هوندا آهن. انهيءَ ڪري تجارت ختم ٿي وئي آهي. پر هن وقت تائين سنڌوءَ ۾ هڪ بہ آگبوٽ تباهہ ڪونہ ٿيو آهي. جيڪڏهن چار آگبوٽ سنڌ سرڪار کي ڏنا ويندا تہ اهي تجارتي مال سان پرجي متي هاڪاريندا. اتان مال سان ستجي هيٺ ايندا رهندا. ائين تيڻ ڪري تجارتي ڪمپنيون بہ جلد ئي جڙي وينديون ۾ تجارتي آمدرفت ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪنديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتان جي واپارين تي ڪنهن به قسم جو پروسو ڪري ڪونه ٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته سنڌن خواهشون نڳينڊڙ رهيون آهن. پر آگبوٽن جو مطالبو ضرور ڪيو ويجي ٿو. ان لاءِ مان به چوندس ته سنڌن اهڙو مطالبو ضرور پورو ڪيو ويجي ۽ اهڙو بندوبست ضرور ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ڪراچي کان وٺي سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي تائين به آگبوٽن جي آمد رفت جي ضرورت آهي. اهڙي سروي مان پاڻ ڪئي آهي ته آگبوٽ ڇوڙن منجهان متي هاڪاري سگهن ٿا. اهڙو ساموندي ڪناري پرسان هلندا رهن ۽ خراب موسم دوران اهي جهٽ اچي ڪناري سان لڳي سگهن ۽ هر قسم جي جوکي کان آجا هوندا. پر سال جي پنجن مهينن دوران آگبوٽن واري آمد رفت رڪجي ويندي. ليڪن اهو پتو ڪونه آهي ته سنڌوءَ جي چاڙهه واريءَ رُت ۾ آگبوٽ انهيءَ ساموندي رستي سان هاڪاري سگهندا الائي نه. باقي لاٽ ڪانپوءِ آگبوٽ پنهنجو رستو پاڻ جوڙي وٺندا. واسطيدار عملدارن کي پڪ آهي ته تجارتي مقصدن لاءِ آگبوٽن جو استعمال ڪامياب ثابت ٿيندو. جيڪڏهن سنڌوءَ جو هڪ مستقل طور تي ڪراچيءَ وٽ بندر قائم ٿي ويجي ٿو ته پوءِ سنڌوءَ جي چاڙهه دوران به آگبوٽن جي آمد رفت هلندي رهندي ۽ ٻين ڇوڙن جيان بند ڪانه ٿيندي. جيڪڏهن آگبوٽن جي هي آمدرفت ڪامياب ٿي ٿئي ته پوءِ آگبوٽ سنڌوءَ سان متي وڃي پنجن درياهن جي ڇوڙن تائين ايندا ويندا رهن.

## زراعت

جهڙيءَ ريت پوکيءَ راهي جي ايراضي وڌي رهي آهي تهڙيءَ ريت سرڪار جي پيداوار به وڌي رهي آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته ڏل جي شرح گهٽائي وئي آهي. اسان جي حڪومت کي ٿورو عرصو ٿيو آهي. امن امان جي قائم ٿيڻ ڪري ٻين علائقن جا ماڻهو هيڏانهن اچي رهيا آهن. منهنجي ڪوشش آهي ته انهن ماڻهن جي حالت سڌاري وڃي جن کي ٽالپر دور ۾ رعيتي سڏيو ويندو هو. سائين اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته سنڌ ۾ پيداوار جا مقرر اصول جوڙيا ويا آهن. ٽالپر دور ۾ پيداوار جي شاخ تي محصول مڙهيو ويندو هو پر مان هن روايت کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. زميندار سرڪار کان يا جاگيردار کان زمين لاپي تي وٺندو آهي ۽ پوکي راهي ڪندو آهي پر زمين جي مالڪ کي نڳي وٺندو آهي ۽ باقي رعيتيءَ کي بک مرڻ تي مجبور ڪندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### هٽ ڪوبہ ماڻهو بک وگهي نٿو مري

هتي ڪوبہ ماڻهو بک کونہ مرندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هتي جهنگلي جانور جام ۽ ڏٿ گهڻو آهي. هتان جا ماڻهو پکي پاليندا آهن ۽ مفت ۾ ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ مفت ۾ ڪاٺيون گڏ ڪري باهيون ٻاريندا آهن. اگهاڙن کي گهرن جي کهڙي ضرورت آهي. هتان جا ماڻهو بک مري ويندا آهن، پر رڍ جي چوري ڪرڻ جي بہ تڪليف ڪري ڪانہ سگهندا آهن، پر جيڪڏهن چوري ڪرڻ چاهيندا آهن تہ اول جهنگ مان اٺ چوري ڪندا آهن جيڪو هڪ ڏينهن ۾ هڪ سو ميل سفر ڪري سگهندو آهي ۽ ان اٺ تي چڙهي وڃي رڍ چوري ڪندا آهن، بعد ۾ اٺ کي ان ساڳئي جهنگ ۾ ڇڏي ايندا آهن. جتي هو اڳ ۾ چري رهيو هو. اهو بہ چيو ويندو آهي ماڻهو تيستائين سچيت ۽ سياڻو ڪونہ ٿي سگهندو آهي جيستائين هن جي رڍ يا اٺ چوري ڪونہ ٿو ٿئي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ جڏهن اٺ چوري ٿيندو آهي تہ ان جا پاڳيا پيراڏوءَ ڪان پيرا کڻائيندا آهن جيڪو پير کڻي وڃي چور کي جهليندو آهي. شرط اهو هوندو آهي تہ پيرا تازا هجن جن کي نہ واءُ ڊاهي ويو هجي، نہ مينهن وسي انهن کي متائي ڇڏيو هجي. جيڪڏهن پير ڇِٽا هوندا تہ پوءِ چور کڻي ڪيڏي بہ پيرَ بتال ڪري پر پيراڏي ڪان بچي ڪونہ سگهندو آهي.

### غريب هارين کي زمين، جائداد تڪر ۽ قرض ڏيڻ

زميندار رعيتي ماڻهن کي ظلم ۽ ڏاڍايون ڪري هيسائي ڇڏيندو آهي ۽ پوک جي بٽئي ۾ بہ ساٽس ويڌن ڪندو آهي، جيڪو ڪين بيروزگار ڪري ڌاڙن هڻڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي، پر مان انهن غريب رعيتي ماڻهن لاءِ زمين جا ننڍڙا ٽڪرا گرانٽ ڪيا آهن. انهيءَ مقصد سان تہ هو زميندار جي ڏاڍ جي گهاٽي اندر پيڙجڻ کان بچي سگهن. ڪين زمين ايتري ٿوري ڏني وئي آهي، جيڪا هو پورهيو ڪري پاڻ آباد ڪري سگهن ۽ ڪنهن ٻئي کي بٽئيءَ تي نہ ڏين. اهي ماڻهو ڊل بہ سڌو سنئون ڪليڪٽرن کي ڏيندا آهن. جنهن ۾ زميندار ۽ ڪاردارن جو ڪو واسطو ڪونہ هوندو آهي. ائين ٿيڻ ڪري نہ رڳو غريبن جي اخلاقي اصلاح ٿيندي، پر اوڙي پاڙي وارن ملڪن ۾ اسان جي ساک وڌندي ۽ سمجهيو ويندو تہ انگريز سرڪار غريب پرور آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي آدمشماري وڌي ويندي. زمينون آباد ٿينديون ۽ انگريز سرڪار جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو. ان سان گڏ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پيو قدم بہ کنيو آهي يعني محنتي هاريءَ کي سرڪار طرفان قرض ڏياري رهيو آهيان. اها روايت اڳئي انگلينڊ ۾ موجود آهي. چاڪاڻ تہ ڪڏهن اڻ ڏني آپدا ڪري سندن فصل تباهہ ٿي ويندا آهن. اهڙا قرض ضلعي جا ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ڏيندا آهن. ان لاءِ اهو ضرور ڏنو ويندو آهي تہ هاري محنتي ۽ سچار آهي. اهڙي قرض جي وصولي قسطن ۾ ادا ڪئي ويندي آهي. قرض ڏيڻ وقت ڪن ٻين ڳالهين کي پڻ ڏٺو ويندو آهي. جيڪي هن مختصر خط ۾ بيان ڪري ڪونہ ٿيون سگهجن.

## سنڌ جي زرعي ۽ تجارتي ترقي لاءِ اپاءَ

منهنجو خيال آهي تہ ڊل جي شرح اجا بہ گهٽائي وڃي. انهيءَ ڪري پوکي راهيءَ جي ايراضي وڏي ويندي ۽ سرڪار کي تمام گهڻي پيداوار ملندي. مان ٿوري ئي وقت اندر هن ڳالهہ کي ثابت ڪري سگهان ٿو. اينڊڙ اپريل ۾ سارو پتو پئجي ويندو تہ منهنجي دعويٰ صحيح آهي ۽ انهيءَ طريقي سان پيداوار وڌائي سگهجي ٿي. اڳئين سال ايڪتيهہ لک مان پيداوار وڏي پنجتيهہ لک نہ ٿي تہ مون کي ڏاڍو افسوس ٿيندو. هن سال پوکون ڏاڍيون پليون ٿيون آهن. پر ماڪڙ جي مصيبت جو ڏاڍو پئو آهي، جنهن پاسي وارن ملڪن جا پڪل فصل تباهہ ڪري، ماڻهن جي چپن تي آيل گرهہ کائڻ کسي ورتو آهي. تنهن ڪري اها اگري آپدا ڪهڙي وقت بہ اوچتي اچي پوکون اجاڙي پينگ ڪري سگهي ٿي. سنڌ کي فتح ڪان پوءِ ايترو وقت ڪونہ مليو آهي جنهن دوران ناپر تي هجي. ماڻهن جي خواهش آهي تہ تجارت ۽ زراعت چپٽي وجائيندي ايتري جلدي ۾ ترقي ڪري، جيتري جلدي ۾ علاؤالدين جي محلات اجڙي راس تي هئي. مان سمجهان ٿو تہ زراعت ۽ تجارت کي ٽالپرن جي ظلم ۽ ڏاڍ جي اثر ڪان نجات. ڏهن سالن ۾ مس ملندي ۽ سنڌ ۾ اهڙي وڏي انقلاب جي ابتدا شروع ٿي چڪي آهي. اهو انقلاب ڪو عام رواجي نہ هوندو.

پهريون مسئلو امن امان جو هو جيڪو حيدرآباد واري جنگ جي ٻجاٽيءَ کان پوءِ مان اندازو لڳايو هو تہ سنڌ جي اهڙي ترقي ڏهن سالن اندر مس ٿيندي جيڪا موجوده دور ۾ ٿي چڪي آهي ۽ اها اچرج جهڙي ڳالهہ آهي. ليفٽيننٽ آئوٽرام اڳ ۾ اڳڪٿي ڪئي هئي تہ حيدرآباد واري جنگ کان پوءِ سنڌ ۾ ڏهہ سال گوريلا جنگ هلندي. هن کي سنڌ جي ماڻهن جي خبر اها ايتري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ جي مالي صورتحال ۽ فوجي خرچ جو بارُ

هن وقت اسان جي مالي صورتحال هن ريت آهي:

حيدرآباد جي 24 مارچ 1843ع واري جنگ کان 30 اپريل 1846ع تائين ڪُل پيداوار 659393 پائونڊ اسٽرلنگ.

انهن سالن لاءِ سنڌ حڪومت جي سول انتظاميہ تي ايندڙ خرچ 336526 پائونڊ اسٽرلنگ. بچت 322869 پائونڊ اسٽرلنگ.

مان خرچ پکي جو تفصيلي حال احوال ڪنهن ٻئي خط ۾ لکلندس چاڪاڻ تہ اهي ڪاغذ پارليامينٽ ۾ پيش ڪيا ويندا. تنهن ڪري 30 اپريل تي هائوس آف ڪامنس انهن کي ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن کان سواءِ مان هڪ ٻي بہ گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو تہ، وڏيون فوجون سنڌ جي بغاوتن کي ڪچلڻ لاءِ نہ پر پنجاب تي حملي ڪرڻ لاءِ اچي سنڌ ۾ گڏ ٿيون آهن. مان تہ گذريل ٻن سالن کان لڳاتار چوندو پيو اچان تہ سنڌ ۾ پنج هزار فوج بہ گهٽي آهي، جنهن جو مقصد بچاءُ ۽ امن آهي. پر بمبئي واري ڌر پنهنجي ضد تي قائم آهي. مان هيءَ ڳالهہ ثابت ڪري سگهان ٿو تہ سنڌ ۾ پنج هزار فوج بہ گهٽي آهي. جڏهن سکن جي حملن جو خوف هو ان وقت بہ سنڌ ۾ پنج هزار فوج هئي. جڏهن تہ سکن جي ڪوشش اها هئي تہ انگريزن خلاف سنڌ وارا سندن مدد ڪن. چاڪاڻ تہ پنجاب جا اهي حڪمران انگريزن خلاف ٽالپرن سان گڏ هئا. مان سانگي سان اهو احوال بہ اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اها پڪ ڪانہ هئي، تہ سنڌ اندر امن امان قائم تي سگهندو ۽ جيستائين مان سنڌ ۾ موجود آهيان تيستائين اهڙي ڳالهہ ممڪن ئي ڪانہ آهي پر هنن موکن ۽ اوکن کي اها ڪل ئي ڪانہ آهي تہ ملڪ ۾ امن امان فوج جي دهشت ۽ ڏاڍ سان قائم ڪري ڪونہ سگهبو آهي. پر سانت ۽ امن رحمدليءَ ۽ انصاف سان قائم ڪري سگهبو آهي، جنهن وقت کان وني ٽالپر سنڌ کان ٻاهر موجود آهن، تنهن وقت کان وني هڪ انگريز بہ قتل ڪونہ ٿيو آهي ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ انگريز جي توهين ڪانہ ڪئي آهي. اهڙيون ڳالهيون مشرقي ملڪن ۾ منفرد حيثيت جون مالڪ آهن. اهڙيون پليون ڳالهيون انهن ملڪن اندر بہ ڪونہ ڏسبيون جيڪي تازو فتح ٿيا آهن.

فوج تي ٿيندڙ گهٽي خرچ جا بہ قسم آهن: جن مان هڪ جو واسطو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوج جي ڪاڏي پيتي سان آهي. جڏهن ته پئي جو تعلق بئرڪن جي تعمير سان آهي. جيتري قدر فوج جي پهرئين خرچ جو تعلقُ آهي ته اهو فوجي تعداد جي گهٽجڻ سان پاٽمرادو گهٽجي ويندو. تنهن خرچ جي چئن مان ٽي حصا خرچ پنجاب جي ڪري آهي. خرچ جو باقي چوٿون حصو سنڌ جي والار ڪري اچي رهيو آهي. سنڌ جي فتح تي ڪوبہ اضافي خرچ ڪونہ ٿيو آهي، پر حيدرآباد ۾ فوجي بئرڪن جي تعمير تي ضرور خرچ ٿيو آهي ۽ اهو بہ اضافي پيداوار مان ڪٽيو ويو آهي. پر بمبئي سرڪار کان ڪونہ ورتو ويو آهي. اهڙو ذڪر مٿي بہ اچي چڪو آهي. سنڌ جي فتح تي آيل خرچ جي هڪ پائي بہ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ڪانہ پري آهي. پر اٿلو ڪيس هن فتح ڪري پئسي جي بچت ٿي آهي. مان ان سياستدان ۽ فوجيءَ جي هن نقطئہ نظر جي خلاف تہ جيڪڏهن ٽالپر سنڌ جا حڪمران هجن ها ۽ انگريز فقط سکر ۽ ڪراچيءَ تي قبضو ڪن ها تہ انگريز سرڪار جو ايترو خرچ ڪونہ اچي ها جيترو گذريل ٻن سالن ۰اندر گواليار ۽ ستلج وارن محاذن تي آيو هو مان هي اضافو ڪندس ۽ ثابت بہ ڪري سگهندس تہ جيڪڏهن سنڌ ۾ ميرن جي حڪمراني هجي ها تہ رت جون نديون وهي چڙن ها. ان وقت گواليار جون باغي تلوارون اييون هجن ها ۽ سک ستلج پار اڪري وڏو ممڻ مچائي چڪا هجن ها.

جيڪڏهن گورنر جنرل چريائيءَ جو مظاهرو ڪري 43-1842ع ۾ انگريزي فوج جو تعداد گهٽائي پنج هزار ڪري ها. ٽالپرن جي حڪمراني بہ موجود هجي ها، انگريز فوج جو اڌ ڪراچي ۽ اڌ سکر ۾ رهايو وڃي ها تہ اهڙيءَ صورتحال ۾ انگريزي فوج مان هڪ بہ ڪونہ بچي ها. اهي ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام جون اجايون ۽ اوکيون ڳالهيون آهن. ڪيس ميرن جي ميري من جي تيستائين ڪل ئي ڪانہ پئي هئي جيستائين انگريز ريزيڊنسي تي حملو ڪونہ ٿيو هو. جيڪڏهن هو منهنجي جاءِ تي هجي ها تہ ساري انگريزي فوج 1844ع يا 1845ع ۾ ڪُهائي چڪو هجي ها. هڪ سال تہ امن امان سان گذري وڃي ها، پر جڏهن گواليار جهيڙي جو جهنڊو ڦڙڪائي يا سک ستلج کي پار ڪري، انگريزن تي حملو ڪن ها تہ ان کي ڏسي ٽالپرن جو من بہ وڌي وڃي ها ۽ ڪراچيءَ ۽ سکر تي حملو ڪري اتي رهيل انگريزي فوج کي ڪهي لاشن جا ڍير لائي ڇڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها. تقسيم ٿيل اهڙيءَ فوج کي ڪٿان مدد به ملي ڪانه سگهي ها ۽ سڄي ڪٽو ڪٽو ٿي ڪُٽجي وڃي ها. افغانستان واريءَ جنگ دوران لارڊ ڪينن جي فوج، مس ڪري ميرن تي ضابطي رکڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي نه ته نتيجي ۾ وڏو ڪوس ٿئي ها ۽ خرچ به سنڌ جي فتح کان به گهٽو اڇي ها. تنهن ڪري مان سمجهي رهيو آهيان ته سنڌ جي فتح ڪمپنيءَ کي هڪ وڏي ڪوس ۽ بي انتها خرچ جي بار کان بچائي ورتو آهي. ٻلي بمبئي واري ڏر پنهنجي هوڏ تان هيٺ نه لهي. اهو به معلوم ٿيندو ته سنڌ اندر 1842ع کان وٺي، اسان جي فوج جي عزت ۽ وقار ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانه آئي آهي.

## سنڌ جي فتح جي حڪمت عملي

جيتري قدر سنڌ جي فتح واري حڪمت عمليءَ جو تعلق آهي ته، مان انهيءَ معاملي ۾ بلڪل اڻ ڏريو هوس. مان هن معاملي ۾ لارڊ ايلنبرو کي ڪنهن به قسم جو مشورو ڪونه ڏنو هو. اهڙي ڳالهه منهنجي سوچ ويچار ۾ به ڪانه هئي. مون کي ته گورنر ٿيڻ تائين ائين ٻڌايو ويو هو ته ٽالپرن جي مدد ڪئي ويندي. مان لارڊ ايلنبرو جي قائم ڪيل حڪمت عمليءَ کي تسليم ڪيو هو. ساڳئيءَ ريت مان پنهنجي حڪمن جي تعميل پڻ ڪرائي هئي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته سمجهان ها ته مان اهو ڪامياب فوجي جنرل آهيان، جنهن کي پنهنجي ئي حڪومت عزت جي نظرن سان ڪانه ڏسي رهي آهيان. مان ته ان بااختيار شخصيت جي حڪمن کي تسليم ڪيو هو جنهن کي پنهنجي سرڪار ته اهڙيون اختياريون ڏنيون هيون، پر ڪيس انگلينڊ جي تائيد حاصل ڪانه هئي. پر هن کان پوءِ ايندڙ سندس جانشين هن جي قائم ڪيل حڪمت عمليءَ کي جاري ضرور رکيو هو. ان هوندي به لارڊ رپن ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس مون سان ته هاڃا ڪري ڇڏيا هئا. مان هيءَ حقيقت ثابت ڪري سگهان ٿو ته سنڌ جي فتح تي ٻئي علائقي جي فتح جي ڀيٽ ۾ ڪوس به گهٽ ٿيو ته خرچ به گهٽ آيو آهي. ڪابل واري جنگ ۾ اسان جي فوج ڪسي مري تباهه ٿي وئي هئي، پر انهيءَ واقعي کان پوءِ بااختيار طاقت جو ڪهڙو خيال هو؟ سنڌ جي فتح کان اڳ اهو تصور موجود ڪونه هو ته سنڌ کي مختصر لشڪر سان فتح ڪيو ويندو پر فتح کان ... سرڪاري خزاني ۾ وڏيڪ پيداوار جو اضافو ٿيو هو پر ڪوبه اضافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خرچ ڪونہ ٿيو هو. اهڙين ڳالهين کان پوءِ اختيارين کي خيال آيو تہ سنڌ کي گهٽ فوجي تعداد وسيلي فتح ڪيو ويو ها. اهڙن خيالن جو اظهار ساڙ ۽ حسد کان ڪيو پيو وڃي. اهو بہ چيو پيو وڃي تہ اها جنگ اهم ڪانہ هئي جنهن لاءِ جنرل کي اعزاز ڏنو وڃي. اهڙيون ڳالهيون هڪ سازشي ۽ دشمن ٽولي جون گهڙيل هيون. انهن ڳالهين تي آءٌ ماٺ ڪيو ويٺو هوندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ مون کي اطمينان آهي تہ جيڪو ڪجهہ ڪيو اتم منهنجو منصبي فرض هو.

## سنڌ جي آبهوا ۽ آپدائون

چيو ويندو آهي تہ سنڌ جي آبهوا ڏاڍي گرم آهي ۽ هندستان جي بين علائقن جي ڀيٽ ۾ سنڌ وڌيڪ غير صحت بخش آهي پر مان ائين ڪونہ ٿو سمجهان. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ بيماريءَ ڪري فوج بہ گهٽي مري ڪپي وئي آهي، پر ڪمپني جي فتح ڪيل سيني نون ملڪن ۾ ائين ٿيو آهي. ان جو ڪارڻ بہ سولو ۽ سمجهڻ جوڳو آهي. اهڙا واقعا سٺين بئرڪن جي عدم موجودگيءَ آرام جو نہ هجڻ ۽ علائقائي حالتن جي اڻ ڄاڻائي هئي. انهن ڳالهين جي کوٽ کي فوج محسوس ڪري ورتو هو. ٽالپرن سنڌ کي پيلي پينگ ڪري ڇڏيو هو ۽ منجهس ڪا شيءِ ڇڏي ئي ڪانہ وئي هئي. اسان کي هتي رهڻ دوران ائين معلوم ٿي رهيو تہ جڻ رڻ پٽ يا بيابان اندر نهيل هڪ وسندي ۾ پيا رهون. اهو تہ احساس ئي ڪونہ هو تہ انگريزي فوج اهڙو ملڪ فتح ڪيو آهي، جنهن ۾ ماڻهن جي آبادي آهي. اسان ڪالرا جي بيماريءَ ۾ ڪجهہ عملدار ۽ فوج وڃائي آهي. هيءَ بيماري سدائين هن ملڪ ۾ ڪانہ رهندي آهي، پر جيڪڏهن فوج کي بهترين بئرڪن ۾ ۽ آرام سان رهايو وڃي ها تہ هي معامرو ايڏو ڪيس ڪلور ڪري ڪونہ گذري ها. هاڻي بهترين ۽ سهوليتن واريون بئرڪون جڙي رهيون آهن. تنهن ڪري هاڻي سنڌ، هندستان جي بين علائقن جهڙي غير صحت بخش ڪانہ رهندي، جيڪا يورپي ماڻهن جي جيءَ کي جوکو رسائي سگهي. فتح کان پوءِ سنڌ ۾ رهندڙ فوج تي بجار جا بہ حملا ٿيا آهن. جنهن ۾ يورپي ماڻهن سان گڏ پيا بہ متاثر ٿيا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهو هن گرم آبهوا جا هيراڪ ڪونہ آهن. ان کان سواءِ ڪين سٺو شراب بہ ڪونہ ٿو ملي. عام بيماريءَ کان سواءِ هتي بہ پيرا ڪالرا بہ قهر ڪيا آهن. اهڙين آپدائن ڪري ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هراسجي ويا آهن ۽ ٻين اوٺاين کي اڪ وتائي ڏسڻ کان سواءِ رڳو آبهوا تي ڏوهہ ڏيو ويٺا آهن.

## سنڌ جا قدرتي وسيلا

سنڌ وڏي پيداوار ڏيڻ وارو ملڪ آهي. زمين تہ ايڏي پلي آهي جو ان جو بيان ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. مان سنڌوءَ جي پاڻي تي ضابطي رکڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهيان. اميد تہ مقرر وقت کان اڳ ئي ان منصوبي کي مڪمل ڪري سگهبو. ان کان پوءِ هتان جون پليون ٻنيون آباديءَ هيٺ اينديون ۽ پيداوار ۾ وڏو اضافو اچي ويندو. موجوده دور ۾ گهٽڻ ماڻهن جي ضرورت آهي جيڪي پوکي راهي ڪن ۽ غير آباد زمين کي آباد ڪن. ڪاٺيون بہ تمام گهٽيون آهن. لوڻ تہ تمام گهٽو آهي.

## سنڌ جي موجوده صورتحال

اخبارن وسيلي اهو ٻڌايو پيو وڃي تہ پاڙي وارن قبيلن وهڻ رهہ ۾ ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ اهي اخبارون بي خبر آهن، پر هتي ڪو اهڙو قبيلو ڪونہ آهي جيڪو اسان سان جهيڙو چاهيندو هجي. حقيقي صورتحال اها آهي تہ اهي قبيلا هوريان هوريان سنڌ اندر آباد ٿي رهيا آهن. اهي ماڻهو جيڪي امن امان چاهن ٿا ۽ پوکي راهي ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪرڻ گهرن ٿا ۽ پنهنجي پگهر جي پورهئي جو مٺو ڦل کائڻ پسند ڪن ٿا سي هتي آباد ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

منهنجي حڪومت کان پوءِ سنڌ جي مجموعي صورتحال گهٽو سڌريل آهي. مان سمجهان ٿو ائين چئي مان غلط بياني ڪانہ ڪئي آهي تہ مان سارو وقت جهيڙي ۾ گذاريو آهي. تنهن ڪري مون کي تفصيلي بيان ڪرڻ جو وقت گهٽ مليو آهي. جڏهن ٿورو وقتو مليو آهي تہ پنهنجي يادگيرين تي مشتمل هڪ ڪتاب جوڙي اوهان ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. پر جيڪو بہ بيان ڪيو اٿم سو يادگيرين جو اختصار آهي، ليڪن پيداوار وڌي آهي ۽ وڌندي رهندي ماڻهن بہ سکيا ستابا ۽ ريان کيان آهن. ڪين ڪنهن بہ قسم جو ڏک پيش ڪونہ آهي. تنهن ڪري نہ سازشون سرجن ٿيون نہ وري ڪتان ڪا بغاوت جي بوءِ ٿي اچي. ڪڇي جي جابلو علائقي ۽ پنجاب خلاف فوجي مهم شروع ڪئي وئي هئي. انهيءَ وقت ساري فوج سنڌ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر هئي. هتان جي ماڻهن کي بغاوت جي ڦريري ڦڙڪائڻ جو سونهري وجهہ هٿ لڳو هو پر هنن ائين ڪونہ ڪيو هو.

## سنڌ ۾ فوجي حڪومت جي چونڊ ئي بهتر آهي

هتي آءٌ هڪ ٻيو نقطئہ نظر پيش ڪري رهيو آهيان جيڪو مان سمجهان ٿو تہ صحيح بہ آهي. اهڙو ساڳيو نقطئہ نظر هڪ انگريز جو بہ آهي، جيڪو هندستان ۾ ويهہ سال رهيو هو. سندس ڪائڻ پيٽڻ بہ هتان جي ماڻهن سان ٿيندو هو. ڏاڍو سادو ۽ اصولن جو پڪو هو. ان کان سواءِ هتان جي ماڻهن جي مزاج کان چڱي طرح واقف هو. مان بہ هتي پنج سال رهيو آهيان. چار سال حڪومت ڪئي اٿم. تنهن ڪري مان سنڌين جي مزاج کان ڀلي ڀت واقف آهيان. سو منهنجو نقطئہ نظر هي آهي تہ جيڪڏهن سنڌ ۾ سول حڪومت قائم ڪئي وئي تہ سنڌ جي ساري پيداوار سول ڪامورا شاهيءَ جي پيٽ ۾ هلي ويندي، جنهن مان پرزو بہ پيدا ڪونہ ٿيندو. ڪم تڇ سمان هوندو جاتي ساري سول انتظاميا اچي ڳاهٽ ٿيندي. گهٽيون دايون مارن يا ڪارن. ان کان سواءِ ڏاها ۽ تجربيڪار وڏا سول عملدار پنهنجون سهوليت واريون جايون ڇڏي هيڏي سنڌ ڇا لاءِ ايندا. هيڏانهن اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي نوجوان ۽ سيکڙاٽ هوندا، جن کي ٻين ملڪن ۾ ملازمت ڪانہ ملي هوندي. ائين اچي هتي مڙندا جڻ ڳڙ تي مکيون. ڏسڻ وائسڻ جا ڏاڍا چڱا هوندا. سگار پيئندا، بيئر جو هڪ گلاس لهندو ۽ ٻيو پيو چڙهندو ۽ ڪلارڪن جي هڪ وڏي ميڙاڪي کي غلط هندستاني ٻوليءَ ۾ حڪم پيا ڏيندا. ٿوري وقت کان پوءِ کين وڏا اختيار ملي ويندا ۽ طاقت جي نشي ۾ سڀ بداخلاقيون ڪري وجي توڙ ڪندا ۽ ڏاڍ ڪري رڻ ٻاري ڇڏيندا. ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ خرچ وڌي ويندو ۽ رتوڇاڻ ٿيندي. هتان جي ماڻهن کي سول ملازمين لاءِ ٽڪو بہ عزت ڪانهي. اهي رهيا آهن تہ فوج مٿان حڪم هلائي رهيا آهي ۽ اهو کين صحيح لڳي رهيو آهي. چاڪاڻ تہ هي ماڻهو بہ پاڻ کي فوجي تصور ڪن ٿا. پر جڏهن هنن مٿان سول ملازمن حڪم هلايا تہ تلوارون اڀيون ٿي وينديون.

ان کان سواءِ جهڙي تناسب سان سول ملازم وڌندا ويندا، تهڙي تناسب سان خرچ وڌندو ويندو ۽ فوج جو تعداد گهٽبو ويندو. ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ ملڪي انتظام ڍلو ٿي ويندو ۽ ضابطو ڪمزور پئجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو. اهڙي ريت بغاوت جو به امڪان هوندو. جنهن جو ڪارڻ به سول حڪومت هوندي جيڪا وري بغاوت کي ختم ڪري به ڪانه سگهندي.

## سنڌ لاءِ سول انتظاميہ جي جوڙجڪ

مان ان ڏچي کان به واقف آهيان. جيڪو سول حڪومت جي انتظاميہ اندر فوجين کي رکڻ ڪري پيدا ٿيندو آهي. مان پاڻ به سنڌ سرڪار جي موجوده انتظاميہ اندر ٽن چئن سول ملازمن کي مقرر ڪيو آهي جنهن جو نتيجو سنو نڪتو آهي. اهي ماڻهو ڏاڍا شريف انسان هئا، پر فتح جي ابتدائي دور ۾ تي ماڻهو لارڊ ايلنبرو موڪليا هئا جيڪي صفا بيڪار ۽ ڏڌ ثابت ٿيا هئا. مان انهن ماڻهن خلاف ڪنهن تعصب جو اظهار ڪونہ ٿو ڪريان، پر ساڻن همدردي هئي. چاڪاڻ تہ انهن ماڻهن مان هڪ منهنجي پراڻي دوست جو پٽ هو. جيڪو اسپين واري جنگ ۾ مارجي ويو هو. منهنجي وس ۾ هجي ها تہ ان لاءِ گهٽو ڪري سگهان هان. سندن خيال سرڪاري ملازمت وارن ڪمن کان اوچا هئا. مون کي رپورٽ وسيلي ٻڌايو ويو هو تہ هو ڪاڻڻ جا ڪرا ۽ ڪم جا ٻرا هئا. مان ڪليڪٽر پوپ جي اهڙي بيان سان گڏ کين لارڊ ايلنبرو ڏانهن واپس موڪلي ڇڏيو هو جنهن تحت کين ڪم ڪرڻ لاءِ رکيو ويو هو. هي ماڻهو هوشيار نوجوان ۽ شريف هئا، پر ڪم جا ٽوٽي هئا. جيڪڏهن اهڙا ٻڌن کن ماڻهو هٿ ڪم ڪن تہ منهنجي حڪومت جي انتظام کي هٽي کنا ڪيڙ ڪري رکن ۽ سارو ڪم ڪلارڪن ۽ ڏيهي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏين ۽ پاڻ ڪڪ پيجي ٻيٺو به نہ ڪن. مان ڪلارڪن ۾ ڏيهي ماڻهن لاءِ ڪونہ ٿو چوان تہ اهي اتي تي چٽي آهن، اهي تہ ڪم ۾ اڻ ٽڪ ۽ اروڙج آهن، سياڻا ۽ سچيت بہ آهن. پگهارون بہ انهن ماڻهن کي گهٽ ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ڪم ڪائن ڇڪي ورتو وڃي ٿو سرڪاري آفيسن اندر بہ اهي ماڻهو وهن جيڪي ڪم جا ڪوڙيا هجن. پر اهڙن ماڻهن مان جند ڇڏائڻ ضروري هوندي آهي جن جا ڪم ڪلارڪ ڪندا هجن. جن کي سوئر جي شڪار کان واند ئي نہ ملي ۽ بيئر جا بيرل آڌو رکيون وينا هجن. اهڙن ماڻهن کي پنهنجي منصبي فرض جي ادائگي کان وڌيڪ ٻيا ڪم پيارا هوندا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي منصبي فرض کي ڪجهہ بہ ڪونہ سمجهندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آخر ۾ هيءَ گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو ته مان ۽ منهنجي ماتحت عملدارن تمام گهٽو ڪم ڪيو آهي ۽ بهتر ڪيو آهي. هن حقيقت کان ڪير به انڪار ڪونه ڪندو ته اسان وڏين مشڪلاتن کي مڙسيءَ سان منهن ڏنو آهي. جنگيون ختم ٿيون ته مهاماريءَ منهن ڪڍيو جنهن ملڪ ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏيو. ماڻهو ڏڪن ۾ ڏوڙا لڳا پيا هئا جو ماڪڙ جا ڪٽڪ لهي پيا جيڪي پاڻ سان ڏڪار کي به ڪٺي آيا هئا. چوندا آهن ته ڏبري تي مچر به گهڻا. ان سال وري سنڌو به ڪمهلو لهي ويو. تنهن ڪري جيڪي پوکون آنيون ۽ ڏڌر تي هيون تن کي پوريون پاڻي پهچي ڪونه سگهيو ۽ اَنُ بوهي کان ٻاهر نڪري ڪونه سگهيو ۽ اندر ئي سڪي پچي ويو. اهڙيءَ ريت ملڪ جو جيڪو حصو ماڪڙ جي مصيبت کان بچي ويو سو وري پاڻيءَ جي اڻهوند ڪري ڏرت ۽ ڏڪار جي ور چڙهي ويو. تنهن ڪري سنڌ 1843ع کان وٺي لڳاتار سورن ۾ سختين ۾ رهي. انهيءَ زماني مان فوجي سرگرمين ۾ ايترو رڌل هوس جو مٿي ڪنهڻ جي واندڪائي ڪانه هئي. پر پوءِ به سنڌ جي سول انتظاميا جو جوڙجڪ ڪري ورتو هيم. جنهن جي ابتدا مان نوجوان عملدارن سان ڪئي، جن کي اڳي ڪو تجربو ڪونه هو جيڪڏهن هو ته به ٿورو ٿڪو هو. پر اهي ڏاڍا لائق ۽ قابل ماڻهو هئا. ڪين ڪم ڪرڻ جو شوق به هو. هي نوجوان هتان جي ملڪي حالتن کان واقف به ڪونه هئا. پر اٿل ۽ اڏول هئا ۽ هنن هر مشڪل کي منهن ڏئي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. چاڪاڻ ته هتان جي ڍل محصول جي وصولي هنن لاءِ نئين ۽ ڏکي هئي. اسان اهڙي ڪاميابي ڪهڙي طريقي سان ماڻي ورتي هئي، تنهن جو فيصلو اسان دنيا تي ڇڏيو آهي. پر اسان ڪم کي ڇچڙ ٿي لڳي پياسون. اهڙيون حقيقتون فقط ڪاغذن ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. اسان پراڻي حڪومت جي طريقي ۽ تاجي پيٽي کي اديڙي هڪ نئين حڪومت ۽ نئين طريقي جي پيڙهه جو پٿر رکيو هو. سنڌ به هندستان جي ٻين علائقن جيان بدنظميءَ جو شڪار هئي. جيڪڏهن مون کي ڇيو ويو ته مان تير پتير جو احوال ڏئي سگهان ٿو ته. جنهن وقت کان وٺي لارڊ ايلنبرو مون کي سنڌ جي حڪومت حوالي ڪئي ته مان ڪهڙي ۽ ڪيتري محنت ڪئي هئي ۽ ڪهڙي حالت ۾ سنڌ پنهنجي جانشين جي حوالي ڪئي هئي. مون کي يقين آهي ته منهنجو جانشين به مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان سنڌ جي معاملن ۾ دلچسپي وٺندو. جيڪڏهن گهرو ڪاتو منهنجي محنت کي پسند ڪري مون کي سنڌ جي حڪومت حوالي ڪندو ته مان به هن ملڪ جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ ان وقت تائين خدمت ڪندو رهندس جيستائين منهنجي صحت مون کي اجازت ڏيندي ۽ سچائيءَ ۽ انصاف سان عوام جي خدمت ڪندو رهندس.

هن خط لکڻ مهل هڪ خط پهتو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته گورنر جنرل حڪم ڪيو آهي ته سنڌ ۾ رهيل بيشمار فوج اتان گهرائي وڃي. اهڙو ڪم ايندڙ جنوري کان شروع ڪيو ويندو. منهنجي لاءِ اها ته خوشي جي ڳالهه آهي. هيءَ حقيقت ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته سنڌ ۾ امن امان قائم ٿي چڪو آهي. انهيءَ سان ڪارهن جو اهو لينگهو به لهي ويندو ته سنڌ تي هندستان جو پئسو خرچ ٿي رهيو آهي.

**

معلوم ائين ٿي رهيو هو ته هن يادداشت نامي تي سنڌ ۾ ايندڙ تبديلي رڪجي وئي هئي. پر سر چارلس خلاف اجائي واويلا ۽ الزام تراشيءَ ۾ ڪنهن قسم جي گهٽتائي ڪانه آئي هئي ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جون جنرل خلاف نيتون صاف ڪونه ٿيون هيون نه وري انگلينڊ جي ڪابينا مان ڪنهن انصاف ۽ تحفظ جي اميد هئي. لارڊ هووڪ جي دشمني به ويرئون وڌ هئي. ان زماني ۾ سر چارلس هن ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي ويٺي رهيو هو ته سنڌ مان وڌيڪ فوج کي گهرايو وڃي. اهڙيءَ ريت هن هندستان سرڪار کي آڇ ڪئي هئي ته يارنهن ريجمينٽون ۽ يورپي آرٽيلري کي گهرايو وڃي. هن کان اڳ ته سنڌ جي گورنر تي الزام هو ته هن پاڻ وٽ بيشمار فوج رکي آهي. جڏهن ته هو اضافي فوج مان جند ڇڏائڻ لاءِ پريشان هو. جڏهن اهڙيون ثابتيون بيان ٿي رهيون هيون ته سنڌي ماڻهو سر چارلس سان گڏ آهن ته انهن ۾ ڪنهن به قسم جي رنجش محسوس ڪانه ٿي رهي هئي. ان کان سواءِ جڏهن ٻاهرين ماڻهن کي آڻائي هتي آباد ڪيو ٿي ويو ته هنن ڪنهن به قسم جو اعتراض ڪونه واريو هو. هن سال جي سرءُ واري مهيني ۾ هڪ سردار سر چارلس آڏو پيش پوڻ جي راءِ جو اظهار ڪيو جيڪو ٽالپر حڪمرانن جي ظلمن ڪري سنڌ مان نڪري هليو ويو هو. سر چارلس سندس اها آڇ قبول ڪئي هئي ۽ کيس چيو هئائين ته جيڪڏهن هو چاهي ته جابلو علائقو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهي، اچي ارڙهن سو ماڻهن سان گڏجي پوکي راهي جو ڌنڌو ڪري. انهيءَ زماني ۾ لس بيلي جو انگريز ڪسٽم آفيسر موٽي ڪراچي اچي رهيو هو ته رستي ۾ غلامن جو هڪ ٽولو ڪيس ڦري آيو ۽ منٿون ڪري ڪيس چوڻ لڳو ته هو کين سنڌ وٺي وڃي، جتي سڀ ماڻهو آزاد آهن ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذاريندا آهن. انهيءَ غلامن جا مالڪ به اتي پهچي ويا جيڪي پنهنجي غلامن کي زبردستي ڪري وٺي وڃڻ کان ڊڄي رهيا هئا ته متان گورو صاحب ڪاوڙجي پوي، تنهن ڪري ڪسٽم جي ڪليڪٽر کي عرض ڪرڻ لڳا ته هو سرڪاري طور کين حڪم ڪري ته غلام هنن سان گڏجي موٽي هلن. پر ڪليڪٽر ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ چيو ته اهي ماڻهو غلاميءَ جا زنجير ٽپي آجا ٿي ويندا، پر هن ماڻهوءَ نه مالڪن جي مدد ڪئي نه وري غلامن جي ڪا واهر ڪيائين. جڏهن مالڪ پنهنجي غلامن کي زوري وٺي وڃڻ لڳا، ته به غلام سرحد اڪري سنڌ ۾ داخل ٿي ويا جيڪي ڪليڪٽر جي گهوڙي پرسان بيٺا هئا ۽ سندن هٿن ۾ ڪهاڙيون هيون.

ميرن جي واپس اچڻ جو چوپول چوطرف پکڙي ويو هو. علي مراد ته اهڙيون خبرون ٻڌي هراسجي ويو هو. ڪيس اچي هورا ڪورا لڳي هئي ته انگريزن سان ڪيل معاهدو بحال ڪيو ويندو يا نه. ڪيس اهو به پڪ ورائي ويو هو ته جيڪڏهن پنجاب جون حالتون خراب ٿيون ته ڪيس هڪ نئون معاهدو ڪرڻو پوندو. ان کان جلد ئي پوءِ هڪ سبب به پيدا ٿي پيو هو جو پنجاب تي حملي ڪرڻ جي نيت سان موڪليل بيشمار فوج اچي سنڌ پهتي هئي. تنهن ڪري علي مراد کي اچي ڦڙڪي لڳي هئي ته متان انگريز ڪو اوٺو پير ڪٽي، پر سر چارلس ان جي خلاف هو ته اها فوج سنڌ وچان نه گذري. ليڪن ڏاڍي جي مهريءَ کي ڌه متا يا مٺي به ماٺ ته مُٺي به ماٺ. مخالفن مطابق اهڙي ڳنڀير وايو منڊل کي ڏسي مَاڻهو سندس فرمانبردار ٿي ويا هئا، پر چارلس سندن اهڙن خيالن کي رد ڪري ڇڏيو هو ۽ چوڻ لڳو هو ته مخالف چون ٿا ته سنڌ جا ماڻهو ايتري بيشمار فوج ڏسي ڊڄي ويا هئا ۽ ان دوران سر چارلس سنڌ جي انتظاميه جي جوڙجڪ ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿي ويو آهي. پر خوف واري اهڙي اثر جو زمانو گهٽو وقت اڳي گذري چڪو هو. هاڻي هتان جا ماڻهو سر چارلس کي عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏسي رهيا هئا. چاڪاڻ ته انهن کي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورهئي ۽ پگهر جو ڦل ملي رهيو هو. وٽن دولت گڏ ٿي وئي هئي. اهي خوف ۽ دهشت کري ماٺ ڪونہ هئا، پر ڪين انصاف ملي رهيو هو ۽ خوش هئا. اهي خوش انهيءَ ڪري هئا، جو تہ ڪين خبر هئي تہ هنن جي فائدي واريون ڳالهيون ڪهڙيون آهن.

## سر چارلس خلاف سازشون ۽ سنڌ ۾ سندس ڪردار

هن وقت سر چارلس ڪي پڪ ٿي وئي هئي تہ انگلينڊ جا ماڻهو بمبئي واريءَ ڏر سان بت ۽ جهت آهن ۽ انهن ماڻهن جو تحفظ ڪري رهيا آهن، جيڪي متس الزام هڻي رهيا آهن. اهي پاڻ بہ هن مٿان حملا ڪري رهيا هئا ۽ سندن دشمني ڏينهون ڏينهن وڌي رهي هئي. هن ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان خدمت ڪئي هئي ۽ ڪوشش ڪري رهيو هو. پر موت ۾ اهي ڪيس تباهہ ڪرڻ لاءِ ڪانبو بڌي سندس ڪڍ لڳي پيا هئا، ليڪن حقيقت اها هئي تہ هن جي سادگيءَ ۽ سچائي مان ڪين ڏاڍو فائدو پهچي رهيو هو. هي نہ رڳو جنگ جي فن ۾ ماهر هو پر امن امان قائم ڪرڻ ۾ بہ ڪويسر هو. هن جنگين ۾ سوڀ ماڻي هئي ۽ ڪيترن تاجدارن جا تخت تاراج ڪيا هئا. هن ڪيترن بغاوتن کي ختم ڪيو هو ۽ ڪيترن قومن تي حڪومت ڪئي، نہ قانون سازي ۾ دير ڪيائين نہ وري انصاف ڏيڻ ۾ طوالت. هن جي ڪري ئي انگريز راج سان ماڻهن محبت ڪئي. هن جي وسيلي انگريزن کي عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ٿي ويو. نہ تہ هن کان اڳ ماڻهو هنن کان پڇندا ۽ نفرت ڪندا هئا. موت ۾ هن کي ڇا مليو؟ فقط دشمني نہ پر ذلت آميز دشمني. ساڙ حسد، ڪينو بغض ۽ گاريون. سندن تعريف جوڳين خوبين ۽ خاصيتن کان انڪار ڪيو ويو. سندس ڪردار کي ظلم ۽ ڏاڍ جي الزامن سان ڪارو ڪيو ويو. اهڙن ماڻهن هن مٿان الزام ۽ بهتان هنيا، جيڪي بادشاهن جا قرضي هئا. هي بي انتها ڏاهو دلير ماڻهو جنهن ڪڏهن ڪو اوکو ۽ آئنو ڪم ڪونہ ڪيو نہ رشوت ئي کاڌي. هي اهو پهريون ماڻهو هو جنهن کي هندستاني طرز جي جنگ تي مهارت حاصل هئي، پر جڏهن اعزازن جي ورهاست ٿي تہ اختيار وارن کان هن جو نالو وسري ويو. پارليامينٽ جي پيش ڪيل ڪيس خراج عقيدت بہ سال لاءِ هن ڏانهن رواني ڪانہ ڪئي وئي هئي. سندن هي رويو هڪ فاتح جنرل لاءِ جڻ تہ توهين هو. ڪي سرڪاري ماڻهو اهڙا بہ هئا جيڪي هن معزز انسان جي

بي عزتي ڪندا هئا جنهن جو هڪ ميمبر هاڻي وزير بڻجي ويو آهي. اهي به ڪوششون ڪيون ويون هيون ته هن ڏانهن ايندڙ سرڪاري خط رستي ۾ روڪيا وڃن. انهيءَ لاءِ ته جيئن هن جي ڪارڪردگي عوام تائين پهچي نه سگهي. ان کان سواءِ هن سان بيون به ڪيتريون ئي جٽيون ڪيون ويون هيون. جن جو مقصد فوج ۾ سنڊس وقار کي مجروح ڪرڻ هو. جڏهن هندستان جي مختلف فاتح انگريز جنرلن جي اعزاز ۾ دعوت ڏني وئي هئي پر سر چارلس جو نالو جاڻي ٻجهي ڪٽيو ويو هو جڻ هڪ اهم فوجي ڪمانڊر نه پر ڪو اخلاقي مجرم هو. جنهن جو اهڙو احترام ڪرڻ صحيح ڪونه هو. توڙي جو هن بي مثال جنگي سوڀون ماڻيون هيون. هن سول حڪومت کي اهم پيداواري ذريعا حاصل ڪري ڏنا هئا. سنڊس عقابي نظر ايڏي تيز هئي جو ڪنهن کي پئسي ڏوڪڙ جي غلط استعمال جي جرئت تي ڪانه سگهندي هئي.

اهڙين ڳالهين سنڊس اندرينءَ سوچ کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو ۽ انهن ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو هو جيڪي کيس بي انصاف سمجهندا هئا ۽ اهو به سمجهندا هئا ته هن ماڻهوءَ سنڌن بي عزتي ڪئي آهي. تنهن ڪري هو مايوس تي ويو ۽ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ گوشئه نشين تي ويو. پر سوچيندو هو ته کيس ماڻهن جو اجا ڪيترو ئي قرض لاهڻو آهي. هن ڪيترن غير مهذب ماڻهن کي فتح ڪري مهذب بڻايو هو ۽ پڪو پهه ڪيو هئائين هو تيستائين رٽائر ڪونه ٿيندو جيستائين پنهنجي ڪم کي مستحڪم نه ڪندو. هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ کيس اجا هڪ سال وڌيڪ ملازمت ڪرڻي هئي. هن جا اهم مقصد هي هئا.

1) فوج جو ايترو گهٽ تعداد سنڌ ۾ رکڻ جيترو لارڊ آڪلنڊ روهڙي، سکر ۽ شڪارپور ۾ گئريزن طور رکڻ جي اجازت ڏني هئي، جيڪا پنج هزار مس هئي. انهيءَ زماني ۾ حڪمران تالپر هئا ۽ ايتري فوج بلڪل اٽپوري هئي. پر هاڻي سنڌ لاءِ اها توري فوج به گهٽي آهي. هندستان سرڪار جي نقطئه نظر موجب فوج جو ايترو تعداد ڪافي آهي. پر جيڪڏهن سنڌ جي حڪومت ڪنهن سول عملدار يا اڻ ڏني اڻ پڌي فوجي ڪمانڊر جي حوالي ڪئي وئي ته اهو ماڻهو فوج جي تعداد ۾ ضرور اضافو آڻيندو.

2) هتي محصول جو هڪ سولو ۽ سڌريل نظام متعارف ڪيو ويو هو. شهرن ۾ داخل ٿيندڙ تجارتي مال تي تمام گهڻو ناڪو چنگي ورتو ويندو هو جنهن کي صفا ختم ڪيو ويو آهي. برآمدي محصول به سرحد جي پٽي تي مقرر جڳهن وٽ ورتو ويندو آهي. هي معاملو مستقبل جي تجارت جي فائدي سان تعلق رکي ٿو پر هن مان شهرن کي ترت فائدو ٿيندو. اهڙي تجارتي چرپر ۾ محصول جي وصوليءَ تي تيز نظر رکڻ جي ضرورت آهي.

3) هندستان سرڪار کان منڻ ڪوٽ ونجي ۽ ان کي سنڌ جي لازم ۽ ملزوم ماڳ طور ڪتب آڻجي. ان کان سواءِ ڪڇيءَ واري ماڳ ڏيره ۾ فوج رهائڻ گهرجي. پوءِ ان کي فوجي چوڪي بڻائجي يا ان کي فوجي ڪالونيءَ جي حيثيت ڏجي. سنڌوءَ کان ونې ڏاڍر تائين هن پٽيءَ کي سنڌ جي سرحد مقرر ٿيڻ کپي، جيڪا بولان لڪ جي منهن وٽ وڃي بيهي. اهڙيءَ سرحدي جوڙجڪ کان پوءِ ڏاڙيل بلوچ قبيلا هتي ويهي ڪونه سگهندا. جيڪڏهن ڏاڙيل هن جوءِ تي ويهي ويا ته انهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ وڏي رتو ڇاڻ ڪرڻي پوندي. ڇاڪاڻ مون کي شخصي طور اهڙو تجربو آهي.

هيءُ جنرل سنڌ ۾ به انهيءَ ارادي سان رهيو هو ته بئي مقصد حاصل ڪيا وڃن. هي لاهور ويو ۽ موٽي آيو. ان وقت هو جسماني طور ڏاڍو ڪمزور هو. ائين ٿيڻ ڪري سندس بلند حوصلا مانا تي ويا هئا. هن اها پيش قدمي ان وقت ڪئي هئي جڏهن سنڌ ۾ ڪالرا ڪيس ڪري ڇڏيا هئا جنهن جي نتيجي ۾ سندس گهر مان به لاش نڪتا هئا. اهڙي ڏک سندس ڏيل کي ڏنيي رکيو هو ۽ جيئري ئي لاش بڻجي ويو هو. ايندڙ سرءُ تائين سندس جيءَ کي ويڇوڙي جي جهوري لڳي رهي. ان کان پوءِ مس وڃي پاڻ سنڀالي سگهيو هو.

## سنڌ جي انتظاميہ جون واپار جي ترقيءَ لاءِ ورتل ڪوششون

خوشيءَ جي ڳالهہ اها به هئي جو هن جي قائم ڪيل سنڌ جي انتظاميہ هاٽي سولائيءَ سان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. انهيءَ زماني ۾ سکر ۾ ڪالرا قهر ڪري ڇڏيا هئا. هن ماڳ کان سواءِ ٻي ساري سنڌ هن آپدا کان آجي هئي. ڏوهہ به گهٽو گهٽجي ويا هئا. اڳي عورتن جا قتل گهڻا ٿيندا هئا، پر هاٽي اهي به گهٽجي ويا آهن. قتل جا ٻيا واقعا به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪڙ ٻيڪڙ نظر اچي رهيا آهن. ان مان معلوم ٿي رهيو هو ته ماڻهن جون سماجي عادتون تبديل ٿي ويون آهن. سرڪاري ڪم به گهٽا ٿي رهيا آهن. ڪراچي جي ساموندي ڪناري وٽ هڪ دمدمو تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو گهٽي پنڌ تائين سمنڊ اندر هيلو وڃي ٿو. تجارتي سامان جي آمد رفت سان لاڳاپيل آگبوٽ هن جو پاسو ڏئي هاڪاريندا آهن ۽ سکر ڏانهن ويندا آهن. هيءُ سنڌوءَ وسيلي تجارتي ترقيءَ ناتي هڪ اهم قدم آهي. ڪراچيءَ پرسان ساموندي ڪاريون آهن، جتي بهتر جنس جو لوڻ تمام گهڻو آهي. لارڊ هاب هائوس ڏانهن لکيل يادداشت نامي ۾ به ان جو ذڪر ڪيو ويو هو. اهڙيون ڪاٺيون هلنديون وڃي سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ ختم ٿين ٿيون. انهن کي صاف ڪرائي کوٽائي واهه جي شڪل ڏئي سگهجي ٿي. هن واهه ۾ پاڻي مستقل بيٺو هوندو نه هن کي سانوڻ جي مينهوڳي متاثر ڪري سگهندي، نه وري طوفان ئي هن کي مشڪل بنائي سگهندو. ان ڪري آگبوٽ هر موسم دوران پيا سولائيءَ سان ايندا ۽ ويندا.

هي واهه سنڌوءَ سان هڪ سڌو رابطو آهي ۽ ڪراچي هن آبي رستي جو هڪ مستقل بندر هوندو. جنرل سر چارلس سنڌوءَ جي ڇوڙ تائين به آگبوٽ مقرر ڪيا آهن جيڪي تجارتي مال کڻي ان ماڳ تائين پهچندا آهن. اهڙيءَ طرح وچ ايشيا جي تجارت لاءِ هڪ نئون رستو کلي پوندو ۽ اڄ يا سڀاڻي ان مان سنڌ کي تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۽ جلد ئي سگهي ستابي ٿي ويندي. اها فطري ڳالهه آهي هر ڪم جي ابتدا ۾ گهڻيون مشڪلاتون سامهون اينديون آهن جن کي هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

## ڪراچيءَ کان اندرون سنڌ آگبوٽن رستي تجارتي آمدرفت جا فائدا

"ڪراچي جا واپاري ڏڄڻا آهن يا ٿي سگهي ٿو ته اهي چالاڪ هجن، جيڪي مون کي ڏيڄاري رهيا آهن ته مان تجارتي سامان جي نقل حرڪت جو ڀاڙو ٿورو وصول ڪريان، پر اهي هن معاملي ۾ سويارا ڪونه ٿيندا. مان حساب ڪتاب ڪري ڀاڙو ڪِرايو اڳيئي تمام گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هو ائين نه ٿا ڪن ته پنهنجا آگبوٽ خريد ڪن. سوئرن کي اناج زبردستي ته نه ٿو کارائي سگهجي. جيڪڏهن هي واپاري پنهنجو تجارتي سامان ڀاڙي جي مقرر اگهه سان آگبوٽن وسيلي مٿي کڻي وڃڻ نه چاهين ته انهن لاءِ اٺ ته موجود آهن، جيڪي شڪارپور تائين سفر ۾ پنج هفتا لڳائيندا. جڏهن ته آگبوٽ اتي پهچڻ ۾ فقط سورهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن وٺي ٿو. انن واري تجارتي قافلي سان هٿيار بند پهريدار به ساڻ کڻبا آهن. پر پوءِ به يقين ڪونه هوندو آهي ته سات سلامت رهي سگهندو الائي نه. جڏهن ته آگبوٽ جو سفر بنا ڪنهن خوف خطري جي هوندو آهي ۽ فقط هڪڙو ماڻهو حفاظت لاءِ ڪافي هوندو آهي. پر قافلي جي هر هڪ اٺ لاءِ به ماڻهو ضروري هوندا آهن. هڪ مهار کان ڇڪيندو آهي ۽ ٻيو پهرو ڏيندو هلندو آهي. اهڙيءَ طرح هر هڪ قافلي سان ويهن کان ٽيهه پهريدار ضرور کڻبا آهن. ڪي قافلا منزل مقصود تائين پهچڻ لاءِ ٽي مهينا وٺي ويندا آهن. اهڙين مشڪلاتن هوندي به واپاري آگبوٽ لاءِ مون وٽ ڪونه ايندا آهن. اهڙو موشو سندن چالاڪي هوندي آهي، پر ڪاڪرن جي حساب ڪتاب سان هنن ماڻهن سان پڇي سگهجي ٿو.

شڪارپور جا واپاري ڪجهه وڌيڪ دورانديش آهن ۽ سمجهندا آهن ته آگبوٽ گهٽ ۾ گهٽ ٻيو نه ته پنهنجي ڀاڙڻ جو حساب ته وٺندا. ان کان سواءِ ٻي اهم ڳالهه اها هوندي آهي ته اهي سدائين تيار هوندا آهن، رڳو سامان لڏڻ جي دير هوندي آهي. جيڪڏهن آگبوٽن سان لاڳاپيل عملدار ڪيڏانهن وڃڻ نه چاهيندا آهن ته مان انهن تي زور ڪونه رکندو آهيان. اهو ضروري هوندو آهي ته اهي عملدار اتان جي ماڻهن کي به سڃاڻيندا هجن، پر تجارتي آگبوٽن لاءِ ائين ڪونه هوندو آهي. جيڪڏهن سامان قيمتي هوندو آهي ته تجارتي آگبوٽ ڀاڙو ڪجهه وڌيڪ وٺندا آهن. منهنجو تجربو ٻڌائي ٿو ته آگبوٽن جي تجارتي آمد رفت سرڪار پنهنجي هٿ هيٺ نه رکي، پر واپارين جي حوالي ڪري ڇڏي. انهيءَ ڪري واپاري تجارتي آمدرفت لاءِ انن جي قافلن مان هٿ ڪڍي ويندا. جيڪڏهن چاهيندا به ته ائين ڪري ڪونه سگهندا. اهڙيءَ ريت تجارتي آمدرفت ۾ تيز رفتاري اچي ويندي. ڀاڙي ڪرائي جو تعين طلب کي ڏسي ڪيو ويندو. جيڪڏهن فائدو گهٽو ٿيندو ته ڪي، خانگي ماڻهو به آگبوٽ خريد ڪري تجارتي مقصدن لاءِ ڪتب آڻيندا. پر ان لاءِ ڇڻڪ هڪ ننڍڙي ٻارڙي کي پالي نپائي وڏو ڪبو.

## ڪڻڪ جي سني اُپت ۽ ڏيساور نيڪالي

هن قسم جي بهترين صورتحال کي وڏي پيداوار جي هٿي ملي وئي آهي. 1846ع واري زراعت کي جنگين، بيمارين، ماڪڙ ۽ درياهي چاڙهه ۾ ڪو نقصان ڪونه پهچايو هو. تنهن ڪري اناج جا اگهه هيٺ لهي اڌ بها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پهتا هئا. ٽالپر خاندان جي اقتدار ۾ اچڻ واري دور کان وٺي اڄ تائين سنڌ ڪڏهن به ڪٽڪ برآمد ڪانه ڪئي هئي. پر سدائين درآمد ڪندي هئي. سنڌ 1846ع ۽ 1847ع ۾ پهريون ڀيرو بمبئي وسيلي ڪٽڪ انگلينڊ ڏانهن برآمد ڪئي هئي. ۽ تمام گهٽو ناٽو ڪمايو هو. چاڪاڻ ته اها ڪئناڊا جي ڪٽڪ کان وڌيڪ سخت، خشڪ ۽ ڳوڙي هئي ۽ ڪلڪتي مارڪيٽ ۾ ان جو اگهه في ٽن جي حساب ويهه شلنگ وڌيڪ هو. سر چارلس نيپئر يارهن هزار ٽن ڪٽڪ ڊل ۾ ورتي هئي. جيڪا هن آئرلينڊ کي ڏني هئي، جيڪو ان وقت ڏڪار جي ور چڙهيل ۽ انگلينڊ واري ڪٽڪ جي اگهه کان ٽيون حصو گهٽ اگهه تي ڏني هئي. لارڊ ايلنبرو اتان جي وزيرن کي ڪٽڪ جي سولي پهچ جو ٻڌايو هو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڪٽڪ آئرلينڊ جي ماڻهن جون تڪليفون گهٽائي ورتيون هيون ۽ سنڌ جي پيداوار ۾ اضافو ڪيو هو. اهڙا قدم آئرلينڊ ۽ سنڌ لاءِ فائدي وارا هئا، پر پوءِ اهڙين فائدي وارين ڳالهين کي رد ڪيو ويو هو.

ڪٽڪ جي سٺي فصل لهڻ ڪري سرڪار جي پيداوار گهٽجي وئي هئي. چاڪاڻ ته ڊل جنسن جي شڪل ۾ ڏني وئي هئي. پر پوءِ به ايتري گهٽي هئي جو انتظاميه جي خرچ پرڻ ڪانپوءِ فوج جي خرچ جو پورائو تي ويو هو. سر چارلس لاءِ انساني ڀلائي واسطي پيداوار ثانوي حيثيت رکندي هئي. سندس خواهش هئي ته سنڌ ۾ ڪا به شيءِ درآمد نه ٿئي ۽ سنڌ خود ڪفيل رهي. سندس اهو به نقطئه نظر هو ته انتظاميه ۽ بچاءَ جي خرچ کان محصول واري پيداوار گهٽي وڌيڪ نه هجي. جيڪڏهن اها وڌي وئي ته سرڪار کي مجرم سمجهڻ گهرجي. پر اهڙن خرچن کي گهٽائڻ پنهنجو مقدس فرض سمجهڻ کپي. ائين به نه جو انتظاميه جي حالت رحم جوڳي بڻجي وڃي. سندس مقصد هو ته اهڙن ضروري ادارن کي صفا مفلوج بنائي نه ڇڏجي. جڏهن سنڌ وڏي سڪر واري تي وئي، ماڻهو به سکيا ستابا تي ويا ته بمبئي جي الزامن هڻڻ واري ڏر جا ٽاڪ لڳي ويا جيڪي چوڻ لڳا هئا ته اهي سڀ ڳالهيون ڪوڙيون آهن جن تي اعتبار ڪري ڪونه ٿو سگهجي. اهو چوڻ به غلط آهي سنڌين جي گهرن جي اڱڻ ۾ اَنَ جون پليون موجود آهن. پر حقيقت اها آهي ته اهي ويچارا مانيءَ جي ڳيپي جا به محتاج آهن ۽ ڏڪار کين لاچار ڪري ڇڏيو آهي. اهو سر چارلس جي جهالت ڪري ائين ٿيو آهي.

اهڙيون ڳالهيون اخبارن وسيلي انگلينڊ پهتيون هيون، جيڪي وري اتان جي اخبارن ۾ سچ سمجهي ڪنيون هيون.

### آبپاشي نظام جي سڌاري لاءِ واهن جي ڪوتائي

سر چارلس اهڙين اجاين ڳالهين ڏانهن ڪنهن به قسم جو ڌيان ڪونه ڏنو هو ۽ پنهنجي انتظامي ڪمن ۾ لڳو رهيو. آبپاشي نظام جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ واهن جي ڪوتائي جو ڪم تيز رفتاريءَ سان هلي رهيو هو. هي ڪم ڪئپٽن پيٽ جي نگراني ۾ تي رهيو هو. جيڪو سندس حوالي ڪيو ويو هو. هي ڏاهو ۽ ذات ڏٽي عملدار هو. ان ڪري جنرل چارلس کي پڪ ٿي وئي هئي ته اهو ڪم صحيح طريقي سان مڪمل ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن هندستان سرڪار خرچ پکي ۾ واهر ڪئي ته سنڌ لاءِ خوشحاليءَ جو رستو کلي پوندو.

### درياهه رستي تجارت لاءِ اٽڪ تائين سروي

ان ڳالهه کي نظر ۾ رکي هن ڪيترائي منصوبا جوڙيا هئا ۽ ان مقصد کي آڏو رکي تحقيق ڪرڻ جي ارادي سان ڪيترا آگبوٽ اٽڪ به موڪليا هئا. کيس اميد هئي ته هن وڏي درياه وسيلي تجارتي آمد رفت شروع ڪري سگهجي. اهڙيءَ ريت هن درياه جي پرتي ڪنڌڙ شاخن وسيلي به تجارت جي ابتدا ڪري سگهجي ٿي. پر ڪامورا شاهي جي اجائي دير ڪرڻ ڪري سندس سيئي منصوبا مٽيءَ ۾ ملي ويا هئا ۽ سيئي آسون اميدون هوا اڏائي وئي هئي. هن جيڪي به منصوبا تيار ڪري مٿي موڪليا هئا تن جو کيس هاڪاري ناڪاري جواب به ڪونه ڏنو ويو هو.

### نيپيئر جي منظم ڪيل فوج کي مختصر ڪرڻ جو حڪم

نه رڳو اهو پر هن جيڪي پنجاب خلاف جنگ لاءِ جيڪا بهترين فوج منظم ڪئي تنهن کي ختم ڪري ڇڏڻو پيو هو. هن جو اهو سنو موقعو هو جنهن، جو هن فائدو به ورتو هو. ان ڪري هن جنوري 1847ع ۾ هڪ حڪم جاري ڪيو هو جنهن ۾ سنڌ جي اهميت تي روشني وڌي هئي. منظم ڪيل فوج کي ختم ڪيو ويو هو.

"سنڌ جي فوج کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڪيو پيو وڃي. ان ناتي فوج جي تعداد گهٽايو ويندو. پر سنڌ جي سرحد واري علائقي جي قلعن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر فوج رکي، اها مختصر فوج سنڌ جي امن امان لاءِ موجود هوندي، جيڪا اڳين ٻن سالن کان وٺي هتي موجود آهي. پر لاهور جي سرڪار ۽ ان جي فوج جي سرگرمين کي ڏسي هندستان سرڪار پنهنجي طرفان ضرور فوج رکندي.

پنجاب کان خوف خطري جو احساس وڌي رهيو هو. چاڪاڻ ته ستلج واري علائقي ۾ انگريزن ڪجهه سويون ماڻي ورتيون هيون. تنهن ڪري سنڌوءَ وسيلي مٿي ويندڙ فوج جو تعداد گهٽايو ويو هو.

سنڌ ۾ رهندڙ مختصر فوج، هن مانائتي صوبي جي امن امان لاءِ آهي. هتان جا ماڻهو امن امان سان هلي رهيا آهن ۽ قانون جو احترام ڪري رهيا آهن. اهڙيون ڳالهيون هتي رهندڙ فوج لاءِ وڏي واهر آهن. اهو ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي، چاڪاڻ ته فوج جو انهن ڏانهن رويو به سنو ۽ همدردانه آهي. انگلينڊ به هن پرامن صوبي ڪري خوش آهي، جنهن کي انگريزن فوج فتح ڪيو هو. انهن انگريز عملدارن جي ڏانءَ ۽ ڏات کي مڃتا ملڻ گهرجي. جيئن سنڌ سرڪار جي هر ڪاتي کي هلائڻ جي ابتدا ڪئي هئي ۽ انهن عملدارن جي عقل ۽ دانش کي داد ڏيڻ گهرجي جن عدل ۽ انصاف کي قائم رکڻ لاءِ رات ڏينهن رت ولوڙيو. انهن ماڻهن جا به احسان آهن، جن هن صوبي جي انتظاميه کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ جاکوڙيو هو. سنڌ جي ماڻهن به پيرا پنهنجي شرافت جو مظاهرو ڪيو هو. هڪ ان وقت جڏهن سنڌ جي ساري فوج، ڪڇيءَ واري جابلو علائقي جي ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ لاءِ هلي وئي هئي. ٻيو ٻيرو تڏهن جڏهن هيءَ فوج پنجاب تي حملي ڪرڻ لاءِ بهاولپور ۾ موجود هئي.

فوج تي خرچ انگريز فوج سنڌ کي فتح ڪري هتان جي غلام قوم کي آزاد ڪرايو هو ۽ ڌاڙيلن جي آزار کي ختم ڪري، امن امان قائم ڪيو هو. ان کان سواءِ هن فوج ڪمپنيءَ جي خزاني ۾ سنڌ جي پيداوار جو به اضافو ڪيو هو. تنهن ڪري هي محترم ۽ باوقار فوج جتي اڳئين مالي سال دوران عام نوعيت ۽ خاص نوعيت جي خرچ جا ڪل انگ اکر پندرهن لک هڪ هزار ست سؤ چوونجاهه رپيا هئا جنهن ۾ به هزار چار سو پوليس وارن جون پگهارون به شامل سمجهيون وڃن، جن مان ڪي گهوڙيسوار ۽ پيادل هئا. جڏهن ته ان سال جي پيدوار ايڪيتاليهه لک ٻائيتيالهه هزار نو سو ٻارهن رپيا هئي. باقي بچت واري پنجويهه لک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رقم فوج لاءِ ڪنيل قرض ۾ واپس ڪئي وئي. هي خرچ سنڌ جي فتح تي ڪونه آيو هو پر ان کان اڳ واري سنڌ جي والار ۽ پنجاب تي ڪيل حملي دوران فوج تي آيو هو.

سنڌ جي فتح کان هن فوج تي ڪو گهٽ خرچ ڪونه ٿيو هو پر اهو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ذمي هو. فتح کان پوءِ ٻائيتاليهه لک سٺتيهه هزار چار سؤ پنجٽيهه روپيا خرچ گهٽجي ويو آهي. چاڪاڻ ته اها رقم ڏٻي حيدرآباد واري جنگ کان پوءِ کان ونئي، اڄ تائين وصول ڪري، سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. سول گورنمينٽ ۽ پوليس تي آيل خرچ ان کان علاوه آهي.

## سنڌ ۾ الڳ الڳ هنڌن تي فوج رکڻ جا انتظامي ڪارڻ

فتح کان اڳ وارو سارو خرچ ته ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ذميواري آهي، پر ان کان پوءِ اسان ڪمپنيءَ کان هڪ پئسو به ڪونه ورتو آهي. انگريزن جي فوج 1842ع ۾ ڪراچي ۽ سکر تي قبضو ڪري ورتو هو پر جيڪڏهن ٽالپر سنڌ جا حڪمران هجن ها ۽ ان فوج کي سنڌ مان ڪڍي ڇڏين ها جيڪا هڪ ٻئي کان چار سو ميل پري هئي. جڏهن ته ڪراچي پرسان حيدرآباد ۾ اتان جي ۽ سکر پرسان خيرپور جي ميرن جي فوج موجود هئي. اهي فوجون وچ سنڌ ۾ ملي ڪراچي تي حملو ڪن ها، ته سکر واري فوج ڪراچي واري فوج جي واهر ڪري ڪانه سگهي ها ۽ جيڪڏهن سکر واري فوج تي حملو ڪيو وڃي ها ته ڪراچي واري فوج مدد ڪري ڪانه سگهي ها. جيڪڏهن مدد لاءِ ٻئي پاسي کان فوج موڪلي وڃا ها، ته ان کي پهچڻ ۾ پريا پنج مهينا لڳي وڃن ها. اسان پنهنجن قبضن کي برقرار رکي سگهون يا نه رکي سگهون ها، اها ڳالهه پنهي حڪمرانن جي عقل تي آڌاريل هئي. چاڪاڻ ته اهي سکر ۽ ڪراچي جي وچ واري مرڪزي علائقي جا حڪمران هئا ۽ هڪ لک فوج سندن ڪمانڊ هيٺ هئي.

مختلف هنڌن تي ورهائجي ويل فوجون وڏجي ٽڪرا ٿي وڃن ها. چاڪاڻ ته هنن لاءِ پوئتي موٽڻ جا سڀ ڳتا بند هئا.

لارڊ ايلنبرو 1843ع ۾ جنگي سرگرمين جو حڪم ڏئي، ڪابل کان شڪست کائي موٽندڙ فوج کي قتل عام کان بچائي ورتو هو. جيڪا ان وقت سنڌ ۾ موجود هئي. ان کان سواءِ هن هندستان جي انگريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهنشاهت جي اتر – اولهه واري سرحد کي وڏيڪ محفوظ ڪري ورتو هو. جيڪڏهن ڏسجي ته فوجي نقطئه نگاهه کان سنڌ هڪ اهم جڳهه آهي. جيتري قدر تجارت جو تعلق آهي ته ان لاءِ سنڌو موجود آهي. جنهن وسيلي تجارتي آمد رفت ڏاڍي سولي آهي. پنجاب لاءِ به هيءَ ڌرتي ڪنجيءَ جي حيثيت رکي ٿي.

جيتري قدر فتح جو تعلق آهي ته ان ۾ به سکر ۽ ڪراچي ۾ رهيل قابض فوجن حصو ورتو هو. جنهن ۾ هڪ فوجيءَ جو به اضافو ڪونه ڪيو ويو آهي. سنڌ کي فقط ان ئي فوج فتح ڪيو هو جيڪا اڳي اتي قابض هئي ۽ سکر ۾ رهيل هئي.

هيءَ اهڙي حقيقت آهي جنهن کي ورجائڻ جي ضرورت ڪانه آهي. پر ساري حقيقت اها ڪانه آهي جنهن کان اڳ واري سرحد پٽي پُڄ کان 'باهڙ مير' تائين پکڙيل هئي. پر هاڻي اها اڳتي وڌي سنڌ جي اولاهين سرحدي پٽيءَ وٽ وڃي بيٺي آهي. سنڌ ۾ گئريسن فوج رکڻ جي ڪا به ضرورت ڪانه آهي. نه وري اضافي لشڪر جي ڪوٽ محسوس ٿيندي، جنهن جو ٽوٽو وڃي بمبئي جي فوج تي پوي. هاڻي هتي فقط فتح واري فوج جي رهڻ جي ضرورت آهي. هڪ به فوجيءَ کي هتان باهر ڪونه ڪڍيو ويندو. سنڌوءَ تي هلندڙ تجارت به بند ڪانه ٿيندي، پوءِ پلي پنجاب جي تجارت به کولي وڃي.

هن وقت سنڌ جي امن امان لاءِ فوج کان سواءِ پوليس به رکي وئي آهي. خرچ پکي لٿي جيڪي چار ڏوڪڙ بچن ٿا هندستان سرڪار جي خزاني ۾ جمع ڪرايا وڃن ٿا. فوج تي ايندڙ خرچ بمبئي سرڪار جي ذميواري آهي، جنهن لاءِ سنڌ خرچ ڪانه پريندي. پر پوءِ به اهو خرچ سنڌ برداشت ڪري رهي آهي. جڏهن ته هندستان سرڪار جي ٻين صوبن لاءِ ائين ڪونه آهي.

## آفيم ۽ ٻئي واپار مان فائدو

سنڌ جي فتح ڪري بمبئي سرڪار جي پيداوار تمام گهٽي وڌي وئي آهي. اڳي آفيم جي سمگلنگ سنڌ وسيلي ٿيندي هئي جيڪا هاڻي ختم ٿي وئي آهي. پر هاڻي بمبئي سرڪار کي هن نشيدار شين جو واپاري ڪندي، بي حساب فائدو ٿيندو آهي. ان کان سواءِ ڪراچي ۽ سکر جي وچ ۾ ڏاڍي تيز رفتاري سان تجارت هلي رهي آهي. جيڪڏهن انگريزن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستلج وارو علائقو جيتي ورتو تہ اهو واپار پنجاب تائين پکڙجي ويندو ۽ سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ شاخن وسيلي جيڏانهن ڪيڏانهن هلي سگهي ٿو. ان ڪري انگريز واپارين کي وڏو فائدو ٿيندو. لارڊ ايلنبرو جي مرضي هئي تہ سکر جو نالو وڪتوريا آن انڊس رکيو وڃي، جيڪو وچ ايشيا ڏانهن ويندڙ واپاري شين جو پانڌار بڻجي ويو آهي.

## فاتح ۽ مفتوح

”سنڌ فوج“ جي ريجمينٽن ۾ اها فوج ملازم هئي، جنهن سنڌ کي فتح ڪيو ۽ ان کان پوءِ اتي قبضو ڪيون ويٺي آهي. ان واقعي کي هاڻي چار سال گذري ويا آهن پر هتي نہ تہ انگريز سرڪار خلاف ڪا سازش ۽ بغاوت ٿي آهي، نہ وري ڪنهن قسم جي دشمني نظر اچي ٿي جيڪا انگريز حڪومت يا خانگي طور ڪنهن انگريز خلاف هجي. نہ وري ڪنهن فوجي عملدار يا فوجي سپاهي هتان جي ماڻهن کي آزاريو آهي، جو اهڙي شڪايت پيدا ٿي هجي. فاتح ۽ مفتوح ماڻهن جي وچ ۾ ڪنهن بہ قسم اٽيٽت ڪانہ آهي. جيتري قدر مفتوح لفظ جو تعلق آهي تہ اٽڪل سٺ سال اڳ هڪ ظالم خاندان غداري ڪري، هتان جي حڪمران کي قتل ڪري پنهنجي حڪومت ۽ خوف توڙي دهشت جو راڄ قائم ڪيو هو. اسان تہ هنن ماڻهن کي ذلت ۽ غلاميءَ مان آزاد ڪيو آهي. تنهن ڪري هنن ماڻهن کي مفتوح چئي ڪونہ ٿو سگهجي.

فوج ۽ انگريزن جو شان ۽ وقار آهي، جو انهن مياڻيءَ ۽ حيدرآباد واريون جنگيون کٽي ورتيون هيون. جنگ جرئت تي ڪٽبي آهي، پر اها تہ وڏيڪ جرئت ۽ بهادري هوندي آهي، جڏهن فاتح فوج ۽ مفتوح ماڻهن جي وچ ۾ دوستاڻا ناتا پيدا ٿي وڃن ۽ ماڻهو پرامن ٿي وڃن.

اها فوج اوهان جي محنت ۽ خوف جو نتيجو آهي. اهي ريجمينٽون موتي پنهنجي پريزيڊنسين پهتيون هيون. اهي فوجون انهن ماڻهن لاءِ اعزاز جو ڪارڻ بڻجي ويون، جن نهايت سچائيءَ سان پنهنجا منصبي فرض سرانجام ڪيا هئا. جن جي بهادري ۽ جرئت جي پنهنجي حڪومتن ۽ انگلينڊ جي تاجدار تعريف ڪئي هئي ۽ منظم فوج لاءِ اهو وڏي ۾ وڏو اعزاز هو.

مون کي هن وقت سنڌ جي گورنر جو معزز عهدو آهي. ان کان سواءِ بمبئي جي فوج جي هڪ حصي جو ڪمانڊر آهيان، جيڪا هندستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار جي نئين سرحدي پٽيءَ سان پنهنجو منصبي فرض ادا ڪري رهي آهي. هاڻي تہ اهو شخص اوهان جي ماتحت فوجي جنرل آهي، جيڪو پوريءَ ريت باخبر آهي تہ توهان ڇا ڪيو آهي ۽ ڪيترا ڏک ۽ ڏچا ڏٺا آهن. اها بہ خبر آهي تہ اوهان ان فوج کي ڇو ختم ڪري رهيا آهيو جنهن هندستان سرڪار جي اعزاز ۾ واڌارو ڪيو آهي. مان ان فوج جي خوبين ۽ خامين جو معترف آهيان ۽ هنن جيڪا مون سان مدد ڪئي هئي تنهن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان. هيءَ فوج جنهن جرئت جو مظاهرو ڪري بهاولپور ڏانهن وڌي هئي، سا بي مثال هئي. هن فوج، جهڙي اهم ۽ بهادر فوج ساري هندستان ۾ ڪانہ ليندي، جنهن تي پنهنجي ڪمانڊر جو اکٽ اعتماد هجي.

**

## سر چارلس نيپئر ڪامياب فوجي ڪمانڊر ۽ بهترين منتظم

سنڌ جي اها فتح سر چارلس جي جرئت ۽ بهادريءَ جو نتيجو هئي. جنهن ڪري سندس دشمن جو هيانءُ سڙي ويو هو. ڇاڪاڻ تہ اهو اهڙيءَ سچائيءَ جو اظهار هو جيڪو هنن ماڻهن لڪائڻ پئي گهريو. هنن ماڻهن جي ذهني تڪليف ان وقت رهندو بہ وڌي هئي جڏهن هن جون لارڊ ايلنبرو ۽ ڊيوڪ آف ويلنگٽن تعريفون ڪيون. انگلينڊ جي تاجدار بہ کيس "ليفٽيننٽ جنرل آف انڊيا" جي عهدي تي ترقي ڏني. هن وقت تائين اهڙو عهدو فقط ڪمانڊر ان چيف لاءِ مخصوص رهيو آهي. جڏهن تہ لارڊ ايلنبرو کيس هن قسم جي اعزاز سان نوازيو آهي:

"هتي مون کي سر چارلس نيپئر جي جرئت ۽ بهادريءَ جي تعريف ڪرڻ غير ضروري محسوس ٿي رهي آهي. مان جڏهن گورنر جنرل هوس تہ مان سندس دليريءَ ۽ جرئت کي ڏسي اهڙا ڪم ڪيا هئا، جن مان محسوس ٿيندو تہ مان سندس قدر ۽ احترام ڪري رهيو هوس. مان سمجهان ٿو تہ منهنجي هندستان مان هلئي وڃڻ کان پوءِ جيڪي هن ماڻهوءَ منصبي فرض ادا ڪيا آهن، سي انهن کان بہ عظيم آهن جيڪي هن منهنجي ايامڪاريءَ دوران سرانجام ڪيا هئا. پر کيس سندس مان ۽ شان مطابق ڪوبہ اعزاز ڪونہ ڏنو ويو آهي. هن ڪڇيءَ جي جابلو علائقي جي ڌاڙيلن خلاف جيڪا جنگي مهم شروع ڪئي هئي، جيڪا مياڻيءَ حيدرآباد وارين جنگين کان بہ اهم هئي. هي ٻئي جنگي واقعا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو حصو بڻجي چڪا آهن. هنن فتحن مان بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ هو نهايت عقلمند انسان ۽ ڏاهو فوجي ڪمانڊر آهي جيڪڏهن ڪابہ سرڪاري انتظاميہ ماڻهن کي خوش ڪري ۽ انهن جو اعتماد بحال ڪري ٿي تہ پوءِ هن چوڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو وڌاءُ نہ آهي تہ سر چارلس هڪ وڏو ۽ ڪامياب منتظم هو. ستلج خلاف مهم دوران ڪيس اڳواٽ اطلاع ڪونہ ڏنو ويو هو تہ فوج تيار هئڻ گهرجي. پر هن حڪم ملڻ کان فقط ٻن ٽن هفتن اندر پندرهن هزار فوج، ملتان خلاف منظم ڪري ورتي جنهن سان هڪ سو توبون بہ گڏ هيون. هن جي پنيان پرامن سنڌ هئي. دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ اهو ڪافي هو تہ جنگ ۽ امن لاءِ سنڌس اختيار ڪيل حڪمت عملي بي مثال هئي. امن لاءِ هن نہ رڳو ساراهہ جوڳو بندوبست ڪيو هو يا عدل ۽ انصاف سبب سنڌس حڪومت کي عوامي مڃتا ملي هئي، پر ڪيس فوجي نقطہ نظر کان بہ وڏي اهميت حاصل هئي. چاڪاڻ تہ هن سنڌ ۾ فتحون ڪري جنگي صورتحال کي تبديل ڪري ڇڏيو هو پر هن ملڪ ۾ اهڙين اهم ڳالهين کي معمولي سمجهيو ويندو آهي. اهي ٿورا ٽڪا ماڻهو بہ اهڙن واقعن کي اهم ڪونہ ٿا سمجهن، جيڪي پاڻ انهن جنگين ۾ موجود هئا. مانَ چوان ٿو، تہ هن ماڻهوءَ جي اهم خوبين ۽ خاصيتن کي ڏاڍي دير سان محسوس ڪيو ويندو ۽ سر چارلس جي مري وڃڻ کان پوءِ هتان جي ماڻهن کي معلوم ٿيندو تہ هيءُ عظيم انسان نہ رڳو ڪامياب فوجي ڪمانڊر هو، پر سول حڪومت هلائڻ ۾ بہ ڏات ڏٺي هو. اهڙين ٻنهي ڳالهين جو هڪ جاءِ سنگم وڏيءَ دانشمنديءَ جي علامت هوندو آهي.“

## سکيءَ ستابيءَ سنڌ تي ڏاڙلن جو آزار ۽ انگريز فوج

سنڌ هاڻ ڏاڍي سکي ستابي ٿي وئي آهي، پر ان جي سرحدي پٽي ڏاڙيلن جي آزار کان آجي ڪانہ آهي. 1846ع جي پڇاڙيءَ ۾ بگٽين کي مرين ماري مڃايو. ان کان پوءِ کيتران ۽ مزاري قبيلن بہ هنن کي ٿو ڪتا ڪري ڇڏيو. بعد ۾ دريا خان جي سربراهيءَ ۾ جکراڻين بہ هنن سان جهيڙو ڳنڍيو هو جيڪي اڳي بگٽين سان ٻٽ ۽ جهُٽ هوندا هئا. هاڻي اهي ساڳيا بگٽي، ڊيره واري علائقي ۾ پوکي راهي ڪري پيٽ گذر ڪري رهيا آهن ۽ هڪ جاءِ تي ويهي رهيا آهن، پر سنڌن پوکون ڪونہ ٿيون، تنهن ڪري هي بک کان چِتا ٿي ڏاڙن ۽ ڦرين ڪرڻ جي غرض سان

سنڌ ڏانهن اچڻ لڳا آهن. ان صورتحال کي ڏسي انگريز گهوڙيسوار اڳتي وڌي کين مهاڏو ڏيڻ لڳا. ليفٽيننٽ مور سنڌن اڳواڻ هو جيڪو جکراڻين کي ساڻ ڪري اڳتي وڌيو هو. پهرئين حملي ۾ بگٽين هن کي شڪست ڏني، پر بعد ۾ هن جهنگ ۾ وڃي گهڻن کي قتل ڪري ڇڏيو جن ۾ هنن جو قبائلي سردار به هو.

## انگريز فوج جي پوئتي هٽي حملي لاءِ تياري

ان کان پوءِ هو جڏهن ٻاهر نڪتا ته مور ڏٺو ته اهي تعداد ۾ تمام گهٽا هئا. تنهن ڪري هو پوئتي هٽي ويو ۽ جکراڻين کي مقابلي ڪرڻ جو چيائين. جن چيو ته اسان ساڻن مقابلو ڪري ڪونه سگهنداسون. ان کان پوءِ هن جکراڻين کي بگٽين جي گهوڙن کي مارڻ ۽ کين تلوار سان قتل ڪرڻ جو حڪم ڪيو پر هو ائين ڪري ڪونه سگهيا. تنهن ڪري انگريزن جي فوج موٽي اچي ميرپور پهتي هئي، جتي ڪرنل اسٽئڪ جي ڪمانڊريءَ ۾ فوج پهچي چڪي هئي. ان کان سواءِ ليفٽيننٽ گريوز به هن ماڳ تي پهچي چڪو هو جنهن کي پڻ بگٽين شڪست ڏني هئي. بگٽين جي ڌاڙن جي اهڙي خبر شڪارپور موڪلي ڏني هئائين. ڪرنل اسٽئڪ سان بهادر گهوڙيسوار گڏ هئا. ان کان سواءِ گريوز جي اطلاع موڪلڻ تي شڪارپور مان رائيفلن وارا ڪجهه فوجي به پهچي ويا هئا. ڪرنل شاهيمرز ڏانهن اطلاع موڪلڻ وساري ڇڏيو هو ،جتي گئريسن فوج ويٺي هئي. جيڪا اچ ڏانهن وڌي بگٽين جي موٽ وارو رستو روڪي بيهي ها. بگٽين تي جلدي ۾ حملو ڪرڻ ضروري هو.

## ڪرنل اسٽئڪ جي غلطيءَ ڌاڙيلن جي دل وڌائي ڇڏي

ڪرنل اسٽئڪ ميرپور ۾ ڇئن ڪلاڪن کان پوءِ گهوڙيسرسوار وٺي اڳتي روانو ٿيو. پر فوج ۾ وهٽن لاءِ پاڻي کڻڻ وساري ويٺو هو. هي ساري رات سفر ڪندو باک ڦٽيءَ جو وڃي بگٽين وٽ پهتو جيڪي ڊپ ۾ ويٺا هئا ۽ ڌاڙي ۾ ڦريل چوپائي مال کي ڪاهي وڃي رهيا هئا. بگٽين جا اٺ سو ماڻهو جن وٽ مقابلي لاءِ فقط تلوارون هيون، جيڪي تلوارن سان ڍالون کڙڪائيندا، وڏ! آواز ڪندا فوج مٿان ڪاهي آيا. اسٽئڪ وٽ اڍائي سو گهوڙيسوار هئا. جن وٽ ڪاربائينس ۽ پستول هئا، پر هنن سان مقابلي ڪرڻ جو پوتو نه پائين ميرپور موٽي آيو. پاڻ سان پاڻي نه کڻڻ ۽ اوٺ موٽ

جي سفر ڪري وهٽ ۽ فوجي اچ ۾ ساٽا تي ڪري پيا هئا. ڪرنل موتي اچڻ جو بهانو اهو ڏنو هو تہ بگٽي پڪيءَ زمين ۽ دڙي تي هئا ۽ وچ تي وڏي کاهي موجود هئي. تنهن ڪري ڪرنل اسٽئڪ کي معاف ڪيو ويو هو. پر بعد ۾ پتو پيو تہ هڪ ننڍڙي دڙي هئي ۽ کاهي تہ بلڪل ئي ڪانہ هئي، ليڪن بعد ۾ پتو پيو تہ انهيءَ ايراضيءَ ۾ سراب ماڻهوءَ جي نظر کي ڏڪو ڏيندو آهي ۽ انگريز ڪمانڊر بہ سراب جو ڌوڪو کائي ويو هو. انهيءَ ويل اسلام خان بگٽيءَ پنهنجي ماڻهن کي چيو تہ هو پنهنجي زندگي تان آسرو لاهي ويهي رهيو آهي، تنهن ڪري هو جابلو علائقي ڏانهن هليا ويا ۽ گهوڙيسوار بہ موٽي آيا. جبل ۾ پهچڻ کان پوءِ اسلام خان جي صحت بحال ٿي وئي. اتي ويهي ان سردار جي خيرات ڪئي وئي، جنهن کي جهنگل ۾ قتل ڪيو ويو هو ۽ قسم کنيو ويو تہ جڪراٽين سان هڪ هڪاٽي تيندي ۽ ڪين ڪڏهن بہ معاف ڪونہ ڪيو ويندو. انگريز گهوڙيسوار هن مهم ۾ بہ ناڪام ٿيا هئا. تنهن ڪري نئين طريقي سان سوچيو ويچاريو ويو هو. ان کان پوءِ نئون بندوبست ۽ جوڙجڪ ڪيو ويو، جنهن مان ثابت ٿيو تہ ڏاڙيل مختلف ٽولين ۾ ورهائجي ويا هئا. ليفٽيننٽ ينگ هسبنڊ پوليس جو ڪماني هو، جنهن حملو ڪري ڏاڙيلن جي هڪ وڏي ٽولي کي پچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. ڳالهہ هن ريت هئي تہ کيس خبر پئي تہ ڏاڙيل ڦرلٽ ڪري وڃي رهيا آهن، اها ڦر ٽوري مال جي هئي. ينگ هسبنڊ بہ چوٽيهہ گهوڙيسوار ساڻ ڪري سندن ڪيڏ لڳي پيو. ڏاڙيلن جو تعداد تمام گهٽو هو ينگ هسبنڊ بہ پنجويهہ ميل سفر ڪري هڪ رڻ پٽ ۾ وڃي ڪين سوگهو ڪيو. ٽوري مقابلي کان پوءِ الف خان ڏهن بگٽين کي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ ستن کي قيد ڪري ورتو هو. ان کان سواءِ هن ڏورا کي جهلي ورتو هو جيڪو سندن سردار هو.

تِر جي گُتي سؤ چوٽون کائي. ڪرنل اسٽئڪ جي ٽوري غلطي ڪري ڏاڙيلن جي دل وڌي وئي هئي، جيڪي ياڻ کي ڪڳي مان يقين شاهہ سمجهڻ لڳا هئا. تنهن ڪري امڪان اهو پيدا ٿي پيو هو تہ هتان بولان لڪ وارا بلوچ قبيلا اچي بگٽين سان سَلٿ ڪن. اها ڳالهہ سوچي سنڌ مغل گهوڙيسوارن ۽ اٺ بردار فوج کي سنڌ جي سرحد ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. بگٽي هاٽي تہ اتي ئي ڏڇي ۾ هئا. مري بہ هنن خلاف تلوارون ڪٽي ميدان ۾ لهي پيا هئا. جيڪي هار کائي ٽوري وقت لاءِ ماٺ ٿي ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بمبئيءَ واريءَ ڌر جا الزام

بمبئي وارا اهو سارو ڏوهه سر چارلس تي ثاقي رهيا هئا. چاڪاڻ تہ هو انهيءَ زماني ۾ ڪيڏانهن وڃي ڪونہ ٿي سگهيو نہ وري واتان ڪا ٻڙڪ ٻاقي ٿي سگهيو. ڪيس پنهنجي بچاءَ لاءِ ائين ڪرڻ ڪان سواءِ ڪو ٻيو رستو بہ ڪونہ هو. جيڪڏهن هو ڳالهائي ها تہ سندس مخالفن ڪي مٿس الزام هڻڻ لاءِ گهٽا عنوان ملي وڃن ها. هنن وٽ لکپڙهہ بيشمار ڪاغذ موجود هئا. ان ڪري اخبارن ڪي سول ۽ فوجي قسم جي غلطين سان لاڳاپيل هزارين حقيقتون ٻڌايون ويندءيون. انهن اخبار وارن ڪي ٻڌايو ويندو هو تہ اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿي رهيو آهي جو سول انتظاميہ ۽ فوج بدانتظاميءَ جو شڪار آهي، جنهن لاءِ هو افسوس جو اظهار ڪندا هئا. اهي ڳالهيون نفرت جهڙيون اخبارن وارن ڪي بمبئي ڪائونسل جا ميمبر لڪ چوريءَ ۾ پيا ميڙائيندا هئا ۽ هٿ سان ڪوڙا الزام گهڙيندا وتندا هئا. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس بہ اهڙن ماڻهن ڪي وڏا انعام ڏيندي هئي تہ جيئن اهي سر چارلس نيپئر ڪي وڌ ڪان وڌ بدنام ڪندا رهن. اهي ماڻهو هن جي غلطين ۽ جرئت خلاف بيان ڏئي هندستان جو تحفظ ڪرڻ چاهيندا هئا. جيڪڏهن هنن ڪي ٻيو ڪو الزام ڪونہ ليندو هو تہ هن جي خلاف اهو ضرور چوندا هئا تہ هن ظالم ڪماندر معصوم مزاج وارن ٽالپرن سان وڏو ظلم ڪيو هو ۽ سندس زالن سان تہ قهر جي انتها ڪري چڪو هو. هي اهڙو ڪنور انسان هو جنهن ٽالپر عورتن ڪي پاتل سونا ڳهہ بہ ان مقصد سان لهرائي ورتا هئا تہ جيئن سندن مال غنيمت ۾ اضافو ٿئي. هن مير شهداد جي ڪراڙي والده جي پڻ توهين ڪئي هئي. ڪيس ذهني عذاب ڏيڻ لاءِ سندس لکيل پنهنجي پٽ ڏانهن خط ڪي کولي ڏنو هئائين. سندس حڪومت دوران هن معزز عورت ڪي اجون ۾ بکيو رکيو ويو هو. ان ڪان سواءِ هن جي هيرن جواهرن مڙهيل سونن ڳهن ڪي بمبئي جي بزار ۾ وڪرو ڪيو ويو هو. اهڙيون الوٽيون ڳالهيون هنن پنهنجي مفاد خاطر ڪيون هيون ۽ عزت واري جي عزت ڪي ڪونہ ڏٺو ويو هو.“

## مير شهداد جي والده وارو الزام ۽ اصل حقيقت

هيءَ معزز عورت پنهنجي پيرڻ سان گڏ رهندي هئي. جيڪا مرحوم مير ڪرم عليءَ جي بيوه هئي. سر چارلس نيپئر هنن ٻنهي معزز عورتن جي عزت ۽ وقار ڪي برقرار رکيو هو جن ڪي مياڻي جي جنگ ڪان پوءِ

نهايت ادب ۽ احترام سان رهايو ويو هو. پر ويهه لک اسٽرلنگ پائونڊن جيتري رقم ٽالپر حڪمران جي خزاني مان ڪٽي ورتي هئي. اهي عورتون انهيءَ وقت شڪايت ڪري رهيون هيون. ڪين هر چيز جو محتاج بڻايو ويو آهي. بک مارڻ وارو ڪوڙو قصو به هنن عورتن ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. جن هڪ مير جي مقبري جي تعمير تي ڏهه هزار پائونڊ اسٽرلنگ خرچ ڪيا هئا. مير ڪرم علي جي بيوه هن عورت پنهنجي ايراني غلام مرزا خسروءَ وسيلي انهن ننڍين ميرن جي مدد سان هڪ منصوبو جوڙيو هو. جيڪي علي مراد جي دربار ۾ رهندا هئا. ان منصوبي مطابق مير شهداد ڏانهن هڪ خط موڪليو هو. اطلاع ملڻ کان پوءِ ان قاصد کي سرحد وٽ روڪيو ويو هو ۽ تلاشي وٺڻ کان پوءِ هن جي سامان ۾ لڪايل سونا سڪا ۽ سونيون سرون هٿ لڳي ويون هيون ۽ قاصد کي گرفتار ڪيو ويو هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته اهو خزانو مير شهداد ڏانهن موڪليو پئي ويو. جنهن جا ٻه مقصد ٿي سگهن ٿا: هڪ ته اها رقم ڏئي مير شهداد قيد مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها. ٻيو ته اها ڊاڪٽر بسنت ڏانهن موڪلي وڃي ها ته جيئن اخبارن ۾ ٽالپر مسئلي کي اجاگر ڪري پيش ڪيو وڃي ۽ سر چارلس کي وڌ ۾ وڌ بدنام ڪيو وڃي. پر اهڙو مقصد پورو ٿي ڪونه سگهيو هو. چاڪاڻ ته جنرل سر چارلس سرڪاري قيديءَ سان غير قانوني ملڻ واري منصوبي کي ناڪام ڪري ڪيڏي ڇڏيو هو ۽ اها ساري رقم خط سميت ان معزز عورت جي حوالي ڪري ڇڏي هئي. جيڪا مير شهداد جي والده هئي ۽ جنهن اها رقم موڪلي هئي.

## سنڌ جي ترقيءَ لاءِ حڪمت عملي

1846ع دوران سنڌ جون حالتون اجهي اهي هيون. 1847ع ۾ سر چارلس پنهنجي روايتي دشمنن کي مهاڏي ڏيڻ سان گڏ هي ڳالهيون به سوچي رهيو هو ته هو سنڌ ڇڏڻ کان اڳ پنهنجي حڪمت عمليءَ کي وڌيڪ مستقل ۽ مستحڪم بنيادن تي قائم ڪري ته صحيح ٿيندو. هو اڳواٽ ئي سمجهي چڪو هو ته هن جي هلئي وڃڻ کان پوءِ بمبئي طرفان قائم ڪيل سنڌ جي سول حڪومت هن جي سيني منصوبن کي ابت سبتو ڪري تباهه ڪري ڇڏيندي ۽ اهو چوندي ته سر چارلس نيپئر ڪجهه به ڪونه ڪيو هو. هيءُ ماڻهو دشمنن جي ننڍين شرارتن کي اک وٽائي به ڪونه ڏسندو هو پر ڪيس اهو ڪٿڪو ٿي پيو هو ته متان هتان

جي ماڻهن کي وحشين جي حوالي نہ ڪيو وڃي. تنهن ڪري هن زمين جي مالڪيءَ واري معاملي کي مڪمل ڪرڻ تي چاهيو. هن حڪمت عمليءَ مان سندس مقصد هو تہ جيئنءَ ماڻهو وڌو تعداد ۾ زمين جا مالڪ بڻجي وڃن ۽ ٽالپرن جا درباري، نوڪر چاڪر ۽ غلام آزاد ٿي وڃن ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق رهن ۽ آزاد نموني پورهيو ڪري پنهنجي زندگي عزت سان گذارن. هو گهڻي وقت تائين هن منصوبي تي سوچيندو رهيو هو ۽ مرحليوار ماڻهن کي تبديليءَ لاءِ تيار ڪندو رهندو هو. پر هاڻي پڪو پهہ ڪري چڪو هو تہ هن ڪم کي بنا دير مڪمل ٿيڻ گهرجي. کيس يقين هو تہ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي انهن ڳالهين جي ڪابہ ڄاڻ ڪانہ آهي. جيڪي ماڻهن جي فائدي واريون هونديون آهن. کيس اهو بہ يقين هو تہ اهڙن منصوبن تي عملي ڪم ڪرڻ دوران ڪابہ دخل اندازي ڪانہ ڪئي ويندي. جيڪڏهن ڪو منصوبو مڪمل ٿي ويو تہ پوءِ بدنيتيءَ سان کهڙي بہ ڪوشش ان کي نابود ڪري ڪانہ سگهندي. پر جيڪڏهن ڪنهن ائين ڪرڻ جي جرئت ڪئي تہ ان کي پتر عيوض پٿر سان جواب ڏنو ويندو.

سنڌ جي ساري زمين هاڻي قانوني روايتن مطابق انگريز سرڪار جي ملڪيت بڻجي وئي آهي. ان کي اختيار آهي تہ اها ڪنهن بہ جاگيردار جي زمين ضبط ڪري سگهي ٿي ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن کي بہ گرانٽ ڪري سگهجي ٿي. 1844ع ۾ عام دربار منعقد ڪئي وئي هئي ۽ جاگيردارن کي سندن زندگي جي عرصي تائين جاگيرون هن شرط تي ڏنيون ويون هيون تہ زمين جو سرڪار کي لاپو ڏيندا رهندا ۽ جاگير جي زمين جو مقرر حصو سرڪار جي حوالي ڪندا ۽ زمين جو اهو حصو حڪومت غريب رعيتي ماڻهن جي حوالي ڪندي. سرڪار زمين کي نيڪال ڪرڻ جو اهو طريقو عام ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن جاگيردار ۽ ماڻهو هن طريقي کان چڱيءَ ريت واقف ٿي سگهن ۽ هن تبديليءَ کي سمجهي سگهن.

## مورثي حق موجب ڏنل جاگيرون ۽ ان لاءِ لاڳو شرط

انهن جاگيرن جون ايراضيون مختلف هيون. هڪڙيون جاگيرون اهڙيون بہ هيون، جن جي ايراضي ٿي لک ايڪڙ بہ هئي. پر ڪي تہ تمام ننڍڙيون بہ هيون. ليڪن ڪوبہ جاگيردار پنهنجي جاگير جو چوٿون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو بہ آباد ڪري ڪونہ سگھندو هو. ان ڪري جاگير جو وڏو حصو غير آباد پيو هوندو هو. اهڙي غير آباد وڏي جاگير فقط نالي ۽ شهرت لاءِ رکي ويندي هئي. اهو بہ سبب ڏنو ويندو هو تہ انهيءَ وڏيءَ جاگير جي پئداوار وسيلي ڌاڙيلن کي چپ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي. اڳي اها روايت هوندي هئي تہ جاگيردار ضرورت وقت حڪمران کي فوج ڏيندا هئا، پر سنڌ جي فتح کان پوءِ جاگيرون فوجي مقصدن لاءِ ڏيڻ واري روايت ختم ٿي وئي هئي ۽ جاگيردارن جي فوج ڏيڻ واري عظمت بہ ختم ٿي وئي هئي. زندگي ڀر جاگير ڏيڻ وارو طريقو نهايت ڪامياب ثابت ٿيو هو ۽ ڏينهون ڏينهن مقبول عام ٿي رهيو هو. جاگيردارن کي چيو ويندو هو تہ هو ڪهڙن شرطن تي جاگيرون رکڻ ٿا چاهين. هن نئين اصول کي انهيءَ مقصد سان پکيڙيو پيو وڃي تہ جيئن ماڻهن جو غريب ۽ شاهوڪار طبقو هن نئين سماجي نظام کان واقف ٿئي. ان کان سواءِ ڪو نواب ۽ سردار ڪنهن مطلع العنان حڪمران جو درباري نہ بڻجي وڃي.

اهڙين ڳالهين تي سوچي ويچاري جاگيردارن کي انهن جاگير جو موروثي حق بہ ڏنو ويو هو جيڪي وٽن هيون ۽ اهي آباد ڪري سگھندا هئا. باقي زمين سرڪار ضبط ڪري ونندي هئي. چاڪاڻ انهيءَ زمين کي جاگيردار آباد ڪري ڪونہ سگھندا هئا. جاگيردارن کي حق ڏنو ويو هو تہ سرڪار طرفان ضبط ڪيل زمينون خريد ڪري سگھن. معلوم ائين ٿي رهيو تہ جاگير جي زمين جا چئن مان ٽي حصا غير آباد هئڻ ڪري سرڪار جي حوالي ٿي ويندا هئا. اها زمين غريب رعيتي ماڻهن ۽ ٻاهران لڏي آيل آباد ڪارن کي ڏنيون ويندیون هيون. انهن کان ٻن سالن لاءِ ڍل ۽ لاپو نہ ورتو ويندو هو. تنهن ڪري غريب رعيتي ماڻهو ۽ ڌاريا آبادڪار انگريزن جي اختيار ڪيل نئين نظام سان وفادار رهندا هئا. بلوچ سردار بہ انهيءَ ۾ خوش هئا، تہ ڪين جاگير جو موروثي حق مليل ويو هو ۽ انهن وٽ جاگير جو آباد ۽ قيمتي حصو هو. جنهن جي پيداوار پنهنجي مرضيءَ مطابق خرچ ڪندا هئا. هن وقت اهي ماڻهو هر طرح آزاد هئا ۽ سنڌن اهميت بہ اڳئين کان وڌيڪ هئي، پر اڳي جيڪا ڪين قبائلي سردار هجڻ واري آڪڙ ۽ وڏائي، سا مينهن جي متين ڏندن وانگر ختم ٿي وئي هئي. هن کان سواءِ اڳي هنن وٽ غلام هئا جيڪي آزاد ٿي ويا هئا ۽ پنهنجي مرضيءَ سان محنت مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪندا هئا. هنن

جي آزاديءَ ڪري سرڪار جي پيداوار بہ وڌي وئي هئي. چاڪاڻ تہ هنن سڌو پوڪي راهي ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي. ابتدائي دور ۾ سردار هن نئين منصوبي کان هبڪندا هئا، چاڪاڻ تہ کين شڪ هو تہ الائي ڇا ٿيندو. کين اهو بہ وهم هو تہ سرڪار جي نيت صحيح ڪانہ آهي ۽ متان اها نڳيندي هجي. هاڻ ڪيس چنتا هئي تہ جيڪڏهن سر چارلس نيپئر سنڌ مان هليو ويو تہ انهن جي زمين جي مالڪيءَ کي سخت هاڃو رسندو. اهو طريقو ڏاڍو مقبول عام ثابت ٿيو هو. جنهن جي ڪاميابيءَ لاءِ اثرائتا قدم بہ کنيا ويا هئا.

### عام سنڌي ماڻهن جي بهتريءَ لاءِ ورتل ڪوششون

معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ جنرل سر چارلس سنڌ جي ماڻهن مٿان پنهنجو تسلط ڄمائي ورتو هو. چاڪاڻ تہ هن جڏهن جاگيرون مورثي طور ڏنيون هيون تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڪاوڙ ڪانہ ڏيکاري هئي. هو گورنر ٿيڻ کان وٺي هميشه هڪ دانشمند انسان جيان سوچيندو رهندو هو تہ بهتر قسم جي قانون سازي ٿيڻ کپي ۽ هن اهڙا قدم بہ کنيا هئا. سندس چوڻ هو تہ "منهنجو ارادو آهي تہ هتان جي بيشمار رعيتي سنڌي ماڻهن جيڪا غلامن واري ذليل زندگي گذاري آهي، هو نہ رڳو ٽالپرن جا غلام هئا، پر هنن سان جاگيردار بہ غلامن جهڙيون جنيون ڪندا هئا، جيڪڏهن هنن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ جو اختيار ڏنو ويندو ۽ محنتي بہ هئا، ان ڪري پنهنجي حياتي سک ۽ آرام سان گذاري سگهندا. مون کي اهو بہ يقين آهي تہ مٿئين طبقي وارا ماڻهو تيستائين سٺا رعيتي ثابت ڪونہ ٿيندا جيستائين سنڌي (رعيتي) ماڻهن کي روزگار ناهي مليو ۽ جيستائين اسان انهن کي عزت آبرو ناهي ڏني. جڏهن هتي تهذيب ايندي ۽ ماڻهو سڌري هلندا تہ ڏاڍا دولتمند ٿي ويندا. پوڪي راهي ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا ۽ تجارت ۾ پڻ دلچسپي وٺندا. چاڪاڻ تہ کين يقين ٿي ويندو تہ سندن دولت محفوظ آهي. هن کان اڳ دولت فقط قبائلي سردارن وٽ هوندي هئي. جن وٽ پنهنجا فوجي بہ هوندا هئا. جيڪڏهن جاگيردارن کي پنهنجي وڏين جاگيرن جو مالڪ رهڻ ڏنو ويو ۽ جاگيرن جي شرط تي کين فوج رکڻ جي بہ اجازت ڏني وئي تہ، اهي ڪهڙي وقت بہ خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿا. هاڻي اسان هنن کي فوجي سردار رهڻ ڪونہ ڏنو آهي. کين فقط اڻ سڌريل جهنگلي ماڻهو رهڻ ڏنو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هنن جي اولاد وٽ وسيع ايراضي هوندي ۽ سڌري مهذب ٿي ويا ته پوءِ اسان کين سيناليءَ ڪونه سگهنداسون. ڇاڪاڻ ته اهي هي غير آباد زمينون سڌاري آباد ڪندا رهندا ته وڏيڪ باصلاحيت بڻجي ويندا. ليڪن منهنجي قائم ڪيل نئين نظام تحت به طاقتور بڻجي ويندا. هنن جي مقابلي لاءِ اسان رعيتي ماڻهن کي زمينون ڏئي رهيا آهيون ۽ اهي هاري هنن جو نه، پر سرڪار جو پاسو وٺندا. مان سنڌ ۾ هتان جي سٺن ماڻهن لاءِ فقط ايترو ٿي ڪري سگهان ٿو.“

## سنڌ ۾ چوٻول: مير واپس پيا وڃن

هن کان وڌيڪ هو ڪجهه ڪري به ڪونه ٿي سگهيو. ڪيس روڪڻ ۽ رنڊائڻ لاءِ هڪ نه ٻي شيءِ زور پئي ٿيندي هئي. هو گڏ چور اختياريءَ وارن کان جان ڇڏائڻ لاءِ آتو هو. سنڌ مان فوج جو وڏو تعداد بمبئي طلب ڪيو ويو هو. تنهن ڪري سر چارلس جي طبيعت ۾ گهٽي نرمي اچي وئي هئي. ان سان گڏ اهو هُل به هلي ويو هو ته مير موٽي اچي رهيا آهن ۽ کين سنڌ جي حڪمراني واپس ملي رهي آهي. انهيءَ زماني حيدرآباد جو اڳوٽو ٽالپر حڪمران مير نصير خان وفات ڪري ويو. سندس لاش کي دفن ڪرڻ لاءِ سنڌ آندو ويو هو. سر چارلس به سنڌو درياهه تائين هن لاش سان گڏ ويو هو. بمبئي واري ڊر کي پڪ هئي ته حيدرآباد ۾ لاش پهچڻ سان رتوڇاڻ ٿي ويندي، پر سر چارلس جي عقلمنديءَ ئي سنڌن اهڙين اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. هن چيو هو ته مان هن مير جي لاش کي شان شوڪت سان دفن ڪرڻ پئي چاهيو پر ڪن سببن ڪري ائين ٿي ڪونه سگهيو. مان پنهنجي خواهشن کي دٻائي ڇڏيو. ان کان سواءِ پنهنجي نائيءَ کي به سندس دعا ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو هيم. جنهن خاص اشارو ڏيندي مون کي چيو هو ”پر جنرل اهو مري ويل دشمن آهي! مان اهڙي اشاري کي سٺو ڪونه سمجهيو هو. مان جيڪو بهتر سمجهيو آهي سو ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن مان هن مير جي تدفين ۾ شريڪ ٿيان ها، ته ماڻهو سمجهن ها ته مون کي هندستان سرڪار جو اهڙو حڪم آهي. اهو به سمجهيو وڃي ها ته اهي ڳالهيون انهيءَ ڪري ٿي رهيون آهن جو مير سنڌ ۾ موٽي اچي رهيا آهن ۽ کين سنڌ جي حڪومت واپس ڪئي پئي وڃي. اهڙي تصور ڪري رتو ڇاڻ جو امڪان هو ۽ اهو الزام مون تي مڙهڻ ڏاڍو سولو هو. منهنجي به خواهش هئي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مرحوم مير کي عزت ۽ احترام ڏيان، جيڪو اسان جي نقطئہ نظر مطابق عزت ۽ احترام ڏيڻ جهڙو ڪونہ هو. پر حالتن سبب مان ائين ڪري بہ ڪونہ سگهيس. چاڪاڻ تہ شخصي حقيقت اهڙي هئي ۽ رتوڇاڻ جو بہ امڪان هو. لارڊ آشلي غير ارادي طور ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪري وڌيون هيون، جو سنڌ جو امن امان خطري ۾ هو تہ مير موٽي اچي رهيا آهن. پوءِ تہ اچي هندن ويچارن کي ڦقڙي لڳي، جن پنهنجي ساري موڙي ڪٽي وڃي ٻين ملڪن ۾ رکي، پر جيتري قدر منهنجي سوچ سمجهہ جو تعلق آهي تہ هن انهن ملڪن ۾ منهنجي عزت ڪانہ وڌائي هئي. باقي غريب ماڻهن کي اهو يقين آهي تہ مان سندن ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهيان. ڪين اهو بہ پتو آهي تہ جيڪڏهن مير ٻيهر سنڌ جا حڪمران ٿيا تہ هنن جي سر جو خير ڪونہ آهي. هنن کي پنهنجي تجربي مان سبق مليو آهي. مان تہ اهڙي شيءِ جو ننهن چوٽيءَ تائين مخالف آهيان. پر هنن جي مفاهمت تي انگريز جون سنگينون تاڻجي ونديون. چاڪاڻ تہ اهي سندن اچڻ جا حامي آهن.

## لارڊ آشلي سان منهن ماري

لارڊ آشلي ۽ مان هڪ ٽرائيبونل آڏو پيش ٿيڻا آهيون. اتي تہ نسورو سچ هلندو. اتي هو سکي ويندو. مان هن جي خلاف ڪجهہ بہ ڪونہ چوندس. مان ٻڌو آهيَ تہ هو هڪ رڄ چڱو مڙس آهي. ڪيس اتي خبر پئجي ويندي تہ ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. ڪيس اها بہ پرک پئجي ويندي مان، مانَ ۽ مرجاتا لاءِ ڪم ڪيو آهي. مان ميرن ۽ هتان جي سنڌين سان ماڻهپي سان هليو آهيان. ڪيس اها بہ ڄاڻ ملي ويندي تہ مون کي سنڌ بابت ڪانئس وڌيڪ معلومات آهي. مان هميشه نياءَ ۽ نيت پت سان هليو آهيان، ڪنهن سان بہ بي انصافي ڪانہ ڪئي آهي. سچ، ايمانداري ۽ وقار ناتي، مان سيني انگريزن جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ پوليٽيڪل ايجنٽن شانَ ۽ شوڪت کي ڍڪٽيءَ ۾ ڍڪ پائي ٻڌڻ جهڙو ڪري ڇڏيو هو. ڪيس اها بہ سڌ پئجي ويندي تہ هن سنڌ بابت اول کان وني آخر تائين غلط سوچيو آهي.

انهن معاملن بابت وقت فيصلو ڪندو پر مان پنهنجي موقف تان هٽ ڪونہ ڪٽندس. مون کي پڪ آهي تہ جيئري رهڻ تائين مون سان انصاف ڪونہ ڪيو ويندو. پر مان جڏهن مرندس سر جان مور جيان ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن بہ ڪونہ چوندس تہ مون کي اميد آهي تہ منهنجي ڌرتي مون سان انصاف ڪندي، ڇاڪاڻ تہ مان گاريون کائي پڪو ٿي ويو آهيان. ان کان سواءِ الزام بہ گهٽا هنيا ويا آهن. تنهن ڪري هاٿي مون کي انصاف وغيره جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ آهي. مان لارڊ آشلي جهڙي شخصيت ڏسي ضرورت مايوس ٿي ويندس، جنهن اهڙي ماڻهوءَ کي اخلاقي مجرم سمجهيو آهي. جنهن سنڌ جي گرميءَ ڪري پنهنجي ڪٽنب جا بہ ڀاتي وڃايا آهن. شايد هن اهي الزام اڻ ڄاڻائي کان هنيا آهن. اهو ماڻهو پنهنجي ڪٽنب جي رهيل ڀاتين جي زندگي بہ جوکي ۾ وجهي رهيو آهي. سندس پنهنجي حياتي بہ خطري کان خالي ڪانہ آهي ۽ ان وقت تائين عوام جي خدمت ڪندو رهندس جيستائين هو ڪم ڪرڻ جهڙو آهي. مان سخت جان ۽ مشل پسند آهيان. مان احساسن ۾ سخت نہ، پر اصولي ۽ شعوري طور سخت آهيان ۽ ڪنهن کي غلط استعمال ڪونہ ڪندو آهيان نہ ڪنهن کي گاريون ڏيندون آهيان. مان وقار ۽ عزت کي ڏنو آهي ۽ ڪڏهن ڪنهن جي مذهب ۽ عزت کي هن ڪري داءَ تي ڪونہ لڳايو آهي تہ مان سوڀارو ٿيان. پر فتح خاطر مان وقار ۽ مذهب جي عزت ڪئي آهي. اهڙن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي نفرت کان مون کي غليظ لفظ ڳالهائيندا آهن.“

## نيپئر جي سنڌ کان موڪلائي

تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو هو هڪ باضمير انسان هو جيڪو ڪوڙن بهتانن جي ڪوهيڙي ۾ پنهنجي ذات ڏانءَ سان ڪم ڪندو رهيو ۽ دشمن سندن اهڙن لاڪيٽن لڇڻ کي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کان لڪائيندو رهيو هو. جولاءِ 1847ع سندس گهرواري سخت بيمار ٿيڻ کان پوءِ وفات ڪري وئي. ان کان پوءِ جلد ئي هن پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي. آڪٽوبر ۾ هو سمنڊ وسيلي هو انگلينڊ روانو ٿي ويو. الوداع ڪرڻ وقت ڪيس فوج آخري سلامي ڏني. اهڙيءَ ريت فوجين هن سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو هو. بلوچ ۽ سنڌي بہ هن جا شڪرگذار هئا. جو هن سندن حفاظت ڪئي هئي ۽ خوشين جو خيال رکيو هو. اهو هنن ماڻهن جو ڪو وقتي احسان ڪونہ هو. هنن ماڻهن وٽ اهڙيون ثابتيون موجود هيون تہ هي ماڻهو سندن سچو هڏ ڏوکي ۽ سڄڻ هو. هتان جا ماڻهو بہ سيفالونيا جي هارين وانگي، هن سان مخلص هئا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿس گهڻو پيار ڪندا هئا. جيڪي هن جي غير موجودگيءَ ۾ سنڌس زمين جو ڪم هن جي موجودگيءَ کان گهڻو وڌيڪ ڪندا هئا. جڏهن 1850ع ۾ پنهنجي وڏي فوجي عهدي دوران سنڌ مان روانو ٿي، هندستان کي هميشه لاءِ ڇڏي رهيو هو تہ سنڌ جي وڏن بلوچ سردارن کيس هڪ قيمتي تلوار ڏيڻ چاهي هئي، انهيءَ ڪري نہ تہ هنن جو فاتح هو پر چاڪاڻ تہ فتح کانپوءِ هن کين سيئي جاگيرون واپس ڪيون هيون ۽ وڏن اعزاز ۽ يقين سان نوازيو هو ۽ هنن ۽ سندن اولاد لاءِ فائدي وارا ڪم ڪيا هئا. ان کانسواءِ اهو سر چارلس نيپئر ئي هو جنهن بلوچن جا سنڌ ۾ پير پختا ڪيا هئا.

## سنڌ ۾ شروع ڪيل منصوبي جي نيپئر کان پوءِ حالت

اهو ئي احساس جو فرق هو جو لارڊ ڊلهائوزي ۽ بمبئي حڪومت کانئس ڇڙيل هئي. سر چارلس جي سنڌ ڇڏي وڃڻ کان پوءِ هن جيڪي منصوبا شروع ڪيا هئا ۽ جيڪي ادارا قائم ڪري هن ڪم جي ابتدا ڪئي هئي، سي اجاڙي پيننگ ڪيا ويا هئا. چاڪاڻ تہ اهڙا ادارا ماڻهن جي ڀلائي ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ قائم ڪيا ويندا آهن.

فوجي سامان جي نقل حرڪت لاءِ اٺ سوار فوجي دستا قائم ڪيا ويا هئا. جن کي ختم تہ ڪونہ ڪيو ويو هو پر ان کي بي ڌيانيءَ جو شڪار بڻايو ويو هو.

حيدرآباد ۾ بئرڪن جي نهايت شاندار تعمير ڪرائي وئي هئي، جن ۾ فوجين جي صحت ۽ سهوليت جو خيال رکيو ويو هو. اهڙي بهتر تعمير انگريزن جي ساري بينڪي راڄ ۾ موجود ڪانہ هئي. ان جو هڪ حصو تيار ٿي ويو هو جيڪو کين رهڻ لاءِ ڏنو ويو . جڏهن تہ بيو تعمير ٿي رهيو هو. سر چارلس کان پوءِ اهو هلندڙ ڪم هڪدم بند ڪرايو ويو ۽ تعمير جو سامان اڌ ۾ ڇڏيل پٿين جي پرسان رکيو ويو. جيڪو اڃان تائين اتي پيو آهي ۽ تباهہ ٿي رهيو آهي. ڪراچيءَ وارو سمنڊ اندر نهندڙ دمدمو بہ اڌ ۾ ڇڏيو ويو آهي. جنهن جي ڪم کي بند ڪرڻ لاءِ هڪ حڪم جاري ڪيو ويو هو. جڏهن تہ هن جي تعمير واپارين جي پُر زور گذارش بعد شروع ڪئي وئي هئي. واپارين جون اهڙيون دانهون صحيح ۽ جائز هيون. هاڻي سنڌ لاءِ مسٽر فريئر کي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪو هن ڪم جي تڪميل کي ضروري سمجهي ٿو. لارڊ فاڪ لئنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي بہ اهڙو احساس آهي، جنهن جي ڪيس مدد بہ حاصل آهي. ان ڪري ڪمشنر هن تعمير کي مڪمل ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪو آهي. هڪ تڇ سمان تعصب ڪري هن ڪم کي اڌ ۾ بند ڪرايو ويو هو. دانشمندي وارو هي ڪم لارڊ ڊلهائوزي نہ پر سنڌ جو ڪمشنر شروع ڪرائي رهيو آهي. هن ڪان سواءِ ملير ندي کي بہ موڙي ڪراچي شهر ڏانهن آڻتو هو. جنهن وسيلي آڳبوتن جي آمد رفت شروع ڪرڻي هئي، پر هن منصوبي کي تہ هٿ ئي ڪونہ لاتو ويو هو.

سنڌ جي بهترين آبپاشي نظام لاءِ واهن جي کوٽائي جو هڪ عاليشان منصوبو تيار ڪيو ويو هو پر ان کي بہ جڙ تہ ختم ڪيو ويو هو. هن ملڪ جي زراعت لاءِ سنڌوءَ جي پاڻي تي ضابطو رکڻ ضروري هو. ائين تيڻ ڪري زمين جي وڏي ايراضي آباديءَ هيٺ اچي ها ۽ سرڪار جي پيداوار وڌي ها. پر هن اهم منصوبي کي ماهر انجيئرن جي هٿ مان ڪڍي نااهل ڪاردارن جي حوالي ڪيو ويو آهي.

هنن ماڻهن جي پڌن ڪمن ڪري سکر ۾ لڳندڙ گهوڙن جو ساليانو ميلو بہ ختم تي ويو آهي. گهوڙن سان گڏ ٻيون بہ تجارتي شيون اچي ڪٽيون ٿينديون هيون. ان ڪان سواءِ فوجي سامان رکڻ لاءِ هڪ اهم جاءِ جي ڪم جي منصوبي کي رد ڪيو ويو هو. جيڪا بکر ۾ تعمير ٿيڻي هئي. مٿي ذڪر ڪيل ساليانِي ميلي ۾ وچ ايشيا سان تجارتي ڏيتي ليتي هلندي هئي ۽ فوج کي پلا ۽ سستا گهوڙا ملي ويندا هئا. ان ڪان سواءِ ٻين تجارتي شين جو مرڪز سکر، بکر ۽ روهڙي بہ هوندا هئا. جن جو پڻ نقصان ٿيو هو. اهڙين سنين ڳالهين کي بيجاءِ دخل اندازي ڪري تباهہ ڪيو ويو هو. اهو حسد ۽ ڪميٽاٽپ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو. سر چارلس جي سنڌ اندر موجودگيءَ دوران ڌاڙيلن کي ڪاپاري ڌڪ لڳو هو. جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ هن قسم ڪٽي چڏيو هو پر هن سنڌ جي امن امان لاءِ جڙ ڌرتي اتلائي ڇڏي هئي.

## مريدي ويدر جو بلوچ ڌاڙيلن سان مقابلو

انهن بلوچ ڌاڙيلن جا ليفٽيننٽ ينگ هسبنڊ سان ٽورا ٽڪا مقابلا پيا هلندا هئا. پر سندس جهيڙو مرين ۽ اسلام خان بگٽي سان بہ ٿيندو هو. چاڪاڻ اهي بلوچ قبيلا بک ڪان چِتا تي سنڌ ۾ اچي ڌاڙا هڻندا هئا. اهي قبيلا ٻهرياڻين تياڳا واري ڪاهي طرف وڏي ڪهيرين تي ٿهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌجي وڃي ڪڙڪندا هئا. هنن هڪ ڌاڙي دوران ڪڇيرن جي هڪ قلعي تي وڃي حملو ڪيو هو پر انهن ساڻن مقابلو ڪري ڪين پڄائي ڇڏيو هو. هڪ نوجوان فوجي عملدار ميريويدر سنڌن ڪڍ لڳي پيو، جيڪو شاهپور ۾ رهندو هو. جنهن سان مغل گهوڙيسوار ۽ ڪڇيري گڏ هئا. هن ڏٺو ته ڌاڙيلن جي ان ٽولي ۾ ست سئو ماڻهو هئا، جن مان فقط پنجٽيهه ماڻهو گهوڙن تي سوار هئا. جيڪي ٽڪريءَ جي تري ۾ صفبندي ڪيون وينا هئا ۽ رڻ پٽ کي اڪرڻ جي تيارين ۾ لڳا پيا هئا. جڏهن سنڌن نظر انگريز فوجين تي پئي ته ڪابي پاسي سرڪي هڪ جهنگل ڏانهن وڃڻ لڳا. پر ميري ويدر جي گهوڙيسوارن تيزَ رفتاري سان ڊوڙائي، ڪين جهنگل ڏانهن وڃڻ کان روڪي ڇڏيو پر پوءِ به گهٽا مضبوط هئا، ڇاڪاڻ ته چوڌاري ٽڪريون ۽ جهنگ هو. هو سمجهي رهيا هئا ته مغل گهوڙيسوار هنن جي مقابلي ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري هنن اڳتي وڌي مٿن بندوقن جا فائر ڪيا. ان کان سواءِ ڍالن کي تلوارن سان کڙڪائي خبرا ۽ ڪوڪرا ڪري، هل هنگامو مچائڻ لڳا هئا. ان کان پوءِ گهوڙيسوارن ڦري موٽي اچي مٿن حملو ڪيو. حملو نهايت سخت هو پر بگٽي ڪلهو ڪلهي سان ملائي ٽڪرين ڏانهن وڌڻ لڳا. گهوڙيسوار به سنڌن ڪڍ لڳي پيا ۽ ڪاربائينس سان مٿن گوليون ڇوڙڻ لڳا. ان کان پوءِ بگٽي هڪ ننڍڙيءَ کاهيءَ اڪري مقابلي لاءِ بيهي رهيا، پر ڪين ڪاربائينس جي گولين ڪٽي ڏنو ۽ پوءِ ٽڪرين ڏانهن وڌڻ لڳا. ميري ويدر اڳتي وڌي ڪين ٽڪرين ڏانهن وڃڻ کان روڪي ورتو. بعد ۾ هنن لاءِ انگريزي فوج سان مقابلي ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهه ڪانه رهي هئي. سخت مقابلو ٿيو. ميري ويدر ڪين پيش پوڻ جو چيو پر هنن انڪار ڪيو. هنن جا ستن سون مان باقي وڃي هڪ سو ويهه ماڻهو بچيا هئا، جن هٿيار ڦٽا ڪيا. ٻه گهوڙيسوار ٽڪرين ڏانهن ڀڄي نڪري ويا. باقي ٻين سڀني کي قتل ڪيو ويو يا باندي بڻايو ويو ۽ اٺ سردار تلوارن سان وڙهندي مارجي ويا.

اسلام خان ۽ احمد خان هن جهيڙي ۾ موجود ڪونه هئا، جيڪي پنهنجي قبيلي جا سردار هئا، تنهن ڪري بگٽي قبيلو وڏي ڪوس کان بچي ويو هو. هن جهيڙي ۾ انگريز فوج فقط هڪ سو ويهه گهوڙيسوارن تي مشمل هئي. جڏهن ته ڌاڙيلن جو تعداد ست سو هو ۽ ڇهه سو بگٽين جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاش ميدان ۾ پکڙيا پيا هئا. ايڏو ڪوس ڪا ڪاسائڪي ڪار ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ اهي ڏاڙيل هئا ۽ ڦرلٽ جي ارادي سان سنڌ ڏانهن وڌي آيا هئا. سر چارلس گھٽي وقت کان وٺي ڄاڪوڙي رهيو هو تہ سنڌ کي هنن بلوچ ڏاڙيلن جي وبا کان بچائجي. ڪين ڇيو ويو هو تہ سنڌ اچي آباد ٿين ۽ جکراڻين جي پاڙي ۾ ويهي، پوکي راهي جي ڪرت ڪن. ان کان سواءِ سردار دورا کي بہ ٽڏي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪو قيد ۾ هو. کيس پوکي راهي لاءِ زمين ڏني وئي هئي. ان کان سواءِ هن کي پنهنجي قبيلي جي ماڻهن ڏانهن موڪليو ويو تہ سنڌ ۾ آباد ٿين تہ کين زمين ڏني ويندي ۽ سندن تحفظ ڪيو ويندو. ميري ويدر بہ جهيڙي دوران کين پيش پوڻ ۽ رعايتن ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. سر چارلس هنن جي بهادري جي تعريف ڪندو هو ۽ ايتري تباهي ڪري کيس مٿن رحم بہ ايندو هو. انصاف جي تقاضا اها هئي تہ اهي ماڻهو پنهنجو خون پاڻ وهائي رهيا هئا. اهڙي ريت سر چارلس نيپئر جي بنايل سنڌ انتظاميہ مڪمل ٿي چڪي هئي.

## نيپئر، بلوچ سردار ۽ مير

هن جنرل کي پتو هو تہ انهيءَ علائقي ۾ آباد ماڻهو انگريزن کان سياسي ۽ مذهبي طور نفرت ڪري رهيا آهن. هي اهي ماڻهو هئا، جيڪي انگريزن سان جهيڙي ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ويٺا رهيا هئا. سندن يورپ جي هنن ماڻهن ڪنهن بہ قسم جو ويساهہ ڪونہ هو. تنهن ڪري هو انگريزن جي فوجي طاقت کان نفرت ڪندا هئا. انگريزن خلاف اها نفرت انهيءَ ڪري بہ هئي جو هنن ڪابل ۽ قلات جي سرحدن اندر مختلف جڳهن تي ننڍيون وڏيون شڪستون کاڌيون هيون.

سر چارلس کي معلوم ٿيو هو تہ حڪمرانن جا نواب ۽ درباري ظالم ۽ ڪنور آهن، ذاتي طور عياش آهن، جن ملڪ کي هٽي داڙا ڦارا، پڙ پينگ ۽ سماج کي پاڙان ڪاٽي چٽ ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري پيداوار جي ڪابہ اميد ڪانہ آهي. کيس اهو بہ معلوم ٿي ويو آهي تہ ٻهراڙيءَ جي اپوجهہ ماڻهن تي ڳاتي ڍڳا محصول مڙهي، سندن ڇيلهہ ٿي ڇٻي ڪري ڇڏي اٿن. هنن مٿان ٽالپرن جو خطرناڪ قسم جو غلبو آهي. غير فطري موت هنن جا ڳوٺن جا ڳوٺ خالي ڪري ڇڏيا آهن. هر ڪو ماڻهو لڏيندو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏيندو ۽ پنهنجي ڌرتي بہ مٿيندو پيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر بہ خالي ٿيندا پيا وڃن. هاري ناري اڌ گيدا هٿ هٺي پوکي راهي ڪري رهيا آهن. ڪين خبر آهي تہ هنن جي محنت جو ڦل ڏک ۽ ڏچي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي. ملڪ جي چوٿين حصي جيتري ايراضي شڪارگاهہ آهن، جتي جهنگلي جانور رهندا آهن ۽ ٽالپر ظالم حڪمران انهن جو شڪار ڪندا آهن. هنن ان شيءِ کي بگاڙي خطرناڪ بڻائي ڇڏيو جنهن کي خدا تعاليٰ انسان لاءِ سهوليت ۽ آرام واسطي تخليق ڪيو آهي.

## جيڪو ڏاڍو سو گابو

ڪيس اهو بہ معلوم ٿيو هو تہ هتان جي ماڻهن جي تحفظ لاءِ قانون ئي ڪونہ آهي ۽ هتان جا حڪمران فطري انساني احساسن کان آجا آهن ۽ عام طور تي سڀ ماڻهو (سنڌي) غلام آهن. عورتن کي مڇر ۽ مک سمجهي بي گناهہ قتل ڪيو وڃي ٿو. هڪ ٻئي کي پلاند ۾ قتل ڪرڻ جو رواج آهي. هتي ڌاڙن هڻڻ جو هڪ نظام قائم آهي. اهڙا ماڻهو پوکي راهي يا ٻي ڪرت ڪانہ ڪندا آهن. پر ڦرلٽ ڪري ۽ ڌاڙا هڻي پيٽ گذر ڪندا آهن. هتي ڌاڙي هڻن کي بهادري تصور ڪيو ويندو آهي. هتي "ڏاڍو سو گابو" وارو اصول هلندو آهي. هن قسم جي ڇڙواڳيءَ ۽ مانڌاڻ ۾ سماجي ڍانچو تباهہ ٿي ويو آهي. هتي فقط رت ۾ ٻاڙها هٿ سلامت رهي سگهندا آهن.

ڪيس اهو بہ معلوم ٿيو هو تہ هتان جو هر بلوچ تلوار ۽ ڍال سان مسلح هوندو آهي. ڪيس قانون جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ هوندي آهي ۽ اخلاقيات کي ٿڏي پري اڇلي ڇڏيندو آهي.

## نيپئر جو ڏنل قانون، انصاف ۽ انتظام

جڏهن هن سنڌ ڇڏي تہ انهن جي هٿن ۾ ڇنجور ۽ ڪوڏر هئا ۽ قانون جا پابند بڻجي ويا هئا. ابتدا ۾ هن انهن ماڻهن کي جهيڙا ڪار ۽ خوني ڏٺو هو. ڇوڏس بي انصافي ۽ ڏاڍ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. پر جڏهن هن سنڌ ڇڏي تہ اهي ساڳيا ماڻهو انصاف پسند نرم مزاج ۽ فرمانبردار ٿي ويا هئا. اڳي جتي فوجي تسلط هو اتي اڄ انصاف جي فرمان روائي قائم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ نيپئر جي دور ۾

هن ڏٺو هو تہ سنڌ ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهي هئي، پر جڏهن هن ڇڏيو تہ سنڌ هندستان جو هڪ صوبو هو ۽ ڏاڍي خوش ۽ ريان ڪيان هئي. چوڌس علائقا هن جو احترام ڪرڻ لڳا هئا. هن ماڻهوءَ کين قانون جي عزت ڪرڻ سيکاري هئي. کين تربيت ڏني هئي، تہ انگريز جي وقار تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو. هن کي اهو بہ سيکاريو ويو هو تہ انگريزن جي فوج کان ڊڄڻ گهرجي، جنهن کي ديوتا جيتري طاقت آهي. هن سنڌ کي غريب ۽ غلام ڏٺو هو. جڏهن سنڌ ڇڏي تہ ان وقت هن ڌرتيءَ تي هڪ بہ غلام ڪونہ هو. هن ڌرتي ڌاڙيلن ۽ قاتلن کان جد ڇڏائي هئي. سندس آدمشماري وڌي وئي هئي ۽ گهٽي کان گهٽي ايراضي پوکي راهي هيٺ اچي وئي هئي. آزاد ماڻهو زراعت جي ڌنڌي سان لڳي ويا هئا. چوڌس اناجن جا انبار لڳي ويا هئا ۽ سنڌ سائي ڊائي ۽ سکي ستابي تي وئي هئي. هن جڏهن هتان ڇڏيو تہ سنڌ جو وڻج واپار چوٽ تي چڙهيل هو. اندروني تجارتي آمد رفت بہ ايري ۽ اسري چڪي هئي، شهر وڌي رهيا هئا، هنرمند ۽ ڪاريگر جام هئا، محصول گهٽيل هو پيداوار وڌي وئي هئي، انتظاميہ بہ قائم ٿي چڪي هئي، جنهن پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. سماجي نظام ۾ سڌارا آندا ويا هئا. ماڻهن جا حوصلا بلند هئا ۽ مستقبل جي خوشحاليءَ لاءِ ترقي جو رستو کوليو ويو هو.

هن ڏٺو هو تہ ماڻهو گروهن ۾ ونڊيل ورڇيل ۽ ڪٽو ڪٽو هئا، جيڪي هڪ پاسي غلاميءَ جي هٿڪڙولن ۾ هٿيڪا تہ ٻئي پاسي ويلن تي وينا هوندا هئا تہ جهنگلي ٽالپرن جو تسلط مٿن ٽيئن پاسي هو. جيڏانهن نهاريو هو. جرم ئي جرم نظر ايندو هو ڏاڍ ئي ڏاڍ هو. ڳلن تان وهندڙ ڳوڙها هئا. سورن جو اٿاهہ سمونڊ هو. جڏهن هن سنڌ ڇڏي، ماڻهو متحد هئا، آدمشماري وڌيل هئي، ماڻهو خوش هئا ۽ تهذيب ڏينهون ڏينهن وڌي رهي هئي. اهو سڀ ڪجهہ رحمدل ۽ سخي انسان جي ذات ۽ ڏانءَ ڪري هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اضافو

گذريل بابن ۾ سنڌ جي انتظاميہ جو هڪ خاڪو ڏنو ويو آهي يا ائين ڪٽي چئجي تہ ان جو مختصر بيان ڪيو ويو آهي. هن موضوع بابت مڪمل احوال سر چارلس جي ڪيل لکپڙهہ ۾ موجود آهي، جنهن مان چڱيءَ ريت معلوم ٿي ويندو تہ هي دنيا جي بهترين فوجي ڪمانڊرن مان هڪ هو. اهو بہ معلوم ٿي ويندو تہ هو عدل انصاف سان محبت ڪندو هو ۽ سندس حڪومت عيسائي اصولن جي روح مطابق هئي. هن احوال مان اهو بہ معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ ڪيس پنهنجي ڌرتي ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ڪيس ڏاڍو بدنام ڪيو هو. پر نہ هن جي اهليت نہ وري هن جون ڪاميابيون هنن ماڻهن جي دشمنيءَ کي گهٽائي سگهيون هيون. هو هندستان ڇڏي انگلينڊ هليو ويو تہ بہ ڪيس معاف ڪونہ ڪيو ويو هو.

هندستان ۾ فتحن کان پوءِ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي هي ضرورت محسوس ٿي هئي تہ فتح ٿيل ملڪ مان هٿ آيل مال غنيمت فاتح فوج ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس وچ ۾ تقسيم ڪيو وڃي. اهڙي ريت هن ڪورٽ انگلينڊ جي تاجدار کي بہ گذارش ڪئي هئي تہ مذڪوره تقسيم ضرور ٿيڻ گهرجي. ليڪن انهيءَ اصول تحت ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس مياڻيءَ جي فتح کي مال غنيمت ڏيڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي. تنهن ڪري هن معاملي کي نبيرڻ واسطي انگلينڊ جي تاجدار کي اپيل ڪئي وئي هئي جيڪا ڪامياب ٿي هئي. پر نياءَ ۽ نيت پت واري اهڙي ورهاست لاءِ تياڪڙ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي مقرر ڪيو ويو هو جنهن جلد ئي هڪ غلط قسم جي تقسيم ڪئي هئي. ڇاڪاڻ تہ هي ڪورٽ سر چارلس نيپئر کي ڪمانڊر ان چيف سمجهي ڪانہ رهي هئي. هندستان جي روايتن موجب ميجر جنرل جي عهدي واري فوجي عملدار کي ڪمانڊر ان چيف تسليم ڪيو ويندو آهي. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي اهڙي فيصلي جو اطلاع لارڊس آف ٽريئري کي ڏنو ويو هو.

هن کان سواءِ اجا بہ گهٽو ڪم رهيل هو. هي فيصلو تہ ضرور هو پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ۾ ڪوٽ هئي ۽ ڪوٽيءَ نيت سان ڪيو ويو هو. جيڪو عوامي امنگن مطابق ڪونہ هو. ليڪن اهو ڪو آخري فيصلو ڪونہ هو. شاهي فيصلي مطابق ان جي اپيل لارڊس آف ٽريئري کي ڪرڻي هئي. سر چارلس نيپئر اهڙي اپيل جو نوٽيس لارڊس آف ٽريئري ڏانهن موڪليو هو جيڪو پهچي ڪونہ سگهيو جنهن کي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس وچ تي روڪي ڇڏيو هو. انهيءَ زماني ۾ سر چارلس سنڌ ۾ موجود اهڙي صورتحال مان ائين معلوم ٿي رهيو هو تہ اڻ سڌي طور ڪانئس اپيل ڪرڻ جو حق ڪسيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ مقرر وقت جي گذري وڃڻ ڪان پوءِ عرضدار اپيل جو حق وڃائي ويهي رهندو آهي. سر چارلس جي دوستن کي اهڙي معلومات ڪنهن ذريعي وسيلي ملي هئي تہ لارڊس آف ٽريئري سان ڳالهايو جن کي چيو ويو تہ اهي غير موجود جنرل بدران اهڙي اپيل داخل ڪري سگهن ٿا. ان ڪان پوءِ انگلينڊ جي ماڻهن کي صحيح صورتحال جو پتو پيو هو جن ۾ ناراضگي پيدا ٿي وئي هئي. اهڙي ريت عوامي مزاحمت بہ ايري آئي هئي ۽ سمجهيو پئي ويو تہ انهن فوجي جنرلن مان غلط فائدو وتو پيو وڃي جن جنگ جي ميدان تي سر ترين تي رکي سويون ماڻيون آهن. ان وقت اهو بہ ٿيو تہ ان غلط فيصلي ڏيندڙ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي هڪ ميمبر سر جي وايرهاگ جلديءَ ۾ هائوس آف ڪامنس جي هڪ ميمبر مسٽر بئلي کي سنڌن نمائندگي ڪرڻ جي گذارش ڪئي، جنهن هم ڪئي نہ تم، ائين ڪوڙ تي سندرو ٻڌي بيهي ويو ۽ مخالفت ۾ بيان ڏنو هئائين سر چارلس نيپئر کي فاتح هجڻ اعزاز ڪونہ مليو آهي ۽ هن ستر هزار پائونڊ مال غنيمت طور ورتا آهن. اصول مطابق سندس حصو انون آهي، پر هن کي انهن حصي ڪان وڌيڪ مليو آهي. سر جي ڊبليو هاگل جي ڪوشش هئي ان کي مليل مال غنيمت جو اڌ گهٽايو وڃي. ڪيس اها بہ خبر هئي تہ ڪيس ملڻ وارو غنيمت جو مال اڃا پري آهي. پر ڪيس اها ٿوري يا گهٽي رقم گهٽي عرصي ڪان پوءِ ملي هئي. سر جي ڊبليو هاگ نہ مسٽر بئلي هي ڳالهہ سمجهي سگهيو هو تہ ڪيتري بہ وڏي رقم، ان جنرل جي اعزاز برابر ڪانہ آهي جيڪو تلوار ڪٽي جنگ ۾ وڙهندو آهي. اهو هڪ راز هو جنهن کي اهڙا موڳا ۽ اوڳا ماڻهو سمجهي ڪونہ سگهندا آهن.

ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس فيصلو ڪيو هو جنهن خلاف لارڊس آف

ٽريٽري اپيل ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. سر چارلس جو وڪيل جان جارج پلمو هو. جنهن ان معاملي جي پنهنجي هٿن سان وَڏ ٽُڪَ ڪئي هئي ۽ اهڙين حقيقتن کي واڳڪو ڪيو هو جنهن جي بنيادن ۾ حسد ۽ تعصب کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ ڪونہ هو. هن وڪيل اهو ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ هندستان جي گورنر جنرل سر چارلس کي ڪمانڊر ان چيف جو عهدو ڏنو هو جيڪو سنڌس منٽس بوڪ ۾ بہ موجود آهي. هن ڪامورا شاهي جي وڏي لکپڙهہ کان پوءِ بہ کيس اهو عهدو ڏنو هو. پر ڪورٽ آف ڊائريڪٽر بدنيتي کان ڪم ورتي، جاٽي ٻجهي اهڙين ڳالهين کي ڇپٽ ڪَرِ ڇڏيو هو. ان کان سواءِ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس حق ۽ سچ کي لڪائڻ لاءِ غير مناسب طريقي سان سر چارلس کي لوڀو ۽ ڊويو هو. سنڌس وڪيل اهو سوال بہ اٿاريو هو تہ ڇا اڳين فيصلن، اڳين روايتن، ٽيل فيصلن جي رهنمائي ڪئي وئي هئي يا ڪن اصولن کي آڏو رکيو ويو هو؟ ڇا اڳين ڪورٽن ۽ شاهي حڪمن ڪورٽ آف ڊائريڪٽس جي بيان خلاف پنهنجي نقطہ نظر جو اظهار ڪيو هو ۽ ان جي فيصلي کي غلط قرار ڏنو هو؟ اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ ڪري ٿيون هيون جو ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس سر چارلس دشمن هئي، جيڪو عمل قانون، راويت ۽ فرد جي عزت جي خلاف هو. هتي انصاف هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ جو تاڪيد ڪري ٿو. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي ڪن ميمبرن هن ڪارروائي ۾ حصو ڪونہ ورتو هو نہ وري هن ڪارروائي ۾ شريڪ ٿيڻ جي اهل هئا ۽ نہ هن اداري جي حڪم خلاف ڪين ڪجهہ ڪرڻ جي ڪا طاقت ڪانہ هئي.

ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس هڪ اداري جي صورت ۾، اهو بي انصافيءَ جو ڪم ڪيو هو. لارڊ ايلنبرو جي حڪم واري تاريخ کان وٺي سر چارلس فوج جو جنرل هو. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس بہ حقيقت تسليم ڪئي هئي. هن اداري جي اثر رسوخ ڪري انگلينڊ جي وزيرن بہ اهڙي ڳالهہ کي قبول ڪري ورتو هو. پر جڏهن سر چارلس نيپئر فتح حاصل ڪئي تہ مال غنيمت کي ڏسي، ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي نيت تبديل ٿي وئي ۽ جنرل چارلس خلاف هل هنگاما ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئائون. اهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکي جنگي توبن جي ڌماڪن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان کان سواءِ پارليامينٽ سر

چارلس کي جيڪو خراج تحسين پيش ڪيو هو، سو به ڪيترن سالن تائين لڪايو ويو هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته مياڻي ۽ ڊُبي جي جنگين جي آوازن کي وچڙي جنگي سرگرمي تسليم ڪيو ويو ۽ انهن جي نتيجن کي فتح طور قبول ڪ ڪيو ويو هو.

توهين آميز ۽ بدنامي وارا مقالا 'ايڊنگبرک' ۽ 'ڪئارٽرلي رويو' ۾ لکيا ويندا هئا. جنهن جا مصنف به متئين طبقي جا ماڻهو هئا. ڪي ڪالم وري روزانو وارن اخبارن ۾ ڇپيا هئا. جيڪي چار ڏوڪڙ ڏئي لکرايا ويندا هئا. انهن سيني جي ڏاڍ جو شڪار سر چارلس نيپئر هو انهن جو اصل مقصد هن جي بهادريءَ ۽ جرئت کي لڪائڻ هو. ڪيس اهڙي بدنامي کان بچائڻ ڪامورا شاهي جو فرض هو. پر اٿلندو هي ماڻهو انهن سرڪاري عملدارن کي انعامن اڪرامن سان نوازيندي جيڪي سر چارلس کي اخبارن ۽ رسالن ۾ بدنام ڪندا هئا ۽ انتظامي پيچڪڙي ڪندا هئا ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جا حڪم به مئڪاولي حڪمت عملي جو مظهر هوندا هئا. جيڪي ظاهري ۾ انهن ماڻهن جي سخت خلاف هئا جيڪي سر چارلس تي تهمتون ۽ الزام هڻندا هئا، پر ڳجهه ڳوهه ۾ سندن همت افزائي ڪندا هئا ۽ هن جي عزت ۽ احترام گهٽائڻ واري مهم کي لڳا پيا هوندا هئا. لارڊ رپن هن جا اهي خط ڪونه ڇپرائيندو هو جيڪي هو لارڊ رپن ڏانهن لکندو هو. ان کان سواءِ سرڪاري دعوتن ۾ هن کي شريڪ ڪونه ڪيو ويندو هو. جڏهن ته هن جنرل هندستان اندر فتحون حاصل ڪيون هيون. جڏهن هندستان ڇڏي انگلينڊ پهتو ته به هن سان ساڳي ويڌن جاري هئي. هي اڪيلو انهن انگريز عملدارن مان هو جيڪو مشرق کان هتي پهتو هو. جنهن کي عزت احترام جي نظرن سان نه ڏٺو ويندو هو ۽ شهر جي اعليٰ درجي جي دعوتن ڪيس شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڪانه ڏني ويندي هئي. جڏهن ماڻهو ڪيس عزت ڏيندا هئا ته لنڊن جون اخبارون ۽ رسالا اهڙيون ڳالهيون ڪونه ڇاپيندا هئا ۽ ائين نتائي ويندا هئا جڻ اهڙيون ڳالهيون ٿيون ئي ڪونه هيون. اهڙيون سڀ ڪروڙي ڳالهيون ساڻس دشمنيءَ ڪري ٿي رهيون هيون، جنهن جو مثال هيءُ حقيقت به آهي ته جڏهن سر چارلس واري جهاز اچي پورٽس مائوٿ وارو بندر پيتيو هو ته هن شهر جي ٽائون ڪائونسل هن کي شاندار آجياڻو ڏنو هو جنهن شهر جا ماڻهو به اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريڪ ٿيا هئا. هتي رهندڙ گئريسن فوج جا عملدار ڪيس هڪ شاندار جلوسن جي شڪل ڪيس وٺي ٺائون هال تائين آيا هئا. سنڌس هن جلوس سان رايل مئرنس بہ گڏ هئا. هن قسم جي شاندار تقريب جو احوال لنڊن جي ڪنهن اخبار ۾ رسالي ڪونہ ڇاپيو هو. ان ڪان سواءِ پورٽس مائوٿ جي ميئر اهڙي رپورٽ لنڊن جي هڪ مشهور رسالي ڏانهن ڇپجڻ لاءِ موڪلي هئي، پر ان رسالي جي ايڊيٽر ان رپورٽ کي ڇاپڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. توڙي جو ڪيس معمول مطابق رقم بہ آڇي وئي هئي. ان ڪان سواءِ ايڊيٽر کي ان رپورٽ کي اشتهار جي شڪل ۾ هلائڻ لاءِ بہ چيو ويو هو پر هن ائين بہ ڪونہ ڪيو هو.

اهڙن ماڻهن جون اتڪلون ۽ حرڪتون انهيءَ لاءِ هيون تہ جيئن هن عظيم انسان جي حقيقي ڪارگذارين کي عام ماڻهوءَ کان لڪايو وڃي. هنن ماڻهن هن حقيقت کي وساري ڇڏيو هو تہ تاريخ ۾ پويان ايندڙ نسل اهڙين ڳالهين کان باخبر ٿي سندن ٺوراٺتو ٿيندو. هن ڪان سواءِ عام انگريز بہ هنن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏئي رهيو هو ۽ انهن بہ سر چارلس نيپئر کي عزت ۽ احترام ڏيڻ ۾ خاص دلچسپي ڪانہ ڏيکاري هئي. پر اتفاقي طور انگريز هندستان لاءِ هڪ خطرو پيدا ٿي ويو هو جيڪو نهايت خوفناڪ هو. تنهن ڪري هڪ قومي احساس شدت اختيار ڪري ويو هو جيڪو سيني ڳالهين مٿان ڇائنجي ويو هو. عام ماڻهو انهن وزيرن مٿان دٻاءُ وجهي رهيا هئا جيڪي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي ها ۾ ها ملائيندا هئا ۽ سر چارلس کي بدنام ڪرڻ ۾ بہ هن ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس سان گڏ هئا تہ هو انگلينڊ جي تاجدار کي سر چارلس جي عظمت کان واقف ڪن جنهن کي هن وقت تائين لڪايو ويو هو ۽ مختلف قسمن جا الزام هڻي بدنام ڪيو ويو هو جيڪو انگلينڊ کي ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ ڪم آيو هو. ان ڪان پوءِ اها ساڳي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس سر چارلس جي بوٽن کي چٽڻ ۾ لڳي وئي هئي جنهن اڳ سنڌس توٽي ٺپائي ڏني هئي. هڪ فاتح جي هيڻ ناتي ڪيس اعزاز بہ ڏيڻ شروع ڪيا هئا. ان ڪان سواءِ هن جي تحفظ جو ذمون بہ پاڻ ڪنيو هو.

سر چارلس ماضيءَ جا سيئي گهاوَ وساري ڇڏيا هئا ۽ جن وزيرن ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس هن کي بدنامي جا ڏنڀ ڏنا هئا، تن کي هن غلط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکر جيان ميساري ڇڏيو هو. پر هي انگلينڊ جي تاجدار ۽ انگلينڊ جي عوام جي خاطر هندستان موٽي ويو هو. هن اڳڪتي ڪئي هئي ته جڏهن خوف ۽ خطرا هٽي ويندا ته اهي ساڳيا ماڻهو برساتي ڏيڏرن وانگر ٻاهر نڪري ايندا ۽ اڳئين جيان ڪيس بدنام ڪرڻ واري پراڻي ڪرت ڪي لڳي ويندا. جڏهن هن ڏٺو ته سنڌس عزت کي ڇيهو رسي رهيو آهي ته هن وڏي فوجي عهدي تان ٻيو ڀيرو استعفيٰ ڏئي ڇڏي. ڇاڪاڻ ته ڪيس محسوس ٿيو هو ته ساڻس وري به بي انصافي ٿي رهي آهي ۽ ٻي ڏياني جو شڪار ٿي رهيو آهي. پر هو تاريخ ۾ پنهنجي پوئين نسل واسطي مياڻيءَ حيدرآباد جو بي مثال فاتح هوندو. هي اهو ماڻهو هو جنهن ڪڇيءَ جي جابلو ڌاڙيلن کي پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ سنڌ کي غلاميءَ مان آجو ڪيو هو. هي پهريون ماڻهو هو جنهن کي انگريز قوم ان وقت واهر ڪرڻ لاءِ پڪايو هو. جڏهن هندستان جي انگريز شهنشاهت لوڏن لمن ۾ هئي ۽ تباهه ٿيڻ واري هئي.

## ضميمو پهريون

## هتي ٽالپر حڪومت جو هڪ نمونو پيش ڪجي ٿو، جنهن ڪي بمبئيءَ واريءَ ڌر قبائلي سردارن جي سرڪار سڏبو آهي

*هيٺ ڪراچي جي ڪليڪٽر جي ان رپورٽ جو اختصار ڏجي ٿو جيڪا هن جج ايڊووڪيٽ جنرل ڏانهن موڪلي هئي جنهن هن کي ٻڌايو هو تہ ٽالپر دور ۾ شاهدن کي ڪهڙي طريقي سان جاچيو پرکيو ويندو هو.*

نومبر 1844ع

ٽالپر دور ۾ شاهدن کي جاچڻ پرکڻ يا انصاف ڏيڻ جو باقاعده مقرر اصول ڪونہ هوندو هو. عام طريقو اهو هوندو هو تہ شاهد کي قسم ڏيڻ کان سواءِ بيان ڏيڻ جو چيو ويندو هو تہ ڪيس گهربل واقعي بابت ڪهڙي خبر آهي. جيڪڏهن شاهد چوندو هو تہ ان واقعي جي ڪيس خبر نہ آهي تہ جج سندس بيان جي سچائيءَ ۾ شڪ ڪندو هو ۽ سمجهندو هو تہ شاهد کي واقعي جي ساري خبر آهي، پر ڄاڻي ٻجهي ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. تنهن ڪري جج ان شاهد مٿان تشدد ڪرڻ جو حڪم ڏيندو هو تہ جيئنءَ هو سچي شاهدي ڏئي. اهڙيءَ ريت ان کي تنگيو ويندو هو ۽ لوهيون سيخون گرم ڪري سندس جسم جي مختلف عضون کي ڏنيون ويندو هو يا وري خنجر جي تيز نوڪ سان سندس جسم جي عضون تي چوڪون ڏنيون ويندريون هيون يا خنجر جي تيز ڌار سندس نڙيءَ تي رکي ويندي هئي ۽ ڪيس چيو ويندو هو تہ سچي شاهدي ڏئي، نہ تہ سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي ويندي. ڪراچي جي مختلف حاڪمن (گورنرن) جي دور ۾ شاهدن تي اهڙو تشدد ٿيندو هو. جيڪو مان سنڌ ۾ رهڻ دوران پنهنجي ڪنين ٻڌو. اهڙن ٻن موقعن تي جج (قاضي) شاهد کان سچي شاهدي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حيدرآباد جي ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ جي رپورٽ جو اختصار

نومبر 1844ع

تالپر دور ۾ سول معاملن ۾ ٻنهي ڌرين کان قسم کڻايو ويندو هو. پر سنڌ جي فوجداري معاملن ۾ ڌرين کي قسم ڪونه کڻايو ويندو هو. جيڪڏهن ٻن بلوچ قبيلن ۾ قتل جو معاملو ھوندو هو ته ٻنهي کي پاند پلاند ڪرڻ لاءِ ڇڙواڳ ڇڏيو ويندو يا ناهه جو اهو طريقو قابل قبول سمجهيو ويندو هو. جيڪي ٻئي ڌريون مڃينديون هيون. پر جيڪڏهن ڌاڙي ۽ ڦرلٽ جو جرم هوندو هو ته ڪاردار کي زباني وٽي دانهن ڏبي هئي، جيڪو پيرا کڻائي يا ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪري وڃي ڏوهيءَ کي جهليندو هو ۽ ان وقت تائين ماريندو ڪٽيندو هو. جيستائين هو پنهنجو ڏوهه نه باسيندو هو. جيڪڏهن سمجهيو ويندو ته ڪو ماڻهو ان واقعي جو اکين ڏٺو شاهد آهي ته ان کي شاهدي ڏيڻ لاءِ گهرايو ويندو هو. پر جيڪڏهن اهو ماڻهو اَلي ويندو هو ته ان کي تيستائين ماريو ڪُٽيو ويندو هو جيستائين هو سچي شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڏوهيءَ کي ڇَرَ ٻيلي جي آزمائش ۽ ڪڏهن پاڻيءَ جي آزمائش مان گذرڻو پوندو هو. پر جڏهن ڏوهي ٻنهي مان ڪنهن به آزمائش ۾ ناڪام ٿيندو هو ته ڪيس مجرم سمجهيو ويندو هو. اهڙيون سزائون سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي ڏنيون وينديون يا وري اهڙي بلوچ کي ڏني ويندي هئي جنهن جي قبيلي جو سردار ڪمزور هوندو هو. نه ته ڏٽي سائين وارو بلوچ ڪابه ڳالهه ڪانه لڪائيندو هو ۽ فريادي ڌر ۽ ڪاردار کي چوندو هو. جيڪو ڪرڻو اٿو ڪريو پر ڌاڙي واري ملڪيت ڪونه ڏيندس ۽ جيڪو ماڻهو ان ڏوهي بلوچ کي گرفتار ڪرڻ ويندو هو تنهن کي قتل ڪري ڇڏيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو ٻيو

*سنڌ جي ڊپٽي ڪليڪٽر سي ڊبيلو رچرڊسن جي موڪليل رپورٽ جو اختصار*

جولاءِ 1845ع

سنڌ جي اتر ۽ لاڙ واري پاسي ڪمند جو فصل وسيع ايراضيءَ تي پوکيو ويو آهي. هي فصل سنڌوءَ جي ڪنار واري علائقي ۾ گذريل ڪيترن سالن کان پوکيو پيو وڃي. مان پوري پروسي سان چئي سگهان ٿو تہ هيءَ پوک اڃا بہ وڌندي رهندي. ٽالپر دور ۾ ڏل تمام ڳري ورتي ويندي هئي. تنهن ڪري هيءَ پوک ٿوريءَ ايراضيءَ تي پوکي ويندي هئي. پر هاڻي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪُڙن سان پلي زمين ۾ زراعت جي هيءَ جنس پوکي ويندي آهي. سنڌوءَ جي ساليانِي ٻوڏ ڪري پاڻي سان گڏ ايندڙ لٽ زمين تي ڇانئجي ويندو آهي، تنهن ڪري فصل ڏاڍا پلا ٿيندا آهن ۽ ان زمين کي ٻئي ڀاڻ ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي آهي. هندستان جي ڪنهن ٻئي صوبي ۾ ائين ڪونہ ٿيندو آهي، هن پوک جي ڏوئي گڏ ڪرڻ ۽ ٻئي ڪم ۾ گهڻو خرچ ايندو آهي. سنڌ اندر مکيہ پورهيو جهنگ وڍي ٻني صاف ڪرڻ، هر ڪاهڻ ۽ فصل مان گاهہ صاف ڪرڻ هوندو آهي. معلوم ٿئي ٿو هندستان جي ٻين علائقن ۾ ڪمند جي پوکي ناممڪن هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن پوک کي پاڻي جي گهڻي ضرورت ٿئي ٿي. جڏهن تہ انهن علائقن ۾ پوکي راهي کوهن جي وسيلي ٿيندي آهي، پر سنڌ ۾ هيءَ پوک سنڌوءَ جي ڪنار واري جوءِ ۾ ٿيندي آهي. جتي پاڻي اٽيهڻي جام هوندو آهي. ٽالپرن واري دور ۾ بہ اهو ساڳيو پاڻي هو زمين بہ ساڳي پلي هئي. پر ماڻهو هن پوکي ڪاهڻ کان پري پيا پڄندا هئا. هاڻي تہ ڏل ٿوري آهي. پر پوءِ بہ ماڻهو هن پوک ۾ ايتري دلچسپي ڪونہ ٿا وٺن جيتري ڪين وٺڻ گهرجي. هتان جي ڪمند جي ڇڙي ننڍي ٿئي ٿي ۽ ان جي رس جو ذائقو گهڻو سنو ڪونہ ٿو ٿئي. ڪمند جو وڏو حصو شهرن ڏانهن وڪري لاءِ کڄي ويندو آهي ۽ ماڻهو ان کي چوسڻ لاءِ خريد ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ان کان سواءِ ڪمند جي پوک پرپاسي جي ڳوٺن ڏانهن بہ ويندي آهي. ان پوک جو باقي ٿورو حصو پيڙيو ويندو آهي، جنهن جو طريقو ايڏو سنو ڪونہ هوندو آهي. اهڙي ريت ان رس مان ڳڙ تيار ڪيو ويندو آهي. هتان جا ماڻهو ڳڙ ٺاهڻ جي صحيح طريقي کان واقف ڪونہ آهن. هن فصل جو سنو ٻج ماريتس گهرائي پوکي سگهجي ٿو تہ پيداوار وڌي سگهي ٿي. هتان جي ڪمند جي پوک جيڪڏهن صحيح طريقي ڪئي ويندي تہ ان مان بہ فائدو ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ ڳڙ ٺاهڻ جي طريقي کي سڌارڻ جي بہ ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ هتان جو طريقو ايڏو سنو ڪونہ آهي. ليڪن هر قسم جي کنڊ تہ مسقط مان گهرائي ويندي آهي. بنگال جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڪمند جي پيڙڻ ۽ کنڊ ٺاهڻ جا ڪيترائي ڪارخانا قائم ڪيا ويا آهن، پر سنڌ جهڙيون سهوليتون تہ اتي بہ ڪونہ آهن. جتي پلي ٻني، مناسب آبهوا، آبپاشيءَ جو سولو نظام ۽ پيداوار کي شهرن تائين پهچائڻ جو سولو طريقو بہ آهي. جيڪڏهن هن پوک جي ڏس ۾ حڪومت واهر ڪندي تہ هيءَ پوک تمام گهڻي ايراضيءَ ۾ پوکي سگهجي ٿي. جيڪڏهن کنڊ لاءِ وڏي صنعت قائم ڪبي تہ ايترو گهڻو خرچ ڪونہ ايندو. پر موٽ ۾ وڏو نفعو ڪمائي سگهجي ٿو. اهڙي ريت کنڊ جي وڏي تجارت بہ شروع ڪري سگهجي ٿي. شگر ملون ڪمند جي پوک پرسان هئڻ کپن. ڇاڪاڻ ڪمند وڍجڻ کان پوءِ جلدي سڪي ويندو آهي. ان ڪري رعيتي ماڻهن کي هن پوکيءَ لاءِ همٿايو وڃي تہ ڳڙ ٺاهي شهرن ۾ وڃي وڪڻن ۽ خوب ناڻو ڪمائن يا ڪٽي کنڊ جي سرڪاري ڪارخانن کي ڏين. جيڪڏهن شگر مل انگلينڊ مان گهرائبي تہ ٽي سئو پائونڊ ڪائي ويندي. پر نصب ڪرائڻ ۾ بہ ڪجهہ خرچ لڳي ويندو. تنهن ڪري اها سرڪار کي ساڍن ٽن سون پائونڊن ۾ پلئہ پوندي. جيڪڏهن رعيتي ماڻهن کي ڳاڙهي کنڊ ٺاهڻ سيکاربي تہ لوهہ جي ملِ گهرائڻ جي خفي کان جند ڇٽي پوندي.

جيڪڏهن ڪي ادارا کنڊ جي ڪارخانن لاءِ ڪم ڪري سگهن ٿا تہ انهن مان ڪو ادارو اهڙو بہ هجي جيڪو نير جي پوک جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ بہ ڪم ڪري. سکر کان وٺي ڪوٽڙيءَ تائين اهڙي زمين آهي جيڪا نير جي پوک لاءِ بهتر آهي. ڪوٽڙي کان هيٺ زمين تہ پلي آهي پر ماڪ گهڻي پوندي آهي جيڪا هن پوک لاءِ هاڃيڪار هوندي آهي.

سنڌ ۾ نير اجا بہ گهڻو وڏائي اپائي سگهجي ٿو. ان جو ڪارڻ اهو آيو تہ سنڌوءَ ۾ ورهيارو چاڙهہ ايندو آهي. ٻوڏ جي ان پاڻي ۾ پَل يا لٽ گهڻو هوندو آهي. تنهن ڪري جيستائين پاڻي پهچندو آهي لٽ پوڻ ڪري ڍلي زمين بہ پلي ٿي ويندي آهي. پاڻيءَ جي ليٽ ڪري زمين پاڻي پي رڃي ويندي آهي، جنهن ۾ نير جو فصل ڏاڍو پلو ٿيندو آهي. بنگال جو نير بہ معيار ۾ پلو ٿيندو آهي. جيڪڏهن سنڌ جو نير معيار ۾ ان کان پلو نہ آهي تہ هن جهڙو تہ ضرور آهي. بنگال ۾ جيڪڏهن مينهن نہ وسن تہ بلڪل سنڌ جهڙو آهي. ڏنو ويجي تہ نير جي ٻوٽيءَ لاءِ مينهن هاڃيڪار هوندو آهي. ڪاٺوٽ ۽ مانجهند واري علائقي ۾ اٽڪل نوي يا هڪ سو مڻ نير اپايو ويندو آهي. جيڪو ڏاڍي سنيءَ جنس جو آهي، پر ٺاهڻ جو طريقو صحيح ڪونہ هوندو آهي، تنهن ڪري ان جي قيمت ڪجهہ گهٽ ملندي آهي.

## ضميمو ٽيون

*سر چارلس جي لکيل گهڻن خطن مان هڪ خط جو اختصار جيڪو هن هندستان سرڪار ڏانهن ملير نديءَ لاءِ لکيو هو جنهن جو ڪيس جواب ڪونہ ڏنو ويو هو.*

آگسٽ 1845ع

هاڻي سانوڻيءَ جي مينهوڳيءَ جي مُد گذري وئي آهي. پر ڪراچي ۾ ڪٽي بہ ڪانہ پئي آهي. ان ڪري پاڻي جا تلاءَ سڪي ويا آهن ۽ کوهن جو پاڻي بہ هيٺ لهي ويو آهي. پاڻيءَ جي هن ڏکاهي ۾ فوجي ڪنو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن. تنهن ڪري انهن کي پيٽ جي سور جو اهنج ٿي پيو آهي. اهو ڇانوڻي جي صحت لاءِ ڏاڍو ڇڱو ٿئي ها. جيڪڏهن ملير نديءَ جو منهن ڦيري، ڇانوڻيءَ وٽان ڪيو وڃي ها. مان ان ڪم تي ايندڙ خرچ جو ڪاٿو ڪري آگسٽ 1844ع ۾ اوهان ڏانهن موڪليو هو جيڪو ٻارهن هزار پائونڊ هو. ڇانوڻي جي صحت کي برقرار رکڻ لاءِ اهو خرچ ڪو وڏو ڪونہ آهي. ان ناتي جيڪا پاڻيءَ جي سهوليت ٿيندي سا اندازي کان ٻاهر آهي. هن پاڻي سان سوڍا يا ٻيون شيون مليل آهن. هتي جي ڌرتيءَ جا مختلف ورن آهن ۽ هيٺ کوٽڻ سان ڪٽي ڏهہ فوٽن تي، ڪٽي ويهن ۽ ڪٽي وري ٽيهن فوٽن تي مٺو پاڻي ملي ويندو آهي. ان کان جيڪڏهن هڪ فوٽ بہ هيٺ کوٽبو تہ پاڻي نسورو لوڻ ملندو. ڇانوڻيءَ ۾ کوهہ آهن جيڪي هڪ ٻئي کان بہ سو فوٽ پري ٿيندا. ڪي وري انهيءَ فاصلي کان بہ ويجها ٿيندا. پر هڪڙن جو پاڻي مٺو تہ ٻين جو پاڻي لوڻ جهڙو کارو آهي. چيو ويندو آهي تہ هتان جي ڌرتي ۾ ڇانيهو يا قلمي شورو ۽ کار تمام گهڻي ٿيندي آهي. هن پاڻيءَ ۾ جيڪو ڪجهہ بہ مليل آهي، پر صحت لاءِ هاڃيڪار آهي. جيڪڏهن اوهان هن منصوبي شروع ڪرڻ جي اجازت ڏيندا تہ اهو ڪراچيءَ تي احسان هوندو.

اصل تي صحيح

سر چارلس نيپيئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سر هينري هارڊنج ڏانهن لکيل خط

سر هينري هارڊنج

ڪجهه وقت کان پوءِ سرڪار هڪ ميڊيڪل بورڊ موڪليو هو تہ اهو ڪراچي جي پاڻيءَ تي تجربو ڪري ۽ رپورٽ تيار ڪري موڪلي ڏئي. ڊاڪٽرن جي هن جٿي پنهنجي رپورٽ ۾ لکي موڪليو آهي تہ هي پاڻي خالص ۽ سٺو آهي. انهن ماڻهن پنهنجي خط ۾ اهو بہ لکيو آهي تہ هن پاڻيءَ ۾ بين شين سان گڏ ڦٽڪيءَ جو انداز وڌيڪ آهي، جنهن ڪري پيٽ جي شڪايت ٿي پوي ٿي ۽ پهرئين پيري پيئڻ سان پيٽ ۾ گڙ ٻڙ ٿي پوندي آهي. ان ڪري جن ماڻهن کي اهڙي خبر نہ هوندي آهي، سي سمجهندا آهن تہ اهو پاڻي صحت لاءِ هاڃيڪار آهي. پر حقيقت اها آهي تہ هن ميڊيڪل بورڊ پاڻي جي ان وقت چڪاس ڪئي هئي، جڏهن مينهن گهڻا وسيا هئا ۽ کوهہ بہ پاڻيءَ سان ڀرجي ويا هئا. ان ڪري صحت لاءِ نقصانڪار شين جو پاڻي ۾ تناسب گهٽو گهٽجي ويو هو.

(وليم نيپئر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو چوٿون

## *ڪڇيءَ واري جابلو علائقي خلاف جنگي مهم جي شروعات وقت لارڊ ايلنبرو ڏانهن چارلس نيپئرلکيل خط جو اختصار.*

سکر 19 ڊسمبر 1844ع

مان اڄ هتي پهتو آهيان. هي سال اڳ آءٌ هن ساڳئي ڏينهن تي هتان روانو ٿي چڪو هوس. اڄوڪو ڏينهن مون کي اوهان جو احسان ياد ڏياري رهيو آهي. اوهان جي ياد اچڻ ڪري هندستان جي انگريز شهنشاهت لاءِ موجود خوف ۽ خطرا به ياد اچي ويا آهن. مان هتي هڪ عظيم انسان سر جان مُور جا لفظ ورجائڻ چاهيان ٿو جنهن چيو هو ته، 'جن برين ڳالهين تيڻ جو امڪان هو سي هاڻي ڪونه ٿينديون.' ان ڪري مون کي به يقين آهي ته اهي امڪاني بريون ڳالهيون هاڻي ڪڏهن به ڪونه ٿينديون. مان 11 نومبر تي ڪراچي ڇڏي هئي. سفر دوران ٽڪرين وارو علائقو ويران لڳو جنهن وچان جبلن جون قطارون گذرنديون ڏسڻ ۾ آيون، جن جو رخ ڏکڻ اتر طرف هو. هي ٽڪريون لهنواريون ڪونه هيون، پر ايڪپريون هيون. تنهن ڪري انهن روهين (ٽڪرين) کي غير لهريدار سڏي سگهجي ٿو. اهي سيئي ٽڪريون پٽ وانگي ايڪپريون آهن، جيڪي پنڌ پاهٽن سان پريون پيون آهن. هڪ ڏينهن اسان اهڙين ٽڪرين واري علائقي مان گذرياسون جتي رڳو ڪاٺ جا پنڌ پاهڻ ڏسڻ ۾ آيا هئا. اهڙيون شيون اسان کي ملڪري ماڳ وٽ نظر آيون جتي اسان منزل ڪئي هئي. اهڙا نشان واڪر جي جوڙيل نقشي ۾ به موجود آهن. جڏهن اسان پوڪرن وٽان لنگهياسون ته اتي ٽڪريون ۽ انهن جي وچ تي ڪاهيون ڏسڻ ۾ آيون. ملڪري ۽ پوڪرن نالي وارن ماڳن وٽ پاٽيءَ جا تلاءَ آهن جن جي وچ تي وڏ ڪان وڏ اوچيون ٽڪريون نظر آيون. هي علائقو جابلو هو، جتي اسان کي درياهي نرم مٽي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي هئي. اهڙي مٽي چرلا وٽ ڏٺي سون. هن تاڪ تائين ساريُ جوءِ رڻ پٽ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڪرن ۾ چرلا جي وچ تي گهاٽو جهنگ بہ آهي. ٺڪرين جي وڻن ۾ وڪڙن مان ائين محسوس ٿي رهيو تہ انهن کي ڪو قدرتي طور مروڙو آيل آهي. هتان جي هڪ سونهين (رهبر) مون کي ٻڌايو تہ هتي ڦٽڪي بہ موجود آهي. مان هتي جيڪر هفتوڪن ترسي چڪاس ڪريان ها تہ هتي ڇا ڇا موجود آهي پر مان جيالاجي ۽ منرالاجي جو واقف ڪونہ هوس. ائين ڪري مان جڙڻ پنهنجو وقت وڃايان ها.جنهن جو سنڌ ۾ سائنس کي ڪو فائدو ڪونہ پهچي ها. هتي جي ننڍڙين روهڙين يا ٽڪرين مان ڪوسي پاڻيءَ جا جهرڻا وهي رهيا هئا جيڪي ٽڪريون ڏهہ يا ويهہ فوٽ مس اوچيون هيون ۾ اهي هالا جي روهہ سان پٽ وڃي رهيون هيون. جن جو پٿر ڪوئلي جيان نظر اچي رهيو هو. اسان جي قافلي ۾ هڪ ڏاهو ماڻهو هو جنهن ٻڌايو تہ اهو ڪنهن سائيءَ ٻوٽيءَ جو پنڊ پاهڻ آهي، ان ڪري مان بہ ان شيءِ کي ائين سمجهي رهيو آهيان. سنڌن شڪل صورت بہ دلچسپ ۽ عجيب غريب آهي، جيڪي پرياسي ۾ ملندڙ اهڙين شين کان بلڪل مختلف بہ آهن. مان انهن مان بہ ٽي نمونا کنيا ۽ هڪ اهڙي سڃاڻ ماڻهوءَ کي ڏيکاريا جيڪو سنڌ اندر منفرد شڪل جو ماڻهو هو. مان سر هينري هارڊنج کي گذارش ڪئي آهي مون ڏانهن سياڻو ۽ سپورنج ماڻهو موڪلج جيڪو ٻڌائي سگهي تہ سنڌ اندر ڪهڙيون شيون موجود آهن.

مان چُرالا کان مٿي ان جاءِ وٽان لنگهيس جنهن کي پير آري جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جتي ڪرنل رابرٽس شاهہ محمد کي اوچتو جهلي ورتو هو. ڪرنل هتن تي پرتا ڪري ڏيکاريا هئا. پر مون کي افسوس آهي، کيس سي بي جو اعزاز ڪونہ ڏنو ويو هو. هي ماڻهو شير محمد جو ڀاءُ هو. هن جي جهلجي پوڻ ڪري سنڌ جي وڳوڙي وايو منڊل ۾ ڪجهہ ٺاپر اچي وئي هئي. ان واقعي کي پورو هڪ سال گذري ويو آهي، پر لڳي ائين ٿو جڙڻ تہ اها ڪالهہ ڪلهوڙي جي ڳالهہ هجي.

سيوهڻ ۾ پهچي مان اُن جي چڪاس ۾ جاچ پڙتال ڪئي، جنهن کي Alexanders Tower سڏيو ويندو آهي. مان يونانين سان لاڳاپيل پراڻا ٿرڙ ڏٺا آهن، ان ڪري يقين سان چئي سگهان ٿو تہ هي تعمير يوناني ڪانہ آهي. قوي امڪان آهي سڪندر جي ٺهريل ڪالوني هجي. هي امڪان انهيءَ ڪري آهي جو سنڌوءَ جو هي ڪنارو جابلو آهي ۽ هي

درياهہ بہ سدائين هن جاءِ وٽان وهندو رهيو آهي. تنهن ڪري سڪندر هن ٽاڪ کي پڪو سمجهي هڪ ڪوٽ تعمير ڪرايو هوندو تہ ڪيئن ناهي ڪڏهن ڪڏهن هن جاءِ وٽان يوناني دور جا سڪا بہ لڀندا آهن. پر مٿي بيان ڪيل قديم آثار ان قلعي جا آهن، جنهن کي اورنگزيب ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو هو. سيوهڻ کان سکر تائين علائقو آباد نظر آيو پر ان لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهي آباد زمينون غير آباد علائقي جو هڪ سئو حصو بہ ڪونہ ٿيندو. پر هن علائقي جي زمين ايتري پلي آهي جيتري ڪراچي کان پوڪرن تائين آهي. جتي اجا تائين پوکي راهي ٿي ڪانہ سگهي آهي. پر اتي پاڻي ملڻ مشڪل آهي. جڏهن تہ مون کي پڪ آهي جر جو پاڻي تہ جتي ڪٿي موجود آهي. جيڪڏهن کوهہ کوٽيا تہ هيٺان ضرور پاڻي ملندو. مون کان بہ جيترو ٿي سگهيو ايترو جلدي انهيءَ علائقي ۾ کوهہ کوٽائي زمين آباد ڪرائيندس. منهنجي هيءَ بہ خواهش آهي تہ جتي غريب ماڻهن جا کوهہ آهن تن کي سڌاريان. هنن کوهن جي پاڻيءَ کي پيئڻ لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو پر هر هڪ کوهہ جي چوڌاري چار ٻارا ٻنيءَ جا بہ آباد ڪري سگهبا. ماڻهو سڪيا ستابا ٿي ويندا. بچت وارو اناج بازار ۾ وڪڻندا. اهڙي ريت ڏاڙن ۾ قرلٽ جا ڍوهہ گهٽجي ويندا. ٻين ماڻهن کي بہ ريس ايندي ۾ اڳين کوهن کان ٿوريءَ وٿيءَ تي نوان کوهہ کوٽيا ويندا. هي اڳتي وڌڻ جو هڪ سست رفتار سلسلو آهي. اهو طريقو ضروري بہ آهي. ماڻهوءَ کي اهڙن معاملن ۾ صبر ڪرڻ گهرجي. پر مان هن ڪم ڪرڻ لاءِ اتاولو آهيان. چاهيان ٿو اهو نيڪ ڪم اڄ ٿئي ۾ سڀاڻو نہ پوي. هن ڪم ۾ دير مون کي جڙڻ سلهہ تي ڇپي رهي آهي.

مان رند قبيلي جي ڏاڙيلن جو هڪ ٽولو ڏٺو هو جيڪو بلوچ نہ پر سنڌي رندن جو هو. هي ماڻهو ڪلهوڙن سان ڏاڍا وفادار هئا. پر ٽالپرن هنن جي ٽوٽي ٽپائي ڏني هئي. ڪجهہ ڏينهن ٿيندا هنن رندن کي ٽالپرن سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي مان ڪڍي ڇڏيو هو. جنهن ڪري هنن وچي روهہ ۾ ڪوهہ واري جوءِ وسائي هئي جيڪا سُڃي ۾ ڏُڃي هئي. لاچار ٿي هنن ماڻهن پنهنجي پيٽ گذر لاءِ ڏاڙا هڻڻ شروع ڪري ڏنا هئا. بلوچ نسل جا ڏاڙيل هنن جا ويري هئا. ان کان سواءِ ڪين ٽالپرن جي ٽيڪ ۾ هشي بہ هئي. ويچارا رند هاڻي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن گذاري رهيا آهن. هنن ڏاڍ جي ستايل ماڻهن مون کي بچائڻ ۾ پوکي راهي لاءِ زمين ڏيڻ

جي درخواست ڪئي آهي. مان ڪين جهرڪ پرسان زمينون ڏنيون آهن. هن دوري مان اهو فائدو ٿيو آهي جنهن جو مان ذڪر ڪري آيو آهيان. ٻي ڳالهه مون کي هيءَ نظر آئي ته منهنجي جتن ۾ جاڪوڙ ڪان پوءِ به اڃا تائين پنهنجي ڏاڍ ۾ ڦهر واري شڪل ۾ موجود آهي. جتي به مان منزل ڪندو هوس ته ماڻهو منهنجي تنبوءَ جي چوڌاري ميڙ ڪري اچي ويهندا هئا. هي هاڃيءَ هنيا ۾ سورن جا ستايل ماڻهو اها آس ڪٽي مون وٽ ايندا هئا ته مان ڪين انهن ڏکن پاپن کان آجپو ڏيندس. مون سان اهنج اورڻ لاءِ ترجمان به ضرور وٺي ايندا هئا. مان اهڙن غلامن جي ڏهن ٻارنهن مالڪن کي ڪٽي قيد ڪيو جيڪي وڏي رتبي ۾ اثر رسوخ وارا ماڻهو هئا. منهنجو ڪم ان وقت ملڪ جو دورو ڪرڻ هو. پر هنن اثر رسوخ وارن ماڻهن کي ٽن هفتن تائين پاڻ سان گڏ ڪٽي هلندو رهيو هوس. سنڌ ۾ غلامي ڏسي منهنجو جيءُ جهرندو ۽ روح رڙندو آهي. مون کي پڪ آهي ته پرپاسي ۾ مسٽر پريڊي جي ۾ قانون کي هوريان هوريان نافذ ڪري سگهجي ٿو ۽ ائين نافذ ڪري ڪونه ٿو سگهجي جيئن ميداني علائقن ۾ ڪيو ويندو آهي. ڌاڙيل عنصر وري اهڙو هوندو آهي جنهن جو ڪم قانون خلاف جهيڙو ڪرڻ هوندو آهي. غلام رکڻ وارن ماڻهن خلاف منهنجو رويو ڏاڍو سخت آهي. تنهن ڪري غلاميءَ وارو رواج به تيزيءَ سان گهٽبو پيو وڃي.

ولي چانڊئي ڏاڍي وفاداريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. هن سردار همت ڪري نوبت خان نالي هڪ مشهور ڌاڙيل گرفتار ڪري ورتو آهي. هي ماڻهو ڏاڍو ڪنور هو. جيڪو ڌاڙي هڻڻ وقت ڪيترائي ٻي پهچ ماڻهو قتل ڪري ڇڏيندو هو. هن پنجهتر انن جي قافلي کي ڦريو ۽ جتن کي قتل ڪيو هو. مان سندس گرفتاري تي هڪ هزار رپيا انعام رکيو هو. هن وقت هو بکر واري قلعي ۾ قيد آهي. هن سان گڏ سويو گدو به آهي. هن ڌاڙيل به منهنجي حڪم عدولي ڪئي هئي. فزجيرالڊ اٺ سوار فوج ساڻ ڪري پنجهتر ميل پنڌ هٽي مٿس وڃي اوچتو ڪڙڪيو هو ۽ هڪ جابلو قلعي مان وڃي کيس گرفتار ڪيو هئائين. هن جا چار سو ماڻهو الائي ڪيڏانهن نڪري ويا. باقي ساٺس چاليهه ماڻهو گڏ هئا جن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو هو. هن مقابلو ڪيو هو. جنهن ۾ سندس پٽ ۽ به پاڻتيا وڙهندي مارجي ويا هئا. ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ جيمس کين پيش پوڻ لاءِ عرض ڪيو. پر هنن کيس ٽي ترپون هٽي ڇڏيون ۽ وراڻيائون ته هو

سويي گڏي جا پاڻتيا ۽ پٽ آهن هو تلوارون ۽ ڍالون سندس پيرن ۾ رکي پيش ڪونه پوندا. انهن کي زنده ڇڏڻو ڪونه هو پر سندن موت تي به افسوس آهي. هنن جو پيءُ هنن جيترو بهادر ڪونه هو. سندس ڪردار ظالمانه هو ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ کي زنده ڇڏڻ ڪونه چاهيندو هو. هاڻي سندس مقدر کي ڏسي سارو علائقو خوش آهي. ليفٽيننٽ جيمس جو چوڻ آهي ته ماڻهو جا هنن کي ڏسڻ لاءِ ميڙ تي ويا ۽ سندس گرفتاريءَ تي ڏاڍو خوش هئا. هن تي ملٽري ڪميشن ڪيس هلائيندي مان سمجهان ٿو ته هنن پنهي ڌاڙيلن جي گرفتاري ڪري ڌاڙن جون وارداتون گهٽجي وينديون. تنهن ڪري مان هاڻي چئي سگهان ٿو ته سنڌوءَ جو ساڄو ڪنارو ڌاڙيلن جي آپدا کان آجو ٿي ويو آهي. مان سفر دوران جڏهن هڪ ڳوٺ کان لانگهائو ٿيس ته اتان جي ٻن رهواسين سان ڳالهه ٻولهه ٿي وئي. هي ٻئي ماڻهو مون کي ڏوهي محسوس ٿيا جن جي سزا قتل ٿي سگهي ٿي. هنن ٻنهي ڄڻن هڪ ماڻهو خلاف دانهن ڏني جيڪو نوبت جي ڪيڏ وڃي ٿيهٺ اٺ ڇڏائي آيو هو. جن مان ارڙهن مالڪن کي موٽائي ڏنا هئائين. مان ان ماڻهوءَ کي پوليس وارو موڪلي گهرائي ورتو. ڏٺم ته ان قبائلي سردار جي شڪل ئي شيطان جهڙي هئي ۽ سندس چهرو به شيطان جهڙو هو.

مان ڏٺو ته گهڻو ڪري هن علائقي ۾ ڊل اڌ پيداوار جيتري وصول ٿي رهي هئي. پر مان ان کي هر جڳهه تي گهٽائي پيداوار جو فقط ٽيون حصو وٺڻ چاهيان ٿو. اعتراض اهو ڪيو پيو وڃي ته محصول جي گهٽجي وڃڻ سان سرڪار جي آمدني گهٽجي ويندي. ابتدا ۾ اها ضرور گهٽجي ويندي. پر ان جو اثر ضرور ٿيندو. ماڻهو ميداني علائقن ۾ وڃي آباد ٿيندا ۽ جهنگ جهاڙيون وڍي ٻنيون صاف ڪري پوکي راهي ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا. سرڪار کي پيداوار ۾ نقصان ٻن يا ٽن سالن لاءِ پوندو. سرڪار جون پلين ٻنين جون وسيع ايراضيون غير آباد پيون آهن. جن جو مونڊو ٻارهن ميل ۽ لام به ٻارهن ميل آهي. اهي زمينون ڪڏهن به آباد ڪونه ٿيون آهن. جيڪڏهن هارين کي سهوليتون ڏبيون ته اڇي زمينن تي گهر ٺاهي ويهندا ۽ پوکي راهي ڪندا. ساڳئي وقت سرڪار جي گهٽيل آمدني وڌي ويندي ماڻهو به پير پساري واندا ڪونه وهندا ۽ پنهنجي پورهئي کي لڳا پيا هوندا. ان ڪري چورين ۽ ڌاڙا به گهٽجي ويندا. بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڙيل بہ ٻني پوکي آچپو محسوس ڪندا، چاڪاڻ تہ سرڪار هارين نارين کي وڏيون سهوليتون ڏينديون. يا وري هو تلوار رکي هر جي منئي کي ڪونہ سنڀاليندا. جڏهن آءٌ سنڌ وڃان سفر ڪري رهيو هوس تہ اهڙين ڳالهين تي سوچي ويچاري رهيو هوس تہ مان سنڌ جي خدمت انهيءَ طريقي سان ڪري سگهان ٿو. ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ ڏل ۾ لاپو گهٽجي ويندو. حقيقت ۾ اهي ٻئي هڪ آهن ۽ اهي رهت جي ڪل پيداوار جي ٽئين حصي جيترين آهن. جيڪڏهن مان سرڪار کي يا هاري کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس تہ مون کي پڇتاءَ جي وڏي سزا ملي ويندي. ايسٽ انڊيا ڪمپني منهنجي بدران ڪو ٻيو سٺو ماڻهو مقرر ڪندي. هتي ڪليڪٽر بہ مون خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن مان ڪو ڏوهہ پاپ ڪري رهيو آهيان تہ اهي ذميواري بہ منهنجي آهي. چاڪاڻ تہ اهو ڏوهہ پاپ مان سوچي سمجهي ڪري رهيو آهيان. ان ڪري الزام بہ فقط مون تي هنيو ويچي. مون کي مقرر اوهان ڪيو آهي. پر اوهان هنن ڏوهن پاپن کان آجا آهيو پر مون کي يقين آهي تہ منهنجو احوال صحيح آهي. تنهن ڪري مون کي پؤ پولو نہ هجڻ گهرجي. ليڪن مان هيءُ ڪم آهستي ۽ مرحليوار ڪرڻ چاهيان ٿو.

هن کان سواءِ مان هڪ ٻيو بہ قدم کڻڻ چاهيان ٿو. يعني غريب رعيتن وٽ ڏاندن جي جوڙي خريد ڪرڻ لاءِ ٽيهہ رپيا بہ ڪونہ آهن تہ مان کين "ٻوڙا پَٽ" جي بدلي ٻن يا ٽن سالن لاءِ ڏل معاف شرط تي زمين ڏيندس. پر جيڪڏهن انهن کي ڏاندن جي جوڙي خريد ڪرڻ لاءِ ٽيهہ رپيا روڪ ڏبا تہ پئسا ڪٿي پڄي ويندا. پر اهڙا واقعا اُڪو ڏُڪو ٿيندا پر عام ڪونہ ٿيندا. سنڌي رعيتي ماڻهو سچار ۽ ايماندار ٿيندو آهي. پر جابلو بلوچن تي اهڙي قسم جو اعتبار ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. هنن ماڻهن جو عام ڌنڌو ڌاڙا هڻڻ آهي. ٽالپر حڪمرانن بہ هن کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو هو. وڏن قبيلن جا سردار بہ ڦرلٽ جي ڌنڌي سان لڳل آهن. اهو بہ ڏنو ويو آهي تہ ڪٿي بہ انگريز عملدار کي ڦريو لٽيو ڪونہ ويو آهي. سنڌ ۾ هنن جي مال مڏي بلڪل محفوظ آهي. ان جي ڀيٽ ۾ بمبئيءَ واري علائقي ۾ انگريز عملدارن کي بہ معاف ڪونہ ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري مون کي پڪ آهي تہ جيڪڏهن هنن غريب ماڻهن ٿوريون ٽڪيون سهوليتون ڏنيون ويون، ٿوري وقت اندر سارا جهنگل وڏجي صاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويندا ۽ اٿين هاري طبقو پيدا ڪري سگهبو. جيئن انگلينڊ ۾ پيدا ٿيو هو. ان کان سواءِ مان هوريان هوريان جاگيرداري نظام پڄي، پروڙي رهيو آهيان. جڏهن ڪو جاگيردار مري ويندو آهي تہ سرڪار ان جي زمين ضبط ڪري ڇڏيندي آهي ۽ اها ننڍين ننڍين حصن ۾ هارين جي حوالي ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن اها زمين وفات کان جاگيردار جي پٽ کي ڏني ويندي آهي تہ ان جي ڏل يا لاپو ورتو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت جاگيردارن کان سهوليتون رعايتون کسيون ويون آهن. هنن ماڻهن جي ڪوشش آهي تہ ڪين مليل سهوليتون بحال ڪيون وڃن يعني سندن خيال آهي تہ ڪين ڏل معاف جاگيرون سندن حياتي تائين ملڻ گهرجن.

هتي ماڻهن کي ڌيڇاري ڪانئن ملڪيتون ڦريون وينديون آهن. اهو ڪاروبار سالن کان وٺي جاري آهي. مان بہ پڪو پهہ ڪيو آهي تہ هن آزار کي ضرور ختم ڪندس. ليڪن سوچي رهيو آهيان تہ ان لاءِ طريقو ڪهڙو ڪتب آندو وڃي. اسان جو پوليس ڪاتو پنهنجا منصبي فرض سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان سرانجام ڪري رهيو آهي. اهي ڌاڙيلن سان ڏاڍي جرئت ۽ بهادري سان مقابلا ڪري رهيا آهن. هڪ بہ واقعا اهڙا ٿيا آهن جو هنن ڪي غير قانوني ڳالهيون ڪري ورتيون آهن، پر اهڙا واقعا عام ڪونہ ٿا ٿين. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهي ماڻهن کي اٿين ڪونہ ٿپائيندا، جيئن هنن ملازمت جي ابتدائي دور ۾ ڪيو هو.

وڏن مجرمن جا معاملا ملٽري ڪميشن هلائي رهي آهي جنهن جا نتيجا ڏاڍا سٺا نڪتا آهن. پر ننڍين مجرمن جا معاملا مئجسٽريٽ هلائي رهيا آهن ۽ هر ماڻهوءَ کي انصاف ملي رهيو آهي. مان هر معاملي جو مطالعو ڪندو آهيان ۽ گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ سزا جي ڪاغذن تي صحيح ڪندو آهيان. منهنجو اهو ڪم هوريا هوريا وڌندو پيو وڃي. هتان جا ماڻهو اسان جي انصاف ڏيڻ واري طريقي کي تمام گهڻو پسند ڪندا آهن. تنهن ڪري ڪيس (معاملا) گهڻو وڌي ويا آهن. مون کي خوف آهي تہ جيڪڏهن انهن معاملن جو تعداد اجا بہ وڌي ويو تہ وقت نہ هجڻ ڪري مان معاملن جي ڪارروائيءَ جو مطالعو ڪري ڪونہ سگهندس. مان اوهان جي سامهون هڪ مختصر جائزو پيش ڪيو آهي تہ اسان سنڌ جو انتظام ڪهڙي طريقي سان هلائي رهيا آهيون. مان هن حقيقت کي مشرقي انداز ۾ هن ريت بيان ڪري سگهان ٿو تہ جتي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پهچان ٿو تہ ماڻهن جا ميڙ منهنجي تنبوءَ جي چوڌاري گڏ ٿي وڃن ٿا جن جو مقصد سلام ڪرڻ هوندو آهي. ان کان سواءِ مان جڏهن ڪنهن ڳوٺ وچان لنگهندو آهيان تہ ماڻهو وڏي آواز ۾ مون کي دعائون ڏيندا آهن. هنن ڳالهين مان چڱيءَ ريت محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ ماڻهو مون مان خوش آهن ۽ منهنجيءَ حڪومت کي سٺو سمجهن ٿا. ٻي سٺي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ مان جهنگلن وچان هي سفر سنڌي "اريگيولر هارس" سان گڏ ڪري رهيو آهيان ۽ چوڌاري اڻ سڌريل قبائلي موجود آهن. جيڪڏهن اهي ماڻهو اڳرائي ڪن ها تہ انهن کي بہ مناسب جواب ملي وڃي ها ۽ اهو ڪم جبل جا قبائلي سردار سرانجام ڪن ها. ڇاڪاڻ تہ مون سان گڏ گهوڙيسوارن جو مختصر تعداد آهي. تنهن ڪري جابلو لڪن مان لنگهي، هنن خلاف ڪابہ ڪارروائي ڪري ڪونہ ٿو سگهان. مان عام ماڻهن جي پروسي تي ائين ڪيو آهي نہ تہ مون کي ايترن تورن گهوڙيسوارن سان اهڙي ڏکئي سفر ڪرڻ جي دل ڪانہ ٿئي ها.

مان ٻڌو آهي "دهلي گزيٽ" هن ڳالهہ جو اشارو ڏنو آهي تہ سنڌ جي حڪومت اڳين ٽالپر حڪمرانن جي حوالي ٿي رهي آهي. سرڪار کي گهرجي تہ اهڙين ڪوڙين خبرن تي پابندي مڙهي نہ تہ انهيءَ جي نتيجي ۾ ڏاڍو هاڃو رسي سگهي ٿو. اهڙيون خبرون ٻڌي هتان جا هندو واپاري تہ هراسجي ويا آهن. جيڪڏهن اهڙيون خبرون هلنديون رهيون تہ هي ماڻهو پنهنجو پئسو هتي ڪونہ سيڙائيندا. ڪن واپارين مون کي اهو بہ ٻڌايو آهي تہ اسان وٽ دولت آهي. جيڪڏهن اسان اها دولت عام ماڻهن کي ڏيکاريندا سون ۽ اوهان سنڌ جي حڪمراني ٽالپرن کي واپس ڏئي هليا ويندا تہ اسان جو جَڙِ ٻچو رلي ويندو. ان ڪري اسان واپاري ڏيتي بہ تڏهن ڪنداسون جڏهن ڏسنداسون، هتي انگريزن جي حڪومت قائم آهي. اهي ٽالپر اسان جو الهہ تلهہ ٻهاري ويندا ۽ نتُ نوان عذاب ڏئي اسان کي وڏيڪ ڏيڻ لاءِ مجبور ڪندا."

بمبئي وارا ڪڇ کي سنڌ کان ڪسي رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ هي ماڻهو غلط آهن. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس اهڙي خبر سر هينري هارڊنج ڏانهن بہ موڪلي هئي جنهن وري اها مون ڏانهن بہ موڪلي آهي. منهنجي ڄاڻ مطابق ڪڇ سنڌ کان ڪسيو ويندو. ڪڇ کي سنڌ سان ملائڻ ڪري منهنجي مٿي جو سور وڌي ويو هو. هن وقت منهنجي ڪڇ ۾

ڪنهن بہ قسم جي دلچسپ ڪانہ آهي. پر ڪرنل رابرٽس ۽ ڪڇ جو راءُ هڪ ٻئي جا پڳ مٽ يار رهيا آهن. اهو ڪم بہ هن ماٺهوءَ ڪيو آهي. جنهن کي مان بہ سٺو سمجهان ٿو. جڏهن کان ڪڇ کي سنڌ سان ملايو ويو آهي. تڏهن کان بمبئي سرڪار کي جڙ پيٽ ۾ سور جا ولهوٽا پيا آهن. هي سنڌ کان ٻاهر جون ڳالهيون آهن، جن ۾ منهنجي ڪا بہ دلچسپي ڪانہ آهي. مان اڏ گيدي ڪم کان بچان ڪندو آهيان. منهنجو فقط سنڌ سان واسطو آهي. مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان مون کي هنن معاملن ۾ ڪنهن بہ قسم جي دلچسپي ڪانہ آهي. منهنجي دلچسپي رڳو سنڌ ۾ آهي جنهن لاءِ مان ڏينهن رات جاڪوڙي رهيو آهيان. اهڙي دلچسپي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. مون کي اها بہ پڪ آهي تہ مون کي بمبئي جي ڪمانڊر ان چيف جو عهدو ڪونہ آڇيو ويندو. مان ڄاڻان ٿو تہ هنن ماڻهن انتظام جا سارا اختيار جيمس آئوٽرام جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن. اخبارن مان تہ ائين محسوس ٿي رهيو آهي. ان سماجي نوعيت جي جنگ جو مون کي ڪو پتو ڪونہ آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ اهي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون تجربي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهن. جڏهن هنن جي پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳندي تڏهن وڃي هنن جون اکيون کلنديون. اوهان جڏهن مهاراجا جئپور کي اکيون ڏيکاريون هيون تہ هي ماڻهو هٿن مان نڪري ويا هئا. توهان تہ نانگ کي زخمي ڪيو آهي پر ماريو تہ ڪونہ هو. گواليار کي اهڙي ڏک لڳڻ ڪري مرهٽن جي ملڪ جي ڏکڻ واري علائقي ۾ بغاوت جون تلوارون اڀيون ٿي ويون هيون. جنهن ڪري اتر علائقي جا ماڻهو بہ ياڻيورجي ويا هئا. هاڻي سارو ملڪ بغاوت جي باهہ جا ڀنيٺ ٿي ويو آهي. هي مرهٽا رڳو قابل نفرت دشمن ڪونہ آهن،پر سمجهڻ کپي تہ هنن ۾ شيواجي جو روح بہ موجود آهي.

مان 6 _ ايفہ آءِ، N I سر جي آرٿر جي حوالي ڪري ڇڏي آهي. ان ڪانسواءِ 13 _ لائيٽ انفنٽري بہ سندس ماتحت رکي وئي جنهن ۾ تجربيڪار فوجي آهن. جيڪي نوجوان فوجين کان ٻيڻ تي ڀلا آهن. مان ڪيس هن کان وڌيڪ ٻي فوج ڏئي ڪونہ ٿو سگهان. اهڙي بدنظميءَ جو سنڌ تي آخر ڪهڙو اثر پوندو. مان 78 ريجمينٽ اڳئي وڃائي چڪو آهيان. هيءَ ريجمينٽ هتي پهچڻ مهل ڏاڍي صحتمند ۽ سگهاري هئي. سنڌ جي ٻين علائقن ۾ بہ ڪائي بيماري وغيره ڪانہ هئي. هت بيماريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نومبر جي پهرئين هفتي ۾ منهن ڪڍيو هو. هاٿي ته سڀ فوجي اسپتالن ۾ پيرتي آهن. ۽ ٻه سئو مري ويا آهن. جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن. مان ڪين جلد کان جلد حيدرآباد موڪلي رهيو آهيان. جيئنڪ ڍهن جابلو علائقي جي ڌاڙيلن خلاف ڪا جنگي مهم شروع ڪئي وئي ته ان ڪي منهن ڏيڻ لاءِ مون وٽ فوج ته موجود ئي ڪانه آهي. هيءَ جڳهه ته بيمارين جو پانڌارو آهي. هڪ ماڻهو به صحتمند نظر ڪونه ٿو اچي. پروڪي سال جيان هاٿي سڀ فوجي سٽا لڳا پيا آهن.

# ضميمو پنجون

*لارڊ ايلنبرو ۽ سر هينري هارڊنج ڏانهن چارلس نيپئر لکيل خطن جو اختصار جن ۾ فوجين جي بغاوت ۽ بيماري جو ذڪر ڪيل آهي.*

**بغاوت**

مون کي افسوس آهي جو بغاوت ۾ اجا به ٿاپر ڪانه آئي آهي. مان اڄ پهريون ڀيرو هنٽر سان مليو آهيان جيڪو فوجين کي چڱيءَ ريت سڃاڻي ٿو. هن وقت ٿوري گهٽي مانار ضرور آهي، پر سندس خيال موجب اها ڪڏهن اوچتو پڙڪو کائي سگهي ٿي.

***

مان هيءَ حقيقت جلديءَ ۾ اوهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو. جنرل سمپسن ۽ هنٽر جو خيال آهي ته بنگال جي فوجين تي ڪنهن به قسم جو ويساهه ڪري ڪونه ٿو سگهجي. چاڪاڻ بنگالي فوجي پنهنجي عملدارن کان عجيب غريب سوال پڇي رهيا آهن ته جيڪڏهن هو جنگ ۾ مارجي ويا ته سندن ڪٽنبن کي ڪهڙي طريقي سان پينشنون ملنديون؟ اهڙي قسم جا سوال 4 ريجمنٽ پڇي رهي آهي. 64 بنگالي ريجمينٽ جو به ساڳيو خيال آهي. ٻين فوجين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن باغي فوجين کي پينشن ملندي ته انهن فوجين جو ڇا ٿيندو جن هن معاملي تي بغاوت ڪانه ڪئي آهي. اهڙين حالتن مان سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو ته فوجين جي اندر ۾ گگر آهي. 4 ريجمينٽ جي فوجين اهو به چئي ڏنو آهي ته جيڪڏهن 64 ريجيمينٽ هندستان ويندي ته اهي سندن ڪيڏ هليا ويندا.

***

مان هاڻي خوش آهيان. مان ۽ منهنجو ائڊ جوائٽنٽ جنرل اسان ٻئي جنرل هنٽر سان هن ڳالهه ۾ متفق آهيون ته هاڻي حالتون صحيح ٿي ويون آهن. پر جنرل سمپسن جو خيال ٻيو آهي. فوجي عملدارن جي عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راءِ بہ جنرل سمپسن سان سهمت آهي. هي اهڙيون ڳالهيون آهن جن تي ڪلئي عام بحث ڪري بہ ڪونہ ٿو سگهجي ۽ ماڻهوءَ کي بنا پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي هر شيءِ معلوم ٿي سگهي ٿي.

## بيماري

مان اڄ 78 ريجيمينٽ جي پهرينءَ ڊويزن فوج کي حيدرآباد موڪلي ڇڏيو آهي. هر فوجي صحت ۾ ايترو پوٺو پئجي ويو آهي جو جيڪڏهن ڪيس هٿيار پهرائبا تہ اتي ڪونہ سگهندو. انهن بيمارن ۾ 64 نيٽوانفنٽري جا هڪ سو ويهہ ۽ 4 نيٽوانفنٽري جا اسي ماڻهو آهن. اهڙيءَ ريت پهريدار دستن جي ماڻهن بہ پنجن هفتن کان وٺي ڪٿون ورتيون آهن. پر ڏيهي فوجي 78 ريجيمينٽ جي فوجين کان گهٽ موت جو شڪار ٿيا آهن. ان کان سواءِ بئٽري جي يورپي ماڻهن کي لاڙڪاڻي موڪليو ويو آهي. باقي توبخانو ۽ ان سان لاڳاپيل گهوڙا پوئتي ڇڏيا ويا آهن. اهڙو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ بچيو هو جو انهن کي سنڀالي سگهي. هي فوج هاٿي پنگلي تي رهجي وئي آهي، جنهن ۾ فقط بہ سو ماڻهو آهن. پر اهي بہ تپ ۾ ورتا پيا آهن. مان جابلو علائقي مان سفر ڪرڻ وقت سنڌ هارس ڪنيا هئا. هن وقت مون وٽ فقط سنڌ هارس ۽ اٺ سوارفوج موجود آهي جنهن کي مان ضرورت وقت ڪتب آڻي سگهان ٿو. هن کان سواءِ ٻيا ٽي سو رضاڪار آهن، جن جو واسطو 13 ريجمينٽ سان آهي جن کي بہ مان لاڙڪاڻي ۾ ڇڏي آيو آهيان. ڇاڪاڻ تہ هنن کي پاڻ سان وٺي بيماريءَ جي منهن ۾ ڪونہ ٿي ڏيڻ چاهيم. 78 ريجيمينٽ جا پنج ڇهہ ماڻهو تہ اڄ مري ويا آهن. مون کي بہ پڻ ٿي ٻيئو آهي متان اجان بہ وڌيڪ موت جو شڪار ٿين. جيڪڏهن تپاولي جو وايو منڊل هي هوندو ۽ سرحد تي ڪو پنڌڻ تي پيو تہ الائي ڇا ٿيندو. تنهن ڪري هن منڌل وايو منڊل ۾ مون کي ائين ڪرڻ جي اجازت ڏيو جيئن آءٌ چاهيان ٿو يعني مون کي رضاڪار مقرر ڪرڻ جي موڪل ملڻ گهرجي.

جيتري قدر 78 ريجيمينٽ جو سوال آهي تہ سڄي ڇانوڻي تپاولي ۾ ورتي پئي آهي. ڏيهي بہ يورپي فوجين جيان تپيا پيا آهن. منهنجو خيال آهي تہ شراب پيئڻ سان مليريا جو يا ٻيو بخار دماغ تي گهڻو اثر ڪندو آهي. 13 ريجيمينٽ جي ڊاڪٽر رابرٽسن جو بہ ساڳيو خيال آهي. هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهر ڊاڪٽر آهي سنڌس چوڻ آهي تہ ڪھڙو ڊاڪٽر بہ ائين ڪونہ چوندو تہ بخار دوران شراب پيئڻ جيري ۾ دماغ تي اثر ڪونہ ٿو ڪري. هڪ راڳ جي سٽ آهي. ”جن ئي منهنجو جيرو ساڙي ڇڏيو.“ اچو تہ هاڻ فوجي سپاهيءَ کي پنهنجي گفتگو جو موضوع بڻايون. مان اهو ڪونہ ٿو چوان تہ 78 ريجيمينٽ چڱيءَ ريت منظم آهي ۾ شراب پيئڻ کان پري آهي، پر اسڪاٽلينڊ جو فوجي، شراب جو پورو راشن وٺندو آهي. ان کان سواءِ منهنجو هر ماڻهو شراب جو عادي آهي. سرڪار هن کي ٻن ڊرام جي موڪل ڏني آهي. پر هو ڏهاڙي ٽي بوتلون پيئندو آهي. هڪ نيراني، هڪ نيرن ڪانپوءِ. اهڙو ڪو ماڻهو آهي جيڪو مون وانگي ساري زندگي فوجين سان رهيو هجي ۾ چئي سگهي تہ فوج ۾ اهڙو ڪو ماڻهو آهي جيڪو شراب اصلي ڪونہ پيئندو آهي يا ٽن بدران هڪ بوتل پيئندو هجي. مان عملدارن واتئون اها ڳالھہ ٻڌي ڪلي ويهندو آهيان تہ منهنجا ماڻهو شراب ڪونہ پيئندا آهن. ان جو مطلب اهو هوندو آهي تہ اهي ضرور پيئندا آهن. حقيقت بہ ائين آهي. پر شراب کان پري پڇندڙ اهي ماڻهو ڪچي شراب جي بوتل ٽيون حصو ڏوکهي ويندا آهن. مان هن ڳالھہ ۾ ڪنهن بہ قسم جو وڌاءُ ڪونہ ٿو ڪريان. مان سرڪار طرفان ڏنل ڪچي شراب جي بوتل جو ٽيون حصو پي تہ ويندس، پر پوءِ منهنجو دماغ ۾ جگر سڙڻ شروع ڪندو. هي عقل جو هڪ عام قسم جو سوال آهي. مان هڪ ڊاڪٽر کان اهو سوال ضرور پڇندس تہ بخار ۾ جيڪڏهن ڪو بيمار ايترو ڪچو شراب پيندو تہ منجهنس چڙهڻ يا چاڪ ٿيڻ جو آسرو آهي بہ يا نہ؟ سر جان مُور جو چوڻ آهي تہ هڪ انگلينڊ جو نوجوان ڏهاڙي شراب جي بوتل جو ٽيون حصو پي سگهي ٿو. پر اهو شراب انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي شعوري طور شراب کان ڪونہ پڇندا آهن، پر اعليٰ عملدار جي حڪم سان ڪونہ پيئندا آهن. هتي اسان جو فوجي جوان کي ڪچي شراب جي بوتل جو ٽيون حصو ڏيندا آهيون. مٿي بيان ڪيل ڊاڪٽر کان سواءِ ٻيو ڊاڪٽر ٻڌلي آهي جنهن تي منهنجو پورو پروسو آهي. سنڌس چوڻ آهي تہ جيڪڏهن اوهان صحتمند رهڻ ٿا چاهيو تہ شراب ۾ بيئر پيئڻ کان پري پڇو. ڪي ماڻهو وري چوندا آهن تہ مان شراب جو ايڏو موالي ٿي ويو آهيان جو ان کي هڪدم ڇڏي ڪونہ ٿو سگهان. ائين چوڻ تہ صفا بيوقوفي آهي ۾ اهڙيون ڳالهيون بہ اهي ماڻهو ڪندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي شراب ڇڏڻ ڪونه چاهيندا آهن. سو اختياريون ڇاڻن اختيارين جو ڪم ڇاڻي. ماڻهوءَ کي پنهنجو عقل سليم خبردار ڪندو آهي ته سرڪار طرفان ڏنل شراب جو راشن انهن نوجوان فوجين کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. جيڪي گرم آبهوا جي ملڪن ۾ رهن ٿا. مان ڊاڪٽر کي وري به گذارش ڪري رهيو آهان ته اهي نوجوان فوجين کي نصيحت ڪن. فوجي نوجوان ايترو طاقتور ضرور هوندو آهي جو بخار دوران ڪچو شراب پي به زنده رهندو آهي. انهيءَ ڪري هو ڪمزور ٿي پئي جنگهون قبر ۾ لڙڪائي وينو آهي. پنهنجي وڏيءَ جو نه دارون نه دوا. قدرت مٿس ڪلنڊي رهندي آهي. اسپتال مان فارغ ته ٿي ويندو آهي. پر ڪيس دستن ۽ سوريءَ کان فراغت ڪانه ملندي آهي. اسپتالون ته بيمارن سان پريون پيون آهن. ڊاڪٽرن کي ته مٿي کنهڻ جي فرصت ڪانه آهي. ته پوءِ اهڙن بيمارن لاءِ موت کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه هوندو آهي. بخارن مان چڙهي مس چاڪ ٿيندا آهن ته شراب پيئڻ شروع ڪندا آهن ته وريو وڃي ڪٽ وٺندا آهن. نوجوان اڻ پڙهيل ۽ وهيءَ سان هوندو آهي ته شراب کان پرهيز ڪونه ڪندو آهي. پر ٿوري وقت کان پوءِ ڪانئس خوشي موڪلائي ويندي آهي. ان کان سواءِ موڳو ۽ سُست ٿي پوندو آهي. پر چست ٿيڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ چڪڙي چاڙهيندو آهي. ويتر نبل ۽ نيستو ٿي ويندو آهي. دل ۾ سوچيندو آهي ته شراب خراب شيءِ آهي جنهن جي ويجهو وڃڻ لُنڊيءَ تي لت آهي، پر ڇڏي ڪونه سگهندو آهي. سندس پيٽ ۾ گڙ ٻڙ ٿي پوندي آهي ۽ پوري اسهال ۾ سوري شروع ٿي ويندي اٿس. هي مرض ٿيندو ئي شراب پيئڻ ڪري آهي پر ان کي دوا سمجهي شفا لاءِ وڌيڪ پيئڻ شروع ڪندو آهي، ليڪن هو ان وقت تائين ختم ٿي چڪو هوندو آهي. پر هاڻي اهڙا نوجوان آهن جيڪي هن بڇڙائيءَ کان بچيل آهن. فقط ايترو پيئندا آهن جيترو ڪين سرڪار طرفان ملندو آهي يا جيڪو هو پنهنجي لاءِ مناسب سمجهندا آهن. سندن سنگتي ساٿي به ڪين ايتري پيئڻ جي صلاح ڏيندا آهن. اهڙا فوجي مرندا گهٽي شراب پيئڻ ڪري آهن پر ڏوهه ڏيندا آهن آبهوا تي. اها ڳالهه به ڪوڙي ڪانه آهي ته آبهوا گرم ڪانه آهي، پر ڊاڪٽر ۽ دوائن جي موجودگيءَ ۽ ڇانوٽيءَ جي نظام ڪري چپ چيتيون ٿي پوندي آهي. ۽ تيئن هاڻي شراب جي بوتل جو چوٿون حصو پي چڙ فوجي سپاهي اسپتال وڃڻ جون تياريون

ڪندو آهي. چاڪاڻ تہ ايتري گهڻي شراب ڏوگهڻ ڪان پوءِ تپچي ٻرجي پوندا آهن. جڏهن اسپتال پيتي چانوٽيءَ پهچندا آهن تہ ساڀيا سگ سچاڻ ڏاتو پنهنجي ڏاند جا. مان هڪ فوجي اهڙو ڏنو آهي جيڪو سرڪار طرفان مليل مڌ (شراب) پيئندو آهي. تي سگهي تو پيا بہ هن کي ڏسي ائين ڪندا هجن. مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي فوجي بہ گرمي ڪري مري ويا آهن. جيڪي مڌ کان وئن ويندا هئا. مون کي انهيءَ ڳالھ تي ويساھ آهي. هڪ چا سوين مري ويا هوندا. پاڻ کي پاڪ پوتي سمجهڻ وارا ماڻهو امر تہ ڪونہ هوندا آهن. ان هوندي بہ آءٌ چوان ٿو تہ هتي جي موت کي شراب ۾ آبهوا ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هاڻي تہ چوڏاري حملا ئي حملا ڏسڻ ۾ اچن ٿا تہ اهڙي ڳنيير وايومنڊل ۾ فوجين کي اهڙي چڙواڳي نہ تي ڏئي سگهجي. هتي تہ ڊاڪٽر ۾ اسپتالن جو عملو بہ ٻين عام ماڻهن جيان پيو مري ٿو

مان هن مسئلي تي گهڻو سوچيو ويچاريو آهي چاڪاڻ تہ اهو اهم آهي. 13 ڪُئينس ريجيمينٽ جي ڊاڪٽر رابرٽسن هڪ ڏينهن مون کي ٻڌايو جڏهن شراب جي اٽاٽ تي وينڊي آهي تہ اسپتالن جا بسترا بيمارن لاءِ خالي هوندا آهن. اهو ئي ڪاڻ آهي جو جلال آباد ۾ هڪ بہ مريض اسپتال ۾ پرتي ڪونہ هو پر جڏهن شراب پهتو تہ اگهن جون لانڊيون لڳي ويون. هتي بہ جيڪڏهن فوجين کي شراب پيئڻ جي چوٽ ڏني وئي تہ منهنجي اسپتال ۾ بہ بيمارن (اگهن) جي ڪلهي گيھ لڳي پئي هوندي. هڪڙن کي پاھ ۾ سوريءَ جي سختي هوندي تہ ٻيا پيا تپ ۾ هڙڪندا. تنهن ڪري اهڙين ڳالهين ۾ ڊاڪٽرن جي نقطئہ نظر توڙي عقل سليم کي آڏو رکي، مان فوجين کي ايترو شراب ڏئي رهيو آهي جيترو سرڪار تجويز ڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪا آپوچي بہ ڪانہ آهي. سرڪار جو نقطئہ نظر بہ اهو ساڳيو هوندو. ڏيهي ماڻهو جيڪي شراب ڪان چرڪندا آهن، سي اسپتال مان جلدي نؤبنا تي نڪرندا آهن. باقي يورپي تہ ڇُڙي ڇُڙي مَس وڃي چڱا ڀلا ٿيندا آهن.

*ڊاڪٽر ڪرڪ ڏانهن لکيل خط جو اختصار*

مان پنهنجي هن نقطئہ نظر تي اٽل آهيان تہ مليريا جي بيماريءَ ۾ جيڪي موت واقع ٿين ٿا، تن جو اصل ڪارڻ حد کان وڌيڪ شراب نوشي آهي. ٻئي هنڌ ڪٿي ائين نہ بہ هجي تہ ميڊيٽرانن وارن ملڪن ۾ تہ

ائين ضرور آهي. پر منهنجو اشارو شراب جي ڳَهِرَ ڏانهن ڪونه آهي. ليڪن منهنجو مطلب ڏهاڙي واري وزن کان وڌيڪ ڇَڪڙيءَ چاڙهڻ آهي. ڏٺو ائين ويو آهي تہ عام نوجوان فوجي ملازمت ۾ اچڻ کان اڳ شراب کي سنجيدگيءَ سان هٿ لائيندو هو. پر فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان پوءِ ڳڙنگ موالي بڻجي وڃي ٿو. اهو فوجي اڪيون بہ ائين ڇهنبيندو آهي جڻ شراب جو ڀهريون ڊرام پيئندو هجي. هو چوندا بہ ائين تہ شراب جو ڀهريون ڊرام پيئڻ ائين آهي جڻ ڇيري جا بہ ڇڪ. ان کان پوءِ ڀهريون ڊرام پي شراب هاري ڇڏيندا آهن. ٻين کي پيئندو ڏسي وري دل وسڪي پوندي اٽن ۾ ٻيو خريد ڪندا آهن. اهو شراب راشن کان وڌيڪ آهي جيڪو ڏينهن ۾ بہ ٻيرا ملندو آهي. تنهن ڪري آءُ ايڏو موڳو ۽ اوڳو ڪونہ آهيان، جو هو ٽپجن گهٽي شراب پيئڻ ڪري ۽ مان چوان تہ ڪين مليريا جي ٻري گهوگهاتيو آهي. منهنجو اهو بہ خيال آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪن خاص حالتن ۾ شراب مليريا جي بخار جي دوا بہ ٿي پوندي آهي. پر اهو انهيءَ ماٺوءَ لاءِ ٿيندو آهي جيڪو شراب کان ائين ڀڄندو آهي جيئن گنجو ڀڄي ڀاڪيءَ کان. جيڪي اڳياڙي پوياڙيءَ پيالا ڀُر ڪري پيئندا آهن سي جڻ تہ پنهنجي دماغ ۾ جيري کي ٽپجڻ لاءِ تيار ڪندا آهن، پر جڏهن مٿس ٻرو چڙهندو آهي تہ ڪيس هٽي ڍير ڪري ڇڏيندو آهي ۽ وري ڏوگهيندا بہ ائين آهن جڻ ڀاٽيءَ جو آواندو ڪنهن خاليءِ ڍنڍ ۾ ڪلي ويو. هندستاني فوج وري پرهہ جي پياڪ هوندي آهي. نيراني چڪو چاڙهي، ڳهر ۾ ڳگاتجي پوندا آهن ۽ پنهنجو اڳيون ست ۽ ساهہ وڃائي ساٽا ٿي پوندا آهن.

## ضميمو ڇهون

*سر چارلس نيپئر جو War for Indian Army جي ٽون آرٽيڪلس جي 6 فقري تي تبصرو جنهن ۾ هن فوجين لاءِ جسماني سزا متعارف ڪرائي هئي:*

29 ڊسمبر 1844ع

جيتري قدر فقري نمبر 6 جو تعلق آهي، جنهن جو واسطو مجرم عملدارن کي سزا ڏيڻ سان آهي تنهن لاءِ منهنجو فقط ايترو چوڻ آهي تہ اهڙن اصولن کي هرويرو ڪورٽ مارشل سان سلهاڙيو نہ وڃي، پر سٺو اهو ٿيندو تہ ان ڪان پاسو ڪجي. هن ڪان اڳ بہ مان اهڙو تبصرو ڪري چڪو آهيان. ان لاءِ منهنجو غور فڪر هن ريت آهي:

1) چاڪاڻ تہ جتي اڳ ۾ فوجي جرم جي حد بندي متعارف ٿيل ڪانہ آهي ۽ اهو ملڪ بعد ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي حڪمراني هيٺ اچي ويو هو.

2) ۽ اهو ملڪ سنڌ وانگي جهنگلي ماڻهن جي وڳوڙن جي ور چڙهيل آهي.

3) تہ اتان جي باغي قسم جي سردارن مٿان ضابطي رکڻ ۽ امن امان بحال ڪرڻ لاءِ اهڙي فيصلہ ڪن ۽ سخت قسم جي قانونن جي ضرورت پوندي آهي.

4) اهڙن قدمن کي ڪورٽ مارشل جي پٺڀرائي حاصل نہ هوندي آهي. پر جيڪڏهن ملٽري جج ايڊووڪيٽ جهڙا ماڻهو هنن قانوني اصولن کي جرم ۽ سزا جي صحيح تعارف سان ڪورٽ مارشل سان ڳنڍيندا تہ پوءِ اها بي ڳالهہ آهي. پر ملٽري جج ائڊووڪيٽس پاڻ کي قانون جا ماهر سمجهندا آهن پر هوندا ڏڏ ۽ جاهل مطلق آهن ۽ اهڙي قانون جي اصلي جوهر کي ئي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. اهي ماڻهو اصلي قانوني اصولن مان صحيح مدد حاصل ڪونہ ڪندا آهن ۽ فوجي ڪورٽ جي اصلي روح تائين بہ پهچي ڪونہ سگهندا آهن. تنهن ڪري اهي اهڙيون شيون ڏيندا آهن، جيڪي نہ فوجي هونديون آهن، نہ وري قانوني لڳنديون آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ ڪورٽ مارشل روز اجائي لفاظيءَ ڏانهن اڳيري ٿيندي پئي وڃي ۽ فوجين کي هرويرو قاسائڻ جي گهاڙ ۽ تاڙ ۾ لڳا رهندا آهن تنهن ڪري ڪو نہ ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهيل مسئلو هٿ سان وجهي ڳالهه ئي ڳڙ ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي ڏچي ڪان رڳو ملٽري جج ايڊووڪيٽس واقف هوندا آهن. جڏهن وڪيل جج ۽ جيوري جي سامهون معاملي جي چنڊ ڇاڻ ڪندا آهن ته ملٽري جج ايڊووڪيٽس پنهنجي ناهيل فوجي قانون کي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن. ڇاڪاڻ ته جج ۽ جيوري ٻنهي طرفن جي وڪيلن کي ٻڌندا آهن. ان ڪان سواءِ جج کي اهڙو ڏکيو ۽ گهرو تجربو هوندو آهي ۽ پنهنجي ڇاڻ جي آڌار ملٽري جج ايڊووڪيٽس جي اجائي لفاظيءَ ۽ مونجهاري کي مکڻ مان وار جيان ڪڍي پري اڇلي ڦٽي ڪندو آهي ۽ ٻنهي ڌرين کي اصل حقيقت کان واقف ڪندو آهي. اهڙي ريت اَن جج جون ڳالهيون ٻنهي ڌرين کي متاثر ڪنديون آهن. جيئن موتي وچي پنهنجن سوچيل ڳالهين تي وري ورِي به سوچيندا آهن. پر ڪورٽ مارشل جو ته معاملو نت نئون هوندو آهي. هتي ملٽري جي ايڊووڪيٽ اهو ماڻهو هوندو آهي، جنهن پنهنجي ساري زندگي فوجي ملازمت ۾ گذاري هوندي آهي. ان ڪري هن ۾ اَڪڙ هٺ ۽ وڏائي وارو ڪري ويندي آهي ۽ سمجهندو آهي ته فوجي قانون جو ابو امان مَان آهيان ۽ پاڻ کي ڪِڳي مان يقين شاهه تصور ڪندو آهي. هن سان به ميمبر ٻيا به مقرر ڪيا ويندا آهن. انهن ۾ به ٽنڊ ۽ ٽيگر ايڏي هوندي آهي جو پير ته پٽيءَ تي ڪپندو ئي ڪونه اٿن. هي هڪ نانيءَ ويڙهو ناهي ڪي اصول جوڙيندا آهن ۽ متفق تي فيصلو ڪيو ويندو آهي ته اهو قانون آهي. هڪ اکر، هڪ لفظ ۽ هڪ جملي کي پيا اجايا وٽ ۽ ور ڏيندا آهن ۽ سڄيءَ اهڙيءَ اجائي لفاظيءَ مان نتيجو اهو نڪرندو آهي ته خطرناڪ فوجي ڏوهاري جند ڇڏائي آجا پاجا ٿي ويندا آهن. نه ته اهڙو ڪو مخالف قانوني صلاحڪار آهي نه ئي وري تجربيڪار ۽ ڏاهو جج هوندو آهي، جيڪو قانون جي اهڙي اجائي لفاظيءَ کي گهر جي بوهر جيان ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏي ۽ ان جي قانون مطابق تشريح ڪري سگهي. ان اجائيءَ لفاظيءَ جي وضاحت جاهل مطلق جي آڏو ٻيا جاهل مطلق ڪري رهيا هوندا آهن. جهڙي سَٺ ٿهڙيون ٿي وبهون. اهو قانون اهڙو هوندو آهي جنهن کي قانون ته سڏي ئي ڪونه ٿو سگهجي.

اهڙيءَ ريت مارشل لا ڪورٽون ائين هونديون آهن، جيئن 'اڇي پڳ ۾ پس اندر مڙئي اگڙيون'. نيٺ جج انڌا جيوري ضابطي رکڻ لاءِ سچو ڪرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڪو جج ڪونہ آهي. جيڪو ڪين غلط سمجهي مشورا ڏئي. طاقتور بہ ايڏا آهن جو ڪائنئن بچڻ جو ڪو گس بہ ڪونہ آهي. اهي بئي ڳالهيون آهنِ جو ڪورٽ مارشل جو اصل روح ختم ٿي ويو آهي يعني اها ساڃهہ ۽ سُرت تہ رهي ئي ڪانہ آهي تہ اهي ڪورٽ مارشل وارا ادارا اعزاز ۽ احترام جا مالڪ آهن. جتي ڪجهہ ضمير هڪ جڳهہ تي گڏ ٿي، اندر جي اجرائيءَ سان سچ تائين پهچي ويندا آهن. جيڪڏهن اهي ماڻهو سچائيءَ سان عقل سليم جي تقاضائن جو پورائو ڪن تہ ڪنهن بہ ميمبر جي اندر کي آٿت آهي تہ قيدي ڏوهي آهي يا بي ڏوهي. جيڪڏهن هو ڏوهي آهي تہ ان کي سزا ڏين، جيڪڏهن بي ڏوهي آهي تہ ان کي آجو ڪري ڇڏين.

ڪورٽ مارشل جو جج ايڊووڪيٽ تجربيڪار فوجي سپاهي هوندو آهي. تنهن ڪري اتي فرض بڻجي ٿو تہ ڪورٽ کي جنگ جي روايتن ۽ Articles of War جي اصولن موجب نروار رکي. پر فوجي قانون جي مصنفن جي مرضيءَ کي نہ ڏسي جن کي ڪنهن بہ قسم جو اختصار ڪونہ هوندو آهي. جج ايڊووڪيٽ کي ووٽ ڏيڻ جو حق مليل ڪونہ آهي. سندس هن ڪان سواءِ بي ذميواري بہ ڪانہ آهي تہ ڪورٽ جڏهن Articls of War ۽ جنگ جي عام روايتن ۽ ملازمت جي اصولن خلاف وڃي تہ ان جي اصلاح ڪري. ڪيس فقط اها خبر هوندي آهي تہ ٻيا ميمبر بہ فوج جا سينيئر ملازم آهن. هي ڪو ٻيو منصبي فرض ادا ڪونہ ڪندو آهي، تنهن ڪري هن سان اختلاف راءِ رکڻ سولي ڳالهہ سمجهي ويندي. پر هر فوجي ڏوهاريءَ جي معاملي بابت جهجها تفصيل موجود هوندا آهن. جڏهن هو وساري وهندو آهي تہ هو فوجي سپاهي نہ پر هڪ وڪيل آهي تہ پوءِ قانوني دائري ڪان ٻاهر هليو ويندو ۽ ڳالهہ مونجهاري جو شڪار ٿي ويندي آهي. اهو سندس سندر سپنن جي سراپ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو آهي. ان ڪري ميمبرن مان جڪي وهمن وسوڙل هوندا آهن سي اڇي سندس پاسو وٺندا آهن.

جيڪڏهن ڪي نوان قانوني اصول ڪورٽ مارشل جي وسيع اختيار جو تعين ڪندا آهن، پر ڪورٽ جي ڏوهي فوجي جي ڪن اختيارن ۽ حقن جو ذڪر ڪونہ ڪندا آهن تہ سمجهڻ کپي اها ڪورٽ منجهيل سُٽ جو هڪ ڍيرو آهي ۽ اهڙيون ڪارروايون غير قانوني سمجهڻ گهرجن. اسان وٽ اهڙو ڏاهو ماڻهو ڪونہ آهي جنهن جي حوالي ڪورٽ مارشل ڪري ڇڏجي. هن ڪان سواءِ اسان جون ڪورٽ مارشل واريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪورٽون جيوري بہ ڪونہ هونديون آهن. جيڪڏهن نيون Articles of War چوندو تہ Criminal jurisdiction موجود آهي ۽ ڪورٽ مارشل اهڙن ڏوهن ڏانهن توجهہ ڇڪينديون ۽ پنهنجن اختيارن جو استعمال ڪنديون ۽ جيڪڏهن اسان جي انهن ڪورٽن اندر هڪ ايماندار سچو روشن خيال ۽ تعليم يافتہ جج هوندو جنهن کي قانون اندر اختيارن کي استعمال ڪرڻ جو پورو حق هوندو يعني اهو مناسب اختيار استعمال ڪندي انصاف ڪندا, پر اهڙيون ڳالهيون نون فتح ٿيل ملڪن ۾ ڪونہ هونديون آهن. پر ٿوري وقت ڪانپوءِ اهڙين ڳالهين جو مطالبو ڪيو ويندو آهي ۽ اتان جي پيداوار بہ ايتري هجي جو Regular Code of Laws ۽ اعليٰ عملدارن جو خرچ برداشت ڪري سگهجن. ان ڪان فوج جو راڄ ختم ٿي سگهي ٿو.

***

منهنجو نقطئہ نظر هي آهي تہ ايڊووڪيٽس جڏهن فوجي هيڊ ڪوارٽرن ۾ ويهي، جنهن طريقي سان پنهنجو ڪم ڪندا آهن, سو اسان جي قانوني اصول جي خلاف هوندو آهي ۽ اهڙو ڪورٽس مارشل جنرل آفيسر لاءِ خطرناڪ بہ هوندو آهي. انهيءَ وقت اهو ڪونہ ڏٺو ويندو آهي تہ ڏوهي عملدار مجرم آهي يا معصوم. پر ڏيان ان ڳالهہ ڏانهن ڏريو ويندو آهي تہ اجائي قانوني لفاظيءَ جي ڪوڙڪيءَ مان سنڌس جند ڪيئن آجي ڪري سگهجي ٿي. جڏهن مان "نيوڪئسل اپان ٽائٽ ۾ هوس تہ مان بہ هڪ فوجيءَ کي ڪورٽ مارشل لاءِ موڪليو هو ان جو واسطو ريجيمينٽ سان هو جنهن نيو پوليس تي حملو ڪيو هو. قيدي فوجيءَ جو ڪئپٽن سندس پرسان وينو هو. ان جو وڪيل بہ ڏاڍو هوشيار هو جنهن ڪورٽ کي بيوقوف بڻائي، قيديءَ کي آزاد ڪرائي ورتو هو. يوربي فوجيءَ مطالبو ڪندو آهي تہ کيس بچاءَ لاءِ فقط هڪ ڏينهن ملڻ گهرجي. ان ٿوري وقت اندر لکيل صورت ۾ پنهنجي لکيل بچاءَ جو بندوبست ڪري وٺندو آهي. اهڙيون تحريرون ڏاڍيءَ عقلمنديءَ سان تيار ڪيون وينديون آهن تہ ڪي وري شرارتن سان پريل هونديون آهن. اهڙن وڪيلن جو پرازيڪيوٽر ڏانهن رويو ۽ لهجو بہ سٺو ڪونہ هوندو آهي. هن کان سواءِ اهڙن قانوني مونجهارن پيدا ڪرڻ وارن وڪيلن جو معاوضو بہ گهٽو ادا ڪيو ويندو آهي. منهنجي خيال ۾ اهي سڀ ڳالهيون گنديون آهن.

پر اسان جا جج، ايڊووڪيٽ جنرل صحيح جڳهن تي مقرر ڪونہ ڪيا ويا آهن. چاڪاڻ تہ اهي پنهنجي ڪم ڪرڻ بدران فوج اندر قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيل نظام جو بيڙو ٻوڙي رهيا آهن. ٻي اگولر جو ڪتاب It stichs to Articles of War اسان جي ڏاڍي ۽ سهائتا ڪري سگهي ٿو. باقي ٻيا ڪتاب فوجي ڪورٽ مارشل لاءِ انڌو سنڌو ڪم ڏين ٿا. خدا ڄاڻي ٿو ته اهڙو قانون دنيا جي لاءِ هاڃيڪار آهي. اسان فوجي سپاهي آهيون، قانون ڪونه ڄاڻندا آهيون. نه وري وڪيل ٿي سگهندا آهيون. ٿي سگهي ٿو ته اسان قانوندان هجون ۽ آهيون. پاڻ کي ڏهاڙي قانوندان ثابت ڪري قانون جي ڏجين اڏائڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا هوندا آهيون. اسان کي لفاظيءَ جي مهاڄار پکيڙڻ جو ڏاڍو ڏانءُ آهي. پر ڪنهن فوجي ڏوهيءَ کي سزا ڏئي ڪونه سگهندا آهيون. تنهن ڏينهن هڪ نشئي ڊاڪٽر تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. ڪيترن ئي عملدارن شاهديون ڏنيون ته هي ڊاڪٽر سدائين نشي ۾ هوندو آهي. سندس ميڊيڪل آفيسر به اها شاهدي ڏني ته هو نشي ۾ هو. ان ڊاڪٽر کان سوال پڇيو ويو ته مٿي تي اهڙا نشان رت جا هوندا آهن يا نه؟ هن جواب ۾ چيو ته هائو هوندا آهن، پر منهنجي مٿي تي رت جا اهڙا نشان ڪونه هوندا.“ ان کان پوءِ ڪورٽ ميڊيڪل جي شاهد کان پڇيو ته تو انهن نشان بابت تجربو ڪري پرکي ڏٺو؟ شاهد وراڻيو ’نه‘. ان کان پوءِ ڏوهي ڊاڪٽر آزاد ٿي ويو جيڪو اسپتال ۾ نشي واري حالت ۾ پهتو هو ۽ مريض ڪيس ڏسي رهيا هئا ته هو هڪ بستري کان ٿڙندو ٻئي بستري تائين مس ٿي پهتو پر اهڙي ڊاڪٽر مريض کي دوا لاءِ ڪهڙو نسخو لکي ڏنو هوندو. اهو ڪهڙو نه ڀُنڀير وايو منڊل هو پر ڪورٽ مارشل جو هڪ ميمبر به ڪيس ڏوهاري قرار ڏئي ڪونه سگهيو هو.

هڪ ڊاڪٽر هتي به آهي جنهن تي مان به ڪيس هلايو هو. هڪ ڏينهن هڪ ڪرنل پنهنجي ڌيءَ کي ڊيڪارڻ لاءِ اسپتال وٺي آيو جنهن کي بخار هو. جيئن ئي ڊاڪٽر بيمار ڇوڪريءَ جي نبض ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته نشي ۾ تيز ڪائيندو وڃي متس ڪريو. هن ڊاڪٽر ڇوڪريءَ جي علاج لاءِ وڏا وس ڪيا، پر ويچاري ان ڇڪڻ مان ڇڙهي ڪانه سگهي ۽ مري وئي، جنهن لاءِ مون کي ڪنهن به قسم جو اچرج ڪونه ٿيو هو. اهڙا ماڻهو به قانون اندر اجائي لفاظيءَ ۾ ڇٽي ويندا آهن ۽ ڊاڪٽري ڌنڌي جي عزت قربان ٿي ويندي آهي. جن جي موجودگيءَ کي مان فوج جو تحفظ سمجهندو آهيان جنهن جو ذميوار جج ايڊووڪيٽ نه آهي، پر اها ڪورٽ آهي جيڪا قانون اندر اجائي لفاظيءَ جي ذميوار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو ستون

*سر چارلس نيپئر جو هندستاني فوج لاءِ جسماني سزا برقرار رکڻ جي ضرورت بابت سرسري نقطئہ نظر*

مان ڏيهي فوجين جي سزا لاءِ ڪوڙن هڻڻ جو انتخاب ڪيو آهي ۽ هن نقطئہ نظر ۾ تبديلي ڪانہ ڪئي اٿم. مان گورنر جنرل جي ان راءِ جي اظهار سان متفق آهيان, جيڪو هن لارڊ ڪومبريئر, جنرل بارنيس, لارڊ وليم بينٽنڪ جي جاري ڪيل حڪمن تي ڪيو آهي. هنن جو چوڻ هندستاني فوجي جيڪڏهن غلطي ڪري تہ ان کي فوجي ملازمت مان ڪڍيو وڃي. پر اڳي ائين ڪونہ هو. ڪين غلطيءَ تي ڪوڙن يا ڦٽڪن هڻڻ جي سزا ڏني ويندي هئي, پر نوڪري ۾ موجود رهندو هو. هاڻي ڦٽڪن هڻڻ واري سزا کي ختم ڪرڻ غلطي آهي, جيڪا هندستاني فوج لاءِ هاڃيڪار آهي. غلط فوجيءَ کي ملازمت مان ڪڍي بيروزگار ڪرڻ هڪ وڏي سزا آهي, پر سني بہ آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ اها سزا نهايت سخت آهي. ڪين زنجيرن سان ٻڌي اخلاقي مجرمن سان گڏي سخت پورهيو ڪرائڻ بہ, هنن جي توهين آهي. هي اهي ماڻهو آهن جن فوجي سکيا حاصل ڪري اسان جي ملازمت اختيار ڪئي آهي. هنن جو قصور اهو آهي جو هنن فوجي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. اهڙا واقعا بہ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندا آهن. هي هندستان جو ڄاڻو آهي جتي صبح اُلا تي ايرندو آهي جيڪو جذبن جي باهہ منجهان گذرندو آهي. پر اهڙيون ڳالهيون سندس مزاج تي غلبو حاصل ڪري ڪونہ سگهنديون آهن. تنهن ڪري هو ماڻهپي کان ٻاهر نڪري ڪونہ سگهندو آهي. ملٽري ڪوڊ مطابق اهي ڳالهيون بي انصافيءَ ۽ توهين آهن جيڪي فوجي لاءِ بہ سخت نقصانڪار آهن. اهو ڪوڊ چوي ٿو ”مان اوهان کي سخت کان سخت مارڪٽ ڪريان ٿو ۽ بدنام ڪريان ٿو انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اوهان ڪمزور ٿيو.“ اهڙيون ڳالهيون عام ماڻهن ۾ گهٽ يا وڌ پر هونديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور آهن. اهڙا واقعا حد کان وڌيڪ وچڙ ۾ شمار ٿين ٿا. جيئن ڪاوڙ کي ٻاهر ڪڍڻ جو هڪ طريقو هوندو آهي. منهنجي ڄاڻ مطابق اهڙيون انهن نوجوان فوجي عملدارن ۾ هونديون آهن جيڪي ريجيمينٽ جي ڪمانڊ ڪندا آهن. جڏهن هو ريجيمينٽ جا عملدار مقرر ٿيندا آهن ته انهن ۾ اجائي آڪڙ ۽ ايمان اچي ويندو آهي ۽ سمجهندا آهن ته اسان هندستانين جا مالڪ بڻجي ويا آهيون. پر هندستاني ٻوليءَ جو هڪ جملو به صحيح طور ڳالهائي ڪونه سگهندا آهن. جيڪڏهن هو چاهين ته اهي مرهٽن سان يا گجرات وارن سان گڏجي اسان خلاف وڙهي سگهن ٿا. پر هي فوجي سپاهي ڪين سمجهي ڪونه سگهندا. هڪ تڪرار دوران ته اهي ٻئي ڌريون هڪ ٻئي خلاف اپيون ٿي وڃن هيون. جيڪڏهن عملدار پاڻ ڪا غلطي ۽ بي انصافي ڪندو يا قانوني ليڪا لتاڙيندو ته ان کي درگذر ڪيو ويندو آهي ۽ ڳالهه چپ ٿي وئي، جڻ ته ٿي ئي ڪانه هئي، پر جڏهن اهو ساڳيو عملدار هڪ فوجي سپاهيءَ کي ڪنهن غلطيءَ سبب آٽي ڪورٽ مارشل جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريندو آهي ته خود هن جا وڪا پڌرا ٿي پوندا آهن ۽ اعليٰ عملدار کي به سٽس پئجي ويندي آهي ته خود آفيسر ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. اهو معاملو جڻ ائين آهي جو مينهن چوي ڳئون کي ته ”هل ڙي پڇ ڪاري“. جڏهن ڪنهن فوجي سپاهيءَ جو پير ترڪي ويو ته ڪيس ملازمت مان ڪڍي سنگهرن ۾ سلهاڙي ائين ڪانئس جبري پورهيو ڪرايو ويندو آهي، جيئن ڌاڙيلن کي زنجيرن ۾ جڪڙي نون رستن جوڙڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي. هاڻي هت سپاهين لاءِ ڪابه سزا رهي به ڪانه آهي. پر جڏهن فوج جنگ جي ميدان تي هوندي آهي ته سزا ته ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ايندي آهي. انهيءَ مقصد سان ته اهڙيون سزائون گهٽايون وڃن، جيڪي وڌ ۾ وڌ سخت هجڻ گهرجن. ان ڪري اهڙيءَ سزا جو حڪم سپاهيءَ ڪمانڊر جي وچ ۾ سهٽي سلوڪ جو هڪ ڪارڻ بڻجي پوندو آهي. حقيقت اها آهي ته ماڻهو فوج اندر اهڙي قسم جي مثالي تنظيم ڏسي اچرجي ويندا آهن. ان جو مطلب اهو نڪرندو ته سپاهي فوجي ملازمت سان پيار ڪندو آهي. پوءِ اها نياءَ ۽ نيت پت جي ڳٽڙ واري ڳالهه ڪانه چئبي، جو ماڻهو ڪاوڙ ڪان آپي مان نڪري اهڙي سپاهيءَ کي ذليل ڪري جيڪو فوجي ملازمت سان عشق ڪندو هجي. اهڙن فوجي سپاهين جا سنڌن واتان

چيل لفظ ڪيڏا نہ ڪرا ۽ سچا آهن. سنڌن چوڻ آهي تہ جيڪڏهن اسان سزا جا حقدار آهيون تہ پلي اسان جي پناڙن تي ڦٽڪن جا ڦهڪا ڪرايو. پر اسان جي پيٽن تي ڦٽڪا نہ هڻو.“ لارڊ وليم بينٽنڪ هڪ مانائتو ماڻهو هو. مان شخصي طور ساڻس پيار ڪندو هوس. منهنجو پراڻو معزز دوست ۽ ڪمانڊر هو پر هن کي اهڙيءَ سزا ۾ ڪنهن بہ قسم جي سختي ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي هئي. مان ان کي سخت سزا ڪونہ چوندس، پر اهو تہ عزت وارن فوجين لاءِ ڪنور ۽ ڪهر جو بدنما روپ هو. اهو جڻ تہ سنڌس مانَ ۽ مرياڏا کي نِگهوسر ڪرڻ هو.

هنن فوجين جون دعائون تہ اسان جي انتظامي طريقي جو بڻ بنياد آهن. مان انهن کي انعام سان بہ نوازيندس تہ کين ڦٽڪا بہ وجائي هڻندس. اهڙيون جزائون ۽ سزائون سنڌن شخصي عملن تي دارومدار رکن ٿيون. جيڪڏهن هو دليري ۽ شرافت جو مظاهرو ڪن ٿا تہ انهيءَ جو انعام سنڌن پيٽ کي ملڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪائنڻ اوڻو پير ڪڇي ٿو وجي تہ ڦٽڪا سنڌن پناڙن تي وسڻ کپن. معلوم تہ ائين تي رهيو آهي تہ هندستاني فوج اٽيهئي جنگ جي ميدان تي موجود رهندي آهي. هن ڪان وڌيڪ سزا بي ڪهڙي آهي. جيڪڏهن ڪا وڌيڪ سزا آهي تہ انهن کي گولي هڻي ماري ڇڏيو. پوءِ ’گنجي کي جوڻءَ نہ ليک.‘

جڏهن مان ٽالپرن خلاف جنگي مهم جي ابتدا ڪئي هئي تہ ان زماني ۾ مان ڪورٽ مارشل جو پرووسٽ هوس. تن ڏينهن ڪي اهڙيون اخبارون بہ هيون جيڪي اهڙن فوجين کي بغاوت ڪرڻ لاءِ پڙڪائي رهيون هيون. ان بغاوت جي باهہ جو سارو ڳٽ منهنجي ڳچيءَ ۾ پوي ها. مان جيڪڏهن ائين نہ ڪريان ها تہ رڳو سنڌين کي محفوظ هجڻ جو احساس ڏياريان يا کين يقين ڏياريان تہ اوهان محفوظ آهيو. ليڪن اهي جڏهن فوجي سنترين پرسان گذرن ها تہ اهي کين ڦري لٽي فقير ڪري ڇڏين يا قتل ڪري ڦتو ڪن ها. اهڙي منڊل وايو منڊل ۾ سنڌي ڪاڏي پيتي ڏيڻ بدران اسان جو چوٽو پاٽي ئي بند ڪري ڇڏن ها. اهڙيءَ طرح مان اڳرين تي ڳڻڻ جيترن سپاهين جي پناڙن تي ڦٽڪا نہ هڻائي، سوين شريف فوجين کي بکئي مرڻ کان بچائي ورتو آهي. هيءَ موسم جيڪڏهن ڪامياب نہ ٿئي ها تہ اسان جي خلاف نفرت جي هڪ آنڌاري اپڙي چڪي هجي ها. ان حالت ۾ اسان جي پيرن هيٺان فقط ايتري ڌرتي نہ

هجي ها، جنهن تي اسان فقط ٻيهي سگهون ها. پر هاٿي ڏاڍي شان ۾ مان سان گهوڙي سواري ڪري رهيو آهيان، رهبر فوجين جو وڏو اڙد اتالون مون سان گڏ آهي. پر جيڪڏهن مان اهڙي غلطي ڪري وجهان ها تہ مان اوهان کي ٻاڏايان تہ مهرباني ڪري مون ڏانهن امدادي فوج رواني ڪيو تہ منهنجو سر بچاءَ تي سگهي. هن وقت هر بلوچ قبائلي سردار منهنجو مطيع ۽ فرمانبردار آهي ۽ منهنجي حڪم تي بلوچ ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن حالتون ٻيون هجن ها تہ ٻنهي ڌرين جا ڪات مون تي اُيا هجن ها. اهڙي امڪاني ماحول کي اڳوات محسوس ڪندي ڌاڙيلن کي ڦٽڪن هڻڻ جي سزا ڏني وئي هئي تہ متان ڪو اڻ وڻندڙ واقعو رونما ٿئي. جن ماڻهن کي ڦٽڪن جي سزا ملي هئي، سي ٿورا ڪونہ هئا پر پورا سٺ چٽا هئا، جن کي پهرين ٻن ڏينهن دوران اهڙي سزا ملي هئي. ڪن مذهبي ماڻهن چيو هو تہ اها سزا غير مناسب آهي، پر اهو وساريو ٿو وڃي تہ پوءِ پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ پئسي جي ڪاروبار ڪندڙ (صرافن) کي مسجد اندر ڦٽڪن هڻڻ جي سزا ڏني هئي. ان ڪان سواءِ ڪن وڪيلن جي ڳاڙهن ڪوٽن وارن منشين وري اهو چوڻ شروع ڪيو هو تہ اهو ڪم غير قانوني آهي، پر مان اهڙي سزا جاري رکي. اهڙي سزا ڪري رعيتي ماڻهو ڊچي ڪيڏانهن ڀڄي ڪونہ ويا نہ وري منهنجي منزل واري ماڳ تي مون کي بچاءَ جي ڪا گذارش ڪرڻ آيا هئا. مان هنن جو بچاءُ فقط ڦٽڪن هڻڻ وسيلي ڪري تي سگهيس. اسان جڏهن ڪنهن ڳوٺ وٽان متيندا هئاسون تہ ڳوٺاڻا ٻاهر نڪري اسان جي آجيان ڪندا هئا ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون ڏيندا هئا. مان سمجهان ٿو تہ ڌاڙن جا واقعا اجا بہ تي رهيا آهن پر ايڪڙ ٻيڪڙ اهڙا ڪي واقعا تہ انگلينڊ ۾ بہ تي رهيا آهن. ماڻهن جي هاٿي بيعزتي وري سرڪاري هٿيار بند ماڻهو ڪري رهيا آهن، جن ڪان بہ پڻ بچائڻو آهي. هي ماڻهو سرڪار جي ويجهو آهن جيڪا سنڌن ضرور بچاءُ ڪندي، جيڪڏهن ڌاڙيلن کي ڦٽڪن جون سزائون نہ ملن ها تہ اها آپدا سماج ۾ وڙ ڪري وجي ها. ڪامورا شاهي انهيءَ آزار کي ٻنجي ڏيڻ جي جاکوڙ ڪَري ها. جيڪڏهن اهو ائين نہ ٿئي ها تہ عظيم ڊيوڪ جي چواڻي مطابق تہ اها اسان جي اختيار ڪيل نظام جي شڪست ڏيڻ جي ڪوشش هئي. جاڏي ڪاڏي وڳوڙن جو مڪو متو پيو هجي ها. ان ڪان پوءِ بندوقن جون گوليون ۾ ڦاهيون فوج جو تحفظ ڪري سگهن ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارشل لا ڪورٽن ۾ هاٿي گهٽ ڪري اهي معاملا هلي رهيا آهن. جن جو واسطو ڏيهي فوجين جو يورپي عملدارن سان گستاخيءَ ڪرڻ جو آهي. هي ماڻهو ڪاوڙ ۾ قيد ۾ ملازمت مان خارج ٿيڻ جي خوف جو خيال نہ ڪري پنهنجي عملدارن سان بي ادبي ڪندا آهن. ٿوري وقت ڪانپوءِ پنهنجي ڪئي تي پڇتائيندا بہ آهن. پر ڏڍو ڪير ٽٽين نہ پوي، تي ويو سو تي ويو. مان سمجهان ٿو تہ هي ماڻهو جڏهن پنهنجي پاڻ تي ضابطو ڪرڻ سگندا ۾ اهو بہ سوچيندا تہ ائين ڪرڻ سان ڪين سزا بہ ملندي تہ سنڌن مزاج ۾ ضرور ڏيرج ايندو. منهنجو ذاتي مشاهدو آهي تہ اهڙن مجرمن کي آفيسرن ۾ نان ڪميشنڊ آفيسرن گهٽ خبردار ڪري ڇڏيو آهي. پر جڏهن هنن کي ملازمت مان ڪڍيو ويندو آهي تہ اهي وڌيڪ دلير ٿي ويندا آهن ۾ گهٽي ڪاوڙ جو مظاهرو ڪندا آهن. اڳي ڪيس سزا ملندي هئي چاڪاڻ هو اهڙو ڏوهہ ڪري وڃهندو هو. پر ملازمت سان پيار ضرور ڪندو هو. پر هاڻي تڇ سان ڏوهہ تي بہ هن جو ڪورٽ مارشل ٿئي ٿو. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي توهين ڪانہ هوندي آهي. تنهن ڪري هن ملازمت سان پيار ڪرڻ کي الوداع چئي ڇڏيو آهي. اڳئين معاملي ۾ هو فوجي ڇانوٽيءَ کي پنهنجو گهر تصور ڪندو هو. پر پوئين قسم جي معاملي ۾ سندس اهو تصور تبديل ٿي ويو آهي.

هن ڪان سواءِ هڪ ٻيو بہ نقطئہ نظر آهي تہ ملڪ ۾ فوجي کي بہ ڏسٽو ۾ ويچارٽو آهي. ان ڪان سواءِ هڪ بهترين فوجي سپاهي پنهنجي عملدار ڪان اهو سوال ڪونہ پڇندو آهي، جيڪو ملڪ ۾ فوجيءَ سان واسطو رکندو آهي. ملڪ فوجيءَ کي پرتي ڪري ٿو هٿيارن سان مسلح ڪري ٿو ان جي سکيا ڪري ٿو ڪيس پگهار ڏئي ٿو ۾ اهڙي خرچ پرڻ ڪان پوءِ ڪيس وٺي وڃي دشمن جي آڏو بيهاري ٿو. هي هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ فوج هڪ نظام جي قيام ڪان پوءِ وجود وٺندي آهي. تحفظ ۾ سوچ جو يقين بہ فوجي نظام تي دارومدار رکندو آهي. بدنظمي ۾ ڇڙواڳي تي هريل ۾ شراب جي ڳهر ۾ لڳاتيل فوجي سپاهي اهڙي نظام کي ڊانوانڊول ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي سپاهيءَ کي اوهان سخت مشقت جي سزا نہ تا ڏئي سگهو. جيڪڏهن اوهان ان کي ملازمت مان ڪڍي ڇڏيندا تہ دشمن فوج ۾ وڃي پرتي ٿيندو ۾ ڪيس سيکاريندو توهان جي سٺين فوجين کي ڪهڙي طريقي سان ماري سگهجي ٿو. مثال ڪري

ونجي تہ پنج سو ڏوهي سپاهين سان گڏ پنج بهترين فوجي وجي دشمن جي فوج ۾ پرتي ٿين ٿا. جن کي اوهان فوجي سکيا ڏئي ماهر فوجي بڻائي ڇڏيو آهي. اميد آهي تہ هو ائين ڪونہ ڪندا. پر جيڪڏهن اهي ڪندا تہ اها انسانذات، انصاف ۽ حڪمت عملي جي نقطئہ نظر کان ڏاڍي خراب هوندي. پر يقين ڪريو تہ اهي مرندا مري ويندا، دشمن انهن کي ڪپي پوتيون پوتيون ڪري ڇڏيندو. پر اهي ماڻهو ان نوڪريءَ جو ضرور احترام ڪندا، جنهن کان لتون هڻي اوهان کين الڳ ڪري ڇڏيو آهي.

مان هن ڳالهہ جو پرزور حامي آهيان تہ جسماني سزا کي ٻيهر بحال ڪيو وڃي، پوءِ اها سزا ڏوهي فوجي قبول ڪري يا نہ ڪري. پر اها سزا ڏني جلد وڃي. گورنر جنرل جا چيل لفظ بہ سچائي کي ثابت ڪندا تہ "سزا ۾ دير مان معلوم ٿيندو تہ 1835ع وارو حڪم اجا بہ برقرار آهي ۽ ان تي عمل ٿي رهيو آهي. ائين ڪرڻ سان اختيارن جي طاقت ڪمزور ٿي وڃي ٿي اڳتن نظام ڏانهن موٽڻ جي حق جي قوت بہ گهٽ ٿي وڃي ٿي." جيڪڏهن طاقت جي حق کي استعمال ڪيو ويندو تہ اهو ڪمزور ۽ جيڪڏهن ان کي استعمال ڪبو تہ ان جي طاقت ناقابل شڪست بڻجي ويندي. ظلم ۽ ڏاڍ ان جي معقوليت کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انصاف ان ۾ انقلاب جي طاقت پيدا ڪندو آهي. مان هن ڳالهہ سان اختلاف رکان ٿو تہ جڏهن هڪ پيرو فوجي سپاهي زنجيرن ۾ ٻڌل ڪنهن ڏاڙيل سان گڏ ڪم ڪندو آهي تہ ان کي ملازمت مان ڪڍي ڇڏڻ وڌيڪ صحيح هوندو آهي. هن ڳالهہ جي صحت ۾ مون کي شڪ آهي. هتي ائين ڪونہ ٿو ٿئي. بدنامي جو هڪ معاملو آهي. مان تہ فوجين کي چوندو آهيان تہ سرڪار توهان کي توهان منجهان حاصل ڪري ورتو آهي. اها ڏيتي ليتي رضاڪارانہ هئي. ان اوهان لاءِ گهٽي قميت ادا ڪئي آهي. توهان ان معاهدي موجب هلڻو پوندو. جيڪڏهن اوهان ان معاهدي مطابق نہ هلندا تہ اوهان کي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو. اهو رستو اوهان جي پڇتاءَ ۽ عزت واسطي ٻيهر کوليو ويو آهي. اهڙن معاملن ۾ ڪڏهن ملازمت مان خارج ڪرڻ بہ ضروري ٿي پوندو آهي. پر اهو فقط تڏهن ٿيڻ کپي جڏهن ڪورٽ مارشل اهڙو فيصلو ڏئي ۽ ان کان پوءِ ڪمانڊر ان چيف بہ اهڙي سفارش ڪري.

جيتري قدر جاتي Caste جو سوال آهي تہ ان کي بہ اهميت ڏيڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪنهن فوجي مذهبي مامرن ۾ دخل اندازي ڪونه ڪندو آهيان. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پٽڙ ڪي ڳاڙهو رنگ ڏئي ان جي پوڄا ڪرڻ گهري ٿو ته ڪيس اهڙيءَ ڪلي ڇُوتي آهي. مان ڌرمي پوڄا پاٺ ڪان بچان ڪونه ڪندو آهيان. پر جيڪڏهن هو مون ڪي چوندو ته تون به مون وانگر ڌرمي پوڄا پاٺ ڪر ۽ مان سندس ڳالهه مڃي ته مان به موڳو ۽ اوڳو آهيان. مان جيڪڏهن سندس اها ڳالهه مڃي ته وري هو چوندو ته مان هن پٽڙ جي چوڌاري هڪ دائرو ڪڍيو آهي ۽ تنهنجو گهر ان دائري اندر اچي ٿو. تنهن ڪري تون پنهنجي گهر کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏ. اها ئي منهنجي مذهب جي عزت ۽ احترام جي تقاضا آهي. جيڪڏهن مان سندس ٻيو مطالبو به پورو ڪيو ته سندس ٻيا مطالبا به شروع ٿي ويندا. پر جيڪڏهن سندس مطالبي مڃڻ بدران هن جي اهڙي طلب کي مانُ ئي نه ڏيندس ته هو پاڻ به سمجهي ويندو ته مان نياءَ ۽ نيت پٽ وارو ماڻهو آهيان ڪو چر چريٽ ڪونه آهيان. سو ڪنهن مذهبي جاتيءَ اسان جو تصور اجهو اهو آهي. اسان هن ڌرمي ڳالهه کي ڏاڍي اڻنگي طريقي، چالاڪي، شرارت سان پالي ۽ نپائي رهيا آهيون. اسان مقصد لاءِ ڪنهن ڪورٽ ۾ رقم جي ڪا ادائگي ڪانه ڪري رهيا آهيون. اسان وٽ اهڙا گهڻا مثال آهن ته جيڪڏهن اسان هنن سان مان ۽ مرجاتا سان هلنداسون ته هو پنهنجي ڌرم کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. تنهن ڪري اسان نه هنن جي مانَ کي لينگهو لائي رهيا آهيون نه وري هو اسان جي عزت ۽ احترام تي ڪاري ٽِڪي لائڻ جا جتن ڪندا. جلال آباد ۾ رهڻ دوران 35 ۽ 13 ريجيمينٽ پاڻ گڏ رهيون هيون. ان وقت معلوم ائين ٿي رهيو هو ته 35 ريجيمينٽ پنهنجي ڌرمي جاتي ختم ڪري چڪي آهي. مٿن پنهنجا ماڻهو حملا ڪري رهيا آهن. پر ان جو نتيجو ڇا نڪتو آهي؟ 35 ريجيمينٽ 13 ريجيمينٽ جي دوستيءَ تي فخر ڪري رهي آهي. اهي ڏيهي ماڻهو عقل سليم جا مالڪ آهن. هنن ۾ به 13 ريجيمينٽ جي فوجين جيان عزت نفس جو احساس پيدا ٿي ويو آهي. هاڻي جيڪڏهن اوهان انهن جي توهين ڪندا ته مزاحمت ڪرڻ لاءِ ايا ٿي ويندا ۽ اصولي ردعمل به ڏيکاريندا. اوهان کي اهو نظر ايندو ته هي ماڻهو اهڙين سنئين ڳالهين سان هٿ هٿ ۾ ڏئي گڏ هلندا ڏسڻ ۾ ايندا. مان اهو به ڏسي رهيو آهيان ته جيڪڏهن هنن جي ڌرمي جاتيءَ کي حد کان وڌيڪ اهميت ڏبي ته ڏاڍو هاڃو رسندو جنهن جو مثال بنگالي فوج آهي. بمبئي جي فوج جي ڌرمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاتيءَ ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو پيو وڃي. جيڪڏهن مٿئين طبقي وارو پنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ ڪنهن اڇوت جو جسم ڇهي وٺندو آهي ته اهو ناپاڪ ٿي پوندو آهي. پر جيڪڏهن اها ساڳي ڳالهه فوج اندر ٿيندي آهي ته ناپاڪائي جو اثر ڪونه ٿيندو آهي. اهڙين ڳالهين محسوس ائين ٿئي ٿو ته ڌرمي جاتيءَ جي اصولن کي عقل سليم متاثر ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيون ڳالهيون ناممڪن ڪونه هونديون آهن. پر اهڙن ڳالهين ۾ ٿوري به دخل اندازي ڪرڻ صحيح ڪانه ٿيندي. جيڪڏهن مٿئينءَ جاتيءَ وارو ماڻهو ڪو ڏوهه ڪندو ته ان کي به ڦٽڪن جي سزا ملندي. چاڪاڻ ته انصاف کي قائم ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ ضروري به آهي. ان جاتيءَ جي ماڻهوءَ کي به اها پڪ آهي ته اسان ڪيس سزا ڏيڻ جو اٽل ارادو ڪري چڪا آهيون.

هندستان لاءِ اسان جيڪو طريقو ڪتب آڻي رهيا آهيون، سو ڏاڍو خطرناڪ آهي. هتان جي راجائن کي اسان جو تحفظ حاصل آهي. جيڪو بچاءَ جي اهڙي چٽي مثان رکي پنهنجيءَ رعيت سان ڪيس ۾ ڪلور ڪري رهيو آهي. ٻئي پاسي کان وري اسان انهن ماڻهن کي هدايتون ڪري رهيا آهيون ته اهي راجائن جا ظلم ۾ ڏاڍ نه سهن. ڪولاپور جي اريگيولر هارس ته هاڻي ڏني واڻي غداري ڪئي آهي. جيڪڏهن اها غداري ان وقت ڪئي وڃي ها جڏهن ڦٽڪن جي سزا بحال ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي ته پوءِ سمجهجي ها ته اها غداري ڦٽڪن جي سزا جي بحاليءَ جو ردعمل آهي. ان ڪان اهڙي سزا کي قابل عمل نه سمجهيو وڃي ها. پر منهنجي اها ڳالهه موضوع ڪان ٻاهر نظر اچي ٿي. ليڪن مان سمجهان ٿو هندستان اندر اهڙيون ڳالهيون هتراڏو تيار ڪيون وينديون آهن. اسان کي بهتر اصولن کي نافذ ڪرڻ مان خطرو محسوس ڪرڻ نه گهرجي. اسان کي پراڻن اصولن کي نافذ ڪرڻ مان به ته خطري جو احساس ٿيو هو جيڪو پنهنجي دور جا دانشمندانه قدم هئا. پر اهڙا خطرا هندستان جي انگريز شهنشاهت جي وسعت ۾ والار جا اهم ذريعا رهيا آهن. هيءَ حقيقت به توجهه طلب آهي ته اسان جون فوجي اسٽيشنون تمام پري ۾ اڪيليون آهن. جيڪڏهن ڏيهي راجا بغاوت ڪري انهن کي تباهه ڪري ڇڏيندو ته ان کي وقت سر ڪير به روڪي ڪونه سگهندو. جيڪڏهن پوءِ خطري جو احساس هئڻ گهرجي. پر انهيءَ اصول کي تيستائين نافذ ڪري ڪونه ٿو سگهجي. جيستائين ڪولاپور جي وگوڙي وايو منڊل ۾ ٿانهر ۾ ناپر نه آئي

آهي. مون کي اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ڦٽڪن جي سزا يورپي، ڏيهي عملدار ۽ فوجي سپاهي بہ ڪونہ ڪندا. مون وٽ هڪ مثال آهي تہ جاتيءَ کي ڏاڍي اهميت ڏني پئي وڃي. هڪ برهمڻ جاتيءَ جي ماڻهوءَ جو واسطو 6 ميوٽنيئر سان آهي جنهن ان پاڻيءَ پيئڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جيڪو هيٺينءَ جاتيءَ جي ماڻهوءَ پري آندو هو. هن اهو بہ چيو هو هن پاڻيءَ کان وڌيڪ موت پسند ڪدنو. مان بہ ڪيس نهہ پهہ وراڻيو تہ مري وڃين يا جيئن اها تنهنجي پنهنجي مرضي، پر جيڪڏهن تون ڪم نہ ڪندي تہ پناڻن تي ڦٽڪن جا زوراڻا زيڪا ضرور لڳنديءِ. هن ماڻهوءَ مون کي وڌيڪ ڪونہ ستايو. هن جي عقل ڪيس ٻڌايو تہ مڃڻ کان سواءِ معاملو ڪونہ هلندو. پر جيڪڏهن مان سندس اهو مطالبو مڃيان ها تہ سياڻي وري پيو مطالبو ڪٽي اچي پهچي ها. جيڪڏهن ڏيهي راجائن جي حڪمت عمليءَ کي ختم ڪبو تہ انهن جي پر جا کي انصاف وارو نظام ملي ويندو. فوجي سپاهين کي سزا ڏيڻ ۾ ائين انصاف ڪيو ويندو جيئن ساڻن پگهارن ڏيڻ ۾ نياءَ ۽ نيت پت اختيار ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت هندستان تي اسان جي حڪمراني صدين تائين هلي سگهي ٿي.

مان ڦٽڪن هڻڻ واري سزا جو حامي آهيان. جنهن کي آءٌ ڏاڍي ڇڻائيءَ سان سمجهيو بہ آهي. اها خواهش بہ آهي تہ ان سزا کي اصولي پابنديءَ سان اختيار بہ ڪيو وڃي ۽ هوبهو ائين جيئن مان Articale of War جي هڪ نقل ۾ ڏنو آهي. ليڪن ڦٽڪن جي تعداد ۾ فرق رکڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ يورپي ماڻهو نازڪ ۽ نفيس آهي سندس کل بہ نرم آهي. تنهن ڪري ڏيهي فوجي سپاهي جي پيٺ ۾ يورپيءَ کي گهٽ ڦٽڪا هنيا وڃن. مان سمجهان ٿو تہ يورپي سپاهين کي ڏيهي سپاهين جي پيٺ ۾ ڦٽڪن جو اڌ تعداد هنيو وڃي. اهڙيءَ ريت ٻنهي جو هڪ جيترو اثر ٿيندو. مون کي اها خبر ڪانہ آهي تہ سپاهي اڪيلائي واري سزا کي ڪيئن محسوس ڪري ٿو پر هن سزا جو رواج بمبئي واري فوج ۾ ڪونہ آهي. ليڪن مان سمجهان ٿو تہ اڪيلائي واري اها سزا مهيني لاءِ ڪافي آهي. انگلينڊ جي آبهوا مطابق انگريز فوجي لاءِ بہ اها سزا ڪافي سمجهي ويندي آهي. مان اترين علائقن جي ڪمانڊ سنڀالڻ وقت هن نڪتي تي غور ڪيو هو. ان کان سواءِ هتان جي مئجسٽريٽن، ميڊيڪل آفيسرن، سول ۽ فوجي عملدارن بہ هن نڪتي تي گهڻو سوچيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ هن نتيجي تي پهتا هئا تہ فوجي سپاهي هي سزا آرام سان پوڳي سگهي ٿو. هو آفيمر جو وزمر ڪائي اٺ ئي پهر ننڊ ۾ نهوڙيو پيو هوندو.

Articles of War جي نئين ذميواري سونپي، ريجيمينٽ جي ڪمانڊر کي جڻ اضافي منصبي فرض سنڀالڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. تنهن ڪري اهو ڏسڻو ضروري هوندو آهي تہ اهو ڪمانڊر سينيئر ۽ تجربيڪار هئڻ گهرجي. پر موجوده دور ريجيمينٽ جا ڪمانڊر ليفٽيننٽ هوندا آهن. جيڪڏهن هن قسم جي غلطيءَ کي جلدي ۾ دور ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي، هندستان فوج جي اندر بگاڙ کي روڪي ڪونہ سگهبو اهڙو خاص خطرو انهن فوجين لاءِ آهي جن فوجي عملدارن ۽ سپاهين جي دلين ۾ تجربيڪار فوجي ڪمانڊر جي گهٽي عزت هوندي آهي. پر هي ماڻهو انهن نوجوانن عملدارن جي عزت ڪانہ ڪندا آهن. جن وٽ فوجي چاڻ گهٽ ۽ تجربو ڪونہ هوندو آهي. ٻيو تہ نهيو پر انهن وٽ هنن ماڻهن جيترو بہ تجربو ڪونہ هوندو هو جيڪي سنڌن انسٽرڪٽر هوندا آهن. اهي تہ اصلي ماڻهو هوندا آهن جيڪي ڪين فوجي بڻائي دشمن جي مقابلي لاءِ جنگ جي ميدان ڏانهن روانو ڪندا آهن. نوجوان عملدار سکڻ لاءِ ڏاڍا اتاولا ٿيندا آهن. پر ڪين ٻئي فن وانگي ابتدائي سکيا ضرور وٺڻي پوندي آهي. جيڪا تجربيڪار استادن جي رهنمائي ۾ حاصل ڪندا آهن. هنن فوجين کي ڪير سکيا ڏيندو آهي، هنن جو پاءُ سب آلترن هجي يا ڪوئي بہ احمق. جيتري قدر ليفٽيننٽ ڪرنل جو سوال آهي تہ ان کي ريجيمينٽ سان ملڻ جيتري فرصت ئي ڪانہ هوندي آهي. اها ڳالهہ فوجي نوڪري لاءِ هاجيڪار هوندي آهي ۽ اها ڳالهہ جسماني سزا جي نڪتي سان لاڳاپيل بہ هوندي آهي. اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ فيلڊ آفيسرن کي ريجيمينٽ جي قيادت سنڀالڻ گهرجي. ڪين ايترو تڪڙو تبديل نہ ڪجي جيترو رواج نظر اچي ٿو. منهنجو هرگز اهو مطلب ڪونہ آهي تہ ليفٽيننٽ ڪرنل وٽ ٻي ڪا ڪمانڊ نہ هجڻ گهرجي، پر هن عملدار جي بدلي جلد جلد نہ ٿيڻ کپي. 64 ريجيمينٽ جڏهن بغاوت ڪئي هئي تنهن وقت ان جو ڪمانڊر هڪ نوجوان عملدار هو. اهڙيون ڳالهيون هندستان جي انگريز شهنشاهت لاءِ خطرناڪ هونديون آهن. هن بابت منهنجي راءِ آهي تہ اهڙي فوجي عملدار لاءِ پنجاهہ سالن جو تجربو هجي، ان عملدار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بہ سال هندستاني فوج سان گڏ

رهڻ جو تجربو هجي ۽ انهن سان مستقل طور فيلڊ ۾ رهيو هجي. ان کان پوءِ اهڙي جنرل کي هندستاني فوجيءَ جي نفسيات جو صحيح پتو پئجي سگهندو. ليڪن اهو فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن جنرل کي سکڻ جو شوق ۽ عقل هوندو. نه ته پلي سڄي زندگي هنن سان گڏ رهيو پيو هجي پر کيس هنن کي ڪمانڊ ڪرڻ جو ڏانءُ ڪونه ايندو.

هندستان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به موجود آهن جن جي سوچ مختلف آهي. ڪين ويساهه ويٺل آهي ته ڏيهي ماڻهن جي مزاج جو تجربو ڪين ساڻن گڏ نوڪريءَ وسيلي ملي وڃي ٿو. پر فوجي جنرل ۾ سفير اهو ٿي سگهندو آهي جيڪو وڏيءَ دل ۽ جگر جو مالڪ هوندو آهي. هن اصول کي تسليم نه ڪرڻ سٺي ڳالهه ڪانه آهي. منهنجو مطلب آهي ته ريجيمينٽ جي ڪمانڊ لاءِ عمر ۽ تجربي جو ضرور خيال رکيو وڃي. هندستاني فوجي عملدار ۽ سپاهي، انگريز فوجي جنرل جو انهيءَ ڪري گهڻو احترام ڪندو آهي جو هو وڏيءَ عمر وارو ۽ وڏي تجربي وارو سمجهيو ويندو آهي. اهڙي روايت اڄ به موجود آهي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته اهڙو احترام ختم ٿي ويندو. ريجيمينٽ هڪ اسڪول هوندو آهي پر جيڪڏهن ان جو استاد تجربيڪار نه هوندو ته ريجيمينٽ جو وقار مجروح ٿي ويندو. خاص ڪري ان وقت جڏهن ماڻهن جي مزاج جي ۽ فوجي فن جي سکيا ڏني ويندي. هندستاني فوج جي وفاداري ۽ اهليت جو تعلق ريجيمينٽل آفيسر سان واسطو رکي ٿو. معلوم ٿيندو ته دنيا جي ٻيءَ فوج جو اهڙو مزاج ڪونه آهي. ليفٽيننٽ ريجيمينٽ جي قيادت تڏهن ڪندو آهي جڏهن سندس ڪردار مثالي بڻجي ويندو آهي ۽ نوجوان ليفٽيننٽ رهبري واسطي هڪ نمونو بڻجي ويندو آهي. پر جڏهن هو تجربي نه هئڻ ڪري ٿورين گهڻين غلطين ڪندو آهي ته نوجوان آفيسر ۽ سپاهي مٿس کلندا آهن. هي ان ماڻهوءَ جي توهين جي ڳالهه هوندي آهي. جنهن کي صاحب ڪري سڏيو ويندو آهي. تنهن ڪري ان ڪمانڊر جو معيار ۽ ڪردار اهڙو مثالي هجڻ گهرجي جو عملدار ۽ سپاهي ان جو ادب ۽ احترام ڪن. مان چاهيان ٿو ته مون وٽ گهڻا ڪئپٽن هجڻ گهرجن. جن کي مان ڊويزنل ڪئپٽن سڏيندو آهيان. مان انهن اهم ڊويزنن جي مهنداري سونپڻ گهران ٿو يا چاهيان ٿو ته اهي ٻن ڪمپنين جا ڪمانڊر هئڻ کپن. اهڙيءَ ريت هر هڪ ڪمپني جو ڪمانڊر ڪئپٽن ليفٽيننٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجڻ گهرجي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن تجربيڪار عملدار کي فوجي اڳواٽي سونپي سگهجي. ان کان سواءِ منهنجي اها بہ خواهش آهي تہ ڊويزنل ڪئپٽن کي پريڊ وقت بنهي ڪمپنين جي مرڪز وٽ ائين موجود هجڻ کپي، جيئن گهوڙيسوار فوج ۾ اسڪئاڊرن ليڊر هوندو آهي. اهو طريقو پنجن ڪمپنين جي ڪئپٽنس کان وڌيڪ اثرائتو آهي ۽ انهن پنجن ڪمپنين کان بہ وڌيڪ اهم آهي. جنهن جي ڪمانڊ "سب آلٽرن" ڪندا آهن. چاڪاڻ تہ سپاهين جي هر هڪ ڪمپنيءَ جي ڪمانڊ واسطي هڪ تجربيڪار ڊويزنل ڪئپٽن موجود هوندو آهي. منهنجي مرضي ڪانہ هوندي آهي تہ ڪو ڪئپٽن ڪنهن اسٽاف ۾ شامل هجي، هو پاڻ ڪنهن اسٽاف جو جوڙجڪ ڪري، جيڪو فوج جو هڪ مخصوص حصو بڻجي پوندو. اهو ئي خاص طريقو آهي جنهن وسيلي ريجيمينٽ کي هڪ معزز ۽ تجربيڪار عملدار ملي سگهندو. مان اهو بہ چاهيان ٿو تہ جسماني سزا جي ضرورت گهٽ پوي. ائين تيڻ سان سزا جو خوف ڏاڍو هوندو ۽ هڪ سنيءَ ۽ مانائتي فوج اندر ان جو اثر بہ گهٽو هوندو آهي. مان ائين ڪونہ ڏٺو آهي تہ بهادر ۽ بهتر سپاهي وڌيڪ سنجيده هجن. اهي ماڻهو يورپين کان ڪمزور ضرور هوندا آهن. پر بهادريءَ ۾ هنن جهڙا تيندا آهن. مان هيءَ ڳالهہ تن پريزيڊنسيز جي فوج کي ڏسڻ کان پوءِ ڪئي آهي. اهڙي ريت هر هڪ پريزيڊنسيءَ جي هندستاني فوج منهنجي ڪمانڊ هيٺان بہ رهي آهي. تي سگهي ٿو تہ مان غلط بہ هجان. هن ڳالهہ جو فيصلو ڪنهن بئي ڏاهي ماڻهوءَ تي ڇڏيو پر منهنجي لاءِ هي ڳالهہ آسمان ۾ چمڪندڙ سج جيان چٽي آهي تہ جيستائين ايسٽ انڊيا ڪمپني هر ريجيمينٽ جو ڪمانڊر اعليٰ عهدي جو آفيسر نہ رکندي ۽ هر ڪمپني جي ڪمانڊ لاءِ ڪئپٽن مقرر نہ ڪندي تہ اها سندس غلطي هوندي. جيڪا هوءَ ڪيترن سالن کان ڪندي پئي اچي. هن طريقي اختيار ڪرڻ سان ڏيهي عملدار اثر رسوخ حاصل ڪري وٺندا ۽ آخر ۾ فوج جي ڪمانڊ سنڀالڻ جي لائق بڻجي ويندا. هن جي جواب ۾ مون کي چيو ويندو تہ ائين ڪرڻ سان خرچ گهڻو وڌي ويندو. پر منهنجو جواب هوندو تہ هندستان وڃائڻ ان کان بہ وڌيڪ مهانگو هوندو." هن شاندار فوج جو هر هڪ حصو ڏاڍو دلچسپ آهي. جيڪو هڪ شاهي ونگ جي شڪل ۾ آهي. هن فوج کي ملندڙ پگهار ان جو بنيادي پٿر آهي. هن چوڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو وڌاء

نہ آهي تہ هن فوج جون پگهارون دنيا جي هر فوج کان وڌيون آهن. تنهن ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني کي اهو حق آهي تہ ان فوج جي سپاهيءَ (سولجر) کي پنهنجي ڏيتي ليتيءَ لاءِ استعمال ڪري. يقين آهي تہ هن فوج جو سپاهي غدار ڪونہ ٿيندو جيڪو فوجي ملازمت کي پنهنجو شان سمجهندو آهي. پر اها حقيقت ضرور آهي تہ اسان غلطيون ڪري کين پنهنجي وفاداري کان اڳ ۾ بيزار ڪري سگهون ٿا.

بمبئي سرڪار جو چوڻ آهي تہ مان اجايو ڏجي رهيو آهيان مان تہ فقط هيءَ شڪايت ڪئي هئي تہ سنڌ ۾ رهندڙ فوجين طرفان موڪليل پگهارون صحيح طريقي سان سندن ڪٽنبن کي ڪونہ پهتيون آهن جيڪي مختلف پريزيڊنسيز ۾ رهندا آهن. هونءَ بہ مان بمبئي حڪومت سان اختلاف راءِ بہ رکان ٿو. بين سان گڏ هيءَ هڪ اگري حقيقت آهي، جنهن ڪري هنن فوجين جي وفادارين کي ڇيهو پهچي سگهي ٿو. چاڪاڻ تہ اهو بہ هنن جي جذبن کي جهٻو آهي. خاص ڪري انهيءَ ڳنڀير وايو منڊل دوران جڏهن بنگالي ۽ مدراسي فوج بغاوت ڪري رهي آهي. هن ڳالهہ کي اهم نہ سمجهيو وڃي تہ اها غلطي سنڌ جي آهي يا بمبئي سرڪار جي، جو موڪليل پئسن جي ادائگي ٿي ڪانہ سگهي آهي. هن بابت اسان ٻنهي جو نقطئہ نظر مختلف آهي، پر عوام جي ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي دلچسپي ڪانہ آهي. هو تہ فقط اهو ڏسي رهيا آهن تہ پئسا دير سان ڇو ملي رهيا آهن. خطري جي ڳالهہ اها آهي تہ سپاهي حڪومت تي اکيون ٻوٽي ويساهہ ڪندو آهي تہ سندن پگهار جي هڪ پائي بہ ميري ڪانہ ٿيندي. پر سندس ڪٽنب جي مقدر جي ناتي اها غير يقينيءَ جو شڪار ٿي وئي آهي. منهنجي اٽيهئي اها جاکوڙ رهي آهي، سندس اهڙي سون سريکيءَ نيت ۾ رتيءَ پر بہ لڪا نہ پوي. اهو ٻڌي سندس دل ڪيڏي نہ خوش ٿيندي تہ ٿوريءَ غلطيءَ جي ازالي لاءِ بمبئي سرڪار هندستان سرڪار ۽ سنڌ جي حڪومت اندر ڪيڏي نہ چرپر اچي وئي آهي. مان پاڻ بہ هن معاملي ويهن ٿي ننهن جا زور لاتا هئا. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ان فوجي سپاهي کي ڏڍ ملي تہ سندس پگهار واري رقم محفوظ آهي. جيڪڏهن اهڙو ڏچو وري بہ ٿيو تہ مان وري ائين ڪندس. پوءِ ڀلي مون لاءِ سمجهيو وڃي تہ مان اجايو چرڪي رهيو آهيان. ائين ممڪن بہ ڪونہ آهي جو اهڙن معاملن ۾ حد کان وڌيڪ خبردار رهي سگهجي. ٻي ڳالهہ اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته آهي ته مون کي هندستان ۾ پهچڻ سان پهرين شڪايت به اها ئي ملي هئي. هنن ٻنهي معاملن ۾ بمبئي جي گورنر سر جارج آرٿر گهڻي مدد ڪئي هئي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته اهڙي پهرين غلطي هن جي اچڻ کان اڳ ئي ٿي چڪي هئي ۽ هن اچڻ شرط اُن معاملي کي هٿ ۾ ڪنيو هو. مون کي پڪ آهي ته 24 نيٽو انفنٽري جي سپاهي کي هن مطمئن ڪري ڇڏيو هوندو. جيڪو ڏاڍو ڏکارو ۽ ڪاوڙيو وينو هو. ڇاڪاڻ ته مان جلد ئي پولو ڇڏي هليو آيو هوس. ٽن سالن جي مختصر عرصي اندر فوجي سپاهين لاءِ ڪيئي اهنج ۽ آزار پيدا ٿي چڪا آهن. جن مان هڪ هي به آهي. هندستان جي سرڪار سان گڏ بمبئي حڪومت به فوجي سپاهين لاءِ کليءَ دل جو مظاهرو ڪانه ٿي ڪري. شايد هنن معاملن ڏانهن ڪي فرد ڌيان ڪونه ٿا ڏين. هنن ڳالهين مان هيءَ حقيقت ثابت ٿي وڃي ٿي ته ريجيمينٽن ۽ ڪمپنين لاءِ تجربيڪار عملدارن جي ضرورت آهي. جڏهن جسماني سزا رد ٿيڻ کان پوءِ پيهر بحال ٿي رهي هئي ته مان اهڙين ڳالهين جي پرزور سفارش ڪئي هئي. پر اهڙي سزا حفظ ماتقدم طور منظور ٿي رهي هئي. مان هن ڳالهه کي ورجائڻ ٿو چاهيان ته بمبئي جي فوج جو عام نقطهٔ نظر هو ته اهڙي جسماني سزا فوج جي هر فرد سان لاڳو ٿيڻ گهرجي جيئن هر رئنڪ جو عملدار هن سزا کان بچي نه سگهي.

مهراج پور واري جنگي محاذ جو احوال پڙهي مون کي اچرج ٿي رهيو آهي ته جنگ هڪ ڏينهن اڳ فوجين جا مائٽ ڪين ملڻ آيا هئا جن جو تعلق انگريز دشمن سان هو. ٻئي ڏينهن انهن ئي ماڻهن اسان سان جنگ ڪئي. اهي دشمن هئا. اسان ڪين سڃاڻي ورتو هو. اهي قد جا بندرا هئا ۽ اسان جي فوجين کان قد ۾ گهٽ ننڍا هئا. جڏهن ته مان سمجهيو پئي ته اهي قد جا ڊگها هوندا. مون کي ان وقت نپوليئن جي وولينگيوئر محاذ جو نقشو ياد اچي ويو جنهن ۾ هن بندرن ماڻهن سان مقابلو ڪيو هو.

مون کي خبر نه آهي ته مان عقل جون ڳالهيون لکيون آهن يا بي عقليءَ جون. پر مان هندستان جي فوج کي سمجهڻ لاءِ ڏاڍو جاکوڙيو آهي. جيڪڏهن مان پنهنجي نقطهٔ نظر کان حد کان وڌيڪ ڊگهو ڪري ڇڏيو آهي ته مهرباني ڪري معاف ڪندا. پر منهنجي نيت نيڪ آهي. تنهن ڪري اهڙين غلطين کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو.

## ضميمو ائون

*فوجي سامان بابت لکيل ميمورينڊم جيڪو لارڊ ايلنبرو ڏانهن لکيو ويو هو*

حيدرآباد 18 مئي 1843ع

اوهان جو 12 اپريل تي لکيل خط مون کي ڪلهه رات مليو آهي. اوهان ان خط ۾ اٺ سوار فوج کي قائم ڪرڻ جو مشورو ڏنو آهي. هن خط ۾ اوهان هڪ ٻئي خط جو حوالو ڏنو آهي، جيڪو مون کي ڪونه پهتو آهي. اوهان مون کي ٻين مشورن سان پڻ نوازيو آهي جنهن جو واسطو سر ڊبليو ناٽ جي خط سان آهي جنهن کي مان ڏاڍي غور سان پڙهيو آهي. مان رپورٽ ناهڻ جي ڏس ۾ هن تجربيڪار عملدار سان بلڪل سهمت آهيان، ڇاڪاڻ ته اهڙي رپورٽ تجربي کان وڌيڪ وسيع ڳالهين جي تقاضا ڪري ٿي. مان اها رپورٽ بنا ڪنهن تمهيد جي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. اها ان مهم جي تجربي جو نتيجو آهي جنهن جي ابتدا مان هندستان ۾ اچي ڪئي هئي. ڇاڪاڻ ته اسان اهڙي مهم جي شروعات مٿاهينءَ جوءِ ۾ ڪئي هئي جتي اسان اٺ کان به وڌيڪ طاقتور جانور خچر کي ڪتب آندو هو.

**اُٺ**

هن علائقن ۾ هيءُ جانور بار لڏڻ جي ڪم ايندو آهي، پر هن کي فوجي مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ فائديمند نه آهي. اوچتو اهڙو ڏک پهچائيندو جو ماٺهو لوٺا پيو ڪنهندو منجهنس هي اوڻايون آهن.

1. هي جانور پنهنجي جسماني جوڙجڪ ۾ ڏاڍو ڪمزور آهي.
2. هڪ نه ٻي بيماري سندس ڳاتي تي چڙهي بيٺي هوندي آهي. هن جي دوا دارون به اهڙي آهي جنهن کي سمجهڻ به ڏکيو آهي. هڪ پيرو جي اگهو ٿي پيو ته سگهي ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وني. پوءِ اهو تڪ کان پئجي رهي يا ڪا ٻي جهوري لڳيس پر هوندو هلڻ کان هلاڪ. بيمار ٿيو ته پلڻ به بار. چڙهي چاڪ ٿيڻ به ممڪن ڪونه. ڪيڏا به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڻ ڏبس تہ بہ ويندو ڏينهون ڏينهن نجهرندو ۽ پوٽو پوندو. پوءِ رڙاٽن مٿان رڙاٽ هوندس. نيٺ وڃي ڳجهن جو ڳاهہ ٿيندو.

3. هي جانور چارڻ پيارڻ ۾ وقت وٺي ويندو آهي. فوجي پيش قدميءَ دوران هن کي ايترو وقت ڏيڻ مشڪل هوندو آهي، پر دشمن جي ملڪ ۾ تہ رهندو ممڪن ڪونہ رهندو آهي. سفر کان هڪدم پوءِ اٺ کي کاڌي جي ضرورت هوندي آهي. جت بہ ٿڪل هوندو آهي. ان کي بہ کاڌي پيتي جي ضرورت هوندي آهي. تنهن ڪري هن جي چاري پاڻيءَ جو گهٽ خيال رکندو آهي.

4. اٺ گپ جي آڏو اصلي ڪونهي. ٿوري ڇڪڻ تي تہ اٺ هلڻ کان ڇڪتو. سندس پير داڦوڙو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪلر تي رڳو ماڪ پئي تہ سندس داڦوڙو پير ترڪي پوندو آهي. هن جي پٺيءَ تي بار بہ ايڏو لڏيل هوندو آهي جو ڪيس چڱو پلو ٿيڻ ڪونہ ڏيندو آهي. سندس ٽنگن جا سَنڌ بہ لچڪي پوندا آهن. پر هن جو ٽنٽي سرشتو ڏاڍو مضبوط هوندو آهي. جيڪڏهن سندس ڄنگهہ نڪري پوندي آهي تہ وري لڳي ڪانہ سگهندي آهي ۽ اٺ چڙڻي چڙڻي مري ويندو آهي. مينهن جي ڇٽن کٽين کان پوءِ جيڪڏهن رستي ۾ ڪڏو کڏو اچي ويو تہ سارو فوجي سامان هڪ جڳهہ تي ببهي ويندو. عام طور فوجي سامان منزل تي دير سان پهچندو آهي، تنهن ڪري اٺ کي ڏانوڻ ڏئي جهنگ ۾ چرڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن جهنگ پري ۽ دشمن جو دنگ ويجهو آهي تہ اٺ کي چرڻ لاءِ ڪونہ ڇڏيو ويندو آهي. ان ڪري هي جانور چوويهہ ڪلاڪ يا ڇٽيهہ ڪلاڪ بنا ڪنهن چاري پاڻيءَ جي سفر ڪندو آهي، پر جيڪڏهن چارو پاڻي فوج سان گڏ هوندو آهي تہ پوءِ اهو ڪيس ملي ويندو آهي. جيڪڏهن اٺن جو تعداد وڏي ويندو آهي تہ فوجي چرپر ڏاڍي ڏکي ٿي پوندي آهي.

5. مون کي اهو بہ معلوم ٿيو آهي اٺ جابلو علائقي ۾ يا پٿريليءَ زمين تي بار کڻي سفر ڪري ڪونہ سگهندو آهي. مان اهو بہ ڏٺو آهي تہ جڏهن اهو جانور جابلو مٿاهينءَ تي چڙهندو آهي تہ بيهندو ۽ پوءِ هلندو رهندو آهي. جنهن دوران هو ساهہ کڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ٿوري وقت کان پوءِ ساهي پٽڻ لاءِ بيهاريو ويندو آهي. جڏهن

جبل اڪري پار ٿيندو آهي تہ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويندو آهي. مان هيءَ ڳالهہ ان وقت دريافت ڪئي، جڏهن اٺ هڪ ايڪپريءَ پٽ تان گذري رهيا هئا. ڪين اتان متيندي ڪنهن قسم جي تڪليف ڪانہ ٿي جئين گهوڙي ڪي واريءَ مان گذرڻ وقت ٿيندي آهي. ان ڪان سواءِ هي جانور ساهہ پٽڻ لاءِ پٽ تي ڪتي بيهي بہ ڪونہ رهيو هو. نہ وري ساهہ ڪٽڻ ۾ هڦجي پيو هو. پر اوچتو ڪمزور ٿي ويا ۽ چلڻ ڪان چڪتو ٻڌجي ويا. ٿورو وقت آرام ڪرڻ ڪان پوءِ اهي ساڄا ٿي ويا. هن جو داڦوڙو پير نرم هوندو آهي، جيڪو پٿريليءَ زمين ۾ جابلو جوءِ مان هلي ڪونہ سگهندو آهي.

6. اٺ بار لڏڻ ڪان پوءِ هڪ ڊگهيءَ قطار جي صورت ۾ اڳتي وڌندو آهي. سندس رفتار بہ جونءَ پير هوندي آهي. جڏهن وري دشمن جي ڌرتيءَ مان گذرندو آهي، تہ ڪَن سيءُ هوندو آهي تہ متان حملو ٿئي، تنهن ڪري پهري لاءِ فوج مقرر ڪئي ويندي آهي. منهنجي تجربي موجب باربرداري جي لحاظ ڪان اٺ ۾ اجهو اهي اوٺايون آهن، جن کي دور ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ بہ ڪانہ آهي.

## ائن متان ٿيندڙ ڏاڍ

هن جانور متان ڏاڍ ڪيو ويندو آهي تہ هو جلد ئي ڪمزور ٿي ويندو آهي. متس ڪيل ڏاڍ جا نمونا هي آهن:

1. هنن ملڪن ۾ اٺ جو مناسب بار بہ سؤ ڪان ٿي سؤ پائونڊ هوندو آهي. اٺ جي بار بابت صحيح ڪاٿو ڪرڻ مشڪل هوندو آهي، پر جيڪڏهن ان متان اڍائي سو پائونڊن جيتري لَڏَ رکبي تہ بہ مناسب آهي، پر هن جانور متان بي ڪئتو بار لڏيو وجي ٿو. مان ڏٺو آهي تہ هن تي ائن سون ڪان نو سو پائونڊ بار ستيو وجي ٿو. ڏيهي فوجي سپاهيءَ وٽ هن جانور لاءِ رحم جي رتي بہ دل ۾ ڪانہ هوندي آهي. هنن جي پيٺ ۾ يورپي سپاهي ڏاڇي هٽي ڏهہ تہ توڏي هٽي تيرهن، وانگر ڪيس ۽ ڪلور ۾ بہ وڪون اڳتي آهن. لڪڻ لائو ساهہ پرائو لڪٽن جو ائين وسڪارو لائيندا ايندا، چڻ هو ڪنهن ساهواري کي نہ پر پتِ کي ڪتي رهيا آهن. مهارن کي ڇيبون بہ اهڙي ڪاوڙ ۾ ڪروڌ ۾ ڏيندا جو ائن جي نڪن مان لاتيون بہ نڪري ايندون آهن ۽ پيون مهارن جي چوٽين ۾ لڙڪنديون آهن. هن جانور جو

عام ڪري سياءَ نماڻو ٿيندو آهي. هن سان جيڪڏهن ٿورو به ڏاڍ ڪبو آهي تہ ڏيرو ٿي آخر مري ويندو آهي.

2. عام طور تي هن جانور کي پيٽ پري چارو پاڻي ڪونہ ڏنو ويندو آهي.
3. آرام بہ گهڻو گهٽ ملندو اٿس.
4. هنن جانورن کي ڪاهڻ وارا جت هوندا آهن جن جو تعلق هيٺئين طبقي سان هوندو آهي، جيڪي دل جا پٿر ۽ ڪٺور هوندا آهن.
5. ماڻهو بي خبريءَ ۽ بي ڌيانيءَ ڪري، اٺ تي وزن ڪان وڌيڪ بار سٽيندا ويندا آهن، هن تي جيڪڏهن وزن ڪان ٿورو بہ وڌيڪ بار لڏبو تہ هو ويچارو ڪمزور ٿي پوندو. هن جانورن جون چنگهيون ڏکيون ٿينديون آهن. جيڪڏهن مٿس لڏيل سامان هڪ پاسي تي اوهرجي پيو تہ هن لاءِ تڪليف پيدا ٿي پوندي آهي. اوهر ڪجهڻ تائين هڪ جاءِ تي بيٺو هوندو آهي.

اهي ئي فطري ۽ غير فطري اوڻايون آهن، جن مطابق هي جانور ڳهندو هلندو آهي. جڏهن هن کي فوجي بار برداريءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي تہ هن لاءِ مشڪلاتون ساڳيون هونديون آهن. هاٿيءَ هن جانور جي خاص خوبين جو ذڪر ڪجي ٿو.

1. هي بنا پاڻي پيئڻ جي گهوڙي ۽ خچر ڪان گهڻو سفر ڪري سگهي ٿو.
2. سنڌ يا ٻين ملڪن ۾ جتي لئي جو وڻ جام هوندو آهي تہ چاري ڳڏ ڪٽي هلڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هي وڻ ان جي من پسند خوراڪ آهي. جڏهن تہ گهوڙي ۽ خچر لاءِ چارو ساڻ ڪٽي هلڻو پوندو آهي.
3. هيءُ جانور ڊاڦوڙي پير ڪري واري‌اسي رڻ پٽ مان سولائيءَ سان سفر ڪري سگهندو آهي، جڏهن تہ گهوڙو ۽ خچر ڪهجي پوندو آهي. گرميءَ جي بہ ڪين ايذي پرواهہ ڪانہ هوندي آهي. جيڪڏهن هن مٿان بار سوچي سمجهي رکيو ويندو آهي يا تيز رفتاري ۾ سفر نہ ڪيو ويندو آهي تہ بنا ڪنهن تڪليف جي ڊگهو سفر ڪري ويندو آهي. پر سنڌس چاري پاڻيءَ جي سار سنڀال ضرور لهڻ گهرجي. ان جو مثال اهو آهي تہ جڏهن مان امامڳڙه قلعي تي حملو ڪيو هو تہ قلعي ڊاهڻ جو سامان اٺڻ تي لڏيل هو. هي جانور ٿر جي واري‌اسي مان ڏاڍيءَ سولائيءَ سان سفر ڪري سگهيو هو. پٽن هجڻ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستي ۾ لاهيون چاڙهيون هيون. اٺ ڏاڍي تڪليف سان اڳتي وڌي رهيا هئا. پر مان سنڌن چاري جو مقدار گهٽو وڌائي ڇڏيو هو. هنن جانورن جي نظرداريءَ لاءِ ڪئپٽن واٽني کي مقرر ڪيو ويو هو. ان ڪان سو في توب کي ڇڪڻ لاءِ انن جو تعداد به وڌايو ويو هو. جيڪڏهن مان انن جي چاري پاڻيءَ جو سٺو بندوبست نه ڪريان ها يا توبن ڇڪڻ جي ڪم ۾ انن جو تعداد نه وڌايان ها ته اسان وقت سر امامڳڙه پهچي ڪونه سگهون ها. جيڪڏهن اسان انن بدران گهوڙي کي ڪم آڻيون ها ته چارو پاڻي ساڻ ڪڻٽو پوي ها. ٻيو ته واريأسي ۾ گهوڙو هلي ڪونه سگهي ها. تنهن ڪري تعداد ۾ بيشمار اضافو ڪجي ها. سفر ناممڪن ڪٿي نه به، پر مشڪل ضرور بڻجي وڃي ها. هي سفر اٺ جي ڪري وڏيڪ آسان ٿي ويو آهي.

هي اهي ڳالهيون آهن جن کي مان شخصي طور جاچي پرکي ۽ تڪي توري ڏٺو هو. فوجي چرير ۾ اٺ کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪي خوبيون آهن ته اوڻايون به. هن ڪان سواءِ ٻيو نڪتو هي آهي ته اهڙين ڳالهين تي ضرور سوچڻ ويچارڻ گهرجي ته سنڌس ڪهڙين اوڻاين کي پاسي رکي تڪليفن ڪان بچي سگهجي ٿو. مان هن خيال جو آهيان ۽ ڪجهه وقت اڳ هن موضوع تي لکيو به آهي ته فوجي سامان يورپ هجي يا آمريڪا صحيح طريقي سان لڏي ۽ ڍوئي ڪونه ٿو سگهجي، پر هندستان ۾ ته ويتر وڌيڪ ڏکيو آهي. ليڪن هن سامان جي صحيح لڏ پلاڻ ۽ ڍوئي هڪ جدا فوجي نظام هجي. مون کي اهو ڏسي جڻ ته اندر کي آٿت ملي ويو هو ته اوهان پاڻ به اهڙي ساڳئي منصوبي بابت سوچي ويچاري رهيا آهيو. اهو طريقو هر ملڪ، هر فوج ۽ هر قسم جي آبهوا ۾ هجي. هي هڪ عام اصول آهي، جنهن وسيلي فوجي سامان جي نقل حرڪت سان لاڳاپيل مشڪلاتون لوڻ پاڻي ٿي سگهن ٿيون. اهڙي ريت ان سامان جي ڍوئي جو ڏچو گهٽو گهٽجي وڃي ٿو. هيءُ هڪ پورهئي جي تقسيم جو مثال آهي، جنهن ۾ گهٽي سهوليت موجود آهي.

فوجي سامان اهڙو هوندو آهي جو جيڪڏهن ان کي صحيح طريقي سان ڍوئبو ته مشڪلات گهٽجي سگهي ٿي. پر ان لاءِ هڪ اهڙو نظام تخليق ڪرڻو پوندو جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي لچڪ موجود نه هوندي، پر ڏچو اهو آهي ته هزارن انن جي موجودگي ۾ ڪهڙي طريقي وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظام قائم ڪري سگهجي ٿو. هڪ تہ جت مخلوق اهڙي آهي جن ۾ نظام جهڙي شيءِ تہ موجود ئي ڪانہ هوندي آهي. ٻيا فوجي سپاهي، تيان نوڪر هوندا آهن. جيڪي وڏي اسر ويلي اچي پاڻ ۾ ملندا آهن. سيني جي ڀڳاڙي پئي لڳندي. بوهياري ۾ ڪير بہ ڪنهن جي ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندو آهي. هن ڳالهہ تي بہ جندا پٽ شروع ٿي ويندي آهي تہ بار لڏڻ لاءِ اٺ ڪهڙيءَ جڳهہ تي ويهارجن. ان کان سواءِ بئگيج ماسٽر جي بہ ڀڳاڙي پئي لڳندي آهي، پر هن ڏانهن ڪير بہ ڪن ڪونہ ڏيندو آهي. ان کان پوءِ رسد گاهہ جي ماڻهن جي گپا گيهہ لڳي ويندي آهي. ماڻهن جي هن متل مانڌاڻ ۾ ڪنهن جي ڪير ٻڌندو. جيڪڏهن هن وايو منڊل ۾ ڪنهن نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو سو ڪامياب ٿي ڪونہ سگهندو. انن جي لڏ پلاڻ ۽ پيش قدمي ڪرڻ لاءِ فقط ڪلاڪ ڏيڍ جي وٿي مليل هوندي آهي. اهو سارو وقت جتن جي چوٻول ۽ ٻين ماڻهن جي ڪچيءَ ۾ گذري ويندو آهي. تنهن ڪري هر ڳالهہ ناممڪن ٿي پوندي آهي ۽ فوج جي پيش قدمي رڪجي ويندي آهي. فوجي سامان جي قافلي سان هلندڙ پهريدارن جو منصبي فرض بہ اهڙو هوندو آهي، جيڪو پيش قدمي ڪندڙ فوج لاءِ متي جو سور بڻيل هوندو آهي. ڪڏهن وري فوجي سامان وارو قافلو فوجي چرير کان وڇڙي ويندو آهي ۽ فوج اڳتي وڌي ڪانہ سگهندي آهي ۽ منجهي موڳي ٿي پوندي آهي. جنهن جو نتيجو ڪڏهن شڪست جي شڪل ۾ آڏو ايندو آهي. اهو تجربو ٿيو آهي تہ هندستان جو فوجي ڪمانڊر فوجي سامان ڪري ڏاڍي خطري ۾ وڪوڙيل هوندو آهي. جيڪڏهن ان سامان جي وڏي حصي ۽ رسدگاهہ جي ماڻهن جي وڏي تعداد تي دشمن حملو ڪري ٿو تہ ان جو اوس نتيجو شڪست هوندو آهي.

گهربل نظام مطابق اٺ سوار فوج جو هڪ حصو قائم ڪيو ويندو. ان سان گهوڙا، گڏهہ خچر ۽ ڏاند بہ هن بار بردار قافلي ۾ شامل هوندا. اهڙيءَ ريت سوچ ويچار کان پوءِ هڪ الڳ ڊويزن قائم ڪئي وئي آهي. پر هتي مان فقط انن بابت ڳالهائيندس جيڪو بار برداريءَ جو هڪ اهم جانور آهي. جنهن جو واسطو هندستاني لشڪر جي فوجي سامان جي لڏ پلاڻ سان آهي. مان سمجهان ٿو تہ ان جو اصولي بيان ئي ڪافي ٿيندو. هي ڪئمل ڪاريس جي انتظام لاءِ، ڪرنل، ميجر، ڪئپٽن

ليفٽيننٽ ۽ نان ڪميشنڊ آفيسر بہ هوندا جنهن کي جدا جهنڊو بہ هجڻ گهرجي. ائن کي ڏوري هلڻ لاءِ هن ڪئمل ڪارپس ۾ جتن کي بہ شامل ڪيو ويندو جيڪي خانگي حيثيت ۾ هن قافلي سان شريڪ هوندا. اهي سڀ ماڻهو مسلح هوندا. تناسب جي حساب سان في اٺ بہ ماڻهو هوندا. پيش قدميءَ دوران هڪ جت جوڙي ڏاگهن جي ڏوريندو ۽ هڪ جت ٻن اٺن جي پهريداريءَ جو ڪم ڪندو. هي تفصيل مستقبل جي بندوبست ڪرڻ لاءِ آهن ۽ ملڪ جي صورتحال مطابق اهي ڦرندا گهرندا رهندا. جنهن سان گڏ رستن جي حالتن کي پڻ ڏٺو ويندو.

ان کان پوءِ ٻيو اهم نڪتو خود سامان جو بندوبست آهي. ان لاءِ هڪ حڪم جاري ڪيو ويندو تہ جنگي ميدان تي عملدارن جي استعمال جون ميزون، ڪرسيون، صندوقون ڪهڙي طريقي جون ٺهيل هجن. بسترو ڪيئن ۽ ڪيترو هجڻ گهرجي امن امان دوران جيڪڏهن ڪو عملدار پنهنجو گهٽو سامان موڪلڻ چاهي تو تہ اهو پلي ڪنهن ٻئي ذريعي سان ائين ڪري سگهي ٿو. ساڳي ريت خانگي فوج سان لاڳاپيل ماڻهو ائين ڪري سگهي ٿو. ڪئمل ڪارپس سان مختصر فوجي سامان نقل حرڪت ڪري سگهندو. ائين ٿيڻ نہ گهرجي تہ سرڪار جي هن نقل حرڪت جي ذريعي کي حد کان وڌيڪ سامان موڪلي ناڪام ڪري ڇڏجي. ڪارپس آف ڪئمل جي عملدارن ۽ نان ڪميشند آفيسرن جو فرض آهي تہ هر عملدار ۽ خانگي فوجي جي سامان جي ماپ، وزن، شڪل ۽ سامان جي تعداد تي ضرور نظر رکي. جيڪڏهن انهن ۾ ٿوري بيقاعدگي موجود آهي تہ، ان ڏانهن ڌيان ڏين. جيڪڏهن پيش قدمي دوران رستي سان سامان کي باهہ لڳي تي وڃي تہ قافلي جي منتظم آفيسرن جو فرض آهي تہ اهڙي ڳالهہ سامان جي مالڪ کي ٻڌائن تہ سندس سامان سڙي ويو آهي. سفر جي شروعات کان اڳ اٺ جي لاتي، مهار، پلڻ، پاکڙي ۽ ڪجائي وغيره جو ضرور خيال ڪرڻو آهي اهڙيءَ ريت لاتيون ۽ مهارون تہ سامان سان گڏ هلڻ گهرجن. ڇو تہ انهن شين جي هر وقت ضرورت هوندي آهي. اهڙي تياري پڻ مقرر وقت کان اڳ ٿيڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ضرورت پوي تہ ٿڪل ۽ بيمار ماڻهو کي اٺ تي سوار ڪري وٺي هلجي. يعني ڪجهہ وڌيڪ اٺ بہ هئڻ لازمي آهي. هنگامي حالتن ڪري جيڪڏهن سامان وڌي وڃي ٿو تہ اهڙي جوڙجڪ ڪجي جو ڪنهن هڪ اٺ تي وڌيڪ بار نہ پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هن قسم جي نظام مان فائدا

آفيسر ۽ نان ڪميشن آفيسر مقرر وقت تي انن جون قطارون، هر ريجيمينٽ جي هيڊ ڪوارٽر ڏانهن روانيون ڪندا آهن. جيڪي انهن جي نالي داخل ٿيل هونديون آهن. آفيسرن جا نوڪرن انهن اٺن اچڻ جي اوسيئڙي ۾ هوندا آهن ۽ جتن جي رهبري ڪري ڪين آفيسرن جي تنبن ڏانهن وٺي ويندا آهن، جن سان پهريدار به گڏ هوندا آهن. اتي ڪين عملدار ۽ ڪمپنين جو سامان حوالي ڪيو ويندو آهي. اهو ڪم باقائدگي سان عمل ۾ ايندو آهي ۽ سامان طئي ٿيل اصول مطابق انن تي لڏيو ويندو آهي. هر شيءِ کي پنهنجي مناسب جڳهه تي رکيو ويندو آهي. اهڙي چاڻ هر فوجيءَ ۽ هر جت کي هوندي آهي. مختلف شين کي هڪ ڳنڍڙيءَ جي شڪل ۾ ٻڌڻ وارو عمل اڪ چنبي ۾ ڪيو ويندو آهي. پوءِ پلي اها ٻاٽ ڪاري رات هجي. جت به فوجي سپاهي هوندا آهن جيڪي انن تي بار لڏي موٽي اچي ريجيمينٽ جي هيڊ ڪوارٽر پهچندا آهن، جتي عملدار سندن اوسيئڙو ڪندا آهن. اهڙي انن جون قطارون هر ريجيمينٽ جي هيڊ ڪوارٽر وٽ پيش قدمي جي سگنل جي انتظار ۾ بيٺيون هونديون آهن. ان کان پوءِ انن جون قطارون اهڙي جڳهه تي پهچنديون آهن جتي وڏا فوجي عملدار انهن کي خاص فارميشن شڪل ڏيندا آهن. انهن عملدارن کي ڄاڻ هوندي آهي ته فوجي سامان جو هي قافلو ڪهڙي علائقي مان گذرڻو آهي ۽ ان جي جاگرافيائي شڪل صورت ڪهڙي آهي. تنهن ڪري انن جي پيش قدمي جي ترتيب ان علائقي جي جاگرافيءَ کي ڏسي ڪئي ويندي آهي. ان لڏ پلاڻ ۽ پيش قدميءَ جي طرز ۽ طريقو پنهنجو هوندو آهي. جنهن ۾ وقت جو زيان ڪونه ٿيندو آهي. انن تي غير ضروري بار ڪونه وڌو ويندو آهي ۽ ٻنهي پاسن کان هڪ جهڙو رکيو ويندو آهي. وزن به ايترو رکيو ويندو آهي جيڪو ڏيرو ڏاگهو سهي سگهندو آهي. چاڪاڻ ته فوجي پيش قدمي وچ تي ڪٿي هرويرو رڪجي بيهي نه وڃي. ڪمانڊر انن جي رفتار مان اندازو ڪري سگهندو آهي ته اهو قافلو ڪهڙي وقت منزل ڪري سگهندو. ان قافلي جي پهريداري لاءِ گهوڙيسوارن جا دستا هوندا آهن. جيڪڏهن دشمن جو قافلي تي اوچتو حملو ٿي ويو ته انن جو مقرر تعداد چورس جي شڪل ۾ هيٺ ويهي ويندو آهي. جنهن ۾ انن جون پٺيون ٻاهر ۽ ڳچيون اندرئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي هونديون آهن. مان مياڻيءَ واري جنگي ميدان تي به انن کي ائين ويهاريو هو. اهڙيءَ ريت انن جو هڪ مضبوط ۽ زنده قلعو ٻڌجي پوندو آهي. سامان لاهي انن جي پٺئين پاسي رکيو ويندو آهي. سامان جي ٻاهران وري جت ٻاهه جا آڙاهه ٻاري ڇڏيندا آهن. هن صورت ۾ دشمن جو ڪوبه گهوڙيسوار مٿن حملو ڪري ڪونه سگهندو آهي.

منزل ڪرڻ لاءِ وقت ۽ تاڪ مقرر هوندو آهي. تنهن ڪري فوجي سپاهي اس جي تاءَ کان ڏڄي ڪٿي ڪونه ويهندا آهن، نه وري تنبوءَ جو کين اوسيئڙو هوندو آهي. تنهن ڪري انن جي هر ڪمپني يا حصو پنهنجي لاڳاپيل شعبي ۽ ريجيمينٽ سان وچي ملندو آهي. پنهنجي منزل تي پهچي اٺ هڪدم هشي ويندا ۽ ڪئمپ فالوئر اڳتي وڌي انن تان سامان لاهيندا. پوءِ اٺ ڪاهي وڃي چرڻ لاءِ جهنگ ۾ ڇڏيندا. هاٿي انن تان بار لاهي کين ويهاري ڇڏيندا آهن ۽ ڪيتري وقت تائين اهي پسون منزل واري جڳهه تي خواهه مخواهه ويٺا هوندا آهن. اهڙي ريت هنن جانورن کي سارو ڏينهن چاري پاڻيءَ لاءِ ملي ويندو آهي، پر لاڳاپيل آفيسر يا جت اهو ڪونه ڏسندا آهن. موجوده طريقي موجب ڇا ٿيو ۽ ڇا نه ٿيو آهي، پر مان شخصي طور هن طريقي کي پنجاهه پيرا جاچي ڏٺو آهي ته سست جت، سرڪاري اٺ ۽ سامان جو هاڃو ڪري گذرندو آهي. کيس خوف هوندو آهي ته متان اٺ وڃائجي وڃي ۽ ڦٽڪن جو پناڙن تي وسڪارو ٿئي، ان ڪري اٺ کي ڪاهي جهنگ ۾ وڃي هڪ نٽديءَ ٻوٽي سان مهار سان ٻڌي ڇڏيندو آهي ۽ پاڻ پاسو ڪوڙي ننڊ پئجي ويندو آهي. اٺ ان ٻوٽي کي پنجن منٽن اندر ڪائي صفا ڪري ڇڏيندو آهي. انکان پوءِ سارو ڏينهن بک تي هوندو آهي. شام جو گهوڙيسوار اچي هنن کي جهنگ مان ڪڍي، منزل ڏانهن روانا ڪندا آهن. جيڪي مقرر به ان ڪم لاءِ تيل آهن. ڪميساري عملو سوچيندو آهي ته انن سارو ڏينهن چري رڄ ڪيو هوندو. هنن ماڻهن جي ڪرڻ لاءِ ٻيا ڪم به هوندا آهن. تنهن ڪري اهو ڪونه ڏسندا آهن ته ويچارو ڏاگهو لس لنگهڻ تي آهي. هتي محنت جي تقسيم ته اٺ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي.

جڏهن مخصوص انساني گروهه ۾ منظم طريقي ۾ ذميواري جو عنصر متعارف ڪرايو ويو آهي. هتي اخلاقي احساس اُڀري نمايان صورت اختيار ڪري وني ٿو. ڪئمل ڪارپس جنهن کي هڪ پنهنجو خاص طريقو آهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ نظام آهي، جنهن کي پنهنجي ڪم تي فخر ڪرڻ گهرجي ۽ ضرورت وقت جنهن جو تحفظ بہ ڪيو ويندو آهي جيڪو تبديل تي هاٿي ڪمينو ۽ ڀڳڙ چور تي ماٺهن جي هڪ بي ترتيب ميڙاڪي جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. جنهن کي Baggage of an Army سڏيندا آهيون. فوج جو جنرل بنا ڪنهن خوف خطري جي پنهنجو سامان الڳ ڪري، منزل کان گهٽو پري آرام سان وقت گذاري سگهي ٿو. ڪيس پڪ آهي تہ هو تيز رفتاري سان سفر ڪري ساٿن گڏجي بہ هلي سگهي ٿو. چاڪاڻ ڪمانڊر ۽ انهن جي عملدارن کي اها چڱيءَ ريت خبر آهي تہ انهن جي جانورن جا حال ڪهڙا آهن. اهو هنگامي حالتن دوران انن تي لڏيل سامان لاهرائي نئين سر تقسيم ڪندو آهي. جنهن ڪري ڏيرا وهٽ بہ بچي پوندا آهن ۽ سگهارن جو بہ تحفظ تي ويندو آهي. ان کان سواءِ بيمارن اٺن جي بہ سار سنڀال تي ويندي آهي.

مان يقين سان چئي سگهان ٿو تہ منهنجي ڪمانڊ تحت هليل تازيءَ مهم دوران اٺن جو تمام ٿورو تعداد مئو هو. هي جنگي مهم پريا پنج مهينا هلي هئي، پر فقط ڏيڍ سو ڏاگها مري ويا هئا. ليڪن هي اهي ساڳيا اٺ هئا، جيڪا افغانستان واريءَ جنگ ۾ بہ ڪم آيا هئا. جيڪي بکون ڪاٽي صدما سهي، پنهنجي هيٽن حالن سان اچي سنڌ پهتا هئا. ان جنگ ۾ اٺن جو وڏو تعداد مري ويو هو. جنهنجي پيٺ ۾ هي ڏيڍ سو ڏاگها ڪجهہ بہ ڪونہ آهن.

اٺن جو گهٽ تعداد انهيءَ ڪري مئو جو مان شخصي طور جاکوڙي رهيو هوس ۽ هن جانور جي سار سنڀال لهڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيو هوس. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ اهڙي طريقہ ڪار جي ابتدا مان ڪئي هئي ۽ منهنجي مرضي هئي تہ اهو ضرور ڪامياب ٿئي. مان بي ڳالهہ هيءَ ڪئي هئي پرووسٽ مارشل کي بئگيج ماسٽر بڻائي ڇڏيو هيم. اهڙيءَ ريت پيش قدمي دوران ڪميسار فوجي سامان واري اٺن جي قافلي سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا ۽ ان جي سهائتا لاءِ بڏل هئا. ڪين حڪم ڪيو ويو هو تہ جيڪي جت ۽ ڪئمپ فالوئر پنهنجي ڪم ۾ ڊرائي ۽ سستي ڏيکارن تہ ڪين ڦٽڪا وهائي ڪڍن. بئگيجز ماسٽر کي چئي ڇڏيو هيم تہ وزن کان وڌيڪ رکيل اٺ جي بار کي ساڙي رک ڪري ڇڏي. ايترين سختين ڪندي مان ڇهہ ست پيرا ڏٺو تہ اٺن تي بي ڪئٽو بار لڏيل هو جيڪو اٺ هنڊريڊ ويٽ (800 پائونڊ) کان بہ وڌيڪ هو. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٿي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته هر اُٺ تي پنج هنڊريڊ ويٽ (500 پائونڊ) بار جيتري لڏ هجڻ گهرجي. هندستاني فوج ۾ ساڳئي وزن جيتري لَڏَ اٺن تي رکي رهي آهي. اٺن تي وڌيڪ وزن رکڻ خلاف جاچ پرک ڪرڻ جو اهو طريقو آهي. جيڪڏهن اٺن تي سندن طاقت کان وڌيڪ بار لڏبو ته هر سرگرمي ۾ ڪم جي جذبي ۾ بي قاعدگي ۽ بي ترتيبي اچي ويندي. مان سمجهان ٿو جيڪڏهن فوج اندر باقاعدگي رکڻي آهي ته ابتدا فوجي سامان ڪٽنڊڙ هنن اٺن جي قافلي کان ڪئي وڃي.

هن ڪئمل ڪارپس ۾ هڪ ٻي به سهوليت ۽ سولائي آهي، جنهن جو مان هن وقت تائين ذڪر ڪونه ڪيو آهي ته توهان ڪئمل ڪارپس جي قائم ڪرڻ سان فوجي سامان جي ڍوآئيءَ جي ڳُٽيءَ ڳاراٽي کان آجا ٿي ويندا ۽ جون به ننڊ ۾ هوندي. مان به فوجي مهم ڪي منهن ڏئي رهيو آهيان، جنهن ۾ فوجي سامان جي ڍوآئي جو ڏچو ڪونه آهي. مان پنهنجي سرگرمين جي ابتدا ڪري ٽالپرن جي اٺن ڪي مياڻي جي جنگ کان ڏهه ڏينهن اڳ ختم ڪري ڇڏيو هو. جڏهن شڪارپور ٽالپرن جي هٿن ۾ هئي ته سيئي ٺيڪيدار مير نصير خان جي هٿن هيٺ هئا. پر جڏهن اهو شهر انگريزن جي قبضي ۾ آيو ته اهي ساڳيا ٺيڪيدار مون سان ڳالهائڻ لڳا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو جنهن ڏينهن ڪيس هڪ هزار اٺ ملڻا هئا، ان ڏينهن ڪيس فقط هڪ سو ستر اٺ مس ملي سگهيا. جڏهن ته 24 مارچ واريءَ جنگ کان ٻه راتيون اڳ جت پنهنجا ٻه سو اٺ ڪيڏي پڇي ويا هليا ويا. جيتوڻيڪ ڪين پاڙو به ڏنو ويو هو. اهڙا واقعا ڪمانڊر جي اخلاقي جرئت جي پرک هوندا آهن جيتري قدر ڏاندن ۽ ٻين بار بردارن جانورن جو تعلق آهي ته انهن لاءِ به ساڳيو اصول نافذ ڪرڻو پوندو. مثال طور وهٽن سان نياءُ ڪرڻ جو جوڳو بندوبست ۽ فوجي پيش قدمي ۾ چرير جي صحيح نظام جو قيام.

مان هن يادداشت جو هڪ نقل ڪئپٽن ٿامس ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. چاڪاڻ ته هي ڏاهو ۽ تجربيڪار عملدار آهي، پر مون کي يقين آهي ته هو مون سان ضرور سهمت ڪندو. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته مان هن موضوع تي گهڻي وقت کان وٺي سوچيو ويچاريو آهي ۽ عملي طور آزمائي به ڏٺو آهي جنهن جا اميد افزا نتيجا نڪتا آهن.

مان اهو ڪونه ٿو سمجهان ته منهنجي اختيار ڪيل هن طريقه ڪار کي هتان جا مڪاني ماڻهو متاثر ڪري رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته هن جو بنياد وهٽن سان انصاف ڪرڻ جي اصول تي بيهاريو ويو آهي. جنهن ڪري هن جي زندگي بچي پوي ٿي ۽ دستيابيءَ ۾ به ڪنهن به قسم جي مشڪلات ڪانه آهي. وڌيڪ طلب ڪري خرچ به وڌي وڃي ٿو ۽ ان سبب وهٽن جي اگهن ۾ به چاڙهه اچي وڃي ٿو.

سي جي نيپئر
(صحيح)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو نائون

*لارڊ رپن ڏانهن مال غنيمت بابت لکيل خط جو اختصار*

بگتي هلس 7 فيبروري 1843ع

مان هن خط سان گڏ پنهنجي شخصي درخواست به موڪلي رهيو آهيان، هيءَ درخواست Lard of Zreasuary ڏانهن به سمجهڻ گهرجي. مان هي ڳالهه تسليم ڪريان ٿو ته مان ائين ڪرڻ ڪونه ٿو چاهيان. چاڪاڻ ته هائوس آف ڪامنس ۾ لارڊ هووڪ جاٽي ٻجهي مون تي الزام هنيا آهن ۽ هرويرو بدنام ڪيو آهي بلڪ هن مون سان ظلم ڪيو آهي. مون تي خاص ڪري اهو بهتان مڙهيو پيو وڃي ته مان مال غنيمت خاطر پنهنجن هزارن فوجين، عملدارن ۽ ويجهن دوستن کي قربان ڪيو آهي. مان يقين سان چئي سگهان ٿو ته نه مان ۽ نه منهنجيءَ فوج مذڪوره مال غنيمت تي نظر رکي ڪڏهن به جنگ ڪانه ڪئي آهي. اهڙي ڪنهن کي به توقع ڪانه هئي ته مياڻيءَ جي فتح حاصل ڪري سگهجي ٿي؟ اها ڪنهن کي توقع هئي ته ايترا بلوچ قبائلي سردار حيدرآباد پهچي منهنجي پيش پوندا؟ مان اهو سوچي به ڪونه ٿو سگهان ته توهان تي لارڊ هووڪ جي هنيل الزامن جو اثر ٿيو هوندو.

منهنجو مفاد سَاري فوج جو گڏيل مفاد آهي. صحيح فيصلو فقط هَرِ مئجسٽريٽ ڪري سگهي ٿي. مان اهو ڪندس جنهن کي اوهان انصافَ مطابق تصور ڪندا ۽ اهو ڪم پنهنجي لاءِ نه پر ٻين جي فائدي لاءِ هوندو پر چيو پيو وڃي ته مان اهو ڪم پنهنجي شخصي مفاد لاءِ ڪيو آهي. ڪڏهن وري اهي ساڳيون ڳالهيون عام ماڻهو به چوڻ شروع ڪندا. منهنجي جيڪا به ملڪيت آهي سا مان هندستان ۾ پهچڻ کان پوءِ پنهنجي حق حلال جي پگهارن مان ناهي آهي. مان مال غنيمت کان انڪار ڪري بيوقوف ۽ منافق ڪونه ٿيندس. پر لارڊ رپن، مان اوهان کي پڪ ٿو ڏياريان ته مان انهيءَ مال غنيمت بابت هميشه گهٽ سوچيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي فتح ڪري سرڪار مون کي گرانڊ ڪراس ڏنو آهي ۽ وڏي خطاب سان نوازيو آهي، جيڪا منهنجي لاءِ هڪ وڏي ڳالهه آهي.

توهان جو اهو به چوڻ آهي ته باٽا کي مال غنيمت ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اهڙي فيصلي ڪرڻ جي طاقت مون ۾ ڪانه آهي، پر مان ايترو ضرور چئي سگهان ٿو ته جيڪي ماڻهو سر ترين تي رکي وڙهيا آهن سي اهو ڪڏهن ڪونه چاهيندا ته انهن ريجيمينٽن کي به باٽا ملي، جيڪي سنڌ ۾ موجود ئي ڪونه هيون. جهڙوڪ 78 ۽ 86 ۽ ٻيون ريجيمينٽون. ساري فوج سوچي رهي آهي ته باٽا انهيءَ ڪري ڏنو پيو وڃي ڇاڪاڻ ته فوج بيماري جا ڏاڍا ڏک سٺا آهن ۽ سرڪار ان جو ازالو ڪرڻ چاهي ٿي. جنهن جا سورنهن هزار ماڻهو مس ته بچي سگهيا هئا. منهنجي خيال موجب جيڪڏهن مال غنيمت مان باٽا ڪٽيو وڃي ته باقي مال غنيمت ايتري بچندي جيتري مياڻي ۽ حيدرآباد جي جنگين ۾ وڙهندڙ فوجين کي ملي هئي. اسان مال غنيمت جا حقدار آهيون يا نه اهو هڪ جدا سوال آهي جنهن جو فيصلو هر مئجسٽي پاڻ ڪندي. پر جيڪڏهن اسان ان جا حقدار آهيون ته اسان جو حصو ائين هجڻ گهرجي جيئن ميدان جنگ تي موجود هر فوجيءَ جو هوندو آهي. باٽا ته انهن فوجين کي به مليو آهي، جن نه انهيءَ ملڪيت کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، نه مليل ملڪيت جي حفاظت ڪئي نه وري انهيءَ زماني ۾ سنڌ اندر موجود ئي هئا. اها فوج سنڌ ۾ ان وقت پهتي هئي، جڏهن اها ملڪيت بمبئي سرڪار جي خزاني ۾ جمع ٿي چڪي هئي. مون کي اها خبر ڪانه ٿي پوي ته فرق وارو ليکو ڪتان ڪڍجي. منهنجو خيال آهي ته باٽا ساري هندستاني فوج جي مال غنيمت مان هڪ جيتري ڪٽ ڪئي وڃي. هن ڳالهه جو ٻيو مطلب اهو آهي ته ايسٽ انڊيا ڪمپني مال غنيمت انهيءَ ڪري وصول ڪري رهي آهي ته جيئن اها فوجي خرچ جو پورائو ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو ڏهون

***لارڊ رپن ڏي ڪڇيءَ جي جابلو علائقي خلاف فوجي مهم جي باري ۾ لکيل خط جو اختصار***

مان سائينءَ جن کي پنهنجي آخري خط ۾ اهو ٻڌايو هو تہ مان دشمن خلاف حملي ڪرڻ لاءِ تياريون ڪري رهيو آهيان. هن خط پهچڻ کان اوهان اهڙيون خبرون ضرور ٻڌيون هونديون تہ مان دشمن مٿان نهايت ڪامياب حملو ڪيو آهي. اهڙيون پيرائتيون خبرون اوهان کي سرڪاري طور ٻڌايون وينديون. تنهن ڪري مان هتي گهٽيءَ ڊيگهہ ۾ وڃڻ ڪونہ ٿو چاهيان. مان هاڻي دشمن جي ڪِڏ ڪاهي وڃي رهيو آهيان. پر آڏو ڏاڍيون مشڪلاتون موجود آهن. هتڪتو آهي تہ هي بلوچ ڏاڙيل پڇي وڃي ملتان جي سرحدن اندر لڪي جند ڇڏائيندا. پر مان ان ملڪ اندر داخل ٿيڻ کان هٽرايان ٿو. اوهان کي فقط هڪ فوجي ٻڌائي سگهي ٿو تہ واريا سي رڻ پٽ. ويران جابلو علائقي ۾ اتان جابلو ماڻهن سان جنگ ڪيڏي ڏکي آهي جتي انچ انچ تي وڏي خبرداريءَ کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. ان کان سواءِ جبلن جي لڪن ۾، موت جي محفوظ رستي کان سواءِ داخل ٿي ڪونہ ٿو سگهجي. دشمن جي جاسوسي وسيلي صحيح معلومات حاصل ڪرڻ بہ ڏکي ڳالهہ هوندي آهي. جيڪڏهن ملتان جي حڪمران هنن ڏاڙيلن کي پنهنجي علائقي ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ڏني تہ انهن کي جهلڻ ڏاڍو مشڪل ٿي ويندو.

منهنجيءَ هن ڳالهہ تي ويساهہ ڪريو. لارڊ رپن تہ پنجاب کي فتح ڪرڻ نهايت ضروري آهي. مان توسيع پسنديءَ جي خلاف آهيان، پر سرحد کي ستلج تائين وڌائڻ جو ضرور حامي آهيان. پر اسان کي پنجاب ۾ ضرور داخل ٿيڻ گهرجي. لارڊ هووڪ چوندو تہ چارلس نيپئر مال غنيمت لاءِ سندرو ٻڌي بيهي رهيو آهي، پر ائين ڪونہ آهي. هاڻي منهنجي عمر اهڙي آهي جو جنگ جون سختيون سهي ڪونہ سگهندس. مان پنجاب وڃڻ بہ ڪونہ چاهيندس. هتي مان فقط ڪئٿنو جا لفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورجائڻ چاهيان ٿو جنهن چيو هو تہ ”پنجاب هندستان جو ڪارتجو آهي جنهن کي فتح ڪرڻ گهرجي پر تباهہ ڪرڻ بہ کپي.“ هن ملڪ جي موجوده صورتحال، انگريزن لاءِ ڏکي ۽ ڏنگي آهي. اهڙي ڳنڀير وايو منڊل کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ ۾ يارهن هزار فوج رکيون ويٺا آهيون. ايتري گهٽي فوج تہ سنڌ فتح لاءِ بہ ڪم ڪانہ آندي وئي هئي. مان جنگ جو بہ عاشق آهيان تہ ان کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ چاهيان ٿو. مون تي اهڙا الزام هڻڻ ۾ بي انصافي ٿيندي. مون کي خبر آهي تہ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس اٿين اگوندرائيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي، جيئن هڪ جاهل ڊاڪٽر پنهنجي مريض سان ڪندو آهي. جيڪو هن جي چمڙيءَ جي دوا تہ ڪندو آهي، پر چڪاسي ڪونہ ڏسندو آهي تہ سندس جسم، اندر جي کهڙيءَ اگهائي ڪان نبل ۽ نستو آهي. اوهان اک وٺائي ڏسو تہ مرهٽن جي ملڪ جون حالتون ڪيڏيون ڳنڀير آهن. اسان اهو ڪيئن سمجهي سگهنداسون تہ جڏهن ڏيهي راجائون پنهنجي تخت تي موجود آهي ۽ اسان محفوظ آهيون ۽ اهي حڪمرانيون اسان جي ملڪي سرحدن اندر آهن. اهو هڪ خاص علائقي جو معاملو آهي. هن جنگي مهم جي خاتمي کان پوءِ پلي ساري فوج سر هينري جي حوالي ڪريو. اميد آهي تہ اهو معاملو پندرهن ڏينهن فيصل ٿي ويندو پر ان لاءِ ڪير بہ اڳڪتي ڪري ڪونہ سگهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو يارهون

*13 ريجيمينٽ جي انهن رضاڪارن جا نالا جن 8 مارچ 1845ع تي تروڪي جي جبلن وارن لڪن کي بند ڪري ڇڏيو هو.*

1. سرجنٽ جان پاور: هي ماٿهو سيني ڪان اڳ هڪ اتاهين چوٽيءَ تي چڙهي ويو. کيس هلڪا زخم رسيا هئا.
2. ڪارپورل ٽامس واٽرس: هي اتاهينءَ چوٽي تي ڪونه پهتو هو. کيس به ميڊل مليا هئا.
3. جان ڪيني (خانگي سپاهي): هي ماٿهو ٽڪريءَ جي صفا چوٽيءَ تي پهچي ڪونه سگهيو هو تي ميڊل مليس.
4. جان ائڪٽن (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. ٽن دشمنن کي قتل ڪري ۽ پاڻ به مارجي ويو. تي ميڊل مليس.
5. رابرٽ ائڊابر: ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. ٻن دشمنن کي قتل ڪري ۽ پاڻ به مارجي ويو. به ميڊل مليس.
6. هيو ڊنلئپ (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. ٻن دشمنن کي قَتل ڪيائين. پاڻ به مارجي ويو.
7. پئٽرڪي فئلون (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. مارجي ويو. به ميڊل مليس.
8. سئموئل لوري (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. دشمن ڪمانڊر کي قتل ڪيائين. پاڻ به قتل تي ويو. به ميڊل مليس.
9. وليم لَوليس (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. مارجي ويو.
10. ائنٽوني بروڪ (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. ٽن دشمنن کي قتل ڪيائين. به ميڊل مليس.
11. بارٿولو ميُوروهان (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. هڪ دشمن کيَ قتل ڪيائين. ستت زخمي ٿيو. به ميڊل مليس.
12. جان مئلوني (خانگي): هي ماٿهو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتو. ٻن دشمن کي قتل ڪيائين. بورڪ ۽ روهان کي بچائي ورتائين. بسخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زخمي ٿيو. ھہ ميڊل مليس. ھي پنھنجي ٻئنيٽ سان زخمي ٿيو ھو. ھن پھريائين اھا ٻئنيٽ دشمن کي ھنئي، پر ان پنھنجي سيني مان ڪڍي مئلوني کي ھنئي ھئي.

13. جارج ڪئمبلي (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پھتو ھن دشمنن کي قتل ڪيائين.
14. فلپ فئي (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ڪونہ پھچي سگھيو. ھہ ميڊل مليس.
15. مارڪ ڊئوس (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽي تي پھچي ڪونہ سگھيو. ھہ ميڊل مليس.
16. چارلس ھاٽرون (خانگي): ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ڪونہ پھچي سگھيو. ھہ ميڊل مليس.
17. سپاھي رمضان آھير: ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پھچي ڪونہ سگھيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو ٻارهون

*سر راڊرڪ مرچيسن جي خط جو اختصار جيڪو هن ڪئپٽن وڪري جي لڏل جيالاجيڪل نمونن بابت هن کي لکيو هو. ڪئپٽن وڪاري کي اهي نمونا سر چارلس جي ڪڇيءَ جي جابلو علائقي خلاف جنگي مهم دوران هٿ آيا هئا.*

مان هي خط ڪئپٽن وڪاري جي موڪليل ان رپورٽ جي جواب ۾ روانو ڪري رهيو آهيان. جيڪا هن بلوچستان جي جابلو علائقي مان لڏل جيالاجي جي نمونن بابت منهنجي راءِ معلوم ڪرڻ چاهي هئي. مذڪوره ڪئپٽن جي موڪليل رپورٽ، جيالاجيڪل سوسائٽي ۾ دلچسپي پيدا ڪئي آهي ۽ ان موضوع سان لاڳاپيل بحث به ڇڙي پيو آهي. سر چارلس نيپيئر هڪ اٺ جي بار جيترا عجيب غريب پنڊ پاهڻ موڪليا آهن. جيڪي ڪوڏ ۽ گهونگهن آهن. ڪي نمونا ته هوبهو اهڙا آهن جهڙا پائرينسس جي جابلو علائقي جي چاڪ واري مٽئين تهه تان لڌا آهن. هي پهريون پيرو آهي جو افغانستان ۽ بلوچستاني جابلو علائقي جي قديم دور جو پتو پيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو تيرهون

*ممبئي جي گورنر ڏانهن چارلس نيپئر جي لکيل خطن جو اختصار . جن ۾ شڪايت ڪئي وئي هئي تہ ڊاڪٽر بسٽ ڪجھ جعلي ۽ ڪوڙا خط اخبار ۾ شايع ڪيا آهن.*

ڪراچي، 13 آگسٽ 1845ع

گورنر ممبئي

مان وارا سائين

دي بامبي ٽائيمس اخبار پنهنجي 13 جولاءِ واري شماري ۾ هڪ خط ڇاپيو آهي. جيڪو هندستان جي گورنر جنرل ان ڪائونسل ڏانهن مخاطب ٿيل آهي جنهن جي هيٺيان منهنجو نالو لکيل آهي. سائين مان اهڙي قسم جو خط تہ گورنر جنرل ان ڪائونسل ڏانهن لکيو آهي نہ وري ڏانهس شخصي طور ڪو خط لکيو آهي. تنهن ڪري مان اوهان عزت ماب ان ڪائونسل ڏانهن هن خط سان گڏ هڪ قسم نامو موڪلي رهيو آهيان ۽ گذارش ڪري رهيو آهيان تہ اوهان دي بامبي ٽائيمس اخبار خلاف قانوني قدم کڻو. ڇاڪاڻ تہ هن سرڪاري ڪاغذ جي جعلسازي ڪئي آهي. انهيءَ منهنجي ڪوڙي صحيح ڪئي آهي. هن کان سواءِ اوهان عزت ماب ان ڪائونسل پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪو بہ قدم کڻي سگهو ٿا، جيڪو اوهان جي نظر ۾ مناسب هجي. ان لاپرواهہ ماڻهوءَ کي انهيءَ مقصد سان جوڳي سزا ملڻ گهرجي تہ جيئن سرڪاري آفيسن جي عزت ۽ آبرو دي بامبي ٽائيمس جي ايڊيٽر جي غلط اثر کان بچي سگهي. جيڪڏهن مذڪوره ايڊيٽر خط لکندڙ جو نالو ٻڌائيندو ۽ اهو سنڌ ۾ هوندو تہ مان ان تي جنرل ڪورٽ مارشل ۾ ڪيس هلائيندس. پر جيڪڏهن قانون جي عملدارن مناسب سمجهيو تہ ان کي گرفتار ڪري، بمبئي روانو ڪيو ويندو انهيءَ لاءِ تہ جيئن مٿس اتي مقدمو هلي.

س جي نيپئر

صحيح

گورنر بمبئي ان ڪائونسل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گورنر جنرل ڏانهن لکيل خط جو اختصار

16 نومبر 1843ع

مان هي ڳالهه سمجهي ڪونه سگهيو آهيان ته بمبئي سرڪار جي خط جو مطلب ڇا آهي. هڪ سرڪاري ڪاغذ چوري ٿيو آهي جيڪو بامبي ٽائيمس اخبار ۾ ظاهر ٿيو آهي، ان لاءِ هن اخبار جي مالڪن کي گهرائي پڇيو وڃي ته انهن کي اهو ڪاغذ ڪٿان مليو آهي؟ هيءَ اهڙي ملڪيت آهي جنهن سان هٿ چراند ڪري ڪانه ٿي سگهجي. مان اوهان ڏانهن گهربل خط موڪلڻ ڪونه پئي چاهيو جنهن لاءِ سنو سبب به هو. ڪئپٽن پاويل، انڊين فلوٽيلا جو ڪمانڊنگ آفيسر آهي، جنهن ٻڌايو ته سنڌس خيال آهي ته اٿين ڪرڻ سان نيوي وارا ڪاوڙجي پوندا. چاڪاڻ ته اهي ڪونه چاهيندا آهن ته انهن ڏانهن ويندڙ خط فوج جي اردلي بوڪ تي لکيل هجن. تنهن ڪري مان ساموندي ماڻهن کي ڪاوڙائڻ ڪونه چاهيو. ڇاڪاڻ ته منهنجو مقصد گڏجي ڪم ڪرڻ جو آهي، پر ان وقت منهنجي پيرن هيٺان جڻ ڌرتي ڇڏائجي وئي جڏهن دي بامبئي ٽائيمس ۾ اوهان ڏانهن خط ڇپيل ڏٺم. جنهن جي هيٺيان منهنجو نالو لکيل هو. اهو خط هڪ ڊرافٽ جي شڪل ۾ آهي جيڪو هن وقت مون وٽ موجود آهي. اها ڳالهه چٽي آهي ته اهو خط ڪهڙي به ويل دي بامبي ٽائيمس حاصل ڪري سگهي ٿي. مان سمجهان ٿو ته هن سرڪاري صندوق ۾ رکيل هر سرڪاري دستاويز محفوظ ڪونه آهي. جيڪڏهن انهن ڪاغذن وٽ دي بامبي ٽائيمس پهچي سگهي ٿي ته ڪو ٻيو به پهچي سگهي ٿو. مان ته صندوق جي ڪنجي ڪڏهن ڪڏهن ڪيسي ۾ وجهڻ وساري ويهندو آهيان.

مسٽر ليميسيوريئر جو اصول اهي ته سرڪاري ڳجهه نهايت خبرداري سان ڇاپيا ويندا آهن ۽ سمجهيو ويندو آهي ته اهو سچو آهي ۽ تعين ڪيو ويندو آهي ته اهو ان ماڻهو لکيو آهي، جنهن جي هيٺان صحيح به آهي. جنهن طريقي سان اهو ڪاغذ حاصل ڪيو ويو آهي يا ڪهڙي ماڻهوءَ اهو سرڪاري ڪاغذ هٿ ڪيو سو ايڏو ضروري ڪونه آهي. مون کي پڪ آهي ته اهو ڪهڙو ماڻهو جنهن مذڪوره سرڪاري ڪاغذ چورايو آهي. ڪئپٽن پاويل کي اهڙي ساري سڌ آهي، پر اسان وٽ ڪابه

ثابتي ڪانہ آهي. پر سَگَ دي بامبي ٽائيمس اخبار وٽان لڌو آهي. بمبئي سرڪار ان تي آگر ڪانہ ڪٽندي ۽ ائين بہ ڪانہ چوندي تہ تنهنجي منهن ۾ بہ اکيون. ان اخبار جو ايڊيٽر ڦڙپاٽيون هٽندو ٿو وتي تہ هن جا سرڪار سان ناتا واسطا آهن. اهڙي ثابتي لاءِ ڊاڪٽر بسٽ جو خط ڏسي سگهجي ٿو. ليڪن مان سمجهان ٿو تہ هن ڪا راز جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو چوڏهون

*گورنر جنرل ڏانهن چارلس نيپئر جي لکليل خط جو اختصار جنهن ۾ ڪرنل آئوٽرام جي اخبار ۾ ڇپيل خط جي شڪايت ڪئي وئي هئي:*

3 آگسٽ 1845ع

رائيٽ آنربل سر

ڪئپٽن آئوٽرام ايسٽ انڊيا ڪمپني جو بنا پگهار جي ملازم آهي. جيڪو هاڻي ڪمپنيءَ ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدي تي آهي، جنهن جو بدنامي سان لاڳاپيل هڪ خط ڇپيو آهي ۽ مون کي سنڌ جي گورنر جي حيثيت ۾ اخلاقي طور مجروح ڪيو آهي. هن مون تي هڪ خطرناڪ الزام هنيو آهي ته مان هر مئجسٽي جي 78 ريجيمينٽ کي تباهه ڪرڻ جو مجرم آهيان. مان اوهان عزت ماب ان ڪائونسل کي ڏکهو خط لکي بيزار ڪرڻ ڪونه ٿو چاهيان. پر سولي ۽ مختصر نموني سان آئوٽرام جي غلط بياني کي رد ڪرڻ گهران ٿو. جيڪا هن ارادي سان ڇاپرائي مون کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان فقط سندس ان بيان جو هڪ حصي جو نقل اوهان ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. جيڪو مون تائين پهچي سگهيو آهي.

جڏهن ته مان هن سرڪاري عملدار کي خانگي يا سرڪاري طور تي لفظن جي نقطهء نظر کان يا عملي طور رنجائڻ جو ڪو موقعو ڪونه ڏنو آهي. ان ڪري سندس مون سان دشمني بنا ڪنهن سبب جي آهي.

مان سمجهان ٿو ته هن ماڻهوءَ منهنجي ڀاءُ ميجر جنرل وليم نيپئر جي لکيل ڪتاب جي جواب ۾ مون تي الزام هڻي رهيو آهي. مان هن وقت ايشيا ۾ آهيان ۽ هو ماڻهو يورپ ۾ ويهي منهنجي خلاف الزام تراشي ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري مان هن کي جواب به ڏئي ڪونه ٿو سگهان. مان انهن تحريرن کي سٺو سمجهان يا خراب، سچ سمجهان يا ڪوڙ اجائي بڪواس آهي يا حقيقت آهي. اهڙين ڳالهين لاءِ مان نه پر ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام ذميوار آهي.

جيڪڏهن آئوٽرام هڪ ٽريبونل جوڙي وڏن فوجي عملدارن کي مجرمن وانگي گهلي اچي ان آڏو بيهاري، پر منهنجي لاءِ ائين ڪري ڪونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ هاڻي حالتون ڪجهہ ٻيون آهن ۽ ان ٽريبونل جي اختياري حد ايشيا تائين وسيع ڪانہ آهي. ان ڪان سواءِ جنرل نيپئر اهو ڪتاب ايترو پري ويهي لکيو آهي جو ان باري ۾ ڪو صلاح مشورو ڪرڻ بہ ممڪن ڪونہ هو. مان اهو ڪتاب اسي ڪلاڪن ۾ پڙهي پورو ڪيو آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ تمام گهڻو مواد ڇاپيل آهي. جنهن بابت مون کي پڙهڻ کان اڳ گهٽ خبر هئي.

جيتري قدر منهنجي هلت چلت جو تعلق آهي تہ اها سنڌ تي ڇاپيل ٻن ڪتابن ۾ موجود آهي. ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام سان منهنجو رويو ڪهڙو هو، سو بہ ان ڪتاب ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مان هڪ واضح، کليل، سڌو سنئون، فوجي عملدار ۽ سرڪاري ماڻهو آهيان. هي عملدار منهنجي خلاف دشمني جو اظهار انهيءَ لاءِ ڪري رهيو آهي جو ونس سهپ جي ايڏي گهجي ڪانہ آهي ۽ پلاند ونڻ لاءِ پنهنجي بدنيتي جو اظهار ڪري رهيو آهي. اهڙيون ڳالهيون مايوس ذهن جي پيداوار هونديون آهن. اهو ماڻهو ڪندو آهي جيڪو فقط پاڻ تائين محدود هوندو آهي ۽ عقل محدود هوندو آهي. مان فوج کي وڏي تباهي کان بچائي ورتو آهي. جنهن جو شاهد اهو ڪتاب آهي. جيڪڏهن مان ليفٽيننٽ ڪنرل آئوٽرام جي مشوري تي هلان ها تہ ساري فوج ختم ٿي وڃي ها.

ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام انهن ڪمن جو ذميوار آهي جيڪي سندس نالي ٿيل آهن. جنرل وليم نيپئر بہ انهن ڪمن لاءِ ذميوار آهي، جيڪي سندس منصبي فرض اندر آهن. مان انهن ڪمن جو ذميوار آهيان جيڪي سرڪاري طور منهنجي حوالي ڪيا ويا آهن. پر اسان مان ڪوبہ انهن ڪمن جو ذميوار ڪونہ آهي. جيڪي ٻين لکيا آهن.

مان اوهان عزت ماب ان ڪائونسل جي معرفت اهو مطالبو ڪريان ٿو تہ هر مئجسٽي جي سرڪار جو بچاءُ ڪيو وڃي. ان ڪانسواءِ مان معزز ڪورٽ ڊائريڪٽرس کي گذارش ڪري رهيو آهيان تہ اها مون تي ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام جي الزام کان تحفظ ڏئي.

مان پنهنجي قوم جي خدمت سچائي ۽ نيڪ جذبي سان ڪري، سدائين سويون ماڻيون آهن ۽ هندستان سرڪار جا نهايت فرمانبرداري سان حڪم مڃيا آهن. مان پنهنجو پاڻ هر مئجسٽي جي عزت ۽ وقار خاطر پاڻ ارپي ڇڏيو ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي فوج جو شان مٿي ڪيو آهي. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص ڪري فوج جو اهو حصو جيڪو بمبئي سرڪار سان واسطو رکي ٿو جنهن سان منهنجو تعلق بہ آهي. هي ماڻهو منهنجو هٿياربند ساٿي ۽ شخصي دوست آهي. پر انهيءَ زماني ۾ سنڌس حيثيت ڪئپٽن جي هئي ۽ هن ماڻهوءَ جي اڻ ڄاڻائي ڪري ساري فوج تباھ ٿي رهي هئي. هن جو مون سان تعصب بنا ڪنهن سبب جي آهي. جيڪڏهن مان ڪيس ڪو نقصان پهچايان ها تہ مناسب وسيلي سان ان جو ازالو ممڪن هو. اهڙو ازالو هر مئجسٽي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي فوج جي هر سپاهيءَ لاءِ هوندو آهي.

مون ڪي هن وقت تائين هر مئجسٽي، پارليامينٽ، برطانيہ سرڪار ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ۽ هندستان سرڪار اعزازن ۾ خطابن سان نوازيو آهي. پر فوج جي هڪ ڪئپٽن ڪي اهو اختيار ڪونہ آهي تہ ساري فوج سنڌس ڪمانڊ هيٺ رهي. جڏهن تہ سنڌس ماتحت فوج وڏي لشڪر جو هڪ معمولي حصو هوندي آهي. اها ڪيڏي نہ وڏي غلطي هوندي، جو اهو ڪئپٽن هڪ جنرل کي بدنام ڪري ۽ فوج پنهنجي جنرل کان نفرت جو اظهار ڪري.

سائين، مون کي ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام جي الزام هڻڻ خلاف ڪابہ شڪايت ڪانہ آهي. ڪيس موڪل آهي تہ منهنجي خلاف ڇا بہ ڇاپرائي. پوءِ بہ منهنجيءَ فوج تي ان جو ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو. ڇاڪاڻ تہ اها منهنجي ڪردار کان چڱيءَ ريت واقف آهي. تنهن ڪري هو مون کي ڪنهن بہ قسم جو هاڃو پهچائي ڪونہ ٿو سگهي. ان جي نتيجي ۾ ڪتاب جي مصنف خلاف نفرت بہ پيدا ٿي ڪانہ ٿي سگهي. پر ڪن خاص حالتن ۾ اها هڪ وڏي غلطي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ويچارا جابلو ماڻهو ڇا سوچيندا. ڇاڪاڻ تہ هنن پوني جي بئرڪن ۾ منهنجي الزامن بابت ضرور پڙهيو هوندو. اها تحرير ائين لکيل هئي جڻ ان باوقار ريجيمينٽ تي مان پاڻ پنهنجي قلم سان الزام مڙهيا آهن. ان کان پوءِ جڏهن ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام پنهنجي تحريرن ذريعي اهو ٻڌائيندو تہ سنڌس جنرل کي سب آلٽرن جيترو بہ عقل ڪونہ هو ۽ اهڙا بيوقوف سب آلٽر پنجن سالن تائين ان فوج ۾ بہ موجود ڪونہ هئا. ان کان سنڌس هي الزام تہ سر چارلس پنهنجي دوست فوجين کي تباھ ڪري ڇڏيو آهي.

اوهان جو وفادار

سي جي نيپئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو پندرهون

*سر چارلس نيپئر جي گورنر جنرل ڏانهن تمغن بابت لکيل خط جو اختصار*

7 نومبر 1845ع

اسان کي پنهنجا ميڊل ملي ويا آهن. جيڪي اسان ڏانهن رسد گاهه جي سامان سان گڏ ٻيڙين ۾ ٻڌي موڪليا ويا آهن. انهن ۾ ربن يا ڪو بيو توڙهو ٻڌل ڪونه هو. جنهن سان سيني تي لڙڪائي سگهجن. هنن ميڊلن کي ٺهرائڻ لاءِ لارڊ ربن پورا ٽي سال لڳائي ڇڏيا، تڏهن مس وڃي تيار ٿيا هئا. اهي مون کي بنگال کان ٿيندا پوءِ مليا هئا ۽ ڏاڍي شريفاڻي طريقي سان ڪمانڊر ان چيف پنهنجي ائڊ جوٽنٽ جنرل معرفت موڪليا هئا جيڪو هڪ راسخ العقيده دهريو آهي. اهڙي ريت ليفٽيننٽ ڪرنل پيني فادر منهنجو ميڊل مون ڏانهن روانو ڪيو هو. هتان جي ڪن عملدارن کي پنهنجا ميڊل ڪن خانگي ماڻهن وسيلي هن کان گهڻو عرصو اڳ ملي چڪا هئا. انهن ماڻهن سڀ کان پهريان مون کي ٻڌايو هو ته ميڊل پهچي چڪا آهن. اهي ماڻهو ڪاوڙجي پنهنجا ميڊل مون وٽ کڻي آيا هئا. خير، ميڊلن ڏيڻ جو اهو بمبئي وارو طريقو آهي، جنهن مطابق اعزاز ڏيڻ کي ڪا اهميت ڪانه هوندي آهي.

----------

*سر چارلس جي گورنر جنرل ڏانهن لکيل خط جو اختصار جيڪو هن ڏانهن ٽالپرن ۽ انهن جي زالن جي ڪجهن منصوبن بابت لکيو هو.*

9 سيپٽمبر 1845ع

مون کي شير محمد ۽ شهداد وچ ۾ ٿيندڙ لکپڙهه جو پتو پيو آهي جڏهن ته پوئين نالي وارو مير سورت ۾ رهندو آهي. مذڪوره لکپڙهه ميرن جي عورتن وسيلي هلندي هئي. انهيءَ منصوبي ۾ مرزا خسرو به شامل هو. جيڪو ڏاڍو تيز فهم ماڻهو آهي. مرزا خسرو زنانه خاني ۾ وڃي خزانو انهن ماڻهن جي حوالي ڪرڻ وارو هو. جيڪي سورت وڃي مير شهداد کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچائي اچڻ جا ذميوار هئا. انهيءَ ڪم لاءِ کين انعام بہ آچيو ويو هو. مرزا پنهنجي لاءِ مشڪلاتون پاڻ پيدا ڪري رهيو هو. ان لاءِ مٿس ڪو ڏوهہ بہ مڙهي ڪونہ ٿو سگهجي. ٽالپر عورتون کيس خزانو حوالي ڪري ويون هيون جنهن کي لڪائي ڪٽي وڃڻ جي ضرورت هئي. مرزا ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ انهن ماڻهن سان بحث ڪري رهيو هو جيڪي اها رقم پهچائڻ جا ذميوار هئا. ان کان پوءِ هڪ حوالدار ”اچ اچ“ جا لفظ چئي خسروءَ کي ٻانهن کان جهيلو. بعد ۾ خسيرو ليفٽيننٽ ڪرنل مئڪ فرسن کي ڪُتڙ کان جهلي کيس گهٽنا ڏيڻ لڳو. جنهن کي جهلي قيد ڪيو ويو. بامبي ٽائيمس جو چوڻ آهي تہ مان کيس ڦٽڪن هڻڻ جي سخت سزا ڏني هئي. پر حقيقت اها آهي تہ ما کيس اهڙي سزا ماڳهين ڏني ئي ڪانہ هئي. مان تہ کيس پاڻ وٽ گهرائي چيو هو تہ توکي اهڙيون ڳالهيون ڪونہ ٿيون سونهن. ان کانپوءِ کيس آزاد ڪيو ويو هو. کيس فقط ايتري چنڊ پٽي هئي، جنهن کي هو سزا ٿو سمجهي. اتي بيٺل سپاهيءَ جڏهن مئڪ فرسن جي اها توهين ڏٺي تہ هن پنهنجي بندوق جي بئنٽ سان مرزا خسرو تي حملو ڪيو. پر کيس مئڪ فرسن بچائي ورتو هو. هن ماڻهوءَ کي ٽالپر سازشن ڪرڻ لاءِ پٺيان ڇڏي ويا هئا. مجنونءَ نالي هن غلام سان نوروءَ جي بيوهہ بہ پٽ ۾ جهٽ هئي. جنهن جو نالو ڪرين هو. هن مير نصير کي بہ جنگ لاءِ ست لک رپيا ڏنا هئاءِ ڪانئس واپس ورتا هئا. کي چون ٿا تہ هيءَ رقم ست لک نہ پر ڇهہ لک هئي. مير شهداد ڏانهن موڪلي ويندڙ قم بہ ڇهہ لک هئي، ليڪن هن عورت جي سامان کي کولي ڏسڻ جو حڪم ڪونہ ڏنو ويو هو.

هن کان سواءِ محبوب نالي هڪ غلام کي گرفتار ڪيو ويو هو جنهن جي تلاشي وٺڻ کان پوءِ سندس قبضي مان سونيون مهرون هٿ لڳيون هيون جن جي قيمت ٽي هزار روپيا هئي. هن وٽان تلوار جو هڪ قيمتي مُنيو بہ مليو هو. جيڪو لاجورد پٿر جو هو. هن جو مير شهداد سان ڳجهو لاڳاپو هو. سندس صندوق مان مير شير محمد جو شهداد ڏانهن لکيل خط بہ هٿ لڳو هو. محبوب جو چوڻ آهي تہ سونيون مهرون مرزا خسروءَ جون آهن. جڏهن تہ مرزا خسرو چوي ٿو تہ اهي ميرن جي عورتن ڏنيون آهن. اهڙي ڳالهہ ثابت ڪرڻ مشڪل آهي. پر هنن ماڻهن وسيلي اڳي بہ مير شهداد ڏانهن اٺ هزار روپيا موڪليا ويا آهن. ٽي سگهي ٿو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها رقم گهٽ وڌ به هجي. مان اها ساري رقم ميرن جي عورتن ڏانهن موڪلي چڏي آهي. اسان کي ڪجهه ڪشميري شالون ۽ پَٽَ جا ڪپڙا به مليا آهن. مون کي شڪ آهي ته اهي ميرن جي خزاني مان چورايا ويا آهن جنهن کي توشا خانو سڏيو ويندو آهي. اهي شيون ڏوبين وٽان مليون هيون. سنڌن چوڻ آهي اهي کين ميرن ڏنيون هيون. اهو ممڪن به ٿي سگهي ٿو. شڪ انهيءَ ڪري آهي ته اهي شيون ڏاڍيون قيمتي آهن. هنن مان هڪ ماڻهو پنهنجون ٿي ڏيئرون مير نصير ۽ ٻين ميرن کي ڏنيون هيون. هنن ميرن مان مير شهداد پنهنجي شخصيت ۾ وڏيڪ سهڻو هو.

مان سوچي رهيو آهيان ته اهي شيون مالڪن کي موٽائي ڏيان. چاڪاڻ ته اهي انگريز سرڪار جي ڪنهن ڪم جون ڪونه آهن. مير دل جا سخي هئا. جيڪي پنهنجي ماڻهن کي دل کولي انعام به ڏيندا هئا. وري اهو به سوچيان ٿو ته انهن جي جاچ پڙتال ڪرڻ به ضروري آهي.

شير محمد جي مير شهداد سان ٿيندڙ لکپڙهه هڪ جدا معاملو آهي ليڪن مان ٻڌو آهي ته شهداد ڏاڍي مزي سان زندگي گذاري رهيو آهي. ڪيس هيڏي هوڏي ڦرڻ گهرڻ جي ڪلي ڇوٽي مليل آهي. انگريز عملدار سندس دوست آهن. مان هن باري ۾ سر آرٿر ڏانهن لکيو آهي ته هن سان ايتريون رعايتون ڇو پيون ڪيون وڃن. هي انگريز دشمن ماڻهو آهي، جيڪڏهن ڪيس ايڏي ڇڙواڳي ملي وئي ته نقصان جو انديشو آهي. منهنجي مرضي آهي ته ڪيس بنگال موڪليو وڃي، جتي هن مٿان پوري چڪاس رهندي ۽ سنڌ کان به پري هوندو. مرزا خسرو ايراني ۽ ميرن جو غلام آهي. بهتر اهو ٿيندو ڪيس به ميرن ڏانهن موڪليو وڃي. ميرن جون عورتون سنڌ ڇڏڻ لاءِ راضي ڪونه آهن، پر هتي رهنديون ته سازشن کان ڪونه مڙنديون. اهڙين ڪروڌي ڳالهين کي جيڪڏهن ٻنجي ڏيڻ لاءِ جاکوڙيو ته ماڻهو مون لاءِ ڪيئي گٿيون ڳالهيون چئي وڃي پار پوندا. بمبئي جي ڊر کي زبان ۾ ته نه آ ڪندو نه مُندو. ٻي به هڪ کُهتي چاڻ ملي آهي ته علي مراد جي نيت جو ڪجهه کهندو آهي ۽ پير اوٽا پيو ڪٽي. اولهه وارن ماڻهن سان سندس لکپڙهه جاري آهي. مٿس تکيءَ نظر سان تاڙ جاري آهي. مون کي جيڪڏهن مناسب لڳو ته ضرور چوندومانس ته سڌري هل. مان سمجهان ٿو ته هن جي نيت ۾ کوٽ ڪونه آهي، پر سندس درٻارين جا ارادا اوېڙا آهن، جن جي فرنگي ڪافرن سان ته مورئون ڪانه پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو مشورو آهي تہ شهداد کي بنگال جي ڪنهن قلعي ۾ وجي قيد ڪجي. جيڪڏهن هو بمبئي پريزيڊنسي ۾ رهندو تہ چڱو نہ آهي. خوف آهي تہ متان ڪو پنڻ ٻاري وجهي ٻيا ماڻهو تہ ٺهيو پر بمبئي جو گورنر پاڻ هن کي چٽي رهيو آهي تہ تون شهيد (مجاهد) آهين ڪو باغي ڪونہ آهين. هو ڪيس ائين ناوا ۽ ڏهيون التي وجي پار پيو آهي.

بلوچ جاگيردار جو تہ ويجهي چڪ ۾ ڪو نانءُ نشان بہ ڪونہ آهي. جيڪو "مان" ڪري ڳالهائي، ڪارا ڪپڙا سڀ گڏ پيا هلن. هاڻي هر شي سان مري ويا آهن. اهي قبائلي سردار بہ ٽالپرن کان ائين پيا وئن وڃن ڇڻ گنجو پاڪيءَ کان. هنن جي حڪمراني پڄاڻي کي پهتي آهي تہ سندس ننهن نيڻ ٺري پيا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ٽالپرن کي ڦاهيءَ لڙڪايو وجي يا کين تخت تان لاٿو وجي تہ هنن لاءِ پنجهر بہ ڪونہ پرندو. سنڌي هندو ۽ سنڌي مسلمان تہ ٽالپرن کان نفرت ڪندا هئا. بلوچ هنن کان پاسيرا هئا. هر قبيلي جو ماڻهو پنهنجي سردار جي ويجهو ٿيڻ چاهيندو هو. کين هٿڪتو هو تہ انگريز کائن جاگيرون کسي سندن پڙ ٿي پالها ڪري ڇڏيندا. پر هنن جڏهن ڏٺو تہ اسان سندن جاگيرداريءَ کي وڏيڪ پڪو ڪري رهيا آهيون تہ هو ڏاڍا خوش ٿي ويا هئا تہ هاڻي تہ سندن ڏهہ ئي آڱريون گيهہ ۾ آهن. جيڪڏهن ڪو اوپرو ماڻهو اوک ڊوک واري اک سان اڇي وايو منڊل کي ڏسندو تہ سمجهندو تہ بروبر بگهڙ جو پير آهي. سنڌ ۾ رهندڙ يورپي بہ ائين ائي سمجهندا آهن. جيڪڏهن مان غلط نہ آهيان تہ بلوچ ٻئي ڪلها وهندا هئا. پاڻ ۾ ٻوڙو ٻڌي سنڌي کي بہ ڦريندا هئا تہ انگريزن سان بہ ٺڳي ڪندا هئا. جابلو علائقي خلاف جنگي مهم اسان لاءِ هڪ پرک هئي. جيڪڏهن پنجاب خلاف جنگ لڳي تہ اها اسان لاءِ ٻي پرک هوندي، جيڪا هن جي مقابلي ۾ وڏي هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمون سورهون

*سر چارلس جي انهن خطن جو اختصار جيڪي هن مير نور محمد خان جي بيواهہ ڏانهن لکيا هئا، ۽ ان خط جو اختصار جيڪو ميرن ۽ سنڌن مستورات جي خفيہ رڱن متعلق گورنر جنرل کي لکيو ويو هو.*

17 آڪٽوبر 1846ع

معزز خاتون

توهان چيو آهي تہ مان اوهان کي مير شهداد ڏانهن چٺن ماڻهن موڪلڻ جي اجازت ڏيان جيڪي ان ڏانهن ڪجهہ خط ۽ ڪپڙا بہ کڻي ويندا. جن جو تفصيل بہ ڏنو ويو آهي. مون کي هن سمجهڻ ۾ ڪيترا ئي سبب آهن تہ توهان انهن شين سان گڏ وڏي رقم بہ ڏانهن موڪلي رهيا آهيو. اهو شڪ مون کي ٽن ڳالهين ڪري آهي جيڪي هي آهن: پهريون تہ اوهان اهو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي تہ اوهان ان ڏانهن پئسا ڏوڪڙ بہ موڪلي رهيا آهيو. ٻي ڳالهہ تہ اوهان کي ڄاڻ هوندي تہ قيدي ميرن ڏانهن سرڪار جي معرفت کان سواءِ وڏي رقم موڪلي ڪا نہ ٿي سگهجي. ٽين ڳالهہ تہ ان وقت کي ڪو ڊگهو عرصو ڪونہ ٿيندو جو اوهان ۾ ٻين معزز عورتن مون ڏانهن لکيو هو تہ "اسان بس لنگهڻ تي وڃيون آهن. پر معزز خاتون، مان اوهان جي ماڻهن کي روڪيو هو ۽ پوليس انهن جي تلاشي ورتي هئي جنهن مان معلوم ٿيو هو تہ وٽن سون جون ڏٿيون، سونا سڪا ۽ چاندي جا سڪا بہ هئا. اهو سارو خزانو اوهان قيدي ميرن ڏانهن موڪلي رهيا هئا. مان حڪم ڪيو هو تہ اها ساري رقم اوهان ڏانهن (واپس) موڪلي وڃي. توهان جا لکيل خط مان کولي ڪونہ پڙهيا ۽ جيئن جو تيئن اوهان ڏانهن موڪلي ڇڏيا هئا. جيڪڏهن اوهان رقم موڪلي رهيا آهيو ۽ ان لاءِ ڪي خاص هدايتون آهن تہ اوهان مهرباني ڪري اهڙين هدايتن کي ڪجهہ تبديل ڪريو. اوهان تازا ۽ واپس ڪيل خط بہ روانا ڪري سگهو ٿا. پر اوهان جي موڪلي ويندڙ رقم فقط سرڪار معرفت ميرن وٽ پهچي سگهي ٿي.

چارلس نيپئر
گورنر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

28 آڪٽوبر 1846ع

معزز خاتون

مان چڱيءَ ريت سمجهي سگهان ٿو تہ اوهان کي پنهنجي پٽ لاءِ کهڙا امنگ ۽ ادما هوندا. مون کي انهن جو احساس آهي. جيڪڏهن اوهان ان ڏانهن پئسا ڏوڪڙ موڪليندا تہ مون کي ڪوبہ اعتراض ڪونہ آهي. پر اهي ظاهر ظهور موڪليو. اوهان چانورن جي ڳوڻ ۾ پئسا لڪائي موڪلي رهيا آهيو. بئي پاسي اوهان چٺي رهيا آهيو تہ اوهان بکن تي وينا آهيو. پر اوهان کي ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان وڏا وظيفا ملي رهيا آهن. اوهان وٽ آمدني جا وڏا وسيلا موجود آهن ۽ توهان ڪافي عرصي کان مسلسل مير شهداد ڏانهن رقمون موڪليندا رهيا آهيو. مون کي خبر آهي تہ اهو ڪو پهريون ڀيرو ڪونہ آهي. هيءَ رقم اوهان جي پٽ ڏانهن ضرور موڪلي ويندي، پر گورنر جنرل جي اجازت سان پر جيڪڏهن رقم ٿوري هوندي تہ پوءِ اهو جيءَ تي جوکو کڻڻ لاءِ مان تيار آهيان. پر جيڪڏهن گهڻي رقم هوندي تہ موڪلڻ لاءِ گورنر جي موڪل ضروري آهي. شهداد اتي جُوکو ڪونہ ٿو گذاري جنهن جي اوهان کي الف کان وني ي تائين ساري خبر آهي. توهان هن ڳالهہ کان پوريءَ طرح باخبر آهيو ۽ ساري حيدرآباد ڄاڻي ٿي تہ جيڪڏهن لوٽي کان اينگ ڳورو ٿي وڃي ها ۽ انگريز جنرل فتح ماڻڻ بدران شڪست کائي ها ۽ اهو تنهنجي پٽ جي ائين هٿ وس هجي ها جيئن هو اسان جي تاريءَ تڳي رهيو آهي تہ ان انگريز جنرل جا ڪهڙا نہ حال بڇڙا هجن ها. معزز خاتون اوهان کي اها چڱيءَ طرح خبر آهي ۽ بيون بہ معزز عورتون ڄاڻن ٿيون تہ مان اوهان جي بي انتها عزت ڪئي آهي ۽ ڪندو رهندس. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اوهان عورتون آهيو ۽ اوهان جا مڙس ۽ پٽ جنگي قيدي آهن. اوهان جي پٽن جي پرگهور سرڪار ڪري رهي آهي. مون کي هڪ ڳالهہ جو افسوس ضرور آهي تہ هڪ معزز خاتون اهڙي ڳالهہ ڪئي آهي، جيڪا مان سمجهان ٿو تہ صحيح ڪانہ آهي. مان ان حڪومت تي بي انصافيءَ جو الزام ڪونہ هڻندس، جنهن جو مان ملازم آهيان. مون کي خبر آهي تہ اوهان جا ڏينهن ڏکيا چو ٿا گذرن. اوهان کي تہ ڪير بہ تڪليف ڪونہ ٿو پهچائي. توهان کي سرڪار طرفان وڏو وظيفو ملي رهيو آهي. جڏهن تہ اوهان قيدي بہ ڪونہ آهيو. جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ وڃي پٽ سان بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي سگهو ٿيون. مان سمجهان ٿو ماڻهو اوهان سان ڪوڙ ڳالهائن ٿا ۽ اوهان سان ٺڳيون ڪن ٿا. تنهن ڪري هيءُ خط اوهان کي اوهان جي هٿن ۾ ملي ويندو. مان تہ اوهان جو نهايت گهڻي عزت ۽ حد کان وڌيڪ احترام ڪندو آهيان.

اوهان جو فرمانبردار ۽ ناچيز نوڪر

چارلس نيپئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمون سترهون

### *ميجر جنرل هنٽر جو سکر واري گهوڙا پڙي بابت نقطئہ نظر*

مان سمجهان ٿو تہ بنگال ڏانهن ٽي سو يا سا ڏا ٽي سو گهوڙا موڪليا ويا هئا. گهوڙا پڙي ۾ اٽڪل هڪ هزار گهوڙا هئا. گهوڙن جي ساليانی کپت بہ ايتري ٿيندي. پر گهوڙن جي واپارين کي ڪي شڪ ۽ گمان ٿي پيا هئا تہ سکر جي گهوڙا پڙيءَ تي ڪو ڪاپاري اثر پئجي رهيو آهي. عام طور تي هر سال فوجي مقصدن لاءِ گهوڙن جي طلب ڇهن سون کان وڌيڪ ڪانہ هوندي آهي. مان جيڪي گهوڙا هارس آرٽيلري ۽ يورپي Dragoons لاءِ خريد ڪندو هوس تن جي قيمت في گهوڙو سا ڏا چار سو روپيا هوندي هئي. اهي وهٽ ڀلا هوندا هئا. فيلڊ بئٽري لاءِ ڪم ايندڙ گهوڙا بہ خريد ڪيا ويندا هئا. جنهن مقصد لاءِ في گهوڙو ٽن سون ۾ پلئہ پئجي ويندو هو. هي گهوڙا هن فوجي مقصد لاءِ تمام ڀلا هئا. جن جهڙا مان ڪٿي ڏٺا ئي ڪونہ هئا. هي بندر ٽٽون گهوڙن کان قد ۾ اُچهرا آهن پر توبن ڇڪڻ واري ڪم ۾ استعمال ڪري ڪونہ سگهبا. سندن قيمت بہ قداور گهوڙن کان گهٽ آهي.

هر سال تعداد ۽ معيار جي لحاظ کان طلب وڌندي رهندي آهي. جنهن جي مون کي پڪ هوندي آهي. پهرئين سال مان ايترا گهوڙا خريد ڪيا، جو فوسٽرس بامبي بئٽري مڪمل ٿي وئي هئي. ٻئي سال مان ايترا گهوڙا خريد ڪيا جو سمٿ جي بئٽري، بندي ڪنڊ ليجن ۽ 7 بنگال ڪئويلري جو پورائو ٿي ويو. ان کان سواءِ مان اسي گهوڙا هندستان ڏانهن واپس ويندڙ فوج سان موڪلي ڏنا هئا. مان گهوڙن جو ڏاڍو شوقين آهيان ۽ اتر جي گهوڙن جي واپارين جي مزاج ۽ روايتن کان بہ واقف آهيان. منهنجو خيال هو تہ سکر کي گهوڙن جي وڏي پڙي بڻايان ۽ جيستائين لارڊ ايلنبرو گورنر جنرل رهي تيستائين سکر هن قسم جي واپار جو مرڪز هجڻ گهرجي. هي ماڻهو جيستائين هندستان ۾ رهيو تہ هن موضوع تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترائي خط مون ڏانهن لکيا هئا پر هن جي هلڻي وچڻ ڪانپوءِ ڪلڪتي مان، هن موضوع تي هڪ به خط ڪونہ آيو آهي. ٽئين سال توهان جي طرفان ملنڊڙ سهائتا ڪي ڪرنل بينسن جي حڪم ڏانواڏول ڪري ڇڏي هئي. هن اهو حڪم لارڊ هارڊنج جي هدايت تي جاري ڪيو هو تہ بنگال فوج لاءِ گهوڙا خريد نہ ڪيا وڃن. توهان فقط بمبئي جي ان فوج لاءِ گهوڙن خريد ڪرڻ جي موڪل ڏني هئي جيڪا سنڌ اندر موجود هئي. مون کي يقين آهي تہ جيڪي گهوڙا واپاري سکر کان ڪاهي بمبئي پهچندا هئا، سي اتي پنجن ۽ ڇهن سون ۾ في گهوڙي جي حساب سان وڪامندا هئا. ان کان پوءِ اهي گهوڙا سکر ايندا هئا. پر اهو اوهان جي اچڻ کان اڳ ٿيندو هو. مون کي اهڙو پتو ڪونہ آهي تہ سکر کي وڏي گهوڙا پڙي طور ڇو نہ تسليم ڪيو ويو هو. ان جو ڪارڻ ڇا هو تنهن جو بہ مون کي اڄ تائين پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي. اسان کي اهو بہ يقين آهي تہ بندي ڪلنڊ واري ٽائين پائونڊرس ليجين جي لائيٽ فيلڊ بئٽري جا گهوڙا بہ سکر جي گهوڙا پڙي مان خريد ڪيا ويا هئا. الفورٽس جڏهن هندستان مان هتي پهتو هو تہ هن سان فقط ستر گهوڙا هئا مان گهوڙن جو ساڳيو تعداد خريد ڪيو هو. اسان هنن گهوڙن کي بنا سکيا ڏيڻ جي وچي ڪم سان لاتو. بگٽين واري جابلو علائقي ۾ جنگي مهم کي ڇوونجاهہ ڏينهن لڳي ويا هئا. هنن گهوڙن اتي بهترين ڪم ڪيو هو. هڪ بہ ڪونہ مئو نہ وري پٿريلي زمين تي هلندي ڪو منڊو ٿيو. هي گهوڙا ان فوجي حصي ۾ شامل هئا، جيڪو مووٽ جي ماتحت هو. (هي نوٽ سر چارلس جو لکيل آهي). ڪئپٽن مووٽ (هاڻي ڪرنل) سکر پهچي مون ڏانهن خط لکيو هو تہ جيڪي گهوڙا ڪيس ڏنا ويا هئا سي بي انتها شاندار هئا. گهوڙن جي واپارين اها بہ شڪايت ڪئي هئي تہ اڳيئن سال سنڌن ٻارهن سون مان هڪ گهوڙو بہ وڪامي ڪونہ سگهيو هو. ان باري ۾ مان بہ اوهان ڏانهن خط لکيا هئا. اها هڪ وڏي غلط هئي، جنهن ڪري گهوڙن جي هڪ وڏي پڙي تباهہ ٿي وئي. ان واپار ۾ اتر جي هنن ماڻهن کي هڪ ڏوڪڙ بہ ملي ڪونہ سگهيو هو. مان بہ جيڪي گهوڙا خريد ڪيا تن جي قيمت بہ هندستاني ڪپڙن ۽ ٻين شين جي شڪل ۾ ڏني هئي.

## ضميمو ارڙهون

هيٺ سنڌ جي چيف ڪليڪٽر ڪئپٽن راٿبورن جو نقطئہ نظر پيش ڪجي ٿو. جنهن تي سملا جي سول مئجسٽريٽ مسٽر ائڊورڊ تبصرو ڪندي ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ جي فتح ڪان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني کي تمام گهٽو فائدو ٿيو هو. ان ڪان سواءِ ٻي ثابتي اها بہ ملي ٿي تہ فتح ڪان اڳ تجارت نالي ماتر هئي، جيڪا هاٽي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. سر چارلس تي الزام هنيو پيو وڃي تہ هن هڪ غيرآباد علائقو فتح ڪيو هو. جنهن تي خرچ بہ تمام گهٽو اچي ويو هو.

*ڪئپٽن راٿبورن جو تبصرو*

حيدرآباد، 30 جولاءِ 1850ع

لارڊ ايلنبرو جيڪو چيو آهي سمورو سچ آهي تہ آفيم مان ٻائيتاليهہ لکن جي پيداوار ٿي آهي. پر هن اها رقم شامل ڪانہ ڪئي آهي جيڪا ايسٽ انڊيا ڪمپني کي بنگال جي ڏوڙيءَ جي پوکيءَ مان ملندڙ آفيم جي ناتي حاصل ٿيندي آهي. هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪمپنيءَ کي ٻاهرين ملڪن مان آفيم جي في دٻي تي 275 روپيا وڌيڪ ملندو آهي، جيڪا ٽرانزٽ ڊيوٽي آهي. اها اضافي پيداوار سندس ٿي علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ آفيم ڪان گهٽي آهي. پاٽنا (پٽنا) ۾ پيدا ٿيندڙ آفيم چين موڪليو ويندو آهي جنهن جي قيمت کي مالوا ۾ پيدا ٿيندڙ آفيم گهٽو متاثر ڪندو آهي. جيڪو ساڳي مارڪيٽ ۾ پهچي ان سان مقابلو ڪندو آهي. منهنجي خيال ۾ اها خوشفهميءَ ڪان وڌيڪ اهم ڳالهہ ڪانہ آهي تہ ايسٽ انڊيا ڪمپني بنگال ۾ پيدا ٿيندڙ سندس آفيم تي هڪ هٽي قائم ڪري سگهندي. جيڪڏهن مالوا جو آفيم ٿوري اگهہ تي سنڌ معرفت چين پهچي ٿو جنهن ۾ هن پوکيءَ جي هارين نارين کي بہ ٿوري گهٽي بچت ٿي وڃي ٿي تہ انهيءَ حالت ۾ ڪمپني جي بنگال واري آفيم تي هڪ هٽي مشڪل آهي. ان ناتي هيءَ حقيقت بہ ضروري ڌيان ۾ رکڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي تہ بنگال وارو آفيم ڏگهو سفر ڪري چين پهچندو آهي، جنهن ۾ وقت ۽ پئسي جو وڏيڪ خرچ ايندو آهي. ٽالپرن هنن ڳالهين ڏانهن ڪونہ ڏنو هو جيڪي ساري مهذب دنيا کان ڏار لڳا وينا هئا. هنن حڪمرانن کي اها خبر هئي تہ بين ملڪن جي پيٽ ۾ سنڌ کي وڏيڪ تجارتي سهوليتون موجود آهن. جيڪڏهن امن امان هجي ها ۽ تجارتي رستا محفوظ هجن ها تہ آفيم جي تجارت ويرئون ويرئون وڌ هجي ها. ان ڪانسواءِ ٽالپرن جا اسان سان بہ ناتا رابطا هجن ها تہ انهن کي تجارت جي چاڻ پئجي وڃي ها. هن حقيقت ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش بہ موجود ڪانہ آهي تہ اسان کين مجبور ڪيون ها تہ آفيم جي تجارت وارو اهو رستو بند ڪيو وڃي، نہ تہ اوهان سان جنگ آهي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو وڃي ها تہ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي آفيم واري وڏي پيداوار ختم ٿي چڪي هجي ها.

***

*ساڳئي ماڻهوءَ جو ٻيو نقطئہ نظر*

حيدرآباد 15 آگسٽ 1850ع

مان آفيم جي حوالي سان سر جان هاب هائوس جي ان تقرير جي رپورٽ پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪا هن پارليامينٽ ۾ مسٽر برائيٽ جي موشن تي ڪئي هئي. جنهن مان آساني سان پتو پئجي وڃي ٿو تہ ايسٽ انڊيا ڪمپني فقط سنڌ جي فتح بعد گذريل ڇهن سالن دوران ڪيترا اضافي آفيم جا دٻا برآمد ڪيا هئا ۽ اهڙي وڪري جي ماليت ڪيتري هئي. آفيم جي هيءَ پيداوار ان آفيم جي پيداوار کان الڳ هئي جيڪو پاس وسيلي نيڪال ڪيو ويندو هو. لارڊ ايلنبرو مطابق اها پيداوار چار لک ويهہ هزار پائونڊ ساليانو هئي. جيڪا سنڌ جي فتح ڪري ڪمپنيءَ کي ملي هئي.

جيتري قدر آفيم جي پيداوار جو تعلق آهي تہ اها ٻن طريقن سان ٿيندي. هڪ تہ آفيم جي هڪ دٻي تي ڏهہ پائونڊ يا هڪ هزار روپيا برآمدي محصول وٺندي هئي. ٻيو تہ سرڪار ڪليءَ بازار ۾ بہ پنهنجو آفيم وڪڻندي هئي جنهن ۾ برآمدي محصول ۾ رعايتون ڏيندي هئي.هنن ڳالهين مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي رهي هئي تہ ٻنهي معاملن ۾ محصول جي هڪ جهڙي وصولي ٿيندي هئي پر هڪ ۾ پاس ڊيوٽي ڏسڻ ۾ اچي

تي، جيڪا برآمد لاءِ پاس وٺڻ واري ماڻهوءَ کان وصول ڪئي ويندي هئي. جڏهن ته ٻيءَ ڳالهه ۾ آفيم جي واپار تي سرڪار جي هڪ هٽي قائم ڏسجي ٿي. جيڪڏهن ڳالهه ان جي ابتڙ هجي ها ته ڪلڪتي يا مالوا جو آفيمي واپار ختم ٿي چڪو هجي ها. ڇاڪاڻ ته ڪجهه ماڻهو مالوا جي آفيم تي سرڪاري خرچ پرڻ ڪانپوءِ چار سو روپيا محصول ادا ڪري ها. پر جيڪڏهن هو سرڪاري خرچ ۽ محصول پري آفيم خريدي ها ته ان کان ته ڪيس ڪلڪتي وارو آفيم سستو پوي ها. ٻئي طرف کهڙو واپاري هڪ هٽيءَ وارو مهانگو آفيم خريد ڪري ها ۽ وري ڳاتي پڳو برآمدي محصول پري ها. تنهن ڪري ڪيس مالوا وارو آفيم سولو هو. ڇاڪاڻ ته هنن ٻنهي آفيمن جو مارڪيٽ ته وري به چين هو.

اهو ئي ڪارڻ هو جو سرڪار مالوا جي آفيم جي هڪ دٻي تي 375 رپيا محصول وصول ڪندي هئي. ائين ڪري سرڪار جڻ بنگال واري پنهنجي مهانگي آفيم کي ٽيڪ ڏني هئي جيڪو بنا اڏي وڏي محصول جي چين ۾ سستو وڪامي ها ۽ بنگال جو سرڪاري مهانگو آفيم وڪامي ڪانه سگهي ها. وڏي محصول ڪري مالوا جو سهانگو آفيم مهانگو ٿي ڪلڪتي واري آفيم جي اگهه جيترو وڃي بيٺو هو. جيڪڏهن ڪن ٻين مسئلن ڪري آفيم جو اگهه لهي وڃي ها ته في دٻي جو اگهه به ڪري پوي ها ته اها لاٽ هڪ هٽيءَ واري آفيم جي فائدي ۾ لاٽ ڪانه هجي ها. پر ان جو نزلو وڃي ڏوڏيءَ جي پوکي جي هاريءَ ناريءَ تي پوي ها.

ليڪي چوکي جي انهن انگن اکرن کي صحيح تسليم ڪيو ويو هو. تنهن ڪري ان کي جيئن جو تيئن رکيو ويو هو ۽ حقيقت به ائين هئي. ان کان سواءِ پاسن وسيلي به آفيم برآمد ڪيو ويو هو جنهن جي اضافي آمدني ٻائيتاليهه لک روپيا يا چار لک ويهه هزار پائونڊ اسٽرلنگ ٿي هئي ۽ اها ڪمائي سنڌ ڪري ٿي هئي. اهڙيءَ ريت ايسٽ انڊيا ڪمپني 150426 دٻا آفيم جا نيڪال ڪيا هئا. جنهن تي هن 375 في دٻو محصول وصول ڪيو هو. ان حساب سان هن 41347150 روپيا ٻيا به ڪمائي ورتا هئا. انگريزن جي پئسن مطابق اها ساري رقم چار ملين هڪ سو چوٽيهه هزار پائونڊ اسٽرلنگ يعني Four million on hindered and thirty four thousand pounds strlings هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي هيءَ ساري ڪمائي سنڌ جي فتح ڪري ٿي هئي. اسپين جي مالياتي وزير کي پنهنجي پيداوار جو نقصان جبرالٽر واري لنگهه وٽان محسوس ٿيو هو. هن کان اڳ آفيم جي هن لنگهه وٽان به اسمگلنگ ٿيندي هئي، جيڪا پوءِ گهٽجي وئي هئي. ڇاڪاڻ ته اها پين جي قبضي هيٺ اچي وئي هئي.

آفيم اهڙي شيءِ هئي جنهن ڪري پيداوار جي ختم ٿيڻ جو به امڪان هو جيڪو نئين صورتحال ڪري پيدا ٿي ويو هو. اهو سنڌ جي جاهل حڪمرانن ڪري ٿيو جن اسان جي پيداوار جي نرڙيءَ تي ننهن ڏئي ڇڏيو هو. خاص ڪري آفيم جي ڏس ۾. هي روشن ضميري وارو دور آهي. تنهن ڪري جهالت ڪارڻ ۽ اچن ماڻهن کي گهٽي وقت تائين روڪي ڪانه سگهندي.

مان سر جان هاب هائوس جي چيل ٻن ٽن جملن جو ٿورائتو آهيان جو هن سنڌ جي واهن جي کوٽائي تي ٿيل خرچ جي پنيرائي ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو ته هن اها طنز ڪئي آهي، نه ته هن جي عادت رهي آهي ته سنڌ تي ٿيندڙ خرچ تي ٽوڪون ڪندو آيو آهي. مان سمجهان ٿو ته هن هيءَ ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ايسٽ انڊيا ڪمپني جي سرڪار ڪليءَ دل سان ترقيءَ جا ڪم ڪرائي رهي آهي.

***

*مٿئين بيان تي سملا جي سول مئجسٽريٽ مسٽر ائڊورڊس جو تبصرو*

5 سيپٽمبر 1851ع

مان اوهان ڏانهن ڪئپٽن راٿبورن جو بيان موڪلي رهيو آهيان. اوهان جون مهربانيون. مان هن بيان جو ڏاڍي غور ۽ فڪر سان مطالعو ڪيو آهي ۽ هن جي ڏنل صحيح انگن اکرن سان متفق آهيان. ان کان سواءِ سنڌن بيان کي ڪسٽم جي ڪمشنر جي حوالي ڪيو اٿم. انهيءَ مقصد سان ته جيئن اهو به هن بيان کي جاچي پرکي ڏسي. هي ماڻهو هن ملڪ جي حساب ڪتاب جو مها ڄاڻو آهي. هو ڪئپٽن راٿبورن سان اتفاق ڪري ٿو ته ايتري وڏي پيداوار سنڌ جي فتح ڪري ٿي آهي. هن کان اڳ ۾ اهو ملڪ سمگلنگ جو وڏو گذرگاهه هو.

# ضميمو اوڻيهون

ميجر بيٽسن تروڪي جي اتر واري لنگهه تي هڪ جدا فوجي سرگرميءَ جو نگران هو. هيٺ سنڌس لکيل نوٽس ڏجن ٿا، جيڪي هن ميجر انهيءَ زماني ۾ تحرير ڪيا هئا.

مان هڪ فيبروري 1845ع تي سنڌ جي گورنر سر چارلس جي فوجي ڪئمپ ۾ پهتو هوس. جيڪا گجو نالي ماڳ کان ٻه ميل هيٺ هئي. مون سان بندلکبنڊ جي ليجين، ٻه نائين پائونڊرس، هڪ اسڪئاڊرن گهوڙيسوار ۽ ليجين جي پيادل جي پهرين بٽالين گڏ هئي.

21 تاريخ فيبروري تي سر چارلس مون کي حڪم ڪيو ته مان گجي وارو گهٽ وڃي سنڀالي ويهان. جيڪو دشمن جنرل جي اچڻ جو ٻڌي خالي ڪري ڀڄي ويو هو. هن انهيءَ مقصد لاءِ مون کي سڪس پائونڊ ٻه توبون ڏنيون هيون. پر نائين پائونڊرس نه ڏنيون جيڪي مان پاڻ سان آنديون هيون. هي توبون جابلو علائقن لاءِ ڳوريون هيون.

منهنجي ڪمانڊ جي حيثيت ٻٽي هئي. هڪ اولهه پاسي کان هڪ لڪ هو. جڏهن ته ٻئي پاسي کان گجي جي اتر واريءَ ماٿريءَ جو منهن هو.

مان پهچڻ واري پهرئين صبح جو ڪئپٽن مئليٽ ۽ علي مراد سان گڏجي ان ٽاڪ وٽ پهتس، جتان کابي پاسي کان هڪ رستو ڊيرا وڃي رهيو هو پر اتي دشمن جو ڪو نانءُ نشان به ڪونه هو.

23 تاريخ صبح جو مان ڪَجيءَ کان اتر اولهه واري جبلن ڏانهن ويس. مون سان گڏ ڪئپٽن فٽر، ڪئپٽن بٽري ۽ ڪئپٽن هيز هئا. پاڻ سان پنجاهه گهوڙيسوار به کنيا هئائون.

هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ پرسان پاڻيءَ جو هڪ گذرگاهه هو جيڪو پار ڪرڻ ۾ ڏکيو هو جنهن جي وٽ پاسي سان باهه جا نشان هئا، جيڪا تازو وساڻل هئي. اهڙيءَ ريت ٽڪريءَ جي منهن وٽ باهه ٻرڻ جا ٻه هنڌ هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته اهي ٻه هاڻي تازو وسايون ويون هيون. پر ماڻهوءَ بوءِ به ڪانه هئي. شايد هنن به جرنل جي اچڻ جو ٻڌي وٺي ڪڙين تي زور رکيو هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

24 تاريخ تي گجي جي اولهه ڏکڻ واري روهڙين ڏانهن وياسون. صبح جو ئي موٽي اچي ڪئمپ پهتاسون. ان وقت ڪجهه بلوچ گهوڙيسوارن انهن اٺن ڪاهڻ لاءِ سٽ هنئي. جيڪي جهنگ ۾ چري رهيا هئا. جڏهن سنڌن ڪيڊ پياسون پير پناڙڻ تي رکي وٺي ڀڳا جو اسان کي سنڌس پچڻ واري ڊوڙ به ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. واٽون ويهه ٽيو ڪُهه ڇاڻا ڪيهي ويا. پير چارا ته بيشمار هئا، پر پتو نه پيو ڪهڙو وٺي ويا. اٺ ته ڪاهي ڪونه سگهيا پر پوءِ به سر بچائڻ لاءِ ماندا هئا.

25 تاريخ تي گجي کان اتر واري ماٿريءَ ڏانهن منهن ڪيم. جيڪا پٿريلي ۽ هيٺ مٿي هئي. تورو اڳتي وڌيس ته ڏٺم ته ان جي منهن ۾ هيٺ هڪ وارياسو هو جيڪو شايد هڪ نئه جو پيٽ هو. اتي هڪ لنگهه نظر آيو جنهن جي ويڪر پٽيهه فوٽ هئي جنهن جي ٻنهي پاسن کان ٻه سو فوٽ اوچائي جون ايڪپريون روهيون هيون. نظر ائين اچي رهيو هو جڻ پيادل فوج جي هڪ دستي ان ٽڪريءَ کي ٽاڪي حصا ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻاهرئين پاسي پندرهن فوٽن جو لنگهه هو.

هڪ ايڪپري ٽڪريءَ جي چوٽي تي بيهي بندوق جو فائر ڪيوسون، پر اتي به ڪا پَهَر نظر ڪانه آئي. گجو نهايت اهم جڳهه آهي. دشمن لاءِ به رستا هئا يا ته اهو ماڳ اسان زبردستي ڇڏائي يا تروڪيءَ ۾ وڃي لڪي. هن پوئين ماڳ جي چونڊ ڪئي هئي. اهي جڻ پاڻ وڃي ڊبهڙي ۾ ڦاٿا هئا. تنهن جنرل سر چارلس کي جنگ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه پئي هئي. بلوچ قبائلي سردارن کي ڦقڙي اچي لڳي هئي ته پهريائين جهيڙي مان جان ڪيئن ڇڏائجي جيڪو ڪين هاٽي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو هو. چاڪاڻ ته بلوچ سردارن سر چارلس کي اٽانگن لڪن مان لنگهندي ڏٺو هو پر مٿس حملي جي سگهه ساري ڪونه سگهيا هئا. اهي لڪ ڏاڍا خطرناڪ هئا جيڪڏهن ٽڪرين جي چوٽين تي بيهي وڏا پٿر سرڪائي رڳو هيٺ اڇلن ها ته انگريز فوج مان وانگي به ڪونه بچي ها ۽ سنڌن هڪ ماڻهو به ڪونه مري ها.

مان گجي ۾ هوس ته اعتماد جو هڪ بي مثال نمونو ڏٺو. هر فوجي جيڪو سر چارلس جي ماتحت هو خود اعتمادي ۾ سرشار هو. جيڪو هن ڪمانڊر جي مزاج جو ڪمال هو. انهيءَ زماني ۾ فوجي سرگرميون ته چوٽ تي هيون پر ائن جو نظام درهم برهم تي ويو هو ۽ حڪم مليو ته

ڪاڏي پاتي جو اڌ راشن ملندو جيڪو اني جي صورت ۾ نه پر سالم ڪڻڪ جي شڪل ۾ مليو. ڪنهن فوجيءَ جي نرڙ تي گهنج ڪونه آيو. اهڙي صورتحال ٻه ٽي ڏينهن هلي. مان گجي وارو محاذ سنڀاليون ويٺو هوس، منهنجي ليجين سان ڪنهن به ٻڙڪ ڪانه ٻولي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ان راشن ۾ به گهٽتائي ڪئي وئي پر هر فوجي مطمئن هو ته سر چارلس اهڙو ٻنل ڪونه آهي جو فوجين کي ڏک ۾ ڏسي ۽ فوجي ڪئمپ ۾ ڏڪار سندس وس کان ٻاهر آهي ۽ انسان فوج وهارڻ وارو نه آهي. اهي بلڪل سچ چئي رهيا هئا هو اسان کي وسارڻ وارو ڪونه هو. ان ڏينهن سچ بلوچن جي علائقي وارين ٽڪرين پنيان لڪي رهيو جو ڪاڏي پيتي جون شيون ڪٽي اينڊڙ انن جو هڪ قافلو ٽڪريءَ جي چاڙهاڪي تان چڙهي، هڪ لڪ مان لنگهي رهيو هو. ان فوج ۾ هندو برهمڻ ۽ مسلمان هئا جيڪي اهڙي ڪاڏي پيتي کان پري ڀڄندا هئا. پر اهي ماٺهو به ڏاڍي اطمينان سان اها ڪاڌ خوراڪ استعمال ڪري رهيا هئا. چاڪاڻ ته انهن سڀني جو سر چارلس ۾ گهٽو اعتماد هو.

2 مارچ تي سر چارلس مون کي حڪم ڏنو ته مان گجي مان فوج وٺي تروڪي جي پٺئين پاسي کان ان تي ڪڙو چاڙهيان. جڏهن هن جي پنهنجي فوج هن ماڳ جو سامهون وارو پاسو سنڀاليو هو. مون کي حڪم مليو ته مان گجي کان اتر اولهه طرف لٽ ڏانهن وڌان. پر اهو جابلو علائقو هيٺ مٿي هو. جنهن وچان توبن کي ڇڪڻ ڏاڍو ڏکيو هو. تنهن ڪري مان هڪ لڪ وچان لهي ڊيري جو رخ ڪيو جيڪو ميداني علائقي ۾ هو پر ٽڪرين جو پاسو ڏئي وڃي ڊيولٽ گورا پهتس جتان اڳتي هلي هڪ ڏکيو لڪ لتاڙي مرو واري ميداني علائقي ۾ پهتس جتي علي مراد پنهنجي فوج سان منزل ڪيون ويٺو هو. پرسان هر مئجستي جي 13 ريجيمينٽ جا رضاڪار به منزل ڪيون ويٺا هئا. جن سان وڃي مليس جنهن جي ڪمانڊ ليفٽيننٽ بئري ڪري رهيو هو. جڏهن اٺ سوار جو ڪمانڊر ليفٽيننٽ بروس ڪري رهيو هو. ليفٽيننٽ بئري، سر چارلس جو هڪ پيغام کٽي آيو هو جنهن ۾ مون کي چيو ويو هو ته مان علي مراد کان الڳ پنهنجي آجي حيثيت ۾ تروڪيءَ جو اتر سنڀاليان. مان اهڙو اطلاع علي مراد کي ڏئي پنهنجي ريئر گارڊ سان گڏ اڳتي وڌيس ۽ هڪ لڪ مان گذري تروڪي ڏانهن هلڻ لڳس. اهو ڀڏي هو به تنبو پٽي

تروڪي ڏانهن هلڻ لڳو. سندس تروڪي ڏانهن هلڻ جي مرضي ڪانه هئي، پر جڏهن ڏنائين ته مان پنهنجي ڳالهه تان لهڻ وارو ڪونه آهيان ته هن به لاچار ائين ڪيو. منهنجي فوج لڪ مان هوريان هوريان لنگهي رهي هئي تنهن ڪري اتان گذرڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويو. علي مراد جي فوج به ٽي ميل وٿيءَ تي منهنجي پنيان هلي رهي هئي. هيءَ جوءِ سفر ۾ ڏاڍي اٽانگي هئي. ڪيترن هنڌن تي منهنجي فوج ائن تان لهي توبن کي ڌڪي رهي هئي چاڪاڻ ته هيٺ مٿاهين ڪري گهوڙا ڏئي وٺي بيهي رهيا هئا. هن ماڳ تي بلوچن جي ذهانت ۽ چالاڪي جو پتو پيو مان گهوڙي تي سوار هوس. جهونجهڙي جي ويل هتي ڏٺم ته ٽي بلوچ گهوڙيسوار منهنجي فوج جي دمبالي ڪان گذري رهيا هئا، جن کي ڳاڙها پٽڪا ٻڌل هئا. جڏهن ته فوج جي دمبالي ۾ بنديل کنڊ ليجين جا گهوڙيسوار هئا. بلوچ گهوڙيسوارن ٻڌايو ته سندن علي مراد جي فوج سان تعلق آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان سر چارلس نيپئر جو حڪم کڻي آيا آهيون ته تون اڳتي نه وڌ. چاڪاڻ ته بيجار خان سر چارلس جي اڳيان پيش پيو آهي ۽ جنگ ڀڄائيءَ کي پهتي آهي. تنهن تي مان ڪانئن پڇيو ته وٽن سر چارلس جو اهڙو خط آهي. هنن وراڻيو ته "اسان اڳ ۾ نڪري آيا آهيون اهو خط پوين ماڻهن وٽ آهي. جيڪي جلد ئي پهچڻ وارا آهن. سندن ڳالهه ممڪن به هئي، ان ڪري مون کي مٿن ويساهه ڪرڻو پيو. پر مان ته جهونو سپاهي هوس. ساري زندگي فوج ۾ گذري هئي. تنهنڪري جلدي ۾ سمجهي ورتم ته ڪمانڊر ان چيف جي خط ڪان سواءِ اصولي طور مون کي ڪٿي بيهڻو ڪونه آهي. جڏهن ته سر چارلس مون کي تاڪيدي حڪم ڪيو هو ته جيترو ٿي سگهي، اوترو جلدي وڃي تروڪي جي اتر ڪان ڪڙو چاڙهه. ان ڪان پوءِ مان انهن ٽنهي بلوچن کي چيو ته اوهان علي مراد وٽ موٽي وڃو. مان سر چارلس جي لکيل حڪم پهچڻ تائين اڳتي وڌندو رهندس. مان ٻئي ڏينهن جڏهن علي مراد سان مليس ته کيس سارو احوال ٻڌايم. هن جواب ۾ چيو ته "اهي دشمن جا ماڻهو هئا ۽ توکي نڳڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا." جڏهن هن لشڪر جي دمبالي ڪان ڪنهن به قسم جو ڪو پيغام ڪونه موڪليو هو.

هتي مان اهو به ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو ته علي مراد جي ماڻهن ۽ هنن بلوچن ۾ فرق اهو هو ته هو پهرين ڪان مٿي سان ڳاڙها پٽڪا ٻڌا،

هوندا هئا ۽ جڏهن بين بلوچن جا اچا پٽڪا هوندا هئا. جڏهن بلوچ دشمن ڳاڙها پٽڪا ٻڌي مون کي نگهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ سنڌ چمڙا پوش بہ مڪمل هئي، اهڙو منصوبو بہ مڪمل هو. انهن پيغام بہ خود اعتمادي سان ڏنو هو. اهڙو پڪو منهن تہ ٽيليرانڊ لاءِ بہ ممڪن ڪونہ هو. اها ڳالهہ بہ ممڪن تي جيڪا ڪوبہ بلوچ ڪري ڪونہ تي سگهيو. سر چارلس جو حڪم هو تہ مان تروڪي جو اتريون پاسو وجي سنڀاليان ۽ لڪ تي نظر رکان. پر دشمن تي حڪم کان سواءِ حملو نہ ڪريان. اهڙي رپورٽ مان ڏهاڙي سر چارلس ڏانهن موڪليندو هوس، جيڪا مير علي مراد معرفت ان ڏانهن ويندي هئي. پر هن مير جي نيت ۾ ڪو گدڙ هو ۽ هر رپورٽ چيٽ ڪري ڇڏيندو هو ۽ مٿي ڪونہ موڪليندو هو. مان اڪيون ٻوٽي علي مراد تي اعتبار ڪندو هوس. منهنجا ماٺهو هن علائقي کان واقف ڪونہ هئا. مان تروڪي جي پرئين پاسي ڪيترن ڏينهن کان ٽڪيو پيو هوس. هڪ ڏينهن مان پنهنجا يورپي ماڻهو سر چارلس ڏانهن موڪليا، جن سان پهريدار گهوڙيسوار روانا ڪيا ويا هئا. گجي کان نڪرڻ کان پوءِ هي پهريون پيرو هو جو سر چارلس کي منهنجو خط مليو هو. ان کان پوءِ مون کي پڪ تي وئي هئي تہ علي مراد ڪيس منهنجا خط ڪونہ پهچايا هئا.

مون کي تروڪي جي پنئين پاسي آئي گهٽا ڏينهن گذري ويا هئا. پر مون کي دشمن جي ڪا چرپر نظر ڪانہ آئي هئي. اها بہ خبر پئجي ڪانہ سگهي هئي تہ تروڪيءَ جي مهاڙيءَ پاسي تي موجود سر چارلس نيپئر ۽ ان جي فوج جي ڪهڙي حالت هئي. تنهن ڪري هڪ ڏينهن مان واءُ سواءُ لهڻ جي خيال کان ڪجهہ اڳتي نڪري ويس. مان علي مراد کي پنهنجي آزاديءَ جو ٻڌايو هو ۽ باڪ ڦتيءَ مهل تروڪيءَ جي ساڄي پاسي اڳتي نڪري ويس. ان وقت علي مراد هڪ لڪ جي لنگهہ وٽ ويٺو هو. جڏهن موٽي آيس تہ ڏٺم علي مراد اهو لڪ ڇڏي پنهنجي فوج سميت گهٽو ڪاپي طرف هليو ويو هو. هو ايترو پري هو جو ڏسڻ ۾ بہ ڪونہ ٿي آيو ۽ تروڪي ڏانهن ويندڙ اهم لڪ کي ائين نڌڻڪو ڇڏي هليو ويو هو. اهو سندس اسان سان اتحاد جو نئون نمونو هو. هن ائين ڪري چڻ تہ منهنجي پيش قدميءَ کي روڪي ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ ان لڪ جي نظرداريءَ لاءِ مون کي فوج جو هڪ حصو اتي بيهارڻو پئجي ويو هو.

جنهن جي اڳ نگراني علي مراد ڪندو هو. جڏهن 8 مارچ تي ٽروڪيءَ پهتس تہ انهيءَ مقصد سان تہ اتي دشمن جا ماڻهو موجود آهن يا نہ. مان ساڄي پاسي هڪ ان ٽڪريءَ تي ڪي ماڻهو ڏٺا جنهن جي شڪل ٽڪنڊي ۽ چوٽي سڌي سئين هئي. مون کي شڪ جاڳيو تہ انهن ماڻهن ۾ بجار خان بہ هو. اسان اڻ پويان هئاسون. خبر ڪانہ پئي تہ ڪٽي آهيون. علائقو ڏکيو هو ۽ ٽڪريون ايڪپريون هيون. چاڙهاڪا تمام سوڙها هئا. جتان هڪ ماڻهو مس ڪري چڙهي تي سگهيو. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ماڻهن جو تعداد پلي ٿورو بہ هجي پر هنن لاءِ مٿان چوٽيءَ تان وڏا پٿر سرڪائي هيٺ ڪيرائڻ سولو هو. جنهن ڪري هيٺ بيٺل اسان جي فوج کي سخت نقصان پهچڻ جو امڪان هو. ان ڪري هو سولائي سان اسان کي اڳتي وڌڻ کان روڪي سگهيا ٿي.

ان صورتحال کي ڏسي اسان ساڄي پاسي، پنهنجي طاقت کي وڌائڻ شروع ڪيو. ڪوشش اها هئي تہ ٻئي پاسي کان ڪنهن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ مٿي چڙهڻ گهرجي. منهنجي پاسي واري فوج 138 هر مئجسٽي واري ريجيمينٽ ۾ ڪجهہ بهادر رضاڪار موجود هئا جيڪي ٻڪرين جو هڪ چارو وٺي ان ٽڪنڊيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويا. جيڪا سيني کان مٿي ۽ ايڪپري هئي. بلوچن ان سنئين سڌيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي بچاءِ لاءِ ارهہ جيتري پٽ جوڙي ڇڏي هئي. جيڪا ٻڪرين واري پيچري کان اٽڪل ويهہ قدم پري هئي ۽ ان پٽ جي اوٽ ۾ اٽڪل ويهارو ماڻهو لڪا ويٺا هئا. يورپي ماڻهن جو مٿي پهتل جٿو مختصر هو. هو جڏهن چوٽيءَ تي پهتا تہ کين ورائي ويا. پهريائين هنن کين پنهنجي ٽوڙيدار بندوقن سان ڪٽي ڏنو. ان کان پوءِ هو تلوارون هٿ ۾ ڪري مٿن وهي پيا. هنن ڪيترن کي ماري ڇڏيو ۽ ڪيترن کي هيٺ لهڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. رضاڪارن اهو ڪيو جيڪو بهادر ۽ جرئت وارو ماڻهو ڪندو آهي. سر ترين تي رکي وڙهيا. دشمن ستر ۽ هي فقط ڏهہ ماڻهو هئا. بلوچ دشمن هڪ اهم جڳهہ سنڀاليون بيٺا هئا. يورپي هڪ لاهونديءَ تي بيٺا هئا ۽ مٿن اوچتا حملا ٿي رهيا هئا. اهي ٻئي ڏکيون ڳالهيون هيون. هڪ يورپي فوجي پنهنجي بندوق جي بئينٽ هڪ بلوچ جي سيني ۾ ٽنبي ڇڏي. اک ڇنڀ ۾ بلوچن جو ڊزن کن تلوارون ان يورپيءَ جي مٿي تي چمڪڻ لڳيون ۽ سندس جسم وڍجي ٻوٽيون

ٻوٽيون ٿي ويون. انهيءَ وقت رضاڪارن جي فوج جي ڪمانڊ ليفٽيننٽ ٻئري ۽ ليفٽيننٽ ”ڊاربي“ ڪري رهيا هئا. جڏهن هنن ڏٺو ته دشمن سان سخت مقابلو جاري آهي ته هنن ٻه سنڌن واهر لاءِ جلهه ڪئي، پر وچ تي هڪ اونهي کاهي هئي جنهن ڪري هو ان ايڪيري ٽڪريءَ تائين ٻه پهچي ڪونه ٿي سگهيا. هنن لاءِ بندوقن جي فائرن ڪرڻ کان سواءِ ٻي واهه ڪانه هئي. پر فاصلو تمام گهڻو هو جتي بندوق جي گوليءَ جو پهچڻ ممڪن ڪونه هو. سنڌن گوليون ان ٽڪريءَ جي وچ تي مس پهچي رهيون هيون جنهن جي چوٽي دشمن پنهنجي ڦهري ڪارروائي ۾ مصروف هو.

هر مئجسٽي جي رضاڪارن اهڙو ته جنگي ڪارنامو ڪري ڏيکاريو هو جو دنيا جي بهادر ۾ بهادر فوج لاءِ ممڪن ڪونه هو. پر هو اهڙي جاءِ تي موجود هئا جو نه دشمن سان صحيح مقابلو ڪري ٿي سگهيا نه وري سنڌن دوست هنن جي مدد ڪري ٿي سگهيا. ان ڳنڀير وايومنڊل کي منهن ڏيڻ مان ساري فوج کي هڪ جڳهه تي گڏ ٿين جو حڪم ڏنو ويو ٽڪنڊي ٽڪريءَ تي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهڙو ڪو گهٽ گهيڙ ڏسڻ ۾ ڪونه آيو ليڪن گهڻي وقت کان پوءِ پتو پيو ته ان ٽڪري جي ڀنئين پاسي مٿي وڃڻ لاءِ چارو آهي پر ان وقت تائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو مون کي ڪئپٽن ڪرلنگ جو خط پهتو ته ٻجار، سر چارلس آڏو پيش پيو آهي، تنهن ڪري مان جنگي سرگرميون ختم ڪري ڇڏيون هيون. ان کان سواءِ مون کي ڪرنل فروشرڊ وٽان ٻه خط پهتو هو ته دشمن پيش پوڻ قبول ڪيو آهي ۽ جنگ پڄاڻي کي پهچي چڪي هئي.

مان سرچارلس سان شاهپور ۾ مليو هوس، جنهن مون کي شڪارپور جي ڪمانڊر جي عهدي جو اعزاز بخشيو هو. اهڙي ريت شڪارپور کان ڏکڻ لاڙڪاڻي تائين ۽ شڪارپور کان اتر شاهپور تائين،سڀ فوجي چوڪيون منهنجي ڪمانڊ ۾ ڏنيون ويون هيون.

هن کان سواءِ سر چارلس مون ملٽري ڪميشن جو پريذيڊنٽ ٻه مقرر ڪيو هو. جيڪو مجرم فوجين تي مقدما هلائيندو هو. جڏهن ”ڪلڪته رويو“ پنهنجي 1850ع واري شماري ۾ لکيو هو ته، ميجر جئجن کي سرحد جَي ڪمانڊ سونپي وئي آهي جيڪا خبر غلط آهي (پر مٿي ڏنل سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1850ع نہ پر 1845ع هجڻ گهرجي. مترجم) حقيقت اها آهي تہ ميجر جئڪب کي سرحد جي اها ڪمانڊ 1846ع کان ڏني وئي انهيءَ زماني ڏارا ٻنديلکنڊ ليجن سنڌ ڇڏي چڪو هو.

نوٽ: افغانستان جي جنگي مهم تان موٽي آيل فوجين جڏهن اها ايڪپري ٽڪري ڏٺي جنهن تي ويهي بلوچن 13 ريجيمينٽ جي رضاڪارن کي قتل ڪيو هو تہ ڪائنن تعجب کان دانهن نڪري وئي هئي ۽ چوڻ لڳا هئا تہ هنن پنهنجي ساري زندگيءَ ۾ اهڙي ڏکي ٽڪري ڪانہ ڏٺي آهي. ان ٽڪريءَ تي وڃڻ لاءِ هڪ اهڙو ٻيو پيچرو جنهن سان فقط هڪ ماڻهوءَ جي چڙهڻ جيتري جڳهہ هئي. سمجهہ ۾ ائين اچي رهيو هو تہ مٿي آرام سان پهچي وڃبو ۽ دشمن ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهندو. مٿي فقط ڏهن ماڻهن جي ويهڻ جيتري جڳهہ ڇڏيل هئي. باقي ٻي جاءِ ارهہ جيڏي پٽ ناهي بلوچن والاري ڇڏي هئي جتي هڪ سو ماڻهن جيتري جاءِ هئي. پنيون پاسو ڪليل هو. هن پاسي کان هنن لاءِ هر قسم جي مدد پهچي رهي هئي. اهڙو رستو هن ٽڪنڊيءَ ٽڪريءَ جي تري تائين وڃي رهيو هو جتي هڪ گهارو هو جتان تفنگ جو فائر ٻي اثر ثابت ٿي رهيو هو. تنهن ڪري مٿي چڙهي بلوچن تي حملي ڪرڻ واري فوج جو ڪوبہ تحفظ ٿي ڪونہ ٿي سگهيو. بلوچ اهڙي صورتحال کان چڱي ريت واقف هئا. اهي ڏسي رهيا هئا تہ ٿورا رضاڪار ٻيءَ فوج کان جدا ٿي جابلو ٻُهري مان گذري، هڪ هڪ ٿي مٿي ٽڪريءَ تي چڙهي رهيا هئا. بلوچن هنن کي آرام سان مٿي چڙهڻ ڏنو ۽ ارهہ جيڏي پٽ پرسان سامهون گڏ ٿيڻ لڳا ۽ اتي اچي بيٺا جنهن جاءِ تي اچي بيهڻ جي بلوچن کي توقع هئي. پر هو ڪين پنهنجي بندوقن جو سولو ڪاج بڻائي ڪونہ سگهيا هئا. ڇاڪاڻ تہ جي يورپي ويڙهہ جا ڇتا هئا. هنن مڙسي ڪري بلوچن جا ايترا ماڻهو قتل ڪري ڇڏيا، جيتري بلوچن کي توقع ئي ڪانہ هئي. ان کان پوءِ مس وڃي بلوچ رضاڪارن مٿان غلبو حاصل ڪري سگهيا هئا.

***

پائيپڪلي اسڪول جا معزز ماڻهو اهو ضرور پڇندا تہ فلئڪ واري فوجي حصي کي مکيہ فوج کان الڳ ڪري ڇو ڇڏيو ويو هو ۽ ساري فوج ڳنڍي رکڻ وارا حصا ڪهڙيءَ جاءِ تي موجود هئا. مان انهن دوستن کي

فقط هي گذارش ڪندس تہ اوهان تروڪي ڪانہ ڏني آهي، جيڪڏهن ڏسو ها تہ اهڙا سوال هرگز ڪونہ ڪريو ها. هي اهڙو مخصوص قسم جو علائقو آهي، جتي فوج جو هڪ حصو ٻئي کان پري رهي ڪونہ سگهندو ۽ پر رابطو بہ قائم ڪري ڪونہ سگهبو آهي. مان هڪ فوجي عملدار کي ڏنو هو جيڪو ڏاڍو بهادر هو. دشمن جي بندوقن جي گولين جي منهن ۾ ساٽن مقابلو ڪندو رهيو ۽ ان ايڪپريءَ ٽڪريءَ جي ڪناري سان هميشه لاءِ ننڊ ۾ سمهي پيو. پر ٻئي طرف اهڙا بهادر فوجي هئا جيڪي ساٿس مدد ڪرڻ جا خواهشمند هئا، پر هو ائين ڪري ڪونہ سگهيا هئا. مان اهڙا فوجي بہ ڏٺا جن جا پير ٻن جبلن جي سوڙهي وٿيءَ ۾ ڦاسي پيا. پيرن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ وڏا وس ڪيا ويائون، پر نہ نڪري سگهيا. نيٺ ڪين بوٽن جي قرباني ڏيڻي پيئي تڏهن مس وڃي سندن جان ڇٽي. توهان چوندا تہ انهيءَ جو مطلب ڇا ويجهڙائي بہ هئي، پر رابطو ڪونہ هو. انهن کي منهنجو جواب اهو آهي تہ مهرباني ڪري پاڻ وڃي تروڪي ڏسي اچو.

پهرين پنجاب جنگ 1846ع ۾ لڳي هئي، پر جيڪڏهن سر چارلس جي منصوبي مطابق عمل ڪيو وڃي ها تہ ٻي جنگ لڳڻ جو امڪان ئي ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ ان جنگ جي ڪاميابي ديرپا ثابت ٿئي ها. اهڙو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ ديري غازي خان تي حملي جي ڪمانڊ سر چارلس کي سونپي وڃي ها. ان محاذ جي ڪاميابيءَ کان پوءِ ڪيس ملتان تي حملي جو اختيار ڏنو وڃي ها ۽ 1846ع واري اها فوجي پنجاب لاءِ ائين ڪافي هئي، جيئن مياڻيءَ ۽ حيدرآباد واري جنگ ۾ سنڌ لاءِ ڪافي هئي.

# ضميمو ويھون

*ھيٺ بيان ڪيل خطن جو تعلق سنڌ جي فتح جي تاريخ سان آھي، پر ھي خط "سنڌ جي فتح" واري ڪتاب ڇاپجڻ کان پوءِ ھٿ آيا ھئا تنھن ڪري انھن کي ھتي جاءِ ڏني وئي آھي.*

ھتي سوال اھو پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا رستم پنھنجي پڳ ۽ مسند تان خوشيءَ سان ھٿ ڪڍيو؟ اھو فيصلو سنڌس ھن خط مان ڪري سگھجي ٿو، جيڪو ھن انھيءَ زماني ۾ پنھنجي پٽ ڏانھن لکيو ھو. پر اھو 1850ع ۾ ان وقت ھٿ آيو جڏھن علي مراد جي غداريءَ کي ڏسي معاملي جي جاچ پڙتال ڪئي وئي ھئي. ھن خط کان پوءِ ميرن جون نڪيون ۽ ڪوڙ سڀ ظاھر ٿي پيون ٿا، جن سان گڏ سنڌن انگريز دوست بہ ھئا ۽ اھي ماڻھو بہ ھئا جيڪي ھنن لاءِ ماتم ڪندا ھئا.

*مير رستم خان جو پنھنجي پٽ مير محمد حسين ڏانھن لکيل خط*

17 ذيقعد 1258 ھہ، 20 ڊسمبر 1842ع

اسلام عليڪم

جنرل (سر چارلس) جي لکيل ھدايتن مطابق مان علي مراد سان گڏ ڏجي ڪوٽ آيس. اتي پھچي مٿي بيان ڪيل مير مون کي چيو تہ پڳ ۽ زمين منھنجي حوالي ڪر. ان کان پوءِ مان سارا معاملا پاڻ انگريزن سان طئي ڪندس. ھن مير علي مراد جي زور بار کان پوءِ مان کيس پنھنجي زمين ڏني. پر تنھنجي، تنھنجي ڀاءُ ۽ مير مبارڪ جي اولاد واري زمين سندس حوالي ڪانہ ڪئي اٿم. ان کان سواءِ روھڙي کان اتر پاسي وارا علائقا بہ کيس ڪونہ ڏنا ويا آھن. معاھدو اھو ٿيو آھي تہ مٿي بيان ڪيل زمينن سان ھٿ چراند نہ ڪندو. ھي معاھدو پير علي گوھر پنھنجي ھٿن سان لکيو آھي ۽ مھر، مير علي مراد ھنئي آھي. ان معاھدي جو ھڪ نقل ھن خط سان اوھان ڏانھن موڪلجي ٿو، جيئن پڙھي حقيقتن کان آگاھي حاصل ڪريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال تون، تنهنجو ڀاءُ ۽ مير مبارڪ خان جا وارث پنهنجي زمين سان خوش هجن معاهدي ۾ اهو به لکيل آهي ته مان اهي زمينون اڳئي توکي لکي ڏنيون هيون ۽ ائين ئي رهنديون جيئن اڳئي لکيل آهن. هنن معاملن ۾ مير علي مراد ڪنهن به قسم جي دست اندازي نه ڪندو.

ديهه ڪنگري ۽ بادشاهه پور هميشه لاءِ پير علي گوهر کي ڏئي ڇڏيون اٿم. تون به ائين ڪجانءِ. منهنجو ۽ منهنجي گهر جو خرچ مير علي مراد پريندو.

صحيح ترجمو

جان ينگ هسبنڊ — صحيح

ليفٽيننٽ سنڌ پوليس

سکر، 4 مئي، 1850ع

هيءُ خط جنهن جو ترجمو مٿي ڏنو ويو آهي سو مون کي مير محمد حسين ولد مير رستم خان ڏنو هو جنهن تي مير رستم جي مهر هڻيل آهي.

***

*سر چارلس جو ڪمانڊر ان چيف سر جاسپر نڪولس ڏانهن لکيل ان جوابي خط جو اختصار، اهو خط سر چارلس ان وقت لکيو هو جڏهن ڪمانڊر ان چيف ڪيس سنڌ ۾ جنگي مهم دوران اختيار ڪيل رويي خلاف سر چارلس کي ڇنڊ پٽي هئي:*

25 جون 1843ع

اوهان 9 مارچ تي خط لکي جڏهن مون کي اعزاز بخشيو آهي جنهن ۾ اوهان هي جملو تحرير ڪرڻ فرمايو آهي: ”مان سمجهان ٿو ته اها ڏکي جنگ هئي، پر جيڪڏهن 41 ريجيمينٽ ۽ ڪرنل والس جي فوج جو هڪ حصو پاڻ وٽ رکين ها ته اها جنگ تو لاءِ وڌيڪ سولي ٿي وڃي ها.“

منهنجو خيال آهي ته اوهان اهي لفظ لکي مون تي سخت قسم جو الزام هنيو آهي. مون کي اها پڪ ڪانه آهي ته مان جڏهن پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه ڳالهائيندس ته اوهان ان کي مناسب سمجهندا يا نه. پر مون کي اها پڪ ضرور آهي ته ظاهر ۾ نظر اچڻ کان وڌيڪ اوهان جي خيال ۾ مان هڪ وڏو فوجي عملدار آهيان.

مان 41 ريجيمينٽ جي باري ۾ پنهنجي خيال جو اظهار ڪري رهيو آهيان. اوهان کي هندستان ۾ ٿيندڙ جنگين جي چڱيءَ ريت خبر آهي. پر

مان اوهان کي اهو ٻڌائڻ ضروري ڪونہ ٿو سمجهان تہ يورپي فوج، گرميءَ جي موسم دوران ڪنهن سواري جي بندوبست ڪرڻ کان سواءِ پيش قدمي ڪري ڪانہ سگهندي آهي. مون کي خبر آهي تہ ان ريجيمينٽ لاءِ سواري جو بندوبست ڪونہ ڪيو ويو هو. اها فوج سنڌوءَ ۾ ٻيڙين تي ويٺي رهي. مون سان گڏ هلندڙ فوج لاءِ بہ ڪافي سواريءَ جو بندوسبت ٿي ڪونہ سگهيو هو. تنهن ڪري 41 ريجيمينٽ لاءِ سواري جو ڪهڙو بندوبست ڪري سگهان ها. سواري جي بندوبست نہ ٿيڻ ڪري مان 8 نيٽو افنٽري کي روهڙي ۾ ڇڏي آيو هوس. 41 ريجيمنٽ اچي مون سان مهم ۾ گڏجي ها تہ ڀلي. پر ان ريجيمينٽ جي بيمار فوجين لاءِ بہ سواري جو بندوبست ڪونہ هو. انهيءَ صورت ۾ بہ گولا بارود، پاڻيءَ، کاڌي پيتي جي شين کي کڻي هلڻ لاءِ سواريءَ جي ضرورت هئي. تنهن ڪري ان ريجيمينٽ جو مون سان اچي گڏجڻ ممڪن ڪونہ هو.

پر اها حقيقت اٿين بہ ڪانہ آهي. 15 تاريخ تائين حيدرآباد جا ٽالپر حڪمران اهو اعلان ڪندا رهيا تہ هو انگريزي سرڪار جي پيش پوندا. پر جڏهن خيرپور جو مير اچي ساڻن مليو تہ هو پنهنجي اڳئين اعلان تان هٽ کڻي ويا. خيرپور واري مير سان فوج ڪانہ هئي. مون سان بہ ايتري فوج ڪانہ هئي جو ٽالپرن کي منهن ڏئي سگهجي. گورنر جنرل ۽ بمبئي سرڪار جا حڪم هئا تہ 41 ريجيمينٽ 20 فيبروري ضروري ڪراچي ڏانهن ٻيڙين تي سوار ٿي نڪري. مون کي خبر هئي تہ ڪين اهڙي چنتا چو لڳل آهي. اهو ضروري بہ هو تہ 41 ريجيمينٽ 20 فيبروري تي ڪراچي پهچي. جنوري تائين تہ اٿين ڪرڻ منهنجي لاءِ انهيءَ ڪري ممڪن ڪونہ هو جو ميرن اسان سان نئون معاهدو ڪرڻ قبولي ورتو هو. سکر کلي 41 ريجيمينٽ کي روڪڻ منهنجي لاءِ ممڪن ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ اٿين ڪرڻ هندستان سرڪار ۽ بمبئي حڪومت جي واضح حڪمن جي خلاف وڃڻ هو. پر ان فوج جو اڳتي وڌي اچي منهنجيءَ فوج سان ملڻ بہ امڪان کان ٻاهر هو. مان سمجهان ٿو تہ منهنجي انهيءَ رويي ڪري هندستان سرڪار ۽ بمبئي حڪومت خوش ڪانہ ٿي هوندي. 41 ريجيمينٽ 4 فيبروري تي سکر پهتي هئي. اتي ڪيس حڪم مليو تہ جلدي ۾ اتان رواني ٿئي. اها حيدرآباد جنگ جي اعلان ٿيڻ کان پنج ڏينهن اڳ 10 فيبروري تي پهتي هئي. ميجر آئوٽرام منهنجو پروسي جوڳو

نمائندو هو. جيڪو ميرن جي چوڻ تي سنڌن راڄڌاني ۾ ترسيو پيو هو. هي ماڻهو مون کي يقين ڏياري رهيو هو ته مير صلح ڪرڻ ۾ سچا آهن. هي ميجر سنڌ کان گهڻو واقف هو ۽ ميرن سان به هن جي شخصي دوستي هئي.

جنگ واري ڏينهن 41 ريجيمينٽ ڪراچي پهچي چڪي هئي. مان سمنڊ کان پري خشڪيءَ تي موجود هوس. منهنجا خط رستي ۾ رڪجي رهيا هئا. مون کي اها خبر ڪانه هئي ته 41 ريجيمينٽ ڪٿي آهي. سنڌوءَ ۾ ٻيڙين تي ترسيل آهي يا ڪٿي آهي. وچ تي ٽن سون ميلن جو فاصلو هو. اها ريجيمينٽ جڏهن سکر پهتي هئي ته مون کي خبر ڪانه هئي. ان کان پوءِ ته منهنجي پهچ کان ئي ٻاهر نڪري وئي. مان اهو سمجهي به ڪونه سگهيو هوس ته ان جي مون کي ضرورت آهي يا نه. مان اهو سوچي به ڪونه سگهيو هوس. مان 13 تاريخ تي سعيد آباد وٽ هوس جو ميجر آئوٽرام جا به اهم خط اچي مليا هئا، جن ۾ لکيل هو ته حيدرآباد ۾ ڪوبه هٿيار بند ماڻهو موجود ڪونه آهي. پر انهيءَ وقت مياڻيءَ ۾ 25862 فوج موجود هئي. هي ماڳ حيدرآباد کان ڇهه ميل پري آهي ۽ جنگ جڙڻ ويجهي هئي. هن بيان کان پوءِ اوهان سمجهي چڪا هوندا ته 41 ريجيمينٽ ان لائق ڪانه هئي جو منهنجي مدد ڪري سگهي. جيڪڏهن صحيح نموني سان جاچ پڙتال ڪئي ويندي ته سڀ ڳالهيون ظاهر ٿي وينديون.

ان کان پوءِ مان اوهان جي ٻئي الزام جو ذڪر ڪري رهيو آهيان جنهن بابت اوهان چيو آهي ته جيڪڏهن ڪرنل والس جي فوج جو ڪجهه حصو جنگ ۾ ڪم آڻيان ها ته فتح سولائي سان ممڪن ٿي سگهي ها.

پهرين ڳالهه ته جيتري قدر مون کي ياد پوي ٿو ۽ منهنجو حافظو به هرويرو ايڏو جڏو ڪونه آهي ته ڪرنل والس جي برگيڊ ۾ پندرهن سو فوج هئي،جنهن ۾ سمجهيو ته ڪي جڏا سڏا ماڻهو پرتي ٿيل هئا. انهيءَ فوج مان جيڪڏهن 500 ماڻهو به ڪٽب آڻيان ها ته مياڻي جي جنگ سولي هجڻ بدران ڏاڍي ڏکي ٿي پوي. ها دشمن ڊر به اضافي فوج کي ڏسي پنهنجي به گهڻي آڻي ميدان تي لهي ها. ان جو لازمي نتيجو اهو نڪري ها ته ٻنهي طرفان کان گهڻا ماڻهو مرن ها ته پوءِ اها سولي فتح ڪهڙي ريت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي ها. ان کان سواءِ ڪرنل کان فوج وٺي کيس وڌيڪ ڪمزور ڪري ڇڏيان. جڏهن اسان هڪ ٻئي کان علحيده ٿيا هئاسون ته هو پاڻ مون کان به وڌيڪ خطري ۾ هو.

فرض ڪريو مان اها وڏي فوجي غلطي ڪئي آهي ۽ مان مختصر فوج سان خطرناڪ جنگ کي منهن ڏنو آهي ۽ سخت خطري جو امڪان هو ۽ مان فقط هزار کن ماڻهو وٺي ڏکڻ وڌيو هوس. اهڙي جوکائتي ڪم جو نتيجو ڪهڙو نڪري ها؟ پر پاٽيءَ جي ته جتي ڪٿي اٽاٽ هئي. ڪڏهن ته صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وينديي هئي ۽ ايتري ٿوري فوج لاءِ به پاٽي ڪونه ملي سگهندو هو. پر جيڪڏهن بنگال واري فوج به مون سان گڏ هجي ها ته گڏيل وڏيءَ فوج کي ٻن ڪالمن ۾ ورهايو وڃي ها. پيش قدميءَ دوران انهن ٻنهي فوجي حصن هڪ ڏينهن جيتري وٿي ضرور هجي ها. ان دوران سڪي ويل کوهن ۾ پاٽي اچي ها جيڪو فوج جي پهرئين ڪالم استعمال ڪري کپائي ڇڏيو هوندو. ان جو نتيجو اهو نڪري ها ته مياڻيءَ واري جنگ 19 تاريخ تي لڳي ها. ان وقت تائين ولي چانڊئي جي 10,000، مير محمد حسين جي 7,000 ۽ مير شير محمد جي 10,000 فوج اچي مياڻي وقت پهچي ها. جنهن ڏينهن فتح حاصل ٿي هئي انهيءَ ڏينهن اهي سڀ فوجون ڇهن يا اٺن ميلن جي فاصلي تي مياڻي کان پري هيون. مون سان وڌ ۾ وڌ هڪ هزار فوج مدد ڪري دشمن فوج جا 27000 ماڻهو اچي جنگ لاءِ منهنجي آڏو بيهن ها. انهن حالتن ۾ جا مياڻي واري فتح منهنجي لاءِ سولي ثابت ٿئي ها.

اوهان جواب ۾ چوندا، جڏهن مان روهڙيءَ کان روانو ٿيو هوس ته ان وقت مون کي اهڙين حالتن جي خبر ته ڪانه هئي. ان لاءِ منهنجو جواب هي آهي ته مون کي انهن سڀني ڳالهين جي ڪٿي خبر ڪانه هئي، پر گهٽ جي ضرور هئي.

1. مون کي اها خبر هئي ته رستي ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ موجود آهي.
2. مون کي ڪاڏي پيتي جو سامان گڏ کڻڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته رستي ۾ ماڻهو ڪاڏي پيتي جي شين ڏيڻ کان انڪار به ڪري سگهيا پئي پر جيڪڏهن بنگال جو فوجي ڪالم مون سان گڏ هجي ها ته ڪاڏي پيتي جون شيون کڻڻ مشڪل مسئلو پوي ها. انهن جو سامان به ايترو هجي ها، جيتري منهنجي اصلي فوج جو. ان کان سواءِ پاٽيءَ

جو استعمال ايترو گهٽو هجي ها جو سيئي کوهہ سگهي. وڃن ها. بنگالي فوج جي سامان جي ڪٽائي جو بندوبست هو، پر انهن جي ڪاڏي پيتي ۽ پاڻيءَ کڻڻ جو بندوبست ڪونہ هو. جيڪڏهن ڪٽي مان بنگال فوج پاڻ سان وٺي اچان ها تہ اتر وارو پاسو غير محفوظ رهجي وڃي ها. ماڻهو اجا ايترو عقلمند ڪونہ ٿيو آهي جو صحيح اڳڪٿيون ڪري سگهي. حيدرآباد جي ميرن جو اسان سان ناهہ هو. مان تہ خيرپور جي ميرن جي پنيان وڏي رهيو هوس جن وٽ 10000 ماڻهو بہ ڪونہ هئا. مان بہ پنهنجي فوج وڌائي ساڻن مقابلو ڪرڻ ڪونہ ٿي چاهيو. نہ وري ڪنهن ماڻهو کي خبر هئي تہ جنگ ٿيندي. حيدرآباد جي ميرن جي جنگ لاءِ مرضي ڪانہ هئي. 12 تاريخ فيبروري تي ميجر آئوٽرام حيدرآباد مان بہ خط لکيا هئا تہ حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن وٽ هڪ بہ فوجي موجود ڪونہ آهي. ڪيس بہ جنگ جو ڪو وهم گمان بہ ڪونہ هو.

بلوچ فوج هڪدم گڏ ٿي وئي. جڻ جادوءَ جي زور سان ڪٺي ٿي وئي هجي. ان ڪري پوئتي هٽڻ کي مان پنهنجي توهين سمجهيو هو. تنهن ڪري مان حملي جو هڪدم فيصلو ڪري ورتو. چاڪاڻ تہ مون کي پنهنجي فوج ۾ بي انتها اعتماد هو. منهنجي فوج منهنجي اعتماد کي ڪنهن بہ قسم جو ڇيهو ڪونہ پهچايو هو. نہ وري هاڻي ٿي پهچائي سگهي ٿي. اميد آهي تہ هن خط پهچڻ کان پوءِ اوهان جون غلط فهميون دور ٿي وينديون تہ مون اهي سڀ ماڻهو مياڻيءَ جي جنگ ۾ استعمال ڪيا، جيڪي مون وٽ موجود هئا.

س جي نيپيئر (صحيح)

ليفٽيننٽ جنرل سر جاسپر نڪولس
ڪمانڊر ان چيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪتاب رڳو سنڌ جي انتظامي تاريخ نہ آهي، پر ان سان گڏ گهڻن حوالن سان سنڌ جي باري ۾ اسان جي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪري ٿو. سر چارلس نيپئر سنڌ ۾ پراڻي نظام جي جاءِ تي نئين انتظامي سرشتي جا بنياد رکيا. سنڌ کي انتظامي طرح سان ٽن ضلعن ۾ تقسيم ڪيائين.

وليم نيپئر جي لکت موجب چارلس نيپئر سنڌ جي عوام کي بدترين جاگيرداري نظام مان نجات ڏيارڻ جو پڪو فيصلو ڪيو هو. پر سنڌ جي بدقسمتي جو نيپئر کي ڪلڪتي، بمبئي ۽ انگلينڊ جي طاقتور عهديدارن ۽ پريس اهڙو تہ سوڙهو ڪيو، جو پاڻ کي بچائڻ لاءِ وري بہ ڪيس هلندڙ نظام جو سهارو وٺي هلڻو پيو. نتيجو هي نڪتو جو ساهہ پوساتيندڙ هي نظام بچي ويو، ۽ سنڌ جو عوام 1843ع جي تاريخي موڙ کان ڏيڍ صدي گذرڻ بعد اڄ بہ جاگيردارن جي مضبوط جَڪڙ مان آجو نہ ٿي سگهيو آهي.

وليم نيپئر جي هن ڪتاب ۾ خاص طرح موجوده بلوچستان جي علائقن (ڪڇي، مري ۽ بگٽي قبيلن جي ماڳن) جي قبائلي صورت حال، مختلف قبيلن جي هڪ ٻئي سان ويڙهہ، سنڌ جي اتر ۽ اولهہ واري سرحد تي موجود افراتفري ۽ بدامنيءَ کان علاوه، هن علائقي ۾ نيپئر جي فوجي مهمن جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ آغا خان جي ڪردار، لس ٻيلي جي ڄامن، مَرين ۽ بُگٽين جي باهمي ڇڪتاڻ توڙي ڪڇ جي صورتحال جو بہ نمايان ذڪر ڪيو ويو آهي.

محترم عطا محمد ڀنڀرو جس لَهڻي، جنهن هن ناياب ۽ اهم ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي. پاڻ نالي ۾ تہ هڪ شخص آهي، پر اڪيلي سر هن وقت تائين جيڪو لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڪم ڪيو اٿس، اهو اڪثر ادارن کان مٿاهون آهي.

ڊاڪٽر جي. ايم لاکو

Rs: 500.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ڀاڙي، ڪائُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٿين، جيڪي بہ ڪٿين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book